فهرست
Index

(١) ستين سالگره
(٤) سنڌ جو عوامي فن ۽ هنر
(٥) اي ڌرتي جي موج
(٦) مهراڻ جو ڇيهه وسيلي ٿيو ڇيهه
(١٠) سياسي سنڌ
(١٣) فن ۽ ثقافت عربن جي دور ۾
(١٦) قطب - ڌرتي جا پراسرار ڇيڙا
(٢٧) سنڌ ۾ علم و عرفان جي مهراڻ جا موتي
(٣٢) نه آ معلوم
(٣٣) سنڌ جا موسيقار
(٣٧) ڀورين مزاحيه ڪانفرنس
(٤١) شاهه جي دور ۾ شاعرانه محفلون
(٤٥) حافظ احمد جت وارو شاهه جو رسالو
(٤٩) سنڌ جا اهم تاريخي واقعا.
(٥٤) نعرهء مستانه
(٥٩) ميرزا خان "ماثر جهانگيري" جو مؤلف
(٦٣) اخبار آفتاب سکر
(٦٥) ذهني پس منظر ۾ سنڌي ادب جو جائزو
(٦٩) ادبي فن
(٧١) سنڌي ادب ۾ ڊراما
(٧٤) ادب ۾ ڇا آهي؟
(٧٧) "لوڪي" - بنگالي ادب جو هڪ اهم جزو
(٧٨) سنڌ جي قديم تهذيب: ويدڪ زمانو
(٨٠) قوم ۽ قومي نظريا.
(٨٤) بلوچستان ۾ آثار قديمه
(٨٧) پير علي گوهر شاهه "اصغر" جي شاعري.
(٨٩) سنڌي مزاح نگار يوسف.
(٩٠) مرحوم سکر فقير ساڪاٽي.
(٩٣) سنڌ جو مشهور بزرگ - قاضي قاضن
(٩٥) ميرپور جا نامور شاعر
(٩٨) حافظ حامد لکڙائي جي شاعري.
(١٠٣) فيضي ۽ عرفي شيرازي.
(١٠٤) واديءِ سنڌ جو سياح - بشاري المقدسي.
(١٠٧) مخدوم بلاول - هڪ محب وطن بزرگ،
(١١١) خواجه محمد حسن مجددي قدس سره
(١١٣) شاهه بهارو - سنڌ جو سورهيه
(١١٦) ابن خلدون جو تعليمي فلسفو
(١١٧) حضرت شاهه ولي الله ۽ اسلامي فقه

(١٢٩) تصوف جا طريقا
(١٣٢) ضرار جي دور ۾ حديث ۾ سنڌ جي اهميت.
(١٢٨) سنڌ جي قديم تاريخ تي هڪ نظر.
(١٣٠) پير پاڳارا صاحبان ۽ آزادي جي تحريڪ.
(١٣٣) تحريڪ آزادي جا سنڌ ۾ آغاز
(١٣٤) تحريڪ ريشمي رومال ۾ سنڌ جو حصو.
(١٣٦) پارڪر جي سوڍن جو انگريزن سان مقابلو.
(١٣٩) سنڌ جا بروچ خاندان ۽ قبيلا.
(١٤٣) سنڌ جي ميرن جي درٻار جي هڪ جهلڪ
(١٤٥) ميرن جا حبشي ٻانها.
(١٤٧) سون مياڻي جي تاريخ.
(١٤٨) ٽالپورن دور ۾ سنڌ جي اقتصادي حال.
(١٤٩) پوريشر - سنڌ جو هڪ تاريخي شهر.
(١٥١) عادلپور - هڪ تاريخي شهر
(١٥٣) قوم ۽ ان جي زبان.
(١٥٤) دنيا ۾ شادي جا رواج ۽ رسمون
(١٥٧) وطن جي واڳ
(١٥٨) ڀلائي - ساهتيءَ جو تاريخي شهر
(١٦٠) دوهڙي ۽ ديبن جا قديم آثار.
(١٦٣) ڏات ۽ ڏاتي.
(١٦٥) سنڌ ۾ جنڊيءَ جو هنر.
(١٦٨) اشتراڪي ادب ۽ اخلاق.
(١٧٠) يهودي رياست ڪيئن قائم ٿي؟
(١٧٣) وساريان نه وسرن.
(١٧٥) ٻنگو فقير گوپانگ.
(١٧٧) اسان جا سدا زنده سخنور
(١٨١) سما قوم تاريخ جي روشني ۾.
(١٨٢) ڏک سکن جي سوکڙي
(١٨٤) خانبهادر الله بخش شهيد.
(١٨٨) ٿر جي ماڻهن جي ٻولي ۽ پوشاڪ
(١٨٩) "مسڪين" جي فارسي شاعري.
(١٩١) تواريخ جا سچا واقعا.
(١٩٣) عورت ۽ ان جا فرائض.

Scanned with CamScanner

ڪراچي سومر ١٥- جنوري ١٩٦٢ع

ستين سالگره

☆☆☆☆☆

خدا جي فضل و ڪرم سان ”مهراڻ“ پهرين جنوري ١٩٦٢ع کان پنهنجي زندگيءَ جي ستين سال ۾ قدم رکي چڪي آهي ۽ هيءُ پرچو انجي ستين سالگره نمبر جي حيثيت رکي ٿو.

”مهراڻ“ جي سالگره ملهائڻ جي ابتدا اسان سال ١٩٥٧ع کان ڪئي جڏهن اسان ١٦ نومبر ١٩٥٧ع تي انجو پهريون سالگره نمبر شايع ڪري سنڌ جي عوام جي خدمت ۾ ۽ خصوصا ”مهراڻ“ جي قارئين ڪرام جي خدمت ۾ پيش ڪيو. ان بعد ”مهراڻ“ جو ٻيو سالنامو ١٦ نومبر ١٩٥٨ع تي شايع ڪيو ويو ۽ ٽيون سالگره نمبر ٢٢ نومبر ١٩٥٩ع تي. انجو چوٿون سالنامو، جيڪو دستور مطابق ١١ نومبر ١٩٦٠ع تي شايع ڪرڻو هو سو ڪن اڻٽر مجبورين سبب مقرره تاريخ تي شايع ٿي نه سگهيو. ليڪن اسان، سالنامه جي اشاعت متعلق پنهنجي ڪيل وعدي کي پورو ڪيو ۽ ٢٢ نومبر ١٩٦٠ع جي بدران ”مهراڻ“ جو چوٿون سالگره نمبر ٢٢ جنوري ١٩٦١ تي شايع ڪري پنهنجو فرض ادا ڪيو. اسان جي اها خواهش هئي ته ”مهراڻ“ جو پنجون سالگره نمبر نومبر ۾ ئي شايع ڪريون پر اها خواهش ڪن مجبورين سبب پوري ٿي نه سگهي. بهرحال خدا تعاليٰ جا لک شڪرانا آهن جو اسان سالنامه جو تحفو سنڌ جي خدمت ۾ الهيءَ ساڳي تاريخ تي پيش ڪري رهيا آهيون جنهن تاريخ تي گذريل سالنامو شايع ڪيو هئو سون. اسان اميد ڪريون ٿا ته اداره مهراڻ جي الهيءَ ناچيز تحفه کي قبول ۽ پسند ڪيو ويندو.

تاخير ۽ انجو سبب

”مهراڻ“ جي ڇهين سالگره نمبر جي اشاعت جي موقعي تي اداره مهراڻ کي جيڪي دقتون پيش آيون، تن جو ذڪر اسان انهيءَ نمبر جي ايڊيٽوريل نوٽ ۾ ڪري ڇڏيو هو. انهن مان وڏي ۾ وڏي دقت سنڌ جي اهل قلم حضرات جي سرد مهري متعلق هئي جو اسانجين بار بار تقاضائن ۽ گذارشن جي باوجود هنن اداره ڏانهن پنهنجا مضامين ۽ اشعار وقت سر ڪونه موڪليا يا پهاڙي تائين اسان کي دلاسن ۾ رکيو. هن سال به اسانکي هو بهو ساڳيون دقتون پيش آيون بلڪ ڪنهن حد تائين اهي نسبتًا زياده شديد رهيون.

اسان هن موقعي تي به تقريبا ڇهه مهينا اڳ مهراڻ جي سالگره نمبر جي اشاعت جو اعلان ڪيو هو. ساڳئي وقت سنڌ جي اديبن شاعرن ۽ اهل قلم حضرات ڏانهن عرضداشتون به موڪليون ويون هيون ۽ جني ٻچي سگهيو ته سندن خدمت ۾ روبرو حاضر ٿي يا ٽيليفون تي گفتگو ڪري ڪين دست بسته عرض به ڪيو ويو. ليڪن انجي باوجود سندن سرد مهري جو عالم اهو ساڳيو رهيو. اها انتهائي حوصله شڪن ۽ مايوس ڪن رزئداد آهي جنهن تي جيترو به افسوس ڪجي ٿورو آهي.

اهل قلم حضرات جي انهيءَ سرد مهري جو سبب ڪهڙو آهي تنهن کي اسان محسوس ڪري چڪا آهيون. ڪين ”مهراڻ“ سان محبت به آهي، هو ان جي همت افزائي ۽ مدد ڪرڻ جا به خواهان آهن ۽ کين اهو به احساس آهي ته سندن قلمي تعاون کانسواءِ ڪنهن قابل قدر رسالہ جي اشاعت مشڪل آهي. ليڪن انهن سڀني ڳالهين جي باوجود اسانجا ڪرم فرما ۽ محسن دوست ”اڄ نه ته سڀاڻ“ جي انهيءَ ڪمزوري کان جند ڇڏائي نه سگهيا جيڪا ظاهري طور تي ته بالڪل خسيس ڏسڻ ۾ اچي ٿي ليڪن اها دليا جي هر ترقي کي تنزل ۾ تبديل ڪري سگهي ٿي. انهيءَ ڪمزوري جا بدقسمتي سان اسان سنڌ علائقہ جا سڀ باشندا شڪار آهيون ۽ اهوئي سبب آهي جو اسانجي هر جدوجهد ۾ ”يا دلو فرو ريزد يا رسن ڪم آيد“ واري صورت پيدا ٿئي ٿي. الله تعاليٰ شال اسانجي الهيءَ خطرناڪ ڪمزوري کي ختم ڪري.

اسان هن موقعي تي انهن حضرات جو شڪريہ ادا ٿا ڪريون جن فقط ”مهراڻ“ ۾ شايع ٿيل گذارش کي ڏسندي ئي اسان ڏانهن مضمون ۽ اشعار ڏياري موڪليا. انهن مضمونن ۽ شعرن مان ڪيترا هن سالگره نمبر ۾ درج ڪيا ويا آهن ليڪن ڪن ڪي جالٽي پهچي شايع نه به ڪيو ويو آهي. ڪجهه مواد کي شايع نه ڪرڻ واري ڪوتاهي لاءِ اسان معذرت پيش ٿا ڪريون جيڪا اميد ته اسانجين متعدد مجبورين جي پيش نظر قبول ڪئي ويندي. ليڪن اسان هن موقعي تي اهو اعتراف ضرور ڪنداسون ته جيڪڏهن اسانجا اهي عام اديب حضرات اسانجي نه مدد ڪن ها ته شايد اسان هي ضخيم رسالو شايع ڪري نه سگهون ها. ساڳئي وقت اسان انهن ڪرم فرما حضرات جي نوازش جو پڻ اعتراف ٿا ڪريون جن اسانجي گذارش پهچندي ئي پنهنجا جواهر پاره موڪلي ڏنا ۽ اسانجي حوصله افزائي ڪئي.

نمبر جي سائيز

گذشته ڇهن سالن کان اسان اخباري سائيز ۾ ئي سالگره نمبر شايع ڪندا رهيا آهيون. اها سائيز لئبرري سائيز کان هئي انڪري سالگره نمبر کي محفوظ ڪري رکڻ ۾ دوستن کي دشواري ٿي ٿي. انڪري دوستن جي اصرار تي اسان هن سال نمبر جي سائيز کي اڳين سائيز جي اڌ جيترو ڪري ڇڏيو ته جئن انکي محفوظ ڪري رکڻ ۾ آساني ٿئي. اميد ته اسانجا دوست انهيءَ تبديليءَ کان مطمئن ٿيندا.

پس منظر

هڪ روزانه سنڌي اخبار کي بلند معيار تي هلائڻ نهايت ئي مشڪل ڪم آهي. اخبار هلائڻ لاءِ ڪافي سرمايو گهرجي، محنت ۽ ڪوشش گهرجي، حوصلو گهرجي، بهتر تنظيم ۽ ڪارڪردگي گهرجي ۽ عوام جو تعاون ۽ همت افزائي گهرجي. ان بعد وڃي اخبار جي ڪاميابي جو يقين ٿئي ٿو. خدا جا لک شڪرانا آهن جو ”مهراڻ“ ڪاميابي سان هلي رهي آهي ۽ الله تبارڪ و تعاليٰ جي فضل و ڪرم ۾ اهو پڪو ڀروسو آهي ته هن ڪانپوءِ به ”مهراڻ“ پنهنجيون منزلون ڪاميابي سان طئي ڪندي رهندي.

مهراڻ جا ابتدائي پنج سال البته ڪافي دشوارين ۽ مشڪلاتن جا رهيا آهن. ڪيس اخباري ڪاغذ ڪونه ٿي مليو ۽ اها سرڪاري اشتهارن کان محروم هئي انڪري ڪيس ماهانه هزارن رپين جو خسارو برداشت ڪرڻو ٿي پيو. اسان شڪرگذار آهيون مهراڻ جي سرپرست حضرت پير صاحب پاڳاره شاه مردان شاه ثاني جن جا، جن ماهانه ٥-٦ هزار رپين جو خسارو برداشت ڪندي به هن اخبار کي السده رکيو.

اهڙي ريت سنڌ جي عوام جو به شڪريه ادا ڪرڻ گهرجي جو هنن به هن اخبار جي قومي ۽ ملڪي خدمتن کي ڏسندي ان سان پورو پورو تعاون ڪيو. چنانچه جناب حضرت پير سائين پاڳاره جن جي مالي امداد، عوام جي همدردي ۽ همت افزائي ۽ اداره مهراڻ جي ڪارڪنن جي سرجوشي جو نتيجو اهو نڪتو جو ڇهن سالن ڪانپوءِ هيءَ اخبار پنهنجن پيرن تي وڃي بيٺي ۽ اڄ ٽيون سال شروع ٿي چڪو آهي جو اها **پنهنجو خرچ پاڻ** ادا ڪري رهي آهي. اخبار جي اها خود ڪفالت انهيءَ حالت ۾ به قائم رهي آهي جڏهن جو صحافين جي اُجرت بورڊ جي فيصلن کي پوري طرح عمل ۾ آڻي ملازمن جا پگهار وڌايا ويا آهن ۽ اخبار جي سموري عمله کي ٻين سڀني سنڌي اخبارن جي بنسبت زياده پگهار ڏنا وڃن ٿا، خبرن جي حصول تي ڪافي خرچ ڪيو ٿو وڃي ۽ اخبار جي ڇپائي، بيهڪ ۽ معيار جو گهٽ ۾ گهٽ خيال رکيو ٿو وڃي وغيره.

خدمات

"مهراڻ" جڏهن ته سنڌي زبان جي اخبار آهي انڪري ان تي اولين حق سنڌ ۽ اتانجي باشندن جو ئي تسليم ڪجي ٿو. اها حق ادائي "مهراڻ" فراخدلي سان ڪندي پئي رهي آهي. ساڳئي وقت اها ملڪي خدمتن ۾ به پنهنجو پارٽ پوري طرح ادا ڪندي پئي رهي آهي. اهڙي ريت بين الاقوامي معاملات کي به "مهراڻ" ڪڏهن نظر انداز نه ڪيو آهي. البته سندس تحريرن جو دستور اهو رهندو پئي آيو آهي ته ٨٠ في صدي تحريرون اهڙيون هجن جيڪي سنڌ جي معاملات سان تعلق رکنديون هجن، ١٥ في صدي ملڪي معاملات سان ۽ ٥ في صدي عالمي معاملن سان. انهيءَ دستور جي تصديق مهراڻ جي فائيلن مان ٿي سگهي ٿي.

صحيح اخبار نويسي جو مقصد هيءُ آهي ته اخبار کي عام رجحانات جو محتاج نه بڻايو وڃي پر اخبار کي عوام جو صحيح ترجمان ۽ رهبر ثابت ڪيو وڃي. جيڪڏهن عام رجحان اهو هجي ته فلمي اداڪارن جي عشق و محبت، نڪاح و طلاق جون ڳالهيون اخبار ۾ شايع ٿين يا طلسمي آئينه جون باتصوير خرافات شايع ڪيون وڃن وغيره ته انهن رجحانات کي قبول ڪرڻ اخبار کي صحيح مقام کان ڪيرائڻ جي برابر آهي. انجي برعڪس اخبار جو وقار ان ۾ آهي ته اها انتهائي مشڪل حالتن ۾ به عوام جي صحيح ترجماني ڪري، عام راءِ کي ڪن بنيادي ۽ مخصوص اصولن ۽ نظرين ڏانهن مائل ڪرڻ ۽ منزل مقصود ڏانهن وٺي وڃڻ جي ڪوشش ڪري، حق جو اظهار ڪري ۽ اهڙي اظهار نه ڪري سگهڻ جي حالت ۾ خاموش رهي پر برعڪس عمل نه ڪري. "مهراڻ" جي انهيءَ فڪر سان ڪيتري قدر عملي وابستگي رهي آهي تنهن جو فيصلو اسان "مهراڻ" جي پڙهندڙن تي ئي ڇڏيون ٿا. البته سنڌ جا اديب، عالم، مفڪر ۽ صاحب راءِ حضرات "مهراڻ" کي سندس تحريرن سبب جنهن نظر سان ڏسن ٿا تنهن مان اهو محسوس ڪجي ٿو ته سنڌ "مهراڻ" جو قدر ڪري ٿي ۽ انکي پسند ٿي ڪري. اهو نتيجو اسان لاءِ انتهائي فخر جو باعث آهي ته: **جنهن کي اسان پيار ٿا ڪريون سو اسانکي به پسند ٿو ڪري.** اهو مقام يقينا ڪنهن خوش قسمت فرد يا اداره کي ئي نصيب ٿي سگهي ٿو.

گذشته سالنامه ۾ اسان "مهراڻ" جي انفرادي حيثيت متعلق گفتگو ڪرڻ سان گڏ سنڌ علائقه جي باشندن اڳيان سنڌي زبان جي مستقبل متعلق "دعوت فڪر" جي عنوان سان هڪ عرضداشت پڻ پيش ڪئي هئي. جڏهن ته انهيءَ عرضداشت جا اسباب اڄ به پنهنجي جاءِ تي قائم آهن، انکي پيش ڪرڻ جي ضرورت اڄ به محسوس ڪجي ٿي ۽ ان ڏانهن گذشته هڪ سال جي اندر سنڌ علائقه جي باشندن طرفان ڪو به توجه ڏنو ڪونه ويو آهي انڪري اسان اها ساڳي عرضداشت دوباره حرف بحرف پيش ڪري رهيا آهيون ۽ سنڌ جي باشندن کي اپيل ڪريون ٿا ته هو ان ڏانهن پنهنجي ڀرپور فرصت ۾ توجه ڏين. اسانجي اها عرضداشت هن ريت آهي ته:-

"تعليمي ڪميشن، پنهنجي هڪ سفارش ۾ سنڌي زبان متعلق جيڪا فتوي ڏيئي ڇڏي آهي سا جيڪڏهن ڪنهن اپيل ۾ يا ڪنهن جدوجهد جي نتيجي ۾ رد ٿي نه سگهي، ته اها سنڌي اخبارن جي مستقبل کي يقينا تاريڪ بنائي ڇڏيندي.

هن حقيقت کان انڪار ڪرڻ مشڪل ٿيندو ته اخبارن جي اشاعت جو جن امور تي مدار آهي تن مان تعليم کي اولين حيثيت حاصل آهي- گذشته آدمشماري جي تفصيلات مطابق سنڌ ۾ پڙهيل ماڻهن جو تعداد ٧٦٩ سيڪڙو ڄاڻايل آهي- ليڪن انهيءَ سيڪڙي ۾ اهي ماڻهو به پڙهيل شمار ڪيل آهن جيڪي آڱوٺي هڻڻ جي بدران صرف پنهنجي صحيح ڪري ڄاڻن- هينئر اهڙن صحيح ڪندڙ پڙهيلن سميت تعليم يافته ماڻهن جو سيڪڙو گهٽ ۾ گهٽ ته ڏهه سيڪڙو مس ٿيو هوندو. اسانجي اندازي مطابق انهيءَ ڏهه سيڪڙي مان ڪم از ڪم ٥ سيڪڙو پڙهيل اهڙا هوندا جن کي لکڻ پڙهڻ وسري ويو هوندو ڇاڪاڻ ته اهي لازمي تعليم جي ڇهن درجن وارا پڙهيل ئي هوندا جن جي تعليم جي جٽاءَ جو ڪو به يقين ڪونه آهي- باقي ٥ سيڪڙو پڙهيلن مان هڪ سيڪڙو اهڙا صاحبان هوندا جيڪي وڏي تعليم حاصل ڪري انگريز بڻجي چڪا هوندا ۽ انگريزي زبان جي اخبار پڙهڻ ڪانسواءِ ڪنهن ٻيءَ زبان جي اخبار پڙهڻ پسند نه ڪندا هوندا- باقي ٤ سيڪڙي مان ٻه سيڪڙو وري اردو جي اخبارن کي ترجيح ڏين ٿا- چنانچه باقي رهيل ٻه سيڪڙو ماڻهو ئي هوندا جن ۾ سنڌي اخبار پڙهڻ جيتري اهليت رهي سگهي ٿي- ليڪن مالي مشڪلاتن، مواصلات جي تڪليفن، سياسي بي شعوري ۽ ٻين متعدد اسباب جي ڪري انهيءَ ٻه سيڪڙو ماڻهن جو ٢ سيڪڙو ماڻهو مس اخبار پڙهڻ جا عادي ٿي چڪا هوندا- اهڙي ريت اخبار پڙهندڙن جو تعداد لٿي پئي وڃي ويهه هزار ٿئي ٿو ۽ لڳ ڀڳ اهو ئي تعداد هن وقت سنڌ جي روزانه اخبارن جي گڏيل اشاعت جو آهي- ليڪن سنڌي زبان جي تعليم جي لڙي گهٽ سبب اهو اندازو لڳايو ٿو وڃي ته ايندڙ ١٥-٢٠ سالن ڪانپوءِ جڏهن موجوده تعليم يافته ۽ اخبار بين نسل جو وڏو حصو مري کپي ويندو ۽ نئين نسل کي سنڌي زبان جي تحرير انهيءَ حد تائين سمجهه ۾ اچي سگهندڙ نه هوندي جو هو اخبارون پڙهي سگهن ته ان حالت ۾ اهو انديشو يقين جي حد تائين محسوس ڪجي ٿو ته ٢٠ سالن بعد ڪا به سنڌي اخبار، ڀوءِ اها ڀلي ڪيتري به مقبول عام ڇو نه رهي هجي ۽ ڪيترن ئي سالن جي ڄمار رکندڙ ڇو نه هجي، زنده رهي ڪانه سگهندي.

انهيءَ خطري جي تشويش در حقيقت هر باشعور سنڌيءَ کي ضرور ٿيڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته سنڌي پريس جي خاتمه سان سنڌ علائقه جي باشندن جي ترقي ۽ واڌاري جو هڪ اهم ۽ مکيه ذريعو ختم ٿي وڃي ٿو. سنڌ اراضيءَ جي راهه عامه کي هموار ڪرڻ، سنڌ جي مسئلن

ڪي حل ڪرڻ لاءِ تقاضائن ڪرڻ، ملڪي معاملات ۾ سنڌ جي نقطہ نظر جي ترجماني ڪرڻ، سنڌ جي شڪايتن کان حڪومت کي آگاهه ڪرڻ ۽ حڪومت ۽ سنڌ جي عوام درميان ربط قائم ڪرڻ جون ذميداريون درحقيقت سنڌي پريس ئي پوري طرح سان ادا ڪري سگهي ٿي. انڪري جيڪڏهن انهن اخبارن جو وجود ئي سلامت رهي ڪونه سگهيو ته مذڪوربالا ذمداريون ڪهڙي ريت پوريون ٿي سگهنديون ۽ سنڌ اراضيءَ ڪهڙي طرح سياسي، شعوري ۽ اقتصادي طور تي ترقي ڪري سگهندي؟

هن وقت سنڌ کي پنهنجي اردو يا انگريزي پريس ڪانه آهي ۽ نه وري انهي وجود ۾ اچڻ جو مستقبل قريب ۾ ڪو امڪان آهي- پر جيڪڏهن اڳتي هلي مجبورين جي نتيجي ۾ سنڌ پنهنجون ڪي اردو ۽ انگريزي پريسون قائم ڪيون ته اهي ڳجهار جي لحاظ کان تقريبا ٥٠ سال پٺتي هئڻ سبب موجوده پريس سان چٽا ڀيٽي ۾ هرگز بيهي ڪونه سگهنديون- انهي معنيٰ هيءَ ٿي ته سنڌ جي پنهنجي غير سنڌي- پريس به سنڌ جي باشندن جي ٥٠ سالن جي پستيءَ کي ترقيءَ ۾ تبديل ڪري ڪانه سگهندي. ليڪن ان کان اڳ سوال هيءَ پيدا ٿيندو ته سنڌ وٽ ايتري قوت ۽ طاقت ڪٿان ايندي جو هوءَ پريسون قائم ڪري سگهي؟ پر جيڪڏهن پريسون قائم ٿي به وڃن ته ان حالت ۾ وري سوال اهو پيدا ٿيندو ته انهن کي هلائڻ لاءِ اهڙا افراد ملي سگهندا جيڪي پريس کي سنڌ جي صحيح ترجماني ۾ صرف ڪن؟

اهي تمام مسئلا اهڙا آهن جن تي هن وقت ئي سنجيدگي سان غور ڪرڻ جي ضرورت آهي- ضرورت آهي ته موجوده سنڌي پريس جا هٿ مضبوط ڪيا وڃن ۽ انجي مستقبل جي وجود جي سلامتي لاءِ مناسب تحرڪ ورتو وڃي- سنڌي پريس جي هٿن کي مضبوط ڪرڻ جي اولين ۽ واحد صورت هيءَ آهي ته **سنڌ جا پڙهيل ماڻهو سنڌي اخبارن پڙهڻ ڏانهن متوجه ٿين ۽ ٻين زبانن جي اخبارن تي سنڌيءَ جي اخبارن کي ترجيح ڏين.** انهن جي مستقبل جي وجود جي سلامتي لاءِ ضروري آهي ته **زبان جي تعليم کي برقرار رکائڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي.** اڙالسواءِ اهو پڻ ضروري آهي ته **اڄ کان ئي سنڌ کي پنهنجي اردو ۽ انگريزي پريس ڏيارڻ جو انتظام ڪيو وڃي.**

”بهرحال اسان توقع رکون ٿا ته سنڌ جا پڙهيل ماڻهو خواهه سنڌ جا سنجيده، دور انديش ۽ خوشحال باشندا پنهنجي ڀلائي لاءِ مٿين مشورن تي عمل ڪرڻ ڏانهن متوجه ٿيندا. ان ۾ خود پاڪستان جي به ڀلائي آهي- جيڪڏهن سنڌ جو علائقو ترقي ڪندو ته اها پاڪستان جي ترقي شمار ڪئي ويندي- سنڌ جي باشندن جي شعوري، سياسي ۽ اقتصادي ترقي پاڪستان کي وڌيڪ مضبوط ۽ طاقتور بنائيندي- انڪري ضروري آهي ته پاڪستان جي ترقي ۾ برابر جي حصيدار بڻجڻ خاطر پڻ مٿين مشورن تي عمل ڪيو وڃي.“

شڪريه

انهيءَ گذارش کي پيش ڪرڻ کانپوءِ آخر ۾ اسان ”مهراڻ“ جي ڪاميابي لاءِ ذميدار حلقن جو ۽ ”مهراڻ“ جي سالنامي جي اشاعت ۾ اسان سان تعاون ڪندڙ حضرات جو ٻيهر شڪريه ادا ٿا ڪريون ۽ اها اميد ڪريون ٿا ته هن کانپوءِ به هن جريده سان ساڳيو تعاون ڪيو ويندو- اسان خاص طرح سان جناب حضرت پير صاحب پاڳاره جن جي تعاون جا شڪرگذار آهيون، جن هن اداره جو ڏکئي وقت ۾ مڪمل ساٿ ڏنو ۽ هن ساز گار دور ۾ هر قسم جو تعاون پئي ڪيو آهي- اهڙي ريت عوام جي تعاون جا پڻ اسان معترف آهيون جن هن اخبار کي پنهنجو صحيح ترجمان ڪري سمجهيو ۽ انکي خود ڪفيل بنائڻ ۾ مدد ڪئي- اڙالسواءِ جيڪي اهل قلم حضرات وقت بوقت اسان جي تحريري مدد ڪندا پئي رهيا آهن يا ”مهراڻ“ جي سالنامي لاءِ مضمون ڏيئي اسانجي ضرورت پوري ڪندا رهيا آهن تن جا پڻ اسان نهايت ئي مشڪور آهيون- بهرحال سڀني حضرات ۾ اسان هن کانپوءِ تعاون ۽ همدردي جي پوري اميد رکون ٿا ۽ ڪين اهو يقين ٿا ڏياريون ته اداره ”مهراڻ“ به سندن تعاون جو بدستور ممنون رهندو ايندو.

اسان پاڙي جو پنهنجي پروردگار جي درگاهه ۾ دست بدعا آهيون ته الله تعاليٰ اسانکي اها توفيق بخشي ته اسان سنڌ علائقي ۽ انجي باشندن جي صحيح معنيٰ ۾ خدمت ڪندا رهون ۽ پنهنجي پياري ملڪ پاڪستان جي خدمت ۾ به اسانجا قدم اڳتي وڌائيندا رهن- اسانکي يقين آهي ته سنڌ علائقي جي سڀني باشندن جي به اها ئي دعا هوندي.

لوئي هڏ م لاهه

ڪو ڏينهن آهين ڪوٽ ۾، لوئي هڏ م لاهه،
ڪامڻ، آهنجي ڪر جي، آڏوڏائي آهه،
هت م پاڙج هيڪڙو، پائر جي پساهه،
سٽي! سيل نباهه، ملير ويندئن، مارئي!

جنهن سٽيءَ سٽ نه ڇڏيو، سا مارئي مرجائي،
انهيءَ عمر ڪوٽ ۾، لڄ نه لهائي،
سا پيئي بند پاڪي بند ۾، ڪوٺين ڪهائي،
جا سانگين سڏائي، سا مور نه مرڪي ماڙيين!

اي نه مارن ريت، جٺ سيڻ مٽائن سون تي،
اچي عمر ڪوٽ ۾، ڪنديس ڪانه ڪريت،
پکن جي پريت، ماڙي سين نه مٽيان.

وينديس وطن سامهين، ملير منهنجو ماڳ،
ڏٺ چونڊ يندس ڏينهن ۾، ساڻ سرتين ساڳ،
ته مون سٺون سياڳ، جي ويجهي ٿيان ورڪي.

از:- ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ

سنڌ جو عوامي فن ۽ هنر

جيئنتائين هن مضمون جو لاڳاپو آهي ته عوامي فن ۽ هنرن مان مراد اهي شيون آهن جيڪي ماڻهو پنهنجي والدڪائي ۾ پنهنجن ذاتي گهرجن پوريون ڪرڻ لاءِ، ڪاريگر يا هنرمند پنهنجي روزگار ڪمائڻ لاءِ زندگي جي روايتي طرز موجب ٺاهين ٿا - "عوامي فن ۽ هنرن" (Folk Arts & Crafts) ۽ "صنعتي هنرن" (Industrial Arts) ۾ فرق آهي- عوامي هنر ۽ ڪاريگريون لازمي طور تي ڳوٺن جي روايتي اقتصادي زندگي جو حصو آهن ته صنعتي هنر جديد صنعت ۽ تجارت جي ترقي مان پيدا ٿيا آهن.

عوامي هنر جڏهن ته عام ماڻهن طرفان روزمره جي زندگي جي ضرورتن پوري ڪرڻ لاءِ وجود ۾ آيو آهي، تڏهن اهو "اعليٰ هنر (High Art) کان ٻه مختلف آهي، جيڪو ڪن وڏيڪ شوقين ماڻهن جي جمالياتي خواهش کي پوري ڪرڻ لاءِ ڪن پيشور ماڻهن طرفان پيدا ڪيو ويو ٿو.

هر اهو ماڻهو جيڪو ڪا صورت پيدا ڪري ٿو سو مصور ۽ فنڪار آهي ۽ هر اهو ماڻهو جيڪو انهيءَ صورت جو نقل اتاري ٿو سو ڪاريگر يا هنرمند آهي - ڪاريگر هڪ صورت يا شڪل جو نقل اُتاري ٿو - پر اهو ڪاريگر جيڪو پنهنجي ليکي هڪ نئين صورت پيدا ڪري ٿو، پوءِ کڻي اها ڪا شيءِ هجي، سانچو هجي يا ڊزائين هجي، سو ساڳئي وقت تي هڪ مصور به آهي - فن ۽ هنرن بابت، اسانجو عام طرح هي تصور آهي ته اهي اعليٰ ۽ بازيڪ شيون آهن - عوامي فن ۽ هنر عوامي حقيقي فن جي عڪاسي ڪن ٿا. حقيقي فن ۽ هنر جو زندگي جي حقيقتن يعني ته ماڻهن جي حقيقي گهرجن سان گهاٽو لاڳاپو آهي - ڳوٺاڻو ڪاريگر پنهنجن گراهڪن جي ضرورتن پورين ڪرڻ لاءِ مختلف شيون ٺاهي ٿو - فائديمندي عوامي فن ۽ هنرن جي لازمي خصوصيت آهي.

عام طرح ڏٺو ويو آهي ته اهو ماڻهو جيڪو پنهنجي فن ۾ قابل آهي، پنهنجي ڌنڌي ۾ دلچسپي وٺي ٿو ۽ جنهن کي پنهنجي ڪم مان لطف حاصل ٿئي سو ڪاريگري جي نفاست ۽ لطافت ۾ پين ڪان گوءِ کڻي وڃي ٿو - نفيس ۽ خوبصورت شين تيار ڪرڻ لاءِ ڪم جي لياقت، ان ۾ دلچسپي ۽ ان مان مزي جي حاصلات بنيادي ڳالهيون آهن- عوامي فن ۽ هنر ۾ هميشه صورت ۽ ڊزائين جو معيار هوندو آهي، پر اڪ اهوئي ڏسي ٿي جو ڪيس معلوم آهي.

ڪچي مال جو استعمال

سنڌ علائقو جيڪو سنڌو ماٿري جي هيٺئين حصه ۾ واقع آهي، سو قديم زماني کان بي انداز ڪاريگرن ۽ فنڪارن جو گهر ٿي رهيو آهي، جيڪي نهايت منافع بخش ڌنڌا ڪندا هئا - اهي ڪاريگر هر دور ۾ مقامي ڪچي سامان ۽ خاص طور تي چيڪي مٽي ڪاٺ، ڪانن، چمڙي ۽ ڪپهه کي نهايت اعليٰ نمونن ۾ استعمال ڪندا هئا، جو اهي شيون جهجهي مقدار ۾ ملي سگهنديون هيون - آثار قديمه جو ن ڪو جنائو ن ڏيکاءَ ٿيون ته ڪنڀر، لوهر، واڍا ۽ ڪوري هن علائقه جا نهايت لئي پراڻا ڪاريگر آهن.

بنيادي شيون

سنڌ و ماٿري پلي زمين ۽ بهترين قسم جي چيڪي مٽي مهيا ٿي ڪئي آهي جا مقامي ڪنڀرن موئن جي دڙي واري تهذيب جي زماني کان ٿانون ۽ ڪنن ٺاهڻ لاءِ استعمال ڪندا ٿي رهيا آهن- ٻهريائين هوشيار ڪنڀر چٽن وارا ٿانو ٺاهيندا هئا، پر بعد ۾ انهن ڪاشيءَ جا ٿانو ۽ ٽائيل ٺاهڻ شروع ڪيا جيڪي سنڌ جي اعليٰ ۽ نفيس ڪاريگري جي ساک پرين ٿا - هوشيار ڪوري مختلف قسمن جو سوٽي ڪپڙو تيار ڪندا هئا. ڪاٺ گهرو استعمال جي شين لاءِ ڪم آندو ويندو هو جنهن مان ڪٺ ۽ ماندائي الوقت جي ڪاريگري جا پراڻا نمونا نظر اچن ٿا. بعد ۾ ڪاٺ تي اڪر ۽ جنڊي جا ڪم، اعليٰ هنري لياقت جي ثبوت طور وجود ۾ آيا. هتي مختلف قسمن جا ڪک ۽ ڪانا پيدا ٿيندا هئا، جيڪي ڳوٺاڻا مرد تورڙي زالون، قسم قسم جي تڏن، لوڙين، ٽوڪرين، سنڌ ۽ لن ۽ نفيس چڪين ۽ خوبصورت وڃڻين ٺاهڻ لاءِ استعمال ڪنديون هيون. روايتي چمڙو رنگيندڙ قابل سراڄن (پوت ٺاهيندڙ) کي عمدي قسم جو چمڙو سپلاءِ ڪندا هئا، جنهن مان ٺاهيل جتين کي ملڪ توڙي ڏيساور ۾ وڏي قدر جي نگاهه سان ڏٺو ويندو هو. سنڌ تي عربن جي حڪومت واري زماني ۾ (سنه ۸ کان ۱۰ صدي عيسوي) بغداد جي بازار ۾ فيشن ايبل زالون، سنڌ جا ٺهيل پرت وارا سليپر وڏي شوق سان طلب ڪنديون هيون. پرت پريل نات يا چمري جون چادرون، جيڪي هن زماني ۾ به مشهور آهن، سڀ کان پهرين سنڌ جي سراڄن، عربن جي اثر ۾ اچڻ ڪانپوءِ ٺاهيون هيون.

چيڪي مٽي، ڪاٺ، ڪکن ڪانن، ڪپهه ۽ چمڙي مان ٺهيل شين جي خوبصورتي ۾ الوقت اضافو ٿي ويو جڏهن ڪاريگرن رنگ استعمال ڪرڻ شروع ڪيا. اهي رنگ ملڪي وڻن ۽ ٻوٽن ۽ انهن مان پيدا ٿيندڙ شين جهڙوڪ ليس، ڪانئل پيرن، نم، ڪار، مجيٺ ساڳڙ، لاک، ٻلڙي ۽ چوڙي وغيره مان ٺاهيا ويندا هئا. ڪنڀر کي سنڌ س رنگ مختلف قسمن جي مٽي ۾ ڳلي ملي و يا. جهڙوڪ رگ ۽ ڏاءِ ٽڪر جي مٽي مان مليا.

گهرو هنر

گهرو فنن ۽ هنرن کي هميشه اهم درجو حاصل رهيو آهي. رنگ ڏيڻ جو ڪم عام طرح زالون ڪن ٿيون، پوءِ کڻي اهو ڪپڙي تي هجي يا مٽيءَ جي ٿانون يا ڪاٺ جي شين تي. زالن جي رنگ ۽ ڊزائين جي اعليٰ قابليت منجهن رلي ٺاهڻ جو هنر جاڳايو. رليون بستري لاءِ گهرجن ٺاهيل چادرون آهن، جيڪي ڊزائين جي اعتبار کان غاليچن جهڙيون رنگين ۽ نفيس آهن. سٽي جو ڪم پيو گهرو هنر آهي جنهن ۾ هن علائقي جون زالون دنيا جي ڪنهن به پاڃي جي سان بر ميچي سگهن ٿيون. هرمچ، مٺي، بلوچي ۽ گج پرت جي سنڌي طريقي جي خصوصيت آهن.

ڊزائين ۽ نقش نگاري

جيئنتائين ڊزائين جو لاڳاپو آهي ڪاريگرن ۽ هنرمندن سڀيئي قسم جهڙوڪ شڪليون، گل ٻوٽا ۽ جاميٽري جون شڪليون نهايت نفاست ۽

(ڏسو صفحو ۶)

اي مهراڻ جي موج!

(از:- رشيد لاشاري)

تو تان قربان مان سؤ وار اي مهراڻ جي موج !
منهنجو تو سان تو رهي پيار اي مهراڻ جي موج !
ڇو سهن رنج ۽ آزار اي مهراڻ جي موج !
تنهنجا هاري ۽ زميندار اي مهراڻ جي موج !
تنهنجا گس آب جي ڪنارن سان لڳل ٿا ڏسجن ،
سست ڇو تنهنجي ٿي رفتار ، اي مهراڻ جي موج ؟
ڇو نہ ساهڙ جو سهارو ٿو ملي سهڻيءَ کي ؟
ڇو نہ پيڙو ٿي ڪرين پار ، اي مهراڻ جي موج ؟
اڄ نہ ڪينجهر جي ڪناري ٿي نهاري نوري ،
ٿي تماچيءَ جي طلبگار ، اي مهراڻ جي موج !
جن سنڌيون تنهنجي ڪنارن سان ڪڇريون ٿي هليون ،
سي ڪٿي سونهن جا سردار اي مهراڻ جي موج ؟
تنهنجي قربن جي ڪنارن تي گلن جي بدران ،
خار ڪائن ٿا پيا خار ، اي مهراڻ جي موج !
تنهنجي پاتال ۾ پهچي ، ٿي ڪڍيا جن موتي ،
سيئي سڏجن ٿا گنهگار اي مهراڻ جي موج !
ليت تنهنجيءَ ۾ مٽي آهه محبت جي ، مگر ،
هر جڳهہ آهه ڇو لٽ مار ، اي مهراڻ جي موج !
جنهن ۾ وڪڻيا ٿي ويا تنهنجي وفا جا مالڪ ،
ناهه ساحسن جي بازار ، اي مهراڻ جي موج !
خضر ڪي ساڻ ڪري ، ساهہ ڪو سانگين ۾ وجهہ ،
زندگي ڏسجي ٿي دشوار ، اي مهراڻ جي موج !
” مئي مثل “ آهين تہ مائو نہ ٿيڻ تو ڪي ڪيپي ،
ڪن طلب جام ٿا ميخوار ، اي مهراڻ جي موج !
جهنگ جهر تنهنجي محبت ڏي ٿو واجهائي ،
پڌ تون جهانگين سنڌي جهولگار ، اي مهراڻ جي موج !
قرب وارن ڪي ڪنارن تي ، ڪنن مان ڪولي ،
ڏي ڀري ساغر - سرشار ، اي مهراڻ جي موج !
تنهنجي غيرت نٿي چاهي تہ ڪڏهن تو ۾ پڌي ،
ڪو روا دار ، ريا ڪار ، اي مهراڻ جي موج !
لهہ اچي لاڏ منجهان ، ليمهن جي لهرين مان وهي ،
پيوسيلن جي خبر چار ، اي مهراڻ جي موج !
آب تنهنجي ڪان جي محروم ، ڪپر تنهنجي تي ،
ڪر ڪلي تن ڪي تون ڪيڪار ، اي مهراڻ جي موج !
تنهنجي دهشت ڪي ڇو وحشت تي ٿئي اُپ گجندي ،
ڇڏ اِهي وهم ۽ ويچار ، اي مهراڻ جي موج !
جت هئا لعل ۽ هيرن جي سهاڳ وارا ،
اُت ڪٿن ڪت ٿا ڇولهار ، اي مهراڻ جي موج !
جُن وندڙيا لعل ۽ موتي ٿي سدا موج منجهان ،
اڄ نہ ڏسجن ٿا سي وينجهار ، اي مهراڻ جي موج !
ڏس براهيم جي نالي ۾ تون جوپائي حسد ،
باهہ پنجي نہ ٿي گلزار ، اي مهراڻ جي موج !
” آب پنهنجي سان ڪبو آب وطن جو قائم ، “
ڪر اهو قوم سان اقرار ، اي مهراڻ جي موج !
تنهنجي سيوا تو ڪريان تون ئي سخاوت جو سمنڊ ،

منهن مٽي تو ڪان ڇو پيمار ، اي مهراڻ جي موج !
تو ڪي ساوڪ جي ڪري روز سنپارين پيا ،
تنهنجا پڪرار ۽ ريدار ، اي مهراڻ جي موج !
تنهنجي پاڙي ۾ پليا جيڪي ، سي تنهنجا آهن ،
نوجوان توڙي پيدا ، پار ، اي مهراڻ جي موج !
سنڌ واسين جو سدا ساهہ رهي تو تو ۾ ،
لهہ سپاجهن جي سگهو سار ، اي مهراڻ جي موج !
ڪر سدا سنڌ تي تون پنهنجي سخاوت جو سڪار ،
آهين تون دوست ۽ دلدار ، اي مهراڻ جي موج !
غرق تون ڇو ٿي ڪرين سبر ۾ سڪ جي سهڻي ؟
ڇو ڪچا ناهي ٿو ڪنيار ، اي مهراڻ جي موج !
ڏک ڏسن ڪين ، سدا سک جي هندورن ۾ لڏن ،
تنهنجا نادار ۽ زردار ، اي مهراڻ جي موج !
جنهن بہ سانگيءَ ڪي تو ڪلهہ ساهہ ڪان پيارو ٿي گهريو ،
ساهہ ڪان آهہ سو بيزار ، اي مهراڻ جي موج !
جي سڏن تو ڪي ٿا ” مهراڻ “ فقط تن جو ٿيءُ ،
ڏي ڇڏي ديگهہ ۽ تڪرار ، اي مهراڻ جي موج !
مال مارن جا متارا ٿي رهن تنهنجي ڪري ،
گيهہ گهڻو ، ان سندا انبار ، اي مهراڻ جي موج !
جن ” دلو راءِ جي نگريءَ “ کي نگهوسار ڪيو ،
اڄ ڪٿي تنهنجا سي آثار ، اي مهراڻ جي موج !
وقت جي آهہ تقاضا ، نہ ڪڏهن ماٺي ٿي ،
رهہ خبردار ، خبردار ، اي مهراڻ جي موج !
عرش اعظم سان ٽڪر جڻ ٿي گهرين ، ڪر تسليم ،
” شاهہ مردان “ کي ئي پڳدار ، اي مهراڻ جي موج !
تنهنجي دم سان ئي رهيو آهہ هميشہ قائم ،
سنڌ جو وڻج ۽ واپار ، اي مهراڻ جي موج !
وهہ سندو چاڻ وڃي ، ڪنڌ ڪپر ساڻ هڻي ،
ڪر وري جوش مان للڪار ، اي مهراڻ جي موج !
تو بنا ڪير ابو جهن جون ڪٽي اڄ آريون ؟
بس ، ڪي باري ٿا ڪٽڻ بار ، اي مهراڻ جي موج !
پنهنجي پوڙن ڪي ڏسي ، ڪر نہ گلستان جو گمان ،
ڏس حقيقت ڏي بہ هيڪار ، اي مهراڻ جي موج !
بيوسيلن جو سڪل خون ، خوشيءَ مان لوڙهي ،
باهہ پاڻيءَ ۾ نہ تون پار ، اي مهراڻ جي موج !
” جي گهڙيا سيئي چڙهيا ، آهہ حقيقت ۾ ائين ، “
ڪر انهيءَ نڪتي ڪي نروار ، اي مهراڻ جي موج !
پرت تنهنجيءَ کي پلر سمجهي ، پين ٿا پلپل ،
پنهنجي پڪڙن ۾ ئي پنهوار ، اي مهراڻ جي موج !
گود تنهنجيءَ ۾ پليو جيڪو ، انهيءَ کي ناهي ،
تنهنجي عظمت ڪان ڪو انڪار ، اي مهراڻ جي موج !
سڌ پوي پنهنجي سچائيءَ جي سمونڊن کي سگهو ،
تون اگر پنجين مددگار ، اي مهراڻ جي موج !
دل جي جذبن سان رهي تو سان برابر تو ” رشيد “ ،
تنهنجا موتي ۽ هي اشعار ، اي مهراڻ جي موج !

از:- علامه عثمان علي انصاري

منهنجو ڪيچ وسي ٿئي ڪيچ

جهنگ جهر جاڳڻ جو شوق ننڍ پڻ کان هوندو هوم - ويتر شڪار جي عادت انهيءَ شوق کي جنون جو رنگ وجي ڏنو. حد آهي ته ماڻهو عيد ڪرڻ پنهنجي وطن ورن ته آءٌ عيد ڪرڻ واسر پاءِ جي پٽن جو پنڌ ويندو هوس. انهيءَ هوندي به ڪن ڪن جاين، ڏسڻ ۽ گهمڻ جو خيال ڪنهن خاص عقيدت جي اثر هيٺ ٿيندو هو. چنانچه عمرڪوٽ، پالـواءِ، نوري گندريءَ جو مزار، مومل جي ماڙي وغيره ڏي جڏهن به ويندو هوس ته پنائيءَ جي ڪنهن خاص تخليق پيڙو ٿي ويندو هوس.

تازو (جنوري ١٩٦١ع ۾) هيءُ اُت اچي مغز ۾ وينو ته مرڻ کان اڳـ ڪيچ ڏسي وٺان، مبادا آخرت ۾ پڇا ٿئي ته دنيا ۾ پنهونءَ وارو ڪيچ ڏٺـو هوءِ؟ اهو ڪيچ جنهن کي اسان جي بزرگن نهايت صدق ۽ محبت سان دعائون ڪيون آهن. ”دعـا ڪجو ڙي جيڏيون، منهنجو ڪيچ وسي ٿئي ڪيچ“. جنهن ڪيچ لاءِ پنائيءَ جي ڏوهڻ ٿي چوي:- ”ادا ڙي ڏوٿي، آءٌ پڇان تـو ٿـي، ڪيچ رسنديس ڪيئن؟“ عبداللطيف جي سسئي به سندس مارئي وانگر هر هڪ سنڌيءَ جي دل ۾ جاءِ ڪري وئي آهي - جڏهن به ڪنهن مغرب زده کان هي لفظ ٻڌندو آهيان ته ”سسئي به جوليٽ وانگر ڪلاسڪ ٿي چڪي آهي،“ ته منهنجي تن بدن کي باهه لڳي ويندي آهي. دل ۾ چوندو آهيان ته ڪيئن هن کي سمجهايان ته شيڪسپيئر جي جوليٽ گهڻي ۾ گهڻو آهي ”اڇي ۾ رات،“ پر پنائيءَ جي سسئي ته ”نت سوجهرو“ آهي.

بهرحال چاڪاڻ ته تازو پنهنجي سسئي به وڃائي وينو هوس، تنهنڪري اهڙي اچي ڪيچ چڪ ڪئي جو جنوريءَ جي پهرين هفتي ۾ جڏهن جو قلات ۾ برف وسي رهي هئي،

سنڌ جو عوامي فن ۽ هنر

(آندل صفحي ۴ تان)

خوبصورتـي سان استعـمال ڪيون آهـن. عـربيسڪ، مسلمانن جي روايتي جاميٽري جي ڊزائين جو فن، نهايت ئي وضاحت سان مقبرن ۾ درن جي جعفرين، درين، هوادانن ۽ ڪاٺ جي چٽيل وارين ديوارن ۽ اڪريل پٿرن ۾ نظر اچي ٿي. سچي ماضي ۾ ڊزائينون وڏي مهارت سان استعمال ڪيون ويون آهن. سنڌوءَ جي هيٺين ماڙيءِ پنڊين ۽ ٻيلن جو علائقو ٿئي رهي آهي جن ۾ مڇيون، وڻ ٽڻ، جانور ۽ پکي جام هئا. تنهنڪري مڇين جا چلڙ، وڻن جا پن، عام گل، پکي ۽ جانور بنيادي ڊزائين طور استعمال ڪيا ويا آهـن. اهي سنـڌو ماڙيءِ جي پراڻن چٽيل مٽي جي ٿانون ۽ سٽي جي ڪم ۽ پرت جي روايتـي نمونـن ۾ استعمال ڪيل لڌا ويـا آهن. ڌالن جي بوٽين ۾ پپر جو پن ۽ مور جون شڪليون سٽيءَ جي ڪم جـون مٽيءَ واري نموني عمديون ڊزائينون آهن. سٽي جي ڪم جي ٻين ڊزائين ۾ سورج مکي، آڪ ۽ ٻـڪ استعمال ڪيا ويا آهن.

عوامي فنون لطيفه

(Fine عوامي فنون لطيفه Folk Art) ۾ ڳوٺاڻي عمارت سازي، عوامي شاعري، عوامي گيت، عوامي سنگيت ۽ عوامي ناچ شامل ڪري سگهجن ٿا. ڳوٺن ۾ جهوپڙن ۽ واهڻن جي مختلف اڏاوتن ۽ نقشن مـان ڳوٺاڻي عـمارت سازي جـي خصوصي ترقي جو پتو پوي ٿو. هن زرخيز واديءَ ۾ جڏهن ته ڪانا جهجهي انداز ۾ پيدا ٿيندا هئا، انڪري گهرن ٺاهڻ جي فن ۾ انهن کـي وڏي پيمـاني تـي استعمال ڪيو ويو آهي. ڇپر، ڪڙي، پکو، چونرو، لانڍي ۽ منهن زميني نقشي ۽ ڇت جي اڏاوت جا مخصوص سنـڌي نمونا آهن.

هن جهجهائي واري سرزمين ۾ پـي نهم عوام زمانه قديم کان ڳائيندو ۽ وڄائيندو رهيو آهي. هن ايراضي جي آثار قديمه جي کوٽائي مان قديم ناچ ڪندڙن جا پتلاهت آيـا آهـن جن ۾ موئن جـي دڙي واري قديم تهذيب جـون نچڻيون ۽ پمپور مان اسڪائٿين جي زماني وارن نچندڙ جوڙن جا لڌل پتلا شامل آهن. شاعر گهڻو ڪري هرڳوٺ ۾ پيدا ٿيا آهن. مقبول عوامي شاعر ۽ بيشمار عوامي راڳن جو ءَڪ وڏو انداز موجوده زماني ۾ بـ، روائتي زبـاني نموني ۾ مروج آهي. موسيقي جي مختلف ديسي اوزارن مـان معلوم ٿي رهيو آهي ته ماضي ۾ موسيقي ڪيڏي نـه مقبول هئي. تاريخ ۾ مرڪـزي سنڌ ۾ شرنـاءِ ۽ دهلن جـي سنگيت جو ذڪر سن ٧١٢ع ۾ ملي ٿـو. پر سڀ کان پهريون موسيقي جـو اوزار ”بورينڊو“ ٿـو نظر اچـي، جيڪو هـن سرزمين جـي مقبول ڪچي مـال يعني تـه جيڪي مٽي مان ٺهيل هو.

حفاظت جي ضرورت

سنڌو ماڙي جي هيٺئين عـلائقي جـي فني اهليت ۽ ڪاريگري جـا نشان تاريخ ۾ ملن ٿـا. اڄوڪن پاڙون ملڪي ثقافت ۾ آهـن ۽ انهان مقامي هنر مندن ۽ ڪـاريگرن جـي تخليقي قوتن جـو پتو پوي ٿو. سنڌ جا، توڙي پاڪستان جي ٻين ڀاڱن جا ديسي عوامي هنر، نين ڊزائينن ۽ نقشن جـو هڪ اڪت ذخيرو مهيا ڪن ٿـا ۽ ضروري آهي ته صنعتي هنرن ۾ استعمال لاءِ انهن مـان فائدو ورتو وڃي. روايتي فنن ۽ هنرن ۾ جيڪا فني لياقت ۽ تخليقي قوت پنهان آهي تنهن کي وري جيارڻ ۽ قوت بخشڻ جي ضرورت آهي. وڌندڙ عوامي فن ۽ هنر، عوام جي سطح تي فني ڪاريگري جي تخليقي قوت جي هـڪ هلندڙ سلسلي جـي نمائندگي ڪندڙ آهي. ضرورت آهي تـه انهن جي اصليت کي ۽ تاريخي تسلسل کـي محفوظ رکيو وڃي ۽ ڌارئي اثر کي پري رکيو وڃي، جيڪو جدت جـي پردي ۾ سندس اصلي نفاست ۽ مهارت کي ڍاهي رهيو آهي.

صنعت ڪاتي ۽ ٻين ادارن کي هن طرف خاص توجهه ڏيڻ گهرجي چاڪاڻ ته شوقين ماڻهو جديد مذاق موجب شين ٺاهڻ جـا خواهان آهن. ڪاريگري کي جديد فائد يمندي ۽ ضرورت مـوجـب استعمال ڪـري سگهجيٿو پـر رنگ، ڊزائين ۽ نقش جو روايتي روح بدستور قائم رهڻ گهرجـي. جيستائين عوامي فنن ۽ هنرن جـو لاڳاپو جديد ضرورتن موجب شين ٺاهڻ جي خواهش جـي ڪاحد هئڻ گهرجي، ائين نـه ٿئي جـو ڪـاريگري ۽ ڊزائين جـون روايتي صفـتون آهسته آهسته ميٽجي وڃن. جيڪڏهن ائين ٿيو تـه اهو نـه رڳو اسانجو نقصان ٿيندو، پر سڄي دنيا ۾ هنرن ۽ فنن جي سموري تخليقي قوتن کي به زبردست ڇيهو رسندو.

پنهنجو گھر ٻار ڇڏي روانو ٿيس ڪيچ جي زيارت لاءِ.

ريل اڃا ڪوئيٽا کان ڪجھ سنڌ پري هئي ته برف وسڻ شروع ٿي. گرم گاڏي مان ٻاهر نڪري جڏهن ڪوئيٽا جي زمين تي قدم رکيم ته ڏند ڏندن تي ٿي لڳا ۽ ٻراٽن هڏن ۾ مک ڇمڻ شروع ڪيو. تڙ تڪڙ ۾ بنگلي تي آيس ۽ باهه ٻارائي در دروازا بند ڪري سوڙ ۾ گھڙي سمهي رهيس. منجھند ۽ رات جي ماني به هنڌ ۾ کاڌم ۽ ٻئي صبح جو سوير ڪوچ ڪرڻ جي خيال رات جي ننڊ ڦٽائي ڇڏي. ٨ بجين صبح جو ڪيئن ٻاهر نڪربو، ڪيئن کليل جيپ ۾ چڙهبو؟ خداوند تون حافظ ٿجانءِ! هڪ سياري جو سمر سات ۾ ڏهجي پيو سيءُ پيو واڪا ڪري! پيروءَ جي تمنائن جي به ڪا حد هوندي آهي. اهڙيءَ فضاءِ اهڙيءَ بي‌سمريءَ جي حالت ۾ ڪهڙي لاچار کان گھر ڇڏي هن برف جي ٻر ۾ اچي لڪتس؟ اتي اچي ڀٽائيءَ جو هي بيت ياد پيو. "ساوڻ گھڙي سپڪا، هيءَ سر هي سياري" ۽ جي سهڻيءَ پنهنجو تن، ارواح جي آري، وڃي تار ۾ وڌو ته ڪيچ جي ڪشش مونکي به پيو نه ته ڪوئيٽجي سياري کان ضرور بچائيندي.

همت ٻڌي صبح جو سوير تيار ٿي جيپ ۾ روانا ٿياسين. چوڌاري برف ئي برف پئي ڏيکار جي - نهرين جو پاڻي ڄميو پيو هو - نه انسان تي نظر آيو نه حيوان - پرنده ته شايد هجرت ڪري ويا هوا. اسان به کٽي ڪمبل ۾ منهن ويڙهيو - نه ڏيهه ٻاڻ کي ڏسي نه ٻاڻ ڏيهه کي ڏسون. ١١ بجين ڌاري جيپ اچي هڪ جاءِ تي بيٺي. منهن تان ڪمبل سرڪائي ڏٺم ته پيٽرول جي پمپ تي بيٺا آهيون. همراهن کان پڇيم ته هي ڪهڙي ولايت ۾ اچي پهتا آهيون؟ چيائون قلات جو شهر آهي. لوئي ويڙهي ٻاهر نڪتس چوسول تي هڪ انسان نظر آيو ويڙهيو سيڙهيو ويٺو هو - اُس ويٺي سيڪيائين - وڌي اچي سلام ڪيومانس - اتي ويٺو - بلڪل غيرشعوري طرح سنڌيءَ ۾ پڇيومانس ته "ادا هتي ڪيئن ويٺو آهين؟" صاف سنڌيءَ ۾ وراڻيائين - "لارين تان ناڪو وٺڻ لاءِ." اتي هوش آيم ته سنڌ کان ٻاهر آهيان - سنڌيءَ ۾ ڪيئن ٿو ڳالهايان؟ پر هڪ غير سنڌيءَ جي وات مان سنڌي زبان ٻڌي هڪ دفعو ته ساري بدن ۾ گرميءَ جي لهر اچي وئي. ڪمبل لاهي کٽيءَ ٻانهه تي اڇليم. ويجھو اچي وري به سنڌيءَ ۾ پڇيومانس "ڪٿان جو آهين؟".

چيائين "قلات جو آهيان- او هو سامهون رستي جي هن پار گھر اٿم".

مونکي ڄڻ ڪا دولت ملي وئي. جيپ وارا همراه پيا سڏ ڪرن، پر مون هيڏانهن هوڏانهن جا اجايا سجايا سوال پڇي سندس سنڌي جوابن مان پي لذت ورتي. آخر پڇيومانس ته "سنڌي ڪٿان سکين؟" جواب ۾ چيائين ته "سارين جي لاباري ۾ شهداد ڪوٽ ويندا آهيون لابارو ڪمائڻ، اتي سنڌي سکيم. منهنجي ٻارن کي به اچي." مون پنهنجي ليکي چيو "خوش رهين سنڌي زبان!" ته هن ويچاري وري پيو ڪجھ سمجھي چيو "سائين تون پي خوش خوش هجين سال. در محمد نوشيرواني بلوچ جون دعائون هجنئي".

قلات مان ڪوچ ڪري ٻپهرن ڌاري "سراب" جي ڊاڪ بنگلي ۾ اچي منجھند جي ماني کاڌي سين- "سراب" جو ڳوٺ ڪو هرويرو اهڙو نه آهي جنهن جو ذڪر ڪنهن خاص نموني ڪيو وڃي. اٽڪل روءِ ٢ هزارن انسانن جي رهڻ جي هڪ بستي آهي. چوڌاري باغ اٿس جي هن موسم ۾ ته نهايت ويران ٿي نظر آيا البته ميوي جي موسم ۾ آهت بهاري هوندي. هڪ فرلانگ جي ڊيگهه ۾ دڪان آهن جنهن کي بزار چئي سگھجي ٿو. بزار جي اڌ ۾ هڪ اسڪول آهي جنهن ۾ اٽڪل روءِ هڪ سؤ کن شاگرد هوا - سڀ بلوچ قوم جا. شاگردن اردوءَ ۾ تعليم ٿي ورتي پر وڏي ماستر جي پٽ کانسواءِ ڪنهن به شاگرد کي اردو ڳالهائڻ نٿي آئي. سنڌي به ڳالهائي نٿي سگھيا. البته سمجھن پيا - نه ذهين ٿي ڏسڻ ۾ آيا ۽ نه تعليم جو شوق هون- هڪ ماستر صاحب چيو ته ٿوري گھڻي تعليم وٺي پنهنجي ٻورهئي کي وڃي لڳندا. ماڻهن جو عام ڌنڌو معلوم ٿيو ته فقط باغباني ڪرڻ ۽ جانور پالڻ آهي. دوڪانداري به گھڻي ڀاڱي ٻاهرين جي حوالي آهي.

"سراب" جو ڊاڪ بنگلو به پراڻي زماني جي هڪ عمارت آهي. جا شايد قلات جي خان جي وقتي رهڻ لاءِ ٺهرائي وئي هئي. بعد ۾ قلات جا آفيسر به اچي منزل انداز ٿيندا هوا. هينئر به آفيسرن جي رهڻ لاءِ مخصوص ٿيل آهي. بنگلي جي چوڌاري نهايت عاليشان باغ آهي جنهن ۾ سڀ قسم جي ميوي جا وڻ هوا ۽ ڪيترن ئي قسمن جا گلاب جا ٻوٽا لڳل هوا. پر ڪنهن بوڻ يا ٻوٽي ۾ پن ڏسڻ ۾ ڪين ٿي آيو- ڪمپائونڊ سان ٻن طرفن کان انگور جون وليون به تمام گھڻيون لڳل هيون.

اسان ٻپهرو ڪري "سراب" مان روانا ٿياسين ۽ اونده اونده ڌاري "بسيمه" نالي هڪ بستيءَ مان لنگھي اچي سرڪاري ڊاڪ بنگلي تي پهتاسين. اتي سردي تمام زور وٺڻ لڳي. "بسيمه" جو بنگلو هڪ وڏي پهاڙ جي دامن ۾ واقع آهي - بنگلي جي ٻاهران هڪ پاڻيءَ جي ڪاريز ٿي وهي، هينئر اسين ڪوئيٽا کان اٽڪل ٢ سو ميل ڏکڻ اولهه ۽ اٽڪل روءِ هڪ هزار فوٽ ڪوئيٽا کان مٿي هواسين- ظاهر آهي ته جنوري مهيني ۾ انهيءَ بلنديءَ تي سرديءَ اسان سان ڪهڙا نه ڪلور ڪيا هوندا.

"بسيمه" جي آرام گاهه جو چوڪيدار هڪ ڍلي عمر جو بلوچ هو پر ڏاڍو همت ڀريو انسان هو. جلد ئي گھران ڪاٺيون کڻي آيو ۽ سمهڻ واري ڪمري ۾ باهه ٻاري پاڻي گرم ڪيائين. چڱي سنڌي پيو ڳالهائي. حال ڏيڻ وٺڻ بعد معلوم ٿيو ته ڪجھ وقت ڪراچيءَ ۾ رهيو هو ۽ شادي به اتي ڪئي هئائين تنهن ڪري سنڌي زبان سکي ويو هو. سندس هڪ ئي پٽ کي دم جي شڪايت هئي جنهن لاءِ پير صاحب کان ٥ رپين ۾ سڪل ڪدوءَ جي کل تي تعويذ وٺي ٻار کي ڳچيءَ ۾ ٻڌايو هئائين. ويهارو کن رڍون ۽ ڪجھ ٻڪريون به هئس. اٽڪل روءِ هڪ ايڪڙ زمين تي بوسي ڪڻڪ پوکي هئائين پنهنجي کائڻ لاءِ- مطلب ته سندس لفظن ۾ "گھر ۾ به سکيو آهيان، پيٽ ۾ به سکيو آهيان. هاڻي مولا ڪري ته ٻنيءَ جي لڳائي لهي وڃي"!

١٢ جنوريءَ جي صبح جو سوير بسترا گول ڪياسين. سامان جيپن تي لڏيوسين ۽ ناشتو ڪري روانه ٿياسين. انهيءَ وچ ۾ جيپن بغاوت ڪئي. چو ته موبيل مشن ۾ ڄمي ويو هو، پر اسان جي ڊرائيورن کي چوڪيدار جون جلائو ڪاٺيون ملي ويون هيون جن سو نوڪي ٺهي جيپن کي ٻاهر تي چاڙهيائون. جهٽ پل ۾ تيل پگھريو ته مشنون چالو ٿي ويون ۽ اسين روانه ٿياسون. "بسيمه" کان "پنجگور" آهي ته رڳو ١٤٥ ميل پنڌ - پر سائين پنڌ ڪهڙو "ڪرڙا ڏونگر ڪهه گھڻي جت وانن ٿي واري." هڪڙا لڪ لنگھي اچا مس سنوان ٿيون ته آڏو پيا. خبر نٿي پئي ته آخر اهو جبلن جو سلسلو

ڪٿي وڃي دنگ ڪندو. پوءِ ته وڏڙهيا سيڙهيا وينا هئاسون ۽ پيٽرول ڏسي پريو. پڪا به ڀر اچي چڙهيا. بک ٿئي پيٽ ۾ واڪا ڪري. پر ملڪ جو نڪو اُتو نه مٿو.

رهبرن ٿي چيو ته ٻپهرن جي ماني "ناگ" جي آرامگاهه ۾ کائيندا سي- پر معلوم ائين ٿي ٿيو ته ڄڻ "ناگ" جي بستيءَ کي نانگ سنگهي ويو هو- ٣ بجين تائين ڪٿي ڏيکار جي ئي نه هئي. آخر خدا خدا ڪري "ناگ" ۾ اچي وچين ڌاري پهتاسين. اول پيٽ جي پوڄا ڪئي سين. پوءِ ڪجهه اوسي پاسي نهاريوسين. ناگ جي آرامگاهه جو نالو ته آرامگاهه هو پر هيو حقيقت ۾ بي آراميءَ جو گهر. ورانڊي جون ڇتيون ڀڳيون پيون هيون. اتر ڪي جهل پل ئي ڪين هئي. اسان ته ٻاهر آس ۾ ويهي ماني کاڌي سي. آرامگاهه جي اولهه ۾ هڪ شاهي باغ هو. سڄو باغ ڏاڙهونءَ جي وڻن جو هو ۽ محمدجان نالي "پنجگور" جي هڪ زميندار جي ملڪيت هئي. "ناگ" جو ڳوٺ آرامگاهه جي اتر ۾ هو. اٽڪل ويهه ويهارو ڪن گهر هوا. چيائون ٿي ته وڏيري "محمد جان" جي ماڻهن جا گهر آهن. آرامگاهه جي دروازه وٽ هڪ چانهه جو هوٽل هو جتي ڪن گراهڪن چانهه ويٺي نوش جان فرمائي. هڪ نابين پيرو مڪراني هڪ ٩ يا ڏهن سالن جي نينگريءَ جو هٿ جهليو هڪ پاسي ويٺو هو. مون اڳتي وڌي وڃي سنڌيءَ ۾ پڇيو مانس ته "ادا ڪير آهين ۽ ڪاڏي ٿو وڃين؟." پيري ته منهن مٿي ڪري نهايت نماڻائيءَ سان چيو "خيرات". پر هو ٽل واري مونکي سنڌيءَ ۾ جواب ڏنو ته سائين هن مڪرانيءَ کي سنڌي زبان نٿي اچي. چيو مانس ته تون ترجمان ٿيءُ ته هن کان احوال وٺون. پيري پنهنجي زبان ۾ ٻڌايو ته "پنجگور" کان اوريان هڪ ڳوٺ ۾ رهندو آهيان- نظر وڃائي اٿم- هن ڇوڪريءَ کي ساڻ وٺي نڪتو آهيان. ڪٿي نڪتي شادي ڪري ڇوڪري ڏيندس ته ۴ سؤ ڪن روپيا ملندا جن مان ڪوئٽه وڃي علاج ڪرائيندس. ڇوڪري منهنجي پوٽي آهي. سندس پيءُ تازو گذاري ويو آهي. ماڻس وڃي ٻيو حق ڪيو. اسين ٻئي ٻن ڏينهن کان بکيا آهيون. ڪجهه خيرات ڏيو. مون کيس هڪ روپيو ڏنو جنهن مان ڪارڪون خريد ڪيائين. ڪجهه ٻنهي بروقت کاڌيون باقي ڳنڍ ٻڌي روانا ٿيا. اسان به جيپن تي سوار ٿي "پنجگور" جو پنڌ ورتو. "پنجگور" جا کجورن جا باغ اٽڪل ٥ ميل شهر کان ٻاهر شروع ٿيا ۽ باغ باغ سان پنهنجو ڳوٺ هو. اسان اونده ڌاري اچي "پنجگور" پهتاسين. سڄي ڏينهن جي هل هلان ٿڪائي وڌو هو. منجهند جي ماني به دير سان کاڌي هئي سي تنهن ڪري مان ته رات جي ماني کائڻ کانسواءِ سمهي پيس.

صبح جو اُٿي سوير ئي تيار ٿي اڳتي لاءِ روانا ٿياسي. هتي جا ماڻهو هڏ ڪاٺ جا ڄاٺا، بدن جا هلڪا ۽ ڪڇڙن جا ڪوڏيا آهن پر ڪم ڪرڻ جا پڪا. شايد قدرت وٽان ڪين ملڪ ئي اهڙو مليو جنهن ملڪ جي رهواسين کي پيٽ جي ڳڻتي ڪجهه گهٽ آهي. کجورن جا باغ تمام گهڻا آهن ۽ ماڻهن جي خوراڪ به فقط خرمون ۽ ٻائي. نيرن منجهند شام خرمون ڪڍيو ۽ کاڌو- انسان جي ٻي ضرورت آهي گهر ۽ ڪپڙو. انهيءَ جي پورت به قدرت هنن کي ڪري ڏني آهي. کجيءَ جي پنن مان گهر جوڙن- ڦرهن مان ڇت پيهارن ۽ مٽي تڻي ديوارون ۽ گورا گل جو پورائو ڪرن. باقي رهيو ڪپڙو تنهن لاءِ به پيس جي پوڙن جا پيلا لڳا پيا اٿن تن جا ڦرها پٽي تڏا، چليون ٺوڙيون ۽ چپلون ٺاهي وڪڻن ته هنن جا گهر جا ڪپڙا تيار. باقي جو ڪم ڪرڻ ته ڇا جي لاءِ؟

"پنجگور" ۾ بارڊر مليشيا جو هيڊ ڪوارٽر به آهي. مليشيا جي ڪئپٽن سان به ملڻ ٿيو. سي-پي جو هڪ برجستو جوان هو. نهايت رلڻو ملڻو ۽ پنهنجي فرض جو ڄاڻو هو.

١٣ تاريخ "پنجگور" کان "تربت" روانا ٿياسي. ١٩٠ ميل پنڌ هو. پهريون حصو ته اوهوئي پٽ ملڪ ۽ جبلن جون چڙهايون ۽ لاهيون. سردي گهٽجي وئي هئي تنهن ڪري رستي جو لطف به آيو ٿي ۽ ٿڪ به ڪين ٿي محسوس ڪيوسي- ٢٥ ميلن ڪالپوءِ ته هڪ اهڙي ملڪ ۾ اچي ڦاٿاسي جتي قدرت زمين ڪين خلقي آهي. نه انسان نه حيوان- حد آهي ته پکين کي ڏسڻ لاءِ اکيون سڪي رهيون هيون. پورو هڪ پهر ڏينهن جو لڪ لنگهيندي ڪانيوسي. لڪ به ڪهڙا؟ اسان ته ٽاڻي بولا خان وارو "سورجاڻ" جو لڪ ڏٺو هو پر هتي ته سورجاڻ جا ڏاڏا پر ڏاڏا موجود هوا جن لاءِ ڀٽائي چيو ته:
"جيڪو جبل لنگهيان،
سو هيبت جو هائي" شاه
ويهارو جائن تي جيپون پيهاري پيرين پنڌ لڪن تان لٿاسي. هڪ ٻجي ڌاري "هشاب" جي آرامگاهه تي اچي پهتاسي ۽ منجهند جي ماني کائي ڪلاڪ ڪن آرام ڪيوسي. "هشاب" جو ڳوٺ هڪ ڪاريز جي ڪناري تي آهي. ڳوٺ ۾ مس ڪي ڏهاڪو کن گهر آهن. هڪ اڌ باغ به آهي. ڏهاڪو کن ايڪڙن تي ڪڻڪ به پوکيل هئي جنهن جي پنن سان موريون ۽ پي سائي پاڇي به نسريل نظر آئي. "هشاب" جو ڳوٺ جيتوڻيڪ ضلع خاران جو حصو آهي پر رهن مڪراني ٿا.

هتي ٻپهرڻ بعد مونکي ٻڌايو ويو ته هتان رواني ٿيڻ ڪالپوءِ اٽڪل ١٥ ميلن تي اسان کي ڪيچ ندي ملندي ۽ اتان کان وٺي اسان ڪيچ نديءَ جي ڪناري ڪناري هلنداسي. زندگيءَ جي هڪ خراب جو تعبير ايترو ويجهو ٻڌي منهنجي ته جهونس جهالا ڏن ۾

خوشيءَ سبب پاڻهي پرجي آيو. پياهمراهه ماني کائي سمهي پيا. منهنجي تخيل مونکي سمهڻ ڏنو. هرهر ٻاهر نڪري خاطري پيو ڪريان ته واقعي پنهنوءَ واري ڪيچ اچي پهتو آهيان، ڪين هي خواب آهي. وڌي وڃي چوڪيدار کان پڇيم ته "هي ڪيچ ملڪ آهي؟" پنهنجي زبان ۾ جواب ڏنائين ته "مڪرالي زبان کانسواءِ ٻي بولي ڪين ٿي اچي؛ هي "ڪيل ڪور" آهي." "ڪور" جي معني آهي ندي. اتي منهنجو ڊرائيور اڳتي وڌي آيو ۽ مڪراني زبان ۾ چوڪيدار سان ڪجهه ڳالهائي مونکي چيائين ته اڳيان جيڪا ندي وهي ٿي جا اسين ١٥ ميل هتان کان پرتي پار ڪنداسون ان جو نالو آهي ڪيل ڪور. اسان جي پار ڪرڻ واري جاءِ کان هڪ ميل هيٺ "ڪيچ ڪور" اچي هن نديءَ سان ملندي ۽ پوءِ ٻئي گڏجي هڪ ٿي هلنديون جنهن کي ڪيچ ندي ٿا سڏين ۽ انهيءَ ملڪ کي ڪيچ ٿا چون. ڪيچ ملڪ کي ڏسڻ جي شوق کي وڌيڪ روڪي نه سگهيس ۽ اچي همراهن کي لنب مان اٿاريم ۽ اڍائي بجين روانا ٿياسين. ڪيل ڪور کي جڏهن اُڪرياسي ته منهنجي جذبات جي عجيب حالت هئي. ٿورن لفظن ۾ "رياح يوسف" واري حد اچي ٿي. ڀٽائيءَ واري ڪيچ ۽ ڪيچين جي فضا ۾ اچي ويس. ذري ذري سسئيءَ جا ورلاپ ٿي ياد آيا. کجورن جا بي انداز وڻ ڏسي دل ۾ چيم ته ڀٽائيءَ چيو هو ته "سسئيءَ کي سورن جي وڻ وڻ هيبت ورونهه،" هنن وڻن سان ورونهه ڪئي هوندائين. پريان جيڪڏهن ڪو ڪيچي اُٺ تي پا پنڌ ويندو ٿي نظر آيو ته دل ٿي ٿيا ڏنا ته انهيءَ "پرين جي پار جي پانڌيءَ" کي نه فقط ڏسان پر ان سان هلندي هلندي ڪيڪر به ڪري وٺان. پر جڏهن به اهو پانڌيڙو ويجهو ٿي آيو ته اسان کي جن پورت سمجهي هيڏي

هو ڏي ڪسڪي ٿي ويو ۽ مون به دل ۾ شڪر ٿي ڪيو ته چڱو ٿيو جو ان سان منهن پيڙا نه ٿياسون ڇو ته منهنجي دل ۾ ايهو اچي خيال ويٺو هو ته ڪيچ جو هر هڪ رهواسي جي پنهو نه هوندو ته گهٽ ۾ گهٽ هوت ضرور هوندو. پر هيڏي جيڪي جنسون نظر ٿي آيون تن ته منهنجي تخيل جا تختا ئي ڪيڏي ٿي ڇڏيا. يعني ته منهنجي خيال ۾ پنهوءَ ڪانسواءِ جي ٻيا ڪيچي پُورر آيا هوا، سي سسئيءَ جي لفظن ۾ "هو جي اچن ٻه ڇٽا، ٻئي لعل جوان" "اٺن ڳانا پٽ جا، مٿن پٽ پلان..."، هوا، پر هت جيڪو ٿي مليو سو، "اپلپنهوار" "نه رنگش نه روپش نه خالش نه خط" خيال ڪيم ته حق تي پنائيءَ سسئيءَ کي چيو هو ته "جي هوئش هوت هزار، ته به ٻاڙج ڪو نه پنهوءَ سين" يا شايد پنهوءَ وارو ڪيچ ۽ اتاهون جا ڪيچي اچا اڳي آهن.

هي ملڪ ته قدرت اهڙو غير دلچسپ خلقيو آهي جو انسان ته ڪوهن ڪان پوءِ مڙئي هڪڙ ٻيڪڙ ڏسڻ ۾ اچن ٿيا، پر جانور ۽ پکي ته شايد سو پر هجرت ڪري ويا هوا.

سچ لٿي ڌاري "تربت" تي اچي پهتاسي. ڪجهه مڪاني معززن سان ملاقات ٿي ته پڇيون سوال، جيئن سسئي منڪر نڪير کان پڇيو هو ته "ادا اتاهين ڪو ويو ساٿ سڄڻ جو؟" تيئن مون به هڪ ٻاڻ جهڙي سفيد ريش کان پڇيو ته "ادا پنهوءَ وارو ڪيچ ڪٿي؟" چيائين ته هي ملڪ جو "ڪيچ ڪور" جي ڀاطي تي آباد آهي تنهن کي اسين "ڪيچ" سڏيندا آهيون. البت پنهوءَ جو ڳوٺ ۽ سندن وڏن جو قلعو هتان ڏهاڪو ميل پري آهي. جنهن ڳوٺ ۾ پنهو پيدا ٿيو هو تنهن جو نالو آهي "ميري". پڇيومانس ته "ميريءَ" جو ڳوٺ اڃا آهي؟ جواب ۾ وراڻيائين ته "گهرڙا اڃا آهن پر وري آباد هيئنر تو ٿئي."

رات جي مانيءَ تي جن معززن سان ملڻ ٿيو سي ٻاڻ ۽ سندن صحبت به ياد رکڻ جهڙيون شيون آهن. "تربت" مڪران ضلع جو هيڊ ڪوارٽر آهي. ضلع جو ڊپٽي ڪمشنر "ملڪ صاحب" به رات جي مانيءَ تي مهرباني فرمائي آيو هو ۽ "تربت" جو سول سرجن "ڊاڪٽر رياض احمد" به دسترخوان تي هو.

ملڪ صاحب جا وڏا اصل ديري اسماعيل جا رهندڙ هوا. سندس والد مرحوم مڪران جي نواب جي ملازمت ۾ هت زيارت اچي رهيو. ملڪ صاحب ڄائو ۽ پڙهيو به زيارت ۾. اٺين جماعت تائين تعليم ورتي هئائين ته سندس والد نوڪري ۾ داخل ڪيس. رفته رفته وڌندو ويو ۽ شخصي لياقت جي زور تي هيئنر ڪليڪٽر آهي.

ڊاڪٽر رياض مڪران جي نوابي خاندان جو نوجوان زنده دل، رلطو ملطو شخص ۽ پنهنجي ڪم جو ماهر آهي. زيارت ۾ مئٽرڪ تائين پڙهيو. پوءِ ڪراچيءَ مان انٽر سائنس پاس ڪري ڊاڪٽريءَ جي ڊگري به ڪراچي مان وٺي زيارت ۾ اچي نوڪري ڪيائين. هن وقت ٢٨ سالن جو هڪ لذيذ طبيعت جو نوجوان آهي. ملڪ صاحب ۽ رياض صاحب ٻئي سٺي سنڌي ٿي ڳالهائي. حد آهي ته پنائيءَ جا بيت به سمجهي ٿي ويا ۽ وائي وائي مونکي ٿي چيائون ته شاه جو ڪلام ڪجهه وڌيڪ ٻڌايو.

مون جڏهن کين ٻڌايو ته ڪهڙي غرض سان مڪران جو سفر ڪيو اٿم ته وڌيڪ مهربان ٿي چيائون ته پنهون جنهن خاندان مان هو تنهن جي بزرگن کي هت گهرايون ٿا ۽ اوهان انهن کان پنهوءَ جو احوال ۽ سندس بزرگن جي تاريخ ٻاڻ ٻڌو. مون چيو ته هوتن کان احوال ته ٻڌڻ آيو آهيان پر هت تربت ۾ نه ٻڌندس. "ميريءَ" ۾ يا پنهوءَ جي قلعي ۾ ويهي ٻڌندس. چيائون ته ائين به ٿي سگهندو. اتي ڊاڪٽر رياض ڪجهه مڪراني زبان ۾ ملڪ صاحب کي چيو جنهن جو خلاصو هي هو ته هوت گهراڻي جو وڏو جنهن کي پنهوءَ جي ڪهاڻي ۽ سندس وڏن جي تاريخ ياد آهي سو هن وقت اکين جي علاج خاطر زيارت جي اسپتال ۾ آهي ۽ هفته کن ڪانپوءِ انهيءَ لائق ٿيندو جو ڪنهن قسم جي ڪچهري ڪري سگهي. مونکي ڀڙيون ته مايوسي وٺي وئي. خيال ڪيم ته ايڏي سڪ جنهن ڪراچيءَ مان ڪيڏي اچي تربت تائين پهچايو هو، سا ست ڏينهن اندر ۾ سانڍيجي به سگهندي يا نه؟ پر خدا ڀلو ڪري دوستن جو جن هڪدم چيو ته صبح جو هتان هلبا ٿا هلون مڪران جو باقي ملڪ ڏسڻ ۽ ستين ڏينهن يعني ٢٠ تاريخ ڌاري وري هت ايندا سي ۽ اوهان پنهنجي سڪ لاهجو.

رات جي صحبت ڪانپوءِ ويهي ستن ڏينهن جو پروگرام ناهيوسين ۽ صبح جو ناشتو ڪري وري روانا ٿياسين تربت کان "پسني" طرف. تربت کان پسني ٨٧ ميل پنڌ آهي. اهي ئي ساڳيا غير دلچسپ پهاڙ ۽ ويران ملڪ نه پکي نه مرون نه ماڻهو. "رڳو رائو رڃ" اڪل روءِ ٿي ٻپهرين ڌاري اچي "پسنيءَ" جي بندر تي پهتاسين.

مڇهند جي ماني کائي ٻيا همراه ته پنهنجن ڪمن ڪارن کي وڃي لڳا. مون وري سمنڊ جو رخ ڪيو. ڪناري تي ڪجهه مڇوا ۽ مڇيرا ڏٺم. وڏي اچي واريءَ تي ويهي انهن سان حالي حوالي ٿيس. سڀ بلوچ هوا ۽ مڇي مارڻ جو ڪم ڪندا هوا. ڏاڍيون ڳالهيون ٻڌايائون. پنهنجي شڪار ۽ ڏنڌي جون، ته ڪيئن "ٿوني" (ٿوني هڪ ننڍي مڇي مارڻ جي ٻيڙي کي چوندا آهن) ٻاڙي تي ڪندا آهن. ۽ شڪار ڪري موٽڻ کان پوءِ مڇيءَ جو ٽيون حصو يا ٣ روپيه روڪ ٿونيءَ جي مالڪ کي مسواڙ ڏيندا آهن. باقي مڇي وڪڻي ٻاڻ ۾ ورهائي ڪڻندا آهن. هڪ ڏينهن وڇئين ڌاري نڪرندا آهن ته ٻئي ڏينهن واپس ايندا آهن. رات جو به شڪار ڪندا آهن.

پڇيومان ته شڪار گهڻو لڳندو اٿو؟ چيائون ته شڪار بيڪار آهي لڳي وڃي ته موجون ٿي وڃن. نه لڳي ته ٿونيءَ جو ڀاڙو به سيٺ کان بخشائڻو پوندو آهي. موجوده حڪومت کي دعائون ٿي ڪيائون جنهن مڇي مارڻ تان محصول معاف ڪري ڇڏيو اٿن. نه ته اڳين حڪومت کي چوٿون حصو شڪار جو محصول ۾ ڏيڻو پوندو هون. زندگيءَ جي ضرورتن جو احوال به ڪيائون ته ڏاڍي مشڪل ۾ آهيون. چڙو مڇيءَ ۽ ڪارڪن تي گذران آهي. ٻين به ڪيترن موضوعن تي منهنجي سوالن جا جواب ڏنائون. مثلا ڊاڪٽري مدد لاءِ چيائون ته ڏهن هزارن جي آبادي آهي پر علاج لاءِ پير صاحب وٽ وڃڻو پوي ٿو. پير صاحب جي دوا ۽ دعا لاءِ چيائون ته بعضي اثر ڪري بعضي بندو قبر داخل ڪري. پنهنجي قومي ۽ مڪاني رسمن رواجن تي احوال ڏنائون. پسنيءَ جا رهواسي عموما وڏي حوصلي وارا مضبوط جسم جا مالڪ نظر ٿي آيا. گفتگو ۾ چڱي تور تڪ ٿي ڪيائون. ويهارو کن ويٺلن مان فقط هڪ يا ٻن ٿي منهنجي سوالن جا جواب ڏنا. باقي ٻين خاموشي سان ويٺي ٻڌو. جيڪڏهن ڪنهن نوجوان وچ ۾ ڪجهه چئي ٿي ڏنو ته ڪيس رهڻ ڏني ٿي ويئي- يعني پنهنجي زبان ۾ ڪيس ٿي چيائون ته "هليلن واري سان تو ڳالهائين ڇا؟ وڃي چانهه ٺهي اچ." هنن سان ڳالهائيندي مونکي ائين ٿي محسوس ٿيو جڻ هي ماڻهو اڻ پڙهيل هوندي به پنهنجي

زندگيءَ سنوارڻ ۾ چڱي موچاري دلچسپي ڏيکارين. مونکي ٻڌايائون ته ڊاڪٽري مدد کان پوءِ کين پاڻيءَ جي تڪليف به گهڻي آهي. شهر کان اٽڪل ۴ ميل پري سرڪار هڪ نديءَ تي کوه کوٽائي مشينن رستي شهر کي پاڻي ڏئي ٿي ۽ هفتي ۾ فقط لک سوا لک گيلن پاڻي شهر ۾ اچي ٿو جو فقط سرڪاري آفيسرن لاءِ مس پورو ٿئو ٿئي. شهر وارن کي ڇهين آني ڊبو پاڻيءَ جو ٿو ملي. ظاهر آهي ته ايهو پاڻي وهنجڻ يا ڪپڙن ڌوئڻ لاءِ ته عام خلق واپرائي ڪين سگهندي هوندي؟ روز مره جي ٻين ضرورتن مان به ڪيترين جو ذڪر ڪيائون ۽ هڪ نهايت فهميدي نمولي. مڪران جي ٻين حصن وانگر هتي جا ماڻهو به گهڻي ڀاڱي سنڌي زبان ڳالهائي ۽ سمجهي ٿي سگهيا. پڇيومان ته سنڌي زبان ڪٿان سکيا آهن، چيائون ته هندن ۽ خوجن واپارين کان سکيا آهيون. سنڌي زبان کي ڪراچيءَ جي زبان ڪري ٿي ڪوٺيائون. "پسنيءَ" ۾ سردي بلڪل ڪين هئي. شهر ۾ يا آس پاس ڪابه وڻراه ڪين هئي. ڇو ته سمنڊ جو ڪنارو هو. ۱۵ تاريخ صبح جو وري "گوادر" روانه ٿياسي. پسنيءَ کان گوادر ۱۷۵ ميل مفاصلو آهي. اٽڪل روءِ ۸ ميل پنڌ ڪرڻ کانپوءِ اچي رڻ ۾ پياسي. واٽ جو ڄاڻو ڪوبه ساڻ ڪونه هو تنهنڪري رستو وڃائي ۲ ڪلاڪ کن انهيءَ رڻ ۾ پئي ڀٽڪياسي. آخر موٽي اچي هوائي جهازن جي اڏي تان هڪ رهبر ساڻ ڪري وري روانا ٿياسي. پسني جي آس پاس ڇاڪاڻ ته چوٿين ۽ پنجين تاريخ ڪجهه بارش پئي هئي ۽ هي ملڪ ڇاڪاڻ ته سمنڊ جي ويجهو آهي تنهن ڪري مٿاهين تان سمورو مينهن جو پاڻي هيٺ وهي آيو هو ۽ جتان به ڪو نالو رستي کي ڪاٽي ٿي ويو اتي اهڙي ته گپ هئي جهڙي درياه جي ڪچي ۾ ڏسڻ ۾ ايندي آهي. تنهن ڪري ڪيترين جاين تي اسان يا ته وڪڙ ڪري نالو ٽپي اڪريوسين ۽ يا ڪک ۽ مٽي وجهي موٽرن جي لنگهڻ جو رستو ٺاهيوسي. آخر ۲ بجين ڌاري مير صاحب جي ڳوٺ اچي پهتاسي. جتي منجهند جي ماني کائي اڳتي روانا ٿياسي. مير صاحب جو مشهور باغ ڏٺوسي جنهن ۾ مدراس جا الفنزو انب لڳل آهن ۽ سندس چوڻ موجب هڪ رپئي هڪ انب وڪڻندو آهي. ڪجون به تمام عمديون ۽ تمام گهڻيون لڳل اٿس. ڳوٺ جي آدمشماري ڪي ويهارو کن گهر مس هئي. مير صاحب اصل ايران جو رهواسي آهي پر ۱۸ پيڙهين کان اتي پنهنجو ڳوٺ ٻڌي ويٺا آهن. اسان سان سنڌي ۾ ٿي ڳالهايائون ۽ پاڻ ۾ مڪراني ۽ فارسي. مير صاحب جي شڪل صورت ته ٻين مڪرانيس جهڙي هئي. البته رعب ۽ مهمان نوازيءَ ۾ پنهنجي داڻي ڪٽي سان هو.

اتان اسين ۳ بجين ڌاري مير صاحب جي وڏي فرزند کي سولهون ڪري اڳتي روانه ٿياسين ۽ مس ۸ بجين رات جو اچي گوادر پهتاسين. هي ملڪ ۴۰ ميل ڊيگهه ۽ ۴۰ ميل ويڪر ۾ تازو پاڪستان خريد ڪيو آهي. جي پاڪستان چاهي ها ته بنا پيسن ڏيڻ جي به "گوا" وانگر قبضو ڪري سگهي ها. پر انسانيت به ته ڪا شيءِ آهي. مير صاحب جي ڳوٺ کان گوادر تائين رستو ته بنهه ويل جو رستو هو. جيتوڻيڪ پهاڙ اصل ڪونهي ته به ساري زمين ڦاٽي پئي آهي ۽ اسان جون موٽرون انهيءَ ڏريل زمين جي ڏارن مان اندران ٿي هليون. ڊرائيورن جا هوش گم هوا. اسان جي نڪ ۽ نڙيءَ ۾ مٽ مٽيءَ جا پٽي چڪا ها. ۲ نمازون قضا ٿي ويون پر تڏهين به شڪر ڪيوسي جو بنا ڪنهن ناخوشگوار واقعي جي اچي منزل تي پهتاسين.

صبح جو ناشتو ڪري شهر ڏسڻ ويس. هڪ ڪشميري سپاهي ساڻ هليو. وڏي بازار مان گهمندي گهمندي هڪ دوڪاندار وٽ وڃي آيو. ڇهارڪو دوڪان هو. مالڪ هڪ خوجو هو. تمام سٺي سنڌي ٿي ڳالهايائين. کانئس معلوم ٿيو ته گوادر ۾ اٽڪل روءِ ٦۰۰ کن خوجه رهن ٿا. هي خوجه ٦ يا ۷ پيڙهين کان هتي اچي آباد ٿيا آهن. گهڻي ڀاڱي "جهرڪ" ۽ آس پاس جا اصل رهواسي هوا. پنهنجو دومنزلو خوجا خانو وچ شهر ۾ اٿن. شهر جي واپار تي پورو پورو قبضو اٿن. بازار جي زبان به سنڌي ۽ مڪراني آهي. ڪچا گهر، سوڙهيون گهٽيون ۽ ڪچي مال جون جام ٻڙيون رکيو ويٺا آهن. لوڪل شيون جهڙوڪ، پيس جا تڏا، ٿوڙيون، مڇي، پير، خرمون وغيره تمام گهڻو هو. ساوا بصر ۽ پٽاٽا ڪراچيءَ کان گهرائيندا آهن. ڪن ڪن دوڪانن تي ٻاهريون مال به هئو پر خريد ڪرڻ جهڙو ڪين هو. هتان جي ماڻهن ۾ غربت گهڻي آهي پر خوشحالي به ڪا اهڙي نمايان ڪانه هئي. عام جو پورهيو آهي يا دوڪانداري يا مڇي مارڻ. شڪل صورت جا به مڪراني عرب آهن. پاڻ ۾ مڪراني، سنڌي يا عربي زبان ٿي ڳالهايائون. چانهه پاڻيءَ جا هوٽل گهڻا آهن. ڇو ته آس پاس جا ماڻهو وڻج واپار سانگي هر روز ايندا ٿا رهن. پهراليءَ سميت ڏهاڪو هزار آدمشماري آهي. ملڪ جو نمونو به ڪراچيءَ جي ٻاهراليءَ جهڙو آهي. آبادي ڪانهي. ڪجورن جا باغ به پر پرا آهن.

گوادر جو بندرگاه نهايت حسين منظر ٿو پيش ڪري. پراڻو انگريزن جو سفارت خانو ته لاجواب جاءِ تي اڏيل آهي. سمنڊ جي ڪناري تي هڪ دومنزلي عمارت آهي. ٻاهرين دروازه وٽ ڪوه پڪو ڪوٽيل اٿس. هڪ توف ۴ انچن منهن واري رکي آهي جا ۱۸۵۲ع جي برومر ڪمپنيءَ جي ٺهيل آهي.

۲ بجين منجهند جي ماني کائي روانا ٿياسي ڇو ته ٿورو ٿورو مينهن وسڻ شروع ٿي ويو هو ۽ چيائون ٿي ته نڪري وڃو نه ته ۳ يا ۴ ڏينهن رستا موٽرن جي هلائڻ لائق نه رهندا. اسان جي پي منزل "جيوڻي" هئي جا گوادر کان ٦۴ ميل پري پاڪستان ۽ ايران جي سرحد تي آهي ۽ هڪ خوبصورت بندرگاه آهي. اسان به مينهن وسائيندا نڪتاسي. پر ويهارو ميلن کانپوءِ بارش بند ٿي وئي ۽ اسان به اچي پير غريب شاه جي باغ ۾ چانهه لاءِ ترسياسي. سيد عبدالله شاه ولد سيد غريب شاه قليريءَ واري صاحب سان ملياسي. سندس اوطاق تي ڏهاڪو کن شاگرد ويٺا هوا. غريب شاه مرحوم جي هن ملڪ ۾ گهڻي مڃتا آهي. سندس فرزند سيد عبدالله شاه جنهن کي "شيخ" ٿي ڪوٺيائون سو به نهايت متوڪل انسان آهي. ۵۵ ورهه کن عمر اٿس. اسان سان اچي مليو. سليماني چانهه ۽ ڪارڪون ڪارايائين. موڪلائڻ مهل اسان مان هڪ کي ڪجهه ڇهارا ۽ ۲ ريشمي رومال (ايران جا ٺهيل) به ڏنائين. اتان نڪري اٽڪل ٦ بجين ڌاري جيوڻيءَ پهتاسي. اتي مونکي ڏاڍي ذهني ڪوفت ٿيڻ لڳي. خيال ڪيم ته جيوڻي ۽ گوادر ڏسڻ لاءِ ته وطن ڪين ڇڏيو هوم. پنهوءَ واري ڪيچ ڏي ڪاهيون ته سڪ پوري ٿئي. پوءِ ته همراهن تي اچي زور رکيم ته هلو ته "ميريءَ" ۾ ٿا هلي ترسون. "ميري" انهيءَ ڳوٺ جو نالو آهي جتي پنهو پيدا ٿيو هو. صبح جو سوير جيوڻي ڇڏي "گبد"، "قلاتو" "سنڊسر" کان ٿيندا رات جو اچي "منڊ" نالي هڪ جاءِ تي داپو ڪيوسين. منڊ ۾ هڪ ننڍڙو قلعو ٺهيل آهي جنهن ۾

ٻهريس عالمگير لڙائيءَ وقت انگريزن جو لشڪر رهندو هو. قلعي جي ٻاهران هڪ جاءِ تي ٻه قبرون ٺهيل آهن جي انگريز آفيسرن جون آهن. ڳالهه ٿي ڪيائون ته ١٩١٤ واري لڙائيءَ ۾ ڪي مسلمان اهڙو پرچار ڪندا ٿي رهيا ته جنهن به شخص ڪنهن انگريز کي ماريو ته اهو سڌو جنت ۾ ويندو ۽ چيو ته انگريز اسان جي خلافت جي برخلاف آهن. چنانچه ٻن پائرن، جي بلوچ قوم جا هوا، تن اهڙو قسم ڪنيو ته اسان هڪ هڪ انگريز کي ماريندا سين. انهيءَ اراديءَ سان ملڪ محمد ۽ سندس ننڍو ڀاءُ "منڊ" آيا ۽ قلعي کان ميل کن پنڌ تي لڪي ويهي رهيا. جيئن جو شام جو ٻه آفيسر هواخوريءَ لاءِ ٻاهر نڪتا تيئن هنن هڪ ڪرڻ بعد رائيفلن سان کين ٿڏي تي ماري ڇڏيو ۽ پاڻ کي وڃي انگريزن جي قلعي واري لشڪر جي حوالي ڪيائون، جنهن ٻنهي پائرن کي هتي ماري ڇڏيو. هڪ قبر تي لکيل آهي-

Thomas Onslow Hughs Commandant Kalat Militia Age 36.

ٻيءَ قبر تي لکيل آهي-

George Philip Harot Adjudent Age 23.

Killed on 16th April 1916.

ملڪ محمد ۽ سندس ڀاءُ ٻنهي کي هڪ قبر ۾ پوريو ويو آهي.

١٨ تاريخ صبح جو سوير روانا ٿياسين ۽ ٦٦ ميل پنڌ ڪري ٻن ٻجهرن جو اچي "ميريءَ" ۾ پهتاسي. "ميريءَ" جو ڳوٺ اٽڪل ٥٠ يا ٦٠ يا ٧٠ گهرن جو هڪ ڳوٺ آهي جو هن وقت بلڪل ويران پيو آهي. ڪيچ نديءَ جي ڪناري تي هڪ عاليشان باغ جي ٻاهران آهي. ڳوٺ جا گهر چڱي حالت ۾ هوا. ٻڌايائون ٿي ته موجوده نواب صاحب هي ڳوٺ مرمت ڪرائي وري "هوت" قبيلي وارن جي حوالي ڪيو آهي ۽ باغ به ورهائي انهن کي ڏنو اٿس. باغ جي ٻريان اصل ڪيچ نديءَ جي ڪناري تي پنهوءَ جي پيءُ مير عالي خان هوت جو قلعو



"ميريءَ" جو قلعو جو "پنهون جو قلعو" جي نالي سان مشهور آهي.

بيٺو آهي. قلعو اٽڪل روءِ ٨٠ فوٽ ڪن نديءَ جي سطح کان مٿي چئن حصن ۾ ٺهيل آهي. هيٺئين حصي کي "جماز خانو" يعني لشڪر جي رهڻ جي جاءِ ٿي ڪوٺيائون. ڏاڪڻيون چڙهي مٿي وڃبو ته ٻيو حصو ٿو اچي جنهن کي "مهمان خانو" ٿي چيائون. انهيءَ حصي ۾ ملڪ جا نيڪ مرد اچي پنهنجي حاڪم سان صلاح مشورو ڪندا هوا. انهيءَ حصي ۾ مير عالي خان جون آفيسون ۽ عدالتون هلنديون هيون. وري ڏاڪڻيون چڙهي مٿي وڃون ته قلعي جو ٽيون حصو ٿو اچي. جنهن کي "انبار خانو" ٿي چيائون. انهيءَ حصي ۾ اناج ۽ هٿيار رکندا هوا. هڪ وڏو تلاءُ پاڻي جو به هو. خبر نه آهي ته ايڏو مٿي پاڻي ڪهڙيءَ ريت چاڙهيندا هوا. انهيءَ حصي ۾ هڪ مسجد شريف به پڪل حالت ۾ موجود هئي ۽ هڪ حجرو به ٺهيل هو. چيائون ٿي ته انهيءَ حصي ڏي گهر جي مردن کانسواءِ ٻيو ڪوبه ڪين ويندو هو. البته انهيءَ حجري ۾ هڪ درويش هميشه رهندو هو جو حاڪمن کي ۽ سندن اولاد کي دعا ڪندو رهندو هو ۽ ڪنهن ڪنهن منجهيل ڳالهه ۾ به ساڻس صلاح مشورو ڪيو ويندو هو. انهيءَ درويش جي اڳيان حاڪمن جون عورتون به ايندڻيون هيون. ڏاڪڻيون چڙهو ته قلعي جي مٿاهين ۽ آخرين حصي تي "زنان خانو" هو جنهن ۾ حاڪمن جون عورتون رهنديون هيون. پنهوءَ جي رهڻ جو ڪمرو به زنان خاني سان لڳ ٻاهرپرو هو. انهيءَ ڪمري مان ٻاهريون منظر ڏسڻ جي لائق هو. اوير ۾ باغ ميلن ۾ هليا ويا. اولهه ۾ ڪيچ ندي ور وڪڙي ڪائيندي ٿي آئي. انهيءَ وقت پنج وارڙ ڪورس اٽڪل ٻن فرلانگن جي شڪم ۾ ٿي وهيا. باقي ندي خشڪ هئي. اٽڪل اڌ ڪلاڪ کن آئون ته انهيءَ ڪمري جي پڪل دريءَ تي ويهي رهيس ۽ تخيل جي گهوڙي کي چيڪ ڇڏي ڏنم جو خدا معلوم ڪاڏهون جو ڪاڏي وڃي نڪتو. پين همراهن فوٽو ورتا ۽ هيڏي هوڏي چڪر ڏنا.

"تنب شاهيءَ" جو ڳوٺ جنهن ۾ هن وقت هوت قبيلي جا سڀ پاتي رهنتا سو ميريءَ ۽ پنهوءَ جي قلعي کان اٽڪل ٥ ميل پري ڪيچ نديءَ جي ٻئي طرف آهي. دوستن جي صلاح ٿي ته تنب شاهيءَ مان هوتن جي نيڪ مرد کي گهرايون- پر مون انڪار ڪيو. مون چيو ته پير مرد آهي تازو اکين جو آپريشن ڪرايو تنهن ڪري مناسب آهي ته اسين تنب شاهيءَ هلون. چنانچه پنهوءَ جو قلعو ڇڏي اسين تنب شاهيءَ جي ڳوٺ آياسين. قبيلي جو نيڪ مرد داد ڪريم خان هوت اسالڪي کين مليو. چو ته ڪيس ڊاڪٽر رياض صاحب اکيوات ئي گهرائي تربت ۾ ويهاريو هو. اسين تنهن ڪري ڳوٺ ۽ ڳوٺ جو سڪول ڏسي سڌا تربت روانا ٿياسي.

تربت ۾ اچي ماني ڪاڌيسين ته ڊاڪٽر رياض جي هڪ ماڻهو سان گڏ داد ڪريم خان ۽ سندس پٽ ۽ ٻيا هوت قبيلي جا فرد اچي ويا. اسان به جلد ئي ماني بس ڪري اچي هوتن وٽ ويناسين.

داد ڪريم خان هوت کي مڪراني زبان کانسواءِ ٻي ڪابه زبان ڪين ٿي آئي، تنهن ڪري سندس پاٽي جي معرفت گفتگو شروع ڪئي سي. ساڻس جيڪا ڪچهري ڪئي سي تنهن جو احوال جدا ڪنهن ڪتاب ۾ لکڻ جهڙو آهي. پر مختصر تاريخ پنهوءَ ۽ سندس وڏن جي ڏجي ٿي.

"پنهوءَ جي پيءُ مير عالي خان هوت مڪران جو علائقو گبران نالي هڪ ايراني کان فتح ڪري ايهو قلعو ٺهرايو هو. مير عالي خان جي والد جو نالو مير جلال خان هو. مير عاليءَ کي ٻه پٽ هوا. وڏو پٽ مير هوتڪ خان ۽ ننڍو پنو خان. (انهيءَ نالي ۾ هوتن "ه" نٿي وڌي. منهنجي پڇڻ تي ٻڌايائون ته "پنو" معنيٰ مددگار يعني "اچي پهتو".) پنو خان جڏهن ٢٢ ورهين جو ٿيو ته پنهنجي والده کي چيائين ته شادي ڪرايو. پاڻ ڇاڪاڻ ته نهايت حسين هو، تنهن ڪري سندس والده قلعي ۾ رهندڙ درويش سان مشورو ڪيو ته پنهوءَ کي ڪٿان پر ڻائجي. فقير صاحب جواب ڏنو ته "هن جو لکيو ڀنڀور جي هڪ عورت سان آهي تنهن ڪري پنهنجي خاندان جي ڪنهن ڇوڪريءَ ڏي خيال نه ڪجو. پنهوءَ جي ماءُ

(ڏسو صفحو ١٣)

از:- عبدالڪريم گدائي

سيـــاڳـي سـنـــڌ

سياڳي سنڌ جي وادي، سدا سر سبز ۽ شادان.
ٻير، ٻيريون، کجيون کجڙيون، وطن جا باغ ۽ بستان.
ڪنڊيون ۽ ڪرڙ ڪانڊيرا، اسان لئه سنبل و ريحان.
ڳيرو، ڳيرا ۽ ٻاٻيها، ڪبوتر، مور خوش الحان.
سدا پربور گيتي سان رهيو باغ - ارم پنهنجو.
وطن بيت الصنم آهي، وطن بيت الحرم پنهنجو.

هميشه هيج مان جنهن جون ترڇاٽيون ٻيون ترڪن.
ڇنيون ڇوليون سنگهارين جون ستارن سان سداجرڪن.
مکڻ ماکيءَ تي ماڙيچيون اسان جون مور جان مرڪن.
سيه واسينگ وارن جا سندن سينن مٿان سرڪن.
انهن جوعيش و غم سمجهان، سدائي عيش و غم پنهنجو.
وطن بيت الصنم آهي، وطن بيت الحرم پنهنجو.

جتي سنڌو جي نهرين جي هميشه آبياري آ.
جتي هاريءَ جي همت سان ٻرن ۾ پي بهاري آ.
مٽر، ڪڪڙون، ڇٽا، ڇانيا، جوئر ۽ ووڙ ساري آ.
لطيفي لات جي جهر جهنگ ۾ جهونگار جاري آ.
ڪري ٻيهي تي ٻيهي ڪو نظار و صبح - دم پنهنجو.
وطن بيت الصنم آهي، وطن بيت الحرم پنهنجو.

ڪٿي ڪو دل جليو، دلسوز الغوزه وڄائي ٿو.
ڪٿي ڇوپال ۾ ڪو، ”هير - وارث شاه“ ڳائي ٿو.
ته ڪو راويءَ ڪناري ”صاحبان مرزا“ سڻائي ٿو.
سچل، ساميءَ ۽ بيدل جا ڪوئي نغما ٻڌائي ٿو.
ته ڪو سسئي جي ٻيتن ۾ سلي ٿو سوز و غم پنهنجو.
وطن بيت الصنم آهي، وطن بيت الحرم پنهنجو.

ڪٿي ليلان چنيسر جي محبت جو فسانو آ.
ته ڪٿ نوريءَ جي نوڙت ۽ تماچيءَ جو ترانو آ.
”دڙي موئن“ اندر پنهنجو پراڻو آشيانو آ.
”ٺٽي“ ”ڀنڀور“ ”ڏيجيءَ“ ۾ تمدن جو خزانو آ.
نهان آهي انهيءَ آثار ۾ جاه و حشم پنهنجو.
وطن بيت الصنم آهي، وطن بيت الحرم پنهنجو.

وطن جي خاڪ تو سان آه، پنهنجو عهد ۽ پيمان.
محبت تو سندي آهي، اسان جو دين ۽ ايمان.
نظر بد سان نهاريندو جو توڏي آه سو شيطان.
گره تنهنجي ٻچن جي وات جو، گر ڪنهن کسيو نادان.
حفاظت ۾ مٽي مادر جي ٿيندو سر قلم پنهنجو.
وطن بيت الصنم آهي، وطن بيت الحرم پنهنجو.

اسان تي فرض اي مادر وطن تنهنجي محبت آ.
اوهان جي خاڪ کي سرمون ڪري پائڻ سعادت آ.
ٿيو دشمن جو تنهنجي خاڪ جو ان سان عداوت آ.
جو توسان ڪو بغاوت پيو ڪندو، ان سان بغاوت آ.
ٿئي تنهنجي مٿان صدقي ”گدائي“ شال دم پنهنجو.
وطن بيت الصنم آهي، وطن بيت الحرم پنهنجو.

از:- محبوب علي چنه

فن ۽ ثقافت عربن جي دور ۾

ثقافت عربي لفظ آهي ۽ "ثقف" مان نڪتل آهي. "ثقف" کي "سريع الحذف" به چئي سگهجي ٿو. يعني- ذهين، هوشيار، تيز فهم ۽ هر ڪنهن فن ۾ ماهر ٿيڻ. سنڌي ۾ جيڪي به مطبوع يا قلمي تواريخون موجود آهن، تن ۾ وادي سنڌ جي تمدني، سياسي، اقتصادي، ادبي ۽ صنعتي حالتن جو پرو ڪو مشڪل پئي ٿو.

عربن ڪان اڳ سنڌ ۾ برهمڻن جي حڪومت هوندي هئي. برهمڻ ته هئا سڀني ڪان فائق ٻر ويچاري رعيت لاءِ نسورو ظلم هو. انهن جي لاءِ جيڪي ڪارا قانون نافذ ڪيا ويا هئا سي هي آهن. ۱- مصنوعي ترار ڪان سواءِ اصلي ترار ڪوبه نه ڪڻي. ۲- مخمل ۽ ريشم جا ڪپڙا ڪير به نه پڪي. ٻر جيڪڏهن ڪو پڪي ته فقط ڪاري يا ڳاڙهي رنگ جا هجن. ۳- گهوڙي تي ڪوبه سنج نه رکي چڙهي. ۴- مٿو ۽ پير اگهاڙا ڪري هلجي. ۵- ٻاهر ڪوبه نڪري ته ڪتو ساڻ ڪري نڪري. ۶- ملڪ جي سردارن کي سندن ٻورچي خانن لاءِ ڪاٺيون مهيا ڪري ڏين. ۷- جاسوسي ۽ قاصدي جو ڪم بجا آڻين. ۸- ملڪ تي اگر ڪوبه حملو ڪري ته پنهنجي ملڪ لاءِ لڙن. مذڪور قانونن جي مد نظر هي ظاهر ٿيو ته سوسائٽي جي حالت ڏاڍي ڪريل هئي ۽ رعايا پنهنجي شهري ۽ ثقافتي حقن ڪان محروم هئي. برهمڻن ڪان سواءِ ٻين اعليٰ ذاتين وارن جو فرض هو ته حڪمرانن لاءِ حيوانن ڪان وڌيڪ محنت ڪن. مندرن ۾ ديوداسيون مقيد هيون. عورتن لاءِ جيڏي چڪيا تي چڙهي سڙي مرڻ عزت جي نشاني هئي. واپار جي ڪا سلامتي نه هئي. خشڪي تي جاٽ، ميد ۽ بلوچ ڌاڙا هڻندا هئا ته سمنڊ تي وري دريائي ڌاڙيل لٽ مار ڪندا هئا. مطلب ته رعايا ۽ حڪمران طبقي ۾ اتفاق ڪونه هو. اهوئي سبب هو جو نيرن

منهنجو ڪيچ وسي ٿي ڪيچ

(آندل صفحي ۱۱ تان)

وائڙي ٿي وئي ته مير عالي خان سان اهو احوال ڪيئن ڪري. ڇو ته هوتن ۾ رواج هو ته هو نه ڪنهن ٻئي خاندان ۾ سنگ ڏيندا هوا نه وٺندا هوا. چنانچه راڻي سارو ڏينهن خاموش رهي ۽ ڪنهن سان به احوال ڪين ڪيائين. ٻئي ڏينهن پنهنجي وري اچي پڇيس ته فقير صاحب سان صلاح ڪئي اٿو؟ ماڻس چيس ته فقير صاحب پورو جواب ڪين ڏنو آهي. تنهن تي پنهو پاڻ وڃي فقير صاحب سان مليو ۽ پنهنجي شادي بابت پڇياڳينس. فقير صاحب کيس ٻڌايو ته سنڌس لکيو "سسي" نالي ڀنڀور سنڌ جي هڪ حسين عورت سان آهي. ايهو جواب ٻڌي پنهو اول ته ڏاڍو پريشان ٿيو ڇو ته کيس پنهنجي خاندان جي روايتن جي ڄاڻ هئي. ٻر پنهنجي دل جهلي رات جو پنهنجي ماءُ سان اچي الڳل ڪيائين ته اجازت ڏيو ته سنڌ وڃان ۽ وڃي پنهنجي ٻانهن هٿ ڪيان. ماڻس چيس ته هڪ ٻن ڏينهن ڪانپوءِ جڏهن مير صاحب (سنڌس والد) ٻاهر وڃي ته هوتڪ خان به ان سان وينده هوءَ تون سنڌ وڃجانءِ. آخر اهو ڏينهن به آيو ۽ پنهو پاڻ سان ۲ دوست ساڻ ڪري ڀنڀور روانو ٿيو. اتي جيڪي ٿيو سو اسان کي انهيءَ جي پوري ڄاڻ نه آهي. اوهان سنڌين کي وڌيڪ خبر هوندي. ٻر ڏهاڪو ڏينهن ڪانپوءِ جڏهن مير عالي خان ۽ مير هوتڪ خان پنهنجي ملڪ جي دوري تان واپس وريا ته ڪين فقير صاحب ڪان خبر پيئي ته پنهو ڪاڏي ويو آهي. ايها ڳالهه ٻڌي مير عالي خان ته غصي ۾ تپي باه ٿي ويو. هڪدم پنهنجي وڏي پٽ کي حڪم ڏنائين ته پنهوءَ کي ڇوڪنيو ٻڌي زوري کڻي اچو. هوتڪ خان پنج همراه ساڻ ڪري سنڌ روانو ٿيو ۽ چوٿين ڏينهن پنهوءَ کي اچي مير عالي خان وٽ حاضر ڪيائون. مير صاحب کيس ترنگ ۾ وجهرائي ڇڏيو ٻر ماءُ جي دل ايهو قبول نه ڪيو ته سندس لاڏلو پٽ ترنگ ۾ هجي. سو ڏاڍيون منٿون ڪري فقير صاحب کي راضي ڪيائين. جنهن پنهوءَ جي سفارش ڪري کيس ترنگ مان ٻاهر ڪيرايو. پنهوءَ آزادي ملڻ سان ڀنڀور جو رخ ڪيو ۽ راتو واهه اٿي پڳو. صبح جو جڏهن ماڻس کي خبر پئي ته هن پنهنجي وڏي پٽ سان احوال ڪيو ۽ چيائينس ته مير صاحب کي خبر نه ڏج. هوتڪ خان وري به ڪجهه ماڻهو ساڻ ڪري ڀنڀور روانو ٿيو ٻر واٽ تي "وندر" جي علائقي ۾ خبر پيس ته هوڏانهن سنڌ مان سسي هيڏي ٿي آئي ته واٽ تي هڪ ايلپنوار اچي تنگ ڪيس جنهن تي پاڻ هڪ ڪوه ۾ ٽپو ڏيئي جان ڏنائين. پنهو جڏهن انهيءَ جاءِ تي پهتو ته خبر پيس ته هڪ لال ڪنوار "پنهو پنهو" ڪندي ٿي وئي ۽ پنهو نه ملڻ جي حالت ۾ هڪ ايلپنوار ڪان جند ڇڏائڻ خاطر هن ڪوه ۾ ٽپو ڏيئي جان ڏنائين ته پنهوءَ به انهيءَ ڪوه ۾ ٽپو ڏيئي جان ڏني."

ايهو آهي سٽو سنواڻو پنهو جو احوال. سندس خاندان سان بعد ۾ ڇا ٿيو تنهن جو مختصر احوال داد ڪريم خان ڪان جيڪو مليو سو هي آهي.

مير عالي جي خاندان جي پوئين حڪمران مير عمر هوت ڪان مڪران جي حڪومت مظفر خان ايراني فتح ڪري مير عمر خان کي مڪران مان نيڪالي ڏني. مير عمر خان هوت کي ٻه زالو هيون. هڪ ايراني هوت قبيلي جي ۽ هڪ مڪراني هوت خاندان جي. سندس نيڪاليءَ تي ايران واري زال ۽ انجا ٻار مير عمر سان گڏ ايران لڏي ويا. باقي سندس مڪراني زال ۽ سندس اولاد اتيئي رهيا. هن وقت مير عمر خان جي اولاد مان تمپ شاهي جي ڳوٺ ۾ داد ڪريم ولد عبدالقادر ولد محمد مراد ولد مير عمر خان هوت جيئرو آهي. ۸۵ ورهن جي عمر جو آهي. تازو مير ٻائي خان نواب صاحب کين وري ميريءَ ۾ اچي رهڻ جي اجازت ڏني آهي ۽ سندن موروثي باغ مان به حصو ڏنو اٿس. ايران واري زال جي اولاد مان ۽ قل خان هوت (هي عمر خان جو پاءُ هو) جي اولاد مان هن وقت ڪيترا ڀائي ديره اسماعيل خان ۾ وڃي رهيا آهن باقي اجا ايران ۾ ٿا رهن.

مظفر ڪان وري مڪران جي حڪومت "ملائي" خاندان اچي فتح ڪئي جن ڪان وري گچڪي خاندان وارن اچي حڪومت هٿ ڪئي. مڪران جو موجوده حاڪم جنهن پنهنجي حڪومت پاڪستان سان گڏي ڇڏي سو به گچڪي خاندان جو چشم و چراغ آهي.

ڪوٽ جي سمين حجاج کي ڪاهه ڪرڻ لاءِ دعوت موڪلي.

حضرت محمد بن قاسم سنه ٨٩ هه بمطابق سنه ٧٠٨ع ۾ شيراز مان لشڪر وٺي سنڌ جي مهم لاءِ روانو ٿيو ۽ ١٠ رمضان سنه ٩٣ هه بمطابق ١٦ جون ٧١١ع ۾ راجا ڏاهر جي عظيم لشڪر تي فتح حاصل ڪيائين. ان بعد هن صاحب سنڌ جي باقي رهيل شهر ڏي توجهه ڪيو. هڪ طرف واديءِ سنڌ تي مسلمانن کي فتحن پٺيان فتحون نصيب ٿيون ته ٻئي طرف سنه ٩٦ هه بمطابق ٧١٥ع ۾ وليد بن عبدالملڪ وفات ڪئي ۽ ان کان پوءِ سندس ڀاءُ سليمان بن عبدالملڪ تخت نشين ٿيو. ان جي ڏينهن ۾ موسيٰ بن نصير، طارق بن بن زيد وانگر محمد بن قاسم جهڙي نونهال مجاهد کي به ذليل ڏينهن ڏسڻا پيا، ۽ واسط جي جيل ۾ پنهنجن مجاهدانه فتحن کي ياد ڪندي چيچلائي چيچلائي فوت ٿيو. بني اميه جي گورنرن جو سلسلو شروع ٿيو ۽ ١٣٢هه تائين قائم رهيو. ان بعد بني عباس جا گورنر شروع ٿيا، ٢٢١ هه تائين سنڌ نالي ماتر نشان قائم رهيو. انهي وچ ۾ واديءِ سنڌ جي ڪن حصن تي طاهريه خاندان، صفاريه خاندان، هباريه خاندان ۽ فاطمي خاندان جا قبضا رهيا. فاطمين هاران جعلم بن شيبان خليفو مقرر ٿيو، جنهن سنه ٣٦٧هه بمطابق ٩٧٧ع ڌاري بنو سامه قريشي جي حڪومت جو خاتمو ڪري فاطمي سڪو ۽ خطبو جاري ڪيو. هبارين جي سني حڪومت منصوره تي سنه ٤٠١ بمطابق ١٠١٠ع تائين قائم رهي. پوءِ قرامطين مٿس قبضو ڪيو. مذڪور ٻنهي عربي حڪومتن تي پوءِ سلطان محمود غزنوي جو سڪو جاري ٿيو.

عرب مسلمانن جي بي تعصبيءَ، مساوات ۽ علمي مذاق سبب هندن جون برباد ٿيل علمي محفلون وري زنده ٿيون. "جهڙو راجا تهڙي پرجا" جي مصداق فاتح قوم جي تهذيب جو اثر هتي جي رهاڪن تي پيو. هن روشن دور ۾ هندن ۽ مسلمانن جو لباس هڪ جهڙو هو. هندو عراق جي پوشاڪ پائڻ لڳا. فوجي سپاهين کي ڪا خاص وردي نه هئي. عرب فوجي سپاهي مٿي تي عمامه يا ڊگهي ٽوپي پائيندا هئا، جنهن کي "برنس" سڏبو هو. پاجامه ۽ موزا سپاهين جي لباس ۾ داخل هئا. مجوسي ڪمرسان آگر جي ٽولهه جيتري رسي ٻڌندا هئا. عرب ان ٻئي کي "منقط" سڏيندا هئا. ذمين کي شراب وڪڻڻ، مندرن ۾ دهلن شرنائين وڄائڻ جي اجازت هئي. ليڪن نماز جي وقت جو احترام مٿن لازمي هو. حضرت عمر بن عبدالعزيز پهريون اُموي مجتهد خليفو هو جنهن جي وقت ۾ شراب جي دڪانن تي بندش پئي.

سليمان بن عبدالملڪ جي زماني ۾ ڪوفي، يمن ۽ اسڪندريه جون رنگين چادرون، جي نفاست ڪري مشهور هيون، سلطنت جي هر هڪ صوبي ۾ وڪامڻ لڳيون. سنڌين به انهن رنگين چادرن، چوغن، ٽوپين جو نه رڳو واهپو رکيو پر واديءِ سنڌ ۾ اها صنعت وڃي چوٽيءَ تي رسي. عربن پاڻ به مفتوح قومن جو لباس اختيار ڪيو. جيئن ته شام ۾ رومن لباس، مصر ۾ مصري پوشاڪ ۽ سنڌ ۾ سنڌي لباس. سنڌ جي شهرن ۾ مسلمانن وٽ پردي جي سخت پابندي هئي ۽ سندن محلا جدا هوندا هئا. اصطخري ملتان بابت لکي ٿو ته "هندو ۽ مسلمان پاجاما پائين ٿا، ٻنهي جو لباس هڪجهڙو آهي. منصوره ۽ ملتان جا امير هند و راجائن وانگر هاٿين تي سواري ڪندا آهن." اصطخري اڳتي هلي لکي ٿو- "ملتان جا باشندا وڏا وار رکائين ٿا". ڊاڪٽر گستاؤلي بان تمدن هند ۾ سنڌين ۽ بلوچن بابت رقمطراز آهي ته "ٻئي قومون خالص سامي نسل مان يعني عرب آهن." عربي سياح بشاري ٣٧٥هه ۾ سنڌ ۾ آيو. ان پنهنجي مشهور ڪتاب احسن التقاسيم في معرفته الاقاسيم ۾ ملتانين جي باري ۾ لکيو آهي ته "ملتان جي شهر جون جايون ڪاٺ گچ آهن مگر تنگ آهن. شهر ۾ صفائي ڪانهي. ماڻهو تندرست آهن. خشڪ گرم هوا ڪري باشندن جو رنگ سانورو آهي. ميوو هت سنو ملي ٿو. واپاري ڏيتي ليتي ايمانداري سان ڪن ٿا. بدڪاري ۽ شراب خوريءَ جو نالو نشان ڪونهي. زاني ۽ شرابيءَ لاءِ قتل جي سزا آهي. ڪابه عورت ڪليل منهن سان ٻاهر ڪانه نڪري. مردن کي رستي تي عورتن سان ڳالهائڻ جي سخت منع آهي. حڪومت جو طرز- عمل انصاف وارو آهي. فارغ البالي ڪري ماڻهن جي زندگي عيش و آرام سان گذري ٿي." منصوره بابت ساڳيو سياح لکي ٿو ته "هتي جا رهاڪو بامروت آهن. اسلام جي وٽن تازگي آهي. منجهن علم جو چرچو وڌيڪ آهي ۽ وٽن ڪيترا ئي علماء ڪرام رهن ٿا. ڏاڍا ذهين آهن. نيڪي ۽ خيرات ڪن ٿا. ذمي بتن جي پوڄا ڪن ٿا. جايون ڪاٺ گچ ۾ آهن. عباسي دؤر ۾ عرب پنهنجي قومي خاصيت سادگيءَ کي ترڪ ڪري جاه و جلال جا دلداده ٿي پيا. ساڳيو اثر سنڌ جي باشندن جي طرز- معاشرت تي پيو.

سنڌ واسين ۾ زيب ۽ زينت جهڙي ڪاهي پئي. شهرن ۾ زيب واريون املهه قيمتي شيون وڪامڻ لڳيون. ٻئي طرف سستائيءَ جي بازار گرم هئي- ملتان ۾ اٺو في درهم ٽيهه مڻ ۽ ڪجور جو حلوو في درهم ٽي مڻ وڪامندو هو. ديبل سڄي هندوستان اندر اناج جي وڏي منڊي هئي. الور، منصوره ۽ ملتان جا شهر باغات ڪري مشهور هئا. ڏاڙهون، انگور، انب، ليما، ڪجور ۽ پاڇيون ڏاڍيون سستيون هيون. شهرن جي رستن جي ٻنهي پاسن ڪان وٺڪار هئي. حجاج لو مسلم رعايا کان جزيه اڳاڙيندو هو ۽ ملڪ تي پيون ڪيترن قسمن جون ڍلون مڙهيل هيون جن کي هلالي سڏيندا هئا. حضرت عمر بن عبدالعزيز اهي هلالي ڍلون موقوف ڪري ڇڏيون تنهنڪري سنڌ ۾ شيون سستيون ٿيون ۽ باشندا فارغ الباليءَ سان گذارڻ لڳا. عربن جيڪي نوان شهر تعمير ڪرايا تن ۾ مردن خواه زالن لاءِ جدا جدا حمام هئا. حضرت عمر بن عبدالعزيز عورتن کي حمامن ۾ وڃي غسل ڪرڻ تي بندش وڌي. مسجدون تعليمي اداره هئا. انهن سان لڳ حجرا بهترين مڪتب هئا. جيڪي به شاگرد تعليم وٺندا هئا تن لاءِ حضرت عمر بن عبدالعزيز وظيفا مقرر ڪيا. چراگاهن تي ڍنڍري معاف هئي. بني اميه دور اندر هر هڪ شهر ۾ سرڪاري لنگر خانا جاري هوندا هئا. اتان غريبن فقيرن کي مفت کاڌو ملندو هو. علامه طبري جي طبقات ابن سعد ۾ آهي ته بي خرچ ۽ بي زاد مسافرن کي سفر لاءِ زاد راه سرڪاري خزانه مان ملندو هو جيئن با آساني پنهنجي وطن پهچي سگهن. علامه بلاذري پنهنجي مشهور تصنيف فتوح البلدان ۾ آندو آهي ته رستن تي مسافرن جي آرام ۽ آسائش لاءِ سرائون

Scanned with CamScanner

تعمير ٿيل هيون.

وليد بن عبدالملڪ جي ڏينهن ۾ سنڌ فتح ٿي ۽ ان جي دؤر ۾ سنڌ ۾ کوهه کوٽرايا ويا ۽ مريضن جي دوا درمل لاءِ شفاخانا تعمير ٿيا. جن شهرن کي عالمپناهون نه هيون اتي مٽيءَ جا قلعا جڙيل هئا بعض شهرن ۾ عرب امير شهرن کان ٻاهر ڇانوڻين ۾ رهندا هئا. ملتان جي ڇانوڻيءَ جو نالو "جندراون" هو. امير فقط جمع جي ڏينهن هاٿيءَ تي چڙهي شهر جي جامع مسجد ۾ نماز ادا ڪرڻ ايندا هئا. جدا ڇانوڻين برپا ڪرڻ مان اها مراد هين جيئن عربن جي قومي سادگي ۽ امتياز قائم رهي. عرب مسلمان صاحب ثقافت ۽ ۽ حاذق ماهر هئا ڪاريگرن انهن کان گهڻو ڪجهه پرايو. عربن جي آمد کان اڳ واديءَ سنڌ جا ڪاريگر ڇن سان چمڙو رڱيندا هئا. ان طريقي ڪري هڪ ته چمڙو سخت ٿيندو هو ٻيو ڄڻاڻ ڪونه ڪندو هو. ابن لديم جو بيان آهي ته ڪوفي جي ڪاريگرن واديءَ سنڌ ۽ مڪران جي ڪاريگرن کي کجور سان چمڙي جو هنر سيکاريو.

منصوره جي چمڙي جي صنعت بابت امام احمد بن حنبل (وفات سنه ۲۴۱هه) پنهنجي تصنيف ـ ڪتاب "الورع" لکيو آهي ته منصوره جون جڙيل پيڪيدار جتيون اسلامي دنيا ۾ فقط امير طبقو خريد ڪري سگهندو هو. اسلامي دنيا ۾ سنڌ جو رنگين ۽ نرم چمڙو "السنديه" جي نالي سان دنيا جي مارڪيٽ ۾ وڪامندو هو. منصوره جي زوال بعد عرب ۽ ايراني سوداگر ديبل ڪوٽ ۽ ٺٽي کان چمڙو گهرائيندا هئا. ڇو ماسي هوائن ڪري سنڌ و هند جا جهاز ننڍا ۽ هلڪا هئا جن کي "تير ماهي" سڏبو هو. هندي جهازن جو ٻيو قسم "بارجنه" هو يعني ٻيڙو. ٽيون قسم دونگي هو جنهن کي عرب "دونيج" ڪري سڏيندا هئا ۽ ڪوڪن وارا "هوڙي" سڏيندا هئا. انهن سڀني جهازن جا تختا ناريل جي رسين سان ٻڌندا هئا. حجاج بن يوسف رسن بدران لوهه جي ميخن سان جهاز تيار ڪرايا.

عربي جهاز ايڏا وڏا هوندا هئا جو منجهن مسافرن لاءِ ڪمرا، جنگي توبون ۽ منجنيق رکڻ جون جايون هونديون هيون. ڪن جهازن تي پنج سؤ خلاصي ڪم ڪندا هئا. سنڌي بحري ٻيڙو گجرات ۽ ڪوڪن جي راجائن جي ٻيڙي کان وڌيڪ مضبوط هو. واديءَ سنڌ جون عورتون سڱن ۽ ڪوڏن جا زيور پائينديون هيون. هاٿين جي موجودگيءَ ڪري عاج سستو هو تنهنڪري سنڌي عورتون عاج جا زيور پهرينديون هيون. قديم زماني کان وٺي هتي جا اٺ ۽ گهوڙا مشهور هوندا هئا. پر ٿوهن وارن اٺن جو اصلي وطن سنڌ هو. ان بعد بلخ ۽ فارس ۾ پهچي حجاج بن يوسف گهوڙن جي واهار ڪي زور ورتائڻ لاءِ سنڌ جي صوبي سيستان جي گادي زرنج ۾ گهوڙن جي پرورش جو انتظام رکيو. عمارت سازيءَ جي فن ۾ عرب استاد هئا. واديءَ سنڌ جي جن جن شهرن کي انهن عالم پناهون نه ڏياريون، جيڪي جامع مسجدون تعمير ڪرايون تن مان اڄ ڪو به پڌرو آثار موجود ڪونهي. افسوس جو منصوره جي سنگتراش جامع مسجد کي به زماني پنهنجي ظالم هٿن سان ميساري ڇڏيو. ڪي نشان الور جي قلعي ۾ مسجد شريف جي صورت ۾ ۽ بوترابي جي خانقاه ميرپورساڪري تعلقي ۾ ملن ٿا. بکر جو قلعو به سندن عهد زرين جو يادگار آهي. عربن جي دور جا ضربخانا به مشهور هئا. اسلام جي ڪاهه وقت ايران ۾ ٽن قسمن جا ساساني سڪا رائج هئا. بغلي، طبري، مغربي. بني اميه دور اندر ڇهن قسمن جا سڪا رائج ٿيا: حجاجيه، جيڪي حجاج بن يوسف جاري ڪيا. هبيره، جيڪي ابن هبيره تيار ڪرايا. قسريه، جيڪي خالد قسري جوڙايا. يوسفيه جيڪي يوسف بن عمر جوڙايا. زرعي ۽ معدني ترقي به ڪافي رهي. هتي جا نوان شهر، باغات ڪري معروف هئا. ليمن ۽ نارنگين جو قسم عمان، شام ۽ بصره مان آندو ويو. سيوهڻ ۽ ريال جي پرڳڻن ۾ نير جي جي ترقي ڪرائي وئي. هتي جا سرها تيل به. سبحان الله! ابن حوقل ۽ ابن بيطار اندلسي بعض تيلن جا نالا ڄاڻايا آهن جهڙوڪ دهن البابونج، دهن الزعفران، دهن الحنا، دهن النارڊين، دهن النسرين. شال انهن تيلن جي سرهاڻ جي ياد اسانجي ديس واسين جا دماغ معطر ڪري.

پيرهن تار تار ٿي ويندو

دور غم جو غبار ٿي ويندو
دل جو روشن ديار ٿي ويندو
بي وفا ڪيئن وفا جي وعدي تي،
بي سبب اعتبار ٿي ويندو
مون کي مرده نه همنشين سمجهو
ختم آخر خمار ٿي ويندو
خوش نه ٿي، تنهنجي هن خدائي جو
پيرهن تار تار ٿي ويندو
زندگي کي روان دوان سمجهو
بس، ڪٿي مان خزار ٿي ويندو
اڄ نه آيو سڀان اوس ايندو
مون وٽان منهنجو يار ٿي ويندو
زنده آهي ته ليڪ **ذاڪر** پي
شاعرن ۾ شمار ٿي ويندو.

درستي

صفحي نمبر ۱۱۱ تي "خواجه محمد حسن مجددي قدس سره" جي عنوان سان جيڪو مضمون ڇپيو آهي، اُنجي شروعاتي آيت ۾ غلطيءَ وچان "الحمد لا للا رب العالمين" ڇپجي ويو آهي، جيڪو درست ڪري "الحمد لله رب العالمين" پڙهڻ گهرجي.

از:- محمد هاشم ميمڻ

قطب - ڌرتي جا ٻه پر اسرار ڇيڙا

هيءَ ڌرتي، جنهن تي اسان رهون ٿا، تنهن جي ڪائنات ۾ حيثيت جيتوڻيڪ مٽي جي هڪ ادنيٰ ذري کان وڌيڪ نه آهي، پر تنهن هوندي به اها انتهائي حيرت انگيز دنيا آهي. هن ذري ۾ بلا جي وسعت آهي. سندس مختلف اسرار ۽ خصوصيات عقل چرخ ڪندڙ آهن. سندس جبل، ماٿريون، مٿاهان پٽ ۽ بيابان؛ نديون، نالا، ڍنڍون ۽ ڍورا؛ برندڙ جبل، ڪاڪيون، غارون ۽ چرون؛ سمنڊ، ويرون، وهڪرا ۽ لهرون؛ وڻ ٽڻ، گل ٻوٽا، باغ باغات، ٻاڄيون، ميوا ۽ ان؛ مينهن واءُ، برف ۽ پاڻي؛ زلزلا، طوفان، ٻوڏون ۽ امراض، سندس ڪي اهڙيون خصوصيتون آهن جيڪي انسان لاءِ حيرت جو سامان مهيا ڪن ٿيون. حضرت انسان انهن کي سمجهڻ ۽ انهن جي سببن ڳولي لهڻ ۾ بيشڪ ڪن ميدانن ۾ ڪنهن حد تائين ڪاميابي حاصل ڪئي آهي، پر ڪي ڳالهيون اڃا تائين سندس سمجهه کان لڪيل ڪوه ٻري آهن. ممڪن آهي ته سائنسي ترقي جي راهه، جنهن تي هو موجوده وقت تيزي سان گامزن آهي، سا ڪنهن وقت کيس ڌرتي جي ڪن اسرارن کي ٻروڙڻ جي منزل تائين پهچائي. پر هو ڪيتريقدر ڪامياب ٿي سگهندو، سو وقت ئي ٻڌائي سگهندو.

ڌرتي جي مکيه خصوصيات ۾ سندس اهي ٻه ڇيڙا به شامل آهن، جن کي قطب سڏين ٿا. اتر قطب ۽ ڏکڻ قطب، ڌرتي جون اهڙيون ايراضيون آهن، جتي سال جا ٻارهن ئي مهينا برف ڄميل رهي ٿي. اهي بقول هڪ سائنسدان "برف جا بيابان" آهن. اهي ايراضيون رات ۽ ڏينهن جي چڪر کان اڄيون آهن. اتي سال جا ۴ کان ٦ مهينا سج نٿو اڀري. اتي ۴ کان ٦ مهينا گويا رات هوندي آهي. اتي سج اڀرندو آهي ته چار ڇهه مهينا نه لهندو آهي ۽ جي لهندو آهي ته وري چئن ڇهن مهينن کانپوءِ اڀرندو آهي. اتي اوڀر ۽ اولهه جو فرق به مشڪل آهي. اسانوٽ هتي سج اوڀر کان اڀرندو آهي ۽ اسانجي سر مٿان ٿيندو، پورو اڌ گول ٻڌائي، اولهه ۾ لهي ويندو آهي؛ پر قطبن وٽ سج پاسيرو نظر ايندو آهي ۽ پاسي کان ئي غائب ٿي ويندو آهي. اتي سج، اسانجي ملڪ وانگر مٿي چڙهيل نظر نه ايندو آهي. اتي چنڊ به ڪن موسمن ۾ لاڳيتو هڪ هفتو نظر ايندو آهي ۽ غروب نه ٿيندو آهي. هي اهي ايراضيون آهن جتي گرمي جي موسم ۾ نه برف ڄميل رهي ٿي ۽ درجه حرارت ٻڙي کان به هيٺ هوندو آهي. آمريڪي کوجنا ڪندڙ (Explorer) رابرٽ ايڊون پيئري، جيڪو اتر قطب وٽ پهچندڙ پهريون ماڻهو هو، تنهن پنهنجي سفر کانپوءِ اتر قطب وٽ برف جي تهه کي

اتر قطب واري ايراضي جو طبعي نقشو - ان مان اتر قطب وٽ سمنڊ جي هيٺان زمين جي طبعي بناوت ۽ ان جي آسپاس وارين جي حالت جو پتو پوي ٿو.

پگهل ٽٽل ۽ ڍڳ ڪيل برف جو بي رنگو ۽ ناهموار تهه سڏيو آهي. جيستائين قطب (Pole proper) جو لاڳاپو آهي اتر توڙي ڏکڻ قطب وٽ نه وڻ ٽڻ ٿين ۽ نه ٻوٽا يا گل. نه وري جيت جڻئي يا جراثيم جو نالو نشان ئي آهي. اهوئي سبب آهي جو قطبن جي هوا کي خالص، تندرست ۽ جراثيم کان پاڪ سڏيو وڃي ٿو. اتي پکي، جانور، مڇيون يا انسان بلڪ ڪو به ساهه وارو رهي نٿو سگهي. البت جيستائين انهن جي آسپاس وارين ايراضين، خاص طور تي اتر قطب جي ايراضين جو لاڳاپو آهي، خاص طور تي تندرا ۾ گرمي جي موسم ۾ ٻن چئن مهينن لاءِ ڪجهه ساوڪ نظر ايندي آهي، ڪي گل ٻوٽا منهن ڪڍندا آهن، ڍنڍن ۽ ڍورن ۾ نيرو شفاف پاڻي نظر ايندو آهي ۽ ڪي پکي ۽ جانور به پنهنجون لاتيون لوندا پڌبا آهن.

پر ڏکڻ قطب وٽ ائين به ممڪن نه آهي. انهيءَ جو سبب هي آهي جو ڏکڻ قطب، اتر قطب جي پيٽ ۾ هڪ کنڊ ۾ واقع آهي، جتي سدائين برف وڇايل رهي ٿي. سائنسدان ڏکڻ قطب واري کنڊ (Antarcica) کي "برف جو کنڊ" سڏيو آهي. انٽارڪٽيڪا (يعني ته ڏکڻ قطبي کنڊ) ايڏو ته وڏو آهي جو انهي يورپ ۽ آسٽريليا سمائجي سگهن ٿا. هڪ اندازي موجب انجي پکيڙ لڳ ڀڳ ۵۵ لک چورس ميل آهي.]

پر اهو پراڻو اندازو آهي. بين الاقوامي طبعي جغرافيائي سال (IGY) دوران، دنيا جي مختلف ملڪن پاران ۾ گڏجي، اسانجي ڌرتي جي مختلف پهلوئن بابت وڌيڪ گهري ۽ جامع معلومات حاصل ڪندي؛ انتهائي جديد ۽ محسس اوزارن سان، ائنٽارڪٽيڪا بابت جا معلومات حاصل ڪئي آهي، تنهن مان هاڻي ثابت ٿيو آهي ته ائنٽارڪٽيڪا جي ايراضي، جا اڳ سمجهي پئي ويئي، تنهن کان گهڻي گهٽ آهي. الهن، ائنٽارڪٽيڪا تي وڇايل برف جي فرش ۾ بجلي جا شاٽ هڻي ثابت ڪيو آهي ته ائنٽارڪٽيڪا جا گهڻي ئي اهڙا ڀاڱا، جن کي اڳ زمين تي سمجهيو ويو، سي حقيقت ۾ پاڻي تي آهن، پر جيئن ته انهن تي برف جو هزارين فوٽ ٿلهو تهه

چڙهيل آهي، تنهن ڪري انهن کي غلطي کان زمين سمجهيو ويو آهي. (برف ۾ ٻڌلي جي شاڻ هٺ سان انجي اونهائي معلوم ڪئي ويندي آهي) (هيٺ ڏنل نقشو انٽارڪٽيڪا کنڊ جي اڳين حدن ۽ نئين معلوم ڪيل حدن کي چٽي ريت ثابت ڪري ٿو).

اهو کنڊ پنهنجي پيٽ ۾ سمنڊ جي سطح (Sea Level) کان گهٽو مٿي آهي. ايشيا، جيڪو ڌرتي جو سڀ کان مٿاهون کنڊ سمجهيو ٿي ويو آهي، سو سمنڊ جي مٿاڇري کان ۳ هزار ۲ سو فوٽ مٿي آهي، انجي پيٽ ۾ يورپ فقط ۹۴۰ فوٽ مٿي آهي. پر ڏکڻ قطبي کنڊ ڇهه کان ست هزار فوٽ مٿي آهي. برطانوي سياح اسڪاٽ جيڪو ڏکڻ قطب تائين پهچڻ لاءِ قطبي کنڊ تي چڙهيو هو، سو پنهنجي سفر دوران ڪنهن به وقت ڏهن هزار فوٽن جي اوچائي کان هيٺ نه هو. جهاز ۾ چڙهي انٽارڪٽڪ کنڊ وٽ وڃبو ته برف جي هڪ اوچي پٽ آسمان سان ڳالهيون ڪندي پئي نظر ايندي. انهي کنڊ تي برف جو هڪ ٿلهو تهه سدائين چڙهيل هوندو آهي. گرمي جي موسم ۾ جڏهن برف ڪجهه پگهرندي آهي، تڏهن برف جون ڪي وڏيون وڏيون ڇپون وڏي آواز سان سنڌس آسپاس واري سمنڊ ۾ وڃي ڪرنديون آهن. پر سردي جي موسم ۾ سنڌس آسپاس وارو سمنڊ به ڄمي پوندو آهي، ايتري تائين جو طاقتور برف ٽوڙ جهاز (Ice Breaker) به انمان مشڪل سان رستو ڪڍي سگهيٽو. ڪنهن ڪنهن وقت برف جون اهي ڇپون جهاز کي اهڙو ويڙهو ڏينديون آهن جو جهاز جو هڏ گڏ پڇي پوندو آهي. ڏکڻ قطب واري کنڊ جي انهي حالت سبب اتاهون جي هوا ايڏي ته سخت ۽ خطرناڪ

آهي جو سنڌس آسپاس ۶۰ ڊگريون ڏکڻ ويڪرائي ڦاڪ ۾ ڪنهن به هنڌ وڻ اڀري نٿو سگهي. انهي جي برعڪس اتر قطب جي آسپاس واري ايراضي ۾ ۶۰ ڊگريون اتر ويڪرائي ڦاڪ ۽ اندر وچ ۾ لکين ماڻهو رهن ٿا، انهي ڊگها گهاٽا ٻيلا آهن ۽ جانور به جهجها آهن. گرمي جي موسم ۾ انهيءَ ايراضي ۾ پوري پني بلڪ ڪجهه قدر گرم موسم به هوندي آهي. حقيقت ۾ اتر قطب سمنڊ (Arctic Sea) سڄو منجمد نه ٿي ويندو آهي، پر برف جون ڇپون جيڪي ڏهه

کان سو فوٽ بلڪ ڪنهن ڪنهن وقت ۱۶۵ فوٽ ٿلهيون هونديون آهن، ٽڙيل پکڙيل حالت ۾ قطب جي چوگرد نهايت سست رفتار ۾ پيون گهمنديون آهن. ڌرتي جي پنهنجي محور جي چوطرف گردش جو اثر قطبن وٽ وڌيڪ شدت سان محسوس ٿيندو آهي. اهوئي سبب آهي جو اتر قطب وٽ ڄميل برف قطب جي چوگرد ٽرندي آهي.

اتر قطب جون حالتون

جيستائين اتر قطب واري ايراضي (Arctic) جو لاڳاپو آهي، اها ٻن موسمياتي علائقن ۾ ورهائي وئي آهي. هڪ قطبي علائقو آهي جنهن ۾ قطبي سمنڊ، گرين لئنڊ ۽ ٻيا ڪيترائي ٻيٽ اچي وڃن ٿا، جتي گرمي جي موسم ۾ به برف ڄميل رهندي آهي ۽ ٻيو اهو علائقو، جنهن کي تندرا سڏين ٿا ۽ جنهن ۾ سال جي ٻارهن مهينن مان گهٽ ۾ گهٽ ٽي مهينا ساوڪ نظر ايندي آهي. تندرا ۾ جيتوڻيڪ اڳي رڳو اتر روس جي قطبي سمنڊ (Arctic Sea) وارين ايراضين، خاص طور تي اتر سائبيريا کي شامل

انٽارڪٽيڪا کنڊ جو طبعي نقشو. نقشي ۾ ٽڪن واري ليڪ کنڊ جون اڳيون حدون ڏيکاري ٿي- کنڊ جون بين الاقوامي طبعي جغرافيائي سال (IGY) طرفان ثابت ڪيل حدون اهي آهن، جيڪي هن نقشي ڏيکاريل آهن.

ڪيو تي ويو هو، پر هاڻي ڪئناڊا، الاسڪا ۽ اسڪنڊينيويا جي اترين حصن کي به شامل ڪيو ويو آهي. جيستائين تندرا جو لاڳاپو آهي جيتوڻيڪ ڪن هنڌن تي خاص طور تي سائبيريا ۾ ڪي جبل ۽ نديون نظر اچن ٿيون، ورنه ٻين هنڌن تي بلڪل بي رنگو، ڦڪو، سنئون ۽ ويران پٽ نظر اچي ٿو. جيتوڻيڪ تندرا ۾ ڌرتي جي مٿاڇري جو ويهون حصو شامل آهي، پر ان بابت نه ته ڪا جاچ جوچ ڪئي وئي آهي ۽ نه وري اتي ماڻهو رهن ٿا. تندرا جي ڪئناڊا واري

غير آباد حصي ۾ ۴ لک چورس ميل ايراضي اچي وڃي ٿي. تندرا ۾ زمين سنئين ۽ ويران هن ڪري آهي جو گذريل ڪيترن هزارن سالن کان برف جي چڙهه سنڌس مٿاهين نشانن کي ختم ڪري ڪيس سنئون بڻائي ڇڏيو آهي. هاڻي تندرا ۾ هي حالت آهي جو اتي ڪي سو فوٽ اوچو ڏڙو به جبل وانگر ويهن ميلن جي مفاصلي تان پيو نظر ايندو.

ڇهه مهينا رات

تندرا ۾ به آرڪٽڪ ايراضي جي ٻين هنڌن وانگر سياري ۾ برف ڄميل رهندي آهي، البت گرمي جي موسم ۾ برف پگهرڻ سبب اتي ڪجهه ساوڪ به پيدا ٿيندي آهي، گاهه اڀرندو آهي، گل ڦل ۽ ٻوٽا ٽڙندا آهن ۽ پکي ۽ جانور جيڪي سياري ۾ وڌيڪ محفوظ جاين ڏانهن لڏي ويل هوندا آهن، موٽي ايندا آهن. سال جي ٻارهن مهينن مان ۹ مهينا تندرا سردي جي چنبن ۾ گرفتار هوندو آهي. سيپٽمبر کانپوءِ سج ڏينهون ڏينهن هيٺ ٿيندو ويندو آهي ۽ رات ڊگهي ٿيندي ويندي آهي ۽ ڏينهون ۽ تلاءَ ڄمي ويندا آهن. سڄي ايراضي تي اچ ڇانئجي ويندي آهي ۽ برف ڪپهه وانگر ڪرڻ لڳندي آهي. جڏهن ڏينهن آسمان بادلن سان پر هوندو آهي تنهن ڏينهن آسمان ۽ زمين جي اڇ پاڻ ۾ گڏجي هڪ لامحدود ۽ اونهو اڇو خال پيدا ڪندي آهي. ڊسمبر جي شروع ۾ سج افق تان بلڪل غائب ٿي ويندو آهي ۽ سوءِ شديد ترين ٿڌ شروع ٿيندي آهي، ايتري تائين جو اتر قطب کانوٺي تندرا جي ڇيڙي تائين سڄي ايراضي آرڪٽڪ سمنڊ سميت برف سان ڄمي ويندي آهي. جنوري جي وچ ڌاري سج جي معمولي ڪناري ۽ ڪي ڪاڙها ترورا نظر ايندا آهن. پر سج پوري شڪل ۾ مٿي جي ڇيڙي کان اڳ موٽي نه ايندو آهي. سج جي موٽي اچڻ

ڪانپوءِ لڏين ۽ ڍرين ۾ برف وڏي ڪڙڪي سان ٽٽڻ لڳندي آهي ۽ ساڳي طرح آرڪٽڪ سمنڊ ۾ به برف ٽٽي ٽڪرا ٽڪرا ٿي قطب جي چوگرد چڪر ڏيڻ لڳندي آهي- مئي کان وٺي جولاءِ تائين سانده ٥ ٽي مهينا سج چمڪندو رهندو آهي ۽ اونده نه ٿيندي آهي. آگسٽ ڌاري

اتر قطب وٽ برف جو منظر - اتي برف پگهل ٽٽل حالت ۾ هوندي آهي ، جيئن هن تصوير ۾ ڏيکاريل آهي . هي فوٽو قطب مٿان هوا مان ورتو ويو آهي .

سج لهندو ۽ هيٺ ويندو رهندو آهي تانجو سيپٽمبر ۾ وري برف ۽ اچ موٽي ايندي آهي، جا مئي تائين قائم رهندي آهي.

سخت ٿڌ

سردي جي موسم ۾ تندرا ۾، آرڪٽڪ سمنڊ ڪناري کان، خود اتر قطب کان به وڌيڪ ٿڌ هوندي آهي- انهيءَ جو سبب هي آهي جو سمنڊ آرڪٽڪ ايراضي کي ڪجهه قدر گرم رکندا آهن ۽ هو ڏانهن برف واريون ايراضيون چوطرف کان ٿڌ ۾ مبتلا هونديون آهن- اتر قطب ۾ هونءَ به ڪڏهن به ٻڙي کان ٦٢ ڊگريون هيٺ کان گهٽ سردي نه هوندي آهي، پر تندرا جي ڪئناڊا واري حصي ۾ ٻڙي کان ٨٢ ڊگريون گهٽ سردي رڪارڊ ڪئي ويئي آهي- تندرا جي سائبيريا واري حصي ۾ ورگو يانسڪ جي هنڌ تي هڪ دفعو ٻڙي کان ٩٣ ڊگريون گهٽ سردي رڪارڊ ڪئي ويئي، جا اتر ۾ سب

کان گهٽ حرارت آهي- گرمي جي موسم ۾ تندرا ۾ ٥٠ کان ٦٠ ڊگريون حرارت هوندي آهي. هڪ دفعو سؤ ڊگريون حرارت به رڪارڊ ڪئي ويئي.

آرڪٽڪ جا جانور

تندرا جا مکيه جانور قطبي هرڻ، قطبي سهو، قطبي ٿتر ۽ ڍڳا آهن. اهي جانور گهڻو

ڪري ولرن ۽ ڌڻن ۾ نظر ايندا آهن- ڇڙو ڇڙ مشڪل سان ڪو لڀندو. قطبي ڏاندن جي هي خاصيت آهي جو جڏهن کين ڪو خطرو نظر ايندو آهي تڏهن دشمن جي مقابلي ڪرڻ لاءِ هڪ قطار ۾ بيهي ويندا آهن. تندرا جا مٿيان جانور ڌڻن جي صورت ۾ کاڌي جي ڳولا لاءِ هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ پيا رلندا آهن- سردي جي موسم ۾ اهي پيلن ۽ ٻين محفوظ جاين ۾ لڪي ويندا آهن ۽ جڏهن ٿڌ ڪجهه ڍري ٿيندي آهي تڏهن موٽي ايندا آهن. قطبي هرڻ، سانير جهڙا ٿيندا آهن ۽ هي سندن خصوصيت آهي جو هميشه ڪن خاص مقرر ڪيل رستن تان لنگهندا آهن ۽ ڪڏهن به انهيءَ رستي تان ٿڙي پيو پيڇرو نه وٺندا آهن- اهي هرڻ ڪنهن ڪنهن وقت آرڪٽڪ سمنڊ جي ڪناري تائين به پهچي ويندا آهن.

آرڪٽڪ ۾ معدنيات

جيئن ته گرين لينڊ ۽ آئيسلينڊ جي ڪن حصن ۾ رڍون پاليون وينديون آهن، پر تندرا جو مکيه پالتو جانور ٻارهن سڱو (Rein Deer) آهي. اهو هرڻ نه رڳو برف تي هلندڙ گاڏيون (Sledges) ڇڪيندو آهي، پر انسان گوشت به ملندو آهي ۽ اهو کير ۽ ڪپڙي جون ضرورتون به پوريون ڪندو آهي- اهو هرڻ برف ۾ گهمندو، معمولي گاه تي گذر سفر ڪري سگهي ٿو ۽ سخت سردي ۾ به کيس اجهي جي ضرورت نٿي ٿئي. تندرا جي روس ۽ اسڪينڊينيويا وارن حصن ۾ انهن هرڻن جي افزائش هڪ مکيه صنعت آهي.

اڳي هتي وارين ڪلن جو واپار تندرا جو مکيه واپار هوندو هو- پر هاڻي سمني واسيطدار ملڪن تندرا جي زمين مان ڌاتن ڪڍڻ تي ڌيان ڏيڻ شروع ڪيو آهي- سويڊن ۾ ڪيرونا وٽ لوه جي کاڻ ڳولي ويئي آهي؛ روس ۾ نارلڪس وٽ جست ۽ ٽامي جون کاڻيون لڌيون آهن ۽ الاسڪا ۾ سون لڌو آهي- تندرا جي اتر آمريڪا واري حصي جي دور دراز علائقن ۾ سون، ٽامو، شيهو، ايسبيسٽوس،

يورينيم، ليٿيم، ڪوئلو، تيل ۽ ٽين جون کاڻيون لڌيون ويون آهن- ڪئناڊا جي ڪيوبيڪ علائقي ۾ لوه جي وڏن ذخيرن جي ڪوٽائي هلندڙ آهي- تندرا جي ڪئناڊا واري حصي ۾ گريٽ بيئر ڍنڍ جي ڪناري تي پورٽ ريڊئم وٽ يورينيم جا

ذخيرا به لڌا آهن، جن جي کوٽائي به هلندڙ آهي- يورينيم وارو ڌاتو اول ۾ ١٩٣٠ ۾ هٿ آيو هو- ١٩٣٣ ۾ هڪ وڏي کوٽائي ڪندڙ مشين ذريعي ڌاتو ڪڍڻ شروع ڪيو ويو. ١٩٣٩ ۾ جڏهن يورينيم مان ائٽمي قوت پيدا ڪرڻ جو امڪان حقيقي صورت اختيار ڪندو نظر آيو، تڏهن ڌاتو جي کوٽائي وڏي پيماني تي شروع ڪئي ويئي ۽ هن وقت ڪئناڊا، بيلجم ڪانگو کان پوءِ، دنيا جو ٻيو نمبر ريڊيئم سپلاءِ ڪندڙ ملڪ آهي.

سج ۾ آبادي

جيئن ته ٽنڊرا ۽ آرڪٽڪ حصي جي ٻين علائقن ۾ آمدرفت مشڪل آهي، پر هاڻي هوائي جهاز انهن مٿان اڏامندا رهن ٿا. هاڻي ڪيترن ملڪن جا هوائي جهاز اتر قطب کي پار ڪري هڪ ڪنڊ کان ٻئي ڪنڊ پهچن ٿا- آرڪٽڪ ايراضي ۾ رهڻ جيتوڻيڪ مشڪل آهي پر موجوده ائٽمي زماني ۾ تباهه ڪن جنگ جي خطري سبب ڪن ملڪن آرڪٽڪ ايراضي جي اهڙن هنڌن تي پنهنجا اڏا قائم ڪيا آهن، جتي سدائين برف هوندي آهي- انهن هنڌن تي سوين ماڻهو ڪئمپن ۾ رهن

ڪيناهڪي ڏکڻ قطب ڪنڊ جي ڪناري وٽ هن طرح رهندو آهي.

ٿا ۽ اتي کين زندگي جون هر سهولتون ميسر آهن- اتي هوائي جهازن جي لهڻ ۽ چڙهڻ جا رستا به آهن- آمريڪا ڪنڊ جي اتر ۾ دور دراز علائقن ۾ ڪئناڊا ۽ آمريڪا جي تعاون سان هڪ زبردست راڊر اسٽيشن قائم ڪئي ويئي آهي، جتي روس

جي علائقي کان اتر قطب رستي ايمنڊ راڪيمن جي ٽيمي لڳائڻ جا نهايت ئي محسس اوزار لڳايا ويا آهن- آرڪٽڪ علائقي ۾ هوائي اڏن ۽ موسمياتي اسٽيشنن سان گڏوگڏ فوجي اڏا به قائم ڪيا ويا آهن- اهو علائقو جنهن ۾ ڪو به جاندار رهي نٿي سگهيو، تنهن ۾ هاڻي حضرت انسان مصنوعي انتظام ذريعي نهايت آسائش سان رهڻ سکي ويو آهي. اڄ انهي برف جي بيابان ۾ بجلي جي بلبن سان روشن اسپتالون، نوجون ڇانوڻيون، هوائي اڏا ۽ ڪئمپ موجود آهن.

ڏکڻ قطب

اتر قطب جي ڀيٽ ۾ ڏکڻ قطب واري ايراضي هڪ نهايت ئي سخت ۽ تڪليف ده آهي. ڏکڻ قطب، جيئن اسان اڳ ۾ ظاهر ڪيو آهي هڪ کنڊ ۾ واقع آهي جنهن کي انٽارڪٽيڪا (Antarctica) سڏين ٿا. انهيءَ کنڊ جي چوطرف سمنڊ آهي ۽ اهو گويا هڪ وڏو شاهي لکين ميلن ۾ پکڙيل پيٽ آهي. انهيءَ کنڊ ۾ سال جا ٻارهن ئي مهينا برف ڄميل رهي ٿي. انجي آسپاس وارو سمنڊ به ڄميل رهيٿو، البت انجي برف جامع ڪونه آهي پر پگهل هوندي آهي ۽ تنهنڪري جهاز انمان لنگهي انٽارڪٽيڪا جي ڪناري تائين يا ڪناري جي ڀر ۾ برف جي مضبوط ڇپن تائين پهچي سگهندو آهي. پر اهو به گرمي جي موسم ۾ ممڪن هوندو آهي. سردي ۾ سمنڊ به ايڏو مضبوطي سان ڄميل هوندو آهي جو جهاز جو انمان لنگهڻ ناممڪن هوندو آهي. انٽارڪٽيڪا جي سمنڊ تورڙي کنڊ ۾ برف جون وڏيون وڏيون ڇپون هڪبئي مٿان ائين چڙهيل هونديون آهن جڻ ته ڪنهن ڍيڳ ڪري رکيو هجين. برف جا ٽڪر ائين ته ڍيڳ ٿيل پيل هوندا آهن جو جهاز ته نه ٽڪري سگهندو آهي، پر پيادل ماڻهو لاءِ هڪ ڏينهن

۾ به ميل مفاصلو طئه ڪرڻ به مشڪل هوندو آهي.

انٽارڪٽيڪا جا جانور

انٽارڪٽيڪا ۾ ڍيليون ڪين آهن، البت ڪي ڄميل تلاءُ ضرور آهن. منجهس نديون به ڪين آهن، البت گرمي جي موسم ۾ برف پگهرڻ سبب پاڻي ريلا ٿي وهڻ لڳندو آهي. انهر نه وڻ آهن ۽ نڪي گل ڦل يا ٻوٽا. نه رڳو انٽارڪٽيڪا کنڊ ۾ پر ڏکڻ قطب کانوٽي ٦٠ ڊگريون ڏکڻ ويڪرائي ڦاڪ جي وچ ۾ ڪنهن به هنڌ وڻ نٿو اڀري. اتي ڪو جانور به نه آهي. سندس آسپاس واري سمنڊ ۾ سيل (Seal)، ۽ وهيل (Whale) مڇيون ۽ پنجيون (Penguin) پکي ۽ ڪينو پکي نظر ايندا آهن.

بد ترين طوفان

انٽارڪٽيڪا جي هوا جراثيم کان پاڪ ۽ خالص آهي. پر ساڳئي وقت تي اتي اتر قطب جي برعڪس برف جا سخت ترين طوفان لڳندا رهن ٿا. چيو وڃي ٿو ته انٽارڪٽيڪا کنڊ ۾ دنيا جا بد ترين برف جا طوفان لڳن ٿا. طوفان ڪنهن ڪنهن وقت سانده ڏه پندرهن ڏينهن هلن ٿا ۽ هزارين ٽن برف اڇلائي وڃن ٿا. ڪنهن ڪنهن وقت طوفان جي رفتار به سو ميل في ڪلاڪ هوندي آهي.

دنيا جي آبهوا تي اثر

سائنسدانن جو خيال آهي ته انٽارڪٽيڪا جو سڄي دنيا جي آبهوا تي اثر پوي ٿو ۽ تنهن ڪري انٽارڪٽيڪا جا آبهوا بابت کوجنا ڪندڙ ادارا ڏکڻ

آمريڪا" جي ناليءَ سان جيڪو سائنسي تحقيقاتي اڏو قائم ڪيو آهي، تنهن ۾ تحقيقات دوران هي انداز و لڳايو ويو آهي ته گذريل ٥٠ ورهين ۾ انٽارڪٽيڪا جي درجه حرارت ۾ ٥ ڊگرين جو اضافو ٿيو آهي. جيڪڏهن اتي درجه حرارت ۾ اڃا به اضافو ٿئي، ايتري تائين جو اتي ڄميل برف پگهرڻ لڳي ته جيڪر سڄي دنيا ۾ سمنڊ جي سطح ٻه سو فوٽ مٿي چڙهي وڃي ۽ دنيا جا ڪيترائي ڪناري وارا شهر بلڪ ڪي ملڪن جا ملڪ پاڻي هيٺان اچي وڃن.

پر جيئن ته گذريل هڪ لک ٧٠ هزار سالن ۾ انٽارڪٽيڪا جي آبهوا ۾ ڪا وڏي تبديلي نه آئي آهي تنهنڪري سائنسدانن

طوفان ڪانپوءِ ڏکڻ قطب واري سمنڊ ۾ هن قسم جون خطرناڪ لهرون اٿنديون آهن- ڪامنويلٿ مهم جو مال اهڙين لهرن ۾ ٻڏيو هو.

پينجون پکي انٽارڪٽيڪا کنڊ جي ڪناري تي هزارن جي تعداد ۾ رهن ٿا. کنڊ ۽ انجي آسپاس واري ايراضي ۾ ١٧ مختلف قسمن جا پينجون پکي رهن ٿا. اهي پکي، عام پکين وانگر وڏي اوچائي تي ڪافي وقت تائين اڏامي نٿا سگهن، پر پرن جي زور تي وڏا ٽپ ڏيندا رهندا آهن. اهي پين پکين جي برعکس پيرن تي ڪڙا ٿي بيهي ۽ هلي سگهن ٿا.

آمريڪا جي ملڪن کي ڪن قسمن جي طوفانن جا اڳواٽ اطلاع ڏيئي سگهن ٿا ۽ تنهن ڪانسواءِ آبهوا متعلق ڊگهي ميعاد واريون اڳڪٿيون به ڪري سگهن ٿا. موسميات جي ڪيترن ئي ماهرن کي تشويش آهي ته جيڪڏهن انٽارڪٽيڪا جي آبهوا ۾ ڪجهه فرق اچي ويو ته سڄي دنيا جي آبهوا ڊانوانڊول ٿي پوندي.

آمريڪا جي حڪومت، انٽارڪٽيڪا ۾ "لٽل

جو خيال آهي ته اتاهون جي درجه حرارت ۾ تازو جو اضافو ٿيو آهي سو محض عارضي آهي ۽ آبهوا ۾ ڪافي ڊگهي وقت تائين تبديلي جو امڪان نه آهي.

ڌرتي جو ماضي

اهي سائنسدان جيڪي ڌرتي جي ماضي معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن تن لاءِ انٽارڪٽيڪا ۾ هڪ وڏي دولت موجود آهي، هڪ اهڙي دولت جنهن کي ڪنهن

بہ هڪ نہ لڳايو آهي. ائنٽارڪٽيڪا جي برف ۾ سندس آبهوا جي تاريخ لڪل آهي ۽ انسان وري سچي ڌرتي جي سابق آبهوا جي تاريخ جا نمان ملن ٿا. ائنٽارڪٽيڪا جي ٿلهي تهه مان ڪيڊيل برف جي تهن جي مطالعي ڪرڻ سان هي معلوم ٿئي ٿو تہ اٽي گذريل هڪ هزار سالن ۾ سالائڪيٽري برف وڌي آهي. برف ۾ لڪل گيسن مان، ڪئين زمانا اڳ جي گيسن جي بناوت جو علم بہ حاصل ٿئي ٿو. ائنٽارڪٽيڪا جي برف ۾ سائنسدانن کي اڳين زمانن ۾ قائل پرندڙ جبلن جي رک بہ لڌي آهي. ائنٽارڪٽيڪا جي جبلن ۾ وڏي تعداد ۾ پوڻن ۽ ڪوڏن جا پراڻا ڍانچا بہ مليا آهن. هڪ سڪل ۽ جمي ويل وڻ بہ لڌو آهي جنهن مان پائڇي ٿو تہ ڪنهن زماني ۾ ائنٽارڪٽيڪا جي آبهوا ايتري گرم هئي جو ان ۾ وڻ بہ ايري سگهندا هئا. ۽ جبلن تي برف جي چِپن جي نشانن مان وري هي ظاهر ٿئي ٿو تہ ائنٽارڪٽيڪا جي برف جو تهه ڪنهن زماني ۾ وڌيڪ ٿلهو هو.

هن وقت بہ ائنٽارڪٽيڪا ۾ وقت بوقت مختلف موسمون هونديون آهن. اتي گهٽ ۾ گهٽ درجہ حرارت پڙي ڪان هڪ سو ٢٦ ڊگريون گهٽ ۽ وڌ ۾ وڌ حرارت ٣٦ ڊگريون رڪارڊ ڪئي ويئي آهي.

تابڪاري ۽ ڪائناتي شعاعون

تازو راڪيٽن ذريعي ڌرتي جي مٿاهين آبهوا ۽ سندس چوگرد ائٽمي تابڪاري بابت جيڪا معلومات حاصل ڪئي ويئي آهي، تنهن مان سائنسدانن ثابت ڪيو آهي تہ قطبن کان سواءِ، ڌرتي جي چوگرد ائٽمي تابڪار ذرڙن جو هڪ نهايت خطرناڪ پٽو موجود آهي، جيڪو آئنده جي خلا ۾ ويندڙ انسان کي زبردست نقصان پهچائي سگهي ٿو. جڏهن تہ اهي تابڪار ذرڙا قطبن وٽ موجود نہ آهن ۽ تنهن ڪري سواءِ اتر قطب وٽ رکيو ۾ پاٽي آهي، تنهن ڪري ڏکڻ قطب وارو ڪنڊ، آئنده خلا ۾ انسان چاڙهڻ لاءِ هڪ موزون هنڌ بڻجي سگهي ٿو، بلڪ انسان کي خلا ۾ چاڙهڻ لاءِ اتي هڪ مستقل اڏو قائم ڪري سگهجي ٿو.

ٻئي طرف سج ۽ خلا مان ڌرتي ڏانهن ايندڙ ڪائناتي شعاعون (Cosmic Rays) قطبن وٽ، ڌرتي جي ٻين هنڌن کان وڌيڪ گهاٽيون ڪرن ٿيون ۽ تنهن ڪري ائنٽارڪٽيڪا انهن پر اسرار شعاعن جي مطالعي لاءِ نهايت ئي موزون هنڌ بڻجي سگهي ٿو. ڇاڪاڻ تہ اتر قطب وٽ فقط پاڻي ۽ ترندڙ پيل ٽڪريل برف هئڻ سبب اتي تجربہ گاهہ قائم ڪرڻ بيحد مشڪل آهي.

زلزلن جي ماپ

هوڏانهن زلزلہ پيمائن جو چوڻ آهي تہ ڌرتي جي زلزلن جي چڱي ريت مطالعي ڪرڻ لاءِ ائنٽارڪٽيڪا هڪ لاجواب جاءِ آهي. دنيا جي بدترين زلزلن مان اڪثر پئسفڪ ايراضي جي چوگرد هڪ پٽي ۾ ٿين ٿا. انهن زلزلن طرفان پيدا ڪيل لهرون هڪ تہ سمنڊ جي آرپار سفر ڪنديون آهن ۽ ٻيو تہ ڌرتي جي اندروني پٽي پار ڪرنديون آهن. ائنٽارڪٽيڪا جڏهن تہ پئسفڪ سمنڊ جي تري سان مرڪزي طرح وابستہ آهي، تنهن ڪري اتان زلزلن جون لهرون وڌيڪ صفائي ۽ چٽائي سان رڪارڊ ڪري سگهجن ٿيون. الاسڪا ۾ پيدا ٿيل لهرون ساڳي طرح ائنٽارڪٽيڪا ڏانهن ئي اچي سگهن ٿيون ۽ تنهن ڪري انهن کي بهتر ريت رڪارڊ ڪري سگهجي ٿو. ممڪن آهي تہ ائنٽارڪٽيڪا جي مطالعو ڪندڙ زلزلہ پيما زلزلن جي پيدا ڪيل لهرن ذريعي ڌرتي جي اندروني تهن بابت وڌيڪ چٽي معلومات حاصل ڪري سگهن.

هڪ واحد کنڊ

سائنسدانن جو خيال آهي تہ ڌرتي اول ۾ هڪ واحد جامع شي هئي، پر بعد ۾ ڪيہ انقلابن ۽ برفن جي دورن اچڻ سبب ان ۾ ڦاٽيون پيدا ٿي پيو ۽ ڌرتي ڪن کنڊن ۾ ورهائجي ويئي. پر سائنسدانن جي انهيءَ خيال جي تصديق لاءِ ڪي موثر حقائق نہ ملي سگهيا آهن. ممڪن آهي تہ ائنٽارڪٽيڪا انهيءَ خيال کي صحيح ثابت ڪرڻ لاءِ ڪي حقائق مهيا ڪري سگهي. تازو نيوزيلنڊ وارن، ائنٽارڪٽيڪا ۾ جبل جا پراڻا پٿر لڌا آهن جيڪي ڏکڻ امريڪا ۽ آفريقا ۾ لڌل پراڻن جبلن جي پٿرن سان هوبهو ملن ٿا. انهيءَ مان هي گمان پيدا ٿئي ٿو تہ اهي ٽيئي کنڊ شايد ڪنهن وقت پاڻ ۾ گنڍيل هئا، پر بعد ۾ زماني جي انقلابن سبب هڪ ٻئي کان ڌار ٿي ريا.

برف جو تهه

ڏکڻ قطب کنڊ ۾ ڪن هنڌن تي برف جو ساڍا ڇهہ هزار فوٽ ٿلهو تهه چڙهيل آهي. ڪن هنڌن تي اهو تهه هلڪو آهي. پر سواءِ جبلن جي پاسن جي ڪنهن بہ هنڌ زمين نظر نٿي اچي. هر هنڌ برف ئي برف آهي. اسان وٽ هتي زمين تي جيئن مٽي آهي تيئن ڏکڻ قطب کنڊ ۾ فقط برف آهي؛ اتي گويا جميل برف جي مٽي آهي.

طبعي جوڙجڪ

ائنٽارڪٽيڪا جڏهن تہ هڪ کنڊ آهي، تڏهن انهي کنڊ جون سموريون خصوصيات موجود آهي. اتي جبلن جون ڊگهيون قطارون آهن، سنوان پٽ، مٿاهان پٽ، ٽڪريون، هيٺاهان پٽ، ماٿريون، ڪاهيون، او نهون کڏون ۽ غارون بلڪ پرندڙ جبل بہ آهن. سندس جبلن جون قطارون ڪن هنڌن تي سوين ميلن جي ڊيگهہ ۾ پکڙيل آهن. انهي ڪي جبل ڏهہ هزار فوٽن کان اوچا آهن. هڪ جبل جنهن جو نالو مارخام (Markham) رکيو ويو آهي، ١٥ هزار فوٽ اوچو آهي ۽ ائنٽارڪٽيڪا جو سڀ کان اوچو جبل آهي. سندس هڪ ٻرندڙ جبل جنهن کي ايربس (Erebus) جو نالو ڏنو ويو آهي، تنهن جي منهن (Crater) مان ڪنهن ڪنهن وقت گهاٽو دونهون نڪرندو نظر اچي ٿو ۽ پاڻيءَ جي ڪري ٿو تہ اهو اڃا تائين زنده آهي. سندس ڪاهيون (Crevasses) ۽ کڏون بيحد خطرناڪ آهن. برف جي طوفانن ۽ سخت سردي سبب اهي ڪاهيون ۽ کڏون برف جي سفيد تهہ سان ڍڪجي وينديون آهن ۽ موهل جي چپر ڪٽن وانگر انسانن کي ڌوکي ۾ مبتلا ڪنديون آهن. اهوئي سبب آهي جو ڏکڻ قطب جي سفر تي ويل مسافرن انهن ڪاهين کان حفاظت جو خاص طور تي خيال ئي رکيو آهي. ڏکڻ قطب هڪ مٿاهين پٽ تي واقع آهي جو سمنڊ جي سطح کان ٨ کان ٩ هزار فوٽن جي اوچائي تي آهي. ائنٽارڪٽيڪا ۾ اهڙا ڪيترائي مٿاهان پٽ آهن. ڪي مٿاهان پٽ ده هزار فوٽ اوچا آهن. جبلن جي هڪ ڊگهي قطار جا، ائين چئجي تہ ائنٽارڪٽيڪا کنڊ کي ٻن حصن ۾ ورهائي ٿي. ڏکڻ قطب کان فقط ڪن سون ميلن جي مفاصلي تان لنگهي ٿي.

معدني ذخيرا

طبقات الارض جي ماهرن جو خيال آهي تہ آرڪٽڪ وانگر ائنٽارڪٽيڪا ۾ بہ ڪي اهم ۽ قيمتي ڌاتو موجود آهن. ائنٽارڪٽيڪا جو ڪجهہ حصو، چليءَ جي ائنڊيز جبلن سان لاڳاپو رکندڙ نظر اچي ٿو ۽ جڏهن تہ ائنڊيز جبلن ۾ سون، ٽامو ۽ ٽين لڀي ٿو، تڏهن ممڪن آهي تہ ائنٽارڪٽيڪا ۾ بہ اهي ڌاتو موجود هجن. روس وارن کي ائنٽارڪٽيڪا ۾ مائيڪا، گريفائيٽ ۽ لوهہ لڌو آهي. آسٽريليا وارن جو خيال آهي تہ ائنٽارڪٽيڪا جي سندس علائقي ۾ يورينيم، شيهو ۽

جست موجود آهن.

ائنٽارڪٽيڪا تي قبضو

ائنٽارڪٽيڪا جيتوڻيڪ هڪ ويران کنڊ آهي، جنهن ۾ برف کانسواءِ ڪجهه به نه آهي ۽ تنهن کانسواءِ اتي تڪليفون ۽ ڏکيائيون به تمام گهڻيون آهن، پر انهيءَ جي باوجود دنيا جي ڪن ملڪن انهيءَ ايراضين تي قبضو ڪري انهن کي پنهنجو علائقو ظاهر ڪيو آهي. ائنٽارڪٽيڪا جا ڪي حصا اهڙا آهن جن تي ٻن ٽن ملڪن کي هڪ ئي وقت تي دعويٰ آهي. نيوزيلنڊ، آسٽريليا، فرانس، برطانيه، آرجنٽائين ۽ چلي کي ائنٽارڪٽيڪا ۾ پنهنجا علائقا آهن. روس ۽ آمريڪا اڃا تائين ڪنهن به علائقي تي دعويٰ نه ڪئي آهي. البت انهن ٻن ملڪن جا ائنٽارڪٽيڪا ۾ ڪي تحقيقاتي اڏا موجود آهن. اتي آمريڪا جا ڇهه ۽ روس جا ٣ اڏا آهن. اتي ڏهن ملڪن جا ٣١ اڏا پيا به آهن. دنيا جي انهن ٻارهن ملڪن هڪ معاهدو ڪري چيو آهي ته انسان ذات جي ڀلائي انهيءَ ۾ آهي ته ائنٽارڪٽيڪا کي خالص پرامن مقصدن لاءِ استعمال ڪيو وڃي ۽ اهو بين الاقوامي نفاق جو سبب نه بڻجڻ گهرجي. روس ۽ آمريڪا سميت انهن ملڪن انهيءَ معاهدي جي توثيق به ڪئي آهي. معاهدي ۾ چيو ويو آهي ته ائنٽارڪٽيڪا کي خالص سائنسي کوجنا جي مقصدن لاءِ ڪم آندو وڃي. اقوام متحده جو ڪو به ميمبر ان معاهدي ۾ شريڪ ٿي سگهي ٿو بشرطيڪ هو اتي سائنسي کوجنا جو ڪم سرانجام ڏئي. معاهدي ۾ هي به چيو ويو آهي ته ائنٽارڪٽيڪا ۾ ائٽمي فضلو نه اڇلايو ويندو ۽ اتي ائٽمي تجربا به نه ڪيا ويندا.

بين الاقوامي هوائي اڏو

ماهرن جو خيال آهي ته ائنٽارڪٽيڪا کي، دنيا جي مختلف کنڊن کي هوائي سروس ذريعي ڳنڍڻ لاءِ، اڏي طور استعمال ڪري سگهجي ٿو. انهن جو چوڻ آهي ته ڏکڻ آمريڪا، آسٽريليا، ۽ آفريڪا درميان سفر جو نزديڪ ۾ نزديڪ رستو ائنٽارڪٽيڪا ذريعي ٿي سگهي ٿو. ممڪن آهي ته ڪو وقت اهڙو اچي جڏهن هوائي جهاز آسٽريليا مان نڪري ڏکڻ قطب واري کنڊ مٿان پرواز ڪندا آفريڪا يا ڏکڻ آمريڪا پهچن ۽ اهڙي طرح هوائي آمدرفت جو هڪ نئون رستو کلي پوي.

بين الاقوامي سرد خانو

آمريڪي کوجنا ڪندڙ (Explorer) ريئر ايڊمرل رچرڊ ايولن بائرڊ (Rear Admiral Richard Evelyn Byrd) جنهن کي سڀ کان پهرين هوائي جهاز ۾ ڏکڻ قطب تي پهچڻ جو شرف حاصل آهي ۽ جيڪو چار دفعا ڏکڻ قطب تان ٿي آيو آهي تنهن ائنٽارڪٽيڪا واري ايراضي جي جائزي وٺڻ کانپوءِ ظاهر ڪيو آهي ته ڏکڻ قطب کي هڪ بين الاقوامي سردخاني جي حيثيت ۾ استعمال ڪري سگهجي ٿو. فالتو اناج ۽ ٻيون شيون ائنٽارڪٽيڪا ۾ ذخيره ڪري، ڪافي ڊگهي عرصي تائين محفوظ رکي سگهجن ٿيون. اقوام متحده ريڊ ڪراس، دوائون ۽ ٻيو ضروري سامان اتي ذخيره ڪري، ضرورت مهل حاصل ڪري سگهن ٿيون. سائنسدانن هن خيال تي به گهرو ويچار ڪري رهيا آهن ۽ تنهن ڪري ممڪن آهي ته ائنٽارڪٽيڪا کي بين الاقوامي سرد خاني طور ڪم آندو وڃي ۽ دنيا جو فالتو اناج ۽ ٻيون شيون ڪافي ڊگهي عرصي تائين صحيح سلامت رکڻ لاءِ اتي ذخيره ڪري رکيون وڃن.

قطبن ڏانهن سفر

اتر قطب

اهي ايراضيون جن ۾ قطب



ڏکڻ قطب ڪنڊجي برف جي ديوار هن ريت نظر ايندي آهي. هيٺ سمنڊ ۾ ڪناري کان ڇڇي آيل برف جون ڇپون ترنديون نظر اچي رهيون آهن.

واقع آهن، تن جي مٿين ذڪر مان ناظرين ڪرام کي واضح ٿي ويو هوندو ته قطب نهايت ئي خطرناڪ هنڌن تي واقع آهن ۽ انهن وٽ اهڙيون حالتون موجود آهن جتي ڪنهن انسان جو گذر سفر بيحد مشڪل، بلڪل ناممڪن آهي. اتاهون جون حالتون انساني زندگي لاءِ سازگار نه آهن ۽ اتي پهچڻ بيحد ڏکيو ڪم آهي. پر هن دنيا ۾ اهڙا ماڻهو به ٿي گذريا آهن جيڪي اهڙن خطرناڪ هنڌن تي نه پهچي سلامتي سان واپس موٽي آيا آهن.

ناروي جو کوجنا ڪندڙ ڪپتان روئلڊ ايمنڊسين (Captain Roald Amundsen) پهريون ماڻهو آهي جيڪو اتر قطب ۽ ڏکڻ قطب تائين پهچي ۽ اتان سلامتي سان واپس موٽي آيو. آمريڪا جو ريئر ايڊمرل رچرڊ ايولن بائرڊ (Read Admiral Richard Evelyn Byrd) ٻيو ماڻهو آهي، جيڪو ٻنهي قطبن تائين پهتو ۽ سلامتي سان موٽي آيو. پر ايمنڊسين ۽ بائرڊ جي سفرن ۾ هي فرق آهي جو ايمنڊسين ٻنهي قطبن تي برف تي هلندڙ گاڏين (Sledges) ذريعي پهتو هو ته بائرڊ وري ٻنهي هنڌن تي هوائي جهاز ذريعي پهتو.

ايمنڊسين پهريون ماڻهو آهي جيڪو ڏکڻ قطب تي سڀ کان اول پهتو. برطانيه جو ڊاڪٽر ويوين فوچس (Vivian Fuchs) پهريون ماڻهو آهي جنهن ڏکڻ قطب واري کنڊ کي هڪ ڇيڙي کان ٻئي ڇيڙي تائين پار ڪيو آهي ۽ هڪ اهڙو حيرت انگيز ڪارنامو ڪري ڏيکاريو آهي جنهن کي تاريخ ڪڏهن به وساري نه سگهندي. هن کان اڳ جيڪي ماڻهو ڏکڻ قطب تي پهتا، سي جنهن رستي تان قطب ويا، تنهن رستي تان ئي واپس موٽي آيا. پر ڊاڪٽر فوچس هڪ رستي کان قطب تائين پهتو ۽ سڄي کنڊ کي ٻئي رستي کان پار ڪري پرئين پير وڃي پهتو. آمريڪا جو ريئر ايڊمرل رابرٽ ايڊون پيئري (Rear Admiral Robert Edwin Peary) پهريون ماڻهو آهي جيڪو سڀ کان پهرين برف جي گاڏي ۾ اتر قطب پهتو. آمريڪا جي ٻن ٻيڙين ناٽيلس (Nautilas) ۽ اسڪيٽ (Skate)، اتر قطب وٽ جميل برف جي تهه جي هيٺان سمنڊ ۾ سفر ڪري قطب کي پار ڪيو آهي. سڀ کان پهرين اهو سفر "ناٽيلس" سرانجام ڏنو.

هيٺ اسان ٻنهي قطبن ڏانهن ڪيل سفرن جو ڪجهه تفصيلي احوال پيش ڪريون ٿا.

پيئري (Peary) جو اتر قطب تائين سفر

اسان اڳ ئي چيو آهي ته اتر قطب تي سڀ کان اول آمريڪا جو ريئر ايڊمرل رابرٽ ايڊون پيئري پهتو هو. هو

قطب تي ٦ اپريل ١٩٠٩ تي برف جي گاڏيءَ ۾ پهتو هو. هو ١٨٦١ پنجويهن سالن جي ڄمار ۾ آمريڪي بحري فوج ۾ شامل ٿيو ۽ ١٨٨٦ ۾ پهريون دفعو اتر قطب واري ايراضي (Arctic) جي گرين لئنڊ (Green Land) واري حصي ۾ پهتو. ڪيس ١٨٩١ ۾ فلاڊيلفيا جي قدرتي سائنس جي اڪيڊمي طرفان آرڪٽڪ جي تحقيقاتي ٽولي جو سربراهه مقرر ڪيو ويو ۽ هن مٿڪ ڏار کان انڊيپينڊنس ڏار تائين ١٣٠٠ ميلن جو مفاصلو طئي ڪيو. هو وري ١٨٩٣-٩٥، ١٨٩٦ ۽ ١٨٩٧ ۾ گرين لئنڊ آيو ۽ اتان اتر قطب تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪيائين. ١٩٠٠-٠٢ ۾ هو اتر قطب واري ايراضي ۾ اهڙي هنڌ پهتو جتي اڳ ڪوبه انسان پهچي نه سگهيو هو. ١٩٠٦ ۾ هو ٨٧ ڊگريون اتر ويڪرائي ڦاڪ تائين پهتو، پر اتر قطب تائين پهچڻ ۾ ناڪام ٿي موٽي آيو. پر هن همت نه هارائي ۽ آخرڪار ٦ اپريل ١٩٠٦ تي پنجاهه سالن جي عمر ۾، پنهنجي هڪ حبشي نوڪر سان گڏ اتر قطب پهتو ۽ اتر قطب جي برف ۾ آمريڪا جو جهنڊو کوڙيائين.

نانسين (Nansen)

هتي هي ڳالهه ڄاڻائڻ ضروري آهي ته اتر قطب تائين پهچڻ جي سڀ کان پهرين ڪوشش ناروي جي ڪوجنا ڪندڙ فرجوف نانسين (Fridtjof Nansen) ڪئي هئي، جيڪو ١٨٩٣ ۾ ٨٦ ڊگريون اتر ويڪرائي ڦاڪ کان ڪجهه مٿي تائين پهتو هو ۽ وري ٻي ڪوشش نه ڪئي هئائين. هن ١٩٢١ع ۾ روس ۾ ڏڪر مهل بيحد محنت ڪئي ۽ انسان ذات جي خدمت جي ڪم ۾ اهڙو محو رهيو، جو ڪيس ١٩٢٢ع ۾ امن جو عالمي انعام ڏنو ويو.

ايڊمرل پيئري کانپوءِ پهريون ماڻهو جيڪو اتر قطب تي پهتو، سو هو ايڊمرل بائرڊ. هو ١٩٢٦ع ۾ هوائي جهاز ۾ اتر قطب مٿان اڏامي موٽي آيو.

ايمنڊسين

هن کانپوءِ ايمنڊسين (Amundsen)، ايلسورٿ (Ellesworth) ۽ نوبائيل (Nobile) ساڳئي سال يعني ته ١٩٢٦ع ۾ اتر قطب پهتا. ١٩٢٨ع ۾ نوبائيل ٻيو دفعو هوائي جهاز ۾ اتر قطب تي ويو، پر گم ٿي ويو. ايمنڊسن سندس ڳولا ۾ نڪتو پر هو به وري نه موٽيو. ١٩٣٧ع ۾ هڪ ئي مهيني ۾ يعني ته مئي ۾ ٻه ماڻهو گولڊون (Goldwin) ۽ شمڊٽ (Schmidt) ٻن جدا تاريخن تي اتر قطب پهتا. گولڊون ٥ مئي تي ۽ شمڊٽ ٢١ مئي تي اتر قطب پهتو. جون ۽ جولاءِ ١٩٣٧ع ۾ روس جا ٽي هواباز پهريون دفعو اتر قطب مٿان هوائي جهاز ۾ سفر ڪري، يورپ کان آمريڪا پهتا. اها گويا اتر قطب ذريعي ٻن کنڊن درميان هوائي آمدرفت جي شروعات هئي. هاڻي ڪيترين ئي هوائي جهاز ران ڪمپنين جا جيٽ هوائي جهاز اتر قطب ذريعي هڪ کنڊ کان ٻئي کنڊ پهچن ٿا.

قطب هيٺان سفر

١٩٥٨ ۾ آمريڪا جي ٻن ائٽمي قوت تي هلندڙ ٻڏڻ جهازن ”ناٽيلس“ (Nautilus) ۽ ”اسڪيٽ“ (Skate) اتر قطب کي سمنڊ اندران پار ڪيو. ناٽيلس تاريخ جو پهريون ٻڏڻ جهاز آهي، جنهن اهو سفر طئه ڪيو. اهو جهاز پئسفڪ سمنڊ ۾ پرل هاربر (Pearl Harbour) کان روانو ٿيو ۽ بيرنگ سمنڊ پار ڪري اتر قطب جي ايراضي ۾ پهتو ۽ اتان اتر قطب وٽ ڄميل برف جي هيٺان لنگهيو. اتر قطب وٽ ڪيس پنهنجي رادر تي قطب وٽ ڄميل برف پگهل ٿيل ۽ ٽڙيل پکڙيل نظر آئي ۽ تنهنڪري ان مٿي چڙهڻ جي ڪوشش ڪئي، پر سندس پيرسڪوپ (Periscope) کي برف جو سخت ڌڪ لڳو ۽ اها مڙي پيئي. ناٽيلس پهريون جهاز آهي جنهن اتر قطب وٽ برف جي ٿولهه سمنڊ اندران معلوم ڪئي. ان هي به معلوم ڪيو ته اتر قطب وٽ زمين، سمنڊ جي مٿاڇري کان ١٣٤١٠ فوٽ هيٺ آهي. ناٽيلس کان اٽڪل ڇهه مهينا بعد اسڪيٽ ٻڏڻ جهاز اتر قطب، برف جي هيٺان پار ڪيو. اتر قطب وٽ اهو مٿي سطح تي به آيو هو.

ڏکڻ قطب تائين سفر

ڏکڻ قطب تائين پهچڻ جي پهرين ڪوشش برطانيه جي سر ارنيسٽ هينري شيڪلٽن (Sir Enest Henry Shackelton) ڪئي، جيڪو (١٩٠٨-٠٩) ۾ ڏکڻ قطب کنڊ تي پهريون پيرو قدم رکي ڏکڻ قطب کان هڪ سؤ ميلن جي مفاصلي تي پهتو. هو ١٩١٤ع ۾ انٽارڪٽيڪا ڏانهن هڪ ٻئي سفر تي به روانو ٿيو هو. چيو وڃي ٿو ته انهيءَ سفر ۾ ڪيس انٽارڪٽيڪا کنڊ کي پار ڪري، ٻئي پر وڃڻ جو ارادو هو. هو ١٩٢٢ع ۾ انٽارڪٽيڪا ۾ ئي سائنسي تحقيقات ڪندي مري ويو.

ايمنڊسن ۽ اسڪاٽ

ناروي جو ڪئپٽن روئلڊ ايمنڊسين (Captain Roald Amundsen) پهريون ماڻهو هو جيڪو ڏکڻ قطب تي پهتو. هن جي برطانيه جي ڪوجنا ڪندڙ ڪئپٽن رابرٽ فاڪن اسڪاٽ (Captain Robert Falcon Scott) سان گويا چٽاڀيٽي هئي. ٻنهي مان هر هڪ چاهيو ٿي ته ڏکڻ قطب تي پهريان مان پهچان. پر ايمنڊسين، جنهن پنهنجو پروگرام اهڙي ته هوشياري ۽ باريڪي سان تيار ڪيو هو، جو مقرر ڪيل تاريخن تي قطب تي پهتو ۽ وري مقرر ڪيل تاريخ تي ڪناري تي موٽي جهاز ۾ روانو ٿي ويو، سو اڳ پهچڻ ۾ ڪامياب ٿيو ۽ اسڪاٽ دير سان پهتو ۽ سلامتي سان موٽي به نه سگهيو. هو ۽ سندس ساٿي قطب کان موٽندي، واٽ تي ئي مري ويا.

چيو وڃي ٿو ته جنهن وقت اسڪاٽ ڏکڻ قطب جي سفر تي وڃڻ جون تياريون ڪري رهيو هو، تنهن وقت ايمنڊسين کي دراصل اتر قطب تائين پهچڻ جو خيال هو ۽ هو انهيءَ تياريءَ ۾ مصروف هو. پر بعد ۾ جڏهن هن ٻڌو ته پيئري اڳ ئي اتر قطب پهچي چڪو آهي، تڏهن هن اوڏانهن وڃڻ جو خيال لاهي، ڏکڻ قطب وڃڻ جي تجويز تيار ڪئي ۽ اسڪاٽ کي انهيءَ کان آگاهه ڪيائين. ايمنڊسين کي قطب تائين پهچڻ لاءِ انهيءَ رستي تان وڃڻ جو ارادو ڪونه هو جيڪو اسڪاٽ پنهنجي لاءِ چونڊيو هو ۽ نه وري اسڪاٽ کي خبر هئي ته ايمنڊسين ڪهڙي رستي تان ويندو. تنهن ڪانسواءِ اسڪاٽ ظاهر ڪري چڪو هو ته هو رڳو سائنسي تحقيقات لاءِ وڃي رهيو هو ۽ ايمنڊسين ظاهر ڪيو هو ته هو محض قطب تائين پهچڻ گهري ٿو. جيتوڻيڪ انهي جي تجويزن ۾ مٿيان فرق هئا، پر تنهن هوندي به منجهن چٽاڀيٽي جو جذبو موجود هو، جنهن جو پتو هن ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو، جو جڏهن ڏکڻ قطب ۾ اسڪاٽ جي چانوٽي ۾ سندس هڪ ساٿي کيس ٻڌايو ته ايمنڊسين نه رڳو قطبي کنڊ تي لهي چڪو آهي، پر قطب جي سفر تي روانو به ٿي ويو آهي، تڏهن هن پنهنجي ڊائري ۾ هي لفظ لکيا ”هاڻي ڪو به شڪ نه آهي ته ايمنڊسن جي رٿا اسان لاءِ وڏي آزاريندڙ آهي، پر انهي جي باوجود اسان کي پنهنجي تجويز موجب ائين سفر ڪرڻو آهي، ڄڻ ته ڪجهه ٿيو ئي نه آهي.“

اسڪاٽ پنهنجن ساٿين سان پهرين جنوري ١٩١٠ع تي ”ٽيرا نووا“ (Terra Nova)

جهاز ۾ ڏکڻ قطب جي سفر تي روانو ٿيو ته ايمنڊسن ۱۹ آڪٽوبر ۱۹۱۱ع تي "فرام" (Fram) نالي جهاز ۾ روانو ٿيو. اسڪاٽ جنوري ۱۹۱۱ع ۾ ڏکڻ قطبي ڪنڊ ۾ ڪيپ ايوانس واري هنڌ تي پنهنجو ڪئمپ لڳايو ۽ نومبر ۾ پنهنجن ساٿين سان قطب جي سفر تي روانو ٿيو.

ايمنڊسين جو سفر

ايمنڊسن ۱۰ نومبر ۱۹۱۱ تي ڪنڊ تي لٿو ۽ ۱۲ نومبر تي هڪ موافق هنڌ تي پهتو جنهن کي هن محبت وچان "ڪارمن لئنڊ" "Carmen Land" جو نالو ڏنو-ايمنڊسين، اسڪاٽ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ سولو رستو اختيار ڪيو- ايمنڊسين، راس سمنڊ (Ross Sea) ۾ وهيلس جي ڀسمنڊ (Bay of whales) وٽان قطبي ڪنڊ تي چڙهيو ۽ اسڪاٽ راس ٻيٽ (Ross Isand) وٽان، ايريبس ٻرندڙ جبل جي ڀر کان چڙهيو- اسڪاٽ گهڻو ڪري اهوئي رستو اختيار ڪيو جيڪو شيڪلٽن (۱۹۰۸-۰۹ ۾) اختيار ڪيو هو- انهي جي ڀيٽ ۾ ايمنڊسين وڌيڪ سهنجو رستو اختيار ڪيو، جنهن وٽان يڪدم انهيءَ مٿاهين پٽ تي وڃي پهتو جنهن ۾ ڏکڻ قطب واقع آهي. ايمنڊسين جو رستو ايڏو سولو هو جو هو هڪ ڏينهن ۾ ويهه ميل سفر ڪري ٿي سگهيو ۽ اهڙيطرح ڪناري تي لهڻ کان فقط ۲۴ ڏينهن بعد يعني ته ۱۴ ڊسمبر ۱۹۱۱ تي قطب تي پهچي ويو- پر قطب تائين پهچڻ ۾ کيس ۽ سندس چئن ساٿين کي قطبي ڪنڊ جي طبعي مشڪلاتن کي ٻهر حال منهن ڏيڻو پيو- کين برف جي طوفانن ۾ سفر جاري رکڻو پيو- برف کين انڌو ڪري ڇڏيو هو ۽ ڪوهيڙي کين گم ڪري ڇڏيو هو- ڪن ڪن وقتن تي کين اونهين ڪاهين (Crevasses) جي جار مان نهايت ئي خبرداري سان لنگهڻو ٿي پيو- هيٺان ڪاهون هيون ته مٿان وري ٻر وارن جبلن تان برف جون وڏيون ڇپون ٿي ڪريون- انهن تڪليفن کين پنهنجن برف تي هلندڙ گاڏين کي ڦٽي ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو ۽ انهن ڪوه پيمائن وانگر هڪ ٻئي کي چيلهه ۾ رسو ٻڌي اڳتي وڌڻ شروع ڪيو- سندن ڪتن سندن نمايان مدد ڪئي- اهي صاف موسم ۾ روزانو ڇهه ميل سفر ڪري ٿي سگهيا- پر ڪتن کي سندن انهن ڪمالن جو هي انعام ٿي مليو جو کين کنو ٿي ويو- ايمنڊسين ۵۲ ڪتن سان قطب جي سفر تي روانو ٿيو هو ۽ جڏهن قطب تي پهتو هو تڏهن فقط ۱۸ ڪتا جيئرا هئا- (هتي هي ڳالهه چاڻائڻ ضروري آهي ته قطبن جي سفر تي ويل سڀني ماڻهن پاڻ سان اهي ئي ڪتا کنيا آهن جن کي هسڪي (Husky) سڏيو وڃيٿو- اهي ڪتا سخت ترين سردي برداشت ڪري سگهن ٿا ۽ برف جي طوفانن ۾، برف ۾ دٻجي وڃڻ کان پوءِ به ٻاهر نڪري، پنهنجي ڪم هاج کي لڳي سگهن ٿا)- ايمنڊسين ۽ سندس ٽوليءَ ۱۴ ڊسمبر ۱۹۱۱ تي ڏکڻ قطب وٽ پهچڻ وقت پنهنجن اوزارن سان چڪاس ڪري خاطري ڪئي ته اهي ڏکڻ قطب تي پهچي چڪا هئا- سندن وات مان خوشي وچان رڙ نڪري ويئي- پنج ئي هڪٻئي سان گلي مليا ۽ هڪ ٻئي کي همٿ ڏيئي مبارڪبادي ڏنائون- بعد ۾ انهن قطب تي ناروي جو جهنڊو کوڙيو- جيئن ته قطب تي اڳ ڪو جهنڊو کتل ڪونه هو تنهن ڪري کين خاطري ٿي ته اهي تاريخ ۾ پهريان ماڻهو آهن جيڪي ڏکڻ قطب تي پهتا آهن ۽ اسڪاٽ کي ماري ويا آهن- قطب وٽ انهن ٽي ڏينهن قيام ڪيو- روانگي کان اڳ انهن جاءِ جا ڪيترائي فوٽا ورتا- روانگي وقت ايمنڊسن هڪ ننڍو تنبو تاڻي هڪ ڪاري ٿيلهي ۾ ناروي جي بادشاه جي نالي کي خط، هپسوميٽر (Hypso me'er) جي ٻيٺي، قطبي هرڻ (Rein Deer) جي کل جا ٺهيل جوراب ۽ دستانا رکيا- ناروي جي بادشاه لاءِ خط، هن رابرٽ اسڪاٽ لاءِ ڇڏيا هئا، ته جيئن واپس موٽندي کين ڪاڏ کيائي پيش اچي ۽ اهي سلامتي سان موٽي نه سگهن ته اسڪاٽ، جيڪو ڪائن بعد قطب پهچڻو هو سو اهي خط بادشاه کي پهچائي- هن اسڪاٽ جي نالي به هڪ خط ڇڏيو، جنهن ۾ هن لکيو هو ته "جيئن ته اسان کان پوءِ هن هنڌ تي پهچندڙ توهين ئي پهريون ماڻهو هوندين، تنهن ڪري مهرباني ڪري هي خط ناروي جي بادشاه هاڪون ستين (Haakon V11) کي پهچائجانءِ. تنهن ڪانسواءِ هي سامان ڇڏي ٿو وڃان، جيڪو تنهنجي ڪم اچي سگهي ته بيشڪ استعمال ڪجانءِ." سڀني ماڻهن هڪ تختي تي پنهنجون صحيحون پائي، انکي تنبو جي ٿنڀي سان لٽڪائي ڇڏيو ۽ بعد ۾ واپس روانا ٿي ويا- اهي انهيءَ ساڳئي رستي تان موٽيا جنهن تان آيا هئا ۽ ٦ جنوري تي انهي هنڌ پهچي ويا جتان روانا ٿيا هئا- اهي ۲۵ جنوري ۱۹۱۲ تي جهاز ۾ چڙهي وطن روانا ٿي ويا -

اسڪاٽ (Scott)

اسڪاٽ ۽ سندس ساٿي ۳ نومبر ۱۹۱۱ تي ڪيپ ايوانس مان قطب جي سفر تي روانا ٿيا. شروعات کان ئي بدنصيبي سندن ڪڍ لڳي- سندن مشين تي هلندڙ برف جون گاڏيون (Sledges) ٽٽي پيون ۽ سندن گهوڙا بيمار ٿي پيا جن کي آخرڪار شوٽ ڪرڻو پيو- اهي روانگي واري هنڌ کان فقط ۱۲ ميل ئي اڳتي وڌيا هئا، ته برف جي هڪ زبردست طوفان کين اچي ورايو جو اهي ساندهه ڪيترن ڏينهن تائين تنبن ۾ لڪا رهيا- آخر هن ۳ جنوري ۱۹۱۲ تي قطب تي پهچڻ لاءِ پنهنجي ٽوليءَ جو انتخاب ڪيو- اسڪاٽ ڪانسواءِ چار ٻيا چونڊيا ويا- جيڪي نه چونڊجي سگهيا تن مان اڪثر روئي ڏنو، پر کين موٽڻو ئي پيو.

اسڪاٽ ۽ سندس پارٽي ۱۷ جنوري ۱۹۱۲ تي ڏکڻ کان ويهه ميل پري هئي ته کين قطب تي ناروي جو جهنڊو ڦڙڪندو نظر آيو- سندن رت سڪي ويو، ڇاڪاڻ ته کين شڪست اچي چڪي هئي- پر انهن همت نه هارائي- انهن لاءِ اهائي خوشي ڪافي هئي جو اهي به آخرڪار قطب تائين پهتا هئا- انهن بهادرن وانگر ناروي جي جهنڊي جو احترام ڪيو- اسڪاٽ، ايمنڊسين

ڏکڻ قطب ۾ هڪ ڪئمپ وٽ برف جا ڍڳ نظر اچي رهيا آهن.

Scanned with CamScanner

طوفان ڇڏيل خط ۽ ٻيون شيون کنيون ۽ ساٿين سان گڏ واپس موٽيو- پر اهو واپسي سفر انهن لاءِ موت جو پيغام آڻيندڙ ثابت ٿيو- طوفانن پٺيان طوفان کين تنگ ڪندو رهيو ۽ آخرڪار سندن حالت هيءَ وڃي ٿي جو هڪ ساٿيءَ جا ٿڌ سبب لڱ سڪي ويا، ٻيو ٿڌ سبب اڌو ٿي پيو، ٽيون ٿڌ برداشت ڪرڻ جي سگهه وڃائي ويٺو ۽ چوٿين جي مشڪ ڇڪجي ويئي- ٻه ماڻهو ڪجهه وقت ڪانپوءِ هڪٻئي پٺيان مري ويا ۽ اسڪاٽ ۽ سندس ٻه ٻيا ساٿي اڳتي وڌندا رهيا- هر وات تي هڪ ٻئي زبردست طوفان انهن ٽن کي به ختم ڪري ڇڏيو- جڏهن سندن لاشا لڌا ويا تڏهن وٽن ٿورو کاڌو بچيل هو ۽ تيل ته بنهه ڪونه هو.

اسڪاٽ ته برف ۾ دفن ٿي ويو- پر ايمنڊس کي به آخرڪار برف ۾ قبر ملي- هن ۱۹۲۸ ۾ جنرل نوبائيل کي ڳولڻ جي ذميواري پاڻتي هموار ڪئي جنهن جو هوائي جهاز اتر قطب کان موٽندي ڪنهن هنڌ ڪري پيو هو- ايمنڊس اسپٽسبرگن کان روانو ٿيو ۽ وري موٽي نه آيو ۽ هميشه لاءِ برف ۾ گم ٿي ويو.

بائرڊ

آمريڪا جي ائڊمرل بائرڊ وڏي ٺاٺ سان ڏکڻ قطب جو سفر طئه ڪيو. سندس سفر تي ڏهه لک ڊالر خرچ آيو- هن سان گڏ ٽي هوائي جهاز هئا، پڪن ڪئمپن قائم ڪرڻ لاءِ مضبوط سامان هو، انهن ۾ بجلي سان روشني ڪرڻ لاءِ جنريٽر هئا، دنيا سان لهه وچڙ ۾ اچڻ لاءِ ۲۲ ٽرانسمٽر ۽ ۲۸ رسيور هئا ۽ سندس پارٽي ۾ چار ريڊيو آپريٽر به شامل هئا- هن اٽڪل ۵۰ هزار ڊالرن جا سائنسي اوزار خريد ڪيا هئا- هن پاڻسان سادا ۵ سو ٽن وزن جو سامان آندو هو- اهو سامان ٽن جهازن ۾ پريءَ ڏکڻ قطب کنڊ جي ڪناري تائين پهچايو ويو- هن پاڻسان سادا ست هزار ٽن تيل به آندو هو- پهريون جهاز ۲۵ ڊسمبر ۱۹۲۸ تي ڏکڻ قطب کنڊ جي ڪناري تي پهتو- انهي کانپوءِ ٻه ٻيا جهاز به پهتا- بائرڊ ۽ سندس پارٽي ڏکڻ قطب کنڊ ۾ بلڪل انهيءَ جاءِ تي لٿا جتي ايمنڊسين لٿو هو ۽ قطب تائين پهچڻ لاءِ رستو به ايمنڊسين وارو اختيار ڪيو.

انهيءَ سفر دوران بائرڊ ۽ سندس پارٽيءَ سان ٻه خطرناڪ حادثا پيش آيا- هڪ دفعي بائرڊ پنهنجن ٻن ساٿين سان جيئن هڪ لانچ ۾ سمنڊ ۾ سفر ڪري رهيو هو ته هڪ ئي وقت ٽن وهيل مڇين مٿن حملو ڪيو- انهن لانچ تيزي سان ڀڄائي ۽ بعد ۾ گوليون هڻي ٻن وهيلن کي ماري ڇڏيو- ٻئي دفعي سندن هڪ سامونڊي جهاز ڪناري تي مال لاهي رهيو هو ته اوچتو برف جي هڪ وڏي ڇپ ڪناري کان ڇڄي جهاز تي وڃي ڪري- جهاز البت بچي ويو ۽ ماڻهو جيڪي سمنڊ ۾ ڪري پيا هئا تن کي به بچايو ويو.

انهي ٽوليءَ هوائي جهازن جي مدد سان اٽڪل ۴۰ هزار ميل ايراضي جا نقشا تيار ڪيا. انهيءَ ايراضيءَ ۾ ۸ کان ۱۰ هزار فوٽ اوچن جبلن جي قطار به هئي- کنڊ تي هڪ نئين ايراضي به ڳولي ويئي جنهن تي بائرڊ جي زال پٺيان ميري بائرڊ لئنڊ (Marie Byrd Land) جو نالو رکيو ويو- سفر دوران هڪ هوائي جهاز جيڪو جبلن جي نئين لڌل قطار جي نقشي تيار ڪرڻ لاءِ ويو هو، سو برف جي طوفان ۾ ڦاسڻ سبب ڪري پيو. ٻيو هوائي جهاز جيڪو سندس ڳولا لاءِ موڪليو ويو، سو اولهه سبب ذري گهٽ ناڪام ٿي موٽي اچڻ تي هو ته کيس هيٺان هڪ چٽنگ نظر آئي ۽ گم ٿيل جهاز سڃاتو ويو. بعد ۾ هوائي جهاز هيٺ لٿو ۽ ڪري پيل هوائي جهاز جا سمورا مسافر صحيح سلامت هٿ ڪيا ويا.

بائرڊ پنهنجي انهي سفر دوران جيڪو عظيم ڪارنامو ڪيو سو هي آهي جو هن ڏکڻ قطب ۾ لٽل آمريڪا (Little America) جي نالي سان هڪ مستقل اڏو قائم ڪيو جيڪو اڃا تائين موجود آهي ۽ آمريڪا جو ڏکڻ قطب کنڊ ۾ مکيه اڏو آهي. ڏکڻ قطب، لٽل آمريڪا کان سادا ست سؤ ميل پري آهي.

۲۸ نومبر ۱۹۲۹ تي بائرڊ کي لٽل آمريڪا کان سادا ٽي سؤ ميل پري قائم ڪيل موسمي اسٽيشن تان ريڊيو ذريعي اطلاع پهتو ته موسم خوشگوار آهي ۽ قطب تائين پهچڻ جي سفر لاءِ مناسب آهي. بائرڊ تنهنڪري ڪن ماڻهن سان جن ۾ هڪ فوٽو گرافر به هو، هڪ وڏي هوائي جهاز ۾ قطب ڏانهن روانو ٿيو. هوائي جهاز ڳري هجڻ ۽ تنهن ڪانسواءِ اُن ۾ وزن وڌيڪ هئڻ سبب وڌيڪ مٿي نٿي چڙهي سگهيو ۽ اڃا قطب کان اڳ بيٺل جبلن جي قطار سان ٽڪرائجڻ جو خطرو هو، تنهن ڪري هوائي جهاز کي هلڪي ڪرڻ لاءِ بائرڊ ۽ سندس ساٿين ٽي سو پائونڊ کاڌو هيٺ اڇلائي ڇڏيو، جنهن سبب جهاز ڪجهه مٿي چڙهيو. پر تنهن هوندي به اهو ايڏو مٿي ڪونه هو. جهاز فقط ۵ سو فوٽ مٿي هو ۽ تنهنڪري سڀني کي ڊپ هو ته متان جبل پار ڪري نه سگهي. جبل جيئن جيئن ويجها ٿيندا ٿي ويا تيئن مسافرن جو ساهه مٿي چڙهندو ٿي ويو. آخرڪار بائرڊ جهاز کي نهايت هوشياري سان هلائي، ٻن جبلن جي چوٽين مان ڪڍي ويو، جنهن کانپوءِ سنئون ميدان هو. آخرڪار بائرڊ قطب وٽ پهتو جتي هن هوائي جهاز مان آمريڪا جو جهنڊو ۽ قطب واري هنڌ تي تي اڇلايو. انهيءَ سفر دوران جهـ ۾ ويٺل فوٽو گرافر پنهنجـ هوائي ڪئميرا سان سڄي سـ جا فوٽا ڪڍندو رهيو. چـ وڃي ٿو ته ڏکڻ قطب جو، هـ سفر جهڙو ڪو به تصويري رڪارڊ موجود نه آهي.

بائرڊ ۱۹۳۳-۳۵ ۾ ڏکـ قطب جو ٻيو، ۱۹۳۹ ۾ ٽيون ڊسمبر ۱۹۴۶ ۾ چوٿون سـ ڪيو، جو سندس سڀ کا ڊگهو سفر هو. بائرڊ جڏهن ڪافي پيرا ڏکڻ قطب ۽ قطبي کنڊ جو سفر ڪري آيو هو، تنهن ڪري کيس ڏکڻ قطب کنڊ جي حالات تي اختياري (Authority) ليکيو ويندو هو.

سر ويوئن فوچس ۽ سر ايڊمنڊ هلاري (Sir Vivian Fuchs and Sir Edmund Hillary)

جيستائين ڏکڻ قطب ڏانهـ سفر جو لاڳاپو آهي، سڀ کا عظيم ۽ تاريخي ڪارنامو سـ ويوئن فوچس ۽ سر ايڊمنـ هلاري جو آهي، جن ڪاميولٿ جي ڏکڻ قطب پار ڪندڙ مهـ (Communwelhh's Trams- Atlantic Expadition) جي سربراهن جي حيثيت ۾ انٽارڪٽڪا کي پار ڪيو- اڳي جيڪي به ماڻهو ڏکڻ قطب تي پهتا سي انهيءَ ساڳئي هنڌ تان موٽي آيا جنهن تان اهي ويا هئا. پر ڊاڪٽر فوچس کي خيال پيدا ٿيو ته قطب تائين پهچي وري ساڳئي رستي تان موٽي اچڻ بدران ڇو نه اڳتي وڌجي ۽ سڄي ڏکڻ قطب کنڊ مان پار اڪري ٻئي طرف پهچجي! انهيءَ ئي خيال سان هن ڏکڻ قطب جو سفر اختيار ڪيو ۽ آخرڪار ڪامياب ٿيو. ائين برابر آهي ته ڊاڪٽر فوچس پاڻ سان بيحد وڏي انداز ۾ سامان کڻي ويو ۽ کيس ۽ سندس ٽوليءَ کي جديد ترين سهولتون ميسر هيون، پر تنهن هوندي به سندن ڪارنامو هن ڪري عظيم ۽ تاريخي آهي جو تاريخ ۾ اهي پهريان ماڻهو

آهن جن انٽارڪٽيڪا کنڊ کي پار ڪيو آهي.

جنهن پارٽي، ڊاڪٽر فوچس واري انٽارڪٽيڪا واري مهم ۾ حصو ورتو، تنهن ۾ جملي ٤٠ ماڻهو هئا، جن ۾ ٥ موسميات جا ماهر، ٥ طبقات الارض جا ماهر، ٥ سرويئر، ٣ طبعي جغرافيه جا ماهر، ٤ انجنيئر، ٤ ڊاڪٽر، ٤ ريڊيو آپريٽر، ٢ ريڊيو مڪينڪ، ٽي ٽريڪٽرن ۽ ٻه مشينن جا مڪينڪ، ٻه ٽي هوائي جهازن جا مڪينڪ، پنج ڇهه هواباز، وايل، بورچي ۽ ٻيا ڪمي ڪاسبي شامل هئا. انهي پارٽي وٽ مختلف قسمن جا ١٧ ٽريڪٽر هئا، جن مان ڪن سان وڏيون ڪئبنون لڳل هيون جن ۾ پارٽي جا ماڻهو آرام سان ويهي سفر ڪندا هئا. اهي ڪئبنون سائنسي تجربگاهن جو ڪم به ڏينديون هيون. انهن وٽ ٽي هوائي جهاز به هئا، جن لاءِ نه رڳو قابل هواباز ۽ مڪينڪ موجود هئا، پر جن لاءِ فالتو پرزا به آندا ويا هئا. گهڻو ڪري هر مشين لاءِ فالتو پرزن جو وڏو اسٽاڪ آندو ويو هو. پارٽي سان ١٢٠ هسڪي ڪتا (جيڪي خاص طور تي گرين لئنڊ مان آندا هئا ويا)، ۽ بي انداز برف تي هلندڙ گاڏيون، ڊگها ٽرالر ۽ ٻيون اهڙيون گاڏيون به هيون. دنيا سان لهه وچڙ ۾ اچڻ لاءِ پارٽي انٽارڪٽيڪا تي اهڙا طاقتور ريڊيو ٽرانسمٽر آندا هئا جن سان لنڊن سان گفتگو ڪري سگهبي هئي. ريڊيو رسيورن جو تعداد به جهجهو هو. پارٽي سان هزارين ٽن اناج، لکين گيلن تيل ۽ ٻيون به سوين ضرورت جون شيون ۽ نهايت ئي محسس سائنسي اوزار هئا. مطلب ته هر اها شي آندي ويئي هئي جنهن ذريعي پارٽي جا سڀيئي فرد، بمع ڪتن ۽ مشينن جي بالڪل دستوري حالتن ۾ رهي سگهن ۽ ڏکڻ قطب جون خطرناڪ

موسمون مٿن ڪو به اثر نه وجهي سگهن.

اها مهم هن طرح سر ڪئي ويئي جو مهم کي ٻن ٽولين ۾ ورهايو ويو. هڪڙي ٽولي جو ليڊر سر ويوئن فوچس ۽ ٻئي جو سر ايڊمنڊ هلاري هو. فوچس جي پارٽي کي ويڊل سمنڊ کان ڏکڻ قطب کنڊ تي چڙهي ڏکڻ قطب پهچڻو هو ۽ هلاري جي پارٽي کي ٻرئين پر يعني ته راس سمنڊ کان کنڊ تي چڙهي ڏکڻ قطب وٽ پهچڻو هو. ٻنهي ڌرين جي قطب تي پهچڻ کانپوءِ

هو جنهن ذريعي اهي هر وقت هڪٻئي سان لهه وچڙ ۾ رهنديون هيون ۽ هڪٻئي کي پنهنجي پيشقدمي، ڏکيائين ۽ آسپاس جي حالتن کان واقف ڪنديون هيون. هلاري کي حقيقت ۾ ١٢٥٠ ميلن جو مفاصلو طئه ڪري ڏکڻ قطب تي پهچڻو هو، جنهن جي ڀيٽ ۾ فوچس کي اٽڪل ٩٥٠ ميلن جو مفاصلو طئه ڪرڻو هو. هلاري کي واٽ تي ڪي ڪئمپون به قائم ڪرڻيون هيون جن ۾ ڏکڻ قطب کان ايندڙ گڏيل مهم کي ڪجهه وقت

جي مهم تي روانو ٿيو.

ڊاڪٽر فوچس، سر ايڊمنڊ هلاري ۽ ١٦ ٻين ساٿين سان "ٿيرون" جهاز ۾ ١٤ نومبر ١٩٥٥ تي انگلنڊ کان روانو ٿيو ۽ ائٽلانٽڪ سمنڊ پار ڪري ايس. جارجيا جي ٻيٽ ۾ پهتو ۽ ڏکڻ قطب کنڊ واري ويڊل سمنڊ (Weddel Sea) ۾ وهسل اپسمنڊ (Wahsel Bay) وٽ ٢٩ جنوري ١٩٥٧ تي ڪناري تي پهتو. جيار جيا ٻيٽ کان انٽارڪٽيڪا جي ڪناري تائين پهچڻ ۾ ڪيس هڪ مهيني کان وڌيڪ عرصو لڳي ويو، ڇاڪاڻ ته انهيءَ رستي تي کين هر وقت برف جي ڇپن و ڪوڙين تي چڙهيو، جن مان کين رستو ملي نٿي سگهيو. ڪنهن ڪنهن وقت گهاٽي برف سبب سندن جهاز ٻه ٻه ڏينهن چري نٿي سگهيو. ويڊل سمنڊ ۾ اهي ٻن هزارن ميلن جو مفاصلو طئه ڪري آخرڪار ٢٩ جنوري تي اپسمنڊ ۾ بلڪل انهي هنڌ پهتا، جتي کين پروگرام موجب لهڻو هو. ٻئي ڏينهن تي جهاز مان سامان لاهڻ شروع ڪيو ويو. انوقت درج حرارت ٦ ڊگريون هو. ساڳئي وقت تي هوائي جهاز ذريعي هڪ اهڙي موزون هنڌ جي ڳولا شروع ڪئي ويئي جتي پهريون اڏو قائم ڪري سگهجي. ڪوشش هي ڪئي ويئي ته اهو هنڌ ڪاهين کان آجو هجي. حقيقت هي آهي ته ڏکڻ قطب کنڊ تي ايڏيون ڪاهيون آهن جن جو ڪو ڪاٿوئي نه آهي ڪاهيون نه رڳو وڏيون آهن پر بيحد اونهيون به. فوچس جي پارٽي جي ڪيترن ئي ٽريڪٽرن جا ڦيٿا انهن ڪاهين ۾ ڦاسي ويا ۽ ٽريڪٽرن کي مشڪل سان ٻاهر ڪڍيو ويو. هڪ دفعي، هڪ برف تي هلندڙ گاڏي ڪتي سميت هڪ ڪاهي ۾ ڪري پئي ۽ انکي ٽوڙي سان ڇڪي ڪڍيا

هڪ ٽريڪٽر ڪي، ڏکڻ قطب کنڊ ۾ هڪ اونهي ڪاهي مٿان، اليومينم جي پل ذريعي لنگهايو پيو وڃي. ڏکڻ قطب کنڊ ۾ اهڙين ڪاهين جو شمار ئي ڪونهي.

فوچس کي اڳتي وڌي انهيءَ رستي تان ٻرئين پر يعني ته راس سمنڊ پهچڻو هو جنهن تان هلاري قطب تائين پهتو هو. هلاري جي پارٽي کي قطب وٽان فوچس سان گڏ موٽي وڃڻو هو ۽ ٻنهي پارٽين کي جهاز ۾ چڙهي وطن موٽي وڃڻو هو. فوچس جي ڏکڻ قطب کنڊ کي پار ڪندڙ پارٽي ۾ ١٦ ماڻهو، ٽي هوائي جهاز، ١١ ٽريڪٽر ۽ ٻيو بي انداز سامان هو ۽ هلاري جي پارٽي سان ١٧ ماڻهو ۽ ٥ ٽريڪٽر هئا. هن سان ڪوبه هوائي جهاز ڪونه هو. ٻنهي پارٽين وٽ ريڊيو جو سامان

آرام ڪري بعد ۾ پنهنجي منزل مقصود ڏانهن وڌڻو هو.

پر انهيءَ کان اڳ ڊاڪٽر فوچس ۽ سر ايڊمنڊ هلاري ۽ ١٦ ٻيا ماڻهو، انهيءَ هنڌ آيا جتان فوچس کي سفر شروع ڪرڻو هو. انهن ارڙهن ماڻهن مان اٺ ماڻهو اتي ترسيا ۽ فوچس ۽ هلاري سميت ١٠ ماڻهو موٽي ويا. انهيءَ کانپوءِ هلاري پنهنجي ٽولي جي ماڻهن سان راس سمنڊ ڏانهن ويو ۽ فوچس وڌيڪ ماڻهن سان انهيءَ هنڌ موٽي آيو جتي اٺ ماڻهو ترسائي ويو هو ۽ اتان ڏکڻ قطب کنڊ کي پار ڪرڻ

ڪيو ويو.

ڊاڪٽر فوڪس ۽ سندس هڪ ساٿي اڏي لاءِ جاءِ ڳولڻ لاءِ ڪناري وٽ پيل برف جي ڇپن تان ٽپندا مٿي چڙهيا ۽ جڏهن ڪنڌ جي سرزمين تي پهتا تڏهن سمنڊ جي سطح کان ۱۵۰ فوٽ مٿي هئا. ساڳئي وقت جنهن هنداٽي هلي رهيا هئا اتي برف ايڏي ته نرم هئي جو ڪنهن وقت سندن ٽنگون گوڏن تائين اندر هلي ٿي ويون- لهڻ واري هنڌ جي وچ ڪئين اونهيون کاهيون هيون جن مان ڪن مٿان برف جي هلڪي پردي هجڻ سبب اهي نظر نٿي اچي سگهيون. اهڙن کاهين مٿان ٽرئڪٽرن لنگهائڻ لاءِ انهن تي ڪاٺ جون پليون ٺاهيون ويون- فوڪس جي پارٽي انهن کاهين جي مصيبت جو اڳواٽ احساس ڪندي پاڻسان ڪئين اليومينم جون پليون به آنديون هيون، جيڪي سندن سڄي سفر دوران کاهين ۾ ڦاسي پيل ٽرئڪٽرن کي ڪڍڻ يا کاهين مٿان ٽرئڪٽرن کي ٽپائڻ لاءِ بيحد ڪم آيون- انهن پاڻسان هڪ مشين به ڪنئي جا بجلي ذريعي کاهين جو ڏس ڏيندي هئي.

هڪ دفعي جڏهن درجهءِ حرارت اڳئين ڏينهن واري ۲ ڊگرين مان وڌي اوچتو ۲٦ ڊگرين تي ويو تڏهن اول ته بلڪل ناهر هئي جنهن ڪري جهاز مان مال لاهڻ جي رفتار تيز ڪئي ويئي- پر بعد ۾ اوچتو برف جو اهڙو ته زبردست طوفان آيو جو سامان کي برف ۾ ڳولي لهڻ لاءِ انسان لڳائڻا پيا. تنهن کانسواءِ هي به خطرو پيدا ٿي پيو ته برف جو اهو ته جنهن تي سامان پيل هو سو مٿان ڪنڌ کان ڌار ٿي سامان سوڌو سمنڊ ۾ وڃي ڪري- طوفان ڪانپوءِ سمنڊ ۾ اوچيون لهرون اٿڻ لڳيون ۽ جنهن هنڌ سامان پيل هو ٻڏي ويو- ڪجهه سامان ٻڏي ويو ۽ ڪجهه لڙهندڙ ۽ ترندڙ سامان کي هٿ ڪرڻ لاءِ ٻيڙين کان ورتو ويو- اوچتو

جهاز کي ٻه لوڊ و آيو ۽ اهو ڪناري کان ٻري ٿي ويو- جهاز جا ڪي خلاصي جيڪي ڪناري تي مال لاهڻ ۾ مصروف هئا تن مان ڪي جهاز تي ڪنهن طرح پهچي ويا ۽ جهاز مڪمل تباهي کان بچي ويو- انهيءَ وچ ڪناري کان برف ڇڄي ڌار ٿي ويئي ۽ جهاز جو وري ساڳئي هنڌ تي موٽي اچڻ مشڪل ٿي پيو. جهاز جڏهن پيو دفعو ڪناري ڪئي ويجهو آيو تڏهن فوڪس ۽ ٻيا ماڻهو انهيءَ تي پيا ۽ جهاز وري ڪناري کان ٻري ٿي ويو.



ڪامنويلٿ جي ڏکڻ قطب ڪنڌ کي پار ڪندڙ ٽولي جا ليڊر ڊاڪٽر فوڪس (وچ)، ايڊمنڊ هلاري (کابي پاسي)، آمريڪي هوائي فوج جي هڪ ڪماندر سان ڏکڻ قطب تي بيٺل آهن.

پٺي ڏينهن موسم جي تبديلي سبب جهاز وري پهنجي پهرئين هنڌ تي آيو ۽ وري سامان لاهڻ شروع ڪيو ويو. آخرڪار ٦- فيبروري تي جهاز مان سامان لاهي پورو ڪيو ويو. اهو سامان بعد ۾ انهي اڏي ڏانهن روانو ڪيو ويو، جنهن تي "شيڪلٽن" نالو رکيو ويو هو. سامان لهي وڃڻ ۽ شيڪلٽن تي پهرئين اڏي قائم ٿي وڃڻ ڪانپوءِ فوڪس، هلاري ۽ ۸ ٻيا ماڻهو ساڳئي جهاز ۾ چڙهي انگلنڊ موٽي ويا ۽ باقي ۸ ماڻهو قطبي ڪنڌ تي رهيا جن

وڃي لڳي.

هڪ طرف فوڪس ۽ سندس پارٽي وهسل اهسمنڊ کان ڪنڌ تي چڙهي قطب ڏانهن رخ رکيو هو ته ٻئي طرف هڪ پارٽي سر ايڊمنڊ هلاري جي زير قيادت جنهن ۾ ۱۸ ماڻهو شامل هئا "انڊيور" (Endeavour) جهاز ۾ قطبي ڪنڌ جي ٻرئين پر "راس سمنڊ" (Ros Sea) ۾ "پرام پوائنٽ" (Pram Point) وٽ لنگر انداز ٿي ۽ اتي "اسڪاٽ بيس" (Scott Base) جي نالي سان هڪ اڏو قائم ڪيو ۽ ڏکڻ قطب ڏانهن

کين سرديءَ گذارڻي هئي ۽ ٽي سو ٽن وزن جو سامان جيڪو جهاز لاهي ويو هو سو شيڪلٽن تائين پهچائڻو هو. هڪ سال ڪانپوءِ جنوري ۱۹۵۷ ۾ فوڪس ۱٦ ماڻهن جي ليڊر جي حيثيت ۾ "ميگا ڊئن" (Magga Dan) جهاز ۾ وري انهيءَ هنڌ آيو جتان موٽي ويو هو. انهن ۾ موٽي ويل اٺن ماڻهن مان ٻه چار ماڻهو شامل هئا، جن ۾ فوڪس هڪ هو. اهائي ٽولي هئي جنهن ڏکڻ قطب ڏانهن سفر اختيار ڪيو ۽ آخرڪار ڏکڻ قطب وٽ پهچي وري ٻه ڏينهن پر

ڪوچ شروع ڪئي. هڪ طرف کان فوڪس پنهنجن ساٿين سان ته ٻئي طرف هلاري پنهنجي ٽولي سان ٻن مختلف طرفن کان ڏکڻ قطب ڏانهن وڌڻ شروع ٿيا. انهي سفر دوران ٻنهي ٽولين کي ڪافي مشڪلات کي منهن ڏيڻو پيو. ٽرئڪٽرن ۾ ناقابل مرمت خاميون پيدا ٿي پوڻ سبب انهن کي واٽ تي ڇڏڻو پيو. طوفانن جو مقابلو ڪرڻو پيو، اونهين کاهين جي مصيبتن کي منهن ڏيڻو پيو، وڏن مٿاهين ٽڪرن ۽ خطرناڪ ٽٻن ۽ ٻين تڪليف ده هنڌن تان لنگهڻو ۽ لهڻو پيو. آخرڪار ٻئي ٽريون مختلف ڏک ڏاکڙا سهي ڏکڻ قطب تي پهتيون. هلاري، فوڪس کان ۱۵ ڏينهن اڳ ڏکڻ قطب تي پهچي ويو. هلاري ۴ جنوري ۱۹۵۸ تي ڏکڻ قطب پهتو ته فوڪس ۱۹- جنوري تي پهتو. ٻئي ٽوليون اتي خوشي سان پاڻ ۾ مليون. بعد ۾ فوڪس اڳتي وڌيو ۽ انهيءَ رستي تان ٻرئين پر پهتو جنهن تان هلاري آيو هو. هلاري ۽ سندس پارٽي به ساڻس گڏ موٽي آئي. ڏکڻ قطب وٽ پهتل ٻئي ٽريون هلاري واري رستي تان واپس موٽيون ۽ فوڪس جيڪو ۲۷ نومبر ۱۹۵۷ع تي شيڪلٽن اڏي کان ڏکڻ قطب ڏانهن روانو ٿيو هو سو ڏکڻ قطب وارو ڪنڌ پار ڪري ۲۸ مارچ ۱۹۵۸ تي راس سمنڊ ۾ اسڪاٽ اڏي تي پهتو. جتان سڀئي ماڻهو جهاز ۾ چڙهي موٽي ويا. فوڪس انٽڪل ۲۱۰۰ ميلن جو سفر طئه ڪيو.

ڊاڪٽر فوڪس جي انهيءَ ڪاميابي ۾ سائنسي اوزارن ۽ جديد آلات کي خاص طور تي دخل هو. اول ته رستي تي ٿوري ٿوري پنڌ تي چانوڻيون قائم ڪيون ويون، هوائي جهازن پرواز ڪري وڌيڪ سهنجو ۽ تڪليف کان آجو رستو ڏٺو ٿي ڏسايو، موسمات جي ماهرن ۽ مخصوص اوزارن اينڊ موسم جي

(ڏسو صفحو ۲۷)

از:- غلام مصطفيٰ قاسمي

سنڌ جي علم و عرفان جي مهراڻ جا موتي

رموز - خاصگان عامان چہ دانند

حديث - پختگان خامان چہ دانند

سنڌ ۾ ڪيترين صدين کان، جيڪو علم ۽ عرفان جو مهراڻ موجزن رهيو، تنهن جي موج ۽ مستيءَ جي اوڙڪ تيرهين صدي هجريءَ جي آخر ۾ نظر اچي ٿي. سنہ ۱۲۳۳ھ ۾ حضرت روضي ڌڻي پير محمد راشد رح جي وفات ٿي. روضي ڌڻي پنهنجي وقت ۾ جيڪو فيض پهچايو، اڄ اها ان فيض جي ئي برڪت آهي جو پنهنجي سونهاري ساٿيهہ ۾ روحانيت ۽ باطني فيض جو ڪجهہ نہ ڪجهہ مشغلو هلندو اچي. ”ڪنگريءَ“ مان ”سوئي“ سيراب ٿي ۽ ”سوئي“ مان ”پرچوندي“ پرچي نڪتي ۽ ”پرچونديءَ“ مان ”امروٽ“ ضلع سکر ۽ دين پور، رياست بهاولپور عرفان جا اڏا پيدا ٿيا. امروٽ واري پلاري بزرگ پنهنجي دور ۾ نہ رڳو باطني فيض پهچايو، پر اسلام جي تبليغ ۾ اهو ڪارنامہ ڪري ڏيکاريو جو هوند امت محمديءَ جي هڪ مرد مجاهد جو وڏو اعجاز آهي: سچا سارا ۷۰۰۱ ماڻهو جدا جدا وقتن تي سنڌ پس تبليغ جي طفيل غير مسلم اسلام جي حلقي ۾ داخل ٿيا جنهن لاءِ اڄ بہ امروٽ ۾ اهڙو رجسٽر موجود آهي جتان هن حقيقت جي تصديق ٿي سگهي ٿي. اڳتي هلي انهن پنهنجيءَ درويشن سنڌ، بلوچستان ۽ پنجاب کي فيض پهچايو جو اڄ تائين اهو فيض هليو اچي.

تحقيق اڄوڪو دور ماديت جو آهي. سائنس وارن پنهنجي ڪوجنا سان ڪين گهٽايو ۽ سائنس جي مادي برڪتن کان انڪار بہ نہ ٿو ڪري سگهجي. اهڙي دور ۾ روحانيت بابت لکندڙ کي ضرور دقيانوسي خيالن وارو سڏيو ويندو پر هڪ پاسي ان کان انسان ذات کي دنيا جون راحتون پهتيون تہ ٻئي پاسي ايٽمي هٿيارن جي تياريءَ انسان جي اطمينان کي لوڏي ڇڏيو. ٻل ۾ لکن انسانن جي تباهي ۽ برٻادي اهڙن تباهي پيدا ڪندڙ هٿيارن ذريعي اچي. جيڪي ماڻهو مادي تي موهجي روحانيت کان انڪار ڪري وينا سي اينترو تہ اسان سان شامل راءِ ٿيندا تہ هڪ سؤ سال اڳ ماڻهن کي جيڪو دل جو اطمينان ۽ آرام نصيب هو، سو اڄ نہ آهي. نہ ايترا ڪرڪسا هئا نہ ايڏيون گهرجون؛ عياشيون هيون. ماڻهو ٿوري گهٽي تي قناعت ڪري، ”الله الله“ اچاريندي ”نہ ڏي نہ ڏڪاءِ وارو“ مثال ٻڌيا پيا هئا.

هڪ وطن دوست ۽ محقق جو ڪم آهي تہ اسلاف جي امانت ۽ ورثي کي بہ سنڀاليندو اچي، حال سان گڏ ماضيءَ تي بہ نظر ڏريندو رهي. اهو ئي سبب آهي جو اسين لامور مهراڻ جي پڙهندڙن کي گهٽو اڳ واري سنڌ ڏي وٺي هلون ٿا:-

خليفہ محمود ڪڙئي واري جي شخصيت کان سنڌ جو ڪوبہ اهل علم ناواقف نہ هوندو. اهو بزرگ پنهنجي وقت جو وڏو شاعر، اديب ۽ باطني فيض ۽ معرفت جو مالڪ ٿي گذريو آهي. حضرت قطب الاقطاب روضي ڌڻيءَ جو مريد ۽ فيض يافتہ خليفو هو. هن بزرگ جي علم ۽ اٿاهہ قابليت لاءِ سند سَ گڏ ڪيل روضي ڌڻي رح جي ملفوظات ڪافي دليل آهي جنهن ۾ تصوف جي عميق اسرارن کي اهڙي تہ عمدي عبارت ۾ پيش ڪيو اٿس. جو ان جي وصف ۽ واکاڻ لکڻ کان قلم قاصر آهي، رڳو پڙهڻ تي مدار ڪي ٿي.

”ملفوظات“ جي منڍ ۾ هڪ نصل پنهنجي مرشد جي واکاڻ ۾ آندو اٿس. لکي ٿو:-

شيخ ڪامل ما شفيع- عاصيان
شمع ظلمت مهدي- آخر زمان
اسم پاڪش پير محمد راشد است
اوست ڪعبہ خلق اورا ساجد
است

اين نہ ڪعبہ ڪہ مطاف- عالم است
ڪعبش- آن ڪان مطاف- عالم است

اڳتي هلي فرمائي ٿو:

خم توحيد از ڪرم او ر يخت

قطب

(آندل صفحي ۲۶ تان)

اڳواٽ خبر ٿي پئي، خاص قسم جي اوزارن ڪاهين جو ڏس ٿي ڏنو ۽ اهڙي طرح پين اوزارن مختلف طريقن سان مدد ٿي ڪئي. ايمنڊسين ۽ اسڪاٽ اهو سفر برف تي هلندڙ گاڏين ذريعي طئہ ڪيو جن کي ڪتن ٿي ڇڪيو. ونن کي بہ اعليٰ اوزار ڪونہ هئا ۽ نڪي پيون سهولتون هيون. انهن جي پيٽ ۾ هي سفر ٽرئڪرن ۽ پين مضبوط گاڏين ۾ ڪيو ويو ۽ برف جو گاڏيون رڳو بار برداري جي ڪم لاءِ ڪتب آنديون ويون. تنهن ڪانسواءِ مختلف هنڌن تي قائم ڪيل ڪئمپ جن ۾ زندگيءَ جون سڀ سهولتون موجود هيون، تن بہ سفر کي سهنجي بنائڻ ۾ ڪافي مدد ڪئي. خود سفر بہ اهڙن ڪمرن ۾ ڪيو ويو جيڪي جديد اوزارن سان آراستہ هئا ۽ جن ۾ ٿڌ کان بچڻ جو مصنوعي انتظام موجود هو.

پر الهي هوندي بہ اهو انتهائي وڏو ۽ تاريخي ڪارنامو هو. هڪ ويران لکين ميلن ۾ پکڙيل بر پٽ، جنهن ۾ نہ پاڻي هجي، نہ ساهہ پري سگهي، نہ وڻ ٽڻ، پکي پکڻ يا جيت جانور هجي، جتي اچ ڪانسواءِ ڪجهہ نہ هجي، جتي اولهين ڪاهين ۽ ڪڏن جا گهاٽا چار پکڙيل هجن، جبلن جون اوچيون قطارون جيڪي سولو لنگهہ نہ ڏينديون هجن، جتي بہ سو ميل في ڪلاڪ جي رفتار سان ايندڙ برف جا طوفان لڳ سگهائيندڙ ۽ اکين کي انڌو ڪندڙ هجن ۽ هڪ نہ ٻئي ڏينهن بلڪ ڪنهن ڪنهن وقت سالنهہ پندرهن پندرهن ڏينهن لڳندا رهندا هجن، تتي هيڏي وڏي سازوسامان سان هڪ ڪنڊ کي پار ڪرڻ يقينا هڪ وڏي ڳالهہ آهي. اندازو لڳايو وڃي انهن ماڻهن جي قابليت جو جن ڏکڻ قطب ڪنڊ تي پيش ايندڙ هر تڪليف جو اڳواٽ اندازو لڳايو ۽ انکي منهن ڏيڻ لاءِ پوري سازوسامان جو بندوبست ڪيو.

هاڻي هوائي جهازن ذريعي ڏکڻ قطب ڪنڊ کي پار ڪرڻ ممڪن ٿي پيو آهي. هن وقت بہ ڪئين هوائي جهاز ڏکڻ قطب واري ڪنڊ تي پرواز ڪن ٿا ۽ هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ پهچن ٿا.

صد هزاران بر خمارش شيفته
نار عشق ازوي بجوشش آمده
خار کفراز وي بسوزش آمده
کردگنج- معرفت غارت تمام
گشته ازوي بهرور هرخاص وعام
صد هزاران مرتدي مرشدشدند
صدهزاران گبرذي مسجدشدند
برهاؤ بحرهاؤ نهرها
بر داز فيض - کمالش بهرها
هر جمادي راز فيض- آنجناب
فيض حاصل گشت بيرون
از حساب
گر به پيشش آمدي گشتي سعيد
در موافق آمدي گشتي وحيد

اڳتي هلي فرمائي ٿو:-

نقشبندي نقشبند از نام او
قادري شد جرعه نوش از جام او
سهروردي بوشمان از ورد او
چشتي از چشتي او رانيض جو

ملفوظات جي آخر ۾ روضي ڌڻيءَ جي تاريخ وفات بابت به گهڻائي شعر ڇپيا اٿس جن مان ڪجهه هيٺ ڏجن ٿا:-

شصت سه سال آن ذ کائي
معرفت
همچو گل در گلشن- عالم
شگفت
يوم جمعه غره شعبان- سعيد
خار فرق اندر دل- عالم رسيد
در هزارو دوصد- سي وثلث
شد خفي آن شمس تابان الغياث
روز روشن برجهان گشته سياه
دود حسرت از ثري شدتابماه
شدفلک از هجرت- اوسبزپوش
در صفوف - قدسيان افتاده
جوش
جانهائي خلق اندر بحر غم
غوطه خور گشتند از فرط- الم
سال تاريخش چوپرسيدم زجان
ساعتي در فکر مانده بعد زان
گفت در تاريخ آن شافع بمن
نور هادي مهدي- آخر زمن

هتي اسين سنڌ جي معرفت واري مهراڻ جي موتين بابت جيڪا معلومات پيش ڪري رهيا آهيون ان جو مدار به خليفه محمود ڪڙيي واري جي هڪ قلمي ذخيري تي آهي، جو ناچيز راقم جي لائبريريءَ ۾ موجود آهي.

اسان وٽ اهڙو علمي ذخيرو ته گهٽو ئي آهي پر هتي خليفي محمود جو قلمي ڪتاب گلشن اولياء فارسي پيش نظر آهي. هن ڪتاب ۾ مصنف سنڌ جي وڏن بزرگن ۽ اوليائن جون اهڙيون ڳالهيون سند سان گڏ ڪيون آهن، جي گهٽو ڪري ٻين تذڪرن ۾ آيل نه آهن. هن ڪتاب جي مقدمي ۾ ڏسو مصنف هن طرح رقمطراز آهي:-

” رب ودود جي رحمت جو اميد وار پاڻهون محمود چئي ٿو ته جڏهن مان ڏٺو ته ڪمال وارن بزرگن جي احوالن پڙهڻ سان (معرفت جي ڳولائن ۽) طالبن جا روح لذت ۽ حظ حاصل ڪري ڪامل بڻيا آهن ۽ انهن جي ياد سان عشق واري ڏنگ جي ڦٽ تي نمڪ پاشي ٿيندي آهي ۽ اهڙا آديسي انهن قصن جي پڙهڻ سان بي انت آرام ۽ راحت لهندا آهن، تڏهن دل ۾ اهو اچي خيال جاڳيو ته عشق جي بازار ۾ گفتار جي گوهر کان وڌيڪ ٻيو ڪو به وکر نه آهي ۽ الله وارن جي ياد زنده دل وارن لاءِ هڪ املهه موتي آهي، تڏهن پاٽ پاٽ جي گلن گڏ ڪرڻ کي لڳي ويس. جيئن حديقة الاولياء، بيان العارفين، تنبيه الغافلين، تحفة الطاهرين ۽ ان سان گڏ ٻين اوليائن جي (پاڪ) گفتارن جون اهڙيون مڪڙيون به هتي سمهو يم جن بابت ڪنهن به ڪتاب ۾ اشارو آيل نه آهي. پر ته اهي واقعا انهن ڪتابن کان گهٽو پوءِ جا آهن. اهو جاڪوڙ ۽ جفا ڪشي (رڳو هن ڪري پيئي جو نيڪ ماڻهن جي ياد سان ڌڻيءَ جي رحمت وسندي آهي.)

اهي ڳالهيون يا ته اهي آهن جي پنهنجي وقت جي ماڻهن کان ٻڌل آهن يا پاڻ انهن با برڪت اوليائن جي صحبت ۽ سنگت ۾ رهي هنن اکين سان ڏٺيون ۽ ڪنن سان ٻڌيون

اٿم. ڪتاب جو نالو گلشن اولياء رکيو ويو آهي جيڪو ۱۲۵۸ هجريءَ ۾ لکي پورو ٿيو.

مخدوم (خواجه) محمدزمان لواريءَ وارن متعلق ٻڌل ڳالهيون

خليفو محمود بن گهنورخان نظاماڻي، گلشن اولياءجو مؤلف فرمائي ٿو ته نصرپور جي قاضي عبدالرحمان پنهنجي ڪنهن عزيز قاضيءَ کان ٻڌو جيڪو خواجه محمد زمان رح جو مريد هو ته خواجه صاحب جو اهو دستور هوندو هو ته مريدن ۽ لنگر لاءِ هڪ ئي وقت پنهن ٽي اناج خريد ڪري رکندا هئا، جيئن ته اڪل روءِ ٿيهه، چاليهه خرار اناج هڪ ئي ڀيري خريد ڪندا هئا ۽ ان جي سموري رقم هڪ ننڍي ڪوٺيءَ ۾ پاڻ ڀليءَ مان کڻي ڏيندا هئا ۽ ان راز جي ڪنهن کي به ڪل ڪا نه هئي. هڪ ڀيري ٿيو ڇا جو پراڻي دستور مطابق اناج خريد ڪيو هئائون ۽ جڏهن مالڪ رقم وصول ڪرڻ آيا ته پاڻ انهيءَ ڪوٺڙيءَ ۾ هليا ويا. ان ڏينهن اتفاق اهڙو ٿيو جو اهو نصرپوري قاضي به خواجه صاحب سان گڏ يو ويو. ڏسي ڇا ته سچي ڪوٺي ڪڪڙن جي ڇنڊڻ سان ڏڏري پيئي آهي ۽ اٽي ٽوڙ ڪانسواءِ ڪا به شيءِ ڏسڻ ۾ نه ٿي آئي، تڏهن خواجه صاحب کي عرض ڪرڻ لڳو ته حضرتا! اهو الائي ڪهڙو اسرار آهي جو هتي ته ڪي ڪين آهي، اوهان ايترا پئسا الائي ڪٿان ٿا آڻيو؟ تڏهن خواجه صاحب فرمايو ته اڄ اهو اسرار تو سان ٿو سليان ته مون کي فقيرن جي کاڌ خوراڪ لاءِ خدا تعاليٰ جي درگاهه مان روزانو هڪ لک رپيا مقرر آهن پر اسان انهن لاءِ رڳو رب (پت) کي پسند ڪيو آهي (ان هوندي به تون ڏسين ٿو ته) هر طرف ۽ هر طريقي جي مشائخن کان ڪيڏي نه مخلوق اچي گڏ ٿي آهي.

قاضي عبدالرحمان نصرپوري

پنهنجي هڪ عزيز قاضيءَ کان خبر ڪئي ته خواجه محمد زمان رح جي درويشن مان ڪنهن درويش کي فنافي الله يا وحدت جي اها ته حالت اچي طاري ٿي جو خواجه صاحب جن جي خدمت ۾ پهچي چوڻ لڳو ”مان خدا آهيان“- تڏهن خواجه صاحب کيس فرمائڻ لڳو ته تون پنهنجو پاڻ کي خدا ٿو سڏائين جيڪڏهن تو کي پيا خدا سڏائين ته پوءِ تنهنجي ڳالهه ڏي ڌيان به ڪجي. تڏهن اهو فقير چوڻ لڳو ته ٻيو ڪو چئي يا نه چئي مان ته خدا آهيان. ليڪن خواجه صاحب رح کيس اڪل ڏهه ٻارنهن پهر ڪٺي هڪ ننڍي ڪوٺيءَ ۾ بند ڪرايو، (پوءِ خدا کي ته کاڌي پيتي جي ڪا به ضرورت ڪا نه آهي پوءِ ڇو نه هڪ هنڌ پيو رهي) ليڪن جڏهن خواجه صاحب جي توجه (۽ انهيءَ تدبير) سان جڏهن سنديس حالت سڌري ويئي تڏهن کيس ٻاهر ڪڍيو ويو.

ابراهيم فقير سوڍي کان روايت آهي ته جڏهن خواجه صاحب جو مريد ٿيس تڏهن کين عرض ڪيم ته سائين! هاڻي ڇا ڪيان؟ فرمايائون ته تو کي سفيد ٻاف (ڪوريءَ) واري ريت اختيار ڪرڻ کپي- يعني اسان وٽ جلدي اچ وڃ ڪندو رهه!

ڳالهه ٿا ڪن ته خواجه صاحب جي ڪوٽ جي ڀر ۾ هڪ هندو مڪائي جي پوک پوکي هئي. هڪ رات ٿيو ڇا جو ان جي پوک ۾ ڏاڍا ڪي گدڙ اچي گڏ ٿيا هئا، جنهن ڪري اهو هندو هاري سڄي رات سجاڳ رهيو ۽ ها- هو ڪندي پوک مان گدڙن کي هڪليندو رهيو. خواجه صاحب به ان هاريءَ جي ان هاءِ هوءِ کي ٻڌندو رهيو. صبح جو پنهنجي مريدن کي فرمائڻ لڳو ته دوستو! ڏسو ته سهي هن مدو هاري جنهن مڪائي جي پوک پوکي آهي، ساري رات پوک کي بچائڻ لاءِ گدڙن

Scanned with CamScanner

جي ڏپ کان نہ ستو آهي - اوهان جو پاڻ کي خدا پاڪ جا ڳولائو ۽ طالب سڏايو ٿا سڄي رات ستا پيا آهيو. اهڙو ڪهڙو انصاف چئبو !!

ڳالھ ٿا ڪن تہ جڏهن شاهو ٽالپر جي هڪ خون ڪري مير بجار خان ٽالپر جي هٿان ڪيترن ميمڻن کي ماريو ويو ۽ اها خبر خواجہ صاحب وٽ پهتي، تڏهن هڪ شخص چوڻ لڳو تہ سائين! هڪ خون جي بدلي ۾ جو ايترن ماڻهن کي ماريو اٿن، ڇا اهي سڀ شهيد چئبا؟ خواجہ صاحب ورندي جواب ۾ ھہ معرفت جو نڪتو بيان ڪرڻ لڳا تہ شهيد اهي آهن جن جا سينا صاف ۽ اندر اجرا آهن.

شاهہ ڀٽائي عليہ الرحمتہ

ڳالھ ٿا ڪن تہ ڪوٽ اگهم جو هڪ پانولي ميمڻ هو، شاهہ صاحب جي خدمت ۾ پهچي اهو سوال ڪرڻ لڳو تہ ڌڻي پاڪ جي توهہ ۽ طالب اٿم. مون کي دعا ڪريو! شاهہ صاحب ڪيس نصيحت ڪندي فرمايو تہ ڌڻي پاڪ جي طالب کي کپي تہ پنهنجي دل ۾ الله جي ذڪر کي ئي جاءِ ڏئي ۽ ذڪر تي اهڙو تہ اڏول رهي جو ڪڏهن بہ ان ۾ ويسر نہ اچڻ کپي.

حافظ طيب قوم ٿل وينل ديهہ راهو خبر ڪئي تہ ننڍي هوندي منهنجي طبعت غني هئي، ياد گيري ٿوري ۽ ويسارو گهڻو هوندو هو. مون کي جڏهن ٻڙ هڻ تي ويهاريائون تہ ويساري ڪري قرآن پاڪ جي تعليم پرائڻ مون لاءِ ڏاڍي اوکي ٿي پيئي. ڪنهن ڏاڏي اسان جي ديهہ حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي اچي لٿو. منهنجو پيءُ مون کي حضرت شاهہ ڀٽائي وٽ وٺي ويو، منهنجي طبعيت جي جڏائي ۽ ويساري جو سربستو احوال شاهہ صاحب جي آڏو رکي دعا لاءِ عرض ڪيائين. شاهہ صاحب ان وقت ٿڪر جي ڏنو ۾ پلي جي ٻوڙ سان ماني کائي رهيو هو. منهنجي پيءُ جو سربستو احوال ٻڌي مانيءَ جو ٽڪر پڇي ان تي ٿورو پليءَ جو ساڳ رکي مون کي کائڻ لاءِ ڏنو ۽ مان اهو ٽڪر مانيءَ جو سندن چوڻ سان کائي ويس. اڳتي هلي ان (الله واري انسان جي) ان اوبر جي اها برڪت ٿي جو (ڪاڏي وئي ضباوت تہ ڪاڏي ويو ويسارو) اندر اجرو ٿي پيو ۽ ڏاڍو يادگيرو نصيب ٿيو، قرآن پاڪ پڙهيم.

خليفو محمود ڪڙيي وارو ٿو لکي تہ حافظ طيب صاحب نهايت پرهيز گار ۽ با اخلاق انسان هو. ڪيس عبادات ۽ معاملات جا فقهي مسئلا رڳو عالمن کان ٻڌ سڌ تي ايترا تہ ياد ٿي ويا هئا جو وٽس ڪو ڪو شرعي فيصلو ايندو هو تہ اتي جو اتي ٻڌائيندو ۽ فيصلو چڪائيندو هو ۽ جيڪو بہ مسئلو ٻڌائيندو هو تہ حوالي طور ڪتاب جو نالو، باب ۽ فصل تہ ٺهيو پر سٽون بہ ٻڌائي ڇڏيندو هو تہ هيترن سٽن کان پوءِ اهو مسئلو بيان ٿيل آهي. اوهان وڃي ان جي عالمن کان (تصديق ڪريو) ۽ پڇا ڳاڇا ڪريو! حافظ جو ايڏو تہ اندر اجريل هو جو نئين سال جي شروعات ۾ ڪشف طور ڪيترين ڳالهين جي اڳ ئي خبر ڏئي ڇڏيندو هو. هيءَ جو فرمايو ويو آهي تہ مومن جي اوبر شفا آهي، الهيءَ جو راز اهڙن خدا وارن انسانن جي اوبر کائڻ ۽ پيئڻ سان ٻڌرو ٿئي ٿو.

هن واقعي مان اسان کي اها پروڙ پئي ٿي تہ خليفہ محمود ڪڙيي وارو اهڙن ماڻهن سان مليو هو جن شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رح کي ڏٺو. ان حالت ۾ شاهہ صاحب بابت هو جو ڪجهہ ٻڌائي ٿو تنهن جي تاريخي لحاظ سان وڏي اهميت آهي.

امين محمد فقير ڪراني پنهنجي پيءُ کان خبر ڪئي تہ هڪ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ۽ مخدوم محمد معين ٺٽوي ٻئي هڪ ٻئي جا همراهہ ٿي شيخ ٻنہ جي زيارت لاءِ ويا ۽ اُتي وڃي مراقبي ۾ ويٺا پر سخت ئي غمگين ٿي اٿيا - ان کانپوءِ شاهہ وجيہ الدين جي زيارت لاءِ آيا ۽ توجہ ۽ مراقبي کان پوءِ خوش ۽ سرها ٿي اٿيا. مٿيون فقير جو پنهي بزرگن جي خدمت ۾ هو تنهن عرض ڪيو تہ سائين! ان جو ڪهڙو ڪارڻ آهي جو شيخ ٻني جي قبر تان غمناڪ ٿي اٿيؤ! ۽ شاهہ جيہ الدين جي زيارت تان خوش ٿي اٿيؤ! ان تي فرمايائون تہ شيخ ٻني اسان کي فرمايو تہ هن وقت ڪوبہ طالب نہ رهيو آهي، ان ڪري پاڻ کي ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ شاهہ وجيہ الدين صاحب فرمايو تہ هن وقت جا اوهان ٻئي طالب آيو، ان تي اسان کي خوشي ۽ سرهائي نصيب ٿي.

ڳالھ ٿا ڪن تہ جڏهن شاهہ عبداللطيف ڀٽائي صاحب ڀٽ تي مسجد شريف ٺهرائي تہ ڪين اها تعمير ڏاڍي پسند آئي ۽ پنهنجي ڏاڏي سيد عبدالڪريم بلڙي واري کي ياد ڪندي فرمائڻ لڳا تہ جي اهو ممڪن هجي ها تہ هوند دل ۾ اهو خيال ايري ٿو تہ اها سڄي مسجد شريف ڀٽ تان کڻائي وڃي بلڙيءَ ۾ روضي جي ويجهو رکان ها.

خير محمد فقير، تمر فقير جي زباني اهو قصو ٻڌايو تہ "فاني في الله و باقي بالله" سيد عبداللطيف شاهہ قدس سره جڏهن ڀٽ واري مسجد ٺهرائي رهيا هئا تڏهن ڪاريگر کي فرمايائون تہ هن مسجد کي حضرت پيغمبر عليہ السلام جي روضي واري مسجد وانگر تيار ڪر! تڏهن ڪاريگر چوڻ لڳو تہ ان مسجد کي ڏسڻ کانسواءِ ڪيئن هن کي ان جهڙو بنائي سگهبو؟ تڏهن شاهہ صاحب کيس فرمايو تہ جي تو کي اها مسجد ڏيکارجي تہ پوءِ ان جهڙي ٺاهي سگهندين؟ راڄي هائو ڪئي. شاهہ صاحب اکين پورڻ لاءِ چيو ۽ ٿوري دير کان پوءِ اکين کولڻ لاءِ حڪم فرمايو. ان پنهنجون اکيون کوليون ۽ ان نقشي مطابق مسجد جي تياري ۾ لڳي ويو ۽ جوڙي مسجد راس ڪيائين.

باغ فقير ڪيمر، ديهہ ڪيمراني جي وينل خبر ڪئي تہ سانگهڙ جي ڀوري ۾ هڪ وقت ٻڪريون ۽ رڍون ٿي چاريم، ڪرڙن ۽ ڪنڊين جو وڏو جهنگ هو، ايتري ۾ ڇا ڏسان تہ عارفن جو سلطان، اوليائن جا امام سيد عبداللطيف شاهہ ڀٽائي اتان پاهر نڪري آيا ۽ مون کان پيئڻ لاءِ پاڻي گهريائون. مان سان پاڻيءَ جو لوٽو هميشہ ڀريل رهندو هو، مان اهو پاڻي پيش ڪيو. شاهہ صاحب سڄو اهو پاڻي پي وري انهن دڻن ۾ هليا ويا ليڪن رياضت جي گهڻائي ڪري بدن مبارڪ ڏاڍو ڏٻرو هين ۽ سندن منهن ۾ بہ پهوست ۽ خشڪي پيدا ٿي ويئي هئي.

مخدوم عبدالرحيم گروهڙي عليہ الرحمتہ

ڳالھ ٿا ڪن تہ هڪ ڀيري مخدوم عبدالرحيم نصرپور ڏانهن پنهنجي استاد مخدوم عبدالله وينل نصرپور جي ملاقات لاءِ روانا ٿيا، جڏهن شهر کان پاهر پهتا تہ اتي ٿورو بيهي رهيا. ايتري ۾ ڇا ڏسن تہ ڪاٺيون وڪڻندڙ ماڻهو ڪاٺيون کنيون پيا شهر ڏانهن اچن. مخدوم صاحب ڪاٺن سڀ ڪاٺيون خريد ڪري پريون ڏاهي پاڻ ۽ پنهنجي مريدن کان کڻائي مخدوم عبدالله صاحب جي گهر جي دروازي تي اچي ڦٽو ڪيائون. ۽ مسجد ۾ وڃي مخدوم عبدالله سان ملاقات ڪيائون ڳالهين ڪندي مخدوم عبدالله، مخدوم عبدالرحيم کان پڇا ڪئي تہ اسان ٻڌو آهي تہ توهان علم وارن

Scanned with CamScanner

جي ڪجهه ڳالهه ٿو ڪرين، تڏهن گروهڙي صاحب فرمايو ته ڪتو جڏهن ڇتو ٿيندو آهي ته پنهنجي گهر وارن کي ڏاڙهيندو آهي. وري مخدوم عبدالله فرمائڻ لڳو ته اسان ٻڌو آهي ته تون ڪي ڳالهيون بيحد ۽ اندازي کان ٻاهر ڪندو آهين. گرهوڙي صاحب چيو ته جڏهن ڏاند ڏيرو ٿيندو آهي ته ان جي پڇ جو ڪجهه ٽڪرو ان جي ڏير کان ٻاهر نڪري ايندو آهي جنهن کي ڪانو اچي ٺونگا هڻندا آهن.

خليفو محمود ڪانون کان مراد ۽ مطلب نالائق ماڻهو وٺي ٿو جن کي شريعت ۽ طريقت جي ڪابه ڄاڻ ڪانه آهي ۽ نڪي سندن اخلاق انساني وارا آهن، پر اهي ڍورن وانگر آهن جن جي حق ۾ خداتعاليٰ فرمايو آهي ”انهن کي اهڙيون دليون آهن جن سان نه ٿا سمجهن ۽ اهڙيون اکيون آهن جن سان نٿا ڏسن ۽ اهڙا ڪن آهن جن سان نٿا ٻڌن، اهي چوپاين وانگر آهن.“

ڳالهه ٿا ڪن ته هڪ ڀيري مخدوم گرهوڙي پنهنجي حالت ۽ موج مستي واري زماني ۾ ميرپور خاص آيا ۽ اتي پنهنجي مريدن کي فرمايائون ته اسان کي لاهور وڃڻ جو خيال پيدا ٿيو آهي پر سواريءَ جي سگهه نه آهي. مون کي کٽ تي لاهور کڻي هلو- ان ڏينهن ڀراڙيءَ جو هڪ فقير شهر ۾ ڪپهه پنڻ آيو، سو گرهوڙي صاحب جو ٻڌي اهو به ڪو زيارت لاءِ آيو، مخدوم صاحب پنهنجي لاهور وڃڻ جو احوال ٻڌائيندي فرمائڻ لڳو ته تون به اسان سان گڏ هل! اهو ٻڌي ان فقير پنهنجي ڪپهه اتي کڻي ڦٽي ڪئي ۽ کٽ کي ڪلهو ڏيئي اسريا. جڏهن شهر کان ٻاهر پهتا ته گهڻا مريد ته گرهوڙي صاحب سان هٿ ملائيو موڪلائيندا رهيا ۽ ڪي همرا گڏ هليا ۽ جڏهن ڪجهه اڳ پرو ويا ته مخدوم صاحب گرهوڙي فرمائڻ لڳو ته لاهور وڃڻ جو خيال اسان لاهي ڇڏيو.

گرهوڙي صاحب جو ان مان اصل مطلب پنهنجي مريدن ۽ معتقدن جي آزمائش ته جيئن بامحبت ۽ بي محبت پڌرا ٿي وڃن، سچ ۽ ڪوڙ جي پرک ٿئي، رسمي ۽ حقيقي مريد جو پتو پئي.

ڳالهه ٿا ڪن ته هڪ وقت گرهوڙي صاحب کي اچي اهو خيال پيدا ٿيو ته مير فتح خان کي ڪيتريون نه ڏاچيون آهن (اسان کي ڪونه آهن.) انهيءَ خيال کي ٿاڙڻ جو پهه پچائيندي مريدن کي فرمائڻ لڳا ته اڄ اچو ته مير فتح خان جي ڏاچين جو وڳ ڏسي اچون. پوءِ اسري هليا ۽ اچي وڳ ڏاچين وٽ پهتا. جتن ۽ اوٺين کي گهرائي کانئن پڇڻ لڳا ته ڏاچيون ڪيتريون آهن ۽ انهن جا گورڙا يا گوريون ڪيتريون آهن ۽ ڏاچين جي گاهه، پني ۽ ٻين ڳالهين بابت ائين پڇا ڪرڻ لڳا جيئن مالڪ پنهنجي مال جي پڇا ڳاڇا ڪندو آهي، خبر چار ڪندو آهي. خبر چار وٺي پنهنجي ڪلهي تي جيڪا لونگي پئي هئي سا ڪڍي جت جي مٿي تي رکي بخشش ڪري موٽيا ۽ پنهنجي نفس سان ڳالهيون ڪرڻ لڳا ته فتح خان کي پنهنجي وڳ ڏاچين مان به اهائي هڙ حاصل ٿيندي آهي جو وقت تي اچي خبر چار لهي ويندو آهي ۽ جتن کي ڪجهه بخشش ڪري ويندو آهي، باقي ڏاچين مان ته فائدو جت وٺندا آهن. چڱو اهو نفعو توکي به ملي ويو.

هن واقعي مان اهو سبق پرائي سگهجي ٿو ته خدا وارا انسان ڪهڙي نه حڪمت عملي سان پنهنجي نفس جي خيالن ۽ خطرن کي هٽائڻ جي ڪوشش ڪندا هئا ۽ ڪهڙيءَ ريت نفس جي ڪُن مهٽ ڪندا هئا.

نقل آهي ته ٽالپرن ۽ ڪلهوڙن جو جڏهن هالاڻي ۾ جهيڙو ٿيو تڏهن ڪي ٽالپر فقير، سنڌ جي حاڪم ڪلهوڙن تي فتح پائڻ لاءِ مخدوم گرهوڙي وٽ دعا پنڻ آيا ۽ اچي آزيون نيزاريون ڪيائون. ليڪن مخدوم صاحب انهن کان ڪي وعدا ورتا ۽ ان کان پوءِ گڏجي دعا لاءِ جنگ ۾ آيا. سندن هٿن ۾ هڪ ڏنڪو يا سوٽو هيو، تڏهن بلوچن مان ڪنهن ماڻهو مخدوم صاحب کي چيو ته قبلا! اوهان ڪيڏا نه همت وارا ۽ جوان مرد آهيو اوهان جي هٿن ۾ ته ترار هجي؛ تڏهن مخدوم صاحب ان کان پڇيو ته تنهنجي هٿن ۾ جيڪا ترار آهي سا ڪيترو تيز آهي؟ تڏهن ان وراڻيو ته هن ترار سان جنهن تي حملو ڪيان ان کي ٻه اڌ ڪري وجهان. اهو ٻڌي مخدوم صاحب فرمايو ته منهنجي هٿن ۾ جيڪو ڏنڪو آهي سو جي هزارن ماڻهن کي هڻان ته انهن کي هڪ ڪري وجهي. (هن جواب جو مطلب ۽ تت هيٺئين فارسيءَ بيت مان پروڙيندا).

بسيار ديده ام کہ يکي راد و کرد تيغ
شمشير عشق بين کہ دو تن رايکے کند

نقل آهي: ته ڪن عالمن سان سوال جواب ڪرڻ جي خيال کان سنڌ جي ڪلهوڙي حاڪم جي گهر تي مخدوم گرهوڙي خداباد ۾ آيو، اهو رمضان شريف جو مهينو هو. جيئن گرهوڙي صاحب مجلس ۾ وينو ته اڳ ۾ ٿانو کڻي ٻاٽي پيئڻ لڳو، ان تي عالمن ۽ ملن مولوين ۾ ڏاڍو شور مچي ويو، جنهن تي مخدوم گرهوڙي رح فرمايو ته پريشان ڇو ٿا ٿيو؟ مان ته مسافر آهيان - مسافر کي روزي نه رکڻ جي اجازت آهي. جڏهن مناظري جو وقت ٿيو تڏهن مقرر ڪيل مجلس ۾ پهتا. اها جاءِ ڏاڍي ڪشادي هئي، عالم ۽ ملا سڳورا چئني پاسن کان کٽن تي ويٺا هئا ۽ سندن آڏو گلم پٿريا پيا هئا. مخدوم صاحب ڇا ڪيو جو گلمن ۽ کٽولن کي ڇڏي، اڱڻ ۾ مٽيءَ تي ويهي رهيا. عالمن کيس چوڻ ڪيو ته مخدوم اندر اچي ويهو، تڏهن مخدوم صاحب فرمايو ته اوهان کي ٻي مون سان مقابلو ڪرڻو آهي اچو ته هتي (علمي) وڙهه ڪريون، اهو ٻڌي اندر ۾ سڙي ويا اتي وڃي فقهي مسئلن جا انبار ۽ اڳين ۽ پوين عالمن جو بيان پڙهڻ لڳا. اڳيان به لدني علم جو ماهر وينو هو سو هر هڪ عالم جي سوال جو جواب قرآن ۽ سنت مان اهڙي طرح شافي ۽ ڪافي ڏيندو رهيو، جو سڀ لاجواب رهجي ماٺ ٿي ويا.

ايتري ۾ انهن مان مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحه جو پٽ مخدوم ميان عبداللطيف (ذب ذبابات الدراسات جو مصنف) فرمائڻ لڳو ته اسان جي والد پنهنجي هڪ ڪتاب ۾ هن طرح لکيو آهي الخ. اهو ٻڌي مجذوب گرهوڙيءَ کي اهڙو جوش آيو جو نڪر جي مس ڪپڙي جيڪا اتي پيئي هئي سا کڻندي ان بزرگ جي مٿي تي وهائي ڪڍيائون جنهن ڪري مٿي ۾ ڪجهه ڦاٽ ٿي پيو ۽ رت وهڻ لڳو ۽ گرهوڙي چوڻ لڳو ته مون کي سڌ نه آهي ته تنهنجي پيءُ ڪهڙو... لکيو آهي؟ (مطلب ته حديث ۽ قرآن مان دليل پيش ڪيو وڃي. جڏهن حاڪم آڏو اهو واقعو پيش ٿيو، موسن شاهه جو پٽ سيد ميان جمال جيڪو هن مناظره ۾ منصف يا جج ٿي وينو هو تنهن کان حاڪم حقيقت معلوم ڪئي، سيد موصوف چوڻ لڳو ته مخدوم جي هر هڪ ڳالهه قرآن مان- ان سان ڪنهن کي به سوال جواب ڪرڻ جي طاقت نه آهي.

(مجذوبن جون ڳالهيون ئي نراليون هونديون آهن) هڪ ڀيري مخدوم گرهوڙي نماز جي امامت ڪرڻ لاءِ اٿيا. تڪبير کان اڳ سنڌي ٻوليءَ جا هي لفظ زبان مبارڪ تي اچاري پوءِ نماز شروع ڪيائون:

مارئي نه ڇائي ته مارو ڀٽا
نه مامري، الله اڪبر.

ڳالهه ٿا ڪن ته گرهوڙي صاحب ننڍپڻ ۾ دائري ديهه شادي ۾ قرآن مجيد جي تعليم وٺندو هو. سندس چاچو آيو ڪيس واپس ڳوٺ وٺي ويو. گرهوڙي صاحب ٻيهر ڳوٺان ڀڄي وري اتي ئي دائري ۾ پهچي پڙهڻ کي لڳي ويو. سندس چاچو وري به ڪيس وٺڻ لاءِ پهچي ويو ۽ اها خبر مخدوم ولهاريءَ وٽ ويئي جو هو اتي قرآن پاڪ جي تعليم ڏيندو هو. گرهوڙيءَ جي سنگتين ٻارن کي جڏهن ان ڳالهه جي ڪن ڪڙڪ پيئي ته مخدوم گرهوڙيءَ کي کڻي ان جي ڪوٺيءَ ۾ لڪايائون ۽ اچي استاد کي چيائون ته مخدوم هتي ڪونهي آهي. استاد جڏهن ٻارن تي ڳولا لاءِ زور رکيو تڏهن اچي گرهوڙي صاحب کي چيائون ته هاڻ ڇا صلاح آهي. گرهوڙي صاحب فرمايو ته ڊڄو نه! مون سان گڏجي استاد جي خدمت ۾ هلو! نيٺ گرهوڙي اڳ ۾ ٿي ڪلندو خوش ٿيندو ۽ سندس سنگتي پويان مولود پڙهندا اچي استاد جي خدمت ۾ حاضر ٿيا.

استادجوش ۾اچي گرهوڙيءَ کان پڇڻ لڳو ته هيءَ ماڻهو تنهنجو ڇا ٿئي؟ گرهوڙي جواب ڏنو ته چاچو ٿئي. تڏهن اُستاد کيس فرمايو ته توتي هن ماڻهوءَ جوحق آهي، تون هن جو چيو مڃ ۽ هن سان گڏيو وڃ. تڏهن گرهوڙي چيو ته حضرتا! اوهان اهل حقيقت ٿي ڪري به ائين ٿا فرمايو ته هن شخص جو مون تي حق آهي!! اصل ۾ ته منهنجو هن (چاچي) تي حق آهي ته اهو ڪوشش وٺي مون کي تعليم ڏياري. هيءَ ته الٽو مون کي هتان وٺي ٻڪرين ۽ رڍن جي چارائڻ ۾ لڳائي ڇڏيندو. استاد کي انهي جواب تي اکين ۾ ڳوڙها ڀرجي آيا ۽ مخدوم گرهوڙيءَ کي ڀاڪر پائي ڪيس پنهنجي هڪ اجرڪ به عنايت ڪيائين ۽ گرهوڙيءَ جو چاچو واپس هليو ويو.

مخدوم جان محمد

چوڙ لڳائي بزرگن مان هڪ بزرگ کان ٻڌڻ ۾ آيو ته مخدوم جان محمد جو اسان سان وڏو لاڳاپو هو ۽ اسانجي اوطاق ۾ بڻ گهڻو سندن اچڻ وڃڻ ٿيندو هو. اسانجو اولاد ۽ پيا مٽ مائٽ مخدوم جي خدمت کي غنيمت ڄاڻندا هئا ۽ سندن ڪاڏيرن جي هڪ جدا اوطاق به هئي جنهن ۾ بيٺڪ ڪندا هئا. سندن اهو دستور هوندو هو ته جيڪو ڪين کو نذرانو پيش ڪندو هو ته ان کان پڇا ڪندا هئا ته اهو ڪنهن موڪليو آهي، ڪنهن ڏنو آهي، جي ڪين کو چوندو هو ته فلاڻي ماڻهو ڏنو آهي ته بنه قبول نه ڪندا هئا ۽ چوندا هئا ته مان ان کي نه ٿو سڃاڻان ۽ جي کو ڪين چوندو هو ته خدا ڏنو آهي ته ان کي قبول ڪندا هئا ۽ چوندا هئا ته اهو ته اسان کي اڳ به ڏيندو رهيو آهي. هڪ ڀيري جو واقعو آهي ته مير ٻهرام خان ڪپهه جو هڪ ڪڙتو ۽ پشم جو ڪمبل مخدوم صاحب لاءِ شيخ محمد جي هٿ موڪلي ڏنو ۽ اسان ڏانهن لکي موڪليو ته هنن شين جي رسيد مخدوم عبدالله جي دستخط سان اسان ڏانهن موڪليو، جڏهن ته رسيد جو وٺڻ لاممڪن هو ۽ مخدوم صاحب نهايت بيپرواهه انسان هو، نيٺ مير موصوف جي راضپي جو خيال رکي پنهنجو سمورو اولاد ننڍا، وڏا گڏجي مخدوم صاحب کي التجا ڪئي سون. مخدوم صاحب فرمايو ته ٻهرام ڪير آهي؟ مان ڪيس نه ٿو سڃاڻان، اسان کي جيڪي ملي ٿو سوخدا پاڪ طرفان آهي. جيتري به اسان عرض پئي ڪيو ته انڪار ٿيندو رهيو، نيٺ جڏهن اسانجي عاجزي حد کان وڌي ويئي تڏهن رحم کائيندي فرمائڻ لڳا ته چڱو ڪاغذ جو ٽڪرو ۽ مس قلم کڻي اچو! ڪاغذ جي ٽڪري تي رڳو هي اکر لکيائون: هڪ ڪڙتو ڪپهه وارو ۽ هڪ اوني ڪمبل خدا جي حڪم سان شيخ محمد جي هٿان پهتو ۽ اها رسيد شيخ محمد جي حوالي ڪئي وئي.

حافظ نمره فقير موکي ڳالهه ڪئي ته هڪ هندو هو جنهن هڪ ماڻهو هٿ ڪجهه موريون مخدوم جان محمد لاءِ نذراني طور موڪليون، ان اچي اهي موريون پيش ڪيون. مخدوم صاحب پڇيو ته اهي ڪنهن ڏنيون آهن، ان ماڻهوءَ هندوءَ جو نالو ورتو. مخدوم صاحب فرمايو ته اهي وڃي ان کي واپس ڪر مان ڪيس نه ٿو سڃاڻان. جڏهن اهي موريون هندوءَ کي واپس ڪيون ويون تڏهن سربستو احوال معلوم ڪري هندو چوڻ لڳو ته توکي هيئن چوڻ کپندو هو ته خدا ڏنيون آهن، نيٺ واپس موريون کڻي ويو ۽ ائين ئي وڃي چيائين. مخدوم صاحب مشڪيو ۽ فرمايائين ته اهو خدا ته اسان کي اڳ به ڏيندو آهي.

حافظ نمره خبر ڪئي ته ڪنهن ماڻهوءَ مخدوم عبدالله کان مخدوم خواجه محمد زمان صاحب لواريءَ وارن بابت پڇيو، تڏهن چوڻ لڳو ته هو جاموٽ (سردار) آهي ۽ اها دستار جيڪا سندن سرتي آهي سان ڀرئين جاني (جان محمد) جي سر تي ٿي رکيائون پر جاني گهڻي عاجزيءَ سان ان بار کان پاڻ کي آزاد ڪرائي ورتو.

ڳالهه ٿا ڪن ته هڪ ماڻهوءَ کي مخدوم جان محمد رحه آڏو اهو دل تي وهم ويٺو ته خبر نه آهي مخدوم صاحب ڪهڙي ذات آهن. ان خيال کي به مڪاشفي سان مخدوم صاحب تاڙي ويو فرمائڻ لڳو ته "جاني" ڪير آهي؟ ان جي ماءُ مغلن جي ٻانهي هئي ۽ پيءُ مهاڻو. جاني مهاڻي جو پٽ آهي. ساڳي ريت پنهنجي سڪونت بابت به فرمايائون ته ٺٽي ۾ رهائش هئي ۽ ٺٽي جي نواب جو نوڪر هو ۽ باد شاهي خطوط لکڻ جو شغل هو.

نقل آهي ته مخدوم جان محمد آڏو جيڪڏهن ڪو دوزخ بابت پڇندو هو ته پاڻ فرمائيندا هئا ته دوزخ ڪجهه به نه آهي رڳو ڪنب ٿيندو جنهن کي ڏوٻي ڪپڙن جي مر ۽ مٽيءَ وڃائڻ لاءِ باهه ڏيندا آهن.

اصل ۾ هن جملي چوڻ جو ڪارڻ اهو هو جو مخدوم صاحب تي رحمت واري تجليءَ جو غلبو هو ۽ اها جمالي تجلي آهي جنهن ۾ جلال کي ڪجهه به دخل نه آهي ۽ جيڪو جلال کي نه ٿو ڏسي سو ڪڏهن به زبان تي دوزخ جو نالو نه وٺندو آهي.

اگر درد هديک صلائي ڪرم
عزازيل گويد نصيبي برم

ميان مڪڻ مجذوب قدس سره

ڳالهه ٿا ڪن ته هڪ ڏينهن ميان مڪڻ مجذوب، مخدوم ميان اسماعيل وينل کوڏيءَ جي خدمت ۾ آيو، ماڻهن ڪانئس پڇيو ته اوهان کي مجذوب سڏيو ٿو وڃي پر ظاهري طرح ته ڪو به مجذوبي جو اثر ڏسڻ ۾ نه ٿو اچي. تڏهن ميان مڪڻ، مخدوم اسماعيل کي چوڻ لڳو ته سائين هنن ماڻهن کي سڌ نه آهي ته هن کان اڳ مان بنهه مجذوب هوس. هڪ ڏينهن ٿيو ڇا جو شهر کان ٻاهر ٻروچن جون گهوڙيون ٿي گاهه چريون، مان به پنهنجي (چريائي واري) حالت ۾ هيس، سو اچي ٿو گهوڙين کي ڀڄايان سڄو ڏينهن گهوڙيون ڀڄائيندو رهيس، انهن مان هڪ گهوڙي انهيءَ ڊڪ ڊوڙ ڪري وڃي کوهه ۾ ڪري ۽ اتي ئي مري وئي. بلوچن به ڇا ڪيو جو مان کي پڪڙي، ٻڌي اچي بيٺا هاڄ

(ڏسو صفحو ٣٢)

از:- عبدالڪريم گدائي

نه آ معلوم

چمن ۾ ڪهڙي گهلي ٿي هوا، نه آ معلوم؟
گلن جو حال، نه مکڙين جي ماجرا معلوم،
پنور خموش، نه بلبل جي ڪا نوا معلوم،
ٻين ٿي ڇا ٿو وهي واهري، سو نا معلوم؟
الائي ڇا ٿئي اڳتي، اهو خدا معلوم؟
نه ابتدا جي خبر آ، نه انتها معلوم.

قرار لاءِ رهي بيقرار تو تن من،
مگر نه راس اچي ٿو، خيال ڪي ڪو فن،
ٿي آنڌ مانڌ رهي دل ۾، هڪ نه ٻي الجهن،
سڪون محال ٿو ڏسجي، قرار نا ممڪن،
نجات ڪهڙي بلا آه، سو نه آ معلوم؟
نه ابتدا جي خبر آ، نه انتها معلوم.

چوي ٿو سڀڪو، ته هي دور ارتقائي آ،
ڏسو ڪمال - بشر، چنڊ تي چڙهائي آ!
سندس عروج جي قائل، سڄي خدائي آ،
مگر انهيءَ کان زياده به ڪا برائي آ؟
بشر ڪي ناه بشر جي ڪا مدعا معلوم؟
نه ابتدا جي خبر آ، نه انتها معلوم.

هلن جهاز ٿا، بجلي جي اڄ اشارن تي!
وئي بشر جي نظر چنڊ ۽ ستارن تي،
پئي نه حيف مگر پنهنجي خاڪسارن تي،
رکيو غريب ويو آ، ٽلهن سهارن تي،
اها جي آه ترقي، ته ارتقا معلوم؟
نه ابتدا جي خبر آ، نه انتها معلوم.

ستم زده جو هتي، ڪو به آسرو ڪونهي،
ڇٽون ته ڪنهنکي ڇٽون، ڪنهن جو پرسو ڪونهي،
افق تي روشني جو، ڪو به ترورو ڪونهي،
انڌيري رات آ، ڪا ٿي به سوجهرو ڪونهي،
سڪن جو ڏينهن پي ٿيندو ڪڏهن خدا معلوم؟
نه ابتدا جي خبر آ، نه انتها معلوم.

روش روش تي هتي، نوڪدار خار آهن،
ڳٽي مان ڪهڙا ڳٽيان، زخم بيشمار آهن،
قدم قدم تي هتي، آستين جا مار آهن،
اڃا حيات جا اقدار، شرمسار آهن،
ڪنهين جي درد جي ڪنهن ڪي نه آ، دوا معلوم؟
نه ابتدا جي خبر آ، نه انتها معلوم.

هتو بهار جو ڪونهي، اڃا خزان آهي،
لهو بشر جو جهان ۾، روان دوان آهي،
سهل آ موت، مگر زندگي گران آهي،
اڃا ته، گرد و غبارن ۾ ڪاروان آهي،
انڌيري رات آ، منزل جي راه نا معلوم؟
نه ابتدا جي خبر آ، نه انتها معلوم.

اٿو اٿو، هي زمان و مڪان بدلايون!
هلو هلو، ته هي ڪون و مڪان بدلايون!
ملو ملو، ته زمين آسمان بدلايون!
اچو اچو، ته سڄو خاڪدان بدلايون!
اچو ڪو دم آ غنيمت، سڀان جو ڇا معلوم؟
نه ابتدا جي خبر آ نه انتها معلوم.

سنڌ جي علم و عرفان جي مهراڻ جا موتي

(آندل صفحي ٣١ تان)

لاهڻ اينرو ته بيدردي‌ءَ سان ماريائون ۽ ڪتيائون جو بدن تان ڪل به لهي ويئي. ان مار جي ايذاءَ ڪري خدا پاڪ ڪان دعا گهريم ته يا خدا مون ڪي اهڙي مجذوبي ڪان پناهه ڏي، اها دعا اگهي ويئي ۽ هيءَ حالت پيدا ٿي.

خليفو محمود نظاماڻي پنهنجي والد ڪان نقل ٿو ڪري ته ميان مکڻ مجذوب جو اهو قاعدو هوندو هو ته جڏهن ميرپور شهر ۾ ايندو هو ته سندس پٺيان ٻي الڏ ڇوڪرا هڪل لڳندا هئا ۽ دڪانن تي ڪتل، پڳڙا ۽ ٻيون شيون رکيل هونديون هيون- جڏهن ڪنهن دڪاندار جي نظر پئي پاسي ٿيندي هئي ته ميان مکڻ پئي هٿ شين ۾ پري پري بازار ۾ ڦٽو ڪندو هو ۽ ٻارشين جي چونڊڻ ۾ لڳي ويندا هئا ۽ ٻاڻ اڳتي وڌندو ويندو هو. سڄي بازار ۾ ان جي اها ڪار هوندي هئي ۽ ورڻي جڏهن بازار ڪان ٻاهر نڪرندو هو ته جيڪو گهر سنديس آڏو ايندو هو ته ڪونرو گهري وضو ڪندو هو ۽ نفل پڙهندو هو. اهو ئي سندس دستور هوندو هو.

مخدوم ميان سچيڏنرح

ميان محمد اڪرم قصو ڪيو ته ڇاچڪن جي ديهه جوڻ ۾ هڪ شڪاري (ٻاليشاهي) مري ويو. قاضي مطيع ان تي نماز جنازي پڙهڻ ڪان انڪار ڪندي فرمايو ته هن تي نماز جنازي جي پڙهڻ جائز نه آهي- اها خبر وڃي مخدوم سچيڏني کي پهتي تڏهن مخدوم صاحب فرمايو ته ٻن ماڻهن تي جنازي جي نماز جائز نه آهي- هڪ محمد اڪرم جو گهڻيون ڪرامتون ٿو ڏيکاري ۽ ٻيو قاضي مطيع جو رشوت وٺندو آهي. هڪ ڏينهن مخدوم سچيڏنه جي قاضي محمد مطيع سان ان جي ديهه ۾ ملاقات ٿي، قاضي چوڻ لڳو ته سائين! او هان (اسان بابت) جيڪي ڳالهايو آهي ان تي او هان شرعي تعزير جا مستحق آهيو. مخدوم فرمايو ته جيڪو حڪم هجي ته آءٌ حاضر آهيان؛ ليڪن مخدوم سچيڏنه کي گرم ۽ تتيءَ اُس ۾ اڌ پهر کن بيهاريو ويو. ان جي خبر مخدوم جي مائٽن کي به پهتي جي پڇند آيا- ڇا ڏسن ته مخدوم اڃي رهيو آهي. جڏهن ڪانئس پڇيائون ته ڇا خبر آهي تڏهن فرمائڻ لڳو ته قاضي مطيع اسان تي شريعت جي حد ۽ تعزير جاري ڪري احسان ڪيو آهي جو اسان کي آخرت جي عذاب ڪان ڇڏائي ڇڏيو. (ان طرح مخدوم سچيڏنه فساد ٽاري ڇڏيو).

از:- شيخ عبدالعزيز

سنڌ جا موسيقار

سنڌ لوڪ سنگيت ۾ تمام گهڻو شاهوڪار آهي. لوڪ موسيقي ۽ لوڪ ناچ هن علائقي جي زرخيزي، عوام جي زندهه دلي ۽ ثقافتي برتري جا نمايان آثار آهن. لوڪ سنگيت کان علاوه ڪلاسيڪي موسيقي به هتي چڱي مقبوليت اختيار ڪئي؛ ليڪن سنڌ ۾ موسيقي جون اهي روايتون نه هيون ملن، جيڪي برصغير جي ٻين حصن جون طرهء امتياز رهيون آهن. هتي موسيقي شاهي دربارن جي احاطي ۾ مقيد رهڻ بجاء، عوام جو ورثو رهي آهي، نوابن ۽ اميرن جي محفلن جي سونهن رهڻ بدران صوفين ۽ فقيرن وٽ رهي؛ اهڙيءَ ريت هيءَ عظيم فن ڪنهن جي ورثي رهڻ بدران عوام جو ٿي رهيو. هن جا فنڪار به عوام ۾ رهيا، هن جي مقبوليت به عوام ۾ ٿي ته ان جي حفاظت به عوام ئي ڪئي. نتيجي طور هي فن وڌندو ۽ ويجهندو رهيو. ائين ضرور آهي ته ڪيترن ٻاهر وٽ باشندن ۽ متاهين طبقي جي ماڻهن وقت بوقت فنڪارن جي سار سنڀال لڌي ۽ هنن جي همٿ وڌائڻ مدد ڪئي، جنهنڪري هيءَ فن وڌيو ۽ مقبوليت حاصل ڪئي. اهڙا ماڻهو اسان جي هن عظيم فن جي رکوالي جي سبب واقعي تحسين جي قابل آهن.

سنڌ ۾ ڪلاسيڪي موسيقي جي پهرين جهلڪ اسان کي سنڌ جي عالمي شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي (متوفي ۱۷۵۲ع) جي زماني ۾ ملي ٿي. هن موجب ڪلاسيڪي موسيقيءَ جا ٻه دهليءَ جا فنڪار اٽل ۽ چنچل شاهه صاحب جن جي ترتيب ڏنل رسالي جي سرن جي سلسلي ۾ آيا هئا. هو ڀٽ تي اچي ترسيا هئا ۽ شاهه لطيف کين جيڪي سر ٻڌايا، انهن کي ڳايو.

ڪلهوڙن جي دؤر حڪومت دوران، ٿوري ئي ان کان اڳ ڪافي ٻاهر جا باشندا سنڌ ۾ داخل ٿيا، جن ۾ ٻين شعبن سان متعلق ماڻهن کان سواء موسيقيءَ جا فنڪار پڻ هئا. ڪلهوڙن کان اڳ ڪلاسيڪي سنگيت جي فنڪارن جو سنڌ ۾ ڪو به پتو نٿو پوي، ليڪن ان کان پوء واري عرصي ۾ هن فن جي ڪافي فنڪارن جو احوال ملي ٿو. انهيءَ عرصي دوران جيڪي فنڪار پيدا ٿيا، گو انهن جو مفصل احوال ڪٿي به نٿو ملي، تاهم اسان هيٺ اهڙن موسيقارن جو مجمل تذڪرو ڪنداسين جيڪي سنڌ ۾ رهيا ۽ هتي رهي سنڌ ۾ عوامي حيثيت حاصل ڪئي.

ويجهي دؤر ۾ ڪيترا اهڙا فنڪار ٿي گذريا آهن، جيڪي ان وقت جي ٻين فنڪارن ۾ امتيازي حيثيت رکندا هئا. انهن کي اڳواڻ به ڪري ليکيو ويو. جهڙوڪ سن ۱۹۰۰ع تائين استاد هادي خان جو نالو نمايان آهي. ان کان پوء استاد امير خان، استاد عاشق علي خان، استاد سينڌو خان پنهنجي پنهنجي وقت ۾ اوچي حيثيت رکندا هئا. ٻڌ هندڙن جي سولائي لاء اسان فنڪارن جي تذڪري کي به دؤروار ورهايو آهي.

پهريون دؤر
(۱۹۰۰ع تائين)

استاد هادو خان:-

سنڌ ۾ ڪلاسيڪي موسيقيءَ جو پهريون دؤر استاد هادو خان جي آمد سان شروع ٿئي ٿو. هي پنجاب جي فتح ڳڙهه علائقي جو وينل هو. هي خاندان پنجاب ۾ ڌرپد گائڻ ۾ مهارت رکندڙ هو.

جڏهن سنڌ جو هڪ صوفي مت ٻوڌو واپاري سيٺ گلابداس پنجاب ويو هو، تڏهن هو ان کي پاڻ سان گڏ سنڌ ۾ وٺي آيو هو. هادو خان سنڌ ۾ ارڙهين صديءَ جي آخر ڌاري آيو هو. سيٺ گلابداس جيڪو پاڻ فن موسيقيءَ جو ڄاڻو ۽ دلداده هو تنهن کيس پنهنجي اباڻي ڳوٺ مالجهوءَ ۾ ترسايو. سيٺ گلابداس جي گذرڻ کان پوء هو ان جي پٽ سيٺ وشنداس وٽ ئي رهيو. سيٺ وشنداس پاڻ به فنڪارانه ذهن ۽ ذوق رکندو هو، وٽس ڪيترا فنڪار ۽ گائڪ رهندا هئا.

هادو خان گائڪي جي لحاظ کان ته ڌرپد ي گهراڻي سان تعلق رکندو هو، ليڪن اهو وقت ڌرپد جو پويون وقت هو ۽ خيال ڏينهون ڏينهن ترقي حاصل ڪري رهيو هو، انهيءَ ڪري هادي خان به انهي طرف ڌيان ڏنو ۽ خيال جي گائڪي اختيار ڪئي. سندس گائڪيءَ تي "دهلي" ۽ "تلونڊي" گائڪي جو به اثر پيل هو. ڳائڻ کان علاوه ستار به تمام چڱي وڄائيندو هو.

استاد بخشو ۽ صادق علي:-

انهي زماني جي ٻين ڪلاسيڪي موسيقارن ۾ اسان کي استاد بخشو خان ۽ استاد صادق علي خان جا نالا نمايان نظر اچن ٿا. استاد بخشو ۽ صادق علي خان جيسلمير جا گائڪ هئا ۽ استاد بخشو جيسلميري جي نالي سان مشهور هو. سنڌ ۾ ۱۸۳۰ع ڌاري آيا ۽ اچي خيرپور جي ميرن وٽ ترسيا. جتان پوء مستقل طرح سان اچي حيدرآباد ۾ رهائش اختيار ڪيائون.

استاد بخشو دهليءَ جي گائڪيءَ جي اثر هيٺ هو، جنهن تي "ڪرناٽڪي" رنگ به ملائيندو هو، جنهنڪري خو بصورت ادائگي بنجي وينڌي هئي. ڳائڻ کان سواء طبلو ۽ سارنگي به نهايت اعليٰ درجي جي وڄائي سگهندو هو. سندس خاندان مان هينئر سنڌي ۽ اردو فلمن جا ميوزڪ ڊائريڪٽر غلام نبي ۽ عبداللطيف آهن.

استاد، امير خان:-

امير خان به هن دؤر جو مشهور گائڪ ٿي گذريو آهي. هي موسيقار مشهور گائڪ عاشق علي خان جو مامو هو ۽ ٻاهران لڏي اچڻ کان پوء مستقل سيوهڻ ۾ قيام ڪيائين. امير خان، نه فقط گائڪ هو پر رباب وڄائڻ ۾ به پنهنجو ثاني نه رکندو هو. ڳائڻ ۾ به ساڳيو ڪمال رکندو هو. سندس آواز ۾ قدرتي ڪشش موجود هئي. تال ۽ سر ۾ نهايت پختو هوندو هو. ڪيترن موسيقي جي محفلن ۾ نمايان حصو ورتائين. سندس شاگردن جو به هڪ چڱو تعداد هو.

(ٻيو دؤر ۱۹۴۰ تائين)

استاد عاشق علي خان

هن دور ۾ استاد عاشق علي خان جو نالو سر فهرست آهي. سنڌ جو هيءَ گائڪ ... جي گائڪيءَ سان تعلق

ٿو، جنهن ربع صديءَ تائين سنڌ ۾ ڪلاسيڪي موسيقيءَ کي روشن رکيو. اُستاد عاشق علي خان علم موسيقيءَ ۾ اِيڏي دسترس رکندڙ هو، جو ڪيس اُن وقت جو ديوتا ڪري مڃيو ويو. سندس آواز ۾ سنجيدگي، پختگي ۽ تڪميل جا آثار نمايان هئا. ڳائڻ مهل سر ۽ تال ۾ ايڏو ته گم ٿي ويندو هو جو ڪيس پنهنجي وجود جي خبر ئي نه پوندي هئي. خيال ۽ آلاپ جي هن جي اڳيان وڏي اهميت هئي. هو پنهنجي گائڪي ۾ پيچيده کان پيچيده تانون ۽ مينڊون هڻندو هو. سندس گائڪي نهايت عجيب انداز جي هئي.

پنهنجي دؤر جي گائڪن ۾ نهايت ئي اوچي حيثيت رکندو هو. هاڻين ۽ موسيقيءَ جي محفلن ۾ ڪيس سڀني جي آخر ۾ ڳارايو ويندو هو. سندس گائڪي جو هڪ سڀ کان انوکو پهلو هيءُ هو ته هن ڪلاسيڪي موسيقي کي جتي پيچيده ۽ خوبصورتي سان پيش ڪيو اتي ان کي ڪافي جي روپ ۾ آسان ڪري پيش ڪيو، جنهن ۾ هو گهڻي قدر ڪامياب ٿيو. ڪيترن سنڌي ڪافين کي ڪلاسيڪي راڳن جي سولي ۽ سنڌي انداز ۾ پيش ڪري اهل سنڌ وٽ تمام گهڻي مقبوليت حاصل ڪئي. انهن مان "جادو ته جهڙا، وِيا جيءَ ۾" سنڌ ڙي مان قاعد، ڪافي مقبول آهي. اَئين مير هوت چڱي ته سنڌ ۾، سنڌي سنڌ سر ڪي، ڪلاسيڪي رنگ ڪيو لڳڻ ڪرڻ جو سهرو عاشق

علي خان جي سر تي آهي، جنهن جي تقليد اڄڪلهه اُستاد اُميد علي خان ۽ منظور علي خان ڪري رهيا آهن.

اُستاد عاشق علي خان جا ڪيترائي شاگرد آهن، جن مان پاڪستان جي مشهور گائڪ زاهده پروين، نواب اختر، گولي، بالي ۽ فلمي دنيا جي مشهور گائڪ نسيم بيگم شامل آهن.

الهڏنو نوناري:-

سنڌ جي گائڪن، جيڪي سنڌ ۾ ڄاوا نپنا ۽ ڪلاسيڪي گائڪي ۾ به پنهنجو مقام پيدا ڪيو، انهن ۾ الهڏنو نوناري نمايان حيثيت جو مالڪ آهي.

هي گائڪن ۾ متثنيٰ حيثيت هن ڪري به رکي ٿو ته پهريون سنڌي ڳائڻو هو، جنهن سنڌ جي علاقائي موسيقي کان علاوه ڪلاسيڪي ڳائڻ ڏانهن توجهه ڏنو ۽ ان ۾ گهڻي دسترس حاصل ڪئي. الهڏنو نوناري روهڙيءَ جو وينل هو. موسيقيءَ جي ابتدا سنڌي ڪافين ڳائڻ سان ڪيائين ليڪن بعد ۾ اُستاد عاشق علي خان جي رهبري ورتائين ۽ ڪلاسيڪي ڳائڻ به شروع ڪيائين.

سندس آواز سنهو ۽ نهايت ئي اوچو هو. آواز ۾ سوز ۽ لچڪ قدرتي طور تي موجود هئس. انهيءَ ڪري مرثيه تمام پر اثر نموني پڙهي سگهندو هو. پيروي، تلنگ، ملهار ۽ بهاڳ راڳن تي حڪم هئس. سندس ڳائڻ جو انداز به اُستاد عاشق علي خان وارو هو ۽ بعد ۾ گهڻو ڪري ساڻس جهيلي تي ڳائيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن بيبي خان سان به ڳائيندو هو.

لعل خان گگو:-

ٺٽو علم ۽ فن جي سر زمين رهي آهي. هن علائقي جيڪي فنڪار پيدا ڪيا، انهن سنڌ ۾ ته ٺهيو پر ٻين حصن ۾ به پنهنجو نالو روشن ڪيو. اُستاد لعل خان انهن مان هڪ آهي جنهن سنڌ جو باشندو ٿي ڪري به ڪلاسيڪي انداز موسيقي کي پنهنجو ڪيو ۽ ان ۾ مهارت حاصل ڪئي.

لعل خان جو دؤر پيدائش ١٨٨٠ع ڌاري چيو وڃي ٿو. هي ٺٽي ۾ پيدا ٿيو هو. فن موسيقي جي شوق ۾ سڄي سنڌ جو ٽڪر ٽڪر گهميائين. هن جو قد مشڪل سان ٽي فوٽ ڪن هئو جنهن ڪري ڪيس اُستاد لعل خان گگو سڏيو ويندو هو. جڏهن ڳائڻ لاءِ تانپورو کڻندو هو ته ان جي پويان لڪي ويندو هو.

سندس آواز نهايت سريلو ۽ دردناڪ هئو. لئي ۽ تال جو بيحد پختو ۽ راڳ جي صورت ادائيگي تي مڪمل حاوي هوندو هو. سندس همعصرن ۾ گامڻ ۽ سيندو خان مشهور آهن.

درباري ۽ مالڪوس ۽ للت سندس محبوب راڳ هئا. حيدرآباد ۽ نوابشاه ۾ ١٩٢٦ع کان ١٩٣٠ع تائين منعقد ڪيل مناظرن ۾ هن نمايان طور تي حصو ورتو.

سيندو خان:-

هن دؤر جو ٻيو مشهور موسيقار سيندو خان آهي. هي فنڪار اُستاد هادي خان جو پٽ هو. ١٨٩٧ع ڌاري سنڌ ۾ پيدا ٿيو ۽ سندس والد وانگر هيءُ به سيٺ وشنداس وٽ ترسيو ۽ نپنو. ڏهن نهايت سٺو رکندڙ هئو، تنهن ڪري هن فن ۾ ننڍي وهي ۾ ئي ڪافي دسترس حاصل ڪري ورتائين. پنهنجي پيءُ وانگر هي به ڳائڻ ۾ ڪماليت رکڻ سان گڏ و گڏ ستار به انتهائي خوبصورت وڄائيندو هو، جيڪا پنهنجي والد هادي خان کان سکيائين.

سيٺ وشنداس وٽ ننڍي هوندي کان ترسڻ جي ڪري، شاعريءَ جو اثر به سندس ذهن تي ويٺو ۽ پاڻ به شاعري ڪرڻ لڳو. سيٺ وشنداس جو مٿس اينترو قرب ٿي ويو جو ڪيس نياڻو ڪري ترسايائين.

سيٺ وشنداس جي فوت ٿيڻ کانپوءِ سيندو خان مخدوم صاحب هالن واري وٽ وڃي ترسيو. مخدوم صاحب پاڻ به موسيقي جو وڏو دلداده ۽ فنڪارانه ذهن رکندڙ هو، جنهن پاڻ به ڪانئس تعليم حاصل ڪئي. علم موسيقيءَ ۾ ستار به سکي.

سيندي خان جي گائڪي به پنهنجي پيءُ وانگر دهليءَ انداز رکندڙ هئو جنهن ۾ تلونديءَ جي ٿوري آميزش پڻ ڪندو هو. خيال جي گائڪي ۾ اوچو مقام رکندو هو.

حيدرآباد، دادو، شڪارپور ۽ ڪراچيءَ ۾ منعقده مختلف هاڻين ۽ موسيقيءَ جي محفلن ۾ شرڪت ڪندو رهيو ۽ انهن ۾ امتيازي حيثيت حاصل ڪيائين. ١٩٤٨ع ۾ سنڌ ۾ ئي گذاري ويو.

اُستاد احمد خان:-

هن خاندان جو وڏو گائڪ اُستاد احمد خان آهي.

هي مشهور گائڪ شادي خان جو وڏو پٽ هو. احمد خان، گامڻ خان ۽ ڪريم بخش خان ٽي ئي پنهنجي دؤر جا سهڻا گائڪ ٿي گذريا آهن. اُستاد احمد خان ٽپو ۽ ڌرپد ڳائيندو هو مگر پوءِ خيال طرف به ڏيان ڏنائين. هن جي آواز ۾ خاص قسم جو تاثير هو. سنڌ ۾ به ڪافي عرصي تائين ڌرپد ڳائيندو هئو مگر بعد ۾ نيپال جي مهاراجا طرفان دعوت ملڻ تي اوڏانهن هليو ويو، جتي ان جي دربار ۾ رهيو ۽ اتي ئي فوت ٿي ويو. هن جي خاندان مان جمالو خان ۽ بعد ۾ اُستاد منظور علي خان آهي.

گامڻ خان:-

هن دؤر جو ٻيو وڏو گائڪ گامڻ خان ٿي گذريو آهن.

گامڻ خان فتح ڳڙه (مشرقي پنجاب) جي مشهور گائڪ

شادي خان جو پٽ هو. سنڌ ۾ فني قدرداني جي ڦاڪ پڌي، اچي هتي رهيو هو. گامڻ خان پنهنجي جوانيءَ ۾ اچي هتي ترسيو. هن جي گائڪي جو انداز به ڌرپد وارو هو. ٽپو به سهڻو ڳائيندو هو. گامڻ خان شڪارپور ۾ وڃي رهيو، جتي موسيقي جي محفلن ۾ شرڪت ڪندو رهيو ۽ آخر اتي ئي فوت ٿي ويو.

ڪريم بخش خان:-

هن خاندان جو هيءُ به هڪ چمڪندڙ ستارو هئو جنهن پنهنجي گهراڻي جي گائڪيءَ ۾ سنڌ اندر چڱو نالو پيدا ڪيو.

هيءُ احمد خان جو ننڍو ڀاءُ هو. پنهنجي والد وانگر هيءَ ٽپو گهڻو ڳائيندو هئو. بعد ۾ خيال ڏي گهڻو توجه ڏنائين ۽ ان ۾ ڪافي دسترس حاصل ڪيائين. شڪارپور ۾ ئي پيدا ٿيو هئو ۽ سنڌ جي مختلف هنڌن تي وقت بوقت منعقد ٿيندڙ موسيقي جي محفلن ۾ شرڪت ڪندو رهيو ۽ آخر ۾ شڪارپور ۾ ئي فوت ٿي ويو.

مبارڪ علي خان:-



مبارڪ علي خان به هن ڏوڙ

جو وڏو گائڪ ٿي گذريو آهي. هي گائڪ گامڻ خان جو پٽ هئو ۽ اوڻهين صديءَ جي آخر ڌاري شڪارپور ۾ ڄائو. موسيقي جي تعليم پنهنجي والد اُستاد گامڻ خان کان حاصل ڪيائين ۽ بعد ۾ باقاعدگي سان رياض ڪندو رهيو جنهن ڪري هن فن ۾ ڪافي مهارت حاصل ڪري ويو. پنهنجيءَ زندگيءَ جو ڪافي حصو سيٺ وشنداس جي قائم ڪيل وشن نگر (ٽنڊو آغا) حيدرآباد ۾ به گذاريائين، جتي ٿيندڙ هاڻين ۽ محفلن ۾ شرڪت ڪندو هو. حيدرآباد کانسواءِ شڪارپور ۾ به ڪجهه عرصو رهيو، جتي وقت بوقت سنڌ ۽ پنجاب کان علاوه هندستان جا گائڪ به ايندا هئا. بعد ۾ مستقل طور ڪراچيءَ ۾ رهڻ لڳو. قيام پاڪستان کان پوءِ به زنده هو ۽ اتي موسيقيءَ جي تعليم ڏيندو هو. سندس اولاد مان قدرت الله خان سنو گائڪ آهي، جيهن جو نشري پروگرام ريڊيو پاڪستان تان ٿيندو رهندو آهي.

ٻيبو خان:-

ٻيبو خان، گامڻ خان جو پٽ ۽ مبارڪ علي خان جو ننڍو ڀاءُ هو. پنهنجي والد گامڻ خان کان تحصيل فن ڪيائين ۽ هتي ئي ان جو رياض ڪندو رهيو تانجو ان ۾ وڏي مقبوليت حاصل ڪيائين. آواز سريلو ۽ اثر ڪندڙ هوس. گائڪيءَ جو انداز به پنهنجي ڀيءُ وارو هئس جنهن ۾ ڌرپد جي آميزش هوندي هئي. انهن ڏينهن خيال ۾ لونيهن لڳائڻ جي اجازت نه هوندي هئي، ليڪن ٻيبي خان ان کي رائج ڪرڻ ۾ ڪي قدر مدد ڪئي. تان ۾ گمڪ تي ڪافي ملڪو رکندو هئو. ان وقت حيدرآباد، دادو، شڪارپور توڙي ڪراچيءَ ۾ ٿيل سنگيت جي ڪچهرين ۽ هاڻين ۾ گهڻي قدر حصو ورتائين. گهڻو ڪري اُستاد عاشق علي خان يا الهڏني نوناري

سان گڏ ڳائيندو هو.

مراد علي خان:-

مراد علي خان، گامڻ جو ننڍو پٽ ۽ مبارڪ علي خان جو ڀاءُ هو. گهراڻي جي گائڪيءَ تي هن به خاص رياض ڪيو. حيدرآباد ۾ ڪجهه وقت رهيو، پر جلد ئي شڪارپور هليو ويو. ان کانپوءِ حيدرآباد ۾ وقت بوقت ٿيندڙ موسيقي جي محفلن ۾ اُستاد ڳائڻ سان جهيلي تي ڳائيندو هو. سندس ڪارنامن جو پتو پڇي نه سگهيو آهي.

گواليارِي گهراڻو

سنڌ ۾ گائڪيءَ جو علحده انداز گواليارِي گهراڻي جي هڪ مشهور گائڪ اُستاد پياري خان جي اچڻ سان شروع ٿيو. استاد پيارو خان دراصل امرتسر جي تنسنگ ڳوٺ جو رهواسي هو. ڌرپد جي گائڪيءَ جي ڪري هي گهراڻو گهڻو مشهور آهي ۽ ان تي خاص حڪم رکي ٿو. اُستاد پياري خان جو پيءُ اُستاد نبو خان ڌرپد ڳائڻ ۾ ڪماليت رکندو هو. سندس شجره- نسب دربار اڪبري جي مشهور گائڪ تانسين سان ملي ٿو.

اُستاد پيارو خان:-

اُستاد پيارو خان سنڌ ۾ نوجوانيءَ ۾ آيو هو. هن مشهور ڌرپد جي گائڪ علم موسيقي پنهنجي والد اُستاد نبوخان کان حاصل ڪئي. اُستاد پياري خان جي فني عظمت جي قدر ومنزلت ڪندي سيٺ وشنداس ڪيس پاڻ وٽ ترسايو، جتي هو پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندو رهندو هو. ڌرپد جي اثر

گهٽجڻ ڪري هن خاندان به خيال جي گائڪي ڏانهن لاڙو ڪيو ۽ آخر ان ۾ ڪمال حاصل ڪيو.

اُستاد پيارو خان، جيئن ته ڌرپد ڳائڻ ۾ به ملڪو رکندو هو، ٺنهنڪري خيال ڳائڻ ۾ اهو رنگ آڻيندو هو. سندس آواز ۾ گنڀيرتا ۽ سنجيدگي جا آثار نمايان هوندا هئا. بلمپت گهڻو ڳائيندو ۽ اهائي سندس خاص گائڪي هئي. مقابلن ۽ هاڻين ۾ استاد عاشق علي خان جي سامهون ڳائيندو هو. سندس پٽ اُستاد اميد علي خان، جيڪو ان وقت ننڍو هو، پڻ سندس جيهلي تي ڳائيندو هو.

اُستاد جمالو خان:-

اُستاد جمالو خان پنهنجي دؤر جو عظيم ڪلاڪار هو. حسب نسب موجب هي گواليار جي مشهور ڌرپد ڳائڻ جي گهراڻي سان تعلق رکي ٿو. جمالو خان احمد خان جو پٽ ۽ گامڻ خان جو پائيتو هو. احمد خان پنهي ۽ ڌرپد ڳائڻ ۾ تمام وڏو فنڪار ڪري مڃيل آهي. اوڻيهين صدي جي آخر ڌاري ڄائو هو ۽ سڄي عمر سنڌ ۾ ئي گذاريائين. موسيقيءَ جي تعليم پنهنجي والد احمد خان کان ئي حاصل ڪيائين ۽ ڳاهي ڳاهي گامڻ خان سان به ڳائيندو هو. جيئن ته هي گهراڻو روايتي طور ڌرپد جو گائڪ رهيو آهي، اُستاد جمالي خان به هن فن ۾ پنهنجو رياض ڪيو ۽ ڪمال پيدا ڪيو.

هوندي به اُستاد جمالو خان سڀني راڳن ڪي هڪجهڙو پسند ڪندو هو، ليڪن ميگهه، درباري، پوريا، برج، سهڻي، رامڪلي، ديسڪار، للت ۽ جونپوري سان خاص اُنس هوندو هوس. هن گهراڻي جي سلسلي ۾ هڪ خاص ڳالهه هي به رهي آهي ته ميگهه راڳ تمام چڱو ڳائي سگهندا آهن. راڳ ريت جمالي خان جي ڳا

راڳ ۾ به تمام گهڻو درد هوندو هو. ڏرپد جي اثر ختم ٿيڻ کري اُستاد جمالو خان به خيال طرف توجه ڏنو ۽ هن صنف کي پنهنجو ڪيو.

ڳائڻ ۾ پير بخش خان سڄي عمر ساڻس گڏ رهيو ۽ سندس جهيلي ٿي رهيو.

پير بخش خان ۽ نبي داد خان:-

پير بخش خان جمالي خان جو همعصر گائڪ ٿي گذريو آهي. پير بخش خان اُستاد گامڻ خان جو پاڻيهچو هو ۽ اوچي فن جو مالڪ هو. هن جي گائڪي جو انداز به ساڳيو جمالي خان وارو هو جنهن ۾ ڏرپد کي اوليت حاصل هئي.

پير بخش خان سڄي ڄمار جمالوخان سان گذاري ۽ ساڻس گڏ ڳايائين. هن متعلق عموما هي چيو ويندو هو ته جمالوخان کان پوءِ پير بخش خان ئي منو ڳائيندڙ آهي.

سندس شاگردن مان غلام حيدر مرحوم ميوزڪ ڊائريڪٽر هو. پير بخش خان کان علاوه سندس پاءُ نبي داد خان به پنهنجي دؤر جو سٺو ڳائيندڙ ٿي گذريو آهي، ليڪن هي ايڏو اُسري نه سگهيو. هي پاڻ بنا اولاد جي فوت ٿي ويا.

اُستاد يوسف ڪٽي :-

الهڏني نوناريءَ کان علاوه اُستاد يوسف ڪٽي به سنڌ جي گائڪن مان آهي، جنهن الهڏني نوناري وانگر سنڌ جي علاقائي موسيقيءَ کان سواءِ ڪلاسيڪي موسيقي جي انداز کي به پنهنجو ڪيو. هيءَ حيدرآباد جو رهواسي هو ۽ شوقيه گائڪ هو. شڪارپور ۽ حيدرآباد جي ڪيترين مجلسن ۾ شرڪت ڪيائين ۽ پنهنجي فن جو ڏاڪو ڄمايائين. سندس شاگردن مان بسنت مکڻهارسيني کان وڌيڪ چمڪيو، جيڪو ... ڳائڻ ۾ اوچو مقام رکندو ... اُستاد ١٩٣٠ع ڌاري ... ڪري ويو.

رسول بخش ڪلهوڙو:-

هي به يوسف ڪٽي وانگر شوقيه گائڪ هو. هي گائڪ لاڙڪاڻي جو رهواسي ۽ خدابخش پٺي جو شاگرد هو. سنڌي موسيقي کان سواءِ ڪلاسيڪي موسيقيءَ جي به گهڻي ڄاڻ هيس ۽ اُن تي ڪافي دسترس هئس. ازانسواءِ سنڌي موسيقي کي ڪلاسيڪي رنگ ۾ به سٺي طرح ڳائي سگهندو هو.

١٩٢٥ع کان ١٩٣٠ع تائين هن گائڪ جو عروج رهيو. سندس ڳائڻ جو انداز نرالو هئڻ کان علاوه آواز به ڪمال هوندو هو. جو چوٿين تار تمام گهڻو پري تائين پڌي سگهبو هو. پڇاڙيءَ جو سندس ڳلي جون رڳون ڦاٽي پيون ۽ ٿوري عرصي کان پوءِ فوت ٿي ويو.

هوشو شيدي :-

هي گائڪ به سنڌ سان تعلق رکي ٿو جنهن سنڌي موسيقي سان گڏو گڏ ڪلاسيڪي ڳائڻ تي به زور ڏنو. ١٩٢٥ع ڌاري لاڙ ۾ هن جي ڳائڻ جو خاصو چرچو هو. بلڙي جو وينل هو تنهنڪري عموما هوشو شيدي بلڙيءَ وارو ڪري سڏبو هو. مير شير محمد وٽ گهڻو عرصو گذاريائين.

ماستر بيڪا لال :-

ماستر بيڪا لال گرم شوقيه گائڪ هئو. تاهم هن فن کي سٺيءَ طرح نڀايائين. پهريائين نووديالیه ۾ ميوزڪ ٽيچر هوندو هو. بعد ۾ ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد ۾ ميوزڪ ٽيچر مقرر ٿيو. ليڪن ڪلاسيڪي موسيقي تي چڱي دسترس رکندڙ هئو. راڳ جي شڪل سٺيءَ ريت واضح ڪري سگهندو هو. ڪلاسيڪي موسيقيءَ جي محفلن ۾ حصو وٺندو رهندو هو.

مٺو خان :-

هي گائڪ سنڌ جو باشندو هو. ابتدا سنڌي ڪافين ڳائڻ سان ڪيائين. بعد ۾ ڪلاسيڪي انداز کي به پنهنجو ڪيائين. شڪارپور جو رهواسي هئو. ڪلاسيڪي موسيقيءَ ۾ به ايتري مقبوليت حاصل ڪيائين جو کيس موسيقيءَ جي محفلن ۾ مدعو ڪيو ويندو هئو. ١٩٢٥ع ڌاري اتر سنڌ ۾ سندس ڳائڻ جو عروج هوندو هو.

ٻالي :-

عورتن گائڪن ۾ گولي مشهور ٿي گذري آهي. هيءَ حيدرآباد جي رهندڙ هئي ۽ اُستاد عاشق علي خان کان تعليم حاصل ڪيائين. سندس گائڪي اُستاد عاشق علي خان جهڙي هئي. گهڻو ڪري ٺمري ڳائيندي هئي، خيال به سهڻيءَ طرح ڳائي سگهندي هئي. ڪيترن ئي مقابلن ۾ حصو وٺندي هئي. سندس آواز ۾ فن جي تڪميل جا آثار هئا.

لئي ۽ تال جا فنڪار :-

ڳائڻ کان علاوه وڄائڻ ۾ سنڌ سٺا فنڪار پيدا ڪيا آهن. هونئن ته هر ساز ۾ مختلف فنڪار پيدا ٿيندا رهيا آهن ليڪن طبلي جي فن رقيق هئڻ ڪري اُنجي فنڪارن کي وڏي اهميت حاصل آهي.

هي دؤر ۾ ٽيهه سال اڳي (١٩٣١ع ڌاري) اسان کي حيدرآباد جي مٺو مهراج ۽ خيراتي پن طبله نوازن جا نالا نمايان نظر اچن ٿا. خيراتي پيشه ور طبله نواز هو ۽ سندس سڄي ڄمار هن فن جي تربيت ۽ تجربي ۾ گذري. خيراتي طبله جي فن ۾ پنهنجو جواب نه رکندو هو.

خيراتي کان علاوه مٺو مهراج حيدرآباد جو رهواسي به پنهنجي دؤر جو بهترين طبله نواز تسليم ڪيو ويو آهي. فن جي لحاظ کان مٺو مهراج خيراتي کان اوچو هوندو هو. هنن ٻنهي فنڪارن جا ڪارناما ۽ هنن درميان طبلي وڄائڻ جا مقابلا اڄ به سنڌ جي تاريخ موسيقي ۾ اهم حيثيت رکن ٿا.

خيراتي ۽ مٺو مهراج کان علاوه به پيا فنڪار چيتن گر ۽ ڪندن گر به ساڳي فن ۾ ڪمال رکندا هئا. هنن ٻنهي کي تمام گهڻ سنگيت لاءِ ڪم ۾ آندو ويندو هو ۽ ان جي بجاءِ هنن کي سنگيت جي هالن ۽ مقابلن ۾ امين ڪري مقرر ڪيو ويندو هو.

هنن کان علاوه حيدرآباد جي ميرن مان مير فضل علي ٽنڊه غلام حسين وارو به طبله نوازي جي فن ۾ تمام اُتاهون درجو رکي ٿو. مير فضل علي به پنهنجي اصلي قيام گاهه ٽنڊه مير غلام حسين ۾ مقيم آهي. مير صاحب موسيقي جي متاچري معلومات کان علاوه لئي ۽ تال جي پيچيدگين ۽ الجهاون کان تمام گهڻو واقف آهي ۽ پاڻ سنڌ جي وڄتن کانسواءِ ڪلاسيڪي وڄتن ۽ انهن جي باريڪين کي نهايت چڱي طرح ڄاڻي ٿو. طبلي نوازي کان علاوه مير صاحب پکاوج جو به سهڻو فنڪار آهي. نقارن وڄائڻ ۾ سنڌ جو نمائندو فنڪار آهي. مير صاحب نقارن ۾ چوٽن ڪڍڻ ۽ هموار ين رکڻ جو نهايت ماهر آهي.

ٽيون دؤر

[موجوده فنڪار]

اُستاد اُميد علي خان :-

گواليار ي گهراڻي جو پيو ناميارو گائڪ اُستاد اُميد علي خان آهي. هي فنڪار اُستاد پياري خان جو لخت جگر آهي، جنهن پنهنجي روايتي فن نوازي ۽ گائڪيءَ کي برقرار رکڻ سان گڏو گڏ پنهنجي انداز گائڪيءَ ۾ نوان رنگ به پيدا ڪيا آهن. اُستاد اُميد علي خان موسيقيءَ جي ابتدائي

(ڏسو صفحو ٣٧)

Scanned with CamScanner

از:- ممتاز مرزا

ڀهرين مزاحيه ڪانفرنس

ازل کان وٺي ڪائنات تي سنجيدگي پنهنجي پوري قوت سان مسلط آهي ۽ انسان الهي سنجيده ڪائنات ۾ خود کي ڪوريئڙي جي ڄار ۾ مک وانگر قاتل تصور ڪري ٿو. اڄ جو انسان، حالتن جي آڏو اهڙو ته ويچارو ٿيو لڳي جو بي ساخته ڪل اچيو وڃي. روح ۽ دل تي غم جانان ۽ غم دوران جا بار ۽ زور ۽ زماني جون سويون ستم ظريفيون سهندي به انسان ڪڏهن ڪڏهن ڀاڻ کي سنجيدگيءَ جي ڄار مان ڪڍڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ۽ جڏهن به ڪيس والد ڪائيءَ جون ٻه گهڙيون ميسر ٿين ٿيون تڏهن انهن سمورن سورن کي نظر انداز ڪري، ڪجهه ٽهڪ ڏيئي، ڪائنات ۽ حالتن جي سنجيدگيءَ تي چٿر ۽ طنز ڪري ٽوڪڙي ۽ اهي ئي ٻه گهڙيون هن دؤر جي انسان جي زنده دل هئڻ جو ثبوت آهن.

انفرادي طور سڀ ڪنهن وٽيو، پنهنجي منهن، پنهنجي زنده دلي جو ثبوت ڏيندا رهندا آهن. ڪڏهن به انهن خوش مزاج ۽ خوش طبع شخص اها ڪوشش نه ڪئي ته سندن ٽهڪن ۾ ڪو ٻيو ڀاڱي ڀائيوار ٿئي، ۽ اجتماعي طرح سان سنجيده ڪائنات تي ٺٺولي ڪجي.

سنڌ جا موسيقار

(آندل صفحي ٣٦ تان)

تعليم پنهنجي والد اُستاد پياري خان کان حاصل ڪئي ۽ پوءِ انتهائي محنت سان رياض ڪرڻ لڳو، ايتري قدر جو ان سان ئي محفلن ۽ مقابلن ۾ شرڪت ڪندو هو. اهڙيءَ ريت سندس فن ۾ پختگي اچڻ لڳي ۽ ان سان گڏ مختلف فنڪارن ۽ گائڪن سان به لهه وچڙ ۾ آيو. سندس آواز ۾ قدرتي سوز ۽ سنجيدگي جو تاثر سمايل آهي، جنهن فن جي رياضت سان گڏجي ڪيس مڪمل ڪري ڇڏيو آهي. اُستاد اميد علي خان نه فقط سنڌ بلڪ پاڪستان ۽ هندستان جو به مشهور گائڪ آهي جنهن پنهنجي ننڍيءَ عمر جي باوجود وڏا معرڪا سر ڪيا آهن ۽ هن وقت اوچن گائڪن جي فهرست ۾ شامل آهي. سندس ڳائڻ جو طريقو به انوکو آهي. گمڪ کان علاوه ٽوٽيهن ۾ تان لڳائڻ ۾ ڪافي مهارت رکي ٿو.

تقسيم هند کان ڀهرين سنڌ ۾ ئي رهيو ليڪن وچ ۾ پنهنجي والد اُستاد پياري خان سان گڏ سنڌ کان ٻاهر به ڳايائين. هينئر مستقل طور حيدرآباد ۾ رهي ٿو. سندس موسيقي جا پروگرام پاڪستان جي ريڊيو اسٽيشن تان ٿيندا رهن ٿا.

سنڌ کان ٻاهر پنهنجن ٻاهرين دؤرن پروڏين محفلن ۽ مقابلن ۾ به حصو ورتو اٿس جتي نهايت شاندار نموني سامعين کي مخلوط ڪيائين ۽ وڏن فنڪارن سان گڏ ڳايو اٿس جن ۾ امير خان، بڙي غلام علي خان وغيره شامل آهن.

منظور علي خان:-

هي گائڪ گواليار جي مشهور ڌرپد گائڪي واري خاندان جو فرد ۽ اُستاد جمالي خان جو پٽ آهي. هن نوجوان موسيقار پنهنجي خانداني روايات کي برقرار رکندي ٿوري ئي عرصي اندر فن کي پنهنجو ڪري ڏيکاريو آهي. پنهنجي گائڪيءَ سان گڏ ان ۾ نوان رنگ پيدا ڪري منظور علي خان پنهنجي خاندان جو نالو زنده رکيو آهي.

منظور علي خان ١٩٢٧ع ڌاري شڪارپور ۾ ڄائو ۽ ابتدائي پرورش به اتي ٿيس. موسيقي جي شروعاتي تعليم اُستاد سينڌي خان جي ڀيءَ هادي خان کان حاصل ڪئي، ليڪن ان جي فوت ٿيڻ ڪانپوءِ سندس پٽ سينڌي خان کان حاصل ڪئي. اٺن سالن جي عمر کان وٺي ڳائڻ شروع ڪيائين ۽ ننڍي هوندي کان ئي گهڻي محنت ڪرڻ ۽ گهڻي کان گهڻي حاصل ڪرڻ جو جذبو سندس دل ۾ رهيو آهي. ان وقت کان وٺي روزانو صبح جو ڪجهه وقت رياض تي صرف ڪندو آهي.

سندس آواز ۾ ڪشادگي ۽ گنڀيرتا جا تاثرات نمايان آهن، ازانسواءِ ميندءِ پرڪي خوبصورت هٽي سگهي ٿو. سندس گائڪي به خانداني ڌرپد واري آهي. شروع ۾ هن تربيت ڌرپد جي ورتي پر خيال، ٺمري، دادرو، ٽپو انتهائي آساني ۽ خوبصورتي سان ادا ڪري ٿو. سنڌي ڪافي ڳائڻ تي به حڪم رکي ٿو.

هونئن ته ڳائڻ جي ڪري سڀ راڳ سٺيءَ طرح ڳائي سگهي ٿو پر سندس پسند جا جونپوري، درباري، للت، مالڪوس، ديڪار راڳ آهن. ديگهه راڳ ڳائڻ تي سندس حڪم آهي. سنڌي موسيقيءَ ۾ ڪوهياري ۽ راڻو انتهائي سهڻائي سان ادا ڪري ٿو.

منظور علي خان پاڪستان جي قيام کان ڀهرين ننڍي ٿهيءَ ۾ سنڌ کان علاوه هندستان جي ڪيترن ملڪن جو دؤرو ڪيو ۽ اتي وڏين محفلن ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو. ١٩٤٠ع ۾ لاهور ۾ ٿيندڙ موسيقيءَ جي محفل ۾ استاد بڙي غلام علي خان سان ڳايائين. هينئر مستقل طور ٽنڊه آدم ۾ مقيم آهي. سندس پروگرام عموماً ريڊيو پاڪستان تان نشر ٿيندو رهي ٿو.

نواب اختر

هي فنڪاره دراصل پشاور جي معزز گهراڻي سان تعلق رکي ٿي ليڪن هن جا عزيز معيشت کان سنڌ ۾ مقيم آهن، لهاذا هيءَ به سنڌي ٿي وئي. شوقيه ڳائيندڙ آهي. استاد عاشق علي خان جي شاگرد آهي ۽ ان کان باقاعده تعليم حاصل ڪيائين.

سندس آواز قدري هلڪو آهي. آلاپ چڱيءَ طرح ڪري سگهي ٿي، پر تان ۾ اها پختگي اڃا نه سگهي آهي. ٺمري بهتر نموني ڳائي سگهي ٿي. شام جا راڳ سندس پسند جا آهن، جن ۾ شنڪرا، ججئونتي، لڪسيري، مالڪؤس ۽ ميند جا آهن. ريڊيو پاڪستان تان اڪثر سندس پروگرام نشر ٿيندو رهي ٿو.

انهي قسم جي بهرين ۽ نهايت ڪامياب اجتماعي ڪوشش سنڌ جي مرڪزي شهر حيدرآباد سنڌ ۾ حضرت مخدوم محمد زمان صاحب "طالب المولى" جي سرپرستي ۽ محترم عالي جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان صاحب بلوچ جن جي گڏيل ڪوشش سان ڇنڇر ۱۴- آڪٽوبر ۱۹۶۱ع تي بيسنٽ هال ۾ بهرين سنڌي مزاحيه ڪانفرنس منعقد ٿي، جنهن ۾ سنڌ جي مشهور و معروف خوش طبع شخص ۽ مسخرن شرڪت ڪري، پنهنجي فن جو اهڙو ته بي نظير مظاهرو ڪيو، جو اهڙ ڪن سالن تائين انهي ڪانفرنس جا ڏسندڙ، ڪانفرنس کي وساري ڪونه سگهندا.

درحقيقت انهي ڪانفرنس جو اعلان پٽ شاه تي ڊاڪٽر صاحب ڪري چڪو هو، تڏهن کان ماڻهن ۾ چاه پيدا ٿيو، ۽ انهي نئين ۽ انوکي قسم جي ڪانفرنس کي ڏسڻ لاء انتظار ڪندا رهيا. نيٺ انتظار جون گهڙيون ختم ٿيون ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ اخبارن وسيلي اعلان ڪيو ته ڇنڇر ۱۴- آڪٽوبر ۱۹۶۱ع تي شام جو ساڍي ڇهين بجي، بيسنٽ هال ۾ مزاحيه ڪانفرنس منعقد ڪئي ويئي ويندي. اعلان ڇا هو، ڄڻ ته ماڻهن ۾ نئون روح ڦوڪجي ويو. منتظمين وٽ خطن پنيان خط ۽ فونن مٿان فون اچڻ لڳا ته، مهرباني ڪري ڪارڊ ن ورهائڻ مهل اسان کي نه وسارجو. هڪڙي صاحب، جو حيدرآباد ۾ ڪنهن وڏي عهدي تي فائز آهي، ته ائين به چئي ڇڏيو ته جي اسان کي دعوت نامو نه مليو، تڏهن به اسين وينداسين ۽ وڙهي جهڙي جاء وٺي وينداسين، اسان ته ڪلڻ لاء حيران آهيون. مطلب ته سڄي شهر حيدرآباد ۽ اُن جي پسگردائيء ۾ بهرين اعلان سان ماڻهن جي چپن تي مزاحيه ڪانفرنس اچي وئي.

آخر ڇنڇر ۱۴- آڪٽوبر به اچي سهڙيو. صبح کان وٺي شام تائين ڪيئي فون آيا، شڪايتون آيون ته دعوت ناما ڪونه پهتا. بهرحال ڪنهن سان عذرخواهي، ڪنهن کي دلاسو ڏيئي، منتظمين پنهنجي جند ڇڏائي.

ڪانفرنس ساڍي ڇهين بجي شروع ٿيڻي هئي. اسين پنجين بجي پهتاسين. ساڍا پنج ٿيا، خلق اچي نڪتي، پند رهن منٽن ۾ سڄو بيسنٽ هال ماڻهن سان ڀرجي ويو، فقط اڳيون ٻه لائينون خالي هيون.

مزاحيه ڪانفرنس جي ابتدا ئي عجيب مسخري سان ٿي. منتظمين، جن ماڻهن کي دعوت ناما موڪليا هئا، سي اڪثر ٻاهر بيٺا هئا ۽ جن وٽ دعوت نامه ڪونه هئا، سي ڪرسين تي براجمان هئا. جيئن جيئن وقت گذرندو ويو تيئن تيئن خلق وڌندي ويئي. ڪانفرنس جي ڪارروائي ڊاڪٽر بلوچ صاحب کي هلائڻي هئي. ساڍا ڇهه ٿي ويا پر صاحب موصوف اڃا تشريف فرما نه ٿيو هو. منتظمين، جي بزم طالب المولى جا رڪن هئا، سخت تشويش ۾ هئا. اوچتو آءٌ ڪنهن ڪم سان ٻاهر نڪتس، ڏسان ته ڊاڪٽر صاحب ٻاهر دروازي تي بيٺو آهي ۽ ماڻهو کيس اندر نه وڃڻ پيا ڏين. مون اهو حال ڏسي، مخدوم صاحب جن جي لاء مخصوص ٿيل ڪمري وارو دروازو کولائي ڊاڪٽر صاحب کي اندر رسايو. محفل ۾ عام ماڻهن کان سواء حيدرآباد شهر ۽ اُن جي پسگردائيء جون مشهور شخصيتون موجود هيون. هال جا چار ئي دروازا ماڻهن سان بند ٿي ويا. الهندي پاسي وارو ميدان ماڻهن سان ڀرجي چڪو هو. جيتري خلق ويني هئي، انهيء کان ٻيڻي واپس مايوس ٿي موٽي ويئي هئي.

ماحول جو جائزو

(از :- عبدالله "خواب" حيدرآباد)

(۱)

هاڻ ڪٿ فڪر و رموز و حڪمتن جون وسعتون
نفس ۾ ڪٿ حرارت، قلب ۾ ڪٿ حدتون
سوز نغمن ۾ ساز - نفس ۾ ڪٿهه جدتون
ڄڻ لٿيون صبح - وطن تي شام - غم جون آفتون
اڄ گلستان - ادب مان منهدم ٿيون صورتون
دامن - گل ۾ وڃي ٿيون بلبلن جون تربتون

(۲)

رنگ و بو جون هي فضائون آب و گل جون صورتون
گلشن - هستي ۾ آهن قيد جون ڄڻ زحمتون
محفلن جون رونقون، حسن - بتان جون شهرتون
ڇا فريب - آرزو جون ئي هيون سڀ رغبتون
حمله آور حسن - گل تي عشق جون ٿيون طاقتون
باغبان حيران ته ڪيئن، گلڙن تي آيون شامتون

(۳)

رزم گاهن ۾ نه آهن رعب و حشمت جرئتون
خانقاهن ۾ ڪٿي فياض خصلت صورتون
درسگاهن ۾ ڏسان ٿو رقص جهڙيون بدعتون
پاسبانن هڻ حرم خانن جون لاٿيون حرمتون
جي بدليون ڪين هاڻي انجمن جون حالتون
قسمتون رڳنديون آسان تي نسل ڏيندو لعنتون

(۴)

مون ڳٺيون اڄ جي امامن جي ريا جون رڪعتون
ڇا تهجد فرض ڇا، واجب، نفل، ڇا سنتون
آدميت جون رهيون جن ۾ نه هاڻي خصلتون
جن جو ڪعبو بتڪدو، جن جون صنم سان صحبتون
آخرت جي منڪرن دنيا ۾ ٺاهيون جنتون
نيتون گردش ۾ جن جون، گردشن ۾ نيتون

(۵)

جي رهيا مرڪز تي، علم و فن جي آهن مئي گسار
خام خم، مئي بي اثر، بي ڪيف جن جو هڻ خمار
خود ثنائي، خود فريبي، جا ٿيا آهن شڪار
سانگ ساقيء جو ڪري ثابت ٿيا جي زهردار
روح کي راحت نه جن مان، قلب کي ڪنهن بر قرار
اهڙي محفل، اهڙي دنيا کان ٿيڻ گهرجي فرار

(۶)

اڄ جي ليلائي ادب محتاج مو تيس ڪاڻ تي
خود ويو وڪجي چنيسر، ڳهه سندو ڇلڪو ڏسي
ڪيئن اجهامي ويئي پيچل جي اميدن جي بتي
نور نيڻن جو نچوئي، ماٺ هڻ سورٺ ڪئي
جيڪو طالب هو، ويو مطلوب سان پنهنجي ملي
جنهن سڏ ون سڏڙئي ڪيون، مردار ٿي تنهنجي مٿي

(۷)

شاعري جي صنف، اڄ ڪلهه چو خواري تي هئي
علم تي نا اهل طرفان ضرب ڪاري تي هئي
ڪنهن جي حق تلفي به ڇو! ايمانداري تي هئي
اڄ خو شامد "چاپلوسي" هڻ شعاري تي هئي
لاشعوري ذهنيت اڄ شاهڪاري تي هئي
محفل - شعر و ادب، ٻارن جي ٻاري تي هئي

بهرحال ٽوڻين ستين بجي ڪارروائي شروع ٿي. سڀني کان اول محمد فقير مسخري ڪبت پڙهائي ۽ اول ۾ الله پلو. تنهن کان پوءِ ڊاڪٽر بلوچ سڀني مهمانن جي، بحيثيت منتظم- اعليٰ آجيان ڪئي ۽ پنهنجو مرحبائي خطبو پڙهيو، جنهن ۾ صاحب موصوف سنڌ جي سمورن خوش طبع ۽ مسخرن جو تعارف ڪرايو ۽ مزاح جي فن تي مدلل مقالو پڻ پڙهيو ته خلق رکي نه سگهي، يا ايڏي دير سهي نه سگهي، جنهنڪري هال ۾ گوڙ شروع ٿي ويو. ڊاڪٽر صاحب به موقعي جي نزاڪت سمجهي ورتي ۽ اُتي ئي ڪٽي مضمون ختم ڪيائين ۽ عاليجناب مخدوم محمد زمان صاحب ”طالب المولىٰ“،

آجيان ڪندي اعلان ڪيو ته: ”اسان کي سخت افسوس آهي جو جاءِ جي تنگي باعث ڪن دوستن کي تڪليف رسي آهي، پر اسان کي يقين ڪونه هو ته ڪو ايترا ماڻهو هتي اچي گڏ ٿيندا. اسان توهان کي يقين ٿا ڏياريون ته تمام جلد اسين وڏي پيماني تي ٻي ڪانفرنس سڏائينداسين جنهن ۾ اوهان کي ڪابه تڪليف ڪانه ٿيندي.“ انهي کان سواءِ مخدوم صاحب جن ڪيتريون ئي سهڻيون ۽ ڪارگر تجويزون ۽ رٿون سڀني جي آڏو پيش ڪيون. مخدوم صاحب جن

جنهن صاحب سڄي ڪانفرنس جو خرچ، ۽ مسخرن کي رهائڻ ۽ ٻئي سموري انتظام کي پنهنجي سر تي کنيو هو، کي ڪانفرنس جي افتتاح لاءِ عرض ڪيو ويو. مخدوم صاحب الهن آيل نون فنڪارن جي

جي افتتاحي خطبي کان پوءِ ڪارروائي شروع ٿي ۽ مزاحيه ڪانفرنس جو پهريون آئٽم ”چرچن جي چوٽ“ شروع ٿيو. چرچاين جي پهرين جوڙي ۾ وچولي مان پيڊو ميربحر ۽ اتر مان عرض محمد راڄپر هئا.

پنهي همراهن جي اچڻ سان سڄي هال ۾ ٽهڪڙو مچي ويو. پيڊو ميربحر ته ڪنهن حال ۾ هو پر عرضو راڄپر ته هوش مان نڪتو پيو هو، ائين پئي ڏٺو چڻ چنگيز خان جي زماني جو جادوگر... خير سائين، اهڙي حالت ۾ پيڊي ميربحر، عرضو سان چرچو ڪيو، چيئ: عرضوءَ جون مڇون اهڙيون آهن، جهڙا پناهگير سائيڪل تي چڙهيو پيا اچن. بس هن جو

مقابلو ٿيو. بس الهن جوانن به چيهه ڪري ڇڏيو. قدو مڱڻهار کي هيڏي مجمع ۾ قادو شيدي سٽاءُ ملي ويو، ٻنهي چرچن سان ڪٽي ڇڏيائينس: هنن جا چرچا يڪا هليا. قادو چرچا هڻي بس ڪئي، پوءِ مٿان قدو اچي ڪنيس، چيئ: صاحب! شيدي ڪٿي ٿي شادي. سرڪس لاءِ گهوڙو وٺي آيا، پر جنهن مهل گهوڙي شيدي کي ڏٺو تنهن مهل ٺاهه ڪائي

ايترو چوڻ ۽ سڄي هال ۾ ٽهڪڙو مچي ويو. ماڻهو کلي کلي ماندا ٿي پيا. ڪو وقت ته رڳو کل پئي هلي... عرضوءَ جو حال به ڏسڻ وٽان هو، ڪجهه اُجهيس نه پيو، جو ويچاري کي ڏک سنڌائتو لڳو، واقعي سنڌس مڇن جي حالت به اهڙي هئي. پوءِ هن به ڪيئي ٽوڪون پيڊي کي هنيون پر پهرين چرچي همراه جسون کي مٿيون منجهائي ڇڏيون هيون، جو سنڌس ڪنهن به چرچي اهڙو رس ڪونه ڪيو. انهيءَ جوڙي کان پوءِ قاضي احمد ۽ سڪرنڊ جا چرچائي، صالح فقير، عرس مڱڻهار، موسو ۽ لعلن فقير آيا. پر جيئن ته اهي پهريون پيرو اسٽيج تي آيا هئا، تنهنڪري ويچارن کو رنگ نه لاتو ۽ جهڙا هئا تهڙا ويهي رهيا. چرچن جي چوٽ ۾ سنڌ جا به مشهور چرچائي قادربخش مڱڻهار جهرڪن وارو، جو عموما قدو مڱڻهار جي نالي سان سڏبو ويندو آهي ۽ قادو شيديءَ ماتليءَ واري جو

اهڙو پڪو جو اڄ تائين گهوڙا قادو ڪي وارنٽ ڪڍايو پيا گهمن. شادي کان پوءِ شيدي کي پٽ ڄائو. وڏي هيج مان ڪلهي تي کنيو پئي شهر جا چڪر ڏيار يائينس. مون وڏي وجي ڏٺو ماڻس ۽ پڇيو ماڻس ته، ”ادا نئون بوٽ ورتو اٿئي ڇا؟ وري جو ڏسان ته ڇوڪري کان سنگهه به پيئي وهي. سو پڇيو ماڻس ته ”ڪهيون به وڄرايون اٿئيس ڇا؟“ اهو ڏينهن هي ڏينهن شيديءَمون سان ٺهن ئي ڪونه. قادو ۽ قدو مڱڻهار چرچن جي چوٽ ڪي زور و ناپو جو ماڻهن رڳو ڪين پڏڻ ٿي گهريو. پر اجا ته منزل ته ام پري هئي، هيءَ رڳو ابتدا هئي. انهيءَ جوڙي کان سواءِ ”چرچن جي چوٽ“ ۾ قاضي احمد سڪرنڊ جي چئن چرچاين صالح، لعلڻ، عرس ۽ موسي فقير پڻ حصو ورتو. پر جيئن ته اُهي پهريون پيرو اسٽيج تي آيا هئا، تنهنڪري ڪو خاش رس ڪونه ڪيائون. ان بعد چرچن جي مجلس جو

اختتام ٿيو.

هن ڪانفرنس جو ٻيو آئيٽم "مناظرا" هو. مناظرا سنڌي عام مزاحيه شاعري جي اعليٰ صنف آهي... دليل دلائل ٻنهي ڌرين جا پنهنجي جاءِ تي نهايت مدلل ۽ منطقي هئڻ جي باوجود کل وارا هوندا آهن. هن سلسلي ۾ قاضي الله ورايه "ٻيڙي ۽ پونگري" جي وچ ۾ جهيڙو ٻڌايو اهو مناظرو شاعر ان وقت ڏاهيو جڏهن ٻيڙين جا ٻن اڻلڀ هئا ۽ ٻيڙي پيا ڪن پونگري استعمال ڪئي. پونگريءَ جي عام استعمال بعد، هن ويچاري ٻيڙيءَ کي هيسائڻ شروع ڪيو. چي، ٻيڙي! تون ٻاڻ کي سريلن جو ثمر ٿي چوائين، سو غلط آهي- ڇو ته هڪڙا ته تنهنجا ٻن ٻاهران ٿا اچن ۽ ٻيو ته تون مهانگي آهين. تنهنڪري تنهنجي خريدارن کي نقصان ٿو رسي. تنهنڪري:

سريلا پيا اچ سٽن ۾،
ڇڏيئون ٻنيءَ جي ٻچن،
پاڳ وريومون پونگريءَ جو،
لائين سيئي ساڻ سکن،
آءَ غريب اميد سان،
وتان پاکر پايو پن،
توکيئي خان ڪنائيا،
لڇي! ڏيئي لسن،
هاڻي ٽيڪو ڇڏي ٽن،
نه ته خوار ڪندي پسان ۽ خلق ۾.

تنهن تي ٻيڙيءَ ڪاوڙ جي جواب ڏنس ته، تون اڳ هيئينءَ ڪٿي، توکي رڳو ڪولهي ۽ مينگهواڙ استعمال ڪندا هئا، پر هاڻي ڪٽي .مسلمانن توکي پنهنجو ڪيو ته ڇا ٿيو. منهنجو شان ته آهي شهر ۾ ڇي:-

سيل ٻيڙي، ٻن پاڪيٽ،
جوڙين وينا جوان،
قدر منهنجو ڪامورن کي،
ٻيو منشين ۾ آمان،
پتلون پايو، سيل دکايو،
جيکي عدل ڪن انسان،
اڳي ڪم آئين ڪولهين کي،
هاڻي ڪيئي مسلمانن ۾ مڪان،
جهٽ ۾ ٻئي جهيڙا ڪرين،
تون نسوري نادان،

آءَ اصل کان اڳوان،
تون نسل آهين نکمي.
اهڙي طرح وڙهندي نيٺ
هڪ ٻئي ۾ ٻرچاءُ ڪن ٿا ۽
پونگري ٻيڙي کي ٻئي ٿي ته:
جي اهڙا عيب اگهاڙيندينءَ،
ته نوڪر لڳندءِ نوڙ،
دنيا آهي دورنگي،
نه هلي تونگر ڪنهن سان توڙ،
تون خلل ۽ ڪيتي کان،
منهڙو ڪٽي موڙ،
ته ٻرچي وڃون ٻاڻ ۾،
لاهي گلا جو گوڙ،
قيمت ملهه ڪروڙ،
مت نه آهي محبت جو.

جيتوڻيڪ ته اهو نظم طويل هو تنهنڪري سامعين اينتري دلچسپي ڪانه ڏيکاري پر ان هوندي به ڪنهن ڪنهن وقت ماڻهن کان بي اختيار ٽهڪ نڪري ٿي ويا.

مناظرن جي مجلس کان پوءِ، سنڌ جي وڏن ماڻهن جي کيل شڪارن تي نقل ٻڌايا ويا. حاجي الهرکيي ۽ يار محمد (ٽنڊو قيصر) انگريز ۽ سنڌ سڱال جو کيل شڪار ٻڌايو. حاجي الهرکيي انگريز جي ٽهڪ ۽ ڳالهائڻ جي اهل ٻڌائي ماڻهن کي تمام وندرايو. پڻ ميرٻحر (هالا) سور جو شڪار ٻڌايو ته ڪيئن ٿيندو آهي، ڪتا ڪيئن شڪار جي پويان پڇندا آهن. پر اسماعيل شيدي (ماتلي) ته ڇيهه ڪري ڇڏيا: هن پاڪستان کان پوءِ واري دور جي ڳالهه ٻڌائي. ڳالهه تمام وڏي هئي، پر انهي ۾ هن هڪ گهڙي لاءِ به ماڻهن کي کڪ نه ڪيو... هن جي گفتي گفتي ۾ ٽهڪ هو. هن پيندن ۽ شرنائين جي وڄت،

ڪتن جون ٻئونڪون ۽ ماڻهن جي ڀڄ ڊوڙ جا اهڙا ته منظر چٽيا جو ٻڌندڙ ۽ ڏسندڙ ٽهڪن ۾ ٻڏي ويا، اسماعيل شيدي انهيءَ موقعي تي سيني کان گوءِ کٽي ويو.

انهي کان پوءِ گونگن جي ڪچهري ٿي. هي ويچارا بي زبان، جيتوڻيڪ اسان وانگر زباني نڪاءُ ڪي ڪونه ڪري سگهن، پر جتي ٻاڻ ۾ به ٽي ڇٽا گڏ يا ته اتي سموري جهان جو غم هنن جي دل ۾ هوندو آهي. اشاري بازي جي فن جا وڏا اُستاد آهن. منجهن چرچائي، اهلون ڪندڙ، ناچو، ڳائيندڙ- مطلب ته هر قسم جا همراه ملندا. اهڙي قسم جو هڪ شخص اسٽيج تي آيو، جنهن جو نالو فيض محمد نظاماڻي (ٽنڊو قيصر) هو جنهن اشارن ئي اشارن ۾ سڄي دنيا جهان جا معاملا ٻئي ٻڌايا ۽ ماڻهن کي کلايو.

گونگن جي ڪچهري کان پوءِ ٻچين جي مجلس ٿي، جنهن جي صدارت سگهڙ ٻيڙي ٻچي ڪئي. استقباليه خطبو محمد خان مسخري پڙهيو، جنهن ۾ هن صاحب ٻڌايو ته پاڙو هنن ٻچين جي آزار کان مون پنهنجو اباڻو گهر ۽ ڳوٺ ڇڏيو. آءُ هنن جو وڏو دشمن آهيان، پر ڇا ڪريان انگ اچي هتي اڙايو آهي. اسان جو صدر صاحب ٻيڙو خان ٻچي به سبحان الله آهي. پوءِ ٻيڙي سان ريل گاڏي ۾ پنهنجي ٽيل ملاقات جو احوال ٻڌائي، ماڻهن کي وندرايو. انهي کان پوءِ ٻيڙي صدارتي تقرير ڪندي افسوس جو اظهار ڪيو ته، ڪانفرنس جي ڪارڪنن ٻچين

جي ڪچهري جي اخبار ٻڌ رائي ڪري هن ڪچهري کي ڪجهه گهٽ ڪيو آهي جي عام کي اها خبر نه ڏني ٻن وڃي ته هوند شهر جا سنا ۽ سهڻا ٻچي هتي ڏسو ها. پوءِ ٻيڙي وٺي ڏيگهه ڪئي، جنهنڪري ماڻهن ۾ ڪجهه ٿڪاوٽ جا آثار پيدا ٿي پيا. اهو حال ڏسي ڊاڪٽر بلوچ صاحب، جن ڪارروائي ٻئي هلائي، ٻيڙي فقير کي قصي کي مختصر ڪرڻ لاءِ چيو. ٻيڙي فقير کان پوءِ پيڊي مير بحر وچولي ٻچين جا ٻار پنا ٻڌايا، جنهن ۾ راوي خود ٻاڻ به هو. آخر ۾ عرض محمد راڄپر ٻچين جون دلچسپ وصفون ٻڌايون، جن ماڻهن کي ڪافي وندرايو.

ٻچين جي ڪانفرنس کان پوءِ اهلون پيش ڪيون ويون، جن ۾ پيڊي مير بحر، مصري فقير جي ڳائڻ جي اهل سنڌ سان اجازت سان ڪئي. جيڪڏهن پردي جي پٺيان پيڊي کي لڪائي ڳارائجي ته هوند هر ڪو ائين چئي ته: لاشڪ مصري پيو ڳائي. اصل هن همراه اهل ڪرڻ سان ڪمال ڪري ڇڏيو. انهيءَ کان پوءِ هن نزاڪت علي ۽ سلامت علي جي ڳائڻ جي به اهل ڪئي پر انهي ۾ خاص ڪامياب نظر ڪونه آيو. انهيءَ کان پوءِ حيدرآباد ڪاليج جي شاگرد ۽ حيدر آباد ريڊيو جي ڳائڻي مسٽر گل بيگ لغاري نارو پڳت ۽ غلام رسول جي ڳائڻ جي اهل ڪئي. جنهن مهل هن ڳائڻ شروع ڪيو تنهن مهل جهڙو نارو پڳت وينو ڳائي. آهي ساڳيا نارو وارا نخرا ۽ ناچ ڪري ڏيکاريا، جن ماڻهن کي ڏاڍو کلايو ۽ خوش ڪيو. مزاحيه ڪانفرنس جو اهو به هڪڙو نهايت دلچسپ ۽ وندرائيندڙ حصو هو.

قادو شيدي ۽ آرو شيدي سنڌ جي مسخرن ۾ وڏي درجي وارا ليکيا ويندا آهن. قادو ۽ آرو ٻئي پاڻ "سانگ وجهڻ" ۾ ماهر آهن. هنن "ڪولهي جو

(ڏسو صفحو ۴۱)

از:- محمد سومار شيخ - بدين

شاهه جي دؤر ۾ شاعرانه محفلون

سنڌ ۾ محفلن ۽ غير رسمي نوعيت جي شاعرن جا اهڃاڻ ڪافي زمانه کان ملن ٿا. اهي شغل سنڌ جي سالڪن، شاعرن ۽ بزرگ هستين جي ڏينهن ۾ به ٿيندا پئي رهيا.

پارسي اثر قبولڻ کان پوءِ ڪا مصرع مقرر ڪري ان تي شاعرن طرفان گڏجي طبع آزمائي ڪرڻ جو دستور دؤر برطانيه ۾ ئي شروع ٿيو. جنهن کي سنڌ ملسر ادبي سوسائٽي باقاعده همٿايو ۽ سال ۱۹۴۳ع واري شاعري ۾ ٻهار ڪن شاعرن "علم مردن کي مليو زالن کيو کهڙو گناه" واري طرح مصرع تي طبع آزمائي ڪئي هئي ۽ انهيءَ کان پوءِ ڪيتريون اهڙيون ادبي جماعتون وجود ۾ آيون جي طرحي مشاعرا منعقد ڪنديون رهيون جن مان "جميعت الشعراء" اڄ به موجود آهي - ليڪن پاڪستان جي قيام بعد اهڙن مشاعرن ۾ ڪافي اضافو ٿي چڪو آهي. انهن شاعرن جي اڳوڻي دؤر جي ادبي مجلسن سان نسبت قائم ڪري سگهجي ٿي.

جيڪڏهن شاه لطيف جي دؤر کان اڳ جي زمانه تي نظر وجهنداسون ته به اسان کي اهي محفلون ۽ شاعر نظر ايندا پر جيڪا ترقي انهن "محفلن ۽ شاعرن" شاه عبداللطيف جي ڏينهن ۾ ڪئي اها نمايان نظر اچي ٿي.

اسان جا قديم بزرگ نه وزن جا سوالي هئا ۽ نه خيالن کان خالي. هو ڏي وٺ بيتن ۾ ڪندا هئا. هڪ بزرگ جيڪڏهن پنهنجو رايو هڪ بيت ۾ ڏنو ته ٻئي بزرگ انهي راءِ تي وري پنهنجو نظريو پيش ڪيو. اهڙيءَ طرح محفلون قائم رهنديون آيون.

اسان جي سنڌي ادب جي اوائلي دؤر جي بزرگن مان قاضي قاضن جي سٽن بيتن کان شاه عبدالڪريم بلڙائي وارا گهڻو متاثر هئا. قاضي قاضن جو بيت هيءُ آهي:

سائر ڏيئي لت، اوچي نيچي پوڙئي،
هيڪائي هيڪ ٿيو، وٺي سپ جهت

مگر شاه ڪريم جن انهي بيت تي تنقيدي نظر وڌي ۽ فرمايو ته:

سائر ڏي نه لت، اوچي نيچي سپڪنهن
نابودي نه ٿئي، ايءَ ناديدي جهت.

شاه عبدالڪريم، شاه عبداللطيف جي وڏي بزرگ جا اهڙا پيا مشاعرا به ٿيا. هڪ دفعي هڪ لا اُبالي فقير، جو دنيا کان قطع تعلقات ڪري، ويو هو، تنهن کي ڏنائين ته هو وڏي پڳ ٻڌايو پيو اچي ۽ اڇا ڪپڙا پيا هئس، جا ڳالهه شاه عبدالڪريم کي نه وڻي ۽ چئي ڏنائين ته "توهين اهي آهيو جي اڳ هوندا هئا."

فقير ڳالهه سمجهي ۽ جواب ۾ هيءُ بيت پڙهيو:

پيتو ڳڙ پرڪيو، ور وڪائي پئي،
جا تو اندر ڪائي، معلومات محبوب کي.

انهي بيت جو جواب شاه ڪريم هن دوهي سان ڏنو:

فڪر ڪر پر ڪي، ور ونگائي لاهه،

پهرين مزاحيه ڪانفرنس

(آندل صفحي ۴۰ تان)

جن ڪيڏڻ" وارو سانگ وڌو. افسوس جو جاءِ تمام ننڍي هئڻ جي ڪري پوري طرح پنهنجي فن جو مظاهرو نه ڪري سگهيا، تڏهن به نهايت پسند ڪيو ويو. انهي کان سواءِ قادو شيدي "ماڊرن ڊانس" جو مظاهرو ڪيو، جنهن ۾ پڻ جاءِ جي تنگي جو معاملو هو.

انهي کان پوءِ خالصاحب "محمد خان" کي خلاصو وارو مليو، راڳ جا قسم ٻڌايا، جن ۾ ناچو ڇوڪرن جو راڳ، ٽڙ ٻگت، جبل جو مورو، سنڌي ڪافي، ٻڪو راڳ، شامل هئا. محمد فقير پنهنجي روايتي انداز سان اهي شيون پيش ڪيون. ۽ اهي سدائين ٻڌندائي آيا آهيون، تنهن ڪري ايڏو گهڻو لطف پيدا ڪو نه ڪيائين، تڏهن به چڱي لڳي ڪيائين. راڳن جي قسمن ۾ اسماعيل شيدي هڪڙو ٻچن ٻڌايو. اهو ٻچن انهي آئٽم جي جان هئي. اسماعيل شيدي جنهن مهل به اسٽيج تي آيو ٿي، تنهن مهل هال ۾ هڪ قسم جي خوشي جي لهر ڇانئجي ٿي ويئي، ماڻهو هرو ڀرو پئي کليا. منهنجي خيال

۾ هن ڪانفرنس ۾ گهڻي کان گهڻي ڪاميابي اسماعيل شيدي کي نصيب ٿي.

انهيءَ کان سواءِ نقل نظير ٿيا، جنهن ۾ قادر بخش مڱڻهار، عرض محمد راڄپر، اسماعيل شيدي، ۽ خليفي امام بخش خان حصو ورتو. انهي آئٽم ڪافي لطف پيدا ڪيو.

آخر ۾ عاليجناب مخدوم محمدزمان صاحب "طالب المولي" سڀني جو شڪريو ادا ڪيو ۽ چيو ته آئنده به اهڙيون ڪانفرنسون ڪنداسين: ۽ نهايت وڏي پيماني تي.

هن ڪانفرنس جي اختتام ۾ قادو شيدي، آدو شيدي، اسماعيل شيدي ۽ ٻين خوش طبع شخص "هو جمالو" ڳايو. مجموعي طور هيءَ پنهنجي قسم جي انوکي ۽ عجيب ڪچهري نهايت خير خوبيءَ ۽ دلچسپيءَ سان ختم ٿي ۽ ماڻهن پسند ڪئي.

مخدوم طالب المولي صاحب جن آيل مهمان مسخرن جي عزت افزائي ڪندي ڪين سؤ رپيا، سيد ميران محمد شاه ڏهه رپيا، بقادار شاه ڏهه رپيا، الهڏتي بلوچ صاحب ڏهه رپيا ۽ مير حسن خان نظاماڻي پنج رپيا انعام طور ڏنو.

اڄ تائين ٻي مزاحيه ڪانفرنس جو ماڻهن کي انتظار آهي: ۽ گذريل ڪانفرنس جو چرچو آهي ... اميد آهي ته وري به جلد از جلد هن قسم جي ڪانفرنس نهايت اعليٰ پيماني تي منعقد ٿيندي.

(تصويرون محترم مخدوم زاده امين "فهيم" جي شڪريه سان.)

سائي ساري هٿ ڪري،
سيڻن جا سهاءِ.
شاه عبدالڪريم (۹۴۴ھ/۱۵۳۶ع-۱۰۳۲ھ/۱۶۲۳ع) کان گهڻو اڳ، ڄام نظام الدين سمي جي وقت ۾ ساموئي وارا نامعلوم بزرگ پڻ جيڪي ست بيت پيش ڪري ويا هئا، اهو به هڪ عجيب نوعيت جو مشاعرو هو. هر ڪو فقير پنهنجو احوال واري سان بيان ڪندو هو. قاضي قاضن جي ئي وقت ۾ درس علاءُالدين سومرو ۽ سيد علي ثاني (المتوفي ۹۸۱ھ/۱۵۷۳ع) جا پاڻ ۾ مشاعرا لڳندا هئا. هو هڪ ٻئي سان محققانه نموني پراڻي ڏي وٺ ڪندا هئا ۽ افسوس جو زماني جي لٽ اهو خزانو لٽي ڇڏيو.

مخدوم نوح عليه رحمته پڻ اهڙين محفلن ۽ مشاعرن جو وڏو شائق هو. هڪ دفعي ڪنهن سنڌي شاعر سندس در جي اڳيان بيت جي هيءَ سٽ اچي پڙهي:

"آئي سمي ڄام، عالم سڀ
اڄو ٿيو."

اها سٽ ٻڌي پاڻ حويليءَ مان نڪري آيا ۽ جواب ۾ چيائون ته:

سمون نه سائين گڏ، تون
لوچ لڇ ڪي،
هلندي سمي سامهون، تون
پڻ ڪرت ڪڄ،
نه تو پڻ ٿئي ڏي، سمي نه
سوڀ ٿئي.

مخدوم نوح (رح) جن ته آخرين وقت تائين مشاعرن کي قائم رکندو آيو. آخرين گهڙيءَ وقت ابوبڪر شاه لڪياريءَ کي نياپو موڪليائون ته:

"ابوبڪر آءُ سامين سفر
سنباهيو،
متان ٿي پڇاڻ، سارين سان
سنياسين کي."

نه صرف اتنرو ۾ ڪلهوڙن جي وقت ۾ يوسف سهتو جو ٺٽي ۾ رهندو هو، حال ۽ قال جو صاحب هو. سنڌي زبان جو مشهور شاعر هو. نه فقط شاعر هو ۾ بين شاعرن

ڪي به خوب همتائيندو هو. ادبي محفلن کي معراج تي پهچائڻ لاءِ ٺٽي ۾ ساليانو ادبي ميڙو لڳائيندو هو. انهيءَ ۾ سنڌي شاعر پنهنجا شعر اچي پڙهندا هئا. اهو ميلو يوسف سهتي جي وفات کان پوءِ به سندس خانقاه تي سال بسال لڳندو هو ۽ ڪلهوڙن جي وقت تائين باقاعده لڳندو پئي آيو.

ڪلهوڙن جي وقت ۾ شاه سائين جن ڪري سنڌي شعر اعليٰ مقام حاصل ڪيو. بين ادبي ڳالهين سان گڏ شاه صاحب جيترين شاعرانه محفلن پنهنجي همعصر ساٿارين سان ڪيون اوترئون سنڌي ادب ۾ اسان کي بي ڪنهن به اڳوڻي شاعر جي ناليءِ معلوم نه ٿيون آهن. مرشد لال لطيف سان، جن به بزرگن، همعصرن ۽ ساٿارين روح ريهاڻيون ڪيون ۽ محفلون مچايون انهن مان سندن والد سيد حبيب الله شاه، مخدوم محمد زمان، شاه عنايت الله رضوي، صوفي عنايت، عنايت ڏيرو، صالح فقير ڪڇي، مدن مهتو، عبدالرحيم گرهوڙي مکيه هستيون هيون.

سيد حبيب شاه

هن پلاري بزرگ جي ساراه ۾ گهڻا لفظ لکڻ چوڻ ته پاڻ پٽ ڌڻيءَ جو والد بزرگوار هو. شاه سائين روحاني تعليم وٽانئس حاصل ڪئي. پاڻ حال ۽ قال جو صاحب هو.

تحفة الڪرام جو صاحب رقم طراز آهي ته پاڻ وجد ۽ حال جو صاحب هو. اڪثر استغراق جي حالت ۾ رهندو هو ۽ سندس نالي گرامي فرزند سيد عبداللطيف سندس خدمت ۾ حاضر ٿي اچي ڳالهه ٻولهه ڪندا هئا، ته پاڻ فرمائيندا هئا ته "تون ڪير آهين؟" شاه صاحب ورائيندو هو ته، "توهان جو غلام عبداللطيف آهيان." پاڻ جواب ۾ ورائيندا هئا ته "مون ڪون نه ٻڌو." شاه حبيب جي روحاني تعليم جي اثر ڪري پٽائي سائين ننڍيءَ عمر ۾ ڪنهن واريءَ ڀٽ جي پرسان الهي عبادت ڪندي بي خوديءَ جي حالت ۾ اچي ويا ۽ متانئس واري ورندي رهي. شاه صاحب جو باقي رکيو وڃي منهن ظاهر رهيو هو. شاه حبيب، لطيف جي ڀيڇا ڪندو ڏس موجب انهيءَ ڍڙيءَ جي پرسان پهچي هيءَ سٽ پڙهي:-

"لڳي لڳي واءُ، ويا اگهڙا
ڏي ڪجهي."

شاه سائين پنهنجي والد ۽ مرشد جو آواز سڃاتو ۽ وراڻيائين ته:

"ٿئي ڪٽي پساه، پسڻ
ڪارڻ پرين جي."

هيءَ به سٽو بيت پس شاعرن جي عملي زندگيءَ جي زنده تصوير آهي انهيءَ ڳالهه کي ڪافي عرصو گذريو. شاه حبيب جن آخرين لمحا گذري رهيا هئا ۽ پوين پساهن وقت پنهنجي پرسان لطيف کي نه ڏسي قاصد کي نياپو ڏنائين ته: منهنجي فرزند کي وڃي چئو ته:

ڪنهن جنهن نينهن نندا،
جي مون واجهائيندي نه ورو
جيڪي مٿي ڪندا،
سو جانب ڪريو جيئري.

جڏهن قاصد شاه صاحب کي اهو نياپو پهچايو، تڏهن جواب ۾ فرمايائون ته "آءُ اڄهو ٿو اچان ۽ بابا کي وڃي چئو ته:

متان ٿئين ملور،
ڪين اڳاهون آهيان
ڏسڻ ۾ ڪر ڏور،
حد پنهي جي هيڪڙي.

سهڻي سائين لال لطيف جو مرشد ۽ والد سنه ۱۱۵۵ھ ۱۷۴۲ع ۾ وصال ڪري ويو. جنهن ڪري اهي ادبي محفلون ۽ مشاعرا به ختم ٿي ويا.

صوفي عنايت جهوڪ وارو

شاه سائين جاجن به بزرگن سان مشاعرا ۽ محفلون ٿيون، انهن مان صوفي عنايت جهوڪ

اڄوڪي دنيا

(از:- محمد عالم ڪولاچي مير پور ماٿيلو)

جوانن ۾ نه آهي حب وطن اڄ
ڏسون ٿا خود پرستي موجزن اڄ
نه آهي راهه، ڪو نهي راهبر اڄ
هئا جي راهبر ٿيا راهزن اڄ
نفاق آيو مسلمانن ۾ اهڙو
جدا هڪ ٻئي کان ٿيا شوهر ۽ زن اڄ
مجاهد مرد مولا جا مري ويا
نه ڪو آ تير ناهي تير زن اڄ
قصو شيرين جو هڪ خواب آهي
نه آهي ڪوهه ناهي ڪوهه ڪن اڄ
هلي ٿو ڪوڙ سچ بيهڪ اٿي ويو
نه آ، در، عدن، لعل يمن اڄ
جلي ويو جوش مان لاله جو سينو
شهيد عشق آهي بي ڪفن اڄ
محبت جو چمن اجڙي رهيو آ
وفا جا گل پيا ڪومائجن اڄ
خزان اهڙي لڳي ارض- چمن ۾
سڙي ويا سربسر سرو و سمن اڄ
نه عيسيٰ ڪي نه موسيٰ ڪي ڪو جاڳي
ٿيو عالم جو "عالم" بيرتن اڄ

وارو ٻڌڻ هڪ هو. شاه صاحب جن جهوڪ ۾ هن بزرگ جي زيارت لاءِ ڪهي ويا هئا. صوفي عنايت شهيد کين ٻري ڪان ڏسي سهي ڪري ورتو ۽ کين ڏسي هي بيت پڙهيو:

ڏسي ڏونگر ڏار، جم هلڻ ۾ هيري ٿئين
مجازياڻيون موٽيون، سهڻي سنڌ ٻچار
پوئي پائنج ٻرين ڪي، حقيقت جا هار
سگهي لهندي سار، آريچا عنايت چئي.

شاه جواب ۾ وراڻيو ته:

ٻسي ڏونگر ڏاهه، جم هلڻ ۾ هيٺي ٿئين،
لاڻهي لڪ لطيف چئي، ٻنيءَ ڪيچين ڪاه،
ٻچي ٻورج سسئي، ٻلوچاڻي ٻاه،
اُن وڙائتي ورجو، آسرو هڏ ۾ لاه،
اڪيس اوڏو آه، ٻرين ٻرانهون م چؤ.

شاه سائين عنايت صوفيءَ اڳيان "اڏرندڙ ايرن" نالي بيتن جي سنگهرچئي جنهن مان هيليون ٻست ڪيس خاص وڻيو:

اڏرنڌر ايري، آهيان، سو نهين.
پرڏيهي ٻرين ڪيا، مرڻ لئه مو نهين.
سسئي ڪي سيد چئي، تنگن ۾ تو نهين.
هاري ڪيئن هو تئين، ري سمر سڏون ڪرين.

هن بيت جي پرسان عنايت صوفي سسئي جي تمثيل ۾ هيءَ بيت ڏنو:

اڏرنڌر ايري، ڪو جهي ڪميٺي،
تنهن سان ٻار وچل ٻاجهون ڪيون، هوت ڏسي هيٺي،
اگهائي عنايت چئي، تنهنجي نڪر مان نيٺي.
جا هيءَ ورجي وهيٺي، تنهن کي محب مليو مهياڙ ۾.

آخر جڏهن سن ١١٣٠ هه- ١٧٢١ع ۾ صوفي عنايت شهيد ٿيو، تڏهن پٽ ڌڻيءَ کي ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ چيائين ته:-

سيت ٻهار ٻرينءَ جي، سيت هوت حضور.
ملڪ مڙيئي منصور، ڪهي ڪنهندي ڪيترا.

خواجه محمد زمان لواري شريف

جن بزرگن سان پٽ ڌڻي ملاقات لاءِ ويندو هو، انهن مان هڪ لواريءَ جو لال خواجه محمد زمان صاحب به هو. شاه ۽ خواجه صاحب جي ملاقات سندي ادب ۾ وڏو درجو رکي ٿي. مشهور آهي ته شاه سائين خانقاهه ۾ پير ودو ته مخدوم محمد زمان سندن رتبو پرو ڙي هڪدم هي بيت ڏنو:

"ڪيپري ۾ پير، ڪنين ٻاتو پير لين.
جيئان منجهه ماڻهين، سچڻ تيئان سئير.
ان پون سند وپير، ڪوڙين مان ڪونهي."

جواب ۾ شاه وراڻيو ته:

ڪپيريان ٻري ٿيا، ٻڌي ٻڌائون.
انهن وٽان آئون، رهي آيس راڙي.

ٻنهي بزرگن جو روحاني مڪان مٿين بيتن مان ظاهر ٿيو ٿئي. ٻئي لاحد جا ٻانڌ پڙو ٻيا پسجن، سندن روحاني شمع اڳيان مڙيئي مشعل جهڪا ٻيا پسجن. انهيءَ ڪالهوءِ ٻئي بزرگ ٻاڻ ۾ گڏيا ۽ گهڙ هي روح ريهاڻ ڪيائون. شاه صاحب کي مخدوم محمد زمان چيو ته:- سماع سرود چڏي لوڪ جا لاڳاپا فنا ڪر." ۽ ٻوءِ بيت پڙهيو ته:

ڪين آهين ڪين ٿيندين،
وڃي ڪي ڪمائي.
لاڳاپا لوڪ جا "لال"
سيئي لهراءِ
سامي ٻوءِ سلنديا، ڳالهه
ٻريان جي ڳجهه جي.

جنهن جي جواب ۾ شاه سائين وراڻيو ته: اها لڪئي جي ڳالهه آهي. ڪنهن جو ڪو نه ڏوهه ڪونه آهي.

قلم وهي ويو ڪانهن، سرتيون ڪنهن سهاڳ ڪي
الڳ اڳيئي لکيو، اُت نه ٻهچي ٻانهن
ڪنهن کي ڏيان ڏانهن
ته ٻرين مون سان هيئن ڪيو.

مگر نقشبنديءَ جي مهيند ڙ، مخدوم محمد زمان چيو ته ڪاتب لکيل ڳالهيون ميٽي سگهن ٿا، انهن وٽ ويهه ته اهي گهربل ڳالهيون لکن:

ويهه وڃي وٽ تن، قلم جني جي هٿ ۾
ميٽئو الڳ اڳيون، ورايو ٻيو لکن
ٻئون سو ٻاڙهين، جنهن مان ٻسڻ ٻرين ڪي."

شاه عنايت رضوي

شاه عنايت رضوي نصرپوري جو شاه سان ڏاڍو نيٺهن هو. نصرپور کان ڪهي پٽ تي ايندو هو. جيئن ته شاه کان عنايت رضوي عمر جو وڏو هو، ۽ شاه جهڙي آفتاب اڳيان سندس جمال جهڪو ٿيو ٿي ٻيو. هن بزرگ شاه صاحب سان سنا مشاعرا ۽ محفلون ڪيون. ٻاڻ پريءَ محفل ۾ بيت ڏنائين ته:

قرقل قوتا ٻارو چا، ٻاتائون پڙيون.
انهن کي عنايت چئي، قير نه ڪن قريون.
جي چوهي منجهه چڏيون، سي پيڙيون رکين ٻاجهه سين.

شاه انهيءَ جو جواب ڏنو ته (؟):-

قرقل قوتا ٻارو چا، ٻاڻيت ٻاتائون.
ڪونيون قيمت سنديون، ٽر ۾ تاڪيائون.
لاجن منجهه لطيف چئي، پيڙا ٻڌائون.
نذر نبيءَ جام جو چڙهندي چيائون.
جي چوهي چوڙيائون، سي پيڙيون رکين ٻاجهه سين.

عبدالرحيم گرهوڙي

عبدالرحيم گرهوڙي پنهنجي وقت جو وڏو عالم ۽ فاضل هو. لواريءَ واري بزرگ محمد زمان کان روحاني تعليم نصيب ٿيس. ٻاڻ شاه جي وقت ۾ جوانيءَ رسيل هو. هڪڙي ماڻهو هٿان شاه ڏانهن هن دوهي جي هيءَ مصرع طرح ڏياري موڪلي ته:-

"مڙنيا موچارو، سو ڪهاڙو،"

جڏهن اهو نياپو شاه کي پهتو تڏهن ٻاڻ جواب ڏنائين ته:

"هڪڙي صحت سرير جي، ٻيو ٻرين جو ٻاڙو."

انهي دوهي کان وڌيڪ عبدالرحيم گرهوڙيءَ جي شاه صاحب سان گفتگو ڪانه ٿي هئي.

عنايت ڏيرو

جاني ڏيري جي پٽ عنايت ڏيري، شاه جي ساراهه ۾ بيت چيا آهن. عزت ماب ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي تحقيقات موجب عنايت ڏيرو شاه جي عزيز ڏيرن مان هو. جاني ڏيرو پنهنجو پٽ شاه وٽ هميشه ڇڏڻ لاءِ تيار نه هو سو ٻه ٽي دفعا عنايت کي واپس وٺي آيو ۽ عنايت جي نه رهڻ ڪري لاچار جاني ڏيري کي شاه سان شڪايت ڪرڻي پيئي، جنهن جي جواب ۾ شاه چيو ته:

"عنانا! اتاهين، جاني جڙي ٻند
آهي گهڻو اهڪو فقيريءَ جو نند
چکين نه چريو ٿئين ميخانه جو مند
ڪين ڪيندو ڪند منجهان سگ سيد چئي."

۽ ٻوءِ جاني ڏيري پنهنجو پٽ عنايت شاه جي صحبت ۾ ڇڏيو، جتي رهي هو وڏي درجي کي رسيو. شاه عبداللطيف کان عنايت ڏيرو کي ڏکيا ڏکيا مسئلا ۽ هدايتون وٺندو هو. هڪ دفعي کيس شاه نفس اماره کي قبضي ۾ ڪرڻ لاءِ چيو ۽ ائين نه چيو ته جيسين ڪشالا نه ڪيندين ۽ من نه ماريندين تيسين، ڪنهن درجي تي ڪونه پهچندين. هن

درويش حڪم موجب عمل ڪيو ۽ هن کان الله ولي. خواهشون ختم نه ٿيون تنهن ڪري اچي شاه سان شڪايت ڪيائين ته:

ماري ماري مون وهٽ سان
وس ڪيا،
سڌ و سراڙ و نه ڏني مٿي
پورو پون
ڪاتات سيڪارينس تون،
منهنجي سواريءَ سنئون
نه ڪيو.

جنهن تي شاه ڪيس دوباره تلقين ڪئي، مگر اها تلقين نظر هئي، ڇو ته سوال ڪندڙ سوال پڻ نظر ۾ ڪيو هو. جواب ۾ حڪم ڏنيس ته:- (؟)

اڌوگارو ان جو، تورو گاه
ڏئينس
اتي استغفار جو ڇهڪ
چڪائينس،
حقيقت هنو ڏيئي توڪل
تل ڪرينس
ان الله مع الصابرين، اهو
لغام لڳائينس
لاحول ولا قوة الا بالله جو،
ڇهڪ چڪائينس
پنهنجي ساز نياز جا، وڃي
پورا ڪرائينس
محبت جي ميدان ۾، ٿهليو
ٿهلائينس
ايءَ ۾ سيڪارينس، ته سوڌو
هلي سيد چئي.

عنايت ڏيرو ۽ هميشه شاه جي خدمت ۾ رهندو هو. شاعر نه سهڻو هو. ڪنهن نه بيت جي جواب ڏيڻ ۾ دير ڪونه لڳندي هيس. عنايت هڪ ڏينهن چيو ته:-

مرد گڏيئي سستي، سوڙهي
منجهه سهي
طرح پڄندي تڪڙي
پار وڃا پئي
پانهجي پاڻ هئڻ سين،
واڇيندءِ وهي
سمر جن صحيح، تن کولهي
... چئي.

اهو پڙهي شاه فرمايو ته:-

سمر نه جن سارڻ، هوت
حمايتي تن جو
ڪري ڇيچ ڇر ۾ ڀهون
ايند و پاڻ
ٿيندي روح رهاڻ، لطفي
منجهه لطيف چئي.

هڪ دفعه مدن ۽ عنايت جو ڏاڍو چڱو مشاعرو ٿيو. پهچي جو نمبرو شاه صاحب ڪيو. موالين جي ڪرسڏسي مدن اچي ڏانهن ڏني ته:-

ملان، موالي اسر جو، ڪن
ساراه سبحان
ملان پاڻي وجهن پيرن تان،
موالي صافا ڪٽن سلطان
ملان بانگ چڙهيو ڏين،
موالي ڪن عليءَ جو اعلان
موالي رهن مجلس ۾، هو
ڪامل پڙهن قرآن
مدن چوي مان، مهندا
ٿيندو ڪن جو.

جنهن تي عنايت چيو ته:-

ملن ۽ موالين ۾ وڏو
فرق آهي.
جيڪو ڏيندو دنيا کي ترڪ،
تنهن کي ملندا مان عنايت چوي.

جڏهن پنهي جا خيال شاه پڌا تڏهن فرمايو ته:-(؟)

ملان ۽ موالي، اهي خلقيا
خلقطهار
سيد چئي سڀن کي ڏان
ڏنا ڏاتار
صاحب رب ستار، ڏيندو
دان دلين کي.

مدن ڀڳت

ڪوٽڙي مغل ۾ مدن ڀڳت رهندو هو، ويدانتي ڙطڪار جو هڪڙو گل هو. شاه صاحب ڪيس ڏاڍو پائيندو هو. مدن مهتي جي منزل کان شاه بخوبي واقف هو ۽ هڪ ڏينهن شاه منجهائي وڌس. شاه چيو ته:- "مهندا ڏينهن محشر جي ڪافر ڪندا ڪيش، جيئن ته جواب ڏاڍو ڏکيو هو. پر تن ڏينهن اندر نه مدن الهيءَ بيت جو جواب ڏيئي نه سگهيو ۽ بيت اڻپورو رهيو پيو هو. تن ڏينهن کان پوءِ شاه ۽ مدن درياه جي هن پرا ڪرڻ لاءِ روانا ٿيا. واٽ تي شاه صاحب سوني مهر لڌي، پرچڏي ڏنائين. پروري مدن ڀڳت اها مهر نمي ڪٽي ورتي. درياه وارو ملاح هنن فقيرن کي ڏسي هلڻ لڳو. شاه چيس ته اسانکي هن پار اڪار ۾ ملاح پڌو ئي ڪونه.

تنهن تي مدن مهر ڪڍي ملاح کي ڏيکاري، جنهن ڪري ملاح موٽي آيو ۽ هنن فقيرن کي درياه اڪارڻ لاءِ پيڙيءَ تي چاڙهي روانو ٿيو. هاڻي مدن کي ڪلي اچي ويئي ۽ شاه صاحب کي چيائين ته ٿيون ڏينهوڪي بيت جي پهرين ڪلي ته وري چئجو. شاه فرمايو ته:-

مهندا ڏينهن محشر جي
ڪافر ڪندا ڪيش،

جواب ۾ مدن چيو ته سائين:

هٿ جنين جو هيش، پهرين
پتڻ سي پيا.

شاه صاحب کي اهو جواب ڏاڍو وڻيو ۽ پاڻ ڏاڍا سرها ٿيا.

فقير صالح گوهري

صالح فقير ڪچي، ڪڇ ۾ گوهر شريف ۾ رهندو هو. جن بزرگن شاه صاحب جي سوانح عمري لاءِ ڏاڪڙا ڪڍيا آهن ۽ شاه جي پيرن پنيان محض الهيءَ لاءِ ويا آهن ته من ڪو تاريخي حقيقت جو حصو نصيب ٿئي تن کي معلوم آهي چڪو هوندو ته جيڪڏهن شاه صاحب هنگلاج جو سفر ڪيو ته هن کي ڏانهن نه قدم ڪنيا هوندا ۽ ڪو ٿيو ۽ نارائڻ سر کان ٿي گوهر شريف تائين پڻ ڪيو هوندو. راقم الحروف گوهر شريف ۾ "شاه جي کوه" مان پاڻي پيئڻ جو شرف حاصل ڪيو آهي. صالح فقير پڻ الهيءَ گوهر جي گهوٽ جو رهاڪو هو. جڏهن سنڌ جو پٽ ڏٺي ڪڇ ويو ڏهن ڪچي سنڌ پڻ سنڌ وڃيون آڏر پائون ڪيون ۽ وڏن وڏن شاعرن سان سنڌس ملاقاتون ٿيون جن مان هڪ فرمائيتو ڪچي صالح فقير به هو. جڏهن سنڌ جو شاه گوهر شريف ۾ پهتو تڏهن صالح فقير هن بيت سان سنڌس مرحبا ڪئي:-

سيد پير سمو لڀي، جامن
سنڌ و جام
اگهيو در الله جي، تنهن
ڪامل جو ڪلام
ٻري پيو پانڌيا، تنهن
گوهر سنڌ و گام
ڪو نه رهيو ڪو خام، سڀ
سکي ٿيا صالح چوي.

تنهن تي شاه فرمايو ته:-(؟)

صالح ٿي سڌ ير، سڻ هئين
سمن ڳالهڙي
منهنجا لڳ لطيف چئي،
پرت سان پير
ڏاران منهن مرشد جي،
ڪو ڪندو ن ڪير
اسر جو اڪسير ويهه تنهن
سين واڳجي.

۽ پوءِ صالح، شاه پٺائيءَ سان واڳجي وينو جو سورٺ ۽ ڪاڻياواڙ تائين شاه سان گڏ هو ۽ ڏاران سنڌ تي به شاه سان گڏ ٿي رهيو.

از:- محمد رحيم بلوچ، ميرپور خاص

حافظ احمد جت وارو شاهه جو رسالو

(نوٽ:- هيءُ مقالو تحقيقي نوعيت جو آهي جنهن ۾ مقاله نويس شاه صاحب جي هڪ رساله جي هڪ ناياب نسخه متعلق اکين ڏٺو احوال ڏنو آهي. هن صاحب مقاله ۾ ڪي بيت به درج ڪيا آهن جيڪي هن انهيءَ نسخه تان اتاريا آهن. اسان انهن بيتن جي شاهه ڏانهن نسبت کي اگرچ اڃا تحقيق طلب ٿا سمجهون تاهم مقاله نويس صاحب جي محنت جو قدر ڪندي اسان سندس مضمون کي هوبهو هت شايع ڪري رهيا آهيون- اداره)

مالدارن جي مهاڙ مينهن تي، جتي جر جي جنبش ٿي هجي سياڻا سنگهار سانگه ڪيو وڃيو وانديون ٺاهيو ويهن. اسانجي ڳوٺ ڪاڙڪ کي قدرت جي طرفان ڏوٿا ڏ ميج نصيب ٿيل آهن- يعني ته برسات جي موسم ۾ ڪاڇهر (ڏاڍي زمين) ۾ گاهه بي انداز ٿيندو آهي. ڳوٺ آهي ڪس تي (مهراڻي ۾) اورار آهي ڏاڍي زمين ۽ پرار اٿس واريا سي ٽڪن واري زمين. پيو وري ڳوٺ ۾ هڪ شاهي تلاءُ آهي جو ته جو توڙي ڪاڇهر جو سمورو پاڻي ڇڪي ڪٺي پنهنجي گود ۾ ڪندو آهي. هن تلاءُ کي "ڏيٺي" جي نالي سان سڏيندا آهن. "ڏيٺي" جي ايراضي ڏيڍ چورنڪڙي ڪن ۾ آهي. هن ۾ پوري سال جي پاڻيءَ جي او نهائي ۱۲-۱۳ فوٽ ڪن ٿيندي آهي.

سال ۱۹۵۴ع ۾ "جت قوم" جا مالدار هن ڳوٺ ۾ اچي وانديون ٺاهي ويٺا. هنن وٽ ٻه هزار ڪن مينهون ۽ ٿورا ولر ٻڪرين ۽ رڍن جا پڻ هوا.

منهنجي سوٽ مرحوم دوست محمد جو دوڪان هو. شام جو دڪان تي وڃي ويهندا هئاسون. هڪڙي ڏينهن شام جو منهنجي سوٽ، حافظ احمد جت جي پٽ محمد رمضان جت سان ملاقات ڪرائي. هي مڙس مانجهي قد جو پورو، رنگ جو سانورو، منهن جو ملوڪ، شاهي شهپرن سان، ڪاري رنگ جي قميص ۽ گوڏ ۾ ملبوس، مٿي تي ڪاري رنگ جو "ڪانگ پرو" رومال؛ سيرت ۽ اخلاق جو مجسمو، ڪچهريءَ جو ڪوڏيو، ڳالهائڻ مان قدرتي روحانيت پئي بکيس. مڙس گهڻي پيار ۽ اُمنگ سان اچي ياڪر پائي مليو. جنهن مان اندازو لڳائيندي معلوم ٿيو ته مڙس خانداني آهي.

ڪچهريءَ ۾ پٽائي گهوٽ جو ذڪر ڇڙيو ته هن سادي ماجد حافظ احمد جت جو ديدار نصيب ٿيو. پوءِ هنن هڪ هٿ جو لکيل رسالو ڏيکاريو. چي هي اسان هتي پاڪستان ۾ اچڻ کان پوءِ لکيو آهي. جت اصل ڪڇ ڀڄ جا وينل هوا ۽ مهاجر ٿي پاڪستان آيل هوا. ان رساله ۾ هڪ اصل نسخه (جنهن کي هنن "گنج" تي ڪوٺيو)،

از:- سهراب مشوري

سنڌ لاءِ دعا

۱- ڳوٺ سنڌ جا شل رهن آباد ۽ خوشحال سڀ
ڏڻ ڏنارن جا سکيا مارون منهه ۽ مال سڀ

۲- پاڻ ۾ گڏجي گهمن خوشيون ملهائن ڪيٿ ۾
پرت مان سڀ پاڻ ۾ ساري ڏين احوال سڀ

۳- ڪين ماڙين ۾ رهن من هن اندر تن جو مڪان
ٿي ويا تن کي پکن ۾ ڪي صديون ۽ سال سڀ

۴- شل ڏسان سرها سدائين پارڙا سنڌ جا سهي
ڪارڙا ۽ ڪو جهڙا کي ڳورڙا کي لال سڀ

۵- سنڌڙي ! او سنڌڙي !! تو سان جڙيل آ جندڙي
تا پيدا ۽ يار تو لئي جر وهائن جال سڀ

۶- هت رهن جانگهي پيا مهراڻ جي ٿا گود ۾
چاهه مان چارن سدا ڪاريون ڪنديون ۽ چال سڀ

۷- پاڪ پٽ "سهراب" سنڌ جا شل ڏسان ساوا سدا
گابڙا ۽ چيلڙا ٿي ٽپڪ ڪائن ڇال سڀ

ڏنارجي واتان داستانن جا داستان ٻڌي حيرت وٺي وئي. جت ظاهر ڪيو ته ڪيس سارو رسالو ياد آهي ۽ سندس والد حافظ احمد کي ڇهه هزار بيت بر زبان ياد آهن- بقول پٽائي:

"ذات نه آهي- ذات ٿي، جو
رهي سو لهي."

پوءِ وٺي ويو سندس واند تي جتي سندس ڪراڙي والد جو هڪ ورق به موجود هو. اهو نازڪ ورق بلڪل پراڻو ۽ نفيس ٿي نظر آيو، گهڻي ساندڻ هوندي شايد مينهن ۾ گهمجي پيو هو. هن ورق ۾ اصل واري سنڌي قلمي صورت لکيل هئي. هنن جتن کي عرض ڪيو ويو ته هيڏي ساري املهه دولت اوهان ڪٿان هٿ ڪئي؟ ته حافظ احمد جت ورائيو ته "چار پيڙهيون اڳ پٽائي بادشاه پاڻ سندن ڳوٺ ڪڇ ڀڄ ۾ تشريف فرما ٿيا ۽ قدرت ان ڏينهن سندن لڳ جوڙ ڪين هوا تنهن ڪري مسجد شريف ۾ برابر ٿي ڏينهن قيام ڪيائون. قدرت الاهي جو جڏهين پٽائي صاحب رواڻا ٿيا ته ان وقت ڪو به ماڻهو هڪيو حاضر ڪين هو. صبوح جو اسانجي وڏن ڏٺو ته هڪ بچڪي پيئي آهي. کولين ته ڪتاب؛ ڪجهه پڙهيل هوا؛ پڙهي ڏسن ته بيت! سبحان الله!! روحاني رمزون. پوءِ هنن کي بيتن مزو ڏنو ۽ پيڙهي؛ پيڙهي سمورا بيت ياد ڪندا آيا." وڌيڪ چيائين ته "اهو اصل رساله (گنج) سندن ڳوٺ محفوظ آهي." مون هنن کي عرض ڪيو ته ڇو نه هي رساله ڇپائجي: چئي نه- رسالو ڇپائيندا سون ڪين. مون عرض ڪيو مان کي ڪجهه ڏينهن اوهان جو لکيل رسالو پڙهڻ لاءِ ڏيو ڇئي نه- "اوهان اسانجا بيت لکي ڇپائي ڇڏيندا." نيٺ گهڻي رد بدل بعد هڪ رات لاءِ رسالو ڏنائون. رات جو هڪ بجي مهل رساله کڻي گهر پهتس- کولڻ سان حيرت جي حد نه رهي. هڪ سر مارئي ۾ ۴۲ داستان هوا. ڪهڙا لکي ڪهڙا لکجن! اڌ رات ۾ مون ۴۰۰ ڪن ماڻڪ لکي ورتا. سج کني ڪيڻ وقت جت اچي سڏ ڪيو ڇئي انجام پاڙيو. مون ڇيو حاضر- رساله سندس حوالي ڪيم. پوءِ هنن مانجهي مردن سان ملاقاتون ٿينديون رهنديون هيون ۽ ڪوڏ ڪچهري ڪندا

هئاسون. مگر رسالو ڪنهن حيلي نه ڏنائون. ڪجهه عرصو رهڻ بعد هي جت ماتلي طرف روانا ٿي ويا ۽ وري ملاقات ڪانه ٿي. ماتلي ۾ اهو سندن لکيل رسالو هڪ پوليس جمعدار پير محمد خان کي هٿ آيو جو هن وقت پڊجيءَ ۾ آهي ته ان صاحب وٽ آهي.

پوءِ معلوم ٿيو ته حافظ احمد جت مرحوم ڊاڪٽر علامه دائود پوٽه صاحب وٽ پهتو ۽ سندس رسالي جو ذڪر ڪيائين- مرحوم علامه صاحب اصلي رسالي جي تقاضا ڪئي ۽ مولوي حافظ احمد جت کي پاسپورٽ وٺي ڏنائين ۽ ۽ رسالو ڪڍي اچڻ لاءِ ڪيس خرچ وغيره به ڀاڙو ڏنائين. حافظ احمد ڪڇ طرف روانو ٿيو مگر واپس ڪونه موٽيو.

افسوس! اهي جت سال ١٩٥٨ع ۾ هندستان مال سميت ڪڇ جي رڻ مان پار لنگهي ويا ۽ اسان سندن کان هميشه جدا ٿي ويا. آڏاريل بيتن مان مختصر بيت هيٺ پيش ڪجن ٿا. جيڪڏهين عوام کي پسند پيا ته ٻيا بيت به موڪليا ويندا:

پرين ءَ جا پانڌي (سرمارئي)

(١)

پانڌي! پرينءَ پنوهار کي،
جهجها ڏج جهار،
زور ظهير ي- آهيان،
پر چئن مان پنوهار،
ويڙهيون ۽ ولهار؛
ڏئي مون ڏينهن ٿيا.

(٢)

پانڌي! پرين پنوهار کي،
چئج چتائي،
مٿو آت جي آسري،
مون ڏوتو ناهي،
ڪاهڙ جن ڪائي؛
هينئون هولن گڏيو.

(٣)

پانڌي! پرين پنوهار کي،
ساري ڏج سلام،
ته سيل ۽ پکو سو مري،
مٿس ناه ملام،
برڪت محمد جام،
رکيئين پن پنوهار جو.

(٤)

پانڌي! پرين پنوهار کي،
ڏج نياپو ليئي،
"ڪر نه لڏيان ڪڏه"،
جا و ٿان آت ويئي،
آئين ات سيئي،
آئون هت هيڪلي گهاريان."

(٥)

پانڌي! پرين پنوهار کي،
چئج حال مهجو هيءُ،
اباڻن جي آسري،
تو جهڙي مهجو جيءُ؛
آءٌ تاريلين ڪان ٿيءُ؛
ته ڪا هئي پچار پنوهارجي!

(٦)

پانڌي! پرين پنوهار کي،
چئج حال مهجو هاڻ،
ان مع العسر يسرا،
ڏک ٿا سکن ساڻ،
اناللہ وانا اليه راجعون،
ٿيا سنگهارن ساڻ،
ڪجاه ڪا وراڻ؛
ڏکن ڏيل ڏهيون ڪيو.

(٧)

پانڌي! پرين پنوهار کي،
چئج چڱي چال،
جا آئجي عمر سو مري،
ضبط ڪئي زال،
سا ثابت آهي سيل ۾،
چابڪ چڱيءَ چال،
نيو لماڻي نال،
مٿان ماڙين ۾ مري وڃي.

(٨)

پانڌي، پرين پنوهار جو،
آيو ڪالھ ڪهي،
آئنا ميئهن ملير ۾،
ويا ڏک لهي،
ڏٺ پچي پيا ڏيهه ۾،
گهٽي موڪ مهي،
ويڙ هيچن وبهي،
سک لاهيان سومرا.

(٩)

پانڌي، پرين پنوهار جو،
وڏو اٿم ويهه،
ماروءَ جي ملير جا،
ڏوٿي هٿم ڏيهه،
منجهان قيد ڪيهه!
ته جيئري ملان جيڏئين!

(١٠)

پانڌي، پرين پنوهار جو؛
نه ڪو ماڻهو ملير،
آڻي خبر خير جي،
ڏيه ڏوٿين جي ڏير،
ڪه جسو جاءِ ڪٿير،
سڻي سينهڙا آئيا.

(١١)

پانڌي پرين پنوهار جو،
ڪو مون وٽ آيو،
وٺا ميئهن ملير ۾،
ٿيو سڀ ڏيهه سائو،
پاجهر پکي پاجهه ٿي،
لٿو ڏولائو،
جو سرتين ساڃائو،
سو هيئون هٽ نه وندري.

٢. عمر جو اوچتو اچڻ

(١)

عمر آيو اوچتو،
ڏوران ڏنائين،
ويس ورت هٿ مان،
روح ۾ رنائين،
چڙهندي چيائين؛
چنو سنگ سرتئين!

(٢)

عمر آيو اوچتو،
جڏهين ڏٺو جوءِ،
ويس ورت هٿ مان،
آيسي روح ۾ روءِ،
سومرا! سند وه،
هو عڪس آجڙين سين.

(٣)

عمر آيو اوچتو،
پري کان ڏٺو پنوهار،
نصر من اللہ و فتح قريب،
دانهون ڪيون ڏنار،
پاڪارون پڪرار؛
ڪندي ويئي ڪوٽ ڏي.

(٤)

عمر آيو اوچتو،
سناٿو سپر؛
ڪڙ ڪيا هڏ پٺن تي،
ڏيي ويڙو ڏڙ،
اسڙيا لڙڪ لطيف چئي؛
پيشاني پگهر،
ساٿم ناه نمر،
وڃان ڪيئن وطن ڏي؟

(٥)

عمر آيو اوچتو،
ڪرڻ نه ڏنيس ڪوڪ،
ويئي ڏنم ويڙهيچا،
مارو مسه ملوڪ،
هي هي ڪري هوڪ،
وطن مان وٺي ويو.

(٦)

عمر آيو اوچتو،
ڪوڪ نه ڪيم ڪا؛
فنا ۽ فراق جا،
چکيم چوٽڪا،
ويڙهيين مان واڪا،
ڪندي ويس ڪوٽ ڏي.

(٧)

عمر آيو اوچتو،
ڪاهي ڪڍي ڪام،
چڏيم حيلا هن هنڌ جا،
هينئڙي پکي هام،
سرتين جا سلام،
ميان! مليران آيا.

(٨)

عمر آيو اوچتو،
ڪام ڪڍي ڪاهي،
چڏيم حيلا هن هنڌ جا،
لاڳاپا لاهي،
هڏ نه ڪي آهي،
مهجو هن ملير ۾.

(٩)

عمر آيو اوچتو،
ڏسي ڏيل ڏريو،
"ڪل نفس ذائقة الموت"،
ڪنهن تان ڪين ٽريو؛
اچي قول پريو،
جو پرور ڪيو پساه سين!

پروڪي پر

(١)

پر پروڪي سومرا!
سڻ هيءَ حڪايت؛
"ڏٺ ڏاڏاڻي ڏيهه جو،
آنداڻون اضافت؛
وٺو نور نبيءَ جو،
ٿي ندي نهايت،
پره ويل پنوهاريون،
ڪن نور نزاڪت،
مارن ڏي مهلت،
ڪڏهين تيندم ڪوٽ مان!"

(٢)

پر پروڪي سومرا،
موٽي سڻ مقال،
آءٌ تنهن رهي راڄ ۾،
چڱي جنين چال،
ايذاءُ ڪن نه عام کي،
هنن هيڻا حال،
جيڏيون ۽ جمال؛
ساريو روئان سومرا!

(٣)

پر پروڪي سومرا!
مارو هتا مون وٽ،
سرتين جو ساٿيه ۾،
مل نه آهي مٽ،
ڪدبون ڪائي ڪير سان،
آئون پر هيان ڪيئن پٽ؟

Scanned with CamScanner

ارواح انهن وٽ،
هٿ قيد قضا جا ڪانيان.

(۴)

ڀر ڀروڪي سومرا!
سرتين ڪيا سينگار،
اُجايا اُين ڏي،
نت نت ڪن نهار،
مڙي تنين ملير ۾،
ستايو ستار،
يدالله فوق آيديهم،
ڀنوهارن ڀچار،
رضا سان رحمان جي،
بادل ڪئي بهار،
انچا عبداللطيف چئي،
قول ٿيڙا قرار،
سي ماروئڙا مهندار،
ساريو روئان سومرا.

(۵)

ڀر ڀروڪي سومرا!
ڪنوٺين ڪيا ڪيل،
ترت تجلي سا ڀسي،
مارن ڪيا ميل،
ساٿيه ۾ سيد چئي،
وٺو وڏي ويل،
سي سهم سيل،
عمرا! آئون آٿيو مران.

(۶)

ڀر ڀروڪي سومرا!
سرتين ڪيا سينگار،
لٿا ڏک، سک ٿيا،
وٺا سڀ ولهار،
جي ڀائر ڀنوهار،
سي ٿي ساريان سومرا.

سر ديسي

(۱) ڪرڙا ڏونگر

(۱)

ڪرڙا ڏونگر، ڪه گهٽي؛
جت واءُ، وڏر، واريا،
ڀري- ڀٽ ۾ ؛
صبوح سند ن سواري،
لنگهيو لڪ لطيف چئي؛
وڃي ويچاري،
اچي - آري
ته موڙهي ڪومنهن ٿئي!

(۲)

ڪرڙا ڏونگر، ڪه گهٽي،
جت واٽن تي واري،
اٽ رات ڪٽڪيو،
اَچي ٿو آري،
هوتن لئي هاري!
ڇو ٿي ڏونگر ڏوريين؟

(۳)

ڪرڙا ڏونگر ڪه گهٽي،
جت ڪهن ڪنڌا ڦري،
ڏاڍي متي ڏونگرين،
ٻي واٽن تي واري،
آچي جي آري،
ته ڀاند جهلي لڪ لنگهيان!

(۴)

ڪرڙا ڏونگر ڪه گهٽي،
جتي جبل جا لارا،
ڏنم ڏاڍين ڏونگرين،
آريءَ لئي اولارا،
کهي ڪوهيارل،
اوڪيءَ وير اچيبج تون.

(۵)

ڪرڙا ڏونگر ڪه گهٽي،
جت روهه جبل روڏا،
اَچيو اُتاهين چڙهي،
جي اُين ڪي اوڏا،
ڪوهياري ڪوڏا؛
مرڻ معذور مهيو.

(۶)

ڪرڙا ڏونگر ڪه گهٽي،
جت روهه جبل روڏا؛
لنگهيا لڪ لطيف چئي،
تنواري توڏا،
جنڪي آرياڻي اوڏا،
تنڪي ناهه باڪ ڀهير ۾.

(۷)

آڏ تراڇا، آهڙا،
راهه چڙهيا روڏا؛
اصل منهنجي انگ ۾،
لڪيا هٿا لوڏا؛
گهميو دي گوڏا؛
موت ڀر همڻ ڀاسيو.

ڏيرن جو ڏمر

(۱)

ڏير ڏمر جي هليا،
ٻوتن چڙهي ٻر،
ساجن سيج وڇائيان،
جوڙي جيءَ اندر،
ڪان ٻڌير ڪڌهر؛
آهڙي ٻرا ڪنه ٻر،
ٻاروچا، ٻيهڙ،
رات نه رهيا هيڪڙي.

(۲)

ڏير ڏمر جي هليا،
ٻر چڙهي ٻوتا،
مارين تا معذور ڪي،
گنگن جا گوتا،
ليونماڻي ٻاڻ سين،
هيڪر آئين هوتا،
اهڙن ٻر ڀهتا،
رات نه رهيا هڪڙي.

(۳)

ڏير ڏمر جي هليا،
ٻائي ٻاڪڙا،
اُتي هليا اُس ۾
ٻن ڀهرن ٻوڙا،
ڏينه تتو ڏونگر متو،
ڪامي ٿيس ڪوڙا،
مون ڳاڙيندي ڳوڙها؛
رات نه رهيا هيڪڙي.

(۴)

ڏير ڏمر جي هليا،
ٻائي ايڊ پلاڻ؛
ٻڌي گور ٻند گنگن،
ڏنائون تنگن تاڻ؛
ڪارون ڪيم ڪيترون،
ساجن ويا سرواڻ،
ڀنهون نه آهي پلنگ تي،
سيج سڃي هاڻ؛
مون وٽ هٿا مهماڻ،
رات نه رهيا هيڪڙي.

(۵)

ڏير ڏمر جي هليا،
ڪرهل قطاري؛
وڃيو هٿ واڳن ۾ تي،
ٻانيڻ ٻاڪاري؛
ٻانيڻ ٻروچن لائي؛
رويو جر هاري،
اديون اوتاري،
رات نه رهيا هيڪڙي.

(۶)

ڏير ڏمرجي هليا،
جهليان مين مهارون،
ڪيون وڃي وٺڪار ۾،
چانگهن چانگارون،
ڪندي مون ڪارون،
رات نه رهيا هيڪڙي.

(۷)

ڏير ڏمرجي هليا،
گس چڙهي ڳوٺرا،
ويا ويڇاريءَ جا،
جلائي جوٺرا،
هتي ڪيم هورا،
رات نه رهيا هيڪڙي.

(۸)

ڏير ڏمرجي هليا،
متي مون معذور،
روئان رڙان جيڏيون،
سڙان انهيءَ سور،
ڏيه جنين جو ڏور،
رات نه رهيا هيڪڙي.

(۹)

ڏير ڏمرجي هليا،
واريان تان نه ورن،
حيف ڀچاٽا هوت جي،
گهارڻ منجهه گهرن،
لوٽيس لاڳاڻن،
رات نه رهيا هيڪڙي.

(۱۰)

ڏير ڏمرجي هليا،
رسي ويئڙا رات،
ٻي ترسي ٻلوچن،
جيجا! اصل ذات،
آءٌ ڀير ڪٽا ڀر ڀات،
هو رات نه رهيا هيڪڙي.

(۱۱)

ڏير ڏمرجي هليا،
ڏيئي ڏوران ڏس،
اوڳي، اونئيڙن جا،
ڀيئي ڀڃي گس،
وڃي ڀيئڙا وٺڪار ۾،
ليڙا لنگهي لس،
وڏا ڪيم وس،
رات نه رهيا هيڪڙي.

(۱۲)

ڏير ڏمرجي هليا،
اُٺن چڙهي اوءِ،
ويا ويڇاريءَ سين،
هاڃو ڪري هوءِ،
ڀنهون ڪارڻ ڀب ۾،
ڇليو ڇپر ٻوءِ،
اندر نهاريو اوءِ؛
رات نه رهيا هيڪڙي.

(۱۳)

ڏير ڏمرجي هليا،
چانگهن سر چڙهي،
ٻائي ٻير رڪاب ۾،
هين اُٺن آڙي،
ڪاٿو ڪوهيارل سين،
اديون! دل آڙي،
وڃي وٺڪار ۾،
گهارين مان گهڙي،
ٻاروچا ٻڙي،
رات نه رهيا هيڪڙي.

(۱۴)

ڏير ڏمرجي هليا،
ڪاهيائون ڪنوات،
ورتائون وصال جي،
سنڌي وحدت وات،
لنگهي لڪ لطيف چئي،
گهمڙ، گهٽيون ۽ گهاٽ،
جهتيم ڏيئي جهات،
رات نه رهيا هيڪڙي.

ڪيچ جو قافلو

(۱)

ڪيچان آيو قافلو،
بوتن مٿي بار،
عطر ۽ عنبير سين،
واسيائون وڻڪار،
ٻيٺي بانس ڀنڀور ۾،
ڪڪوريو ڪوهيار،
ساٿ ڏٺي سردار،
آيو اڄ ڀنڀور ۾.

(۲)

ڪيچان آيو قافلو،
خستوري ڪٺي،
هاريائون هڪ هٽن تي،
ٻي گهر گهر ڏنائون گهٽي،
جي اچي ٻاڻ ڏٺي،
ته عيبن ڪان آجي ٿيان.

(۳)

ڪيچان آيو قافلو،
رات موچاري رنگ،
ٿيان سائين جي سنگ،
جي مون ليو ٻاڻ سين.

(۴)

ڪيچان آيو قافلو،
آءُ پڻ ويندس ڪيچ،
گهٽو اُدڪي آهيان،
ٻسي ٻاگن پيچ،
هيس گهٽو سچيت،
ٻر نند نهوڙيس جيڏيون.

(۵)

ڪيچان آيو قافلو،
عطر آندائون،
خستوري خوشبوء سين،
وڻ ٽڻ واسيائو ڻ،
پسند پئي پنهون ءَ کي،
وسريون وچائون،
خيما کوڙيائون،
وريو بخت ڀنڀور جو.

ڪيچين جا ڪڪا آڻ

(۱)

ڪڪا اُڻ ڪيچين جا،
ڪارا کهنگ ڪندور،
ٻڌي گور ٻند گنگن کي،
ڏاگها نيائون ڏور،
آر ياٺي آنور،
لڪيون سپ لنگهي ويا.

(۲)

ڪڪا اُڻ ڪيچين جا،
ڪارا جن ڪپار،
جتن چوڙي چڏيا،
هاڙهي منجهه هزار،
ڇرن چندن چو ٽيون،
موڙيو ميندي‌ءَ ڏار،
پڇين جن جا ٻار،
سي لڪيون سپ لنگهي ويا.

(۳)

ڪڪا اُڻ ڪيچين جا،
جنجون ڪاريون ڪياڙيون،
واري ڪيائون وندر ڏي،
مين مهاڙيون،
تازو ٻير پنهون‌ءَ جو،
اديون! اُهاڙيون،
ڏير ڏيئي ڏاڙهيون،
لڪيون سپ لنگهي ويا.

(۴)

ڪڪا اُڻ ڪيچين جا،
مٿا جن موڏا،
ونگيءَ نه وارن سان،
تن گوڻرن جا گوڏا،
تنواري توڏا،
لڪيون سپ لنگهي ويا.

(۵)

ڪڪا اُڻ ڪيچين جا،
مٿا جنين مٽ،
ليڙهه جي لطيف چئي،
وڃي ونج وٽ،
گهيڙ نهاري گهٽ،
لڪيون سپ لنگهي ويا.

(۶)

ڪڪا اُڻ ڪيچين جا،
ڳوڙها جنين ڳاٽ،
ليڙهه جي لطيف چئي،
وڃي ونج واٽ،
گهيڙ نهاري گهاٽ،
لڪيون سپ لگهي ويا.

(۷)

ڪڪا اُڻ ڪيچين جا،
اڇا جنين اڳ،
ليڙن جا لطيف چئي،
ٿي ٻوءِ نهاري ٻڳ،
واسيا جنين وڳ،
لڪيون سپ لنگهي ويا.

(۸)

ڪڪا اُڻ ڪيچين جا،
بغدي ۽ بلبل،
ٻلاٽيندي ٻاڻ ۾،
ڪٽڪيا ڪنهين نه ويل؛
ٻارو چاٺي ٻيل،
لڪيون سپ لنگهي ويا.

سسئي جو هلڻ

(۱)

هتان ٿي هلندياس،
سامهين ساٿيهه ڏي،
ٻڌي سورن سندرو،
ڏونگر ڏوريندياس،
ماٿهن ۾ ماٿهو ٿي،
ڳوڻن ڳوليندياس،
مروئن ۾ مرون ٿي،
جهنگل جهوليندياس،
ٻکين ۾ ٻکي ٿي،
سر سر سو جهيندياس،
ملي ته ملندياس،
نت گهوري ٻارو چن تان.

(۲)

هتان ٿي هلندياس،
سامهين ساٿيهه ڏي،
وڏا ٻند ٻهاڙ جا،
منزل مارينداس،
لالن لئي لطيف چئي،
چوٽين تان چڙهندياس،
ملي ته ملندياس،
نت گهوري ٻاروچن تان.

(۳)

هتان ٿي هلندياس،
سامهين ساٿيهه ڏي،
ٻير پنهنجي ٻرينءَ جي،
ڇپر ڇوليندياس،
ڳچيءَ ٻائي ڪفني،
وڻ وڻ ووڙيندياس،
ملي ته ملندياس،
نت گهوري ٻارو چن تان.

(۴)

هتان ٿي هلندياس،
سامهين ساٿيهه ڏي،
ڏڪ، بکون، ڏاڪڙا،
ڪيچين لئي ڪندياس،
ٻاڻ ٻهجو ٻرين تان،
گهوري گهوريندياس،
ملي ته ملندياس،
نت گهوري ٻاروچن تان.

(۵)

هتان ٿي هلندياس،
سامهين ساٿيهه ڏي،
هوءَ آريچا اُٺن تي،
آئون ٻيرين ٻند ڪندياس،
آهيم آس الله ۾،
ڏاگهن کي ڏسندياس،
ملي ته ملندياس،
نت گهوري ٻاروچن تان.

(۶)

هتان ٿي هلندياس،
سامهين ساٿيهه ڏي،
ويندس ٻير پنهون جي،
هٿ نه هولندياس،
ليرن جا لطيف چئي،
رند وٺي روئيندياس،
ملي ته ملندياس،
نت گهوري ٻاروچن تان.

(۷)

هتان ٿي هلندياس،
سامهين ساٿيهه ڏي،
ان سين آڻ اُٺن تي،
آءٌ ڪچاڙ و ڪيندياس،
اُڇ آب اکين جو،
پاڻي ڪيو پيندياس،
وندر واٽڙين تي،
ٺمر سور ڪندياس،
ملي ته ملندياس،
نت گهوري ٻاروچن تان.

(۸)

هتان ٿي هلندياس،
سامهين ساٿيهه ڏي،
زور ضعيفڙ آهيان،
وندر ڪٿين ويندياس،
ٻند آڙانگا ٻٽين،
قافلن ڪشالا ڪندياس،
جهڙي تهڙي حال سين،
پنهون ڏي پرنداس،
ملي ته ملندياس،
نت گهوري ٻاروچن تان.

Scanned with CamScanner

از:- علي احمد بروهي

سنڌ جا اهم تاريخي واقعا

(نوٽ:- هن مضمون ۾ مسٽر علي احمد بروهي، ڊپٽي ڊائريڪٽر پبلڪ رليشن ڪراچي، سنڌ سان تعلق رکندڙ ڪي نهايت ئي عمديون تاريخي، نيم تاريخي ۽ دلچسپ ڳالهيون درج ڪيون آهن. اهي سموريون ڳالهيون اگرچ ڪن ڇپيل ڪتابن ۾ موجود آهن، تاهم جڏهن ته انهن سڀني ڪتابن جي مطالع جو عام ۽ خاص ماڻهن کي پوري طرح موقعو ملي نٿو سگهي ۽ ڪي ڪتاب ڪم ياب پڻ آهن انڪري انهن کي جمع ڪري يڪمشت شايع ڪرڻ افاديت کان خالي نه آهي. انهيءَ خيال سان ئي مسٽر بروهي، هي مضمون تيار ڪيو آهي ۽ اسان انهيءَ مضمون جي اهميت کي محسوس ڪندي ”مهراڻ“ جي سالنامي ۾ پيش ڪري رهيا آهيون. انهيءَ مضمون ۾ جيڪي به ڳالهيون درج ڪيل آهن سي انتهائي سبق آموز آهن. انهن مان ڪي سنڌ علائقي جي ماڻهن جي بلند ڪردار جي شاهدي ڏين ٿيون ڪي انتهائي دلچسپ ۽ محيرالعقول آهن. ازانسواءِ اهي گهڻو ڪري اهڙيون ڳالهيون آهن جيڪي سنڌي زبان ۾ پيش ٿي نه سگهيون آهن. اميد ته انهن ڳالهين کي مهراڻ جا قارئين پسند ڪندا. اداره)

جڏهن محمد بن قاسم برهمڻ آباد (ٻانڀڻاءِ، ٻانڀيڙ برهمناد) جو قلعو فتح ڪيو ۽ لڙائيءَ ۾ اُتي جو بتخانو شڪست ٿي پيو، تڏهن ڊپ کان ماڻهن بت پرستي ڇڏي ڏني جنهن ڪري ٻانڀڻن جو روزگار بند ٿي ويو. آخر ڪجهه ڏينهن جي فاقه ڪشيءَ بعد اٽڪل هڪ هزار ٻانڀڻن جو ٽولو مٿو ڏاڙهي ڪوڙائي، محمد بن قاسم وٽ ڪهي آيو ۽ عرض ڪيو ته اسين بت پرست قوم آهيون ۽ اسانجي ساري قوم جو گذران بتخانن جي مجاوريءَ تي آهي. جنهن صورت ۾ اسان هاڻ اطاعت قبول ڪئي آهي ان حالت ۾ اسانکي پنهنجي ريتن رسمن جي بجاوري ۽ بتخاني جي تعمير لاءِ اجازت ڏني وڃي جئن اسين پنهنجي پوڄا پاٺ سان گڏ پيٽ پڻ پالي سگهون.

محمد بن قاسم حجاج کي اطلاع ڏني ڪانئس اهڙي رعايت منظور ڪرائي ٻانڀڻن کي اجازت ڏني ته پلي هو پنهنجي ڌرم مطابق عمل پيرا ٿيندا رهن.

(تحفت الڪرام صفحه ۴۸-۴۹،
چچ نامون صفحه ۲۱۲-۲۱۳)

طولا پرس:-

ڪڇ جي راهه ”لاکي پٽ ڦل“ جي ڏينهن ۾ هڪ سنياسي اهڙي ٻوٽيءَ جي ڳولا ۾ هيو جنهن کي اگر ڪنهن به چيز سان گڏ ڪري باهه ۾ وڌو وڃي ته اها شيءِ سوني ٿي پوندي. اتفاقا هڪ ڏينهن انهيءَ جوڳيءَ جو هڪڙي اهڙي ٻڪرين جي ڌڻ وٽان گذر ٿيو جنهن ۾ هڪ ٻڪريءَ جو وات سرخ هيو. جوڳيءَ ٻڪريءَ جو پيرو کڻندي اها ٻوٽي لهي ٻاڙان ٻٽي ڏنار کي ڏئاريائين ته باهه جي پوڄا جو ارادو اٿم- اچ ته گڏجي پوڄا ڪريون. ٻنهي ڪنڊا ڪاٺيون گڏ ڪري مچ ٻاري باهه جي چوگرد چڪر ڏيڻ شروع ڪيا. خوش نصيب ڀڪار کي جوڳيءَ جي شڪي حالت تي ڊپ پيدا ٿيو تنهن جوڳيءَ کي اڳ ۾ ڪري ڪيس باهه ۾ ڌڪو ڏئي پڇي ويو. ٻئي ڏينهن تي ڀڪار اچي ڏٺو ته ساڳئي هنڌ تي جوڳي سڙي هڪ سون جو بت ٿيو پيو هيو. ڀڪار سندس هڪ عضوو ڪپي باقي بت کي زمين ۾ دفن ڪري شهر ڏانهن ويو. ٻئي ڏينهن تي ٻئي عضوي ڪپڻ لاءِ آيو ته بت کي سالم ڏٺائين. اهڙي ريت ڪيترائي ڏينهن جيڪو عضوو ڪپيندو رهيو سو وري صحيح سلامت ڏسندو رهيو. آخر ڪيس ان حال جي ظاهر ٿيڻ جو خوف پيدا ٿيو ۽ ڊپ کان اُن عجائب جو احوال وڃي ”لاکي“ کي سليائين جو اتي وڃي طولا پرس يعني سوني ماڻهوءَ کي ٻاڪوٽ کڻائي آيو ۽ اهڙي ريت اتري ته دولت گڏ ڪيائين جو هڪ لک پنجويهه هزار رهيا روزانو فقيرن تي خرچ ڪندو هيو ۽ وري دنيا جي ڪنهن به ڪم جي ويچهو نه ويندو هيو.

چون ٿا ته هن مرڻ وقت الله کي سوال ڪيو ته اها دولت ڪنهن ٻئي کي نصيب نه ٿئي ۽ قبوليت جو اثر ڏسي طولا پرس کي ڪوه ۾ لڪايائين جنهن بعد اهو عجائب مخفي رهندو آيو.

مير طاهر سياني لکيو آهي ته مرزا شاه حسن کي ان ڪوه جي اسرار جو پتو پيو ۽ هن ان ڪوه پرسان هڪ نئون ڪوه کڻائي نار چاڙهي پاڻي ڪيارايو. ڪوه خالي ٿيڻ تي طولا پرس خالي ڪوه مان اڏامي وري وڃي پاڻي ڀريل ڪوه ۾ پيو. ڪيئي دفعا تجربه ڪري پاڻي خالي ڪرايائون پر طولا پرس هڪ کان ٻئي ڪوه طرف ٽپندو رهيو. آخر پڌرڻ ۾ آيس ته هي هڪ طلسم هيو جنهن کي درگذر ڪرڻ بهتر ٿيندو ۽ بعد ۾ اهي ڪوه لٽايا ويا.

(تحفت الڪرام صفحه ۱۵۳-۱۵۴)

هيولي

عنايت خان نالي هڪ ٺٽي ۾ رهندڙ پناڻ جي زال ويم جي سورن ۾ گذاري وئي. اٽڪل ٽن سالن جي عرصه کانپوءِ پاڙي جون زالون ڪنهن زيارت جي موقعي تي مڪليءَ جي مقام ۾ ويون. سڀئي ٻار راند روند ۾ مشغول هئا ته انهن جي شور و غل تي قبر مان هڪڙو لنيو ٻار منهن ٻاهر ڪڍي وري اندر هليو ويو. ٻارن هي لئين ڳالهه ڏسي دهشت زده ٿي وڃي پنهنجي مائرن سان ڳالهه ڪئي، جن اچي ڏٺو ته مٿين پناڻ جي زال واري قبر ۾ انساني شڪل جو هڪ ٻار ڏسڻ ۾ ٿي آيو. اها ڳالهه وڃي عنايت خان کي ٻڌايائون جنهن اچي جاچ ڪئي. معلوم ٿيو ته اها عورت قبر ۾ صحيح سالم ستي پيئي آهي ۽ سندس ڇاتيءَ ۾ کير پڻ موجود آهي ۽ ٻار جو انهيءَ مان پيدا ٿيو آهي سو سندس ڇاتيءَ مان کير ڌائي رهيو آهي. آخر هزارين حيلن سان اهو پٽ ماءُ کان ڇني گهر وٺي آيا پر جئن جو ٻار جي تربيت جو ڪجهه عرصو قبر ۾ گذري چڪو هيو تنهن ڪري هو فقط هيولي (مادر صورت) رهيو ۽ ڳالهائي يا ٻڌي نٿي سگهيو. هو ٻار وڏي وڏو ٿيو ۽ طبعي موت ۾ گذاري ويو. ڪتاب جي لکندڙ اهو ماڻهو ڏٺو هيو ۽ هن جو احوال سندس عزيزن کان ٻڌو هيو.

(تحفت الڪرام صفحه ۲۴۶-۲۴۷)

ميراڻو دستور

۱۸۲۳ع ڌاري سنڌ جي ميرن طرفان مرزا خسرو بيگ جو مير ڪرم علي خان جي گود جو پٽ هيو، تنهن کي انگريزن ڏانهن بطور ايلچيءَ جي بمبئيءَ ڏانهن روانو ڪيو ويو

Scanned with CamScanner

۽ ڪيس هدايتون ڏنيون ويون ته جيسلمير جي پناهگيرن متعلق جا ستر هزار رپين جي رقم انگريزن ڏانهن رهيل هئي تنهن جي ڏي وٺ جو معاملو طئه ڪري.

مرزا خسرو بيگ جي بمبئيءَ ۾ آمد وقت گورنر سندس شاهي آدرڀاءُ ڪيو ۽ رات جو ڪيس ناچ ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ دعوت ڏنائين جا پهرياڻين مرزا قبول نه ٿي ڪئي پر گورنر جي اصرار ڪرڻ تي هائو ڪيائين. رات جو مرزا پنهنجي ٻن نائبن محمد عابد ۽ آخوند بقا کي حڪم ڏنو ته هو به ساڻس همراه ٿين ۽ هلندي وقت ٻه ٿيلهيون ناڻي (هر هڪ هڪ هزار رپين جي) جون پاڻ سان کنيو هلن.

ناچ گهر ۾ جڏهن ڊانس شروع ٿي ۽ گورنر جي زال اٿي نچڻ لڳي ته مرزا خسرو بيگ پنهنجي نائب محمد عابد کي اک جو اشارو ڪيو جنهن اٿي هڪ هزار جي ٿيلهي ڪڍي ليڊي صاحبه مٿان گهور گهوري ٿيلهي سندس اڳيان رکي ڇڏي. گورنر مرزا صاحب کي چيو ته اهڙو ڪو به دستور انگريزن ۾ نه هيو ليڪن مرزا ورائيو ته اهڙو دستور ميرن ۾ آهي ته هو پنهنجي اڳيان نچڻيءَ کي ڪجهه گهور ضرور ڏيندا آهن. ڪجهه منٽن بعد محمد عابد دوباره پڻ اٿي ٻي ٿيلهي ناڻي جي مبلغ مٿان گهوري. گورنر هن ڀيري ڪجهه به نه ڪيو ۽ جڏهن ناچ ختم ٿيو ته مرزا ۽ سندس ساٿين کي پاڻسان گڏ وٺي وڃي گهر ڇڏيو.

(Memories of Mirza Khusro Beg: Sind Historical Journal).

سنڌي- ۱۵ ڊسمبر ۱۹۳۸ع

هاڻي آءٌ سنڌين سان لهوچڙ ۾ آيس ۽ ساڻن ڳالهائڻ ٻولهائڻ وسيلي سنڌ جي ٻوليءَ جا محاورا سکيس. سستي ۽ بيڪاري سنڌين جي مکيه عادتن مان آهي. درياه جا ناکئا سارو ڏينهن منهنجي تنبوءَ ٻاهران ويٺا بحث مباحثا ڪندا ۽ ٻٽ شٽ هلندا هوا.

هڪ ويٺي چيو ته "ملڪ هاڻ جاڻ ته ويو. سگهوئي انگريزن جو مٿس مڪمل قبضو ٿي ويندو. ان ۾ ٽالپرن جو ڏوه پڻ آهي- خاص طور تي ميرصوبدار جو جيڪو اجا تائين انگريزن جهڙي هڙ ڪاڏ قوم جي دوستي جا دم پيو ٿو ڀري. انگريز سڄي هندستان تي قبضو ڪري ويا آهن ۽ هاڻ سنڌ تي به قبضو ڪري ويندا". ٻئي ورائيو ته جيستائين ميرپور وارو شيرمحمد اسان جي پاسي آهي تيستائين ڪو به ڊپ ڪونهي. اعليٰ حضرت مرحوم مير ڪرم علي خان جي بيگم صاحبه هن کي انگريزن جي مقابلي لاءِ ڪافي خزانو ڏئي ڇڏيو آهي ۽ اجا ايترو ٻيو ڏيڻ لاءِ تيار اٿس جو هو ساري دنيا جي فرنگين جي خلاف دائمي جنگ ڪري سگهي ٿو ۽ جي خدا چاهيو ته انگريز جيڪو خزانو هٿيار ۽ ٻيو سامان هن ملڪ ۾ آڻي رهيا آهن اهو سمورو اسان جو ٿيندو. قرآن ۾ ڪين لکيل آهي ته هڪ ايمان وارو ڏهن ڪافرن جي شڪست لاءِ ڪافي آهي".

ٽيون هڪ سفيد ريش سنڌي ٽڏو ساڻ ڪٽي چوڻ لڳو ته "يار ويٺا اوهين هوائي خواب پيا ڏسو ...... اوهان اهي ٽرنگا شيطان ڏٺائي ڪين آهن....... برابر مڙس مڙس جو مٽ آهي ۽ بعضي ته هڪ جوان ٻن ٽن کي به منهن ڏيئي ٿو سگهي پر بشرطيڪ تلوار جو مقابلو تلوار سان هجي. هنن بزدلن (انگريزن) وٽ تلوارون ڪين آهن ۽ جي اٿن ته اسان جي لٺين کان به ڇٽ آهن. پر هو پنهنجي گولين واري شيطان هٿيار سان پري کان ئي مڙس ڪيرائي ٿا وجهن. جڏهن ماڻهو ڪاٺن ميل پنڌ پري آهي. هاڻي ان جو ڪهڙو علاج ڪيو وڃي".

(Autobiography of Lutfullah Page 8- 9)

سياسي دوست

مير نور محمد پنهنجي ٻن ساٿين کي بلوچي زبان ۾ چيو ته "جيڪو فرنگين جي وعدن تي اعتبار ڪري ان کي لعنت هجي" ۽ پوءِ نهايت گنڀير ٿي انگريزي نمائندن کي مخاطب ٿي فارسيءَ ۾ چيائين "مان سمجهان ٿو ته اوهان جا عهدناما ۽ معاهدا اوهان جي سهولت ۽ مرضيءَ تي ڦري گهري سگهن ٿا. ڇا پنهنجي دوستن ۽ محسنن سان اهڙي قسم جو سلوڪ ڪيو ويندو آهي؟ اوهان اسان کان اجازت گهري ته اسين پنهنجي ملڪ مان فوجون لنگهائي وٺي وڃڻ جي اوهان کي اجازت ڏيون. اسان بنا هٻڪ اوهان جي دوستي جي وعدن تي اعتبار ڪري اوهان کي اهڙي اجازت ڏني. جيڪڏهن اسان کي خبر هجي ها ته پنهنجون فوجون اسان جي ملڪ اندر داخل ڪرڻ کانپوءِ اوهين اسان جي سلامتيءَ کي خطري ۾ وجهي اسان تي هڪ نئون عهدنامو مڙهيندا جنهن ۾ اسان کان ٽي لک رپيا ساليانه ڍل ۽ ۲۱ لک رپيا نقد فوجي خرچ لاءِ بروقت طلب ڪندا ته اسين هوند پنهنجي ۽ پنهنجي ملڪ جي حفاظت لاءِ ضروري قدم کڻون ها. اوهان کي خبر هجي ته اسين بلوچ آهيون ۽ ڪي سوداگر يا واپاري نه آهيون جنکي اوهين سولائيءَ سان ڀڄائي سگهندا. تنهن ڪانسواءِ اسين ملڪ جا اڪيلا حڪمران نه آهيون پر ساري قوم جا مفاد حڪومت سان ڳنڍيل آهن.

(Autobiography of Lutf-ullah . Page 30-31.)

حق گوئي جو قُل

چيو وڃي ٿو ته جام سنجر کان اڳ جا حاڪم پنهنجي سرڪاري ملازمن کي پگهار بلڪل گهٽ ڏيندا هوا. جڏهن حڪومت جام سنجر جي حوالي ٿي ته کيس معلوم ٿيو ته قاضي معروف نالي جو بکر ۾ قاضي مقرر ٿيل هيو سو پگهار گهٽ ملڻ باعث فريادي خواه جوابدار ٻنهي ڌرين کي ڏيائي ڪاڻن ڪجهه رقمون وصول ڪري پنهنجي هوڙ ڪوسي ڪندو هيو. جام سنجر هن قاضيءَ کي پاڻوٽ گهرائڻ جو حڪم صادر ڪيو. قاضي جڏهن درٻار ۾ حاضر ٿيو ته جام ڪانئس پڇا ڪئي ته "تون فريادي خواه جوابدار ٻنهي ڌرين کان زبردستي پئسا وٺندو رهندو آهين"؟ قاضيءَ جواب ڏنو ته حضور والا اها هڪ حقيقت آهي پر آءٌ ته شاهدن کان به ڪجهه وصول ڪرڻ جو خواهشمند آهيان پر ان کان پيشتر جو آءٌ ڪاڻن ڪجهه ڇڏايان، هو رفو چڪر ٿي ويندا آهن ۽ اهو ئي سبب آهي جو منهنجي ڪورٽ مان ماڻهو شاهدي ڏيڻ شرط ئي ڊوڙ ڀري ڀڄي ويندا آهن." هي ٻڌي جام سنجر بي اختيار کليو.

قاضيءَ عرض ڪيو ته حضور، سارو ڏينهن آءٌ دارالقضا ۾ ويهي وقت گذاريندو آهيان ۽ منهنجا ٻار ٻچا منجهند ۽ رات جي ڪاڌي کان به محروم رهندا آهن. جام سنجر ان قاضيءَ کي ڪافي انعام ڏيئي ۽ کيس معقول تنخواه مقرر ڪرڻ جو حڪم ڏيئي واپس وطن موڪليو. هن واقعي بعد جام حڪم جاري ڪيو ته ساري مملڪت ۾ عهديدارن جون مناسب پگهارون مقرر ڪيون وڃن جيئن سندن ٻار ٻچا زندگيءَ جي ضرورتن کان فارغ رهن ۽ هو پاڻ به سچي خدمت ڪري سگهن.

(تاريخ معصومي صفحه ۱۰۲)

... ...

جڏهن ملتان جي حڪومت شيخ يوسف (متولي شيخ بهاءُالدين ذڪريا) جي هٿ آئي، تڏهن لانگاه قوم جي سردار راءِ سهره کيس پيغام موڪليو ته جيئن اسين ٻيءَ ڏاڏي کانوٺي اوهانجي سلسله جا معتقد ۽ مريد آهيون تڏهن هي بهتر ٿيندو ته اسانجي لانگاه قوم تي مهر جو هٿ رکيو

وڃي جيئن اسين او هانجي طاقت جو باعث بڻجون. ازانسواءِ راءِ سهره شيخ يوسف کي پنهنجي جانثاريءَ جو ثبوت ڏيڻ لاءِ پنهنجي ڌيءَ جو سنگ پڻ پيش ڪيو جو شيخ يوسف قبول ڪري سندس دختر کي پنهنجي نڪاح ۾ آندو.

پنهنجي ڌيءَ سان ملاقات جي بهاني راءِ سهره پاڻ وقت بوقت ملتان ايندو رهيو ليڪن شيخ يوسف احتياطا کيس ملتان شهر ۾ منزل ڪرڻ نه ڏيندو هيو ۽ شهر کان ٻاهر تنبوءَ ۾ خيمه زن ٿي فقط اڪيلو ڌيءَ سان ملاقات ڪري واپس وريندو هيو. هڪ دفعي راءِ سهره پنهنجي قوم جا جملہ ماڻهو ساڻ وٺي ملتان جي ٻاهران اچي سهڙيو ۽ پاڻ ملتان جي حاڪم ٿيڻ لاءِ منصوبو سٽيو.

شيخ يوسف کي پيغام موڪليائين ته هن مرتبي آءٌ پنهنجي قوم جي سربراهن کي پاڻ سان وٺي آيو آهيان ته جيئن اوهان منهنجي جماعت کي نظر مان ڪڍي شايان شان خدمت منهنجي حوالي ڪريو. شيخ يوسف زماني جي مڪاريءَ کان بي خبر ٿي سندن شهر ٻاهران استقبال ڪيو ۽ رات ڌاري راءِ سهره هڪ نوڪر همراه ڪري پنهنجي ڌيءَ ڏسڻ خاطر شهر ۾ اندر گهڙيو. پنهنجي نوڪر کي سمجهائي ڇڏيائين ته ڪنهن ڇيلي کي ذبح ڪرائي تازو رت جو پيالو پيش لاءِ کڻي اچ. جڏهن نوڪر حڪم جي تعميل ڪئي ته پيالو پي وڃڻ بعد پيٽ جي سور جو بهانو ڪري رڙيون ڪرڻ شروع ڪيائين. آخر شيخ يوسف وڪيلن حڪيمن جي روبرو رت جون الٽيون (قئي) پڻ ڪيائين تڙهندي خواهش ظاهر ڪيائين ته جيئن جو کيس وصيعت ڪرڻي آهي ۽ پنهنجن عزيزن خويشن کي الوداع ڪرڻو اٿس ان لاءِ سندس قوم جي ماڻهن کي گهرايو وڃي. سندس حالت نازڪ ڏسي شيخ يوسف سندس ماڻهن کي جي شهر جي ٻاهران منزل انداز هوا گهرايو. جڏهن سهره ڏٺو ته سندس بيشتر ماڻهو قلعي اندر داخل ٿي چڪا آهن تڏهن حڪومت تي قبضي خاطر سر ڪٽي پنهنجي لاتعداد ملازمن کي قلعي جي چئني دروازن تي نگراني رکڻ لاءِ هدايتون ڏنائين. هن ڪانپوءِ شيخ يوسف جي خلوت گاه تي قبضو ڪري کيس ساڳي ملڪ نيڪالي ڏئي ٻاهر اماڻي ڇڏيائين ۽ پاڻ قطب الدين جو لقب اختيار ڪري پنهنجي نالي جو خطبو جاري ڪيائين.

(تاريخ معصومي صفحه ٢٠٤، ٢٠٥)

پراڻيون سنڌي رسمون

. جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ تي ڪنهن وڏي گناه جي تهمت رکي ويندي آهي تڏهن هو پاڻ کي پاڪدامن ثابت ڪرڻ لاءِ پيڙباه جي مچمان بنا ڪنهن ڪنڪي لنگهي ڏيکاريندو آهي.

تهمتي جي هٿ تي وڻ جو سائو پن ڪچي ڌاڳي سان ٻڌي پوءِ ڪوڏر گرم ڪري ان جي مٿان رکندا آهن. ۽ هو ٻه ٽي وکون آهستگيءَ سان هلندو آهي. جيڪڏهن ماڻهو بيڏوهي آهي ته پوءِ ڪچي ڌاڳي يا سائي پن خواه هٿ کي ڪو ضرر نٿو رسي ورنه ڪوڏر اهڙي تتل هوندي آهي جو هيٺ ڪرڻ شرط مٽيءَ کي پوڳڙين جي واريءَ جيان جوش ۾ آڻي ڇڏيندي آهي.

هڪ ٻگهي ڪاني اونهي پاڻيءَ ۾ کوڙي تهمتيءَ کي چوندا آهن ته ڪانيءَ کي وٺي ٽٻي هڻي پاڻيءَ جي تري ۾ ويهي رهي. هوڏانهن هڪ تير ڇوڙيندا آهن ۽ هڪڙو ماڻهو وڃي اهو تير کڻي ايندو آهي. انهيءَ کان پوءِ ڪانيءَ کي ڇوڙيندا آهن جيڪڏهن تهمتي بيڏوهي هوندو ته انهيءَ وقت تائين ويٺو هوندو آهي ۽ اشاري تي نڪري ايندو آهي، نه ته پاڻيءَ جي تر ۾ هرگز ويهي نه سگهندو آهي.

هن ملڪ جي ماڻهن ۾ ڪيتريون انڪلون، جنتر منتر جادوءَ طور چالو آهن. مثال طور ٻئي جي مهيءَ مان مکڻ چورائي پنهنجي مهيءَ ۾ آڻڻ. هڪ معتبر ڳالهه ڪئي ته "آءٌ هڪ ڳوٺ ۾ هڪ زال وٽ مهمان هيس جنهن کي هڪ ڳئون جي کير جي مهي هئي. مکڻ ڪڍڻ وقت، انگر ڪڻڻ بهاني هوءَ عورت پاڙي واريءَ جي گهر ويئي. پاڙي واريءَ جي اڳيان مهيءَ جو وڏو ٿانو مکڻ ڪڍڻ لاءِ رکيل هيو. هيءَ زال انڪل ڪري موٽي آئي ۽ پنهنجي هڪ ڳئون جي کير واري مهيءَ مان ڏهوڻو مکڻ ڪڍيائين.

پير سڃاڻڻ جي فن ۾ ڪي ماڻهو اهڙا ته ماهر آهن جيڪي صرف پير جي نشان مان مرد عورت پنهنجي يا پرائي جو فرق معلوم ڪندا آهن ۽ جبل خواه ميدان ۾ پيرو نه وڃائيندا آهن، بلڪ گهڻو ڪري پاڻيءَ مان به نشان سڌو ڪڍي ويندا آهن.

ٻه ٽي هٿ هڪ ٻئي ۾ گڏي زمين کي کوليندا آهن ۽ انهيءَ ڦار ذريعي ڳجهيون ڳالهيون معلوم ڪندا آهن.

پکين ۽ حيوانن جي منهن پوڻ ۽ سندن آوازن مان به برائي ۽ ڀلائيءَ جي خبر ڏيندا آهن.

(تحفت الڪرام صفحو ٤-٤٣ ۽ ٥٠)

وعده وفائي

قيدين مان هڪڙي شخص، جڏهن کيس قتل ڪيو ٿي ويو، چيو ته "آءٌ هڪ اهڙي عجيب حرڪت ڏيکاريندس جا توهان ڪڏهن به نه ڏٺي هوندي ليڪن هن شرط سان ته مونکي ۽ منهنجي تابعدارن کي امان نامون لکي ڏيندا." مسلمانن پانيو ته شايد ڪو دفن ٿيل خزانو ڏيکاريندو سو کيس سندس چوڻ موجب ٻه سؤ ڄڻن جو ناليوار امان نامون لکي ڏنائون. امان نامون وٺي ان شخص هڪدم پنهنجي ڏاڙهيءَ جي چوٽي پيرن جي آڱرين سان ٻڌي مٿي جا وار ڪمبڙي ڏاڍو نچڻ شروع ڪيائين ۽ بيت ڳائڻ لڳو. اهڙي حالت پيدا ڪيائين جو سپهي ڏسندڙ ٽهڪ ڏيئي کلڻ لڳا. جڏهن بس ڪيائين تڏهن محمد بن قاسم چيو ته "آخر هي راند يون ڇا لاءِ؟ جنهن عجيب شيءِ جو واعدو ڪيو اٿيئي سا ڏيکار!" ورائي ڏنائين ته "ڇا هي عجيب چيز گهٽ آهي؟ منهنجي عجيب شيءِ ته اهائي هئي جا ڪيم." محمد بن قاسم دوستن کي چيو ته هي مذاق تو ڪري هن کان عهد نامون واپس وٺڻ گهرجي.

محمد بن قاسم انهيءَ ماڻهوءَ کي سندس ٻن سؤ عزيزن سميت جيل ۾ رکي حجاج کي حقيقت کان واقف ڪيو. حجاج هڪ طرف هي سوال ڪوفي ۽ بصري جي عالمن اڳيان فيصلا لاءِ آندو ۽ ٻئي طرف وقت جي خليفي وليد بن عبدالملڪ کي اطلاع ڏنو. عالمن خواه خليفي کان ساڳيو جواب پهتو ته اهڙا معاملا خود اصحابن سڳورن جي زماني ۾ فيصل ٿي چڪا آهن. حجاج وٽان ان حڪم پهچڻ شرط انهيءَ ماڻهوءَ کي سندس رشتيدارن سميت آزاد ڪري ڇڏيائين.

(تحفت الڪرام صفحو ٥٣؛ چچنامون صفحو ٢٢٧).

سنڌي حلوو

جنوري ١٨٤٣ع ڌاري سر چارلس نيپئر، مير علي مراد کي خيرپور جي گديءَ تي ويهاري حيدرآباد طرف چڙهائي شروع ڪئي. چاڪاڻ ته مير رستم خان ۽ سندس رفيقن حيدرآبادي ميرن وٽ پناه ورتي هئي. حيدرآبادي ميرن طرفان مرزا خسرو بيگ ۽ هڪ ٻيو ماڻهو چارلس نيپئر ڏانهن روانا ڪيا ويا جئن جنگ جو خطرو ٽاريو وڃي. ميرن جا اهي ٻئي ايلچي نيپئر سان پرين جي شهر ۾ اچي مليا.

دوران ملاقات ۾ خسرو بيگ نيپئر سان ڪجھ تکو ملو ٿيو ۽ ترشيءَ سان کيس چيائين "نيپئر صاحب سنڌ ڪو حلوو نہ آهي جو آسانيءَ سان کائي ويندين ۽ آخر بہ تہ اڳيان بلوچن سان ڪم پيو اٿيئي". چارلس نيپئر کي مرزا جي انهن الفاظن تان مٺيان لڳي ۽ ملاقات برخواست ڪري ڇڏيائين.

ڪجھ عرصہ کان پوءِ جڏهن ميرن ۽ انگريزن درميان مياڻيءَ واري لڙائي ٿي ۽ انگريز سوڀارا ٿيا، تن ڏينهن چارلس نيپئر هڪ فاتح جي حيثيت ۾ حيدرآباد جي قلع ۾ داخل ٿيو. ٻئي ڏينهن تي بازار مان حلوو گهرائي، هڪ ٿاڪون ۾ رکي، نيپئر پنهنجي هڪ خاص ماڻهوءَ هٿان مرزا خسرو بيگ، جو ان وقت ميرن سان گڏ نظربند هيو، تنهن ڏانهن موڪلي ڏنائين. حلوي آڻيندڙ، مرزا خسرو بيگ کي چارلس نيپئر جو هي پيغام پڻ ڏنو تہ "مون حلوو پاڻ تہ ڪاڏو آهي پر توڏانهن بہ ڪجھ موڪليان ٿو." مرزا خسرو بيگ موڪليل حلوو ڪڍي هڪ ڪتي اڳيان ڦٽو ڪيو ۽ نيپئر کي چوائي موڪليائين تہ "جو حلوو جنهن جو مرڪ هيو، تنهن کي پهچي ويو ۽ ان کائي ڇڏيو باقي جنهن حلوي جو پڙلين ۾ مون ذڪر ڪيو هيو، تنهن مان مراد سنڌين جي دلين تي حڪومت ۽ سنڌن محبت جي حاصلات هئي. ليڪن اها چيز توکي ڪڏهن بہ نصيب نہ ٿيندي".

(Memories of Mirza Khusro Beg, Sind Historical Journal- March 35, Page 57-59)

سنڌي سون ۽ جواهر

نادرشاه جڏهن دهليءَ کان فارغ ٿي سنڌ ڏانهن موٽ ڪاڏي، تڏهن سنڌ جو ڪلهوڙو حڪمران ميان نور محمد ڀڄي ۾ ڪارو ڪري سنڌس دربار ۾ پيش ڪيو ويو. نادرشاه ميان نور محمد کي مخاطب ٿي چيو تہ "ٻڌو اٿم تہ وٽ سون جو هڪ ڪوه پريل آهي ۽ هڪ بي بها لعل پڻ موجود آهي؟" نور محمد ڪلهوڙي هٿ ادب جا ٻڌي جواب ڏنو تہ "قبلا! مون وٽ نہ سون جا ڪوه ۽ نہ لعلون آهن." نادرشاه پوءِ پنهنجو رومال ڪيسي مان ڪڍي، هوا ۾ لهرائي، ڪاوڙ سان پڇيو تہ "هن ۾ ڇا ٿو ڏسين؟" نور محمد وراڻيو تہ "اوهان جو جهنڊو ڦڙ ڪندڙ، هشيار ۽ نوجوان ٿو ڏسان." نادرشاه حاڪمانہ انداز ۾ ڪرخت ٿي کيس چيو تہ "پوءِ اهي سون جا ڪوه ۽ لعل پيش ڪر." نور محمد ڪجھ مهلت وٺي موٽي آيو ۽ هڪ ڇڄ گهرائي ان ۾ ڪڻڪ، جوئر ۽ ٻاجهري مختلف اناج پري ۽ هڪ گهه جو ڪنسرو ساڻ ڪڻي واپس نادرشاه وٽ آيو. سنڌس اڳيان ڇڄ ۽ گهه پيش ڪري چيائين تہ "قبلا! آءُ سنڌ جي سرزمين جو ڪڙمي آهيان ۽ منهنجو سون ۽ لعل هي ٻئي اٿيئي ۽ هن ٻنهي جنسن ۾ آءُ ڪڏهن بہ ٺنتي نہ پوندس." نادرشاه سنڌس انهيءَ جواب کان ڏاڍو خوش ٿيو ۽ کيس هڪ خلعت عطا ڪيائين. نور محمد ڪلهوڙو ان بعد نادرشاه جي سموري لشڪر، جو لکن ۾ هيو، تنهن جي سورنهن ڏينهن مسلسل شاهاڻي مهمانيءَ جا فرائض سرانجام ڏنا.

"سنڌ ولدي تي فوج جي ڪاه" مصنف "Sir Keith Jackson"

قاضي خميسو

مرزا باقي جي دور حڪومت ۾ قاضي خميسو ٿالي هڪ نالائق قضا جي عهدي تي فائز ٿيو. هڪ دفعي شهر جا چند بزرگ، جن ۾ وقت جا نامور عالم جهڙوڪ سيد علي شيرازي ۽ شيخ عبدالوهاب پوراني بہ شامل هئا، سي وٽس ملاقات لاءِ گهر آيا. قاضي خميسي کين ايندو ڏسي حقارت سان چيو "خير تہ آهي جو اڄ سڀ ملا باجماعت هتي اچي وارد ٿيا آهيو." هن جماعت ۾ قاضي نعمت الله ڏاڍو تيز طبع هيو؛ جنهن ترش رو ٿي خميسي کان پڇيو تہ "خبر اٿيئي تہ ملا جي معنيٰ ڇا آهي؟" قاضي خميسي سوال جو جواب سوال سان ڏيندي پڇيو "اول توهين ٻڌايو تہ هي ڇا آهي؟" ائين چئي زمين تي آڱر سان گول ليڪو ڪڍيائين. سنڌس جاهلانہ سوال تي قاضي نعمت الله چيس تہ "تون ٻڌاءِ، ڇاڪاڻ تہ اهو چڪر بہ تنهنجو گهڙيل آهي." قاضي خميسي جواب ڏنو تہ "هي ماني آهي ۽ اها جنهن وٽ هوندي آهي، ان جي سامهون توهانجي علم و عرفان جي ڪجھ بہ نہ هلندي آهي." وري هڪ ٻيو ليڪو ور وڪڙ زمين تي ڪڍي، ڪانئن پڇيائين تہ "چڱو هي ٻڌايو تہ ڇا آهي". عالمن جواب ڏنو سڀ علم پڙهيا اٿئون پر اهڙي شڪل ڪٿي بہ نظر نہ آئي. قاضي خميسي چين تہ "اي نادانو" هن شڪل ۾ اينتريقدر اچي منجهيا آهيو جو هڪ ڍڳي جي مٿ جي صورت بہ سڃاڻي نہ ٿا سگهو؟"

بزرگ صحبت ۽ علم جو اهو حشر ڏسي، سواءِ مقصد بيان ڪرڻ جي اٿي ڪڙا ٿيا.

۱. مقالات الشعرا (قلمي)

۲. تحفتہ الڪرام صفحہ ۲۲۶-۲۲۷

شرعي امتياز

شاه حسن ارغون امتحان خاطر هڪ واپاريءَ کان گهوڙا خريد ڪري قيمت ادا ڪرڻ ۾ سستي ڪئي. واپاري مايوس ٿي شريعت جي ڪورٽ ۾ دعويٰ لاءِ اچي حاضر ٿيو. قاضيءَ جو هڪ سيد هيو، تنهن بادشاه شاه ارغون کي سمن موڪلي ۽ هو پاڻ اچي حاضر ٿيو. جتي دستور هيو تہ فريادي ۽ جوابدار ٻنهي کي هيٺ ساڳئي هنڌ تي ويهي قاضيءَ اڳيان سوال جواب ڪرڻو هيو. قاضيءَ بادشاه سان ڪابہ رعايت نہ ڪئي ۽ کيس هڪ وک بہ فريادي کان مٿيرو ويهڻ نہ ڏنو. معاملہ خير وخوبيءَ سان راضي نامي تي طئہ ٿيو ڇاڪاڻ تہ بادشاه ڪسي تہ فقط قاضيءَ جي آزمائش وٺڻي هئي. معاملہ نبيرڻ بعد قاضيءَ اٿي بادشاه جو آدرڀاءُ ڪيو ۽ کيس موزون جاءِ تي ويهاريو. ڳالهين ڪندي بادشاه قاضيءَ کي چيو تہ پاڻ سان خنجر ان لاءِ آندو هيم تہ مبادا تون انصاف ۾ ڪوتاهي ڪري مون سان ڪا رعايت ڪرين ها تہ توکي ٻر وقت پنهنجي هٿيار سان سيکت ڏيان ها. قاضيءَ ڪلي گديءَ هيٺان اگهاڙي تلوار ڪڍي کيس ڏيکاري تہ مون پڻ اهو خيال ڪيو هيو تہ متان بادشاه شرعي حڪم جي خلاف هلت هلي ۽ انوقت سنڌس رعب جي ڪري پيو ڪوبہ ماڻهو سنڌس ويجهو اچڻ جي جرئت نہ ڪري تہ آءُ پاڻ هن تلوار سان شرعي سياست عمل ۾ آڻيان.

تاريخ طاهري

تحفت الڪرام صفحہ ۴۸۲-۴۸۳

انگريزن جا گهوڙا

(Travels of Alexandar Burns-Sind Historical Journal Page-18)

ارڙهين صديءَ جي شروعات ڌاري انگريزن سنڌ جي حڪومت تي قبضو ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪيون. هنن هزارها حيلا هلايا ليڪن ڪين ڪو اهڙو ڳتو نہ ٿي ميسر ٿيو جو لشڪر جي چڙهائيءَ لاءِ بهانو هٿ چڙهين. ازانسواءِ انگريزن جي وڏي ۾ وڏي ڪمزوري هيءَ هئي جو ڪين سنڌ ملڪ جي اندروني حالات ۽ سنڌ وندڙيءَ ۾ جهاز رانيءَ متعلق پوري معلومات ڪانہ هئي.

آخر ڪار ۱۸۳۰ع ڌاري انگريزن هي بهانو ڳولي ڪڍيو تہ مهاراجا رنجيت سنگھ کي ڪجھ گهوڙا سوکڙيءَ طور موڪلڻا آهن ۽ انهن جي پنجاب

پهچائڻ لاءِ سنڌ جي ميرن کان اجازت طلب ڪيائون ته درياءَ ذريعي تحفا پهچايا وڃن. اليگزانڊر برنس Alexander Burns کي انهيءَ ڪم تي مقرر ڪيو ويو ته هو اهي شاهانا تحفا نديءَ ذريعي سفر ڪري پنجاب جي سک حاڪم کي پهچائي.

ڪرنل پانٽنجر ان سازش ۾ هي به سڌارو ڪيو ته گهوڙن گڏ هڪ وڪٽوريه قسم جي چوڦاڪي گاڏي به تحفن ۾ شريڪ ڪئي وڃي مبادا سنڌ جا مير گهوڙن کي زمين رستي موڪلڻ لاءِ اصرار ڪن ڇاڪاڻ ته انوقت ۾ اهڙا وڏا رستا موجود نه هوا جتان اهڙي شاهي گاڏي رواني ڪري سگهجي.

پهريائين ميرن انگريزن کي نديءَ ذريعي لاهور وڃڻ جي اجازت نه ڏني ليڪن بعد ۾ مير نصيرخان ولد مير مراد عليءَ جي وچ پوڻ ڪري ڪين اهڙي رعايت ڏني ويئي: حالانڪ عهد نامي مطابق ميرن کي هي اختيار ضرور هيو ته هو انڪار ڪن. ڪپتان ايسٽوڪ Captain Eastwic جي بيان مطابق ميرن کي انگريزن جي سازش جو پورو پورو علم هيو ليڪن تاهم به هنن پنهنجي شرافت کان مجبور ٿي هر دفعي ڪين ڪليو ڀهانو ڏيڻ کان ڪيبايو ٿي.

انگريزن کي خوش ڪرڻ لاءِ خيرپور جي مير رستم خان ته ڪا ڪسر نه ڇڏي. اسي ميل اڳوات پنهنجا ايلچي انگريزي وفد جي خيرمقدم ڪرڻ لاءِ روانا ڪيائين ۽ ڪين کاڌ خوراڪ جي اشيا جي باقاعدي رسد پهچائيندو رهيو.

انگريزن جي مهم انتهائي ڪامياب رهي ڇاڪاڻ ته هنن نه فقط سنڌ نديءَ جي هر گهٽ گهير جا نقشا ناهيا پر سنڌ جي جملي ڪناري وارن شهر جو احوال تفصيل وار هٿ ڪيو. هي اولين موقعو هيو جڏهن سنڌ نديءَ جو ڪليل تعارف ٻاهرين دنيا سان ڪيو ويو.

جڏهن انگريز سنڌ جي حد لتاڙي پنجاب روانا ٿيا تڏهن وقت جي هڪ سيد سجوري جا هي تاريخي الفاظ هميشه زنده رهندا ته "ارمان! سنڌ سنڌ ٻين کان هاڻ ڇٽي چالاءِ جو انگريزن ان درياه جو انت لڌو آهي جو سنڌ جي فتح جي ڪنجي آهي."

سنڌ جون وحشي قومون

محمد بن قاسم کي ٻڌايو ويو ته لوهاڻا قبيلي جا سما، لاکا، جت وحشي قومون آهن ۽ ماڻهو چوريون ۽ ڦر ڪرڻ جا عادي آهن ۽ حڪومت جي اطاعت نه ڪندا آهن. هاڻ به انهن قومن سان ذرا نرمي ڪئي ويندي ته سلطنت جي خلاف بغاوت ڪندا. محمد بن قاسم اهڙو احوال ٻڌي مٿن هيٺيون پابنديون عائد رکيون:-

۱- نرم ڪپڙا استعمال نه ڪن.

۲- مخمل جي ٽوپي ۽ جتي نه پائين بلڪ ننگي سر ۽ اگهاڙي پيرين ٻاهر نڪرن.

۳- ٿلهي ڪپڙي جي چادر اوڙهين.

۴- جڏهن گهر کان ٻاهر نڪرن ته هڪ ڪتو ساڻ رکن.

۵- بغير زين جي گهوڙن تي سفر ڪن.

۶- رستن جي حفاظت ۽ امن جي سلامتيءَ لاءِ جوابدار ٺهرايا وڃن ۽ سندن قصور ثابت ٿيڻ تي سندن ٻستيون ۽ گهر آگ ۾ جلايا وڃن.

انهن قومن ۾ سڀ کان زياده عجيب ڳالهه هيءَ هئي ته هو پاڻ وٽ غير قوم سان نوڪر ڪڏهن به ملازم نه رکندا آهن.

(چچنامو- صفحو ۹۱)

(تاريخ سنڌ: ندوي)

نوڪرن جي نيڪاليءَ وارو واقعو

سنڌ جي عربي حاڪم غسان جي دؤر حڪومت جو هڪ واقعو مهلب جي ڪنهن سردار هڪ غلام پالي نپائي وڏو ڪيو. هڪ ڏينهن ان سردار ڏٺو ته سندس پاليل غلام سندس زال سان سٽل هيو. سردار ڪاوڙ ۾ غلام کي پڪڙي خصي ڪرائي ڇڏيو. غلام جڏهن علاج کان صحتياب ٿيو تڏهن هڪ ڏينهن پنهنجي مالڪ جي ٻن ننڍڙن ٻچن کي گهيتاري ڪوٺيءَ تي وٺي ويو ۽ اتان سردار کي رڙ ڪري چيائين ته جيڪڏهن تون پاڻ کي خصي نه ڪندين ته آءٌ ٻنهي ٻچڪرن کي ڪوٺي تان هيٺ ڪيرائي ڇڏيندس.

سردار کيس هر طرح سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ گهڻو ئي نرم گرم رستا اختيار ڪيائين ليڪن هو نه مڙيو ۽ غلام چيو ته مون لاءِ پاڻي پيئڻ کان به آسان ڪم هي آهي ته انهن ٻچڪرن کي ڌڪو ڏيئي هيٺ ڪيرائي ماري ڇڏيان. آخر مجبور ٿي سردار چاقوءَ سان پاڻ کي خصي ڪري ڇڏيو.

جڏهن غلام پنهنجو انتقام ورتو ته پوءِ ٻنهي ٻچڪرن کي ڌڪو ڏيئي هيٺ اڇلي ڇڏيائين ۽ چيائين اهو ته فقط منهنجو انتقام هيو. ماڻهن کيس پڪڙي کيس انتهائي عذاب ڏيئي ماري ڇڏيو. ان ڪالپوءِ نتيجو هي نڪتو جو جن ماڻهن وٽ غلام هوا تن سڀني نوڪرن کي شهر کان ٻاهر نيڪالي ڏيئي ڇڏي ۽ حڪم جاري ڪيو ويو ته ڪوبه شخص ڪين پاڻ وٽ ملازم نه رکي.

ان ڏينهن کان هي مثال مشهور آهي ته:-

"مماليڪ سنڌ هرگز مملوڪي را مالڪ نه گردند"

(سيرالبلاد اقليم دوم قلمي صفحو ۱۸)

اولين سنڌي تفسير

۲۷۰ هجريءَ ۾ سنڌ جي هڪ هندو راجا مهروڪ پٽ رائڪ منصوره جي حاڪم عبدالله بن عمر هباريءَ کي درخواست ڪئي ته سنڌي ۽ هنديءَ ۾ اسلام جي تعليم لکي وڃي جيئن مقامي باشندا ان علم کان مستفيض ٿي سگهن. عبدالله هباري هڪ شخص کي سڏايو جو اصلي عراقي هيو ليڪن سندس زندگيءَ جو گهڻو عرصو منصوره ۾ گذريو هيو ۽ کيس ڪافي ٻولين تي عبور هيو. راجا جي خواهش مطابق قرآن شريف جو سنڌي زبان ۾ تفسير ڪري کيس موڪليو ويو. راجا کي روزانو اهو تفسير پڙهي ٻڌايو ويندو هيو. چيو وڃي ٿو ته هڪ ڏينهن جڏهن سوره ياسين جو ترجمو کيس ٻڌايو ٿي ويو ته فورا تخت کان لهي زمين تي سجده رو ٿي پيو ته گريه ڪيائين جو سجدي واري زمين جو نشان آلوده ٿي پيو. انکالپوءِ هن راجا هڪ علحده مڪان تعمير ڪرائي اتي نماز پڙهي خدا جي عبادت ۾ مصروف رهيو.

(عجائب الهند)

(تاريخ سنڌ: سيد ندوي صفحو ۱۹۶)

منفرقلس جو واقعو

منصوره جي عرب حاڪم وٽ اسي جنگي هاٿي هوا. انهن مان ٻه هاٿي اهڙا نامور هوا جو سندن مشهوري سموري هند سنڌ ۾ هئي. هڪ جو نالو منفرقلس ۽ ٻئي جو حيدره هيو. هڪ دفعي جو واقعو آهي ته هڪ ڏينهن تمام جنگي هاٿي فيل خاني کان نڪري منصوره جي هڪ تنگ گهٽيءَ مان هڪ ٻئي پٺيان قطار ڪري هلندا ٿي رهيا ته هڪ عورت جا بي خيالو ان سڙڪ تي پينل هئي ۽ اوچتو هاٿي کي ڏسي اهڙو حيران پريشان ٿي ڀڄي جو سندس ڪپڙا هيٺ مٿي ٿي ويا ۽ اگهاڙي رستي تي بدحواس ٿي ڪري پيئي. منفرقلس جو سڀ کان اڳيو هيو سو پٺتي آڙو ٿي رهيو ۽ ڪنهن به هاٿيءَ کي اڳتي وڌڻ نه ڏنائين. پوءِ پنهنجي سونڊ سان مائيءَ جا ڪپڙا درست ڪري سندس ستر پوشي ڪيائين. جڏهن مائيءَ کي هوش آيو ته اتي

(ڏسو صفحو ۵۴)

از:- مست قلندر

نعره- مستانه

(۱) قلندر نه عالم نه فاضل، نه سالڪ نه مجذوب، نه مدبر نه معلم، نه مورخ نه مصنف، نه شاعر نه اديب، نه مصور نه موسيقي دان- پوءِ به ڪيس حڪم مليو آهي مضمون لکڻ جو.

(۲) سردارن جو حڪم نه مڃڻ بغاوت جي برابر آهي. دوستن جي دل نه رکڻ دل ڏکوئڻ جي برابر آهي- بلڪ سوين سال اڳي مولانا رومي صاحب فتوي ڏيئي ڇڏي آهي ته دل ونئڻ صبح ڪبر جي برابر آهي پر قلندر سراپا قتيل سو لکي ڇا لکندو؟ ظاهري زخمن جو علاج آسان آهي پر دل جي دردن جو نڪو ويڄ نڪو طبيب. جنهن لکڻ مان ڪو ڪڻ تيل نڪري يا علم ۽ معلومات وڌي يا روحاني سرور ۽ سواد حاصل ٿئي يارب جو رستو يارب ملي، سو لکڻ ئي اور آهي. قلندر جو مضمون ڦڪو ۽ سڪو، رکو ۽ بي تڪو، جنهن ۾ نه مرچ نه مصالحو، نه رس نه رهاڻ، نه نظرياتي جهلڪ نه علمي چاڻ، نه نحوي ترڪيب، نه منطقي ترڪيب؛ اهڙو مضمون جهڙو لکيو تهڙو نه لکيو.

(۳) اسان ورق سڀ وساري ڇڏيا- پراڻا پنا سڀ ڦاڙي ڇڏيا- قلم ۽ ڪتاب سڀ درياءَ داخل- زندگي جو قل لا حاصل- نيڪي برباد گناهه لازم- خانه بدوش- نه گهر نه گهاٽ- نه پيءُ نه ڀارو، نه وٺج نه واپار- نه نوڪري نه چاڪري- آزادي تان سڀ ڪجهه قربان- جان مال، پار ٻچا، مٽ مائٽ عيش آرام، سڀ قربان- ڏينهن ۽ رات، صبح ۽ شام، آڏي ۽ مانجهي، ديس ۽ پرديس ۾، سفر ۽ حضر ۾، فاقا ۽ فرياد، هاءِ هاءِ وائي وائي، منهنجو وطن- شال آزاد ۽ آباد رهي منهنجو وطن- ماضي حال ۽ مستقبل ۾ ساڳي صدا ۽ ساڳي ندا- اها فطرتي محبت آهي جا هر انسان خواه حيوان کي پنهنجي آزاد گهر لاءِ رهي ۽ رهندي، ته خدا آزاد سلامت ۽ خوش رکي منهنجي مادري ۽ پدري وطن کي- شال غير جي غلامي کان آزاد رهي منهنجو ابا ڏو وطن- شال هر سال پنهنجن اباڻن پکن ۾ آزادي جو جشن ملهايو وڃي ۽ هر روز نغمه قومي جو لاڏ وڄندو رهي ۽ چاڙهين ۾ زندگي جو لطف ۽ مزو آهي - قلندر جو ٻيڙو انشاء الله ڪڏهن به نه ٻڏندو- لڏي لڏي پار پهچي ويندو ۽ منزل تي پهچي ويندو.

(۴) الهي چيچ ۽ پڪار

سنڌ جا اهم تاريخي واقعا

(آنڊل صفحي ۵۳ تان)

پڳي. پوءِ منڌر قلس پنهنجي ساٿين کي وٺي هليو ويو.

(مروج الذهب- مسعودي صفحو ۳۷۷)

بلوچن جي سنڌ ۾ آمد

جڏهن پروچ ڪلهوڙن جي تختگاه خداآباد کان ۱۵ ميل مفاصله تي پهتا تڏهن ڪلهوڙن پنهنجي اميرن ۽ سردارن کي ٽالپرن جي استقبال لاءِ اڳيرو روانو ڪيو جن ريشمي وڳا، قيمتي تحفا ۽ چانديءَ جي سنجن سان سينگاريل گهوڙا پاڻ سان همراه ڪنيا.

بلوچن جي سواري جڏهن ڪين نظر آئي ته ڪلهوڙن اميرن جي حيرت جي حد نه رهي. ڏٺائون ته بلوچن جا اهل اقبال گڏهن تي لڏيل هوا ۽ هو پاڻ رڍن ۽ ٻڪرين جي ڌڻن کي پيرين پيادو هاڪاري رهيا هوا. ايلچين مير علودي لاءِ پڇا ڪئي ۽ تعجب تين جڏهن انهن مير صاحب جي ڪلهي تي ڪانيو ۽ هٿن ۾ ڏاس جي ٻيري ڏٺي. پوءِ هن کي ريشمي وڳو پهرائي ڪيس گهوڙي تي سوار ڪري خداآباد آندو ويو.

(رچرڊ برٽن "سنڌ" صفحو ۲۳۵)

ميرن جي دؤر جي پڄاڻي

سر چارلس نيپئر پنهنجي فوجن سان قلعي ۾ وارد ٿيو. هن ڀريائين برطانوي جهنڊو لهرائڻ جي رسم ادا ڪري پوءِ شاهي خزانا لٽڻ شروع ڪيا. حرم جي بيگمن نيپئر کي چوائي موڪليو ته ڪين ٽن ڪپڙن ۾ شهر ڇڏي وڃڻ لاءِ اجازت ڏني وڃي جنهن لاءِ انڪار ڪيو ويو. انگريز منشي علي اڪبر سان همراه زبردستي حويلين اندر گهڙيائي ۽ جيڪو سون چاندي ۽ زر زيور ڪين هٿ چڙهيو تي سي لٽيا ويا تي. بيگمن جي جسم تان زيور جهڙون ڏيئي زوري لاٿا ويا. بيگمون جن جي شڪل جو اڳ ڪنهن پاهرين بني بشر تصور به نه ڪيو هيو تن اگهاڙي منهن پنج ميل پياد و پند ڪري وڃي هڪ گوٺڙي ۾ پناه ورتي. انگريزي سپاهين جي ڦرلٽ جو عالم هي هيو جو سنڌ ن يونيفارم مان هيرا جواهر رستن تي ڪرندا رهيا ۽ جي هنن قدر نه هوندي بزارين ۾ مٺ مٺ ريين تي وڪڻي ڇڏيا؛ انگريزن جو هي ڌاڙو ست ڏينهن سانده جاري رهيو جنهن ۾ هيرن جواهرن ۽ سون ۽ روپي کان علاوه ڪيترا بي بها قلمي ڪتاب، جواهردار تلوارون، قيمتي ڪيمخواب جا ڪپڙا ۽ سونا سنج پڻ هوا. آخر ۾ هنن هنڌ بسترن ۽ ڪٽن کي به ڪلهن تي کڻڻ ۾ عار نه ڪيو. لٽمار جو اندازو اٽڪل روءِ ڏهه لک پائونڊن جي برابر هيو جنهن ۾ فقط سر چارلس نيپئر جو شخصي حصو ستر هزار پائونڊ هيو.

ميجر آئوٽرام جو بيان آهي ته هڪڙي انگريز عملدار جي بزاري ويهاريل عورت کي ميرن جي بيگمن جي جهڙتي وٺڻ لاءِ مقرر ڪيو ويو هيو.

حوالا

(۱- مير نصير خان جو انگريزي ڊئريڪٽرن ڏانهن خط ۲- ميجر آئوٽرام جي ڊائري. ۳- سنڌ هسٽاريڪل جرنل صفحو ۳۴-۱۳۵)

عربي خرچ جي ادائگي

حجاج هڪ خط ۾ محمد بن قاسم کي لکيو ته:-

"اي سوٽ، توکي ياد هوندو ته تنهنجي روانگيءَ کان اڳ مون خليفي سان وعدو ڪيو هيو ته سنڌ جي مهم ۾ جيتري رقم بيت المال مان خرچ ڪئي ويندي انکان ٻيڻي رقم واپس داخل ڪئي ويندي. ان عهد جو پورو ڪرڻ اسانجو فرض آهي. اشاعت اسلام جو خاص خيال رک ۽ جو وڏو يا قديم شهر هجي اتي مسلمانن لاءِ مسجد ضرور تعمير ڪندو رهج."

محمد بن قاسم هن خط پهچڻ شرط خزاني ۾ رکيل سون سمع هڪ سوني بت جي ديبل جي رستي عراق روانو ڪيو. حجاج هي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ بي اختيار ٿي چيائين "ته هاڻ اسانجو غصو ڪافور ٿيو ڇاڪاڻ ته صرف تيل رقم جو ٻيڻو انداز خزاني ۾ داخل ٿيو ۽ ڇهه ڪروڙ درهم ۽ ڏاهر جو سر اسانکي نفعي ۾ حاصل ٿيو."

(فتوح البلدان صفحو ۴۴۷)

ڪندي زندگي جا ٧٣ سال نه پر ٧٣ ڏينهن ٿيا لڳن - هڪڙو سال هڪ ڏينهن جي برابر - پر هن وقت هڪ ڏينهن هڪ سال جي برابر - جهڙي ريت گذريل زماني جي هزار هاصدين جو ڪو احساس ڪونه رهيو آهي تهڙي ريت زندگي جي گذريل وقت جو به. سچ چيو اٿن ته ڪمان مان ڇٽل تير وانگر ويل وقت به موٽي نه ايندو. قلندر جي ڳڪي توبه نه فقط ماضي ڪان پر حال ۽ مستقبل ڪان به - آزادي حاصل ڪرڻ آسان پر سنڀالڻ تمام ڪٺڻ ڪم - زهر جو پيالو پيڻ، لوهه جا چڻا چٻڻ، دل جو خون چوسڻ، موت جو مقابلو ڪرڻ مشڪل نه آهي پر قومن جي خارجي ۽ داخلي آزادي قائم رکڻ مشڪل مسئلو آهي. جيڻ جهنجهال آهي - زندگي وبال آهي - انسان ذات جو ٻراب وچ دريا ۾ لڏي رهيو آهي - ڪنارو دور - وچ ۾ ڪن - موسم نا موافق - طوفان تيز - خلاصي حواس باختہ، مسافرن ۾ فساد ۽ تڪرار پر قلندر جي حياتي جوڙيو اڃا وسامي نٿو. جيستائين موت جو پيغام نه آيو آهي تيستائين حياتي جو آسرو آهي - اميدون ۽ آسون لٿيون نٿن - اميد تي جيا پو آهي - اميد حياتي جو وڻ آهي. زماني جا طوفان ڪاشيءَ نه آهن - اهي طوفان لڳي لڳي ازخود جهڪا ٿي ويندا - آمين دل ۾ ڪيتريون ئي مرادون موجود ۽ موجزن آهن.

شال منهنجو وطن آزاد ۽ آباد ۽ خوشحال رهي ۽ ترقي جي معراج تي پهچي وڃي. شال قوم جا نوجوان اعليٰ کان اعليٰ ڊگريون ۽ فضائل حاصل ڪن ۽ هنرمند ٿين جن جي شرڪت ۽ صلاح سان قومي ۽ بين الاقوامي ادارا پنهنجو ڪم پورو ڪري سگهن.

شال اُهي عالمي آزادي ۽ امن جا علمبردار ٿين. اڄ ڪلهه جڏهن قومن ۾ نفرت ۽ عداوت وڌي رهي آهي ۽ اٿمي طاقت تي گهمنڊ آهي، تڏهن منهنجي قوم به اهڙي طاقتور ٿئي جو پنهنجو بچاءَ ڪري سگهي ۽ پنهنجو پيدائشي حق محفوظ رکي سگهي. شال اهو اوج ۽ عروج اکين سان ڏسي پوءِ مران. پر پوءِ به مرڻ تي راضي ٿيندس يا نه سا پڪ نه اٿم.

(٦) انسان ويچارو ۽ ويسارو ۽ ويسارو، نفساني خواهشن جو پتلو، نسيان ۽ عصيان جو مرڪب آهي. ڏسي به پيو ته خدا جي زمين هڪ وڏو قبرستان آهي. فرعون، نمرود، شداد، سڪندر، دارا، نيپولين چنگيزخان، هلاڪوخان، هٽلر، مسوليني، لينن، اسٽالن، شهنشاهه سلاطين، ڪرزن ۽ ڪچنر سڀ زير زمين يا دفن درياءَ ۾ غرق ٿي ويا. پيغمبرن ۽ پيرن مان به ڪو ڪونه بچيو. قومن جون قومون، علائقن جا علائقا ۽ شهرن جا شهر، تمدنن ۽ تهذيبن جا ڪيترائي مرڪز سڀ خاڪ ۾ مدفون - جو ڄائو آهي سو نيٺ مرندو - پر تنهن هوندي به مون وانگر ڪو خوشيءَ سان مرڻ لاءِ تيار نه آهي. جڏهن زندگي سان ايتري قدر محبت آهي تڏهن ڪير چوندو ته زندگي هڪ خواب ئي خواب آهي جنهن جي ڪا حقيقت ڪانهي؟

(٧) ڇا انسان پاڻي مٽي ڦوٽو آهي جو پاڻي ٿي ويندو؟ يا مٽي جو پتلو آهي جو مٽي ٿي ويندو؟ يا هوا جو غبار آهي جو هوا ٿي ويندو؟ يا امر ربي آهي جو امر ٿي ويندو؟ انسان ڇا به هجي پر هن ڳالهه ڪان ڪير انڪار ڪندو ته اهي ئي ارڪان زندگي جا ڪار پرداز آهن، ته پاڻي ۾ زندگي جي مٽيا موتي ۽ ماڻڪ آهن، ته مٽي ۾ عجيب و غريب خصوصيات ۽ معدنيات موجود آهن، ته هوا ۾ حيات بخش اوصاف آهن، ته آفتاب ۾ روشني ۽ حرارت آهي، ته جڏهن پاڻي، مٽي هوا ۽ روشني هڪ ٿي ويا تڏهن انسان جو ضمير تيار ٿي ويو ۽ امر ربي سان حرڪت ۽ حيات حاصل ٿي ويئي. خواب وارا خواب ۾ مست،، حقيقت شناس حقيقت ۾، سارو جهان پنهنجي خيال ۾ مست، قلندر پنهنجي عقيدي ۽ مستي ۾ مست. جيڪڏهن هڪ خسيس داڻو خاڪ ۾ ملي گلزار ٿي پوي ٿو تڏهن قلندر قبر جي خاڪ ۾ ملي زنده ٿي پوي ته ڪهڙو تعجب آهي ۽ هائو! قلندر جڏهن مرندو ۽ سارو جهان جڏهن مرندو تڏهن سڄاڳ ٿي پوندو ۽ بهتر صورت ۾ ظاهر ٿيندو. ”هو تشڪم في ما لا تعلمون.“

”موت زندگي جو هڪ خواب آهي. موت جي رات بعد نئين زندگي جو صبح نمودار ٿئي ٿو.“

موت ڪالپوءِ به حيات آهي - موت حيات جي نئين صورت آهي. جيئن خواب حيات ۾ - هڪڙو جهان ٺٿي رهيو آهي ته ٻيو ٺهي رهيو آهي. ڇاڪاڻ ته جو ماريندڙ آهي سو جيارينيدڙ به آهي.

ڪائنات ۽ ان جي هر شيءِ ۾ جي حڪمتون ۽ اوصاف موجود آهن تن کي پروڙڻ ۽ سمجهڻ ڪالپوءِ به جيڪڏهن ڪو ائين سمجهي ٿو ته اهي حڪمتون ۽ اوصاف ازخود موجود ٿي ويون ۽ انهن جي پيدا ڪرڻ ۾ ڪنهن حڪيم ۽ عليم جو هٿ نه آهي ۽ ڪائناتي نظام جو ڪو ناظم ڪو نهي، ته پوءِ چئبو ته هو عالم ۽ فاضل ۽ سائنس دان هئڻ جي باوجود به جاهل مطلق آهي. داڻي مان درخت جو پيدا ٿيڻ، قطره مان خود انسان جو پيدا ٿيڻ ۽ عالمي نظام ۾ ارتقائي قانون جو موجود هئڻ سڀ اتفاق ۽ حادثو آهي ۽ هڪ اهڙي قدرت جو ڪم آهي جنهن جو قادر ڪو نهي، ائين ڪري سمجهڻ بلڪل ناداني آهي.

هر صنعت جو ڪو صناع ٿيندو آهي. هر نقش جو نقاش - هر تصوير جو مصور - هر ملڪيت جو ڪو مالڪ ۽ هر خيال جو ڪو خالق - ساڳيءَ ريت هن خوبصورت ڪائنات جو به حقيقي صانع ۽ بي نظير نقاش، سچو پچو مالڪ ۽ خالق موجود آهي جو احسن الخالقين آهي.

اول منزل هئي ازل جي نقشه ۾ جنهن ۾ ڪائنات جو تصور موجود هو.

ٻي منزل هئي ڪن فيڪون جي.

ٽين منزل هئي ارواح لاءِ قالو بليٰ جي.

چوٿين منزل هئي شڪم مادر ۾.

پنجين پالڻ جي.

ڇهين تعليم ۽ تربيت جي.

ستين شادي مرادي روزگار ۽ خدمت خلق جي.

اٺين پيرائڻ جي.

نائين موت يا حيات نؤجي.

(٨) ڪو ڇمڻ شرط مري يا جوان ٿي مري يا پيرو ٿي مري يا ڪڏهن به مري پر مري وڃڻ سان روح هرگز نٿو مري، ۽ جسم جي حالت ۾ هڪ تبديلي پيدا ٿئي ٿي جهڙي ريت خود زندگي ۾ به انساني چمار جي هر سال ۾ جسماني صورت ۽ حالت ۾ هڪ حيرت انگيز تبديلي پيدا ٿيندي رهي ٿي. خاڪي بدن ختم ٿي وڃي ٿو پر اعمالي بدن روح سميت هڪ لطيف حالت ۾ زنده رهي ٿو. مرڻ جي معنيٰ آهي لباس بدلائڻ. نيڪي جي واٽ ۾ مري شهيد ٿيڻ وارا اڄ به پنهنجي عناصري لباس ۾ زنده آهن ۽ روحاني درجات حاصل ڪري رهيا آهن ۽ برائي جي واٽ ۾ مرڻ وارا به زنده رهن ٿا پر پشيمان ۽ پريشان. جهڙيءَ ريت مڪڙيءَ ۾ گل پوشيده آهي تهڙيءَ ريت انسان پنهنجي بدن جي ڪل ۾ پوشيده آهي. جهڙيءَ ريت نانگ هڪ ڪل لاهي ڇڏي ٿو ۽ ٻيءَ ۾ زنده رهي ٿو تهڙي ريت انسان هڪ ڪل ڦٽي ڪري ٻي ڍڪي ٿو. پر اهي آهن قلندري ڏڪا. سهي سگهو ته پنهنجي مغز ۾ هڻو نه ته هڻو قلندر جي ڪنڌ تي.

(٩) قلندر جي شباب ۽ رباب، شراب ۽ ڪباب، عيش ۽ عشرت جو زمانو وڃي موڪلائي. دولت، حڪومت، جواني، حسن، علم، عمل، هنر، ذات پات، خاندان، رنگ روپ، قوم، وطن ۽ ٻيون ايجادات جو نه هڪ غرور ۽ نشو ٿيندو آهي پر هڪ ڏينهن نشا ويندا لٿي آخري عمر ۾ نظر ڪمزور يا اکين تي پردا، ڪنن تي ڪٽ، طبيعت تي تالا، عقل چرخ، ذهن ڪند، حافظو خراب، ڏند پگهل، زبان ٻاتي، چپن تي مهر، دل تي دهشت، پوءِ لکجي ته ڇا لکجي؟ اهڙي حالت ۾ قلم ڏنگو ۽ ڦڏو، جڏو ۽ مڏو نه ٿي پوندو ته پيو ڇا ٿيندو؟ افراد ۽ قومون پنهنجي موت مري وڃن سو هڪ قدرتي قانون آهي پر جيئري جاڳندي انهن جي قوت فوت ٿي وڃي يا روح فنا ٿي وڃي سا ڳالهه خدائي ڏمر جي برابر آهي. شال منهنجي قوم جي اهڙي حالت نه ٿئي.

(١٠) اهڙي ڪشمڪش جي حالت ۾ لکڻ آهي لکڻ تي ظلم ڪرڻ. جڏهن هوش ۽ حواس خطا- وايون بتال ٿي وڃن جئن افراد جي زندگي ۾ تئن قومن جي زندگي ۾ به ساڳيو انقلابي اصول ڪم ڪندو رهي ٿو. چاڙهيون ۽ لاهيون- عروج ڪانپوءِ زوال ۽ زوال ڪانپوءِ عروج- زماني جي اندر دنيا يا دنيا جي اندر زمانو، قومن اندر حڪومتون يا حڪومتن هيٺ قومون، دستور ۽ قانون، شريعتون ۽ سماجي سرشتا، نظريه ۽ معيار، افڪار ۽ اقدار، ثقافتون ۽ فنون، زماني ضرورتون ۽ تمدني تقاضائون، سڀ ۾ حيرت انگيز تبديلي ۽ انقلاب- قومن ۽ قومي پارٽين ۽ حڪومتن جي هڪ هٽي ختم ۽ انقلاب زنده باد- فوجي هجي يا آئيني هر انقلابي دؤر. عارضي هوندو آهي ۽ نه دوامي- ۽ انجو بنياد جيترو قدر عوامي مفادن ۽ صحيح اصولن جي عمل تي هوندو آهي اوترو قدر انجو اثر جاري رهندو آهي- عمل جي مفقود ٿي وڃڻ کانپوءِ اثر به ختم.

(١١) هيءَ ويهين صدي آهي ۽ انقلابي صدي آهي- ڪيترائي قومون آزاد ٿي چڪيون آهن ۽ جي رهجي ويون آهن سي به آزاد ٿيڻ واريون آهن. پنجن ڏهن سالن جي اندر نه شهنشاهه رهندا نه سلطان، نه باد شاهه نه ڊڪٽيٽر ۽ اهڙي ڪابه قوم ڪانه بچندي جا خارجي خواهه درملي غلامي مان آزادي حاصل ڪرڻ کان رهجي وڃي.

آفريقا هجي يا ايشيا هجي، يورپ هجي يا امريڪا هجي يا دنيا جو ڪو ڪنڊ هجي ۽ انهن جو ڪو ملڪ هجي سو پنهنجي موجوده ضرورت ۾ هرگز رهي نه سگهندو. هر قوم ضرور پنهنجي سياسي ۽ اقتصادي آزادي حاصل ڪندي. مايوس ٿيڻ جي ضرورت نه آهي. عالمي آزادي جو يوم جشن قريب آهي. اٿو ۽ انجي ملهائڻ لاءِ تياري ڪريو.

(١٢) اڄ ڪالهه مفڪرن جو هي خيال آهي ته سڀني قومن جي آزاد ٿي وڃڻ بعد دنيا ۾ هڪ واحد بين الاقوامي وفاق قائم ٿيندو جو عالمي امن قائم رکي سگهندو ۽ هڪڙي قوم کي ٻي قوم جي دست درازين کان بچائي سگهندو. نه فقط دنيا جي ملڪن کي هڪ ئي سان ڳنڍڻ لاءِ عالمي وفاق ضروري آهي پر هر ملڪ جي جدا جدا علائقن کي هڪ ئي سان هميشه لاءِ ڳنڍڻ لاءِ داخلي طرح وفاق جي ضرورت آهي. پوءِ بي شڪ عالمي ۽ داخلي امن ۽ انصاف جون عمارتون قائم ٿي سگهن ٿيون. پر قومن ۽ حڪومتن کي ڪواهڙو نياڳ وڪوڙي ويو آهي جو امن ۽ انصاف قائم ڪرڻ شايد انهن جي اختيار کان ٻاهر ٿي پيو آهي. امريڪا ۽ روس جا اختلاف سڀني کي معلوم آهن. اختلافن ۾ اضافو ٿي رهيو آهي ۽ نه ڪمي. ساڳي طرح اشتراڪي ملڪن ۽ مغربي ملڪن ۽ ٻين ملڪن جي وچ ۾ باهمي ۽ داخلي اختلاف به وڌي رهيا آهن. مغربي حڪومتن جا آفريقا ۾ قهري ڪارناما ڪنهن کان به پوشيده نه آهن. فرانس بيلجيم ۽ پورچوگال قتل ۽ خونريزي تي ڪمر ڪشي بيٺا آهن. ڏکڻ آفريقا ڪاري رنگ جي قومن کي مساوي حقن جو حقدار نٿي سمجهي. آفريقا ۽ ايشيا جا اڃا تائين ڪيترائي ملڪ ۽ ٻيٽ يورپي قومن جي غلامي ۾ قائل آهن. خود امريڪا ۽ روس ۽ چين ۾ ڪي رياستون الڳ ۽ آزاد ٿي وڃڻ جون خواهشمند آهن. روس ۽ چين ۾ اڄ به جيڪڏهن ٻي رسائي سان راءِ ورتي وڃي ته روس ۽ چين جون به رياستون به پاڻ ۾ متحد نه رهنديون. عرب قومن جا پاڻ ۾ تڪرار، افغانستان ۽ ڀارت جا پاڪستان سان تڪرار، انهن ملڪن جي وچ ۾ باهمي عداوت ۽ روزافزون تلخي جو باعث بڻجي پيا آهن. دنيا مان انصاف لڏي ويو آهي تنهن ڪري امن به موجود ڪونهي. انهن حالتن هيٺ عالمي خواهه فوجي امن جو آهي خدا حافظ.

(١٣) قلندرن جو به آهي خدا حافظ. زندگي جي ڏکي سفر ۾ سدائين ڪيواٽن مقابلو، نفس ۽ شيطان سان. سدائين ڏٺيون اٿن مصيبتون ۽ شڪستون. پنهنجو جهان لٽائي چڪا آهن ۽ وڏن جو ورثو به. پر تڏهن به شڪست قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه آهن. ڪتب وٺيو وينا آهن ۽ پيا دعائون ڪن موجوده ۽ آئنده نسلن جي نجات لاءِ- لکن سو ڇا لکن.

(١٤) خدا خوش رکي اسانجي نؤ نهالن ۽ نون اديبن کي. جي لکي به ڄاڻن ۽ لکائي به ڄاڻن. انهن جي تصنيف ۽ تاليف ۾ ترتيب ۽ ترڪيب آهي، قلم ۾ زور آهي، تقرير ۽ تحرير ۽ تنقيد ۾ جان آهي، فڪر ۽ نظر ۽ خيال ۾ بلندي آهي، جذبن ۾ جوش آهي، مضمون سان واقفيت آهي، مقصد ۽ پختگي آهي، نوع انساني ۽ قوم سان محبت آهي، وطني آزادي ۽ خوشحالي ۽ ڪڏهن ڪڏهن وقتي مصلحتن ۽ عارضي خود غرضين جو به خيال آهي.

شال خودي ۽ خود غرضي ۽ خود پرستي جو فلسفو ختم ٿئي ۽ خدمت خلق جو خيال غالب ٿئي، شال قوميت جي بدران فڪر انسانيت فرقبندي جي بدران اسلاميت، نفاق جي بدران وحدت، نفسانيت جي بدران للاهيت خود غرضي جي بدران خود قرباني، خود فروشي جي بدران خود داري منافقي جي بدران راستگوئي، بزدلن جي بدران مرادانگي ۽ ظلم جي مقابله جون صفتون منهنجي قوم ۾ پيدا ٿين ۽ ان قسم جون تصانيف تيار ٿين.

(١٥) باقي قلندرن جي قيل ۽ قال جو نه آهي منهن نه مٿو. نه منطق نه فلسفو. قوم کي ضرورت آهي جديد علوم ۽ فنون ۾ ماهرن جي، با اخلاق ۽ خدا ترس خواص ۽ عوام جي- جفاڪش ۽ مخلص محبان وطن جي. پر اسان آهيون سراپا جذبات ۾ مجذوب، سرشار آهيون شعر ۽ شاعري جي محفلن ۽ شغلن ۾، راڳ ۽ روپ جي رنگ رلين ۾، ساز ۽ سرندي جي سوز ۽ گداز ۾، روحاني رقص جي لذتن ۽ لطافتن ۾ بيخودي جي عالم ۾، وصال جي واٽن ۾ گم ۽ غلطان، فراق جي آه و فغان ۾. بخدا! دل ٿي چوي ته شال اهو ذوق ۽ شوق، اها لطيفي لئون ۽ سنڌي سرندي جو سوز ٻني نوع انسان جي هر قوم ۽ هر فرد جي رڳ رڳ ۾، نه فقط موجوده نسلن ۾ پر آئنده نسلن ۾ به پيدا ٿي پوي ته پوءِ قومي ۽ بين الاقوامي امن جو مسئلو هميشه لاءِ حل ٿي ويندو. رتل يار پرچي پوندو

۽ ٻيڙو پار ٿي ويندو. دنيا ۾
امن قائم ٿيندو ۽ جيستائين
مخلوق پنهنجي حالتن جي
طرف راغب نه ٿي آهي ۽
انسان ۾ روحاني سوز و سرود
۽ سرور پيدا نه ٿيو آهي- ۾
خدايا! قلندر ويچارو ڇا ڪري؟
اسان توکي خوش ڪرڻ جي
خيال ۽ خبط ۾ زندگي صرف
ڪئي- ۽ تون اسانجي خواب
و خيال کان مٿي- تنهنجو ٻوي
ٿو نه پار نه پتو. نه مڪان نه
اهڃاڻ- ۽ تنهن هوندي به
چون ٿا ته تون ساهه کان ويجهو
آهين ۽ ڪائنات جي پرده
پنهان پوشيده آهين يا پڌرو
پيو آهين جئن:-

خوشبوءِ گلن ۾، رنگت
گلزارن ۾، لطافت نظارن ۾،
حيات برسات ۾، بجلي ڪاڪي ۾،
برق بادلن ۾، تجلي تارن ۾،
موتي مهراڻ ۾، گرمي سج ۾،
ٿڌاڻ چنڊ ۾، طوفان فضا ۾،
زلزلو زمين ۾، هيرا جواهر
کاڻين ۾، اثر ماديات ۾،
محبت يارن ۾، حسن دلدارن
۾، عشق پروانن ۾، عقل دماغ
۾، بصارت اکين ۾، بصيرت
باطن ۾، ميزان عالمي نظام ۾،
ڪشش مقناطيس ۾، ڳالهائڻ
جي قوت زبان ۾، صبح راٿ ۾،
ڪمالات قدرت ۾، ايجادات
ڪوڄنا ۾، حيات ليستي ۾،
موت هستي ۾، روح بدن ۾،
ساهه سرير ۾، جذبات سينه ۾،
فراست ذهن ۾، جنت ۽ دوزخ
اعمال ۾، خوشي ۽ غم طبيعت
۾، حڪمت ۽ حرڪت زمين
۽ آسمان ۾، نور مخلوقات جي
قلوب ۾.

تون زمين ۽ آسمانن جو
نور آهين ۽ هر رنگ ۽ روپ
۽ دل ۾ تون جلوه گر آهين
۽ تنهنجي هستي ۽ حڪمت
دهرين جي دلين ۾ سمائجي
نٿي سگهي. تون ساهه جي
رڳن کان قريب هئڻ جي
باوجود به انهن کي پنهنجي
هستي جو قائل نٿو ڪرين جن
جو ايمان چٽ آهي ۽ عقل
الذو آهي. ممڪن آهي ته
انڪار ڪائنوءِ انهن لاءِ اقرار
جي منزل اچي ٿي ڪانهوءِ
اثبات- اول "لا" تي زور هوءِ
"الا الله" تي استقامت ۽ انجام.
۾ الله پنهو اهو ئي آهي ته
منان "لا" جي منزل تي ئي
دنيا جو خاتمو نه ٿي وڃي.
اهڙا ئي آهن آثار جي نظر اچي
رهيا آهن.

(۱۷) ايماندار مرندا وڃن ۽
شيطان اڃا تائين حيات آهن.
پلا جنهنکي تو خود فرصت ۽
مهلت، آزادي ۽ زندگي ڏني
هجي سو ڪهڙي طرح مري
سگهي ٿو؟ الهي شيطان تي
ايترقدر لعنتن جو وسڪارو
وٺو آهي جو لعنتي لعل ٿي
پيو آهي ۽ آهي به هي؛
حقيقت ته اسان واري شيطان
ڪڏهن به تنهنجي هستي ۽
وحدت، عبادت کان انڪار نه
ڪيو آهي. هو پاڻکي آدم
ذات کان افضل سمجهي ٿو ۽
سجده ڪرڻ کان انڪاري
آهي ڇاڪاڻ ته تو سان عشق ۽ عبادت
جو غرور اٿس- اهو آهي
سندس ڏوهه. ۽ موجوده
زماني جو شيطان ته ڪل شيطانن
جو ابو آهي. هو نه فقط پاڻ کي
افضل سمجهي ٿو ۽ تنهنجي
ذات جو به علي الاعلان منڪر
آهي. نمرود به خدا سان جنگ
جو اعلان ڪري منارن جي
برجن ۾ ويهي آسمان ۾ تير
هڻڻ لڳو هو ۽ هيجا تير فقط
ڪن پکين کي ماري سگهيا
۽ بس.

(۱۸) ۽ اجوڪي زماني جا
نمرود پنهنجن آسماني راڪيٽن
مان ائٽمي بم اڇلائڻ جون
ڌمڪيون ڏيئي ملڪن ۽
قومن کي ناس ڪرڻ جا مهم
پچائي رهيا آهن. هڪڙو ۽
هڪ ٽن جو نه ۽ ميگائن جو
جنهن جي قوت لکن ٽنن جي
۽ اهڙا بم به پنجاه ميگائنن وارا-
اهو آهي روس جو ڪارنامو.
هوڏانهن امريڪا وارن پنجسئو
ميگائنن جي توانائي وارن بمن
سگهڻ جي دعوا ڪئي
آهي. پنجاه ميگائنن واري
بم جي تجربي مان طوفان برساتون
۽ بيماريون ۽ آب و هوا ۽ اشياءَ
۾ تباهه ڪندڙ تبديليون پيدا
ٿيڻ واريون آهن. اها جنگ نه
آهي ۽ رڳو بمن جي آزمائش
تي رهي آهي. جنگ ۾ الاجي
ڇا ٿيندو؟ اڃا رڳو ڇهن پنجن
وڏين قومن کي ائٽمي بمن
ناهي سگهڻ جو علم آهي ۽
پنجسو آهي ۽ ٻن ٽن سالن جي
اندر دنيا جي ٻين ملڪن ۾ به
ساڳئي قسم جا ڪارخانا قائم
ٿيندا. اجوڪا انسان، انسان نه
حيوان نه ۽ ديو ۽ راڪاس
۽ ڀاڪاس آهن. انهن حالتن
هيٺ مخلوق کي ڪهڙي طرح
بچائي سگهجي ٿو؟

(۱۹) هڪڙو طريقو هي
آهي ته:-

۱- سائنس دان پنهنجي
بين الاقوامي ڪانفرنس ۾ گڏ ٿي
اتفاق راءِ سان هي فيصلو ڪن
ته ائٽم ۽ هائڊروجن بم ۽ ان
قسم جي ٻين ائٽمي بمن جي
ناهڻ کان انڪار ڪندا خواه
ڪين سندن حڪومتن جي
پاران ڪيتري به تڪليف
ڏني وڃي.

۲- ائٽمي حڪومتن جو
پاڻ ۾ ناهه ٿئي ۽ ائٽمي بمن جي
ساخت ۽ استعمال تي بندش
وڌي وڃي.

۳- ائٽمي جنگجو قومن ۾
ائٽم سازي جي برخلاف انقلاب
اچي ۽ جنگي حڪومتن جو
خاتمو ڪيو وڃي.

۴- مٿين ٽن طريقن تي عمل
ڪرائڻ لاءِ بين الاقوامي تحريڪ
جاري ڪئي وڃي جنهن جون
شاخون دنيا جي هر هڪ ملڪ
۾ قائم ڪيون وڃن ۽ جنهن ۾
هر امن خواه حڪومت ۽
جماعت ۽ شخص کي شامل
ٿيڻ جو حق رهي.

يا سائنسدانن کي ڦاسين تي
لٽڪايو وڃي يا غرق ڪيو وڃي
ڇاڪاڻ ته هڪڙي پاسي بني نوع
انسان جي خاتمي جو خطرو
آهي ۽ ٻي پاسي ٻن ڇهن سون
ماڻهن کي ختم ڪرڻ جو
سوال آهي. گهٽ ۾ گهٽ
انهن ماڻهن کي نظربند ڪري
رکيو وڃي ۽ انسان ذات کي
تباهي کان بچايو وڃي. آهي
ڪو خدا جو بندو جو قلندر
جون اهي رٿون اقوام متحده
جي جنرل اسيمبلي ۾ غور
ڪرڻ لاءِ پيش ڪري سگهي.

(۲۰) منهنجا رب! تو
سنڌ رو بندو آهي صبر تي-
لت تنهنجي زمين جو هڪ
لوڏو ۽ ڏڪڻ کو دريائن جي
هڪ اٿل- طوفانن جو هڪ
جهٽڪو، بادل جو هڪ
ڪڙڪات، هڪڙي ٻيڙ تاري
جي ڀڃڻ، زمين ۽ آسمان ۾
تنهنجي بي شمار لشڪرن مان
رڳو مکيون مڇر ۽ جيوڙا نه
فقط دنيا جي نمرودن ۽ فرعونن
کي ۽ ڪل ظالمن کي ختم
ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن. ۽ تو
سيني کي ڇيڪ ڇڏي ڏنو
آهي ته تنهنجي صور اسرافيل
جي بدران پل پنهنجن ائٽم بمن
سان پاڻکي ختم ڪري ڇڏين.
پوءِ تون ٿئون جهان جوڙين يا
نه سا تنهنجي مرضي؟ بلڪ
تنهنجي صور اسرافيل جي
معنول ئي اها آهي ته انسان
ذات پنهنجي هٿن جي ڪمائي
۽ ڪئن ڪرتوتن سان پاڻ
تي قيامت ۽ تباهي آڻيندو.

(۲۱) موجوده زماني جي
ايجادات انسان ذات کي حيران
۽ پريشان ڪري رکيو آهي-
پيغمبري اعجازات ۽ اوليائي
ڪرامات ۾ انهن ايجادات جو
تصور موجود آهي- فرق فقط
هي آهي ته پيغمبرن ۽ اوليائن
ظاهري اسباب کان سواءِ حيرت
انگيز ڪارناما ڪري ڏيکاريا
آهن جنکي پيغمبرن جي حالت
۾ معجزو، اوليائن جي حالت
۾ ڪرامت ۽ غير مسلم درويشن
جي حالت ۾ خرق عادات ڪري
سڏيو ويو آهي- ظاهري اسباب
کان سواءِ هوا ۾ اڏامڻ، پاڻ ۽
پاڻي تي هلڻ، رات وچ ۾ هزارن
ميلن جي مسافت طئ ڪندي
هڪ هنڌ کان ٻي هنڌ پهچي
وڃڻ، هزارن ميلن تان ڏسي
سگهڻ ۽ ڳالهائڻ، بيمارن کي
دوا کان سواءِ تندرست ڪرڻ،
غيب مان تيار ٿيل ڪاڌي ۽

پاڻي جو ملڻ، ٻي موسمي برسات جو پوڻ، مٽيءَ جي ڪٽڻ کان ڪاهيندڙ نوح جو بدحواس ٿي ٻچي وڃڻ، الذن کي اکين جي روشني ڏيڻ، آسمانن جو سير ڪرڻ، مرده جسم ۾ ساهه ڦوڪڻ، هڪڙي چنڊ مان ٻه چنڊ ڪرڻ، اهل ممات سان ڳالهائڻ ۽ ملاقات ڪرڻ ۽ انهي قسم جون سوين ڳالهيون آهن جي معقولات پرست انسان جي عقل ۽ اعتبار ۾ اچي نٿي سگهيون پر جن ڳالهين تي ڪروڙن ماڻهن جو ايمان ۽ عقيدو هو ۽ آهي، دنيا ۾ اهي خيال مذهبي ڪتابن ۽ پيغمبرن ۽ اوليائن پيش ڪيا. موجوده زماني جي سائنسدانن ۽ عالمن انهي قسم جا ڪي ڪم پنهنجي علمي ڪوشنا ۽ علمي طريقن موجب ڪري رهيا آهن پر انهن خيالن جي پيش ڪرڻ وارا دنيا جا پيغمبر ۽ اولياء هوا ۽ انهن جي پوئلگن ذريعي اڄ مادي ۽ علمي طريقن سان انهن خيالن کي عملي جامو پهرايو پيو وڃي- پرچه نسبت خاڪ را با عالم پاڪ- پيغمبرن ۽ اوليائن جيڪي ڪم ڪري ڏيکاريا تنهي ڪري خدا جي مخلوق با خدا، با اخلاق ۽ انسان ذات جي خدمت گذار ٿي وئي پر اڄوڪي دور ۾ علم جي زور تي جو ڪجهه ٿي رهيو آهي تنهن ۾ انسان ذات جي تباهي ۽ بربادي صاف طرح سان نظر اچي رهي آهي.

(۲۲) انساني تاريخ ۾ ويهين عيسوي صدي جا واقعات ۽ ايجادات هميشه لاءِ ياد رکڻ جي قابل آهن بشرطيڪ ياد ملهائڻ جي واسطي آدم جي اولاد مان ڪي افراد رهيل ائٽمي برباديءَ کان بچي ازسر نو دنيا کي آباد ڪري سگهيا. ٻه عالمگير جنگيون ٿي گذريون آهن جي سفيد رنگ قومن جي خوني ڪارنامن ۽ انسان ڪش ڪارروائين تي قيامت تائين ماتم ڪنديون رهنديون ۽ هاڻي آخري تباهي ڪندڙ ساعري جنگ جون تياريون تڪميل تي پهچي رهيون آهن جن بابت ببانگ دهل دعويٰ ڪئي وڃي ٿي ته نه رهندو فاتح نه مفتوح، نه ڪاهه ڪرڻ وارو نه بچاءُ ڪرڻ وارو، نه طرفدار نه غير طرفدار- نه رهندي بانس نه وڄندي بانسري. الله سان جنگ آسمان تي ۽ سرمايه دارن سان زمين تي.

اهو سڀ ڪجهه ڇا جي واسطي؟ چون ٿا ته وڏا نظرياتي اختلاف آهن ۽ اختلاف ڪهڙا.

(۲۳) خانگي دولتمندي جو خاتمو ڪيو وڃي. مال ۽ دولت جا پيداوار جا ذريعا حڪومتن جي هٿن ۾ هئڻ گهرجن ۽ نه افراد جي هٿن ۾. ڪائنات جو خالق ڪو ڪونهي- مذهب هڪ وهم آهي. انُ اجهو لٽو سڀني کي ملڻ گهرجي جيئن اشتراڪي ملڪن ۾ آهي ۽ نه جيئن غير اشتراڪي ملڪن ۾ آهي. ملڪ جي حڪومت اهڙي پارٽي جي هٿن ۾ هئڻ گهرجي جنهن جو مٿين اصولن ۾ ايمان آهي. نتيجو اهو نڪتو جو اشتراڪي ملڪن ۾ فقط واحد اشتراڪي پارٽي جي حڪومت آهي ۽ ٻي ڪا به پارٽي زنده رهي نٿي سگهي. حڪومت جو فولادي چرخو آهي نوڪر شاهي پوليس جي هٿن.

اهي آهن نظرياتي ۽ اصولي اختلاف- تنهن ڪالسواءِ تاريخي تڪرار، نسل نفاق، ڪارن ۽ گورن جا ڪاراڪڪر، دالسيات جا ضد، سياسي سازبازيون، باهمي بدگمانيون، مدافعت جا معاهدا، اقتصادي امدادون، فوجي هٿيارن ۾ فوقيت، ائٽمي بمسازيون ۽ آزمائشون، واپار جا ويرورو، ايجادن ۾ افضليت، فضائي فرمانروائي، طاقتور قومن جي قبضي مان مقبوضه ملڪن جي آزادي، طرفدار حڪومتن جي تلاش ۾ وڏين طاقتن جي وچ ۾ ڪشمڪش، دين ۽ ڌرم جي نالي ۾ تعصبات- اهي ۽ اهڙا ڪي پيا اختلاف آهن. تازو ممرمتو آهي جرمني ۽ برلن تان- اهي آهن تڪرار انهن قومن جي وچ ۾ جن جي دعويٰ آهي ته انهن جا نظريا افضل ۽ اعليٰ آهن- ته انهن ساري دنيا جي تمدن ۽ تهذيب ۾، علوم ۽ فنن ۾، آئين ۽ قانون ۾، عدل ۽ انصاف ۾، جمهوريت ۽ آزادي ۾، امن ۽ انسانيت ۾، ۽ سائنسي ترقي ۾ رهنمائي ڪئي آهي پر دنيا کي ورهائي ڇڏيو اٿن ٻن بلاڪن ۾: هڪڙي بلاڪ جو رهبر روس ۽ ٻئي بلاڪ جو اڳواڻ امريڪا- وچ ۾ ويچارو قلندر، جو ڏينهن رات خدا جي بارگاه ۾ پيو پاڙائي ته خدايا منهنجي توبهه- بچائي پنهنجي مخلوق کي انهن ائٽمي علمبردارن جي سرد خواه گرم يا آزمائشي جنگ کان.

چلتي چاڪي ديکهہ کر ديا ڪبيرا روئي.

دو پاٽن کي بيچ مين ثابت رها نه ڪوئي.

(۲۴) معلوم ته ائين پيو ٿئي ته چڪيءَ جي ٻن پڙن ۽ پاسن جي وچ ۾ سارو جهان پيسجي ويندو ۽ ڪو به سلامت نه رهندو- اهي آهن قيامت جون علامتون. جبل ڦاٽي پرزا پرزا ٿي ويندا، درياهه ۽ سمنڊ پنهنجيون حدون ٽپي ۽ بنڌ ٽوڙي آبادين کي غرق ڪري ڇڏيندا، پرندا ۽ درندا ۽ چرندا، انسان ۽ حيوان پنهنجا آشيانا ۽ گهر گهاٽ ڇڏي پنهنجا ٻار ٻچا ڦٽا ڪري مجنونن ۽ مجذوبن وانگر حواس باخته ٿي نفسي نفسي پڪاريندا موت جي منهن ۾ ڪاهي پوندا، زمين جي تپش يا آفتاب جي گرمي هر جاندار شيءِ کي ساڙي پسم ڪري ڇڏيندي، تهذيب ۽ تمدن جون فلڪ بوس عمارتون زمين دوز ٿي وينديون، نه حڪومتون رهنديون نه حاڪم، نه سلطنتون رهنديون نه سلطان، نه رهندو ظالم نه هنجو ظلم، نه رهندو مظلوم نه هنجي مظلوميت پوءِ منهنجا مولا! پيو پيدا ڪجائين نئون آدم ۽ نئين مخلوق.

(۲۵) خدايا! تنهنجي دنيا تمام پراڻي ٿي وئي آهي. سرمايه دارن ۽ اشتراڪين کي نئين دنيا جي ضرورت آهي. پراڻي دنيا ماضي جون حدون ٽپي ۽ سڀ ليڪا لنگهي مستقبل جي دروازي تي ٺڪ ٺڪ ڪري رهي آهي، في الحال تنهنجي مخلوق حال ۾ گرفتار آهي ۽ مستقبل جي حقيقت کان واقف ڪار ٿيڻ لاءِ بيقرار آهي، جڏهن دروازو کوليندين ۽ پردو چاڪ ڪندين تڏهن وڃي نامعلوم اسرار معلوم ٿيندا. روسي وزير اعظم ٺهڪ ڏيئي ٺوڪ سان چيو ته سندس راڪيٽ جو خلاصي فضا ۾ ۲۴ ڪلاڪن تائين زمين جي ارد گرد ۱۷ چڪر هڻي موٽي آيو پر هنکي ڪٿي به دوزخ ۽ جنت نظر نه آيو. هو مرڻ کان اڳي جٿري جاڳندي جنت يا گهٽ ۾ گهٽ دوزخ ڏسڻ جو خواهشمند آهي. اجائي ٺڪ ٺڪ چٺبي. سائنس جا هيترا ڪتاب پڙهيا اٿس پر اڃا تائين صبر ڪرڻ نه سکيا آهن ۽ نه ايترو عقل پرايو اٿن ته هرڪو ڪم مقرر وقت تي ٿيندو آهي. سارو جهان انتظار ڪري رهيو آهي. تو هان به ڪجهه انتظار ڪريو. انسان ڪيتريقدر نه احمق آهي؟ ڪائنات جا ٻه چار راز هنکي معلوم ٿين ٿا ته سمجهي ٿو ته مون جهڙو ڪو اڪابر ڪونهي. آپي کان ٻاهر، ڪپڙن ۾ نٿو سمائجي.

(۲٦) انسان اڃا تائين طفل مڪتب آهي. ڪائنات جو ڪتاب پڙهي پورو ڪرڻ ۽ پوري طرح سان پروڙڻ ڪار دارد. تڪميل جي ڊگري حاصل ڪرڻ ۾ خدا ٿو ڄاڻي ته ڪيتريون صديون لڳنديون ۽ پوءِ هنوز روز اول وارو حساب رهندو- پر جن جو پيٽ ڦوڪجي ويو آهي ۽ دماغ چڪرائجي ويو آهي، سو نيٺ هڪ ڏينهن ڦاٽندو- پر منهنجا مولا! قلندر انهن جي جي ڪهڙي شڪايت ڪري جي تنهنجا انڪاري آهن. تون ڄاڻين ۽ آهي ڄاڻن. شال نه

(ڏسو صفحو ۵۹)

ڀاڻي جو ملڻ، پي موسمي برسات جو پوڻ، مٽيءَ جي پڪ ڦٽي ڪرڻ سان ڪاهيندڙ ٻوڙجو بدحواس ٿي پڇي وڃڻ. الذن ڪي اکين جي روشني ڏيڻ، آسمانن جو سير ڪرڻ، مرده جسم ۾ ساهه ڦوڪڻ، هڪڙي چنڊ مان ٻه چنڊ ڪرڻ، اهل ممات سان ڳالهائڻ ۽ ملاقات ڪرڻ ۽ انهي قسم جون سوين ڳالهيون آهن جي معقولات پرست انسان جي عقل ۽ اعتبار ۾ اچي نٿي سگهيون پر جن ڳالهين تي ڪروڙن ماڻهن جو ايمان ۽ عقيدو هو ۽ آهي، دنيا ۾ اهي خيال مذهبي ڪتابن ۽ پيغمبرن ۽ اوليائن پيش ڪيا. موجوده زماني جي سائنسدانن ۽ عالمن انهي قسرجا ڪي ڪم پنهنجي علمي ڪوجنا ۽ علمي طريقن موجب ڪري رهيا آهن پر انهن خيالن جي پيش ڪرڻ وارا دنيا جا پيغمبر ۽ اولياء هوا ۽ انهن جي ٻولگين ذريعي اڄ مادي ۽ علمي طريقن سان انهن خيالن کي عملي جامه پهرايو پيو وڃي- پر چه نسبت خاڪ را با عالم پاڪ- پيغمبرن ۽ اوليائن جيڪي ڪم ڪري ڏيکاريا تنهي ڪري خدا جي مخلوق با خدا، با اخلاق ۽ انسان ذات جي خدمت گذار ٿي ويئي پر اڄوڪي دور ۾ علم جي زور تي جو ڪجهه ٿي رهيو آهي تنهنم انسان ذات جي تباهي ۽ برٻادي صاف طرح سان نظر اچي رهي آهي.

(۲۲) انساني تاريخ ۾ ويهين عيسوي صدي جا واقعات ۽ ايجادات هميشه لاءِ ياد رکڻ جي قابل آهن بشرطيڪه ياد ملهائڻ جي واسطي آدم جي اولاد مان ڪي افراد رتيل ائٽمي برباديءَ کان بچي ازسرنو دنيا کي آباد ڪري سگهيا- ٻه عالمگير جنگيون ٿي گذريون آهن جي سفيد رنگ قومن جي خوني ڪارنامن ۽ انسان ڪش ڪارروائين تي قيامت تائين ماتم ڪنديون رهنديون ۽ هاڻي آخري تباهي ڪندڙ ٽئين عالمي جنگ جون تياريون

تڪميل تي پهچي رهيون آهن جن بابت ٻبانگ دهل دعويٰ ڪئي وڃي ٿي ته نه رهندو فاتح نه مفتوح، نه ڪاهه ڪرڻ وارو نه بچاءُ ڪرڻ وارو، نه طرفدار نه غير طرفدار- نه رهندي بانس نه وڄندي بانسري.

الله سان جنگ آسمان تي ۽ سرمايه دارن سان زمين تي.

اهو سڀ ڪجهه ڇا جي واسطي؟ چونته وڏا نظرياتي اختلاف آهن ۽ اختلاف ڪهڙا.

(۲۳) خانگي دولتمندي جو خاتمو ڪيو وڃي. مال ۽ دولت جا پيداوار جا ذريعا حڪومتن جي هٿن ۾ هجڻ گهرجن ۽ نه افراد جي هٿن ۾. ڪائنات جو خالق ڪو ڪونهي- مذهب هڪ وهم آهي. اٽو اڄهو لڳ ڀڳ سڄي ملڪ گهرجي جتن اشتراڪي ملڪن ۾ آهي ۽ نه جتن غير اشتراڪي ملڪن ۾ آهي. ملڪ جي حڪومت اهڙي پارٽي جي هٿن ۾ هجڻ گهرجي جنهن جو مٿين اصولن ۾ ايمان آهي. نتيجو اهو نڪتو جو اشتراڪي ملڪن ۾ فقط واحد اشتراڪي پارٽي جي حڪومت آهي ۽ ٻي ڪا به پارٽي زنده رهي نٿي سگهي. حڪومت جو فولادي چرخو آهي نوڪر شاهي پوليس جي هٿن.

اهي آهن نظرياتي ۽ اصولي اختلاف- تنهن کانسواءِ تاريخي تڪرار، نسل نفاق، ڪارن ۽ گورن جا ڪارا ڪڪر، دالسيات جا ضد، سياسي سازبازيون، باهمي بدگمانيون، مدافعت جا معاهدا، اقتصادي امدادون، فوجي هٿيارن ۾ فوقيت، ائٽمي پرسازيون ۽ آزمائشون، واپار جا وير وروڌ، ايجادن ۾ افضليت، فضائي فرمانروائي، طاقتور قومن جي قبضي مان مقبوضه ملڪن جي آزادي، طرفدار حڪومتن جي تلاش ۾ وڏين طاقتن جي وچ ۾ ڪشمڪش، دين ۽ ڌرم جي نالي ۾ تعصبات- اهي ۽ اهڙا ڪي پيا اختلاف آهن. تازو ممڻمتو آهي جرمني ۽ برلن تان- اهي آهن تڪرار انهن قومن

جي وچ ۾ جن جي دعويٰ آهي ته انهن جا نظريا افضل ۽ اعليٰ آهن- ته انهن ساري دنيا جي تمدن ۽ تهذيب ۾، علوم ۽ فنن ۾، آئين ۽ قانون ۾، عدل ۽ انصاف ۾، جمهوريت ۽ آزادي ۾، امن ۽ انسانيت ۾، ۽ سائنسي ترقي ۾ رهنمائي ڪئي آهي پر دنيا کي ورهائي ڇڏيو اٿن ٻن بلاڪن ۾: هڪڙي بلاڪ جو رهبر روس ۽ ٻئي بلاڪ جو اڳواڻ اميريڪا- وچ ۾ ويچارو قلندر، جو ڏينهن رات خدا جي بارگاه ۾ پيو پاڙائي ته خدايا منهنجي توبه بچائي پنهنجي مخلوق کي انهن ائٽمي علمبردارن جي سرد خواه گرم يا آزمائشي جنگ کان.

چلتي چاڪي ديکهه ڪرديا
ڪبيرا روئي.
دو پاٽن ڪي بيچ مين ثابت
رها نه ڪوئي.

(۲۴) معلوم ته ائين پيو ٿئي ته ڇڪيءَ جي ٻن پڙن ۽ پاسن جي وچ ۾ سارو جهان پيسجي ويندو ۽ ڪو به سلامت نه رهندو- اهي آهن قيامت جون علامتون. جبل ڦاٽي پرزا پرزا ٿي ويندا، درياءَ ۽ سمنڊ پنهنجيون حدون لپي ۽ بند ٽوڙي آبادين کي غرق ڪري ڇڏيندا، پرندا ۽ درندا ۽ چرندا، انسان ۽ حيوان پنهنجا آشيانه ۽ گهر گهاٽ ڇڏي پنهنجا ٻار ٻچا ڦٽا ڪري مجنون ۽ مجذوبن وانگر حواس باخته ٿي نفسي نفسي پڪاريندا موت جي منهن ۾ ڪاهي پوندا، زمين جي تپش يا آفتاب جي گرمي هر جاندار شيءِ کي ساڙي ڀسم ڪري ڇڏيندي، تهذيب ۽ تمدن جون فلڪ بوس عمارتون زمين دوز ٿي وينديون، نه حڪومتون رهنديون نه حاڪم، نه سلطنتون رهنديون نه سلطان، نه رهندو ظالم نه هنجو ظلم، نه رهندو مظلوم نه هنجي مظلوميت پوءِ منهنجا مولا! پيو پيدا ڪجائين نئون آدم ۽ نئين مخلوق.

(۲۵) خدايا! تنهنجي دنيا تمام پراڻي ٿي ويئي آهي. سرمايه دارن ۽ اشتراڪين ٿي

نئين دنيا جي ضرورت آهي پراڻي دنيا ماضي جون حدون لپي ۽ سڀ ليکا لکهي مستقبل جي دروازي تي ٺڪ ٺڪ ڪري رهي آهي، في الحال تنهنجي مخلوق حال ۾ گرفتار آهي ۽ مستقبل جي حقيقت کان واقف ڪار ٿيڻ لاءِ بيقرار آهي، جڏهن دروازو کوليندين ۽ پردو چاڪ ڪندين تڏهن وڃي لامعلوم اسرار معلوم ٿيندا. روسي وزير اعظم ٺهڪ ڏيئي ٺوڪ سان چيو ته سدس راڪيٽ جو خلاصي فضا ۾ ۲۴ ڪلاڪن تائين زمين جي ارد گرد ۱۷ چڪر هڻي موٽي آيو پر هنکي ڪٿي به دوزخ ۽ جنت نظر نه آيو. هو مرڻ کان اڳي جتري جاڳندي جنت يا گهٽ ۾ گهٽ دوزخ ڏسڻ جو خواهشمند آهي. اڃائي تڪڙ ڇٽبي. سائنس جا هيترا ڪتاب پڙهيا اٿس پر اڃا تائين صبر ڪرڻ نه سکيا آهن ۽ نه ايترو عقل پرايو اٿن ته هر ڪو ڪم مقرر وقت تي ٿيندو آهي. سارو جهان انتظار ڪري رهيو آهي. توهان به ڪجهه انتظار ڪريو. انسان ڪيترقدر نه احمق آهي؟ ڪائنات جا ٻه چار راز هنکي معلوم ٿين ٿا ته سمجهي ٿو ته مون جهڙو ڪو اڪابر ڪونهي. آپي کان ٻاهر ڪپڙن ۾ نٿو سمائجي.

(۲۶) انسان اڃا تائين طفل مڪتب آهي. ڪائنات جو ڪتاب پڙهي پورو ڪرڻ ۽ پوري طرح سان پروڙڻ ڪار دارد. تڪميل جي ڊگري حاصل ڪرڻ ۾ خدا ٿو ڄاڻي ته ڪيتريون صديون لڳنديون ۽ پوءِ هنوز روز اول وارو حساب رهندو- پر جن جو پيٽ ڦوڪجي ويو آهي ۽ دماغ چڪرائجي ويو آهي، سو نيٺ هڪ ڏينهن ڦاٽندو- پر منهنجا مولا! قلندر انهن جي جي ڪهڙي شڪايت ڪري جي ته ڏمجا انڪاري آهن. تون ڄاڻين ۽ آهي ڄاڻن. شال نه

(ڏسو صفحو ۵۹)

Scanned with CamScanner

غيرت خان "ماثر جهانگيري" جو مؤلف

سنڌس مدفن ۽ ڪتبو (۱)

(از:- سيد حسام الدين راشدي)

غيرت خان الهيءَ مشهور جهانگيري امير، خواجه عبدالله فيروز جنگ (موت: ۱۷ شوال ۱۰۵۴هه)، جو پائيٽو هو، جنهن لاءِ "ماثر الامرا" جي مصنف لکيو آهي ته هو (خواجه عبدالله) ناصرالدين احرار جي خاندان منجهان هو ۽ جيتوڻيڪ هو خواجه حسن نقشبنديءَ جهڙي اهل دل بزرگ جو پاٽيهو هو، تنهن هوندي به ذاتي طور هو هڪ بنهه بيرحم، ڪميڻو ۽ ظالم شخص هو". خان جهان لوديءَ جڏهن هن مشهور جهانگيري امير، خواجه عبدالله، کي گرفتار ڪري، ڊانهنس شيخ فريد بکريءَ، مؤلف "ذخيرت الخوانين" جي هٿان ڏهه هزار رپيا خرچ پکي لاءِ ڏياري موڪليا، تڏهن خواجه عبدالله ۽ شيخ فريد بکريءَ جي وچ ۾ جيڪا دلچسپ گفتگو ٿي، ساهن طرح هئي:

"عرض ڪيم: نواب صاحب، (اوهان) خدا جي راهه ۾ گهڻيون جنگيون ڪيون آهن؟ ڪيترن ڪافرن جا سر ڌڙ کان ڌار ڪيا اٿو؟

چيائين: (اٽڪل) ٻه لک انگ ڀهندو. آگري کان پٽنا تائين انهن جي کوپرين جا رستي جي ٻنهي پاسي ڍير لڳا پيا آهن!

چيم: البت انهن ۾ ڪافي بيگناهه مسلمانن جا سر به هوندا؟

ڪاوڙ جي چيائين: پنج لک ڪافر، زالون ۽ مرد قيد ڪري وڪيا اٿم، جيڪي سڀ پوءِ دين اسلام ۾ داخل ٿيا. اهي پنهنجي اولاد سميت وڌي ويجهي، قيامت تائين نيست وجي ڪروڙن جي تعداد کي پهچندا! (۲)

الهيءَ گفتگو جي سلسلي ۾ خواجه عبدالله فيروز جنگ بهادر هيءُ به اظهار فرمايو ته:

"خدا جو پيغمبر (صلعم) (پنهنجي سر) هلي، پيهاري جي گهر ويندو هو ۽ وڃي معجزا ڏيکاريندو هو ته من ڪو هڪ اڌ شخص مسلمان ٿئي! مون ته هڪ ئي ڏڪ سان پنج لک آدمي مسلمان ڪري ڇڏيا! (۳)

ائين چئي، آخر ۾ دعويٰ ڪيائين ته:

"جيڪڏهن ڪو حساب ڪتاب ٿيڻو ٿيو، ته به ميزان ۾ منهنجي ڪاتي، لٺي ڀٽي، مسلمان زياده رهندا!"

شيخ فريد لکي ٿو ته جڏهن اهو مڪالمو هن موٽي اچي، خان جهان جي اڳيان بيان ڪيو، تڏهن هن چيو ته:

"عجب آهي هن شخص تي، جو هيڏن اٿسهائيندڙ عملن تي فخر ٿو ڪري ۽ ڪو شرم ڪونه ٿو اچيس!"

پر هيڏن "اٿسهائيندڙ عملن (اعمالي نڪوهيده)" جي باوجود به، "ثائرالامرا" جي مصنف جو چوڻ آهي ته هند- پاڪستان جا ساده طبع ۽ وهمي مسلمان هن کي ڪرامتن جو صاحب سمجهندا هئا ۽ سنڌس حضور ۾ نذر ۽ نياز پيش ڪندا هئا! (۴)

خواجه ڪامگار جو پيءُ:

هن عجيب ڪردار جي مالڪ، خواجه عبدالله فيروز جنگ، جي ٻن پاٽرن جا نالا "ماثرالامرا" ۽ ٻين ڪتابن ۾ آيا آهن- يعني هڪڙو خواجه يادگار ۽ ٻيو خواجه برخوردار. پر غيرت خان، جنهن جو پنهنجو نالو خواجه ڪامگار هو، تنهن جي پيءُ جو نالو "ماثرالامرا" وغيره ۾، پاٽرن جي نالن سان يا هوندي به، ڪٿي بيان ڪونه ٿيو آهي. مغل تاريخن ۾، غيرت خان کي رڳو "فيروز جنگ جو پائيٽو" لکي ڳالهه کي ختم ڪيو ويو آهي. (۵) البت انگريزي تاريخ نويس ايليٽ، جي ڪتاب "تاريخ هند" ۾، "ماثر جهانگيري" جي تعارفي نوٽ ۾ هن جي پيءُ جو نالو "سردار خان" (۶) ظاهر ڪيو ويو آهي، جنهن لاءِ وڌيڪ چيو ويو آهي ته جهانگيري تاجپوشيءَ جي چوڏهين سال، هو مغل دربار ۾ داخل ٿيو ۽ کيس حاجيپور ۽ مونگير ۽ بهار ۾ ڪي ديهون جاگير طور عطا ٿيون.

غيرت خاني لقب:

شاهه جهان جي اوائلي حڪومتي سالن ۾ خان جهان لوديءَ ۽ دريا خان جون بغاوتون مغل تاريخ جا مشهور واقعا آهن. خان جهان مغل سلطنت جي ٻانهي هجڻ جي حيثيت ۾ هوندي به بادشاهه جي ڏمر هيٺ آيل هو ۽ شاهجهان جي ان ڏمر کان زياده سنڌس ۽ فيروز جنگ جي وچ ۾ جيڪا ذاتي دشمني هئي، سائي در حقيقت هن لاءِ موتمار ثابت ٿي. خان جهان جي

نعره - مستانه

(آئندل صفحي ۵۸ تان)

تنهنجو غضب جوش ۾ اچي- پوءِ سڪن سان گڏ ساوا به چٽ ٿي ويندا. قلندر انهن جو به ڏڪايل آهي، جي تنهنجا اقراري ۽ دعويدار آهن. مونکي پڪ آهي ته سڀئي ته پرستارن ۽ پوڄارين ۾ ڪو هڪڙو بندو به اهڙو رهجي ويو آهي جو تنهنجي خيال ۾ مسماء، حقيقت ۽ هدايت جو حامل ۽ عامل هجي. قلندر گناهگار آهي- هڪڙي ڪامل مرد ۽ رهبر جي تلاش آهي جو قومن جو امام ٿئي ۽ انهن کي تنهنجي طرف ۽ عالمي امن ۽ ترقي جي طرف وٺي وڃي. جي توکي نٿا مڃين، سي ته ظاهر پيا آهن پر جي توکي مڃين ٿا ۽ اسلام جو نالو وٺن ٿا، تنکي نه توسان نسبت ۽ نه اسلام سان ڪو واسطو.

(۲۷) قلندر امن جو طالب آهي ۽ عالمي امن لاءِ دعاگو آهي پر چون ٿا ته امن تڏهن قائم ٿيندو، جڏهن دنيا کي تباهه ڪرڻ لاءِ ائٽمي بم ۽ آتشي بم گولا وڏن اندازن ۾ تيار ٿيندا ۽ تنهن ڪانسواءِ فضا ۾ چنڊ ۽ مشتري ۽ زهره تي هوائي اڏا قائم ٿيندا. رب رسي ته مت ڪسي. مخلوق جو ساهه مٺ ۾ آهي. قيامت جو انتظار آهي. جن جو يوم آخرت تي ايمان ڪونهي، سي به ٻبانگ دهل اعلان ڪري رهيا آهن ته آخر زمانو قريب آهي ۽ ساري مخلوق ائٽم بم سان تباهه ٿيڻ واري آهي جنهن ۾ قاتل کي خبر نه پوندي ته هو ڪنهن کي قتل ڪري رهيو آهي ۽ مقتول کي خبر نه رهندي ته کيس ڇو قتل ڪيو ٿو وڃي. اها آهي پيغمبري پيشنگوئي. بچاءِ مولا! تون ڪو پنهنجو فضل ۽ ڪرم ڪر ۽ قومن کي هدايت ڪر. قلندر پنهنجن ۽ پراون کان مايوس آهي پر تنهنجي رحمت کان مايوس نه آهي. نه فقط منهنجو اعمالنامو داغدار آهي پر سڄو پنو داغدار آهي. تون نه فقط منهنجي وطن کي پر ساري عالم کي امن ۾ رک ۽ آزاد ۽ آباد ۽ خوشحال رک ۽ هن آخري زماني ۾ عالمي شاعرن جي سرتاج شاهه عبداللطيف ۽ قلندر جي اها آخري دعا قبول ڪر.

آمين- ثم آمين- يا رب العالمين

دل ۾ سلطنت جي خلاف جيڪڏهن ڪي ارادا ۽ منصوبا هئا به سهي، ته اهي دريا خان جي مارجڻ کان اڳي ئي ختم ٿي چڪا هئا ۽ هو هن فقط گمناميءَ جي ڪنهن اهڙيءَ ڪنڊ ۾ لڪي زندگي بسر ڪرڻ ٿي چاهي، جتي هو حڪومت جي نظرن کان پوشيده رهي، آئنده لاءِ بادشاهه جي دل تان بنهه لهي وڃي. پر "مآثرالامرا" جي مصنف جي چوڻ موجب، هو جيڏانهن ٿي ويو، اوڏانهن فيروز جنگ هن جي پٺ ڪانه ٿي ڇڏي؛ ايتريقدر جو خان جهان کي ڪيڏانهن به ڀڄي لڪڻ جي اميد باقي ڪانه رهي ۽ هو زندگي منجهان بيزار ٿي پيو (۷) آخر ڪار هو ڪالنجر (۸) کان ويهه ڪوهه پري، سهيره جي ڪناري تي، ڀرين رجب ۱۰۴۰ هه (۱۶۳۱ع) تي، فيروز جنگ سان مقابلو ڪندي، مارجي ويو.

عبدالله خان فيروز جنگ جو پاٽيو خواجه ڪامگار، جيڪو ان وقت تائين وڏي صرف ۱۰۰۰ پيادن ۽ ۴۰۰ سوارن جي منصب تائين پهچي سگهيو هو، سو ست ڏينهن پوءِ، ۸ رجب تي، جڏهن بادشاهه سلامت تاپتي نديءَ جي ڪناري سان، پيڙين ۾ آرامي ٿي، مرغابين جي شڪار سان "دل وندرائي" رهيو هو، پنهنجي چاچي فيروز جنگ جو ڪيل هيءُ نئون شڪار- يعني خان جهان شهيد جو سر، ڪٽي وڃي اُتي حضور ۾ حاضر ٿيو (۹). هن انساني شڪار تي نظر پوڻ سان نه صرف اعليٰ حضرت، صاحب قران ثانيءَ، جي زبان مبارڪ مان "شڪر افضال الاهيءَ" جو ڪلمو نڪتو ۽ "ڪوس شادمانيءَ" جي وڄائڻ جو حڪم جاري فرمايو ويو، پر فيروز جنگ جي هن دوڙاپيل پانهي، خواجه ڪامگار، جي بخت ۽ اقبال جي نقاري تي به عروج ۽ بلنديءَ جو ڏونڪو وڳو- يعني اُنهيءَ گهڙيءَ هن کي خلعت ۽ گهوڙي ۽ ۵۰۰ پيادن ۽ ۲۰۰ سوارن جي اضافي کان علاوه "غيرت خان" جي لقب سان سرفراز فرمايو ويو. شاهي دربار جا شاعر، جيڪي اهڙن ئي خداداد موقعن جي تاڙ ۾ ويٺا اوجهرندا آهن، تن مان هڪڙي (۱۰) جي وات ۾ خان جهان لوديءَ (۱۱) جو رت جميل سر ڏسندي ئي، پاڻي ڀرجي آيو ۽ فوراً هڪڙي گرما گرم رباعي هٿ ۾ ڪٽي، هوا ڳتي وڌيو ۽ عرض ڪيائين:

"اين مژده فتح ازپئي هرزيبابود
اين ڪيف دوبالا چه نشاط افزابود
از رفتن دريا سر پيراهم رفت
گويا سر او حباب (اين) دريا بود (۱۲)

اُن شاعر ان فرشي رباعيءَ جي عوض گهڙو ۽ انعام ڪٿيو، سو ته معلوم ڪونهي پر مغلشاهي غيرت جو جلوو بهرحال خواجه ڪامگار جي "غيرت خانيءَ" جي صورت ۾ اُنهيءَ موقعي تي نمايان ٿيو.

خواجه ڪامگار پنهنجن منصبن، اعزازن ۽ سوارن جي هن واڌ ۽ حاصلات معرفت ٿوري پنهنجي هن "غيرت خانيءَ" جي آڌار تي ڪڏهن به تاريخ جي دربار ۾ باريابي حاصل ڪري نٿي سگهيو ۽ نه وري تاريخ جي غيرت پنهنجي گورستان ۾ هن جي قبر تي ڪو ڪتبو لڳي، ڪيس ڪادائمي حياتي بخشش ڪرڻ لاءِ ڪڏهن تيار هئي. پر حقيقت هيءَ آهي ته ان لاءِ خود هن جي پنهنجي سوانح ۾ اسان کي هينيان ٽي عنوان صاف ۽ وڏن اکرن ۾ لکيل ملن ٿا:

(۱) دهليءَ ۾ شاهجهان آباد جا جنهن وقت بنياد پيا، تنهن وقت هو اتان جو ناظر ۽ عمارتن جو نگران هو؛

(۲) جهانگيري دور تي هن "مآثر جهانگيري" نالي هڪ ڪتاب لکيو، جو هڪ نهايت معتبر ڪتاب سمجهيو وڃي ٿو؛

(۳) مغل تسلط جي دور ۾ هو ٺٽي جو صوبه دار مقرر ٿي آيو ۽ اتان جي مٽيءَ ۾ هن کي ابدي آرام نصيب ٿيو.

جيتوڻيڪ مٿين واقعن مان هن جي زندگيءَ جا پهريان به واقعا ئي هند- پاڪستان جي تاريخ سان دلچسپي رکندڙ بزرگن لاءِ غيرت خان ڏانهن متوجه ٿيڻ واسطي ڪافي آهن، پر منهنجي ذاتي دلچسپيءَ جو خاص ڪارڻ سنڌ سندس زندگيءَ جو پهريون واقعو آهي، جنهن جي آڌار تي اڄ آءٌ تاريخ جي عالمن جي هن عظيم اجتماع جي خدمت ۾ غيرت خان جي زندگيءَ ۾ سنڌ سندس آخرين آرامگاهه متعلق چند صفحا پيش ڪرڻ لاءِ حاضر ٿيو آهيان.

دهليءَ جي حڪومت:

شاهجهان جي تخت نشينيءَ جي ڏهين سال، يعني ربيع الثاني ۱۰۴۷هه جي ۲۳ تاريخ، "گوهر بحر خلافت" يعني بادشاهزادي محمد اورنگزيب بهادر کي، جنهن اڳتي هلي، خود پنهنجي پيءُ کي گرفتار ڪري پنهنجو قيدي بنايو، بادشاهه سلامت دولت آباد روانو ڪيو، ته جيئن هو اتان لشڪر ساڻ ڪري، ڪافر (۱۳) پرڳڻي جي ملڪ، بڪلانه تي، جيڪو دولت ۽ خوشحاليءَ ۽ موافق آبهوا کان مشهور هو- حملو ڪري ان کي مغل سلطنت سان شامل ڪري ڇڏي. انهيءَ ئي ڏينهن غيرت خان کي به دهليءَ جي گورنريءَ جو فرمان مرحمت ٿيو- "بادشاهه نامه" جي عبارت هيءَ آهي:

"۲۳ ربيع الثاني (۱۰۴۷هه) تي عبدالله خان فيروز جنگ جي پاڻيٽي غيرت خان کي خلعت ۽ ۱۰۰۰ پيادن ۽ ۱۰۴۰ سوارن جي اضافي سان ۲۵۰۰ پيادن ۽ ۲۰۰۰ سوارن جي منصب، ۽ اصالت خان جي جاءِ تي، گاديءَ واري صوبي دهليءَ جي نظامت جي عهدي سان سرافراز ڪيو ويو. (۱۳)

شاهجهان جي تخت نشينيءَ جي ٻارهين سال، شاهجهان آباد جي شاهي عمارتن ۽ لال قلعي جا بنياد وڌا ويا، ڏسن جي نگراني غيرت خان جي سپرد ٿي. شاهنواز خان جي چوڻ موجب:

"... مذڪور ... صوبي جي حاڪم، صاحب اعتبار (غيرت خان) ۵ ذي الحج ۱۰۴۸هه تي، رٿيل نقشي مطابق، (عمارتن ۽ قلعي جي) بنيادن وجهارائڻ جو ڪم هٿ ۾ کنيو (۱۴)."

نئين سال جي شروع ۾، يعني ۹- محرم ۱۰۴۹هه (۱۶۳۹ع) تي لال قلعي جا بنياد پر جڻ شروع ٿيا. ان کان پوءِ چئن مهينن تائين، جيڪو به سامان ۽ مصالحو موجود هو، اُهو بنيادن ۾ وجهي، جيئن اُهو ڪم ختم ڪيو ويو (۱۵)، تيئن، "مآثرالامرا" جي مصنف جي چوڻ موجب، غيرت خان جي بخت جو ستارو چمڪيو ۽ ٺٽي جي صوبه داريءَ جي مٿس نوازش ٿي ۽ هو اُنهيءَ طرف روانو ٿي ويو (۱۶). "بادشاهه نامه" جي مؤلف ان تبادلي جي تاريخ ۱۱- جمادي الاول ۱۰۴۹هه ڏني آهي ۽ لکيو آهي ته:

"۱۱ تاريخ (جمادي الاول ۱۰۴۹هه) تي الله وردي خان کي ۱۰۰۰ پيادن ۽ ۱۰۰۰ سوارن جي اضافي سان ۵۰۰۰ پيادن ۽ ۵۰۰۰ سوارن جو منصب عطا ڪري، غيرت خان جي جاءِ تي گاديءَ واري صوبي دهليءَ جي صوبه داريءَ سرافرازي بخشي ويئي ۽ رخصت فرمايو ويو (۱۷)."

مآثر جهانگيري:-

غيرت خان جي تاليف، "مآثر جهانگيري"، جو نالو خافي خان (۱۸) ۽ "مآثرالامرا" کان علاوه، خود ڪتاب جي مؤلف "جهانگير نامه" لکيو آهي. شاهنواز خان جي راءِ هن ڪتاب متعلق هيءَ آهي:

"... مذڪور ... (مؤلف "مآثر جهانگيريءَ") ڪنهن نه ڳالهه کي وڌائڻ گهٽائڻ کان سواءِ "اقبال نامهٔ جهانگيريءَ" جي مصنف متعلق، (جيڪو مزاج گوئيءَ ۾ بي اختيار گرفتار هو) ۽ خاص طرح جهانگير جي شهزادگيءَ واري دور جي بغاوت

جا واقعا، تفصيل سان بيان ڪيا آهن“ (١٩)

ان سلسلي ۾ خافي خان جو چوڻ آهي تہ:

”عقل جي صاحبن تي پوشيده نہ آهي تہ جهانگير جي شهزادگيءَ واري دور جي بغاوت جو احوال، محمد قاسم فرشتہ ۽ ٻين مؤرخن، جيڪي جنت مڪانيءَ جا همعصر هئا، بادشاه جي ملاحظي جي خيال کان، فقط اشارن ۾ بيان ڪيو آهي، پر ميرزاڪامگار، مخاطب بہ غيرت خان، حميدالله خان (؟) جي پائيتي، جنت مڪانيءَ جي احوال پيش ڪرڻ ۾ خاص تفصيل کان ڪم ورتو آهي ۽ معتمد خان متعلق بہ سچ لکڻ ۾ ڪا ڪمي ڪانہ ڪئي آهي ۽ ڪافي احوال شهزادي محمد سليم جي شهزادگيءَ واري دورجي بغاوت جو پڻ بيان ڪيوآهي...الخ.“

تاريخ نويسن جي هنن راين منجهان ڪتاب جي اهميت ۽ مؤلف کي شاهده نگاريءَ ۽ واقعن کي تفصيل سان بيان ڪرڻ جي جيڪا صلاحيت هئي، تنهن جو پوريءَ طور اندازو تي سگهي ٿو.

غيرت خان هيءُ ڪتاب شاهجهان جي تاجپوشيءَ کان ٽي سال پوءِ - يعني ١٠٤٠ هه (١٦٣٠ع) ۾ ختم ڪيو (٢٠).

ٺٽي جي حڪومت:

جيئن مٿي بيان ٿي چڪو آهي، غيرت خان کان دهليءَ جي نظامت جون واڳون وٺڻ لاءِ اللهوردي خان ١١ جمادي الاول ١٠٤٩ هه تي شاهي حضور منجهان رخصت ياب ٿيو. هو پوءِ ڪڏهن دهليءَ پهتو ۽ ڪڏهن غيرت خان کان دهليءَ جي نظامت سنڀالي ورتائين، ان جي ڪا خبر ڪانهي. بهرحال اٽڪل ساڍن ٽن مهينن کان پوءِ، ١٦- شعبان ١٠٤٩ هه تي، جڏهن شاهجهان ڪابل کان موٽندي لاهور ۾ منزل انداز هو، غيرت خان اچي اتي شاهي دربار ۾ حاضر ٿيو (٢١). اٽڪل اڍائي مهينا لاهور ۾ رهي، ”تماشائي شگوفهءِ شفتالو“ منجهان دل تي لطف اندوز ٿي، ٢٥- شوال ١٠٤٩ هه تي، جڏهن ”فتح ۽ ڪامرانيءَ جا شاهانا جهنڊا“، خوش بخت گهڙيءَ جو انتخاب ڪندي، ڪشمير ڏانهن اسهڻ لاءِ هوا ۾ ڦڙڪڻ لڳا، تيستائين غيرت خان شاهي دربار ۾ موجود هو (٢٢). اوچتو بادشاه جو سهرو، يمين الدولہ آصف خان، جيڪو انهيءَ زماني ۾ لاهور جو حاڪم هو، بيمار ٿي پيو، جنهن ڪري بادشاه سلامت لاهور جي قلعداري غيرت خان جي سپرد ڪري، پاڻ ڪشمير ڏانهن روانو ٿيو (٢٣).

لاهور جي هيءَ قلعداري غيرت خان کي چئن مهينن تائين حاصل رهي، جنهن کان پوءِ ٺٽي جي حاڪم خواص خان، جي بدليءَ سبب، ٤- ربيع الاول ١٠٥٠ هه تي غيرت خان واسطي نورا ٺٽي ڏانهن وڃڻ جو حڪم صادر ٿيو ۽ لاهور جي قلعداري ذوالفقار جي سپرد ٿي.

چوٿينءَ تاريخ (ربيع الاول ١٠٥٠ هه) تي، غيرت خان، جنهن کي لاهور جي قلعداريءَ جي عهدي جي سرافرازي حاصل هئي، ٥٠٠ پيادن جي اضافي سان، ٣٠٠٠ پيادن ۽ ٢٠٠٠ سوارن جو منصب حاصل ڪري، خواص خان (٢٤) جي جاءِ تي، ٺٽي جي صوبہ داري سنڀالڻ لاءِ اتان فارغ ٿيو ۽ لاهور جي قلعداري ذوالفقار خان کي، جيڪو هيستائين وڏي شان واري بادشاهزادي مراد بخش جي خدمت خاص ۾ مقرر هو، مرحمت ڪئي ويئي (٢٥).

۽ ساڳئي وقت هيءُ بہ خاص حڪم صادر ٿيو تہ هو - يعني غيرت خان هڪدم روانو ٿي وڃي ۽ بنا دير جي، وڃي پنهنجو نئون عهدو سنڀالي (٢٥).

سنڌي مؤرخ، مير علي شير قانع ٺٽويءَ، ”تحفة الڪرام“ ۾ ٺٽي جي مغل صوبہ دارن جي جيڪا فهرست ڏني آهي، اها ترتيب توڙي تاريخن جي لحاظ کان غلط بہ آهي ۽ اڻپوري بہ. چنانچہ غيرت خان جو نالو ذڪر ان ۾ موجود ئي ڪونهي (٣٦)، ۽ پڻ ان ۾ شاهجهان جي اوائلي دور جي صوبہ دارن جا نالا ۽ احوال پڻ غائب آهن ۽ ڇاڪاڻ تہ هيءُ ئي ڪتاب ”لب تاريخ سنده“ جو ماخذ آهي، تنهنڪري ان ۾ بہ اهي اوڻايون موجود آهن. ”لب تاريخ سنده“ ۾ پڻ سال صرف اندازي ۽ قياس جي آڌار تي ڄاڻايل آهن ۽ ان ۾ سنڌ جي مغل صوبہ دارن جي آيل فهرست پڻ ساڳيءَ طرح غلط آهي (٢٧).

وفات:

غيرت خان ٺٽي ۾ جيڪو عرصو رهيو، ان جا تفصيل اسان کي انهيءَ ڪري معلوم ٿي نٿا سگهن ڇاڪاڻ تہ سنڌ جي تاريخ جا سمورا ماخذ سنڌس دور جي واقعن ۽ احوال کان خالي آهن. مغل تاريخن مان اسان کي صرف هيءُ معلوم ٿو ٿئي تہ غيرت خان ٺٽي ۾ ١٠٥٠ هه ۾ انتقال ڪيو، جنهن جو اطلاع ٧ ذي الحج ١٠٥٠ هه تي شاهجهان کي پهتو ۽ انهيءَ ئي ڏينهن بادشاه ٺٽي جي حڪومت جون واڳون شاد خان جي حوالي ڪيون:

”ستين تاريخ (ذي الحج)... هن تاريخ تي جڏهن بادشاه جي حضور اقدس ۾ گذارش عرض ٿي تہ ٺٽي جو صوبہ دار، غيرت خان، زندگيءَ جون منزلون پوريون ڪري چڪو، تڏهن شاد خان کي (٢٨) خلعت ۽ تلوار ۽ ٥٠٠ پيادن ۽ ٥٠٠ سوارن جي اضافي سان ٢٠٠٠ پيادن ۽ ٢٧٠٠ سوارن جو منصب عطا ڪري، هڪ گهوڙو مرحمت ڪيو ويو ۽ مذڪور صوبي جي صوبہ داريءَ سان سرافراز ڪيو ويو (٢٩).

مدفن:

غيرت خان جي زندگيءَ جي ٺٽي ۾ ئي پڄاڻي ٿي. ڪنهن بہ مؤرخ هيءُ ڪو نہ لکيو آهي تہ ڪٿان جي سرزمين هن جي بيجان جسم کي پاڻ وٽ پناهہ ڏني- يعني هن جي مٽي ڪٿان جي مٽيءَ سان ملي ۽ ڪٿان جي گز زمين ۾ هن کي ابدي آرام نصيب ٿيو.

هن مقالي ۾ منهنجو مقصد غيرت خان جي سوانح حيات بيان ڪرڻ جو ڪو نہ هو انهيءَ ڪري جيترو قدر هن جي اصل زندگيءَ جي احوال جو واسطو آهي، ان کي بلڪل مٿاڇري نموني ڇڏيندو، آءٌ اڳتي وڌندو پئي ويو آهيان. منهنجي اصل منشا هيءَ آهي تہ آءٌ تاريخ جي عالمن جي خدمت ۾ هي ظاهر ڪيان تہ حضرت ننگر ٺٽي جي خاڪ پاڪ ئي هميشہ لاءِ غيرت خان جي خاڪي جسم کي پاڻ وٽ جڳهہ ڏني آهي ۽ هو مڪليءَ جي بي مثل تاريخي قبرستان ۾ ئي دائمي طور آرامي آهي.

مڪلي ٽڪريءَ تي، ميرزا عيسيٰ ترخان ثانيءَ (٣٠) جي مقبري جي مغربي پٺ کان پٽ کان ڪجهہ پريرو، ٽن اوچيءَ سطح جا ٽي جدا جدا چبوترا آهن. پهرئين چبوتري تي هڪڙي پوري پٿر جي هڪ قبر آهي، جنهن تي هيءُ ڪتبو آهي:

”ندا رسيد ڪہ وي واصل خدا شد، گفت

غمين مباش ڪہ فردوس ساختہ روشن“

١٠٥٢ هه

ان کان پوءِ هڪ ٻيو چبوترو آهي، جنهن تي پڻ صرف هڪڙي ئي قبر باقي وڃي بچي آهي جنهن تي هيءُ ڪتبو موجود آهي:

”رحلت نمودن مرحومي مغفوري

خواجہ محمد لطيف بتاريخ بست

وشثم شهر شوال دوشنبہ

١٠٥٢ هه

انهيءَ چبوتري تي هڪڙو

ٻئي جو ڪتبو مون ڪنهن زماني ۾ پيل ڏٺو هو، جنهن تي هيءُ شعر اڪريل هو :-

سال وفات آن سعيد، جست چو طبع خرد
از نفس مشک بيز پيکر روحانيان
١١٣٥ھ (؟)

ساڳيءَ طرز ۽ ساڳئي سلسلي جو ٽيون ۽ سڀ کان آخري چبوترو، ذڪر ڪيل ٻن چبوترن سان لڳولڳ آهي. ان تي پڻ رڳي هڪڙي قبر باقي وڃي بچي آهي، جا پٿر جي ٺهيل نه آهي ۽ جنهن کي ڪنهن دؤر ۾ چن جي گچ سان پلاستر ڪيو ويو ٿو پائنجي. انهي چبوتري تي مون، اڄ کان ڇهه ست سال اڳ پٿر جو هڪڙو ڪتبو هيٺ ڪريل ڏٺو هو، جيڪو غيرت خان جي مزار جو ڪتبو هو. خاطريءَ سان نٿو چئي سگهجي ته جتي مون کي ڪتبو پيل مليو هو، انهيءَ ئي چبوتري ۽ اتان جي ئي ڪنهن ڊٺل قبر جو اهو ڪتبو هو يا اهو ٻئي ڪنهن آسپاس واريءَ قبر کان الڳ ٿي ڪٿي ڪريو پيو هو ۽ ڪنهن ماڻهوءَ اتان کڻي آڻي انهيءَ چبوتري تي ان کي ڇڏيو هو. حقيقت هيءَ آهي ته مڪليءَ جي مقبرن جي سنڀال، صفائي ۽ حفاظت جو بندوبست جيڪو اڄ موجود آهي، اهڙو اڳي ڪڏهن به ڪونه هو ۽ انهيءَ ڪسمپرسيءَ جي ڊگهي عرصي ۾ بيشمار تاريخي قبرون ڀري ۽ ڍهي زمين سان زمين ٿي، ملبهه ۾ گم ٿي ويون آهن.

منهنجو ذاتي قياس هيءُ آهي ته غيرت خان جي قبر انهن ٽن چبوترن مان ڪنهن هڪ تي موجود هئڻ کپي ۽ هوندي به ۽ زياده امڪان هيءُ آهي ته اها انهيءَ ئي چبوتري تي آهي جتان مون کي اهو ڪتبو مليو هو، باقي عين ممڪن آهي نه اُها ئي چن جي گچ سان پلاستر ٿيل قبر اها قبر هجي. اهو قياس الهيءَ ڪري به پروسي جهڙوئي سگهجي ٿو، جو آسپاس مقبرن جي انهيءَ حلقي ۾ ٻين مغل حاڪمن ۽ اميرن جون قبرون پڻ موجود آهن.

ڪتبو:

اڄ هتي انهن چبوترن جي تصويرن سان گڏ، ان ڪتبي جو چربو ۽ تصوير پڻ پيش ڪري رهيو آهيان. ڪتبو اهڙي ئي پوري پٿر تي اڪريل آهي، جيڪو عام طور مڪليءَ جي مقبرن تي استعمال ٿيل آهي. ڪتبي جي پٿر ڊيگهه ويڪر ٣٥x١٨ آهي (٣١)، ۽ ان تي ٻن سٽن ۾ هيٺين عبارت ۽ تاريخ اڪريل آهي :-

"بسم الله الرحمان الرحيم - لا اله الا الله محمد رسول الله
گفت (٣٢) تاريخ از ميان نام غيرت خان برار -
باقيءِ آن سال تاريخ وفاتش راشمار- ١٠٥٠ ھ

لفظ "تاريخ" جا عدد ١٢١١، لفظ "غيرت خان" جي عددن ٢٢٦١ مان ڪٽ ڪبا، ته وفات جو سال ١٠٥٠ نڪري ايندو، جيڪو ڪتبي جي ٻنهي مصراعن جي وچ ۾، انگن ۾ لکيل پڻ موجود آهي.

هيءُ معلوم ٿي ڪونه سگهيو آهي ته "تاريخ" ڪنهن ٻڌي آهي. "مفتاح التواريخ" ۾ هيءُ شڪر موجود آهي، ۽ ڪتاب جي مؤلف تاريخ ٻڌڻ واري جو نالو لکيو ڪونه آهي. ڪتاب جي متعلق عبارت هيءَ آهي :-

"(غيرت خان)...... نام پدرش سردار خان بود، درسن يک هزار و پنجاه هجري...... فوت کرده و عزيزي در تاريخ فوتش اين بيت خوب يافته :

"لفظ تاريخ از ميان نام غيرت خان برار -
باقيءِ آن راتو در ابجد بگير و بر شمار (٣٣)

هن بيت ۽ ڪتبي تي اڪريل بيت ۾ ٿورو لفظي فرق آهي، جيڪو ظاهر آهي.

حاشيا

(١) هيءُ مقالو پاڪستان هسٽري ڪانفرنس جي يارهين ساليانيءَ اجلاس (٣٠ مارچ ١٩٦١ع) ۾ پڙهيو ويو.

(٢) "ذخيرة الخوانين" جي اصل عبارت هيءَ آهي:- "قريب پنج لک آدم از ذکور و اناث کفره اسير کرده فروخته ام و همه مسلمان شده اند، و توالد و تناسل آنها تا دور قيامت ارب کهرب آدم مي شود ...... (خطي نسخو، ملک راقم الحروف - ص. ٢٦٨)

(٣) "ذخيره" جي اصل عبارت هيءَ آهي :- "...... پيغمبر خدا براي اسلام بخانه نداف مي رفت و معجزات مي نمود تا يک کس مسلمان مي شد - من يک مرتبه پنج لک آدم راه باسلام آورده ام - اگر عدالت هم مي شود اهل اسلام بيشتر مي آيند...... (خطي نسخو، ملک راقم الحروف- ص-٢٦٩)

(٤) مآثر الامرا- جلد ٢؛ ص. ٧٧٥ ۽ ان کانپوءِ.

(٥) مآثر الامرا - جلد ٢؛ ص. ٨٦٣.

(٦) اهوئي نالو بيل صاحب "مفتاح التواريخ" ۾ ڏنو آهي.

(٧) مآثر الامرا - جلد ٢؛ ص - ٨٦٣.

(٨) امپيريل گزيٽيئر xiv- ص ٣١٠ (١٩٠٨ع)

(٩) پڻ ڏسو خافي خان - جلد ١؛ ص - ٤٤٢.

(١٠) طالب ڪليم همداني.

(١١) خان جهان لودي جڏهن قندار جو صوبه دار هو، تڏهن ملتان سان گڏ بکر پڻ سندس جاگير ۾ شامل هو؛ ۽ خان خانان سان ٺٽي جي مهم ۽ فتح ۾ پڻ غالبا شريڪ هو. سندس شهادت جي تاريخ هيءَ آهي:- "آه ۽ ناله از افغان بر آمد "آه" ۽ "ناله" جا عدد (٩٢)، "افغان" جي عدد (١١٣٢) مان ڪٽ ڪرڻ سان تاريخ جو سال (١٠٤٠ ھ) نڪرندو.

(١٢) خافي خان - جلد ١؛ ص ٤٤٤.

ٻئي شعر جي پهرين مصرع جي پڙهڻي هن طرح به آهي:
از کشتن دريا، سر پيدا هم رفت
"پيدا خان" اصل خان جهان جو نالو هو. انهيءَ بيت ۾ دريا جي قتل جو اشارو "کشتن دريا" مان ڪري، پوءِ خان جهان جي سر وڃڻ لاءِ "سر پيدا هم رفت" چيو ويو آهي.

(١٣) "بادشاه نامه" جلد ١؛ ص ٢٨٠.

(١٤) "مآثر الامرا"- جلد ٢؛ ص -٨٦٤.

ڊاڪٽر برگس The Chronology of Modern India (P. 92) ۾ ٢٥ ذي الحج (٢٩ اپريل ١٦٣٩ع) تاريخ ڏني آهي.

(١٥) "مآثر الامرا"- جلد ٢؛ ص- ٨٦٤: جلد ٣؛ ص- ٤٦٣- پڻ "عمل صالح" جلد ٣.

(١٦) غيرت خان کان الله

(ڏسو صفحو ٦٣)

اخبار آفتاب سکر

(از:- مير رحيمداد خان مولائي شيدائي)

ماحول جو عڪس :-

(١) ١٨٧٧ع ۾ جنگ پلونيا روس ۽ ترڪي درميان لڳي. روسي فوجون قسطنطنيه جي ديوارن هيٺان پهتيون هيون. روس جي منشا هئي ته ترڪ، يورپ خالي ڪري ايشيا مائنر ڏانهن هليا وڃن مگر انگريزن وچ پئي برلن ڪانگريس ۾ جيڪو فيصلو ڪيو، سو ترڪن لاءِ ناسازگار ثابت ٿيو چنانچ رومانيا، بلغاريه ۽ سرويا عيسائي حڪومتون بلقان ۾ نمودار ٿيون. ترڪن وٽ قسطنطنيه ۽ ٿريس وڃي بچيا. لاچار ترڪن کي صبر ڪرڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪو چارو ڪو نه هو. آسٽريا، بوزينياءِ هرزيگوينيا جا ٻه ترڪي علائقا قبائي ورتا. انگريزن دلالي جي عيوض ترڪن کان قبرص پيٽ ورتو. انگريزن جي مٿين چال مان هي مراد هئي ته برطانيه هندوستان جي مسلمانن کي ثابت ڪري ڏيکاري ته انگريزن مسلمانن جي اميرالمؤمنين کي يورپ ۾ بچائي ورتو.

١٨٩٧ع ۾ يونان يورپ جي چرچ تي ترڪن سان جنگ ڪئي. ترڪي فوجن يونان جي ٿيسلي صوبه تي قبضو ڪيو مگر يورپ وچ پئي

غيرت خان

(آندل صفحي ٦٢ تان)

وردي خان جائزو ورتو ("مآثرالامرا"- جلد ١؛ ص- ٢١٠- ۽ ٻ سال ۽ ڪجهه ڏينهن کان پوءِ جڏهن درياءَ جي پاسي کان لال قلعي جي پٽ ڏهه گز وڏي چڪي هئي، هن کان ملامرشد شيرازيءَ عرف مڪرمت خان لظامت جو جائزو ورتو (مآثرالامرا- جلد ٢؛ ص- ٤٦٠، ٤٦٢).

(١٧) "بادشاهنامه" جلد ١؛ ص- ١٥٨.

(١٨) خافي خان- جلد ١؛ ص- ٤٤٢.

(١٩) "مآثرالامرا"- جلد ٢؛ ص- ٨٦٥.

(٢٠) اسٽوري ٥٦٣- ريو، جلد ١؛ ص- ٢٥٧ "مآثر- جهانگيري" جي ديباچي جي حوالي سان.

(٢١) "باد شاهه نامه" جلد ٢؛ ص- ١٦٨.

(٢٢) هن دور جي واقعن جون چند تاريخون، "باد شاهه نامه" جي روايت مطابق هن ريت آهن:

١٧ ربيع الثاني ١٠٤٨ تي شاهجهان آگري کان لاهور روانو ٿيو.

١٥ رجب ١٠٤٨، لاهور پهتو.

١ ذ يقعده ١٠٤٨ھ، لاهور کان ڪابل طرف روانو ٿيو.

٢٥ ربيع الثاني ١٠٤٩ھ ڪابل کان لاهور طرف موٽيو.

٢١ جمادي الثاني ١٠٤٩ھ، لاهور پهتو.

١٦ شعبان ١٠٤٩ھ، غيرت خان دهلي کان اچي لاهور ۾ حاضر ٿيو.

٢٥ شوال ١٠٤٩ھ، بادشاهه لاهور مان ڪشمير ڏانهن روانو ٿيو ۽ غيرت خان کي لاهور جو قلعدار مقرر ڪيائين.

(٢٣) "باد شاهه نامه" جلد ٢؛ ص- ١٧٩.

(٢٤) دولت خان مئي، جيڪو خواص خان جي نالي سان مشهور ٿيو (مئي شعبه ايست از طوائف بهٽي ڪه در صوبه پنجاب مير سر زميداري و قطاع الطريقي مي گزرانند) پهريائين شيخ مرتضيٰ خان فريد بخاريءَ جو "رومال بردار" هو ۽ هميشه شيخ سان گڏ حضور ۾ ويندو هو. "مآثرالامرا" جي مصنف جي چوڻ موجب "چون سر آغاز بهار، حسن نظر فريبي داشت- حضور جنت مڪاني يعني حضرت جهانگير باد شاه ظل الله مئس "نگاه ڪرم" فرمائيندو هو ۽ شيخ جي وفات کان پوءِ انهيءَ ئي شاهي ڪرم جي نگاه ڪيس هميشه لاءِ پنهنجو بنايو؛ ۽ جڏهن اهڙيءَ طرح شهنشاه هند سان وابسته ٿي ويو، تڏهن "دولت خانيءَ" سان گڏو گڏ پنهنجي خصوصيات جي آڌار تي "خواص خان" به ٿي ويو. شاهجهان جي تخت نشينيءَ جي اٺين سال (محرم ١٠٤٥ھ)، خواص خان کي يوسف محمد خان تاشڪنديءَ جي تبادلي سبب ٺٽي جي صوبه داري ڏني ويئي. "مآثرالامرا" لکيو آهي ته: "... مدتها بحڪومت آن ديار گزرانيد". سندس حڪومت جي مدت جون تاريخون ڏنيون نه ويون آهن پر "باد شاهه نامه" مان ايتري معلوم ٿئي ٿو ته الڪل پنجن ورهين کان پوءِ سندس تبادلو عمل ۾ آيو ۽ غيرت خان اچي ڪانئس ٺٽي جي صوبه داري جي چارج ورتي ("مآثرالامرا" جلد ١؛ ص- ٢٤).

(٢٥) "بادشاهه نامه" جلد ٢؛ ص- ١٩٨.

(٢٦) خطي نسخو مڪتوبه ١٢٦٧ھ- ۽ ٻيو ڇپيل نسخو.

(٢٧) "لب تاريخ سنده" ڇاپو امرتسر ١٩٠٠ع- ٻيو ڇاپو، سنڌي ادبي بورڊ ١٩٥٩ع.

(٢٨) شجاعت خان شادي بيگ پسر جانش بهادر- شاهجهان جي تخت نشينيءَ جي چوڏهين سال شاهه قلي بيگ جي تبادلي سبب هن کي بکر جي حڪومت واسطي روانو ڪيو ويو، جنهن لاءِ ١٩ رمضان ١٠٥٠ھ تي حڪم جاري ٿيو ("باد شاهه نامه"- جلد ٢؛ ص- ٢٢٠). پوءِ جڏهن غيرت خان جي وفات جي خبر (١٠٥٠ھ) آئي، تڏهن هن کي ٺٽي تي مقرر ڪيو ويو ("مآثر الامرا"- جلد ٢؛ ص- ٢٦٢). هن جو پيءُ، جانش بهادر، ميرزا حڪيم جو ملازم هو. ميرزا جي وفات کان پوءِ، هو اڪبر جي اميرن ۾ داخل ٿيو. سنڌ جي فتح جي ڪشمڪش ۾ هو خانخانان سان گڏ هو- ١٠٠٩ھ ۾ وفات ڪيائين (مآثرالامرا- جلد ١؛ ص- ٥١١).

شاه قلي جڏهن شاد خان کي بکر جي چارج ڏئي، پاڻ صوبي ڪشمير جي نظامت سنڀالڻ لاءِ لاهور ڏانهن روانو ٿيو، تڏهن هن رستي ۾ حسن ابدال جي ويجهو وفات ڪئي. هيءَ خبر پهرين ذي الحج ١٠٥٠ھ تي شاهجهان جي گوش گذار ٿي، جنهن تي هن تربيت خان کي ڪشمير جو ناظم مقرر ڪري، اوڏانهن روانو ڪيو. (باد شاهه نامه جلد ٢؛ ص- ٢٢٥).

(٢٩) "باد شاهه نامه" جلد ٢؛ ص- ٢٢٥).

(٣٠) ميرزا عيسيٰ ترخان ثانيءَ جي احوال لاءِ ڏسو "حواشي مڪلي نامه" از راقم الحروف.

(٣١) پٿر جا ڪنارا ڀڳل آهن ۽ مٿينءَ سٽ جا ڪي لفظ به ڀڄي پيا آهن.

(٣٢) پٿر جي ڪاڄي وڃڻ ڪري هيءَ لفظ پڙهڻ ۾ ڪونه ٿو اچي. اندازي طور ان کي "گفت" ئي سمجهي سگهجي ٿو.

(٣٣) "مفتاح التواريخ"- بيل ص- ٢٤٥- پڻ.

The Oriental Biographical Dictionary, by T. W Beale Calcutta, 1881-P.S4.

ٽيسلي يونان کي ڏياريو. يورپ جي منافقانه سياسي چال ڪري مسلمانن جون دليون بيحد مايوس ٿي ويون.

(٢) ٻيو واقعو هو سر سيد احمدخان جي عليگڙهه تحريڪ. مسلمان ٻن گروهن ۾ ورهايل هوا پهرئين طبقي جي مرضي هئي ته مسلمان ٻار آخوندن وٽ فقط ديني تعليم وٺن، انگريزي ڪافرن جي زبان آهي ۽ ٻيو طبقو سر سيد احمد خان جي عليگڙهه تحريڪ جو حامي هو. ملن سر سيد احمد تي بي ديني جي فتوئن جي ليبل هڻيين هئي ۽ تعليم يافته طبقو جديد تعليم جي فائده ۾ - چنانچه منهنجي والد سڳوري مونکي آخوندن جي دائره کان ڪڍي سرڪاري اسڪول ۾ داخل ڪيو. مسلمان سياسي مايوسي کان علاوه ملن جي فتوائن ڪري حيران ۽ پريشان هوا، ٻئي طرف ١٨٨٥ع ۾ انڊين نيشنل ڪانگريس ڪري هندو ايتري قدر سجاڳ ٿي ويا هئا جو پنهنجن ٻارن کي سرڪاري اسڪول ۾ ڌڙا ڌڙ داخل ڪرڻ لڳا. مان جنهن ڪلاس ۾ هوس، تنهن ۾ پنجاه شاگرد هوا جن مان مسلمان فقط ٣ هوا. مسلمانن ۾ ترڪي جي ڪمزوري ڪري سياسي هيجان پيل هو ۽ عليگڙهه تحريڪ ڪري انتشار پيل هو. اهڙي هيجان خيز ۽ انتشار انگيز ماحول ۾ سکر جي ٻن خيرخواه ليڊرن، شيخ سليمان ويهين صدي جي شروعات ۾ سنڌ ۾ روزانه اخبار الحق جاري ڪئي - ١٩٠١ع ۾ سکر شهر جي آبادي ٣١٣١٦ هئي جنهن مان هندن جو تعداد ويهه هزار هو.

عيسائي مشنري پادري پوليس جي حفاظت هيٺ شهر جي چوسولن تي بيهي کليو کلايو عيسائيت جي تبليغ ڪندي اسلام ۽ باني اسلام عليه الصلوات والسلام تي حملا ڪندا هوا. ٻيو ٿيون فتنو مسلمانن لاءِ ناقابل برداشت هو مگر مسلمان بيوس هوا جو

شهر جو فوجدار هندو هو. اهڙي پرآشوب ماحول ۾ جڏهن ميونسپل جو صدر سکر جو عيسائي يورپي ڪليڪٽر هجي ۽ نائب صدر هندو ته پوءِ مسلمان هر حال ۾ بيوس هوا - ليڪن سکر شهر جي واپار تي ميمڻ واپارين جو گهڻي ڀاڱي قبضو هو. مثلاً سيٺ حاجي احمد، سيٺ جان محمد ۽ سيٺ حاجي محمد موسيٰ وٽ فريئر روڊ تي عاليشان شاپون هيون جن ۾ ولايتي مال ڪانسواءِ بمبئي مان ڇپيل سنڌي ۽ دينيات جا ڪتاب پڻ ملي سگهندا هوا. انهن شاپن تان فقط يورپين قيمتي مال خريد ڪندا هوا يا اميرانو طبقو - هندو واپارين وٽ هڪڙي به شاپ ڪانه هئي.

يورپين خريدارن جو ميمڻ شاپن تي ڏينهن جو ايترو هجوم لڳل هوندو هو جو ٽانگن جي ميڙ ڪري رستو روڪجي ويندو هو. اهي ميمڻ واپاري نهايت مخير هوا، هو جمع تي بي انداز دولت فقيرن ۽ محتاجن ۾ لٽائيندا هوا. ازانسواءِ مسلمانن ۾ اتحاد ۽ سياسي شعور پيدا ڪرڻ لاءِ سيٺ حاجي احمد فريئر روڊ تي پرنٽنگ پريس کولي روزانه اخبار آفتاب سنڌ ۾ جاري ڪري بلبل - سنڌ مرحوم شمس الدين بلبل کي ايڊيٽري جي واڳ حوالي ڪئي، جو وقت جو جيد عالم ۽ نظم ۽ نثر ۾ يدطوليٰ رکندڙ اديب هو. روزانه آفتاب جو بلاڪ به حضرت استاذي بلبل تيار ڪرايو هو. آفتاب ناليءَ جي پاسي ڪجهه جو وڻ ۽ هلال هو ۽ تاري بدران برطانيه جي بادشاه جو تاج هو. انهن شڪلين جو مقصد هن طرح هو ته ڪجهه جو وڻ ۽ هلال معنيٰ آفتاب اسلامي اخبار هئي ۽ برٽش تاج جي معنيٰ هئي ته اخبار انگريزن جي طرفدار ۽ وفادار هئي. بلبل جو قلم ۽ اخبار جي مزاحيه ۽ ظرافت ڪالم سڀ کان اڳ، پادرين جا ڀير ڀورا ڪري ڇڏيا. چند ستون

ملاحظه فرمايو :-

”ڪالهه مارڪيٽ جي چوسول تي سفيد جبو پاتل شيطان ابن شيطان کي وعظ ڪندي ڏٺم جنهن جي ڇيله سان صليب پڌل هو - افسوس! مون وٽ دمشق جي خمدار تلوار ڪانه هئي، جو هنجي سي هڪ ڌڪ سان ڪِبر جي سسي وانگي ڌڙ کان ڌار ڪري ايوبي سنت کي تازو ڪيان ها“

عيسائي پادرين لاءِ آفتاب ويل ٻاري ڏنو. اجا ٻه هفتا اخبار کي شايع ٿيندي مس گذريا ته مسلمان وعظ ڪندڙ پادري کي ڪليو ڪلايو گاريون ڏيڻ لڳا. ڪن مسلمانن کي فوجدار هرداس مل فوجداري تي گهرائي دڙڪا ڏيئي ڇڏڻ لڳو. بلبل - سنڌ کي خبر پئي ته ڪالم ۾ فوجدار جي اهڙي لاڪر لاٿائين جو ٻاهر نڪرندو هو ته پوليس وارو ساڻ ڪڻندو هو. ملاحظه فرمايو بلبل جا ٻول:-

”مسلمانو! ٻارن کي اسڪولن ۾ پڙهايو. تو هانکي خبر هجي ته تعليم پرائڻ سان اوهانجا ٻار گورنر ۽ ڪمشنر بنجي ويندا. هڪڙو واڻيو گهوڙو ڏائو گڏه تي ڪوهرن جو ڪنو رکي ڪوهروڪڻندو هو. پٽ کي اسڪول ۾ داخل ڪيائين جو پڙهي فوجدار ٿيو پرسندس واڻڪي عادت جا ڪيس پٽائونڻ داس کان ورثي ۾ ملي هئي، سا ڇٽيءَ منجهي نه سگهي. سياڻن سچ چيو آهي:-

”گڏه گهوڙي نه ٿئي جي سون وجهينس سنج
توڙي ٻانيون وجهنس پنج، ته به ڀوڙيو وڃي گونهه تي.“

راقم الحروف ۽ بلبل

آچر ڏينهن اخبار بند رهندي هئي. مان هر ڇنڇر تي جڏهن اڌ ڏينهن موڪل ملندي هئي، آفتاب پريس ۾ ويندو هوس، ڇو ته پريس جي دفتر ۾ ايشيا يورپ ۽ بمبئي ڪاٽه جا نقشا لڳل هوا. مون لاءِ ڀريون دفعو هو، جو مون نقشا ڏٺا. نقشن تي ملڪن جا نالا اردو ۾ لکيل هوا. مان خانگي طرح اردو اپياس ڪندو هوس. تنهن ڪري آسانيءَ سان نقشن کي پڙهي سگهندو هوس. آفتاب اخبار اسلاميءَ ملڪن جون جيڪي خبرون ڏنل هونديون هيون انهن خبرن پٽاندر نقشن تي ڏسندو هوس. ڪڏهن منجهي پوندو هوس ته استاذي مرحوم وهاري اخبار کولي جاگرافيڪل ۽ تاريخي واقعات تي تبصرو ڪري منهنجي حوصله افزائي ڪندا هوا. هڪڙي ڏينهن مون ڪاغذ تي ڪين بمبي ڪاٽه جو نقشو ڪڍي ڏيکاريو. منهنجي هٿ جي صفائي ڏسي مونکي چوڻ لڳا ته ”پٽ رحيم! انشاءالله جيڪڏهن اهڙو ذوق شوق جاري رکندو آئين ته پڪ ڪنهن ڏينهن چمڪندين. اڳين استادن جو هي طريقو هو ته ڪنهن شاگرد جو جوهر ڏسندا هوا ته انکي ڪمال مروت جي نظر سان چمڪائڻ جي ڪوشش ڪندا هوا.

هن باڪمال بزرگ جي علمي صحبتن مان منهنجي دل ۾ پهريائين جاگرافي جو سلو اُڀريو جنهن جو ثمر تاريخ منهنجي دماغ ۽ ذهن کي اهڙو شيرين لڳو، جنهن جو اڄ نتيجو ڏسان ٿو. حضرت استاذي جيڪا پيشنگوئي فرمائي، سا سؤ ٽڪا صحيح ثابت ٿي.

آفتاب اخبار ٿورو وقت جاري رهي ليڪن ادبي نقطه نظر سان هن جيڪو ڀارت ادا ڪيو ۽ مسلمانن ۾ جيڪو عملي ۽ سياسي شعور پيدا ڪيو، اهو يادگار رهندو.

بلبل - سنڌ سر سيد احمد خان تحريڪ جو حامي هو. سندن معرڪ انگيز قلم عيسائي پادرين جي پوٽ کي لغام ڏنو. مسلمان پنهنجي ٻارن کي اسڪولن ۾ داخل ڪرڻ لڳا. هي چند ستون بطور عقيدتمنديءَ جي جناب حافظ محمد احسن جي چوڻ تي ديوان بلبل جي جديد ايڊيشن لاءِ لکيون اٿم.

حضرت بلبل - سنڌ جي سوانح کي لکڻ وقت ان دؤر جي ماحول کي به پيش ڪرڻ ضروري امر آهي. مصنف کي اهو لوٽ ڪرڻ گهرجي.

ذهني پس منظر ۾ سنڌي ادب جو جائزو

(از:- امان الله خليق مهيسر)

خارج ۽ داخل اهي ٻئي هڪٻئي جون مقابل حقيقتون آهن. خارج مان منهنجو مطلب مادي حقائق ۽ خارجي واقعات آهن ۽ داخل مان منهنجو مطلب آهي اها ذهني قوت جيڪا مادي حالات جي درميان مقصدي ترتيب پيدا ڪري هڪ تمثيلي ڪائنات جي تخليق ڪندي آهي. اها داخلي قوت خارجي انعڪاسات کي انهيءَ رنگ ۾ ترتيب ڏيندي آهي جنهن ۾ فرد يا جماعت جي شخصيت جو تعميري راز به مضمر هوندو آهي. داخلي قوت جي سامهون ٻه دائره عمل آهن. هڪ خالصتہ مادي ٻيو خالصتہ سماجي ۽ معاشرتي. جيستائين جو خالصتا مادي حقائق جو تعلق آهي ان ۾ ته حتي الامڪان داخلي قوت پنهنجي خودداري ۽ پنهنجي شخصي فوقيت جي اڀرڻ کي وڌيڪ ترجيح ڏيندي آهي. اهو وڏيڪ بدنصيب انسان آهي جيڪو خالصتا مادي حقائق کي پنهنجي شخصي ضمير جي معيار سان نہ پرکي بلڪ اتي به نقالي ۽ پرمتڙائپ جو خواهشمند رهي، البتہ سماجي ۽ معاشرتي حقائق ۾ نقالي ٿي سگهي ٿي پر اها به بقدر ضرورت مگر تنهن هوندي به حد کان متجاوز نقالي تعمير ۽ اصلاح جي خيال کان انهيءَ ۾ به افسوسناڪ آهي. داخلي قوت انفرادي رنگ ۾ توڙي اجتماعي انداز ۾، ٻنهي صورتن ۾ پنهنجي شخصي استعلاء جو غرض ضرور سامهون رکندي آهي. اها انسان جي داخل جي فطري ۽ پيدائشي صلاحيت آهي جو ٻئي جي مقابلہ ۾ پنهنجي بلندي ۽ مٿاهپ جي پاسي کي وڌيڪ ترجيح ڏيندو آهي. اٿين به ڪڏهن ٿيندو آهي جو اها صلاحيت جيڪا بلنديءَ ۽ مٿاهپ جون واٽون تلاش ڪندي آهي، مورڳوئي ختم ٿي ويندي آهي جنهن ڪري نقاليءَ ۽ پرمتڙائپ کان سواءِ ٻيو ڪورستوئي نہ رهندو آهي. ذهن جي داخلي قوت جيڪڏهن نقاليءَ جي مرض ۾ گرفتار ٿيندي آهي تہ پوءِ ان مان تخيل جا سمورا حوصلا گم ٿي ويندا آهن ۽ سڀئي داخلي قوتون مرده ٿي وينديون آهن ۽ جنهن فرد يا جماعت جي داخلي قوتن ۾ خودداري ۽ پاڻهپي جو ماده هوندو آهي، اهو ڪڏهن بہ نہ چاهيندو تہ ڪو سندس ذهني طاقتون ۽ داخلي قوتون نقاليءَ ۽ پرمتڙائپ جي خطرناڪ مرض ۾ گرفتار ٿين، جيڪو سندس شخصي تعمير ۽ انفرادي اصلاح کان بلڪل بيگانہ ڪري ڇڏيندو آهي، بعض افراد ۽ اقوام اوهانکي اهڙيون بہ ملي سگهنديون جن جي داخلي قوتن تي اهڙن غلط نظريات ۽ بي بنياد بلڪ وهمي خيالات جو ڏاڪو ڄميل هوندو آهي جيڪي ڪين ذهن جي سمورين تخيلاتي طاقتن کان بلڪل محروم ڪري ڇڏيندا آهن جنهن جي ڪري نقاليءَ ۽ ذهني غلاميءَ تي اهي اقوام ۽ افراد مجبور ٿي پوندا آهن مگر اهي افراد ۽ اقوام جن جون داخلي قوتون بيدار ۽ بلند پرواز هونديون آهن جو مطمح نظر هي رهندو آهي تہ حتي الامڪان اسانجون ئي داخلي قوتون ٻين افراد ۽ اقوام جي مٿان حڪمران هجن. هيءَ بہ سمجهڻ جوڳي ڳالهہ آهي تہ اهي افراد ۽ اقوام جن جون داخلي قوتون سجاڳ ۽ بلند پرواز آهن انهن ۾ پنهنجي پيشوائي ۽ ٻين کي پنهنجي غلام ۽ نقال بڻائڻ جو تخيل ڪيئن پيدا ٿيندو آهي؟ اصل حقيقت هي آهي تہ جنهن جي داخلي قوتن ۽ ذهني طاقتن ۾ خودداري ۽ منجهس استعلاء جو جذبہ بيدار هوندو آهي، انهيءَ ۾ قدرتي طرح آزادي جو تصور بہ پيدا ٿي پوندو آهي جنهن جو مطلب هي آهي تہ هو نقاليءَ ۽ غلاميءَ جي سڀني زنجيرن کان آزاد ٿي پوندو آهي ۽ فطري طرح انهيءَ جو هي نقطہ نظر ٿي ويندو آهي تہ سندس تخيل کي ئي ٻين جي اڳ ۽ سرپرستي حاصل هجي. اهڙا ذهن ۽ اهڙيون داخلي قوتون حتي المقدور پنهنجي جستجو ۽ تحقيق ۾ نج حقائق کي پيش ڪرڻ جي لاءِ پوري قوت حيات خرچ ڪنديون آهن. اهڙي ذهن ۽ داخل جي سامهون ڪڏهن بہ رديءَ ۽ خسيس خيالات گذر نہ ڪري سگهندا آهن. ڪوبہ بلند پرواز ذهن مسموعات ۽ مرئيات کان هزارين دفعا مٿي ٿي پنهنجي خانہ زاد تخيل ۽ وجدان جي پيروي ڪرڻ کان سواءِ ڪا ٻي واٽ ئي نہ نهاريندو آهي. اهو ئي سبب آهي تہ اهي تاريخي ذهن جن ملڪي يا عالمي سماج کي پنهنجن پيرن ۾ ڪرڻ تي مجبور ڪيو بلڪل ڏٺ پٽ کي ڇنيءَ پاڙ ون اڇلائي محض پنهنجي تخيل ۽ وجدان جي پيروي ڪئي. دنيا ڪائناتي نظريات ۾ آئن سٽائين ۽ ارتقائي نظريات ۾ ڊارون ۽ ارتقا ۽ سماج جي امتزاجي نظريات ۾ ڪارل مارڪس کي مڃي ٿي. ان جي اصل وجہ هي آهي تہ هنن جي داخلي قوتن ۾ نقاليءَ ۽ غلاميءَ جي بوءِ مندي ون ئي مفقود هئي. هيءَ تہ واقعاتي ۽ تاريخي حقيقت آهي تہ بہ نسبت ٻين ملڪن جي جرمني اُچن ذهن جي پيدا ڪرڻ ۾ وڌيڪ ڪامياب رهي آهي. انجو اهوئي سبب آهي تہ جڏهن ڪنهن بہ قوم يا فرد ۾ هڪ دفعہ آزادي جي لهر هلي پوندي آهي تہ پوءِ سندس آئنده نسل بہ اچي معيار جو ذهن ڪڍي ايندو آهي. جرمني هڪ دفعہ آزاد ۽ بلند پرواز ٿيڻ کان پوءِ اگرچہ عالمي ماحول جي زنجيرن ۾ مقيد ۽ محبوس ٿي ٻئي مگر تنهن هوندي بہ سندس تخيل ۽ داخلي قوتن جي عمومي پرواز ۾ ڪا ڪوتاهي ڪونہ پيدا ٿي سگهي. اگرچہ ان ۾ بہ همہ گير ۽ جامع تخيل جو سلسلہ ڪونہ پيدا ٿي سگهيو هيو تنهن هوندي بہ هن تاريخ عالم جي اسٽيج تي هڪ بي نظير ۽ لافاني ڪردار ادا ڪري ڏيکاريو، ڇوتہ هوءَ پاڻ کي نقالي ۽ غلامي جي موذي مرض کان ڪافي حد تائين نجات ڏيارڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي هئي. ذهن جو استعلائي جذبہ فرد کي انفرادي ۽ جماعت کي اجتماعي تعمير جو رنگ بخشڻ جو خواهشمند هوندو آهي ان جو مطلب هي آهي تہ فرد کي يا قوم کي پنهنجي ئي فڪرونظر، تخيل ۽ وجدان تي ناز هجڻ گهرجي ۽ هن کي پيروي بہ پنهنجي خانہ زاد فڪرونظر جي ڪرڻ گهرجي. جزوي طرح انهيءَ معيار جا ملڪ دنيا ۾ مونکي بہ ٿي نظر اچي رهيا آهن. امريڪا ۽ روس. باقي دنيا جا ٻيا ملڪ يا تہ روس جا نقال ۽ غلام آهن يا وري امريڪا جا پانها. حقيقت ۾ هڪ آزاد انسان جي ذهن کي سماجي ۽ معاشرتي نقاليءَ کان ايترو پري هجڻ کپي جيترو مشرق مغرب کان پري آهي. ڪنهن ٻئي جي پيش ڪيل مادي حقيقت يا ڪو سماجي نظريو جيستائين سانڍڻ نہ گهرجي جيستائين جو پنهنجو استدلالي ذهن [illegible]

جي ڪڙي فطري حقائق جي زنجير جي ڪڙيءَ سان نہ ملائي سگهي. انهيءَ وقت ۾ جيڪڏهن پنهنجو استدلالي ذهن ٻئي جي پيش ڪيل راءِ سان متفق ٿي ويو تہ گويا انهيءَ پنهنجي ئي خانہ زاد دريافت کي هڪ حقيقت قرار ڏنو. انهيءَ وقت ۾ هو نقال ۽ غلام نہ ٿو چئي سگهجي ڇو تہ هن پنهنجي ئي ذاتي اطمينان ۽ تسڪيءَ جي پيروي تي اڪتفا ڪئي آهي. انهيءَ قسم جي آزاد ذهن ۾ هڪ جرئت آفرين تسلسل پيدا ٿي پوندو آهي جيڪو عمر جي لحاظ کان ابدي ۽ وسعت جي لحاظ کان بي ڪنار هوندو آهي جنهن کان فرد بہ بهرهور ٿي سگهي ٿو ۽ قوم و سماج بہ. تاريخ شاهد آهي تہ انهيءَ قوم ڪڏهن بہ دنيا جي نظري يا عملي قيادت نہ ڪئي آهي جنهن ۾ اعتماد نہ آهي ۽ خود داري نہ آهي. اڄ دنيا جي نظري قيادت يورپ جي هٿ ۾ آهي، انهيءَ ڪري جيڪي بہ زندگي جي مختلف پاسن بابت اتي نظريات تيار ٿيندا آهن انهن جي ئي آڏو دنيا سر جهڪائي ٿي. اقتصادي نظريات، تمدني ۽ سماجي خيالات، تهذيبي ۽ ثقافتي تصورات غرض تہ جيڪي بہ يورپ ۾ هڪ حقيقت تسليم ڪئي ويندي تہ اها ئي دنيا جي لاءِ ڪعبہ قبلہ بلڪ مسجود ڪل بڻجي ويندي توڻي جو واقعہ ۽ فطرت انهي خلاف ئي ڇو نہ هجي. دنيا جا نقال ۽ غلام ذهن هي پاسو ڪڏهن بہ نہ سوچيندا تہ انهيءَ ڳالهہ جي بنيان بہ ڪا صداقت ۽ واقعيت آهي يا نہ؟ مگر هڪ خود دار فرد يا قوم هن ريت سوچڻ جي شروعات ڪندي تہ حقائق ۽ واقعات تان ظلمت جا پردا ڦاڙيندڙ سچ جو اسانجو مقابل اڏهان جي افق تان اڀري سگهي ٿو. اهو سچ اسان جي بہ افق تان اڀري حقائق ۽ واقعات تي پيل پردن کي چاڪ ڪري سگهي ٿو.

مقصد حيات

هي تہ هڪ اٽل طبعي ۽ قدرتي حقيقت آهي تہ ذهن جي ڪابہ حرڪت، ننڍي هجي يا وڏي، ڪو نہ ڪو پنهنجي پنيان پس منظر رکندي آهي، يعني جيڪڏهن ذهن ڪابہ حرڪت ڪندو آهي تہ ڀريائين پنهنجي مقابل ۽ سامهون واري مادي حقيقت تي نظر ضرور رکندو آهي. اها سامهون واري مقابل حقيقت جنهن کي ذهني حرڪت جو پس منظر بہ چئي سگهجي ٿو، اها دراصل ذهن جو پنهنجو ذاتي مفاد ۽ مقصد هوندو آهي جنهن کان سواءِ ذهن ڪابہ حرڪت نہ ٿو ڪري سگهي. ڪي اهڙيون بہ ذهني حرڪات آهن جن جي مقصدي اونهائي تائين عقل ۽ شعور نہ ٿو پهچي سگهي، مگر اهي حرڪات بہ گهڙي ويچار کان بعد بلڪل مقصدي ۽ معني دار نظر ايندي آهن. هن ڪري انهن جي پويان عقل ۽ شعور جي نہ پر وجدان جي مقصدي حرڪت سرگرم عمل هوندي آهي، جنهن کي بي مقصد ۽ بي معنيٰ جو خطاب نہ ٿو ڏئي سگهجي. هڪ ڪم کي اوهان اجايو ۽ بيڪار چئو ٿا جنهن جي لازمي معني بي مقصد هجڻ آهي، مگر انهيءَ کي بہ ڪو نہ ڪو پس منظر ۽ مقصد ضرور هوندو آهي پر اهو ڪم جيئن جو زندگي جي اجتماعي مشين جي پرزه بڻجڻ جي صلاحيت کان خالي هوندو آهي، ان ڪري اهو بيڪار سڏيو ويندو آهي نہ تہ اهو بہ بجاءِ خود انفرادي رنگ ۾ هڪ اهم مقصد جو حامل هوندو آهي.

هيءَ تہ هڪ پڪي حقيقت آهي تہ ذهن جي ڪابہ حرڪت، ڪوبہ عمل ڪنهن بہ مقصدي جوهر کان خالي نہ هوندو آهي. البتہ پڻ شين جي پيٽ ۾ انهي مقصد کي رذيل مقصد چئي انهيءَ کي بيڪار چئي سگهجي ٿو. اهي بہ شيون هي آهن، هڪ تہ ڪندڙ جو ڪم پنهنجي ذات جي ڪلي مفاد جي پيٽ ۾ بلڪل نهڪندڙ هجي نہ تہ انهيءَ کي بيڪار ۽ نتيجتا بي مقصد سڏيو ويندو، توڻي جو انفرادي رنگ ۾ ڪيڏي بہ وڏي مقصدجو حامل هجي تنهن هوندي بہ الڪي ڪا وقعت نہ ڏني ويندي. جيئن تہ عشق ۽ رومان ۾ استغراق بجاءِ خود تسڪين جنسيت جي مقصد جو حامل آهي مگر ڪندڙ جي ذاتي اعمال جي جي ڪل ۾ هڪ جزو جي حيثيت ۾ شريڪ ٿيڻ ۽ نهڪي اچڻ جي منجهس صلاحيت ئي نہ آهي- ان ڪري انهيءَ کي بلڪل اجايو ۽ بي مقصد چئي سگهجي ٿو. ٻيندو تہ ائين آهي تہ شخصي مفاد جي ڪل سان پيچيندڙ مقصد، اجتماعي مفاد ۽ مقصد جي خلاف نہ هوندو آهي پر ڪڏهن ائين بہ ٿيندو آهي جو اهو مقصد شخص جي ڪلي مفاد جي پيٽ ۾ تہ شاندار هوندو آهي مگر اجتماعي مفاد جي موافق نہ هوندو آهي، ان ڪري اهو قابل ترڪ و نفرين هوندو آهي. جيئن ادب ۾ موجود مزاح نگاري جنهن ۾ اجتماع جي مقصدي ڊانچي جي جزء بڻجڻ جي ڪا معتبر صلاحيت نہ آهي هن ڪري ان جي پيچائڻ سان اجتماع ۽ سماج جي مقصد ۾ ڪو خاطر خواه اضافہ ڪو نہ ٿو پيدا ٿئي. بعينہ ائين جيئن مڪمل طرح ضرورت کي پوري ڪندڙ سادي سودي ۽ حقيقي معني رکندڙ عبارت جي بجاءِ تشبيہ ۽ استعاره سان پرپور عبارت ڪم آندي وڃي جتي تشبيہ ۽ اشتعاره ڪوئي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جي سهولت ۾ اضافہ ڪو نہ ٿو ڪري. الٽو هڪ بيجا تڪليف ۽ بوجهہ ٿو بڻجي پوي ڇو تہ انسان جو داخل ۽ ذهن خالص مقصدي واقع ٿيل آهي ان ڪري اهو عمل جيڪو ضرورت کان وڌيڪ آهي اهو ڪنهن ڪم جو نہ آهي هن ڪري جو نہ ان جي مقابلہ ۾ ڪائي ضرورت نہ آهي ۽ جنهن ڪري هن کي بي مقصد قرار ڏئي ٿو سگهجي، مگر انسان جو ذهن ۽ داخلي قوتون ڪڏهن بہ ڪا غير مقصدي چرپر نہ ڪنديون آهن- يعني ذهن جي سامهون مقصد ضرور هوندو آهي مگر شخص جي ڪلي مفاد يا سماج جي اجتماعي مفاد جي پيٽ ۾ هو غير مقصدي قرار ڏنو وڃي تہ ٿي سگهي ٿو تہ ذهن جي ڪابہ حرڪت ڪنهن بہ مقصد کان خالي نہ هوندي آهي. هينئر هي مطالعہ ڪرڻو آهي تہ مقصد ڪهڙو بهتر آهي؟ ڇا اهو جيڪو بجاءِ خود انفرادي رنگ ۾ جنهن جو شخص جي ڪلي مفاد يا سماج جي اجتماعي مفاد سان ڪو واسطو ئي نہ آهي يا اهو مقصد جنهن جو شخص جي ڪلي مفاد يا سماج جي اجتماعي مفاد سان واسطو بہ هجي ۽ ڪلي مفاد ۽ اجتماعي مفاد جي مشين ۾ ضرورت واري خالي جڳہ ڪي پرڻ لاءِ هڪ پرزه جو بہ ڪم ڏئي ۽ ظاهر آهي تہ انسان جي سماجي فطرت کي پيش نظر رکندي ائين چئي سگهجي ٿو تہ اهو مقصد اهوئي بهتر آهي جيڪو شخص جي ڪلي مفاد ۽ اجتماعي مفاد جي ڪنهن نہ ڪنهن ضرورت کي پوري ڪرڻ جي صلاحيت جو حامل هجي. جيڪڏهن ائين نہ آهي تہ پوءِ اهو مقصد بلڪل بيڪار آهي توڻي جو منفرد رنگ ۾ منجهس ڪيڏي ئي وڏي جوهريت سمايل هجي. موجوده سنڌي ادب جي بہ بعينہ اهائي نوعيت آهي جو نہ هن ۾ شخص جي ڪلي مفاد جي پيٽ ۾ پيچڻ جي صلاحيت آهي نہ ڪو سماج جي اجتماعي مقصد سان ئي منجهس مطابق ٿيڻ جي صلاحيت آهي. جيستائين جو فطرت نگاري ۽ واقعہ نگاري جو تعلق آهي اها تہ سنڌي ادب ۾ بلڪل مفقود آهي جنهن جي تلافي ڪڏهن ويجهو تہ ڪو نہ ٿي ٿي سگهي البتہ مستقبل جا تجربا چڱو

منظر عطا ڪري سگهن ٿا ۽ اهو به منهن ڏسي منائي گهربي آهي.

زبان آلہ الڪلام

هن مادي جسم جا جيترا به عضوا انسان کي قدرت جي طرفان عطا ٿيل آهن، انهن مان وڏيڪ اهميت زبان کي آهي. هن ڪري جو شخصيت جيڪڏهن ارتقاء ڪري ٿي ته به انهيءَ جي ئي ذريعي ڪري ٿي. هڪ گونگي جي ذهن ۽ دماغ ۾ ڪيڏو نه لافاني جوهر هجي تنهن هوندي به هو بيڪار آهي. اهو صرف هن ڪري جو انهيءَ جوهر شخصيت جي تعمير ۽ ارتقاء ۾ ذره برابر حصو نه وٺي سگهيو نه ڪي هن حقائق عالم ۽ واقعات ڪائنات کي واضح ڪرڻ جو ئي ڪم ڏئي سگهيو. هڪ گونگي ۽ زبان وڍيل انسان جي ذهن ۾ ڪيڏا نه انعڪاسات وارد ٿيندا هجن، مگر فقط زبان جي نه هئڻ سبب ۽ نتيجه جي لحاظ کان بلڪل بي معنيٰ ۽ بيڪار آهن، ڇو جو انهن حقائق عالم تان پيل پرده کي چاڪ ڪري نه سگهيو. نه ڪو شخصيت جي تعمير ۽ ارتقاء جو ئي ڪم ڏئي سگهيو. انهيءَ ڪري پين جمله اعضاء کان زبان کي وڏي اهميت حاصل آهي. حقيقت هي آهي ته زبان جي اهميت جو راز هن ۾ مضمر آهي ته هوءَ هڪڙي وڏي ڪم کي سرانجام ڏئي ٿي- يعني داخلي مقاصد ۽ ذهني تقاضائن کي واضح ڪري ٿي. ظاهر آهي ته ذهن جيڪي ڪجھ خارج مان پرائي ٿو ۽ انهيءَ پرايل مواد کي جيڪي ڪجھ ترتيب ڏئي ٿو اهو ذهن جو پنهنجو مقصد بڻجي پوندو آهي. هينئر انهيءَ جي اظهار لاءِ زبان کي ئي استعمال ڪندو آهي. هي به هڪ حقيقت آهي ته خارج (جنهن ۾ مادي حالات ۽ سماجي واقعات به اچي وڃن ٿا) ۽ ذهن جي درميان ڪا منافات نه آهي بلڪ اهي ٻئي هڪٻئي جا حامي ۽ مددگار آهن انهيءَ ڪري زبان کي ڪو حق نه آهي جو ذهني ۽ خارجي حقائق جي خلاف ترجماني ڪري. هن ڪائنات جي اسٽيج تي به ٻئي اداڪار آهن، ذهن ۽ خارج. سماج ۽ ماده ۾ به جيڪڏهن ڪو انقلاب اچي ٿو ته اهو به ذهني ۽ خارجي حقائق جي بنا تي نه ڪنهن ٻيءَ شئي جي ڪري. زبان کي گهرجي ته ذهن ۽ ماده جي مابيني مصالحتي واقعات ۽ باهمي طي شده حقائق جي ترجماني ڪري. جيتري قدر زبان انهيءَ رنگ ۾ رنگيل هوندي اوترو ئي عمل ارتقاء و تعمير جي قريب هوندي ۽ جيترو انهيءَ رنگ کان پري هوندي اوترو ئي عمل ارتقا و تعمير کان به پري هوندي ڇو ته ارتقا و تعمير واقعات ۽ حقائق ۾ ٿيندو آهي نه ترڇي ۽ معروضي نقطه نظر ۾. انهيءَ ڪري زبان کي ابدي صداقتن ۽ سچ واقعيتن جو ترجمان هجڻ گهرجي جنهن جي ڪري ڪنهن فرد يا قوم کي ارتقاء جون واٽون کليون پونديون آهن. تاريخي نقطه نگاه کان هي سمجهي سگهجي ٿو ته جنهن قوم جي زبان ۽ فطرت جي درميان تطابق پيدا نه ٿي سگهيو انهيءَ کي تاريخ جي اسٽيج تي اداڪار جي حيثيت ۾ بلڪل جگهه ڪونه ڏني وئي. ڪيترين ئي قومون اهڙيون ڪي نظر اينديون جن جي قوميت کي يا ته جغرافيائي حدود پيدا ڪيو آهي يا ڪنهن غير سماجي نظريه ۾ جيڪڏهن اهڙي قسم جي ڪا قوم صفحئه تاريخ تان مٽجي ٿي وڃي ته آئنده نسل انهيءَ قوم جو نالو انهيءَ ڪري ڪونه وٺندو ته ڪو هن به تاريخ جي اسٽيج تي هڪ لافاني ڪردار ادا ڪيو آهي، بلڪ آئنده نسل انهيءَ قوم جو نالو هن حيثيت سان ياد ڪندو ته اها قوم به ڪنهن وقت تاريخ جي اک ۾ ڪنڊو هئي ۽ سماج جي جسم تي هڪ پوانتوقنت هئي. ٻهريالين ٻهريالين ارتقا طلب قوم يا فرد جي لاءِ ذهني معيار جي اچائي ضروري آهي ٻئي نمبر ۾ مقصد حيات جي بلندي به ضروري آهي ۽ ٽئين نمبر ۾ انهيءَ مقصد حيات جي اصلي ۽ ذهني منظر کي زبان جي ذريعي چٽڻ به تمام ضروري آهي. ڪنهن انسان جو تخيل ڪيڏو به اوچو هجي ۽ مقصد حيات ڪيڏو به بلند هجي، بهر حال زبان ۾ جيڪڏهن انهيءَ منظر کي چٽڻ جي صلاحيت نه آهي ته اهو بلحاظ نتيجه بلڪل بيڪار آهي. باقي رهي اها ڳالهه ته زبان ۾ انهيءَ منظر کي چٽڻ جي صلاحيت ڪيئن پيدا ٿئي، انهيءَ جو مختصر تذڪره هي آهي ته جيڪو غلاميءَ ۽ نقاليءَ جي زنجيرن کان پاڻ کي آزاد ۽ خود دار ڪندو ۽ غلط نقطهء نگاه کان پاڻ کي نجات ڏياريندو ۽ تمدني ۽ سماجي حالات کي پنهنجي فڪر ۽ نظر تي قابض ٿيڻ نه ڏيندو ۽ هر ڳالهه کي واقعاتي حيثيت سان سوچيندو ۽ اهو شخص فطرت، ذهن ۽ فطرت ۽ ذهن جي امتزاجي حقائق جو مڪمل طرح ۽ پوري حسن ۽ خوبيءَ سان منظر چٽي سگهي ٿو.

ادب ۽ سنڌس مقام

حقيقت هي آهي ته هن دور ۾ ساري حقائق ۽ سماجي واقعات ۽ انهن پنهنجي حالات ۾ اهو بي پناهه اضافو ٿي چڪو آهي جو انهن جي آڏو الفاظ ۽ لغت جو دائره بلڪل تنگ ٿي ويو آهي. انهن نئين نئين واقعات ۽ ايجادات جي لاءِ جدا جدا الفاظ تلاش ڪرڻ بلڪل مشڪل بلڪ محال ٿي پيو آهي. ان ڪري جيڪي قديم يا موجوده الفاظ آهن انهن جي اطلاقات جو دائره وسيع ڪري حقائق ۽ واقعات جي ترجماني ڪرڻ تي مجبور ٿي ٿو پئجي. هن وقت ته حالت هن نوبت تائين اچي پهتي آهي ته ڪنهن به ذهني ۽ مادي حقيقت کي بيان ڪرڻ لاءِ جيستائين جو استعاره ۽ مجاز استعمال نه ٿا ڪيون تيستائين انهيءَ جي ترجماني ۽ وضاحت ئي نه ٿي پيش ڪري سگهجي. هن وقت الفاظ ۽ لغت جو هي عالم آهي جو سؤ تي پنجهتر دفعا مجاز تو استعمال ڪيو وڃي ۽ حقيقت صرف سؤ تي پنجويهه دفعا تي استعمال ڪئي وڃي. اها به محتاط راءِ پيش ڪئي اٿم نه ته انهيءَ انداز کان به گهٽو گهٽ ٿي ڪم آندي وڃي. ڏيڍ هزار سال ٻه هزار سال اڳي جو جيڪڏهن قديم ادب تو ڏسجي ته انهيءَ ۾ نوي فيصدي حقيقت استعمال ڪئي وئي آهي ۽ مجاز صرف ڏهه فيصدي ڪم آندو ويو آهي. انهيءَ جو اهو سبب هرگز نه آهي ته انهيءَ وقت جي اصل ادب ۾ فني شعور ڪونه هيو بلڪ حقيقت هي آهي ته انهيءَ وقت فني ۽ عملي پيچيدگيون ۽ تجرباتي حقائق ايتري قدر وجود ۾ ڪونه اچي چڪيون هيون جو انهن جي ڪري لغت ۽ اطلاق ۾ مجاز ۽ استعاره پيش ڪرڻ جي ضرورت کي منهن ڏيڻو پوي ها. جيڪڏهن ائين چئجي ته انهيءَ وقت جي ماڻهن ۾ فني شعور ڪونه هيو ته اهو بلڪل خلاف توقع آهي. واقعه هن ريت آهي ته انهيءَ وقت انهن ڳالهين جو فني شعور ته هيو جنهن جو ثبوت انهيءَ دور جي شاعري ادب ۾ ملي سگهي ٿو مگر انهيءَ فن کي يعني مجازي ۽ استعارتي ڪلام کي پيش ڪرڻ جي ضرورت ڪونه هئي. هو جيڪڏهن مجاز ۽ استعاره استعمال ڪندا هئا ته صرف تفنن طبع خاطر يا ڪنهن جي حسن ۽ قبح ۾ مبالغه پيدا ڪرڻ لاءِ. انهي جو مثال ائين ليکيو ويندو جيئن هڪڙو ماڻهو جوئر جي ماني صرف وقت خاطر کائي ٿو مگر ٻيو ڪنهن بيماريءَ جي ضرورت ڪري ٿو کائي. انهن ٻنهي جي وچ ۾ زمين

آسمان جو فرق آهي. اڄين سماجن ۾ ايڏي پيچيدگي ڪونه هئي جيڏي جو هينئر آهي، انهيءَ ڪري اڄين ڪي زبان ۽ ادب ۾ ايڏو احتياط ۽ تڪلف ڪونه ٿي ڪرڻو پيو جيڏو هينئر ڪرڻو ٿو پوي. اڄ جيڪڏهن ڪا غلط ڳالهه ادب ۾ پيش ڪئي ويندي ته فورائي غلط ثابت ٿي سگهي ٿي مگر اڳي اهو عالم نه هيو. جيڪڏهن ڪا غلط ڳالهه نظريه جي صورت وٺندي هئي ۽ ادب جي لباس فاخره ۾ پيش ڪئي ويندي هئي ته اها ڳالهه هزارين ورهيه عمر حاصل ڪري سگهندي هئي، جيئن يونانين جو هي نظريه ته سج زمين جي چوڌاري ڦري ٿو هزارن سالن کان بعد غلط ثابت ٿيو جڏهن جو تجرباتي سائنس ترقي ڪئي. پراڻي زماني ۾ اهل ادب کي ايڏي وسيع معلومات جي ضرورت ڪونه هوندي هئي جيڏي جو هن دور ۾ پيش اچي ٿي. هن دور جو اديب جيترو پنهنجي معلومات ۾ اضافو ڪندو اوترو ئي پنهنجي لغت ۽ اطلاق ۾ وسعت پيدا ڪري حقائق جي ترجماني ڪري سگهندو نه ته بس. پر انهيءَ سان گڏ هي به ياد رکڻ گهرجي ته ادب کي سماج ۽ معاشرت جي متحڪمانه اثرات کان بلڪل آزاد ڪيو وڃي نه ته بي صورت ۾ ادب ڪي سماجي حالات جو غلام ٿي رهڻو پوندو حالانڪ ادب حقائق جو ترجمان آهي نه سماجي حالات جو غلام. جيتري قدر ادب کي سماجي حالات ۽ معاشرتي اثرات کان آزاد ڪيو ويندو اوترو ئي ادب ۾ انڪشاف ۽ تحقيق جو مواد گهڻو پيدا ٿيندو. انهيءَ مان منهنجو مطلب هي آهي ته سماج ۽ معاشرت ۾ جيڪي هلي چلي ۽ وهي واپري ٿو، ادب کي انهيءَ جو غلام نه بڻايو وڃي بلڪ ادب کي خالصتہ فطرت ۽ قدرت جو ترجمان بڻايو وڃي. هي ياد رکڻ گهرجي ته مقصد خارجي ۽ مادي حالات ۾ نه هوندو آهي بلڪ مقصد ذهن ۽ داخل جي عمل جو پس منظر هوندو آهي، جنهن جي ڪري زبان ڪي تحرڪ ۾ اچڻو ٿو پوي. باقي رهي اها ڳالهه ته ذهن ۽ خارج جو پس منظر ڪهڙو هوندو آهي سو در اصل اهو پس منظر هن کان سواءِ پيو ڪو به نه آهي ته ذهن انسان جي عملي اعضاء جي حرڪت کي حقائق ۽ واقعات جو هم آهنگ ڪرڻ ٿو گهري. انهيءَ معنيٰ جي لحاظ کان زبان ۽ ادبي جدوجهد ڪي فطري مناظر ۽ نفس الامري واقعات جو مصور هئڻ گهرجي. ائين نه هجي جو فطرت جي تقاضا هڪڙي هجي ۽ زبان ۽ ذوق ادب جي جدوجهد جي تقاضا انهيءَ جي ابتڙ هجي. ادب کي لغت ۽ اطلاق جي دائره ۾ معقول ۽ مناسب وسعت ڏيڻ گهرجي جيئن حقائق ۽ ڪائنات جي مڪمل تفسير جو امڪان نڪري اچي. هيءَ هڪ فطري ۽ قدرتي حقيقت آهي ته انسان پنهنجي شخصي تعمير جي لاءِ ڪنهن نه ڪنهن نقطہ نظر ۽ زاويہ نگاه جي متعين ڪرڻ تي مجبور ضرور ٿي پوندو آهي، جنهن جي ماتحت هو زندگيءَ جي ساري حرڪت ۽ چرپر کي هڪ منظم ۽ مؤدب نمونہ عطا ڪندو آهي. جيڪڏهن زبان ۽ ادب ته به انهيءَ نقطہ نظر جي حمايت ۾ چور پيندو آهي ۽ جيڪڏهن قوت حيات ته به انهيءَ جي واضح ڪرڻ ۽ چمڪائڻ ۾ خرچ ڪندو آهي. هن وقت جيئن جو سنڌي ادب جي سامهون ڪو مستقبل نه آهي ۽ نه انهي ڪي ڪوئي نقطہ نظر ئي آهي جنهن جي چوڌاري هو پنهنجي گردش باقي رکي سگهي، ان ڪري اهل ادب جي زندگيءَ جون سموريون حرڪتون پريشان ۽ غير منظم آهن. اهوئي سبب آهي جو اڄ تائين سنڌي ادب ڪا قابل قدر تحقيقي صنيف به نه پيش ڪري سگهيو آهي. هاڻي ته سنڌي ادب جي رڳ رڳ ۾ نقالي ۽ غلامي جو خون پرجي چڪو آهي انهيءَ ڪري منجهس اها اميد ئي نٿي رکي سگهجي ته هو به ڪو فطري مناظر ۽ حقائق جي ترجماني ڪري سگهندو. مزاح نگاري ۾ ته به غلامي ۽ افسانہ ۽ ڊرامہ ۾ ته به نقالي. ڇا ادب جو اهو مقام آهي جيڪو کيس عطا ٿيو آهي ڪي نڪو پيو مقام اٿس.

(سنڌي ادب)

هي چوڻ بلڪل غلط آهي ته فلاڻي ٻولي وسيع آهي ۽ فلاڻي محدود. ڇو ته هر زبان بجاءِ خود وسيع به هوندي آهي ۽ محدود به. وسيع هن ڪري جو منجهس اهل زبان جي زندگيءَ جي هر حرڪت، هر چرپر ۽ اهل زبان جي باهمي تعلقات ۽ سماجي حالات جي تعبير ڪرڻ جي صلاحيت ضرور موجود هوندي آهي ۽ محدود هن ڪري جو منجهس نين نين دريافتن، تجرباتي تحقيقات ۽ ونڊنڙ سماجي حالات جي لاءِ ڪي جدا گانہ ۽ انفرادي الفاظ ڪونہ هوندا آهن جنهن ڪري اهل زبان کي پراڻن لفظن ۾ مجاز ۽ استعارہ جي تعاون سان وسعت پيدا ڪري حقائق ۽ واقعات جي ترجماني ڪرڻي پوندي آهي، ان ڪري هي ڪڏهن به نہ ٿو چئي سگهجي ته سنڌي زبان ۽ لغت وسيع نہ آهي ڇو ته سنڌي زبان به بجاءِ خود گهري ۽ اونهي آهي. انهيءَ ۾ به اها صلاحيت آهي جو زندگيءَ جي ساري طول و عرض کي پنهنجي نجي انفرادي رنگ تعبير ۾ پيش ڪري سگهي مگر رونئڻ ته سنڌ جي اهل ادب تي آهي جو ادب جي ذريعہ زندگيءَ جي طول و عرض جي ماپڻ جي بجاءِ ادب کان اهو ڪم وٺي رهيا آهن جيڪو انجي معيار ۽ مقام کان هزار دفعا ڪريل آهي. هي ڳالهه ته سڀ کان به وڌيڪ واضح آهي ته اجتماع ۽ سماج لاءِ ڪو نه ڪو طوعا و ڪرها نقطہ نظر ضرور متعين ٿي ويندو آهي جيڪو عمل ۽ حرڪت جي لحاظ کان هڪ مرڪز ۽ محور جي شڪل اختيار ڪندو آهي جنهن جي چوڌاري فرد يا سماج گردش ڪرڻ شروع ڪري ڏيندو آهي ۽ زندگيءَ جي ساري ڊڪ ڊوڙ ۽ سموري اٿ ويهه ڪي انهيءَ جي چوگرد ڦيرائيندو رهندو آهي تان ته فرد توڙي سماج جو فڪر و نظر ۽ قلب و ضمير به انهيءَ ئي مرڪز جي چوگرد ڦرڻ تي مجبور ٿي ويندا آهن. هت هيءَ سوچڻ گهرجي ته آخر سنڌ جي اهل ادب جي، پيو نه ته به ادبي جدوجهد جي چرپر جو مرڪز ڪهڙو آهي؟ آيا سنڌي ادب کي ڪو مرڪز به آهي جنهن جي چوڌاري سندس گردش جاري آهي يا انجي ساري حرڪت غير منظم ۽ پريشان آهي. جيستائين حقيقت جو لاڳاپو آهي ته هي چوڻو ٿو پوي ته سنڌي ادب کي ڪو مرڪز ڪونهي ڪو. ڀلا انهيءَ کي مرڪز ڪٿان ملي سگهندو جڏهن جو اهل ادب جي سامهون ڪو مقصد حيات نه آهي ۽ ڪو نقطہ نظر ۽ زاويہ نگاه نه آهي. اهڙي صورت ۾ ادبي جدوجهد پريشان نه هوندي ته پيو ڇا هوندي. سنڌي اديبن جي آڏو رومان پرستن جو نظريہ شايد زياده وقيع آهي ته "ادب برائي ادب" آهي حالانڪ "ادب برائي ترجماني حيات" آهي. يعني ادب جو هي فرض آهي ته جد و جهد جي دوران ۾ اقدار حيات جي تلاش ڪري ۽ اهي واٽون ڳولهي انسانيت جي سامهون آڻي جن جو ارتقا و تعمير سان گهاٽو لاڳاپو آهي. اسان هن ڳالهه جو مطالعہ ڪري چڪا آهيون ته ذهن ماده جي درميان ڪا منافات نه آهي جنهن جي ڪري ذهن جي جداري وات هجي ۽ مادي فطرت جي جداري. ذهن جو ماده سان اهو تعلق آهي جو ر مادي حالات ۽ خارجي حوالن تو

(ڏسو صفحو ٦٩)

پروفيسر لاسيلس ايبر ڪرومبي

ترجمو: مراد علي اختر مرزا

ادبي فن

ادب هڪ فن آهي، جنهن جي وسيلي ٻوليءَ ۾ اظهار ڪيو وڃي ٿو. بنيادي تشريح جي لحاظ کان اهو واقعي مناسب آهي، پر ادب جي تعريف لاءِ يقينا نامڪمل. ڇاڪاڻ ته لفظ ادب جي معنيٰ جي صحت قائم رکڻ لاءِ مٿئين بيان جي سري هيٺ ايندڙ هر ڳالهه کي ادب چئي ڪو نه سگهبو ۽ جيڪڏهن ڪنهن لفظ جي معنيٰ کي مبهم رکيو ويو ته پوءِ اهو لفظ بيڪار ٿي پوندو. تنهنڪري گفتگو کي ادب ڪو نه ٿو چئي سگهجي، جيتوڻيڪ گفتگو به هڪ فن آهي، پيو ته ادب ۾ ڪاريگري فقط لفظن تائين محدود هوندي آهي، پر گفتگو ۾ ڪڏهن ڪڏهن لفظن جي استعمال کان به وڌيڪ شخصيت جو استعمال پڻ ڪاريگريءَ ۾ شامل هوندو آهي. نظم پڙهي سگهجن ٿا ۽ ناٽڪ ڏيکاري سگهجن ٿا، پر دراصل ادبي فن ساڳيو ئي هوندو آهي. ڪٿي اهو بلند آواز ۾ چئجي يا خاموشيءَ ۾ پڙهجي. فن پنهنجي مقصد کي ظاهر ڪرڻ جي هڪ تجويز ڪيل ڪاريگري آهي. اسين ادب کي اظهار جو هڪ قسم چئي آيا آهيون، پر اهو تصوير جو فقط هڪ پاسو آهي. ڪنهن شيءِ جو اظهار ڪرڻ نه فقط ادب آهي بلڪ اظهار ڪيل شيءِ کي حاصل ڪرڻ به ادب ۾ شامل آهي. جيڪڏهن آءٌ پنهنجي تجربي ۾ آيل ڪنهن شيءِ جو ذڪر ڪريان ته منهنجا لفظ منهنجي تجربي کي ظاهر ڪندا، پر اوهان جي طرفان منهنجا لفظ منهنجي تجربي جي نمائندگي ڪندا. تنهنڪري ائين چوڻ درست ٿيندو ته ادب شين جي نمائندگي ڪري ٿو، يعني ادب شين کي ظاهر ڪري ٿو.

ادب کي اديب جي اندر جو آواز ڪري سمجهڻ ٻڌائي ٿو ته ان ۾ داخلي عنصر آهي ۽ جيڪو آخرڪار رومانويت (Romanticism) جو روپ وٺي ٿو. ان جي برخلاف ادب کي پڙهندڙ لاءِ شين جي نمائندگيءَ جو وسيلو ڪري ليکڻ ان جي خارجي عنصر تي زور ڏيئي ٿو، جيڪو حقيقت نگاريءَ (Realism) ڏانهن وٺي ٿو هلي. جنهن مطابق پيش ڪيل مواد وڌيڪ اهم هوندو آهي. اهي ٻئي خيال صحيح آهن، پر ادبي نظريي لاءِ اسان کي هڪ اهڙي لفظ جي ضرورت آهي، جنهن ۾ انهن ٻنهي خيالن جي هڪ جيتري نمائندگي هجي. ان باري ۾ هڪ سادو لفظ "وسيلو" ملي ٿو. جيڪو اسان جي ضرورت جو پورائو ڪري سگهندو. ڇاڪاڻ ته ادب جي ڪٿي ڪهڙي به معنيٰ وٺجي، پر اهو هڪ وسيلو ضرور آهي. وسيلي کانسواءِ ادب جو وجود ڪو نه رهندو. جيتوڻيڪ اهو درست آهي ته فقط ٻوليءَ جي ڪنهن حصي جو وجود ادبي فن کي پيدا ڪري ٿو، پر فن لاءِ ٻولي فقط وسيلي جو ڪم ڏئي ٿي. فن ان وسيلي ۾ هوندو آهي، جيڪو اديب ۽ پڙهندڙ (يا ٻڌندڙ) جي وچ ۾ قائم هوندو آهي.

ادب جي فن تي گفتگو ڪرڻ وقت ٽن لفظن جي وجود جي خاص طرح خبر پوي ٿي. اهي لفظ آهن: **اديب، ٻولي ۽ پڙهندڙ** اهوئي سبب آهي جو ادب کي وسيلي جي معنيٰ ۾ استعمال ڪجي ٿو. ساڳئي وقت لفظ "اظهار" ۽ "نمائندگي" کي به وسارڻ نه گهرجي. خصوصا لفظ اظهار کي ته گهڻي اهميت ڏيڻ کپي، جڏهن سوال اٿي ٿو ته، ادب، اديب ۽ پڙهندڙ جي

ذهني پس منظر ۾ سنڌي ادب جو جائزو

(آندل صفحي ۶۸ تان)

جي تصوير ڪڍي، ڪو نتيجو برآمد ڪري انسان جي عملي حوصلي جي سامهون پيش ڪندو آهي تان ته هو پنهنجي مستقبل جي هيٺ مٿانهين، لاهن چاڙهن معلوم ڪري زندگيءَ کي ٺوڪرن کان بچائي. اصل ۾ ذهن حقائق ۽ واقعات سان ملي هڪ وفاق ٿو جوڙي. هن جو لائحه عمل هي آهي ته هن جي ۽ ماده جي درميان ذرو برابر به ڇڪتاڻ نه رهي. ان جو مطلب هي آهي ته ذهن ۽ مادي حقائق مڪمل طرح هڪ ٻئي سان متوافق ۽ مترابط آهن. اتي هي سوچي ٿو سگهجي ته ماده ۽ ذهن جي اتحاد کان بعد حرڪات ذهن جو پس منظر ۽ مقصد به انهن جي موافق هجڻ کپي ۽ ذهن ۽ مادي حقائق جي وفاق جي آرزو جي ئي تڪميل هجي. هيئنر ڏسڻو آهي عمل حيات کي ته جڏهن مادي حقائق، ذهن ۽ سندس مقصد هڪ ٻئي جا وفاقي آهن ته پوءِ عمل حيات کي ڇو نه انهيءَ وفاق ۾ شامل ٿيڻ گهرجي. واقعو هن ريت آهي ته مادي حقائق، ذهن ۽ سندس مقصد ۽ عمل حيات قريبا هڪ شيءِ آهن. عمل جيڪڏهن انهيءَ وفاق مان ڇڄندو ته سواءِ تنزل ۽ انحطاط جي ٻيو چارو ئي نه رهندو ۽ ارتقا و تعمير جون سڀئي واٽون بند ٿي وينديون. جن اقوام يا افراد جي سامهون انهيءَ وفاق جي حقيقت کلي پوندي آهي ته اهي ارتقا ۽ تعمير جي سڀني رازن کي لهي ويندا آهن، پر جيڪي انهيءَ حقيقت کي دريافت نه ڪري سگهيا مگر انهيءَ جي قرب و جوار ۾ ڦري رهيا آهن ته اهي ڪجهه نه ڪجهه ارتقا و تعمير جا راز هٿ ڪري سگهن ٿا. البته جن جو عمل انهيءَ وفاق کان بلڪل بيگانو آهي، اهي ارتقا ۽ تعمير جي واٽ ڪڏهن نه ٿا لهي سگهن. ان ڪري زندگيءَ جي ساري جد و جهد، قلب و ضمير جي سموري چرپر، زبان و ادب، تصور و خيال انهن سڀني جي حرڪت ۽ جنبش ذهن ۽ ماده جي وفاق جي ابتڙ ڪڏهن نه هجڻ گهرجي ڇو ته انهيءَ وقت سماجي ارتقاء بلڪل رڪجي ويندو ۽ تعميري راز کلڻ بند ٿي ويندا. هي ته ظاهر ڳالهه آهي ته ادبي جد و جهد عمل جوئي هڪ حصو آهي، انڪري ادب کي به ذهن، فطرت ۽ مقصد حيات کان بلڪل بيگانو نه ٿيڻ گهرجي. خاص ڪري انهيءَ زبان جي ادب کي بيحد محتاط ٿيڻ گهرجي جنهن جي پويان نظري سماج جي ڪابه قوت ڪار فرما نه آهي. سنڌي ادب کي سماج ڪو نه آهي ۽ نظري قوت نه آهي ان ڪري انهيءَ کي خالص حقائق ۽ نج واقعات سان وڌيڪ واسطو هئڻ گهرجي. سنڌي ادب کي مقصد حيات متعين ڪري ڏنو وڃي. مقصد حيات به اهو جيڪو نج ۽ نظرياتي هجي ۽ منجهس حرڪات ۽ اعمال زندگيءَ جي مرڪز ۽ محور بڻجڻ جي صلاحيت به موجود هجي. اهو نظريو سنڌي اهل ادب کي بحيثيت مسلمان جي آهي ته سهي پر هو انهيءَ کان سؤ سيڪڙو بيگانا ٿي چڪا آهن،

وچ ۾ ڪهڙي قسم جو وسيلو پيدا ڪري ٿو؟- ۽ انهن لفظن کي ڪتب آڻڻ وقت هميشه ياد رکڻ گهرجي ته اظهار اهو روپ حاصل ڪيو آهي جيڪو ٻئي ذهن تائين پهچائڻ لائق آهي ۽ نمائندگي وري ٻئي ذهن مان پهچائڻ جي ڪري وجود ۾ آئي آهي. تنهنڪري اُن جي ادب جي نظريي ۾ وڏي اهميت آهي. ڪڏهن ڪڏهن هينئن به ٿيندو آهي ته ٻوليءَ کي اسين ان ڪري پسند ڪندا آهيون جو ان جي وسيلي اسان تائين ڪنهن شيءِ کي اهڙي طرح پهچايو ويو آهي، جنهن جي قيمت ۽ اهميت جي ڪٿ ٻوليءَ کان جدا ٻئي طريقي تي ڪئي ويندي آهي؛ پر ڪڏهن ڪڏهن پهچايل شيءِ ۽ ان کي پهچائڻ واري ٻوليءَ لاءِ اسان جي پسند ۾ ڪا به تميز ڪانه ڪئي ويندي آهي. انهن ٻنهي حالتن ۾ فن موجود هوندو آهي، پر پهرين حالت ۾ جيڪو فن آهي اهو ان شيءِ جي ڪري قائم آهي، جيڪا فن کان جدا رهي به جائز ٿي سگهي ٿي. ٻيءَ حالت وارو فن محض فن هجڻ ڪري ئي قائم آهي. پهرئين فن کي ”عملي فن“ ۽ ٻئي فن کي ”خالص فن“ چئجي ٿو. هنن جي انهن درجن مقرر ڪرڻ ڪانپوءِ اسان اصل مقصد تي ايندا سون ته اها پهچايل شيءِ ڇا آهي، جنهن جو تعلق ۽ تناسب ادبي فن ۾ هيڏي اهميت رکي ٿو. اها شيءِ آهي- تجربو!. هتي هي نڪتو به خيال ۾ رکڻ گهرجي ته اسين ڪڏهن به تجربي جي ظاهري قدرن کان مطمئن ڪونه هوندا آهيون ۽ انجي سچائي، معقوليت ۽ اخلاقيت وغيره بابت ڪئين سوال ڪندا آهيون. مثلاً- اچو ته هڪ هاري آهيان ۽ جيڪڏهن آءٌ ڪنهن نظاري کي ڏسندس ته منهنجي نظر عام تجرباتي قدرن مطابق هوندي. يعني آءٌ پاڻ کان پڇندس ته منهنجي نظرن اڳيان جيڪا زمين آهي سا زرخيز به آهي يا نه؟- ٻئي

طرف جيڪڏهن مون ان نظاري بابت ڪو سوال نه اٿاريو، ته پوءِ ان جي تجربي جو پوريءَ طرح لطف حاصل ٿيندو ۽ مون کي فقط هيءَ ڄاڻ هوندي ته هي نظارو ڏاڍو دلڪش آهي. ان حقيقت جي آگاهيءَ ڪانپوءِ منهنجي تجربي ۾ هڪ اهڙي شيءِ اچي ٿي جيڪا محض تجربي هئڻ ڪري پوري طرح اطمينان بخش آهي. هاڻي جيڪڏهن آءٌ ان کي ظاهر ڪندس ته ان لاءِ منهنجي اظهار هجڻ ڪانسواءِ ٻي ڪا به اهميت ڪانه ڏني ويندي؛ پر جيڪڏهن منهنجو اظهار ٻوليءَ ۾ منتقل ٿي سگهڻ جو ڳڻ آهي، ته پوءِ آءٌ ڇڻ ادب پيش ڪندس.

مٿيون بحث اسان کي ادبي نظريي جي هڪ نهايت اهم اصول تائين پهچائي ٿو. حقيقت ۾ اسان جي نظريي جا مڙئي اهم اصول ظاهري طرح هن سادي قول سان شروع ٿين ٿا ته: ادب خالص تجربي کي ظاهر ڪري ٿو. مصنف ٻوليءَ ۾ پنهنجي ڪنهن تجربي جو اظهار ڪري ٿو ۽ پڙهندڙ وٽ ٻولي وري تجربي جي نمائندگي ڪري ٿي. ياد رهي ته جيڪڏهن ڪنهن تجربي کي ادب جو مواد ٿيڻو آهي ته پوءِ اهو هڪ پورو ۽ مڪمل تجربو هئڻ گهرجي- يعني جيڪي ڪجهه ڏٺو ويو ۽ جيڪي ڪجهه محسوس ڪيو ويو انهن ٻنهي جو ميلاپ!

خالص ادب لاءِ ڪهڙي قسم جو مواد موزون آهي ۽ ڪهڙي قسم جو غير موزون تنهن لاءِ گهڻو ئي ڪجهه چيو ويو آهي. حقيقت ۾ هر ڪا شيءِ ادب جي فن لاءِ موزون مواد ٿي سگهي ٿي. بشرطيڪ مصنف ان شيءِ کي بحيثيت تجربي مان حاصل ڪيو هجي ۽ جنهن مان هن ان جي خاطر ئي لطف ورتو هجي ۽ پڙهندڙ تائين به اهو لطف پهچايو هجي. جيڪڏهن ڪو مواد ان خوبيءَ کان خالي آهي ته پوءِ اهو ڪڏهن ادب لاءِ موزون چئي نه سگهبو. ڪا به شيءِ اهڙي طرح حاصل نه ڪري

سگهجي ٿي پر هر ڪا شيءِ اهڙيءَ طرح پين تائين ڪين ٿي پهچائي سگهجي. ان جو دارو مدار هن حقيقت تي آهي ته هڪ اديب پنهنجي خيالن جي اظهار لاءِ ڪهڙي نموني ٻوليءَ کي وسيلو بنائي ٿو. پر ٻوليءَ جي وسيلي ڪهڙي طرح تجربو منتقل ڪيو ويندو آهي؟ ان مسئلي تي البته ويڪ ڏيان ڏيڻ گهرجي. دراصل ذاتي تجربي کان وڌيڪ ڪا به شيءِ اينتري مخصوص ۽ اهم ڪين هوندي آهي. هر شخص جي زندگيءَ جو اهوئي اصول هوندو آهي، ممڪن ئي ڪونهي، ته ڪو شخص پنهنجي ذاتي زندگي ۾ ڪنهن ٻئي شخص کي به ڀاڱي پائيوار ڪري؛ پر اوهان جي تجربي کي خيال ۾ رکندي، منهنجي زندگيءَ ۾ ان جي تقليد ڪري سگهجي ٿي. ادب جي حالت ۾ پڻ نقل، اصل جهڙو هوندو آهي ڇاڪاڻ ته ادب جو سچو فن تجربي جي ان قسم سان تعلق رکي ٿو، جيڪو لازمي طرح خيالي ڪونهي، بلڪ يقيناً پر خيال آهي. بنيادي خواهش جيڪا ڪنهن ادبي تحرير کي وجود ۾ آڻي ٿي، اها زندگيءَ جي وسيع ممڪنات ۾ ئي ملندي، ڪٿي اها خالص خيالي هجي يا بنهه حقيقي. مثلاً اديب کي خواب ڏٺو هجي يا هن جو ڪنهن سان عشق ٿي ويو هجي؛ پر جيڪڏهن ڪجهه به ٿيو هوندو ته ان ضرور خيال جي صورت ورتي هوندي. ٻين لفظن ۾ اديب ان کي زندگيءَ جي وهڪري مان ٻاهر ڪڍي پنهنجي اڳيان واضح طور جهليو هوندو. يعني ان جي وجود کي قائم رکڻ لاءِ اديب ان کي پنهنجي خيال ۾ ضرور قائم رکيو هوندو. ائين ڪرڻ لاءِ هڪ اديب تي فرض عائد ٿئي ٿو ته هو پنهنجي پڙهندڙن ۾ به اهڙائي خيال پيدا ڪري. هو لفظن جي وسيلي نه رڳو پڙهندڙن جي خيال کي تحرڪ ۾ آڻي، بلڪ هنن جي خيال کي پنهنجي قبضي ۾ پڻ رکي. جيئن هنن جو تجربو به

سندن تجربي جي تقليد ڪري. اهو به ضروري آهي ته سندس اهي خاص لفظ (البته مختلف مفهوم ۾) سندس تجربي سان پڻ مشابهت رکندا هجن يعني ته هو انهن لفظن کي پنهنجي ذاتي تجربي جي علامت طور استعمال ڪري. هو پاڻ کي نه فقط اشارن ۾ ظاهر ڪرڻ جي فهم تائين محدود رکي بلڪ ڪيس اها به خبر هجي ته سندس تجربي جي نمائندگي لاءِ سندس اشارن جي طاقت جو پڙهندڙن کي به احساس آهي. جيڪڏهن سندس ٻولي جيڪا کيس ڪٿي ڪيترو به واضح نظر ايندي هجي، پڙهندڙن وٽ سندس تجربي جي ترجماني نٿي ڪري ته ٻوليءَ کي ادبي ٻولي سڏڻ غلطي آهي. اهڙي ٻولي خيالن کي پڙهندڙن تائين پهچائڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿي. ادب ۾ ٻولي هميشه اشاريت واري استعمال ڪرڻ گهرجي ڇو ته ادب تجربي کي ٻين تائين پهچائڻ جو هڪ وسيلو آهي. اها ٻولي، جيڪا پنهنجي بناوت جي منطقي معنيٰ کان گهڻو ڪي وڌيڪ هجي ۽ جنهن جا حصا باقاعدگيءَ سان ترتيب ڏنل هجن. ادبي ٻوليءَ ۽ عام ٻوليءَ ۾ فرق فقط هيءَ آهي ته ادبي ٻوليءَ جي ترتيب ۽ نحوي معنائن جي ترتيب کانسواءِ باخبر ۽ واقف طاقتن جو به استعمال هوندو آهي. اهي طاقتون جي عام گفتگو ۾ ورلي استعمال ٿينديون آهن. ادبي فن جي بزرگي هن حقيقت ۾ آهي ته ٻوليءَ ۾ ان ذهني قوت جي تحريڪ کي وڌيڪ اثرائتي، شاندار، نمايان ۽ لطيف انداز ۾ استعمال ڪيو وڃي. ڇاڪاڻ ته اها قوت عام ٻوليءَ جي تاثير ۾ وينتر وادارو ڪري ٿي.

اسين مٿي چئي آيا آهيون ته هر ادبي تحرير جو بنياد تجربي تي آهي. اهو تجربو ڪٿي ڪهڙي قسم جو هجي. يعني مصنف سان حقيقي زندگيءَ ۾ ڪا واردات ٿي هجي يا هن ڪنهن شيءِ بابت ڪا آگاهي

(ڏسو صفحو ٧١)

از: قريشي حامد علي ”خانائي“

سنڌي ادب ۾ ڊراما

ڊرامه جو لفظ يوناني ٻوليءَ جي لفظ ”ڊرائو“ مان نڪتو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي عمل يا ايڪشن. ڊرامه انساني زندگيءَ جي عملي تصويرڪشي ڪري ٿو. دنيا اندر جيڪي روزمره ٿئي پيو يا جيڪي خرابيون سماج اندر گهر ڪري وڃن ٿيون، تن جي اُگرن نتيجن کان آگاهه ڪرڻ لاءِ ڊرامه هڪ نهايت ئي اهم ۽ ضروري جزو آهي.

يونان کي ساري دنيا اُنهيءَ فن جو استاد ڪري تسليم ڪيو آهي. يوناني ڊرامن جو اثر يورپ ۽ ٻين مغربي ملڪن ۽ ۽ هندستان تي پڻ پيو. ڊرامه جي شروعات انسان جي پيدائشي دور کان ٿي ۽ اُن جو صحيح طرح سان ضابطو ترتيب ۽ تڪميل يونان ۽ هندستان ۾ ٿي. دراصل ڊرامه انساني جذبات جي پيدائش سان گڏ، عمل ۽ حرڪت ۾ آيو. تهذيب و تمدن کان اڳ جهنگلي ۽ وحشي قومون پهاڙن ۽ جهنگلن ۾ رهنديون هيون. انهن قومن جي نچڻ، ڳائڻ، راند روند ڪرڻ، ٻساه ٻارڻ ۽ پنهنجي ٻوليءَ ۾ گفتگو وغيره ڪرڻ کي سنڌن دور جو ڊرامه ڪري سمجهيو وڃي ٿو. ليڪن اُنهن قومن اندر آهستي آهستي تهذيب و تمدن ۽ انسانيت جو روح پيدا ٿيو ۽ سڀ کان اول اها ترقي پهريائين يونان ۾ ٿي. يونان، جنهن کي ديوتائن جو ملڪ ڪري سڏيو وڃي ٿو، سو ئي سڀ کان اڳ انهي تهذيب و تمدن جو باني بڻيو. انهي تهذيب جي شروعات مذهبي آثارن تي رونما ٿي ۽ ڊرامه ”ديومالا“ جي صورت ۾ ظاهر ٿيو. ان کان پوءِ اهڙيءَ طرح سان اُن جو اثر دنيا جي دور دراز ملڪن تائين پهچي ويو.

محاڪات يعني نقالي جو شوق دنيا جي هر ڪنهن قوم اندر فطرتي طرح لازمي ٿي رهيو آهي، پوءِ چاهي اُها قوم ترقي يافته هجي يا نه. ليڪن اها هڪ واضح حقيقت آهي ته نقالي انسان جي فطرت ۾ سمايل آهي جا ڪنهن نه ڪنهن نموني ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. اسلام بت تراشي، تصوير ڪشي، رقص ۽ موسيقي ۽ ڊرامه کي ممنوع قرار ڏنو آهي. انهي ڪري ئي هن فن اسلامي ملڪن ۾ ڪا اهڙي خاص نمايان ترقي نه ڪئي.

مذهب کي اڳئين زماني ۾ نهايت ئي اهم ڪري سمجهيو ويندو هو. ان ڪري ان جي تبليغ ۽ ترقي لاءِ نقالي کي هڪ بهترين ذريعو سمجهيو ويو. يورپ وارن جا مريڪل پلي ۽ هسٽري پلي ۽ ساڳي طرح سان سنسڪرت وارن جا ڊراما جيڪي براهمڻن ۽ ٻين مذهبي ڪتابن تان ورتل هئا، سي به مذهبي تبليغ جي نقطه نگاهه کان ڪيا ويندا هئا.

ڊرامه جي فن ۾ جهڙيءَ طرح مغربي ملڪن يونان جي پيروي ڪئي، اهڙي طرح سان انهي فن جي شروعات هن برصغير هند ۾ پڻ قديم آهي. هندي ڊرامن جي شروعات سنسڪرت جي دور ۾ ٿي ۽ اهي قديم ڊراما هندي ديوتائن جي داستانن تي ٻڌل هوندا هئا. سنسڪرت واري دور جي ڊرامه جي شروعات پڻ يوناني ڊرامه ”ديومالا“ وانگر ٿي. سنسڪرت جي دور ۾ هيٺيان مشهور ڊرامه نگار ٿي گذريا آهن:- ڪاليداس، راجا وڪرما جيت جي درٻار جو شاعر هو. سندس ”شڪنتلا“ ڊرامو مشهور آهي. مهاراجه

ادبي فن

(آنڊل صفحي ۷۰ تان)

ٻڌي هجي يا هن جي من ۾ ڪووهم پيدا ٿيو هجي. پر هڪ لحاظ کان يقيناً اهو تجربو هوندو. هڪ اهڙو تجربو جو اديب کي ڏونڌاڙيندو ۽ هن کي ڪجهه چوڻ لاءِ آماده ڪندو. ان تجربي ۾ ضرور ڪا اهڙي ڳالهه هوندي جيڪا هن کي مجبور ڪندي ته هو پاڻ کي پوريءَ طرح ظاهر ڪري، جيئن ٻئي شخص وٽ سندس تجربي جي نمائندگي ٿي سگهي. ان جو مطلب هي ٿيو ته جدوجهد ۽ ڪوشش جو هڪ اهڙو ٺوس انتظام قائم رکجي، جنهن جي ڪري تجربي جي علامت، جيڪا گهٽي قدر اديب جي فنڪارانه شعور لاءِ درست هوندي، ٻوليءَ ۾ آڻي سگهجي. اديب جو فنڪارانه شعور خود هڪ تجربو هوندو آهي جيڪو ڪائنس ٻوليءَ ۾ پاڻ جهڙي شي طلب ڪري ٿو. هو نه ته هر هڪ تجربو پنهنجي اظهار جي طلب ڪندو آهي، جيڪو اڳتي هلي فنڪارانه اطلاع جي صورت وٺي ٿو ۽ اهڙي طرح پنهنجي واقع ٿيڻ سان گڏ پنهنجي وجود جو به اعلان ڪري ٿو، جنهن ان جي خاص نوعيت، جوهر ۽ لب ولهجو ٻئي ذهن ۾ ٺيڪ سرزنده ٿي اٿي.

تجربو ڪڏهن به سادو ٿي ڪو نه ٿو سگهي. ان ۾ هميشه هي ٻه ڳالهيون هونديون آهن: ته: ذهن کي ڇا ڏنو وڃي ٿو ۽ ذهن کان ڇا ورتو وڃي ٿو. اهي ٻئي ڳالهيون منجهيل ٿي سگهن ٿيون. فرض ڪريو ته ڪو شخص لهندڙ سج کي پيو ڏسي. اهڙي حالت ۾ سندس حواس نه رڳو ڪيس رنگن جي عظمت ۽ منظر جي خوشيءَ کان آگاهه ڪندا، بلڪ ان موقعي جي خاموشيءَ، ٿڌاڻ ۽ خوشبوءِ کان پڻ ڪيس واقف ڪندا. هو لهندڙ سج جي منظر ۾ جيڪي ڪجهه ڏسي ٿو ۽ ڏينهن جي ختم ٿيڻ، رات جي اچڻ، حسن جي ناپائداري وغيره ۾ جيڪي ڪجهه هن کي معلوم ٿئي ٿو، ان ۾ هو وري پنهنجي طرفان خيالي رنگ ڀري ٿو. اهو سڀڪجهه هڪ ئي تجربي ۽ توجهه جي هڪ ئي عمل ۾ گڏ ٿئي ٿو. اهڙي طرح ان ۾ وڌيڪ دلفريبي ۽ دلڪشي پيدا ٿي پوندي. ادب جو اهو تصور جيڪو اوائلي تجربي کي علامت جي صورت ۾ استعمال ڪري ٿو، ان کي اسين ادب جو اسلوب سڏيون ٿا ۽ اهو تصور جو جوهر جي ايڪائي کي جامع توجهه جي هڪ ئي عمل ۾ بطور علامت آڻي ٿو، ان کي اسين ڪنهن ادب پاري جي هيئت چئون ٿا. هيئت پيدا ٿيندي آهي اسلوب مان، جڏهن اسلوب سچ پچ هيئت جي تحرڪ سان مشابهه هوندو آهي. بهرحال ادبي نقطهءِ نظر کان هيئت ۽ اسلوب ۾ ٻه اهڙي تميز ڪري سگهجي ٿي، جيئن لفظن جي معنائن ۽ انهن جي آوازن ۾ ڪبي آهي.

مطلب ته جڏهن ڏسجي ته تاثرات جي سموري سلسلي جي ڪري هڪ خوبصورت هيئت ۽ ايڪائي پئي ٿئي، تڏهن ڪنهن ادبي تحرير جي هر ڪا شيءِ هڪ ٻئي سان مڪمل تعلق ۾ نظر ايندي. اتي ڪا به شيءِ اتفاقي ڪين آهي. اتي اها ڪا شيءِ ئي ڪانهي جا ڪل جي فائدي ۾ نه هجي. هيءَ ئي تجربي جي اها اهميت آهي جنهن ڪري اسين پنهنجي سهڻي شين تي ترجيح ڏيندا آهيون. ڪنهن عظيم تجربي جي روشن تصور کي اسان تائين پهچائڻ ادب جو مقصد آهي.

Scanned with CamScanner

هريش ديو ستين صدي عيسوي ۾ قنوج جو حڪمران هو، وڏو شاعر ۽ اديب ٿي گذريو آهي. سندس ناٽڪ ”رتناولي“ مشهور آهي. ڀوڀوتي: هي به ستين صدي عيسوي ۾ قنوج جي دربار جو شاعر خاص ۽ اديب هو. سندس ڊراما ”اترچرتر“ ۽ ”مالتي مادهو“ خاص آهن. ان دور ۾ هندي ڊراما ڪافي ترقي حاصل ڪئي هئي ۽ ڪجهه وقت گذرڻ بعد اهو دور به ختم ٿي ويو. ان کان پوءِ ڀنڊ ۽ نقال پنهنجي پيٽ گذران ڪرڻ لاءِ در در وڃي نقالي ڪري پنهنجو پيٽ پاليندا هئا. ملا غنيمت پنهنجي مشهور مثنوي ”نيرنگ عشق“ ۾ فارسي ۾ انهن متعلق ڪافي ڪجهه بيان ڪيو آهي، جنهن جو ذڪر پنڊت رتن ناٿ سرشار ”فسانهٔ آزاد“ ۾ پڻ ڪيو آهي.

سوانگ جو درجو بر صغير هند ۾ دراصل اهوئي هو جهڙو يورپ وارن ۾ ”پئجنيٽ“ جو. هندو پنهنجن خاص ڏڻن جي موقعن تي سوانگ جلوس جي صورت ۾ بين باجن سان ڪڍندا هئا. هيءُ رواج سنڌ ۾ به مروج هو ۽ اڄا تائين پارت ۾ پڻ اهو رواج جاري آهي. رام ليلائون ۽ راس ليلائون پڻ هندن جا خاص مذهبي ڏينهن آهن. پتلين جي ناٽڪ جو احوال مهاڀارت ۾ پڻ ملي ٿو. هند ۽ پاڪستان ۾ پڻ اڄ سوڏو پتلين جا ناٽڪ ڏيکاريا ويندا آهن. پتلين جي ناٽڪ جو رواج امريڪا، جاوا، سوماترا ۽ ٻين ملڪن ۾ آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ ناٽڪ هڪ غير ملڪي صنف آهي. سنڌي ٻولي ۾ نظم تمام گهڻو پيو ويو آهي ۽ نثر اُن جي پيٺ ۾ تمام گهٽ لکيو ويو آهي. ليڪن ان هوندي به نثر پنهنجي ترقي جون منزلون نهايت ئي تيزي سان طئي ڪري عروج تي پهچي چڪو آهي، پر ناٽڪ نويسيءَ جي فن متعلق سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪي به ڪتاب نه لکيا ويا آهن. موجوده ترقيءَ جي دور ۾ به سنڌي ناٽڪ نويس بلڪل ٿورا آهن. دنيا جون ٻيون مهذب ٻوليون انهي ڏس ۾ ڪافي شاهوڪار آهن. ان جو صرف اهو سبب آهي جو اسان جي سنڌي ٻوليءَ کي باقاعدي وجود ۾ آئي ڪا صدي کن مس ٿي آهي. سنڌي ٻوليءَ کي هر ڪنهن دور ۾ ڪيترن ئي انقلابن سان منهن ڏيڻو پيو. عربن جي فتوحات کان اڳ سنڌي ٻولي ”ديوناگري“ لپيءَ ۾ استعمال ڪئي ويندي هئي. اُن کان پوءِ ارغون گهراڻي جي حڪومت ۱۵۲۰ع کان وٺي ويندي انگريزن جي ابتدائي دور ۱۸۴۳ع تائين سنڌ جو سرڪاري دفتر فارسي زبان ۾ هو. انگريزن جي اچڻ کان پوءِ ۱۸۵۱ع ۾ سنڌي آئيوتا وجود ۾ آئي.

سنڌي ادب ۾ هن وقت تائين ڪا به اهڙي مڪمل ادبي تاريخ مرتب ٿيل ڪين آهي، جنهن جي ذريعي اسان کي ڊراما بنسبت ڪو تاريخي مستند احوال ملي سگهي. جيتوڻيڪ سنڌي ادب ۾ محمد صديق ميمن جي ٻن جلدن ۾ ادبي تاريخ موجود آهي ليڪن اُن ۾ به تفصيل سان احوال ڏنل نه آهي، تنهن هوندي به سنڌي مصنفن جي ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل ڊراما جي ڪتابن کي نظر مان ڪڍڻ بعد سنڌي ادب ۾ جيڪي ڊراما هن وقت تائين لکيا ويا آهن سي اڪثر ڪري هيٺين قسمن جا آهن:-

(۱) سنسڪرت تان ورتل.

(۲) فارسي قصا ۽ ڪهاڻيون جي عام مروج هيون.

(۳) ديسي علائقي ٻولين مان ورتل (اردو- هندي ۽ بنگالي وغيره) ۽ انگريزي ٻوليءَ جا مشهور ناٽڪ وغيره.

سنڌي ڊرامن کي اسين ٻن دورن ۾ ورهائي ان جو تفصيل سان احوال بيان ڪريون ٿا.

اوائلي دور

(۱) مرزا قليچ بيگ:-

سنڌي ٻوليءَ جو محافظ ۽ معمار شمس العلماء مرزا قليچ بيگ پهريون ئي سنڌي اديب آهي، جنهن سنڌي ادب ۾ ڊراما پيش ڪري انهي جي شروعات ڪئي. مرزا صاحب سنه ۱۸۸۰ع ۾ ليلا مجنون نالي هڪ ڊرامو لکي پيش ڪيو. هي سنڌي ٻولي جو پهريون ڊرامو ليکيو وڃي ٿو. ان کي ماستر هريسنگهه سکر واري شايع ڪرايو هو. ان کان پوءِ سنه ۱۸۸۵ع ۾ مرزا صاحب خورشيد نالي هڪ ڊرامو هنديءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو ۽ هن ڊراما ۾ زماني جي ڪج رفتاري ۽ بادشاهن ۽ شهزادن جو احوال ڏنل آهي. سنسڪرت جي مشهور ڊراما ”شڪنتلا“ کي مرزا صاحب سنه ۱۸۹۶ع ۾ ترجمو ڪيو. انگريزي ٻوليءَ جي مشهور شاعر شيڪسپيئر جي ڊراما ”مرچنٽ آف وينس“ جو ”حسنا دلدار“ جي نالي سان ترجمو ڪري سنڌيءَ ۾ آندو. اهڙي طرح سان مرزا صاحب ساڳي شاعر جو پيو دکدائڪ ڊراما ”ڪنگ ليئر“ جو ترجمو ”شاهه ايليا“ جي نالي سان ڪيو. هيءُ ڊرامو مرزا صاحب جي سڀني ڊرامن ۾ فني خواه ٻولي جي لحاظ کان اول درجي جو ڊرامو تصور ڪيو ٿو وڃي ۽ سنڌي ٻولي جو هڪ بي بها گهڻو آهي. سمبيلائين جو ترجمو ”شمشاد مرجان“ جي نالي سان ڪيو اٿس.

”ٽو جينٽلمين آف ويرونا“ جو ترجمو به عزيز شريف جي نالي سان مرزا صاحب جو ڪيل آهي ۽ روميو جوليٽ کي وري گلنار ۽ گلزار جي نالي سان ترجمو ڪيو اٿس. لارڊلٽن جي مشهور ناول نائيٽ اينڊ مارننگ جو ترجمو ”فيروز دل افروز“ جي نالي سان ڪيو اٿائين. هن ڊراما اندر زندگيءَ جي روزمره جا واقعا بيان ڪيل آهن. مرزا قليچ بيگ نه صرف انگريزي مان ڊراما ترجمه ڪيا، بلڪ اردو ٻوليءَ جي ڊرامن کي به سنڌي ويس پهرايو آهي. اردو جو مشهور ڊرامو ”خوبصورت بلا“ جو ترجمو نيڪي ۽ بدي جي نالي سنڌي ٻوليءَ ۾ پيش ڪيو اٿس. ان کان سواءِ نيم طبيب ۽ نيم ملا، لوڀي ۽ ٺوڳي، حرڪت سان برڪت ۽ انڪوائري آفيسر وغيره ڊراما پڻ مرزا صاحب جا لکيل آهن. مرزا صاحب جا سڀئي ڊراما فني لحاظ کان بهترين ڊراما آهن ۽ سنڌي ادب ۾ ڪافي اضافو ڪن ٿا.

۲- ديوان ڪوڙومل چندن مل

ديوان ڪوڙومل چندن مل جيڪا سنڌي ادب جي خدمت ڪئي آهي ان کي ڪنهن به صورت ۾ وساري نٿو سگهجي. اگرچ سنڌي ادب ۾ سندس تصنيفن جو تعداد تمام ٿورو آهي ته به سندس سنڌي عبارت مرزا قليچ بيگ سان ڪلهو ٿي هڻي. هن سنه ۱۸۸۸ع ۾ راجا هريش ديو جي مشهور ڊراما ”رتناولي“ جو سنسڪرت مان ترجمو ڪيو. ناٽڪ جي عبارت سنسڪرت جي ڏکين الفاظن سان ڀرپور آهي. مرزا صاحب کان پوءِ ديوان ڪوڙومل ئي آهي جنهن سنڌي ٻوليءَ ۾ ناٽڪ لکيو.

۳- ديوان ليلا رام سنگهه

ديوان ليلا رام سنگهه حيدرآباد سنڌ جي لعلواڻي عاملن مان هو. هو انگريزي، سنسڪرت، هندي ۽ فارسي ٻولين جو ڄاڻو هو. صوفيانه خيالن وارو ويدانتي پنٿي هو. ديوان صاحب سنڌي ۾ شعر چيو آهي جنهن ۾ سندس تخلص ”خاڪي“ آهي. سندس شعر علم عروض ۽ علم موسيقي جي اصولن تي چيل آهي. سنڌي ادب ۾ سندس شعر جو ڪتاب ”ديوان خاڪي“ جي نالي سان موجود آهي.

ديوان صاحب سنه ۱۹۰۴ع ۾ ديوان لوڪسنگهه سان گڏجي دروپدي جي نالي سان ڊرامو لکيو، جو مهاڀارت تان ورتل

Scanned with CamScanner

آهي. هرشچندر ۽ رامائڻ به انهن ٻنهي صاحبن جا لکيل ڊراما آهن.

سنڌي ٻوليءَ ۾ ”سورجن راڄا“ ۽ ”موهن تارڪا“ نالي ۾ ٻهگتي ڊراما ديوان ليلارام سنگهه جا تصنيف ڪيل آهن. انهن ٻنهي ۾ سماج جي برائين ۽ اوڻاين جو احوال ذڪر ڪيل آهي. باقي فني لحاظ کان ڪمزور آهن.

۴- چيناانند

ماستر چيناانند پرين جو ريئل هو. سندس وڌيڪ احوال ميسر ٿي نه سگهيو آهي. هن صاحب سنه ۱۸۹۴ع ۾ ”نل دمينتي“ نالي هڪ ڊرامو لکيو آهي.

۵- چيتمل پرسرام

هن صاحب سنه ۱۹۲۳ع ۾ مرزا صاحب وانگر انگريزي ”هئمليٽ“ جو سنڌي ۾ ترجمو ڪيو هو. مگر سندس ڊرامن ۾ مرزا صاحب جهڙو لطف نه آهي ۽ صرف لفظي ترجمو آهي. جنهن ڪري منجهائس پڙهڻ ۾ ڪو به لطف ڪونه ٿو اچي.

۶- ڀاڳسنگهه چيتنسنگهه آڏواڻي

هن صاحب شيڪسپيئر جي انگريزي ڊرامي ”آٿيلو“ جو ڪماڻي گهمسان جي نالي سان سنڌي ۾ ترجمو ڪيو هو. جارج پرنٽنگ پريس حيدرآباد وارن سنه ۱۹۲۵ع ۾ ڇاپيو هو. هن ڊرامي ۾ چڱي طرح ڏيکاريو ويو آهي ته انسان ڪيئن هر منڙيو تي پنهنجو گهر ڦٽائي تڪليفون سهي ٿو.

۷- پيرومل مهرچند آڏواڻي

سرڳواسي پيرومل مهرچند آڏواڻي سنڌي زبان جو هڪ برک ليکڪ ٿي گذريو آهي. هن سنڌي ٻولي جي جيڪا خدمت ڪئي آهي ان لاءِ هر ڪنهن سنڌيءَ کي اعتراف آهي. ڊرامي جي فن تي هن جا ڪافي ڪتاب لکيل آهن. هن ڪنگ جان جو ترجمو ”هرص جو شڪار“ جي نالي سان ڪيو هو. بنگال جي مشهور شاعر ٽئگور جو مشهور ناٽڪ ”پوسٽ آفيس“ جو ترجمو ”آزادي جي عنوان“ سان ڪيو هو.

۸- تيرٿ وسنت

هن ٽئگور جي ڊرامي ”چترا“ جو سنڌي ۾ ترجمو ڪيو هو. شيڪسپيئر جي مشهور ڊرامي ڪلو پيٽرا جو ”ملڪه“ جي نالي سان سنڌي ۾ ترجمو ٿيل آهي.

۹- شيواسنگهه هريسنگهه اجوائي

هن صاحب ”ڪسمت“ نالي هڪڙو ڊرامو لکيو هو، جيڪو اصل ۾ شيريڊان جي مشهور ڊرامي تان ورتل آهي. هي سنڌي ادب جو معياري ڊرامو آهي.

۱۰- نانڪرام ڌرمداس

سرڳواسي نانڪرام ”غريبي فتنو“ جي نالي سان هڪڙو ڊرامو لکيو جنهن جو پلاٽ مارلي ڪوريلي جي مشهور ناول وينڊيٽا تان ورتل آهي. هن صاحب ٻيا به ڊراما لکيا آهن، جهڙوڪ:- سهڻي ميهار، پنهي شيوا، پريم ڀڳتي ۽ نيڪ انجام وغيره. اهي سڀئي ڊراما سنڌي ٻوليءَ جو جنسار آهن.

۱۱- ليلارام لالو مل

هن صاحب جا هيٺيان ڊراما سنڌي ادب ۾ موجود آهن جهڙوڪ:- ”دورنگي دنيا، بي وفا قاتل، ڪلهڪ جا ڪلور“ ۽ ”پريمي پتنگ“ وغيره.

۱۲- مسٽر موٽومل گدواڻي

سنه ۱۹۲۷ع ۾ هن صاحب سنڌي لڪشمي نالي هڪ ڊرامو سنڌي ۾ لکيو. انهي ڊرامي ۾ سنڌ جي انهي وقت جي ٻهگتي حالتن جو عڪس پوري طرح سان ڏنل آهي.

۱۳- لالچند امرڏنو مل

لالچند امرڏنو مل سنڌ جو مشهور اهل قلم، ٻهتر فنڪار، سليس ۽ سهڻي زبان جو لکندڙ ۽ عبارت جو صاحب ٿي گذريو آهي. هن صاحب ”نقد ڌرم“ نالي هڪ ايڪٽ وارو ڊرامو سنه ۱۹۱۱ع ۽ ”پارت جاوا“ سنه ۱۹۱۹ع ۾ لکيا هئا. لالچند امرڏني مل سنڌ جي مشهور لوڪ ڪهاڻين کي به ڊرامي جو ويس ڍڪايو آهي. جهڙوڪ:- عمر ماروي، سسئي پنهون ۽ سهڻي ميهار وغيره. هن صاحب جا ٻيا لکيل ڊراما پڻ سنڌي ادب ۾ موجود آهن. ”عملدار ڪين رعيت آزار“ ”سيٺ ڪي ويڙهه“ بسنتي ديوي.

۱۴- چاندو مل کتري

هن مهاشيه منو هر موهني، رهمي وڪار ۽ نل دمينتي نالي ڊراما لکيا آهن.

جديد دور

۱۵- ڪشنچند بيوس

بيوس پنهنجي سليس ۽ سلوڻي، عوامي ۽ فطرتي شاعري جو موجد هو. بيوس اُن پهريون سنڌي شاعر آهي جنهن ايراني شاعريءَ کي ڇڏي سنڌي ۾ طبع آزمائي ڪئي. هي سنڌ جو هڪ باڪمال قومي ۽ عوامي شاعر ٿي گذريو آهي. بيوس ”هوبصورت بلا، سورداس هرشچندر ۽ هار جيت نالي سنڌي ٻوليءَ ۾ ڊراما لکيا آهن. ليڪن سندس ڊرامن ۾ شاعرانه بلند خيالي، صنايع بدايع تمام گهٽ تعداد ۾ ڪم آيل آهن. ان ڪري اُي سندس ڊرامن ۾ اينڙو مزو نه آهي.

۱۶- ليکراج ”عزيز“

”عزيز“ به سنڌ جو هڪ لاثاني شاعر آهي. هن جا سنڌي زبان ۾ ”ڪمار اجيت سنگهه“ ۽ ”غريبان مار“ مشهور ڊراما آهن. ليڪن هن جي ڊرامن تي پڻ شاعري جو رنگ زياده غالب آهي.

۱۷- خانچند درياڻي

خانچند درياڻي سنڌي ۾ جديد ڊرامي جو موجد سمجهيو وڃي ٿو. هن صاحب انڪل ويهارو ڪن ڊراما لکيا آهن. ادبي لحاظ کان درياڻي جو ڊرامو ”ديش صدقي“ جو اصل ۾ ميٽرلنڪ جي ”مونا وانا“ تان ورتل آهي، هڪ بهترين شئ آهي. انسان ڪيئن شيطان مارلي ڪوريلي جي ساروز آو سيٽن تان ۽ ”غلط فهمي“ مسز هينري ووڊ جي ايسٽ لن تان ورتل آهي. ”گلاب جو گل“ ۽ ”موتين جي مکڙي“ به ڊراما پڻ درياڻي جا سنڌي ۾ لکيل آهن. اهي ٻئي ڪتاب ادبي خوبين کان ڪي قدر وانجهيل آهن. درياڻي جا پنهنجا خود ساخته ڊراما ”رتنا“ ”زميندار ظالم“ ”زماني جي لهر“ ۽ ”بک جو شڪار“ آهن.

۱۸- احمد خان چاڳلا

هن صاحب ”خوني“ جي عنوان سان هڪ ڊرامو ترڪي ٻوليءَ مان ترجمو ڪري سنڌيءَ ۾ آندو. سندس سنڌي ۾ ٻيا به ڊراما لکيل آهن. هڪڙو ”ديش جو دشمن“ ۽ ٻيو ”پوت“- ٻئي ناروي جي ناليري ڊرامي نويس ابسن تان ورتل آهن.

۱۹- عثمان علي انصاري

انصاري صاحب ”سمبيلائين“ ۽ ”ٽو جينٽلمين آف ويرونا“ سنڌي ۾ ترجما ڪيا آهن. پهرئين جو نالو ”جرم بيوفا“ ۽ ٻئي جو ”گمراهه دوست“ رکيو اٿس. عبارت جي لحاظ کان هي ٻئي ڊراما پڙهڻ وٽان آهن.

۲۰- محمد اسماعيل عرساڻي

مادروطن سنڌ جو مشهور ڊرامه نگار ۽ مهراڻ جو شيڪسپيئر محمد اسماعيل عرساڻي ڪنهن به تعارف جو محتاج نه آهي. ”بدنصيب ٿري“ نالي سندس ڊرامو اهڙو آهي جنهن تي سنڌي ادب جيترو ناز ڪري اوترو گهٽ آهي. سنه ۱۹۶۱ع ۾ مرڪزي صلاح ڪار بورڊ وارن ڇاپايو هو.

(ڏسو صفحو ۷۴)

Scanned with CamScanner

ادب ڇا آهي؟

(از:- محمد صديق ملاح، اسسٽنٽ ماستر، ننڊو شهر)

ادب آهي زندگيءَ جي شناس، ادب آهي جذبات جي لهڻ ۽ چڙهڻ جو سرور، ادب آهي مشاهدي مان پرايل چمن توڙي اضطراب جي ڪيفيت، ادب آهي لڙڪن ۽ مرڪن جو گڏيل نقشو، ادب آهي ظرافت ۽ مدحت جي تصوير، ادب آهي انسانيت جي تعمير جو بنياد جنهن جي وسيلي انسان گونا گون پيچيدگين مان واقفيت حاصل ڪري ٿو.

ادب حياتيءَ جو آئينو آهي، جنهن ۾ اسان پنهنجي زندگيءَ جون تصويرون ڏسي سگهون ٿا. مارئيءَ جي عصمت، مومل جي چالاڪي، راڻي جو رسامو، ليلان جي غلطي، چنيسر جي چڙ، سسئيءَ جي سڪ، فرهاد جي محنت، سهڻيءَ جي سچائي، ڏم جي ڪاوڙ، قيس جي ديوانگي يا جنونيت وغيره اسان جي روزمره جي وهنوار ۾ اڄ به شامل آهن.

اهي سيئي حقيقتون، باريڪ باشيون، دل جي ارمانن جون گهرايون، جذبات جون گهٽ وڌايون، خيالات جون تفڪر آميزيون، چڱايون يا ڪڌايون، ستمگريون يا سانڍايون گڏ جي اسان جي هلت چلت کي جنم ڏين ٿيون. جنهن هلت چلت گفتار ۽ ڪردار تي اسان جي سيرت جي عمارت تعمير ٿئي ٿي، انهيءَ تعمير ۾ هر منزل تي ادب اسان جي رهبري ڪري ٿو. اهو ادب ئي آهي جو اسان کي ٻڌائي ٿو ته انسانيت ڇا کي چئجي. ٻين جي جائز جذبن جو قدر ڪرڻ، زندگيءَ جي وهنوار ۾ انهن کي ڪشاده دليءَ سان موقعو ڏيڻ، ڪشمڪش حيات جو پامرديءَ سان مقابلو ڪرڻ، تخيل آميز خيالات جي روشنيءَ ۾ زندگيءَ جي الجهن کي سلجهائڻ ۽ ڪاروان حيات کي اڳتي وڌي هلڻ، پنهنجي اوڻاين تي چشم پوشي ڪرڻ بدران ٻاڻ انهن جي نقاب ڪشائي ڪرڻ.

ظالم جي ڪيل ظلم تي اظهار ڪرڻ، معاشره جي ارهه زوراين، ستمگرين کي فاش ڪرڻ، ستم رسيده انسانن جي دانهن کي دلگداز پيرايه ۾ پيش ڪرڻ، بيڪس وبيوس افراد جي ويس ۾ پوشيده تي انهن جي تلخ حقيقتن کي فاش ڪرڻ؛ مطلب ته جذبن، ارمانن، لڙڪن مرڪن، حسرتن جو نچوڙ ادب آهي.

”مون سين ماروئڙيون،
کهڙيءَ ريت رسنديون،
چونئيءَ ۾ چيڙهه پيو،
پين رت جيون،
نيڻين نبڊ وهه تي
ساري ساڏوهيون،
هتي جي هيون ته
سڏ پين سيل جي.“

مارئي عمر جي قيد ۾ آهي، تڪليفون ڏسي رهي آهي، اٿئي پهر اندر ۾ اهائي اڪير اٿس، چونئيءَ ۾ چيڙهه پئجي ويو اٿس، وار اڏوتا ۽ منجهيل اٿس، منهن ميرو آهيس، جيون رت پي رهيون آهن، وطن جي هردم تات اٿس؛ ڪنهن چيس يا دل مان خيال اٿيس :- ته مارئي، تو ڪان سرتيون ڪاوڙ جي ويون آهن، اهي تو ڪان رسي ويهي رهيون آهن، نه ته تنهن جي سار لهن ها. جنون هو يا چريائي، سڪ هئي يا بي پناه الفت. ڪجهه گهٽئي ٿيس لڙڪ ڪريس، وطن جي طرف جي ٿڌي هوا اچي رهي هئي، جا لڙڪن کي ڳلن تان هيٺ ڪيرائي رهي هئي چيائين :- ”ته جي هتي هجن ها ته ڪين سيل جي سڏ پوي ها!“

”جي لوڻ لڳين لائيين
ڇيري ڇيري ڇم،
مون ڪراڳي نه ڪيو اهو
ڪو جهو ڪم،
جان جان دعوي دم،
تان تان پرت پنوهارسين.“

ظاهري طور انهن ٻن بيتن ۾ عمر ۽ مارئيءَ جي حالت جو نظارو چٽيل آهي پر انهن جو مرڪزي خيال مارئيءَ جي ثابت قدمي، غيرت ۽ حيا ۽ عمر جي ڏاڍائي آهي. انهن بيتن جي پڙهڻ ڪانپوءِ اسان جي دل ۾ مارئيءَ لاءِ همدرديءَ ۽ محبت پيدا ٿيندي، ۽ عمر لاءِ ڌڪار. جڏهن اهي تاثر پيدا ٿيا، ته پوءِ چئبو ادب پنهنجو ڪم سر انجام ڏنو.

ادب آهي دل مان پيدا ٿيل تاثر جو نالو، جيڪو مشاهدات ۽ فڪر جي صورت ۾ اڀرندو ٿو. ان ۾ معاشري جون ارهه زوراين، امرا جون ستم ظرافيون، اهل هوس جون چالبازيون ۽ غربا جون مجبوريون وغيره اچي وڃن ٿيون. جيستائين ڪنهن جي حالت جو هو بهو لفظن ۾ اظهار نه ڪيو ويو آهي، تيستائين اهي تاثرات ڪڏهن به اثر انداز نه ٿيندا. جيڪڏهن تاثرات اثر انداز نه ٿيا، ته پوءِ انهيءَ لکڻي کي ادب جي دائري کان ٻاهر سمجهبو. ڪنهن اديب يا شاعر جو شاهڪار جيڪڏهن ڪنهن دل کي متاثر نٿو ڪري، حسرت ۽ مسرت نٿو محسوس ڪرائي ته ته چئبو ته اهو ادب نه آهي ۽ رڳو لفاظي آهي. اديب جو ذهن ۽ شاعر جو فڪر جيڪڏهن اهڙي چيز جا متلاشي رهيا جا متاثر ڪري سگهي، ته ان کي ضرور ادب چئبو ڀيءَ صورت ۾ نه.

ادب ۾ اديب يا شاعر جي نازڪ خيالي، فصاحت ۽ بلاغت جدت ۽ سلاست، بندش ۽ محاڪات، لفظن جي ساحري ۽ موقع شناسي، مشاهده ۽ مناظر نگاري بلند مقام رکن ٿا. ڪهڙو به انسان جيڪو شعر کان نابلد هجي، جيڪڏهن ان جي اندر ۾ دل آهي ته ان کي متاثر ڪرڻ لاءِ نياز همايونيءَ جا هيٺيان ٻه شعر ڪافي ٿيندا؛

سنڌي ادب ۾ ڊراما
(آنديل صفحي ۷۳ تان)

۲۱- لطف الله بدوي

بدوي صاحب بلند پايه شاعر، ڊرامه نگار، افسانه نويس ۽ سانگي پرپل نقاد آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ سندس هيٺيان ڊراما تصنيف ڪيل آهن. ۱- دودو چنيسر ۲- مير بهرام ۳- پيچل.

۲۲- پروفيسر آڏارام ملڪاڻي

ملڪاڻي جا سنڌي ٻولي ۾ صرف هيٺيان ڪل چار ڊراما آهن، هڪ ”قسمت“، ٻيو ”ايڪتا جا آلاپ“ ٽيون ”ڪن جي خطا“ ۽ چوٿون انارڪلي نالي تاريخي ڊراما آهن.

۲۳ محمد عثمان ڏيپلائي

ڏيپلائي پڻ هن فن ۾ ڪافي طبع آزمائي ڪئي آهي. نور جهان جو پٽ، سچائي موڙي، غازي امان الله ۽ ڪانگريس نالي چار ننڍا ڊراما مشهور آهن.

ان کان سواءِ موجوده دور ۾ سراج الحق، چنا شبير ناز ۽ غلام رسول لنجار ڪامياب ڊرامه نگار آهن جن مان سنڌي ادب کي ڪافي اميدون آهن. اميد آهي ته اهي صاحب ڊرامه متعلق ڪافي ڪجهه لکي سنڌي ادب کي ان کان مالا مال ڪندا.

(١)

"چوريون ڪرڻيون ڀون
ٿيون خون ڪرڻا ٿا ٻون،
عزتون لٽيون ڀون
ٿيون ڪوڙ هڻا ٿا ٻون،
ناحقيءَ سان حق ٻين
جا ٻاڻ سان ڪٽڻا ٿا ٻون،
الت جي ٻيهودگين جا
ٿاڪ رکڻا ٿا ڀون،
جو گذر آباد انهيءَ ڪسي
نيڪ تو چوڻو ڀوي،
زندگي تنهن جي ڪري
ڇا ڇا ٿو ڪرڻو ٻوي!"

(٢)

"مفلسي فاقه ڪشي
بيروزگاري سر تي آ
بيوسي بيماري ۽
اندوهڪاري سر تي آ،
ظلم، ذلت، جبر،
نفرت خونخواري سر تي آ،
درد، غم، فڪرات ۽
حسرت شعاري سر تي آ،
رت جا ڦڪ ٿا پيون ته
به مات تو رهڻو ٻوي،
زندگي، تنهن جي ڪري
ڇا ڇا ٿو ڪرڻو ٻوي!"

مٿين ٻن شعرن ۾ اهڙي انسان جي تصوير چٽيل آهي، جنهن تي هر درد و غم، فڪرات خدا تو ڄاڻي ته ڪهڙيون مشڪلاتون وارد آهن. ناميديءَ جي حالت ۾ جيڪي ڪجهه ان جي زبان مان نڪري ٿو، تنهن کي شاعر نظم جي صورت ۾ پيش ڪيو آهي. انهن ٻن شعرن مان مبتلائي درد و ڪرب انسان جي صورت پيش ڏسڻ ۾ اچي، ۽ دل ۾ اهڙي انسان لاءِ همدردي پيدا ٿئي ٿي. محاڪات يا تصوير ڪشي، جنهن جو شاعر لفظن ۾ اظهار ڪري پڙهندڙن کي متاثر ڪيو ۽ همدرديءَ جو جذبو پيدا ڪيو، ادب جو عين مقصد به اهو آهي.

"جي اٿئي سڌ سڪڻ جي
ونءُ ڪلاڙ کي گهر،
وڍڻ، چيرڻ، چيرڻ،
بهت اُتي جي ٻر،
جي وڃي ٻوئي ور،
ته سو کي آهي سيد چئي."
(شاه رح)

شاه ڀٽائي رحمت الله عليه هن بيت ۾ انهيءَ طالب طريقت کي پير مغان جي ڀٽيءَ تي وڃڻ جي صلاح ٿو ڏئي ۽ اتي جي جانگداز حالت کان به کيس واقف ڪري ٿو. مصائب و آلام جي سهڻ بعد هڪو ٽيءَ جي حاصلات نيڪ فال چوي ٿو. مٿين بيت جو ماحصل جدو جهد ۽ ڪوشش آهي.

فارسيءَ جي ڪنهن شاعر مٿين خيال کي هنن لفظن ۾ ادا ڪيو آهي:-

"خلق مي گويد چرا
جام بجان مي خري،
اين سخن با ساقيءِ ما گو
که ارزان ڪرده است."

ماڻهو پڇن ٿا ته جان ڏيئي جام پيو تو ونين؟ ڪهڙو نه سهڻو جواب ڏنائين ته اها خبر منهن جي ساقيءَ کان پڇو جنهن جام جي قيمت کي سستو ڪيو آهي! شاه سائين سر سورٺ ۾ ساڳئي خيال کي هينئن ادا ڪيو آهي:-

"تند ڪنارو ڪنڌ، آئيئي
ٻر تا ٻاڻ ۾،
اي به شڪر الحمد، جو مٿو
گهريو مڱڻي."

مٿين شعرن جو مرڪزي خيال بي پناه الفت آهي. جان ڏيئي پيالو وٺڻ، ۽ سر جي ڏيڻ سان سائل کي راضي رکڻ ۽ ٻوءِ به ان کي هيچ سمجهڻ سواءِ محبت ۽ الفت جي ناممڪن آهي.

"وه قتال جهان معشوق جو
تهے سوتے هين پڑے مرقدان
کے
کل مرنے والے لاکهون تهے،
اب رونے والا کوئي نهين."

يا انهيءَ ساڳئي موضوع تي مولوي حاجي احمد ملاح جو هي شعر:-

"صورت هيس جي سونهن
پري،
ته به هي ڪندو هوءِ ڪوبري،
ڪاري ڪلر ۾ ڪل ڀري،
سگهجي سڃاڻي هاڻ ڪيئن."

مٿين ٻنهي شعرن ۾ هي ثباتي بي بقا جي فلسفه کي المناڪ لهجي ۾ چاڪ ڪيو ويو آهي. اسان ٻنهن جي حياتيءَ جا ڏنديل عڪس انهيءَ ۾ ڏسي سگهون ٿا.

ادب ۾ مناظر نگاري ۽ مشاهده نگاريءَ کي وڏو دخل آهي. ڪنهن ڏٺل نظاري جي تصوير چٽڻ کي مشاهده ۽ مناظر نگاري چئجي ٿو. شاعر يا اديب جيڪو پنهن جي فن ۾ يڪتائي روزگار آهي، سو مشاهده ۽ مناظر نگاريءَ جي وسيلي ڏڙڪندڙ دلين، رئندڙ اکين، وهندڙ لڙڪن، ڪرندڙ قطرن ۽ ڳجهندڙ ڪڪرن جي ڪيفيت ۽ حالت کي محاڪات جي فن سان آراسته ۽ پيراسته ڪري سامعين جي اڳيان پيش ڪري ٿو.

مشاهده ۽ مناظر نگاريءَ ۾، شفق جي لالاڻ، لعل بدخشان جي ڳاڙهاڻ، درعدن جي اڇاڻ، آڪاس جي نيلاڻ، قول جي سرهاڻ، چنڊ جي چانڊاڻ، سمنڊ جي پاڻيءَ جو حسين نظارو، برف پوش جبلن جي سج جي روشنيءَ تي دلفريب منظر، چنڊ جي ٿڌي روشني، ڪبڪ جي خوش خرامي، مور جو رقص، خوش اندام محبوب جي لوڏ، حسين رخ جو تجلو، ڪوئل جي ڪوڪو، رخسار تي ترجي حڪومت، بت بي پير جو ناز ۽ انداز، عشوو ۽ اعجاز، مستي ۽ مخموري، خمارئل چشم گلابي ڳل، سياه گيسو، هلالي ابرو، عاشق جي بي قراري، ديدار جي اڃ جلڻ ۽ تڪڻ، ستارن سان محفل، بيابان سان مجلس، وحشت سان اُنس، بي رحمي ۽ بي وفائي، چريائيءَ جون ڳالهيون، ديوانگيءَ جي حالت، عبادت جو لطف، زاهد جو زهد، مؤذن جي اذان، ليڊر جو عمل، ملان جي تسبيح، مواليءَ جي صدا، ظالم جو ظلم، مظلوم جي بي بسي، شاهوڪار جي شڪم پروري ۽ عيش وعشرت، غريب جي دربدري ۽ غربت، سرمايدار جي عياشي، مفلس جي ڪسمپرسي، عورت جي عصمت، غيور جي غيرت، ڪامل جي عظمت، مجاهد جي جرئت، غازيءَ دليري، شهيد جي آرزو، تلوار جو وار، ڀالي جي روڪ، ڀالي جي وهڪ، بندوق جو گهاءُ، رت جو ڦوهارو، سرن جو نچڻ ۽ جدا ٿيڻ، شراب وڪباب، ساقيءَ جي مخموري، بلورين جام جي نازڪ هٿن ۾ گردش، محفل جو سڪتو، جهومڻ ۽ نچڻ، راڳ ۽ ساز، طنبور ۽ ستار، پائل جي جهنڪار، شرابي اکيون، لبن تي تبسم جون برقي خيز لهرون...! خدا تو ڄاڻي اهڙا ڪيتريون اهڙيون چيزون آهن جي مشاهده ۾ اچن ٿيون ۽ جي مناظر نگاريءَ جا جيئرا جاڳندا مثال آهن.

آءٌ مٿي اڳيئي عرض ڪري آيو آهيان ته شاعر ۽ اديب ئي ادب جي ڦلواڙيءَ کي وڌائيندڙ ۽ سينگاريندڙ آهن. اهو گلشن ٻنهي جي گڏيل ڪوشش سان سرسبز رهي ٿو. ٻنهي جو ذهن ۽ فڪر ادب جي باغ جي باغباني ڪري ٿو، ٻنهي جون دليون مشاهده ۽ مناظر نگاريءَ جي ڪيفيت کان محظوظ ٿين ٿيون، ٻئي ٻنهجي نوع ۾ جذبات جي لهرن ۾ لڙهن ٿا، ٻنهي جون اکيون اشڪبار رهن ٿيون ۽ ٻئي خلش کي محسوس ڪن ٿا. تنهن ڪري ضروري ڄاڻان ٿو ته نظم جي مثالن کانپوءِ نثر جو هڪ ٽڪرو سامعين جي اڳيان عرض رکان جنهن مان اديب جي فڪر، قلم جي زور ۽ جذبات جي روانيءَ جو پتو پئجي ويندو:

ابيلا:- خدا جي واسطي منهن جي مدد ڪر، ڪنهن طرح ظالم جي ظلم کان نجات ڏيار؟

قاصد:- ناممڪن، هن جو غصو وڌيل آهي.

ابيلا:- پلا پڌاءِ مسلمانن جو لشڪر هتان گهڻو پري آهي؟

قاصد:- ٨ يا ٩ ميل.

ابيلا:- ته هڪ ڪم ڪر منهنجو پرزو مسلمانن جي سپه سالار تائين پهچائي؟

قاصد:- مشڪل، پر ٿي سگهي ٿو.

ابيلا:- پنو پهنسل ته ڪونهي؟

قاصد:- ان جو ذمان ذمووار

ڪونه آهيان.

ايبلا:- مهرباني ڪري پهرين جو ڪو ٻن ٻئي ڏي. مسلمانن جي سپه سالار جو نالو ڇا آهي؟

قاصد:- سعد بن ابي وقاص.

هن پهرين جو ٻن ٻئي ڏنس، الذي ايبلا ڪلهي ۾ پتري هٿي رت ڪڍيو ۽ ان رت سان پهرين جي ٻن تــي هي ٻه ٽي حرف لکيا:- ”مسلمانن جي سپه سالار سعد جي نالي:- ايران ۾ اڄ رات هڪ الذي عورت تي بي انتها ظلم ٿيڻ وارو آهي، جو ٿيڻو هوندو سو ٿي رهندو، ۾ قيامت جي ڏينهن سعد جي گريبان ۾ منهنجو مضبوط هٿ هوندو. جيڪڏهن اسلام مظلومن جو حامي آهي ته شرط هيءَ آهي ته ڳالهه جو پتو ٻئي ڪنهن کي نه پوي.“

(٢)

واليءَ ايران سالگره جي خوشيءَ ۾ مست آهي، ٻاهران ڀهرو هلي رهيو آهي، الذي ايبلا ڪوٺيءَ ۾ بند آهي ۽ هن طرح جي گفتگو هلي رهي آهي.

هرمز:- اڄ ته مان تنهنجون اکيون روشن ڪريان، جيئن تون ڏسي سگهين ته جنهنجي ٻر ۾ وينل آهين سو هن زماني ۾ بيحد حسين آهي.

ايبلا:- تنهن جي ڏسڻ لاءِ الذين اکين جي سجي ٿيڻ کان سڄين اکين جو انڌو ٿيڻ بهتر آهي.

هرمز:- جيڪڏهن تو اڄ ٻـ منهنجي خواهش جي تڪميل ۾ دخل ڏنو تـ مان آڳريون ڏنگيون ٻه ڪري ڇاڏيان تو.

ايبلا:- جنهن پاءُ جو موت، پيءُ جو قتل، وطن جي بربادي، ڀينهن جي تباهي، سڀڪجهه سر تي سنا پر پنهنجي عصمت تي حرف آڻڻ نه ڏنو سا اڄ به الذي حالت ۾ اينتري قــوت رکي ٿي جو تو جهڙي ڪتي کي ٿر ديڪ اڇڻ کان روکي سگهي.

دروازو بند هـو، الذي ايبلا جا هٿ، هرمز جي مضبوط هٿن ۾ ٻنيان وريل هئا، هـن کيس ٻامگ تي ليٽايو جو ايبلا چيو:- قدرت منهنجي بيڪسي؟ تنهنجو ظلم ڏسي رهي آهي، ٻــاهر ستارا منهنجي مجبور حالت تي ماتــم ڪري رهيا آهن، ڪمري جي هوا منهنجي رکوالــي ڪر! آسمان منهن جي مدد لاءِ ڀيڄ!! ڪو آهي جو هن وقت منهن جي مدد ڪري!؟

”تون مطمئن رهه جو محفوظ آهين.“

هرمز ٻنيان ڏنو ته سعد بن ابي وقاص، مسلمانن جي لشڪر جو سپه سالار اگهاڙي تلوار سان دروازي تي بيٺو آهي. هو سعد کي ڏسي ڏڪڻ لڳو. سعد نوڙيءَ ۾ سوگهو ٻڌس، عورت جي ڳولا ڪئي ويئي پر هٿ نه آئي.“

مٿيـون ٽڪرو ڪتاب عروس عجم عرف ”ايبلا“ مان ورتل آهي، جنهن جو ليکڪ اردوءَ جو مشهور اديب علامه راشد الخيري دهلوي آهي ۽ سنڌيءَ جو مترجم پروفيسر لطف الله بدوي آهي. هن ۾ اديب جي قلم سراهــا درد ڀنجي هڪ حرص جي غلام جي ڪردار کــي فاش ڪيو آهي، ۽ هڪ الذيءَ عورت جي انتهائي مظلوميت کــي ظاهر ڪيو آهــي. انهيءَ ٽڪري جي پڙهڻ ڪانپوءِ اهـا ڪهڙي پٿر دل هوندي جا متاثر ٿيڻ بغير رهــي سگهي. انهيءَ ٽڪري ۾ اديب هوس ۽ غم جي تاثرات کي جمع ڪيو ٻه جانگداز آهي.

ادب فنون لطيف مــان هڪڙو لطيف فن ٻـــ آهي. فنون لطيف ۾ ادب کانسواءِ رقص، مصوري، يــا نقاشي ۽ عضون جي لچڪ، لــرالي ادا، فن جي نــزاڪت دل ۾ هڪ قسم جي اهڙي ڪيفيت پيدا ڪن ٿا جو انسان بيخود ٿيڻجي وڃي ٿو جيستائين رقص شروع هوندو آهي، تيستائين ڏسندڙ خود رقصان رهندو آهــي ۽ ان ڪانپوءِ به رقص جي ڪيفيت دل ۾ رهندي آهي.

هڪ مصور جو قلم تخليق جي هر خدو خال کــي اهڙي نموني اُجاگر ڪري ٿو، رنگ ۽ روپ جي يڪسانگيءَ کي اهڙي طرح نباهي تــو جو ڏسندڙ اک ٽڪڻ جو نالوئي نٿي وٺي. دلڪشا جي تصوير تي موهت ٿي ڪيترن شهزادن تڪليفــون سٺيون، ملڪه بي نظير جي صورت تي ممتاز کان سواءِ ڪيترا پيادر بدر ٿيا، اهو ڇا هو؟ اهو هو مصور جو قلم جنهن مصوريءَ جــا جوهر ڏيکاري هر اک کـــي مفتون ۽ هر دل کي شيدائــي بنائي وڌو.

ساڳئي نموني راڳ کـــي ڏسو، جڏهــن گلوڪار مٺي آواز سان مهل ۽ موقعي تــي ساز جي ميلاپ سان پنهنجي فن جي نمائش تــو ڪري، ٿڙيءَ مان تانون ۽ مرڪون پڌائي تو ۽ واقعي جيڪڏهن هو انهيءَ فن ۾ مهارت رکندڙ آهي، ته محفل ۾ سناٽو مچي وڃي ٿو، دليون نشاط و ڪيف جي عالم ۾ جهومڻ لڳن ٿيون، ديپڪ راڳـ تي بــاهه لڳڻ ۽ ملهار راڳــ تي بارش جو وسڻ اهو پڌائي ٿو ته فضا راڳـ جي ساحريءَ تي مفتون ٿي وڃي ٿي. دل جي گهرايــن ۾ هڪ قسم جــا منڙا چڪ محسوس ڪجن ٿا، جيڪڏهن اعتبار نه اچيو ته ٻپولتامنگيمڪر جــي آواز جي شيدائين کــان، رفيع جي چاهنا ڪندڙن کان، يــا ملڪه ترنم نور جهان جي گلي کي پسند ڪندڙن کــان، يا ڪاريهر نانگ کــان جيڪو مرليءَ جي مڌر آواز تي نچڻ ۽ جهومڻ لڳي ٿو يــا انهــن جاندارن کان جيڪي ٻيجل جي سرندي جــي آواز تي دنيا و مافيها کان بي خبر ٿيڻجي ويا. جيڪڏهن ايا ٻـــ اوهان کي ٻڪ نه اچي تــ ٻيو راءِ ڏياچ جي دل جي گهراين کان جنهن سرندي جي حسين ڏنـــن ۽ وڄندڙ لهرن تي بيخود ٿيڻجي پنهنجو سرهيشن ڇٽي راڄيمدڙ کي بخشي ڇڏيو:-

”مٿي اٿي منهنجي هئا سرن سؤ هزار،
ته تنهن جي ساڻ تنوار، هوند هر هر وڍير هيڪڙو.“
شاه ڀٽائي رح.

ادب به اهڙو ئي لطيف فن آهي، جنهن ۾ سرور آهــي، ڪيف آهي، دل جي خوشي آهي، حسرتون آهن، ارمان آهن، سڀڪجهه آهي. اهوئي سبب آهي جو انسان شاعر يــا اديب جي نازڪ خيالي، جدت، تخيل جي پرواز تـــي جهومڻ لڳي ٿــو، ۽ سندس وات مان اڏمو ڏيئي واهه واهه جو آواز نڪري وڃي ٿو. ادب تاثرات جي محظوظ يا مغموم ٿيڻ واري حالت جو نالو آهي جا ڪنهن جي تقرير يا تحرير، نظم يــا نثر ٻڌڻ يا پڙهڻ ســان دل ۾ پيدا ٿئــي، ان جي وسيلي مسرت حاصل ٿئي يا حسرت، انهيءَ حاصلات ۾ بني نوع جاندار لاءِ همدردي ۽ خوشيءَ جو امتزاج هجي، برائين ارمانن جي تاثرات ۾ هر جاندار تي ٿيل ظلم و ستم جو نچوڙ اچي وڃــي. جڏهن اسان پين انسانن جي خوشيءَ کي پنهنجي خوشي تسليم ڪيو ۽ ٻئي جي غم کي پنهنجو غم قرار ڏنو تڏهن ئي چئي سگهبو ته اسان ادب جي رسيءَ کي پڪڙيو ۽ انجي ڏسيل راهه تي هلي منزل مقصود تـــي پهچي وياسون.

آخر ۾ آءٌ مشهور فلسفي ۽ شاعر رابندر ناٿ ٽئگور جي هنن لفظن تي پنهنجي مضمون جو اختتام ڪندس: ٽئگور چوي ٿو ته:- جڏهن مان انسانن جي تاريخ متعلق ڪافي ڄاڻ حاصل ڪري چڪس، تڏهن ”وردس ورٿ“ جيان گهڻو ڪــري اداس رهڻ لڳس. ”وردس ورٿ“ جو هميشه اهو ويچار اداس گذاريندو هو، ته انسان، انسان سان ڇا نه ڪيو آهي، واقعي ڪيڏي المناڪ چيز آهي جو اڄ به انسان، نوع انسان

(ڏسو صفحو ٧٧)

Scanned with CamScanner

"پوٿي"- بنگالي ادب جو هڪ اهم جزو

(از:- جعفراڻي "عزيز" سجاولي)

سلطان قطب الدين ايبڪ جي زماني ۾ محمد بن بختيار خلجي سنه ١١٩٨ع مطابق ٥٩٤ هجري ۾ بنگال کي فتح ڪيو ۽ ديناج پور، مالده، نديا، بيربوم ۽ بردوان تي حڪومت قائم ڪئي. بهار علائقي جا به ڪي حصا، هن جي هٿ هيٺ هئا؛ ليڪن عرب جغرافيه دانن ۽ سياحن جي تحرير مان پتو پوي ٿو ته مسلمان، هن هنڌ، ڪافي عرصو اڳي پهچي چڪا هئا ۽ ١٢ صدي عيسوي ۾ ته هن علائقي (هاڻي مشرقي پاڪستان) ۾ ڪافي تعداد ۾ مسلمان آباد ٿي چڪا هئا.

"ڪامروپ" ان وقت هندو عالمن، فلسفين ۽ يوگين جو مرڪز هو ۽ اهي ساڳئي وقت اسلام کان به روشناس ٿي چڪا هئا.

بنگلا جي فتح کانپوءِ ڏهن ٻارهن سالن بعد علي مردان (٦٠٦هه کان ٦١٣هه) جي زماني ۾ هتي هڪ يوگي "پوجر" نالي اسلام جي متعلق معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ "لکنوتي" پهتو، جتي هن قاضي رڪن الدين سمرقندي سان ملاقات ڪئي. هنن ٻنهي جي وچ ۾ هيٺين گفتگو ٿي:-

يوگي: توهانجو پيغمبر ڪير آهي؟

قاضي: محمد رسول الله (صلي الله عليه وسلم).

يوگي: آهوئي نه- جنهن چيو آهي ته روح امر ربي آهي.

قاضي: جيءَ ــ ها.

يوگي: هن پيغمبر جي اچڻ جي بشارت اسانجي مذهبي ڪتابن ۾ پڻ آهي.

اسلام جي بنيادي اصولن تي بحث ڪرڻ کان پوءِ "پوجر" برهمڻ، مسلمان ٿي ويو ۽ اسلامي تعليم ۾ هن ايتري ته قابليت ڏيکاري جو هو اهم معاملات طيءِ ڪرڻ لڳو.

انهي دوران، برهمڻ، هڪ ڪتاب نالي "امرت ڪنڊ" قاضي رڪن الدين سمرقندي کي پيش ڪيو. قاضي، مذڪور ڪتاب، جو پهرين "پارسي" ۾ پوءِ "عربي" ۾ ترجمون ڪيو. (ڏسو پاڪستان هسٽوريڪل سوسائٽي جرنل جنوري ١٩٥٣)

بنگال ۾ عربي ۽ فارسي جي ذريعي علم ۽ فن جي اشاعت اهڙي ريت شروع ٿي. هتي اها ڳالهه به اهم خصوصيت رکي ٿي ته مسلمان به جتي ڪٿي پهتا، اتي نه صرف، انهن پنهنجن علمن ۽ فنن جي تبليغ ڪئي، پر پين ڪيترن علمن کي اسلامي دنيا تائين پهچايو. مقامي زبانن جي دامن کي علمي و ادبي دولت سان مالا مال ڪيائون ۽ عربي و پارسي جي لفظن سان انهن زبانن کي وسعت به ڏنائون.

بنگال ۾ انهن ڪوشش جو اثر بلڪل دوررس ثابت ٿيو. بنگالي زبان ۾ اسلامي علم تي ڪتاب لکيا ويا...؟... بنگالي زبان ۾ ڪيترا عربي ۽ پارسي اکر ڳنڍيا جي ويا. عربي ۽ پارسي جي اثر جو حلقو ايترقدر وسيع ٿيندو ويو، جو بنگال جي عوامي زبان ۽ عوامي ادب به، انهي رنگ ۾ رنگجي ويا. بنگالي زبان جو اهو منظوم ادب، جو "پوٿي" چيو وڃي ٿو، سو انهي سلسلي ۾ هڪ ڪڙي جي حيثيت رکي ٿو.

بنگالي زبان جي مسلمان اديبن جو سڀ کان وڏو ڪارنامو هيءُ آهي ته انهن "پوٿين" جي ذريعي "ديوتائن" جي بجاءِ "انسان" کي عوامي ادب جو مرڪز بنايو.

قدرتي نظارن جي هيبت و حشمت، ناقابل- فهم ڳالهين وغيره جو، بنگال جي پراڻي ادب ڪافي ذڪر ڪيو هو، پر اهو ڪو حل ڳولي نه سگهيو هو.

بنگال جو هڪ مسلمان اديب هڪ لئين ۽ زندگي سان پرپور ادب جي تلاش ۾ نڪتو. انهي سوچيو ته هڪ عام ماڻهو جي دل و دماغ کهڙين ڳالهين کان متاثر ٿئي ٿو. چنانچه انهي مذهب- تصوف، تاريخي روايتن، بزرگن جي سوانح، قصن ڪهاڻين، عشق و محبت جي داستانن، عيش و طرب جي نغمن ۽ رنج و الم جي نالن، روزانه زندگي جي واقعن ۽ موسمن جي تغير و تبدل تي هڪ جاندار ادب جو بنياد رکيو... جيڪو اڄڪلهه "پوٿي" جي عام نالي سان سڏجڻ ۾ اچي ٿو.

ادب جي انهي شاخ کي "نيم تعليم يافته ماڻهن جو ادب" چئي، نڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي، ليڪن اها ڪوشش ڪامياب نه ٿي سگهي. انهي جي برعکس هي ادب زندگي جي هر چيز کي پنهنجي پاسي ڪندو ويو ۽ هر قدم تي سندس دامن وسيع ٿيندو رهيو.

"پوٿيون" ڪئين آهن، بلڪ انهن مان مشهور پوٿين جا نالا هي آهن:-

نشاط نامه، نور قنديل، ابليس نامه، دل آرام، صفت ايمان، دل روشن، ڪتاب المصلين، نور جمال، مقتل حسين، وجال نامه، قيامت نامه، وقائق، وفات نامه، نصيحت نامه، زيب الملڪ، شمع رخ، شريعت نامه، دعوت الناصحين، مصري جمال، سراج القلوب، طالبنامه، خير البشر، راحت القلوب، ڪفايت المسلمين، يوسف زليخا، گل بڪاولي، سيف الملوڪ، بديع الجمال، بهرام گور، امير حمزه، حاتم طائي، قصص الانبياء، فسانهءِ عجائب، پدماوتي، ليليٰ مجنون، هشت پيڪر ۽ سڪندر نامه.

"گل بڪاولي" ۽ "پدماوتي" کانسواءِ پين سڀني "پوٿين" جا نالا عربي ۽ فارسي ۾ آهن، جن جي تحرير ۾ ڪافي الفاظ عربي ۽ فارسي نظر ايندا.

انهي فهرست مان اسانکي "پوٿين" جي موضوعن جي به پلي پت پروڙ پوي ٿي ته انهن مان ڪي مذهبي روايتن، تاريخي واقعن، عشقيه داستانن ۽ عوامي ڪهاڻين تي مشتمل آهن.

"پوٿين" جي ٻي خاصيت، جو انهن نالن مان ظاهر ٿئي ٿي، اها هيءَ آهي ته پين زبانن مان نهايت بلند پيرايهءِ سان ترجمه ڪيون ويون آهن. جيئن ته "هفت پيڪر، ليليٰ مجنون ۽ سڪندر نامه"

(ڏسو صفحو ٧٨)

ادب ڇا آهي؟

(آندل صفحي ٧٨ تاج)

جو شڪاري آهي (ابهي تک آدمي صيدزبون شهرياري هے، قيامت هے کہ انسان نوع انسان کا شڪاري هے) علامه اقبال- انسان کي نانگ، چيتي، شينهن ۽ پين جهنگلي جانورن ايترو نه چيريو ڦاڙيو ۽ ماريو آهي، جيترو انسان. مون کي معلوم هو، پر ان جي باوجود مون کي اميد هئي ته ضرور ڪا جاءِ اهڙي به هوندي، ڪو مندر اهڙو به هوندو، جتي انسانن جو غير فاني روح ڪڪرن ۾ لڪل سڀ جيان موجود هوندو ۽ آخر "ادب" جي وسيلي سان ان مندر تائين پهچي ويس.

از:- ممتاز پٺاڻ

سنڌ جي قديم تهذيب: ويدڪ زمانو

علم تواريخ جي ماهرن جي اها دعويٰ آهي ته دنيا ۾ فقط ٻه تهذيبون پراڻيون ۽ اصلي آهن ۽ ٻيون جيڪي بعد ۾ آيون يا ته انهن ٻن مان ڪنهن جو نقل آهن يا ته ڪنهن نه ڪنهن طرح انهن ٻن سان ميلاپ رکندڙ يا ڳنڍيل آهن. اهي ٻه تهذيبون هي آهن: بابل جي سميري تهذيب ۽ واديءِ نيل جي قبطي تهذيب. پر واديءِ سنڌ ۾ مئن جي دڙي، هڙاپا، ڪوٽ ڏيجي ۽ تازو هاڻي آمري وٽ کوٽائين انهيءَ دعويٰ کي بلڪل غلط ۽ بي بنياد ثابت ڪيو آهي. ساڳي طرح نين تحقيقاتن ۽ کوجنائن اهو به ظاهر ڪيو آهي ته سنڌو جي وادي دنيا ۾ سڀ کان پراڻي تهذيب جو مرڪز ٿي رهي آهي ۽ خود بابل ۽ مصر جي تهذيب تي اُن جو گهرو اثر رهيو آهي. ڪن تحقيقات ڪندڙن اهو به ثابت ڪيو آهي ته خود بابل جي سميري تهذيب جو بنياد واديءِ سنڌ مان هجرت ڪندڙ ماڻهن رکيو هو جن کي سميري ڪتبن ۾ ”اوئنس“ جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو. چيو وڃي ٿو ته اهي اوڀر طرف کان آيا هئا ۽ پهريان ئي ماڻهو هئا جن عراق جي ماڻهن کي تهذيب ۽ تمدن جو ابتدائي درس ڏنو. ٻڌايو ويو آهي انهن پهريون دفعو فرات جي واديءَ ۾ ”هر“ ۽ ”ڦيٿو“ رائج ڪيو، جنهن کي قديم تهذيب جو منڍ سمجهيو وڃي ٿو. انهيءَ مان اهو معلوم ٿو ٿئي ته اوئنس جي اچڻ کان اڳ عراق جا ماڻهو وحشي زندگي گذاريندا هئا ۽ سندن گذران شڪار تي ئي ٿيندو هو ۽ هنن نون ماڻهن اچي پوک جو رواج وڌو. ساڳي ريت ڦيٿي جي ايجاد وڙي واپار کي زور وٺايو ۽ ان لاءِ بعد ۾ رت ٿهڻ ڪري حڪومت ۽ سلطنت جو بنياد پيو. اهڙي طرح اولهه ايشيا ۾ پهريون دفعو شهري حڪومتون وجود ۾ آيون ۽ ماڻهن ۾ شهري زندگي ۽ ان جي لاهن چاڙهن کي منهن ڏيڻ جو شعور پيدا ٿيو. پر سڀ کان وڏي نعمت جا واديءِ سنڌ جي ماڻهن اتي پيتا طور پيش ڪئي، اهو هو لکڻ جو ڏانءُ ۽ صورتخطي جنهن کان اولهه ايشيا جا ماڻهو بلڪل غير واقف هئا. انهيءَ صورتخطي کي ڪيونيفارم يا ڪنڊن وارو خط چيو ويندو

پوٿي

(آندل صفحي ٧٧ تان)

”نظامي گنجوي“ جي مثنوين جا ترجما آهن.

”يوسف زليخا“ ملا جامي جي مثنوي جو ترجمون آهي ۽ ”فسانه عجائب“ اردو تان ترجمون آهي.

اهو ئي سبب آهي جو بنگالي زبان ۾ ڪيترا عربي ۽ فارسي الفاظ ملندا.

”پوٿين“ جي چوٿين خاصيت جيڪا آهي، سا آهي ته:- هنن ۾ جيڪي به قصا بيان ڪيا ويا آهن، انهن مان بعض پاڪستان جي ٻين علائقائي زبانن مثلاً پنجابي، سنڌي ۽ پشتو وغيره ۾ به موجود آهن. مثلاً يوسف زليخا، گل بڪاولي، سيف الملوڪ، امير حمزه ۽ حاتم طائي وغيره.

ڪي ”پوٿيون“ اهڙيون به آهن، جيڪي ٻين علائقائي زبانن سان ملن جلن ٿيون. جيئن ته پنجابي جي ”سه حرفيان“ ۽ ”باده ماهان“ جي برابر بنگال جون ”چوتر پشان“ ۽ ”باره ماسا“ پوٿيون قابل الذڪر آهن.

پنجين خصوصيت، پوٿين جي پڙهڻ جو مخصوص انداز آهي.

موجوده زماني ۾ ”پوٿيون“ جيتوڻيڪ ٿوريون لکيون وڃن آهن، ليڪن بنگالي زبان جي مسلمان اديبن ۽ شاعرن جي زبان اهائي آهي جا ”پوٿين“ ۾ استعمال ٿيندي رهي آهي. اهڙن شاعرن مان ”نذرالاسلام“ جو نالو نمايان حيثيت رکي ٿو.

نذرالاسلام جيتوڻيڪ، ڪا ”پوٿي“ نه لکي، ليڪن غريب انسانن جي ڏک ڀري ڪهاڻي ۽ مسلمانن جي اڳوڻي عظمت ٻڌائيندي، عوام کي بيدار ڪندو رهيو ۽ انهي مقصد ۾ ڪامياب هئڻ لاءِ، انهي ”پوٿي“ جي زبان اختيار ڪئي. سندس نظمن مان مٿين خيالن مطابق هڪ ”نظم“ ”فاتحه دوازد هم“ مشهور ۽ معروف آهي.

نذر، جي وقت ۾ ”مومت لال مجمدار“ نالي شاعر به پنهنجن نظمن ”بدو“ ۽ ”نادر شاه“ ۾ به عربي ۽ فارسي الفاظ ڪتب آڻي، گويا ”پوٿيءَ“ کي تازو ڪري رهيو هو.

ويهين صدي عيسوي ۾ مسلمانن جي بيداري ۽ نئي زندگي جي دؤر جو آغاز ٿيو. بنگال جا مسلمان به جاڳيا... انهن به محسوس ڪيو ته پنهنجي تهذيب، پنهنجي زبان ۽ پنهنجي ادب جون، جي روايتون مٽجي رهيون آهن... انهن کي وري نئين سر زنده ڪرڻ لازمي آهي.

سنه ١٩٤٠ع ۾، جڏهن پاڪستان جي تحريڪ نهايت جوش ۾ آئي، تڏهن ته هيءُ احساس اڃا به وڌيڪ سخت ٿيو. جيئن ته پاڪستان جي بنگالي ادب تيار ڪرڻ خاطر، ڍاڪا ۽ ڪلڪته ۾ ادبي انجمنون قائم ڪيون ويون. جن پنهنجن ٺهرائن ۾ بحال ڪيو ته: اسانکي اهو ادب تيار ڪرڻ کپي:-

”جو اسانجي قوم،
اسانجي مذهب ۽ اسان
جي تهذيب جي تقاضائن
مطابق هجي...... ۽
اهڙي زبان بنائي وڃي
جا انهي ادب جي لاءِ
مناسب هجي......“

”پوٿي ادب“ ۾ اسانجي قديم روايتن جو ذخيرو پهريائين ئي موجود هو ۽ انهي جي زبان به نون تقاضائن مطابق هئي. پوءِ ته هيڪاري ”پوٿي ادب“ ڏانهن وڌيڪ خيال رکيو ويو. انهي تحريڪ کان متاثر ٿيندي ”فرخ احمد خان“ ”سات شاگو رهو مالجهي“ نظم لکي. انهي نظم ۾ به ڪافي انداز اکرن جو عربي ۽ فارسي آهي.

”قديم پوٿين“ مان ننڍن قصن تي نظمون لکجي رهيون آهن، جن ۾ عربي ۽ فارسي جا الفاظ زياده تر استعمال ڪيا وڃن ٿا.

هن زماني ۾ ”پوٿيون“ لکيون ته نه ٿيون وڃن، مگر زبان ۽ روايتن جي اعتبار کان ”پراڻيون پوٿيون“ بنگالي زبان جي مسلمان اديبن ۽ شاعرن جي لاءِ هڪ ذخيره جو ڪم ڏيئي رهيون آهن؛ اهو ئي موجوده بنگالي ادب تي ”پوٿين“ جو اثر آهي.

بهرحال هيئن چوڻ ۾ ڪو به مبالغو نه ٿيندو ته:-

”پوٿيون، اسلامي
تهذيب و تمدن ۽
روايتن جو قيمتي
ذخيرو آهن. بنگالي
ادب جي نمو و نما ۾
انهن پوٿين کي ئي
بنيادي حيثيت حاصل
آهي.“

آهي. اهـا دنيا جي پهرين صورتخطي هئي جنهن ۾ هر هڪ لفظ لاءِ ڪانءُ ڪا نشاني مقرر ڪيل هئي. اهڙي طرح تور ۽ ماپ جا جدا جدا اسڪيل مقرر ڪيا ويا، جن مان مڻ اڄ ڏينهن تائين نه فقط اولهه ايشيا ۾ رائج آهي بلڪ سڄي دنيا ۾ ان جو چرچو آهي. سميري تهذيب هڪ سنگ بنياد سمجهيو وڃي ٿو، جنهن ۾ بعد ۾ سامي قومن هڪ وڏي عمارت ڪڙي ڪئي، جنهن جو اثر گهڻو ڪري دنيا جي سڀني ملڪن جي تهذيب ۽ تمدن تي ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

اٽڪل ٻه هزار سال ق - م جي آريه وادي سنڌ ۾ داخل ٿيا. آريه ڪا خاص هڪ قوم نه هئي پر جداگانه قبيلن جو هڪ گڏيل مجموعو هو. سندن اصل وطن پامير جو مٿاهون پٽ ۽ ان جي آس پاس وارو خطو ٻڌايو وڃي ٿو، جتان بعد ۾ يوچي، سٿين، هنس، ترڪن ۽ منگولن جو انساني طوفان پڻ گهٽ ٿيو. آرين لاءِ اهو مشهور ڪيو ويو آهي ته هندستان ۾ اچڻ وقت سندن تهذيب ۽ تمدن چوٽ تي هو جنهن جو اثر بعد ۾ هندوستان جي رهندڙ قومن تي ٿيو، جن کي هو ڌڪار وچان دسيو يا اڻ آريه سڏڻ لڳا پر آثار قديمه جي ماهرن جي تحقيقاتن انهي مثال کي بي وزن ثابت ڪيو آهي. آريه جڏهن سنڌ ۾ داخل ٿيا هئا تان وقت اهي وحشي، شڪار تي گذران ڪندڙ ۽ پوک کان اڻ واقف هئا. سڀ کان اڳ هنن پنجاب ۾ بود وباش اختيار ڪئي ۽ اتي جي ماڻهن جي تهذيب ۽ تمدن کي پنهنجي گهرو، معاشي، سياسي ۽ مذهبي زندگي سان متوازن بڻايو. وادي سنڌ ۾ ئي سندن تهذيب جي شروعات ٿي ۽ هتي ئي سندن پهريون ڪتاب رگ ويد مرتب ٿيو. وادي سنڌ جي تهذيب جو اثر آريه مذهب ۾ هينئر به ڏٺو وڃي ٿو ۽ پيشيشن ته سرجان مارشل جو چوڻ" آهي ته شو جي پوڄا به آر[illegible] وادي

سنڌ جي ماڻهن کان هٿ ڪئي. گهرو زندگي ۾ زال کي ڪل اختيار ڏنو، مگر هوءَ مرد جي زيردست هئي. مرد کي هڪ زال کان وڌيڪ شادي ڪرڻ جي اجازت نه هئي، پر اهو قانون راجائن سان لاڳو نه هو. ڀاءُ ڀيڻ جي يا پيءُ ۽ ڌيءُ جي شادي جا ان وقت اولهه ايشيا ۾ سامي مغربي قبطي قومن ۾ رائج هئي، ان جو ڪوبه ذڪر رگ ويد ۾ نه ڏٺل آهي. صغير ٻارن جي شادي جو به رواج نه هو. شادين ۾ پيسن جي ڏي وٺ به ٿيندي هئي ۽ جهڙي طرح هاڻي ڏنو وڃي ٿو، سوڻ ساٽ جو به رواج هو. ڪٽنب گهڻو ڪري گڏيل هوندا هئا جن ۾ ٻرڙي مڙس جو چيو هلندو هو. گهر ۽ ملڪيت ۾ هر هڪ جو حصو رکيل هوندو هو، پر پيءُ جي جيئري پٽن کي ڪوبه اختيار نه هو. گڏيل ڪٽنبن جي مجموعي کي گراما سڏيو ويو. شروعات ۾ آرين ۾ رنگ ۽ ڀيد جو ڪوبه فرق نه هو مگر بعد ۾ سنڌ جي ماڻهن سان گڏجڻ ڪري ورنن يا ذات پات جو ڀيد پيدا ٿيو. آرين جون چار ذاتيون هيون:- جهڙوڪ برهمڻ، راجپتا، ويسيا ۽ سودر. سياسي نظام به آرين وادي سنڌ جي اصلوڪي رهندڙ ماڻهن کان هٿ ڪيو ۽ پهريان شهري حڪومت ۽ پوءِ سلطنتون وجود ۾ آيون. راجائن تي رعيت جي سنڀال ڪرڻ مکيه فرض هو. حڪومت برهمڻن جي چئي موجب هلندي هئي جو منجهن پڙهيل طبقو هو. ڍلون وٺڻ، حساب ڪتاب ٺاهڻ، راجا ۽ رعيت پاران قرباني جون رسمون ادا ڪرڻ سندن خاص ڪم هو. جنگ گهڻو ڪري اصلوڪي رهاڪن سان ٿيندي هئي، ۽ سوڀ جي حالت ۾ انهن جي ملڪيت ۽ اهل اولاد راجا جي غلامي ۾ اچي ويندا هئا. جنگ جي وقت راجا ڪنهن مهل پاڻ ته ڪنهن وقت وري سيناپتي يا سپه سالار کي موڪليندو هو. انصاف جو به نرالو قانون هو. چوري، ڌاڙو، ٺڳ ۽ خون جهڙن ڏوهن ۾ موت جي سزا ڏني ويندي هئي. سڪن جو رواج اڃا نه پيو هو، ۽ وڏي وٽ چوپائي مال يا زيورن جي وسيلي ٿيندي هئي. وياج جي شرح مور کان وڌي ويندي هئي ۽ عموما وياج خور قرضائي کي سندس زال ۽ ٻارن سوڌو غلام بڻائيندو هو. اهو فائدو حمورابي جي قانون ۾ به ملي ٿو جو ۲۴۰۰ ق - م بابل جو وڏو بادشاهه ٿي گذريو آهي. انهيءَ مان ظاهر آهي ته وادي سنڌ ۽ فرات جي وادي آرين جي اچڻ کان اڳ تهذيبي نموني ۽ ثقافتي طور گڏيل هيون جنهن جو اثر پوءِ جي ايندڙ قومن تي به پيو ويدڪ زماني ۾ مالي حالت جو دارومدار پوک تي هوندو هو. رگ ويد ۾ فقط جون جي پوک جو ذڪر ڪيل آهي جنهن مان شراب ٺهندو هو. چيو وڃي ٿو ته آريه اُن ۽ چمڙي جي پوشاڪ پهريندا هئا ۽ واديءَ سنڌ ۾ اچڻ کان پوءِ ڪپهه جي خبر پين جنهن کي هو "ڪرپاس" ڪري سڏيندا هئا. بلوچي زبان ۾ هينئر به ڪپهه کي ڪرپاس سڏيو وڃي ٿو. سٽ ڪتڻ ۽ چرخي جو هنر به آرين کي واديءَ سنڌ ۾ اچڻ کان پوءِ حاصل ٿيو. جهڙي طرح اولهه ايشيا جي ماڻهن کي آسوري باد شاهه سنڪريب ڪپهه جي پوک کان واقف ڪيو، جنهن کي هو اُن جهليندڙ وڻ سڏيندا هئا. سنڌ جي ڪپڙي جي تاريخ توريت ۾ به ڪيل آهي، جو مذهبي ڪتاب هنڌ کان سواءِ دنيا جو پهريون لکيل ڪتاب تسليم ڪيو وڃي ٿو.

آريا اچڻ وقت بلڪل سادي زندگي گذاريندا هئا، مگر بعد ۾ اصلوڪن رهاڪن کي ڏسي منجهن قيمتي پوشاڪن ۽ ۽ سونن زيورن پائڻ جي پروڙ پئي. شروعات ۾ منجهن ڳائي مال جو ڪوس به ٿيندو هو، پر بعد ۾ جڏهن ڏٺائون ته ڳئون کي سنڌو وادي ۾ ديوتا وانگر پوڄيو وڃي ٿو، انڪري آرين به ڏڳين کي پوڄڻ شروع ڪري ڏنو. آريه پڻ قديمي قومن وانگر فقط ٽن خدائن کي پوڄيندا هئا، جن کي سوريا، ورونا ۽ اندرا ڪري ڪوٺيندا هئا. اهي بابل جي ٽن خدائن سان مشابهت رکن ٿا، جن جا نالا انو، انليل ۽ ايا آهن. "مترا" يعني ڏيئي جي پوڄا بعد ۾ شروع ڪئي وئي. آريه شهسوار هئا، جن کي گاڏين وغيره جي خبر نه هئي. واديءَ سنڌ ۾ اچڻ کان پوءِ انهن ٿيٽن کي ڏسي پهريان گاڏيون ۽ رٿون جوڙيون. اتر سنڌ جون ڏڳي گاڏيون اڄ به انهن پراڻين گاڏين جو يادگار آهن جن جي تواريخ موئن جي دڙي جي تهذيب کان پراڻي آهي. چيو وڃي ٿو ته سنڌ جي زبان سنسڪرت جي هڪ شاخ آهي پر هاڻوڪي تحقيقات انهيءَ کي ثابت ڪيو آهي ته خود سنسڪرت زبان ۾ ڪيئين لفظ پراڻي سنڌيءَ مان اخذ ٿيل آهن ۽ سنسڪرت پراڻي سنڌي جي ڀيٽ ۾ هڪ تازو ڄاول ٻار نظر پئي اچي. هاڻوڪي سنڌي ٻولي به ڪا سنسڪرت مان نڪتل نه آهي، پر آرين ۽ وادي سنڌ جي اصلوڪي رهندڙ ماڻهن جي گڏيل ٻولي مان نڪتل آهي جنهن کي پراڪرت چئجي ٿو. پراڪرت جي وڏي گرامر لکندڙ مرڪنڊيا جو چوڻ آهي ته سنڌ ۾ اپڀرنش پراڪرت ڳالهائي ويندي هئي جنهن کي وراچڊا ڪري سڏيو ويندو آهي ۽ انهيءَ جو پنجاب جي ٻولي لهندا سان گهرو تعلق آهي.

از:- جمال رند

قوم ۽ قومي نظريا

مٿيئن عنوان تي علم سياست ۾ هزارين صفحا لکيا ويا آهن، پر جيئن ته اسان جي پياري مادري ٻوليءَ ۾، هن عنوان تي تمام گهٽ لکيو ۽ بحث ڪيو ويو آهي، تنهن ڪري آءٌ مناسب ٿو سمجهان ته هن قسم جا ۽ اهڙا ٻيا علم سياست جا موضوع کڻي، ڪجهه پنهنجن عزيز پاٺڪن کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪريان، ڇو ته: اڄ جو انسان سماجي جانور ۽ مذهبي ڪيڙي کان وڌيڪ، سياسي جانور ٿيو لڳي. ڪو به هن دنيا جي تختي جو ماڻهو کڻو، تو هان ڏسندا ته هو ڪنهن مملڪت جو شهري هوندو ۽ ان سان گڏ، هو ڪنهن نه ڪنهن قوم سان واسطو رکندڙ به ضرور هوندو؛ ساڳئي وقت هو جيڪو به نظرياتي طور تي پڙهندو ۽ ٻڌندو هوندو، سو جڏهن تجرباتي يا عملي طور تي اکين سان ڏسندو هوندو، تڏهن ئي هو ڪنهن نظريي جي باري ۾ ڪا راءِ قائم ڪري سگهندو. ٻين سڀني ڳالهين کان منهن موڙي، هڪ سياسي جانور جي حيثيت ۾، اڄ جي انسان کي پنهنجي مقام، مملڪت جي معنيٰ، حڪومت ۽ حڪومت جي ڪار پردازن جي مختلف نمونن کي سمجهڻ، هن لاءِ اڄ ڪلهه لازمي ٿي ٿو پوي. علم سياست جي اڪيچار موضوعن مان، اڄ جي لاءِ اچو ته مٿيئن موضوع کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون؛ ۽ ڏسون ته قوم ڇا کي ٿو چئجي، قوميت ڇا آهي ۽ قوم پرستي ڇا کي ٿو چئجي.

گارنر جو چوڻ آهي، ته قوم (Nation) لفظ لئٽن ٻوليءَ جي نئشو (Natio) مان ڦٽي نڪتو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي: وڏي جنم ونسڻ يا ساڳيو ٻڻ (Race) ٻين لفظن ۾ هيئنئن به چئي سگهجي ٿو، ته ڪنهن به خطي جا ماڻهو جنهن جو ٻڻ گهڻو ڪري ساڳيو هجي، ريتيون رسمون ۽ تهذيب ۽ ٻولي ساڳي هجي، ته اهڙي ماڻهن جي گروه کي قوم چئي سگهجي ٿو. اڪري الجهاءَ کان اڳ اچو ته قومن جي تواريخي پس منظر کي ڏسون، جنهن مان اسان کي مختلف دورن ۾ "قوم" جي مختلف تصورن جي ڄاڻ پوندي.

قبيلن جي تصور واري قوم

مملڪت جي وجود ۾ اچڻ جي باري ۾، هابس، لاڪ ۽ روسو جو "سماجي معاهدي" وارو نظريو صحيح آهي يا غلط، ان سان هتي ڪو به بحث ڪونهي، پر ايترو سو چئبو ته جڏهن ماڻهو انهيءَ فطر تي دؤر ۾ رهندو هو، تنهن وقت ۾ هو قبيلن ۾ وراهيل هو ۽ هڪ ئي ابي ڏاڏي جو اولاد ۽ هڪ ئي مٽيءَ ماٽيءَ وارا ماڻهو، پاڻ کي هڪ ٻئي جي ويجهو ۽ پيارو سمجهندا هئا ۽ انهن جي پاڻ ۾ ڏاڍي ٻڌي هوندي هئي؛ ۽ اهڙن قبيلن جي سڀني فردن کي گڏي ان وقت ۾ "قوم" چيو ويندو هو. اهو تخيل يا تصور، فطرتي دور کان پوءِ به گهڻو وقت هليو؛ ۽ اهوئي سبب آهي جو اڄ ڪلهه به اسان ۾ ذات پائي لاءِ وڌيڪ الفت ۽ محبت ڏني ويندي آهي. ٻين لفظن ۾ هيئنئن چوڻ شايد غلط نه ٿيندو ته اهڙي قوم جو بنيادي طور تي تصور کڻي هڪ رت واري عزازت تي هجي، پر انهن ماڻهن جي ٻولي، انهن جون رسمون ۽ رواج، انهن جا سياسي توڙي اقتصادي مفاد ۽ تواريخي روايتون پڻ ساڳيون هليون؛ ۽ اهڙن ماڻهن جي گروه کي، ان وقت ۾ هڪ جدا قبيلن واري قوم سمجهيو ويندو هو.

شهري رياستن واري قوم

علم سياست جا شاگرد، روم ۽ يونان جي "شهري رياستن" کان بخوبي واقف هوندا، جنهن دؤر افلاطون ۽ ارسطوءَ جهڙا عظيم مفڪر پيدا ڪيا آهن. مٿيئن قسم جي قبيلن ۾ وڌڪ ٿيندي رهي ۽ انهن قبيلن جي فردن، ننڍڙن ننڍڙن شهرن يا ڳوٺن ۾ رهندي، پنهنجي لاءِ پاڻ مان، پاڻ تي حڪم ڪندڙ يا ڪن ڪمن لاءِ ڪنهن حڪومتي ماڻهن جي ٽوليءَ جو هجڻ لازمي ٺهرايو يعني حڪومت جو وجود وجهڻ انهن لازمي سمجهيو، جا انهن کي ڪنهن متفق نموني تي هڪ ئي مقصد لاءِ اڳتي وڌي هلڻ ۾ پنهنجون خدمتون ۽ ڪاوشون وقت بوقت خرچ ڪندي رهي؛ ۽ انهيءَ دور ۾ اهڙن ماڻهن جي گروه کي، جن جي پنهنجي شهري حڪومت ۽ شهري رياست هئي، تن کي قوم تصور ڪيو ويندو هو.

مذهبي قوم

ماڻهن ۾ مجموعي زندگي گهارڻ واري احساس پيدا ڪرڻ ۾، مذهب جو وڏو هٿ آهي. جڏهن ماڻهن ۾ مذهبي شعور جاڳيو ۽ انهن ۾ ساڳئي وقت پنهنجي مذهب کي پکيڙڻ به ايمان جو جز ڄاتو ويو، ته اهي قبيلا، انهن شهري رياستن کان ٻاهر نڪري پياءِ پنهنجي مذهب جي پرچار ڪري ٻانڌي جي زور تي، مذهب کي پيش ڪرڻ يا مڃائڻ لڳا. جيستائين به اهڙن مذهبن جا ماڻهو ويا ۽ جن به حدن تائين پنهنجا هم مذهب پيدا ڪري سگهيا، اتي پاڻ حڪومت هلائڻ لڳا، ته اهڙن ماڻهن کي هڪ قوم ڪري ڄاتو ويو، جا قوم شهري رياستن کان وسيع ۽ مٽي ماٽيءَ وارن تنظيمن کان آزاد هئي.

هڪ بادشاهت واري قوم

مختلف جنگجو ۽ جهيڙالو قبيلن جي سردارن جي ذهنن ۾ پاڻ کي مطلق العنان سڏائڻ جي جڏهن لالچ پيدا ٿي، تڏهن قبيلن قبيلن جي وچ ۾ چڪريون شروع ٿيون ۽ جنهن به قبيلي جو سردار فتحياب ٿيندو هو، تنهن جو ان زمين جي ٽڪرن تي يا ملڪن تي حڪم هلڻ لڳو. اهڙي قسم جون بادشاهتون آهستي آهستي شهنشاهتن ۾ تبديل ٿي ويون ۽ ان قسم جي بادشاهن اڳتي هلي، پنهنجي محڪوم رعايا کي پنهنجن مذهبي عقيدن، پنهنجين رسمن ۽ رواجن ۽ زبان جهڙن جزن هيٺ آڻي، پنهنجي حاڪميت ۽ بادشاهت کي زنده رکڻ خاطر انهن ان قسم جي هتراد و قوم ۽ قوميت جو وجود آندو. اهڙين چالاڪين ۽ حرڪتن مان انهن بادشاهن جي صرف اها مراد هئي ته ماڻهو منهنجا غلام رهندا اچن، مگر تاريخ شاهد آهي ته اهڙن بادشاهن جي تختن جي، جن هڪ هتراد و قوميت قائم ڪئي هئي، ڦرهي نه ڦرهي سان ملي ۽ بادشاهتون قومن جي سهاڳيءَ تي ڪرڙ جي ٽانڊي جيان ٿوري ئي وقت ۾ بينو ر ۽ رک ٿي ويون: مطلب ته اهڙن بادشاهن جي بادشاهتن ۾ رهندڙ سڀني ماڻهن کي، ان دؤر ۾ قوم تصور ڪيو ويندو هو ۽ اهڙن ظالم بادشاهن جون اهي خيالي ۽ من گهڙت قوميتون ۽ قومون، جن جا انهن خواب ٿي ڏٺا سي سڀ تباهه ٿي ويا.

جديد نظريو

انسان جسماني طور تي نه ئي سهي، پر ذهني طور تي اڃا به ارتقا [illegible] پذير آهي ۽ ارتقاء پذير رهندو [illegible] انهيءَ حالت ۾ انسان ته [illegible] ويندو. هن هڪ ٻن [illegible] ۾ اهڙا ٻ[illegible] ڪي قومي

رهنما يا قوم ٻه ست مختلف دنيا جي ملڪن ۾ پيدا ٿيا جن مذڪور چئني قومي نظرين يا تصورن کي مدلل رد ڏئي انهن کي ختم ڪري، هڪ نئين ۽ جديد نظريي کي جنم ڏنو. هن نظريي مطابق ساڳئي نسل، شهري حڪومت، هڪ مذهب ۽ هڪ بادشاهت هيٺ هجڻ قوم لاءِ ضروري ناهي؛ ٻين لفظن ۾ قوم بڻجڻ لاءِ انهن جو هجڻ ٻه نه هجڻ جي برابر آهي. **هن نئين نظريي موجب هر اهو انسانن جو گروهه جنهن جو قديمي طورتي وطن هڪ هجي، ٻولي هڪ هجي، سڀيتا هڪ هجي، تواريخي واقعات هڪ جهڙا هجن، قومي رجحانات ۽ خصوصيات هڪ هجن ۽ سياسي توڙي اقتصادي مفاد ٻه هڪ جهڙا هجن ته اهڙي گروهه کي قوم سڏي ٿو سگهجي.** علم سياست ۾ هن نظريي کي قوم جو جديد نظريو ڪري ڪوليو وڃي ٿو. جيتوڻيڪ هن نظريي جي باري ۾ ڪن علم سياست جي ڄاڻن جو اهو پڻ خيال آهي ته اهڙي قوم کي هڪ خود مختيار مملڪت هجڻ تمام ضروري آهي ۽ جنهن کان سواءِ اها قوم نه ٻه قوميت آهي؛ ٻه ساڳئي وقت اهڙا ٻه ليڪ آهن، جن جي اڳيان مٿين ليڪن جي راهه وزن نٿي رکي ۽ هنن جو چوڻ آهي مملڪت محدود آهي ۽ قوم کان وسيع آهي مطلب ته اختلاف راهه آهي. (جو وڌيڪ اڳتي بحث هيٺ ايندو).

قوم جي ارتقائي تصورن کان پوءِ، اچا ٻه قوم ۽ قوميت کي سمجهڻ لاءِ، مان منهنجي ٿو سمجهان ته ڪن علم سياست جي ڄاڻن جو "قوم" جي باري ۾ جنهن نموني ۾ پنهنجي خيالات جو اظهار ڪيو آهي، تن مان ڪن جا مثالي طور تي ڪي ٽڪر پيش ڪريان: ليولي (Laueleye) قوم ۽ قوميت جي وصف بيان ڪندي لکي ٿو: "قوم اهو ماڻهن جو گروهه آهي، جيڪي ساڳيءَ خود مختياري هيٺ متحد ٿيا هجن (يعني انهن جي پنهنجي حڪومت هجي)؛ ٻه قوميت ان کي چئجي، جو ڪن ماڻهن جو گروهه جو متحد ٿيو هجي، ساڳي نسل، اصليت ۽ زبان جي ڪري ۽ انهن ئي نشانين سان سڃاتو وڃي يا وري اهڙو گروهه جو هڪ جهڙن رسمن ۽ رواجن، هڪ جهڙين تواريخي واقعات ۽ هڪ جهڙن مفادن ڪري متحد ٿيو هجي". ليوليءَ جي خيال موجب ڪوبه ماڻهن جو گروهه خود مختيار آهي ته اهو گروهه قوم آهي، ٻه جي ان گروهه جا تواريخي واقعات، نسل، زبان وغيره هڪ آهن، ۽ اهو گروهه آزاد نه آهي ته هو قوم نه ٻه قوميت آهي. لارڊ برائس پڻ ساڳي ڳالهه ٿو ڪري ٻه لفظن جي رڳي ڦير گهير آهي. هو لکي ٿو ته: "قوميت اها آدمشماري آهي جا ڪن لاڳاپن جي ڪري هڪ ٻئي سان ڳنڊيل هجي مثلا؛ زبان ۽ سندن ادب، خيالن جي هڪ جهڙائي، رسمون ۽ رواج؛ ۽ اهي لاڳاپا مختلف قوميتن ۾ هوندي ٻه، اهي قوميتون هڪ ٻئي کان مختلف لڳن؛ ۽ هر هڪ قوميت پنهنجي جاءِ تي پاڻ کي هڪ ٻئي کان جدا موافقت رکندڙ هجي". برائس قوميت تي اڃا اڳتي لکڻ کان پوءِ، قوم جي باري ۾ هيئن ٿو چوي: "هڪ قوم کي هڪ قوميت آهي، جا پنهنجي پاڻ کي ڪنهن سياسي جماعت جي صورت ۾ منظم ٿي ڪري جا يا ته آزاد آهي يا وري خواهش ٿي رکي خود مختيار ٿيڻ جي".

توهان جيڪڏهن ٿوري غور سان پڙهي ليڪن جي وصفن کي نظر مان ڪيندا ته ڪوبه خاص فرق ڏسڻ ۾ نه ايندو؛ باقي ايترو سو چئبو ته لارڊ برائس، ليوليءَ کان وڌيڪ پنهنجي مقصد کي بيان ڪرڻ ۾ چٽو ۽ واضح پيو لڳي. ليولي چوي ٿو ته: "قوم خود مختيار ۽ آزاد هوندي آهي" ۽ لارڊ برائس چوي ٿو: "قوم، قوميت سان گڏو گڏ آزاد هجي يا آزادي حاصل ڪرڻ جو ارادو رکندڙ هجي". (آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪندڙ هجي). مطلب ته ڪابه قوميت جڏهن پاڻ ۾ متحد ٿي پنهنجي جدا خود مختيار حڪومت ٿا ٺاهي ته اهو ساڳيو ماڻهن جو گروهه قوم ٿي پوندو، نه ته اهو ماڻهن جو گروهه قوميت ئي رهندو. هن نقطي کي سمجهڻ لاءِ آءٌ اوهان جي اڳيان "متحد باد شاهتون" (U.K) جو مثال ٿو پيش ڪريان. انگلنڊ ۾ ٽي گروهه ٿا رهن، جن مان انگريز، اسڪاٽش (اسڪاٽلينڊ جا رهاڪو) ۽ آئرش (آئرلينڊ جا رهاڪو) جي ٽئي مختلف گروهه ملي هڪ قوم يعني انگريز ٿا ٺاهين. هاڻي مٿين ٻنهي ليڪن جي وصفن مطابق هي ٽئي گروهه قوميتون آهن ۽ نه جدا جدا قوم. بلڪل ساڳئي نموني ۾ پنهنجي ملڪ پاڪستان ۾ به سنڌي، پنجابي، پٺاڻ، بلوچ ۽ بنگالي رڳي قوميتون آهن ۽ سڀ ملائي مذڪور ليڪن جي نقطہ نگاهہ ۾ انهن کي پاڪستاني قوم چئي ٿو سگهجي (اهو خيال مذڪور ليڪن جو ڪيتري حد تائين صحيح آهي، تنهن تي اڳتي بحث ڪبو). مٿين ٻن ليڪن کان پوءِ، آءٌ توهان جي اڳيان نئي سياست جي ڄاڻوءَ جي قوم ۽ قوميت جي باري ۾ هڪ وصف ٿو پيش ڪريان. روز (Rose) قوم ۽ قوميت کي ڪي هنن لفظن ۾ بيان ٿو ڪري: "قوميت هڪ جبلت آهي، جنهن کي پوري طرح بيان نٿو ڪري سگهجي. هي ڪنهن به احساس جو مذهب يا خدا آهي ...... هي دلين جو اهڙو ڳالهايو آهي، جو هڪ دفعو ٿيڻ کان پوءِ ڌهي ئي نٿو سگهي. هي اهڙو ته روحاني ويچار آهي، جنهن تي ڪوبه فتح نٿو پائي سگهي ۽ جو تباهه نٿو ٿي سگهي؛ ۽ جترو به جلدي هن قسم جو اتساهه ۽ عشق، ساڳئي نسلن، قبيلن ۽ صوبن ۾ اتپن ٿيندو، ايترو جلدي قوم جنم وٺندي".

مذڪور ٽنهي سياسي مفڪرن کان سواءِ بلنٽشلي، برگيس، بريڊبر، نوبري ۽ ڪالور پڻ ساڳين خيالن جا آهن؛ رڳو لفظن جي ڏي وٺ ۽ ڦير گهير آهي باقي مقصد هڪ ئي آهي. ايترو سو آهي جو مذڪور مفڪرن مان ڪو ساڳئي نسل ۽ ٻوليءَ تي، ڪو ساڳي تهذيب ۽ تواريخي روايات تي، ڪو وري ملڪ ۽ مذهب تي، قوم بڻجڻ لاءِ زور ٿو ڏئي ۽ ڪو وري چوي ٿو ته قوميت رکندڙ گروهه جڏهن خود مختيار ٿئي ٿو يا ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشان رهي ٿو، تنهن کي قوم چئجي.

قوم ۽ قوميت کي سمجهڻ لاءِ، هيلتائين اسان جيڪو به بحث ڪري آيا آهيون، تنهن مان توهان چڱيءَ طرح اندازو لڳائي ٿا سگهو ته قوم ۽ قوميت ۾ ڪو خاص فرق ڪونهي؛ ۽ ساڳئي وقت علم سياست جا شاگرد اهو پڻ ڄاڻن ٿا ته، قوم ۽ قوميت لفظ، ڪن سياست جي ڄاڻن هم معنيٰ ڪري ڪتب آندا آهن. توهان ڏسندا ته، جي قوم يا قوميت لاءِ بنيادي جزا آهن، جن جي ڪري ئي قوم يا قوميت جو تصور قائم ٿئي ٿو سي گهڻو ڪري هي آهن:- (١) ساڳيو نسل، (٢) رسمن رواجن جي هڪ جهڙائي، (٣) ساڳي زبان، (۴) احساس هم جنسيت، (٥) تواريخي روايات، (٦) جاگرافيائي حدون، (٧) حڪومت، (٨) مذهب، (٩) ثقافت، (١٠) سياسي ۽ اقتصادي مسئلن جي هڪ جهڙائي ۽ (١١) قومي ڪردار.

برائس ۽ سندس همخيال دوستن کان سواءِ، بيا سڀ سياسيات جا ڄاڻو، قوم ۽ قوميت لاءِ گهڻو ڪري مذڪور ٻارهن ئي جزا تسليم ڪن ٿا، مگر برائس وارن جو ”خود مختيار هجڻ يا خود مختياري حاصل ڪرڻ يا ان لاءِ جدوجهد جاري ڪرڻ“ وارو ئي هڪ جملو آهي، جو ٿورو گهڻو اختلافي پيو لڳي. هاڻي اچو ته انهيءَ اختلاف کي سمجهون ۽ رد ڏيون.

علم سياست ۾ اسان ”آزادي“ ۽ ”غلامي“ جهڙا لفظ نه پڙهي ۽ سمجهي چڪا آهيون ۽ ساڳئي وقت اسان اهو نه ٻڌون ۽ پڙهون پيا ته ڪي قومون آزاد آهن ۽ ڪي غلام؛ پلا جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ هتي قوم جي ڪهڙي مراد ٿي سگهي ٿي؟

هن قسم جا مثال توهان کي سون جي تعداد ۾ ملندا، جن آزادي حاصل ڪري پاڻ کي آزاد قوم تسليم ڪرايو. مثلا ترڪي قوم، مصري قوم وغيره وغيره. توهان ڏسندا ته اهي ساڳيا ماڻهن جا گروهه، جن کي قوميت سڏيو يا قوم، انهن جو وجود اڳ نه انهن ئي زمين جي خطن تي موجود هو ۽ اڄ نه آهي؛ فرق صرف هي هو جو اهي قومون اڄ خود مختيار آهن ۽ اڳ خود مختيار يا آزاد نه هيون. مطلب ته اهڙين قومن کي قوم ئي نه سڏڻ، صحيح نه ٿيندو؛ باقي انهن سان ”آزادي“ ۽ ”غلامي“ جا لفظ ڳنڍي سگهجن ٿا. غلاميءَ کان وڌيڪ قومن لاءِ ڪابه دنيا جي تختي تي ذليل کان ذليل ۽ نيچ کان نيچ ڪا ڳالهه ئي ڪانهي، ڪو لقب ئي ڪونهي، پر جيستائين ڪابه قوم آزاد ناهي، تيستائين توهان ان کي اهڙي ذليل لقب سان نه نوازي سگهو ٿا، پر انهن جي ”قوم“ هجڻ واري حقيقت کان منڪر ٿي نٿا سگهو؛ ڇو ته رڳي آزادي نه قوم کي قوم نٿي بنائي سگهي ۽ صحيح معنيٰ ۾ قوم بنجڻ لاءِ اهيئي چند لازمي جزا آهن جي قوم کي قوم ٿا بنائين. (جن جو اسان مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون). ساڳيوئي مثال هندستان ۽ پاڪستان جي ورهاڱي سان ٺهڪي ٿو اچي، جن جي جدا خود مختيار مملڪت ٿيڻ جو بنياد مذهب هو: يعني هندو ڌرم ۽ اسلام. (هندو ۽ مسلمان کي جدا جدا قوم تسليم ڪرڻ، علم سياست جي نقطه نگاه کان ڪيتري قدر صحيح ٿيندو، تنهن سان هتي ڪو بحث ڪونهي) جيڪڏهن هاڻي انهن ٻن فرقن کي جداجدا قوم تسليم ڪيو پيو وڃي، ته ڇو نه آزاديءَ کان اڳ؛ جڏهن ساڳين فرقن وارا ماڻهو، ساڳين خيالن سان ۽ ساڳئي خطي ۾ رهندڙ هئا. جيڪڏهن انگريزن هتان جي هندن ۽ مسلمانن کي ١٩٤٧ع ۾ آزادي ڏني، ته ڇا اڳ انهن مذهبن جا مڃيندڙ هتي آباد نه هئا ڇا؟ جي هئا ۽ اهي سڀ جا سڀ انهن ٻن مذهبن جا معتقد هئا، ته انهن کي ١٩٤٧ع کان اڳ نه هڪ قوم تسليم ڪرڻو پوندو. (جيتوڻيڪ علم سياست جي نقطه نگاه کان ڪنهن گروه کي قوم بنائڻ يا چوڻ لاءِ مذهب نه هڪ عام جزو آهي).

جن نه قومن آزادي حاصل ڪئي، انهن ٻن نمونن سان ڪئي آهي: (١) ارتقائي نموني سان ۽ (٢) انقلابي. ارتقائي نموني مان منهنجي مراد هي آهي، ته ڪي سياسي وغيره جماعتون ٺاهي، انهن جي معرفت ڪي امن پسند نمونا اختيار ڪري، حاڪم قوم کي آزادي ڏيڻ لاءِ مجبور ڪرڻ؛ جنهن ۾ اخبارون، رسالا، ادب ۽ جيل ڏانهن ڏوڪڻ ۽ بک هڙتالون وغيره ڪرڻ ئي انهن جا ڪامياب هٿيار رهيا آهن. اهڙا نمونا جڏهن نه رونما ٿيندا رهندا ته اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته فلاڻي يا فلاڻي قوم آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهي آهي.

انقلابي نموني ۾ آزادي حاصل ڪرڻ مان منهنجي مراد هي آهي ته، ڪابه قوم اندر ئي اندر اهڙين تحريڪن کي جنم ڏئي، جن جا مول متا هر هڪ قوم جي فرد تائين پهچي وڃن، پر حڪومت ڪندڙ قوم کي تڏهن خبر پوي، جڏهن سندن حاڪميت تي محڪوميت غالب پئجي وڃي. هن نموني جا هٿيار گهڻو ڪري حاڪم قوم جي خاص خاص فوجي اڏن تي قبضا، ريڊيو اسٽيشنن تي قبضا ۽ پليون ۽ آمد و رفت جا سڀ دڳ بند ڪري انهن تي پنهنجو قبضو ڪرڻ يا انهن کي تباهه ڪرڻ؛ ۽ قومون ائين به آزادي حاصل ڪنديون آهن. جيتوڻيڪ ڪن قومن ته ڪٿي ڪٿي اهي ٻئي نمونا اختيار ڪري، ملڪ جي حالت موجب آزادي حاصل ڪئي آهي.

هندستان، پاڪستان جو ٿيڻ، يا هندو ۽ مسلمانن جو آزادي وٺڻ، اسان پهرين نموني ۾ داخل ڪري سگهون ٿا؛ پر مصرين جي آزادي يا ڪانگو وارن جي آزادي يا خود مصرين کان شامي پاڻن جو ڇوٽڪارو، توهان ٻئي نموني واري آزادي ۾ داخل ڪري سگهو ٿا يعني اوچتي ۽ انقلابي آزادي.

مٿين ٿوري بحث کانپوءِ، توهان ڏسندا ته، برائس ۽ سندس همخيال دوستن جو هي چوڻ: ”خود مختيار هجڻ يا خود مختياري حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻ“ وارو جملو، جو قوم لاءِ قوم بنجڻ ضروري ٿا سمجهن، سو واڌوڪي ٽڙهيءَ وانگر ميٺو پيو لڳي. جڏهن ڪابه قوم آزادي حاصل ڪريٿي نٿي، ته پوءِ هو قوم آهيئي سهي. هر ڪنهن ملڪ ۽ قوم کي ميڙو پوندو، ته هي قوم ته آهي، پر آزاد ۽ خود مختيار قوم آهي. پر ٻئي نموني (انقلابي) سان خود مختياري حاصل ڪندڙ قوم کي رڳو انهيءَ ڪري برائس وارا قوم نه ٿا تسليم ڪن، ڇو ته انهن جي ”جد و جهد“ جي ڪنهن کي خبر ڪانهي. ٻئي نموني واري قومن ۾ انهيءَ قسم جي جرئت ۽ همت هئي ۽ هنن پڌري ڏيڻ مناسب نٿي سمجهيو ۽ هنن جو مقصد هو خود مختياري حاصل ڪرڻ، سا هنن حاصل ڪئي، پوءِ هنن کي قوم ڇو نه تسليم ڪيو وڃي؟

آءٌ اڳ ئي عرض ڪري چڪو آهيان، ته برائس وارن جو اهو خيال غلط آهي؛ ۽ مٿين بحث کانپوءِ توهان چڱيءَ طرح سان اندازو لڳائي ٿا سگهو ته، قومون ڪا ڪاڏي پيٽي ۽ اوڀڙ جون شيون ڪونهن، جي ڪن ڪارخانن مان عام و خاص جي اڳيان مارڪيٽن ۾ اينديون رهن ٿيون- جي نه ڪير پيدا ڪري سگهي ٿو ۽ نه ڪوري ڪو تباهه ڪري سگهي ٿو، ڇو ته قوميت ۽ قومون روحاني جذبن، پيار پرن ناتن ۽ ذهني لاڙن جو مجموعو آهن جي پنهنجي مٺڙي مادري ٻولي، سيپتا ۽ ڄاگرافيائي ۽ تواريخي حالات ۽ واقعات ڪري انهن خاص ماڻهن جي دلين ۽ ذهنن ۾ جنم ٿا وٺن، جي جڏهن پوءِ تڻ جوانيءَ جي جذبن وانگر وسيع کان وسيع تر ٿيندا ٿا رهن، جي هٿرادو يا ڪن ماڻهن جي ميڙڻ يا نه ميڙڻ سان نه ٺهن ٿا ۽ نه ڊهن ٿا؛ پر اهي فطرتي آهن ۽ انسان جڏهن اڃا ڏوهن ۽ پاپن جي دنيا کان هزارين ميل پري هوندو آهي ۽ معصوميت سندس مک تي الهڙ نڇٽيءَ جيان پنهنجا پهريان قدم ڪٽيندي آهي، ته اهي سڀ جا سڀ پاڪ جذبا ماءُ جي مٺڙي هنج ۾، ماءُ جي ٿڃيهه رڳن واري ٿڃ رستي، ان جي انگ انگ ۾ جذب ٿي ويندا، جنهن کي ڪو ڪيئن تو ختم ڪري سگهي. اهڙن ماڻهن جو گروه آزاد هجي يا غلام هجي پر آهي قوم؛ ۽ قوم جي وصف نه اهائي ٿي سگهي ٿي، جا پنهنجي جاءِ تي مڪمل ۽ صحيح آهي.

قوم پرستي

موضوع جي ٻن حصن يعني قوم ۽ قوميت تي بحث ڪرڻ ۽ سمجهڻ کان پوءِ، هاڻي اچو ته قوم پرستي کي علم سياست جي نقطه نگاه کان سمجهون. پر

قوم پرستي جي بنيادن کي سمجهڻ ۽ بحث ڪرڻ کان اڳ، اسان کي هن سوال جو جواب ڏسڻو پوندو: "قوم پرستي ڪيئن ۽ ڇو ٿي جنم وٺي؟".

هن سوال جي جواب ڏيڻ ۾ علم سياست جا عالم سڀ متفق آهن ته:- جڏهن حاڪم قوم يا اڪثريت واري قوم، اقليت واري قوم سان غير انساني ۽ غير قوميت پريا ورتاءُ ڪرڻ شروع ٿي ڪري، تڏهن پاڻ کي فاتح ۽ حاڪم ۽ ٻئي واري قوم کي مفتوح ۽ غلام سمجهڻ شروع ٿي ڪري. جڏهن وڏي قوم، ننڍين قومن جا بنيادي حق غصب ڪرڻ شروع ٿي ڪري؛ بلڪل ان وقت، ننڍيون قومون پنهنجن اميدن ۽ خواهشن کي روز بروز پاڻ پنهنجن اکين آڏو، وڏي قوم جي هٿان بنا ڪنهن رک رکاءُ جي، جهانگو ٿيندي ڏسن ٿيون، ته ان ويل انهن ۾ متحد ٿيڻ ۽ هڪ ٻئي سان محبت ڪرڻ جو جذبو اڀري ٿو ۽ وڏي قوم لاءِ، ساڳئي وقت انهن ۾ (ننڍين قومن ۾) عام نفرت جاڳي ٿي، جا اڳتي هلي آزاديءَ جو سبب ٿي بڻجي. اهڙي جذبي کي علم سياست ۾ قوم پرستي ڪري چيو وڃي ٿو؛ ۽ آءٌ الهيءَ کي پاڪ جذبو ٿو ڪوٺيان. اهڙي دؤر ۾ ننڍڙين قومن جي هر فرد جي دل هڪ، دل جو ڌڙڪو هڪ، ذهن هڪ ۽ سوچ هڪ ئي هوندي يعني هڪ فرد سڄي قوم جي دل ۽ ذهن ۾ ڪوبه فرق ڪونه باسيندو آهي؛ ۽ اهڙي ئي نيڪ جذبي کي علم سياست ۾ قوم پرستي ڪري ليکيو، پڙهيو ۽ ڳالهايو ويندو آهي. "قوم پرستي ڪيئن ۽ ڇو ٿي جنم وٺي؟"، تنهن جو گهڻو ڪري مٿين لفظن ۾ وضاحت ڀريو جواب ڏيندي؛ ڪرانن برگ (Kranen Burg) پنهنجي جڳ مشهور تصنيف "سياسي نظريو" (Political Theory) ۾ هڪ شعر جو ٽڪرو ٿو لکي، جو چوي ٿو ته ۱۹۱۴ع کان اڳ جرمنيءَ جو هر هڪ فرد ۽ گهٽائي ۾ مگن ٿي ڳائيندا هئا، جو هي آهي:-

يعني اسان نفرت ٿا ڪريون الجي (انگلنڊ) پاڻي ۽ زمين کان. اسان نفرت ٿا ڪريون انهن جي (انگريز) دل ۽ دماغ کان؛ (ذهنيت ۽ سوچ ويچار)، اسان جو پيار ۽ نفرت هڪ وانگر آهي (جيڪڏهن هڪ جرمن ڪنهن سان پيار ٿو ڪري ته اسان سڀ ان سان پيار ٿا ڪريون ۽ جي هڪ ڪنهن کان نفرت ٿو ڪري ته اسان سڀ ان کان نفرت ٿا ڪريون) اسان کي هڪ، صرف هڪ اڪيلو دشمن آهي، جو آهي انگلنڊ (۽ انگريز).

توهان مٿين مثال مان ڏسندا ته انگريزن جي خلاف جرمنن ۾ ڪيڏي نفرت هئي ۽ الهيءَ نفرت ئي جرمنن ۾ قوم پرستيءَ جو جذبو اڳي کان اڳرو ڪري وڌو ۽ ائين ئي قومن ۾ قوم پرستي وڌندي ويجهندي ٿي رهي. اسان ساڳئي خيال کي هيٺين ۾ توهان جي اڳيان پيش ڪري ٿا سگهون ته: جڏهن قوم ۾ قومي سڄاڳي، (National Consciousness) قومي جذبا ۽ امنگون، (National Sentement) قومي آدرش ۽ (National Idial) قومي ڪردار (National Character) اڀري ٿي ته ان قوم ۾ قوم پرستي انڪور جي اپري ٿي ۽ اهو آهي رحمت ڀريو اصول جنهن کي پيدا ڪرڻ ۽ مشعل راهه بنائڻ کان پوءِ ئي، قومون پنهنجي آزادي ڳنهن ٿيون. قوم پرستي هڪ جنون آهي جو هڪ نه هڪ ڏينهن هٽيو وڃيو هنڌ ڪري. الهيءَ قوم ۽ قوم پرستي واري منجهيل مسئلي کي مسولني هيٺين ٿو بيان ڪري: "اسان هڪ ڏند ڪٿا پيدا ڪئي آهي يا ناهي آهي. اها ڏند ڪٿا اسان جو پاڪ جذبو ۽ عقيدو آهي. ائين چوڻ اجايو ٿيندو ته اها ڪٿا سچي هجي. هوءَ ته عملي حقيقت آهي، ڇو ته هو هڪ تحريڪ، هڪ اميد، هڪ اعتقاد ۽ همت آهي. اسان جي ڏند ڪٿا قوم آهي ۽ قوم جي عظمت اسان جو عقيدو آهي."

توهان ڏسندا ته مسولنيءَ جي لفظ لفظ مان قوم جي وڏائپ ۽ پاڪائپ جو شان بکي رهيو آهي؛ ۽ سندس هر لفظ قوم پرست لاءِ چڻ ته زندگي ۽ تحريڪ جو آخري آسرو ۽ وسيلو آهي، ۽ اهو ئي سبب آهي جو ان قسم جي ليڊرن ۽ سياسي مفڪرن جي انهن خيالن نيٺ رنگ لاتو ۽ قوم پرستي جنهن کي خواب سمجهيو ويندو هو، سو حقيقت ثابت ٿيو. قوم پرستي هڪ جذبي ۽ تحريڪ جو ويس ڌاري، قومن جي تقدير ئي تبديل ڪري ڇڏي. غلاميءَ جا ٺڪرا پيرن مان لاهي، آزادي ۽ خودمختياري جهڙي نعمت بخشي.

آءٌ ٻڌايان ٿو ته قوم پرستي ڪيئن ۽ ڇو ٿي پيدا ٿئي، ان جو مقصد ڇا هي؟ سو مٿين ٽورن مثالن پڙهڻ کان پوءِ چڱيءَ طرح سمجهي ويا هوندا، پر دل ٿي چوي ته اڃا به قوم پرستي لاءِ وي. ڊي. مهاجن ۽ آر. آر. سيٺي جي خيالن جو آئينو، انهن جي ڪتاب "تازو سياسي فڪر" (Recent Political thought) مان پيش ڪريان. هو ٻئي قوم، قوم پرستي ۽ مادر- وطن جي شان ۾ هيٺين ٿا فرمائين: "قوم پرستي هڪ مذهب يا پڪو ويساهه ثابت ٿيو آهي. جيئن مذهبن جا ماڻهو عبادت ٿا ڪن، بلڪل اهڙي نموني ماڻهو پنهنجن قومن کي پيار ٿا ڪن. مملڪت (ياد رکڻ گهرجي ته هتي مملڪت، اهو زمين جو ٽڪر ٿي ڪتب آيو آهي جنتي قومون جنم وٺن ٿيون ۽ رهن ٿيون ۽ جنهن سان قومن جا روحاني ناتا ٿين ٿا ۽ نه "اسٽيٽ"، علم سياست جي نقط نگاهه کان، جنهن لاءِ هي چار جزا يعني (۱) آدم شماري (۲) زمين ٽڪر يا مقرر حدون، (۳) خودمختياري ۽ (۴) حڪومت ضروري آهن- ڇو ته اڳتي هلي ٻئي ليڪ ملڪ (Country) ٿا لکن- ملڪ ۽ مملڪت ۾ وڏو فرق آهي) کي مادر- وطن يا پدر- وطن ڪري ياد ڪيو وڃي ٿو. وطن کي زمين جي ٽڪر تي خدا جي پاڪ قدم سان تشبيهه ڏني وڃي ٿي. وطن خود خدا آهي. هڪ سچو ۽ مرد- مجاهد قوم پرست پنهنجي وطن سان والهانه محبت ٿو ڪري، ۽ جيڪو به سندس وطن جو دشمن ٿو ٿئي يا سندس وطن جي ترقي جي راهه ۾ رنڊڪ ثابت ٿو ٿئي ته هو انهن جي مخالفت ڪرڻ لاءِ هر وقت تيار هوندو آهي."

هن مضمون کي شروع ڪندي، آءٌ توهان جي اڳيان ٽي سوال: "قوم ڇا کي ٿو چئجي؟ قوميت ڇا آهي؟ ۽ قوم پرستي ڇا کي ٿو چئجي؟" کڻي اچي حاضر ٿيو هوس؛ ۽ هي آهي مختصر نموني ۾ انهن سوالن جو جواب.

نياز علي شاهه "محسن"

غـــزل

چوطرف ياس ۽ حرمان، ائين ڇو آهي؟
يعني نقصان ئي نقصان، ائين ڇو آهي؟

زهد مفقود، عبادت به رڳو مصنوئي،
ڪو ٻڌائيم مسلمان، ائين ڇو آهي؟

منتشر ذهن، پريشان، خوشيءَ کان محروم،
منهن جي ماحول جو انسان، ائين ڇو آهي؟

منهن جي ناڪام محبت تي کلڻ وارا دوست!
حسن ڪان پڇ ته پشيمان، ائين ڇو آهي؟

هر تصنع کان پري، مڪرو ريا کان عاري،
منهن جو دهقان تي ايمان، ائين ڇو آهي؟

تنهنجو "محسن" ته پريشان هميشه آهي،
پر خبر ناهه پريشان، ائين ڇو آهي؟

والٽر اي- فيبر

مترجم: گل محمد نصرپوري

بلوچستان ۾ آثار قديم

دنيا ۾ ڪي ڳاڻ ڳڻيا چند مقام اهڙا به رهيل آهن، جتي آثار قديم جي ماهرن کي اهڙا نشان هٿ لڳا آهن، جن جي خبر هن کان اڳ ڪنهن کي به نه هئي. اوڻيهين ۽ ويهين صديءَ جي شروعات وارا سفرناما اهڙن حيرت انگيز داستانن سان ڀرپور آهن، جن ۾ ڏکڻ اولهه ميڪسيڪو ۾ "مايا" تهذيب جا نشان، اوزمال پيرو ۾ "انڪا" تهذيب جي هڪ شهر "ماچوپيڪچو" جا آثار، ڏکڻ اولهه اردن ۾ شهر "پيٽرا" جا نشان ۽ ڪمبوڊيو ۾ آڳاٽي "خمر" تهذيب جي هڪ عظيم مندر "اينگ ڪور وات" جي آثارن جو حال بيان ٿيل آهي. هاڻوڪا ماهرين آثارقديم هوائي جهازن ۽ موٽرن جي مدد سان ڪيترن ئي ڪارآمد آثارن جي کوجنا ڪري چڪا آهن. تنهنڪري هيءَ ڳالهه تمام حيرت انگيز آهي ته سنه ۵۹-۱۹۶۰ع جي سياري جي موسم ۾ قدرتي تاريخ جي آمريڪي عجائب خاني جي هڪ جماعت کي اولهه پاڪستان جي ضلعي لس ٻيلي ۾ ڪي اهڙا ڳوٺ به مليا، جن جو حال هن کان اڳ ڪنهن کي معلوم نه هو ۽ جي گهڻو ڪري پنهنجن اصلي بنيادن تي قائم هئا. هي ڳوٺڙا ٻن هزارن کان وٺي هڪ هزار قبل مسيح تائين جي زماني جا آهن.

هن علائقي ۾ تقريباً اٺن ميلن تائين اصلوڪين عمارتن جي پٿرائين ديوارن جا اهڙا ظاهر ظهور نشانات ملن ٿا، جن جي تحقيق ڪرڻ لاءِ ڪجهه کوٽ ڪرڻ جي ضرورت نه پوندي. ڪي ڪي ڪنڊر ته اهڙا صاف ۽ محفوظ به آهن جو ڪو به شخص انهن آڳاٽين شاهراهن تي بخوبي هلي چلي سگهي ٿو. انهن رستن جي ٻنهي طرفن عمارتن جا نشان موجود آهن. هنن عمارتن جون پٿيون ڪٽيون ڪٽيون ته چئن فوٽن کان به وڌيڪ ڏسجن ٿيون. اندر داخل ٿيڻ لاءِ ڏاڪڻيون به ٺهيل آهن ۽ ڪٿي ڪٿي انهن عمارتن ۾ اندر وڃڻ لاءِ لاهيءَ وارا رستا به ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

گهرو ٿانون جا ڀرا به ٽٽل ڀڪٽيل ملن ٿا، جن مان انهن نشانن جي تاريخ ڪي ترتيب ڏيڻ ۾ سولائي ٿئي ٿي. ڪڏهن ڪڏهن ته چوڙين ۽ جانورن جي پتلن اجا ننڍا ننڍا ٽڪرا ۽ "سنگ جراح" جي ٿانون جا ٽڪرا به ملي ويندا آهن، جي سڀ اتي جي قدامت جا ثبوت آهن.

هيءَ کوجنا ٽڪنڊي شڪل جي ضلعي لس ٻيلي جي آخرين اترئين حصي ۾ ٿي آهي. هن ٽڪنڊي خطي جو سڀ کان ڪمادو حصو ڪراچي اولهه ۾ عربي سمنڊ جي ڪناري سان لڳو لڳ آهي. ايراني مٿانهين پٽ جوهي سڀ کان سوڙهو حصو آهي، جنهن ڪي بلوچستان چيو وڃي ٿو. اهڙيءَ طرح هي ضلعو ڏاکڻين پاڙي کان سواءِ باقي سڄو جبلن سان گهيريل نظر اچي ٿو. هن ٽڪنڊي خطي جي راس پورالي (حب) ندي جي ماٿريءَ ۾ واقع آهي، جا بلوچستان جي جبلن مان نڪري ڏکڻ طرف ڏانهن وهي ٿي. هي ندي سنڌو درياءَ جي واديءَ جي سڄي اولهئين علائقي ۾ انهن چند ندين مان هڪ آهي، جي ڪڏهن به خشڪ نٿيون ٿين ۽ هن نديءَ جي وهڪري جي دلڪشي آسپاس جي ويران علائقي جي متضاد ماحول جي سبب ٻيڻ وڌيڪ معلوم ٿيندي آهي. لس ٻيلي جو هيڊڪوارٽر "ٻيلو" آهي جو پورالي نديءَ کي ويجهو هڪ ننڍڙو ڳوٺ آهي؛ ڪنڊرن جي کوجنا واري مقام کان ڪي ٻه ميل ڪن اتر طرف آهي. ٻيلي ۾ اڃا به ڪنهن حد تائين سندس اصلوڪي زندگيءَ جو جهلڪون ملن ٿيون. هي هڪ اهڙو ڳوٺ آهي جنهن ۾ محلات، مسجدون، بلند ديوارن واريون جڳهيون ۽ هڪ سهڻي اڏيل بازار آهي.

هي ڳوٺ ڏهن چورس ميلن جي هڪ اهڙي پڪٽيل زمين جي وچ ۾ آهي جتي کيتي گهڻي انداز ۾ ٿئي ٿي. هي ڳوٺ پراڻن وڻن، آهر ۽ اناج جي ڪمادين آبادين ۽ عمدي کجور جي باغات سان گڏ هڪ تمام سهڻو نظارو ڏيندو آهي. هن جي مقابلي ۾ بلوچستان جي ٻئي ڪنهن هنڌ تي چوپايو مال اينتريقدر متارو ۽ تندرست نٿو ٿئي.

ماڻهو هئني ان لاءِ اينڊا آهن ته هي بلوچستان جي انهن چند علائقن مان هڪ آهي جتي کيتي گهڻي انداز ۾ ٿيندي آهي. هن جي اولهه وارو جابلو سلسلو "جهاؤلڪ" وٽان الڳ ٿئي ٿو، جو برصغير پاڪ و هند ۽ ايران جي اهم ترين لڪن مان هڪ آهي. سڪندر هندستان کان واپس ويندي پنهنجي لشڪر سميت هڪ لڪ مان لنگهيو هو. تنهن کان گهڻو وقت پوءِ اٺين صديءَ ۾ محمد بن قاسم جي زير ڪردگي اولهه کان ايندڙ عرب فوجون به هن لڪ مان لنگهيون هيون. جن آخرڪار اچي سنڌ کي فتح ڪيو ۽ اهڙي طرح هندستان تي مسلمانن جي اثر جو آغاز ٿيو. ٻيلي ۾ محمد بن قاسم جي هڪ ساٿي جنرل هارون جي مزار آهي، جا هندستان جي تاريخ ۾ هن اهم دور جي يڪتا يادگار آهي. سنه ۱۸۳۸ع ۾ هڪ برطانوي بحري آفيسر ڪمانڊر ٽي- اي- ڪارلس اترئين پاڙي جي چند جابلو لڪن جي کوجنا ڪرائي هئي، جن مان هڪ لڪ ۾ کيس ڪيترا هٿرادو غار نظر آيا هئا، جن ۾ اندر گهڙڻ لاءِ ڏاڪڻيون، اندرئين حصي ۾ طاق (غالباً چراغن رکڻ لاءِ) ۽ ننڍا ننڍا گوادم موجود هئا. جيستائين ايشيائي علائقن جي کوجنا ڪندڙ عظيم سياح "سر آرل اسٽائن" سنه ۱۹۴۲ع ۾ هنن جي کوجنا نه ڪئي، تيستائين هنن عجيب و غريب غارن جي باري ۾ جيڪي ڪجهه معلوم ٿيو آهي اهو فقط ڪارلس جي بيان تي مشتمل آهي. اسٽائن هن علائقي ۾ تاريخي زماني کان آڳاٽي وقت جا ڪئين مقام ڏٺا پر بدقسمتيءَ سان هو ڇپائي لاءِ پنهنجي رپورٽ تيار ڪرڻ کان اڳ ئي مري ويو.

اهڙي طرح ضلع لس ٻيلو ڪيترن سببن جي ڪري قابل هو ته هن جي کوجنا ڪئي وڃي. جيئن ته هي (ٻيلو) مشرق قريب ۽ هندستان جي وچواري شاهراهه تي واقع آهي، تنهن ڪري اوائلي تهذيبن جا اثر هن ئي رستي کان هن برصغير ۾ آيا. بلوچستان ۾ گذشته اڙهائي ڪم مان هي ظاهر ٿي چڪو آهي ته تاريخي دؤر کان اڳ ۾ هنن علائقن ۾ ڪاشتڪار رهندا هئا، جي غالباً سڀ کان پهريائين اڄ کان پنج هزار سال اڳ ايران ۾ آيا هئا. ان کان پوءِ آباديءَ جي واڌ سان گڏ ڪاشتڪارن جا ڳوٺ به وڌندا ويا ۽ زمين کي کيتي جي قابل بڻائڻ جو ڪم به زور شور سان چالو ٿي ويو- ۲۰۰۰ هزار قبل مسيح تائين هي ڳوٺاڻيون ثقافتون پنهنجي عروج کي پهچي چڪيون هيون. ائين معلوم

ٿئي ٿو ته: هنن جو هڪ باقاعدي مذهب هو ۽ ڳوٺن جي گهرن جي وچ ۾ وڏيون وڏيون عبادتگاهون هونديون هيون.

هن ترقي جا اڪثر مرحلا اهڙا آهن جن جي لڳ ڀڳ ترقي مغرب طرف تاريخ کان آڳاٽي ايران ۾ ٿي چڪي هئي، جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو ته تقريبا ١٥ سالن جي مدت تائين نوان نوان تصورات ۽ غالبا نيون نيون قومون مسلسل مشرق طرف ايندي رهيون، پر ايراني اثرات فقط بلوچستان ۾ روڪجي نه پيا بلڪ وادئ سنڌ ۾ ايندا ۽ وڌندا هئا.

سنڌو درياءَ جي آندل زرخيز مٽي جي علائقن تي نه اهڙي ئي صورت نمايان ٿي، جنهن جي ابتدائي مرحلن جو حال ماهرين اثريات اڃا تائين نه ڏيئي سگهيا آهن. پر پوين مرحلن جي وضاحت ”هڙپه“ جي مشهور تهذيبي رپورٽ مان ملي ٿي، جا قديم زماني جي ٽيون نمبر وڏي تهذيب آهي. هن تهذيب جو علم هن صديءَ جي ٽئين ڏهاڪي کان شروع ٿيو آهي، جنهن جو وڏو سبب هن جي ٻن سڀ کان وڏن شهرن ”موئن جو دڙو“ ۽ ”هڙپه“ جي کوٽائي آهي. قديم زماني جي هن تهذيب انساني ترقيءَ ۾ جو حصو ورتو آهي، ان ۾ شهري منصوبه بندي، پاڻيءَ جي نيڪال جو نظام، پڪين سرن جو استعمال ۽ ڪپهه جي کيتي شامل آهن. هڙپه تهذيب جا اڪثر باشندا ڳوٺن ۾ رهندا هئا، جي شهري مرڪزن جي چئني طرفن واقع هوندا هئا ۽ شهري مرڪزن کي هنن جي رواجي زندگي ۾ مرڪزي حيثيت حاصل هئي. هن تهذيب جا ويجهي ۾ ويجها سڌ ريل پاڙيسري ”سميري“ هئا، جتي جو رواج هن تهذيب جي ابتڙ هو. جيتوڻيڪ ”سميري“ باشندا شهرن ۾ رهندا هئا، تنهن سميري تهذيب گهڻي قدر متحرڪ ۽ گهٽ واڌاري وارو رجحان رکندي هئي. هڙپه جي تهذيب پنهنجي ڳوٺاڻي ماحول ۾ زياده تر ديرپا ۽ پرسڪون هئي. گهٽ ۾ گهٽ هن لحاظ کان اسان کي اوائلي تهذيبن جي هڪ اهڙي ورهاست ملي ٿي جا مشرق ۽ مغرب جي موجوده تهذيبي رجحان جي اڳواڻ آهي.

هن ۾ ڪنهن نه قسم جو شڪ ڪونهي ته تهذيب جو تصور آڳاٽي مشرق قريب کان ئي سنڌ ۾ آيو. هن باري ۾ ڪيترن ماهرين اثريات فن تعمير مهرن جون شڪليون، دستڪارين ۽ غالبا موروثي حڪومت جهڙين خصوصيتن طرف قطعي طور نشاندهي ڪئي آهي. تنهن هوندي به هڙپه جي تهذيب جي نوعيت گهڻي قدر هندستاني آهي ۽ اها قريب قريب پنهنجي ساڳئي معيار واري ايشيائي ڪوچڪ جي تهذيب کان بلڪل مختلف آهي.

ظاهر آهي ته تهذيب ۾ مشرق طرف پکڙجڻ ۽ هن برصغير جي ماحول ۾ ترقي ڪرڻ ڪري ئي ڪجهه تبديلون واقع ٿيون آهن. پر پنهنجي تحقيقات جي هن مرحلي تي هن باري ۾ اثر انداز ٿيندڙ عناصر متعلق اسين تمام گهٽ ڄاڻون ٿا. ان ڪري لس ٻيلي ۾ جيڪي کوجنائون ٿيون آهن اهي معمولي کان وڌيڪ اهميت رکن ٿيون، ڇو ته اهي هڪ اهڙي ڳوٺ جي ترقي طرف اشارو ڪن ٿيون، جنهن جي آبادي ۽ تعميراتي ڪم جيڪڏهن شهر جي معيار کي نه پهچي سگهيو آهي تڏهن به ان ۾ ڪمال جون ڪافي جهلڪون موجود آهن. تمام جهونيون تهذيبون عموما دريائي وادين ۾ ملي سگهيون آهن، پر انهن روايتي علائقن کان ٻاهر انساني ۽ وسيلن جو هي اجتماع غير معمولي حيثيت رکي ٿو. هتي اهو سوال به اٿي سگهي ٿو ته اهو ڪهڙو معيار آهي جنهن جي بنياد تي ڪوشخص هي فيصلو ڪري ڇڏي ته تهذيب ڇا آهي؟ ۽ ڪهڙي شئ کي تهذيب لئو سڏي سگهجي؟ وغيره. اهڙن ڪيترن ئي سوالن کي هي ليون کوجنائون پورو پورو جواب ڏيئي سگهن ٿيون.

سنه ١٩٥٩ع جي شروعات ۾ راقم الحروف، ڊاڪٽر شرمن منٽن ۽ ان جي اهليه سان گڏ لس ٻيلي تائين سفر ڪيو. ان لاءِ ته انهن غارن جي جانچ جونچ ڪري، جن جو اطلاع سنه ١٨٣٨ع ۾ ڪارلس ڏنو هو. ڊاڪٽر منٽن آمريڪي عجائب خاني ۾ سرنڊڙ جانورن متعلق علم جي شعبي جو هڪ محقق آهي. اسين حد کان زياده دلچسپيءَ سان هڪ اهڙي علائقي ۾ داخل ٿياسين، جنهنجي باري ۾ اسان پنهنجي جي علمي واقفيت تمام گهٽ هئي. انهن غارن ڏانهن، جيڪي ڪڏ نديءَ جي واديءَ ۾ واقع آهن، وينديء اسانکي پوراڻي نديءَ وارو اهو علائقو به طئ ڪرڻو پيو، جتي هيءَ ندي ڪمادن، آباد ۽ سرسبز ميدانن ۾ داخل ٿئي ٿي. واديءَ جي لولهئين ڪناري تي اسين اهڙن وڏن وڏن پٿرن جي پرسان لنگهياسين جي اڻ ڳڻئي انداز ۾ اتي پيل هئا. انهن مان ڪي ڪي ڇپون ته ٣٠-٣٠ فوٽ به بلند هيون. هي ننڍيون ننڍيون ”ٽڪريون“ پر واري جبل جي مسلسل چوٽين جي قطارن سان لڳو لڳ ائين ٿي لڳيون ڄڻ اهي انهي جبل جو هڪ حصو آهن، پر ويجهو وڃڻ کان پوءِ سڄي ڳالهه ظاهر ٿيو ٿي پيئي ته هي ڇپون پر واري جابلو سلسلي کان بلڪل الڳ ۽ هڙراد و آهن. انهن ٽڪرين جي ويجهڙائيءَ ۾ ٿوري کوجنا بعد ڪيترن قسمن جو ٺڪرائو به هٿ لڳو آهي، جنهن مان ظاهر آهي ته تاريخي دؤر کان گهڻو اڳي هتي انساني آبادي به هئي.

هتي ڏينهن اسين وري ساڳيءَ جاءِ تي ويا سين ۽ اڳئين کان به وڌيڪ معلومات هٿ ڪئي سون. انهن جابلو لاهين جي اوپر ۾ پٿرن جون جي ڇپون آهن، انهن کان ٿورو پريرو مستطيل نمولي تي عمارتن جو هڪ سلسلو آهي. هي عمارتون وڏن وڏن پٿرن جون ٺهيل آهن، جن کي قطارن ۾ ٺاهيو ويو آهي. هي عمارتون سڀ هڪ جيڏيون آهن ۽ انهن جي وچ ۾ سوڙهين گهٽين جو ڄڻ هڪ ڄار وڇايل آهي.

هي عمارتون ١٥ کان ٢٠ فوٽن تائين ويڪريون ۽ ٧٠ کان ١٠٠ فوٽن تائين ڊگهيون آهن. نشانن مان معلوم ٿئي ٿو ته هنن عمارتن کي گهڻن مختلف حصن ۾ ورهايو ويو آهي ۽ رستن تان ڪمرن ۾ داخل ٿيڻ لاءِ پٿر جون ڏاڪڻيون ٺاهيون ويون آهن. گهڻي قدر ممڪن آهي ته پٿر جي بنيادن تي ڪچين سرن جون عمارتون ٺاهيون ويون هجن جي گهڻي وقت گذرڻ ڪري ڊهي ڊٽي ويون هجن. پٿراين ڇپن جي نظرداري ڪرڻ مان ظاهر ٿئي ٿو ته اهي ڪن شاندار عمارتن جون باقي نشانيون هجن، جن کي اهڙي طرح ٺاهيو ويو هو ته اهي بلند هجڻ سان گڏ ويڪر ۽ ڊيگهه ۾ گهٽ ٿينديون وڃن. سڀني جي مٿان مٿيءَ يا پڪين سرن جي هڪ ننڍي عمارت ٺهيل هئي. مٿي چڙهڻ جو رستو يا ته ڏاڪڻ جي صورت ۾ هو يا ته لاهي هئي. هڪ هنڌ پٿر جي ناليءَ جا به آثار مليا، جنهن کي عمارت جي مٿاهين حصي تان پاڻي هيٺ لاهڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو هو. نالين جو هن قسم جو استعمال بلوچستان جي ٻين حصن ۽ هڙپه جي تهذيب جي وڏي ۾ وڏي مرڪز موئن جي دڙي ۾ به ملي ٿو. هتي (موئن جي دڙي ۾) هڪ هنڌ هڪ وڏو غسلخانو به موجود آهي، جو

ظاهري طور مذهبي رسمن ادا ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو هو ۽ ان جو پاڻي هڪ ناليءَ جي وسيلي ٻاهر نيڪال ڪيو ويندو هو. هن قسم جي نالين جو هڪ باقاعده نظام بلوچستان جي هڪ واديءَ ڪوئٽه ۾ به مليو آهي. هيءَ عمارت به غالباً انهيءَ دور جي آهي. شايد انهيءَ دور ۾ اهڙيون وڏيون عمارتون عبادتگاه طور استعمال ٿينديون هيون.

هڪ ٻي دلچسپ عمارت وڏين وڏين ڇپن جي لوڙهه ۾ مستطيل نموني ۾ هئي. هيءَ عمارت ٢٠٠ فوٽن کان زياده ڊگهي ۽ تقريباً ٤٠ فوٽ ڪشادي آهي. هن ۾ داخل ٿيڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ اٺن دروازن جا آثار مليا ٿا، جنهن مان ظاهر آهي ته هيءَ عمارت شايد ڪو وڏو هال يا اقامت گاه هئي. ٻين جي ننڍين ننڍين ٽڪرن، مٽيءَ جي ٺوڪرن، ڇنڊيل ۽ نقش دار ٿانون ۽ انهيءَ قسم جي ٻين دستڪاري جي نمونن جي جي کوجنا مان ثابت ٿئي ٿو ته هي جڳهه بلوچستان جي آڳاٽي دور جي تاريخي تهذيب سان تعلق رکي ٿي، جنهن کي ڪلي تهذيب جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. هيءَ تهذيب پنهنجي آخري زماني ۾ واديءَ- سنڌ جي تهذيب جي ساٿياري ٿي ويئي هئي. هن مقام تي اهڙيون نوس ثابتيون مليون آهن جن مان ذڪر ڪيل تاريخي خيال جي تصديق ٿئي ٿي.

هيءَ خطو ”ايبدڪ شهر“ جي نالي سان سڏجڻ ۾ اچي ٿو. هتي پٿر جون عمارتون وڏي محنت سان ٺاهيون ويون آهن ۽ انهن کي چڱي نموني ترتيب ڏنو ويو آهي. ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته غالباً هن جڳهه کي هڪ ڳوٺ جي حيثيت مليل نه هئي، بلڪ هن کي جلسن جلوسن ۽ تقريبات جي مقصدن لاءِ استعمال ڪيو ويندو هو. هن راءِ جي وڌيڪ تصديق هن انڪشاف کان ٿي آهي ته ايبدڪ شهر هن قسم جي ڳوٺن جي هڪ سلسلي جي بلڪل ڏاکڻين طرف آهي، جي اتر طرف پورالي نديءَ جي واديءَ جي ٻنهي طرفن ۾ اٺن ميلن تائين پکڙيل آهن ۽ هن ماڙيءَ واري حصي ۾ ختم ٿي وڃن ٿا، جي وچ بلوچستان يعني قلات تائين وڃي نڪرن ٿا. اسان پيادل ۽ جيپ گاڏيءَ ۾ سفر ڪندي، جي جائزا ورتا، انهن مان هي ظاهر ٿئي ٿو ته پورالي نديءَ جي موجوده ناقابل رهائش ڪنارن تي ڪنهن زماني ۾ گهاٽي آبادي هئي.

هنن کنڊرن جي شڪل و صورت، واديءَ ۾ انهن جي نمايان حيثيت، هنن جو گهٽو انداز ۽ چڱي نموني آباد ٿيل زمين سان و يجهڙائي ۽ ظاهري وابستگي، هي سڀ ڳالهيون هڪ غير معمولي قوت جي مذهبي مسلڪ جون آئينه دار آهن. جيڪڏهن ايبدڪ شهر جون هي عمارتون مذهبي نوعيت رکن ٿيون ۽ اڄ تائين جيڪي ڪجهه معلوم ٿيو آهي اهو يقيني طور صحيح نه هجي، ته پوءِ مذهب ۽ لادينيت جي وچ ۾ هڪ اهڙو واضح تصور اڀري اچي ٿو جو تهذيب ۽ تمدن جي باقاعدي مطالعي لاءِ ڪافي اهميت رکي ٿو.

”ڪلي“ ثقافت کي ٻڌ هڪ استثنا جي هڪ تمدن ڏيڻ لاءِ اسان وٽ ڪافي دليل موجود آهن. اسان جي اڳيان عاليشان عمارتون، برهمڻ جي طرز جي حڪومت، مهارت خصوصي ۽ قيمتي وارين گاڏين تائين مثال موجود آهن. فقط اسان جي فهرست ۾ فن تحرير بابت ڪو ذڪر ڪونهي. شايد آئينده ڪو ٿا يسن ۾ هن متعلق به ڪو ثبوت ملي وڃي ته هن زماني ۾ هتي جا باشندا لکڻ جي فن کان به واقف هئا، ته پوءِ ڪلي ثقافت باضابطه ڪلي تمدن جي صورت اختيار ڪري ويندي.

اسان جو اثرياتي جائزو حيرت انگيز ڳالهين سان پرپور هو. ڪٿي ڪٿي اسان کي انهيءَ جو ثبوت مليو ته ڪلي ثقافت تشدد جو شڪار ٿي ويئي. ڪيترن مندرن جي سرن تي اسان کي سڙڻ جا نشان ملياجن کان خبر پيئي ته هتي ٻاهر لڳڻ جو ڪو واقعو پيش آيل هو. آڳاٽي ايبدڪ شهر جي پٺ کان جابلو لاهي تي پٿر جو هڪ حاطو ڏسڻ ۾ آيو، جنهن جو قطر تقريباً ٣٠ فوٽ کن هو. ان جي چؤطرف ٤ فوٽن کان وڌيڪ ٿلهي ۽ ٣ فوٽ اونچي پٽ هئي. جنهن جي اوپر ۾ اندر گهڙڻ لاءِ هڪ سوڙهو رستو هو. هن حاطي اندر اسان مٽيءَ جو هڪ عجيب و غريب ٿالو ڏٺو، جنهن ۾ نهايت سهطي قسم جا ڪرڙا ۽ ڪنڊا لڳل هئا. هي ڪلي جي ثقافتي دور جي آئينده حيرتن جو آغاز بڻيو.

٣١ ڊسمبر ١٩٥٨ع جي شام جو اسين پيادل غارن تائين پهچي وياسين. جڏهن وري ڪيمپ ۾ واپس ورياسين ته رات پئجي ويئي ۽ وري جڏهن حڪومت پاڪستان جي محڪمهٔ اثريات جي تعاون سان هن علائقي جو دوباره جائزو ورتوسون تڏهن معلوم ٿيو ته جبل جي انهن لاهين تي،جي ايبدڪ شهر جي ڏکڻ طرف زرخيز ميدانن طرف پکڙيل وييون آهن، وڏي انداز ۾ ويران پٿر جا بنياد آهن. پورالي نديءَ جي واديءَ جي سامهين لاهيءَ تي پٿر جي هڪ وڏي ديوار جا آثار، جبل جي هيٺئين طرف، ٢٠٠٠ هزار فوٽن کان زياده مفاصلي تائين مسلسل ملن ٿا. هيءَ ديوار مختلف قسم جي ١٠٠ کان وڌيڪ بنيادن جي وچ تائين وڃي ختم ٿئي ٿي ۽ هتي اهڙي قسم جي پٿر جا حاطا ٺهيل آهن، جن جو اسان پهرين ذڪر ڪري آيا آهيون. انهن ڪانسواءِ هتي اچي پٿر جي ٿلهين ديوارن جا ڪجهه حاطا ٺهيل مليا آهن، جن جي وچ ۾ هڪ وڏو پٿر بيٺل آهي. هي پٿر بناوت ۾ اولهه يورپ جي انهن خاص پٿرن وانگر آهي، جن کي اصطلاح ۾ ”منهر“ چوندا آهن. ساڳئي هنڌ ڪجهه ڊگها ڊگها رستا به آهن، جن جي ٻنهي طرفن ساڳئي قسم جا اڇا پٿر ڪتل آهن. هي رستا انهن پٿر جي حاطن تائين وڃي ختم ٿين ٿا. هي رستا اوير کان اولهه رخ تي آهن. هتي چورس ۽ مستطيل نمونن جون پيون به وڏيون وڏيون عمارتون آهن، جي ڪيترن ڪمرن ۾ ورهايل نظر اچن ٿيون. انهن سڀني عمارتن مان هڪ عمارت تمام وڏي ۽ تقريباً ٢٤٠ فوٽ ڊگهي آهي.

جڏهن اسين پورالي نديءَ جي هن علائقي جي جانچ جونچ ڪري رهيا هئاسون يعني درياءَ جي ٻنهي طرفن ڪلي تهذيب جي مقامن جي ويجهو جائزو وٺي رهيا هئاسون، ته اسانکي هن قسم جا پيا به گهڻي ئي نشان مليا ۽ اتي اسانکي ڪجهه مٽيءَ جا ٿانو ۽ پيون به ڪئين شيون هٿ لڳيون، جي سڀ ساخت ۽ نوعيت جي لحاظ کان اهڙيون ئي هيون، جن بابت اڳي ذڪر ڪيل آهي. ڪيترن چڪرن ڪاٽيوءِ به اسانجي هن کوجنا جو سلسلو ختم نه ٿيو ۽ نيٺ اسان هيليڪاپٽر جو سهارو ورتو، تڏهن وڃي انهي جڳهه (جنهن کي اسين ايبدڪ شهر جو پيو حصو چئون ٿا) جي کوجنا ۾ ڪامياب ٿياسون.

هي مڙيئي کوجنائون هڪ حمله آور جماعت ڏانهن اشارو ڪن ٿيون. شايد هن جماعت جو تعلق انهن جٽن سان هجي، جن ڏکڻ هندستان ۽ اولهه ايران ۾ وڏن وڏن پٿرن کي تعمير ڪيو هو. هنن کنڊرن جا نشان، جي هن واديءَ جي تمام بلند علائقي تي پکڙيل آهن، لکن ۾ داخل ٿيڻ وارن رستن جي اوير ۽ اولهه ٻنهي طرفن تي مليا آهن. هن حقيقت

(ڏسو صفحو ٨٧)

شيخ عبدالحليم "جوش"

پير علي گوهر شاه "اصغر" جي شاعري

تاريخ شاهد آهي ته جنهن قوم پنهنجن بزرگن جي پر عظمت ڪارنامن ڪي وساري ڇڏيو، اهي صفحهء دلياتان حرف غلط وانگر ميٽجي ويئي ۽ جن پنهنجي برگزيده هستين جي ادبي شاهڪارن کي طاق نسيان تي ڦٽو ڪيو، سي انقلابات زمانه جي ستم ظريفين سبب ادب سان گڏ زبان به وڃائي ويٺا. اڄ به ادب جي شاهراهن تي انهن قافلن جا نشان نظر اچن ٿا جن عهد گذشته جي اديبن ۽ شاعرن جي ٻاريل چراغ مان مشعل راهه جو ڪم نه ورتو ۽ انهي ڪري ٻين قومن جي قافلن سان دوش بدوش ٿي ترقيءَ منزل تي رسڻ بدران پرپيچ راهن ۾ گم ٿي ويا.

انهيءَ مان ظاهر آهي ته هن پر آشوب دنيا ۾ فقط اهي قوم زنده رهي ٿي سگهي جنهن جي زبان زنده آهي ۽ فقط اها زبان قائم رهي سگهي ٿي، جنهن جا ڳالهائيندڙ پنهنجي علمي سرمايه جا نگهبان، ادبي خزاني جا پاسبان ۽ بزرگن جي لڳايل باغ جا باغبان آهن.

خدا جو شڪر آهي جو اسان پنهنجي قديم اديبن جي خدمتن کي فراموش نه ڪيو آهي. اسانجون علمي محفلون اڄ به انهن عالمن ۽ بزرگن جي ڪلام سان سرگرم آهن جن پنهنجورت سان ڏيئي اسان جي زبان جي چمن جي آبياري ڪئي. اگرچ سنڌي ادب جي قابل محققن ۽ فاضل تذڪره نويسن گذريل باڪمال شاعرن جي سوانحِ حيات ۽ ڪلام نهايت تحقيق ۽ تدقيق سان گڏ ڪيو آهي پر انهي هوندي به ايا ڪيترائي علمي موتي ماضي جي بحربي پاپان جي عميق گهراين ۾ لڪل آهن جن کي ڪڏهن ظاهر ڪرڻ لاءِ اسان مان هر ڪنهن کي غواص ٿيڻو پوندو ۽ انهن بينظير اديبن ۽ شاعرن کي خراج تحسين پيش ڪرڻو پوندو جن اسان جي ادب کي مالا مال ڪرڻ ۽ زبان جي زيب وزينت وڌائڻ لاءِ پنهنجون عزيز زندگيون وقف ڪيون.

انهي مختصر مگر جامع تمهيد ڪان پوءِ، مان، سنڌي ادب جي هڪ باڪمال شاعر پير علي گوهر شاهه "اصغر" جو اوهان سان تعارف ڪرائڻ گهران ٿو جنهن جا علمي ڪارناما ڪنهن به تعريف ۽ ستائش جا محتاج نه آهن.

جيئن ته پير علي گوهر شاهه "اصغر" جو تعلق خاندان راشديه جهڙي باوقار ۽ پر عظمت خاندان سان آهي، جنهن جون ديني ۽ ادبي خدمتون قابل ستائش ۽ ناقابل فراموش آهن، تنهن ڪري نامناسب نه ٿيندو جيڪڏهن هن موقعي تي انهي خاندان جي ڪن ٻين بزرگن جو به اجمالي ذڪر ڪيو وڃي. جنهن ڪري پڙهندڙن کي معلوم ٿي سگهندو ته هن خاندان جا اسان جي زبان، ادب ۽ ملڪ تي ڪيڏا نه احسان ۽ ٿورا آهن ۽ پشت به پشت هي گهراڻو ڪيئن نه پنهنجي خانداني عظمت ۽ روايتون برقرار ۽ قائم رکندو پئي آيو آهي.

سنڌ جي هن محسن گهراڻي جو مورث اعلي، علي مڪي هو، جو عباسيه خلافتم سنڌ ۾ هڪ وڏي ڪٽڪ سان داخل ٿيو. ان وقت سنڌ جي وڏي پاڻي تي مشهور ظالم بادشاهه دلوراءِ جي حڪومت هئي. سيد علي مڪي دلوراءِ کي سيکت ڏيڻ ۽ سنڌ مان ڪفر جي ظلمت کي نور وحدت سان ٽڙي ڪڍڻ لاءِ، سيوهڻ جي قديم تاريخي شهر جي پسگردائي يعني لڪي ۾ مقيم ٿيو. انهيءَ ڪري ئي سنڌس اولاد لڪياري سادات جي نالي سان مشهور ٿيو. لڪياري سادات مان سيد علي مڪي جي ويهين پيڙهيءَ ۾ هڪ برگزيده بزرگ سيد محمد بقا نالي ٿيو جو پير پاڳاره جي خاندان جو جدامجد هو. سيد محمد بقا نه صرف پنهنجي وقت جو عارف ۽ عالم هو مگر سنڌي زبان جو شاعر به هو. هن برگزيده بزرگ کي ۱۱۹۸ هجريءَ ۾ ۶۳ ورهين جي ڄمار ۾ وات ويندي سنڌن مٽي تي ڪتابن جي پڙي ڏسي، ڪن چورن پل وچان شهيد ڪيو.

جناب سيد محمد بقا کي ۱۸ فرزند ٿيا جن مان نهايت نالي وارو ۽ عارف باالله حضرت پير سائين محمد راشد هو جنهن کي روضي ڌڻي جي مشهور لقب سان ياد ڪن ٿا ۽ راشدي خاندان به سنڌس ئي اسم مبارڪ پويان مشهور ٿيو. پنهنجي علم، فضل ۽ عارفانه تلقين سان سنڌ، جو ڌپور، جيسلمير ۽ ڪڇ جي هزارها معتقدن کي فيض رسايائون. پاڻ وقت جا وڏا عالم ۽ اعلي پايه جا اديب هئا. سندن سنڌي توڙي فارسي ڪلام نهايت عارفانه ۽ بلند پايه جو آهي جو محفوظ آهي.

پير سائين صبغت الله، پنهنجي والد بزرگوار پير سائين محمد راشد کان پوءِ سنه ۱۲۳۳ هجريءَ ۾ راهه طريقت جو مسند نشين ٿيو. پارسي ۽ عربي زبان تي کيس ڪامل عبور حاصل هو. پير سائين روضي واري جي ڪتبخاني سندس وقت ۾ ئي وڏو لوج حاصل ڪيو. پاڻ اميريءَ ۾ به فقيرانه زندگي بسر ڪندا هئا.

پير صبغت الله شاهه، عارف، مجاهد، عالم، اديب، سنڌي فارسي ۽ سرائڪي زبانن جو مايه ناز شاعر هو.

پير صبغت الله شاهه جي وفات بعد ۱۲۴۶ هه ۾ سندس فرزند ارجمند پير سائين علي گوهر شاهه گادي نشين ٿيو. جو هن مضمون جو موضوع آهي.

پير علي گوهر شاهه اصغر تاريخ چوٿين رجب المرجب سنه ۱۲۳۱ هه ۾ تولد ٿيا. سندن تخلص "اصغر" ۽ لقب بنگله ڌڻي هو. سندن والد محترم جو اسم مبارڪ پير سائين صبغت الله شاهه هو جنهن جو احوال پڙهايو ويو آهي. اصغر ننڍي

بلوچستان ۾ آثار قديمه

(آنڌل صفحي ۸۶ کان)

کان انڪار ته ڪري نٿو سگهجي ته هتي جا ماڻهو طاقتور هئا، پر اسين ايا تائين اهو معلوم نه ڪري سگهيا آهيون ته اهي ماڻهو آهر ڪار هئا ڪير. اسين هي به يقين سان نٿا چئي سگهون ته ايڊت شهر جي "هئي حصي" جا کنڊر حقيقت ۾ ڇا آهن. ڇا هي ڪي وڏا مذهبي مرڪز آهن، جتي ماڻهو سج جي پوڄا ڪندا هئا؟ ڇا هنن جي وچ قبرون آهن، جيئن انساني هڏن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو؟ ڇا هنن کنڊرن ۾ ڪي وڏا محلات هئا، جن ۾ ويهي بادشاهه زرخيز ميدانن ۾ وسندڙ هارين تي حڪم احڪام جاري ڪندا هئا؟

حاصل ڪلام ته سوال گهڻيئي آهن ۽ جواب تمام گهٽ! هنن سوالن جا جواب تيستائين ممڪن ڪونه آهن جيستائين انهن جهونين ديوارن وٽ ڪوئائي جو ڪم نٿو ٿئي. باقي في الحال ته اسين انساني تاريخ ۽ آثار قديمه جي هڪ انتهائي اهم مسئلي تي مختصر روشني وڌي اٿئون.

جمار ۾ ظاهري ۽ باطني فيض حاصل ڪيو.

چون ٿا ته جڏهن ميان عبدالقادر "بيدل" پير پاڳاري جي ڳوٺ پير ڳوٺ پير پاتو، تڏهن ان وقت اصغر صاحب جو والد سيد صبغت الله شاه گادي نشين هو. پير صاحب جي زور پرڻ تي بيدل اتي ڪجهه وقت ترسي پيو ۽ سندس فرزند پير علي گوهر شاه اصغر کي رومي ؒ جي مثنوي مان سبق ڏنائين. سائين اصغر جي خدا داد ذهانت جو اندازو انهي ۽ مان ئي لڳائي سگهجي ٿو ته نندي هوندي ئي کين پارسي ۽ تي اهڙو عبور حاصل ٿيو جو چون ٿا ته گويا اها سندن مادري زبان هئي. پنهنجي علم وفضل، روحاني فيض ۽ سخاوت سان سڄي سنڌ بلڪ هند ۾ مشهور هئا. هينئر سندن علمي شوق جنون ۾ تبديل ٿي چڪو هو ۽ ذوق مطالع جي تسڪين لاءِ هزارين ڪتاب گڏ ڪيائون. سندن سخاجو اهو عالم هو جو سندن دربار مان ڪوبه سوالي، خالي ڪونه ويندو هو. اصغر کي عالمن سان تمام گهڻي محبت هوندي هئي ۽ انهي ڪري انهن کي گهڻو نوازيندا هئا. اگرچه کين دين توڙي دنيا ٻنهي جي دولت حاصل هئي پر تنهن هوندي به سندن زندگي ساده ۽ درويشانه هئي. وٽن هميشه سماع ۽ سرود جون گرم محفلون منعقد ٿينديون هيون جن مان مختلف ملڪن جا وڏا صوفياء ڪرام ۽ خوش گلو مطرب موجود رهندا هئا جن کي هزارين رپيا انعام ملندو هو.

پير علي گوهر شاه نه صرف هڪ وڏو صوفي، سخي مرد ۽ ديني علوم جو ڄاڻو هو پر انهي ۽ سان گڏو گڏ هڪ بلند پايه شاعر به هو.

سندن ڪلام فصاحت نظام، پاڪيزه جذبات ۽ احساسات جو آئينه دار آهي. سندس زبان ۽ قلب، گفتار ۽ ڪردار ۾ هم آهنگي ۽ يڪسانيت هئي. اهو ئي سبب آهي جو سندس ڪلام سوز و گداز سان ڀريل آهي. انهي ۽ ڳالهه ۾ ڪنهن به قسم جو مبالغو نه آهي ته اصغر کي درد جي ڳالهين اورڻ جي هڪ خاص ڏات هئي، جنهن خصوصيت کان اڪثر پيا شاعر محروم هئا. فراق، بيقراري ۽ انتظار جي حالتن کي اهڙن ته ساده مگر موثر لفظن ۾ چيو اٿس جو پڙهندڙن ۽ ٻڌندڙن جي اکين مان لڙڪ ۽ دل مان دانهن نڪريو وڃي. انهن خوبين کانسواءِ اصغر جي شعر ۾ سلاست تمام گهڻي آهي. جنهن سببان سندس ڪلام محاسن زبان جو هڪ مرصع نمونو آهي. اصغر جي شاعري هڪ اهڙو جادو آهي جو هر دؤر، هر زمانه ۽ هر ماحول جي ماڻهن لاءِ هڪ جهڙو اثر رکي ٿو. اگرچه وقت ڦرندو گهرندو رهندو ۽ انهي سان گڏ ماڻهن جي نظريات ۽ احساسات ۾ به تبديليون واقع ٿينديون، پر اها حقيقت آهي ته اصغر جو شعر جهڙو ڪلهه مشهور هو تهڙو ئي اڄ مقبول آهي ۽ سدائين رهندو. سچ ته عاشقانه ڪيفيتن جي صحيح ۽ صادقانه ادا ڪيون وڃن ته اهي جاويد آهن.

اهل ذوق حضرات انهي شاعر جي معيار جو اندازو بخوبي لڳائي سگهن ٿا جنهنجو ڪلام ٻين شاعرن لاءِ استاد ڪامل جو ڪم ڏيندو هجي. فقير حمل لغاري جهڙو درد مند شاعر به سندس ئي ڪلام کان متاثر ٿيو.

جيئن ته اصغر، سنڌي موزون شاعري جي اوائلي دؤر جو شاعر هو، تنهن ڪري سندس ڪلام ۾ مجازي عشق جي دلفريبي سان گڏ حقيقي عشق جي رمزن جي سمجهاڻي به آهي. انداز بيان اهڙو ته دلچسپ اٿس جو نصيحتن جي تلخي ۾ به لذت پيئي معلوم ٿئي.

هن جي گلستان شعر و سخن ۾ جيڪڏهن هڪ طرف تشبيهن ۽ استعارن جا رنگين گل آهن ته ٻئي طرف صنعت تجنيس حرفي جا سبزه زار نظر اچن ٿا جن مان انداز بيان ۽ حسن زبان جون مترنم لهرون وهن ٿيون. هن باغ ۾ محاسن شعري جا سڀيئي گل موجود آهن جن جي چوڌاري سوز و گداز سان بلبليون جهمريون پائي رهيون آهن.

خليفو گل محمد، سچل سرمست، بيدل، فتح فقير، محمد عارف صنعت شڪارپوري، ڪرم الله ڪرم، محمد اشرف ڪاماري وارو، جمع چارڻ، ملا صاحبڏنو، شاهو فقير ۽ حمل لغاري سندس همعصر شاعر هئا.

سائين اصغر سنڌي ڪلام تمام گهڻو چيو آهي. تقريبا ۴-۵ ڪافيون سندس ڇپيون وڃن ٿيون.

هينئر ناظرين ڪرام کي گهڻي دير انتظار جي صبر آزما آويزش ۾ مبتلا ڪرڻ نٿو گهران لهاذا سندن خدمت ۾ سنڌ جي هن باڪمال شاعر جي ڪلام جو انتخاب پيش ڪريان ٿو.

رمزان رانول منهنجي روح ۾،
اڄ ڪي وري لاٿئه نيون
۱- ڦٽڙا جي درد فراق جا،
تنهن ۾ وڌءِ وه جون وٿيون
اهي تاب تنهنجي ڪان تتيون،
جئن تيل جون ٽپڪن تيون
۲- طوفان نوح ۽ جو ويو سڪي،
اکڙيون جهڙڻ کان نا جهڪيون
جهولي پائي آءٌ ٿي جهڄان،
نيڻن پائي رت جون نيون
۳- اصغر عاشق عشق جون،
ڳالهيون ڪيون تو سڀ ٽيون
قاصد چئج ات يار کي،
جيڪي چرئي تو کي چيون

اصغر جي ٻي ڪافي پيش ڪريان ٿو

۱- ڪانگل ڪڏي دل تو ڏيان،
جانب اچيون، جي تون ڪئين
۲- مژگن سدا خنجر هڻي،
رت عاشقن جو تو پيئين
۳- هٿڪ پيرڙا رت ۾ رڱي،
پوءِ ڏوهه ميندي کي ڏئين
۴- مرڻ کان بچندس تڏهن،
اجلئون اچي جي تون وڃين
۵- مرڪي حقيقت جي پڇين،
جئن رئسان رئيج تيئن
۶- بلبليون بهاري ۽ جئن وسن،
اکڙيون منهنجون رئن تيئن
۷- "اصغر" عاشق آءٌ ائين،
جر ري مڇي آهي جيئن

اصغر جا چند شعر پيش ڪريان ٿو

اڳ به ڪن لاءِ عشق هو،
کين باز آيو مون ٻڌي
ڪيفي ڪتاريون عشق جون،
هي هوت ويو هيڻي هڻي
جم جرم سڀ کي سٽي،
هاڻ هي هلي هڪڙي چڙهي
سورن واريس ساه کي،
دعائون ٻنهي هترا ڪٽي
سڪڙا ڏئي ۽ ڏک وٺو،
هي ڳالهه آ ڳاڻن ڳڻي
"اصغر" اهو عاشق چون،
آلي هوندس اک جي اٺي

مونکي اميد آهي ته ارباب ذوق ۽ اصحاب نظر اصغر جي هن ٿورڙي ڪلام مان ئي سندس شاعرانه لطافتن جو خود اندازو لڳائي سگهيا هوندا. سنڌ جي هن باڪمال شاعر ۳۲ ورهين جي ننڍي عمر ۾ تاريخ ۱۱ جمادي الاول سنه ۱۲۶۳ هجري ۾ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪيو. کين هڪ ئي پٽ ٿيو جنهن جو نالو پير ضرب الله شاه هو جو ڪانئس پوءِ گادي نشين ٿيو.

جيستائين اسان جي زبان زنده آهي، جيستائين اسانجو ادب سلامت آهي ۽ جيستائين سنڌي زبان جا ڳالهائيندڙ باقي آهن، تيستائين پير علي گوهر شاه اصغر جو نالو زنده رهندو.

(ريڊيو پاڪستان جي شڪريه سان)

عبدالواحد سنڌي

سنڌي مفڪر- نانڪ يوسف

سنڌ جي عظمت، شهرت ۽ فضيلت کي سڀني مؤرخن تسليم ڪيو آهي. مٺي مهراڻ جي وادي پنهنجي قديم تاريخ، تمدن ۽ تهذيب جو هڪ عالم آشڪار مرڪز آهي، جنهن تي نظر ڪرڻ سان سنڌ جي تهذيب جا آثار اسان کي پنج هزار ورهين کان به پٺتي وٺيو ٿا وڃن.

اوهان موئن جي دڙي جي پٿرن کان پڇو. مهراڻ جي موجن کان دريافت ڪريو ۽ توهان کي سنڌ جي عظمت، سنڌ جي شان ۽ سنڌ جي فضيلت جو پورو پتو معلوم ٿي ويندو.

سنڌ جي واديءَ ۾ شاعرن جي گهٽتائي ڪانهي. گذريل زماني ۾ ڪيترا شاعر ٿي گذريا آهن ۽ ايندڙ زماني ۾ به ڪيترائي پيدا ٿيندا. جيستائين حسن و عشق دنيا ۾ موجود آهي تيستائين شاعري جو ميخانو بلڪل گرم رهندو. الهيءَ ميخاني ۾ ادب جا ميخوار پنهنجي وقت تي ميخاني ادب مان شعر جا جام ڀري پاڻ به پيئندا ۽ ٻين کي به پياريندا. ٻين لفظن ۾ ائين به چئي سگهجي ٿو ته اهي شاعر ئي آهن جي ادب جي باغ مان شعر جا گلدستا ٺاهي سينگاري سنڌ جي ادبي محفل کي رونق افروز ٿا ڪن، جن جي گلن جو واس سنڌ جي ادبي محفلن کي صدين تائين معطر ۽ معنبر ٿو رکي. جڏهن انساني معاشرت روحانيت جي جذبن کان منهن موڙي حيواني شين ڏي مائل ٿيندي آهي، تڏهن شعر جي محفل به ڪجهه قدر بي رونق ٿي ويندي آهي ليڪن جڏهن وري معاشرت پنهنجي سنڌي رستي هلڻ لڳندي آهي تڏهن وري شاعري اوج تي پهچي ويندي آهي. شعر آهي نيڪ نيتي، پاڪ خيالات ۽ حسن و عشق جي امنگن جو ترجمان.

سنڌ جي گذريل شاعرن مان شاهه ڀٽائي، سچل سرمست ۽ سامي مشهور صوفي شاعر ٿي گذريا آهن، جن جا پاڪيزه ۽ فطري جذبا پڙهندڙن جي دلين تي نهايت گهرو اثر ٿا ڪن. هو نه رڳو سنڌ جا سڀ شاعر اهل مالڪ آهن، ليڪن هر هڪ جي ڪلام کي پنهنجي پنهنجي خوبي آهي. ڪن پڙهندڙن کي هڪڙي جي ڪلام مان مزو ايندو آهي، ته ٻين کي ٻئي شاعر جي شعر مان. سنڌ جي صوفي ۽ مجذوب شاعرن مان سچل سرمست جي شاعري جي خوشبوءِ ۽ خستوري اڄ به ساڳيءَ ريت اچي رهي آهي، جهڙي ريت اڄ کان اٽڪل ٻه سو ورهيه اڳ هئي.

سچل سرمست جي عظمت هن ڳالهه مان ئي پڌري آهي ته سندس شاگرد به بلند پايه هئا. سچل سرمست جي شاگردن جو حلقو نهايت وسيع هو. جيئن ته يوسف نانڪ، فقير محمد يعقوب، فقير محمد صالح قادري لاڙڪاڻوي، فقير شير علي، فقير گهرام، حاجي عثمان چاڪي لاڙڪاڻوي، خير شاهه، محمد صالح دونهي وارو ۽ ٻيا. انهن درويشن مان يوسف نانڪ، گهرام ۽ حاجي عثمان وڏي درجي جا فقير ۽ شاعر ٿي گذريا آهن.

اڄ اسان جي گفتگو جو موضوع يوسف نانڪ آهي. هي هڪ عام اصول آهي ته خدا جا برگزيده بندا پنهنجي نفوس قدسيه سبحان ۽ پنهنجي صحبت جي فيض سان اهڙيون هستيون پيدا ڪندا آهن جو سندن صحيح جانشين هوندا آهن. سچل سرمست پنهنجي زماني جو هڪ وڏو وليءَ ڪامل ۽ شاعر شيرين مقال هو، جنهن جا نغما صدين کان بعد به دلين کي اهڙي طرح وجد ۾ ٿا آڻين جهڙي طرح سچل سرمست جي زماني ۾.

سچل سرمست جي سوانح نگارن جو چوڻ آهي ته نانڪ يوسف ۽ فقير يعقوب نهايت خوب صورت نوجوان هوندا هئا، جن تي سچل سرمست سائين جو ڏاڍو راز هوندو هو.

انهن ٻنهي مان فقير يعقوب تي وڌيڪ مهربان هوندا هئا. ٻئي فقير هميشه ڪيس پيا سوال ڪندا هئا ته اسان کي فقيري سلوڪ جي امانت ڏيار. سچل سرمست جو اڪثر مراقبي ۾ مست هوندو هو. هڪڙي رات جڏهن سرمست مراقبي ۾ محو هو، تڏهن پنهنجي درويش يعقوب فقير کي سڏ ڪيائين، ليڪن يعقوب شهر ۾ پنهنجي دوستن سان گهمڻ ويو هو ۽ نانڪ يوسف حاضر هو، تنهن عرض ڪيو ته قبله يعقوب ته ڪونهي باقي ٻانهس يوسف حاضر آهي. يعني حضرت يعقوب جي پٽ حضرت يوسف جو اشارو ڏنائينس. سائين سچل ڪٺي ماٺ ڪئي. وري ڪنهن ٻي ڏينهن به سرمست فقير محمد يعقوب کي سڏ ڪيو، ليڪن هو حاضر نه هو ۽ نانڪ يوسف ساڳيو ئي جواب ڏنو. وري به سائين سچل خاموش ٿي ويو. ٽئين دفعي به ساڳيو ئي اتفاق ٿيو. تنهن تي سچل سائين کي موج آئي ۽ اچي يوسف کي ڀاڪر وجهي چيائين ته جڏهن خدا به امانت توکي ڏياري، تڏهن يعقوب کي ڪيئن ملندي؟ پوءِ سچل سرمست ڪيس دعا ڪئي ۽ چيائين ته يوسف وقت جو بادشاهه آهي. صبح جو درگاهه ۾ گهرائي چيائينس ”اي يوسف! اڄ کان تون نانڪ آهين.“ ايتري چوڻ سان فقير يوسف ايتري قدر وجد ۾ اچي ويو جو ٽپ ٽپ سان سندس مٿو مسجد جي ڇت سان وڃي لڳو. هڪ پهر تائين اهڙي حالت ۾ رهيو ۽ پوءِ سچل سرمست فرمايو ته نانڪ يوسف کي قابو جهليو ۽ سنڀاري ڇڏيوس. جڏهين سنڀاريائونس تڏهين کي ڏينهن بيهوش پيو هو ۽ هوش ۾ اچڻ کان پوءِ هو هڪ ڪامل درويش ۽ باصفا فقير هو.

چوندا آهن ته هڪ دفعي نانڪ يوسف ڪجهه فقيرن سان گڏجي امرتسر جي سير تي ويو هو. جڏهين امرتسر پهتا ته گرونانڪ جي گاديءَ تي جيڪو چيلو ويٺو هو سو انهن ڏينهن مري ويو هو، تنهن ڪري يوسف نانڪ هن جي گادي تي ويٺو ۽ چيائين ته آءٌ نانڪ آهيان. سکن چيس ته اسان تنهنجي آزمائش وٺنداسون. شرط وڌائون ته اسين توکي ٻهڪندڙ باهه ۾ پورهنجاريندا سون ۽ جيڪڏهين تون سچ پچ نانڪ آهين ته پوءِ توکي ڪو به نقصان نه رسندو. آخر ڪار اها آزمائش ٿي ۽ نانڪ ٻهڪندڙ باهه مان صحيح سلامت وهنجي نڪتو. انهيءَ بعد تورا ڏينهن اتي رهي وري پنهنجي وطن موٽي آيو. نانڪ يوسف جو جذباتي ڪلام گهڻو ئي چيل آهي، مگر ڪيترن ماڻهن کي اها خبر به نه آهي ته يوسف نانڪ شاعر هو. مرحوم پنهنجي تخلص ”نانڪ“ يا ”يوسف“ استعمال ڪندو هو. پنهنجو ڪلام ۾ ڪي هند ڪيون ٻاٽيون ۽ شبد به چيا اٿس.

(ڏسو صفحو ٩٠)

سيد نياز علي شاه "محسن" ڪڪڙائي

مرحوم سکر فقير ساڪاڻي

(هڪ گمنام اُمي شاعر)

اسانجو سنڌي ادب، اسان جي سدا شاهوڪار سنڌي زبان، اسان جي سونهاري سنڌ ڙي هر لمولي ۾ زرخيز. ڪيترا عالم، فاضل، اديب، شاعر، ليڊر ۽ صحافي پيدا ٿيا ۽ ٿيندا رهندا. ڪيترائي انمول هيرا وڃاياسين، ڪيترا لڌاسين. اهو ڏي-وٺ جو سلسلو جاري ۽ ساري هو، آهي ۽ هوندو. اسان جي علمي و ادبي ڪم مايگي ۽ ڪور ذوقي به ڏسڻ وٽان آهي. اسان جو ڪيتروئي ادب، اسان جو نه رهيو آهي: اڃا به آفرين آهي ڊاڪٽر بلوچ صاحب کي جنهن "قديم ادب" لاءِ ڪجهه نه ڪجهه ڪيو آهي، نه- ته اسان "جديد اديب" ته فقط "جديد ادب" جا ڳولائو آهيون. قديم ادب کي ڪير ڏسي!؟ "قديم ادب" کي هٿ لائيون ته "قدامت پرست" ۽ "رجعت پسند" ليکجون!!. سنڌ جي جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڪيترائي اهڙا گمنام شاعر هئا ۽ اڃ به آهن، جو جيڪڏهن انهن کي صحافت جي ميدان ۾ آڻجي ته جيڪر اسان جو ڪلاسيڪي ادب الاجي ڇا بنجي پوي... ضرورت آهي ته جديد ادب جي تقاضائن ۽ قدرن کي منهن ڏيڻ سان گڏو گڏ قديم ادب کي به ورجائيندو رهجي. انهن گمنام هستين کي به اڄ ڪلهه جي "نام نهاد هستين" اڳيان پيش ڪجي ۽ پوءِ موازنو ڪجي ته "اکر ان وچ جوئي اڙيا، عشق دي چاڙهي مول نه چڙهيا" صحيح آهي يا نه. اسان مفعولن، فاعلاتن، مفاعيلن، فعولن ۾ ڦاسي ڇا پيش ڪيو آهي ۽ هنن آزاد مردن بحر و وزن ۽ حرڪات و سڪنات کي لت هڻي ڇا پيش ڪيو آهي!!

الله الله! ڪهڙو نه پاڪيزه ڪلام آهي، انهن مستن ۽ ملنگن جو: جنهنجي پڙهڻ سان روح کي راحت پئي اچي، ايمان کي تقويت پئي پهچي، وار اُڀا ٿيو وڃن. خدا گواهه آهي، ته مونکي جڏهن محترمي مولوي عبدالرزاق صاحب چانڊيي "مرحوم سکر فقير ساڪاڻيءَ" جو ڪلام ڏيکاريو ۽ مون ٿورو مطالع ڪري ڏٺو، تڏهن اکيون پرجي آيون. ڏاڍو ڏک ٿيو ته ههڙو پاڪيزه ڪلام به اڃا اونداهي غار ۾ پيو آهي! منهنجي گذارش تي مولوي صاحب مذڪور شاعر (سکر فقير) جو بياض منهنجي حوالي ڪيو ۽ سندس زندگيءَ جو احوال به لکي ڏنو، جنهن کي پنهنجن لفظن ۾ نهايت مختصر لکي، مولوي صاحب جي شڪريي سان ناظرين اڳيان عرض رکانٿو.

نالو: سکر. ذات: ساڪاڻي (اسحاقي) چانڊيو.

وينل ڳوٺ: سيوو چانڊيو (تعلقو ڪڪڙ ضلع دادو)

سکر فقير غالبا ١٨٩٧ع ۾ ڳوٺ سيوو چانڊيو ۾ ڄائو. سندس والد "روحل فقير" پنهنجي وقت جو درويش صفت انسان ٿي گذريو آهي. سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي ته "جهڙا ڪانءُ تهڙا ٻچا." سو سکر به پنهنجي پيءُ وانگر درويش ثابت ٿيو. سکر اڃا ٥-٦ سالن جو مس ٿيو ته پيءُ وفات ڪئي. پيءُ جي وفات کانپوءِ سندس وڏي ڀاءُ "ڄام خان" کيس پالي وڏو ڪيو. سکر فقير علم کان صفا نابلد هو، مگر سندس ڪلام ڏسي عبرت وٺيو ٿي وڃي. اعتباري ڪونه ٿو اچي ته ڪو اڻ پڙهيل هو، پر ڳوٺ جي عمر رسيده ماڻهن کان پڇڻ تي يقين ڪرڻو ٿو پوي. بلو خان چانڊيي (جنهن جي عمر اٽڪل ٧٢ سال کن ٿيندي) کان روايت آهي ته "سکر فقير ١٧ سالن جو هو ته هڪ ڳوٺاڻي نينگريءَ سان اکين جو عشق ٿي ويس ۽ اهو عمر پر نڀايائين". سکر جي شاعري به اتان ئي شروع ٿئي ٿي، مگر افسوس جو سندس شروعاتي ڪلام هٿ اچي نه سگهيو. سکر فقير صوفي طريقي

سنڌي مفڪر-نانڪ يوسف

(آندل صفحي ٨٩ تان)

سندس ڪلام جو نمونو اوهانجي خدمت ۾ پيش ڪجي ٿو:-

دلداريون ته ڏجن يار-
دلبر درد ولدن ڪي.
١- پيڙيءَ چاڙهي سپريسن-
چس ۾ نا ڇڏجن،
٢- هيٺي سنڌي حال تي-
دست پري ڏرجن،
٣- جيهي تيهي لنهنجڙي-
سير پري پڇجن،
٤- گهڻو پڇي تن کي-
جن وٽان هوت وڃن،
٥- يار "يوسف" جون عاجزيون-
عرض قبول ڪجن.

پنهنجي مرشد وانگر يوسف نانڪ سرائڪي ۾ به ڪلام چيو آهي، جنهن جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:-

آونداهين ڍولڻ اونداهين
ڪهڙا ڏوهه ميري پاس ڦيرا
پاو نداهين.
١- گفتار تيڏي شيرين،
منئي هئه شڪر ڪنون
اپڻي ناز مشتاق نال،
ڳل لاو ندانهين.
٢- واهه واهه تساڏي چال،
عجب ڏتي سين
هس هس ڇپيندي آپ،
چشم چاو ندانهين.
٣- ديدار لئي جاني،
مشتاق مرن تا،
چشم چاڪ درد فراق،
مرهم آو ندانهين.
٤- "يوسف" غلام بردا،
چاڪر غلام دردا
تو، پاجهون اور خيال،
من پاو ندا نهين.

سچل سرمست جي تتبع ۾ نانڪ يوسف جي ڪلام ڪيتري قدر نه شاندار آهي ذرا غور سان پڙهو:-

گم هوئڪي ويک نظارا
آپ سارا، محبوب ڪي
صورت ۾
١- رک نور جمال نظر وچ-
تصوير نگار اندر وچ
سڻ عاشق عشق اشارا-
برهه نقارا.
٢- رک ڏيان هڪو دلبردا-
دم دم دي وچ خوض خصم دا
دل ڪر تون جسم وسارا-
آخر گذارا.
٣- جس وچ محبوب سماوندا-
قرّ موت نه اس پر آوندا
سانون قسم رسول خدارا-
ڪر اعتبارا.
٤- وچ برهه بيخود هوئڪي-
جندجان ڪنون هٿ ڌوئڪي
پيچي مارين تينهن نقارا-
انا الحق نعرا.
٥- سانون پير مغان فرمايا-
وحدت دي راهه بتايا
بلهار جائون بلهارا- يوسف يارا.
(ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي شڪريي سان)

۾ لوهڻ پيرو ز واري پيز "لتول گهوٽ" جو مريد هو. سڪر، فقير هو، پر اڄ ڪلهه جي عام فقيرن وانگر ڪمتو ڪندڙ، رلي ڪلهي تي در در تي "آهي الله" ڪونه ڪندو هو. پنهنجو پاڻ هار پو ڪري گذر سفر ڪندو هو (٢٠) ويهن سالن جي عمر ۾ مائٽن جي اصرار تي ٻراد ريءَ مان شادي ڪيائين، پر ٣ سالن گذارڻ کانپوءِ زال گذاري ويس. هن زال مان ڪو به اولاد ڪونه ٿيس. وري ٣٠ سالن جي ڄمار ۾ ٻي شادي ڪرايائونس، پر ان مان به اولاد ڪونه ٿيس. (اها زال اڃا بقيد حيات اٿس) جنهن ڪري ويڳاڻو رهندو هو. ويتر جو سندس وڏو ڀاءُ جام خان به گذاري ويو، سو انهيءَ جهوراڻي اڃا به جهوري وڌس. اهڙي نموني سڪر فقير ڏکن سکن سان پيار ڪندو رهيو. هن دؤر ۾ کيس راڳ کان وڌيڪ ٻيو ڪو به سهڻو ساٿي نظر ڪونه آيو، سو يڪتاري سان من جي تار لڳائي ڇڏيائين. چنانچه اڌ رات منجهه رات، جڏهن به ڀور پوندو هوس، يڪتارو کڻي ڇوڻ شروع ڪندو هو، ۽ اهڙي طرح دفترن جا دفتر بيان ڪري ويندو هو. سڪر فقير آخر ۾ جيڪو به شعر چيو، سو سڀ اهڙي نموني. ملان امام الدين چانڊيو (جنهن کي مان پنهنجي اصطلاح ۾ حضرت "مجنون" سڏيندو آهيان) مونکي ٻڌايو ته "سڪر فقير گهڻو وقت بيمار رهڻ ڪري تمام هيڻو ٿي ويو. هڪ رات سندس حالت تمام نازڪ ٿي وئي هئي، سو اسان ڪانئس پڇڻ وياسين. فقير کٽ تي سُتو پيو هو. اسان سان نهايت تندرست ماڻهوءَ وانگر ڳالهيون ٻولهيون ڪيائين ۽ ڳالهين جي دوران ۾ پنهنجون ڪافيون به ٻڌائيندو رهيو. گهڻي دير کانپوءِ اسانکي چيائين ته "بابا! ني شابرو آرامي ٻيهي، مان خوش آستان" يعني توهان وڃي آرامي ٿيو، مان خوش آهيان ۽ اسان هليا وياسين. ڪلاڪ ڪن مس گذريو ته دانهن ٿي. پڇندا وياسين. وڃي ڏسون ته فقير صاحب جو روح قفس - عنصري مان پرواز ڪري چڪو آهي. اسان کي اهو ڏسي اچرج ورتو ته سندس ٻيا عضوا ته بالڪل سنوان سڌا هوا، باقي ڪابه هٿ کڻي ٿي رکيو هوس (جيئن ڳائڻ وقت اڪثر ڳائڻا رکندا آهن) ۽ وات به کليل هوس ڄڻ ته ڪو ڪلام چئي رهيو آهي."

مرحوم سڪر فقير ڏاڍو سٺو شاعر هو، مگر ارمان آهي جو فقير جو ڪلام ڪنهن به گڏ ڪونه ڪيو. مونکي جيڪو ٿورو گهڻو ڪلام مولوي عبدالرزاق صاحب وٽان مليو، اهو به اهڙي حالت ۾ مليو جو ڪيترين عبارتون ته پڙهڻ ۾ ئي ڪونه آيون. انهيءَ هوندي به ڪجهه نه ڪجهه هٿ اچي ئي ويو.

سڪر فقير ٥٨ سالن جي عمر ۾ ١٩٥٥ع ۾ وفات ڪئي. سندس تربت خيرپور ناٿن شاهه جي اوير ۾ ڳوٺ "سعيد علي لانڊر" واري مقام ۾ واقع آهي."

سڪر فقير جي آخري ڪلام جو قلمي نسخو اسانجي اڳيان آهي جنهن ۾ ناصحانه، عاشقانه ۽ ظريفانه نوعيت جا ڪيترائي اشعار آهن. فقير مرحوم هڪ لنبو چوڙو بيتن جي طرز تي سسئي جو قصو به لکيو آهي. فقير جي هڪڙي ٻئي همعصر مونکي ٻڌايو ته فقير کي هڪڙي گڏه هوندي هئي، ان جا آثر ڪو شاهينگ ٿنائي ويو هوس. ان تي به هڪ سٺ ناهي هئائين. ان جا ڪجهه بيت زيرنظر بياض ۾ به نظر آيم. پنهنجي وقت جي نوجوانن جي آواره گردي ڏسي فقير صاحب انهن تي به هڪ مزيدار ۽ نصيحت آميز طنزيه نظم ٺاهيو آهي. مون وٽ جيڪو بياض آهي ان ۾ اول اول "واحد جي وڏائي" بيان ڪيل آهي. چونڊ اشعار لمونا عرض رکجن ٿا.

"واحد جي واکاڻ"

ساراهيان سچو ڌڻي صاحب
رب سبحان،
مولي ڌڻي ملڪ جو جنهن
جوڙيو آهه جهان،
قادر سندي قدرت جي ڪل
ڪنهينکي ڪان،
قادر پنهنجي قدرت سان
ٺهايو آسمان،
ملڪ فلڪ پيدا ڪيئين پيو
بشر بي بيان،
آدم کي ملڪن کان سجدو
ڪرايو سبحان،
عزازيل انڪاري ٿيو مالڪ
جو بي فرمان،
عزازيل انڪاري ٿيو، تڪبر
ڪيس تالان،
عزازيل انڪاري ٿيو، شمرو
ٿيو شيطان،
نبي پيدا ڪيئين نور مان
ضعيفن زمان،
مولي مڪو محمد ڏي قادر
هيءَ قرآن،
پڙهو پنج وقت نماز جا، فائق
جو فرمان،
ٺيهڻي ٺاريو ڪينڪي، هي
سمر هي سامان،
هٺ هٺ ڪيون هٿ هٽين
ناحق لئه نادان،
وس وڏائي تو ڪرين، مايا
مڙي مان،
مٿئون تو کي موت جي ڪل
پوي ٿي ڪان،
اڙي نر! نه ٿي نادان، سرت
رک "سڪر" چوي.

هاڻي سسئيءَ واري قصي جا خاص خاص بيت ملاحظ فرمايو.

(١)

پنهل پنهنجي پيءَ کان مرد
گهري موڪل،
ڏنس اجازت آريءَ جام ترت
ڪري توڪل،
ڪوٺائي تن ڪيڇين کي
چيو جام پنهل،
ڪاهيو ڪرها ڪست مان
هلو هن مهل،
ترت ڪري توڪل، هلي
پڇون پنهور کي.

(٢)

آريءَ جام آڻائيا پنهنجا
صوبا ۽ سردار،
چي، اٺو ٻارت پنهل جي،
ٿيو قربدار،
هاڻي الله جي آڌار منهنجو
پنهل آڻجو پاڻ سان.

(٣)

جام پنهل چيو راڄ کي گويا
هيءَ گلستان،
سودو سٺ پيو ڪونه ڪٺو
بنا خستوريءَ ٻار،
عطر عنبير ساڻ ڪٺو ڇوٽ
ڪجو ڇٽڪار،
ڀرجو پوشاڪون ٻٽ جون
جوان ڪيو جنسار،
ڪاهيو ڪرها ڪست مان
وجهو ميس کي مهار،
اهر آواز آٿيا ڇيرين ڪيا
ڇمڪار،
ڪري الا توهار، وڃي پيڙا
ٿيا پنهور کي.

(٤)

سسئي هلي سهيلين سان
سرس ڪري سينگار،
ڏنائين ساڻ "سڪر" چوي،
ٿي وئي باغ بهار،
ڪيائين ڪاڄ خوشيءَ مان
تازا طعام تيار،
چي، ڪائنج خان خوشيءَ مان
منهنجا دل گهريا دلدار،
ذات مٿانج پانهنجي تي
ڏوهي ڏاڻ هار،
پوءِ ڪجي ويچار، ٿئي ناڻ
نڪاح جو.

(٥)

ڪتين پڇيو پنهل کان تون
ڪهڙي جوءِ جوان،
ورندي ڏنس تنهن واه واه
دانهه ساڻ ڏيان،
آهيان سياءَ اوهان جو ناهي
شڪ گمان،
زر ۽ زيور جي آهي مونوٽ
ڪمي ڪان،
ملڪ منهن جو منڙا اٿو
ڪيچ مڪران،
هاڻي مرد ٿيو مهربان،
سعيو ڪيو سنگت جو.

(٦)

ڪتين ويهي پاڻ ۾ ڪئي
هيءَ صلاح،
ڏيونس سنگ سسئيءَ جو
مرضي جا الله،

واحد کي وڻي واه، لکيئين
الڳ عجيب سان.
(۷)
شادي ڪري شوق سان
ٿي وينو خان،
هوڏي پٽس ٿي ويو ڏاڍو
پريشان،
پيغمبر پاڇايون ٿه سڀ موڪليون
ٿيون مستان،
آرڻي جيو پتن ڪي جهدون
وڃو جوان،
ماڻيا ملڪ پانهنجو ڪيچ
ڪيان قلبان،
پيڙهي پٽ منهن جا نبي
اٿو نگهبان،
هاڻي الله ڏيندو امان، پنهل
آڻجو پاڻ سان.
(۸)
پيرين پٺي پيءُ ڪي نر هليا
نروار،
ڏئيون وڃ پنهور جا سرها
سردار،
پروني وينا پاڻ جي ڏئيون
خبر چار،
پن وجھ پانهنڄ ڪي هنديا ٿي
هيڪار،
مڪرانيون پنهنجي ملڪ
۾ هيڪاديون هزار،
پري زادي پرٽايونءَ توسان
هيءُ اقرار،
ڪاڏي ڪيون تا ڪيچ تي
صوبا اڄ سردار،
تنهن جي ڏاو ڏجن تا هڪل
ساڻ هزار،
ڪاهلو ڪرم ڪيچ ڪي
ڏي نه مڪران کي ميار،
هاڻي هوت حوصلو ڏار،
ڪاهي هل تون ڪيچ ڏي.
(۹)
چي، ادا ننگ ٿٽي ڪرڻ
آهي مڙس ڪاڻ ميار،
مون جهڙا مڪران ۾ آهن
هوت هزار،
هاڻي پنڌ انهيءَ پار، موٽي
منهن جو ڪين ٿئي.
(۱۰)
پاٿرن وبهي پاڻ ۾ ڪيون
صلاحون،
ڏيئي نشو نند جو پنهل
نيائون پراهون،
پانهنڄ جون ته سکر چوي
ڏيون سڀ واهون.

اچھ آري اوراهون، ڏس
ڏونگر تو ڏاڍو ٿئي.
(۱۱)
سرتين چيو سسئيءَ کي تون
موڳي ڏي نه ميار،
ستئين بي فلڪي ٿي، ٿئين
نه هوشيار،
وهارين ها چوڪي چانديو
چوڪي، ڪوئي پهريدار،
هاڻي موڳي ڏي نه ميار،
بيعد بلوچن کي.
(۱۲)
پينر بلوچن سان وڏا ڪيم
وس،

هاڻي رهبر اچي رس،
سوڙهيءَ ۾ "سکر" چوي.
(۱۳)
پينر پلارن کي پڌ پون هٿم
پانهون،
آيا پٽ آريءَ جام جا اوڏا
اوڏاهون،
ڏئي نشو نند جو پنهل
نيئون پراهون،
هاڻي پانهنڄ جون دانهون،
پڌي پاروچو ايندو پاڇه سان.
(۱۴)
پاروچو ايندم پاڇه سان،
اصل آرياڻي،
وٺي ويندو نال هيءَ ولهي
واياڻي،

علي محمد مجروح

غـــزل

ستم جيڪي دل تـي ٿيا دوستـو
اسان ڪان تـه وسري ويا دوستـو
هي واعظ، هي ناصح، هي شيخ حرم
سپيئي پرکجي پيا دوستـو
سڏيو پل حوادث جي طوفان کي
اچا کي پرن تا ڏيا دوستو
هٿا دشت غربت ۾ جي هم سفر
خدا ڄاڻي ڪاڏي ويا دوستـو
اسان جي نگاهن سان ٽڪرائجي
کي پيمانا ڇلکي پيا دوستـو
عجب دور آهـي سنڀالي هلـو
هتـي قهر ڪڙڪن پيا دوستـو
جـڏهن قصر سلطان ۾ کوٽ پئجو
اشارا اسـان ڏي ٿيـا دوستـو
سردار پهچـي نـه پويان ڏسو
وسيلا وچڙجي ويـا دوستـو
ڇتيا جن اسان جـا شڪسته اياغ
سي ڪم ظرف بيخود ٿيا دوستـو
زماني سان آکيون ملائـي هلـو
زمانا بـدلجن پيا دوستـو

وڃايم خستوري ڪتن تي هنڌ
نه ڏنن چس،
آڏيءَ رات اٿي ويا مون
ڪان خان ڪري ويا ڪس،
ڏار ڪري ڏاري ويا هيڏي
ساڻ حدس،
ويگاڻي ٿي وينتون ڪري
ڏونگر ڏي ڪوڏس،
پاهنڄ ادا پنڌ ۾ مون سان
روه ڪهان تون رس،
هلان حق پٺيءَ ٿي کهڙي
مونکي ڪس،
ووڙيندس پور پانهنجو ته جڳ-
چولندم جس،

ڪندو پورهيت پانهنجي
پانهي پاروچاڻي،
سٽي سڌ "سکر" چوي
پنهل ايندو پاڻهي،
ننگي ننگ سڀاڻي، ڪندو
پورهيت پانهنجي.
(۱۵)
ڪندو پورهيت پانهنجي
پوندي پاروچي کي پاڇه،
هلان آريءَ جي اٺن سان
پينر ڪيان پاڇ،
هاڻي لال رکندم لاڄ، پوت
واري پنڌ ۾.
(۱۶)
سسئي هلي حق پٺيءَ ڪري
الا توهار،

پڌي سندرو سچ جو ٽي
ووڙي وڪار،
تمس پياس پاڻيءَ جي
ڪيئين ڪست مان ڪوڪار،
ڏئيين پرپٽ بي عقل هڪ
ڏڪ ونددو ڏنار،
چي، ادا ڙي پڪار! آڻي
ڏي آب آچاڻابل کي.
(۱۷)
چي، اما ڪيو هو عرض
الله کي، ته ملندي ڳڙهي
کنوار،
مونکي ڏنـي آهين ڏاتار،
اچي پيءُ ڪير خوشيءَ مان.
(۱۸)
سسئيءَ نماڻيءَ ويهي ڪيون
وينتون ڏڻيءَ در هزار،
بچائج هن بلوءَ کان مونکي
پرڪيج پرڪٽهار،
قادر جي قدرت سان ٽرتي
ٿي پٺي ڏار،
پيئي منجھ پاتار، مليس
پاند پناه جو.
(۱۹)
نشو ٽٽو پنهل جو، هوت
ٿيو هشيار،
سسئيءَ جو نالو وٺي ڪيائين
پوڪار،
ڏنائين پرپٽ وينو هو پدو
هڪ بدڪار،
ڏنس هڪل هوت چي،
ڏي ڪا خبر چار،
وينو آهين وات تي کهڙو
ٿي ڪم ڪار،
چي، سسئيءَ نالي نار هئي
صورت جي سردار،
هٿس پيلس پاڻيءَ جي پيو
پنهل جي نه پچار،
مونکي ڏني آهـي ڏاتار،
تڏهن پاند جهليو ٿم وات تي.
(۲۰)
چي، جڏهن پاند جي پوڙائي
پڪار،
مهري تـو ڏيان مفت ۾
ڪاهي وچ ساڻ اقرار،
پيارين ها پاڻي پياسڻ کي ته
ته ڏيانءَ ها انعام اکيچار،
قند ڏيانءَ ها ڪيچ جي پيو
زر زيور بي شمار،
هاڻي پوڙائي پڪار، ڪاهي
وچ ڪنوات کي.
(۲۱)
پنهل ڪيون وينتون ڏڻيءَ
در هزار،
قادر سي قبوليس ڏيهَ ڏڻيءَ
ڏاتار،
مچيس سوال "سکر" چوي
صاحب رب ستار،
ڪلهي ساڻ قرار، ڏنائينس
جاءِ جنت ۾.
لا اله الا الله محمد الرسول الله

شيخ محمد سومار

سنڌ جو مشهور بزرگ- قاضي قاضن

[مشهور بزرگ، عالم ۽ شاعر قاضي قاضن، پنهنجي وقت جو وڏو عالم ۽ فاضل شخص ٿي گذريو آهي. هو هڪ ئي وقت ڪيترين ئي خوبين جو مالڪ هو. علمي حيثيت ۽ قدامت جي مد نظر کيس جيڪڏهن سنڌ جي عالمن جو اڳواڻ چئجي ته بجا آهي، باوجود ان جي هن بزرگ عالم جي مڪمل سوانح حيات اڃا تائين تحقيق طلب رهي آهي. اسان پنهنجي هن مضمون ۾ وقت به وقت شايع ٿيل ڪتابن ۽ رسالن مان سندس سوانح حيات تي روشني وڌي آهي. ازانسواءِ سندس متعلق ٻين عالمن جا رايا پڻ قلمبند ڪيا آهن.]

قاضي قاضن ولد قاضي ابوسعيد محمد قاسم ولد زين الدين سيوهاڻي نهايت فضيلت پرئو، حاضر جوابيءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. شعر ۾ سندس ثاني پيو ڪو مشڪل هوندو. (۱) مير علي شير قانع ٺٽي جي عالمن ۾ قاضي قاضن جي والد قاضي محمد قاسم جو احوال ڏيندي لکي ٿو ته:- قاضي قاسم جو پٽ قاضي قاضن مشهور عالم آهي (۲) قاضي قاضن جو ڀاءُ قاضي نصرالله وڏو عالم هو، پر کيس ڀاءُ جيتري شهرت نه ملي. قاضي ابو سعيد ڪڏهن ٺٽي ۾ آيو، اهو چٽيءَ طرح ڪٿي به ڄاڻايل ڪونهي، پر پاڻ سيوهڻ کان ٺٽي ۾ آيو هو ۽ مير علي شير قانع سندس ذڪر ٺٽي جي عالمن ۾ ڪيو آهي. قاضي قاضن به شايد پنهنجي والد سان ئي گڏ جي[...]ي ٺٽي جهڙي علمي مرڪزي [...] شهر ۾ آيو هو.

قاض[ي] قاضن ٺٽي ۾ عالم جي حيثيت [...] سان رهيل هو، سند[...]س عزت آبرو وڏا وڏا عالم ڪ[...]ندا هئا، پر ۹۱۰هه کانپوءِ [...]ڪيترن عالمن جي نظر ۾ قاضي قاضن ڪري پيو ۽ ڪيترا عالم کانئس سخت نفرت ڪندا هئا؛ چو ته پاڻ ميران محمد شاه جونپوريءَ جي عالمانه ويچارن کان متاثر ٿي، مهدوي تحري[ڪ] ۾ آيو هو، مهدوي تحريڪ نيٺ مذهبي تحريڪ هئي. هن تحريڪ موجب وطن جون حدون، ٻوليءَ جي حد تائين نه، پر مذهب اسلام جي حد تائين وسيع هيون. هن تحريڪ موجب جان اسلام تان قرباني ڪرڻ ضروري هئي (۳)، مهدوي تحريڪ ۾ اچڻ ڪري قاضي قاضن کي ٻـه عالمن ۽ درويشن جي ٿلائيءَ جو خيال ۽ خطرو نه رهندو هو. مهدوي تحريڪ جي خلاف مخدوم بلال سمون اٿي ڪڙو ٿيو هو. مخدوم بلال پنهنجي تعليم جو دارومدار وطن سنڌ کي آزاد ڪرڻ ۽ "وطن سان ايمان" جي تحريڪ تي هو، جنهنڪري کيس وطن تان قربان ٿيڻو پيو (۴). قاضي قاضن مهدوي تحريڪ ۾ ڦوهه جوانيءَ ۾ آيو هو. قاضي جو ٻهرين شريعتي عالم هو، تنهن جو تصوف ڏانهن توجه مهدوي تحريڪ ۾ اچڻ کان پوءِ ٿيو. سلوڪ جي واديءَ ۾ گهڻيون رياضتون ڪيائين، ۽ انهيءَ مقصد کي وڏيڪ پروڙڻ لاءِ سير سفر به ڪيائين (۵).

۱۱ محرم سنه ۳/۹۲۷ ڊسمبر ۱۵۲۰ع ۾ شاه بيگ ارغون، جام فيروز کي شڪست ڏني ۽ ٺٽو سندس هٿ هيٺ آيو (۶). ۱۱ تاريخ کان ۲۰ تاريخ تائين ٺٽي ۾ عام ڦرلٽ جاري هئي. عالم فاضل سڀ شاه بيگ ارغون جي لشڪر جي لٽ ۽ ڦر جي اثرهيٺ آيل هئا، ڪوبه غريب خواه شاهوڪار انهي ظلم کان بچيل نـه هو (۷). ٻين سان گڏ قاضي قاضن جا ٻار ٻچا به ارغونن قيد ڪيا هئا؛ جنهن ڪري هوچرين وانگي پنهنجن ٻارن کي ڳوليندو ۽ هر ڪنهن ڳليءَ ڳليءَ ۾ ڦرندو رهيو، آخر حافظ محمد شريف، پيش امام، مرزا شاه بيگ جي سفارش هيٺ عريضو لکي مرزا کي ڏنائين ۽ قيدين ڇڏائڻ جو حڪم ورتائين (۸). ۽ انهيءَ خط کان متاثر ٿي مرزا شاه بيگ لٽ مار بند ڪرائي، ۽ قاضي قاضن کي هڪ تير ڏنو ويو، ته جنهن ڏانهن پاڻ اشارو ڪري، ان کي آزاد ڪيو وڃي (۹). پاڻ پنهنجن ٻارن کي آزاد ڪرائڻ کانسواءِ ٻين به ڪيترن مظلومن کي آزادي وٺي ڏنائين، انهيءَ کان پوءِ قاضي قاضن جو مرزا شاه بيگ سان سنئو ناتو ٿي ويو (۱۰).

جڏهن ته شاه بيگ ارغون سيد ميران محمد مهدي جو مريد هو؛ سنڌ ۾ مرزا شاهين بکري، شيخ صدرالدين، مولوي شيخ الياس، پيرآسات، شيخ جهند و پاٽي، قاضي شيخ محمد جعفري، ابوبکر بکري، درياءخان وزير ۽ ٻيا مشهور معروف ماڻهو مهدي جونپوري جا مريد هئا، پر جام نندي، مهديءَ کي ٺٽي مان لڪري وڃڻ جو حڪم ڏنو ۽ هو قندار ۾ شاه بيگ وٽ پهتو (۱۱). جنهن ڏاڍو قدر ڪيس. جڏهن شاه بيگ سنڌ فتح ڪئي ۽ کيس پتو پيو ته قاضي قاضن به مهدوي آهي ۽ اسين ٻئي مرشد ڀائي آهيون، تڏهن سندس ڏاڍو قدر ڪيائين ۽ اڪثر ڪري ڏکين ڳالهين ۾ وٽانئس صلاح وٺندو هو. جام فيروز ته پيش پيو، پر درياءخان جو پٽ مهدوي هوندي به شاه بيگ جو نمڪخوار ٿي نه سگهيو ۽ هن سان سارنگ خان ۽ رنمل سوڍي به ساٿ ڏنو ۽ هو جنگ لاءِ تيار ٿي پيا (۱۲).

شاه بيگ ارغون سيوهڻ هٿ ڪئي ۽ قلعو تعمير ڪرايو، ان وقت به قاضي قاضن کي وڏا انعام مليا هئا. ان کان اڳ محمود، درياءخان جي فرزند وٽ مرزا شاه بيگ جي پاران ايلچي ٿي ويو، جيئن هن کي سمجهائي ته پيش پئو؛ پر هن مجاهدن ٻري کان چيس ته "اسان کان ٻري رهه، تنهنجي نصيحت جي اسان کي ضرورت نه آهي". بکر ۾ شاه بيگ سان گڏ جي قاضي قاضن ويو هو. ڌاريجن لاءِ قاضيءَ کان مرزا

(۱) تحفت الکرام، ج۲، ص ۱۳۷ (۲) ج ۳، ص ۵۴۳/۲۲۱ (۳) پيغام لطيف ص، ۷، ۱۸، ۳۹. (۴) مخدوم بلاول رح، حافظ محمد احسن دادو (۵) مهراڻ جون موجون، (قاضي قاضن سيوهاڻي) از:- شمس العماء، علامه دائود پوٽو ص ۱۷۱ (۶) مهراڻ جون موجون ص ۱۷۲- (۷) تاريخ معصومي (۸) تحفت الکرام، ج ص بيان جام فيروز، ص ۱۴۰/۵۴ (۹) تاريخ معصومي، از مير معصوم بکري ۷۱۰، (۱۰) مهراڻ جون موجون ص ۱۷۲ (۱۱) سنڌي ادب ۽ مهدوي تحريڪ، الله بخش عقيلي ص ۸-۹. (۱۲) مهراڻ جون موجون ص ۱۷۲:

Scanned with CamScanner

صلاح ڏني، جنهن جي لاءِ هن ظاهر ڪيو ته، انهن کي قتل ڪرائي ڇڏيو. پوءِ شاهه بيگ ڊاريجن کي، جي سکر ۾ قيدي هئا، مارائي ڇڏيو (۱).

۲۲ شعبان ۹۲۸ھ/۱۸ جولاءِ ۱۵۱۲ع ۾ مرزا شاهه وفات ڪئي ۽ مرزا شاهه حسن سنڌ جو والي ٿيو (۲). ۽ نصرپور ۾ بابر جي نالي خطبو پڙهيائين. جام فيروز پنهنجي وطن جي آزاديءَ لاءِ ڪوشش ڪندو رهيو، پر اها خبر شاهه حسن کي پئي، جو رنج ٿي پيو ۽ اها ڪل جام فيروز کي به پئجي وئي، جنهن حافظ رشيد خوش نويس ۽ قاضي قاضن مفتي کي سوڪڙيون ڏئي، قصور معاف ڪرڻ لاءِ موڪليو. پر جام ۾ دغا سمجهي مرزا شاهه حسن ارغون ڪاهه ڪئي. جام فيروز ڪڇ ڏانهن هليو ويو ۽ اتي لشڪر گڏ ڪرڻ لڳو (۳). پر ڪيس دوباره به فتح نصيب نه ٿي (۴).

مرزا شاهه حسن قاضي قاضن کي بکر جو قاضي ڪري موڪليو. جيڪي به شرعي مسئلا ۽ معاملات ٿيندا هئا سي نبيريندو هو. ۹۳۷ھ/۱۵۴۰ع ڌاري استعفيٰ ڏنائين. انهيءَ جاءِ تي سنڌس پاءِ قاضي نصرالله مقرر ٿيو. پاڻ انهي وڏي عهدي تي ويهه سال کن رهيو ۽ نهايت ايمانداريءَ سان پنهنجو عهدو هلايائين (۵). استعفيٰ ڏيڻ بعد ڪجهه وقت گوشه نشين ٿي رهيو ۽ پوءِ مديني منوره ڏانهن هليو ويو. جتي سنڌ جا ٻه مشهور عالم قاضي عبدالله ولد قاضي ابراهيم راهو تي ۽ شيخ عبدالله مفتي سندن صحبتي ٿي رهيا (۶). پڇاڙيءَ عمر ۾ قاضي زماني جي بي اعتنائي ڪري دنيا کان ڪناره ڪشي اختيار ڪئي ۽ عيسائي راهبن وانگر خانقاه ۾ ويهي ذڪر ۾ مشغول رهيو. پاڻ پڇاڙيءَ ۾ جوڳين کان گهڻي ۾ گهڻو متاثر هو. علمي ڳالهين کان ڪيس نفرت ٿي ويئي هئي. تصوف ۽ وحدانيت جو وڏو خيال رکندو هو. ڀرين ڀرين پاڻ جوڳين جي خلاف هو، پر هڪ ڏينهن هڪڙو واقعو ٿيو جنهن ڪيس گهڻو متاثر ڪيو.

ڳالهه ٿا ڪن ته، هڪڙو جوڳي فقير ڪنهن مسجد جي اولهه طرف پير ڪيو ستو پيو هو. جنهن ته اها ڳالهه بي حرمتي ۾ داخل هئي، تنهنڪري ڪنهن ماڻهوءَ ڊوڙي اچي قاضي قاضن کي ٻڌايو. قاضي قاضن دروڪڙي ان فقير کي سزا ڏيڻ لاءِ مسجد ۾ آيو ۽ انهيءَ جوڳيءَ کي جيئن پانيائين ته ڏڪ هڻان تيئن ڏٺائين ته پيرن جي جاءِ تي مٿو رکيو آهي ۽ مٿي جي جاءِ تي پير رکيا آهن. وري به ڦري پيرن کان آيو. پر وري به پيرن جي جاءِ تي مٿو اچي ويو تنهن تي قاضي صاحب ڏاڍو ششدر ٿيو؛ تڏهن ان الله لوڪ کيس چيو ته: پير ڪيئي اوڏانهن ڪر پر دل خدا ڏانهن وار. اها گفتار اهڙي وڻيس جو پاڻ به بيراڳي ٿي پيو ۽ هي بيت پڙهيائين:

جو ڳجيءَ جاڳايو س، ستو
هوس ننڊ ۾،
تيهان پوءِ ٿيو س، سنڌي
پريان پيچري (۷).

پاڻ جوڳ ۾ اچڻ کان اڳ نيون ڪوجنائون ڪندو هو. سنڌس دريافت ڪيل تجربا ڪهڙا هئا تن بابت پتو پئجي ڪو نه سگهيو آهي پر تاريخ معصومي سنڌس ساراهه جا ڪيترا آهن. (۸).

سنڌ جو هي وڏو عالم آخر ۾ سنڌ جو جوڳي ۽ صوفي فقير سنه ۹۵۸ھ/۱۵۵۱ع ۾ وصال ڪري ويو (۹). علامه دائود پوٽو صاحب لکي ٿو ته: پاڻ پڇاڙيءَ جا سال مديني منوره ۾ گهاريائين (۱۰) ۽ اتي ئي وفات ڪيائين.

قاضي قاضن جي ڌيءَ بيبي فاطمه نالي سان هئي، جا "شيخ مير محمد المعروف "ميان" مير سان پرڻيل هئي. هوءَ جي لکڻ موجب وقت جي رابعه هئي.

دارا شڪوه ميان مير جو عقيدت مند هو (۱۱).

قاضي قاضن جو پٽ عبدالغفار نالي چڙهيو بزرگ هو. علم جو درياءُ ليکيو ويو هو "اسدالعلما" جو لقب هوس. قاضي قاضن جا ڪل ۴ پٽ هئا، جن مان محمد يعقوب ڪجهه وقت بکر جو قاضي ٿي رهيو هو. محمد شفيع ۽ محمد صلاح به قاضي صاحب جا پيارا فرزند هئا (۱۲). ۽ علم جي زيور سان سينگاريل هئا.

سنڌس پوٽن مان به ڪيترا عالم، فاضل ۽ شاعر ٿي گذريا آهن، جن مان يعقوب جي فرزند محمد اشرف عمر دهلي ۾ گذاري، شاه شفيعا خط جو استاد هو. "بهجت" تخلص ڪندو هو، عبدالغفار جو پٽ قاضي ظهير فاضل ۽ ڪامل هو. ٺٽي ۽ لاهور ۾ قضا جي عهدي تي هو. لاهور ۾ وفات ڪيائين (۱۳). قاضي قاضن جو اولاد علم جي شمع جلائيندو آيو ۽ ملڪ ۾ هن ڪٽنب قاضي قاضن جي ڪري، ڪلهوڙن جي راڄ تائين، هاڪ هئي ۽ سوين پياسا انهيءَ بزرگ جي اولاد کان علم جي روشني وٺندا هئا.

قاضي قاضن جو ڪلام زماني جي انقلابن ڪري ورڪ نه مليو آهي. بيان العارفين جي رستي ست بيت حاصل ٿيا آهن، جي هي آهن:

(۱) جو ڳجي جا ڳايو س، ستو
هوس ننڊ ۾،
تيهان پوءِ ٿيو س، سنڌي
پريان پيچري.

(۲) سيئي سيلهه ٿيام، پڙهيا،
جي پاڻان،
اکرا ڳيان اُپري، واڳوڻي وريام.

(۳) ڪنز، قدوري، ڪافيه،
ڪو ڪو نه پڙهيوم،
سو پار ٻئي پيو، جيڏان
پرين لڌوم.

(۴) ڪنز قدوري ڪافيه،
پڙهي پروڙين سڀ،
ته ڪر منڊي ماڪوڙي
ڪو هم پيئي ڪڇي اُپ.

(۵) "لا" لاهيندي ڪن کي،
"لا" موراهين لاهه،
باالله ري پريان، ڪٿ نه
ڏسجي ڪو پيو.

(۶) سائر ليئي لت،
اوچي نيچي پوڙئي،
هيڪائي هڪ ٿيو،
ويئي سڀ جهت.

(۷) سڄڻ منجهه هئام، مون
وڻني واءُ ٿيا،
هيڏانهن هو ڏانهن هٿڙا،
هو نئين ڙي چار وڏام (۱۴).

قاضي صاحب جي ٻوليءَ تي عربي فارسيءَ جو اثر ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچي. جنهن ڪري اهو يقين سان چئي سگهجي ٿو ته، انهيءَ وقت وطن مالوف سنڌ جي ٻولي عربي ۽ فارسي جي اثر هيٺ آيل نه هئي، اهو عربي فارسيءَ جو اثر، جو اسان جي موجوده زبان تي ٿيو آهي، سو گهڻو گهڻو پوءِ هلي ٿيو آهي. قاضي صاحب پاڻ سيوهاڻي هو، پر زندگيءَ جو گهڻو حصو لاڙ جي مرڪزي شهر ٺٽي ۾ گذاريائين، جنهن جو اثر سنڌس ڪلام تي پيو آهي. پاڻ تمام ٿوري انداز ۾ لاڙيءَ کان متاثر ٿيو آهي. "تيهان"، "پار"، "جيڏان"، "موراهين" ۽ "هو نئين" تلفظ لاڙي آهن.

سنڌس ڪلام اوندهيءَ ۾

(ڏسو صفحو ۹۵)

(۱) تاريخ معصومي (۲) مهراڻ جون موجون ص ۱۷۲- تحفت الڪرام ج ۳، ص ۵۷/۱۴۷ (۴) مظلوم سنڌ (۵) مهراڻ جون موجون ص ۱۷۳. (۶) تذڪره لطفي ح ۱، ج ۲ سن ۱۹۵۵، از: لطف الله بدوي (۷) بيان العارفين (۸) تاريخ معصومي (۹) سنڌي ادب: از: حسام الدين راشدي ص ۲۲؛ سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ: ڀيرومل مهرچند- سنڌي ادبي بورڊ ۱۹۵۶ع ص ۱۲۱ (۱۰) مهراڻ جون موجون ص ۱۷۳ (۱۱) سڪينة الاولياء، از: داراشڪوه (۱۲) تحفت الڪرام ج ۳، ۲۲۱ (۱۳) تحفت الڪرام ج ۳، ص ۵۴۳، ۵۴۴، ۵۴۶. (۱۴) قاضي قاضن، از ... عمر دائود پوٽو صاحب، ڪراچي سنڌ، سن ۱۰۵۲، ... پريس ڪراچي، ...

Scanned with CamScanner

خيرپور جا ٽالپر شاعر

(از:- عطا محمد "حامي" خيرپوري)

سنڌ جا ٽالپر حڪمران گهڻو ڪري پنهنجي وقت جا وڏا اديب ۽ ادب نواز حاڪم ٿي گذريا آهن. ونٽن هميشه علم ادب جو چهچٽو لڳو پيو هوندو هيو. انهن مان حيدرآبادي ميرن جي ادبي سرگرمين تي گهڻو ڪجهه لکيو ويو آهي مگر خيرپور جي ميرن متعلق اچ تائين ڪنهن به قلم نه کنيو آهي. ان جو وڏو سبب اهو آهي جو حيدرآبادي ميرن جا خانگي ڪتبخانا پشت به پشت محفوظ رهندا آيا ۽ اچ تائين صحيح ۽ سلامت آهن. باقي خيرپوري ميرن جي اولاد ۾ ادبي ذوق جي نقدان ۽ سير و شڪار جي شوق سبب اچ چند بازنامن، اسپ نامن ۽ ڪهه طب جي ڪتابن ڪانسواءِ پيو سمورو علمي سرمايو اڌهي جي نذر ٿي ويو. ان ڪانسواءِ مير عليمراد خان ناز ڪانپوءِ خود سرڪاري لئبرري مان خيرپور سان واسطو رکندڙ سمورا قلمي خواهہ ڇپيل ڪتاب چورائجي ويا جن جا صرف نالا فهرست ۾ موجود آهن. انهيءَ هوندي به مختلف ماڻهن جي خانگي ڪتبخانن مان ڪافي مواد مليو تو جنهن مان سندن ادبي سرگرمين جو اندازو لڳائي ٿو سگهجي. سندن درباري شاعرن جي قصيدن مان سندن ادب نوازي ۽ داد و دهش جا ڪيترا حوالا ملن ٿا. هتي هتان جي حڪمران شاعرن جو مختصر ذڪر دلچسپي کان خالي نه ٿيندو.

مير سهراب خان اول

خيرپور جي حڪومت جو باني مير سهراب خان ولد مير چاڪر خان هڪ وڏو عالم ۽ علم دوست حاڪم ٿي گذريو آهي. هو نه فقط رزمگاهہ جو شاهہ هيو پر بزمگاهہ جو به بادشاهہ هيو. جنهن رڪ جي ترار سان جنگي ميدان سر ڪندو هيو تنهن سخن جي تيرن سان غزل جي غزالن جو شڪار به ڪندو هيو. مطلب ته جهڙو جنگجو پهلوان هيو تهڙو سخنگو ۽ سخندان هيو. ونٽس علم ادب جون وڏيون ڪچهريون ٿينديون هيون. آخوند محمد نشان فاروقي قاضي محمد ڪامل ۽ خان محمد پيرزادو سندس درباري شاعر هيا جن سندس شان ۾ ڪافي قصيدا لکيا آهن. انهن قصيدن مان ئي سندس وڏي شاعر هجڻ جا حوالا ملن ٿا. افسوس آهي جو اچ سندس سمورو ڪلام ناپيد آهي. صرف هيٺيون هڪ شعر لب تاريخ ۾ موجود آهي:

من باد شماليم و رزيدم همه کس را

من گرگ درنديم دريدم همه کس را

مير صاحب سن ۱۲۴۶ هجري مطابق ۱۸۳۰ع ۾ اوچتو پنهنجي محلات جي دريءَ مان ڪري پيو ۽ جان بحق تسليم ڪيائين. هيٺين مادن مان سندن سال وفات برآمد ٿئي ٿو.

۱- سخي و ولي مير سهراب بود

۲- محب خاص پنجتن

۳- طعنت از بام افتاد

۲- مير زنگي خان:-

هي مير سهراب خان جو ننڍو پاٽ هيو. جنگي معاملات ۾ وڏي مهارت رکندڙ هيو. برجسته گوئي ۾ به بي نظير هوندو هيو. هڪ دفعي هڪ انگريز کيس ڏسي چيو ته:

رويت چون ماهہ تابان

قامت چراست زنگي

في الفور جواب ڏنائين:

در روز رزم مردان نام من

است جنگي

مير زنگي خان هڪ وڏو شاعر ۽ شاعرن جو قدردان هيو. سچان فقير ۽ صادق فقير سندس درباري شاعر ۽ ڳائڻا هيا جن کي مير صاحب جي وفات ڪانپوءِ مير عليمراد خان پاڻ وٽ گهرائي پنهنجي مصاحبن ۾ آندو. انتخاب طور مير صاحب جا به شعر پيش ڪجن ٿا.

پرسيدن شڪسته دلان

اهل جاهہ را

نقصان عز نيست ڪمال

سعادت است

باد شاهان و فقيران دو گروهے عجب اند

ڪه نبو دلد و نباشند بفرمان ڪسے

مير رستم خان اول:-

هي مير رستم خان جو وڏو پٽ هيو، جنهنکي مير صاحب پنهنجي جيئري ئي حڪومت جون واڳون هٿ ۾ ڏنيون جي هن ڪافي وقت تائين ڪاميابي ۽ دورانديشي سان سنڀاليون مگر پنهنجي پيءُ جي مرڻ بعد دلشڪسته ٿي پيو ڇو ته هو هڪ عمر رسيده، نيڪ طبيعت ڪم آزار، سڌو سادو ۽ صاف دل ماڻهو هيو تنهنڪري ان وقت جي ناسازگار حالتن کي منهن ڏئي نه سگهيو. هڪ طرف کان فرنگي فتنه سازيون پنهنجو ڪم ڪري رهيون هيون ته ٻئي طرف کان سندس پاٽ، پٽن ۽ پائيٽن جي هڪ ٻئي سان ناسازي سندس زندگي کي زهر بنائي ڇڏيو. آخرڪار پنهنجي ننڍي پاٽ مير عليمراد خان ۽ چارلس نيپئر کان خوفزده ٿي حيدرآباد جي ميرن وٽ ويو ۽ جنگ مياڻي جي منحوس نتيجي ۾ ٻين ميرن سان گڏ فرنگين جو قيدي بڻجي پوني موڪليو ويو جتي بهادر شاهہ ظفر وانگر ڏکن جا ڏولاوا سهي خاڪي جامو مٽايائين. سندس وفات جو سال ۱۲۶۲ هجري آهي جيڪو هيٺئين مادہ مان برآمد ٿئي ٿو.

ڪه حقا بخلد برين آرميد.

مير صاحب هڪ وڏو ڪافي گو شاعر ۽ اهل دل درويش ٿي گذريو آهي. حمل فقير لغاري، شادي شهيد رند، شاهو فقير زنگيجو ۽ خير شاهہ يوسف نامي وارو سندس صحبتي هيا. سندس ڪلام سوز ۽ گداز جو آئينه دار آهي ۽ هر ڪافي سندس دکي دل جي پڪار آهي. هڪ ڪافي پڙهو:

ساهہ سڪي دل ساري ويو

ماري مچ ٻاري

۱- ڏسي ڏسي توکي سڄڻا

آهيه اکين ڏنو هاري

قاضي قاضن

(آندل صفحي ۹۴ تان)

سوجهرو آهي. جو ماسو مال مليو آهي، پوڄارن کي پر ڪرڻ لاءِ سو ڪافي آهي. قاضي قاضن جو ڪلام انهيءَ وقت جي ٻولي، لهجو، اثرات، ماحول ۽ تعليم و ترتيب کان واقف ٿو ڪري.

عربيءَ جي "ڪنز" "قدوريءَ" تائين تعليم، علم جوڳين لاءِ ڪنڊي مثل، سمنڊ جي پوڙ، پرين علم مان لهڻ، سڄڻ جو اندر ۾ سماجي رهڻ وارا حوالا ۽ اکر انهيءَ وقت لاءِ هڪ قسم جي تاريخ آهن. انهيءَ ڪري انهيءَ بزرگ جا ٿورا لاهي نٿا سگهجن ۽ سندس علمي ادبي ڪارنامن کان انڪار ڪري نٿو سگهجي. بهرصورت پاڻ هڪ علم ۽ فن جو درياهہ هو، جنهن مان سڄي ملڪ عام فائدو ورتو هو.

سائر ڏيئي لت، اوچي نيچي پوڙ ئي،

هيڪاهي ... ڪ ٿي، ويئي

سهي جهت.

٢- الله آڻيندو ڀيئي سچا
ٿين واڌايون ناري
٣- رستم کي راضي ڪري
ويهه اچي ڀرين پاڙي

مير مبارڪ خان:-

هي مير سهراب خان جو ٻيو نمبر پٽ هيو ۽ پنهنجي پيءُ جي مرڻ بعد پنهنجي صغير ڀاءُ مير عليمراد خان جي ملڪ جي سنڀال ڪندو هيو. مير مبارڪ خان جي مرڻ بعد ئي سنڌس پٽ مير نصير خان ۽ مير عليمراد خان جو ملڪيت تان تڪرار ٿيو جنهنجي نتيجي ۾ انگريزن کي سنڌ اندر پيرن کوڙڻ جو وجهه مليو ۽ ٽالپر خاندان کي ڏکيا ڏينهن ڏسڻا پيا. مير مبارڪ خان هڪ غزل گو شاعر ۽ علم دوست حاڪم ٿي گذريو آهي. سنڌس ادب نوازي جي هاڪ ٻڌي مير ڪرم علي خان جو درباري شاعر آخوند محمد حيات حاتم حيدرآباد ڇڏي هميشه لاءِ مير مبارڪ خان وٽ اچي رهيو. مير صاحب سنه ١٢٥٥ هجري ۾ وفات ڪئي. سنڌس ڪلام مان نموني طور ٻه شعر ڏجن ٿا:

از درد دلارام روان اشڪ
چو ژاله
و از خون جگر جان بصد داغ
چو لاله
ڪي سرو بقامت صنما
همسري آرد
و از چشم تو شرمنده شد
آهوئي غزاله

مير عليمراد خان:-

هي مير سهراب خان جو ننڍي ۾ ننڍو پٽ هيو جيڪو اديب ۽ شاعر هجڻ سان گڏ هڪ وڏو غريب نواز، علم دوست ۽ آزمودگار آدمي ٿي گذريو آهي. سياسي پيچيدگين ۽ زماني جي لاهين چاڙهين کي مردانوار منهن ڏيڻ ۾ ماهر هجڻ سان گڏ اهل دل درويش ۽ با ڪمال بزرگن جي دل وٺڻ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هوندو هيو. سنڌس دربار وقت جي عالمن فاضلن ۽ فيض وارن فقيرن جو آماجگاهه هوندي هئي. ان وقت سنڌ جو ڪو اهڙو شاعر مشڪل ملندو جو مير صاحب جو مداح نه هجي. مفرح القلوب اخبار جا ڪافي صفحا سنڌس قصيده خواني ۾ ڪارا ٿيندا هيا. ديوان اتمچند صبا، ديوان چندا سنگهه مفتون، ديوان ڪشنچند بيڪس، محمد علي شاهه فاني، قاضي خدابخش، سيد علي گوهر شاهه اصغر ۽ ٻيا ڪيترا سنڌس درباري شاعر هيا. مطلب ته مير صاحب جي علم دوستي ۽ درويش نوازي سبب سنڌس دور حڪومت ۾ گهر گهر علم ۽ ادب جو چرچو هوندو هيو. هن دؤر ۾ فارسي شاعري اوج تي پهچي سنڌي ۽ سرائڪي شاعري کي پنهنجو جانشين بنائڻ لڳي ۽ شاعرن سنڌي ۽ سرائڪي شاعري ڏانهن باقاعده توجهه ڏنو. نانڪ يوسف، محمد صالح، غلام حيدر، خير محمد ۽ راز ڏنو اڄوڪ سڀ هن دور جا شاعر ۽ مير صاحب جا صحبتي هيا. مير صاحب فارسي ۾ علي ۽ سنڌي ۾ مجروح تخلص استعمال ڪندو هيو. پاڻ سنه ١٣١١ هجري ۾ وفات ڪيائين. سيد گدا حيدرآبادي سنڌس وفات جو سال "بهشت يافت مڪان" مان ڪڍيو آهي.

سنڌس ٻه شعر پڙهو:

پروانه از فراق تو تنها نه
سوخت دل
خود شمع در فراق ره انجمن
گرفت
در محفلي ڪه شخص قسمت
ميزبان بود
مهمان چگونه روي ازان
انجمن گرفت

مير محمد حسن:-

هي مير رستم خان اول جو وڏو پٽ هيو. هڪ وڏو خدا ترس ۽ درويش شهزادو ٿي گذريو آهي. ڪيس عين جواني ۾ زماني جي انقلاب مصيبتن جو منهن ڏيکاريو. پنهنجي پيءُ جي جلاوطن ٿيڻ بعد پنهنجي پاڙن ۾ اهل عيال سميت خيرپور جي وطن کي هميشه لاءِ خيرباد چئي ناري طرف جنو جي شهر ۾ اچي رهيو. ڪافي عرصي بعد حڪومت برطانيه وٽان سنڌس پينشن ۽ جاگير بحال ٿي جنهن تي اڪتفا ڪري عمر عزيز جا باقي ڏينهن پورا ڪيائين. ڪيس شعر و شاعري سان چڱو شوق هوندو هيو ۽ حسن تخلص ڪندو هيو. سنڌس وفات جو سال ١٢٨٤ هجري هيٺئين ماده مان برآمد ٿئي ٿو.

بلبل بستان بهشت آمد

انتخاب طور سنڌس ٻه شعر ڏجن ٿا.

روئي چون صبح تو پر نور
قمر مي خندد
لب شيرين تو بر تنگ
شڪر مي خندد
گاه گاهي ڪه تبسم ڪند آن
داني چيست
درج ياقوت ڪه بر لعل گهر
مي خندد

مير علي اڪبر خان اڪبر:-

هي مير رستم خان جو ٻيو نمبر پٽ هيو جيڪو پنهنجي پيءُ جي قيد ٿيڻ بعد پيٽ پاڙن سان جنو جي ۾ اچي رهيو ۽ پنهنجي عمر جو باقي عرصو اتي گذاريائين. ڪيس به شعر و شاعري سان ڪافي دلچسپي هوندي هئي. ڏچوال فقير سنڌس درباري شاعر ۽ قوال هيو. مير صاحب جو ڪلام متين ۽ سنجيده آهي. سنڌس هر هڪ غزل تشبيهن ۽ استعارن سان مرصع آهي. مير صاحب سن ١٢٧٦ هجري ۾ انتقال ڪيو. سال وفات هيٺئين ماده مان برآمد ٿئي ٿو.

داخل جنات نعيم بود.

انتخاب جا ٻه شعر ڏجن ٿا.

چونکه بردوش فشاني ڪاڪل
خمدار را
شرمساري ميشود مشڪ ختن
تاتار را
شد پريشان سنبل اندر باغ
چون زلف تو ديد
از سر خجلت فتاده پيچ
و تاب مار را

مير فيض محمد خان عاجز:-

هي مير عليمراد خان جو وڏو پٽ هيو جيڪو پنهنجي پيءُ جي وفات بعد رياست خيرپور جو گادي نشين ٿيو. هن جي ڏينهن ۾ رياست اندر نوان سڌارا آيا ۽ ملڪ ڪافي ترقي ڪئي. انگريزن کي پنهنجي ملڪ مان ريل گاڏي جو رستو به مير فيض محمد خان ڏنو. مير صاحب فارسي، سنڌي ۽ سرائڪي ۾ چوندو هيو. افسوس آهي جو سنڌس فارسي ڪلام ناياب آهي. صرف سنڌس غزل جون ٻه اهي مصراعون ملن ٿيون جيڪي سنڌس درباري شاعر آخوند آگيڏني عشاق تضمين طور پنهنجي ديوان ۾ جا بجا آنديون آهن. مير صاحب جي ڪافين ۾ سڪ سوز ۽ سر جو اٿاهه سمنڊ چوليون ماري رهيو آهي. هڪ ڪافي پيش ڪجي ٿي.

ايڏا نه ڪر تڪرار وي
سائي نال ظالم يار وي
تڪرار ڪيا تلوار هي
لنگهه پئي ڪليجي دي پار هي
لون لون ڪريندي پڪار هي
ڪوئي ترس نه پيئي ظالم يار وي
رت آئي مانگهه بهار دي
بلبل هزار پڪار دي
سائون تانگهه گلرخسار دي
ڪڏان وڙهي آسر يار وي
عاجز ڪريندا هي صدا
سڻ عرض ميڏا دلربا
آول اگرچه بهر خدا
ڪل هس ڪرين ڪجهه پيار وي

مير علي محمد خان:-

هي مير مبارڪ خان جو ننڍي ۾ ننڍو پٽ هيو ۽ ننڍو علي آباد عرف ڪنڌ رن جي شهر ۾ رهندو هيو. پنهنجي خاندان خواهه عوام ۾ عزت جي نگاهه سان ڏٺو ويندو هيو. هر ڪو سنڌس هر دلعزيزي ۽ غريب پروري جي ساک ڀريندو هيو. گهڻو وقت سير شڪار ڪچهري ۽ شعر و شاعري ۾ صرف ڪندو هيو. سنڌس ڪلام جو نمونو ڏسو.

عيد شد خيز ڪه دوست
[illegible] ترا بي گمر
دلربا روي قمر [illegible] ڪنار گيم
شب مهتاب [illegible] تنگ در
آغوش گمر

عقدهٔ پروين به سر يار نثارے گيرم

مير سهراب خان ثالث مسڪين

هي مير رستم خان اول جو پڙپوٽو هيو. وڏو نيڪ نيت، سادهه مزاج ۽ درويش صفت انسان ٿي گذريو آهي. ٻين ميرن جي برعڪس کيس عيش عشرت يا سير و شڪار سان ڪا به دلچسپي ڪانه هوندي هئي- پنهنجو سمورو وقت فقيرن جي صحبت ۽ ڪتابن جي مطالعي ۾ صرف ڪندو هيو. سندس فارسي غزلن جو ناياب نسخو ”ديوان مسڪين“ اڄ به مير بچل خان وٽ منگهڻ واري جي شهر ۾ موجود ۽ محفوظ آهي جنهن جو هر هڪ غزل فني ۽ معنوي خوبين سان مالا مال آهي. سندس ڪلام ۾ حزن و ياس جو عنصر تمام گهڻو آهي. ٻه شعر نموني طور پيش ڪجن ٿا.

خدا يا جوش عشقم بخش
خاطر نا توانم را
ز سر تا پا درين دريا محيط
جسم و جانم را
تمام شب که ز عشق تو جان
تن مي سوخت
هزار شعلهٔ آهم ولي بدن
مي سوخت

مير مهر نجف خان غريب

مير مهر نجف خان ولد مير امام بخش خان ولد مير محمد حسن خان ولد مير رستم خان اول هڪ چڱو شاعر ٿي گذريو آهي. سندس تخلص غريب هوندو هيو. سنڌي مرثيه ۾ يد طولي حاصل هيس. فارسي غزل ۾ به چڱي مهارت رکندو هيو. هي به خيرپور جي ڏيهي رياست ٽٽڻ سبب پنهنجي وڏن سان جنوجي ۾ رهندو هيو. فارسي ۾ ٻه شعر پيش ڪجن ٿا.

دريغ عمر به رفت جان فدا
نه شدم
چرا به کوئے ره يار خاڪپا
نه شدم
جهان گذشت به غفلت بمن
هزار افسوس
دمے به معرفت يار آشنا
نه شدم

مير امير علي خان امير

مير امير علي خان ولد مير فضل علي خان ولد مير مبارڪ خان اول پنهنجي وقت جو هڪ بينظير شاعر ٿي گذريو آهي. سندس نالو اصل ۾ امير بخش خان هيو ۽ شعر و شاعري ۾ خاڪسار تخلص ڪندو هيو، مگر پوءِ پنهنجو نالو خواه تخلص ٻئي ڦيرائي امير علي امير سڏرائين ۽ مشهور به ٿيئين نالي ۽ تخلص سان آهي. ننڍي هوندي کيس مير بچل پڙهائيندا هيا. پنهنجي همعصر شاعرن مير عبدالحسين خان سانگي ۽ گدا حيدرآبادي خواه مرتضائي سان گهرا تعلقات هيس. طرفين جي وچ ۾ منظوم خطن جو سلسلو جاري رهندو هيو ۽ هڪ ٻئي سان شاعرانه سوال جواب ڪندا هيا. مير صاحب کي فارسي، سنڌي ۽ سرائڪي ٽنهي زبانن تي عبور هوندو هيو. فارسي قصيده، مثنوي ۽ غزل ۾ وڏي مهارت هيس. پنهنجي وقت جي اميرن اديبن ۽ شاعرن ڏانهن جيڪي منظوم خط لکيا اٿس يا ائمه ڪرام جي شان ۾ جيڪي قصيدا چيا اٿس تن مان سندس قصيده، قطع ۽ مثنوي جي صنف تي ڪمال دسترسي جو اندازو لڳائي ٿو سگهجي. سنڌي غزل ۽ ڪافي ۾ به کيس ان وقت جي وڏن شاعرن جي قطار ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو. سندس سمورو ڪلام مير امداد علي خان وٽ ڪنڌرن ۾ موجود آهي. مير صاحب هڪ وڏي اديب ۽ شاعر هجڻ سان گڏ هڪ اعليٰ درجي جو خوش نويس به هوندو هيو. سندس دست نوشته تاريخ اوليائے دولت جو نسخو قبله عطا حسين شاه موسوي صاحب جن وٽ موجود آهي. نموني طور مير صاحب جا ٻه فارسي شعر ڏجن ٿا.

اي شوخ سرفرازم از من چرا
رميدي
باز آکه همچو بازم از من چرا
رميدي
خورشيد روئے خودرا از من
نهان چو کردي
شد اين قضا نمازم از من چرا
رميدي

مير راضي محمد خان عاشق

هي مير سهراب خان اول جي پٽ مير غلام حيدر خان جو پڙپوٽو هيو. شعر ۾ ڪڏهن پنهنجو سچو نالو ڪڏهن عاشق تخلص آڻيندو هيو. فارسي غزل ۽ سنڌي ڪافي ۾ طبع آزمائي ڪندو هيو. حمل فقير لغاري جو فرزند محمد رحيم سندس مصاحب ۽ درباري شاعر هيو. مير صاحب هڪ زنده دل ۽ وڏو مهمان نواز شاعر ٿي گذريو آهي. سندس ڪلام جو انتخاب ڏسو.

مشتاق جا نثارم بر سرو قد
تو جاني
قوس قزح نشانست از سطر
ابرواني
بر عاشقان بيدل رحم و ڪرم
بفرما
تاچند ناز عشوه بر عاشقان
براني

مير علينواز خان ناز

هي خيرپور رياست جي آخري دور جو حڪمران شاعر هيو. پنهنجي پيءُ مير امام بخش خان جي ايامڪاري ۾ يورپ جو سير ڪري آيو ۽ ڪافي وقت اچي ڀوپال رياست ۾ گذاريائين. عين جواني جي وقت حڪومت جون واڳون سنڀاليائين مگر يڪدم مجازي تيرن جو شڪار ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ حڪومت جو ڪاروبار وزيرن جي ڪائونسل جي حوالي ڪري ڇڏيائين. پنهنجو سمورو وقت پيرن فقيرن ۽ عالمن فاضلن جي صحبت ۾ صرف ڪندو رهيو. وٽس هميشه اديبن ۽ شاعرن جون ڪچهريون ٿينديون رهنديون هيون. آغا شاعر قزلباش ۽ حفيظ جالندري گهڻو وقت سندس دربار سان ملحق رهيا. سندس سخاوت ۽ ادب نوازي کان متاثر ٿي رامپور جي نواب حامد علي خان جي درباري شاعر شميم امروهوي چئي ڏنو:

بنده نوازيون مين هے يڪتا
علينواز
يه مير بهي هے نيڪ رعايا
بهي پاڪباز
هر شخص اهل دل هے
عجب يان کي سير هے
يه خيرپور اصل مين بهرپور
خير هے

سنڌي جو مشهور صحافي شاعر ”مخلص“ هر سال مير صاحب وٽ قصيده پيش ڪندو رهندو هيو. مير صاحب اردو سنڌي ۽ سرائڪي جو هڪ وڏو شاعر ٿي گذريو آهي. فارسي جي مشهور شاعر عمر خيام جي رباعيات جو بهترين ترجمو (منظوم) ”خمڪده خيام“ جي نالي سان شايع ڪرايائين. ان کانسواءِ سندس اردو تصنيفات مان ”گلدسته ناز“ سندس قادر ڪلامي جي ساک ڀري ٿو. سنڌي ۾ خلوت عشق، آتش عشق، طوفان عشق ۽ گنجينهٔ خرد سندس مشهور تصنيفات آهن. مير صاحب سنه ۱۹۳۵ع ۾ داعي اجل کي لبيڪ چئي ويو. سندس ٻه شعر ڏجو.

تنهنجي رمز سمجهڻ ناهي سهڻا جهان
آسان به آ دشوار به آ
تنهنجي وعدي تي اعتبار ڪهڙو
اقرار به آ انڪار به آ
ليليٰ جي در ٻڪاسون مجنون
ٿيڻ کان پوءِ
زلف دورڪي ٿياسون پنهنجي
مرڻ کان پوءِ.

ڪنديون شال ڪنڌ ييئن
ڏراڙيون ڏفن،

پکي پارڪر پوندا منهنجا پٽر
مارئيءَ جي اها تمنا قابل قدر
آهي جو چوي ٿي ته خدا ڪري
ته ڏراڙيون پٽن ۾ مونکي دفن
ڪن ۽ پارڪر جي پکن ۾ ئي
منهنجي مرڻ جا پڙهون :-

مارئي عمر ڪوٽ جي
ماڙيءَ جي ڇت تي چڙهي
اباڻن ڏي منهن ڪري بيني
آهي ته تڏي هير لڳيس ٿي.
انهيءَ هير ڪي اباڻن جي پار جو
سمجهي جيڪي دل جا خيال
۽ جذبا ڏيکاري ٿي اهي نهايت
شريف، پاڪ ۽ قابل قدر آهن.
انهن مان مارئيءَ جي معصوميت،
پاڪدامني ۽ وطن ڏي سچي
سڪ ظاهر ٿئي ٿي.

هينئين هيرهه وهه وطن جي
وٽي،
ايپنياس اوڏاهين اکڙيون ڪٽي
سنپاليوم سنتار دلپر ڏٺي،
ته ڪڏهن سدا قيد ڇڏيندا پهر.

مارئي ڪانپوءِ سسئي جو
وارو آهي. انهن به اهو نيچر ۽
فطرت شناسي ۽ جذبات نگاري
جو ڪامل رنگ آهي، البت
ايترو چوڻ سچ ٿيندو ته شايد
حافظ مرحوم جي دلي خيال جو
رجحان مارئي کان سسئي ڏي
گهٽ آهي. جيئن ته انجو ثبوت
سندس ئي شعرن مان ملي ٿو
۽ معلوم ٿيندو ته مارئي جي
ذڪر ۾ جيڪا حقيقت ۽ جادو
نگاري آهي اها سسئي جي
ذڪر ۾ ڪانهي، جيئن ته سسئي
جي سڪ پنهل جي ياد ۾
ڏيکاري ٿو :

مون ازل کان ئي اچي هو
ڇانڊ ڪيو ڪو هيارڪي،
هنج وهارير هاريون تنهن
هوت هينڙي نارڪي.
ڪوه ڪنديس آءُ ڪتي
آرڻي بنا آتڻ اديون،
ڪائيان ڪوري وجهي ساڃن
سوا سينگار ڪي.
مٿين شعرن منجهه رواني ۽
سلاست ڪي ذرا ملاحظ فرمايو :
چڙهج سين چاه چوٽن تي
هزارين هون جي هاڙها،
ڏسي ڏو نگرا سندا ڏک ڏک

نه ڪرن ڪان ڙڻ گهرجي
ڪٿي جي ڪاله، توسين
ڪانڊ اوريون پاس آتڻ جي،
اهي آريءَ سنديون اڄ تان
ڳڻي ڳالهيون ڳرڻ گهرجي.
پنهل جي ياد گيري:

روان رڻ ۾ پنهل لئي پار ڪٽيو،
ڏيان ڏونگر ۾ آڏي اوچنگارون
مٿي مارڳ مرن ڪائي جي
ماريس،
ڪندا هڏ هوت جون پب
۾ پچارون
ڇپر مونکي وجهي ڇالا
ڇنان پير،
لهج لڪ تي سنديم سردار
سارون
ونڊر جي وات آهي موت
مون لئي،
ڏٺي لڳ دوست تون
موڙ ج مهارون.

هينيان بيت جذباتي آهن
جن ۾ حقيقت ۽ نازڪ خيالي
سان گڏ سوز ۽ گداز به آهي.
سسئي پنهنجي ماني جي
ماءُ جي گلا ٿي ڪري ته سڳي
ماءُ هجي ها ته ضرور مون سان ڏکن
۾ ساٿي ٿئي ها.

هئي سڳي تاسور منهنجو سر
وجهي ساٿم هلي،
قاف ۾ ڪنديون ڪشالا
در دري ڏاريون نه اڄ
اوٺار انن تي پار بري راتو لاهه
ڪاهيندا آهن جيڪڏهن ڪٿي
منزل ڪندا آهن ته اُتي بار لاهي
انن کي چرڻ لاءِ ڇڏيندا آهن ۽
پاڻ باهه ٻاري ماني پچائي
ڪائيندا ۽ حقو چلم به ڪندا
آهن. اهو خيال سسئي کي به
آهي ته شايد بلوچن ڪٿي جبل
۾ مانجهاندو ڪيو هجي پر جڏهن
اهڙو ڪو نشان نه ٿي ڏسي
تڏهن نا اميد ٿي چوي ٿي:

اڙيونيئي لکن تان ساٿ
سر واٽن سنجهي،
پر مٿي باهيون بلوچن مون
پڏيون پاريون نه اڄ
پنهنجن بي تاثير آهن تي
ڪاوڙ جي ٿي :

وڻ ولڊر جا منهنجي واڪن
ٻاڦ سان پاريان ڪوهه،
هي ڇپون ڇپرن سنديون ڇو
منهنجي ڏک ڏاريون نه اڄ.

سسئي کي خالي گهر ڏسي
پنهل جي ياد گيري پيئي آهي.
ڏسو ته ڪهڙي نه حسرت آميز
رقت سان انجو ذڪر ٿو ڪري.

ڪالهه جن لئي ٿي ڪتم سي
هوت هت هاريون نه اڄ،
ڪس اڇن ڪيچين سوا
پنهور بازاريون نه اڄ.

هي سهڻي مثال عمدا ۽
وڻندڙ ۽ جذباتي آهن، پر
مارئي جي محبت سان مٽ ٿي
نه ٿا سگهن، تفاوت پڌرو آهي.
سسئي ڪانپوءِ سهڻيءَ جو وارو
آهي. هن ۾ به حافظ مرحوم
جي اها حقيقت نگاري ۽ فطرت
عيان آهي. سهڻي ميهار ڏي
وڃي ٿي ۽ درياءَ جي ڪپ تي
اچي بيني آهي. درياءَ ۾ سخت
لهريون ۽ ڪنن جا ڪڙڪا
ڏيڇاريندڙ آهن پر سهڻي ميهار
جي محبت ۾ پنهنجي دل کي
آٿت ٿي ڏياري ۽ درياءَ ۾ گهڙڻ
لاءِ اپاري ٿي.

ڏسي مهراڻ ۾ مستي نه ويرن
ڪان ورڻ گهرجي،
ميهر محبوب لئي مو جن ۾
منڊ توکي مرڻ گهرجي.

مهار جي ڪير جي يادگيري:

ڇريو ڪيو جنهن چواڪي
ڇت سدا سا سرڪ سارپان ٿي،
رهي اوراڙ اوني ڪان نه تنهن
ڪيران ڪرڻ گهرجي.

نينهن ۽ ننگ گڏ رهي نه
ٿا سگهن. حافظ شيرازي چوي ٿو:

گرچه بدناميست نزد عاقلان،
مانمي خواهيم ننگ و نامرا.

پر حافظ حامد مرحوم به
سهڻي پيرايه سان چوي ٿو ۽
سهڻي کي درياءَ ۾ گهڙڻ لاءِ
اپاري ٿو :

رکڻ لاتو، نهارڻ ننگ، حامد
ٿيئي نه هيڪاندو،
محبت وارين موران نه ڏوگهن
ڪان ڏرڻ گهرجي.

سهڻي کي ميهار ڏي وڃڻ
جي سڪ :

سنجهي ساهڙ سمهون بينو
ڪنديون ڪاهن ۾
ڪو ڪاري،
ستي مونکي ٿو سانباران اهو
آواز اٿياري.
درياءَ ۽ سياري جي سختي

جو نقشو :

اتر اوڙاهه ۾ اڀرو پوي
پاتار ۾ پارو،
تڏو ٿيلن سان تڙڪائي
وڏيس چولي جي تنب ناري،

رهبر کي سڏ :

سونهون ٿين جيئن سنڌ ۾
سپرين اچي تون آ رواني ۾،
منجهائي آهيان موجن ۾
جهڙ، جهڪ ابر آنڌاري

سنڌ جي عاشقن مان ليلان جو
چنيسر سان محبت جو داستان
به پڌرو آهي. ليلان اگرچ
راجڪماري آهي پر هنجي
طبيعت سار سينگار زيورن وغيره
ڏي گهڻو مائل رهي ٿي. ايتري
هوندي به چنيسر ڏي سڪ ۽
پيار سندس دل جي اصل غذا
معلوم ٿئي ٿي. هار واري
معاملي ڪانپوءِ هنکي پنهنجي
ناداني تي جا پشيماني ٿي آهي
سا عورت ذات جي فطري تقاضا
آهي. ليلان ۽ چنيسر جي قصي
مان شاه ڀٽائي رحه سلوڪ ۽ معرفت
جا عمدا عمدا نڪتا پيدا ڪيا
آهن پر اخلاقي طرح حافظ حامد
به ان مان چڱو سبق پيش ڪيو
آهي. مثلا: ليلان کي پنهنجي
اڳوڻي حالت ياد آئي آهي.
هوءَ چنيسر سان اڳوڻن ڇاڳن
کي ساريندي پنهنجي نصيب
کي سٽي ٿي. چنيسر جي ايتري
بي اعتنائي تي به ڪيس مفتون
ڪري ٿي ۽ عورت ذات ٿي
هن کي ڪاهه سٽ قسمت ٺئي
ڪري جيئن ته :

چنيسر ڇاڳ تنهنجي جا سڪيا
نينهن ڪوه نه ساريندين،
آهيان ڪي بخت بيگالي نه
وڙسنڌئي وساريندين.

ليلان پاڻ کي سٽي ٿي ته
اهو هار هڪ مڻيو آهي جو
قيمت سان وٺي سگهان ها، پر
اها منهنجي بي عقلي هئي هنم
ڪوڙ نرو جو ڪهڙو ڏوه؟

مليم ملهه هوند مڻيون ڪانڌ
ڏيئي ڪه ٽيس ڪاري،
ڪهاڙڪي آهه ڪوڙ نرو ڪيو
ڪرم پنهنجو ڪواريندس.

پنهنجي حالت ۾ انقلاب
اچڻ جو [illegible] ڪري ٿي ۽
چوي [illegible] ته [illegible] ڪرپالي اڄ

منهنجي سانئڻ ٿي ڇڏي آهي.

اڃتي ورڻي ڪڏهن به ڪاٻاهي
ٻهار بيدار ڪري ڪاله رکنديس.
ٻيم جا ٻش ٻازياڻي سنڌ ۾
سڌ جي ٿي سا سانئڻ،
ٻيهر ٻالهي ٻهار بيدار در تي
ڪاله ڊار ٻنديس.

زماني جي انقلاب جي ٻي تصوير ۽ اُنتي غم ۽ ڏک جو اظهار:

ڪنبيون ٿي جي ڪهڻ
ڪان ڪالهه سي جهٽڪين
مون جيڏيون،
اڳين اقبال لئي آڻ هنجون
ڪهه ڪين هار ٻنديس.

چوندا آهن ٻنهنجي ڪٿي جو ڪو علاج ڪو نهي:

هتان ٻيم ٽيس هيٺي ڇڏيم
سڀ هوڏ هيڪاندي،
سڄڻ ڪر صلح ساٿم سرچ
گولي تي گذاريند يس.

ٻوئين مصرع ۾ ليلان ٻنهنجي انتهائي عجز ۽ هيٺائي ڏيکاري زناله آزي ڪري ٿي، چنيسر کي واسطا وجهي ٿي:

ڪري ڪردار سڀ ڪوجها
اڳڻ تنهنجي جڏهن آيس،
ميان ڏي مان تا مرڪان سدا
اي ڳڻ سنڀاريند يس.

ڏسو ته عورت ٻنهنجي مرد کي ڇاتي چوي! ميان ڏي مان تا مرڪان الخ يعني قبول ڪريتي ته زال جي عزت مرد جي ذات سان وابسته آهي. سنڌي ۾ ٻهاڪو آهي ته ڏاهيون ڏک ڏسن ٻوريون ڇاڳ ڪن. شاهه ڀٽائي رحه به چيو آهي ته الله ڏاهي مرُتيان ڏاهيون ڏک ڏسن. اهو محاورو حافظ حامد به ڪهڙي نه خوش اسلوبي سان نباهيو آهي ۽ اُن مان نڪتو ٿو پيدا ڪري ته هوش جو اڪر هنيين مان ڪيو ته سک ڏسو.

ٽيس ڏاهي ڏکن لئي ڀاڳ
واريون ٿي ڏسان ٻوريون،
هنيين تان هوش جا حامد اڪر
اصلي اٿار ٻنديس.

مٿين مثالن مان اوهان اندازو ڪري سگهندا ته حافظ کي سنڌي زبان تي ڪيڏي نه دسترس آهي. ان سان گڏ جڏهن ڏيکارڻ ۾ به ٻوري طاقت رکي ٿو. ماروي جي ذڪر وقت ته ساڳيو ماروي وارو روح ٻاڻ ۾ پيدا ڪريٿو. سسئي جي واردات يا سهڻي جي خيالات يا ليلان جي تمنائن ڏيکارڻ وقت هنن جي اصلي روپ ۾ ٻاڻ کي نروار ڪري ٿو. شاعري جي اهاٻلند طاقت کيس سندس همعصر شاعرن کان جدا رکي ٿي. اگرچ ايراني فارسي شاعرن واريون بلند پروازيون ۽ جوش تخيل جون همه گيريون سندس ڪلام ۾ توريون ملنديون پرتنهن هوندي به سلاست، فصاحت، نازڪ ادائي، رواني، جذبات نگاري کي حسن قبول جي نگاهه سان ڏسڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي.

ڪٿي ڪٿي غزلن ۾ جتي حسن ۽ عشق جي خيالن کي زوردار بڻائي ٿو اُتي نه سنڌي زبان جي فصاحت ۽ تجنيس سه حرفي جي صنعت کي بالڪل نٿو ڇڏي ۽ اُتي به ٻنهنجو طبعي رنگ ڪاميابي سان ڏيکاري ٿو: جيئن ته محبوب جي حسن جي تعريف ۾ طبيعت جو زور ڏيکاري ٿو:

جوت سان جوهر جهپايا حسن
تنهنجي سڀ هٽي،
گل چمن گلشن گمايا حسن
تنهنجي سڀ هٽي.
انگ اڇا ڪان عاج اگرايت
- بلوري خوش بدن،
سيم صافي ڪان سجهايا حسن
تنهنجي سڀ هٽي
شان شوڪت شاهه ڇڏيو
ٻيهن درٻاري ٿيا،
نامور نادر لمايا حسن
تنهنجي سڀ هٽي
عاشقن کي هڪ اشار و قتل
لئي ڪافي ٿيو،
ٻڙ مٿي ٻرزا ڪرايا حسن
تنهنجي سڀ هٽي.

عاشق جي آهه آتش ٻار جو تاثير سهڻي شاعر ڏاڍي جوش سان ڏيکاريندا آهن، پر حافظ جو هي بيت نه ٻڙهو ۽ معلوم ڪريو ته لفظن جي ڪڙڪي هيٺ مضمون ڪيئن زوردار بڻايو اٿس.

وطن کي وره منهنجي جو
ٻوي هوند ڪو ٻڙ ڏاهه،
جلن ان جوش ۾ جهنگل ٻري
هڪ ٻاڦ سين ٻيلو.

جدائي ۾ عاشق جي حالت جو نقشو:

ڪيا سڪ سوز سيني ۾
ٿتي دل درد ٿو ڙائي،
اڇي اکڙين منجهان منهنجي
ڪري رت راسيون ريلو.

محبوب جي آمد ۾ قرباني جو اثر ڏيکاري ٿو:-

اٿين عاشق اڳي محشر تنهنجي
ديدار لئي دلبر،
ڪرين جاني گذر جيڪر
مساڻن تي مقامن تي.

محبوب جي سفاڪي ۽ بي رحمي جي تصوير:

ڪرين سر عاشق بيدل
کهڻ جا ڪوپ لت قاتل،
ڪيا جيئن ڪوئين ڪر ڳل
پلارن تي امامن تي.

عشق جو احوال سهڪو پروڙي نٿو سگهجي:

ابوجهو عشق ۾ عاقل ٻڇهي
اي ڪنه ڪو ڪامل،
محبت مسئلو مشڪل بزرگن
تي علامن تي.

محبوب جي وعده وفائي نه ڪرڻ تي ٻنهنجي حالت:

وڏي وعدي ڪان ويا ويلا
وري محبن نه ڪيا ميلا،
اکيون هارين رت ريلا قرارن
تي انجامن تي.

محبوب جي سينگار جي تعريف:

ڪري سينگار صورت جا
جڏهن جلوا وجهي جاني،
حسد ڪن حسن تي حورون
ٻوي ٻرين ٻريشاني
ملڪ محبوب سان مٽ ٿيا
نه صورت ۾ نه سيرت ۾،
چوي سهڪو ء سارهه ڪيو
عجب فرزند انساني
اکيون ڪاريون ڪجل
ڏاران ڪندو سينگار سرمو
ڇا،
ضرورت ناهه زينت جي
جنين کي رنگ روحاني
صنوبر سرو سوڏي قد
ڪئين شمشاد شرمايا،
پسي قامت قريبن جي ٿئي
هر ڪنهن کي حيراني،
به مشڪين زلف موچارا اتر
عنبر ڪان ارڏ ٻيا،
ڪيا لعل بدخشان لب
جهڪا ياقوت رماني.

مناظر قدرت لکڻ ۾ حافظ مرحوم جو نرالو رنگ آهي. هن جي شگفته طبيعت جو لاڙو بهار، ساوڻ ۽ ٿر جي ساوڪن ڏي رهي ٿو. قدرت جي الهي ۽ سادي رنگ تي ڏاڍو ڇڪن آهي. جيڪڏهن ساوڻ يا برسات لکي ٿو ته ذهن يڪدم بياٻانن جي ساوڪن ۽ ٿر جي ڳمن ۽ ڳنڍيرن ڏي منتقل ٿي وڃي ٿو. هو وسن جو ڪوڏيو آهي. وس جو ذڪر ڪندي ٻلتي ٻوي ٿو ۽ محبوب کي ساريندي جدا جدا خيال ڏيکاري ٿو جي واقعي ذهن نشين ٿين ٿا ۽ ڏاڍا ٻيارا لڳن ٿا: جيئن ته آسمان ۽ ڪڪر ڪار ڪري اٿيا آهن ۽ هنکي محبوب جي ساروڻي ٿي:

مندون آئيون ڪيا منداڻان
مينهن،
سڄڻ سارئا ساهه ساوڻ
ڏينهن
پسي جهڙ ٻرين ياد مولکي
ٻيا،
الدر جوش آگم ڏسي اڏ ميا،
اٿاريام آڙهنگ مٿي من ملار،
سوين سور جاڳيا آئاڙي
جي تنوار
بدل برسيا وڄ ڪوي اپ
ڳڙي،
هنيون کي حبيبن سڏ پاليو
سڙي
يٺاري ٻريا سڀ ٽرايون
۽ تل،
ولهارن ۾ واسي ٿيا گاهه گل
ڪيا ربج رحمت سان
سانيڻ سڪار،
سدا سبز سبڙهن تي بنيا
بهار
مليرو مانداڻون سائون
ساوڻي،
للر لب لوڙڪ گسن ۾
گهٽي
ڪندا ڪرڙ ڳانگا جڪر
جاريون،
قري ڦر ڪمائون ڪليون
ڪاريون.

اهڙي ساوڻ ۾ محبوب

ڪي ڏاڍي سوز ۽ سڪ سان
ساري ٿو :-

سدا جن سان ساٿيڪ ۾
گهاريوم گڏ،
صبح تن سنگهارن جو اسٽيان
نہ سڌ
نہ وائي وٿاڻين نہ ڪا تڙ
تنوار،
ڪٿي ويا ڪوهن تان پراهان
پنو هار
لڏي لوءِ رهيا هاڻ اٺوس
عجيب،
منڊون موٽيون ڪين موٽيا
قريب
وساريان نہ وسرئام سانگي
سلم،
ڪيان هت ڪمالا قضا
جي قلم.

سنڌي جي ڏکين قافين
۾ بہ نهايت رواني ۽ برجستائي
سان نظم چوي ٿو جيئن تہ :-

سحر گہ سير بستان ۾ چمن
پاسي پٽيم چڻ پڻ،
چيو تي باغبان بلبل کي
ڪليو گل صبا کان سڻ
ڪي شائق شان شوڪت جا
ڪنين جي دل مٿي دولت،
مٺي محبوب جي مونکي
الدر ۾ آهہ نت اڻ تڻ.

جتي ڪو ناصحانو رنگ
ورتو اٿس اتي ڏاڍي صفائي،
سلاست ۽ نزاڪت اختيار
ڪريٿو :-

مون تي توکي چيو چڱائي
لاءِ،
ڏارين ساڻ دل نہ هڏ هيئن
هر.

طمع آبرو کي وڃائي وري،
طمع مان سعادت نڪنهنکي
سري.

هلائون ڪرم حامد چئي
سر تي سانگياڻن تي،
نبهندي ڪين ظالم نيت
توسان زر اها زوري.

زبان جي صفائي ۽ سلاست
تي خاص ڌيان رکي ٿو. سنڌ
جي غزل گو شاعرن ۾ اهو
سندس امتيازي شان آهي.

مثال :-

پيا تہ گهوريا جي ڪين
گهوريندا،
مون سچڻ تو مٿان تہ
گهوريو سر
هٿوڙي آهہ جي سنڌو
جو ڪو،
نينهن آهي تہ ناڻگ وارو ٻر.

زبان جي با محاوره صفائي
جا هي مثال ڏسو :-

هيم ڏوري جنين جي
ڏينهن راتو،
وٺي تن جي خبر آيو ڪياتو
چيو مشتاق کي مخفي
مڙوئي،
هڪئي پيغام پرين جو پيراتو.

اگي ايرڻ کان تنهنجي تاڳهہ
تاڻي،
ڏيو سان گهور غمزه گهاءِ
محب مشتاق مارين تو
پرين جي پاڻ سان پلپل ڏيئي
توهيج هيرايا،
چئو ناتو نماڻن سان وري
چا ڪان وسارين تو.

اندر ۾ عشق ڪيو آهي
امارو،
نئون ٿيو نينهن جو مون
سان نظارو
اٿم سهڻي جي سڪ ثابت
سداءِ،
لکين طعنا هڻي مر لوڪ
سارو.

تظمين: حافظ جي تضمين

“رشيدِ” سولنگي

هيءَ سنڌڙي اسانجي

زينت ۽ زيب واري هيءَ سنڌڙي اسانجي
سر ساهہ کان بہ پياري هيءَ سنڌڙي اسانجي

١- نالي وڻڻ سان جنهنجي دل کي اچي ٿي راحت
محبوب نالي واري هيءَ سنڌڙي اسانجي

٢- جنهنجي زمين تي ابن قاسم قدم گهمايا
پاڪن پري پلاري هيءَ سنڌڙي اسانجي

٣- جنهنجي ثنا ۾ هردم بلبل ٿي گيت ڳائي
نغمہ نواز پياري هيءَ سنڌڙي اسانجي

٤- پنهنجن ٻچن کي پنهنجي ئي گود ۾ لپائي
قربن پري ڪراري هيءَ سنڌڙي اسانجي

٥- مسلم ۽ غير مسلم خوش تا رهن انهيءَ ۾
نروار ناميارى هيءَ سنڌڙي اسانجي

٦- جنهن جي مٽيءَ جي عزت مشڪ ختن کان اعليٰ
سادي سدا سونهاري هيءَ سنڌڙي اسانجي

نظاري تي لسنگ تو عشق
آڻي
اهو آءٌ اڳيون نوڪر نيازي،
سدا در دوست جي ساءِ
سڄاڻي.

زباني ذوق آهي زهر قاتل،
ڪواري ڪاملن منهن جي
مٺائي
سوا اخلاص اندر جي نہ
اصلا،
چپن جي چاپلوسي ۾ چڱائي.

ڪٿي اٿي نيڻ خولي ناز سان
جڏهن نهارين تو،
جو مثال ڏسو. هي گدا شاه
مرحوم جي مقابلي ۾ چيو اٿس :-

ڪٿين جي مهر کان محبوب
مالڏي نيڻ موچارا،
بخال هندو ئش بخشم سمرقند
و بخارا را
عجب اسرار آهي عشق نازڪ
رمز نينهن واري،
کہ کس نکشود نکشايد بہ
حکمت اين معما را
گدا جيئن ڪر سندي گلرخ
تون حامد مدح موچاري،
کہ بر نظم تو افشاند فلک
عقد ثريا را.

عشقيہ ڪلام کانسواءِ حافظ
جا واعظانہ رنگ ۾ جمعي نماز
۾ پڙهڻ لاءِ خطبا بہ منظوم صورت
۾ فصاحت ۽ بلاغت جو لاجواب
مثال آهن. انهن ۾ واعظانہ
نموني کي شاعرانہ شيرين ادائي
سان اهڙو دلاويز ڪري ڇڏيو
اٿس جو سنڌ جي شاعرن مان
فقط سندس ئي حصو آهن
جيئن تہ اڄ تائين انهن جو
جواب ڪنهن نہ ڏنو آهي.
انهن خطبن مان مختصر مثال
ڏيئي مضمون پورو ڪجي ٿو.
مسلمانن کي ڌڻي جي بندگي
ڏي راغب ڪريٿو :-

ادا تنهنجا عمل سارا لکن
ڪاتب ڪلهن وارا،
سنڀاليندو سڀا يارا ڌڻي ديان
دفتر کي
سمهي تو راتيون ساريون
ميان مومن منڊون ڪاريون،
دري تائين ڪري زاريون
جاڳيو هارئين جر کي.

دنيا جي بي ثباتي جو ذڪر
بڌائي ٿو :-

ڪٿي محبوب موچارا ڪٿي
سردار سوپارا،
ڪٿي جي دوستون دارا
سپاري ويو سڪندر کي
رئون راڄن ويا راڻا ڪٿي
ناموس ڪٿ ناڻان،
نبهندي ڪين تو جاڻان اها
دولت تنهنجي در کي.
محل ۽ محلاتون ويران ٿي
ويون، انقلاب جي تصوير!
ڪٿي رنگ سي رئولن جا
مٿن واري وسائي واءِ،
نہ آهي اڄ اڳوڻي ڪا صفائي
سنگ مرمر کي.

ڌڻي جي يادگيري ڏي
رغبت ڏياري ٿو :-

خدا هڪ جاڻ هڪڙو چڙ
مهڙ مالڪ جو پورا پئي
ڇڏي مايا سڌو ويو مڙ تهان
اگري تونگر کي.

خطبن تي بحث ڪري
اسانکي پنهنجو ادبي مضمون
واعظانو ڪتاب ڪرڻو نہ آهي.
مشتي نمونہ خروار مان حافظ
جي وعظ جو نمونو اوهان ڏسي
چڪا ۽ ڏيک ڪنهنکي شوق
هجي تہ خطبن جو ڪتاب
مطالع ڪري سگهي ٿو.

از:- گل حسن لغاري

فيضي ۽ عرفي شيرازي

فيضي ۽ عرفي شيرازي هندستان جي دؤر مغليه جا عظيم شاعر ٿي گذريا آهن. فيضي، حالانڪ ايراني نسل مان نہ آهي، تنهن هوندي بہ ايران جا نقاد فن، صاحب مذاق ۽ باريڪ لڪتن جي پروڙ رکندڙ سندس ڪلام جي تعريف ڪرڻ کانسواءِ رهي نٿا سگهن. جيئن ايران جي هڪ ممتاز شاعر علي نقي ڪمره فيضي جي ساراهہ ۾ ۳۵ شعرن جو هڪ قصيدو لکيو، جنهن جا چند شعر هي آهن:-

”مرا افگند بر نظم ہر تو فيضي
ابوالفيض آن گزين اکبر و شيخ ڪبير من
اگر هستم مجير الدر سخن او هست خاقاني
و گر من مستجير آستان او مجير من
ڪيم با او رسد در شاعري دعويٰ همچشمي
کہ در اين خانقاهم من مريد و اوست پير من“

عرفي شيرازي وري هند و پاڪ ۾ جيترو قدر شهرت يافتہ آهي، اوترو قدر ايران ۾ مشهور نہ آهي. عبدالقادر بدايوني جي قول موجب سندس ڏينهن ۾ عرفي ۽ سنائي هندستان جا فارسيءَ ۾ بہ مشهور شاعر هئا، ليڪن گب چئي ٿو تہ: ”جامي کان پوءِ عرفي ۽ فيضي جي شاعري ترڪي شاعري کي گهڻو متاثر ڪيو.“ بهرحال دؤر مغليہ جي سورهين ۽ سترهين عيسوي صديءَ جي ستن شاعرن، جن ۾ فغاني، فيضي، عرفي، نظيري، طالب آملي ۽ صائب ڪليم اچي ٿا وڃن، تن مان فيضي ۽ عرفي شيرازي بہ مشهور شاعر آهن. فيضي جي نسل بابت مولانا شبلي ”شعرالعجم“ جي ٽئين جلد ۾ لکي ٿو تہ:

”فيضي عربي النسل آهي، اسلاف يمن ۾ رهندا هو. شيخ موسيٰ، جو فيضي جي پنجين پيڙهيءَ ۾ آهي، وطن ترڪ ڪري، سياحت لاءِ روانو ٿيو. هلندي ڦرندي سنڌ جي علائقي ۾ پهتو. ريل هڪ ڳوٺ آهي، جتي قيام ڪيائين. ڏهين صدي هجري ۾ شيخ خضر، فيضي جو ڏاڏو وطن ڇڏي ناگور ۾ آيو، جتي هن هڪ عربي خاندان مان شادي ڪئي، جنهن مان شيخ مبارڪ پيدا ٿيو. شيخ مبارڪ هڪ باڪمال ۽ وڏي علميت رکندڙ هو. سندس لکيل ”تفسير ڪبير“ چئن جلدن تي مشتمل آهي. يعني ۹۵۴ ھ ۾ ڄائو. فيضي پنهنجي تعليم جا ابتدائي مرحلا پنهنجي پيءُ جي زير نظر رهي پورا ڪيا.“

ابتدائي دؤر ۾ شيخ مبارڪ ۽ ابوالفيض فيضي ڪي تڪليفون برداشت ڪرڻيون پيون، ليڪن جڏهن فيضي ۽ سندس ڀاءُ ابوالفضل جي رسائي دربار اڪبري ۾ ٿي، تڏهن جيڪو بہ شهزادو پڙهڻ جي لائق ٿيندو هو تہ اڪبر بادشاهہ ان کي فيضي جي حوالي ڪندو هو. سليم، مراد ۽ دانيال پڻ فيضي جا شاگرد آهن.

فيضي دربار اڪبري مان ”ملڪ الشعرا“ جو لقب حاصل ڪيو ۽ سندس لکيل ڪتابن جو تعداد هڪ سؤ هڪ ڇهو وڃي ٿو. قرآن شريف جو بي نقط تفسير ”سواطع لالهام“ جي نالي سان لکيائين، جو تقريبا ڇهہ- ست سؤ صفحن تي مشتمل آهي ۽ جنهن جو ديباچو هڪ هزار سٽن جو آهي. اڪبر بادشاهہ جي حڪم موجب خمسہ نظامي جي جواب ۾ هيٺيان پنج ڪتاب لکيائين:-

(۱) مرڪزادوار (۲) سليمان و بلقيس (۳) نلدمن (۴) هفت ڪشور (۵) اڪبر نامہ. ان کانسواءِ سندس ديوان ”طبا شيرالصبح“ جي نالي سان پڻ آهي.

فيضي پنهنجي خداداد ذهانت ۽ استعداد جي ڪري اڪبر بادشاهہ وٽ اهڙو تہ مقبول هو، جو اڪبر هر هڪ ڪم فيضي جي صلاح کانسواءِ نہ ڪندو هو ۽ ان جي علاوه فيضي مذهبي تنگ نظري ۽ ٿوس ملائيت جي جنجهٽ کان پڻ آزاد هو، ان ڪري سندس دشمن ۽ مخالف پيدا ٿيا ۽ اهي چوڻ لڳا تہ:-

”سلطنت شريعت جي تابع آهي ۽ اسين صاحب شريعت آهيون، ان ڪري صاحب، سلطنت کي جڳائي تہ سڀ ڪجهہ اسانجي اجازت سان ڪري ۽ جيستائين اسانجي فتويٰ نہ هجي، تيستائين سلطنت لاءِ هڪ قدم وڌائڻ يا گهٽائڻ جائز نہ آهي.“

ان جي مخالف، فيضي جي راءِ هئي تہ:-

”حڪومت جو مالڪ خدا جو نائب آهي ۽ جو ڪجهہ هو ڪري ٿو، سو عين مصلحت آهي ۽ اها مصلحت ۽ چڱائي ملڪي آهي، سا ئي شريعت آهي. اسانکي هر حالت ۾ ان جي اطاعت ۽ فرمانبرداري ڪرڻ گهرجي، ڇو تہ جو ڪجهہ هو سمجهي ٿو، اسين نٿا سمجهون. انهيءَ ڪري هن جي حڪم کي بجا آڻڻ اسان جو فرض آهي ۽ نہ اهين جو هن جو حڪم اسان جي فتويٰ جو محتاج هجي.“

ملا عبدالقادر بدايوني ۽ سندس جهڙي ربيقن، فيضي کي ملحد، بي دين ۽ ڪافر لکڻ کان بہ گريز نہ ڪيو. ليڪن دراصل انهن فيضي جي رتبي ۽ سندس حڪيمانہ خيالات سمجهڻ ۾ هڪ اهم غلطي ڪئي، ڇو تہ فيضي نہ صرف هڪ عظيم شاعر هو، بلڪ هڪ وڏو عالم پڻ هو. هن جي لائبرري ۴۰۰۶ ڪتابن تي مشتمل هئي، جنهن ۾ علم طب، نجوم و موسيقي، حڪمت و تصوف، علم هيئت و هندسہ، تفسير و حديث ۽ فقہ وغيرہ تي ڪتاب موجود هئا ۽ ان ڪري سندس معلومات ۽ مطالعو نهايت وسيع هو. انهيءَ کانسواءِ پاڻ درويش پرست، فقرا ۽ اهل دل جو نهايت قائل هو ۽ گهڻو ڪري اولياءِ ڪرام جي مزارن تي حاضر ٿيندو هو. حالانڪ رياڪار ۽ متعصب مولوين سان سندس سلوڪ نهايت برو هو، پر پرهيزگار ۽ صاحب دل بزرگن ۾ سندس عقيدو ۽ ايمان هوندو هو. شيخ عبدالحق صاحب محدث دهلوي سان تہ ايترو خلوص رکندو هو جو ڪيس فتح پور ۾ گهرائي خاص مهمان جي حيثيت ۾ رهايائين. ملا عبدالقادر بدايوني جي نظر ۾ بزرگن جو اچڻ بہ محفل جي رونق ۽ فيضي جي ڏاهپ ۽ چالاڪيءَ ڏانهن منسوب آهي، ليڪن فيضي جڏهن خواجہ فريدالدين شڪر گنج جي مزار تي خاص ارادت سان وڃي ٿو تہ ڪيترا ئي شعر چئي ٿو، جن مان هيءُ هڪ آهي تہ:

قطب رباني فريدالدين شڪر گنج آنکہ خلق
در مقام او بہ صد رنج سفر پي بردہ اند

آخر ۾ چئي ٿو:-

(ڏسو صفحو ۱۰۴)

از:- مولانا عبدالواحد سنڌي

واديءِ سنڌ جو سياح- بشاري المقدسي

مهراڻ جي ماٿريءَ ۾ عربن جي حڪومت سن ۹۳ هجريءَ کان شروع ٿي ۽ سن ۳۹۴ هجري تائين قائم رهي. آخري عربي النسل بادشاهه ”ابوالفتوح دائود بن نصر“ نالي هو، جنهن جو تختگاهه ملتان هو. ۳۹۶ هجريءَ ۾ محمود غزنوي ملتان تي ڪاهه ڪري نه فقط ملتان تي قبضو ڪيو، بلڪ سنڌ ۾ عرب حڪومت جو خاتمو آندو. اهڙيءَ ريت سنڌ ۾ عربن جي حڪومت ٽن صدين تائين جاري رهي.

انهن ٽن صدين ۾ ”سنڌ جي واديءَ“ ۾ ڪيئي عرب سياح آيا، جن هتي جو تاريخي احوال مختلف وقتن ۾ لکيو آهي. انهن مان چند سياحن جا نالا هي آهن: يعقوبي، مسعودي، اصطخري، ابن حوقل، ابن بطوطه ۽ بشاري المقدسي وغيره. انهن سياحن مهراڻ جي ماٿريءَ جو نه رڳو احوال لکيو آهي، بلڪ سنڌ جا مختلف نقشا پڻ تيار ڪيا آهن ۽ هتي جون رسمون ۽ ريتون پنهنجن سفرنامن ۾ ڏنيون آهن، جن مان سنڌ جي واديءَ جي تاريخ تي روشني پوي ٿي.

اڄوڪي گفتگو ۾ بشاري المقدسي جي سنڌ جي سفرنامي ۽ سفر بابت ڪجهه ڳالهيون پيش ڪيون وڃن ٿيون.

”بشاري المقدسي“ جو اصلي نالو شمس الدين محمد بن احمد بشاري هو، جو شام جي ملڪ ۾ بيت المقدس جو رهاڪو هو. هن پنهنجو سفرنامو ”احسن التقاسيم في معرفة الاقاليم“ نالي سن ۳۷۵ هجريءَ ۾ لکي پورو ڪيو. هن سفرناميءَ ۾ بشاري پنهنجي زماني جي اسلامي دنيا جو احوال ڏنو آهي. بشاري المقدسي ۳۷۵ هجري ۾ فقط سنڌ تائين آيو

فيضي ۽ عرفي شيرازي

(آندل صفحي ۱۰۳ تان)

طوطيان ديديم در پرواز گرد مرقدش
گوئي اينها هم با آن گنج‌شکر پي برده اند

جمال الدين محمد عرفي شيراز جو رهندڙ هو ۽ سندس تعليم و تربيت شيراز ۾ ٿي. عرفيءَ جو پيءُ شيراز ۾ هڪ ممتاز عهدي تي فائز هو. عرفي جڏهن هندستاني درٻارن جي شاعرن ۽ اديبن جي همت افزائي ۽ قدرداني بابت ٻڌو، تڏهن هن ايران کان هندستان ڏي رخ رکيو. پر ڪن تذڪرن ۾ آهي ته عرفي شهزاده سليم جي حسن جي غائبانه سڪ ۽ محبت ۾ هندستان ڏانهن آيو. هندستان ۾ عرفي پهريائين فيضي جو مهمان ٿي رهيو. ان وقت دربار اڪبري ۾ سڀ ٺوٺ موجود هئا. حڪيم ابوالفتح گيلاني ان وقت جو وڏو عالم علم و ادب جو دلداده هو. عرفي حڪيم ابوالفتح جي صحبت ۾ پڻ رهيو ۽ حڪيم صاحب کانپوءِ عرفي خانخانان جي درٻارين ۾ داخل ٿيو. عرفي جيئن ته مغرور ۽ تڪبر وارو هو، ان ڪري هن خانخانان کانسواءِ ٻي ڪنهن جي به مدح سرائي نه ڪئي، البته حاڪم کان منحرف نه ٿيو ۽ اڪبر جي شان ۾ ڪيترائي قصيدا لکيائين.

عرفي جي موت بابت تذڪره ۾ آهي ته ڪنهن زهر ڏيئي ماريو ويو ۽ زهر جو سبب شهزادي سليم سان عشق جو اظهار آهي. ان وقت سندس عمر ۳۶ سال هئي.

جيئن ته عرفي فطرتي طور غيرت مند ۽ خوددار هو، ان ڪري هن جڏهن به ڪنهن جي ساراهه ڪئي ته ان سان گڏوگڏ پنهنجي مدح به ڪيائين. جيتوڻيڪ ٻيا شاعر به پنهنجي لاءِ چوندا هئا، ليڪن اهو لاچاري ۽ بيڪسي تائين محدود هوندو هو. عرفي ۾ انهن جي برعڪس، خودي ۽ بلند احساس ملي ٿو.

انهيءَ کانسواءِ عرفي نڪته شناس هو ۽ عزت نفس، بلند حوصلي ۽ نيڪ اعمالن جو پڻ قائل هو. مفت جي نجات هن جي نظر ۾ بلند حوصلي جي منافي آهي:-

گرفتم آنکه بهشتم دهند بي طاعت
قبول کردن و رفتن نه شرط انصاف است

(يعني اهو صحيح ته مونکي بهشت بغير عمل جي ملي ويندو، ليڪن اهو قبول ڪرڻ ۽ بهشت ۾ داخل ٿيڻ، انصاف جي خلاف آهي.

عرفي جي نظر ۾ زاهد ۽ برهمڻ جي وچ ۾ هيءُ تفاوت آهي:-

کافر تراست زاهد از برهمن، وليکن
اورا بت است در سر، در آستين نه دارد

(يعني زاهد برهمڻ کان به زياده ڪافر آهي، پر فرق اهڙو آهي جو زاهد جي هٿ ۾ بت نه آهي، بلڪ مٿي ۾ آهي).

عرفي جي نظر هر هنڌ ذات حقيقي جو جلوه ڏسي ٿي ۽ هن جي نظر ۾ ڪفر ۽ دين، پنهنجي گرم بازاريءَ لاءِ جهڳڙو ۽ فساد پيدا ڪن ٿا.

کفر و دين رابيراز ياد که اين فتنه گران،
دربد آموزي ما مصلحت انديش اند

حج تي وڃي، ڪعبه جي زيارت ڪرڻ وقت اتي جيڪي ڪجهه رسومات بجا آنديون وڃن ٿيون، تن لاءِ فيضي چيو هو:-

آنکه مي کرد مرا منع پرستيدن بت
در حرم رفته، طواف در و ديوار چه کرد!

ليڪن عرفي انهيءَ ساڳئي مضمون کي هن طرح سهڻي انداز ۾ بيان ٿو ڪري:-

ساکن کعبه کجا دولت ديدار کجا،
اين قدر هست که در سايهٔ ديواري هست

فيضي استعارات ۽ فلسفي ۾ تمام بلند مقام رکي ٿو تنهن هوندي به عرفي جي رواني، سلاست ۽ سخن جي خوش اسلوبي زياده پررنگ ۽ پيچيده آهي. سندس اظهار جي سهڻائي، فڪر جي تازگي ۽ بيان جي لطافت فيضي و نظيري کان به وڌيڪ آهي. رڳو خدا جي ذات متعلق مختلف مذهبن جا مختلف عقيدا آهن ۽ خدا جي صفت بابت سڀني طرحين طرحين خيال آهن. انهن متعلق عرفي ڪهڙو نه لطيف چيو آهي!

فقيهان دفتري رامي پرستند
حرم جويان دري رامي پرستند
برافگن پرده تا معلوم گردد
که ياران ديگري رامي پرستند

هوءِ اتان پنهنجي وطن موٽي ويو.

”بشاري المقدسي“ جي سفرنامي جي خوبي هيءَ آهي ته هن اسلامي ملڪن جا نقشا ڏنا آهن مگر اهي نقشا ڇپيل ڪتاب ۾ نه آهن. سندس سفرنامي جو ٻيون باب سنڌ بابت آهي. انهيءَ سفرنامي جو ٻيو ايڊيشن ١٩٠٦ع ۾ لنڊن ۾ ڇپيو.

”بشاري المقدسي“ جي سفرنامي جي هڪ ٻي خاص ڳالهه هيءَ آهي ته هن پنهنجي سفرنامي ۾ ملڪ کي صوبن ۾ ورهايو آهي ۽ صوبن کي شهرن ۾ تقسيم ڪيو آهي. ان کان پوءِ هر هڪ شهر جو تفصيلي احوال ڏنو اٿس، تنهنڪري ئي هن ڪتاب کي سنڌ جي سفرنامن ۽ جاگرافي جي ڪتابن ۾ خاص درجو حاصل آهي.

”بشاري المقدسي“ پنهنجي سفرنامي ۾ رڳو چوڏهن صفحن ۾ سنڌ جو احوال ڏنو آهي ۽ باقي سڄو ڪتاب ٻين اسلامي ملڪن جي احوال سان ڀريل آهي.

بشاري المقدسي، پنهنجي سفرنامي ۾ سنڌ ۽ سندس مليل علائقن کي هڪ اقليم جو نالو ڏنو آهي. ان پوري اقليم کي ڇهن صوبن ۾ ورهايو اٿس. انهن صوبن، انهن جي تختگاهن ۽ اتي جي حڪمرانن جو تفصيل هن ريت ڏنو اٿس:

نمبر	صوبي	تختگاه	حڪمران
١-	مڪران	پنجگور	مصر جي فاطمي خليفي جي ماتحت والي
٢-	طوران	قضدار	هڪ خود مختيار مسلمان والي
٣-	منصوره سنڌ	منصوره	هباري قبيلي جو والي
٤-	ديهند	ديهند	هندو راجا
٥-	قنوج	قنوج	هندو راجا
٦-	ملتان	ملتان	مصر جي فاطمي خليفه جي ماتحت والي

بشاري المقدسي پنهنجي سفرنامي جي شروعات اقليم سنڌ جي صوبن مان مڪران کان ڪري ٿو. پهرياڻين مڪران جي تختگاه پنجگور جو احوال لکي ٿو ۽ ان کان پوءِ ان صوبي جون عام جاگرافيائي حالتون ٻڌائي ٿو. هو پنجگور بابت لکي ٿو:-

”پنجگور هڪ وڏو شهر آهي. هن جي چوڌاري مٽيءَ جو هڪ اوچو ڪوٽ آهي ۽ اُن جي هيٺان هڪ اونهي کاهي آهي. هن شهر جي چوگرد کجين جا ساوا باغ آهن. پنجگوز شهر کي ٻه دروازا آهن. هڪ دروازي جو نالو باب طوران آهي ۽ ٻئي جو باب تيز. هتي جا رهاڪو نديءَ جو پاڻي پيئندا آهن. وڏي بازار جي وچ ۾ جامع مسجد آهي. هتي جو عوام گهڻو ڪري پڙهيل آهي. هتي جي عوام جي ٻولي بلوچي آهي.“

ان کان پوءِ بشاري مڪران جي عام جاگرافيائي حالت هيٺئن ٿو بيان ڪري:-

”مڪران جو علائقو برهڻ بيابان لڳو پيو آهي. پاڻي گهٽ آهي تنهن ڪري هتي جا رهاڪو عام طرح سان پنتي پيل ۽ غريب آهن. هيءُ علائقو سخت گرم آهي، البته ان جا ڪي ڪي هنڌ نهايت سرسبز ۽ شاداب باغن سان ڀريل آهن. مڪران جو والي نهايت عادل ۽ خدا پرست آهي. هتي خطبي ۾ مصر جي فاطمي خليفه جو نالو پڙهيو ويندو آهي.“

مڪران کان پوءِ بشاري طوران جو احوال هن ريت ڏئي ٿو:-

اقليم سنڌ جي ٻي صوبي طوران جو تخت گاهه قضدار نالي شهر آهي ۽ هن صوبي ۾ ٻيا به ڪيترائي ننڍا وڏا شهر آهن. قضدار جي ٻن پاسن تي برهڻ بيابان آهي. هن شهر جا ٻه پاڙا آهن. شهر کي هڪ سڪل نديءَ ٻن پاڙن ۾ ورهائي ٿي. شهر جي هڪ پاڙي ۾ هتي جو حاڪم رهي ٿو ۽ ٻي حصي ۾ واپاري رهن ٿا. هيءُ شهر واپار جو وڏو مرڪز آهي.

قضدار شهر، جيتوڻيڪ ڪو ايڏو وڏو ڪونهي، پر تنهن هوندي به هتي واپاري قافلا ڏينهن رات خراسان، ايران، افغانستان ۽ هندوستان کان اچن وڃن ٿا. هن شهر جو پاڻي خراب آهي. شهر جون جايون ڪچيون مٽيءَ جون ٺهيل آهن. ڪاڏي ٻيتي جون شيون سستيون ۽ سنيون آهن. هتي جو والي خوش مزاج، رعايا پرور ۽ عادل آهي“.

بشاري المقدسي سنڌ جي مرڪزي صوبي منصوري جو احوال لکندي ٻڌائي ٿو ته:-

اقليم سنڌ جي هيءَ هڪ مستقل ۽ مرڪزي رياست آهي. اڳ سڄي اقليم سنڌ انهيءَ رياست جي ماتحت هئي. هيئر هتي جو والي بغداد جي عباسي خليفه جي ماتحت آهي. بغداد جي عباسي خليفي جو نالو خطبي ۾ پڙهيو وڃي ٿو. هتي جو حاڪم هباري قبيلي جو هڪ فرد آهي. هو عادل آهي ۽ عوام جي ڏکن سکن ۾ ساٿ ڏيندڙ آهي. منصوري ۾ سنڌي ۽ عربي ڳالهائي ويندي آهي. هن صوبي جا هيٺيان شهر مشهور آهن. ديبل، زندريج، ڪدار، مائيل، قنبلي، نيرون، ڪالري آٿري، بلري، مسواهي، پرج، بانيه، مٺاپوري، سدوستان ۽ روڙ وغيره.

منصوره سڀ کان وڏو شهر آهي. هتي جون جايون مٽيءَ ۽ ڪاٺ جون ٺهيل آهن. منصوري جي جامع مسجد نهايت ڪشادي، سهڻي ۽ شاندار آهي. هيءَ مسجد پٿر ۽ پڪين سرن جي جڙيل آهي. منجهس ڪٺ جي ڪانيءَ جا ٺهيل ٿنڀ آهن. هن شهر جا چار مشهور دروازا آهن:- پهريون باب البحر، ٻيو باب الطوران، ٽيون باب السندان ۽ چوٿون باب الملتان. سنڌو درياهه جي هڪ شاخ شهر جي چوڌاري ڦري اچي ٿي.

منصوري جا رهاڪو علم دوست، سمجهو با مروت، مسافر نواز، اسلام جا ڄاڻو ۽ ديندار آهن. هيءُ شهر علم ۽ واپار جو وڏو مرڪز آهي. هتي جو قاضي القضاة ابومحمد منصوري آهي جو اسلامي علمن جو وڏو ڄاڻو آهي. هتي جي هوا نرم آهي. سردي گهٽ پوندي آهي. هتي جون ميوهون سهڻون آهن ۽ کير گهڻو ڏينديون آهن. منصوري جا رهاڪو درياهه جو پاڻي پيئندا آهن.

سنڌ جي ساحلي شهرن مان مان ديبل هڪ وڏو رونقدار بندرگاهه آهي. هن شهر جي چوڌاري سوَن جي تعداد ۾ ننڍا وڏا ڳوٺ آباد آهن. هتي جي باشندن جو وڏو تعداد غير مسلمن جو آهي. ديبل جو شهر سمنڊ جي ڪناري تي اهڙي ريت آباد ٿيل آهي، جو سمنڊ جون لهرون اچيو شهر جي ديوارن سان ٽڪرجن ٿيون. ديبل اقليم سنڌ جو وڏي ۾ وڏو بندرگاهه آهي. هن بندرگاهه جي وڏي اهميت آهي. مهراڻ (سنڌو درياهه) هن جي ويجهو اچي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو آهي، ديبل کان ڪجهه پري جبل آهن. هن شهر جا باشندا خوش خوراڪ، خوش پوش ۽ خوش مزاج آهن.“

بشاري اڳتي هلي وري لکي ٿو ته:-

”ديبل جي ويجهو سمنڊ جي ساحل تي هڪ ٻيو شهر قنبليءَ جي نالي مشهور آهي، جنهن جي چوڌاري هڪ وڏو شاندار ڪوٽ اڏيل آهي. هي شهر نهايت رونقدار آهي. هتي واپاري مالهو گهڻ رهن ٿا. هتي جا باشندا خوش خلق ۽ مهمان نواز آهن.

اقليم سنڌ جي چوٿين صوبي ديهند جو احوال لکندي بشاري لکي ٿو ته:-

”هي علائقو قديم زماني کان مشهور آهي ۽ پنهنجي هڪ

جداحيثيت رکي ٿو، ان علائقي جو تخت گاهه دي هند آهي. عام طرح سان انهي علائقي کي اقليم سنڌ کان ٻاهر شمار ڪيو ويندو هو، پر هيئنر اهو علائقو پڻ اقليم سنڌ ۾ ڳڻيو وڃي ٿو.

دي هند هن علائقي جو جو تخت گاهه آهي. هتي جو حڪمران هڪ هندورا جا آهي، جو عوام جو هڏڏو ڪي ۽ همدرد آهي. دي هند جوشهر منصوري کان وڏو آهي. هتي سدا ساون باغن جي وڏي ڪثرت آهي. هتي مينهن به عام جام پوندو آهي. هتي جا وڻ سدا سنوان ۽ سهڻا آهن. هتي جا رهاڪو سکيا ۽ ستابا آهن. هن شهر ۾ ڪاڏي پيتي جون شيون سنيون ۽ سستيون آهن. جيئن ته هتي جي ماڪيءَ جي ٻن سيرن جو ملهه هڪ درهم يعني چار آنا آهي. کير ۽ مکڻ جا اگهه اينتري قدر گهٽ هئا، جن جو ذڪر ڪرڻ ئي اجايو آهي. دي هند جا باشندا نيڪ، ايماندار ۽ خوش خلق آهن.

هتي جون عمارتون ڪاٺ ۽ مٽيءَ جون ٺهيل آهن. هن شهر جي آباديءَ جو وڏو تعداد غير مسلمن جو آهي - "بشاري المقدسي" اقليم سنڌ جي پنجين صوبي قنوج بابت پنهنجي سفر نامي ۾ لکي ٿو:-

" اقليم سنڌ جي پنجين صوبي قنوج جو پايه تخت خود اهو ئي شهر آهي. هيءُ شهر نهايت شاندار آهي. هن شهر ۾ گوشت سستو آهي، پاڻي منو ۽ هاضمي وارو آهي- شهر ڪشادو آهي ۽ واپار جو هڪمرڪز آهي. هن شهر جي باشندن جي خوراڪ چانور آهن. هي شهر هڪ درياهه جي ڪپ تي آباد آهي. هن شهر ۾ وڏا عالم رهن ٿا. هن شهر جي چوڌاري باغ ڪثرت سان آهن. هتي جا باشندا سکيا ۽ ستابا آهن. هتي جو حاڪم هندو راجا آهي، جو نهايت انصاف پسند ۽ بامروت آهي. هن

مسلمانن لاءِ هڪ جدا حاڪم مقرر ڪيو آهي جنهن جو لقب "هنر مند" آهي. هي حاڪم مسلمانن جي حقن جي نگهداشت ڪندو آهي."

اقليم سنڌ جي ڇهين صوبي ملتان جو احوال لکندي بشاري چوي ٿو ته:-

" ملتان شهر به منصوري وانگر آهي، پر منصوره ان کان وڌيڪ رونقدار آهي. ملتان ۾ ميوو گهٽ پيدا ٿئي ٿو. ملتان

جي باشندن تي مشتمل آهي.

ملتان جو شهر سکيو ستابو آهي. هر هنڌ خوشحالي ۽ آسودي بکي ٿي- هتي جو حاڪم نهايت خوش خلق ۽ عادل آهي.

ملتان جي بازارن ۾ ڪابه صاعفان سينگارڪري نه نڪرندي آهي. هتي جي بزارن ۾ مقامي بولي، عربي ۽ فارسي ڳالهائي ويندي آهي. ملتان واپار جو هڪ وڏو مرڪز آهي - ملتاني

از: عزيز الله "مجروح"

ساڻيهه جي سِڪ

۱- وطن بابت ويا آهن ٿهي اشعار لکندو وڃ
متان وسري وڃن دل تان سگهو ڪر يار لکندو وڃ
۲- بنايو مات جي ماحول هو بيڪار لکندو وڃ
ٿيو آهيان وري آماده گفتار لکندو وڃ
۳- محبت ملڪ جي آهي صفت ايمان جي ساٿي
اهيو پنهنجو عقيدو تو ڪيان اظهار لکندو وڃ
۴- ارم جي باغ کان منهنجي وطن جا وڻ وڌيڪ آهن
پر پيريون ليون لاڻا ڪنڊ ۽ چار لکندو وڃ
۵- ٻڪا ٻيرون لـر لوڙڪ مريڙي جي مزيداري
سوادي ساڳ آهن عجب اسرار لکندو وڃ
۶- بکين جي لاءِ دسترخوان هت هر دم وڇايل آهه
وطن منهنجو اٿيئي ڏيهه جو ڏاتار لکندو وڃ
۷- وطن منهنجي ڪيون پيدا عظيم المرتبت هستيون
سگهڙ درويش ۽ سورهيه سخي سردار لکندو وڃ
۸- شرافت جن جو شيوو سي ٿي منهنجي ملڪ جا ماڻهو
سچائي جو هلي هردم وٽن وهنوار لکندو وڃ
۹- سندن ساده دلي مشهور آ اقوام عالم ۾
پراون کي به پنهنجو سمجهي ڪن ٿا پيار لکندو وڃ
۱۰- ڪکايون جهوپڙيون پنهنجون مٿائيندس نه ماڙين تي
قبوليان ٿو غريب آهيان مگر خوددار لکندو وڃ
۱۱- پلائڻ سان نه پلبي هي لطيفي لاٽ آ تنهنجي
اهو الهام تو کي آهه ٿيو فنڪار لکندو وڃ

جي باشندن جو اخلاق بلند، بڇڙاين کان پاسو ڪندڙ، شراب ۽ جوا جهڙين برائين کان بچيل آهي.

واپاري ڪارو بار ۾ نهايت ديانتدار ۽ خوش معامله آهن. نه ڪوڙ ڳالهائيندا آهن ۽ نه ڪنهن کي ڌوڪو ڏيندا آهن ۽ نه ماپ تور ۾ کمي ڪندا آهن. ملتاني مسافر نواز ۽ مهمانن کي آرام پهچائيندڙ آهن. ملتان جي آبادي جو وڏو حصو عرب نسل

تنومند، خوشرو، خوش پوش ۽ کڻڪ رنگا آهن.

ملتان جو والي مصر جي فاطمي خليفه جي حڪم بنا ڪو ڪم نه ڪندو آهي.

اقليم سنڌ انهن ڇهن صوبن يا علائقن جي احوال ڏيڻ کانپوءِ "بشاري المقدسي" اقليم سنڌ جون حدون ٻڌائي ٿو. هو لکي ٿو ته:-

" اوڀر ۾ عربي سمنڊ، اولهه ۾ ڪرمان ۽ سيستان جو

ميدان آهي، اتر ۾ هندستان جون حدون آهن ۽ ڏکڻ ۾ مڪران جو ميدان ۽ ايران جي نار واقع آهي.

سنڌ جون عام حالتون بيان ڪندي بشاري لکي ٿو ته:-

اقليم سنڌ عام طرح گرم علائقو آهي، پر ڪن هنڌن جي وچ ٿري آب هوا پڻ آهي. هن پوري علائقي ۾ ڪيترائي درياهه ۽ نديون آهن. هن ملڪ ۾ ناريل، کجور ۽ ڪيوڙا وڏي تعداد ۾ پيدا ٿين ٿا. هن ملڪ جا غير مسلم باشندا بت پرست آهن.

اقليم سنڌ مان خاص طرح سان هيٺيون شيون ٻاهرين ملڪن ڏانهن موڪليون وڃن ٿيون. سفيد ڪنڊ، چانور، ڪاٺ، رنگيل ڪپڙو، ناريل، ڪيماٽي جتيون جي نهايت قيمتي ۽ نفيس هونديون آهن. عراق ۽ ٻين ملڪن ۾ موڪليون وينديون آهن.

تور ۽ ماپ جا وٽ ساڳيائي استعمال ٿين ٿا، جيڪي حجاز ۾ استعمال ٿين ٿا. اقليم سنڌ ۾ به انهن جو رواج آهي.

هن ملڪ ۾ ٻن قسمن جا سڪا رائج آهن، جي "قاهريات" ۽ "طاطري" جي نالي سان مشهور آهن.

اقليم سنڌ جي لباس بابت بشاري پنهنجي سفرنامي ۾ هن ريت لکي ٿو:-

اقليم سنڌ جا اڪثر باشندا مٿي جاوار ڊگها رکندا آهن. سٿڻ ۽ چولو پهريندا آهن ليڪن واپاري امير ۽ درباري هڪ خاص قسم جو لباس استعمال ڪندا آهن. شوقين نوجوان ڪنن ۾ واليون پڻ پائيندا آهن. مٿي جو لباس عام طرح سان پٽڪو آهي.

سنڌ جو مشهور درياهه مهراڻ آهي، جنهن کي سنڌو درياهه به چوندا آهن. هي برڪت ڀريو درياهه هماليه کان مٺي پاڻيءَ جا خزانا پنهنجي آغوش ۾ کڻي سو ين ميل سفر ڪري،

(ڏسو صفحو ۱۱۱)

از:- ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

مخدوم بلال - هڪ محب وطن بزرگ

هت اسين، سنڌجي انهيءَ محب وطن ۽ مرد مجاهد بزرگ جا حالات پيش ڪريون ٿا، جنهن سنڌ کي غيرن جي غلاميءَ کان بچائڻ لاءِ مجاهدانہ جدوجهد ڪندي، شهادت جو جام نوش فرمايو. سنڌ جي هن محب وطن ديس کي ڌارين جي غلاميءَ کان بچائڻ لاءِ، سنڌ جي سورمن ۾ ساڻيهہ جي سڪ جو اهو روح ڦوڪيو، جو ٿلتيءَ جي ميدان تي قومي يڌ لڙندي ڪٽجي ڪونڌر ڪسي ويا. سنڌ جي هن سداجيئري سالڪ ۽ سورهيہ نہ فقط سنڌ جي جوڌن جوانن کي سنڌ ن لشڪر سميت، هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪري، قومي لڙائيءَ لاءِ اڀاريو، پر پنهنجن مريدن ۽ خليفن کي بہ لڙائيءَ ۾ شريڪ ٿيڻ جو حڪم ڏنو. اهڙيءَ طرح انهيءَ خيال کي غلط ثابت ڪيائين تہ، صوفي صرف حجرن ۾ وهندا آهن. سنڌ جي هن سورهيہ جي ڪوشش جي باوجود بہ قضاجو قلم وهي ويو، ڪٽجي ڪوها قربان ٿي ويا ۽ ديس ڌارين جي غلاميءَ ۾ اچي ويو. تنهن کانپوءِ هن سهاڳڻيءَ سر زمين تي ڪيئي ويل وهيا ۽ اڀوجهہ عوام سان ڪيئي عقوبتون ٿينديون رهيون. ان کانپوءِ شاه بيگ جي پٽ شاه حسن جا بکر، اچ ۽ ملتان تي حملا؛ همايون جو سنڌ ۾ اچڻ ۽ ارغونن سان جهڳڙيون؛ ارغونن ۽ ترخانن جي هڪ ٻئي سان آويزش ۽ خان جنگي؛ عيسيٰ ترخان ۽ محمود بکريءَ جون لڙائيون؛ گوا جي عيسائين جو ٺٽي ۾ اچي قتل عام ڪرڻ، ڦر ڪرڻ- ڦر بہ اهڙي ڦر جو سڄي ايشيا ۾ اهڙي ڦرلٽ ڪا ورلي ٿي هوندي. (سنڌ گزيٽيئر، ص- ۱۰۵) ۽ ٺٽي کي باهہ ڏيڻ؛ مرزا عيسيٰ جي پٽن جو هڪ ٻئي سان تخت ۽ تاج لاءِ وڙهڻ؛ مرزا باقيءَ جون ٺٽي ۽ سنڌ ۾ خونريزيون، ظلم ۽ ڏاڍ؛ آخر ۾ جاني بيگ ۽ خانخانان جي لڙائي (۹۹۹هه)، جنهن ۾ سنڌ وڃي مغلن جي قبضي ۾ پئجي؛ ۽ ان لڙائيءَ هارائڻ کان اڳ جاني بيگ جو ٺٽي کي باهہ ڏيڻ. سنڌ جو عوام انهن لڙائين ۽ خونريزين جي ڪري ڏکرن ۾ ٻاهر ٿيندو رهيو، امن امان ۽ سک سلامتيءَ لاءِ سڪندو رهيو؛ ڌارين جي ظلم ۽ ڏاڍ جي گهاڻي ۾ پيڙهبو رهيو ۽ ٺٽي جهڙو نفيس اعليٰ شهر ويو ناس ٿيندو.

نالو، نسب ۽ ولادت:-

مخدوم صاحب جو نالو بلال هو ۽ ذات جو سمون هو. سندس والد بزرگوار جي نالي جي خبر ناهي پئي. سندس ولادت جي تاريخ بہ، تاريخي ڪتابن ۾ آيل ڪانهي. محترم جي- ايم- سيد صاحب جو رايو آهي تہ، "غالبا نائين صديءَ جي پوئين اڌ ۾ ڄائو هوندو".(۱).

تعليم ۽ قيام:-

ابتدائي تعليم ٺٽي جي مدرسن مان پرائي، ۽ ديڪ علم ٿلتيءَ جي ڳوٺ ۾ اچي مخدوم عمر کان حاصل ڪيائين. شادي بہ اتان ئي ڪري، اتي ئي رهجي پيو. ظاهري علم- يعني حديث، تفسير، فقہ وغيره ۾ ڪمال حاصل هوس. معصوميءَ وارو لکي ٿو:- (۲).

"تفسير ۽ حديث جي علم ۾ تمام ماهر هو. بلند درجن جو مالڪ هو. سندس سمورن حالات ۽ ڪمالات جي لکڻ جي قلم کي ڪا بہ طاقت ڪونهي".

تحفتہ الڪرام جو صاحب لکي ٿو:- (۳).

"وڏو عارف ۽ واصل باللہ هو. ظاهري علم ۾ پڻ وڏو شان رکندو هو". سندس علم جي هاڪ جلد ئي پکڙجي ويئي ۽ ڪيترائي علم جا اڃايل، پر انهن پنڌن تان ڪهي اچي، ۽ ٿائنس علم پرائڻ لڳا.

طريقت جو سلسلو:-

تصوف جي طريقن جا چار سلسلہ آهن:- قادري، سهروردي، نقشبندي ۽ چشتي. هر هڪ سلسلي جون ڪيتريون ئي شاخون آهن. اسانجو مخدوم صاحب سهروردي طريقي جي شاخ "ڪبرويہ" سان وابستہ هو. (۴).

وڌيڪ اهو معلوم ٿي نہ سگهيو تہ، "ڪبرويہ شاخ سنڌ ۾ ڪيئن پهتي؟ ۽ مخدوم صاحب جن جي مرشد جو نالو ڇا هو؟ محترم جي- ايم- سيد لکيو آهي تہ:- (۵).

"انهيءَ شاخ سان واسطو رکندڙ، مخدوم صاحب جن سان گڏ، لواريءَ وارن بزرگن جا وڏا بہ هئا." "لواريءَ جا لال" مان بہ انهيءَ جي تصديق ٿئي ٿي. آنجهاني ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ لکيو آهي:- (۶).

"شيخ حاجي عبداللطيف (۷). (لواريءَ وارن بزرگن جي وڏي ۾ وڏي بزرگ، ۽ حضرت سلطان الاولياء خواجہ محمد زمان ڪلان جو والد بزرگوار، اباڻو سهروردي طريقو بدلائي) نقشبندي طريقو اختيار ڪيو."

ڪبرويہ سهرورديہ:-

سهروردي سلسلي جي هن شاخ جو باني شيخ نجم الدين ڪبريٰ هو، جو سهروردي طريقي جي بانيءَ حضرت شيخ ابو نجيب عبدالقاهر سهرورديءَ جي وڏي خليفي عمار ياسر کان مستفيض هو. حضرت عمار مريدن جي تربيت ۽ ڪشف ۾ وڏو استعداد رکندو هو. شيخ نجم الدين ڪبريٰ پنهنجي ڪتاب "فوائدالجمال" ۾ لکيو آهي تہ، "جڏهن شيخ عمار جي خدمت ۾ پهتس، منهنجي دل ۾ خيال آيو تہ، مان وڏو عالم آهيان، جيڪڏهن فتوحات غيبي جي نعمت بہ حاصل ٿي تہ، ڪهڙو نہ سٺو ٿئي ۽ جيئن ممبر تي ويهي حق جي طالبن جي رهنمائي ڪيان". حضرت ڪشف جي ذريعي منهنجي مراد معلوم ڪري ورتي، فرمايائون: "پهريائين نيت جي درستي ڪر، پوءِ خلوت ۾ اچ". نادم ٿي پوئتي موٽيس. سيئي ڪتاب طالبن ۾ ورهائي ڇڏيم. ڪپڙا فقيرن ۾ ورهائي ڇڏيم. ڇڙو هڪڙو جبو وڃي بچايم، جو پاتل هو. باقي پيو ڪجهہ بہ پاڻ وٽ نہ رکيم. دل ۾ فيصلو ڪيم تہ، هي خلوت خانو منهنجي قبر ۽ هي جبو منهنجو ڪفن آهي، هيئنر ڪنهن بہ صورت ۾ ٻاهر نہ نڪرندس. جيڪڏهن، ڪڏهن ٻاهر نڪرڻ جو خيال آيو بہ تہ، ان جبي کي ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيندس، ڇاڪاڻ جو عورت جي ستر جو ذريعو نہ رهندو ۽ شرم ۽ حيا ٻاهر نڪرڻ نہ ڏيندو. اها نيت وٺي شيخ جي خدمت ۾ پهتس. پريان ئي ڏسي فرمايائون: "هيئنر تنهنجي نيت درست

(۱) پيغام لطيف، ص ۸۲ (۲) تاريخ معصومي، ص ۱۹۸- ۱۹۹ (۳) تاريخ تحفتہ الڪرام، ج ۳، ص ۱۴۱ (۴) پيغام لطيف، ص ۸۳ (۵) ايضا ۵۵ (۶) "لواريءَ جا لال"، ص ۳۸ (۷) حضرت شيخ عبداللطيف ۱۱۴۹هه (۱۷۳۶ع) ڌاري وفات ڪئي. (لواريءَ جا لال، ص ۳۹).

آهي. الدر اچ، جو الهيءَ حال ۾ تنهنجو اچڻ، تنهنجي لاءِ مبارڪ آهي. شيخ اهڙو توجهه فرمايو، جو فتوحات باطنيءَ جا سمورا دروازا کلي پيا". (۱)

حضرت شيخ عمار ۵۸۲هه ۾ انتقال ڪيو (۲). حضرت شيخ نجم الدين ڪبريٰ، حضرت شيخ ابو نجيب جي ٻي خليفي شيخ روز بهان ڪبير مصريءَ کان به فيض پرايو، جنهن جو وطن گازرون هو ۽ رهندا مصر ۾ هئا. هر وقت مٿس استغراق جو عالم طاري رهندو هو. جڏهن شيخ نجم الدين ڪبريٰ، سندس خدمت ۾ پهتو، ته ڪيس پنهنجو نياڻو ڪري، پنهنجو فرزند بنايائون. شيخ روز بهان ۵۸۴هه ۾ فوت ٿيو ۽ مصر ۾ مدفون ٿيو. (۳)

حضرت شيخ نجم الدين خلافت جو خرقو، حضرت شيخ ابو نجيب جي ٽئين خليفي، شيخ اسماعيل قصري کان به حاصل ڪيو جنهن سنه ۵۸۹هه ۾ انتقال فرمايو. (۴)

روحاني منزل

ظاهري علم جي عالم هجڻ سان گڏ کين باطني ڪمال به حاصل هو. تحفته الڪرام جي صاحب سندن بنسبت لکيو آهي:-

"رات جو پاڻيءَ سان ڀريل هڪ ڪونار ۾ ويهندو هو ته، ذڪر جي جوش ۽ حال جي غلبي کان پاڻي جا لاڏاهه وانگيان چڪر هڻڻ لڳندو هو. سر صبح جو پاهر نڪري ويندو هو، ته به پاڻي چڪر ۽ جوش ۾ هوندو هو. جيستائين درياءَ ۾ هار ينداهئس، تيستائين بس نه ڪندو هو."

سندس باطني ڪمال بابت ٻي به هڪ روايت آندي اٿس، جا ان کان اڳ ۾ معصوميءَ جي صاحب به آندي آهي، لکن ٿا:-

"هڪ پيري ٽلتيءَ کان سلطان العارفين مخدوم لعل شهباز جي زيارت الله ٽلتيءَ کان سيوهڻ وڃي رهيا هئا، ۽ درياءَ ٽپڻ جي خيال کان ٻيڙيءَ ۾ چڙهي ويٺا. مير بحر عادت موجب ڪار گند ۽ بيهود و بڪڻ شروع ڪيو ۽ ڪنهن جي به چوڻ سان بس نه ٿي ڪيائين. مخدوم صاحب جن پنهنجي ٽوپي ڪڍي مير بحر جي مٿي تي رکي ۽ هو هڪدم قال الله ۽ قال رسول الله ۾ مشغول ٿي ويو، جيستائين ٽوپي مٿي تي هيس، تيستائين اهو حال هوس. ٻيڙيءَ تان لهڻ کان پوءِ ٽوپي لاٿائونس ته، وري اڳي وانگر بڪوات ۾ پئجي ويو. سڀئي ٻيڙيءَ وارا عجب ۾ هئا، بيشڪ اهي ئي بزرگ آهن، جي مٿل دلين کي جيئرو ڪن ٿا." (تحفته الڪرام، ص ۴۱ ۽ معصومي، ص ۱۹۹)

پنهنجي روحاني فيض مان ڪيترن ڪي ئي مستفيض ڪيائون. عام مريدن ۽ طالبن کانسواءِ، سندن ڪيترائي وڏا خليفا هئا، جن مان ڪن جو ذڪر اڳتي ايندو.

مخدوم صاحب جي زماني ۾ سنڌ جي سياسي حالت ۽ سياست سان سندن واسطو:-

مخدوم صاحب جن جي شروعات واري زماني ۾ جام نظام الدين عرف جام ننڊي جي حڪومت هئي، جنهن جو ذڪر اسان "ٺٽو ۽ مڪلي" واري مضمون ۾ ڪيو آهي، جو عبرت جي ماهوار ايڊيشن جون (۶) ۱۹۶۰ع ۾ شايع ٿيو آهي. هو ۲۵ ربيع الاول ۸۶۶هه تي تخت تي ويٺو ۽ ۹۱۴هه ۾ وفات ڪيائين (۷). جام ننڊي جو دؤر نهايت امن امان ۽ صلح سانت جو دؤر هو ۽ سنڌ ڌارين جي غلاميءَ کان آزاد هئي. علم ۽ فضل جو دور دورو هو. سنڌ جي حڪومت جون حدون به نهايت وسيع هيون. بلوچستان جو ڪجهه حصو، ملتان ۽ بهاولپور جو ڪجهه حصو، لس ٻيلو ۽ ڪڇ جو حصو سنڌ جي حڪومت ۾ شامل هئا. سندس ڏينهن ۾ ٺٽو جي نئين سر تعمير ٿي، جتي ٿوري وقت ۾ ڀري ڀري جا ڪيترا عالم، درويش ۽ هنرن جا ماهر اچي گڏ ٿيا انهيءَ ڪري ٺٽو تهذيب ۽ تمدن جو مرڪز ٿي ويو ۽ بغداد ۽ قرطبه جي ڏک ٿي ڏنائين. ٺٽي کانسواءِ بکر، روهڙي، نصرپور، مٽياري، دربيلو، پاٽ، باغبانان، سيوهڻ ۽ سن جا پڻ علم، تهذيب، تمدن ۽ تجارت جا مرڪز هئا. سنڌ دهليءَ جي تسلط کان آزاد ۽ خود مختيار هئي.

انهن ڏينهن ۾ رڳو هڪ دفعو شاه بيگ، قندار کان اچي اڪڙي چانڊوڪيءَ ۽ سنويچيءَ ۾ ڦر ڪئي، پر وريس ڪجهه نه ڪونه. جام، هڪ وڏو لشڪر فساد بند ڪرڻ لاءِ چاڙهي موڪليو. سيويءَ وٽ سخت لڙائي لڳي، جنهن ۾ شاه بيگ جو ڀاءُ قتل ٿي ويو ۽ پيا شڪست کائي قندار موٽي ويا ۽ جام ننڊي جي ڏينهن ۾ وري سنڌ ۾ نه آيا. اهڙيءَ طرح هن جام جي حڪومت جو ايڏو سارو ڊگهو عرصو، سنڌ ڌارين جي ڪاهن ۽ تباهين کان محفوظ رهي (۸).

مسٽر جي- ايم- سيد ان وقت جي سياست کي ٻن گروهن ۾ ورهايو آهي. هڪ اهو جو سنڌي تهذيب ۽ اندروني خود مختاريءَ جو قائل هو، ٻيو اهو، جو غلبه اسلام جو قائل هو، جنهن پوءِ شاه بيگ ارغون کي سنڌ تي چاڙهي آندو (۹). ٻنهي گروه لاءِ لکي ٿو(۱۰):-

"هي سنڌي تهذيب، سياسي اقتدار ۽ اندروني خودمختياري جو قائل هو. انهي گروه جو مدار المهام مخدوم بلال رح هو، جو سمي قوم جي شاهي گهراڻي جو فرد هو. سندس رفيق به خليفا، سيد حيدر رح سن وارو ۽ مخدوم ساهڙ لنجار (جنهن جو مقبرو اڙ پور جي مٿان آهي) هئا. انهن بزرگن جو موجوده دادو، سيوهڻ، ڪوٽڙي تعلقن جي جبل ۽ درياءَ جي ڪنڌيءَ وارن ملڪن تي گهڻو اثر هو. هن گروه کي جام ننڊي جي وزير ميان دريا خان (جنهن کي مبارڪ خان به ڪري سڏيندا هئا) جي سرپرستي نصيب هئي. اڳتي هلي لکيو اٿس ته، "جيستائين جام ننڊو جيئرو هو، تيستائين ٻنهي نظريي وارن جو دؤر دوره هو (۱۱)

جام ننڊي جي وفات کانپوءِ سندس پٽ جام فيروز، جو ننڍو هو، تخت تي ويٺو. جام صلاح الدين جي خانگي لڙائين ۾ اميرن جي حرڪتن ڪري سنڌ جي حڪومت ڪمزور ٿي ويئي. جام ننڊي جو پٽيلو دريا خان وزير به چڱو منهن ڏيئون ويٺو هو. پر آخر اميرن حرڪتون ڪري جام فيروز ۽ درياخان جي وچ ۾ به اختلاف پيدا ڪري وڌي، جنهن ڪري هو استعفيٰ ڏيئي پنهنجي جاگير ڪاهان ۾ وڃي رهڻ لڳو. ان کانپوءِ ته حالتون ويتر خراب ٿي ويون. شاه بيگ کي انهن حالتن جو پتو ڏنو ويو ۽ خود جام جا امير ۽ درٻاري به ان سان پڌجي ويا. موقعي جو فائدو وٺي هو ڪاهيندو آيو ۽ ۹۲۶هه ۾ اچي ٺٽي تي حملو ڪيائين. ڪاهه جو ٻڌي، جام فيروز دريا خان کي پرچائي گهرايو ۽ هو سورهه سردار، سنڌ کي بچائڻ لاءِ، وري به جهڙي تهڙي حال ڪمر ڪشي اچي بيٺو. دريا خان، ساموئيءَ جي ميدان تي شاه بيگ جو مقابلو ڪيو. نهايت خونخوار لڙائي

(۱) بحواله "سيرت بهاء الدين زڪريا"، مولانا نور احمد فريدي، ص ۳۸-۳۹ (۲) ايضا، ص ۳۹ (۳) ايضا (۴) ايضا (۵) تحفته الڪرام، ج ۳، ص ۱۴۱ (۶) معصومي، ص ۷۳ (۷) تاريخ طاهري، ص ۷، بيگلار نامه ۽ تحفته الڪرام، ص ۵۳- (۸) معصومي ص ۷۵ ۽ ۱۲، تحفته الڪرام ص ۵۳ طبقات اڪبري جي مصنف (ج ۳، ص ۵۱۷) اهو احوال ڪجهه ٻيءَ طرح ڏنو آهي. پر علامه دائود پوٽي صاحب (تعليقات معصومي، ص ۳۰۳) معصوميءَ کي صحيح ڄاڻايو (۹) پيغام لطيف، ص ۱۸-۱۹ (۱۰) ايضا، ص ۱۸. (۱۱) ايضا، ص ۱۹.

Scanned with CamScanner

لڳي، جنهن ۾، سنڌ جو سورهيه، سنڌ جي آزاديءَ لاءِ وڙهندي، سنڌ تان قربان ٿي ويو. ڄام فيروز ڀڄڻ ڪونه هو، سو ٺٽو ڇڏي ونئي ڀڳو ۽ وڃي پير پٺي جي درگاهه ۾ لڪو. شاهه بيگ، فتح کانپوءِ ۱۱ محرم کان ۲۰ محرم تائين ٺٽو ڦرايو ۽ قتل عام ڪرايو. آخر اهو طوفان قاضي قاضن جي طفيل اجهاڻو. آخر ڄام فيروز پيش پيو ۽ لڪيءَ کان هيٺيون حصو حوالي ڪري شاهه بيگ کيس ٺٽي ۾ رهڻ ڏنو. (۱)

شاهه بيگ، ٺٽو فتح ڪرڻ کانپوءِ، سڀرلون کنڊ ۽ سيوهڻ پهتو. اتي جي (سيوهڻ) آس پاس جا جيڪي سورهيه سردار هئا، تن شاهه بيگ جي لشڪر پهچڻ کان اڳ ٺٽيءَ ۾ اچي وڏو لشڪر تيار ڪيو ۽ فيصلو ڪيائون، ته مٽي مارائي نه رهنداسون. اهو هو ڄامن، سهتن ۽ سوڍن جو لشڪر. انهن سورهين ۾ مخدوم بلاول ئي قومي روح ڦوڪيو هو. سندس ئي قومي تحرڪ ڪري ڄام نندي جي وزير دريا خان جي پٽن، محمود ۽ منڌڻ خان، دريا خان جي جاگير ڪاهان (ڳاهان) جي نزديڪ ماڻهو ميڙ ڪيا. هن قومي پڌ لاءِ حضرت مخدوم سمن ۽ سهتن کانسواءِ راڄپوت رٺمل، سوڍي ۽ سندس پاءَ جوڌا سنگهه، سوڍي کي به پاري لڙائيءَ لاءِ تيار ڪيو. هو پٺي پائر ٺٽيءَ جي قلعي تي قبضو ڪري ويٺا ۽ ونن سوڍن ۽ سهتن جو وڏو لشڪر هو. سنڌي سورمن کي، قومي لڙائي لاءِ ابارڻ ۾ مخدوم صاحب جو ڪيترو هٿ هو، ان لاءِ معصوميءَ جو صاحب لکي ٿو:- (۲)

”جڏهن شاهه بيگ ٺٽيءَ جي سامهون اچي لٿو تڏهن ٽن ڏينهن کانپوءِ ٺٽيءَ جي هڪڙي ماڻهو کيس اطلاع ڏنو ته ميان محمود، منڌڻ خان، ڄام سارنگ ۽ رٺمل سوڍو خدمت ۾ حاضر ٿيڻ لاءِ تيار هئا، پر انهن کي ملڪ جو هڪڙو عالم ۽ مشائخ مخدوم بلاول روڪي ويٺو آهي ۽ اچڻ نٿو ڏي، بلڪ لڙائي جي ترغيب ۽ جوش ڏياري رهيو آهي.“

شاهه بيگ، قاضي قاضن کي ڏانهن نصيحت لاءِ موڪليو، پر مٿن نصيحت ڪوبه اثر نه ڪيو. سڀئي لڙائي لاءِ تيار ٿي ويا.

آخر شاهه بيگ، جڏهن لاچار ٿيو، تڏهن لشڪر وٺي ٺٽيءَ جي سامهون اچي لٿو. مير فاضل ڪوڪلتاش سان گڏ صبح جو درياهه ٽپڻ شروع ڪيائين. پهريائين تر خان، ارغون ۽ پيو لشڪر ٽپي پار ٿيو. شاهه بيگ پاڻ منجهند جي وقت درياهه ٽپيو. ٺٽيءَ جي ماڻهن قلعي کان نڪري جوڌي سوڍي جي پاءَ رٺمل کي محافظ دستي طور اڳيرو موڪليو. مير فاضل، جو شاهه بيگ طرفان مقدمه تي هو، سندس مقابلو ڪيو. شاهه بيگ جي پهچڻ کانپوءِ مغلن ٺٽيءَ جي دروازي تي ڪاهه ڪئي. (۳) خونخوار لڙائي لڳي. ڄام ۽ سوڍا ڪسجي قربان ٿيا. معصوميءَ جو صاحب لکي ٿو:- (۴)

”انهيءَ جنگ جي ميدان ۾ سوڍن عجيب لڙائي لڙي ۽ مقابلي جي ميدان ۾ ڏاڍي مڙسي ڏيکاري ۽ پيهڪ ڪري انهن مان گهڻا جوڌي سوڍي جي پاءَ رٺمل سان گڏ ڪسجي ويا.“

سڀئي جوڌاجوان، محمود، منڌڻ خان، ڄام سارنگ ۽ رٺمل سوڍو مارجي ويا ۽ شاهه بيگ جي فتح ٿي. اهڙيءَ طرح سنڌ مڪمل طور غيرن جي غلامي ۾ اچي ويئي. شاهه بيگ ٽي ڏينهن ٺٽيءَ ۾ رهي، اتي جي رهاڪن لاءِ ٿوري بربادي آندي (۵)

مخدوم صاحب جي وفات

شاهه بيگ کي معلوم هو ته ٺٽيءَ واريءَ لڙائيءَ ۾ مخدوم صاحب جو ڄامن ۽ سوڍن سان ساٿ هو، انهيءَ ڪري مخدوم صاحب ۽ سندس خليفن تي ڪڙي نظر رکيائين ۽ ڳرا ڏنڊ وڌائين جي هنن ڀري ڏنا. معصوميءَ جو صاحب لکي ٿو:- (۶)

”اهو ئي سبب آهي، جو فتح کانپوءِ شاهه بيگ مخدوم بلاول تي سختي ڪئي ۽ ڏنڊ وڌو.“

ايتري تائين به شاهه بيگ جي ڪاوڙ جي باهه ٿڌي نه ٿي، ۽ ڪنهن بهاني سان سرڪاري مولوين کان فتوي وٺي، ۹۲۹ ھ ۾ مخدوم صاحب کي گهاڻي ۾ پيڙهائي، شهيد ڪرايائين (۷)

مخدوم صاحب جن جي خليفن مان سيد حيدر سنائيءَ تي سخت نظرداري ڪرڻ لاءِ ارغون گهراڻي وارن پنهنجي ڇانوڻي ڪٽي وڃي سن ۾ رکي، تانجو سيد حيدر ۴ شعبان ۹۳۷ھ تي وفات ڪئي. (۸)

مخدوم صاحب جن جي شهادت جو واقعو، حضرت نوح جي پوٽي ميان غلام رسول صديقيءَ جي لکيل ڪتاب ۾ ملي ٿو.

مقامي عوامي روايت موجب سندن شهادت جي فتوي هن طرح حاصل ڪئي وئي:-

حضرت مخدوم صاحب، موچيءَ کي جتي ٺاهڻي ڏني هئي، حڪام طرفان لالچ ۽ رعب سان موچيءَ کي ان ڳالهه تي آماده ڪيو ويو ته: هو قرآن شريف جي پني تي لکيل هڪ آيت، جتيءَ جي ترڙي جي وچ ۾ بند ڪري وجهي اها جتي مخدوم صاحب کي ڏئي ۽ قاضيءَ جي پڇڻ تي بي باڪ سان شاهدي ڏئي ته، مخدوم صاحب پاڻ اها آيت جتيءَ جي ترڙي ۾ وجهڻ لاءِ چيو هو. جڏهن موچي جتي ڪئي مخدوم صاحب جي خدمت ۾ آيو، تڏهن مخدوم صاحب پنهنجي خادم کي چيو ته جتي وٺي وڃي مٽي جاري تي رک. ان کانپوءِ ڪچهريءَ مان هڪ ماڻهو، جو سرڪاري ڪامورو هو ۽ خاص مقصد سان اچي ڪچهريءَ ۾ ويٺو هو، مخدوم صاحب کان شرعي سوال پڇيو ته: جو ماڻهو قرآن شريف جي آيت جتيءَ جي ترڙي ۾ سڙائي، انجي شريعت موجب ڪهڙي سزا آهي؟ انتي مخدوم صاحب ورائيو، انکي گهاڻي ۾ پيڙهايو وڃي. ان کانپوءِ ان ڪاموري چيو ته: اوهان پاڻ قرآن جي آيت جتيءَ جي ترڙي ۾ سبرائي آهي. ثبوت لاءِ جتي ۽ موچي شاهد آهن. وڏو گوڙ ٿيو. جتي ۽ موچي قاضيءَ وٽ پيش ڪيا ويا. جتي کولي ۽ موچيءَ کان بيان ورتو، مخدوم صاحب کي گهاڻي ۾ پيڙهائڻ جي فتوي ڏني ويئي.

خليفا:-

حضرت مخدوم جي فيض جي درياهه بيابان سرسبز ۽ گل گلزار بنائي ڇڏيا. سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ سندس فيض مئل دليون جياريون. عام مريدن ۽ معتقدن کانسواءِ سندن ڪيترائي نامي خليفا هئا، جي پڻ سنڌ جي مختلف حصن جا رهواسي هئا. انهن مان، جن بزرگن جا نالا تاريخن ۽ تذڪرن ۾ ملن ٿا، تن جو ذڪر هن هيٺ ڪجي ٿو:-

۱- سيد حيدر:-

هي بزرگ سن جو رهاڪو هو ۽ سن ۾ ئي ۹۳۷ھ ۾ وفات ڪيائين، جتي سندس مزار تي مقبرو آهي. مير قانع جي قول موجب: سندس اولاد به بزرگيءَ سان موصوف ٿيندو آيو آهي (۹). سنڌ جو اڳوڻو مشهور سياستدان محترم غلام مرتضيٰ شاهه (جي-ايم-سيد) صاحب سندس اولاد مان آهي ۽ گادي نشين آهي.

سيد صاحب، مٽيارڪن ساداتن مان هو، جن مان سنڌ جو قومي شاعر حضرت شاهه

(۱) ڏسو تاريخ معصومي، ص ۱۱۲ کان ۱۱۶ (۲) تاريخ معصومي، ص ۱۱۶-۱۱۷ (۳) تاريخ معصومي، ص ۱۱۷ (۴) ايضا، ص ۱۱۷ (۵) ايضا، ص ۱۱۷ (۶) ايضا ص ۱۱۷ (۷) ايضا، ص ۱۱۷ (۸) پيغام لطيف، ص ۲۱ (۹) تاريخ معصومي، ۲۰۵.

عبداللطيف بہ هو. مٽياري ساداتن جي چئن شاخن مان، هڪ شاخ "مٽين پوٽہ" سان سندس نصب جو سلسلو ملي ٿو؛ جنهن تي اهو نالو سيد مٺيڏني شاه ولد سيد محمد جي نالي پٺيان پيو.

سيد حيدر، ١٢ سالن جي ڄمار ۾ مولانا عمر هليہ ۽ مخدوم بلاول جي صحبت ۾ رهي، سندن تربيت جي نظر هيٺ، وڏي مرتبي کي پهتو. تحفتہ الڪرام جي صاحب سندس روحاني ڪمالات متعلق لکيو آهي (١):-

"هڪ ڏينهن ماڻهن جي انبوہ ۾ ويٺو هو. سڀني ماڻهن ڏانهن ڏسي چيائين تہ مون وٽ خدا ڏانهن ايترا رستا آهن، جو هتي ماڻهن مان هر هڪ کي جدا جدا رستي سان اصل مقصد ڏانهن پهچائي سگهان ٿو، جيئن ڪنهن کي بہ ٻئي جي خبر ڪانہ پوندي."

٢- مخدوم ساهڙ لنجار

اڙهور جو وينل هو، جو ڄام انڙ جو آباد ڪيل هڪ ڳوٺ هو، جو پوءِ درياہ پائي ويو. سدائين عبادت ۾ مشغول رهندو هو ۽ رات يا ڏينهن جي ڪابہ گهڙي پروردگار جي ذڪر کان واندو نہ رهندو هو. سندس مجلس ۾ دنيوي گفتگو ڪڏهن بہ نہ هلندي هئي. جنهن تي بہ توجه جي نظر ڪندو هو تہ، ولايت جي درجي کي رسي ويندو هو. عادت موجب سوئرن جو هڪ ولر سندس پوک ۾ اچي نقصان ڪري ويندو هو. ڪرمي وٽس دانهن کڻي آيا، خادم کي چيائون "سوئرن کي وڃي پيغام ڏي تہ اساڄي پوک جي ويجهو نہ اچو" انهيءَ پيغام تي، سوئر وري نہ آيا. جڏهن بہ مٽيارن ۾ ايندو هو تہ رات جو پير ڊگها ڪري نہ سمهندو هو. چوندو هو تہ "چؤطرف ساداتن جا گهر آهن، تنهنڪري ادب جي تقاضا اها آهي تہ ڪنهن بہ طرف پير ڊگها نہ ڪريان." (٢)

تحفتہ الڪرام جي صاحب سندس هڪ روايت ڏني آهي تہ، چوندو هو "مون پير کان ٻڌو آهي تہ جنهن ۾ ٽي گڻ ڏسو، تہ انهيءَ مان ضرور فائدو وٺو، جو توهانجو مرشد اهو آهي. هڪ تہ سندس اڳيان رهو تہ توهانکي خدا ياد اچي. ٻيو تہ جيڪي ڳالهائي، سو توهان جي دل ۾ ويهي وڃي. ٽيون تہ سندس صحبت ڇڏڻ توهان کي ڏکي لڳي." (٣)

مخدوم صاحب جن جو خليفو هو (٤). مٽياري سادات سندس معتقد هئا (٥). سنڌ جي سدا جيئري شاعر شاہ لطيف، پنهنجي زماني ۾ انهن مٽيارن جي سيدن جي پوين سان ملاقاتون ڪيون.

سيد حيدر سنائيءَ جي ذڪر ۾ اچي چڪو آهي تہ حضرت شاہ لطيف جو ڏاڏو [illegible]، مٽيارن جي رهائش جي ڏور [illegible] ڇهن مکيہ قبيلن ۾ ورهائجي ويو. انهن مان هڪ قبيلو هو "جرار پوٽہ"، جي سيد جلال عرف جرار جي اولاد مان هئا. انهيءَ خاندان مان سيد شاہ رڪن الدين جو پير- طريقت ٿي گذريو آهي، مخدوم ساهڙ جو مريد هو (٦). روايت آهي تہ، چيو هئائين تہ "تيرن جي ٻٺي پريو ويٺو آهيان ۽ پيو ٽو هڻان. ڪن جي ڪنن کان ۽ ڪن جي منهن کان نڪرندا ٿا وڃن، پر ڪنهن کي بہ سڌو تير ڪونہ ٿو لڳي، جو ڪري پوي. هي تير جنهن کي بہ لڳندو تہ اهڙو ڪندو، جو موري نہ اٿندو (٧)." سيد رڪن الدين جي وفات جي تاريخ معلوم ڪانہ ٿي ٿئي. سيد غلام مرتضيٰ شاہ صاحب جو اندازو آهي تہ ٣٥٠هہ ۽ ٩٨٠هہ جي وچ ڌاري وفات ڪئي هوندائين (٨).

سيد رڪن الدين جو پوٽو سخي هاشم شاہ قلندر، نامور ولي الله ٿي گذريو آهي. هو شاہ صاحب جي والد شاہ حبيب جو دوست هو. شاہ حبيب، مٽيارن مان بہ انهيءَ جي مشوري تي لڏي وڃي "ٻئي ڀور" ۾ ويٺو (٩). انڪري ٻلاولي فيض جو شاہ تي پڻ اڻ سڌيءَ طرح اثر ٿيو هوندو. سيد هاشم ١٤ ربيع الاول ١١٠٠هہ ۾ وفات ڪئي (١٠).

مخدوم ساهڙ جي وفات جي تاريخ معلوم نہ ٿي ٿئي، پاڻهي ٿو تہ ڏهين صديءَ هجريءَ جي ٻيءَ چوٿائيءَ ۾ سندس وفات ٿي هوندي. سندس مقبرو اڙهور اسٽيشن جي پر ۾ ٽڪريءَ تي آهي.

٣- مخدوم رڪن الدين

ٺٽي جو عالم ۽ بزرگ مخدوم رڪن الدين عرف مٺو بہ مخدوم بلاول جو خليفو هو، وڏو عالم ۽ فاضل هو. حديث جي علم ۾ خاصي دسترس هيس. "شرح اربعين"، "شرح گيلاني" ۽ ٻيا ڪيترا ڪتاب لکيائين؛ جي ڪافي مشهور ۽ مقبول هئا. زهد ۽ تقويٰ جو بہ صاحب هو. هميشہ عبادتن ۽ وظيفن ۾ مشغول هوندو هو. ڪيترائي حق جا طالب سندس مريد ۽ معتقد هئا. همايون جڏهن سنڌ ۾ آيو، تڏهن ٩٤٩هہ ۾ ٺٽہ ۾ گذاري ويو ۽ مڪليءَ تي مدفون ٿيو (١١).

٤- مخدوم حسن

درويش حسن مقري عرف بلاولي، اصل واڍو هو. نهايت پرهيزگار ۽ زهد ۽ تقويٰ جو صاحب هو. هڪ طهارتخانو هوندو هوس، جنهن ۾ جڏهن بہ وضو ڪرڻ ويندو هو تہ بيخود ٿي ويندو هو. روايت آهي تہ هڪ ڏينهن هڪ مائٽ ڏيکڻ، سندس ملاقات لاءِ آيو. اتفاقاً هو انهيءَ وقت طهارتخاني ۾ وضوءَ لاءِ ويل هو. اندر وڃي ڏٺائين تہ درويش ٽڪر ٽڪر ٿيو پيو هو. هو دهشت کان ٻاهر نڪري آيو (١٢). سندس باري ۾ تحفتہ الڪرام جي صاحب ٻي هڪ روايت هن طرح ڏني آهي تہ: "هڪ ڏينهن پيشين جي وقت کوزو هٿ ۾ کڻي وضو ڪرڻ ويٺو. هٿن تي پاڻي هارڻ تي گهڙيائين تہ هوڏانهن بانگي بانگ شروع ڪئي. درويش بيخود ٿي ويو ۽ باقي ڏينهن ۽ رات ۽ ٻي ڏينهن جي پيشين تائين بيهوش ٿيو پيو هو. ڪنهن کي بہ ڪيس هوش ۾ آڻڻ جي طاقت نہ ٿي. ٻئي ڏينهن جڏهن بانگي ساڳي بانگ شروع ڪئي، تڏهن هوش ۾ اچي پڇيائين تہ "شايد اڃا بانگي بانگ پوري نہ ڪئي آهي؟ (١٣).

هڪ ٻي روايت بہ ڏني اٿس تہ: هڪ ڏينهن مخدوم مراد ولد مخدوم صدرالدين راهوتي (جو راهوت ۾ هڪ ڪامل عالم ٿي گذريو آهي) سندس زيارت لاءِ آيو. جيئن سواريءَ وارو ڏيڍي ٻاهر پهتي سندس حاضريءَ ۾ آيو، تيئن خادمن ٻڌايس تہ درويش ستن ڏينهن کان وضو خاني ۾ ويل آهي. اهو ٻڌي حيران ٿي ويو، تہ ايتري ۾ درويش بہ ٻاهر نڪري آيو. مخدوم چيس تہ "ست ڏينهن خدا جا فرض وڃايا اٿيئي؟" فرمايائين تہ "تون وڃي پنهنجي ڏيڍي جي خبر لهہ، ان ڳالهہ ۾ ڇو پيو آهين؟" انهيءَ وقت مخدوم کي اچي ٻڌايائون تہ سندس ڏيڍي کي باہ لڳي ويئي آهي. ڏاڍي ڳولها ڪانپوءِ ڏيڍي، موٽي هليو ويو ۽ وري فقير تي اعتراض نہ ڪيائين (١٤).

مٿي بيان ڪيل بزرگن کانسواءِ مخدوم سعد عرف سائنڊ، سڪرنڊ ۽ مخدوم هنگورو نزديڪ موزو بہ سندس خليفا هئا (١٥) سندن وڌيڪ احوال تاريخن ۾ نہ ٿو ملي.

---

(١) تحفتہ الڪرام ج ٣، ص ١٤٣ (٢) ايضا (٣) تحفتہ الڪرام ٣، ص ٥٤ (٤) ايضا (٥) پيغام لطيف، ٨٣ (٦) ايضا (٧) ايضا ص ٤ (٨) تحفتہ الڪرام، ص ٧٦ (٩) لطيف، ص ٤ (١٠) ايضا ٨٣ ۽ لطائف اللطيف از مولانا دين محمد وفائي، ١١٠ پنهنجي صاحبن قاضي هدايت الله متعلويءَ جي احوال تان نقل ڪيو آهي (١١) پيغام لطيف، ص ٤ (١٢) ايضا، ص ٥٣ (١٣) تحفتہ الڪرام، ٣، ص ٢١٨ (١٤) ايضا، ص ١٥٢ (١٥) ايضا، ٥٣ (١٦) پيغام لطيف، ص ٨٣.

خواجہ محمد حسن مجددي قدس سره

(از:- مفتي محمد صاحبداد عفي عنہ، جامعہ راشديہ، پير جو ڳوٺ، ضلع خيرپور)

بسم الله الرحمان الرحيم
الحمد لالله رب العالمين والعاقبة للمتقين والصلواة والسلام والتحيات عليٰ سيد المرسلين محمد وآلہ و اصحابہ واتباعہ اجمعين

نالو ۽ نسب

قدوة الواصلين حضرت خواجہ "محمد حسن" صاحب قدس سره ولد عمدة العارفين حضرت خواجہ عبدالرحمان صاحب فاروقي مجددي قدس سره جي نسب جو مقدس سلسلو ڏهن واسطن سان حضرت امام رباني مجدد الف ثاني شيخ احمد سرهندي سان ملي ٿو. گويا سنڌن يارهون ڏاڏو حضرت امام رباني قدس سره آهي ۽ حضرت امام صاحب جو پاڪيزه سلسلو پنجهن ويهن سان حضرت فاروق اعظم عمر بن الخطاب رضي الله تعاليٰ عنہ سان ملي ٿو.

ڄمڻ جو هنڌ ۽ سال

پاڻ شهر احمد شاهي قنڌار (افغانستان) ۾ ٦ شوال سنہ ١٢٧٨ هجري/١٨٦١ع ۾ ڄاوا ۽ سنہ ١٢٩٧ھ/١٨٧٩ع تائين اتي ئي پنهنجي قبلہ گاه والد بزرگوار جي نيڪ تربيت ۽ تعليم هيٺ رهيا.

افغانستان تي انگريزن جو قبضو ۽ حجاز مقدس ڏي هجرت جو سبب

سنہ ١٢٩٥ھ/١٨٧٨ع ۾ افغانستان اندر خانہ جنگي ۽ طوائف الملوڪي پيدا ڪرائڻ ڪري، افغانستان تي انگريزن جو قبضہ ٿيو، مگر پٺاڻن پنهنجي ديني غيرت ۽ آزادي لاءِ امير ايوب خان صاحب ولد امير شير علي خان صاحب جي ماتحتي ۾ انگريزن جي خلاف جهاد جو جهنڊو بلند ڪيو. ان ۾ مقامي سردارن ۽ مشائخن سان گڏ حضرت خواجہ محمد حسن صاحب جي والد بزرگوار پنهنجي جماعت ۽ حلقہ اثر سميت لڙائين ۾ وڏو حصو ورتو ۽ پوري بهادري سان فرنگين جو مقابلو ڪيو. قنڌار لڳ ميوند جي ميدان ۾ ١٢٩٦ھ/١٨٨٧ع ۾ جيڪا انگريزن سان جنگ ٿي ان ۾ موصوف پاڻ پنهنجي والد سان شريڪ جهاد هيا. انهن لڙائين انگريزن جو نڪ ۾ دم ڪيو، جو مجبور ٿي هندوستان ڏي پٺي ڄنگهہ ڇڏيائون ۽ پنهنجي طرفان امير عبدالرحمان خان صاحب کي پنهنجو وظيفہ خوار مقرر ڪري ڪابل جو تخت سندس حوالي ڪيو. موصوف امير شير علي خان صاحب جو ڀائٽيو هيو.

افغان قوم امير عبدالرحمان خان صاحب کي انگريزن جو طرفدار سمجهي، امير ايوب خان صاحب جي ماتحتي ۾ ان سان بہ مقابلو ڪيو ۽ شڪست کاڌائون ۽ امير ايوب خان صاحب ايران ڏي پٺي ويو. پوءِ هندوستان آيو ۽ سموري افغانستان تي امير عبدالرحمان خان جو قبضو ٿيو ۽ پنهنجي سخت گير پاليسي جي ڪري پنهنجي مخالفن کان نهايت سختي سان بدلو وٺڻ شروع ڪيو، جنهن ڪري حضرت خواجہ عبدالرحمان صاحب مجددي قدس سره ١٢٩٧ھ/١٨٧٩ع ۾ پنهنجي خاندان ۽ خادمن سميت حرمين شريفين (عربستان) ڏي هجرت ڪرڻ مصلحت سمجهيو ۽ رستي ۾ قلات بلوچستان ۽ ڀاڳ شهر جي مخلص وٽ منزلون ڪيون. رياست قلات جي وزير اعظم مستوفي فقير محمد خان صاحب ۽ ڀاڳ ۾ قاضي ميان حامد الله صاحب مرحوم ڪجهہ وقت ڪين ترسائي خدمت جو شرف حاصل ڪيو.

ڳوٺ ٽکڙ ضلع حيدرآباد سنڌ جي سادات ڪرام مان جناب سيد ميران محمد شاه صاحب عليہ الرحمة (جو موجوده مشهور ميران محمد شاه صاحب جو ڏاڏو ۽ وڏو نالي وارو فياض زميندار هيو ۽ حضرات مجدديہ جو مخلص مريد هيو) ٽي سؤ (٣٠٠) ميلن جي پنڌ تي "ڀاڳ" جي منزل تي پهچي مرشد سڳوري جو اچي استقبال ڪيو. انوقت ريل وغيره تيز سواريءَ نہ هوندي هئي. ان مان اندازو ڪجي ٿو تہ اڳوڻن بزرگن کي پنهنجي روحاني پيشوائن سان ڪيتري عزت ۽ محبت هئي.

سنڌ ۾ ڳڙهي ياسين ضلع سکر جي منزل تي مشهور بارڪزئي جاگيردار پٺاڻ عطاءالله خان صاحب مرحوم نهايت صداقت ۽ اخلاص سان پنهنجي مرشدن سڳورن جي خدمت بجا آڻي هميشہ جي قيام لاءِ عرض ڪيو مگر حجاز مقدس جي شوق زيارت قيام ڪرڻ نہ ڏنو ۽ ٽکڙ جي سيدن جي استدعا تي مڙني کان ٿيندا بہ سال ٽکڙ ۾ (جو ڏکڻ حيدرآباد کان ١٦ ميلن جي مفاصلي تي آهي) قيام فرمايو ۽ ٻن سالن کان پوءِ پنهنجي سموري خاندان ۽ خادمن ۽ خاص مريدن سميت بمبئي جي بحري رستي کان حرمين شريفين ڏانهن اسهيا.

سنہ ١٣٠٠ھ/١٨٨٢ع کان ١٣٠٤ھ/١٨٨٦ع تائين پورا پنج سال حرمين شريفين ۾ گذاريا، مگر اتان جي روحاني بزرگن جي نيڪ مشورن ۽ سنڌ جي مخلص جي اصرارن تي وري سنڌ ۾ اچي ٽکڙ ۾ اقامت اختيار فرمائي ۽ جڏهن ٽکڙ ۾ درياءَ جي اٿل ۽ غرقابي جو خطرو وڌيو تہ ٽنڊي محمد خان جي مشهور جاگيردار مير غلام علي خان صاحب بلوچ ٽالپر مرحوم جي اصرار تي، جو سندن سچو مريد هيو ٽنڊي سائينداد ۾ ڪافي زمينون ڏنيون هيون ۽ اتي وڏو ڪوٽ ۽ مسجد ۽ جايون تيار ڪرائي پنهنجي والد بزرگوار جي رحلت کان پوءِ اچي اتي وطن ڪري ويٺا.

آنکس کہ گفت قصہ تو هم ز تو شنيد

سنڌن تعليم

سنڌن تعليم و تربيت جو بيان خود سنڌن تصنيفات مان ظاهر آهي. ابتدائي تعليم افغانستان جي مشهور شهر احمد شاهي قنڌار ۾ پنهنجي قبلہ گاه فخر المشائخ علامہ عبدالرحمان مجددي قدس سره کان ورتائون، جن جو تولد قنڌار ۾ ١٢٤٤ھ/١٣٢٨ع آهي ۽ رحلت ٽکڙ ۾ ١٣١٥ھ/١٨٩٧ع آهي ۽ مدفن ٽکڙ کان ٻہ ميل اتر طرف گنجي ٽڪر تي آهي، جو پختہ روضہ ۽ زيارت گاه خواص ۽ عوام آهي. ٧١ سال کان زياده سنڌن عمر هئي ۽ پاڻ پنهنجي ڪتاب تذڪرة الصلحا ۾ لکيو اٿن تہ:- سوره انا انزلنا حضرت ملا مير اعظم صاحب علي زئي عليہ الرحمة کان پڙهيا ۽ فارسي جا ڪتاب سندس صاحبزاده

وادي سنڌ جو سياح

(آنڊل صفحي ١٠٦ تان)

سنڌ جي ميدانن کي سيراب ڪندو، منصوري کان ٿيندو ديبل جي ويجهو وڃي عربي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿو. مهراڻ سنڌ لاءِ اهڙي برڪت ۽ فيض جو سرچشمو سمجهيو ويندو آهي، جهڙي طرح نيل درياءَ مصر جي واديءَ جي خوشحالي ۽ آسودگيءَ جو ضامن آهي.

(بشڪريہ ريڊيو پاڪستان، حيدرآباد)

حضرت ملا باز محمد صاحب علي زئي مرحوم کان پڙهيا آهن ۽ سنه ۱۲۹۷هه / ۱۸۷۹ع کان ۱۲۹۹هه/۱۸۸۷ع تائين ٽکڙ ۾ حضرت مولانا لعل محمد صاحب متاروي عليه الرحمة کان تعليم ورتي جن جي رحلت ذيقعد ۱۳۵۳هه ۱۹۳۴ع متاري ضلع حيدرآباد سنڌ ۾ ٿي آهي.

سنه ۱۳۰۰هه ۱۸۸۲ع کان ٻه سال مڪه معظمه جي دوران قيام ۾ حضرت علامه مولانا رحمت الله صاحب سرهندي مهاجر عليه الرحمة جي مشهور مدرسه صولتيه ۾ حضرت مولانا نور صاحب عليه الرحمة کان تعليم ورتي ۽ مڪه معظمه جي مشهور صاحب تصنيف علامه مفتي زيني احمد دحلان کان علم حديث جي سند ورتي ۽ صحيح بخاري پنهنجي والد صاحب کان به پڙهيا هئا ۽ مڪه معظمه جي دوران قيام ۾ سموري عيال ۽ متعلقين جي سموري سار سنڀال سندن ذمي هئي ۽ علم دين حاصل ڪرڻ سان گڏ بلا ناغه عمره ۽ طواف ڪعبه معظمه به روزانه ادا ڪندا رهيا ۽ پنج رڪوع قرآن مجيد جا به ياد ڪندا رهيا تا جو ۲۲ سيپاره اهڙي طرح ياد ڪيائون جو ادب کان پنهنجي والد بزرگوار کي ڪي به خبر ڏنائون متان قرآن مجيد جي حفظ کان روڪي پين ضروري علمن جي حصول لاءِ تاڪيد فرمائي. جڏهن سندن والد ماجد کي خبر ٿي ته گهڻو خوش ٿيا ۽ مولانا لعل محمد صاحب کي سندن قرآن پڙهڻ لاءِ تاڪيد فرمايائون ۽ قرآن مجيد ختم ڪرڻ تي خدائي شڪريه لاءِ گهڻيون خيراتون ڪيائون. ذالڪ فضل الله يوتيه من يشاء. ان واقعي ۾ والدين جي ادب ۽ احترام جو به بي نظير مثال آهه

سچ آهه يه فيضان نظر تها يا ڪه مڪتب ڪي ڪرامت ٿهي. سکهائے جس نے اسماعيل ڪو آداب فرزندي - (اقبال) ۽

جنهن خدمت ڪئي مخدومي جي، شرف کي پهتو ۽ جنهن وڏي جو ادب ڪيو ماڻهن کان الجو ادب ڪرايو ويو.

حجن جي موقعي تي حديث جي سند حاصل ڪرڻ جو شوق

مٿين پنجن سالن جي حجن کانسواءِ سنه ۱۳۲۰هه/۱۹۰۲ع ۾ به حج ۽ زيارت حرمين شريفين کان مشرف ٿيا آهن ۽ وري سنه ۱۳۳۲/هه ۱۹۱۳ع ۾ بصره ۽ بغداد ۽ ڪويت کان قافلن ذريعه حرمين شريفين جو سفر ڪيو اٿن جنهن جو تفصيلي ذڪر پنهنجي فارسي سفر نامه ۾ ڪيو آهي. وري سنه ۱۳۵۲هه ۱۹۳۳ع ۾ آخري حج ادا ڪيو آهي مگر سنه ۱۳۲۰هه ۱۹۰۲ع جي سفر بابت پاڻ لکيو اٿن ته مڪي معظمه جي دوران قيام ۾ هڪ مشهور جليل القدر محدث حضرت شيخ محمد ابو نصر جيلاني دمشقي قدس سره کان سلسله احاديث جي سند حاصل ڪئي ۽ لکي ورتي. محدث موصوف کي سائيون ٻارهن هزار حديثون پوري سند سميت يادهيون ۽ روزانه حرم شريف ۾ حديث جو درس ڏيندا هئا ۽ پاڻ حضرت غوث اعظم سيدنا عبدالقادر جيلاني بغدادي متوفي سنه ۱۵۶۱هه ۱۱۶۵ع قدس سره جي اولاد پاڪ مان هئا :-

اين سعادت بزور بازو نيست
تانه بخشد خدائے بخشنده

”سفر حج جو عجيب واقعه“

انهيءَ سنه ۱۳۲۰هه/۱۹۰۲ع واري سفر حرمين شريفين جو هڪ عجيب واقعو حضور انور عليه الصلوات والسلام جي چشم ديد معجزه بابت لکيو اٿن جو هڪ حافظ حاجي کي موت جي پوئين پساهن ۾ سندس رفيق ۽ قافله وارا ڇڏي ويا ۽ بغير علاج ڪيئن حيرت انگيز طريقه سان شفاياب ۽ بلڪل طاقتور ٿي اسانجي جهاز ۾ پنهنجي رفيقن سان اچي مليو ۽ انجي پوري تفصيل رسالہ تذڪرت الصلحاجي آخر ۾ جيڪي پنهنجي چشم ديد عجائبات قدرت جا ۱۳ واقعا لکيا اٿن، انهن ۾ ڏسڻ گهرجي.

”ٻي سفر حج جو عجيب واقعه“

اهڙي طرح هڪ عجيب واقعه سنه ۱۳۳۲هه/۱۹۱۳ع واري سفر حج بابت به لکيو اٿن جو خاڪي رنگ جهڙا به پکي جو ڪڏهن ٽي به ٿيندا هئا ڪويت کان مڪي شريف تائين ۲۸ ڏينهن اسانجي قافله سان گڏ هلندا رهيا ۽ ٽن چئن ڏينهن کان پوءِ پاڻي جي منزل هٿ ايندي هئي ۽ صبح کان شام تائين قافلو منزل ڪندو هليو ۽ رات جو اهي پکي غائب ٿي ويندا هوا ۽ بغير ڪاڌي پيتي اهي ننڍڙا پکي ۲۸ ڏينهن جيئرا رهيا ۽ لازمي طرح چو اسانجا رفيق ٿي هليا ۽ بعض وقت رات جي اونداهي ۾ به اسانجي سنگت نه ڇڏيائون. گويا قافلہ جا پاڊي گارڊ يا روحاني محافظ ٿي پئي هليا. علاقه نجد جي قصيم شهر ۾ ڪافي آبادي ۽ باغات آهن. چار ڏينهن اسانکي اتي رهڻو پيو ۽ روزانه ڪيترا قافلہ آيا ٿي ۽ ويا ٿي. جڏهن اسانجو قافله روانه ٿيو وري اسانجي رفاقت ۾ شامل ٿي هليا ۽ ڪيئن انهن کي اسانجي هلڻ جي خبر پئي. ”ومايعلم جنود ربڪ الاهو“ خدا تعاليٰ ئي پنهنجي بيشمار (لشڪر) مخلوق جي پيدن کي پوري طرح ڄاڻي ٿو.

”سندن نامور شاگرد“

سندن روحاني ۽ باطني علوم جا بي شمار طالب العلم ۽ شاگرد آهن جن مان ڪن ممتاز مشهور افرادن جو ذڪر حضرت خواجه عبدالله جان صاحب مدظلہ العالي پنهنجي مطبوعه ڪتاب مونس المخلصين ۾ لکيو آهي ۽ ان ڪتاب ۾ پوري تفصيل سان سندن سوانح حيات تي روشني وڌل آهي. ان ۾ علم ظاهري جي ممتاز ۽ نامور شاگردن جي پوري فهرست ۽ تفصيل آهي ۽ منهنجو چشم ديد مشاهدو آهي ته ڪين آخر عمر تائين علوم ديني جي تدريس سان ذاتي محبت هئي. ۱۳۵۳هه/۱۹۳۴ع شاهو ڪلي ڪوئٽه بلوچستان جي دوران قيام ۾ مون کين تفسير جلالين شريف ملا فدائي نظر وغيره ڪتب پڙهائيندي ڏٺو هيو ۽ هڪ دفعو ضلع دادو ۽ لاڙڪاڻي جي سفر ۾ مون کي سنه ۱۳۵۶هه/۱۹۳۷ع ۾ ماهوار رسالہ السلام جي اشاعت جي سلسله ۾ سندن خدمت ۾ رهڻ جو شرف مليو ۽ انهي باقاعده مغرب جي نماز کان پوءِ شرح حڪم مؤلف امام العارفين ابوالفضل تاج الدين احمد بن عطاءالله الاسڪندري قدس سره (وفات ۷۰۹هه) جو درس پنهنجي ذي علم مريدن کي ڏيندي ڏٺو هيو. انهيءَ حلقه درس ۾ جناب قاضي عبدالڪريم صاحب ميهڙائي مرحوم ۽ جناب سيد فضل علي شاه ”پان“ سيد آباد وغيره شامل هوا. مگر هڪ بلند پايه شيخ طريقت ۽ ڪين باقاعده مدرس ٿي رهڻ جي فرصت ئي نه هئي تنهنڪري انهي فريضه جي ادائي لاءِ پنهنجي طرفان ڪئي باقاعده ديني علوم و فنون جا مدرسه قائم ڪرايا هئا. شادي پلي طرف پيهره مدرسه ۽ ڳوٺ گاهي ميهڙ ۾ نوآباد تعلقه لاڙڪاڻي ۾ سندن ئي خاص توجه سان مدرسه قائم ٿيا هوا ۽ خود مونس المخلصين جو مصنف علامه جو نه فقط طريقت ۽ روحانيت جو منبع الفيوض آهي بلڪ علوم دينيه جو وڏو متبحر فاضل ڪامل آهي. مونس المخلصين جي صفحي ۶۵ ۾ پنهنجي بابت لکيو آهي ته مون ڪتاب مشڪوات شريف ۽ ڪجهه صحيح بخاري کائنس پڙهيو آهي. ۽ ان کان پوءِ هڪ رمضان شريف کان ٻئي سال جي شوال تائين ۱۴ مهينا علم حديث جي صحاح ستہ جو پورو دورو سندن خدمت ۾ پورو ڪيو ۽ موطا امام مالڪ ۾ شروع ڪيم مگر پورو نه ٿيو ۽ هي دورو اهڙي نموني پورو

(ڏسو صفحو ۱۱۳)

از:- سيد خادم حسين شاهه (لاڙڪاڻه)

شاهه بهارو - سنڌ جو سورهيه

لاڙڪاڻي جي آڳاٽي عظمت

لاڙڪاڻي ڪسي پنهنجي شاندار حال سان گڏ عاليشان ماضي به آهي. هيءَ سر زمين اڄڪلهه جيئن ملڪ جو مشهور سياسي ۽ ثقافتي حصو مڃيو ادبي ۽ تمدني پاڳو سمجهي رهي تي تيئن هن کان اڳ به ملڪ جو مشهور شهر، حڪومت جو ڪاروباري مرڪز ادب ۽ ثقافت جو اڳرو حصو ۽ تهذيب ۽ تمدن جو قديم ترين خطو ڪري شمار ڪيو ويندو آهي. هن سهڻي سر زمين پرسوين سورهيه سورما، سرويچ سالار ۽ سياسي سر مهرا سمايل آهن. هن مردم خيز خطي حال وانگر ماضيءَ ۾ به گهڻائي اعليٰ حڪمران، بانڪا بهادر، شيرين بيان پر شاعر اديب، سالڪ صوفي، عالم ڪامل، ولي ڪامل ۽ پلاريون بزرگ هستيون پيدا ڪيون آهن. هن ملڪ جي مٽيءَ ۾ سمجهه ۽ سياڻپ، درس ۽ دانائي، علم ۽ عقل، محبت ۽ ملوڪائي جو سرس حصو سمايل آهي. سنڌ جو هيءُ حصو سياسي توڙي سماجي، ادبي توڙي اخلاقي، مذهبي توڙي معاشي ۽ تمدني توڙي ثقافتي ميدان ۾ سنڌ جي سمورن ڀاڱن کان سبقت حاصل ڪندو رهيو آهي. قديم تهذيب ۽ تمدن جو اعليٰ مرڪز

خواجه محمد حسن

(آندل صفحي ١١٢ تان)

ڪيو جو اڳ پاڻ ڪئي ورق پڙهندا هوا ۽ آءٌ پڙهندو هيس وري آءٌ پڙهندو هوس ۽ پاڻ سماعت فرمائيندا هوا.

سندن اهي هم عصر جن سان لاڳاپو هيو

پاڻ پنهنجي هم عصر اهل الله بزرگن جو ذڪر پنهنجي ڪتاب تذڪرة الصلحا ۾ پوري تشريح سان بيان فرمايو اٿن. هي رسالو نهايت قابل قدر ۽ اهڙو مقبول آهي جو اردو ۾ به انجو ترجمو صوفي عبدالرحيم صاحب ڪلڪته واري ڪراچي مان ڇپرائي مفت شايع ڪيو آهي.

خوش قسمتي سان خود حضرت مصنف جي ارشاد موجب ترجمه ڪرڻ جو شرف هن گنهگار محمد صاحبداد عفي عنه کي حاصل آهي. ان رسالي ۾ عربستان ۽ افغانستان ۽ بلوچستان ۽ هندستان کانسواءِ سنڌ جا ڪي قابل ذڪر علما ۽ صلحا به آهن.

(١) حضرت مولانا عبدالرحمان صاحب سکر وارو عليه الرحمة جو هڪ مشهور عالم ولي ڪامل هو.

(٢) حضرت مخدوم محمد صاحب مجذوب سيوهاڻي قلندري عليه الرحمة جو مولانا عبدالرحمان صاحب سکر واري جو استاد ۽ صاحب جذب واري هيو ۽ سنه ١٣١٧هه- ١٨٩٩ع ۾ رحلت فرمايائون.

(٣) حضرت مولانا عطاءُ الله صاحب عليه الرحمة جو مولانا عبدالرحمان صاحب سکرائي جو پاٽيڄو هيو.

(٤) حضرت الحاج السيد مولانا محمد عثمان شاه البخاري السنڌي عليه الرحمة جو ميرپور خاص جي نزديڪ رهندا هوا ۽ سندن انتقال سنه ١٣٢٥هه - ١٩٠٧ع ۾ ٿيو.

(٥) جناب حاجي آخوند سچيڏنه صاحب عليه الرحمة جو بختيارپور تعلقه سيوهڻ سنڌ جا رهاڪو هوا جنهن ١٣١٢هه- ١٨٩٤ع ۾ انتقال ڪيو.

(٦) جناب حاجي محمد اسماعيل صاحب بلوچ نظاماڻي عليه الرحمة نم جي ڳوٺ تعلقه ٽنڊو محمد خان ضلع حيدرآباد سنڌ جا رهاڪو هوا ۽ سنه ١٣٢٠هه ١٩٠٢ع ۾ انتقال ڪيائون.

(٧) جناب ميان محمد هاشم درس عليه الرحمة ڳوٺ ڪلڙي تعلقه ٽنڊو محمد خان سنڌ جا رهاڪو هئا ۽ سنه ١٣٢٠هه- ١٩٠٢ع ۾ انتقال ڪيائون.

(٨) جناب حاجي آخوند عبدالواحد صاحب عليه الرحمة بوبڪ تعلقه سيوهڻ ضلع دادو سنڌ جا رهاڪو هوا.

(٩) حضرت مولانا تاج الدين صاحب چوٽياروي عليه الرحمة جو ضلع سانگهڙ سنڌ ۾ آهي اتان جا مشهور بزرگ هوا ۽ سندن وفات سنه ١٣٣٨هه- ١٩١٩ع ۾ ٿي.

(١٥) جناب حاجي محمد احسان صاحب بلوچ جروار عليه الرحمة جو ڳوٺ جروار تعلقه ٽنڊو الهيار ضلع حيدرآباد سنڌ ۾ آهي ۽ سندن وفات سنه ١٣٢٠هه- ١٩٠٢ع ۾ ٿي آهي.

(١١) جناب حاجي حافظ ميان ابوبڪر صاحب عليه الرحمة سيوهاڻي جو پوءِ حيدرآباد سنڌ ۾ واڍن جي پڙ ۾ اچي رهيا ۽ سنه ١٣١٢هه - ١٨٩٤ع ۾ ۾ وفات ڪيائون.

(١٢) جناب حڪيم سيد الحاج ميران محمد شاه صاحب ٽکڙائي عليه الرحمة جن جو انتقال سنه ١٣٠٩هه- ١٨٩١ع ۾ ٿيو.

(١٣) جناب حاجي سليمان صاحب ٽکڙائي عليه الرحمة جنهنجو انتقال سنه ١٣١٣هه - ١٨٨٩ع ۾ ٿيو.

(١٤) جناب حاجي ميان محمد طيب صاحب ميمڻ جنهنجو انتقال سنه ١٣٣٠هه- ١٩١١ع ۾ ٿيو.

طريقو ۽ طريقت جو سلسلو

سندن سلوڪ ۽ ارشاد جو طريقو پنهنجي مشهور خاندان مجدديه نقشبنديه جي مطابق آهي ۽ انهي طريقه نقشبنديه ۾ پنهنجي قبله گاه والد ماجد حضرت عبدالرحمان صاحب قدس سره جا خليفه مجاز هوا جيئن ته سندن قبله گاه جي مڪتوبات مان ظاهر آهي جو آخر وقت ۾ اهي مڪتوبات تبرڪ ۽ وصيت طور پنهنجي وڏي صاحبزادي حضرت خواجه عبدالله جان صاحب مد ظلهم العالي جي حوالي فرمايائون.

سندن فضل و ڪمال

جنهن جو ذڪر مونس المخلصين ۾ ڏنل آهي ۽ پاڻ پنهنجي وقت جا قطب الارشاد ۽ يگانه شيخ طريقت هوا ۽ بلا مبالغه هڪ مؤادخانه حيثيت ۾ سندن فضل ۽ ڪمال ان مان ظاهر ۽ روشن آهي ته پاڻ هڪ غازي ۽ مجاهد به هوا ۽ رئيس القلم، وڏا متبحر فاضل مصنف به هوا جنهن ڪي سيف السيف ۽ صاحب القلم به چئجي. قرآن پاڪ جا قاري حافظ ۽ مفسر ۽ محدث مستند به هوا ۽ حاجي الحرمين سان گڏ ممالڪ اسلاميه جا سياح ۽ اسلامي فلسفي ۽ مؤرخ به هوا ۽ شعروشاعري جا به ماهر ڪامل هوا مطلب ته: آنچه خوبان همه دارند تو تنها داري جا مثال هوا.

تاريخ ولادت ۽ وفات ۽ ڪٿي مدفون ٿيا

سندن ولادت ٦ شوال سنه ١٢٧٨ هه - ١٨٦١ع آهي ۽ رحلت سومر ڏينهن ٢٠ رجب ١٣٦٥هه - ١٩٤٥ع پنج بجه ظهر ۽ عصر جي وچ ڌاران آهي. سندن مزار گنجي ٽڪر تي پنهنجي قبله گاه جي روضي ۾ لڳ اپرندي طرف آهي ۽ ايهو قبرستان ٽکڙ ضلع حيدرآباد کان به ميل اتر طرف آهي. سندن عمر ٨٦ سال ٧ مهينا ۽ ٢٧ ڏينهن ٿي آهي.

أحب الصالحين ولست منهم
لعل الله يرزقني صلاحا

"موئن جو دڙو" جنهن تي سنڌ کي خصوصاً ۽ هندو پاڪ کي عموماً فخر آهي، سو پڻ هن ئي اعليٰ مرتبت سر زمين تي واقع آهي. آزاديءَ جي تحريڪن، هجرت ۽ ترڪ موالات ۾ هن ئي اعليٰ قربانين جو حامل حصو سڀني کان اڳرو رهيو آهي. سنڌ ۾ علمي ادبي ذوق ۽ ان قسم جي گڏجاڻين ۽ ميڙن جي شروعات پڻ هتان ئي ٿي. لاڙڪاڻي جو آڳاٽو سمو پڻ اهڙو ئي روشن ۽ چمڪدار رهيو آهي، جهڙو هاڻوڪو. هن شهر کي اڳ پڻ اهڙوئي بلند مرتبو ۽ اعليٰ عزت حاصل رهي آهي جهڙي هينئر. سچ ته لاڙڪاڻو ساهه سيباڻو آهي. لاڙڪاڻي جي انهيءَ عظمت جي سبب ئي مشهور آهي ته:-

"اگر بيني بهشت در زمانه بياؤ سير کن در لاڙکانه".(١)

ڪلهوڙا دور حڪومت

ڪلهوڙن جو جد اعليٰ ميان آدم شاهه شهيد جڏهن مخدوم ميران محمد جونپوري جي گاديءَ تي ويٺو ۽ سنڌس مهدوي طريقي جو مرشد ليکجڻ لڳو تڏهن لاڙڪاڻي اچي رهيو. تحفة الڪرام جو بيان آهي ته "بعد سير سرد در موضع هٽڙي تعلقه چاندوکه رحل اقامت افگند. سري جي سئرڪرڻ بعد ڳوٺ هٽڙي تعلقي چانڊڪي ۾ رهڻ لڳو". ميان آدم شاهه هڪ وڏو بزرگ ۽ خدا پرست هيو. گهڻن قومن جا ماڻهو هن جا مريد ٿي ويا هئا ۽ ان سان وابسته هيا. هيءُ بزرگ چانڊڪي ۾ رهندو هيو جو اڄڪلهه لاڙڪاڻي، نصيرآباد ۽ قنبر جي تعلقن تي مشتمل آهي. (٢)

ميان آدم شاهه پنهنجن مريدن ۽ خادمن سوڌو لاڙڪاڻي کي مستقل سڪونت گاهه بڻائي هئي ڪجهه زمين حاصل ڪئي. آخر ڪار نواب عبدالرحيم خانخانان، اڪبراعظم جي ڏينهن ۾ هيءُ پرڳڻو ميان صاحب کي جاگير طور عطا ڪيو. تحفة الڪرام انهيءَ متعلق لکيو آهي ته:

"چون در آن وقت خانخانان نزد ميان آدم شاهه به استمداد دعا آمده التماس نذرے کرد، حسب درخواست کبرا ابره مذکور زميندار ئي زمين چاندو که از انتقال قوم چانديه به وے گرفته داد".

ان وقت خانخانان ميان آدم شاهه وٽ دعا پڻ لاءِ حاضر ٿيو ۽ نذر قبول ڪرڻ لاءِ عرض ڪيائين. ڪبڙ ابڙي جي درخواست تي خانخانان چانڊڪي پرڳڻي جي زميندار ي چانڊيه قوم کان وٺي ميان صاحب جي حوالي ڪئي. (٣)

ميان صاحب جي وڌندڙ اثر ۽ رسوخ ڪري ڪن پاڙيسري زميندارن ۽ سردارن ناظم بکر ۽ حاڪم ملتان وٽ داڻهون ڪيون؟ جنهنڪري ميان صاحب کي گرفتار ڪري شهيد ڪيو ويو.

ميان آدم شاهه کان پوءِ سندس پوٽن ميان الياس ۽ ميان شاهل محمد لاڙڪاڻي کي اوج تي رسايو. ميان الياس پنهنجي مريدن جي جماعت ۽ زميندار ي وڌائڻ لاءِ پنهنجن وڏن کان به وڌيڪ ڪوششون ڪيون ۽ پنهنجي علائقي ۾ ڪافي اقتدار حاصل ڪيو. ميان شاهل محمد ته هن علائقي جي معمار جي حيثيت رکي ٿو. ميان صاحب لاڙڪاڻي جي پيداوار ۽ آبادي وڌائڻ لاءِ گهاڙ واهه کوٽايو، جنهن ڪري پاڻي جي فرواني ۽ سهوليت سبب هيءُ علائقو سرسبز شاداب ۽ آباد ٿي پيو. هر طرف آبادي ۽ باغات سبب لاڙڪاڻي کي "سنڌ جو عدن" سڏيو ويندو آهي. زراعت ۽ آبادي جي وڌڻ ڪري ملڪ جو هيءُ حصو خوشحال ۽ آسوده ٿيڻ لڳو. ايتري تائين جو ائين مشهور ٿي ويو ته:

"هجيئي ناڻو ته گهم لاڙڪاڻو؛ نه ته وٽ ويگاڻو".

ميان شاهل محمد گهاڙ واهه جي ٻنهي ڪنارن وارين زمينن اڙن ۽ سانگين کان ڪسي ورتيون جنهن ڪري لڙائي لڳي ۽ ميان کي شهيد ڪيو ويو. ميان شاهل محمد کان پوءِ وري ميان يار محمد خان بختاور خان جي پاءِ ملڪ الله بخش کان لاڙڪاڻو ورتو. (٤) ڪلهوڙن جي مکيه حڪمران ميان نورمحمد لاڙڪاڻي کي پنهنجي گادي جو هنڌ مقرر ڪيو. هنن ڏينهن ۾ لاڙڪاڻو پنهنجي عروج ۽ عظمت جي ڪمال تي هيو. انهيءَ دور ۾ ئي شاهه بهارو ميان صاحب جو بهادر سالار ۽ جرنيل ۽ نائب ٿي گذريو آهي.

شاهه بهارو

شاهه بهارو ۽ سندس وڏا پڻ ڪلهوڙن جي حلقهءِ عقيدتمندي ۾ داخل هئا. سندس وڏو پاءُ مقصود فقير پڻ ميان يار محمد جو بهادر سالار هو. ميان نورمحمد ۽ قلات جي بروهين جي وچ ۾ جا لڙائي لڳي، شاهه بهاري تنهن ۾ هڪ سورمي جي حيثيت حاصل ڪئي. ميان نور محمد پاڻ لاڙڪاڻي ۾ ويهي رهيو ۽ پنهنجن سردارن کي عبدالله خان سان جنگ ڪرڻ لاءِ موڪليائين. "شاهه بهارو ۽ مراد گنجهه نائب گنجابهه سنده ۽ ڪاڇي جو پورو لشڪر وٺي لڙائي لاءِ آيو".(٥) "شاهه بهارو هن فوج جو سالار هيو. هيءَ فوج فتح پور ۽ ڪنوري ٿيندي لاڙڪاڻي پهتي ۽ ان جو تعداد چاليهه هزار هيو. شاهه بهاري کان سواءِ چام لندو، مير بهرام، ميرچاڪر، شاهه علي سلطان، خيرو دادو وغيره هن ۾ شامل هيا... بهرحال سخت لڙائي کان پوءِ عبدالله خان مارجي ويو". (٦) تحفة الڪرام ۾ پڻ لڙائي جو احوال ملي ٿو ته "اتفاقاً سال ١١٤٤ ۾ بروهين جي هڪ قوم عهدشڪني ڪري فريدآباد جي پرواري ڪاڇي زمين کي ڦريو، جنهن تي (ميان نور محمد) پاڻ پنهنجي سر انتقام وٺڻ جي خاطر لاڙڪاڻي ۾ منزل انداز ٿيو ۽ نامور سردارن کي امير عبدالله خان سان جنگ ڪرڻ واسطي موڪليائين. چند پهر ۾ جتي مير عبدالله خان اڳرائي ڪري آيو هو ٻنهي ڌرين جو ٽڪر ٿيو. هو (مير عبدالله) رستم جهڙي جنگ کان پوءِ مارجي ويو، ۽ آئينده لاءِ بروهين جو زور ٽٽي پيو". هن لڙائي ۾ جيئن ظاهر ٿيو ته ميان نور محمد جي لشڪر جو سپهه سالار ۽ سندس نائب شاهه بهارو هيو ۽ سندس جرئت ۽ بهادري ڪري ئي ڪلهوڙن جنگ کٽي ۽ عبدالله خان مارجي ويو. هن پڌ بابت سگهڙ جمن چارڻ پڻ بيت چيا آهن، جن مان هڪ بيت ۾ شاهه بهاري جي بهادري جي ساراهه ڪندي چيو اٿس ته:-

"پاڙي بهارو شاهه، کٽي ويو شير ڪٿون".(٧)

مرزا قليچ بيگ مرحوم شاهه بهاري جو احوال ڏيندي لکيو آهي ته:- "(ڪلهوڙن) چانڊڪي ۾ هڪڙو نائب رکيو، جنهن جو نالو شاهه بهارو هو ۽ جنهن جي قبر اڄا اتي آهي. جڏهن نور محمد ڪلهوڙي انهيءَ پاسي ملڪ وڌايو، تڏهين چانڊڪو يا لاڙڪاڻو وڏو شهر شمار ۾ اچڻ لڳو... هڪڙو جهونو قلعو به اتي هوندو هو جو ڪلهوڙن جوڙايو هو... مٿيون شاهه بهارو ميان نورمحمد جو وزير يا نائب هو ۽ ڏهه هزار ماڻهو سندس همٿ

(١) ڪلام هوت بلوچ - فارسي نسخو (٢) لب تاريخ سنڌ - خداداد خان (٣) تحفة الڪرام جلد سوم (٤) قديم سنڌ - مرزا قليچ بيگ (٥) تاريخ بلوچستان (٦) نامه نفر- بحواله تاريخ سنڌ- عهد ڪلهوڙا (٧) مضمون "جمن چارڻ"- جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ.

Scanned with CamScanner

۾ هوندا هئا. سنه ۱۱۸۸ هه (۱۷۷۳ع) ۾ وفات ڪيائين، جو سال سندس قبي تي لکيل آهي. اهو قبو ميان غلام شاهه ڪلهوڙي ٺهرايو هو. (۱)

سنڌ گزيٽيئر ۾ ائين لکيو آهي ته: ”شاهه بهارو نور محمد ڪلهوڙي جو وزير هوندو هو، جنهن هتي (لاڙڪاڻي) حڪومت ڪئي ۽ جنهن جي حڪم هيٺ ڏهه هزار ماڻهو هوندا هئا. ائين پيو لڳي ته هن ۱۷۳۵ ۾ وفات ڪئي.“

تحقيق ڪندي شاهه بهاري جي مجاورن وٽ هڪ فارسي نسخو نظر مان گذريو، جنهن ۾ هڪ شاعر هوت بلوچ جو تعارف ڪرايو ويو آهي، جو چيو وڃي ٿو ته شاهه بهاري جو خاص خادم هيو. هن نوٽ مان شاهه بهاري جو ٻه ڪجهه احوال ملي ٿو، جنهن ڪري جنسي عبارت هيٺ لکجي ٿي:

”شاه بهارا يک بزرگ بهادر و بلاغت انتظام داشتن و صلاحيت حکمراني دارنده نائب بود... نيک سيرت و صورت وخدا ترس شخص بود. در مملکت ميان نور محمد چون ملک افزوده شد در آن وقت زير حکمراني ايں نائب لاڑکانه در مشهور حصص ملک شمار کرده مي شود. زير حکم شاه بهارا جمله بسيت و پنج هزار سپاهيان لشکر مي ماندند. جمله هشتاد و چهار جنگهائے کرد. خدا او را در همه ظفر و نصرت نصيب کرد. در سنه يک هزار و يک صد و پنجاه وفات يافت. از خادمانش هوت بلوچ يک مشهور شاعر در زبان فارسي بوده است ...“

شاهه بهارو هڪ وڏو بهادر ۽ انتظام رکڻ جي قابليت ۽ حڪومت هلائڻ جي صلاحيت رکندڙ نائب هو. نيڪ صورت ۽ سيرت ۽ خدا ترس شخص هو. ميان نور محمد جي حڪومت ۾ جڏهن ملڪ کي وڌايو ويو، تڏهن ان وقت هن نائب جي حڪمرانيءَ هيٺ لاڙڪاڻو ملڪ جي مشهور حصن ۾ شمار ڪيو ويندو هو. شاهه بهاري جي حڪم هيٺ جملي ۲۵ هزار سپاهين جو لشڪر رهندو هو. ڪل ۸۴ جنگيون ڪيائين جن سڀني ۾ خدا کيس فتح ۽ نصرت نصيب ڪئي. سنه ۱۱۵۰ هه ۾ وفات ڪيائين. سندس خادمن مان هوت بلوچ فارسي زبان جو هڪ مشهور شاعر ٿي گذريو آهي.“

مٿين حوالن مان ڪافي روشني پئي ٿي ته ميان نور محمد جو هيءُ نائب هڪ وڏو بهادر جرنيل ۽ سورهيه سورمو ٿي گذريو آهي. ڪلهوڙن جي حڪومت جي اڪثر لڙائين ۾ اڳرو رهيو ۽ سندس دليري سبب ڪاميابي حاصل ٿي. خاص ڪري بروهين خلاف جنگ ۾ پاڻ چڱو موڪيائين. جملي ۸۴ جنگيون ڪيائين، جن سڀني ۾ کيس فتح حاصل ٿي. مٿين حوالي موجب سندس حڪم هيٺ ۲۵ هزار، پر گزيٽيئر ۽ قديم سنڌ جي بيان موجب سندس هٿ هيٺ ۱۰ هزار سپاهين جو وڏو ڪٽڪ رهندو هيو. شاهه بهاري پنهنجي وقت ۾ لاڙڪاڻي کي ترقي ڏيارڻ جون ڏاڍيون ڪوششون ۽ سعيو ڪيو. پاڻ ڪيترائي قلعا ٺهرايائين ۽ شهر ٻڌايائين. لاڙڪاڻي جي اوڀر ۾ سندس قبي جي ڏکڻ ۾ گهاڙ واهه جي ڀر پر بهار پور جو ڳوٺ به سندس ئي ٻڌايل آهي. ڳوٺ بهار پور لڳ هڪ ڦٽل قلعي جا آثار اڃا تائين موجود آهن، جو شاهه بهاري جي رهائش طور ڪم ايندو هيو. قلعو اٽڪل ۳۰ جريبن ۾ ٿيندو، جنهن کي چوڌاري وڏيون ديواريون ۽ چئني ڪنڊن تي چار مارا هوندا هئا جي هينئر ناس ٿي ويا آهن.

آمد و رفت جي سهوليت خاطر هن نائب جي وقت ۾ گهڻائي رستا ٺهيا ۽ آبادي جي وڌائڻ لاءِ واهه کوٽايا ويا. ”شاهه جي ڪور سندس مشهور کوٽايل واهه آهي جو سندس نالي پٺيان سڏجي ٿو.“ (۲) شاهه بهاري لاڙڪاڻي کي پنهنجي ترقي ۽ اوج جي ڪمال تي رسايو ۽ لاڙڪاڻي جي رونق تمام گهڻي وڌي وئي.

سندس وفات ۽ مقبرو

سندس وفات جو سال فارسي نسخي جي روايت موجب ۱۱۵۰ هه آهي ۽ گزيٽيئر جي حوالي ۾ ۱۷۳۵ عيسوي ڏيکاريو آهي. مرزا قليچ بيگ وفات جو سن ۱۱۸۸ هه (۱۷۷۳ع) غلط ڄاڻايو آهي، جو درحقيقت مقبري جي ٺهڻ جو سن آهي جيئن جو مقبري تي لڳل ڪتبن مان پڻ ظاهر ٿئي ٿو. سندس وفات ۵۰-۱۱۴۹ هجري (۳۶-۱۷۳۵ع) ڌاري ٿي آهي. جنهن ڪري قلمي نسخي ۽ گزيٽيئر وارو ڏنل سال ئي صحت جي قريب آهي. پاڻ پنهنجي پوئتان چار فرزند ڇڏي ويا، جن مان ”نامه نفر“ هڪ جو نالو مقصود خان ۽ ٻئي جو فتح خان ٻڌائي ٿو. (۳)

سندس مقبرو لاڙڪاڻي شهر لڳ گهاڙ واهه جي ڀر تي آهي. هيءُ مقبرو ميان غلام شاهه ڪلهوڙي سنه ۱۱۸۸ هه (۱۷۷۳ع) ۾ جوڙايو. (۴) مقبري جي عمارت ۷۵ فوٽ چورس آهي، جنهن تي ۳۹ چورس فوٽن جو قبو آهي. مقبري جي اوچائي ۴۸ فوٽ آهي جو وري زمين کان اٽڪل ۱۰ فوٽ مٿي ٿلهي تي تعمير ٿيل آهي. سندس مقبرو عاليشان آهي جنهن تي ڪاشيءَ جو بهترين ڪم ٿيل آهي جو هن وقت خبر گيري نه هجڻ سبب ناس ٿي ويو آهي. جيئن گزيٽيئر لکي ٿو ته: ”هن (شاهه بهاري) جو قبو جو جلدي ناس ٿي رهيو آهي، ڪاشيءَ جي چوڪنڊاري سرن سان سينگاريل آهي. شاندار قبي جي ٻاهران هلڪو آسماني ۽ خاڪي ۽ سائو ۽ اندران فرشي سرون ۽ نقاشيءَ جو ڪم ٿيل آهي. مقبري جو وڌيڪ وڻندڙ خدو خال رنگين سرن جو هڪ اٺ ڪنڊو روشندان آهي، جو قبي جي مٿان آهي ۽ سنڌ ۾ هڪ غير معمولي شيءِ آهي. در تي پڻ عمدو نقش اڪريل آهي. قبي جي اندرئين پاسي هڪ فارسي ڪتبو ڏيکاري ٿو ته هيءُ مقبرو ۱۱۸۸ هجري (۱۷۷۳ع) ۾ ٺاهيو ويو هو. هيءُ غلام شاهه ڪلهوڙي جو ٺهرايل آهي جنهن شاهل محمد جو قبو قمبر پرسان پڻ ٺهرايو.

شاهه بهاري جي مقبري جي ٻاهرئين دروازي تي هيٺيون ڪتبو لکيل آهي جنهن مان پڻ مقبري جي ٺهڻ جو سال ۱۱۸۸ هه چٽيءَ طرح ملي ٿو:

”عجائب گنبدي در زير گردون
ثريا وار حسنش جمع گشت است.
بود شاه بهار از صاحبش نام.
که در دنيا بجز نيکي نه کشت است.
بهار است اين به گنبد در تماشا
جهان گويد که اين خرم بهشت است.
ز تاريخش چو پرسيدم گفتند،
هزار و يکصد و هشتاد و هشت است.“

مقبري ۾ اندر گهڻيئي قبرون آهن، جن ۾ شاهه بهاري جي مزار مڙني ۾ مٿاهين آهي. ٻين قبرن لاءِ چيو ويندو آهي ته سندس عزيز ۽ قريب دفن ٿيل آهن. مقبري جي اندر محراب تي هيٺيون ڪتبو لڳل آهي.

”گنبد شاه بهارا چه زهي
ليک سير شت،

(ڏسو صفحو ۱۱۶)

(۱) قديم سنڌ مرزا قليچ بيگ. (۲) سنڌ جون اقتصادي حالتون - ڊاڪٽر ڇٻلاڻي. (۳) نامه نفر - بحواله تاريخ سنڌ - دور ڪلهوڙا. (۴) سنڌ گزيٽيئر.

ابن خلدون جو تعليمي فلسفو

(از:- شفيع محمد ريڊر سنڌ يونيورسٽي)

ابوزيد ولي الدين عبدالرحمان ابن محمد ابن خلدون ٢٧ مئي ١٣٣٢ع ۾ ٽيونس شهر ۾ تولد ٿيو. هن جي خاندان جو تعلق ڏکڻ عربستان جي هڪ ڪندا قبيلي سان هو. ابن خلدون جي زندگيءَ جو اڪثر حصو آفريقا ۾ گذريو. هن جي والد بزرگوار ١٣٤٩ع ۾ وبا جي بيماريءَ ڪري ٽيونس ۾ وفات ڪئي. ٢٠ ورهيه جي عمر ۾ هيءُ شاهي دربار ۾ سيڪريٽريءَ جي عهدي تي فائز ٿيو ۽ مسلسل ٢٢ورهن تائين اهو عهدو ماڻيائين. هن پنهنجيءَ زندگيءَ ۾ ڪئين ڪمالا ڪيا ۽ ڏايا ڏک ڏاکڙا ڏٺا. ڪڏهن هڪ صلاحڪار اعظم جي حيثيت ۾ رهيو ڪڏهن ڪاتب تي گذاريائين ته ڪڏهن قاضيءَ جو مرتبو ماڻيائين. ڪڏهن بادشاهن وٽ سرفراز رهيو ته ڪڏهن اهي ڪيس مشڪوڪ نگاهن سان ڏسندا رهيا. ڪجهه عرصو زندان ۾ به ڪاٽيائين. هر انهن سڀني تجربن مان هن کي ڪافي معلومات حاصل ٿي جنهن جي بناء تي هن پنهنجو نظريه سياسات و اقتصاديات پيش ڪيو. هن آخر ١٤٠٦ع ۾ قاهره ۾ وفات ڪئي.

ابن خطيب جي قول مطابق ابن خلدون ڪيترائي ڪتاب لکيا. جيئن ته ابن رشد جي تصنيفات جو اختصار، فخرالدين رازيءَ جي ما بعد طبعيات، رياضيات ۽ منطق و غيره جو اختصار. پر هن جي اڪثر تصنيفات گم ٿي ويل ٿي ڏسجي. هن جو فقط هڪ ڪتاب بنام ڪتاب العبر موجود آهي جنهن ۾ عربن، ايرانين ۽ بربرن جي تاريخ جو ذڪر ڪيل آهي. ابن خلدون جو مقدمون هن ڪتاب جو هڪ حصو آهي. هن کي نه فقط عمرانيات جوابو شمار ڪيو وڃي ٿو مگر فلسفه تاريخ ۾ به هيءُ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. اقتصاديات ۾ هن پاڻ چڱو موکيو آهي. هن کي اقتصادي ماهرن جو اڳوان ڪوٺجي ته به بجاءِ ٿيندو. هن جي سياسي بينائي ۽ بصيرت اينتري ته گهري ۽ گهاٽي هئي جو مختلف بادشاهن جي بدل سدل مان هن سياست جا نوس قانون اخذ ڪيا آهن جي اڄ به ڪارگر ٿي سگهن ٿا.

فن تعليم ۾ هن هستيءَ جي دوررس دوربين نظر تعليم جي هر پهلوءَ تي پهتي ۽ هن فن تعليم لاءِ چند اصول مرتب ڪيا جن تي اڄ به يورپ عمل ڪري رهيو آهي.

ابن خلدون چوي ٿو ته تعليم جو مقصد آهي ٻارن ۾ صحيح فڪر ۽ فهم جي صلاحيت پيدا ڪرڻ. فهم ۽ فڪر ئي آهن جي انسان کي حيوان تي متميز ڪن ٿا. ابن خلدون جو خيال آهي ته فڪر جي ڪري ئي انساني تهذيب ۽ تمدن ۾ نشو و نما ٿئي ٿو ۽ علم جي ترقيءَ جو راز فڪر ۾ مضمر آهي. شاگردن کي مشورو ڏيندي چوي ٿو ته فڪر هڪ پاڪ خزانو آهي جنهن کي پرڻ لاءِ هر شاگرد کي هر ممڪن ڪوشش ۽ ڪاوش ڪرڻ گهرجي. اڳتي هلي چوي ٿو ته فڪر تڏهن وجود ۾ اچي ٿو جڏهن نفس انسان جي مغز کي حرڪت ۾ آڻي ٿو. انهيءَ حرڪت ڪري انسان جا اعمال ۽ افعال نظام ۾ اچن ٿا. ٻري ۽ ڀلي ۾ تفاوت به فڪر جي ڪري ئي معلوم ڪري سگهجي ٿو.

ابن خلدون ڳالهيون رٽائڻ جي قطعا خلاف آهي جيئن عام طرح اسان جي سڪولن ۾ مروج آهي. رٽائڻ ڪري ٻارن جي ذڪاوت ۽ ذهانت ۾ ڪا ترقي ڪانه ٿي اچي. انهيءَ زماني جي مسلمان شاگردن جي حالت بيان ڪندي لکي ٿو ته رٽڻ جي ڪري منجهانئن احساس ۽ ادراڪ جو معدوئي لڪريو وڃي. منجهس نه تفتيش جي صلاحيت رهي ٿي ۽ نه ورڪي تجسس جو جذبو. اهڙا شاگرد فقط ٻين جا تفسير بر زبان ياد ڪن ٿا جن مان سندن ذهن روشن نٿو ٿئي. هيءُ صاحب شاگردن کي تلقين ڏيندي چوي ٿو ته هنن کي ٻين جا تفسير پڙهڻ نه گهرجن بلڪ ڪين انهن مسئلن تي خود غور ۽ فڪر ڪرڻ گهرجي. ٻين جا تفسير پڙهڻ ڪري هو سدائين ٻين تي ڀاڙڻ جي عادت سکن ٿا جنهن مان سندن ذڪاوت تي زنگ چڙهيو وڃي ۽ اهي تخليق جي عالم ۾ قدم رکي نٿا سگهن. اهڙي قسم جي تعليم کي صحيح تعليم سڏي نٿو سگهجي. موجوده دؤر ۾ به فڪر تي زور ڏنو وڃي ٿو جو ابن خلدون صديون اڳي چئي ويو آهي.

سکيا متعلق به هڪ باريڪ نقطو ٻڌايو اٿس. صاحب موصوف چوي ٿو ته جيڪو به فعل انسان ڪري ٿو تنهن جو اثر ان جي دل تي پوي ٿو. جڏهن اهو فعل دهرايو وڃي ٿو تڏهن ان جو اثر به زائد ٿيڻ لڳي ٿو. گهڻا ڀيرا دهرائڻ ڪري انسان جي دل ۾ هڪ "ملڪو" پيدا ٿئي ٿو جنهن ڪري اهو ڪم ٻئي ڀيرا ڪرڻ آسان ٿيو پوي. هاڻوڪا علم نفسيات جا ماهر به ساڳيو اصول بيان ڪن ٿا جو ابن خلدون ١٤ صديءَ ۾ پيش ڪيو.

ابن خلدون چوي ٿو ته ٻار جو طبعي رجحان ڪن خاص ڪمن ۽ فنن ڏانهن رهي ٿو. جيڪڏهن ڪنهن ٻار کي ڪنهن فن ۾ خاص ميل ۽ دلچسپي آهي ته اهو انهيءَ ئي فن ۾ ترقي ڪري سگهندو ۽ ٻين فنن ۾ هو ايترو ڪمال نه ڪري سگهندو. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن هن جو لاڙو درزڪي ڪم ڏانهن آهي ته هو سٺو واڍو نه ٿي سگهندو. تنهن ڪري اسان کي گهرجي ته هر ڪنهن ٻار کي پنهنجي پنهنجي هنر يا فن پسند ڪرڻ لاءِ آزادي ڏيون جيئن هو پنهنجين صلاحيتن کي پايه تڪميل تائين پهچائي سگهي. هيءُ صاحب ائين به چوي ٿو ته هنرن ۽ فنن جي ترقيءَ جو دارو مدار ڪنهن خاص ماحول تي آهي تنهن ڪري صنعتي تعليم شهرن ۾ ڏيڻ گهرجي ۽ زراعتي تعليم ڳوٺن ۾ ڏيڻ گهرجي.

اخلاقي تعليم متعلق ابن خلدون جو رايو آهي ته ٻارن کي اهڙي تعليم ڏيڻ گهرجي جهڙا هارون الرشيد پنهنجي پٽ

(ڏسو صفحو ١١٧)

شاهه بهارو

(آندل صفحي ١١٥ تان)

"ڪاتب از جود و صفاتش همه
بر لوح نوشت.
خادمش هوت ز تاريخ
عمارت برسيد،
هاتفش گفت که وه بيشڪ
محسود بهشت."

١١٨٨هه

سنڌ جو هيءُ سورهيه سالار ۽ سورمو، جنهن هن حصي تي حڪومت ڪئي ۽ جنهن جي دٻدٻي ۽ حڪومت جي هيڏي ساري هاڪ هئي، سو اڄ اهڙي ڪسمپرسي جي حالت هيٺ گوشهء گمناميءَ ۾ سنتل آهي!

فاعتبروا يا اولي الابصار

حضرت شاه ولي الله ۽ اسلامي فقه

(از:- غلام حسين جلباڻي، عربي پروفيسر، سنڌ يونيورسٽي - حيدرآباد)

دنيا جي حالتن جو ته ڪو ڪاٿو ئي ڪونهي ۽ فقهي مسئلا ڏينهون ڏينهن نت نوان پيدا ٿين ٿا جن جي باري ۾ الاهي احڪامن کي سمجهڻ لاءِ فقط حديثون ڪفايت ڪري نه ٿيون سگهن، تنهنڪري ان کانسواءِ ٻيو ڪو چارو ئي ڪونهي ته مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ اجتهاد کان ڪم ورتو وڃي. (المصفي ص ١١:- .. اجتهاد در هر عصر فرض بالڪفايته است... صرف احاديث جميع احڪام را ڪفايت نميڪند).

حضرت شاه صاحب فقه ۾ جامد تقليد جو سخت مخالف هو ۽ هن فقهي جمود کي اجتهاد سان بدلائڻ تي گهريو ان ڪري هن حديث جي مطالعي ۽ ان جي تحقيق تي گهڻو زور ڏنو. سنڌس چوڻ هو ته جيڪڏهن ڪنهن عالم کي حق جي ڳالهه ٻئي امام جي مذهب ۾ نظر اچي ته ان حالت ۾ هو تقليد کي ڇڏي نه ٿو ته اهو ڪرڻ هڪ ڀڌري گمراهي آهي. (التفهيمات :- ولو ان حديثا صح و شهد بصحته المحدثون... ثم لم يعمل به ... فهذا هو الضلال البعيد).

امام ولي الله جي اها دلي خواهش هئي ته چئن مذهبن درميان جي فروعي جهيڙا آهن سي هميشه لاءِ ختم ٿي وڃن، تنهنڪري سنڌن چوڻ هو ته شافعي ۽ حنفي مذهب جي گهڻو مشهور آهن تن کي ملائي هڪ ڪيو وڃي ۽ اختلاف جي حالت ۾ امام مالڪ جي موطاء کان نياڪڙ جو ڪم ورتو وڃي، ڇالاءِ جو ان ۾ باهمي اختلافن کي مٽائڻ لاءِ هڪ بنياد ملي وڃي ٿو. ان جون حديثون نهايت معتبر آهن. حديثن جي سڀني ڪتابن ۾ اوليت ۽ برتري ان کي حاصل آهي ۽ هن وقت ان بغير اجتهاد جو دروازو ئي بند آهي. [تفهيمات جلد اول ص ٢١١-٢١٢:- ... و ما لا هيچ ڪتابي ڪه مقصد وم باشد و نظر مجتهدانه در آن ڪرده باشد طبقته بعد طبقته غير موطا نيست).

شاه صاحب ماڻهن جي بعض غلط فهمين دور ڪندي فرمائي ٿو ته فقه جا هينيان اصول، ائمه جي ڪلام مان متاخرين استنباط ڪيا آهن. حالانڪ امام ابوحنيفه يا صاحبين کان انهن بابت ڪا به اهڙي صحيح روايت منقول نه آهي.

(١) خاص، پنهنجي حڪم ۾ خود واضح ۽ مبين آهي، ان سان ڪو به تشريحي بيان ملحق نه ڪيو وڃي.

(٢) غير فقيهه جي روايت جيڪڏهن اصول ۽ قياس جي خلاف هجي ته پوءِ اهو واجب العمل نه آهي وغيره.

هاڻي انهن جو پهريون اصول، دراصل متقدمين جي انهيءَ نصل مان ورتو ويو آهي، جو انهن آيت "واسجدوا وارڪعوا" جي بنياد تي نماز ۾ صرف رڪوع ۽ سجدن کي فرض قرار ڏنو ۽ اطمئنان کي فرض مقرر نه ڪيو؛ حالانڪ حديث ۾ هي ارشاد موجود هو ته ماڻهوءَ جي نماز ايستائين نه ٿي ٿئي جيستائين هو رڪوع ۽ سجدن ۾ پنهنجي

ابن خلدون جو تعليمي فلسفو

(آندل صفحي ١١٦ تان)

محمد الامين کي ڏياري هئي. هارون الرشيد سنڌس استاد کي چيو ته تون منهنجي پٽ کي سيکار ته هو خاص موقعن تي سلو ڳالهائي سگهي ۽ گهٽي کلڻ کان باز اچي ۽ فقط مناسب موقعن تي کلي. هو وڏن جي عزت ۽ احترام ڪري جڏهن اهي ڪيس ملڻ اچن.

سيکارڻ جي طريقن متعلق صاحب موصوف چوي ٿو ته مضمون جي سيکارڻ ۾ تڪڙ نه ڪجي بلڪ آهستي آهستي هلجي. پهريائين سوليون ڳالهيون سيکارڻ گهرجن ۽ هميشه اهو خيال رکجي ته جيڪي ڳالهيون سيکارجن سي ذهني سطح کان مٿي نه هجن. جيڪڏهن ڳالهيون ٻار جي ذهني سطح کان مٿي هونديون ته ٻار کي انهيءَ ڪم ۾ دلچسپي پيدا نه ٿيندي بلڪ انهيءَ ڪم لاءِ شايد حقارت پيدا ٿئي. ٻي ڳالهه جا غور طلب آهي سا هيءَ آهي ته پهريائين ٻار کي مضمون متعلق مختصر ٻڌائجي ۽ پوءِ تفصيل پيش ڪجن. مثلاً جيڪڏهن تاريخ جو مختصر احوال ٻڌائجي پوءِ آهسته آهسته تفصيلات سيکاريا وڃن. انهيءَ طريقه کي انگريزيءَ ۾ (Concentric Method) سڏبو آهي. صاحب موصوف جي راءِ آهي ته ڪم هڪ ئي وقت نه سيکارڻ گهرجن. ائين ڪرڻ سان ٻار جو ڌيان ٻنهي ۾ تقسيم ٿي ويندو ۽ ٻار شايد ٻنهي مان دلچسپي وڃائي ويهي. ٻار کي گهرجي ته جنهن به وقت ڪيس مشڪل مسئلو پيش اچي ته هو خدا ڏانهن متوجهه ٿئي. ائين ڪرڻ سان اندروني روشني سنڌس رهنمائي ڪندي ۽ مسئلو آسان ٿي پوندو. شاگردن کي وڏيڪ تلقين ڏيندي چوي ٿو ته سندن ڌيان فقط لفظن ڏانهن نه هئڻ گهرجي بلڪ انهن لفظن ۾ جيڪو خيال پوشيده آهي تنهن کي پروڙڻ گهرجي.

درسي ڪتابن تي راءِ زني ڪندي ابن خلدون چوي ٿو ته ڪتاب بلڪل ڏکيا ۽ مختصر نه لکڻ گهرجن. اهڙا ڪتاب حفظ ڪرڻ ۾ برابر مدد ڪن ٿا بلڪ ٻارن جي ذهني صلاحيتن ۾ خير ڪو اضافو ڪن ٿا. ڪتاب آسان ۽ ٻارن جي ذهني نشوونما مطابق هئڻ گهرجن. اهڙا ڪتاب ٻارن ۾ ذوق ۽ دلچسپي پيدا ڪندا.

جسماني سزا متعلق هيءُ صاحب چوي ٿو ته جسماني سزا جو ٻار تي ڏاڍو برو اثر پوي ٿو. ٻار جا حوصلا خطا ٿيو وڃن. ٻارن جي ذهانت ۽ ذڪاوت کي به ڪاري ضرب پهچي ٿي ۽ سندن امنگن کي به ڌڪ ٿو لڳي. جسماني سزا کان بچڻ لاءِ ٻار ڪوڙ ڳالهائين ٿا ۽ ٻيون به ڪيتريون بريون عادتون پيدا ٿين ٿيون. البته ننڍن ٻارن لاءِ ڪڏهن ڪڏهن هيءُ صاحب جسماني سزا تجويز ڪري ٿو.

هيءُ تعليمي سير و سفر جو ڏاڍو قائل آهي ۽ چوي ٿو ته اهڙن سيرن ڪري شاگردن ۾ سٺا اخلاق مثلاً:- مهمان نوازي، ڪشاده دلي، حوصلو وغيره پيدا ٿين ٿا. ثقافتي ڏي وٺ جو به ڏاڍو سٺو ذريعو آهن. اهڙن گشتن ڪري شاگرد مختلف ملڪن جي شاگردن ۽ استادن سان ملن ٿا ۽ سندن علم ۾ اضافو ٿئي ٿو ۽ شخصيت بلند ٿئي ٿي.

اهڙيءَ طرح ابن خلدون تعليم جي مکيه پهلوئن تي ڪافي کان زياده روشني وڌي آهي ۽ مسلمانن جي تعليمي سلسلن ۾ جيڪي ڪمزوريون ۽ ڪچايون خاميون ۽ خرابيون هيون تن جو صحيح جائزو ورتو اٿس ۽ انهن ڪمزورين کي دور ڪرڻ لاءِ علاج ڏسيو اٿس جنهن تي عمل ڪرڻ بعد اڄ به اسين پاڪستان ۾ استفاده حاصل ڪري سگهون ٿا.

ھڻيءَ کي پوريءَ طرح سڃاڻون نہ ٿو ڪري. هن معاملي ۾ متقدمين، جو مسلڪ اختيار ڪيو، تنهن مان متاخرين هڪ ڪلي قاعدو ڪڍي وضع ڪيو؛ مگر ڪيترن معاملن ۾ هو خود پنهنجي ان مقرر ڪيل قاعدي کي ٽوڙيندا رهن ٿا. آيت ”وامسحوا برؤسڪم“ ۾ فقط مٿي تي مسح ڪرڻ جو حڪم آهي، انهيءَ جي ڪا حد مقرر ڪئي ڪانہ ويئي آهي. ”وامسحوا“ جو لفظ خاص آهي. مذڪور قاعدي جي روءِ کان ٿيڻ تہ هيئن کپند و هو تہ مٿي جي مسح بابت مطلق فرضيت جي فتوا ڏني وڃي ها، مگر حنفي هتي پنهنجي اصلي قاعدي جي پابندي نہ ٿا ڪن، ۽ هڪ حديث جي بنياد تي جنهن ۾ آيل آهي تہ آنحضرت صلعم جن پيشانيءَ (ناصيتہ) جو مسح فرمايو . مسلم جي لاءِ مٿي جو چوٿون حصو حد مقرر ڪري ڏين ٿا. هاڻي سوال هي آهي تہ هتي خاص حڪم کي هن تشريح سان ڇو ملحق ڪيو ويو؟

(۲) حديث ”مصرات“ ۾ ائمہ سلف، جو رستو ورتو آهي، تنهنجي پيش نظر متاخرين هي ڪلي اصول بنائي ڇڏيو تہ جڏهن ڪوئي غير فقيہ راوي اهڙي حديث جي روايت ڪري جا قياس سان ٽڪر ڪائيندي هجي تڏهن اها واجب العمل نہ ٿيندي. مگر اصول جي انهن ئي واضعين، حديث قهقهہ کي، جا قياس جي بہ خلاف آهي ۽ هڪ غير فقيہ راويءَ جي روايت بہ آهي، واجب العمل ڄاڻيو ۽ فتوا ڏني تہ نماز ۾ وڏي آواز سان کلڻ جي ڪري نماز سان گڏ وضو بہ ڀڄي پوي ٿو؛ حالانڪ وضو ۽ قهقهہ (ٽهڪ) جو، ڪو معنوي تعلق اڄ ڏينهن تائين قياص جي دائري ۾ نہ اچي سگهيو آهي. اهڙا ٻيا مثال بہ گهڻيئي آهن، طوالت جي سبب انهن کي ڇڏيو وڃي ٿو.

(الانصاف — حجۃ اللہ البالغۃ الجزء الاول ص :- ۱۶۰–۱۶۱).

هن باري ۾ شاه صاحب وضاحت ڪندي فرمائي ٿو تہ شريعت ۽ مصلحت بہ جدا جدا شيون آهن. شارع عليہ السلام تہ ٻنهي علمن جي فائدن کان آگاه ڪيو آهي؛ ليڪن فقيہ ڪڏهن ٻنهي کي پاڻ ۾ ملايو ڇڏين ٿا. شريعت تہ ان شيءِ جو نالو آهي جا ماڻهن جي لاءِ آسمان (ملاء اعليٰ) ۾ لکي ويئي آهي ۽ انهن تي ان جي بجا آوري فرض ڪئي ويئي آهي. مثلا :- ڪي ڪم واجب ڪيا ويا آهن تہ ڪي حرام، ڪن کي سنت مؤڪده مقرر ڪيو ويو آهي تہ ڪن کي وري مڪروه مؤڪده. هاڻي انهن شين ڪانسواءِ ٻيون بہ ڪيتريون شيون آهن جي انسانن جي دلين (نفسن) جي سڌاري ۽ خرابيءَ لاءِ اثرانداز ٿين ٿيون ليڪن سياسي حڪمت هن ڳالھ جي طلب ۾ گهر نہ ٿي ڪري تہ اهي انهن تي فرض ڪيون وڃن. اهو ئي تہ سبب آهي جو ڪي ماڻهو انهن تي عمل ڪن ٿا ۽ ڪي نہ ٿا ڪن. نماز ۾ قهقهہ (ٽهڪ) جو مسئلو بہ انهن مان هڪ آهي.

(مصفي الجزء الاول، فارسي شرح موطا، صفحہ ۳۶).

ان ڳالھ جي هڪ ٻئي هنڌ چٽائي ڪندي امام صاحب چوي ٿو تہ امام مالڪ کان روايت آهي جو وري زيد بن اسلم عن عطاء ابن يسار کان روايت ڪري ٿو تہ آنحضرت جن فرمايو آهي تہ کجور کي کجور جي مقابلي ۾ پوري وزن ۾ وڪيو وڃي. ان تي ڪين ٻڌايو ويو تہ تحقيق توهان جو عامل (خيبر ۾) ٻن صاعن جي مقابلي ۾ هڪ صاع وٺي ٿو . ان تي پاڻ سڳورن ان بابت جڏهن پنهنجي عامل کان دريافت ڪيو تڏهن هن جواب ڏنو تہ سائين اهي ماڻهو ”جنيب“ جي عوض ”جمع“ سون وٽ هم وزن ۾ نہ ٿا وڪرو ڪن. هي ٻڌي پاڻ فرمايائون تہ تون ٻهريائين ”جمع“ کي پيسن سان وڪڻي پوءِ انهن ئي پيسن سان ”جنيب“ خريد ڪر (جنيب بر خلاف ”جمع“ جي هڪ بهترين قسم جي کجور جو نالو آهي).

هاڻي، هن هنڌ امام صاحب فرمائي ٿو تہ جيڪڏهن ڪنهن کي زياده نفعي حاصل ڪرڻ جو خيال هجي (جيئن جو ربا اندر لحاظ ۾ رکيو ويندو آهي) ۽ هو صحيح عقد رستي ائين ڪري تہ جائز آهي، ۽ اتي هن ڳالھ کي خيال ۾ نہ آندو ويندو تہ وڪڻندڙ جي نيت ڪهڙي هئي ۽ ان جي ان فصل کي ربا سان تشبيہ نہ ڏني ويندي، هيءَ قاعدو، امهات (بنيادي) قواعد مان هڪ آهي جنهن کان سوين مختلف فيہ مسئلا ڦٽي ڦاٽي نڪرن ٿا .

امام شافعي اهڙي معاملي ۾ غالبا ”عقد“ کي لحاظ ۾ رکي ٿو ۽ امام مالڪ ”عاقد“ کي لحاظ ۾ آڻي ٿو ۽ امام ابوحنيفہ وري ڪڏهن عقد جي صورت (صورت عقد) تہ ڪڏهن وري عاقد جي قصعد (ارادي) کي ملحوظ نظر رکي ٿو ۽ اهوئي تہ سبب آهي جو امام الحرمين ۽ امام غزاليءَ چيو آهي تہ امام ابو حنيفہ نظام کي ٽوڙيو آهي.

(خرم نظام کرده است)

هن باري ۾ شاه صاحب چوي ٿو تہ جا ڳالھ منهنجي اڳيان منڪشف ڪئي ويئي آهي، سا هيءَ آهي تہ آنحضرت جن ٻن علمن جي تلقين فرمائي آهي. انهن مان هڪڙو علم شرائع آهي ۽ ٻيو علم مصالح ۽ انهن ٻنهي مان برآمد مؤ اخذي جي بہ خبر ڏني آهي؛ ليڪن شرعي علم نسبتا گهڻو مضبوط آهي جنهن اندر امر بالمعرف ۽ نهي من المنڪر اچيو وڃن ٿا. هوڏانهن علم مصالح، شرائع جو روح آهي ۽ مخفي ۽ پوشيده آهي ۽ هيءَ پروردگار ۽ ان جي ٻانهي درميان جو معاملو آهي . شريعت جو مقصد ڪڏهن هيءَ هوندو آهي تہ مصلحت جو نقشو اهڙي طرح چٽيو وڃي جيئن ڀلائي ۾ برائي نڪري نروار ٿي پون تہ جيئن ان تي عمل ڪرڻ ۽ نہ ڪرڻ جي حالت ۾ جزا ۽ سزا قائم ڪئي وڃي ۽ ڪڏهن وري ان جو مقصد هيءَ هوندو آهي تہ ڪنهن فاسد رسم جي دنيا مان پاڙ پٽي وڃي. ان مان مراد هي هرگز نہ هوندو آهي تہ اها هر فرد لاءِ مصلح يا مفسد هوندي آهي. تنهن ڪري اهڙا حيلا هلائڻ جي شريعت جي علم جي اعتبار کان عقد صحيح جي دائري ۾ اچن ٿا، جائز آهن ۽ انهن تي سزا نہ ملندي، پر اهي حيلا علم مصالح جي اعتبار کان تفصيل جو محتاج آهن. جيڪڏهن اهي نقصان رسائيندڙ نہ آهن، يعني اهڙا نہ آهن جو اڳتي هلي ڪو انهن مان نقصان پوي تہ پوءِ انهن تي ڪا سزا مرتب ڪانہ ٿيندي، پر جيڪڏهن اهي ضرر رسان ۽ نقصانده آهن ۽ اهي جاڻي واڻي شرع جي خلاف هلايا ويا آهن تہ پوءِ انهن تي سزا ضرور مرتب ٿيندي. (مصفي، جلد اول صفحہ ۳۴۹ :- و آنچہ برين فقير ظاهر ساختند درين باب آنست کہ آنحضرت صلعم دوعلم را تلقين فرمود، علم شرائع و علم مصالح و بمؤ اخذه بهر دو خبر داد ز کن شرائع مضبوط ترست...)

امام ولي اللہ جي تلقين اها رهي آهي تہ فقہ ۾ فروعات کي اهڙي اهميت نہ ڏني وڃي جو امت اندر انتشار جو باعث بڻجي ۽ جيئن تہ هي فروعي اختلاف ايستائين حل بہ نٿا ٿي سگهن، جيستائين انهن کي دليل جي روشنيءَ ۾ نہ ڏٺو وڃي ۽ مشڪل وري هي آهي تہ انهن دليلن جي سلسلي کي اصل مجتهدين تائين پهچائي بہ نٿو سگهجي، تنهن ڪري انهن حالتن ۾ انهيءَ ڪانسواءِ ٻيو ڪو چارو ئي ڪونهي تہ مسئلن کي اجتهاد جي اصولن تي پرکيو وڃي ۽ ان باري ۾ موطاء کان مدد ورتي وڃي، جا لاءِ جو ان بنسبت اڄڪلھ اجتهاد جو دروازو ئي بند آهي. (مصفي:-

(ڏسو صفحو ۱۱۹)

مترجم:- محمد يوسف شيخ

تصوف جا طريقا

اسلام ۾ روحانيت جي تحريڪ زهد ۽ عبادت کان شروع ٿي. تحريڪ جي ابتدائي دؤر ۾ اهي نيڪ مرد خواه عورتون هن جا باني هئا جن پنهنجون خدمتون رڳو ۽ فقط الله‌تعاليٰ لاءِ وقف ڪيون. اهڙا اعليٰ اشخاص خواهه دهقاني هئا خواهه شهري ليڪن انهن جي ڪوشش رب تعاليٰ جي لطف و ڪرم حاصل ڪرڻ لاءِ هئي. هي دؤر اهڙن ايام ۾ مبدل ٿيو جن ۾ عملي ۽ تحريري حقيقتون دوش بدوش هلنديون آيون. مشهور علماء، جي خود مقدس شيخ هوندا هئا، تن پنهنجن شاگردن کي تصوف جا اصول سيکاريا. اها تعليم يا ته اجتماعي طور ڏني ويندي هئي يا ته انفرادي طور. ايراني اديب Hujwiri، جنهن ۱۱/۵ صدي ڌاري لکيو آهي سو چئي ٿو ته اهڙا ڪيترا روحانيت جا مدرسه هئا، جي پنهنجي اساتذا جون سکيائون، آئيندي جي نسلن تائين پهچائيندا هئا. استاد ۽ شاگرد جي وچ ۾ جو تعلق آهي جو ٻين شاگردن ۾ عام طرح ڏنو وڃي ٿو، سو يڪدم پير ۽ مريد ۾ تبديل ٿي ويو. پوءِ جتي به ڪو نالي وارو پير پنهنجن مريدن سان رهندو هو، ان جاءِ تي خانقاه تعمير ڪئي ويندي هئي. پوءِ ڪٿي اهڙي جاءِ تي اهي پير ۽ مريد ٿوروئي عرصو پنهنجي صحبت ۾ رهيا هجن. صوفين جي اوتارن ۾ داخلا حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ قسم جي خاص پوشاڪ (خرقه) جو پائڻ ضروري سمجهيو ويندو هو. جنهن مان ظاهر هو ته هن شخص اها راهه اختيار ڪئي، جا شريعت جي آهي ۽ جا منزل بمنزل نبي سڳورن کان شروع ٿي هجي. اهڙي طرح

حضرت شاهه ولي الله

(آندل صفحي ۱۱۸ تان)

بقين معلوم شد ڪه طريق اجتهاد و فقه ... امروز مسدود است الا از يڪ وجهه ڪه موطاء را پيش نه گيرد).

شاه صاحب جو موطاء جي اپياس لاءِ ايترو زور ڏئي ٿو ۽ حديثن جي سڀني ڪتابن مان ان کي مقدم سمجهي ٿو، تنهن جو هڪ ڪارڻ هي به آهي ته اها، بخاري ۽ مسلم ٻنهي لاءِ اصل ۽ اساس آهي. پوءِ ڪٿي استنباط جي معاملي ۾ انهن ٻنهي جو ان سان اختلاف رهيو آهي، جو ڪا خاص معنيٰ نٿو رکي. علاوه ان جي حديث جا ٻيا ڪتاب به موطاء جي هڪ قسم جي شرح ۽ ضميمو آهن ۽ اهو هن لحاظ کان جو انهن ڪتابن ۾ جيڪي وڏيڪ سندون آنديون ويون آهن سي ٻڌڻ موطاء جي سندن جي وڃي ٿيون پنيرائي ڪن. (مصفي- جلد اول صفحه ۲۴۳:- مذهب شافعي و احمد بنسبت آنچه در موطاء مذڪور است بمنزله دو شرح است بر يڪ متن). [المسوي- جلد اول صفحه ۸:- ... لا محالہ ان الموطاء عدته مذهب مالڪ و اساسه و عمدته مذهب الشافعي و احمد و راسه ومصباح مذهب ابي حنيفه و صاحبيه و نبراسه و هذه المذاهب بالنسبته للموطاء ڪالشروح للمتون...].

هاڻي هتي هڪ سوال پيدا ٿئي ٿو ته آخر ڪهڙي سبب ڪري شاه صاحب موطاء کي بخاريءَ تي ترجيح ڏئي ٿو. اصل حقيقت هيءَ آهي ته آنحضرت جن کان جي علم منقول ٿيل آهن سي ڇهن قسمن جا آهن، جهڙوڪ علم فقه، مغازي، تفسير ۽ فتن ۽ ملاحم. بخاري انهن ڇهني علمن جي جامع آهي ۽ ان ڏس ۾ سندس مقابلي ۾ حديث جو ٻيو ڪو به ڪتاب ڪونهي. شاه صاحب جو چوڻ آهي ته علم فقه ڪانسواءِ باقي علمن جي سمجهاڻيءَ لاءِ قرآن شريف ڪنهن شرح ۽ تفصيل جو محتاج نه آهي ۽ نه انهن علمن جي ڪا خاص ضرورت آهي. باقي جيتري قدر شرعي حڪمن احڪامن جو واسطو رهي ٿو تن کي سمجهڻ لاءِ موطاء بلڪل ڪافي آهي ۽ ان جي معتبر هجڻ جا ٻيا به ڪئين اسباب آهن. مطلب ته شاه صاحب جي نزديڪ حديث ۽ فقه ۾ موطاء سڀني کان معتبر ۽ مستند ڪتاب آهي ۽ هن امت جي ڀلائي ان ۾ آهي ته موطا کي هميشه پنهنجي نظر هيٺ رکي ۽ ان تي غور ۽ تدبر ڪندي رهي. (المصفي- جلد اول صفحه ۹-۱۰:- ... و علم ان الڪتب المنصفه في السنن تصحيح مسلم و سنن ابي داؤد و النسائي و مايتعلق بالفقه من صحيح البخاري و جامع الترمذي مستخرجات علي الموطاء ...).

عالمن سڳورن کي گهرجي ته حديث ۽ فقه جي معاملي ۾ امام مالڪ جي موطاء جو مطالعو جاري رکن. جيڪڏهن منجهن اهليت ۽ لياقت هوندي ته منجهن اجتهاد جو ملڪو پيدا ٿي پوندو، پيءَ حالت ۾ سندن دلين اندر غور ۽ فڪر ڏانهن رغبت ۽ شوق پيدا ٿيندو ۽ جيڪڏهن ائين به نه ٿيو ته ان جي پڙهڻ کان گهٽ مستفيد ٿيندا ۽ لاڀ حاصل ڪندا.

مطلب ته شاه صاحب کي هن ڳالهه جو فڪر ۽ اونو لڳل هو ته امت ۾ يڪجهتي ۽ اتحاد قائم رهي ۽ ڪنهن به صورت ۾ اختلافي مسئلا حائل نه ٿين، جا لاءِ جو اهي ڪا وقعت نٿا رکن. ڪوشش هميشه اها رهي ته اختلافن کي اجتهاد ذريعي مٽايو ۽ ختم ڪيو وڃي ۽ هڪ امام کي ٻئي امام تي ترجيح ڏيڻ جي ميلان جو سدباب ڪيو وڃي ۽ جڏهن به ڪنهن عالم کي ڪا صحيح حديث ملي وڃي تڏهن هو پنهنجي امام جو احترام ڪندي ان کي هرگز رد نه ڪري جو هي وڏي گمراهي آهي.

امام ولي الله، موطاء جون ٻه شرحون لکيون آهن: هڪڙي "مسوي" جي نالي عربيءَ ۾ آهي ۽ ٻي "مصفي" فارسيءَ ۾ آهي. ٻنهيءَ ۾ ڪافي شرح ۽ بسط کان ڪم ورتو ويو آهي ۽ سچ پچ حديث ۽ فقه متعلق سندس هي ڪارنامو غير فاني ۽ دور رس نتيجن جو حامل آهي. ان ۾ هو هر حديث ۽ هر مسئلي کي پنهنجي پنهنجي جاءِ تي رکي ٿو، اختلافن کي سهل ۽ معقول طريقي سان دور ڪندو رهي ٿو ۽ جتي به ڪنهن امام مثلا شافعي يا ابو حنيفه جو قول صريح حديث جي خلاف نظر اچي ٿو، تتي اها حديث پيش ڪندي متن حجت قائم ڪندو وڃي ٿو. ڪن جزوي حالتن ۾ هو انهن ٻنهي کي ڇڏي امام احمد جي قول طرف مائل ٿئي ٿو، جڏهن ڏسي ٿو ته اهو حديث کي وڌيڪ ويجهو ۽ مضبوط آهي. مطلب ته هو موطاء جي طرف زياده مائل رهي ٿو ۽ هو ان کي قرآن پاڪ بعد زياده مستند ۽ معتبر سمجهي ٿو ۽ هو واقعي ان ۾ صحيح آهي. فڪر رکندڙن کي گهرجي ته ان ڏانهن رجوع ڪن جو امت جي ڀلائي ۽ بهتري ان تي ئي منحصر آهي.

سان، ابو سعد بن ابي الخير (٩٦٧-٣٥٧ ۾ تولد ٿيو) پنهنجو خرقو السلامي کان ورتو. جنهن وري ابوالعباس القصاب کان ورتو. هڪ ڳالهه اهم آهي ته صوفين جي اوتارن ۾ قيام ڪرڻ لاءِ هڪ شخص جي لاءِ اهو شرط هرگز نه آهي ته هو شادي نه ڪري. اسلام ۾ ڪيترا سارا نامور اهل روحانيت شادي شده هوندا هئا. هو حديث شريف جي سمجهاڻي هن طرح ڪندا هئا ته ”اسلام ۾ راهب نه آهن.“

هجري ڇهين (عيسوي ٻارهين) صدي ڌاري تصوف جي مکيه طريقن جو بنياد پيو. ان کان اڳ صوفين جا اوتارا ۽ آشيانا اهڙيءَ طرح هڪٻئي کان جدا هوندا هئا جهڙي طرح خيابان هڪ ٻئي کان جدا هوندا آهن. هاڻي وقت هو ته اهي جداگانه اداره هڪ ٻئي سان متحد ٿين، هڪ جهڙو استاد هجين ۽ هڪڙي تنظيم هجين. اهڙو پهريون طريقو جنهن ٿاهيو سي هئا حضرت حضرت محي الدين عبدالقادر بن عبدالله جيلاني. پاڻ ايران ۾ گيلان جي قصبي ۾ تولد ٿيا (١٠٧٨/٤٧١) ۾ سترهن ورهين جي ڄمار ۾ هجرت ڪري بغداد آيا. سندن هجرت جو مقصد اهو هو ته هو جملي طريقن جو اڀياس ڪن. پوءِ پنهنجي ارادي کي تبديل ڪري سن ١١٢٧/٥٢١ ۾ پاڪ زندگي بسر ڪرڻ تي وعظ ڪرڻ لڳا. سندن وعظ ٻنا ڪنهن به ناڻي جي ٿيندو هو. هزارن جي تعداد ۾ ماڻهو سندن گرد گڏ ٿيڻ لڳا. ڪي انهيءَ ڪري به ايندا هئا جو ٻڌندا هئا ته پيران پير ڪيترين ڪرامتون ڏيکاريون آهن. سندن اثر ايترو گهڻو هو جو جڏهن سن ١١٦٦-٥٦١ ۾ وفات ڪيائون، تڏهن گهڻن اهل تصوف خود کي قادري سڏايو. پوءِ ڪيترن ئي اوتارن ۽ آستانن ۾ سندن طريقو رائج ٿيو. سندن تصنيفات ۽ وعظ ڪي سنڀالي رکيو ويو. ڪيترن نسلن تائين سندن تصنيفات جو هڪ مشهور ڪتاب نصائح جو ڪتاب سمجهيو ويندو هو. قادري طريقي جا پوئلڳ دنيائي اسلام جي ڪيترن حصن ۾ پيدا ٿيا. هندستان ۾ انهن خاص ڪري زور ورتو. اڄ به سندن اثر ۽ رسوخ هن ملڪ ۾ ڏاڍو گهڻو آهي. ليڪن انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته هن طريقي ۾، يا اهڙن ٻين طريقن جي ڪاميابي جو راز اهو آهي ته هو صحيح اسلامي راهه تي آهن، ۽ صوم و صلوات تي گهڻو زور ڏين ٿا. اهڙي ڪا به ڳالهه وٽن نه آهي جا اسلامي قاعدن جي برعڪس هجي. سندن اهو ڪتاب اهڙي هر ڪنهن ڳالهه کان پاڪ آهي جنهنڪي ننديو وڃي. منجهس جا تعليم آهي، اها ڏاڍي پختگي سان قرآن ۽ حديث جي تعليم تي ٻڌل آهي. اهڙو ڪو به منجهس عمل نه آهي جنهن تي اعتراض ٿئي.

تصوف جو ٻيو وڏو طريقو جو ٿيو سو هو سهروردي طريقو. هي طريقو انهيءَ ڪري سهروردي ٿو سڏجي جو هن جا باني حضرت شهاب الدين، عمر بن عبدالله سهروردي هئا. صاحب جن ١١٤٤-٥٣٩ ۾ ايران ۾ تولد ٿيا ۽ سن ١٢٣٤-٦٣٢ ۾ وفات ڪيائون. انهن ننهي اهل روحانيت مان صاحب جن عمر ۾ ننڍا هئا، جي پڻ ساڳئي قصبي جي نالي (سهروردي) سڏجن ٿا. سندن چاچو صاحب ابونجيب (١١٦٨-٥٦٣) هڪ اهم شخصيت هئي؛ ۽ ڪجهه وقت نظاميه اڪيڊمي ۾ مدرس هو. حديث شريف ۾ ماهر هو. اها تعليم سندس پائيتي ڪانئس ورتي هئي. ابونجيب ابتدائي صوفين لاءِ هڪ ننڍو ڪتاب پڻ لکيو هو. ان کي ”ادب المريدين“ چون ٿا. ابوالفتح جو سندن قصبي ۾ رهندو هو (١١٩١-٥٨٧) سو هڪ عظيم قسم جي تصوري فارسي زبان جو مصنف به هو. ليڪن جيئن ته سندس عبارت اهڙين تمثيلن سان ٽمٽار آهي جي ٻڌائين ٿيون ته الله تعاليٰ جو وجود هر شيءِ ۾ موجود هجي، تنهنڪري مٿس ڪفر جي تهمت مڙهي کيس شهيد ڪيو ويو. حضرت شهاب الدين خوش نصيبا اهڙي تهمت کان پاڪ هئا جو هو سچي مسلمان جو هڪ نمونو هئا. ازانسواءِ خلفائي ايام ۽ امرائي وقت جو منجهن اعتقاد هوندو هو. سندن وعظ ۽ تقريرون ٻڌڻ لاءِ هزارين پروانا گڏ ٿيندا هئا. دور دراز ملڪن مان ماڻهو کين ٻڌڻ ايندا هئا. سن ١٢٣١-٦٢٨ ۾ مڪي شريف ڏانهن حج جي نيت سان ويا. اتي مصر جو مشهور شاعر ۽ اهل روحانيت عمر بن الفريد کين مليو. انهيءَ کان به وڌيڪ شهرت يافته ايراني شاعر حضرت سعدي (١٢٩٢-٦٩١) به سندن شاگردن مان هڪ هو. حضرت شهاب الدين ڪيترا ننڍا توڙي وڏا ڪتاب لکيا، ليڪن سڀ کان مشهور سندن ڪتاب عوارف المعارف آهي. سندن طريقي جو اهو بنيادي ڪتاب آهي. هندستان ۽ پاڪستان ۾ سندن تعليم جنهن شخص پکيڙي اهو آهي حضرت بهاءالدين ذڪريا ملتان وارو. هن سر زمين تي به سندن پوئلڳن جي ڪا ڪمي ڪانهي. سهروردي اڪر اڄ به بنگال ۽ اوڀر پاڪستان جي سياست ۾ مشهور آهي.

ٽيون طريقو جو انهن کان پيدا ٿيو سو هڪ مغربي عالم (يعني اسلامي ممالڪ جي الهندي حصي واري) جي الاهي اثر جو نتيجو آهي. سندن نالو نورالدين احمد بن عبدالله الشاذلي آهي. صاحب جن ١١٩٦-٥٩٣ ۾ تولد ٿيا ۽ ١٢٥٨-٦٥٦ ۾ وفات ڪئي. طيونس جي شهر ۾ حضرت نورالدين ڏاڍي شهرت حاصل ڪئي. اتي جي حڪام ڪي سندن اثر جو اڃي ڏپ ٿيو. کين سڪندريه ڏانهن هجرت ڪرڻ ۾ مصلحت ڏسڻ ۾ آئي. اتي (مصر ۾) سندن ڪاميابي ڏاڍي تيزي سان ٿيڻ لڳي. جي رسوم ۽ تنظيم جا طريقا پاڻ صاحبن سيکاريا اهي هڪ خاص تصوف جي طريقي ۾ تشڪيل ٿي پيا ۽ ان کي سندن نالي سان سڏڻ لڳا. سندن سکيا ۽ سندن طريقي جا پوئلڳ، خاص ڪري مصر ۽ اتر آفريڪا ۾ ڪامياب ويا ليڪن عرب، شام ۽ ٻين هندن تي به هن طريقي گهڻو زور ورتو. نورالدين جون دعائون اڄ ڏينهن تائين ڏاڍي حفاظت سان رکيون ويون آهن. سندن پوئلڳ انهن کي ڏاڍي چاهه مان پڙهندا آهن. ابن عطاءالله سڪندريه وارو جو هن طريقه سان وابسته هو سو هڪ صاحب رسوخ شخص هو، هن شخص (ابن عطاءالله) سن ١٣٠٩-٩٠٩ ۾ وفات ڪئي. سندن ڪتاب ”الحڪم العطائيه“ جنهن ۾ تصوف متعلق ڪيترا ڀاڪا موجود آهن، ان کي غير معمولي شهرت حاصل آهي. ڪيتريون ساريون تشريحون هن تي لکيون ويون آهن. عيسوي نائين صدي جا، بغداد جي شهر جي اهل روحانيت جا ڪلمات هن ڪتاب پڙهڻ سان، دوباره دل تي تري اچن ٿا. مندرجه ذيل نموني ۾ ڏنگين ۾ ڪلمات جي تشريح بيان ڪئي وئي آهي:-

ديني اعمال تي دارو مدار رکڻ، (جهڙوڪ بندگي ۽ ذڪر ڌڻي تعاليٰ تي) ڪري (ڌڻي تعاليٰ جي مهر) جي توقع گهٽ ٿي وڃڻ جي نشاني آهي. (الله تعاليٰ جي مرضي جي انحرافي) ڪري اهڙي غلطي ٿئي ٿي.

تنهنجي خواهش آهي ته جدا ٿين (دنيوي اشياء کان ۽

رکو الله تعاليٰ سان گڏ رهن) جڏهن رب تعاليٰ رکڻ گهري ٿو ته ٿو کي، ته ثانوي اسباب ۾ (شخصي فوائد) جي خواهش اچي وڃي ٿي؛ ۽ تنهنجي خواهش (ته اهي ثانوي) اسباب هٿ ڪريان ۽ الله تعاليٰ جي خواهش آهي ته تون (انهيءَ کان) الڳ رهين، سو آهي اعليٰ ارادي کان دريغ ڪرڻو يعني (ته الله تعاليٰ سان هڪ ٿيڻ کان دريغ ڪرڻو)

انسان جي ارادي جو عمل جو (قدرت جي دستور کي) تنظيم ٿو ڏئي ان کي ايتري قوت نه آهي جو (مقرر ٿيل) قسمت جي ديوار کي ٽاڙي (ليڪن اهو به بذات خود الله تعاليٰ جو خواهش جو نتيجو آهي).

(آدمين جي ڪمن ڪارين) جي ضابطي حاصل ڪرڻ (جي ڪوشش) کان خود کي ٻڌي رک. ٻئي جي غلامي نه ڪر. پنهنجي لاءِ اهڙو ڪم نه ڪر.

تون محنت ڪرين ٿو ته پنهنجي لاءِ حاصل ڪريان) اهو جو الله تعاليٰ تو کي ڏيڻ جو ذمو کنيو آهي. تنهنجي نظر تي پردو پيل آهي. اهو ظاهر ٿو ڪري ته جيڪي الله تعاليٰ تو کان گهري ٿو ان جي ڏيڻ ۾ قاصر آهين.

اگر الله تعاليٰ تو کي ڏيڻ ۾ تاخير ڪري تنهنجي بندگي ۾ ناغو نه ڪر. ائين ڪرڻ رک سهڻ جو موجب آهي، ڇو جو (جيڪي به پڇندين ان جو جواب تو کي ضرور ڏيندو) ليڪن ائين نه جو جيڪي تون خود لاءِ پسند ڪندين ائين، بلڪ جيڪي هو تنهنجي لاءِ پسند ڪندو تيئن؛ ۽ تڏهن ڪندو جڏهن چاهيندو، ۽ نه تنهنجي مرضيءَ سان چاهيندو. هي نديڙو ليڪن ...

۽ دل ڇڪيندڙ ڪتاب، جنهن جو اجا تائين ترجمو نه ٿيو آهي، سو درخواستن جي هڪ سلسلي سان ختم ٿئي ٿو جي انصاري جي مناجات جي سڪ لاهين ٿيون.

اي خدا! پنهنجي رحم سان مون کي ياد ڪر ته مان تو ڏي اچان ۽ پنهنجي لطف و ڪرم سان مون کي هلائي ته مان تو ڏي رخ ڪريان.

اي خدا! خواهمان تنهنجي حڪمن جي انحرافي ٿو ڪريان، تڏهن به تومان اميد نه لاهيندس. ۽ جيڪڏهن انهن حڪمن جي انحرافي نٿو ڪريان، ته به تنهنجو خوف دل مان نه ڪيندس.

يا رب منهنجا! تنهنجن رکو لفظن مون کي تنهنجي قريب آندو آهي ۽ تنهنجي بي پايا مهر مون کي تنهنجي اڳيان آڻي بهاريو آهي.

يا رب تعاليٰ! مان نا اميد ڪيئن ٿيندس، جڏهن ڏسان ٿو ته منهنجي اميد به تون ئي آهين، جڏهن تو ۾ منهنجو يقين آهي ته پوءِ مون کي ڪيئن ڌڪاريندين.

اي، جو تون پنهنجي عظيم شان ۾ ملبوس آهين، اهڙي طرح جو ڪا به اک تو کي ڏسي نٿي سگهي. اي، جو پنهنجي عظمت ۾ لڪل رهي نور آهي ۽ (اهل روحانيت) جي دلين تنهنجي وڏائي ڏٺي، تون ڪيئن لڪل رهي سگهندين، جڏهن تون هميشه ظاهر آهين ۽ تون ڪيئن غير حاضر رهي سگهندين جو تون هميشه ۽ هر وقت حاضر آهين؟ اسان کي ڏسين ٿو.

تصوف جو چوٿون عظيم طريقو ترڪي جي ملڪ ۾ شروع ٿيو. هن جو باني رهنمائيندڙ حضرت جلال الدين رومي (۱۲۷۳-/۶۷۲) آهي. ايران جو هي عظيم ترين اهل روحانيت ۽ شاعر آهي. هن متعلق اسين بعد ۾ بيان ڪنداسين. عثمانيه شهنشاهت جي ايام ۾ هي طريقو عروج تي رسيو ۽ سندس ثاني ڪو پيو نه هو. هنکي سياسي اقتدار به حاصل هو. عثمانيه سلطنت ۾ هن طريقي جا مرڪز ۽ اوتارا پکڙيل هوندا هئا. ترڪي جي ميوليويه فقرا کي اهو لقب انهيءَ ڪري مليو جو هو مولوي صاحب (مولانا جلال الدين رومي) جا پوئلڳ هئا. هنن فقرا جو خاص شغل سندس مشهور گول گول رقص آهي. جن مغربي سياحن انهن کي ڏٺو آهي انهن مان ان جو تذڪرو پنهنجن سياحت نامن ۾ لکيو آهي.

پيا به ڪيترا تصوف جا طريقا، اسلامي دنيا ۾ پيدا ٿيا. انهن مان ڪي بلڪل پنهنجي بنياد تي بيٺل هئا ۽ ڪي وري ٻين فرقن جون شاخون هئا. اهڙا طريقا وقتا فوقتا نمودار ٿيا. هاڻي ته انهن جو تعداد سون کان ٻاهر آهي. انهن جا پيرو ڪروڙن کان ٻاهر آهن، ليڪن ٿلهي ليکي ته اهي سڀيئي طريقا هڪ ساڳي مڙهت سان مڙهيا ويا آهن. هر هڪ طريقي جي بنياد رکندڙ کان پوءِ ان جي سرڪردگي ان طريقي جي خليفن تي ڪئي جي بانيءَ جا جانشين آهن ۽ هر عهد ۾ موجود آهن. مختلف مراڪز ۾ اهڙي خليفي جي سرڪردگي کي مڃيو ويندو آهي. ازانسواءِ تعليم ۽ روزي نماز جي خيال کان ڪي پيشاور صوفي به اهڙن هنڌن تي مقيم آهن جن جو مقصد اهڙو هجي، ليڪن غير پيشاور صوفي، جي اهڙن طريقن سان وابسته آهن انهن جو تعداد تمام ڪثير آهي جي هڪ دليوي صوفي جي پورهئي ۾ رڌل رهن ٿا. هي پنهنجي اهليت جو ثبوت، مقرر مواقع تي رسم و رواج کي ٺيڪ طرح سان پورو ڪري ڏين ٿا.

هر هڪ طريقي کي خاص پنهنجا رسوم آهن. اهي ايترا گهٽا آهن جو انهن جي امتياز جو ڪو سوال ئي نٿو اٿي. جنهن وقت انهن طريقن جو اثر رسوخ ڏاڍو گهڻو هو تنهن وقت هڪ مغربي صاحب مسٽر E. W. Lore مصر ۾ رهندو هو. اهو وقت گذشته صدي جي شروعات هئي ۽ دؤر جديد جي خيالات، اڃا انساني زندگي کي گهڻو متاثر ڪين ڪيو هو. صاحب مذڪور پنهنجي تصنيف - "Manners and Customs of Modern Egyptions" ۾ اهل تصوف جي ڪن دلچسپ رسوم جو ذڪر ڪيو؛ هن انهن کي ڏٺو هو. لکي ٿو ته مون انهن جي ذڪر جو طريقو ڏٺو. ذڪر جي اصل معنيٰ آهي يادگيري. هنن جي ذڪر ۾ نه رڳو بندگي هئي پر هڪ قسم جي مستيءَ جي حالت پڻ هئي. اهڙا ذڪر عموما اهڙن سماجي تقاريب جي وقت ٿين ٿا جي بلڪل خاموش مواقع آهن، ليڪن جيئن ته ان وقت مختلف عناصر اچيو هڪ هنڌ گڏ ٿين تنهن ڪري اهڙو ذڪر انهن کي اچيو هڪ هنڌ گڏ ڪري. مان بذات خود هڪ اهڙي موقعي تي موجود هوس. اُتي فوجي ماڻهو، پوليس وارا ۽ ٽرام جا ڊرائيور پنهنجن خاص لباس ۾ ٻين ماڻهن جهڙوڪ مزدور قلعي وارا، دوڪاندار، معزز ۽ شهر جي ٻين اڪيچار ماڻهن مان، دوش بدوش حصو وٺي رهيا هئا.

*

از:- مولانا مولوي الهورايو بروهي

خدا جي دين ۾ حديث ۽ سنت جي اهميت

به مصطفيٰ برسان خويش را که دين همه اوست
اگر به او نه رسيدي تمام بولهبي ست

انساني تاريخ تي جن ماڻهن هلڪي نگاه به ڪئي هوندي، اهي هن حقيقت کان هرگز انڪار نه ڪري سگهندا، ته روز ازل کان وٺي هن ڌرتيءَ تي، حق ۽ ناحق، ظلم ۽ مظلومي، طاقت ۽ صداقت، خير ۽ شر جي وچ ۾ آويزش- چڪتاڻ ۽ ڪشمڪش هلندي آئي آهي ۽ حشر جي هنگام تائين هلندي رهندي.

ستيزه ڪار رها هے ازل سے تا امروز
چراغ مصطفوي سے شرار بولهبي

دنيا تي انبيائن- پيغمبرن ۽ مصلحن جي اچڻ جو مقصد به اهوئي هو ته هو انسانن جي هن وسيع ۽ بي پناه آباديءَ کي پنهنجي بي عيب ۽ الهامي تعليم سان سڌي رستي تي آڻين. حق ۽ صداقت جي سربلندي لاءِ هو ڪفن بردوش ٿي، ظلم- زور آوري، فسق ۽ فجور جي قوتن کي فنا ڪري دنيا جو روحاني ۽ جسماني نظام مضبوط بنياد تي قائم ڪن.

چنانچه انهي پاڪ مقصد ڪاڻ خدا جا اهي پيارا بندا ۽ سندس مقدس شخصيتون دنيا جي ڪنڊڪڙڇ ۾ وڃي پهتيون. انساني آباديءَ جي هر گروه ۽ طبقه ۾ آفتاب ۽ ماهتاب بڻجي نمايان ٿيون ۽ زمين جي ڪا ڪنڊ اهڙي نه ڇڏيائون جا سندن روحاني ۽ نوراني بارش کان محروم رهجي ويئي هجي. عراق ۾ حضرت ابراهيم، حجاز ۾ حضرت هود ۽ صالح، شام ۾ حضرت عيسيٰ ۽ يحيٰ، مصر ۾ حضرت موسيٰ ۽ حضرت يوسف، مغربي دمشق ۾ حضرت صالح، آذربائجان ۾ حضرت حنظله بن صفوان. موصل ۽ نينوا ۾ حضرت يونس، اردن ۾ حضرت شموئيل يمن جي لاءِ حضرت سليمان، هندوستان لاءِ حضرت شيث ۽ بين مختلف هنڌن تي حضرت لوط ۽ ذوالڪفل جهڙا رهبر ۽ رهنما پيدا ٿيا. پهاڙيءَ ۾ مرسلن جو مهندار، اڳين ۽ پوين جو پيشوا، پنهي جهانن جو آخري اڳواڻ، انسان ذات جو پر جهلو ۽ آڌار حضرت محمد عليه الصلوات والسلام روح زمين جو بي عيب رهنما بڻجي دنيا ۾ نروار ٿيو. حضرت آدم کان وٺي دنيا جي هن آخرين رسول تائين انبيائن جو هي مقدس قافلو- الهامي پيغام ڪٺي پنهنجي علمي ڪمالات سان گڏ اخلاق- سيرت- شرافت ۽ بي داغ ڪردار جو مظاهره ڪري دنيا وارن کي حق ۽ صداقت ڏانهن سڏيندو رهيو. انبيائن جي انهيءَ جماعت، اخلاقي- طبعي، رياضي ۽ عقلي علوم سان هر طرح دنيا کي نوازيو. انهن بلاشبهه انسانيت جي فطري صلاحيتن کي سنواري، خلافت ۽ سعادت جي بلندين تي پهچايو. فسق ۽ فجور- ظلم ۽ گناهن سان پرپور دنيا کي، نور جي روشني انبيائن جي طفيل ئي نصيب ٿي. جيڪڏهن اهي پاڪباز، بي ريا، بلند اخلاق ۽ روشن دماغ رهبر روم- شام- مصر- عراق- هند- سنڌ- فارس- ايران- آفريقا ۽ دنيا جي ٻين ويران ۽ گمراه حصن ۾ پنهنجي ڪٽرڪٽر، اخلاق ۽ اعليٰ الهامي تعليم ۽ تبليغ جو فانوس ۽ نور کڻي نروار نه ٿين ها ته هوند دنيا جي فطرت ۽ طبعيت ۾ ڪڏهن به روشني ۽ صلاحيت جو سوجهرو پيدا نه ٿئي ها. بني آدم جي هي وسيع ۽ اڻ ڪت آبادي پکين ۽ پورن جو ولر يا حيوانن ۽ جانورن جو ڌڻ نظر اچي ها. تاريخ جي هن متفقه عقيدي کي اڄ تائين دنيا جي ڪنهن به عقل سليم واري انسان چيلنج نه ڪيو آهي مگر هي عبرت فراموش دنيا ۽ هي رنگين زمانو مٿين بي مثال سچائين ۽ ناقابل انڪار حقيقت هوندي به فاترالعقل انسانن، بيمار دماغن، ۽ بي ڪار دلين کان ڪنهن به مرحله ۾ خالي نه رهيو آهي.

اڄ اچو ته مٿين تمهيد جي روشنيءَ ۾ هڪڙي مشهور مذهبي فتنه جو جائزو وٺون. جيڪو "اهل قرآن" جي نالي سان ملڪ ۾ معروف آهي. حديث ۽ سنت جو انڪار هن فتنه جو بنيادي اصول آهي ۽ قرآن جي پردي ۾ ڪفر ۽ بي ايمانيءَ جي اشاعت ۽ پرچار هن تحريڪ جو مول متو ۽ معمول آهي.

فرض ڪريو ٿو ته ڪو شخص جيڪڏهن ڪنهن سوسائٽي، اداره يا انسٽيٽيوشن جي رڪنيت قبول ڪرڻ بعد چوي ته آءٌ هن انسٽيٽيوشن جي سمورن قاعدن ۽ ضابطن کي مڃڻ لاءِ تيار نه آهيان، هن اداره جون ڪي ڳالهيون ۽ ڪي قانون مون وٽ درست ئي ڪين آهن يا انهن قاعدن ۽ اصولن جي جيڪا معنيٰ ۽ سمجهاڻي اڄ تائين سمجهائي پيئي وڃي يا سمجهائي ويئي آهي، منهنجي راءِ ان جي خلاف آهي ۽ هن اداره جي مرڪزي ۽ اصلي ميمبرن هيترو وقت انهي اداره جي خلاف سازش- شرارتن ۽ منصوبن ۾ پئي گذاريو آهي، تنهنڪري هن اداره جا سمورا قانون ۽ اصول ختم ڪري منهنجي تفسير- تشريح ۽ تعبير تي اکيون پوري ايمان آڻيو. اڳين ۽ پوين ماڻهن جيڪي پاڻ سمجهيو يا پوين کي سمجهائڻ لاءِ جيڪو لٽريچر ڇڏي ويا، اهو سراسر باطل ۽ دريا برد ڪرڻ جي لائق آهي. اهي سخت غلط فهمين ۾ مبتلا ٿي هن اداره جي پاڙن پٽڻ ۾ پنهنجي حياتي وڃائي ويا. حق هاڻي مون تي واضح ٿي چڪو آهي، تنهنڪري منهنجي هر ڳالهه سند (اٿارٽي) ۽ حجت سمجهڻ گهرجي. هاڻي اسان ملڪ جي عقلمند، سمجهدار ۽ تعليم يافته طبقي کان پڇڻ گهرون ٿا ته اهڙي ذهنيت، اهڙي مزاج، اهڙي طبعيت، اهڙي دماغ ۽ اهڙي عجيب و غريب عقيده رکڻ واري ماڻهوءَ کي انهي انسٽيٽيوشن يا اداره ۾ برداشت ڪري سگهبو؟

تجديد تعمير- انقلاب ۽ اصلاح جو هي دلفريب نعرو ملڪ ۽ ملت کي عروج ۽ ارتقا ڏانهن وٺي ويندو يا زوال جي ڪنهن کڏ ۽ تباهيءَ جي ڪنهن اوڙاهه ۾ اڇلي ڇڏيندو، ته اهڙن خيالن ۽ عقيدن رکڻ واري ماڻهوءَ کي مصلح ۽ رهنما سمجهيو ويندو يا فتنه پرور ۽ مفسد؟

مٿيون مثال معارف القرآن جي مصنف ۽ رساله طلوع اسلام جي مدير تي تدبير تي سو ني صد پوري ٺهڪي ۽ فٽ ٿي اچي ٿو، ڇو ته روءِ زمين جي ڪروڙن مسلمانن جو خواهه اهي

حنفي هجن يا شافعي، مالڪي هجن يا حنبلي، ديوبندي هجن يا بريلوي، عرب هجن يا عجم جا؛ انهن جو هي متفقه فيصلو آهي ۽ عقيدو آهي ته حضور جن عليه الصلوات والسلام جي بعثت ۽ رسالت ڪانپوءِ دنيا جي هر دور ۾ دين جا حقيقي سر چشما ٻه رهيا آهن. هڪڙو "ڪتاب الله" ۽ ٻيو "سنت رسول الله". هي اهي ٻوٽيو ۽ ٿنڀا آهن جن تي اسان جي دين - ايمان ۽ اسلام جي اڏاوت قائم ۽ دائم آهي. خلفاء راشدين جا فيصلا، اصحابن سونهارن جا آثار، تابعين ۽ امامن سڳورن جا اقوال؛ هن حقيقت جا شاهد آهن ته حضور جن جي حديثن کي دين ۾ حجت ۽ دليل راهه مڃڻ هر حيثيت سان دين جي تحفظ ۽ سلامتيءَ لاءِ ضروري آهي مگر حديث جي منڪرن ۽ "اهل قرآن" جي فتنه جي علمبردارن جو هي ضد آهي ته سرور ڪائنات جي سنت ۽ سندن مبارڪ حديثون دين ۾ دليل ۽ حجت مڃڻ جي لائق نه آهن. انهن جي حيثيت تاريخي آکاڻين جهڙي آهي. جن ماڻهن حضور جن عليه الصلوات والسلام جي قول کي رواج ڏيئي دين ۾ حجت قرار ڏنو آهي، انهن وڏي غلطي ڪئي آهي. اها قرآن ڪريم جي خلاف هڪ خوفناڪ عجمي سازش هئي!

"اهل قرآن" يا "انڪار حديث" جي فتنه جا اڳواڻ ۽ ڪرتا ڌرتا، جن بزرگن، امامن، اوليائن ۽ دين جي مخلص محافظن تي "عجمي سازش" جو الزام مڙهين ٿا. انهن ۾ اهڙا علماء سڳورا ۽ اولياء سونهارا به آهن، جن ڪيترا سال لڳو لڳ ڇهوڪڙ نماز جي وضوءَ سان فجر جون نمازون پڙهيون آهن. جن جي شرافت، اخلاق، سچائي، بي ريائي، راستبازي ۽ پاڪدامنيءَ جو قسم ڪڻي سگهجي ٿو. جن جا دامن ملائڪن جا مصلا ٿي سگهيا ٿي. جيڪي دين سدا ۽ سند سان انهن جا حق انتهائي ايمانداري ۽ پوري خدا ترسي ۽ ذمه داريءَ سان نباهيندا هئا. انهن ۾ اهڙا به سچار ۽ بي ريا عالم هئا، جن حق ۽ سچ چوڻ جي جرم ۾ جيل ۽ جلاوطنيءَ جون مصيبتون سٺيون آهن، انهن ۾ اهڙا به بهادر ۽ پر جهلا انسان آهن جن جي پٺن تي جابر جلادن خوفناڪ چهبڪ هنيا آهن. دنيا جي ڪابه طاقت جن کي هيسائي نه سگهي ۽ دنيا جي ڪابه لالچ جن کي ڦاسائي نه سگهي. جن خدا ۽ سندس رسول پاڪ جي راهه ۾ نه رڳو زبان ۽ قلم سان جهاد ڪيو مگر وقت اچڻ تي دين ۽ ڪفر جي ڪارزار ۾ سر ترىءَ تي ۽ ڪفن ڪلهي تي ڪڻي تيرن ۽ تلوارن جي وسڪاري ۾ پروانه وار سڙڻ ۽ ڪسجڻ کي وڏي هيج ۽ خوشيءَ سان قبول ڪيو، جن وڏن وڏن شاهن ۽ شهنشاهن کي سندن هيبتناڪ درٻارن ۽ پرين مجلسن ۾ ٽوڪيو ۽ بي جگريءَ سان سندن ڪڌن ڪرتوتن تي ڪين ملامت ڪئي. بادشاهن - اميرن ۽ تاجدارن جي بي پناه نوازشن کي ٺڪرائي فقيرانه ۽ عالمانه زندگيءَ کي پنهنجو شعار بنايائون، جن جون زندگيون، شرافت ۽ نيڪو ڪاريءَ جون زندگيون هيون. قيامت جي حشمت، قبر جي هيبت، سڪرات جي دهشت ۽ ڏپ ڏپ کان انهن جو سک ۽ انهن جي راتين جون ننڊون حرام ٿي وينديون هيون. خدا جي خوف کان دنيا جون رنگينيون انهن جي اکيان بي ڪيف ٿي چڪيون هيون، انهن جي مدرسن، خانقاهن ۽ مجلسن ۾ علم ۽ فضيلت جا سلا ٿڪندا هئا. حلال جي روزي ۽ ڪمائي انهن جو شيوو هو، صداقت ۽ ديانت جي سر بلندي انهن جو مسلڪ. اهڙن متبرڪ شخصن، سعيد روحن، اسلام ۽ ايمان جي سرفروش سپاهين ۽ دين ۽ مذهب جي مخلص پاسبانن کي جيڪو قرآن جي خلاف "عجمي سازش" ڪرڻ وارو سڏيو ته ڇا اهڙو ماڻهو مسلمانن جي سوسائٽيءَ ۾ ڪنهن عزت ۽ احترام جي لائق آهي؟

اهڙي بي ادب افسانه نگار ۽ ناول نويس جي ڪابه ڳالهه ٻڌڻ ۽ هيئين سان هنڊائڻ جي لائق ٿي سگهي ٿي؟ البت اهڙي دريده دهن ۽ گستاخ اهل قلم جي تحرير ۽ نگارش جو داد، اهو ماڻهو ڏيئي سگهي ٿو جنهن جي ديني غيرت جو جنازو نڪري چڪو آهي يا نڪرڻ وارو آهي. حديث جا منڪر ۽ اهل قرآن هجڻ جا علمبردار، جن محدثن ۽ عالمن جي قابل فخر ڪارنامن کي "عجمي سازش" سڏين ٿا، سي اهي ئي بزرگ هئا جيڪي قرآن جا حقيقي عامل ۽ سچا ڄاڻو هئا، جيڪڏهن انهن کي ئي بي اعتبارو قرار ڏيئي ڇڏجي ته پوءِ غير مسلمن جي نظر ۾ قرآن جي صحت ۽ سالميت ئي مشڪوڪ ٿي پوندي. جن جي هٿن ۾ قرآن جا نسخا هئا، جن جي سينن ۽ سفينن ۾ قرآن محفوظ هو، جن جون زبانون رات ڏينهن قرآن جي ورد ۽ تلاوت ۾ مصروف هيون، جڏهن اهي ئي بي اعتبار ٿيا ته پوءِ قرآن شريف جي سچائي ۽ سالميت جامع ۽ ڪامل هئڻ جي "سند" آخر ڪٿان آڻي سگهجي؟ قرآن سان ايڏي وڏي دشمني ۽ اسلام سان ايڏو وڏو اندير اسلام جي ڪنهن دشمن به اڄ تائين نه ڪيو هوندو.

دنيا ۾ ڀل، چڪ، خطا ۽ غلطيءَ جو سلسلو برابر هلندو آيو آهي. قرآن جي ڪنهن آيت جي تعبير ۽ تفسير ۾ غلطي ٿي سگهي ٿي، قرآن جي ڪنهن جليل القدر مفسر وٽان وڏي ۾ وڏو اخلاقي گناهه سرزد ٿي سگهي ٿو، مگر ڄاڻي ٻجهي قرآن پاڪ جي خلاف سازش ڪرڻ، اهو ڪو ننڍو اخلاقي گناهه ڪونهي، ڪفر آهي. ۽ ڪوڙيون حديثون ٺاهي انهي نيت سان عام ڪرڻ ته قرآن جو آواز دٻجي وڃي اهو بدترين نفاق آهي، جنهن کان پوءِ انهي ماڻهوءَ جو ايمان ڪنهن به صورت ۾ صحيح سالم رهي نه ٿو سگهي.

هاڻي اسان انهن اردو ۽ انگريزيدان اديبن ۽ انشاپردازن جي چوڻ تي لڳي جن کي عربي ٻوليءَ جي مزاج ۽ محاورن جي به ڪا سڌ نه هجي، جن کي ادب ۽ احترام سان قرآن شريف پڙهڻ جي ساڃاهه ۽ سماءُ به نه هجي پنهنجن اڳين پوين بزرگن، ديندارن، درويشن - علمائن - محدثن ۽ مفسرن کي منافق - سازشي - قرآن ۽ دين مبين جا دشمن سمجهي ويهي رهون اردو ۽ انگريزيءَ جي هنن اديبن ۽ ناول نگارن کي پنهنجو مقتدا ۽ پيشوا مڃي وٺون:

خدا جانے يه کس نے کهديا هے کم سوادوں سے
که جو تيشه اٹها ليتا هے وه فرهاد هوتا هے

آخر، اهڙين لغو بيهوده ۽ جاهلانه ڳالهين لکڻ وقت دنيا جي هن عجيب ۽ غريب طبقه کي ذرو به شرم محسوس نه ٿو ٿئي. جيڪڏهن کين خدا جو خوف نه رهيو آهي ته ڪم از ڪم سوسائٽيءَ جو ته خيال رکن، جو اهڙين بي سروپا ڳالهين لکڻ سان ڪيترين دليون ڏکي وينديون آهن. اهو به خيال کين نه ٿو ٿئي ته اهڙين پاراٽين ڳالهين ۽ خيالن بابت دنيا جو عقلمند ۽ سمجهدار طبقو ڪهڙي راءِ قائم ڪندو؟ پنهنجي دنيا ۽ آخرت هن نموني برباد ڪرڻ مان ڇا هٿ حاصل؟

افسوس:

آنچه تو با خويش کردي کس نه کرد
روح پاک مصطفيٰ آمد به درد

حديث جي منڪرن ۽ انهن انشاپردازن کي جيڪڏهن هرويرون پنهنجي ادب ۽ اسلوب بيان جا جوهر ڏيکارڻا هئا ته ان جي لاءِ هو بيائي گهڻا موضوع ڳولي سگهيا ٿي، جن مان سندن ذوق جي تسڪين ۽ بيڪار دماغ جي تسلي ٿئي ها، مگر

هنن پنهنجي افسانہ ساز قلم کي دين ۽ اسلام جي مسئلن ۾ کپائي خدا جي دين، ان جي ڪتاب ۽ سندس رسول جي ارشادات سان خوفناڪ دشمني ۽ شرمناڪ شرارت ڪئي آهي. هنن ”معارف القرآن“، ”دو اسلام“، ”دو قرآن“ ۽ ”طلوع اسلام“ جهڙن ڪتابن ۽ رسالن جي ذريعي خدا جي آخرين ۽ بي عيب ڪتاب جي تفسير کي افسانہ ۽ ناول جو رنگ ڏيئي ٻارن جو کيل بنائي ڇڏيو آهي:

تيرے پيمانون کا ہے يہ اے مۓ مغرب اثر
خندہ زن ساقي ہے ساري انجمن خاموش ہے

افسوس جو اڄوڪي دؤر ۾ دنيا جي سڀ کان وڏي اسلامي اسٽيٽ جمهوريہ پاڪستان جي سر زمين تي اسان کي هي ڏينهن ڏسڻا پيا آهن جو قرآن جي مظلوميت ۽ دين جي بيوسي ۽ جي هن حدتي پهتي آهي جو اڄ ناولسٽ ۽ افسانہ نگار ان کي تختہ مشق بنائي رهيا آهن. قاديانيت ۽ عيسائيت جي فتنہ سان گڏ هي نئون فتنو بہ امت مسلمہ جي لاءِ هڪ عظيم آزمائش آهي:

هر طرف کفر است جوشان همچو افواج يزيد
دين احمد بے کس وناکس چو زين العابدين

حفاظت قرآن جي نالي سان حديث کان انڪار ڪرڻ ۽ منهن موڙڻ جو هي فتنہ هوڻ تہ غالبا ٻي صدي هجريءَ ۾ هڪڙي بدنام فرقہ ”خارجين“ جي ذريعي ملڪ ۾ پکڙڻ لڳو، مگر اهو ڇو تہ عظيم علمائن تابعين ۽ امامن جو دور هو، تنهنڪري اهو فتنہ اتي ئي دٻجي ويو. اسان جي ملڪ ۽ هندستان ۾ هي فتنہ پنجاب جي هڪڙي فتنہ پرور شخص عبدالله چڪڙالويءَ برپا ڪيو ان وقت ملڪ جي علمائن ۽ اسلامي مبلغن انهيءَ خطرناڪ تحريڪ کي ڪا اهميت نہ ڏني ۽ قدرتي طور اهو فتنو پنهنجي موت مري ويو جي قبر پيڙو ٿيو. قبر پيڙي ٿيڻ بعد بہ اتي ڪن بي روزگار مجاورن ۽ بي دين ماڻهن چڪڙالويءَ جي ٻٽرتي گڏ ٿي، ان جي آبياري شروع ڪئي مگر اهو فتنہ وري اسري ۽ اڀري نہ سگهيو، ان بعد وري يڪايڪ هڪ پيو انشا پرداز اديب ۽ اهل قلم مسٽر غلام احمد پرويز انهي فتنہ جي پاسبانيءَ جو سندرو ٻڌي اچي ميدان ۾ ڪڙڪيو. هو پنهنجي چوڌاري انگريزي اسڪولن ۽ ڪاليجن جا ڪي ڇوڪرا ڏسي اهو تهيہ ڪري اٿيو تہ انڪار سنت جي مسئلہ ۾ ضرور جان پيدا ڪندو ۽ اسان جي اسڪولن جي انگريزي خوان اسٽوڊنٽس کي هي سستو ۽ دلچسپ دين وڻڻ بہ لڳو. انهن بہ مسٽر پرويز کي پنهنجي تعاون جو هر طرح يقين ڏياريو. هيڏي وري بي بدقسمتي هي جو اسان جي ملڪ جي سر زمين اهڙن فتنن لاءِ سازگار. نتيجو هي ويجي نڪتو جو اها تحريڪ مسٽر پرويز جي قيادت ۾ هڪ مسئلہ جي شڪل ۾ ملڪ جي اڳيان موجود ٿي پئي. هاڻي مسٽر پرويز پنهنجي آس پاس جنٽلمين ۽ اپ ٽو ڊيٽ انسانن جو ميڙ ڏسي خوش پيو ٿئي تہ منهنجو تير نشاني تي وڃي لڳو آهي، پر کيس اها سڌ ناهي تہ هن خير ۽ شر جي دنيا ۾ هر آواز تي ڪي نہ ڪي ماڻهو اچي گڏ ٿيندا آهن. اسڪول ۽ ڪاليجن جا ڪي جاهل جنٽلمين ۽ بي دين ڪامورا ڏسي هو سمجهڻ لڳو آهي تہ هي سندس همہ داني ۽ علمي مرتبہ جو ڪمال آهي، مگر انهن جو تعارف مرحوم ڊاڪٽر اقبال هن طرح ڪرايو آهي تہ:

تاويل کا پھندا کوئي صياد لگادے
يہ شاخ نشيمن سے اترتا ہے بہت جلد

اسان تہ لڱن، ڇرن ۽ مست ملنگن جي پويان بہ ماڻهن جا ولر ڏٺا آهن، جڏهن قاديان جو ڪوڙو نبي بہ پاڻ وٽ بہ ٽي لک بي وقوف گڏ ڪري سگهيو تہ ڏهن فتنہ انڪار سنت جي آواز تي پرويز وٽ جيڪڏهن بہ ٽي هزار ماڻهو اچي ڪٺا ٿيا تہ اها ڪا اچرج يا حيرت جي ڳالهہ نہ آهي. قدرت جي هن وسيع ڪارخانہ ۾ بي وقوفن ۽ مت جي موڙهيلن جي ڪا ڪمي ڪانهي. هن دنيا ۾ تہ وڏا وڏا احمق بہ موجون ماڻي رهيا آهن. البت ڏسڻو هي آهي تہ هو ڪهڙي دعوت يا ڪهڙي شي تي گڏ ٿي رهيا آهن. جنهن مسئلہ تي هي اجتماع ٿي رهيو آهي، اهو حق آهي يا باطل! حضور جن عليہ الصلواة والسلام جي مقدس حديثن ۽ سندن پاڪ سنت جي مخالفت ۾ ماڻهن جو ميڙ لڳائڻ ۽ وري انهيءَ نڳيءَ جي ناءِ تي احمقن جي لوڏ جو گڏجي وڃڻ ايمان ۽ اسلام جي هي سڀ کان وڏي ٽريجڊي آهي. هڪڙي مسلمان جي ان کان وڏي بدبختي ۽ بدنصيبي بي ڪهڙي ٿيندي جو هو سرور عالم صلي الله عليہ وسلم جي ارشادات، فرمودات ۽ واقعات کي مٽائڻ ۽ ان کي بي وقعت بنائڻ لاءِ لمهن کان چوٽيءَ جو ويهي زور لڳائي حالانڪ قرآن ڪريم صاف صاف چئي رهيو آهي تہ حضور جن دين جي باري ۾ جيڪي ڳالهائيندا هئا اهو وحي جي هدايت مطابق ڳالهائيندا هئا. وما ينطق عن الهوى ان هو الا وحي يوحى - يعني:

مصطفيٰ هرگز نہ گفتہ يا نہ گفتہ جبريل
جبريل هرگز نہ گفتہ تا نہ گفتہ کردگار

اسان انهن ايماندار ۽ ديني درد رکندڙ مسلمانن کي اپيل ٿا ڪريون تہ جيڪي حضور جن جي پاڪ حياتي ۽ سندن مقدس سنت کي ديني حجت ٿا سمجهن، جيڪي خاتم النبين جي محبت ۽ اطاعت کي عين ايمان ٿا سمجهن، انهن جو فرض آهي تہ اهي هن خطرہ کان خبردار رهن ۽ انهي فتنہ جي پاڙ پٽڻ ۾ ڪوشان رهن. تحرير- تقرير- تبليغ- مذهب- سياست- تمدن ۽ تهذيب غرض تہ هر ميدان ۾ هن شجر خبيثہ کي وڌڻ ۽ ويجهڻ کان روڪين. هي اهڙو فتنہ ناهي جنهن کي معمولي سمجهي ڇڏي ڏجي، ”انڪار حديث“ جو فتنو هڪ مستقل سازش آهي. هي حضور جن عليہ الصلوات والسلام جن جي شريعت جي مقابلہ ۾ هڪڙي نئين ۽ هٿرادي شريعت جو وجود آهي. ضرورت آهي تہ عام مجلس ۽ پرائيويٽ صحبتن ۾ هن فتنہ تي ملامت ڪئي وڃي ۽ هن فتنہ جي ناپاڪ لٽريچر کان پنهنجي گهر ٻار، اوڙي پاڙي ۽ عزيزن دوستن کي بچائڻ جي پوري ڪوشش ڪئي وڃي.

اسلام جي پيدائش کانوٺي اڄ تائين اسان مسلمانن جو هي مضبوط ۽ متفقہ عقيدو رهيو آهي تہ حضور جن جو ”اسوہ حسنہ“ نہ رڳو اسان بلڪہ نوع انسان جي لاءِ آخرين معيار آهي:

کسے کہ خاک درش نيست خاک بر سراو

رسول الله صلي الله عليہ وسلم جي سنت ۽ حديث جي مخالفت حقيقت ۾ منصب نبوت جي مخالفت آهي. حديث جا منڪر حقيقت ۾ نبوت جا منڪر آهن. جيڪي ماڻهو حديث جا منڪر آهن اوهان انهن کي جاچي ڏسندا تہ هو عام طرح نماز، روزہ، زڪوات، حج ۽ ٻين عبادتن سان سرو ڪار نہ رکندا. زالن جي بي پردگي، مغرب زدگي فرنگي تهذيب ۽ تمدن انهن جي نظر ۾ ڪو ڏوھ ڪونهي. وياج جو ڪاروبار، ڪلب گهرن جا ناچ ۽ نظرا ۽ پيون پڙايون ۽ بدڪاريون انهن وٽ غير اخلاقي حرڪتون نہ آهن. هي هڪ صاف حقيقت آهي تہ اسلام جو اخلاقي نظام پنهنجي تفصيل ۽ جزئيات سميت حضور جن جي قول ۽ فعل جي

آڌار تي قائم آهي. جڏهن حضور جن صلي الله عليه وسلم جي سنت ۽ پيروي دين ۾ حجت نه رهندي ۽ حديث جو سمورو سلسلو ۽ ذخيرو عجمي سازش جو شاهڪار هوندو ۽ جنهنکي شريعت چيو وڃي ٿو اهو بادشاهن ۽ سرڪاري ملن ۽ مولوين جو ٺاهيل هوندو ته پوءِ اهڙن خيالن جي پيداوار جي زندگي اها ٿي نه ٿي سگهي جنهنکي جمهور جي اصطلاح ۾ اسلامي زندگي چئي سگهجي. انڪار حديث وارن جي مذهب ۾ زال مڙس گڏجي ڦوٽو ڪڍائي سگهن ٿا ڇو جو ڦوٽو ڪڍائڻ جي منع ته حضور جن ڪئي آهي ۽ حضور جن جو حڪم مڃڻ جڙتو شريعت ۾ ڪو دليل ڪونهي.

انڪار سنت جي پرويزي شريعت ۾ وٽند ۽ ڍيل ڍول وارا ڪتا سانڍي سگهن ٿا. انهنکي پاڻ سان گڏ کاڌو کارائي سگهجي ٿو ڇو ته اهو حضور جن جو حڪم هو ته جنهن گهر ۾ ڪو ڪتو يا ڦوٽو هوندو ته ان گهر ۾ رحمت جا فرشتا ڪونه ايندا ۽ حضور جن جو قول، هن جڙتو شريعت ۾ "سند" ڪونهي. عورتون عطر عنبير ملي، هار سينگار ڪري گهٽين ۽ بازارن ۾ گهمي ڦري سگهن ٿيون. ڇو ته حضور جن جي مشهور حديث آهي ته جيڪا عورت هار سينگار ڪري خوشبودار تيل وارن کي ڏيئي ٻاهر نڪري اها بدڪار آهي ۽ حديث دين ۾ حجت ناهي ان ڪري عورتون پلي ڇڙو چانڊ گهمنديون وتن.

غرض ته انڪار سنت جي شريعت ۽ بنياد تي جيڪا جماعت ٺهندي، اندازو ڪريو ته ان جا ارڪان ڪيتري قدر گمراه ۽ بي دين هوندا ۽ اسلام جي مزاج کان اهي ڪيتري قدر پري نظر ايندا.

اها جماعت انهيءَ لاءِ ناهي ويٺي آهي ته امام مالڪ، ابو حنيفه، امام شافعي، احمد بن حنبل، شيخ عبدالقادر جيلاني، سفيان ثوري جي اسلامي زندگين خلاف، زندگيءَ جا ڪي نوان نمونا ٺاهيا وڃن، جن تي اسلام شناسيءَ جو ليبل هڻي ڇڏجي. اسان حديث جي منڪرن کان پڇڻ گهرون ٿا ته هي جو قرآن شريف ۾ هر هنڌ تي، اطيعوالله سان گڏ اطيعوالرسول جو حڪم آيل آهي ته انهي وڌيڪ جملي اطيعوالرسول جي حڪم ڏيڻ جي خدا کي ڪهڙي ضرورت هئي؟ ۽ هي جو قرآن شريف ۾ ڪيترن جاين تي مسلمانن کي تلقين ڪئي وئي آهي ته (اوهان جو پاڻ ۾ جيڪڏهن ڪنهن معاملي ۾ ڪو تڪرار ٿي پوي ته خدا ۽ سندس رسول ڏانهن رجوع ڪريو.) قرآن ۽ قرآن ڪريم جو هي فرمان ته اوهان جو رسول جيڪي اوهان کي ڏي اهو کڻو ۽ جنهن کان منع ڪري ته اها شيءِ ڇڏي ڏيو ۽ وري ڪن جاين تي مسلمانن کي هي حڪم ته مسلمانو اوهان جي لاءِ محمد رسول الله جي زندگيءَ ئي بهترين نمونو آهي ته پوءِ حضور جن جا فيصلا، سندن زندگيءَ جا ليل و نهار سندن روايتون - حڪايتون ۽ سندن پاڪ اسوه حسنه آخر ڪٿي محفوظ آهي؟ ممڪن آهي ته اهي مت جا موڙيل اهو جواب ڏين ته اهو سمورو قرآن ۾ محفوظ آهي ته پوءِ اسان ڪانئن پڇڻ ٿا گهرون ته قرآن شريف ۾ بار بار اقيموالصلوات جو امر ٿيل آهي. هاڻي اسان ان جي تعميل ڪيئن ڪريون ۽ نماز ڪهڙيءَ طرح ادا ڪريون، رڪوع - قرات - قيام - سجده ۽ تڪبيرون ڪهڙي طرح چئون ۽ نماز ۾ ڇا پڙهون. جيڪي پڙهون اهو ڏاڍيان پڙهون يا هوريان؟ جيڪڏهن نماز پڙهندي ڪا غلطي ٿئي ته ان وقت ڇا ڪجي؟ اهو تفصيل اسان قرآن منجهان معلوم ڪرڻ ٿا گهرون، ۽ ڇا عقل اها ڳالهه تسليم ڪندو ته حضور جن جي زندگيءَ جا سمورا نقيا وڏا واقعا قرآن ۾ محفوظ آهن؟ جيڪڏهن آهن ته پوءِ اهي عقل جا اڪابر اسان کي ٻڌائين ته پاڻ ڪريم جن مڪه شريف مان ڪهڙيءَ حالت ۾ هجرت ڪئي هئي ۽ هجرت جي رات سندن بستري مبارڪ تي ڪهڙو اصحابي ستل هو ۽ سندن سواريءَ جو انتظام ڪنهن ڪيو هو؟ ۽ سندن سنگتي ڪير هئا؟ رستي ۾ ڪٿي ۽ ڪهڙن هنڌن تي پاڻ قيام ڪيائون، مديني ۾ ڪيئن داخل ٿيا؟ ۽ اتي سڀ کان پهرين ڪنهن جي گهر وڃي ترسيا؟ ممڪن آهي ان جو جواب اهو ملي ته اهو تفصيل تاريخ ۾ موجود آهي ته پوءِ جنهن تاريخ ۾ اسوه حسنه محفوظ آهي، ان جي حيثيت ڇا آهي؟ ڇا اها تاريخ به سڪندر ۽ نيپولين جي تاريخ ۽ سوانح حيات جهڙي آهي يا ان کان مختلف؟

جيڪڏهن سڪندر ۽ نيپولين جي هسٽريءَ جيتري حيثيت حضور جن جي سيرت ۽ سنت کي ڏني وڃي ته پوءِ خدا تعاليٰ جي هن ارشاد ۾ آخر ڪهڙو وزن وڃي رهندو ته- "لقد ڪان لڪم في رسول الله اسوه حسنه" ۽ وري اسان کي هي به سمجهايو وڃي ته سڪندر ۽ نيپولين يا دنيا جي ٻين وڏن انسانن ۽ رهبرن جون "سوانح عمريون" جنهن ترتيب ۽ انداز سان لکيون ويون آهن ڇا پاڻ ڪريم جن جون حديثون ۽ ڳالهيون به انهيءَ نموني مرتب ڪيون ويون آهن؟ جيڪڏهن انهن ۾ فرق آهي ۽ يقينا انهن فرق کي دنيا جو ڪو به دانشمند ۽ محقق تسليم ڪرڻ کانسواءِ رهي نه سگهندو ته پوءِ حديث کي ڇڙو تاريخ سمجهڻ ڪيڏو اندير آهي؟ حضور جن جي بيداغ حديثن ۽ ٻين تاريخن ۾ فرق نه ڪرڻ ڪيڏي وڏي زيادتي آهي.

تاريخ ۽ سيرت جي دنيا ۾ بلا شبهه ڪيترا ضخيم ۽ ٿلها دفتر لکيا ويا آهن ايتري قدر جو انهن جو شمار ڪرڻ به اسان جي وس کان ٻاهر آهي. انهن ۾ پيغمبرن- مرسلن، مهندارن صوفين- بادشاهن- فلسفين- شاعرن- حڪيمن، اديبن ۽ فاتح جرنيلن جون سوانح عمريون شامل آهن مگر نوع انسان جي سچي تاريخ ۾ بنا ڪنهن شڪ شبهي ۽ بنا ڪنهن وڌاءَ جي پوري ساک ۽ سچائي سان چئي سگهجي ٿو ته سرور ڪائنات صلي الله عليه وسلم جي مقدس حياتي ۽ سندن حديث کي جنهن احتياط، هوشياري، ذمه داري امانت ۽ تقويٰ سان گڏ ڪيو ويو آهي، ان جو مثال هن ڪارزار هستيءَ ۾ ڳولڻ به اجايو آهي.

علمي دنيا، علم ۽ حڪمت جي سدرت المنتهيٰ تي پهچڻ کان پوءِ به هن حقيقت تي حيران آهي ته ايڏي محنت ۽ ايڏي جفاڪشي جيڪا پاڻ ڪريم جن جي زندگيءَ جي هر ذري پرزي هٿ ڪرڻ جي لاءِ ڪئي ويئي آهي ان جو هزارهون حصو به دنيا جي ڪنهن فلسفي، پيشوا ۽ شهنشاه جي حصي ۾ نه آيو، ڇو؟ هن ڪري جو اهائي زندگي انسانيت جي لاءِ آخري معيار آهي. انهيءَ زندگيءَ جي هر حصي کي سندن پيدائش کان وٺي وصال تائين محفوظ رکڻ لاءِ جيتري قدر احتياط ۽ پڪائي جي ضرورت هئي ۽ جيتري ڪوشش ممڪن هئي اها ڪئي وئي. ان ۾ به خدا تعاليٰ جي هڪڙي وڏي حڪمت آهي جو قرآن شريف جي حفاظت ۽ سنڀال جو ذمو پاڻ تي کنيائين ۽ صاحب قرآن حضرت محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم جي زندگي ۽ "اسوه حسنه" جي حفاظت جو فرض ۽ ان جي ذمه داري سندس امت جي حوالي ڪيائين.

هاڻي حضور جن عليه الصلوات والسلام جن ماڻهن ۾ رهيا جن سان شاد ٿيا، غمين، وٽيوا ٿيا، ڏيتي ليتي ۽ زندگيءَ جي ٻين معاملن ۾ پيڙهو هئا جن

سان رات ڏينهن سندن واسطو ۽ واهپو هو، جن سان سموري حياتي گذاريائون اهي ئي پڌائيندا ته پاڻ ڪريم جن جو ڪئن ڪئن ڪهڙو هو.

جن بزرگن (خدا مٿن رحمت ڪري) حديثن کي گڏ ڪرڻ سهيڙڻ، جاچڻ ۽ پرکڻ ۾ پنهنجي جگر جو خون ولوڙي، رات ڏينهن هڪ ڪري همت ۽ محنت ڪئي انهن جي احسان کان انڪار ڪرڻ سندن هن قابل فخر ڪارنامه کان منهن موڙڻ انتها درجي جي بي ايماني، بي انصافي، ظلم ۽ زيادتي ڇٽبي!

ڇڙو امام بخاري رحمته الله عليه حضور جن جي حديث هٿ ڪرڻ جي سلسلي ۾ مدينه - مڪه- طائف- جده- بصره- ڪوفه - بغداد- شام- خراسان- مصر- مرو- بلخ- هرات ۽ ٻين ڏورانهن ڏيهن جو سفر ڪيو. هي انهي زماني جو ذڪر آهي جڏهن گهوڙن، گڏهن، خچرن ۽ اٺن، ڏاران خشڪيءَ جي سفر جي ٻي ڪا صورت ئي نه هئي؛ ڇا هنن جي هي بي پناهه جدو جهد ۽ رسول جي حديث مبارڪ سان هيڏو بي مثال عشق عجمي سازش هئي افسوس!

نه ڊر خدا سے اور اس کي
ڪتاب سے ليڪن
نبي کي غصه مين ڊوبي
هوئي نگاه سے ڊر

مطلب ته حضور جن صلي الله عليه وسلم جي سنت ۽ حديث جو دين ۾ حجت هجڻ هي ڪو معمولي مسئلو يا جزوي ڳالهه ڪانهي، بلڪ اصل الاصول ۽ بنيادي مسئلو آهي جنهن کي اسلام جي پيدائش کان وٺي اڄ تائين هڪڙي سيڪنڊ جي لاءِ به نظر انداز نه ڪيو ويو. جنهن ۾ ڪنهن به صحابي، تابعي، امام، محدث عالم ۽ فقيه رتيءَ جيترو به اختلاف نه ڪيو آهي. جيڪڏهن اهو بنياد ئي معاذ الله غلط آهي ته پوءِ دين جي سڄي عمارت جو سنگ بنياد ئي غلطي ۽ فساد تي قرار ڏنو ويندو ۽ انهي عقيده رکڻ بعد اڄوڪي ڏينهن تائين ڪروڙن مسلمانن کي گمراه ۽ بي دين سمجهڻ تي مجبور ٿيڻو پوندو.

علماء امت ۽ بزرگان دين جو پاڻ ۾ جزئي مسئلن تان اختلاف ٿيندو رهيو آهي جنهنکان اسان کي انڪار ڪونهي، مگر انهن سمورن حضور جن جي حديث کي دين ۾ حجت ئي سمجهيو آهي ۽ انهي مسئلي ۾ سمورن جو پاڻ ۾ اتفاق ۽ اتحاد ئي رهيو آهي. جيڪڏهن پرويزي شريعت جي فيصلي موجب حديثن کي قرآن پاڪ جي خلاف عجمي سازش سمجهي ويهي رهجي ته ان جي معنيٰ اها ٿيندي ته سڄي امت چوڏهن سو سالن کان وٺي قرآن جي خلاف سازشن ۾ مصروف هئي. اسان اهڙي ذليل تصور کان به خدا جي پناه ٿا گهرون. جنهن جي دل ۾ ايمان جي نور جو ترورو به هوندو، اهو انڪار سنت جي هن بيهوده بڪواس ڏي ڪو ڌيان نه ڏيندو.

حديث جي باري ۾ سنت جا منڪر ۽ سندن انشا پرداز حواري جيڪي جاهلانه ڳالهيون ۽ حرڪتون ڪندا آهن ان جي اميد ڪنهن به ذميدار ۽ سمجهدار مسلمان ۾ رکي نٿي سگهجي. البت اهڙو گمان انهي احمق ۾ ڪري سگهجي ٿو جنهن جي دل خدا جي خوف ۽ آخرت جي ڊپ کان خالي آهي. ڪتاب الله کان پوءِ اسان جو اعتماد ۽ اعتبار، يقين ۽ ويساه مٺي مرسل جي حديثن ۾ آهي. دنيا جو ڪوبه سچو مسلمان ڪنهن به قيمت تي هي بي بها سرمايو ڇڏي نه ٿو سگهي.

در دل مسلم مقام مصطفيٰ است
آبرو ئي ما زنام مصطفيٰ است

حديث ۽ سنت جي منڪرن جي مختصر سياسي ڪرائڻ بعد انهن جي هڪ ٻي خوفناڪ شرارت بابت ڪجهه عرض ڪجي ٿو. اها شرارت هي آهي نه هو پنهنجي قلم جي زور سان عوام کي اهو يقين ڏياريندا رهيا آهن ته مسلمانن ۾ هي فرقه بنديون ۽ ڇڪتاڻ، شيعه، سني وهابي، ديوبندي، بريلوي، چشتي، قادري ۽ نقشبندي هي سمورو سنت ۽ حديث جي ڪري آهي. هي امت مسلمه جيڪا مختلف ٽولين ۽ طبقن ۾ ورهايل آهي ان جو علاج اهو آهي ته حضور جن جي سنت مبارڪ کي هميشه لاءِ ڇڏي ڏجي ۽ هو پنهنجي انهي غلط ۽ بي بنياد تصور جي بناء تي سنت رسول جي قيمتي ۽ واجب الاطاعت ذخيري کي عجمي سازش جو نالو ٿا ڏين ته ٻين اکرن ۾ سنت جا منڪر حديث جو دامن ڇڏائي رڳو قرآن سان وابسته رهڻ جي دلفريب دعويٰ ڪندا آهن، ۽ اهو عقيده پوري قوت سان ڦهلائڻ ۾ مصروف آهن ته حديث ۽ سنت جي ڪري اختلاف ۽ ويڇا وڌي رهيا آهن. اڄو ته اسان تاريخ جا ورق اٿلائي ڏسون ته ماٺهن قرآن ڪريم مان به غلط استدلال پيدا ڪري قرآن کي به اختلافات جو مرجع بنايو آهي ۽ قرآن ڪريم مان به غلط دعوائون ۽ باطل دليل هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن اها ڳالهه ثابت ٿي وڃي ته پوءِ سنت ۽ حديث جا منڪر قرآن جي باري ۾ ڪهڙي راءِ قائم ڪندا؟ هن گذارش جو مطلب هي ناهي ته قرآن جي بناتي اختلاف پيدا ٿيو، بلڪ هي ماڻهن جي دماغ ۽ سمجهه جو قصور هو جو انهن قرآن پاڪ کي اختلافات جو سرچشمه بنائي ڇڏيو.

سنت جا منڪر جيتوڻيڪ حديث کي ديني حيثيت نٿا ڏين مگر تاريخي حيثيت کان ته انهن کي به انڪار ڪونهي. هتي انهي تاريخ مان ڪي واقعا بيان ڪري هي ڳالهه واضح ڪئي ويندي ته حضور صلي الله عليه وسلم جي وصال کان پوءِ ڪيترا اهڙا عظيم اختلاف پيدا ٿيا، جنهن ڪري امت ۾ شديد اختلاف جو امڪان هو ۽ بارها تلوارن به ڇمڪڻ جي نوبت اچي پهتي، مگران وقت حديث ئي اها واحد طاقت هئي جنهن مٿن ۾ اهي خوفناڪ اختلاف ختم ڪري امت کي ٽڪرا ٽڪرا ٿيڻ کان بچائي ڇڏيو.

اسلامي تاريخ ۾ سڀ کان پهريون اختلاف جماعتي شڪل ۾ خارجين وٽان ظاهر ٿيو. هي اها جماعت هئي، جيڪا حضرت علي ۽ امير معاويه جي برخلاف عملي طرح ميدان ۾ هٿيارن سان ليس ٿي آئي. هن طبقه جو اختلاف حضور جن جي ڪنهن حديث يا سنت جي بناء تي نه هو بلڪ هن پارٽي سڀ کان پهرين پنهنجي فائدي ۾ قرآن جي هيءَ آيت پيش ڪئي ته ”ان الحڪم الا لله“ يعني حاڪميت رڳو خدا جي لاءِ آهي.

هو انهيءَ آيت جي آڙ ۾ حضرت عليءَ کي قصوروار سمجهي رهيا هئا ته هن انسان جي ٿالثي ڇو قبول ڪئي؟

هڪڙو ٻيو مثال به پڙهي وٺو. حضور جن جي وفات کان پوءِ فورا مسيلمه ڪذاب جو فتنو ظاهر ٿيو. مسيلمه بدبخت نبوت جي دعويٰ ڪئي. ان تي جن نياڻين ايمان آندو، انهن جو نعرو هي هو ته ”ڪفانا هدايته القرآن“ يعني اسان کي قرآن جي هدايت ڪافي آهي انهن جو خيال ۽ موقف هي هو ته حضور جن جي اطاعت ۽ فرمانبرداري سندن زندگيءَ تائين محدود هئي. سندن وفات کان پوءِ اطاعت فرض نه رهي. اڄڪلهه جيڪي سنت جا منڪر آهن انهن جي زبان ۽ اصطلاح ۾ ڪٿي ائين چئجي ته حضور جن پنهنجي زندگيءَ ۾ ”ملت جي مرڪز“ هئڻ جي حيثيت رکندا هئا پر سندن لاڏاڻي بعد ”ملت جو مرڪز“ نئون هئڻ گهرجي، جيڪو زماني جي تقاضائن جو لحاظ رکندي اسلامي قانون ۽ قاعدن ۾ ڦير ڦار ڪرڻ جو مجاز ۽ مختار هجي. واضح رهي ته مسيلمه ڪذاب جي حامي گروهه پنهنجي عقيده جي تائيد ۾ ڪا حديث پيش نه ڪئي

Scanned with CamScanner

بلڪ انهن مسيلمہ جي رسول هجڻ تي قرآن منجهان ئي دليل هٿ ڪيو هو. انهن جو دليل هيءَ هو تہ قرآن شريف ۾ آهي ”انا ارسلنا اليڪم رسولا ڪما ارسلنا الیٰ فرعون رسولا“ يعني ”اسان اوهان ڏانهن اهڙي طرح رسول موڪليو، جهڙي طرح اسان فرعون ڏانهن رسول موڪليو هو“. فرعون ڏانهن حضرت موسيٰ موڪليو ويو هو، پر ان سان گڏ سندس مدد لاءِ حضرت هارون عليہ السلام بہ موڪليو ويو هو. هن آيت سڳوريءَ ۾ ”ڪما“ (جهڙي طرح) جو لفظ آڻي پيغمبر عليہ السلام جي نبوت کي حضرت موسيٰ جي نبوت سان تشبيهہ ڏني ويئي آهي تنهنڪري حضرت موسيٰ جي معاون ۽ مددگار وانگر حضور جن جو بہ ڪو معاون ۽ مددگار هئڻ گهرجي ۽ اهو مددگار ”مسيلمہ“ آهي. هيءَ هو انهن جو غلط استدلال جنهن جي لاءِ هنن مٿين آيت شريف کي نشانو بنايو هو تفصيل لاءِ ڏسو تاريخ ابن خلدون.

اسان اجوڪي منڪرين سنت وٽان بہ اهو ئي آواز پيا پڌون تہ اطاعت جو لفظ رڳو زنده ماڻهوءَ جي لاءِ چئي سگهجي ٿو.

قاديانيت کي ڏسو اهي بہ پنهنجي ڪوڙي نبيءَ جي پرچار لاءِ قرآن کي ئي استعمال ڪندا آهن، اگرچہ سندن اهي استدلال ۽ اها دليلبازي سوني غلط آهي، مگر هٿن ۾ قرآن ئي اٿن. بني اميہ ۽ بني عباس جي دور حڪومت ۾ جيڪي گمراهہ فرقا ڪراميہ - معطلہ، جهميہ، معتزلہ پيدا ٿيا، انهن بہ پنهنجي گمراهہ عقيدن جو بنياد قرآن کي ئي قرار ڏنو هو. مقصد هي آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن سرچشمي يا ماخذ جي تفصيل سمجهڻ ۾ اختلاف پيدا پيدا ٿين تہ اها ڪهڙي عقلمندي آهي جو انهي سرچشمہ کي ئي ڇڏي ڏجي. هاڻي هڪ ٻي عنوان سان گفتگو ڪجي ٿي اها هي تہ سنت ۽ حضور جن جي حديث ئي اها واحد قوت هئي جنهن وڏن اختلافن ۽ ڇڪتاڻن ۾ عظيم امداد ڏني آهي.

ٻاڻي ڪريم جن جي وصال کان پوءِ فورا ئي زبردست اختلاف پيدا ٿيو تہ خلافت جي ٻڳ ڪنهنکي ٻڌائجي. انصار انهي خلافت جا وڌيڪ مستحق آهن يا مهاجر؟

انصار جو اعلان هي هو تہ ”منا امير و منڪم امير“ يعني (هڪڙو امير اسان مان هجي ۽ هڪڙو امير اوهان مان).

ظاهر آهي تہ اهو اختلاف ڪيتري قدر نہ خطرناڪ ۽ ڏڦيڙ پيدا ڪرڻ وارو هو. جيڪڏهن اهو اختلاف ان وقت ختم نہ ٿئي ها تہ شايد حشر تائين امت جو شيرازو منتشر هجي ها. اهڙي نازڪ ۽ انتهائي خطرناڪ مرحلہ ۾ حضرت ابوبڪر رضہ اللہ عنہ هي حديث پيش ڪئي تہ ”الائمہ من القريش“ يعني (امام قريشن مان هوندو) انصار جڏهن اها حديث ٻڌي تڏهن فورا پنهنجي دعويٰ تان دستبردار ٿيا.

حديث ۽ سنت جي هڪ ٻي ڪرامت بہ ڏسو. جيئن عام طرح ماڻهوءَ جي مرڻ کان پوءِ سندس ميراث مائٽن ۾ ورهائبو آهي، تيئن حضور جن عليہ الصلوات والسلام جي وفات کان پوءِ سندن پياري نياڻي بي بي فاطمہ جو خيال هو تہ حضور جن جو ميراث بہ تقسيم ٿئي. ان وقت حضرت ابوبڪر صديق هيءَ حديث پيش ڪئي تہ ”لا نورث ما ترڪنا صدقہ“ يعني حضور جن فرمايو آهي تہ (اسان جو ورثو تقسيم نہ ٿيندو آهي جيڪي پويان ڇڏي وڃون اهو صدقو آهي) چنانچہ بي بي فاطمہ پنهنجي پيءُ جو هي ارشاد ٻڌڻ بعد تہ نبيءَ جو ورثو اولاد ۾ ورهائبو نہ آهي بلڪ سڄي امت جو آهي، مطمئن ٿي ويئي.

ان کان پوءِ هي اختلاف بہ پيدا ٿيو تہ حضور جن جو لاش مبارڪ ڪٿي دفن ڪجي؟ ڪن جو خيال هو تہ ڪين سندن آبائي وطن مڪہ ڏانهن کڻي وڃي سپرد خاڪ ڪجي. ڪن اصحابن جو خيال هو تہ مديني شريف کي اها سعادت ملڻ گهرجي، ڪن وري هي خيال ڏيکاريو تہ کين بيت المقدس کڻائي وڃي دفن ڪجي جتي ٻيا ڪيترا انبيا دفن آهن. ان باري ۾ جيترا وات اوتريون ڳالهيون شروع ٿي ويون ۽ اختلاف وڌندو رهيو. آخر حضرت ابوبڪر رضي اللہ عنہ هي حديث ٻڌائي سڄو مشڪل حل ڪري ڇڏيو ۽ اها خوفناڪ ڪشمڪش ختم ٿي ويئي. حديث هي هئي ”انلم يدفن نبي قط الحيث يقبض“ يعني (نبي اتي دفن ڪيو ويندو آهي جتي سندس روح قبض ٿيندو آهي)

چنانچہ جنهن حجره مبارڪ ۾ ٻاڻ پنهنجي رفيق اعليٰ سان وڃي مليا اتي ئي سندن قبر مبارڪ تيار ڪئي ويئي. هڪ ٻيو مثال بہ ٻڌي وٺو. حضرت عمر پنهنجي خلافت واري زماني ۾ شام ملڪ ڏانهن پئي ويو رستي ۾ کيس اطلاع مليو تہ شام جي ملڪ ۾ شديد ڪالرا جي بيماري منهن ڪڍيو آهي ان تي سندس ڪن دوستن کيس صلاح ڏني تہ هتان واپس هلجي، خود حضرت عمر جو بہ اهو خيال هو تہ پوئتي موٽجي. مگر ڪن جي مرضي هئي تہ واپس ورڻ اجايو آهي. سڌو شام ڏانهن هلجي، حضرت عمر کي انهن بہ چيائون تہ ”انفر من قدر اللہ“ يعني اوهان خدا جي تقدير کان ڀڄو ٿا. تنهن تي حضرت عمر وراڻيو تہ ”نفر من قدر اللہ الیٰ قدر اللہ“ يعني اسان خدا جي تقدير کان خدا جي تقدير ڏانهن ڀڄون ٿا. اهڙي موقع تي حضرت عبدالرحمان بن عوف هيءَ حديث پيش ڪئي، جنهن جي معنيٰ هي آهي تہ ”جتي وبا پکڙيل هجي اتان ڪو بہ نہ نڪري ۽ نہ وري انهي ايراضي ۾ ڪو ٻيو داخل ٿئي.“ تنهنتي حضرت عمر خدا جو شڪر ادا ڪيو تہ سندس راءِ حديث جي مطابق نڪتي.

مٿين مختصر مثالن مان هيءَ حقيقت چڱيءَ طرح واضح ٿئي ٿي تہ اڳوڻي دور ۾ حضور جي سنت ۽ سندس حديث ملت جي اتفاق ۽ اتحاد جي واضح علامت هئي.

هاڻي وري اچو سنت جي منڪرن جي شريعت جاچيون تہ قومي اتحاد ۽ اتفاق جا هي علمبردار جيڪي قرآن هٿ ۾ کڻي مرڪز ملت جو ڍنڍورو ڏيئي رهيا آهن تن جو پاڻ ۾ ڪيترو اختلاف ۽ ڪيڏي ڇڪتاڻ آهي.

انهي ڇڪتاڻ جا ڪي مختصر مثال پيش ڪجن ٿا. ٻيا مسئلا ڇڏي رڳو نماز جي مسئلہ تي اچو تہ انهي معاملہ ۾ بہ هن عجيب ۽ غريب مخلوق جي زندگي ۾ جيڪو رولو نظر ايندو سو ٻي هنڌ ڪٿي ورلي نظر ايندو.

غلام جيلاني برق، جنهن ”دوقرآن“ لکي منڪرين سنت جي حلقہ ۾ وڏو ناماچار حاصل ڪيو آهي، ان جو هڪ ٻيو مشهور ڪتاب ”ايڪ اسلام“ نالي آهي ان جي صفحہ ٣٩ ۽ ٤٠ ۾ لکي ٿو تہ ”خدا تعاليٰ قرآن شريف ۾ عبادت جي ڪا خاص صورت متعين نہ ڪئي آهي. ڪٿي فرمايو اٿس تہ اسان جو ذڪر ڪريو. ڪٿي نماز جي تاڪيد ۽ ڪٿي وري ”قياما وقعودا“ جو حڪم ڏنو اٿس. قرآن ڪريم عبادت جون اهي سموريون صورتون منظر ڪيون آهن بلڪ هڪڙي جاءِ تي تہ يهودين ۽ انصارن جي عبادت کي بہ سرڪاري طور تسليم ڪيو اٿس. ذڪر ۽ عبادت جا اهي مختلف طريقا قابل اعتراض نہ آهن بلڪ ستائش جا مستحق آهن“ ڏسو ”ايڪ اسلام“ صفحہ ٣٩ ۽ ٤٠.

قياما وقعودا جي سمجهاڻي

(ڏسو صفحو ١٢٨)

از: مولوي عبدالڪريم چشتي

سنڌ جي قديم تاريخ تي هڪ نظر

سگهوري ۽ سڀاڳي سنڌ جنهن جو نامور فرزند خدا تعاليٰ جو پيارو بندو ڀٽ ڌڻي بادشاهه سيد عبداللطيف شاهه عليہ الرحمت سنڌ لاءِ هنن لفظن ۾ دعا گهري ويو آهي.

” سائينم سدائين ڪرين
مٿي سنڌ سڪار “
” دوست تون دلدار عالم
سڀ آباد ڪرين “

دنيا جي قديم ترين ۽ شاندار تاريخ رکندڙ ملڪن مان هڪ اهم ملڪ آهي جنهن جو ماضي بعيد بلند ۽ باعظمت آهي. ڇا آبادي ۽ قومن جي اهميت جي مدنظر تي، ڇا تمدن ۽ معاشرت جي لحاظ تي، ڇا حڪومت ۽ نظام سلطنت جي مد نظر تي، ڇا علم ۽ فن جي لحاظ تي - سنڌ قديم متمدن ملڪ آهي. سنڌ جهونو علمي گهواره آهي.

تجارتي خواه سياسي نقطه نظر موجب سنڌ جي تاريخ گهڻو دلچسپ ۽ سبق آموز نه آهي. سنڌ علي الخصوص هن خيال سان ته تمام عظيم المرتبه ملڪ آهي جو هو هندستان لاءِ ” باب الاسلام “ آهي. سنڌ جي تهذيب خواه تمدن تي اسلامي رنگ غالب ٿي ويو. سنڌ علم ۽ ادب تي، سنڌ صنعت ۽ فن تي عربي اسلامي اثر پوري ريت ڇائنجي ويو. ڇو ته هندوستان جي سر زمين تي مسلمانن عربن جو پهريون قافلو سنڌ ۾ ئي منزل انداز ٿيو. سنڌ ئي پهريان اسلام ۽ اسلامي تهذيب سان روشناس ٿي. سنڌ جي ذريعي ئي اسلام سموري هندوستان ۾ ڦهلجي ويو. اگرچه بعد ۾ هندوستان اندر مختلف گوشن کان به عربن جي آمد جاري رهي. سنڌ ۾ اول اول اسلامي حڪومت قائم ٿي. اول ئي سنڌ ۾ مسلمان فاتحين اسلام جو جهنڊو بلند ڪيو ۽ اول ئي سنڌ ڪي مسلمان بزرگن، نامور بهادرن، شهره آفاق عالمن ۽ فاضلن پنهنجو مسڪين ۽ آرام گاهه بڻايو. قريب قريب هڪ هزار سال مسلسل مسلمان سنڌ تي حڪمران رهيا. اگرچه انهي هڪ هزار سال سلسله حڪومت و سلطنت تي ڪنهن هڪ قبيلي جو قبضو نه رهيو. مختلف خاندانن ۽ متعدد قبيلن جو اثر و رسوخ سنڌ جي اقتدار ۽ بادشاهي تي تسلط ڄمائيندو رهيو.

هڪ پاسي کان سنڌ تي عربي مسلمانن جي طاقت ۽ رسوخ علميت ۽ فضيلت جون برڪتون اثرانداز ٿينديون رهيون ته وري ٻي پاسي خود سر زمين سنڌ جي ڄايل فرزندن مان بهادر فوجي فاتح ۽ سوين لائق حاڪم ۽ سوين باڪمال هنرمند ۽ سوين بي مثال علماء فضلاء سوين ڪامل اولياء پيدا ٿيندا رهيا جن جي وجود مسعود سبب سنڌ جو درجو بيحد بلند ٿيندو رهيو.

سنڌ جو نالو سنڌ تي آريه قوم جو رکيل ٿو ڄيو وڃي. ان کان اڳ جو پتو پورو ڪونه ٿو پوي. آريا جڏهن سنڌ ۾ آيا تڏهن انهو نالو سنڌ رکيو ويو ڇو ته هي موجوده سنڌو ندي هن ملڪ تي هڪ سري کان ٻي سري تي هنن حاوي ڏٺي. سڄو ملڪ پنهنجي ڪنارن کان هن ئي سنڌو نديءَ مان سيراب ۽ سر سبز ٿيندو ڏٺو. سنڌ جو ميوو ۽ اناج ان جي طفيل ڏٺو تنهن ڪري ملڪ جو ئي نالو رکيائون ” سنڌو “ سنڌن ٻوليءَ ۾ درياءَ کي سنڌو

خدا جي دين ۾ حديث ۽ سنت جي اهميت

(آنڌل صفحي ۱۲۷ تان)

به مسٽر ” برق “ جي الفاظ ۾ پڙهو: مسلمانن جو ڪم يذڪرون الله قياما وقعودا يعني اُٿي ويٺي خدا جو پروپئگنڊا ڪرڻ ” ايڪ اسلام “ صفحه ۳۱۳

سنت جي منڪرن جو هڪڙو مسلڪ ته اهو آهي ٻيو هڪڙو نمونو به پڙهي وٺو: ” قرآن ڪريم ۾ نمازون صرف ٻه ڄاڻايل آهن هڪڙو فجر ٻي سومهڻي “ خواجه عباد الله اختر (طلوع اسلام آگست ۱۹۵۰ع)

هڪڙي ٻي سنت جي منڪر جي گل افشاني ڏسو- ” قرآن مان رڳو فجر عصر ۽ عشا جا وقت واضع آهن ظهر ۽ مغرب جو ذڪر ڪٿي به ڪونهي “ (مطالع حديث ص ۱۴۹.) سنت جي منڪرن جو موجوده اڳواڻ نماز جي تاريخ تي روشني وجهندي لکي ٿو ته:- ” عجم ۾ مجوسين (پارسين) وٽ پوڄا جي رسم کي نماز ڪوٺيو ويندو آهي. اهو لفظ انهن جو آهي تنهنڪري صلوات جي جاءِ تي نماز اچي ويئي “ (طلوع اسلام صفحه ۵۱) اهي ماڻهو ” اقيموالصلوات “ مان مراد صلوات جو نظام وٺندا آهن ۽ ان جي تشريح ڪندي فرمائين ٿا ته ” مذهب ۾ به نظام صلوات نماز پڙهڻ ۾ تبديل ٿي ويو جنهن جو ڪو به نتيجو سامهون نه ٿو اچي. “ (طلوع اسلام صفحه ۵۰) ” نظام صلوات ڇا آهي؟ مگر قرآن اهو سمورو تفصيل هن هڪڙي جملي ۾ سمجهائي ڇڏيو آهي يعني ” ولم نڪ نطعم المسڪين “. (سليم ڪے نام صفحه ۲۷۴). غرض ته نئين ٽولي صلوات مان اهو ئي نظام ربوبيت مراد وٺي ٿي جيڪو قرآني بنياد تي قائم ڪيو وڃي ۽ ان ۾ غريبن کي کاڌو کارايو وڃي. هاڻي پڙهايو وڃي ته اسان انهن مان ڪهڙي کي مڃون. ايڏي مانداڻ هوندي به هو سنت جي تابعدارن کي اختلاف ۽ انتشار جو مهڻو ڏين ٿا، مگر هن هڪڙي ئي مسئلي ۾ ڏٺو وڃي ته هي حقيقت واضح ٿي ويندي ته هي ٻي دين پاڻ ڪيتري قدر اختلاف جا شڪار آهن.

مسلمانن جا سمورا فرقا نمازن جي پنج هجڻ ۾ ڪو اختلاف نه ٿا رکن. ظهر- عصر- مغرب- عشا ۽ فجر جي باري ۾ سمورن جو هڪ ئي عقيده آهي. ٻي پاسي هي سنت جا منڪر آهن جن وٽ نماز سري کان غائب يا رڳو ٻن - ٽن نمازن تي عقيده اٿن. وري جيڪي نماز جا صحيح منڪر آهن اهي به ٻن ٽولين ۾ ورهايل آهن: هڪڙي گروهه جو مسلڪ آهي ته نماز مان مراد غريبن ۽ مسڪينن کي کاڌو کارائڻ آهي، ٻي گروهه جو مطلب آهي ته اٿي ويٺي خدا جو پروپئگنڊا ڪريو:

اس راز ڪو اب فاش ڪر
اے روح محمد
آيات الاهي ڪا نگهبان
ڪدهر جائے

حقيقت ۾ امت جو هي شيراز و سرور ڪائنات جي سنت جي طفيل ئي مربوط ۽ منظم آهي. سنت جي منڪرن ته هن شيرازي کي منتشر ۽ رشته تسبيح کي ٽوڙڻ ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏي آهي، مگر اها سنت ۽ اها حديث پاڪ لازوال ۽ غير فاني قوتون آهن، جن کي دنيا جي ڪابه طاقت زير و زبر ڪري نه ٿي سگهي:

نور خدا هے ڪفر ڪي
حرڪت په خنده زن
پهونڪون سے يه چراغ
بجهايا نه جائيگا.

سڏبو ويو ته هي ملڪ به سنڌو وري سنڌو مان ٿي ويو سنڌ- عربن ان کي سنڌ "دال" سان سڏيو جو ته ڏال انهن وٽ ڪونه هو. ايرانين ڪيس پنهنجي لهجه پٽاندڙ "هند" سڏيو ۽ يونانين "اند" الفاظسان سندس نالو رکيو. رومين وري سنڌ کي انڊيا ڪري ڪوٺيو جو لفظ وري انگريزن وٽ وڃي انڊيا ٿيو. سنڌ جا حاڪم جيتري به ملڪ تي قابض هوندا هئا اهو ملڪ ان وقت سنڌ سڏبو هو. سنڌ تي گهڻو وقت هندو حڪمرانن جو راڄ هو. سنڌ جو آخري هندو حاڪم راجا ڏاهر هو. جنهن زماني ۾ راجا ڏاهر سنڌ جو حاڪم هو تنهن وقت سنڌ جون حدون هن ريت هيون:

۱- اتر کان جهلم ندي جي شروعات کان جنهن ۾ ڪشمير جا هينيان ضلعا به اچي وڃن ٿا ڪوه ڪابل تائين- شمال مغرب ۾ دريائي هلمند تائين- جنوب مغرب ۾ مڪران جي جزيره منشور تائين - خالص جنوب ۾ بحر عرب تائين- جنوب مشرق ۾ ڪڇ جي خليج تائين ۽ خالص مشرق ۾ راجپوتانه ۽ جيسلمير تائين سنڌ پکڙيل هئي، جنهن ۾ سمورو شمالي مغربي پنجاب به اچي وڃي ٿو ۽ افغانستان جو اهو حصو به اچي وڃي ٿو جو هلمند درياءَ تائين آهي. سارو بلوچستان به ان ۾ اچي وڃي ٿو. اهو ايڏو وسيع ملڪ ان وقت جي سنڌ هئي. اهوئي سبب آهي جو بلوچستان خواه اتر اولهه پنجاب ۾ تهذيب جي مدنظر يا زبان جي لحاظ تي سنڌ جا اثر اڄا موجود آهن. پوءِ جي سنڌ اتر اولهه پنجاب کان خواهه بلوچستان کان خالي ٿي وئي. سنڌ ٻن حصن ۾ تقسيم آهي. اڀر سنڌ ۽ لوور سنڌ. زيرين پاڙو ۽ بالائي پاڙو. ۱۸۸۱ع واري مردم شماري ۾ سنڌ جي آبادي هئي ۲۵۴۲۹۷۶ جن مان مردن جو تعداد هو ۱۳۸۷۵۷۶ ۽ عورتن جو عدد هو ۱۱۵۵۴۰۰- انهي مردم شماري ۾ مسلمانن جو تعداد هو ۱۸۸۷۲۰۴- باقي هوا هندو، سک، عيسائي، جين ڌرم، پارسي، يهودي ۽ ٻيا. ان وقت جي مسلمانن ۾ شيعه مذهب لڳائيندڙ رڳو ۱۷۴ هوا ۽ اهل حديث ۲۸۹. وري ۱۹۳۱ع واريءَ آدم شماريءَ ۾ سنڌ جي آبادي ۲۵ لکن مان وڌي وڃي ۳۹ لک ٿي. اڌ صديءَ جي عرصي ۾ سنڌ جي چوڏهن لک آبادي وڌي وئي.

عربن جي حملن جي شروعات ۽ سنڌين سنڌ ۾ آمد جي ابتدا هن ريت ٿي ته سال ۱۵ هجري ۾ حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جي خلافت جي زماني ۾ ثقفي قبيلي جو مشهور بهادر ۽ حوصله مند مدبر عثمان بن ابي عاص بحرين ۽ عمان جو گورنر مقرر ٿيو. هي صاحب وڏو دلير ۽ شجاع حاڪم هو. کيس اسلامي سلطنت کي وسيع ڪرڻ جو شوق هو. انهي بزرگ سڀ کان اول اول گجرات جي ٿاڻي بندر تي ۽ ان کانپوءِ سنڌ تي بحري حملو ڪرايو. سال ۱۶ هجري ۾ هن پنهنجي ڀاءُ مغيره بن ابي عاص کي سنڌ تي حملو ڪرڻ لاءِ هڪ بحري ٻيڙي جو آفيسر ڪري موڪليو. مغيره سنڌ جي مشهور شهر ديبل تي اچي چڙهائي ڪئي ۽ سنڌ جي حڪومت جي لشڪر کي شڪست ڏني ۽ مال غنيمت هٿ ڪري واپس ويو. اهو هو پهريون بحري حملو. وري ان کان پوءِ بري حملو مڪران تي حضرت ابو موسيٰ اشعري پنهنجي ولايت هيٺ ربيع بن زياد کان ڪرايو- ان کانپوءِ مسلمان ايران فتح ڪندا مڪران ۽ ڪرمان تي قبضو ڪندا سيستان تائين پهچي ويا. سيستان وارن سنڌين ۽ مڪرانين جي مدد سان مقابلو ڪيو. پر سيستان وارا سنڌين ۽ مڪرانين جي مدد هوندي به شڪست کائي چڪا. سنڌي ۽ مڪراني فوجن کي شڪست ڏيڻ وارو مسلمان ابن عامر هو: پر ابن عامر جي فتح کان پوءِ انتظام نه هجڻ سبب مفتوح علائقو وري خود مختيار ٿي ويو. جنهن بعد دوباره عربن مڪرانين ۽ سنڌين سان لڙائي ڪئي ان وقت جي لڙائي جا مسلمان فوجي آفيسر هوا. حڪم بن عمر تغلبي، شهاب بن مخارق، سهيل بن عدي ۽ عبدالله بن عتبان- جن دوباره فتح حاصل ڪئي. مال غنيمت دربار حضرت فاروق اعظم جي ۾ پهچايو ويو. وڏو حصو سيستان جي عهد فاروقي ۾ فتح ٿي چڪو هو- وري خلافت عثماني ۾ سال ۲۵ هجري ۾ حضرت عثمان ذوالنورين جو ماروت عبدالله بن عامر باقي رهيل سيستان جي ڀاڱي کي جنهن ۾ ڪابل به داخل هو، فتح ڪرڻ لاءِ آيو ۽ فتح ڪيائين پر سندس واپسيءَ تي وري ڪابل جو علائقو خود مختيار ٿي ويو. وري جنهن کي ڪجهه عرصو کان پوءِ ابن عامر جي حڪم سان عبدالله بن عمير نالي هڪ مجاهد ۲۹ سال هجري ۾ اچي فتح ڪيو. ٻي طرف ساڳي وقت مڪران جي طرف وڌيڪ فتوحات حاصل ڪرڻ لاءِ عبيدالله بن معمر جد وجهد جاري رکي ۽ ڪاميابي سان اڳتي وڌندو رهيو. انهي ريت سنڌ جي قرب و جوار وارن علائقن تي عربن جو آهسته آهسته پر باقاعده قبضو ٿيندو رهيو ۽ اهو سلسلو ڊگهو ۽ گهڻو وقت هليو ۽ ان ۾ لاهه ۽ چاڙهه پڻ ٿيندا رهيا. خليفه وليد بن عبدالملڪ جي دور خلافت ۾ سنڌ تي سڌو سنئون عربن حملو ڪيو. ان وقت خليفه جي ماتحت عراق جو والي هو حجاج بن يوسف ۽ سنڌ جو حاڪم هو راجه ڏاهر. گهڻي غور و فڪر کانپوءِ حجاج پنهنجي سوٽ غازي محمد بن قاسم عليه الرحمة جي قيادت ۾ هڪ فوج تيار ڪري سنڌ ڏانهن موڪلي. غازي محمد بن قاسم جي فوج ظفر موج ۾ عراقي مجاهد به هوا ته شامي مجاهد به هوا. محمد بن قاسم مڪران کان ٿيندو ديبل بندر تي لنگر انداز ٿيو. جنهن ڏينهن هي فاتح مجاهد مرد ديبل پهتو اهو ڏينهن جمع جو هو. هن خطبو پڙهيو ۽ نماز پڙهائي. اهو مبارڪ وقت هو جنهن ۾ سرحد سنڌ جي هڪ شهر اندر الله جي حمد و ثنا ۽ سندس حبيب رسول ڪريم آقاءِ دو عالم تي درود و صلوات جي صدا بلند ٿي!

چونڪ مونکي سرسري طور سنڌ جي قديم تاريخ تي نظر وجهڻي آهي نه ڪه هرهڪ معامله جو تفصيل بيان ڪرڻو آهي. تنهن ڪري عرض ته سنڌ فتح ٿي اسلام جو دروازو سنڌ ۾ ۽ سنڌ جي ذريعه هند ۾ کليو- ۱۰ رمضان شريف خميس جي ڏينهن سال ۹۳ هجري راجه ڏاهر هڪ عرب مجاهد تلوار جي وار سان قتل ٿيو ۽ هميشه لاءِ هندو حڪومت جو زور ختم ٿيو. راجه ڏاهر جي فوج، جا ميدان ڪارزار ۾ عرب فوجن سان مقابلو ڪري رهي هئي سا هئي ست هزار ۽ مسلم مجاهدن جي فوج هئي ساڍا پندرنهن هزار جن ۾ ڇهه هزار شامي هوا ۽ باقي عراقي هوا. مسلم فوج مختلف دستن ۾ منقسم ٿيل هئي، جن دستن جا آفيسر هينئيان بزرگ هوا.

۱- حضرت مصعب بن زبير ۲- غازي محمد ثقفي ۳- سلمان قريشي ۴- عطيه طفلي ۵- ذڪوان بکري ۶- موعا بن بسايا ۷- بناند بن حنضلا. لڙائي پهرين رمضان شريف تي شروع ٿي هئي، ڏهه ڏينهن جاري رهي. ۱۰- رمضان مبارڪ الله تعاليٰ مجاهدن کي ڪامياب ڪيو. ست پيرا جنگ ٿي ٻه حملا هلڪا هئا پنج حملا تمام زبردست هوا. اگرچه انهيءَ فتح کان پوءِ به ڪي معرڪا قائم ٿيا ۽ ڪن هندو اميرن ۽ فوجي سالارن مقابلا ڪيا ۽ جدا جدا ميدانن تي ور ور ڪري

(ڏسو صفحو ۱۳۰)

از:- شيخ محمد اسماعيل

پير پاڳارا صاحبان ۽ آزاديءَ جي تحريڪ

سنڌ سوين سورهيه ۽ سرويچ سردار پيدا ڪيا، جن ڌارين جي غلامي قبول نه ڪئي. جيڏرا هئا ته مقابلا ڪيائون، ۽ جي سر تي آئي ته سر ڏيئي سرها ٿيا: دودي سومري، علاؤالدين طرفان آيل فوجن جو مقابلو ڪيو؛ جام انڙ ۽ جام تماچيءَ، سلطان فيروز شاه جي فوجن کي شهه ڏني؛ دريا خان، ارغونن سان جنگ جوٽي هڪ دفعي کين شڪست ڏنائين، ٻئي دفعي شهيد ٿيو؛ ۱۸۴۳ع ۾ مير شيرمحمد خان، نيپيئر جي فوجن سان مقابلو ڪيو. ان بعد، انگريزن جي حڪومت ۽ طاقت، غلاميءَ جا زنجير ايترقدر ته مضبوط ڪري ڇڏيا جو ڪنهن کي چرڻ جي به طاقت نه رهي: دلاور دهلجي ويا، ۽ سردار سهمجي ويا!

انهي غلاميءَ جي هيبتناڪ ماحول ۾، پير پاڳاري سيد صبغت الله شاه ثانيءَ (پڳ ڌڻي) انگريزن جي جابرانه حڪومت سان سينو ساهي ٽڪر کاڌي، ۽ جارج ڇهين خلاف **بغاوت** جو جهنڊو بلند ڪيائين: انهي آڻ ۾ پاڻ سر ڏيئي سرهو ٿيو. ۽ سنڌ جي سورهيه سردارن واري سنت کي نئين سر جياري ڇڏيائين. جيتوڻيڪ پير صاحب پاڳاري جي شخصيت تي، هڪ - طرفي منظم پروپيگنڊا ڪيئي پردا چاڙهي ڇڏيا آهن. حر تحريڪ جي اصلي مقصد کي نظر انداز ڪري، ايترو ڪجهه چئي ڇڏيائون جو پوين جي چوڻ لاءِ ڪابه گنجائش نه رهي. اسان هن مضمون ۾ حر تحريڪ ۽ پير صاحب پاڳاري خلاف غلط فهمين جي وضاحت ڪنداسين.

پهرين حر تحريڪ:

هندوستان ۾ مغليه حڪومت زوال پذير هئي، ۽ مسلمانن جي طاقت جو شيرازو ٽٽي چڪو هو، تڏهن مهاراشٽر ۾ مرهٽن زور ورتو ۽ پنجاب ۾ سکن پنهنجي خودمختياريءَ جو اعلان ڪيو. اوڻيهين صدي هجريءَ ۾ سکن سڄو پنجاب فتح ڪري، اتر اولهه ڏانهن ڪاهه ڪئي، ايستائين جو وڃي پشاور تائين پهتا، جتي

سنڌ جي قديم تاريخ تي هڪ نظر

(آندل صفحي ۱۲۹ تان)

وچايل حڪومت کي وري هٿ ڪرڻ لاءِ هندن وس ڪيا پر شڪست تي شڪست کين نصيب ٿيندي رهي. سنڌ جو پهريون حاڪم ۽ والي خلافت جي دربار مان يزيد بن ابو ڪبشه سڪسڪي مقرر ٿي آيو. الله جي قدرت اهو صاحب رڳو ۱۸- ڏينهن زنده رهيو. خليفه وليد وفات ڪري چڪو هو. سليمان بن عبدالملڪ خلافت تي جلوه افروز هو. يزيد بن ابو ڪبشه جي جاءِ تي سنڌ جو والي ۽ حاڪم عراق جي ان وقت جي والي ۽ حاڪم يزيد بن مهلب جي ڀاءُ حبيب بن مهلب کي مقرر ڪيو ويو هو. ان وقت حجاج بن يوسف ثقفي والي عراق غازي محمد بن قاسم ثقفي جو سوٽ به وفات ڪري چڪو هو جنهن جي بجاءِ يزيد بن مهلب والي عراق هو. ان کان پوءِ سنڌ جو حاڪم عمر بن مسلم باهلي مقرر ڪيو ويو- مطلب ته پهريائين ئي اموين خليفن طرفان مختلف ماڻهو سنڌ جا والي مقرر ٿيندا رهيا ان کانپوءِ عباسي خليفن جي حڪومت قائم ٿي ۽ سندن ماتحت سنڌ جا والي نامزد ٿيندا رهيا. خليفه متوڪل کانپوءِ ۽ سنڌ جي والي هارون بن ابو خالد کانپوءِ امير عمر هباري جي حڪومت قائم ٿي. هباري خاندان جي حاڪمن ۾ هيٺيان صاحب بيحد نامور گذريا آهن.

۱- عمر بن عبدالعزيز هباري

۲- عبدالله بن عمر هباري

۳- عمر بن عبدالله هباري.

هباري سلطنت کان سواءِ سنڌ تي ڪو وقت اسماعيلي سلطنت پڻ قائم رهي. سومرن جي حڪومت به سنڌ تي وڏو عرصو رهي آهي. هباري خاندان جي نسبت آهي قريشن جي هڪ قبيله بنواسد سان. بنواسد قبيله ۾ هڪ شخص هو هبار بن اسود جو سال ۸ هجري ۾ مسلمان ٿيو هو انهي هبار بن اسود جي اولاد مان هڪ صاحب منذر بن زبير سنڌ ۾ آيو. ان جو پوٽو عمر بن عبدالعزيز سنڌ جو حاڪم ٿيو. اهو سال هجري ۲۴۰ هو. اسماعيليه خاندان شيعن جي هڪ اهم شاخ آهي جنهن جي نسبت حضرت سيدنا اسماعيل بن سيدنا جعفر صادق جي ذات گرامي ڏي آهي. انهن کي فرقه باطنيه به چئبو آهي. انهي فرقه جو پهريون حاڪم ملتان ۾ قائم ٿيو هو جنهن جو نالو هو جلم بن شيبان. ان کان پوءِ آهسته آهسته اسماعيلين جو اثر رسوخ ۽ طاقت وڌندي وئي ۽ سال ۳۷۶ هجري کانپوءِ سال ۳۹۶ تائين انهي طاقت ۾ ڪافي اضافه ٿيو. ٻي طرف هباري خاندان جي ڪمزوري وئي وڌندي ۽ ان جو فائدو اسماعيليه فرقه کي پهتو ۽ هنن ملتان کان علاوه منصوره تي به قبضه ڪري ورتو. منصوره ان وقت سنڌ جو مرڪز هو. ۴۱۶ هجري تائين منصوره تي اسماعيليه سلطنت خود مختيارانه حڪومت جي صورت ۾ قائم رهي. پنجين صدي جي ابتدا ۾ سومره حڪومت قائم ٿي. سومرا ڪير آهن؟ هندو نسل مان آهن يا عربي مسلم نسل مان، انهي بحث سان منهنجو هن وقت واسطو نه آهي. هن وقت فقط هي ڏيکارڻو آهي ته سومره نالي هڪ شخص سنڌ جو حاڪم ٿيو. سومرن جي حڪومت جا ڪهڙا ڪهڙا فرد ڪڏهن ڪڏهن حاڪم ٿيا؟ ڪيئن ٿيا؟ ڇا ڪيائون؟ ان سان به هن وقت واسطو نه آهي ڇو ته مون کي تفصيل سان بيان ڪرڻ جو ارادو نه آهي ۽ نه تفصيل سان بيان ڪرڻ جي ڪنهن مضمون ۾ گنجائش ٿي سگهي ٿي. هت رڳو سنڌ جي قديم تاريخ تي سرسري نظر ڪرڻي آهي. تنهن ڪري مان پنهنجو مضمون مختصر گذارش کانپوءِ ختم ڪرڻ ٿو گهران. گذارش هي آهي ته سنڌ ۾ علماء ۽ اولياء جي آمد ۽ سڪونت ۽ وفات تمام گهڻي قدر ٿي آهي جنهن ڪري سنڌ علمي ۽ روحاني نقطه خيال موجب هڪ وڏي متبرڪ ۽ مقدس سر زمين آهي. هن پر نه رڳو رباني علماء ۽ خدائي اولياء آرامي آهن پر هن خاڪ پاڪ ۾ وڏا وڏا مجاهد، مبلغ اسلام، نامور بهادر ۽ بي مثال ڪامياب حڪمران مدفون آهن جي سنڌ لاءِ موجب فخر ۽ مايه ناز آهن!! انشاءالله ڪنهن مناسب موقع تي انهن سڀني بزرگن جي زندگي جو تعارف لکندس جن بزرگن علم سان يا فيض باطن سان يا جهاد سان يا تبليغ سان يا عدل ۽ انتظام سان سنڌ جي سر زمين ۾ الله جي خلق جي خدمت ڪئي آهي.

جي قبائلين ۽ افغانن جي بهادري، مسلمانن ۾ مشهور هئي، سي ۾ مغلوب ٿي ويا.

اها صورتحال ڏسي مجاهد اعظم شهيداحمد بريلوي يڪدم سکن خلاف جهاد جو علم کڙو ڪيو، ۽ پنهنجن رفيقن جي هڪڙي جماعت وٺي دهلي جي رستي پشاور روانو ٿيو، پر جيئن ته پنجاب سکن جي قبضي هيٺ هو، تنهنڪري سيد احمد پنهنجو گس مٽايو ۽ راجپوتانا کان ٿيندو سنڌ ۾ داخل ٿيو.

انهي وقت سنڌ تي ٽالپرن جو راڄ هو، جن سيد احمد بريلوي کي حيدرآباد شهر ۾ رهايو، ۽ سندس خاطر خواه عزت ۽ مهماني ڪئي. پر جڏهن سيداحمد ٽالپر حڪمرانن کي پنهنجي اچڻ جو مقصد ٻڌايو تڏهن هنن احمد شهيد جي مدد ڪرڻ ۾ تامل ڪيو، انهي خيال سان ته متان رنجيت سنگهه سنڌ تي ڪاهي نه اچي. ميرن جي اها حالت ڏسي سيد احمد بريلوي اتر ڏانهن روانو ٿيو ۽ اتي پير صاحب پاڳاري سيد صبغت‌الله بن حضرت محمد راشد رح سان ملاقات ڪيائين، ۽ پنهنجي اچڻ جو مقصد بيان ڪيائين. پير صاحب پاڻ حريت پسند هو، تنهن سيد احمد سان مڪمل اتفاق ڪيو. سکن خلاف جهاد ڪرڻ جو هڪو فيصلو ڪيائون، ۽ سڄي سنڌ ۾ تحريڪ هلائي، مسلمانن کي جهاد جي ترغيب ڏني، ۽ پاڻ هڪ درزين جي جماعت سڏائي، مجاهدن جي لاءِ جنگي ويس ٺهرائي، ڪين ڏنائون. نيٺ پنهنجن مريدن ۽ محبن جي هڪ جماعت ناهي ڪين سيد احمد بريلوي سان گڏ روانو ڪيو، انهي جماعت جو نالو "حر" رکيو ويو، جنهن جي معنيٰ "آزاد" آهي.

پير صاحب پاڳارو، حرن جي جماعت سيد احمد بريلوي سان گڏ اماڻي، پاڻ سنڌ ۾ انهي جهاد کي ڪامياب بنائڻ لاءِ سنڌ ۾ ترسي پيو، ۽ وڏي پيماني تي آزاديءَ جا پروانا

گڏ ڪرڻ لڳو. پير صاحب پاڳاري ۽ سيد احمد بريلوي جي سڏ تي ڪيترائي عالم ۽ فاضل حرن جي جماعت ۾ شريڪ ٿيا جن مان قاضي عثمان سنڌي، جيڪو شوڪاني رح جي شاگردن مان ۽ محمد بن عبدالواهاب رح جي تعليمات کان متاثر هو. سيد احمد کي انهيءَ جهاد ۾ ڪيتريون ئي ڪاميابيون حاصل ٿيون: ايا جهاد مڪمل ئي ڪونه ٿيو هو ته ٻهرين رمضان ۱۲۴۶ هه ۾ پير صاحب پاڳاري وفات ڪئي؛ گويا سيد احمد جو سڄو بازو ڀڄي پيو. ان هوندي هي آزاديءَ جو پروانو پنهنجي مختصر جماعت سان آزادي جي حاصل ڪرڻ لاءِ، دشمن سان جنگ جو ٿيو بيٺو هو، پر توري وقت ڪانپوءِ سيد احمد بريلوي به ذوالقعد ۱۲۴۶ هه ۾ غدارن هٿان شهيد ٿي ويو. آزاديءَ جي تحريڪ جو بنياد پئجي ويو، ۽ ان سان گڏ، گويا "حر جماعت" يا "آزادجماعت" منظر تي اچي چڪي؛ جنهن کي عموما "ٻهرين حر تحريڪ" جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو.

ٻي حر تحريڪ:

حرن جي ٻهرين تحريڪ آزاديءَ جي جنگ هئي. سنڌ مان حرن مجاهدن جي دستن جو جهاد لاءِ وڃڻ وارو واقعو (۲۹-۱۸۳۰ع) ان وقت هندستان ۾ انگريزن جي اُسرندڙ حڪومت کان گهڻو ڪونه هو. انهي کري جڏهن ٽيرهن ورهين ڪانپوءِ انگريزن سنڌ تي غاصبانه قبضو ڪيو، تڏهن پير صاحب پاڳاري جي خاندان کي خاص طور اک ۾ رکيائون، جنهنڪري پير صاحب پاڳاري جناب حزب‌الله‌شاه (۱۸۴۷-۱۸۹۰ع) جي وقت ۾ حرن توڙي عام جماعت جو رخ ٿري انگريزن جي خلاف ٿيو، ۽ انگريزن خلاف نفرت جو جذبو آخرڪار ۱۸۹۶ع ۾ "ٻي حر تحريڪ" جي صورت ۾ ظاهر ٿيو. انهي واقعي بعد، پير پاڳاري ۽ جماعت جي خلاف انگريزي حڪومت منظم

طور تي ڪارروايون شروع ڪيون. جماعت مان هر سگهي ۽ صحتمند نوجوان کي ڳولي ڳولي لوڙهن منجهه بند ڪيو ويو، ۽ هر طاقتور شخصيت کي ويسا پور ضلعي احمد نگر ڏانهن جلاوطن ڪيو ويو.

انهن حالتن هيٺ، ۽ گاديءَ کي انهي نموني سان نظر رکڻ ڪري سڄيءَ جماعت ۾ انگريزن خلاف نفرت پيدا ٿي وئي، ۽ ڪيئي جوڌا جوان انگريزن سان وڙهڻ لاءِ نڪري نروار ٿيا. جن ۾ "ٻارنهن ڀروٽيا" يا ٻچو بادشاه ۽ پيرو وزير جي بادشاهي مشهور آهي. انهن حرن مڪيءَ جي ٻيلي کي پنهنجو مرڪز ٺاهيو. اسان هتي ٻارهن ڀروٽين جو ذڪر، تعارف طور ڪرڻ ضروري سمجهون ٿا:

(۱) ٻچو پٽ وريام خاصخيلي، وينل منڙائو تعلقي سانگهڙ جو هو. جيئن ته هي ٻهريون حر فقير هو تنهنڪري حرن کيس پنهنجو اڳواڻ مقرر ڪري کيس بادشاه جو لقب ڏنائون. جو پوءِ "ٻچو بادشاه" جي نالي سان سڄي سنڌ ۾ مشهور ٿي ويو. پير صاحب پاڳاري علي گوهر مخفي ڏٺي جن نظربنديءَ کان اعلان ڪيو ته پيش پئو يا وڙهي سر ڏيو، جنهنڪري سردار محمد يعقوب وٽ سنه ۱۸۹۸ع ۾ ٻچو پيش پيو، جنان کيس گرفتار ڪري "عيسي ڏاهري" سان گڏ ميرپورخاص ڏياري موڪليائون، جتي اسپيشل جج "هارٽ ڊيويز" مقدمو هلائي کيس ڦاسي ڏني.

(۲) پيرو پٽ صالح فقير وساڻ، وينل ڪنڊو تعلقو سنجهورو، "جهوڙي لئي" وٽ سنه ۱۸۹۸ع ۾ "ليوڪس" سان وڙهندي مارجي ويو.

(۳) تگيو چانگ پٽ دوسو، وينل سماٽري تعلقو سانگهڙ، جهوڙي لئي وٽ ۱۸۹۸ع ۾ ليوڪس سان وڙهندي سر ڏنائين.

(۴) گلو پٽ پريو موچي، وينل ڳوٺ نظاماڻي تعلقو سانگهڙ، جهوڙي لئي وٽ ۱۸۹۸ع ۾ ليوڪس سان وڙهندي مارجي ويو.

(۵) پلو پٽ گلو ڳاهو، وينل موجن تعلقو خيرپور "مڪيءَ وٽ" غلام محمد جي گهٽ جي پريان ٽڪنڊي وٽ، پنهنجن ٻن ساٿين مصري ڳاهي ۽ عثمان هنگوري سان گڏ اچي وينو ۽ "ٻچو" جي صحري ڏينو کي ليوڪس وٽ موڪليائون ته هاڻي اچي مقابلو ڪر. ليوڪس آيو ۽ مقابلو ٿيو، جنهن ۾ ٽيئي ڄڻا ليوڪس سان وڙهندي مارجي ويا.

(۶) مصري ڳاهو پٽ خانڻ، وينل پهرواهه تعلقو شهدادپور، مڪيءَ وٽ غلام محمد جي گهٽ جي پريان ٽڪنڊي وٽ، ليوڪس سان وڙهندي مارجي ويو.

(۷) عثمان هنگورجو پٽ سلوڪ، وينل چيرائو تعلقو ٽنڊو الهيار، مڪيءَ وٽ غلام محمد جي گهٽ جي پريان ٽڪنڊي وٽ ليوڪس سان وڙهندي مارجي ويو.

(۸) عيسو ڏاهري ٻي همت ٿي، هالن واري ناڪي تي پيش پيو. جنان ليوڪس ڏانهن موڪليو ويو، جنهن کيس ٻچوءَ سان گڏ ڦاسي ڏيارائي.

(۹) خميسو وساڻ پٽ سچل، وينل باڪوڙو تعلقو سانگهڙ، گم ٿي ويو.

(۱۰) سومار ڳاهو، پير صاحب جي انهيءَ نوڪر کي مارڻ ويو جنهن پير صاحب طرفان حرن کي انگريزن جي پيش پوڻ جو اعلان ڪيو هو. پر پاڻ مارجي ويو.

(۱۱) فتلو، قاضي سومار سان گڏ مارجي ويو.

(۱۲) راڻو وساڻ، وينل باڪوڙو، مرشد جي حڪم موجب پيش پيو، جنهن کي کيس ست سال ٽيپ ڏيئي ڪاري پاڻيءَ موڪليو ويو.

انهن ٻارهن ئي حرن پنهنجو مرڪز مڪيءَ ٻيلي کي بڻايو،

جنهن جي ڊيگهه سورنهن ڪوهه ۽ ويڪر ڇهه ڪوهه، اندازاً ايراضي پنج سؤ ٻارنهن ڪوهه آهي. ساوڻ ۾ ڍنڍ پاڻيءَ سان تار ٿئي ته منجهس ٻيڙ، ٻهه، لوڙهه جام ٿئي ۽ سياري ۾ پاڻي لهي ته منجهس ڪڻڪ، چڻا، مڱ ۽ چونرا پوکجن ۽ مڇي به جام ٿئي. پاڻيءَ جي وچ ۾ ٻي انداز پيٽاريون ۽ ٻيلاٽيون آهن، جن تي اهڙا گهاٽا ٻيلا آهن، جو منجهن سونهين کان سواءِ وڃڻ محال آهي. تنهنڪري حرن به انهيءَ ايراضيءَ کي محفوظ ڄاڻي، اچي منجهس بينڪ ڪئي. ڌاڙن مان جيڪي مال خزانو هٿ ايندو هئن، سو به اتي آڻي گڏ ڪندا هئا.

پچو بادشاه ۽ پيرو وزير ۽ ان جي ساٿين جي ڌڪاءَ سبب پوليس سرڪاري ٿاڻا ڇڏي ڀڄي ويئي. چوڌاريئن جي آس پاس ۾ پوليس ته نهيو، پر ماڻهو به ڪونالي کي نه رهيو. سيني ڀڄي وڃي وڏن شهرن ۾ پناهه ورتي. هڪ طرف حرن جو ڌڪاءُ، ٻي طرف پوليس ۽ فوجي سپاهين جي مسڪينن تي مار، سو ملڪ ۾ هيڪاري هراس پکڙجي ويو. جوالا سنگهه نالي سانگهڙ جو دنعدار هو، جنهن حرن کي پڪڙڻ لاءِ ڏاڍي ڪوشش ڪئي، پر ڪيس ڪوبه حر هٿ نه آيو. سانگهڙ ضلعي ۾ هرسال مانگهه مهيني ۾ "ٻهرم ٻري" جو ميلو لڳندو آهي. جوالا سنگهه به حرن جي ڳولا سانگي اچي ان ميڙي ۾ پهتو، جتي گلي موچيءَ هٿان مارجي ويو.

پير صاحب حيدرآباد ۾ پير بخش فقير کي پيغام ڏيئي گهرائي چيو ته: "فقير! هاڻي وڃي سر ڏي. ڏاڍو پاڻي حرام اٿئي." فقير چيو "هائو قبلا!" پوءِ فقير اتان سانگهڙ جي الهندي طرف ٽنمنهون جي ڳوٺڙي ۾ آيو، جتي سندس پيڙ هئي انهن کان موڪلائڻ آيو. مائي ماني ڪڻي آئي، پر نه کاڌائين، جو چيائين ته پير سائين فرمايو آهي ته ڏاڍو پاڻي حرام اٿئي. پوءِ مائيءَ ڏونري جو وٽو آڻي ڏنس ۽ چيائينس ته: "هاڻي هي لڪي اٿئي ڏاڍو لڪي پاڻي." پوءِ اهو وٺي ٻيٽائين. اتان "جهوڙي لئي" واري ماڳ تي آيو، جتي فقيرن جو تاڪ هو. ٻيا مڙس به پڌي اچي اتي گڏ ٿيا. پير بخش فقير پير سائين جو پيغام کين پڌايو ۽ ليڪو ڪيڏي چيائين ته: "ادا! جنهن کي سر ڏيڻو هجي، سو ٽپي هن پر ٿئي. پوءِ "گلو موچي" ۽ ٽڪيو چانگ ٽپي آيا. ٻين خبرون پڇيون، تڏهن هلندي خبرون ڪيائون ته: اسان کي حڪم سر ڏيڻ جو آهي، باقي "نوازي" موچيءَ کي نه ڇڏجو. اهو ڪم فقير رحمت الله ڳاهي تي رکيائون ۽ کين ائين به چيائون ته هن کي ماري وري پڇجو نه.

"نوازيو موچي" پير صاحب جو ڪامي ۽ خدمتگار هو، پر اندروني طرح بادشاه ۽ درگاه جي برخلاف هو. پوءِ ٽن چئن فقيرن وڃي "نوازي" کي ماريو ۽ ٻنا پيرن لڪائڻ جي ڳچ پنڌ درگاه کان ٻاهر وڃي هڪ جاءِ تي ويهي رهيا ۽ گرفتار ٿيا. نوازي موچيءَ، چتل خان لغاريءَ جهڙي لائق خدمتگار کي ماريو هو، جنهن جو پير صاحب حزب الله شاه کي سخت صدمو رسيو هو.

حر تحريڪ انگريزي حڪومت ۾ ٽرٽلو مچائي ڏنو. بمبئي ۽ ٻڙودي جا ڪمشنر ۽ وڏا فوجي آفيسر بذات خود "حر تحريڪ" کي ختم ڪرڻ لاءِ سنڌ ۾ آيا ۽ ڏيهي فوجون طلب ڪيون ويون. "اسٽيل" ۽ "ليوڪس" جهڙن زيرڪ آفيسرن ڪيترائي حيلا هلايا پر وريو ڪي ڪين. ليمٽ ديسي فوجون مکيءَ جي ٻيلي کي گهيرو ڪري ويهي رهيون، پر ٻيلي ۾ اندر گهڙڻ تي ڪنهن کي جرئت نه ٿي. انهيءَ وچ ۾ انگريز سرڪار پير صاحب علي گوهر شاه (مخفي ڏڻي) کي حيدرآباد ۾ نظربند رکي، مٿس زور آندو ته حرن جا اڳواڻ فقير پيش پون. پير صاحب جن مجبور ٿي پنهنجي نوڪر هٿان اهڙو اعلان سيني حرن ڏي موڪليو ته "يا پيش پئو، يا وڙهي سر ڏيو!" حرن فقيرن وڙهي سر ڏيڻ قبول ڪيو ۽ ٻارنهن پهروٽين مان پيرو، گلو ۽ ٽڪيو ٽئي ڄڻا هٿيار ڪڻي ٻيلي مان نڪتا. رات وچ ۾ "غلام" نالي ڪيريي انگريزي فوج کي اطلاع ڏنو، جنهن ڪري انگريزي فوجي گهٽ جهلي لڪي ويهي رهيا. هي ٽيئي ڄڻا صبح جو ٻيلي مان نڪري ميدان تي ٿيا ته مٿن "جهوڙي لئي" وٽ چئني طرفن کان بندوقن جو وسڪارو ٿي ويو ۽ ٽيئي ڄڻا سورهيائي سان مقابلو ڪندي مري ويا.

ان بعد خميسو وساڻ، قاضي فتلو (جو حرن جو منشي هو) ۽ قاصائي ويهي مصلحت ڪئي ته پيرو جي مارجڻ جي ڪري اسان کي وڏو نقصان پهتو آهي، تنهنڪري هاڻي اسان کي به انهن بهادرن وانگر وڙهي سر ڏيڻ گهرجي. اُن کان اڳ نوازي موچي نالي پير صاحب جي نوڪر کي ماريائون جو انگريزي لشڪر کي اطلاع ڏيندو هو. ان بعد مکيءَ مان نڪري ٻاهر ٿيا ۽ مقابلي ۾ مارجي سرخرو ٿيا.

اڃا به مکيءَ جي ٻيلي ۾ ڇهه سورهيه مڙس باقي هئا جن مان هڪ پلو، ٻيو عثمان، ٽيو مصري پنهنجي منهن مکيءَ مان نڪري ميدان ۾ آيا. غلام ڪيريي جي اڳواٽ اطلاع تي پنج هزار سپاهين جو وڏو لشڪر کين وڪوڙي ويو. هي به پنجاهه کن سپاهين کي ماري سر ڏيئي سرها ٿيا. باقي ٽي ڄڻا بچيا جن ۾ پچو بادشاه به هو.

انگريزن اعلان ڪيو ته حرن کي جيئرو جهليندڙ توڙي ماريندڙ کي بي انداز انعام ملندو. جوالا سنگهه صوبيدار جو پٽ "ميان سنگهه" پيءُ جي وير وٺڻ ۽ انعام جي لالچ ۾ سپاهين جي هڪ دستي جي اڳواڻي ڪندي مکيءَ ۾ ڪاهي پيو، پر حرن جي گولين جو کاڄ ٿيو. انهيءَ ويڙهه ۾ "پلو" گهاءُ مارجي ويو. ڪيس سورنهن ٽڪ سيني ۾ لڳا ۽ ٻانهون ٽوٽئين وٽان نڪري پيون. تنهن هوندي به تلوار ڪڻي، گولين جي مينهن مان ڏوڪيندو ڪماني تي ڪاهي آيو، پر ڍنڍ جي پاڻيءَ ۾ ڪري، زخمن کان چور ٿي ساهه ڏنائين.

"پچو شاهه" ڪيترائي ڏينهن مکيءَ ۾ لڪو وينو هو. پر هڪڙو ته پير صاحب پاڳاري مٿان سختي، ٻيو عام خلق لاءِ فوج جو آزار، سو دوبدو مقابلي جي خيال کان پچو به مکيءَ جو محاذ ڇڏي نڪري نروار ٿيو. فوج جي ڪمانڊر چيس ته هٿيار ڇڏي پيش پئو، ته سرڪار توکي جيئدان ڏيندي. پنهنجي اچي پيش پيو، پر پوءِ ميرپورخاص ۾ مٿس ڪيس هلائي، ڦاسيءَ جي سزا ڏنائونس. ان بعد باقي حرن کي پوليس گرفتار ڪري لوڙهن ۾ بند رکيو. آخر ڪار سالن جي عرصي بعد ڪين پير پاڳاري شاهه مردان شاهه جي دؤر ۾ معافي ملي ۽ لوڙها بند ٿيا.

نئي حر تحريڪ:

پير صاحب پاڳاري شمس العلماء شاه مردان شاه جي وفات (۷- ربيع الاول ۱۳۳۹ هه) کانپوءِ "پير پاڳاري" جي حيثيت ۾ سيد صبغت الله شاه جي دستاربندي ڪيائون. انهي وقت سندن عمر فقط ٻارنهن ورهيه هئي. انهي ڪري انگريزن خيال ڪيو ته هن ننڍي پير تي اثر وجهي سندس نشو ونما اهڙي نموني سان ڪجي، جيئن هو خانداني روايات کان منهن موڙي انگريزن جو دوست ۽ وفادار ٿي رهي- پر ننڍي هوندي کان ئي پير صاحب انفرادي شخصيت جو مالڪ هو. هو هڪ آزاد طبع جو ماڻهو هو، جنهن کي خارجي ضابطن ۽ اثرن

(ڏسو صفحو ۱۳۳)

تحريڪ آزادي جا سنڌ ۾ آثار

(از:- پير الاهي بخش صاحب)

سر سيد احمد آزادي جي تحريڪ کي ائنگلو اورينٽل ڪاليج جي بنياد رکڻ سان شروع ڪيو جو پوءِ وڌي مسلم يونيورسٽي علي ڳڙهه بڻيو. ڇيو ويندو هو ته جيڪا ڳالهه علي ڳڙهه اڄ سوچي ٿو سا ڳالهه سڀاڻي سارو هندستان سوچيندو. مسلم يونيورسٽي تقسيم هند کان اول ايڏي اهميت حاصل ڪري چڪي هئي جو هندستان جا سڀ مکيه ماڻهو ۽ ليڊر انجا شاگرد هئا. جهڙي طرح سنڌ جا اڪثر مکيه ماڻهو سنڌ مدرسته الاسلام ڪراچي جي پيدا وار آهن.

سر زمين سنڌ ۾ سر سيد جي آزادي جي تحريڪ عمدو اثر پيدا ڪيو. هن جي طرز عمل تي جناب حسن علي آفندي مرحوم ڪراچي ۾ سنڌ مدرسته الاسلام ڪي جاري ڪيو. جهڙي طرح سر سيد، آل انڊيا مسلم ايجوڪيشنل ڪانفرنس برپا ڪئي هئي ۽ اخبار رستي پنهنجا اغراض ۽ مقاصد ملڪ جي اڳيان رکيا تهڙي طرح سنڌ محمدن ائسوسيئيشن برپا ٿي ۽ اخبار جي ذريعي ماڻهن کي سجاڳ ڪيو ويو. جيئن سر سيد جي ساٿي مولانا حالي مسدس لکي مسلمانن کي پنهنجي براين کان بيزار ڪيو

(ڏسو صفحو ۱۳۴)

پير پاڳارا صاحبان ۽ آزادي جي تحريڪ

(آنديل صفحي ۱۳۲ تان)

کان سخت نفرت هئي. سو پير صاحب جي اها حالت ڏسي انگريزن سمجهي ورتو ته هي پير اڳين کان ڪٿر ڪٽي ويندو سو هنن نندي وهي ۾ ڪيس نندي هوندي ئي پنهنجي طاقت ڏيکارڻ ضروري سمجهي. خوش قسمتي وقت جي انگريز حڪومت کي ڪي پير صاحب خلاف شاهد ملي ويا. پوءِ ته نوڙي کي نانگ بنائي، مٿن ڪيس هلائي ڏهه سال سزا ڏئي سنڌ کان ٻاهر موڪليو ويو.

اهو اسيري وارو زمانو پير صاحب پاڳاري جي ذهني سجاڳي جو هو. انهي دور ۾ پير صاحب جن ڪيترن ئي سياسي ليڊرن سان مليا جن سان آزادي جي تحريڪن بابت خبرون چارون ۽ خيالن جي ڏي وٺ ڪندا رهيا. انهي دور ۾ انگريزن کي ملڪ مان تڙي ڪڍڻ واري حڪمت عمليءَ تي پڻ غور ڪيائون.

سنڌ ۾ واپس اچڻ بعد سانگهڙ جي ڀرسان گڙنگ لڳ سنڌن لاءِ مريدن جي ٺهرايل بنگلي کي پنهنجي نئين تحريڪ کي عملي جامي پهرائڻ لاءِ مرڪز بنايو. پير صاحب حڪم ڏنو ته جماعت جو هر ڪو ماڻهو نشي پتي کان پرهيز ڪري؛ عورتون عاج جا چوڙا نه پائين؛ ولائتي ڪپڙو نه پائين پنهنجي ملڪ جو اڻيل ڪپڙو پائين؛ ڳوٺن ۾ مسلمان توڙي هندو پاڻ ۾ متفق ٿي رهن ۽ ڪو به فساد ٿيڻ نه ڏنو وڃي. انهن حڪمن مان ظاهر آهي ته پير صاحب جماعت کي هوشيار ۽ چوبند رکڻ سان گڏ، عام مخلوق کي هن ڌاري حڪومت خلاف هڪ متحدد محاذ قائم ڪرڻ تي چاهيو.

بس انهيءَ ڪانپوءِ حڪومت جي مشينري حرڪت ۾ اچي وئي. جماعت تي چڙڪسي جا حڪم نڪري ويا. انهيءَ عرصي ۾ پير صاحب غازين جي جماعت جوڙي، ملڪ ۾ امن امان قائم ڪيو، جنهن لاءِ پير صاحب جن کي حڪومت خطاب، تلوار ۽ بندوق بطور انعام ڏيڻ چاهيو پر پير صاحب جن جيئن چوائي موڪليو ته هٿيار اسان وٽ موجود آهن ۽ پير پاڳاري جو خانداني خطاب اسان لاءِ ڪافي آهي. اها حڪومت لاءِ آخري آزمائش هئي. پوءِ ته وٽ وٺان ٿي وئي. جيڪو ڏوهه ٿئي سو بنا تحقيقات جي هُن مٿان هنيو ٿي ويو. نندين وڏن هرن کي روز پيئي ٿئي ڏينهن ڏاڍي تي حاضري پرڻ جو حڪم ڏنو ويو، ۽ گڙنگ واري بنگلي تي چڙڪسي ڪرڻ لاءِ پوليس جو مختصر عملو مقرر ڪيو ويو. پير صاحب انهن ڳالهين ڏانهن حڪومت جو ڌيان ڇڪايو ته ائين نه ٿيڻ گهرجي پر جڏهن ڪو ڪن تي ئي نه نڪتو، تڏهن پير صاحب جماعت جي ڪن برجسته ماڻهن کي چيو ته هاڻي حاضري پرڻ نه وڃجو. اهڙي طرح سول نافرماني، جماعت طرفان شروع ٿي.

نيٺ گڙنگ واري بنگلي تان پير صاحب کي نظر بند ڪري ڪراچي وٺي ويا، جتان، پير صاحب احتجاج ڪري راتواهه واپس گڙنگ واري بنگلي تي موٽي آيو. اتي جدو جهد جاري رکڻ جا حڪم ڏئي، واپس ڳوٺ پهتا، جتي پي ڏينهن سندن نظربندي جا احڪامات پهتا، ۽ وري به کين ڪراچي وٺي ويا.

پير صاحب جن جي گرفتار ٿيڻ کان پوءِ سرويچ حرن يڪدم حڪومت خلاف ڪارروايون شروع ڪيون. حڪومت طرفان حرن کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ پير صاحب جن جي گڙنگ واري بنگلي کي گهيرو ڪرائي سندن ڪتب کي نظر بند ڪيو ويو. ان بعد درگاه شريف تي پير صاحب جن جي حويلين ۽ ڪوٽ کي بارود وسيلي ڊاتو ويو، پر اهي ڪارروايون حرن جون همتون پست نه ڪري سگهيون. نهايت زوردار مقابلا ٿيا. انهي ۾ ڪوشڪ ڪونهي ته سرڪار ۽ حرن جي انهي مقابلي ۾ سڪن گڏ ساوا به سڙي ويا؛ هڪ طرف ملڪ جا بيگناهه ماڻهو پيٺي مٿا ته پئي طرف پوليس ۽ ملٽري مارشل لا جي آڙ وٺي غريبن تي ڪيس ۽ قهر ڪيا.

اهڙي هيبتناڪ ماحول ۾ سنڌ جي ڪن وڏيرن ۽ زميندارن کان زبانيون ڏياري پير صاحب جن تي جان جي سزا مقرر ڪئي. ان وقت مسلم ليگ پوري زور ۾ هئي. جڏهن عيلگڙهه مسلم يونيورسٽيءَ مان ڪي شاگرد ان وقت وفد وٺي دهليءَ ۾ مرحوم لياقت علي خان وٽ ويا ۽ ڪيس سڄي صورتحال کان آگاهه ڪيو، تڏهن هن چيو ته اسان کي پير صاحب پاڳاري سان پوري همدردي آهي، پر سنڌ جي مسلم ليگي ليڊرن ۾ جرائت ڪانهي جو پير صاحب جي حمايت ۾ ڪو هٿ ڏگهيرائن ۽ اسان کي مداخلت جو موقعو ڏين؛ بهرحال ۲۰- مارچ ۱۹۴۳ع تي صبح جو ائين بهي پير صاحب سر ڏئي سرها ٿيا.

نيٺ پير صاحب جن جون علايل تحريڪون آگسٽ ۱۹۴۷ع ۾ مڪمل طرح سان ڪامياب ٿيون ۽ پير صاحب پاڳارو سڪندرشاهه، جو لنڊن ۾ تعليم حاصل ڪري رهيو هو، واپس سنڌ ۾ تشريف فرما ٿيو ۽ گادي تي ويٺو. موجوده پير صاحب پاڳاري گادي تي ويهڻ سان سمورن حرن کي حڪم ڏنو ته حڪومت آڏو پيش پئو ۽ پنهنجي وطن جي خدمت ڪريو.

از:- محمد يعقوب ”نياز“

تحريڪ ريشمي رومال ۾ سنڌ جو حصو

سر زمين پاڪ و هند ۾ اوڻيهين صديءَ کان اڳ جيڪي سياسي تحريڪون هليون انهن جو مقصد حڪومت جي اصلاح هئي ڇاڪاڻ ته ان وقت تائين حڪومت خود مسلمانن جي هئي مگر اوڻيهين صدي جي شروع کان سياسي نوعيت بدلجي ويئي. ١٨٠٣ع ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني ملڪ جي گهڻن حصن تي قبضو ڪري ورتو هو. ان ڪمپني جي نمائندن مرڪزي حڪومت ۽ صوبه سنڌ جي حڪومتن کان ملڪي انتظامات جو پروانو جابرانه طريقه تي لکائي ورتو. باقي صوبه سرحد ڪشمير ۽ پنجاب تي رنجيت سنگهه جي حڪومت هئي، جا ڪمپني جي معاون ۽ مددگار هئي. ان وقت مولانا شاه عبدالعزيز دهلوي ۽ ان جي شاگردن، مريدن ۽ رفيقن جي جماعت ملڪي ۽ بين الاقوامي حالات تي غور فڪر ڪرڻ کان پوءِ آزاديءَ وطن جي سبب کان پهرين تحريڪ شروع ڪئي. ان جو نقشو هن طرح تيار ڪيو ويو هو ته هندستان ۾ رهي مقابلو ڪرڻ ناممڪن هو تنهن ڪري جنگ جو محاذ شمال مغربي صوبه سرحد بنايو ويو. مالي ۽ فوجي مدد هندستان جي اندرين ملڪن مان سنڌ ۽ ڪوئٽيا جي رستي موڪلڻ معين ڪيو ويو ۽ جابلو ۽ دراني قبيلن ۽ افغاني حڪومت کان مال ۽ فوجي مدد طلب ڪئي ويئي. شاه عبدالعزيز پنهنجي رفيقن کي مختلف طرفن ڏي جهاد جي تبليغ لاءِ موڪلڻ جو ارادو ڪيو ته پاڻ وفات ڪيائين. سندس جانشين شاگرد ۽ خليفي سيد احمد شهيد انهيءَ تحريڪ کي صوبه سرحد ۾ چڱي نموني سان ڇهه سال هلايو مگر مسلمانن جي غداري ۽ ايسٽ انڊيا ڪمپني جي مڪاري کان ١٨٣١ع ۾ هيءَ تحريڪ ناڪام ٿي ۽ سيد احمد شهيد ۽ سندس مشير ۽ وزير مولانا اسماعيل ۽ ٻيا رفيق آزاديءَ جي لڙائيءَ ۾ شهيد ٿيا ۽ تحريڪ وقتي طور ختم ٿي ويئي.

شاه عبدالعزيز جي هن تحريڪ جون ڏيل ڇڻگون ١٨٥٧ع ۾ پڙڪيون. هيءَ تحريڪ نهايت منظم ۽ همه گير هئي. پبلڪ ۽ فوجن ۾ بغاوت پيدا ٿي بلڪ برطانيه حڪومت جا وفادار به بغاوت تي مجبور ٿي ويا مگر اسان جي بد قسمتي، جو پنجاب جي سک ۽ مسلمان رئيسن جي غداري سبب ناڪام ويئي.

١٨٥٧ع واري تحريڪ کان پوءِ انگريزن هن ملڪ ۾ ڦرلٽ ۽ ظلم تشدد جو نهايت خوفناڪ مظاهرو ڪيو. هنن هندستانين کي هر لحاظ کان تنگدست ۽ مفلس ڪري ڇڏيو. لشڪر جي ڦرلٽ علحده هئي جنهن فقط دهلي کي اٺ ڏينهن پئي لٽيو. نه رڳو انهيءَ شهر کي پر هندستان جي وڏن وڏن شهرن ۽ ڳوٺن کي ڦرڻ لاءِ فوجين کي کلي اجازت ڏني ويئي. وري ڪاشتڪارن تي پلون ۽ ٽيڪس ايڏا لڳايا ويا جو ماڻهو ڏينهون ڏينهن غريب ٿيندا ويا. واپار ۾ ملڪي ۽ ولايتي جو امتياز رکي واپارين جو ڪاروبار ختم ڪيو ويو ۽ صنعت ڪارن جي ڪم کي مڪاري ۽ فريب ڪاري سان نابود ڪيو ويو. مطلب ته هڪڙي طرف ملڪ کي مفلس

آزادي تحريڪ جا سنڌ ۾ آثار

(آنڊل صفحي ١٣٣ کان)

تيئن حسن علي افندي جي ساٿي رئيس شمس الدين بلبل به رحيما لطيف لکي (نومبر ١٨٩٦ع) ساڳيو ڪم هٿ ڪيو. هن قطار ۾ مسدس ابوجهه آڻي نه ٿي سگهجي جو اهاڙگو مسدس حالي جي ترجمه هجڻ جو درجو رکي ٿي.

هندستان ۾ مسلم ليگ ۽ ڪانگريس آزادي حاصل ڪرڻ جي ڪم ڪي لڳي ويون ته سنڌ ۾ وري هوم رول تحريڪ جناب غلام محمد صاحب پرڳڙي جي اڳواڻي هيٺ ۽ امن سبا تنظيم جناب سيد الهندي شاه صاحب ڊپرئي واري جي سرڪردگي هيٺ سعيو ڪرڻ لڳي. رئيس شمس الدين بلبل ميهڙ وارو شاه صاحب جو ساڄو هٿ هو. هوم رولين جو خيال هو ته هندن سان هٿ هٿ ۾ ملائي آزادي حاصل ڪجي پر امن سڀاين جو ارادو هو ته اول انگريزن جي مدد سان هندن سان هڪ جهڙائي حاصل ڪري پوءِ آزادي لاءِ لڙجي متان هڪڙن جي غلامي مان نڪري ٻين جي اڪثريت هيٺ دٻجي وڃون. جناب ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم خليل به امن سڀاين جي باري ۾ هفتيوار آزاد ۾ ٿورو اشارو ڏنو آهي، پر اسانجي خلافت تحريڪ جا سنه ١٩١٩ع ۾ بمبئي مان اٿي، تنهن جو مقصد ”ڊائريڪٽ ائڪشن“ سان آزادي حاصل ڪرڻ جو هو ۽ خلافت تحريڪ جو سنڌ ۾ نه هوم رولين سان ربط هو نه امن سڀاين سان سنبنڌ. ٽنهي تحريڪن جو طريقو جدا جدا هو اگرچه مقصد ساڳيو هو. هوم رولين جي حمايت ۾ اخبار الامين هئي ۽ ان جو ايڊيٽر ۽ طنز نگار جناب مخلص مرحوم هو. ته امن سڀاين جي فائدي ۾ آفتاب سکر بلبل مرحوم جي ايڊيٽري ۾ قدم کنيون ۽ هن تحريڪ جو مزاح گو شاعر بلبل مرحوم هو. اڄ جا اڪثر مزاح گو شاعر سنڌي جا يا هن صاحب جا شاگرد آهن يا هن جا.

جناب حسن علي افندي سنڌ مدرسته الاسلام جاري ڪري سنڌ جي مسلمانن کي مغربي تعليم جي وسيلي سجاڳ ڪرڻ جو پروگرام رٿيو. سيد الهندي شاه صاحب نئون شهري فيروز ۾ مدرسه جاري ڪيو جو هينئر هاءِ اسڪول جي صورت ۾ هلي رهيو آهي ۽ بلبل مرحوم ميهڙ ۾ مدرسه کوليو جو هاڻ هينئر هاءِ اسڪول جي حيثيت ۾ هلندو اچي ٿو. ان مدرسه جو پهريون هيڊ ماسٽر مسٽر هاسانند هو جنهن ڳالهه مان ظاهر آهي ته امن سڀائي هندو مسلم تعصب کان بالا هئا. ٽيون اهڙو مدرسه پٺوري ۾ جناب غلام نبي شاهه برپا ڪيو جنهن جي عاليشان پڪاڻ عمارت اڃا موجود آهي پر افسوس جو پٺوري ۾ مدرسه هلي نه سگهيو ۽ ان کي کڻي ميرپورخاص ۾ آندو ويو. سنڌ جي مسلمانن جي جديد تعليم ائين شروع ٿي ۽ ان باري ۾ مون جيڪا ناچيز خدمت بجا آندي تنهن جي ذڪر ڪرڻ جو ضرور نه آهي.

سنڌ ۾ خلافت جو مکيه مرڪز دادو هو، جتي مکيه ڪارڪن جيوڻ شاهه، ميان محمد هاشم ميمڻ ۽ ڪپڙي جو واپاري ميان محمد يعقوب ۽ درزي محمد رمضان هئا. محمد رمضان ته پهريون شخص هو جو خلافت تحريڪ ۾ سنڌ ۾ پهريون پهريون جيل ۾ هو. هو اڃا جيئرو آهي ۽ جيڪب آباد ۾ رهي ٿو.

ڪيو ويو ته ٻئي طرف خونريزي ۽ ڦر لٽ سان ملڪ تباهه ڪيو ويو. وحشت ۽ درندگيءَ جو ايڏو مظاهرو ڪيو ويو جو ڪنهن به عزتواري هندستانيءَ جي جان مال ۽ عزت آبرو محفوظ نه رهي. انهيءَ ڪان سواءِ هندستانين جي مذهب تي اعتراضات ڪيا تي ويا ۽ انهن جي پيشوائن جو تمسخر اڏايو ويو ٿي. خاص طور مسلمانن جي خلاف هڪڙي منظم تحريڪ شروع ڪئي ويئي. ڪو به شخص ڏاڙهي وارو نظر ٿي آين ته مولوي سمجهي گوليءَ سان اڏايو ٿي ويو.

مذڪور مصيبتن جي مظاهري ڪان هندستاني قوم نيم مرده حالت کي پهچي چڪي هئي تڏهن طبيب ۽ حڪيم ماهر خاموش رهي نه سگهيا ۽ ان جي علاج لاءِ همت ٻير هلائڻ لڳا. هندستان جي انهيءَ صورتحال ۾ علماءِ ۽ مدبرين قوم بي قرار ۽ بي اطمينان رهيا ۽ ڏينهن راتّ قوم جي فلاح ۽ بهبود متعلق سو چيندا رهيا. نيٺ هڪ سرڪرده هستي حضرت شيخ الهند مولانا محمود الحسن پنهنجي رفيق ڪارن، مخلص مريدن ۽ جانباز شاگردن ڪي پنهنجو همخيال بنائي انهي مصيبت جي مقابلي لاءِ جهاد جي ميدان ۾ آيو. اهوئي جهاد اڪبر آهي جنهن ڪي دنيا ”ريشمي خط جي تحريڪ“ جي نالي سان ياد ڪري ٿي.

هن تحريڪ جو مقصد صرف هندستان جي آزادي هو. جنهن لاءِ هڪ مرڪزي جماعت ٺاهي ويئي جنهن جو امير ۽ سربراه شيخ الهند هو ۽ جنهن جو مرڪز ٻهريائين ديوبند هو پوءِ دهلي ٿيو. هن جماعت هڪڙو انقلاب برپا ڪرڻ جو ارادو ڪيو ته ملڪ جي اندر بغاوت ڪرائي وڃي ۽ ملڪ کان ٻاهر اتر اولهه سرحد تي قبائلين ڪان ڪنهن طاقتور حڪومت جي نگراني هيٺ حملو ڪرايو وڃي. انهي مقصد لاءِ ترڪي حڪومت جي مرڪزي طاقت ترڪي نوجوان

انور پاشا وغيره سان معاهدو ٿيو ته هو افغانستان جي رستي فوجون آڻي قبائلين کي پاڻ سان ملائي هندستان تي حملو ڪري. انهيءَ لاءِ افغان حڪومت کي رضامند ڪرڻو هو ۽ اتي هڪڙو هيڊ ڪوارٽر قائم ڪري ان کي راضي ڪيو ويو. انهيءَ مقصد کي پوري ڪرڻ ۽ تڪميل تائين پهچائڻ لاءِ ڏهه اسڪيمون بنائي انهن تي عمل ڪيو ويو. انهن جو خلاصو هن طرح هو:

۱- ملڪ جي اندر هندو مسلم اتحاد ڪرايو ويو ۽ ٻنهي قومن کي هڪڙي پليٽ فارم تي جمع ڪري بغاوت لاءِ آماده ڪيو ويو.

۲- قديم تعليم يافته علمائن جو طبقو ۽ جديد تعليم يافته گرئجوئيٽن جو طبقو گڏ ڪري جنگ لاءِ تيار ڪيو ويو.

۳- بين الاقوامي دنيا ڪي يعني چين، برما، انڊونيشيا، فرانس ۽ اميريڪا کي پنهنجو همنوا بنايو ويو.

۴- دشمن تي حملي ڪرڻ لاءِ نقشو بنايو ويو ۽ انگريزي سي-آئي-ڊي ۽ لشڪر ۾ پنهنجا نوجوان موڪليا ويا.

۵- انقلاب کان پوءِ عبوري حڪومت جو خاڪو ٺاهيو ويو جنهن ۾ هندن ۽ مسلمانن کي مساوي حقوق ڏنا ويا.

۶- ملڪ جي اندر خفيه مرڪز قائم ڪيا ويا جتي بغاوت لاءِ نوجوان طاقت کي تيار رکيو ويو.

۷- ٻاهرين ملڪن يعني ڪابل، انقره، استنبول، قسطنطنيه ۽ برلن ۾ رضاڪارن جي پارٽي جا مرڪز کوليا ويا.

۸- ترڪي حڪومت جو معاون جرمني کي ٺاهيو ويو ۽ روس کي مددگار بنائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي.

۹- حملي لاءِ قلات ڪوئيٽا، دره خيبر ۽ اوڪي مقرر ڪيا ويا ۽ افغان حڪومت ڪان رستي جي اجازت ورتي ويئي.

۱۰- حملي ۽ بغاوت لاءِ ۱۹- فيبروري سنه ۱۹۱۷ع جي تاريخ حضرت شيخ الهند ۽ انور پاشا ۽ جمال پاشا جي مشوري سان مقرر ڪئي ويئي.

سنه ۱۹۰۵ ڪان ۱۹۱۴ تائين لاڳيتو نو سال انهن رٿن تي عمل ٿيندو رهيو. جڏهن اهي رٿون تڪميل تي پهتيون ان وقت اوچتو مهاڀاري جنگ شروع ٿي ويئي. انقلابين، انقلاب کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ، افغان ۽ ترڪي حڪومتن جي درميان معاهدي ۽ حملي جي تاريخ جي توثيق ڪرائڻ لاءِ ڪم شروع ڪيو. انهيءَ مقصد لاءِ مولانا محمود الحسن حج جي ارادي سان مڪه مڪرمه پهتو. اتي حجاز جي گورنر غالب پاشا سان ملاقات ڪري پنهنجو مقصد ظاهر ڪيو. جيتوڻيڪ غالب پاشا هر طرح جي خاطري ڏني پر شيخ الهند انور پاشا سان ملاقات جو اصرار ڪيو. آخر ڪار ان سان ملي معاهدن جي توثيق ۽ حملي جي تاريخ جو تعين ڪرايو ۽ ڪائنس افغان حڪومت ڏانهن خط ورتائين. ساڳئي مقصد لاءِ مولانا عبيدالله سنڌي انقلابين جي نمائندگي ڪندي ڪابل پهتو. جتي ساٿس مولوي عبدالله لغاري معتمد صلاح ڪار ٿي رهيو. سڀني اميرن ۽ رئيسن جي ملاقات ۾ هو گڏ رهيو. فقط امير حبيب الله کي مولانا عبيدالله اڪيلو مليو. امير حبيب الله کي جڏهن مقصد معلوم ٿيو تڏهن هو ڏاڍو حيرت ۾ پيو جو ڏٺائين ته سڄو جرگو پنهنجي پٽن امان الله خان ۽ نصرالله خان سميت جنگ لاءِ آماده بلڪ مشتعل هو. نيٺ امير حبيب الله شاهي اختيارات جو سهارو وٺي هڪڙي درمياني راهه ڪڍي ته ترڪي فوجون ڪن سرحدي علائقن مان لنگهن ۽ اسين انگريزن جي سامهون مجبوريءَ جو اظهار ڪنداسون ته قبائلي باغي ٿي اسانجي قبضي ڪان ٻاهر ٿي ويا آهن. انقلابي ليڊرن اها ڳالهه به غنيمت سمجهي ۽ حڪومت ڪان ان جو معاهدو ورتو جو نصرالله خان نائب السلطنت لکي ڏنو.

مولانا عبيدالله سنڌي ۽ نصرالله خان گڏجي هڪڙي ماهر ڪاريگر ڪان هڪڙو ريشمي رومال اهڙي طرح ٺهرايو جو ان جي بناوت ۾ معاهدي جي سڄي عبارت ۽ حملي جي تاريخ جي منظوري جي عبارت به اڻجي چڏي. عبارت عربي زبان ۾ هئي ۽ دستخط حبيب الله خان ۽ سندس ٻنهي پٽن جا زرد رنگ جي مس ۾ هئا. اهو رومال هن تحريڪ جي پيروسي جهڙي آدمي شيخ عبدالحق جي حوالي ڪيو ويو. هي نو مسلم شيخ الهند جو مريد، نهايت زيرڪ ۽ معامله فهم، انگريزي ۾ ايم-اي هو. افغانستان ۽ هندوستان ۾ ڪپڙي جو ڪاروبار ڪندڙ هو. پنهنجو ڏنڌو به سٺي طرح ڪري رهيو هو، ان سان گڏ تحريڪ جي پيغام رساني جو ڪم به چڱي نموني انجام ڏيئي رهيو هو. هدايتن موجب هو اهو رومال ڪٺي پشاور پهتو. رومال ان جي ٻين تجارتي ڪپڙن ۾ ٺهڪيل هو. هن ڪم کي مخفي رکڻ لاءِ هن پيا انهي قسم جا رومال پنج ڊرجن ورتي انهن ۾ رکي ڇڏيا جنهنڪري سرحد تي ڪنهن کي خبر نه پئجي سگهي. هن کي هيءَ به هدايت هئي ته جيڪڏهن ٿي سگهي ته پاڻ حيدرآباد سنڌ پهچي رومال شيخ عبدالرحيم کي ڏئي. شيخ عبدالرحيم کي اڳئي پروگرام ڏنل هو ته هو اهو حج تي وڃي شيخ الهند جي حوالي ڪري. شيخ عبدالحق کي چوڻ هو ته جيڪڏهن ڪو خطرو سمجهيو وڃي ته پوءِ اهو رومال پشاور جي رڪن حق نواز کي ڏنو وڃي. شيخ عبدالحق ڪان پشاور ۽ سرحد تي گهڻي پڇا ڳاڇا ۽ تلاشي ٿيڻ سبب هن اهو رومال حق نواز جي حوالي ڪري ان کي هدايتون ڏنيون. حق نواز کي هيءَ امانت رات جو نوين بجي ملي ۽ ڇهين بجي اتان پنهنجي هڪڙي اعتمادي آدمي جي ذريعي رياست بهاولپور جي دين پور جي سجاده نشين خواجه

(ڏسو صفحو ۱۳۶)

Scanned with CamScanner

پارڪر جي سوڍن جو انگريزن سان مقابلو

(از:- هريسنگهه ڪي- ايچ "سوڍو" ننگر پارڪر)

پارڪر جو پٽ تاريخي ٽولن ۽ ادبي موتين سان پريو پيو آهي، انهنکي محنت سان ميڙي هوند هڪ هند ڪئا ڪجي ته وڏو اتهاس بنجي پوي، پر ميڙيندڙ جي کوٽ ٿي رهي آهي. هن ناچيز روزانه مهراڻ جي گذريل سالنامه ۾ "پارڪر جو پٽ ۽ چند حقيقتون" هڪ وڏو مضمون منظر عام تي آندو هو ۽ هن دفعي ۱۸۵۹ع ۾ پارڪر جي سوڍن جو انگريزي طاقت سان ٿيل مقابلو ۽ اُن وقت سوڍن جي هڪ سپاهي روپلو ڪولهي جي عبرتناڪ قربانين جو بيان لکان ٿو. روپلو واقعه پارڪر جو جهوجهار سڏڻ جي لائق آهي جنهن بهادرن وانگر مرڻ قبوليو پر پنهنجي جنم ڀومي ۽ سوڍن سان ڪنهن به قيمت تي غداري ڪرڻ ۽ انگريزي طاقت اڳيان نمڻ نه منظور ڪيو.

سوڍا پرمار ونسي راجپوت آهن ۽ اصل ابو ۽ اُجين جا رهاڪو آهن. سوڍن جو ڏاڏو سوڍو جي سنه ۱۱۲۵ع برابر وڪرمي سنبت ۱۱۸۱ ڌاري سنڌ ۾ امرڪوٽ آيو هو ۽ اچي رتوڪوٽ ۾ رهيو، پوءِ "سوڍي جي" جي پوٽي راجديو ۱۲۲۶ع برابر وڪرمي سنبت ۱۲۸۳ع ۾ سومرن سان مقابلو ڪري امرڪوٽ قبضي ڪيو ۽ پاڻ تي راڻو لقب رکي گادي نشين ٿيو. راڻو راجديو ڪانپوءِ راڻو جگ برهم- راڻو جيسر- راڻو سوميشور ۽ راڻو ڌارا برش نمبر وار ڪوٽ جي گادي تي ويٺا. راڻي ڌارا برش ڪان سنه ۱۳۵۵ع ۾ وري سومرن جي حاڪم عمر سومري ٿي امرڪوٽ جو واپس قبضو ورتو. ڌارا برش کي ٻه پٽ هئا وڏو درجنشال ۽ ننڍو آسراءِ. آسراءِ پارڪر وڃي وسايو ۽ درجنشال وارا ڍٽ ۾ ٽڪڙجي ويا. اهڙي نموني سوڍا سڀئي ٿر ۽ پارڪر ۾ ٽڪڙجي ويا. (۱) هاڻي اسان عمرڪوٽ جي سوڍن کي ڇڏي صرف پارڪر جو بيان ڪنداسون. آسراءِ وڃڻ شرط "سنيدل" راجپوتن کان پارڪر جيتيو ۽ پنهنجي حڪومت قائم ڪئي ۽ ڏينهون ڏينهن پارڪر ۾ سوڍا ويا زور ٿيندا. نه رڳو پارڪر پر ٿر ۽ مارواڙ جا ڳوٺ پاڪاسر وغيره به پنهنجي قبضي ۾ آندا. پريا چار سو ڪن سال سوڍن پارڪر ۾ ڊپدبي ۽ سهڻي نموني سان حڪومت ڪئي. آخر سنه ۱۸۰۰ع ڪانپوءِ اچي منجهن ڦوٽ پيئي ۽ اڳيون اوج به هلڪو ٿي ويو. پهاڙي جو راڻو ڪانجي مشهور ٿي گذريو آهي، جنهن ڪڇ جي پيلو ڳوٺ وغيره تي ڪاهيو، ۽ پنهنجي قبضي مان ويل ٽڪرن کي به دليري سان واپس موٽايو، پر اينتري ۾ پاڻ اوچتوئي اوچتو وفات ڪري ويو. پويان سندس پٽ رتنسنگهه اڃا صغير هو. رتنسنگهه کي گادي تي ويهاريو ويو. جڳو جي سوڍو جيڪو سالن کان وٺي انهي ڪوشش ۾ هو ته راڻن جو ونس ناس ڪري ۽ حڪومت جو وارث آءٌ بڻجان انکي هاڻي چڱو وجهه اچي ويو سو رتنسنگهه جي پاران پاڻ حڪومت هلائڻ لڳو: ۽ پين سوڍن ۽ ڪولهين وغيره تي پنهنجو اثر ڄمائڻ لڳو. راڻي ڪانجي جي وقت جا ڪي وفادار ڪولهي هئا، اهي جڳوجي جي هن چال کي سمجهي ويا ۽ هر وقت ننڍڙي راڻي جي خبرداري سان نگهباني ڪرڻ لڳا. جڳوجي جي اندر ۾ ڀڙائي هئڻ سبب آهستي آهستي ماڻهن کي راڻن جي

تحريڪ ريشمي رومال ۾ سنڌ جو حصو

(آندل صفحي ۱۳۵ تان)

غلام محمد کي ڏيڻ لاءِ موڪلي. هيڏانهن پشاور ۾ صبح جي نماز کان اڳ حق نواز جي مڪان تي فوج چڙهائي ڪئي پر اها شيءِ ته نڪري ويئي هئي. گهڻي ڇاڳاڇا ٿي مگر حق نواز بلڪل پختو رهيو. هوڏانهن دين پور ۾ امانت پئي ڏينهن ڏهين بجي پهتي خواجه صاحب به معتمد آدمي هتان رواني ڪري ڇڏي مگر شام جو ڇهين بجي فوج اتي به پهچي ويئي. مڪان جو گهيرو ڪري ڏهين بجي رات تائين تلاشي ونندي رهي مگر ڪجهه هٿ نه آيو ۽ خواجه صاحب کي قيد ڪيو ويو ۽ ڇهن مهنن بعد آزاد ڪيو ويو. اها امانت پئي ڏينهن اڳين ۽ جو شيخ عبدالرحيم وٽ پهتي. شيخ صاحب سمهاڻي جو انهيءَ رومال کي پنهنجي هڪڙي ڪپڙي ۾ لڪائڻ لاءِ سبي رهيو هو ۽ اهو ڪم ڪري حليو بدلائي روپوش ٿيڻ لاءِ تيار هو ته اوچتو فوج پٽيون ٽپي اندر پهچي ويئي، فوجين رومال هٿ ڪيو پر شيخ صاحب پٽ ٽپي ڀڄڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ۽ اهڙو ڀڳو جو ڪوبه پتو نه پئجي سگهيو. شيخ صاحب ڪرپلاڻي جو سڳو ڀاءُ هو ۽ مولانا عبيدالله سنڌي جي هٿ تي اسلام آندو هئائين.

مطلب ته ريشمي رومال حڪومت کي هٿ اچي ويو جنهن جي ذريعي راز ظاهر ٿي پيو. هن کان اڳ هن تحريڪ جي رپورٽ سي- آئي- ڊي حڪومت کي ڏيندي رهي مگر ڪو تحريري ثبوت ڪونه هو. جڏهن هي تحريري ثبوت مليو ته حڪومت برطانيه کي انقلابين جي ارادن ۽ ترڪي حڪومت جي پاليسين جي قطعي تصديق ٿي ويئي تنهن ڪري هن مناسب قدم کنيا. افغان حڪومت يعني حبيب الله خان جاسوسي ڪري انگريزن جي زد کان بچي ويو فقط ايترو ٿيو ته انگريزن جي چوڻ تي ڪابل ۾ انقلابين ۽ انهن جي ليڊرن کي گرفتار ڪيو ويو. جڏهن امير حبيب الله قتل ٿيو ته امان الله خان جي ايا مڪاري ۾ اهي آزاد ٿيا. هيڏانهن هندستان ۾ هر مشتبه آدمي کي گرفتار ڪيو ويو ۽ گهڻن کي نظربند ڪيو ويو ۽ هر انهي جاءِ تي فوج موڪلي ويئي جتي بغاوت ۽ گڙٻڙ جو خطرو هو. مطلب ته هندستاني مشن کي پنهنجي مطلب ۾ ڪاميابي نه ٿي.

هن ناڪاميءَ جو سبب ٻه ڳالهيون هيون: هڪ ته تحريڪ جي قائدين ۾ خوش اعتمادي ۽ حسن ظن جي گهڻائي هئي جنهنڪري هو دشمن کي به دوست سمجهي راز جو شريڪ ڪندا رهيا، ٻي ڳالهه هئي قوم ۾ قوميت جي جذبي جو نقدان جنهن سبب قوم جا افراد پنهنجي قوميت جي قدروقيمت نه ڄاڻي پنهنجي قوم سان غداري ڪرڻ لاءِ آماده ٿيا ۽ غيرن جا هٿيار بنجي دنيا ۽ آخرت ۾ ذليل ٿيا. انهن ٻنهي ڪمزورين ناڪاميءَ جو منهن ڏيکاريو.

(اقتباس)

(۱) مٿئين حقيقت لاءِ ڏسو: عمرڪوٽ اتهاس- تاريخ ريگستان ۽ راڻن جو راڄ ۽ سوڍن جي ساهبي وغيره.

خاندان کان بد ظن ڪرڻ لڳو ۽ حڪومت جو ڪاروبار صفا ٻڏرو ڪرائي ڇڏيو جنهن ڪري عام بد معاش ماڻهو غريبن تي ظلم ڪرڻ لڳا ۽ پاڻ انهن ظالمن کي اندروني ساٿ ڏيڻ لڳو. فوج جي ڪولهين ڪانهين رياستن مان ڌاڙا هڻائڻ لڳو اهڙي نموني سڀ ڪم ٿتائي ڇڏيائين. رتنسنگهه تي اهڙو ته پنهنجو ويساهه جمائي ويو جو اشاري تي نچائڻ لڳس.

وفادار ڪولهين ۽ ٻين ماڻهن رتنسنگهه کي ڄڳوڄي جي چال کان آگاهه ڪيو پر هن ڪوبه ڌيان نه ڏنو. ڄڳوڄي وجهه وٺي رتنسنگهه جي سيني وفادار ماڻهن کي نوڪري مان خارج ڪري ڇڏيو. آخر اهڙو ڊانواڊول قصو ڏسي ڄڳوڄي رتنسنگهه کي مارڻ جو ٻهه ٻڇايو: سوهڪ ڏينهن رتنسنگهه کي شڪار جو شوق ڏياري ۽ پنهنجي ئي طرف جا اٺ ڏهه ماڻهو وٺي ساڻ ڪري شڪار تي ويا. رتنسنگهه سازش کان بلڪل بي خبر هو؛ سو بلڪل غفلت ۾ رهيو. رات ڄڳوڄي جي چوڻ تي ڳوٺ صابوسڻ جي پرسان ترسي پيا. خوب مڪلون شراب وغيره پي گهري ننڊ ۾ سمهي پيا. ڄڳوڄي ۽ سندن ماڻهن ڏٺو ته راٺو جي ۽ سندس ماڻهو ننڊ ۾ آهن تڏهن ترار ٻسان سيني جا ڌڙ ڌار ڪري ڇڏيائون ۽ يڪدم گهوڙن تي چڙهي ننگر پهتا. راٺوجي جي وفادار نوڪرن چاڪرن ۽ ٻين سيني کي ماري صبح جو پاڻ پارڪرجو راٺو ٿي ۽ تخت نشين ٿي ويو. مقتول راٺي جي عمر ان وقت سورهن سال هئي. ڪي چون ٿا ته ڪيس اولاد ڪونه هو ۽ ڪي چون ٿا ته هڪ پٽ هو جنهنکي ڄڳوڄي ماري ڇڏيو پر اهڙي ڪنهن به ڪتاب مان ثابتي ٿي ملي. هي واقعو سنه ١٨٣٢ع ۾ ٿيل چيو وڃي ٿو (١)

ان واقعي جي جڏهين انگريزن کي خبر پيئي ۽ پارڪر ۾ گهڙڻ جو چڱو وجهه ڏٺائون تڏهين يڪدم ميرن کي لکيائون ته پارڪر جا ڌاڙيل قبضي ڪريو. مير صاحبن ان کان نابري واري، تڏهين انگريزن ١ نومبر ١٨٣٢ع ڌاري هڪ لشڪر چاڙهي موڪليو (٢)

ڄڳوڄي مان رعيت سڀ ڪڪ هئي ۽ حڪومت جو سڀ قصو ڊانواڊول ٿيل هو؛ جنهن ڪري انگريزن سان ڪوبه مقابلو نه ٿيو ۽ ڄڳوڄي ننگر ڇڏي ڀڄي ويو. جنهنکي پوءِ گرفتار ڪيو ويو ۽ ننگر جي گادي تي سيني جي صلاح سان مقتول راٺي جي سوٽ ڪرڻجي کي ويهاريو ويو. اهڙي نموني انگريز پارڪر کي پنهنجي اثر هيٺ آڻي پنهنجو ٿاڻو وغيره قائم ڪري هليا ويا.

ڪرڻجي گادي تي ويهڻ کانپوءِ جيڪي بگڙيل حالتون هيون انهنکي درست ڪيو؛ ۽ ڄڳوڄي باعث ناراض ٿيل ماڻهن کي پرچايو. ويراواهه، ڀهراٺو وغيره جي سوڍن کي گهرائي راڻن سان وفادار رهڻ ۽ آئي مهل مدد ڪرڻ جو قول ورتو. ڪيئي ڪولهي سپاهين کي وري نئين سر ڀرتي ڪري پنهنجي ننڍڙي فوج کي وري نئين سر سنواريو. اهڙي نموني ڪيترائي سال گذري ويا. انگريزن جو اثر ڏن بدن وڌي رهيو هو. تار - ڪچهري ۽ ٿاڻو ننگر ۾ قائم ڪيا ويا هئا. سوڍن کي اهو دخل ڪنڊي وانگر چڀيو ٿي، ان لاءِ اندروني بندوبست ڪري رهيا هئا پر اڳيان انگريزي طاقت هئي جنهن اڳيان هندوستان جا وڏا وڏا راجا، ۽ مهاراجا ۽ نواب وغيره تابع رهيا هئا. پارڪر ته هڪ ننڍڙو ٽڪرو هو ۽ سوڍا به ايڏا وڏا حاڪم نه هئا سو انگريزن سان ڪيئن پهچن. مٿان ١٨٥٧ع جو بلوو ٿيو جنهن ۾ هندوستاني انگريزن سان خوب وڙهيا ۽ جنهن لموني انگريزن هندوستانين کي بيدردي سان ڪهليو اُن ته ماڳهين هندوستانين جون اکيون رت رت ڪري ڇڏيون. انهن حالت سوڍن جي اندر کي به انقلاب ۽ جوش سان ڀر ڪري ڇڏيو ۽ انگريزن لاءِ نفرت پيدا ٿين. پنهنجي جنم ڀومي کي غلامي هيٺ ويندو ڏسي سوڍن کي نت نوان خار چڙهڻ لڳا ۽ آخر هڪو ٻهه ڪيائون ته هن غلامي ۾ رهڻ کان بهتر آهي ته ملڪ تان جانيون نثار ڪري ڇڏيون. راڻي سيني سوڍن کي گهرائي چيو ته پارڪر ۾ يا ته انگريز رهن يا پاڻ رهون. گدڙ واري حياتي گذارڻ کان هڪ ڏينهن جو شينهن ٿي مرون ته بهتر آهي. آخر سيني هڪو خيال ڪيو ته انگريزي اثر کي ننگر مان ڪڍي نه ڪڍاسون پوءِ ننڍو کهڙو به نه ڪري، جي جيت نه ٿي ته ڏهين نه، بهادرن وانگر لڙي ته مرنداسون!

انهي وقت جڏهن اسان جي وطن تي غلامي جا ڪارا ڪڪر ڇانئجي رهيا هئا، تنهن وقت سال ١٨٥٩ع ۾ سوڍن انهي غلامي خلاف تيز تلوارون ڪڍي- انگريزي ٿاڻي تي حملو ڪيو. ڪچهري جلائي، خزانو لٽيو، انگريزي نوڪرن کي موت جي مٺي ننڊ ۾ سمهاريو ۽ تار وغيره ڪپي ويئي. مذڪوره واقعو ١٥ اپريل ١٨٥٩ع جي روزرونما ٿيو ۽ ١٩-اپريل حيدرآباد خبر پهتي جتان ٢٤-اپريل ڪرنل ايونس لشڪر وٺي ننگر پارڪر ڏانهن روانو ٿيو. انهي وچ ۾ ١ مئي تي ڊيسا مان هڪ فوج ننگرپارڪر پهتي. سوڍن انهي فوج سان مقابلو ڪيو ته ٻئي ڏينهن ڪرنل ايونس واري فوج به اچي پهتي. ڄڳو جي جاهوبان سوڍا جيڪي پوڏيسر ۾ رهندا هئا اُهي وري به ننگرپارڪرجي راڻي ۽ ٻين سوڍن پائرن سان دوکو ۽ دغا ڪري وڃي ڪرنل ايونس سان مليا ۽ سڀ مخفي راز فاش ڪري انگريزن جا مددگار ٿي بيٺا. ٣- مئي تي سخت مقابلو ٿيو، سوڍن جا فقط ٻه هزار ماڻهو هئا ۽ انگريزن جون احمدآباد- ڪڇ ۽ حيدرآباد واريون سڀ فوجون پهچي چڪيون هيون، سوڍن وٽ تلوارون ۽ منهن پرڻ واريون بندوقون هيون ۽ انگريزي سپاهه نئين قسم جي هٿيارن سان آراسته پيراسته هو پر سوڍن پوروداندانشڪن مقابلو ڪيو. سوڍن جا چند ماڻهو هيڏي فوج کي ڪٿي ٿي پهچي سگهيا. توبن ۽ ڪارتوس وارين بندوقن جي اڳيان تلوارون ۽ جامرنگري بندوقون ڪٿي ٿي جهٽ جهلي سگهيون. آخر انگريزي فوجون غالب پئجي ويون، راٺو ۽ سندس بهادر ساٿي گرفتار ٿي ويا ۽ ٻچيل چند سپاهي ڇڙوڇڙ ٿي ويا ۽ لڙائي ختم ٿي. ويراواهه جو سوڍو اُڏيسنگهه اُن وقت ٻاهر ويل هو، جڏهن اُنکي خبر پيئي ته شينهن وانگر اچي ننگرپارڪر تي ڪڙڪيو ۽ وڃي تروٽ جي ٽنبو تي حملو ڪيائين. تروٽ ڀڄي وڃي هڪ ميگهواڙ جي گهر ۾ پناهه ورتي جتان پوڏيسر جا سوڍا ڪيس سلامتي سان بچائي ويا. اُڏيسنگهه سان پيا سوڍن جا لڪيل ماڻهو به اچي شامل ٿيا ۽ انگريزي سپاهين جو خاتمو ڪري وڃي جيل جو دروازو ڀڄي راڻو ۽ ٻيا سڀ ماڻهو آزاد ڪيائون. ڪرنل ايونس ننگرپارڪر کان ڇهه ميل پنڌ تي ڏينسي جي ڳوٺ ۾ منزل انداز هو، اُنکي پوڏيسر جي سوڍن هر وقت ڄاڻ ڪئي ۽ تروٽ جو سلامت هئڻ به

(١) ڏسو ”هسٽري آف الفنسٽن“.
(٢) ڏسو ”تاريخ ريگستان صفحو ١٨٤“.

پڌايو. ڪرنل ايونس يڪدم واپس آيو ۽ وري به زبردست مقابلو ٿيو. سوڍن ۽ سنڌس ڪولهين هاڻي ساهه تان آسرو لاهي وڙهڻ شروع ڪيو. ڪلجي ۽ مهاسينگ تمام بهادري جا جوهر ڏيکاريا. تلوار جي نوڪ سان انگريزن جا سوين سپاهي تمام ڪري ڇڏيائون. ان وقت جي جنگ ڪي ساراهيندي هڪ ڪوي چوي ٿو ته:-

چندن گڍ چاوو (۱) ڪيو
جوڏي مچائي جنگ
لڙيو ساڻ ڪلياڻ رو-
راجپو تاني رنگ
رنگ ڪلا رنگ مهاسينگا-
(۲) رنگ سگهري رهاڻ
رنگ ڪارو (۳) نجهرلي (۴)
ڪونگري-
رنگ سوڍي راڻ

يعني:- (سوڍن لڙندي پنهنجي قلعي چندن گڍ کي ظاهر ڪيو ۽ ڪلجي جي سپهه سالاري ۾ جوڏن جنگ مچائي ڏني. اهڙن راجپوتن کي شاباس هجي. ڪلجي ۽ مهاسينگهه کي آفرين هجي؛ ان سان گڏ سمورن سوڍن ۽ سنڌس ڪولهي سپاهين کي به شاباس هجي. شاباس هجي ڪارونجهر جبل ۽ سوڍن جي راڻي ڪرڻجي کي.)

ڪلجي ۽ مهاسينگهه وڙهندي وڙهندي وطن تان قربان ٿي ۽ پارڪر جي اتهاس ۾ پنهنجو نالو امر ڪري ويا جنڪي اڄ به پارڪر واسي ڳائي رهيا آهن.

سوڍا ۽ سنڌس نو جي ڪولهي آڳرين تي ڳڻڻ جيترا هئا پر تڏهن به انگريزي فوج جا حوصلا بي خطا ڪري ڇڏيائون. ڪلجي ۽ مهاسينگهه جي مرڻ تي اُڏيسنگهه ۽ روپلي ڪولهي انهن جي جاءِ والاري خوب مقابلو ڪيو. پر سامهون انگريزن جي زبردست فوج هئي ان سان پهچڻ ڏاڍو ڏکيو هو. روپلي حالتن کي سازگار نه ڏسي راڻو ڪرڻجي، اُڏيسنگهه ۽ ٻين خاص خاص سوڍن کي ڀڄائي ڪارونجهر جبل تي چڙهي ويو. انگريزي فوج گهڻيون ئي ڪوششون ڪيون ته راڻو وغيره کي گرفتار ڪجي پر دال نه ڳريِن.

تروٽ ڪارونجهر ۾ راڻو جي جي ڳولها ڪئي وئي پر ڪجهه ڪو نه وريو. روپلو ۽ سنڌس پاڻ ڏجو رات ڏينهن راڻو جي جي حاضري ۾ رهي پهرو ڏيڻ لڳا ۽ هيٺ جي سڌ سماءَ به خبرداري سان رکڻ لڳا. راڻي صاحب جو صلاحڪار مهاوجي لوهاڻو ۽ سانڍري جو پائوهنس پري به سدائين راڻو جي کي ماني ۽ سماچار روپلي جي معرفت پيا پهچائيندا هئا. روپلي جي بهادري جي انگريزن کي پوري پروڙ هئي، سو روپلي کي پڪڙڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ۽ ننهن چوٽي جو زور لڳائڻ لڳا پر هي شينهن هٿ نه آيو. هڪ ڀيرو ڏهه دفعا مقابلا به ٿيا پر روپلو ان جو نالو هو. روپلي راڻو جي وغيره کي اهڙي هنڌ لڪائي رکيو هو جو انگريزن جو اتي پهچڻ ناممڪن هو. تروٽ صاحب ڏاڍو چالاڪ ماڻهو هو، تنهن مهاوجي کي لالچ ۽ چانديءَ جي چند سڪن تي ريجهائي ورتو. مهاوجي نمڪ حرام ٿي بيهي رهيو تنهن تروٽ کي دلاسو ڏنو ته مان راڻو ۽ روپلو وغيره سڀ پڪڙائي ڏيندس. مهاوجي پوءِ ٺڳي ۽ مڪر ڪري روپلي کان راڻو جي جو ڏس پتو پڇيو. روپلي کي اها سڌ نه هئي ته ڪو مهاوجي ائين راڻن جي نمڪ کي لڄائي ڦرندو، سو هن کي ڳالهيون مهاوجي کي ٻڌائي ڇڏيون.

ٻئي ڏينهن مهاوجي تروٽ کي ٻڌايو ته تو هان ۽ پنهنجي فوج سنيري رهجو روپلو رات جو مون وٽ ايندو ان وقت کيس قابو ڪري ڇڏجو.

اهڙي نموني روپلي کي ٺڳي سان گرفتار ڪري ورتائون. روپلو مهاوجي جي حرامائي سڀ سمجهي ويو پر هاڻي ڇا ٿي ڪري سگهيو.

روپلي تروٽ کي چيو ته تو هان راڻو جي کي ڪڏهن به گرفتار ڪا ڪري سگهو ڇو ته مون مهاوجي کي غلط ڳالهيون ٻڌايون آهن؛ هن وقت راڻو جي تمام سلامتي واري هنڌ تي آهن. مهاوجي ڏي نهاري روپلي چيو ته:- تو کي لک لعنت هجي جو ڪمذات ٿي ۽ پارڪر کي لڄايو اٿيئي! راڻن جو نمڪ کائي حرامي بڻيو آهين، ديس دروهي ۽ ڏڻي مارو ثابت ٿيو آهين ضرور انگن ۾ لوڙيندين!!!

تروٽ روپلي کي لالچن تي ريجهائڻ جي ڪوشش ڪئي، پئسا آڇيا، جاگير لاءِ چيو، عهدي ڏيڻ جو وعدو ڪيو؛ مطلب ته گهڻيئي حيلا هلايا پر روپلو اصل نه مڙيو. پوءِ طرحين طرحين تڪليفون ۽ عذاب ڏيڻ شروع ڪيائون پر هن مجاهد راڻن جو ڏس پتو ڏيڻ يا گرفتار ڪرائڻ کان اصل نابري واريندي تروٽ کي چيو ته جان وڃي ته ڀل وڃي پر اصل پنهن جي پارڪر تي ٽڪو نه لائيندس.

تروٽ کهي روپلا-
مني (۵) سوڏا واوڙ (۶) اڄ
نمڪ چوڪي (۷) ڏٽيبون ٽڪو-
ماري لاڪيڻي جائي لاڄ (۸)

هي دوهرو پارڪري ٻولي ۾ آهي ان جو مطلب ٿئي ٿو ته:- تروٽ روپلي کي چوي ٿو ته مونکي سوڍا ۽ سنڌس راڻو ڏيکار. جواب ۾ روپلو چوي ٿو ته منهنجي پيٽ ۾ راڻن جو نمڪ آهي تنهن ڪري آءٌ نمڪ حرامي بڻجي ڪڏهن به ڪاراڻ جو ٽڪو نه لڳائيندس.

تروٽ کي پڇاڙي ۾ چوي ٿو ته:- چند چانديءَ جي سڪن ۽ دنيوي عزت تي موهجي يا تنهنجي عذابن پرڀجي پنهنجي ضمير ۽ وفائي کي وڪڻي، راڻن ۽ پنهنجي وطن سان دوکو ڪريان، ائين هرگز نه ڪندس. ان کان بهتر موت سمجهان ٿو. پرواهه نه آهي جي پنهنجي جنم ڀومي ۽ پنهنجي راڻي لاءِ قربان ٿي ويس!!. بزدلي واري عزت کان مونکي بهادري جو موت گهرجي. او هان انگريز بلڪل بزدل آهيو جو رڳو چالاڪي ۽ ٺڳي سان ڪم وٺو ٿا. مونکي چنائي گرفتار ڪريو ها ته آءٌ اوهانکي سڀ بهادري جا ڏس پتا ٻڌايان ها. آزادي جي وقت آءٌ اوهانکي ڪجهه به ڪو نه ليکيندو هوس؛ پنهنجي پاڻ کي سدائين چوندو هوس ته:-

روپو ڪهي ڏجيا-اوٺپي (۹)
گهوڙي ٿيان هسوار
پاڙي پوري ني مارتان. لاگي (۱۰)
ڪيٽيڪ (۱۱) وار (۱۲)

(يعني: روپو ڏجي ڪي چوي ٿو ته اڄ پاڻ گهوڙن تي سوار ٿيون ۽ انگريزن تي ڪاهي پئون انهن پورڙن کي ماريندي ڪيتري دير لڳندي)

هن وقت ته آءٌ بيوس آهيان. موت کان هرگز نٿو ڊڄان پر ٺڳي سان جهلڻ ۽ مهاوجي جو نمڪ حرام ٿيڻ انهن ٻنهي ڳالهين مونکي ڏکي بنايو آهي پر هو ظهار ضروري ٿئي ٿو.

بزدل ۽ بيرحم انگريزن روپلي کي عذاب ڏيئي آخر ماري ڇڏيو. روپلي جهڙي قرباني ٿورن ئي ڏني هوندي. وفاداري جو سبق هن جي مثال مان وٺڻ گهرجي. مرڻ قبول ڪيائين پر بي وفاءِ بزدل ثابت نه ٿيو. پنهن جي جنم ڀومي کي جان جي آهوتي ڏيئي جهو جهارن سان گڏ وڃي جهو جهار (۱۳) ٿيو. سنڌس نالو تيستائين ڳائبو رهندو جيستائين پارڪر جو نالو صفحه هستي تي قائم آهي. روپلي کي مارڻ بعد تروٽ مهاوجي ۽ پوڏيسر جي سوڍن جي مدد سان راڻو ڪرڻجي اڏيسنگهه ۽ ٻين کي گرفتار ڪيو. جاگير وغيره جي آڇ ڪئي پر هنن غلامي ۾ زندهه رهڻ قبول نه ڪيو تنهن ڪري کيس انگريز حيدر آباد ڏي وٺي

(ڏسو صفحو ۱۳۹)

(۱) ظاهر (۲) سموري (۳) ڪارونجهر جبل (۴) ڪنگرا (۵) مونکي (۶) ڏيکار (۷) نمڪ حرام ٿيڻ. (۸) لڄ (۹) پاڻ (۱۰) لڳي
(۱۱) ڪيتري (۱۲) دير (۱۳) شهيد.

از:- مولائي رحيمداد خان شيدائي

سنڌ جا ٻروچ خاندان ۽ قبيلا

جئنا شال جيو، جيو تا جاڙيون ڪريو،
ٻانيڻ ۽ ٻروچ ري ٻيلي ناهه ٻيو،
چنڊ تان نه پيو، هيءُ سڱ نه چنڊ جهڙو. (شاهه رحه)

ٻروچ ڪير آهن؟

ٻروچ بهادر، جنگجو ۽ غيرتمند قوم آهي، جنهن ۱۷۸۳ع کان ۱۸۴۳ع تائين سابق صوبه سنڌ تي حڪومت ڪئي. تاريخ سنڌ ڪانسواءِ سنڌن بيان سنڌي شعر ۾ به ڏنل آهي. انهيءَ طرح سنڌي بزم ۽ رزم جي رؤنق ٻروچن جي وجود ڪري آهي. سنڌ جي سدا جيئري عوامي شاعر ٻروچن مان هوت پنهون کي هيرو چونڊي، ٻروچن کي وحدت جو جامو پهرائي، سنڌن جيڪا تصوير پيش ڪئي، تنهن لاءِ ٻروچ جيترو به ناز ڪن ٻجا آهي. شاهه سائين جي رسالي مان جيڪڏهن "ٻانيڻ ۽ ٻروچ" کي نظرانداز ڪبو ته مٺي مهراڻ جي رومان آفرين ماٽري جي سڪ، سونهن ۽ سوڀيا ۾ فرق پئجي ويندو. حقيقت ۾ شاهه ڀٽائي رح سنڌ سان ٻروچن جو اهڙو سڱ ڳنڍي ويو آهي، جو هرگز ڇڄي نٿو سگهي ۽ انهيءَ سڱ ٻروچن کي زنده جاويد بنائي ڇڏيو آهي ۽ شاهاڻي نموني سان- خوشا نصيب!.

سنڌي ٻوليءَ جو ميناج سسئي ۽ پنهون ٻن نالن ۾ سمايل آهي. سوال آهي ته سسئي جا سيڻ ٻروچ ڪير آهن ۽ سنڌن حسب نسب ڪهڙو آهي. اهڙي ثبوت لاءِ ڊومبڪين جي "دفتر-شعر" ۾ هڪڙو شعر علم الانساب متعلق ڏنل آهي، جو ۱۸۴۰ع ۾ "جرنل ايشيائڪ سوسائٽي بنگال" ۾ شايع ٿيو ۽ اهو پهريون دفعو هو جو يورپ جا علمي ادارا ٻروچن جي حسب ۽ نسب کان واقف ٿيا. ملاحظ فرمايو:-

"شڪرالحمد گذران باد شاه
ملڪ وٿي
يگ وٿه ڪوشٽي مه ملڪا
در جهان خاڪ گل
ما مريدون يا علي اي دين
ايمان ٿيبتين
حمزه اولاد ٻلوچي صوب
درگاه گرين
ازحلباقاز ڪايون گو يزيدا جهيڙين
ڪلبلا ٻنپور نيسا مان شهر -
سيستان منزلين."

ڊومبڪي ٻروچ شاعر چوي ٿو ته:-

"اسين ٻروچ سيدالشهداءِ امير حمزه صاحب قران جو اولاد آهيون. اسان کي درگاه رب تعاليٰ مان صوب مليل آهي ۽ اسين حضرت علي امام المشرقين والمغربين اسدالله الغالب جا مريد آهيون تنهن ڪري اسان جو ايمان ثابت آهي. پنهنجي وطن حلب ALLEPPO کان نڪري ڪربلا جي معرڪي ۾ امام حسين عليه السلام جي جهنڊي هيٺ يزيد جي لشڪر سان لڙياسون. پوءِ عرب کان نڪري بمپور شهر جي وچان لنگهي، سيستان ۾ پهرين منزل ڪئي سون."

مير جلال خان چاليهن پولڻن سان مڪران ۾ حلب (شام) کان نڪري وارد ٿيو. سندس جهنڊي تي شينهن جي تصوير لڪتل هئي. سندس تخت گاه (ميري) ڪيچ ۾ هئي. هن صحبت ۾ مون کي فقط سنڌ جي ٻلوچ خاندانن ۽ قبيلن جا نالا ڏيڻا آهن تنهن ڪري اصلي موضوع ڏانهن قلم کي واريان ٿو. وهوا هذا.

رند:-

مير جلال خان کي پنج پٽ هوا:- (۱) رند (۲) لشار، (۳) قرائي، (۴) جتوئي، (۵) هوت. مير جلال خان جي وفات کانپوءِ سندس پهريان چار پٽ ڀيڻ جي ڪفن ۽ دفن ۾ رڌل هوا ته پنيان ننڍي پٽ هوت ڪيچ جي ميري تي قبضو ڪيو. عيسوي ۱۵ صدي ڌاري مير جلال خان جي پٽن جو اولاد مير شهڪ جي سرڪردگي ۾ سبي ۽ شوران ۽ گنج آبوا جون ڪڇي ۾ رياستون قائم ڪيون. سنت گوهر جتڻي جي دام زلف ۾ مير چاڪر خان رند جو سردار ۽ مير گهرام خان لاشارين جو سردار ڦاسي پيا. نوبت وڃي جنگ کي پهتي، جنهن ۾ ٻلوچن توڙي غير ٻلوچي قومن مٿين ٻن سردارن جي طرفداري ڪئي هئي. ويڙهه ٽيهن سالن تائين جاري رهي، جنهن ۾ لشارين شڪست کاڌي ۽ ٻروچ ڪمزور

پارڪر جي سوڍن جو انگريزن سان مقابلو

آندل صفحي ۱۳۸ تان)

ويا ۽ کين جيل جي حوالي ڪري ڇڏيائون. پوءِ پنهنجن سان دغا ڪندڙن مهاوجي ۽ پوڏيسر جي سوڍن کي وڏيون وڏيون جاگيرون ڏنائون ۽ خوب نوازيائون. اڏيسنگه جي پٽ سامسنگه کي به ۱۸۸۷ع ڌاري گورمنٽ ڇهه هزار ايڪڙ جاگير ڏني. (۱)

راڻي ڪرڻ جي پنهنجن ٻارن ٻچن ۽ چند خدمتگارن کي ٻلوي وقت ڪڇ جي راجا جي پناهه ۾ پهچائي ڇڏيو هو. ڪرڻ جي جي گرفتاري بعد ڪڇ جي راجا انگريزن کان ڪرڻ جي جي پٽ حمير جي کي ڪوشش ڪري روزگار لاءِ ٽي هزار ايڪڙ جاگير وٺرائي ڏني. تاريخ ريگستان جي صفحي ۲۱۳ ۾ لکيل آهي ته:-

"راڻي ڪرڻ جي جي زال پنهنجي ننڍي پٽ سميت ڪڇ ڏي ڀڄي ويئي" اها بلڪل بي بنياد ۽ واهيات ڳالهه آهي. ان وقت اهڙيون ڪيئن ڳالهيون صرف سوڍن کي خوار ڪرڻ لاءِ انگريز آفيسرن لکيون آهن. مسٽر رائچند مصنف تاريخ ريگستان به انهن جي ئي لکڻ موجب اٿو ٽندڙ جملا لکي حقيقتن کي ٻيو رنگ ڏيئي ڇڏيو آهي.

ڇا! سوڍن ائين سمجهي، انگريزن سان مقابلو ڪيو هو، ته اسين کٽي وينداسون؟ بلڪل نه. انهن کي ڌارين جو دخل سيني ۾ ڪنڊي وانگر کپي ويو هو ۽ اهڙي بيعزتي برداشت نٿي ڪري سگهيا تنهن ڪري پنهنجون جانيون قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويا هئا. سوڍن سڀ سوچي سمجهي هي ڪم ڪيو ۽ انهن اهو بخوبي سمجهيو ٿي ته اسان جو زنده رهڻ محال آهي! پوءِ ڇا ان حالت انهن ۾ سڀ تياريون ڪيون هونديون. راڻي ڪرڻ جي به ان حالت ۾ ڇا پنهنجي ٻار ٻچن کي گهر ۾ ويهاري ڇڏيو هوندو؟ هرگز نه! هنن پهريائين پنهنجن ٻارن ٻچن کي چند خدمتگارن سان پڇم اماڻي پوءِ ٻلوي جو علم کڙو ڪيو هو.

(۱) ڏسو "تاريخ ريگستان" صفحو ۲۱۰.

ٿي ويا ۽ شاه بيگ ارغون ڪڇيءَ تي قبضو ڪيو ۽ ٻروچ قبيلا پنجاب، سنڌ ۽ گجرات تائين ٽڙي پکڙجي ويا. رندن جون پنجھٺ شاخون هن طرح آهن:-

(۱) رند، (۲) چاڪراڻي، (۳) ميراڻي، (۴) الله داداڻي، (۵) مير دادي، (۶) ٻجاراڻي، (۷) باگراڻي، (۸) نوحاڻي، (۹) محمداڻي، (۱۰) ڏومبڪي، (۱۱) برهاماڻي، (۱۲) ريحاڻي، (۱۳) نوشيرواني، (۱۴) عالماڻي، (۱۵) سندراڻي، (۱۶) هشبناڻي، (۱۷) نندواڻي، (۱۸) حيدراڻي، (۱۹) گورچاڻي، (۲۰) فيروز زئي، (۲۱) ڪيشازئي، (۲۲) مريداڻي، (۲۳) قيصراڻي، (۲۴) جمالاڻي، (۲۵) لغاري، (۲۶) ڪلوئي، (۲۷) جسڪاڻي، (۲۸) ڦروزائي، (۲۹) عمر نوحڪاڻي، (۳۰) رخشاڻي، (۳۱) مزاري، (۳۲) مراڻي (۳۳) سياه آف، (۳۴) ڪلمتي، (۳۵) ملفت، (۳۶) جنگلاڻي، (۳۷) رستماڻي، (۳۸) سارنگاڻي، (۳۹) آسرڪاڻي، (۴۰) مستي خان زئي، (۴۱) عمرزه، (۴۲) زيد، (۴۳) بابراڻي، (۴۴) لنڊ (۴۵) جاوداڻي، (۴۶) راهيجا (۴۷) گشڪوري، (۴۸) هوتڪاڻي، (۴۹) ڪهيري، (۵۰) دريشڪ، (۵۱) عبداڻي، (۵۲) يوسفاڻي، (۵۳) (۵۳) شهڪاڻي، (۵۴) علي حاني، (۵۵) گورگيج، (۵۶) شاهلزئي، (۵۷) ڦيم، (۵۸) عباساڻي، (۵۹) مندواڻي، (۶۰) حسناني، (۶۱) جلباڻي، (۶۲) مشوري، (۶۳) هڏگري، (۶۴) دشتي، (۶۵) سهرياڻي.

مگسي:-

سنڌ ۾ مگسي ٻاڙ ڪي منگسي سڏائين ٿا. اهو غلط نالو آهي. صحيح نالو مگسي آهي. اهي پنهنجي اباڻي وطن "مگس" ڪري مگسي سڏجن ٿا. مگس MAGAS ايراني بلوچستان ۾ دزڪ جي ويجهو مضبوط قلعو هو. سنڌن رياست جهل ڪان غيبي ديري تائين هئي. چانڊين ۽ مگسين جو وير سنڌ ۾ ٻهاڪو آهي. سنڌن ٻارهن قبيلا آهن:-

(۱) ٻوتالي، (۲) راوتالي، (۳) سوياڻي، (۴) نعداڻي، (۵) شنباڻي، (۶) روهيجا، (۷) ساڪاڻي؛ (۸) هسباڻي، (۹) هسرالي، (۱۰) ٻنگلاڻي، (۱۱) ڪوسا. ٽالپري دؤر ۾ سنڌن سرداري قائم هئي ۽ ونن سنڌ ۾ ڪا رياست ڪونہ هئي، سردار جو نالو احمد خان هو.

جکراڻي:-

۱۹۴۵ع تائين انگريزن سان لڙندا رهيا. سر چارلس نيپئر جو نڪ ۾ دم آندائون هوائون. آخر جڏهن انگريز فاتح جاڪراڻين جي سرڪرده دريا خان کي جاني ديره ۾ جاگير ڏني تڏهن سرحد ۾ ٺاپر ٿي. جکراڻين جا ۹ قبيلا آهن:- (۱) ساليواڻي (۲) سياه ڦاز، (۳) سواناڻي، (۴) مجاڻي، (۵) سولڪاڻي، (۶) مولڪاڻي، (۷) سدڪاڻي، (۸) ڪروز خاني، (۹) ديرخاني.

جمالي:-

مير رند جي پوٽي مير جمال خان جو اولاد آهن. بهادر ڊومبڪين وانگر جمالي خان وارن سر چارلس نيپئر جي فرنٽيئر ريگيوليشن جون ڌجيون اڏائي ڇڏيون. آخر سرچارلس نيپئر جند ڇڏائڻ لاءِ ڊومبڪين کي رند واهي ۽ رمداڻين ۽ منداڻين کي نوازو ۾ جاگيرون ڏنيون ۽ جانباز جمالين کي ڳڙهي خيرو ۾ جاگير ڏني. مير جمال خان جمالي پنهنجن روايتن جي يادگار آهي. سندس سخاوت، مهمان نوازي ضرب المثل آهي. جمالين جا چار قبيلا آهن:- (۱) مريداڻي، (۲) جلباڻي، (۳) بخشاڻي، (۴) سڪراڻي.

جتوئي:-

مير جتوئي جو اولاد آهن. ڪڇيءَ ۾ "ڀنرجتوئي" سندن رياست هئي. ڀنر BHANAR هڪ ڙولڪ هو. سنڌ ۾ بکر کان ڪاڇي تائين "ملڪجتوئڪو" ڪوٺبو هو. شاه بيگ ارغون سان جنگيون جوٽيون هوائون. شيخ لنڪراچ جتوئي وڏو درويش هو، جنهن جي واسطي سان ميان آدم شاه ڪلهوڙو، سيد محمد ميران جونپوريءَ جو مريد ٿيو هو. ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي صاحبيءَ ۾ جتوئن کي جاگيرون مليل هيون. انگريزي راڄ ۾ سردار امام بخش خان جتوئي ۱۸۵۷ع آزادي جي جنگ ۾ حصي ورتو ڪري انگريزن سندس جاگير ضبط ڪئي هئي. جتوئن جا چار قبيلا آهن:- (۱) مظفراڻي، (۲) فتح حاني، (۳) شاهدين زئي، (۴) خلواڻي.

نوحاڻي:-

ٻروچن جي تاريخ ۾ نوحاڻين جو وڏو حصو آهي. پنهنجي سردار امير لوح جي نالي تي نوحاڻي سڏجن ٿا. امير لوح مير چاڪر خان جي رند فوجي دستي متان سپہ سالار هو ۽ هوت جي اولاد مان هو. ٻيو سردار مير عمر خان هو جنهن لاشارين جو طرف ورتو هو. ٽيون سردار مير عالم خان هو، جنهن شاهجهان جي ڏينهن ۾ ۱۶۵۲ع ۾ ملتان ۽ سنڌ جي صوبيدار شهزاده اورنگزيب جي خلاف جهنڊو بلند ڪيو هو. نوحاڻين جي ناڙي تي رياست هئي. ڊومبڪين جي دفتر - شعر ۾ نوحاڻي، ميرجلال خان جي پٽ قرائي خان جا اولاد ڏيکاريل آهن. ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي دؤرن ۾ نوحاڻين جي سرداري ۽ جاگير قائم رهي.

لشاري:-

مير جلال خان جي پٽ لشار جو اولاد آهن. رندن جا سوٽ آهن. ٽيهن سالن واري ويڙهہ ۾ پنهنجن ڀائرن کان شڪست کائي سنڌ، پنجاب ۽ گجرات ڏانهن هجرت ڪري ويا ۳۹ قبيلن ۾ ورهايل آهن:-

(۱) چڪ، (۲) شهداداڻي، (۳) رشيداڻي (۴) ملڪاڻي، (۵) چناٽي، (۶) ٻنگلاڻي، (۷) ميردا داڻي، (۸) مبارڪاڻي، (۹) ميرناڻي، (۱۰) ويداڻي، (۱۱) محمداڻي، (۱۲) هيرواڻي، (۱۳) حساڻي، (۱۴) موهناڻي، (۱۵) سويراڻي، (۱۶) سالاراڻي، (۱۷) پير محمد ناڻي، (۱۸) قلندراڻي، (۱۹) ٻجاراڻي، (۲۰) مزارحاني، (۲۱) ڪملاڻي، (۲۲) جاڳواڻي، (۲۳) سلماڻي، (۲۴) توهم حاني، (۲۵) آخونداڻي، (۲۶) عالباڻي، (۲۷) شاهواڻي، (۲۸) ٻهراماڻي، (۲۹) حدياڻي، (۳۰) نوطبنداڻي، (۳۱) چارواڻي، (۳۲) ٻگراڻي، (۳۳) جلالاڻي، (۳۴) سمعالاڻي، (۳۵) سلاماڻي، (۳۶) علقاڻي، (۳۷) مگسي، (۳۸) توڪلاڻي، (۳۹ منگياڻي.

ٽالپري صاحبي ۾ سنڌ ۾ لشارين جي سرداري ۽ جاگير قائم هئي. ڪڇيءَ ۾ گنج آبوا سنڌن رياست هئي جا اڄ گندا واه سڏجي ٿي.

چانڊيا:-

شاعر صوبو بن تيغ علي جي شعر ۾ ڄاڻايل آهي تہ چانڊيہ مير جلال خان سان حلب کان آيا هوا. رند ۽ لشار جي جنگ ڪالپوءِ ماڇين کي شڪست ڏيڻي "چانڊيا ڪٽوريا" سڏجڻ لڳا ۽ اتر اولهائين حصي ۾ بينڪ جوڙي وينا جو سنڌن نالي تي "چانڊوڪو" سڏجڻ لڳو. سنڌن صدر مقام غيبي ديرو سڏجي ٿو. مياڻي جي جنگ وقت چانڊين جي سردار ويهن هزارن فوجن سان سر چارلس نيپئر کي مدد ڏيڻ جي آڇ ڪئي هئي. خانبهادر صادقعلي شيرعلي خان انصاري پنهنجي فهرست ۾ چانڊين کي هوت جي ٻن پٽن مير حسن ۽ مير حاجي جو اولاد ڄاڻايو آهي. انگريزن چانڊين جي سردار کي نوابي جو خطاب ڏنو هو. چانڊين جا اٺ قبيلا آهن:- (۱) غيباڻي، (۲) پانڊا، (۳) سريجا، (۴) اجواڻي، (۵) ساڪياڻي، (۶) خاشا، (۷) باگيءَ. اهڙ سنڌ کان ٽرپارڪر تائين پکڙيل آهن.

مري:-

مرين جي رياست مري جبلن ۾ آهي ۽ ڪاهان سندن صدر مقام آهي. سنڌ جي هر هڪ ضلعي ۾ موجود آهن. مرين جا چار خاندان آهن:-

(۱) گزني، (۲) لوهاراڻي، (۳) ٻجاراڻي، مزاراڻي. اهي

چارئي ٻاڙا جدا جدا قبيلن ۾ ورهايل آهن :-

(۱) گزني-(۱) ٻهاولان زئي، (۲) موهنداڻي، (۳) لانگهاڻي، (۴) نوزبنداڻي، (۵) جرواز، (۶) چلگري، (۷) عالياڻي، (۸) نوري ڪش، (۹) مهڪاڻي، (۱۰) سرگاڻي، (۱۱) نوهڪ عيساني، (۱۲) تنگاڻي.

(۲) لوهاراڻي-(۱) ڪندراڻي، گواسراڻي، (۳) شهرواني، (۴) محمداڻي.

(۳) ٻجاراڻي-(۱) قلندراڻي، (۲) سومراڻي (۳) سالاراڻي، (۴) رحمڪاڻي، (۵) ٻواهدي، (۶) ڪڪراڻي، (۷) ڪلواڻي، (۸) ٻيهواڻي، (۹) شاهجا، (۱۰) ٻراداداڻي.

(۴) مزرائي- (۱) نوجاڻي، (۲) هنڊواڻي، (۳) مالڪاڻي، (۴) رندواڻي.

ٽالپر ميرن حاجي زئي مرين جي لوهاراڻي ۽ ٻجاراڻي سردارين کي تسليم ڪيو هو ۽ مرين جي شاهداڻي قبيلي جي عزت ڪندا هئا. ٽالپرن مجهان شاديون ڪيون هيون، مري سردار ”رئيس“ سڏبا هوا. نوجي عهدن ڪانسواءِ ڪين وڏيون جاگيرون مليل هيون. ننجو آدم ۽ ننڌ و مستي خان سندن يادگارون آهن.

ٻگٽي:-

مڪران جي BUG قلعي ۾ رهڻ ڪري مٿن ٻگٽي نالو پيو. سنڌ جي اتر ۾ ٻگٽي ديرو سندن صدر مقام آهي. ۱۸۴۵ تائين شڪارپور تائين اهي سنڌ کي ڦرڻ لڳا. سر چارلس نيپيئر مٿن سنڌ جا ٻيداري نالو رکيو ۽ سندن حملن کي روڪڻ لاءِ جيڪب آباد کي ڇانوڻي مقرر ڪيائون. ٻگٽين جا ست ٻاڙا آهن : (۱) رهيجا، (۲) نوتاڻي، (۳) مشوري، (۴) ڪڪپر، (۵) لوهڪاڻي، (۶) مسدراڻي، (۷) شنباڻي. اهي جدا جدا قبيلن ۾ ورهايل آهن :-

(۱) رهيجا-(۱) ٻيبرڪزئي، (۲) ... رهل خ ... (۳) ڪرموزئي، ... اولهند ڪيه) مسدواڻي،

(۶) عباڪان زئي، (۷) سليمان زئي.

(۲) نوتاڻي-(۱) ٻيروزئي، (۲) رامن زئي، (۳) ڪوهلي، (۴) مهيلان زئي، (۵) دومبلي، (۶) شلواني، (۷) قيزبر، (۸) چاڪراڻي، (۹) رامازئي، (۱۰) ورغ ريمڪاني، (۱۱) شنباڻي، (۱۲) ميران زئي، (۱۳) بلوچان زئي، (۱۴) ميردوست زئي، (۱۵) رحمي زئي، (۱۶) سنبرواڻي.

(۳) مشوري-(۱) جعفراڻي، (۲) ٻخشواڻي.

(۴) ڪڪپر-(۱) ٻهدلاڻي، (۲) هوتڪاڻي.

(۵) شنباڻي- (۱) ڪيغازئي، (۲) شنباڻي، (۳) سيداڻي.

سنڌ جي حرن جي مقابلي لاءِ انگريزن ٻگٽين کي ٽرهارڪر ۾ زمينون ڏنيون هيون.

دشتي:- سنڌ ۾ انهن کي دستي سڏين ٿا. مڪران جو صحرا سندن وطن هو تنهنڪري دشتي (صحرائي) سڏجن ٿا. رندن جو ٻاڙو آهي.

خشڪ :- بليدا ماڙي جي ڇهن ڳوٺن مان هڪڙو ڳوٺ آهي، جنهن جي نالي تي سڏجن ٿا.

چلگري:- مرين جي هڪڙي شاخ آهن. ڪڇي ۾ چلگري ڳوٺ ٻڌي ويٺا. ٽالپر اميرن سعد ن جاگيرون ۽ سرداري قائم ڪئي.

هوت:- مير جلال خان جي فرزند جو اولاد آهن. هوتن جا پنج ٻاڙا آهن:- (۱) هوت، (۲) حساني، (۳) هوتڪاڻي، (۴) لوحڪاني، (۵) چنرائي.

ديناري:- دينارين جا پنج ٻاڙا آهن :- (۱) حلقاني، (۲) عهد ياني، (۳) مير حسان زئي، (۴) زنگيجا، (۵) رهواني.

گشڪوري:- مڪران جي گشڪور ندي تي رهڻ ڪري مٿن اهو نالو پيو. مير بيورغ رند جي پٽ جو اولاد آهن. گشڪور معنيٰ گهر.

دريشڪ :- معنيٰ سونهري. رند ۽ لاشار جي جنگ ۾ ڪن لاشار عورتن کي رند جي سردار مير چاڪر خان قيد ڪري

هڪڙي شاميانه اندروهاريو هو. اتفاق سان رات جو طوفان لڳو شاميانه جي وچين ڪمان ٽٽي وئي. دريشڪ نگهبان سپاهي ڪمان کي سڄي رات ڪلهي تي جهلي خواتين کي بچايو. صبح جو ميرچاڪر سپاهيءَ جي بهادري ڏسي هن کي دريشڪ جو خطاب ڏنو. مير جلال خان جي پٽ قرائي خان جي نسل مان آهن ۽ ڇهن ٻاڙن ۾ ورهايل آهن :- (۱) ڪرماني، (۲) منگواڻي، (۳) گلفان (۴) سرگاني، (۵) مرياڻي، (۶) جسڪاڻي.

گورگيج :-

تل- چوٽيالي سندن جاگير هئي. شاعر بالاچ گورگيج پنهنجي جادو بياني سان لغارين ۽ گيتراڻن کي پنهنجو طرفدار ڪري بليدين کي ڪڇيءَ مان تڙي ڪڍيو.

گبول:- گورچاڻين جي شاخ آهن. مير شهڪ سندن مدد سان سبي فتح ڪيو هو. اهي سنڌ ڪان لاڙ تائين پکڙيل آهن.

مزاري:- مير جلال خان جي جهنڊي تي شينهن جي تصوير ڏنل هئي. مزار معنيٰ شينهن. بروچي جهنڊيءَ جي يادگار آهن. روجهاڻ مزاري سندن رياست هئي. هن خاندان جا چار ٻاڙا آهن :- (۱) رستماڻي، (۲) سيداڻي، (۳)، بالاچاڻي، (۴) سرگاني. اهي جدا جدا قبيلن ۾ ورهايل آهن :-

(۱) رستماڻي-(۱) ٻيرڪاني، (۲) مراداڻي، (۳) اديائي، (۴) حرواڻي (۵) بنگراڻي، (۶) عبدلاڻي، (۷) قيصراڻي، (۸) شهبازڪاڻي، (۹) منگلاڻي، (۱۰) درواڻي، (۱۱) سرواڻي، (۱۲) نظاماڻي، (۱۳) چونگلاڻي، (۱۴) ذمڪاڻي، (۱۵) ميرياڻي، (۱۶) ڪلاب، (۱۷) لالاڻي، (۱۸) گلاڻي، (۱۹ عيسامر، (۲۰) گلرين، (۲۱) بانو، (۲۲) سيلاتاڻي، (۲۳) لوليازئي، (۲۴) دولاڻي، (۲۵) نوڪاڻي، (۲۶) سنجراڻي، (۲۷) سياه لاف، (۲۸) سعداڻي، (۲۹) شڪايجا، (۳۰) دوهاڻي، (۳۱) نوزڪاڻي، (۳۲) لوطاڻي.

(۲) سيداڻي-(۱) حوراڻي، (۲) سوربجا، (۳) گيراڻي، (۴) تڪيراڻي، (۵) پنهراڻي، (۶) موزڪاڻي، (۷) ٻوهيتاڻي، (۸ عيسائين، (۹) روڙڪاڻي، (۱۰) شولين.

(۳) بالاچاڻي-(۱) گلشيراڻي (۲) تتڪاڻي، (۳) ماچياڻي، (۴) حيدران زئي، (۵) سيداڻي، (۶) خداداداڻي، (۷) هشبتان، (۸) بتيلاڻي.

(۴) سرگاني-(۱) سرگاني، (۲) چلر-

لغاري:-

سندن رياست چوٽي آهي، جنهن کي ”چوٽي جمال خان“ چوندا. نواب جمال لغاري جي مدد سان انگريزن ۽ بروچن جو صلح ٿيو. ۱۸۸۱ع ۾ سندس وفات ڪرڻ تي لاهور، دهلي ۽ لنڊن جي اخبارن افسوس ظاهر ڪيو هو. سنڌ ۾ نواب ولي محمد خان کي ٽالپرن نوابي جو خطاب ڏنو هو. لغاري خاندان جا ست ٻاڙا آهن:- (۱) عالياڻي، (۲) هدياڻي، (۳) بغلاڻي، (۴) هشبتاڻي، (۵) بزدار، (۶) ڪلوئي، احمداڻي- جاگيردار قبيلو آهي.

گورچاڻي:-

گهورچاڻي يار نهن ٻاڙن ۾ ورهايل آهن :- (۱) درڪاڻي، (۲) شيخاڻي، (۳) لشاري، (۴) پتافي، (۵) جسڪاڻي، (۶) خليلاڻي، (۷) هوتواڻي، (۸) سبزاڻي، (۹) بازيگر، (۱۰) چانگ، (۱۱) سورياڻي. هيٺين قبيلن ۾ ورهايل آهن:-

(۱) درڪاڻي-(۱) نوڪاڻي، (۲) لنگراڻي، (۳) زهراڻي، (۴) ميلوهار، (۵) گتاڻي، (۶) ضرباڻي، (۷) آري (آربجا)، (۸) گمداگولڪ (۹) زاهداڻي، (۱۰) عمراڻي، (۱۱) جنداڻي، (۱۲) الڪائي، (۱۳) کهوري، (۱۴) رالڪاڻي، (۱۵) ٻرڪاڻي، (۱۶) سياه فاز، (۱۷) سليماني، (۱۸) لهالاڻي-

(۲) شيخاڻي- (۱) جلباڻي، (۲) شيخاڻي، (۳) بڪراڻي، (۴) ماڪاڻي، (۵) دودائي، (۶) ميهاڻي، (۷) ساوالاڻي،

(۸) مناڻي،

(۳) لشاري- (۱) جلباڻي، (۲) بدولاڻي، (۳) گرڪاڻي، (۴) بنگلاڻي، (۵) جمراڻي، (۶) گهراماڻي، (۷) مورداڻي، (۸) گمڪوري، (۹) نهالاڻي، (۱۰) ترڪلاڻي، (۱۱) گبول، (۱۲) سندلاڻي، (۱۳) فوجلاڻي، (۱۴) شاهواڻي، (۱۵) حقداداڻي.

(۴) پتافي- (۱) جرواڻي، (۲) هوتمان، (۳) قتلاڻي، (۴) براهماڻي، (۵) متڪاڻي، (۶) جنگلاڻي، (۷) سرموراڻي، (۸) ٿلراڻي، (۹) ميگراڻي، (۱۰) گوڪيباڻي.

(۵) جسڪاڻي- (۱) دودائي، (۲) فتحاڻي، (۳) ڪيوگاڻي، (۴) فنجواڻي، (۵) دلشاداڻي، (۶) گهرام.

(۶) خليلاڻي- (۱) بڪيراڻي، (۲) بهادراڻي (۳) گورپتاڻي.

(۷) هوتواڻي- (۱) ساجاڻي، (۲) بابلاڻي، (۳) چناڻي، (۴) مالوڪاڻي، (۵) قاسماڻي (۷) ڪولاگائي.

(۸) سبزاڻي- (۱) وداڻي، (۲) لوداڻي، (۳) متڪاڻي.

(۹) بازيگر- (۱) موبراڻي، (۲) ٻباواڻي، (۳) دولالاڻي، (۴) براهماڻي.

(۱۰) چانگ- (۱) ميواڻي، (۲) احمداڻي، (۳) ڪنگاڻي، (۴) ڪوهوناناڻي.

(۱۱) سورياڻي- (۱) هرواڻي، (۲) مير ڪام، (۳) موسياڻي، (۴) سوواڻي.

گوپانگ:-

گور چاڪين جي شاخ آهن. جيئن چانگ، چانگ خان جو اولاد آهن، تيئن گوپانگ، گوپانگ خان جو اولاد آهن. ٻنهي قبيلن جي سنڌ ۾ سرداري ۽ جاگير هئي.

گرماڻي:-

گرماڻين جي سنڌ ۾ سرداري ۽ جاگير هئي.

سوري لنڊ:-

صوبه سرحد ۾ سوري لڪ ۽ ڪنڊي والا سندن ٻه قلعا هوا. حيدراڻي قبيلي تي سرداري جي پڳ هئي. امير سوري رند جو اولاد آهن.

ٿٻي لنڊ:-

يعني ڏڪڻ وارا لنڊ. سندن ٽي پاڙا آهن:- (۱) لنڊ، (۲) رند، (۳) ڪوسا. سرداري جي پڳ ميواڻي قبيلي تي هئي. ٽالپري دور ۾ سندن سرداري ۽ جاگيرون قائم هيون.

نتڪاڻي:-

مير نور خان رند جو اولاد آهن. سنگهڙ سندن رياست هئي، جتي هنن مگهروٽا ۽ مهوئي ۾ قلعا تعمير ڪيا هوا.

دودائي مرراڻي:-

دودائي مرراڻي هوتن کي ۱۴۸۰ع ۾ ملتان جي لانگاه سلطان حسين گهرائي ديس ڪوٽ ۽ ڪروڙ ڪوٽ جاگير طور ڏنا. هنن ٻن صدين تائين ديره جات تي حڪومت ڪئي. سهراب خان دودائي سندن مورث اعليٰ هو. ديره غازيخان، اسماعيل خان، کهيڙ، مظفرگڙه حاجي پور، عالم خان، دائود ڪوٽ، سنجرآباد، گدائي آباد، ليئها، ڪوٽ سلطان ۽ ڪوٽ آدو جا شهر هن خاندان وارن تعمير ڪيا. ڪلهوڙن جي صاحبي ۾ حيدرآباد جي قلعي جي حفاظت جو ڪم سندن سپرد ڪيو ويو هو.

ٻزدار:-

قيصراڻي علائقو سنگهڙ ندي تائين سندن رياست هئي. سندن ۹ پاڙا آهن:- (۱) دلاڻي، (۲) لداڻي، (۳) غلاماڻي، (۴) چاڪراڻي، (۵) سياڻي، (۶) شاهواڻي، (۷) جلالاڻي، (۸) جعفراڻي، (۹) رستماڻي. ٽالپرن اميرن کين جاگير ڏني.

جروار:-

گزني مرين جي شاخ آهي.

ڪيتراڻ:-

ماڻهو طرفان پناط ۽ ٻيءَ طرفان بلوچ آهن. سندن زبان ڪيتراڻي آهي. سندن ۴ پاڙا آهن:- (۱) گنجورا، (۲) حسناڻي (۳) ڏاڙيوال، (۴) بابر. ڏاڙيوال نڪي دودائي هوت سڏائين ٿا.

احمداڻي:-

سندن مورث اعليٰ مير احمد خان قرائي هو. منجهائن سردار غلام رسول خان قرائي "تاريخ بلوچيان" تصنيف ڪئي.

پتافي:-

لنڊ پتافي سندن گوٺ هو. پتافي معنيٰ ڏکڻ وارا. سرداري جي پڳ قندراڻي قبيلي جي مٿي تي آهي.

قيصراڻي:-

ديوان ساتوڻ مل، ملتان جي حاڪم کين تسڙي ۽ بيت لذا ۾ زمينون ڏنيون. سندن سردار منا خان هو. قيصراڻين جا ۶ پاڙا آهن:- (۱) لشڪراڻي (۲) خوب ديس (۳) ٻوداني (۴) لغاري (۵) جروار (۶) رستماڻي. سرداري جي پڳ جا مالڪ رستماڻي آهن.

ٽالپور:-

هڪ روايت موجب هوت آهن. ميان يار محمد ڪلهوڙه مير آلوده خان کي گهرائي، فوجي عهدو ڏنو هو. مير شهداد خان ٽالپور کي دهلي دربار پاران نوابشاه ۾ پٽ پاران هرگٽو جاگير مليو. ٽالپور ڪلهوڙن جي فوجي عهدن تي مامور هوا. پوين ڪلهوڙن ٽالپرن جي سردارن سان دشمني رکي سندن سردارن کي مارائڻ شروع ڪيو، جنهن سبب ڪري مير فتح علي خان ۱۷۸۳ع ۾ هالاڻي جي جنگ ۾ ڪلهوڙن کي شڪست ڏيئي سنڌ تي قبضو ڪيو. ٽالپرن جا ۲۱ پاڙا آهن:- (۱) شهداداڻي (۲) ماڻڪاڻي (۳) سهراباڻي (۴) خاناڻي (۵) بهاراڻي (۶) مراداڻي (۷) گهراماڻي (۸) عيساني (۹) دريا خاني (۱۰) هليلاڻي (۱۱) جيوناڻي (۱۲) جيئنداڻي (۱۳) احمداڻي (۱۴) شاهواڻي (۱۵) ياراڻي (۱۶) مقصوداڻي (۱۷) آلوداڻي (۱۸) ٺاراڻي (۱۹) شاهلياڻي (۲۰) حاجواڻي (۲۱) سڪواڻي. ۱۸۴۳ع ۾ انگريزن ميرن کي شڪست ڏيئي سنڌ فتح ڪئي.

ٻرگڙي:-

ٻرگڙين مان اسلاماڻين ۽ موراڻن کي ٽالپري دور ۾ وڏيون جاگيرون مليل هيون. ٻرگڙين مان رئيس غلام محمد خان ٻرگڙي جو شمار سنڌ جي ليڊرن جي فهرست ۾ آهي.

نظاماڻي:-

مير نظام خان هن قبيلي جو مورث اعليٰ هو، جنهن جي نالي تي نظاماڻي سڏجن ٿا. مير نظام خان مير جلال خان جي پٽ رند جي اولاد مان هو. نظاماڻين کي ڪلهوڙن ۽ ٽالپورن جي صاحبيءَ ۾ وڏا عهدا ۽ جاگيرون مليل هيون. نظاماڻين جا ست پاڙا آهن:- (۱) اسماعيلاڻي (۲) مبارڪاڻي (۳) بهليلاڻي (۴) ڪرماڻي (۵) آلوداڻي (۶) قتوناڻي (۷) لشڪراڻي.

بليدي:-

سنڌ ۾ ٻڙدي سڏجن ٿا. بليدين جو مورث اعليٰ مير بوسعيد بليدي عمان کان اچي گچڪين کان مڪران فتح ڪيو هو. مڪران جي بليدا ماڙي ۾ سڪونت ڪري مٿن بلدي نالو پيو. مير بوسعيد جام لنڊي جو همعصر هو. رند ۽ لاشار جي ويڙه ۾ هنن رندن جو طرف ورتو. مير چاڪر خان رند جي سردار بليدين جي سردار مير هئوتان کي "مير عالي" جو خطاب ڏيئي، ٽاڙي کان بار کان لغاري تائين جاگير ڏني. اتان گورگيچن ۽ لغارين سان جنگ ۾ هارائي، اچي سنڌ ۾ ٻرڊ کويا ٻرڊيڪار رياست قائم ڪيائون. سندن صدر مقام جهل هو. ۱۸۴۵ع تائين سر چارلس نيپئر سان جنگيون جوٽيندا رهيا. ۱۸۵۷ع ٻرڊيڪار کي انگريزن شڪارپور ضلع سان لاڳو ڪيو. بليدين جا ٻه پاڙا آهن:- (۱) حاجي زئي (۲) سندراڻي. وڏا زميندار آهن.

(ڏسو صفحو . اه

اردو ترجمو عبدالواحد سنڌي

مترجم:- غلام مصطفيٰ ڀيڀه ڪرنوي

سنڌ جي ميرن جي دربار جي هڪ جهلڪ

سنڌ جي ميرن جي دربار کهڙي نموني ۽ کهڙي قسم جي هوندي هئي ۽ ان جا طور طريقا ۽ نفاست ۽ نزاڪت ڇا هوندي هئي ان جي ڪيفيت هڪ انگريز ڊاڪٽر مسٽر جيمس برنز پنهنجي سفر ناما ۾ هن طرح ڏني آهي.

مسٽر جيمس هڪ مشهور فرنگي ڊاڪٽر هيو جو سنه ١٨٢٧ع ۾ سورت جي علائقا ۾ پريڪٽس ڪندو هيو. ڪيس مير مراد علي خان ٽالپور پنهنجي علاج لاءِ حيدرآباد سنڌ ۾ گهرايو هيو.

ڊاڪٽر جيمس برنز پنهنجي سفر ناما ۾ ميرن جي دربار جي ڪيفيت هن طرح ٿو لکي ته مان ١٠ نومبر سنه ١٨٢٢ع تي حيدرآباد ۾ اچي پهتس ۽ شهر ۾ گذرڻ وقت بازارن ۾ وڏي رونق هئي. هزارن جي تعداد ۾ سنڌي منهنجي اچڻ جي خبر ٻڌي بازارن ۽ رهگذرن جي ٻنهي طرفن کان اچي گڏ ٿيا هئا. انهن تماشائين ۾ مرد ۽ زالون ٻئي شريڪ هئا. مونکي ويجهو ۽ قريب ڏسڻ لاءِ ماڻهو منهنجي پالڪيءَ جي چئن طرفن کان اچي گڏ ٿيا هئا جن کي هٽائڻ لاءِ پوليس ڏاڍي ڪوشش ڪئي مگر ماڻهو هڪ فرنگيءَ کي ڏسڻ جي شوق ۾ سپاهين جون سختيون سهندا رهيا. جڏهن مان حيدرآباد جي قلعه جي دروازه وٽ پهتس ته اتي منهنجو شاندار استقبال ٿيو. ان کان پوءِ مونکي ميرن جي خاص دربار ۾ وٺي ويا.

جڏهن مون قلعه جي اندر قدم رکيو ته اُتي بلڪل خاموشي ۽ سڪون لڳو پيو هو ۽ پوءِ مان چند قالين پوش گلين کان ٿيندو اڳتي وڌيس ته مونکي سامهون هڪ وڏو آراسته و پيراسته صحن نظر آيو جنهن جي ڪنارن تي گلن ۽ ٻوٽن جا وڻ ۽ ڪونديون ڏسڻ ۾ آيون. پهريدار وڏي سليقي سان اُتي بيٺل هئا ۽ انهن جون پوشاڪون ديده فريب هيون. ان صحن جي سامهون هڪ وڏو وسيع ۽ رنگين تصويرن سان آراسته و پيراسته ديوان خانو هيو، جنهن جو فرش نهايت خوبصورت ايراني غاليچن سان سينگاريل هيو ۽ مختلف قسمن جي رنگين پردن سان آويزان لڳو پيو هو. ديوان خانه ۾ صدر دروازه تي ميرن جو وڏو وزير مونکي وٺڻ لاءِ آيو ۽ اتي هيڏي هوڏي ڏسي رهيو هوس ته يڪدم مخمل منهنجي جتي لهرائي مونکي ميرن جي تخت جي ويجهو وٺي ويا. اُتي مون هڪ عجيب نظارو ڏٺو جو مان ڪڏهن به وساري نه سگهندس. مان ننڍپڻ ۾ مشرقي حڪمرانن جي درٻارن جا قصا الف ليلا ۽ ٻين ڪتابن ۾ پڙهيا هئا جو انهن دربار جي شان و شوڪت رعب و داب جو هڪ خاص تصور منهنجي ذهن ۾ موجود هيو ۽ جڏهن مون محسوس ڪيو ته مان انهن درٻارن مان هڪ دربار اکين سان ڏسي رهيو آهيان ته مونکي ڏاڍي خوشي حاصل ٿي. مان اٿ هڪ بلند بالا تخت گاه ڏٺو جنهن تي هڪ نفيس ۽ خوبصورت ايراني قالين وڇايل هيو جو ان کي ڏسي انسان کي روحاني خوشي حاصل ٿئي. ان تخت تي نهايت نفيس ۽ قيمتي لباس پاتل ڪيترا مير صاحب ويٺا هئا. انهن جي درميان مير

سنڌ جا ٻروچ خاندان ۽ قبيلا

(آنڊل صفحي ١٤٢ تان)

ڪوسا:-

ڪوسن متعلق سنڌ ڊسٽرڪٽ گزيٽيئر ۾ ڄاڻايل آهي ته ڪوسا "ڪوه- سگ" جو مخفف آهي، يعني جابلو قوم. ڪرنل جيمس ٽاڊ جي تحقيقات مطابق ڪوسغ (KHOSAG) توراني نسل مان آهن ۽ سندن وطن ڪاسريگا (CASREGA) ڪاشغر چينائي ترڪستان ۾ آهي. آمدم برسر مطلب ته ڪوسا رند آهن. هيوز بلڙ ڪوسن کي هوت ڏيکاريو آهي. ڪوسا بلوچن جي بهادر قوم آهي. فوجي خدمتن ڪندي هن قوم مڪران ڪالوني پنجاب ۽ سنڌ ۾ جاگيرون حاصل ڪيون. ميان الياس ڪلهوڙه مير روهل خان ڪوسه کي مهراڻ جي اولهندي ڪپ تي وڏي جاگير ڏني. شهدادائي ٽالپرن سندن جاگيرن کي بحال ڪيو. بلوچستان ۾ خر (KHAR) فورٽ منرو لڳ ملاوان چشمي ۽ سيري (SIRI) ۾ ڪوسن جون زمينون هيون. سنڌ جي سمه سلاطين گجرات جي مظفريه سلاطين جي خوف کان ڪوسن کي ٽرپارڪر ۾ زمينون ڏنيون هيون. احمدآباد ۽ مصطفيٰ آباد کان ايندڙ قافلن کي ڦرڻ لڳا. ميان غلام شاه ڪلهوڙي ڪوسن جي لشڪر سان ڪڇ فتح ڪيو هو. ٽالپر اميرن به ڪوسن جا دستا ٿرپارڪر جي قلعن ۾ رهاريا هئا. ڪڇ تي ڪوسا ڪاهون ڪندا رهيا ۽ ڪڇي قافلن کي لٽيندا رهيا، جنهن ڪري انگريزن ۽ ميرن جا تعلقات ٿڪي پيا. ڪوسا سنڌ ۾ وڏا زميندار آهن. چئن پاڙن ۾ ورهايل آهن:- (١) بليلاڻي (٢) عيساڻي (٣) مهرواڻي (٤) جروار.

ڪلمتي:-

اورنگزيب ڪلمتي سردارن ميربحار خان ۽ مير بابر خان کي پڻ پسر کان لاهري بندر ڏانهن ايندڙ ويندڙ قافلن جي حفاظت ڪرڻ لاءِ مير پور ساڪره ۾ جاگيرون ۽ ڏهه هزار روپيا ساليانو وظيفو مقرر ڪيو هو. ڪلهوڙن، سردار مريد خان ڪلمتي جي جاگيرن کي بحال ڪيو. مير فتحعلي خان ٽالپور، ڪلمتي سردارن مريد خان، الله بنده خان، فتح خان ۽ مزار خان جون جاگيرون بحال ڪيون. سرچالس نيپئر به سندن کي بحال رکيو. سرداري جي پڳ بابراڻين جي مٿي تي هئي.

ٻروچ پاڻ شڪايت ڪندا ته مولائي شجرا ڪوڙا ڏنا آهن. ان باري ۾ مون شجرن ڏيڻ جو ارادو ڪيو هو، پر سوال آهي ته جيڪڏهن هر هڪ قبيلي جا شجرا ڏجن ها ته مضمون ويهه صفحا والاري ها، اهڙي طوالت کي رفع ڪرڻ لاءِ فقط ٻروچن جي خاندانن ۽ قبيلن جا نالا هن صحبت ۾ پيش ڪجن ٿا. ايڊيٽر مهراڻ جو به ساڳيو رايو هو. جيڪڏهن سمورو بيان درڪار هجي ته ان لاءِ بلوچيت تي ڪتاب لکڻ جي ضرورت آهي.

١٨٤١ع جي آدمشماري موجب سابق سنڌ جي ضلعن ۾ ٻروچن جو جملي تعداد اٺ لک هو. هينئر مٿيون تعداد گهٽو وڌي ويو هوندو. انشاءَ الله تعاليٰ هي مضمون هن سال جي مهراڻ نمبر ۾ يادگار طور رهندو. اسان ٻروچن کي ايڊيٽر مهراڻ جو شڪريه ادا ڪرڻ گهرجي، جنهن مون هيچمدان کي لکڻ لاءِ دعوت ڏني.

ڪرم علي خان ۽ مير مراد علي خان موجود هئا. هي ٻئي مير وڏا سردار هئا ۽ انهن جي هٿن ۾ عنان حڪومت هئي. هي ٻئي مير نهايت قيمتي ريشمي گاديلن تي ويٺا هئا، جن تي نهايت خوبصورت ڪارچوبي ۽ زريءَ جو ڪم ٿيل هيو. انهن گديلن جي چئني ڪنڊن کان خوبصورت جهالرون لٽڪي رهيون هيون. هڪ طرف هڪ وڏي گاؤتڪيه تي مختلف رنگن جا گل ڪڙهيل هئا. مير ڪرم علي خان ۽ مير مراد علي خان جي کاٻي ساڄي کان سندن پنهنجا عزيز ۽ قريب ويٺا هئا جن مان ڪن جا نالا هي آهن- مير صوبدار خان - مير محمد خان ۽ مير مراد علي خان جا فرزند. مير نصير خان ۽ مير نور محمد خان ۽ انهن کان ڪجهه اڳ انهن جو مامون مير محمود خان ۽ ان جا پٽ مير احمد خان ۽ مير جهان خان ويٺا هئا.

ميرن جي محفل جي چئني طرفن کان خادم بيٺل هئا ۽ انهن جي پوئتان ٻهري جا چوڪيدار هٿيارن سان ليس بيٺا هئا. مونکي هر جڳهه ۽ هر شيءِ صاف سٿري ۽ سليقي سان نظر اچي رهي هئي. مون هندوستان ۾ ڪيترن ئي راجائن ۽ مهاراجائن جون درٻارون ڏٺيون هيون مگر اتي مان ائين محسوس ڪندو هوس ته هو پنهنجو شان ڏيکارڻ لاءِ سازو سامان ۽ هٿيار پنوهار ڪثرت سان رکندا هئا ليڪن صفائي ۽ سليقو بلڪل ڪونه هوندو هون. ان جي برعڪس ميرن جي درٻار ۾ سازوسامان جي ڪثرت ۽ صفائي ۽ سليقي ڏسي منهنجي دل خوشيءَ سان ٻرجي وئي.

ميرن جي روش ۽ برتاءُ مونکي ڏاڍو پسند آيو ۽ درٻار جا طور طريقا قابل تعريف هئا ۽ مان انهن کي مرتبن ۽ عهدن جي لائق ڏٺو. ننڍن ميرن ۾ مان وڏي ذهانت ۽ لياقت ۽ آداب مجلس جون اهڙيون خوبيون ڏٺيون جو مونکي ڪنهن ٻئي هنڌ شاذ و نادر نظر آيون. اهڙي تميز ۽ لياقت مشرقي شهزادن ۽ راجڪمارن ۾ مان ڏاڍي گهٽ ڏٺي هئي.

ننڍا شهزادا وڏا وجيه ۽ سرخ ۽ سفيد چهره، ڪشاده پيشاني، ڪارن زلفن ۽ وڏين اکين وارا هئا ليڪن مير نصير خان سڀني شهزادن ۾ سڀ کان وجيه ۽ بارعب هيو. جهڙيءَ طرح سان مونکي ميرن جي درٻار پسند آئي اهڙيءَ طرح انهن جون صورتون به پسند آيون. ميرن جون جيتريون به درٻارون اتي موجود هيون اُهي با سليقه با تميز ۽ حسن اخلاق جا مجسمه ڏسڻ ۾ پئي آيون. درٻار ۾ خوش سليقگي، تميز، باقاعدگي ۽ خاموشيءَ سان ڪم ٿي رهيو هو. درٻار ۾ وڏي مير کان ڇوٽي جوابدار تائين سڀئي درٻاري آداب جي نموني سان پئي معلوم ٿيا. ميرن جي درٻار جون خوبيون ۽ خصوصيات ڏسي مونکي ڏاڍي حيرت ٿي ۽ انهن متعلق منهنجا ذهني تصورات بلڪل بدلجي ويا. جڏهن مان درٻار ۾ داخل ٿيس ته سڀئي مير صاحب ڀاڪر پائي مليا ۽ مونکي درٻار ۾ مير ڪرم علي خان ۽ مير مراد علي خان جي ويجهو ويهڻ لاءِ جاءِ ڏني وئي. ان ڪانپوءِ ميرن مونکان سنڌي رسم ورواج موجب فارسي زبان ۾ مزاج پرسي ڪئي. رستي جي تڪليفن ۽ سفر جي صعوبتن جي باري ۾ پڇيو ۽ بار بار فارسيءَ ۾ خوش آمديد جا ڪلمه دهرائيندا رهيا. مير ڪرم علي خان مونکي چيو ته اوهان اسان جا خاص مهمان آهيو ۽ هر چيز اوهان جي لاءِ موجود آهي - اسان پنهنجي وڏي وزير کي اوهان جي مهمانداري ۽ آرام رسائڻ لاءِ متعين ڪيو آهي. اهو پڻ ان کي تاڪيد ڪيو ويو آهي ته اوهانکي جنهن به چيز جي ضرورت هجي ته هو اوهان لاءِ اها چيز مهيا ڪري. اوهان جي رهائش لاءِ هڪ باغ تجويز ڪيو ويو آهي جي چاهيو ته اتي رهو يا اسان سان گڏ قلعي ۾ رهو. اسان هر طرح سان اوهان کي آرام ڏيڻ لاءِ تيار آهيون. ان کان پوءِ مير صاحبن مونکان سنڌي رسم و رواج موافق حال احوال ورتو ۽ پڻ بمبئيءَ جي گورنر جي خيريت معلوم ڪئي ۽ انگلستان جي بادشاه جي خيريت پڇي ۽ چيائون ته اسان شاهه انگلستان جا دوست آهيون.

ڊاڪٽر جيمس صاحب جي انهن حالات کان معلوم ٿو ٿئي ته سنڌ جا مير وڏا عالم ۽ ذهين، با اخلاق ۽ مهمان نواز هئا. ان زماني جا مغربي سياح به انهن جي خوبين کان چڱيءَ طرح واقف هئا. جن به ميرن جي درٻار ڏٺي آهي ان جي تعريف ڪرڻ کان رهي نٿا سگهن. مختلف وقتن ۾ مسٽر برنز- مسٽر آئوٽرام ۽ مسٽر پاٽنجر انهن جي درٻارن ۾ سفير رهي چڪا آهن ۽ انهن جو چوڻ آهي ته ميرن جو پاڻ ۾ ميل جول بلڪل اعليٰ درجي جو آهي. هو وڏا پرهيزگار ۽ مذهبي سختي رکندا هئا. نشيدار شين کان بلڪل پري رهندا هئا. چوندا آهن ته هڪ ڀيري ميرن جو هڪ وڏي قوم جو سردار بهادر خان کوکر، جو ميرن جو ممتاز درٻاري به هو، شراب پي درٻار ۾ آيو جو ميرن کيس ان حرڪت تي درٻار مان ڪڍي ڇڏيو ۽ درٻاري مصاحبت ۽ عهدو به کسي ورتائونس. مير صاحب شراب کان دور رهندا هئا بلڪ سڀني نشيدار شين کان جهڙوڪ آفيم- ڀنگ- چرس ۽ نه وري تماڪ ئي استعمال ڪندا هئا. انهن مغربي سفيرن ۽ سياحن جو چوڻ آهي ته درٻار جي آس پاس ڪو حقو نظر نه ايندو هيو. ميرن جي عادت هوندي هئي ته هو صبح جو ناشتو ڪري پوءِ درٻاري لباس پهري درٻار ۾ ايندا هئا جتي سڀئي درٻاري امير اچي گڏ ٿيندا هئا ۽ امور سلطنت جا مشڪل مسائل باهمي مشوره سان طئه ڪري ضروري فرمان ۽ احڪام جاري ڪندا هئا. اهي تمام فرمان ۽ احڪام فارسيءَ ۾ لکيا ويندا هئا ان زماني ۾ ميرن جي سرڪاري زبان فارسي هئي. ميرن جي درٻار ١١ بجي ٻن پهرن تائين هلندي هئي. ان ڪانپوءِ درٻار جو پهريون اجلاس ختم ٿيندو هو. ١١ بجي کان ٢ بجي منجهند تائين ڪاڌي ۽ آرام ۾ گذاريندا هئا. ٺيڪ ٢ بجي منجهند جو درٻار جو ٻيو اجلاس شروع ٿيندو هيو جو شام جو پنجين بجي ختم ٿيندو هو ۽ پوءِ مير صاحب ۽ درٻاري پنهنجن پنهنجن محلاتن ڏانهن هليا ويندا هئا.

درٻار جي شان و شوڪت ۽ رعب و داب جو پورو اهتمام هوندو هو. مشرقي ملڪن جي درٻارن وانگر ميرن جي درٻار ۾ وڏيءَ حد تائين سنجيدگي ۽ متانت هوندي هئي. ڪهڙي مجال جو ڪو بي جا بات ڪري يا درٻار ۾ ڪو بي محل ڳالهه ڪري. ميرن جا پاڻ ۾ ڏاڍا سٺا تعلقات هوندا هئا. جڏهن درٻار ۾ ايندا هئا ته گڏ ايندا هئا ۽ ويندا هئا ته تڏهن به گڏ. ميرن جي حڪومت ۾ هيءَ اصلاح گهڻو وقت هلي ۽ ميرن جي حڪومت جي اختتام تائين مشهور رهي. غرض ته ميرن جي حڪومت جي دؤر ۾ پاڻ ۾ ڪنهن به قسم جو ڪو به جهيڙو يا تنازع پيدا نه ٿيو. سڀ ننڍا وڏا اهڙيءَ طرح اتحاد و يگانگت سان رهندا آيا جو شخصي حڪمراني لاءِ هڪ مثالي زندگي آهي.

Scanned with CamScanner

از:- ميرزا گل حسن "احسن" ڪربلائي

ميرن جا حبشي پانها

دنيا ۾ وفاداري هڪ اهڙي صفت آهي جنهن جو لاڳاپو نه رنگ روپ سان آهي نه ذات پات سان، بلڪ ان جو تعلق ڪنهن شاهه ۽ گدا سان آهي. هيءَ اها ذات آهي جو جنهن کي به خدا ڏئي ٿو سو ساري سنسار ۾ سرفراز ۽ وڏي عزت وارو ٿئي ٿو. اسانجي سڳوري سنڌ ۾ ڪيترائي وفادار بهادر پانها ٿي گذريا آهن، جن پنهنجن مالڪن کي پنهنجي خدمت ۽ وفاداري سان هر وقت راضي رکيو هو ۽ وقت اچڻ تي پنهنجي مالڪ تان پنهنجي سر قربان ڪرڻ ۾ دير نه ڪندا هئا. اميرن به هنن جي وفاداري ۽ سچائي جو قدر سچائيءَ سان ڪيو هو، غلاميءَ جي پستي مان ڪڍي اميريءَ جي آسمان تي پهچائي ڇڏيو هو. مير صاحبن جا اهي وفادار پانها هي هئا. هوش محمد، حاجي عنبر ۽ حاجي امان.

ڪنهن گذاري ويل شخص جي حياتي ۽ انجي ڪارنامن تي لکڻ ڏاڍو مشڪل آهي ڇاڪاڻ ته دنيا جي انقلاب هر هڪ حڪومت جي زوال وقت فاتح حڪومت جيتي الهن کان سلطنت هٿ ڪئي، اتي انهن جي خوبين ۽ ڪارنامن تي بدانتظامي ۽ بدنامي جو سياهه پردو وجهي ڇڏيو ۽ وري جيڪي ان وقت جا ماڻهو حيات رهيا تن ڪڏهن ڪنهن محفل ۾ انهن جي ڪارنامن جو ذڪر ڪيو ٿي، سي به هن فاني دنيا مان لڏي ويا ۽ اهو احوال به انهن مري ويل ماڻهن جي سيني ۾ قبر ۾ هميشه لاءِ انهن سان گڏ دفن ٿي ويو. مٿين پانهن جي حياتي جو سچو پچو احوال ته عالم الغيب ڄاڻي، پر جيڪي خود مير صاحبن يا پنهنجن بزرگن کان جي مير صاحبن وٽ چڱن عهدن تي رهيا هئا تن جي بيانن ۽ ڪن ڪتابن جي مضمونن جي بنياد تي هي مضمون قلمبند ڪيو ويو آهي.

هوش محمد حبشي

هوش محمد حبشي، مير صوبدار خان ولد مير فتح علي خان جو پانهو هو ۽ پنهنجي خدمتگذاري ڪري مير صوبدار خان ڪيس خدمتگذاري جو عهدو ڏنو. هي ڏاڍو بهادر، دلير ۽ وطن پرست هو. جڏهن مير صوبدار خان پنهنجي ڀن چاچن مير ڪرم علي خان ۽ مير مراد علي خان سان ملڪ جي ورهاڱي ڪرڻ لاءِ بغاوت ڪئي تڏهن منشي اوتراءِ پٽ منشي صاحبراءِ المتخلص "آزاد"، جو مير صوبدار خان جو مالي وزير هو ۽ هوش محمد پاڻ ۾ گڏجي، مير صوبدار خان جا زيور وڪڻي، پئسا اٽڪي ڏنا، تنهن کان پوءِ مير صوبدار خان هوش محمد کي ساڻ ڪري شڪار جي بهاني سان حيدرآباد ڇڏي، لاڙ پاسي وڃي مير غلام علي ولد مير فيروز خان سان گڏيو جن جي مدد سان لشڪر ڪٺو ڪرڻ لڳا. سال ۱۸۲۶ع ۾ مير صوبدار خان جملي اٺ هزار فوج وٺي حيدرآباد تي ڪاهه ڪئي. جڏهن اها خبر مير مراد علي خان کي پيئي تڏهن هو به فوج وٺي مقابلي ڪرڻ لاءِ حيدرآباد مان نڪتو. مير صوبدار خان جي لشڪر جڏهن ٻڌو ته مير مراد علي خان پاڻ مقابلي لاءِ آيو آهي تڏهن سندس سارو لشڪر ڇڙوڇڙ ٿي ويو ۽ اٺن هزارن مان باقي ٻارهن سؤ ماڻهو وڃي رهيا. مير صوبدار خان پنهنجي فوج جو هي حال ڏسي وڃي پنهنجي چاچي مير مراد علي وٽ پيش پيو، جنهن تي مير مراد علي کيس هڪ جاگير ۽ معقول وظيفو مقرر ڪري ڏنو. هوش تڏهن به مير صوبدار خان سان گڏ رهيو.

جڏهن سال ۱۸۴۳ع ۾ مياڻي جي جنگ لڳي، تڏهن مير صوبدار خان ۽ مير مير محمد خان ولد مير غلام علي خان انهيءَ جنگ ۾ ڪنهن به قسم جو بهرو نه ورتو. انوقت مير صوبدار خان ۽ هوش محمد جي وچ ۾ جيڪا گفتگو ٿي هئي، سا سيد احسان علي شاهه احسان ولد سيد ثابت علي شاهه ثابت ڪربلائي، جو خود مياڻي جي جنگ جي وقت حيات هو، تنهن هڪ مسدس "مياڻي جي جنگ" ۾ قلمبند ڪئي آهي:-

هوش محمد عرض ڪيو اي
مير صاحب نامدار!
هوش ڪر، بيهوش هرگز
ڪير ٿي اي ڪامگار!
مصلحت ڪوڙي جي ڪوڙي
مير ڀلا هوش ڪر،
ڏوڙ پئي "آوت" جي
منهن ۾ ناهي "آوت" معتبر،
مصلحت مقبول اڄ "ڪوڙي"
جي آهي دلپذير،
۽ اسان جي مصلحت عرض
توکي ناپذير.
مير صاحب سوڻ پنهنجي
جي مدد ڪر نامدار!
فتح هنجي فتح تنهنجي آهي
بيشڪ شهريار!
بعد پائرن جي جٺن جگ ۾
اڄايو شرمسار،
شير محمد، ڪسي م موڙايو
زعزم ڪارزار،
سڀ مڙي همراه ٿيو رڻ تيغ
ماريو بيد رنگ.
پائرن سوڻن سان وفاداري
ڪرڻ ناموس ننگ.

مير صوبدار خان چيو ته هوشو تنهنجي قديم وفاداري ۽ خدمتن جو خيال ڪري توکي معافي ڏيان ٿو، پر جي ڪو ٻيو هجي ها ته اڪي هن گستاخي جي سخت سزا ڏني وڃي ها. هوش محمد عرض ڪيو ته غلام نواز آقا! پگهار ۽ انعام جي روپين سان پنهنجي ڪيسي کي ڀرڻ لاءِ پنهنجي آقا کي غلط رستي تي وٺي وڃڻ ڪا خدمت نه آهي، بلڪ جان ۽ مال کان بي پرواهه ٿي پنهنجي مالڪ جي ڀلائي واسطي سچائي جي آرسي تي انجي پل انجي اڳيان ظاهر ڪرڻ، حقيقي جان نثاري ۽ سچي وفاداري آهي. جنهنکي خدا جي خوف ۽ فرض جو خيال نه آهي، سو زر جو بندو آهي پر پنهنجي مالڪ جو خير خواهه نه آهي. دنيا ۾ ڪوڙي خوشامد جنهنجو ڌندو آهي، سو رڳو پيٽ جو ڪتو ۽ پنهنجي غرض جو بندو آهي. جنهن تي مير صوبدار خان ڪاوڙجي چيو ته هوشو هوش ڪر اها اجائي بڪ بند ڪر، سنو ائين ٿيندو ته تون هينئر جو هينئر منهنجي اکين اڳيان نري وڃ.

هوشو چيو ته ساري عمر خير خواهي ۽ وفاداري سان گذارڻ جو اڄ هي انعام مليو آهي. هن ڪوڙي ۽ فاني دنيا ۾ سچ چوڻ سڀ کان وڏو گناهه آهي. بغاوت ۽ قتل وغيره سڀيئي ڏوهه معاف ڪري سگهجن ٿا پر سچائي جو ڏوهه ڪڏهن به معاف ڪري نٿو سگهجي، انهي وقت هي وفادار پانهو مايوس ٿي ڪچهري واري جاءِ کان ٻاهر نڪتو ۽ سڌو مير نور خاص ۾ مير شير محمد خان سان وڃي گڏيو جنهن هن جو وڏو آدر ڀاءُ ڪيو. نيٺ تاريخ ۲۴ مارچ ۱۸۴۳ع ۾ ناريجن جي ڳوٺ وٽ دٻي جي لڙائي لڳي. پهريائين ته سنڌين پنهنجي

آزادي لاءِ ڏاڍي بهادري سان مقابلو ڪيو، جنهن ڪري انگريزن جي فوج ۾ ترٿلو مچي ويو - انهيءَ ڪري انگريزن جي لشڪر مان هڪ يوروپي عملدار ميرن جي لشڪر ڏي وڃي جاسوسي ڪرڻ ويو ته ڏسان ميرن جو لشڪر ڪهڙي ڍول تي بيٺل آهي جو اسان جون توبون هنن تائين پوري طرح پهچي نٿيون سگهن ۽ هي اسان جا ماڻهو آسانيءَ سان ماريندا ٿا وڃن. هن عملدار ڪي گهوڙي تي چڙهيل ايندو ڏسي ميرن پانيو ته صلح جون ڳالهيون ڪرڻ تو اچي تنهن ڪري هنن وڙهڻ ڪٽي بند ڪيو ۽ چوڻ لڳا ته نيٺ موذين ڪي ماري مڇايوسين - پر حقيقت ڪري هن عملدار ئي رڳو حرفت پکيڙي هئي. سو جڏهن ميرن جي لشڪر جي نزديڪ آيو ته چا تو ڏسي ته ميرن جا ماڻهو دبن مان باروت ڪڍي پٽ تي ڪري ڍيڳ ڪيو آهي، ۽ اُن مان پڪ پري بندوقن ۾ وجهي اسان تي پيا چوڙين. هو پوءِ اهيئي مير وٽي پٽ تي موٽيو ۽ پوءِ جيڪي انگريزن توبون چوڙيون سي سڌو اچي ميرن جي ڍيڳ تيل باروت ۾ لڳيون ۽ ميرن جو سمورو باروت جهٽ سڙي ويو جنهن تي ميرن جي لشڪر ۾ اچي ڦڙ ڦوٽ پيئي. مير شيرمحمد خان ڪي سندس ماڻهن چيو ته هاڻي خدا جي واسطي اوهين پڇي وڃو نه ته خير ڪونهي - مير مڃي ئي نه. چي مرڻ مرڪ مڙسن جو، ۽ مڙڻ ڪم ڪانئرن جو. نيٺ جڏهن تڏهن ڪري مير شيرمحمد خان کي هڪ پاسي ڪيائون ۽ پاڻ پي پاسي وڃي نعارا و چائڻ لڳا ته پيل انگريز سمجهن ته مير شيرمحمد خان انهي پاسي آهي. انگريزن اوڏانهن توبون چوڙيون ۽ انهن فوجن جو توبن ۾ جواب هوش محمد ڏنو. هن وٽ اجا ڪي دبيون باروت جون هيون جن جي وسيلي هي شيدهن جهڙو مڙس انگريزن سان زور آزمائي ڪرڻ لڳو ۽ هنن جو ڪيترو ونقصان ڪيائين. جڏهن باروت کٽي ويو تڏهن بيوس ٿي پيو، نيٺ انگريزن ڪيس ماري وڌو.

حقيقت ڪري هن سورهيه سر تري تي رکي سنڌ جي آزادي تي پنهنجي جان قربان ڪري، ماڻهن کي ڏيکاريو ته دنيا ۾ ڪهڙي طرح جيئرو رهجي ۽ ڪهڙي طرح مرڻ گهرجي. هوش محمد اهڙي مايوس ماحول ۾، جڏهن انو قت سنڌ جا ڪي امير، انگريزن جي سازش جو شڪار ٿي رهيا هئا ۽ ميرن جي سلطنت جو ڏيو وسامي رهيو هو، اهڙي وقت ۾ هڪ وفادار انسان جو بهترين مثال هو. هن وفادار آخري وقت تائين همت کي هٿان نه ڇڏيو ۽ ثابت ڪري ڏيکاريو ته:-

”وفاداري به شرط استواري
اصل ايمان هي“

ان وقت جي ڪنهن سگهڙ هن وفادار وطن جي فدائي ۽ دلير جي دليري جو ذڪر هن ڏي چيو ته:-

”هلي هوش محمد آيو،
ڪري قنبراڻي ڪاه
قلوبان ڪٽيو ڪيو، شيدي
پنهنجو ساه
سو لشڪر سان شيدي ماريو
ميار مٿس ناه
سوين هٿ الله جي، جنين
ڏي تو شاه
مرد مڙيائي ڪين ڪي،
واه خالق جي واه“

هوش محمد جي تربت بابت گهڻن ماڻهن جو خيال آهي ته ان جي قبر حيدرآباد جي قلعي ۾ آهي. جئن سر ڳواسي پيرو مل مهرچند پنهنجي ڪتاب ”سنڌ جو سيلاني“ جي ١٢٣ صفحي ۾ لکي ٿو ته ”قلعي ۾ هيٺ هڪ ڪنڊ ڏي قبن سان جاء آهي، جا اصل باروت رکڻ جي لاءِ ڪم ايندي هئي. هاڻي جي تلاءِ جي پريان ڪن عملدارن جون قبرون آهن، جي مياڻي جي جنگ ۾ مارجي ويا هئا، اُتي هڪ شيدي جي تربت آهي، جنهن تي لکيل آهي ته هو ڏاڍي برجستائي سان لڙيو هو- سندس نالو ڏنل ڪونهي مگر مان سمجهان ٿو ته اُهو هاڪارو هوش محمد آهي“. ”سنڌ جا مير“ جو مصنف لکي ٿو ته ”قلعي ۾ جا هڪ قبر آهي سان هوش محمد جي آهي“ (ص ٦١، ٦٢)

مٿين ٻن راين مان معلوم ٿئي ٿو ته مسٽر پيرو مل شڪ ڏيکاريو آهي ۽ مسٽر پرمانند مهتمر جوت اخبار جو رايو آهي ته ”هوش محمد جي قبر قلعي ۾ آهي. مگر تاريخي نڪته نگاه سان هي ٻئي رايا ڪابه حقيقت نه ٿا رکن ڇاڪاڻ ته تاريخ ١٧- فيبروري ١٨٤٣ع ۾ مياڻيءَ جي جنگ لڳي هئي. تاريخ ٢٠- فيبروري تي انگريزن قلعي تي قبضو ڪيو هو. هوش محمد دبي واري لڙائي ۾ تاريخ ٢٤- مارچ ١٨٤٣ع ۾ مارجي ويو هو. ان وقت قلعو انگريزن جي هٿ هيٺ هو اهي ڪيئن چاهيندا ته سنڌ س مخالف ڏر جو لاش قلعي ۾ دفن ٿئي جا ڳالهه اڻ ٿيڻي آهي. مگر جنهن توب سان هوش محمد انگريزن سان وڙهندي وڙهندي پنهنجو سر سنڌ تان صدقو ڪيو هو، سا توب انگريزن ڪيترا سال حيدرآباد جي قلعي ۾ يادگار طور رکائي هئي، جا پوءِ ملٽري وارا کڻائي ويا هئا. پوءِ ان توب جو ڪهڙو حشر ٿيو سو خدا تو ڄاڻي. مگر جن قبرن جو ذڪر سرڳواسي پيرو مل ڪيو هو سي قبرون انهن ماڻهن جون آهن، جيڪي حيدرآباد قلعي تي جڏهن ميرن گهيرو ڪيو هو، جو ٻه سال هليو هو، تنهن عرصي ۾ جيڪي ٻه ماڻهو مري ويا هئا تن کي اتي دفن ڪيو ويو هو.

جڏهن مون هوش محمد جي تربت بابت تحقيقات ڪئي تڏهن آغا فتح علي شاه مرحوم ۽ سرائي محمد موسيٰ صاحب جو چوڻ هو ته هوش محمد جي تربت مير واه تي آهي. اتفاق سان رسالي ”جرنل، سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي“ بابت ماه سيپٽمبر ١٩٤٣ع جو هڪ دوست وٽان مليو، تنهن ۾ مسٽر ”ايڇ- ٽي- ليمبرڪ“ جو هڪ مضمون ”سنڌ جون جنگيون“ حيدرآباد سنه ١٨٤٣ع ۾ شايع ٿيو آهي، ان رسالي جي ص ٤١٨ ۾ هوش محمد جي دفن ٿيڻ واري هنڌ جو فوٽو به ڏنل آهي. سندس اولاد ٽنڊه ٺوڙهي ۾ رهندو آهي. حقيقت ۾ هوش محمد سنڌ جو ”هيرو“ هو جنهن جو نالو ساري سنڌ ۾ هميشه زنده رهندو. جنهن جي وفاداري ۽ سرفروشي کان متاثر ٿي ايندڙ نسل پنهنجي مالڪ ۽ ملڪ سان وفاداري، جان نثاري ۽ بهادري جا گيت ڳائيندو رهندو ۽ جڏهن به ڪو سنڌ جي تاريخ لکندو، تڏهن هن ”سورهيه“ کي نه وساريندو.

حاجي عنبر

هي مير نور محمد خان ولد مير مراد علي خان جو پانهو هو. مياڻي جي جنگ کانپوءِ ميرصاحبن جي ديرن جي سنڀال لاءِ رات ڏينهن ڏاڍي خبرداري سان پهرو ڏيندو هو. حاجي عنبر ڏاڍو وفادار ۽ ايماندار هوندو هو ۽ وڏي پروسي وارو ماڻهو هوندو هو. جڏهن مير حسين علي خان ڪلڪتي مان فرنگين جي قيد کان آزاد ٿي سنڌ ۾ آيو، تڏهن سندس والده صاحبه پڇيس ته چو مير حسن علي خان ڪونه آيو؟ جنهن تي مير حسين علي خان چيو ته امامير صاحب ڪلڪتي ۾ هڪ اعليٰ درجي جو بنگلو ۽ باغ ٺهرايو آهي، جنهن جو نالو ”حسن آباد“ رکيو اٿس، جنهن تي تمام گهڻا پئسا خرچ ٿيا آهن انهيءَ ڪري مير صاحب تي ڪلڪتي جي ڪيترن واپارين جو قرض رهجي ويو آهي تنهنڪري نه اچي سگهيو آهي. هن ڳالهه ٻڌڻ کان پوءِ مير حسين علي خان جي والده صاحبه هڪ لک روپيا حاجي عنبر کي ڏئي زباني تاڪيد ڪيو هو ته جيڪي

(ڏسو صفحو ١٤٧)

از:- ضياءالدين "ضيا" دادو

سون مياڻي جي تاريخ

سون مياڻي ڪراچي ۽ هنگلاج جي وچ تي سنڌ جو اوائلي ۽ قدرتي بندر هو جنهن جي رستي حاجي ۽ واپاري سنڌ ۾ لڪ ڪرباب ۽ شڪلوئي لڪ ڪان لنگهي ايندا هئا ۽ انهن جي قافلن ڪان ڪر ونندا هئا. ڪولاچي جو بوء ڪراچي ٿيو سو ان زماني ۾ خطرناڪ بندر سمجهيو ويندو هو ڇاڪاڻ ته انهي پر سان هڪ سامونڊي ڪن هوندو هو جنهن ۾ هڪ مگرمڇ رهندو هو جو ٻيڙن کي ناس ڪري مال ۽ ماڻهو ڳهي ويندو هو. سون مياڻي وڏيڪ سلامت سمجهي ويندي هئي ۽ ان بابت دلو راء جو مورڙئي مهاڻي جي سفارش تي ڪجهه وقت لاء ڏن ڍيل معاف ڪرڻ جو قصو مشهور آهي ۽ مورڙئي جي ڀائرن جو ٻيڙي سميت ڪولاچي واري ڪن ۾ ڪري مگرمڇ جي پيٽ ۾ پوڻ واري ڳالهه به مشهور آهي. سون مياڻي ڪان ايندڙ ماڻهن جڏهن سنڌ ۾ پيهڪون ٻڌايون تڏهن انهن کي سون مياڻي جا ساڳيا نالا ڏئي لائيون. اهو ئي سبب آهي جو ميهڙ تعلقه خواه دادو تعلقه ۾ سون مياڻيون اڄا به موجود آهن. ڪراچي تي اڳيئر نالو ڪولاچي هو ۽ ڪولاچي نالي ڳوٺ ميهڙ تعلقه ۾ ۽ دادو تعلقه ۾ به موجود آهن.

ڪولاچي دراصل هڪ نئي آهي، جا تمام ٻري ڪان وهي خزدر ڪان لنگهي ڪير ٿر جبل جي شڪلوئي ۽ لوڙهه لڪن مان وهي حاجي خان ۽ جو هي جي ڀر سان لنگهي وڃي منڇر جي ڍنڍ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي. هي سدا وهندڙ نئي سنڌ ۾ "نئي گاج" جي نالي سان مشهور آهي ۽ هن جي وسيلي قافلا ايران ڪان بلوچستان ۾ آيا ۽ بلوچستان ڪان سنڌ ۾ سهڙيا. تنهن ڪري ڪولاچي بندر تي به انهي نالو ڏريائون جا اڳ خبر نه آهي ته ديبل بندر سڏبي هئي يا ڪنهن ٻئي نالي سان سڏبي هئي. سون مياڻي جي ڀريان هنگلاج جي مشهور زيارت گاهه آهي جا جوڳي مت جي ماڻهن جي خيال ڪان شوشنڪر جي گادي آهي ۽ شاهه ڀٽائي به انهي ذڪر پنهنجي رسالي ۾ ڪرڻ فرمايو آهي. هنگلاج ڪالپوء اورمارا ۽ پسني ۽ آخر گوادر جا بندر گاهه به آهن جن جي رستي اڄا سوڌو بلوچستان ۽ سنڌسان حاجين خواه مال جي واپار جي ڪافي آمدورفت آهي. جڏهن ڪراچي ڪمال حاصل ڪيو، تڏهن سون مياڻي ساڻي ٿي پئي ۽ لڪن مان مال ۽ ماڻهن جي چرپر ڍري ٿي پئي جيتوڻيڪ صفا بند ڪانه ٿي سگهي. آهستہ آهستہ اهي لڪ ۽ جاهلو چارا لڪ چوري جي مال جي نيڪال جون واٽون ۽ ڌاڙيلن ڦورن ۽ چورن جي اچڻ وڃڻ جون وٿيون ٿي ويا. ڪراچي جي دوري ۽ ڳاهٽ ۽ مهانگائي سبب سنڌ جو واپار ٻنتي ٻڇي ويو ۽ حاجين جي هل چل به روڪجي وئي. هينئر ته اهو حال آهي جو مهينن جا مهينا ميهو ڳي جي موسم ۾ به سنڌ جي اسٽيشن تي ڪٽڪ ۽ ڇانورن جي ڳوٽين جا سٿا ريلوي گاڏن جي انتظار ۾ پياسڙندا آهن.

تنهن ڪري سون مياڻي کي وري ساڻي ڪرڻ جو سعيو ڪرڻ نهايت ضروري آهي جنهن جي ڪري سنڌ جو پاڳ جاڳي اٿندو ۽ ٻنتي ٻيل ۾ ڳٽي رهڻ جي بجاء ترقي يافته حصن جي صف ۾ اچي بيهندو ۽ ڪراچي بندر جي ڳاهٽ پيڙ ۽ مهانگائي توڙي دير جو مسئلو حل ٿي ويندو. دادو شهر ڪان جو هي تائين ته پڪي سڙڪ موجود آهي. ان ڪالپوء حاجي خان جي شهر ڪان لنگهي "نئي گاج" جي سنڌ واري منهن وٽ سرڪاري بنگلي تائين به جيپ جو رستو آهي. هن سرڪاري بنگلي ڪان پارهن ميلن جي مفاصلي تي شڪلوئي ۽ لوڙهه لڪ آهن جن جي دامن سان "نئي گاج" وهي بلوچستان ڪان اچي سنڌ ۾ وارد ٿئي ٿي. انهن لڪن جي مٿان جبل جي چوٽين تي ٽي وڏا ميدان آهن جن مان هر هڪ جي ايراضي اٽڪل ڏهن ڪان پندرهن چورس ميلن جيتري آهي. اهي اوچائي ۾ ڪوئٽيا ڪان پنج سؤ فوٽ مٿي آهن تنهن ڪري ڪوئٽيا ڪان زياده سرد آهن ۽ مزو وري هيء جو سمنڊ جي نزديڪي ڪري هوا اينترو خشڪ نه آهي جيترو ڪوئٽيا جي. انهيء سبب پيرزادي جي وزارت اتي سنڌ جو اونهاري ۾ گادي جو هنڌ تجويز ڪيو هو ۽ پيرزادو صاحب پنهنجي ٽولي سميت هن ٽڪر تي پهچي معائنو ڪري موٽيو هو پر پوء اسانجي بدقسمتي ڪري اهو گادي جو هنڌ بڻجي نه سگهيو. هينئر انهن مان هڪ مٿاهين تي عام ماڻهن جون جايون جڙن ۽ ٻي مٿاهين تي لشڪر جي ڇانوڻي ٿئي ۽ ٽين مٿاهين تي باغ ۽ پوکون ٿيون ته ڏاڍو مفيد ٿيندو. انهن مٿاهين جا نالا آهن گورک، ڪهرڪ ۽ لوڙهه، جي دادو ڪان رڳو ۴۸ ميلن جي مفاصلي تي آهن. اهائين

(ڏسو صفحو ۱۴۸)

ميرن جا حبشي ٻانها

(آنديل صفحي ۱۴۶ تان)

قرضدار هجن تن سڀني کي روبرو پئسا ڏئي رسيدون وٺجان. جڏهن حاجي عنبر ڪلڪتي ۾ مير حسن علي خان وٽ پهتو تڏهين مير حسين علي خان جي والده صاحبه جو خط ڏنائين، جو مير صاحب پڙهي حاجي عنبر ڪان پئسا گهريا، جنهن تي حاجي عنبر چيو ته مونکي صاحبن جي زباني تاڪيد آهي ته قرض جا پئسا روبرو ڏئي رسيدون وٺجان، جنهن تي مير صاحب کي اها ڳالهه پسند نه آئي، انهيء لاء ته مٿان حاجي عنبر سياڻي شفان هٿي ته مير صاحب کي آڏ آجو ڪري وٺي آيس. انهيء سبب ڪري مير صاحب پئسا نه ورتا ۽ حاجي عنبر موٽي واپس سنڌ ۾ آيو. تاريخ ۱۱- رمضان المبارڪ سنه ۱۲۸۱هه ۾ وفات ڪيائين. سندس تربت ميرن جي قبن تي آهي.

حاجي امان

هي حاجي عنبر جو پاء هو. هي پنهنجي پاء سان هر ڪنهن ڪم ۾ ساڻن ٻيلي هو. هي به ڏاڍو وفادار هوندو هو. ميرن جي قبن تي مير ڪرم علي خان جي قبي جي ڏيڍي واري وڏي دروازي جي اپرلدي طرف مسجد پرسان هڪ چوڪنڊي ٻيلي پٿر جي ٿهيل آهي، جنهن ۾ ٻيلي پٿر جي ٿهيل هڪ قبر آهي جا حاجي عنبر جي آهي جنهن تي هي تاريخ لکيل آهي ۱۱- رمضان ۱۲۸۱هه ان جي پرسان ٻي ٻيلي پٿر جي تربت حاجي امان جي آهي. اڄ به ائين پيو معلوم ٿئي ته قلعي ۾ ٻئي وفادار ٻانها پنهنجي حاڪمن جي ڏيڍي تي پهرو ڏئي رهيا آهن.

از:- عبدالرحمان ميمڻ

ٽالپوري دؤر ۾ سنڌ جي اقتصادي حالت

صوبہ سنڌ ١٨٤٣ع ۾ انگريزن ٽالپورن کان هٿ ڪيو. ٽالپورن، سنڌ، ڪلهوڙن حاڪمن کان هٿ ڪئي. پوين ڪلهوڙن حاڪمن ملڪ کي لڙاين ۾ لڙائي ڇڏيو هو. غلام شاهہ ان کان پوءِ جي ڪلهوڙن حاڪمن جي ڏينهن ۾ بدامني نهايت زور وٺي ويئي. اهڙي مونجهاري ۾ تيمور شاهہ افغان بادشاهہ مدد علي خان جي اڳواڻي هيٺ سنڌ تي وڏو لشڪر چاڙهي موڪليو جنهن سنڌ جي شهرن ۽ ڳوٺن کي لٽي ڪيترا هنڌ جلائي ڇڏيا ۽ ملڪ کي ڏڪار جي حالتن ۾ آڻي ڇڏيو. انهيءَ کان سواءِ انهن پوين حاڪمن ڪوسن، داؤدپوٽن، بروهين، کهڙن ۽ ٽالپورن سان پڻ جنگيون ڪيون جن ۾ انهن جي حالت جيئن پوءِ تيئن ڪمزور ٿيندي ويئي ۽ ٽالپور قوم انهن کي شڪستون ڏيئي ملڪ قبضي ۾ آندو.

١٧٨٣ع کان ٽالپورن جي حڪومت شروع ٿي. مير فتح علي خان سنڌ جو پهريون ٽالپر حاڪم ٿيو. خود ٽالپور حاڪمن ۾ بہ اٽڪلت هئي، انهيءَ ڪري ملڪ ٽن خودمختيار حڪومتن ۾ ورهائجي ويو. پهريون خاندان شهداداڻي ٽالپورن جو هو جنهن سنڌ جو وچولو پنهنجي قبضي ۾ رکيو. ٻيو خاندان سهراباڻي ٽالپورن جو هو جنهن خيرپور تي حڪومت ڪرڻ شروع ڪئي ۽ ٽيون خاندان مانڪاڻي ميرن جو هو جنهن ميرپور طرف حڪومت هلائي. خود مير فتح علي خان حڪومت ۾ پنهنجن ٽن ڀائرن کي بہ شامل ڪيو. مطلب تہ ملڪ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ٽالپور حڪومت ڪندا رهيا.

آبپاشيءَ ۾ سڌارو

جيتوڻيڪ ٽالپرن جا آبپاشي جا ڪارناما ڪي جهجها ڪين آهن ان هوندي بہ هنن واهن کوٽائڻ ۾ چڱو ڀرو ورتو. سنڌ ۾ اڄ بہ سندن نالن پٺيان واهہ موجود آهن. نصير واهہ، ميرواهہ، باگو واهہ وغيره. جيئن تہ ٽالپور جدا جدا حصن تي حڪمران هئا، تنهنڪري هر ٽڪري جي حاڪم پنهنجي حصي ۾ آبپاشيءَ کي بهتر بنائڻ لاءِ اپاءَ پئي ورتا. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو درياءَ جي ٻنهي پاسي ڪيتريون نهرون وهنديون هيون.

کيتي جو سرشتو

ٽالپرن جي دؤر حڪومت ۾ ماڻهن کي سراسري زمين جي ايراضي اينتري گهڻي هوندي هئي جو هاري انهيءَ مان ڪي ٿورا ٽڪر آباد ڪندو هو تہ هو پنهنجون ضرورتون آسانيءَ سان پوريون ڪري سگهندو بلڪ فاضل پيداوار بہ ان وٽ رهندي هئي انهيءَ ڪري ساڳي زمين وري وري پوک هيٺ نہ ايندي هئي ۽ هاري هر ڀيري نئين ٽڪرتي آبادي ڪندو هو- ان جو اهو بہ نتيجو نڪرندو هو تہ فصل زيادہ ملندو هو. ان کانسواءِ ڪيتريون اهڙيون زمينون هيون جي آبڪلانيءَ جي موسم ۾ پاڻي هيٺ هونديون هيون ۽ جي سڪڻ تي پاڻيءَ جي رڙ هيٺ هئڻ ڪري پوک لاءِ ڪارآمد هونديون هيون ۽ فصل ڀلا ٿيندا هئا.

هارين جي حالت ۽ ڍلون

زمين جي زرخيزي ۽ نئين نئين زمين جي آبادي سبب سنڌ جو هاري نهايت آسودو هوندو هو. سال ۾ ٽي فصل هاري ڪڍندو هو. ٽالپوري دؤر ۾ سنڌ ڏڪار جي حالت کان بلڪل آزاد هئي پاڪ ائين بہ ٿيندو هو تہ سنڌ جي ڏنگئي ملڪن: ڪڇ، مارواڙ ۽ ٻين هنڌن جا ماڻهو سنڌ ۾ اچي روزگار حاصل ڪندا هئا. مير غلام عليءَ جي ايامڪاريءَ ۾ رپئي جا ڇهہ سير جوئر يا ٻاجهر عام ملندي هئي. چوپايو مال ۽ گيهہ هر هاريءَ وٽ نهايت گهڻو هوندو هو. ٽالپر حاڪم هن ڪم لاءِ اشراف ماڻهو چونڊي عهدن تي رکندا هئا جي ٽن قسمن جا هئا. سزاولڪار ڪاردار ۽ مختيار ڪار. سزاواڪار ڍلون وصول ڪندا هئا ۽ ٽالپرن ٻاران هڪڙو خاص عملدار انهن جي دفتر ۽ رڪارڊن جي چڪاس ڪندو هو جيئن ڪنهن هاريءَ سان ظلم نہ ٿئي. هاريءَ کي ڍل ۾ ان ڏيڻو پوندو هو. تماڪ، ڪپهہ، ڪمند ۽ پاڇين جي پوک تي نقد ڍل ڏيڻي پوندي هئي. ڍلون مختلف قسمن ۾ وصول ٿينديون هيون: بٽئي، محصولي، ڪاسگي ۽ حقابو. بٽئي ۾ ڪن زمينن تان ٽيون حصو ڪن تان چوٿون ۽ ڪن تان پنجون حصو ورتو ويندو هو. نقد وصولي محصولي ڍل چئي ويندي هئي. ڪاسگيءَ ۾ ڪي خاص زمينون

(ڏسو صفحو ١٤٩)

سون مياڻي جي تاريخ

(آنديل صفحي ١٤٧ تان)

ڪوئٽيا نہ رڳو اونهاري جي گرمي کان بچڻ لاءِ ويجهڙو سولو ۽ سستو هنڌ ۽ تفريح گاهہ ثابت ٿيندي پر جيڪا شاهہ راهہ دادو کان بيلي تائين شڪلوئي جي لڪ کان تجويز ڪرڻ جي رٿ ڏيانتو سا بہ محفوظ ۽ آباد ٿي سگهندي ۽ ملڪي تحفظ جي خيال کان بالڪل لازمي آهي ڇاڪاڻ تہ ڪوئٽيا ۽ ڪراچي جي وچ ۾ ورتي بہ ڪابہ ملٽري ڇانوڻي نہ آهي. هيءَ ڇانوڻي روهڙي، ڪوٽڙي ۽ جام شوري جي پلين جي محافظ ثابت ٿيندي ۽ جيڪي شاهہ راهون ڪراچي کان ڪوئٽيا ويندڙ ٿيون ڪمزتر جي ٻنهي پاسن کان انهن جي حفاظت بہ ڪري سگهندي.

دادو کي ليلن جي پٺڻ سان هڪي رستي سان ملائبو تہ پوءِ خيرپور ۽ نواب شاهہ جا حاجي ۽ واپاري دادو رستي شڪلوئي کان لنگهي بيلي پهچندا ۽ اتان سون مياڻي سهڙندا جهن ڪري ڏيهن جي واپاري چرپر ڪلاڪن اندر طئي ٿي سگهندي. بيلي کان سون مياڻي تائين تہ هيٺئر بہ رستو موجود آهي. رڳو بيلي کي دادو سان ڳنڍڻو آهي ۽ دادو کان وٺي جوهي تائين بہ پڪي سڙڪ موجود آهي. دادو ۾ سان ليلن جي پٺڻ وٽ سنڌو درياهہ تي پل ٻڌڻ سان خيرپور ۽ نواب شاهہ کي دادو سان ملائي سگهبو ۽ اهڙي طرح انهن جي واپاري حاجين لاءِ وڏي سهوليت موجود ٿي ويندي ۽ ڏوهہ بند ٿي ويندا.

ياد رهڻ گهرجي تہ ميرن جي صاحبي ۾ ميرن ڪرچاڪ وٽ شاهي قلع جو ڙايو هو جنهن جو ڪو حصو اڃا موجود آهي ۽ اهو انهن لڪن خواهہ لئينگ وارن لڪن جي خواهہ سيوهڻ جي لڪ جي حفاظت خاطر جوڙايل هو، پر هن وقت سيوهڻ جي لڪ جي اهميت نہ رهي آهي ۽ ڪڇرڪ ۽ گورک جو ڏيان ڏر جي تہ ڏاڍو مهلائتو ٿيندو.

پوريشر - سنڌ جو هڪ تاريخي شهر

(از:- منگهارام "اوجها" ننگر پارڪر)

پوريشر لنگري جنهنکي هيٺر پوڏيسر چئبو آهي سا ننگر پارڪر کان ٻه ميل اتر الهندي ڪارونجهر جي جبل ۾ شوپا ڏيئي رهي آهي. پوريشر جي جهونن کنڊرن جو پيڪو ڏسي ائين پائجي ٿو ته ڪو وقت هو ته اتي ارب پتي انسان رهندا هئا. جاين جي بناوت، اڏاوت سندن حسن ۽ ڪاريگري پسي قدرت جي ساراهه ڪانسواءِ رهي نٿو سگهجي. الڪم جي الوپ مايا پل ۾ پرباريڪ پستيون ٺاهي هندورن ۾ هيڇائي تي ته ڪڻ ۾ هزار پسن هستيون حيران ڪري آسودن کي اجڙ ۽ برباد ڪري ٿي. هن وقت سنڌ ن اڳيون اوج ڪٿي؟ چند جهوپڙيون ۽ قديم کنڊرن ڪانسواءِ ڪجهه نظر ڪين ايندو. سنه ۹۹۶ برابر سنبت ۱۰۵۴ ۾ پارڪر جو ٽڪر راجپوتانا جي راجاڻ ٽي پراه وت هو جنهنکي ۹ پاڳر هئا. ڏٽي پراه پنهنجن

ٽالپوري دؤر ۾ سنڌ جي اقتصادي حالت

(آنديل صفحي ۱۴۸ تان)

جي اڪثر ساريالون هونديون هيون، انهن تان خراج جي بنيان سٽ ڪاسا پل ۾ وصولي ٿيندي هئي ۽ جيڪي زمينون خاص واهن مان آباد ڪيون وينديون هيون تن جي پيل کي حقابو سڏيو ويندو هو.

شهرن ۽ ڳوٺن جي حالت

ٽالپورن جي دؤر کان اڳ سنڌ جي ڪن خاص شهرن کي هنر ۽ واپار جي حيثيت ۾ وڏي اهميت هئي. ٺٽو، سيوهڻ، روهڙي، سکر ۽ نهري بندر خاص واپار جا مرڪز هئا. ارڙهين صدي ۽ جي وچ ڌاري آدمشماري ۽ واپار انهن پراڻن شهرن مان نڪري نون شهرن ۾ گڏ ٿيڻ لڳو. ٽالپورن جن جن شهرن ۾ پنهنجي حڪومت جا تخت گاه ڪيا، انهن کي نهايت زور ورتايو. اتي جي ماڻهن: واپارين، ڪاسبين ۽ پين ڪي سهوليتون ڏيئي ورسايو. شڪارپور، حيدرآباد، خيرپور، لاڙڪاڻو ميرپور وغيره واپار ۽ هنر جا مرڪز بنجي پيا. شڪارپور شهر جي اهميت هن ڪري ٿي جو اُن وقت منجهس وڏيون بينڪون يا ڏيتي ليتي ۽ جا ادارا هئا. وڏي واپار لاءِ وڏيون رقمون موجود ڪندا هئا. هنن جون هنڊيون هر هنڌ هلنديون هيون. حيدرآباد ڪلهوڙن جي ئي وقت ۾ لتي جي جاه واري هئي- وري جو ٽالپورن سنڌ جو تختگاه بنايو الهي ڪري سڄي سنڌ جو مکيه شهر ٿيو ۽ سڄي صوبي جي واپاري مرڪزن سان خشڪي رستي ڳنڍيو ويو. منجهس سوٽي ۽ ريشمي ڪپڙو ٺهندو هو ۽ خاص طور هتي شهر هٿيار پوهار ٺاهڻ جي صنعت ڪان ڪافي مشهور هو. انگريزن جي فتح وقت حيدرآباد جي آدمشماري پائيتاليهه هزار ڪن هئي. اهڙي طرح ڪراچي لس ٻيلي جي جام کان جڏهن ٽالپورن هٿ ڪئي، تڏهن هنن شهرکي مضبوط ڪري، سندس محصول ۽ واپار کي وڌائڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي. سنڌ ۾ ان وقت ٻيا جيڪي شهر اهميت وارا هئا تن ۾ خيرپور ڪپڙي اڻڻ ۽ رڱڻ ۾ مشهور هو. ميرپور جي آسپاس پلين ٻنين هئڻ سبب هي شهر ڪڇ ۽ سنڌ جي وچ ۾ هڪڙو خاص واپاري مرڪز بنيو.

چوپايو مال ۽ کير مکڻ

سنڌ هيئنر به هڪ زرعي ملڪ آهي. ٽالپورن جي وقت ۾ زراعت ڪافي وسيع پيماني تي ڪئي ويندي هئي. هر ڳوٺ ۾ مينهون ڳئون رڍون ۽ ٻڪريون جام هونديون هيون. جنهن ماڻهوءَ وٽ هڪ يا ٻه وهٽ نه هوندو هو ته اهو غريب ليکيو ويندو هو. کير ۽ مکڻ ماڻهن جو عام کاڄ هو. جيڪو مکڻ ۽ گيهه وڌن پهچندو هو سو وڪڻندا هئا. مال ڪوس ۾ گهٽو ڪم ايندو هو ڇاڪاڻ ته ماڻهو گوشت گهٽو واپرائيندا هئا الهيءَ ڪري ڪلون گهٽي انداز ۾ جهازن جا جهاز پرڏيهه ويندا هئا ۽ هود هتي مقامي ماڻهو ڇمڙي ڪي رڱڻ ۾ ماهر هئا.

پيون صنعتون

جنڊيءَ جي ڪم جي صنعت اڄ به ٽالپوري دؤر جي ياد گيري ڏياري ٿو. ان وقت جا مرڪز هالا ۽ ڪشمور اڄ به ان هنر ۾ مهارت رکن ٿا. ان جو مثبو، جنهن کي گنج سڏيو ويندو آهي ايترو مشهور هو جو دنيا جي عجائب خانن جي زينت رهيو آهي. ان کان سواءِ پينگها ۽ ڪٽون ۽ انهن تي ٿيل پڪتو رنگ سنڌ جي خوشحاليءَ جا اهڃاڻ آهن.

ڪاشي جا بهترين ٿانءَ ان وقت جو مشهور هنر هو. ان کان سواءِ مسجدن مقبرن ۽ محلاتن جون ماڙيون ڪاشيءَ جي سرن سان سينگاريون وينديون هيون.

انهن خاص صنعتن کان سواءِ ٽالپورن پين هنرن کي به زور وٺايو ۽ ڪاسبي ماڻهو بلڪل آسوده زندگي گذاريندا هئا.

ملڪ جي دولت

دولت جو انداز وهن ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته ۱۷۳۹ع ۾ نادرشاه سنڌ تي ڪاه ڪئي، تڏهن سنڌ جي حاڪم نورمحمد ڪلهوڙي کان هڪ ڪروڙ روپين جي ملهه جو خزانو ڪٺي ويو ۽ سنڌ تي ساليانيءَ ويهه لک روپيا پيل مڙهي ويو. اها پيل ٽالپور به ڏيندا رهيا. ڪابل جي بادشاه جي زوال اچڻ سان اتي جا ڪيترا شهزادا ۽ امير ڏتڙي جي سنڌ ۾ آيا. انهن کان سنڌ جي ميرن حاڪمن زيور ۽ هيرا جواهر خريد ڪيا. چون ٿا ته مير فتح علي خان مرڻ وقت پنهنجن پاڳرن لاءِ پنجٽيهه لک روپيا ورثي ۾ ڇڏي ويو. "پوسٽنس" لکيو آهي ته ۱۸۴۳ع ۾ انگريزن ميرن کان جيڪو خزانو هٿ ڪيو ان جو ملهه ڏهه لک اسٽرلنگ پائونڊ هو. ٽالپورن جي اميراڻي زندگي عيش عشرت، عاليشان ڪاڏي، شڪار ۽ وندر ۾ گذرندي هئي. نادر شيون خريد ڪرڻ، خادمن، غلامن ۽ ناچن ڪي پاڻ وٽ رکڻ تي ڪافي ناڻو خرچيندا هئا.

عام ماڻهن جي زندگي به ضروري شين جي فراواني سبب چڱي حال ۾ گذرندي هئي. چوپائي مال جي گهڻائيءَ سبب مکڻ ڏڌ لسي ۽ کير جي پيدائش جي فراواني هئي جيتوڻيڪ انهن جو کاڌو سادو ۽ غريباڻو هو ته به کير جي پيدائش ۽ گوشت جي لحاظ سان بهتر حالت ۾ هو. پوسٽنس لکيو آهي ته سنڌ جي ۾ غريب طبقي جا ماڻهو خوش قسمت آهن. هو ڏينهن ۾ ٽي پيرا کاڌو کائين ٿا نيرن ۾ ڪڻڪ جوئر يا ٻاجهر جي مکڻ سان مکيل ماني ۽ لسيءَ جو وٽو، ٻپهرن جو ماني لسي سان گڏ دال يا ڪا ڀاڄي ۽ رات جو کير سان ماني کائين ٿا. عيد براد تي پلاءَ ۽ مٺائي سان پنهنجو ڏڻ ملهائين ٿا. ان وقت جي عام سنڌي ماڻهوءَ جي متعلق ڪرو، پوسٽنس ۽ برٽن جي ڪتابن مان معلوم ٿئي ٿو ته هو هڪ لاابالي قسم جو ماڻهو آهي سياڻي جو فڪر هن کي بلڪل نه ٿو ستائي ۽ هن کي ڪڏهن به محتاج ٿيڻو نه پيو آهي ۽ پنهنجي جسم توڙي روح جي بقا لاءِ هن جو الله تي آسرو ۽ پروسو آهي.

پائرن کي ٩ ملڪ ورهائي ڏنا. جنکي ”لوڪوڻي“ مارواڙ ڪري چيو وڃي ٿو. ملاحظه ٿئي هي ڏوهيڙو.

”ٿيو لدو روپاڻ - ٿيو مدو ورسامتسنگهه
گڊيو نگل گنج مال - ٿيو اجمير اجيتسنگهه
آل پال ارٻد - پوڄراج جالندر
جــو گراج ڏر ٻات - ٿيو هاسنو پارڪر“

—

مٿئين ڏوهيڙي ۾ ڏسبو ته هاسني اچي پارڪر وسائي ۽ پنهنجي گادي جو هنڌ پاري ننگر ڪيو. هاسني جو پيو پاءُ پور پسر عرف پوڏو هو تنهن اچي پوڏيسر وسائي، جنهنجي نالي پٺيان هينئر پوڏيسر چيو وڃي ٿو. ان وقت پوڏيسر ۾ اٽڪل ٣ هزار جيني واڻين جا گهر هئا. اهي تمام شاهوڪار هئا ۽ تخت نشين راڻي پوڏي کي خراج ڀرڻ پريندا هئا. پوڏي هڪ زبردست تلاءُ ٺهرايو هو جنهنجو سڄو ترو ٽامي جو هو. تلاءُ جي ڪناري تي هڪ زبردست پٿر بينل هو جنهن هيٺ هڪ هزار ٻه ڳيون سولائي سان ويهي سگهنديون هيون. تلاءُ ۾ هڪ خامي هئي جو برسات جي موسم ۾ سمورو پاڻي پاهر هليو ويندو هو. وزيرن، اميرن ۽ جوتشين صلاح ڏني ته پوڏو راڻو پنهنجي پياري شيءِ قربان ڪري ته تلاءُ مان پاڻي جي ڦڙي به ٻاهر نه وڃي. بهادر پوڏي پنهنجي پرجا جي خاطر پنهنجي ننڍڙي نورنظر ”نارڻسنگهه“ کي ماري بل چاڙهيو. هينئر ان تلاءُ ۾ ساندهه ١٢ مهنا پاڻي هلندو آهي. پوڏي جي مرڻ بعد سندس پٽ گروندراءِ جي وقت ۾ سلطان محمود غزنوي سومنات تي ١٠٢٦ع ۾ فتح حاصل ڪري جڏهن واپس غزني آيو ٿي، تڏهن ان پاڻ اجمير ۽ گجرات جي راجائن سان لڙڻ جي خبر پڌي پنهنجو ارادو بدلي ٿري پاسي کان ٿيرائي ٿر مان لنگهڻ جو ڪيو. محمود جي لشڪر کي رڻ مان پاڻي نه ملڻ ڪري اڌ تمام هلاڪ ڪيو. آخر هڪ وڏي تلاءُ وٽ اچي ڏابو ڪيائون. اهو تلاءُ پوڏيسر جو هو. ان بعد راڻو چندن تخت تي ويٺو هو. راڻو چندن مهاپرا ڪرمي ۽ ملڪان ملڪ مشهور ٿي ويو جيڪو مسلسل ٢٤ سال اڻ ميودان ڏيئي پوءِ ڏندڻ ڪندو هو.

”هوڏ نه ڪئي چندن- سمو نمايو سيس
ڪروڙ ڏي ڏندڻ ڪري-
چبدن ورس چوويس“

—

سوڍي ڏني سٽ - گهڻا پوپ پلجي گيا
گهڻي موٽي مان سان- ملهايو پارڪر پٽ“.

—

ڪاشي جي هڪڙي پنڊت جو نبيرو اُجين جهڙي اُجلي نگري کان نه ٿيو ۽ نه وري پاڻڻ جي راجا کي ان جي برڪه پيئي مگر ان پنڊت جو پورو انصاف اسانجي سنڌ جي پياري باڳي پارڪر جي راڻي چندن ڪيو. راڻو چندن دان جي پرتگيا ڪان اڳ هڪ مودي مرض ڪوڙهه ۾ مبتلا هو. ڪوڙهه جهڙي نگري بيماري کان نجات نه ملڻ سبب چندن ڪجهه وقت ڪيرٿي گيو تعلقه مٺي ۾ جتي مڪواڻن جي حڪومت هئي اتي وڃي رهيو. ان وقت ڪيرٿي ۾ ڪيسر مڪواڻو راڄ ڪندو هو. هڪ ڏينهن هڪڙو فقير گهمندو ڪيرٿي ۾ آيو جنهن چيو ته پوڏيسر جي جبل جي چر ۾ ”الکوا“ نه ڏسڻ جهڙو ڪوهه آهي تنهنجو پاڻي وٺي اچي چندن کي غسل ڪرائجي ته ڪوڙهه هڪدم ڇڏي وڃي. ويري گوپل گهڻي گوتنا بعد الکوا مجهان پاڻي آڻي چندن کي غسل ڪرايو ته ڪوڙهه مان چندن بلڪل چڱو ڀلو ٿي ويو. راڻي چندن جيسلمير جي ڪ يا سان شادي ڪئي هئي. اها پتياڻي هڪ نيڪ ۽ درماتما ناري هئي. سندس اصول هو برهمڻ کان روز پڇندي هئي ته راڻو چندن اڄ پاهر ويل آهن چاڪندا هوندا؟ مهراج جوتش پل سان پڌائيندو هو ته راڻو اڄ هيئن ٿو ڪري. اهي ڳالهيون سچيون نڪرنديون هيون. هڪ ڏينهن راڻو چندن ڪنهن ڪم سانگي ٻاهر ويا. پتياڻي دستور موجب مهراج کي گهرايو مگر ساڳئي مهراج جو گهر ۾ نه هئڻ ڪري ان جو پاءُ سڏ تي حاضر ٿيو جنهنکان راڻي پڇيو ته راڻا صاحب ڇا ٿا ڪن. مهراج اڻ پڙهيل هئڻ سببان نه ڪئي هم نه ڪئي تم: جواب ڏنائين: راڻو صاحب گذاري ويا“ پتياڻي ان کي ساڳيو برهمڻ سمجهي اعتبار ڪري ورتو ۽ هڪدم اوڙاهه اگني جو تيار ڪرائي ستي ٿيڻ لاءِ پياڪ اگني م پرويش ڪيو. اتي راڻو چندن اچي رهيو هو، تنهن هڪل ڪئي متان! متان: مگر پارڪر جي هن ستي راجپوتڻ جو سر پرجلي خاڪ ٿي ويو هو. هينئر اتان هڪ ندي نڪري ٿي جنهنکي پتياڻي ندي ڪري چئبو آهي. راڻي چندن جو چاهه پنهنجي راڻي سان ڏاڍو هو تنهنڪري ان ڳڻتي ۾ حڪومت ڇڏي ڏني ۽ پنهنجو ٽورو لاهڻ لاءِ ڪيرٿي جي ٻ يل مڪواڻي کي گادي جي واڳ سونپي ڇاڪاڻ جو ڪيس ڪو ٻيو اولاد وغيره ڪونه هو.

چندن گيو:- راڻي چندن دشمن جي بچاءَ خاطر ڪارونجهر جبل ۾ هڪ زبردست قلعو ٺهرايو هو جيڪو اڄ ڏينهن تائين ٻ ٽل حالت ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. راجپوت هن قلعي ۾ ويهي دشمن سان مقابلو ڪندا هئا. حملا آور جي هٿيارن جو اثر انهن تي ذري ماتر به ڪونه ٿيندو هو. سنه ١٨٥٩ع ٽروٽ واري لڙائي وقت ڏيسا جي فوج جا ميجر ڪنلي جي =مان ۾ هئي، تنهنجي توبن ٢- اپريل ١٨٥٩ع ۾ چندن گيو کي اڏائي ڇڏيو. جون ٿا ته چندن گيو ۽ گوڙي جي مندر جي وچ ۾ هڪ پولڙو ٺهيل هو. اچرج جي ڳالهه آهي جو ٻنهي جي وچ ۾ مفاصلو ٢٢ ميل آهي. اڄ ڏينهن تائين سندس سارا ۾ چند ڳايا وڃن ٿا.

”چندن گيڇاوو ٿيو- جوڏي مچائي جنگ
لڙ پوسات ڪلياڻ رو- اوئان راجپوتاڻاه رنگ
رنگ ڪلا رنگ مهاسينگا-
رنگ سپ رهاڻ
رنگ ڪارونجهر راڪونگرا
رنگ سوڍيا راڻ
وجو ڏاڍو ويرور- پوجل نيو پوپ
ڪنڪان سان رڻڪا ڪريا-
رنگ ڪلا ڪل روپ
ڪلي چڙهي هوڪر ڪري-
پڳي هاڪ ويراڻ
ڳلي بر تروٽ گيو- ميل فرنگي ماڻ

پوڏ سيرجي مسجد شريف:- پوڏ سير جي مسجد شريف تي ڪيترن تاريخ نويسن پنهنجا قلم هلايا آهن ۽ ڪيترن سگهڙن ڪچهرين ۾ روايتون بيان ڪيون مگر اجا ان کي اهليت تي ڪنهن به نه آندو آهي ته آيا: هوءَ ڪڏهن جي ٺهرايل آهي. سنه ١٠٢٦ع ۾ محمود شاه غزنوي سومنات تي ڪاهي موٽيو ٿي تڏهن ان جي لشڪر کي سامهون ٿيڻ لاءِ پاڻڻ جو راجا پيمر ديو ۽ اجمير جو راجا ويسر ديو تيار هئا تڏهن ان رستي تان مناسب نه ڄاڻي هن پنهنجو ارادو ٿر ڏانهن وڃڻ جو ڪيو. ڪڇ جي رڻ ۾ پلجي وڃڻ سبب انهن کي اڌ تمام هلاڪ ڪيو. آخر هڪ وڏي تلاءُ تي اچي ڏابو ڪيائون. اهو تلاءُ پوڏ سير جو هو. محمودشاه اُن تلاءُ تي ٻه ڏينهن ٽڪيل رهيو ۽ اتي هڪ ”ڪروٽ“ تيار ڪري ويو. سنه ١٥٠٠ ڌاري دهلي ۾ تغلق گهراڻي جو راڄ هو تنهن وقت گجرات ۾ صوبا حڪومت هلائيندا هئا. ان وقت احمد آباد جو حاڪم محمود شاه بن مظفر شاه هو.

(ڏسو صفحو ١٥١)

عادلپور - هڪ تاريخي شهر

(از:- عبدالسلام "سليم"- گهوٽڪي)

مهراڻ جي ماٿري ڪيترن عجيب و غريب ڳوٺن وستين ۽ شهرن کي جنم ڏنو آهي. جن مان ڪيترن جو وجود صفحه هستي تان مٽجي ويو آهي ۽ ڪيترا اهڙا شهر به آهن جي اڄ به پنهنجي قدامت سبب نه فقط سنڌبلڪ هندستان تائين به شهره آفاق ٿيڻ چڪا آهن، جي اڄ به پنهنجي ماضي جي شاندار تاريخ ڊٺل ۽ ويران ۽ پراڻين جاين جي صورت ۾ زبان حال سان ٻڌائي رهيا آهن.

"عادلپور" به انهن مان هڪ شهر آهي. اگرچه سنڌ س آدم شماري اينتري نه آهي جو شهر هجڻ جو شرف کيس حاصل هجي، ليڪن مان پنهنجي مخصوص نظريه ماتحت ئي شهر چوڻ زيبا ٿو سمجهان.

گهوٽڪي تعلقي ۾ ريلوي اسٽيشن کان ٤ ميل ڏکڻ طرف هي قديم شهر مختلف ذاتين جو مرڪز اڄ به چڱو خاصو واپاري شهر آهي. ڪنهن وقت به ڪتابي صورت ۾ هن جي قديم تاريخ موجود نه آهي. [شايد مرزا قليچ بيگ هن بابت سنڌ جون قومون نالي ڪتاب ۾ لکيو هجي مگر اهو هن وقت موجود نه آهي].

ليڪن ڏند ڪٿائن مان ايترو معلوم ٿئي ٿو ته هي مغلن جي دؤر حڪومت کان اڳ جو ٻڌايل آهي.

ظاهري طرح ٻارن کي جاگرافي جي ڪورس ۾ ائين پڙهايو ويندو آهي ته هي شهر عادل خان ڏاريجي ٻڌايو. ليڪن ڪن جو چوڻ آهي ته شهر ان زماني ۾ ڪنهن عادل حاڪم جي انصاف سبب

پوريشر

(آندل صفحي ١٥٠ تان)

هنڪي بيگڙو ڪري چوندا هئا ڇاڪاڻ ته اُن ۾ گيءِ هڪ ٻاوا گيءِ ۽ ٻيو چنپانير فتح ڪيا هئا. هي ١٤٥٩ع ۾ گادي تي ويٺو ۽ ١٥١١ع تائين ڪل ٥٢ سال راڄ ڪيائين. ان وقت پارڪر جي سوڍن جو ڏنڊو صرف ڏاڙا هڻڻ تي هو. ان وقت محمدشاه بيگڙي جي والده حج ڪرڻ جي ارادي سان پنهنجي اٽالي سميت اچي پوڏسير وٽ ٽڪي. پوڏسير جي سوڍن قافلي کان ڏنڊ وٺي ٻوءِ وڃڻ جي اجازت ڏني. هتي جي روايتن موجب بيگڙي جي والده وٽ پارس مڻي هئي جا سوڍن ڦري ورتي. بيگڙي جي والده جڏهن واپس احمد آباد پهتي تڏهن سڀ ڳالهه جي سڌ پنهنجي پٽ کي ڏنائين.

پنهنجي والده جي واتان جڏهن اهاخبر ملبس تڏهن محمود شاه بيگڙو سنه ١٥٠٥ع برابر سنبت ١٥٦٢ برابر هجري ٨٨٠ ۾ ڪاهي آيو. پهي ڏرين جي پاڻ ۾ سخت ويڙه شروع ٿي جنهن ۾ ڪيتراسوڍاجهود جهار ٿيا ۽ ڪيترو بيگڙي جو لشڪر شهيد ٿيو جنهن جون قبرون مسجد جي پاسن اڄا تائين ڏسجن ٿيون. سوڍن کي شڪست ڏيڻ کانپوءِ جتي محمود شاهه غزنوي ڪروڙت تيار ڪرائي ويو هو اتي هڪ عاليشان مسجد اڏائي. مسجد اندر لکيل آهي محمود شاه بن مظفر شاه (غياث الدين تغلق) يعني دهلي تي تغلق گهراڻي جو راڄ. مسجد جي ڊيگهه ۽ ويڪر ٣٠ فوٽ آهي. سنبت ۽ هجري سنه ساڳيا آهن. جيڪي مٿي لکيا ويا آهن ۽ فارسي ۾ هيٺ لکيل آهي - جيڪو هن مسجد کي زخمي ڏسي ته ان زماني جي بادشاه تي اهو فرض عائد ٿئي ٿو ته هو درست ڪرائي ڇڏي.

پوڏيسر جي مسجد جي اهائي حقيقت صحيح آهي. راڻي چندن کانپوءِ ڀيل مکواڻي اچي حڪومت ڪئي. ان وقت اتي ڪوٽ مان ميگهه سينڌل آيو جنهن چيو ته گادي سوڍن جي ۽ ڪائين مکواڻا. سو مکواڻي کي مارڻ جا گهات پيو گهڙيندو هو. آخر ڏنراڄ چارڻ گونگڙي جي ڏس ڏنو ته ڀيل مکواڻو روزانو ٻانڊي تي وڏي اسر جو شو جي پوڄا لاءِ وڃي ٿو، ان وقت بغير هٿيار جي هوندو آهي. اهو مارڻ جو سٺو ٽائيم آهي. ڏنراڄ جي صلاح سينڌل کي آڙي ۽ ان اسر جو ميگهه مکواڻي جو ڪم تمام ڪيو.

ڪارونجهر تنان ڪجس-ڪ جسي مڙيو ڪاڄ ڀيل مکواڻو مارا وتان.

ڏوڙ ڪاڏي ڏنراڄ "

ميگهه سينڌل جي مرڻ کانپوءِ سنڌس پٽ پنراج حڪومت ڪئي. تنهن وقت احمدآباد کان پارڪر تي هميشه ڪاهه ٿيندي هئي تنهنڪري ان حڪم ڪيو ته سڀ ماڻهو پنهنجا گهر جبل ۾ ٺاهين. اڄ ڏينهن تائين ڪاسبو، ڏونگري راڻپور وغيره گهرن جا نشان جبل ۾ آهن. پنراج ڪارونجهر جبل ۾ ست لنڪي وٽ هڪ قلعو ٺهرايو هو جنهن جا نشان اڄ ڏينهن تائين ڏسڻ ۾ اچن ٿا. جڏهن احمدآباد جي بادشاه جي ڪاه ڪارٻر تي ٿي، تڏهن ان کي پارڪر ۾ ڪاٻه پهر نظر ڪانه آئي. صرف ڳوٺ سوراچند ۾ سوري چارڻ جي هڪ وانڊ هئي. لشڪر وڃي وانڊ کي گهيرو ڪيو، ۽ سوري کي چيو ته تنهنجو ڏٺي ڏيکار نه ته ڪٽنب سميت قتل ڪيو ويندين. سوري ڪارونجهر جبل ۾ پنراج سان سڀ حقيقت ڪئي. پنراج چيو ته اي چارڻ تنهنجي ڪٽنب خاطر منهنجو سر وٺي وڃ مگر مان پيش نه ٿيندس. پوءِ پنراج سينڌل پنهنجي رعيت خاطر سرودي چارڻ کي ڏنو. بادشاه سر ڏسي افسوس ۾ پئجي ويو.

" ڦڳڻ ماس ورس اڻاسود - تت تيرس ٻتوار سينڌل سر ماپيو -

پڻ ڏاري پنراج "

سپنڌل نه هو پڇڻا- ويندي ڳارا وير جنهن لمايو ليلود ئو- ڪٽيو ڪنڌ ڪڙ هير "

سينڌل کانپوءِ وري راڻن اچي راڄ ڪيو. اهو آهي پوڏيسر جي قديم حڪومت جومختصر احوال. سمورو احوال مون پنهنجي ڪتاب "پراڻي پارڪر" ۾ ڏنو آهي، جو ١٢ مهينا ٿيا سنڌي ادبي بورڊ جي حوالي آهي. الاجي بورڊ کي فرصت نٿي ملي جو هٿ ۾ کڻي. دل شاعر پوڏيسر تي کهڙو نه سندر شعر چيو آهي.

" دل تي چڙهيا دل چوي- پيا پونجاڻين جا پار ته پوڏيسر جي ٻر ۾- هئا هندو لک هزار ٻر ڪلجي جهڙو ڪونه ٿيو- جنهن ڪيو تروٽ سان تڪرار راڪاس راڻي واڙي تان اچي گهير چڙهيو گينوار تہ لاشڪ پٽ راڏؤ جو- هو ڪيهر شير ڪنڌار چوڪس چوڙئي پهراڻي تان اچي لنگر تي ٿيو نروار خان ستا هئا ڪٽن آئي- پي سٽن کهڙي سار تروٽ سو گهر ڇنايو - جو هو موچين جو مڙندار پارڪر چارئي پار- آه اڌ پسنگهه اڄار پاه.

مشهور هو جنهن تان مشس اهو نالو پيو آهي. هن شهر جي جامع مسجد جي قدامت سبب اڄ به ڪيترين ڪهاڻيون عوام کان ٻڌبيون آهن. چون ٿا ته گهوٽڪي شريف جي جامع مسجد کي ٣ صديون گذري چڪيون آهن مگر هي مسجد ان کان به اڳ جي ٺهيل آهي. اڪثر ماڻهو ائين به چوندا آهن ته هن جامع مسجد ۾ شيخ سعدي رح به نماز پڙهي ويو آهي جنهن جي تصديق محراب تي هڪ فارسي ۾ لکيل عبارت مان ملي ٿي جيڪا عبارت اڄ کان ٤٠-٥٠ سال اڳ جي لکيل پائجي ٿي. هاڻي اها عبارت چڱي طرح نٿي پڙهي سگهجي. جيڪڏهن اها ڳالهه برابر آهي ته اسانجي انهيءَ ڳالهه کي به تائيد ملي ٿي ته:- "هي شهر مغلن جي دؤر حڪومت کان اڳ جو آهي". شيخ سعدي متعلق هي به مشهور آهي ته جڏهن هت آيو هو تڏهن هتي جو بي مثال حسن ڏسي حيران ٿيو هو ۽ هڪ غزل ٺاهيو هئائين جنهن جي نسبت اڪثر راوي عادلپورين ڏانهن ڏيندا آهن. انهيءَ غزل جي مصرع طرح هن ريت آهي:-

در سفيده چون کردم گذر
افتاد بر حورم نظر
گفتم تبسم کن بمن گفتا اڙي
صدقي ويس

انهيءَ سڄي غزل جي هوئين بند ۾ "اڙي صدقي" سنڌي جملو استعمال ڪيو ائين جنهن مان معلوم ٿو ٿئي ته شيخ سعدي سنڌ ۾ يا ته سگهي ٿو ته عادلپور ۾ ٿي چڱو وقت سڪونت پذير ٿيو آهي.

ازالنساء شيخ سعدي رح جي متعلق هي ڳالهه به مشهور آهي ته هڪ ذاهش عورت کي پنهنجي فراست سبب سوالن جوابن ۾ ۽ بدڪلامي ۾ بس ڪرائي لاجواب بڻايو هو. ١٦-١٧ سال اڳ مسجد جي اڳيان ڪاشي ڪهنا ڪبڙ نظر ايندا هئا ليڪن شاهه زمان جي دست درازي سبب اڄ فقط ثابتي لاءِ ٢-٣ ڪبڙ ڏسڻ ۾ ايندا آهن. انهن ڪبڙن متعلق اڳئين جڳ جا عادلپوري چوندا آهن ته اتي نادر شاه بادشاه پهچڻي اُن کي چڙهي اچي نماز پڙهي هئي. حافظ محمد يونس صاحب موجوده مدرسه قاسم العلوم گهوٽڪي جي سفير هڪ دفعي والد صاحب کي چيو ته حضرت امروٽي رحمت الله هڪ ڏينهن فرمايو ته:- "هن عادلپور ۾ انگريزن جي شروعاتي دؤر حڪومت ۾ هڪ عاليشان عربي مدرسو هوندو هو جنهن جي معائني لاءِ هڪ دفعي انگريز آفيسر آيو ۽ ڏسي چيائين ته هن جهڙو مدرسو مان سڄي هندوستان ۾ ڪٿي به نه ڏٺو ۽ مدرسي جو صدر مدرس ڏسي چيائين ته "يه بڙا پادري هي" يعني هي وڏو عالم آهي. ان ڪالهوءِ انگريز صاحبلوڪ مدرسي جو دفتر گهرائي ان تي تمام بهترين تعريف ريمارڪ ڪيو. مولوي محمد يونس جو چوڻ ته امروٽي بزرگ انهي ڳالهه تي پهچي جوش ۾ پرجي فرمائڻ لڳا ته:- "**جيڪڏهن نٺا مڃيو ته هاڻي به اهو دفتر گهرائي ڏيکاريانو**".

ان مان ثابت ٿئي ٿو ته والد صاحب (مولانا نور محمد انيڙ) جي هي ڳالهه منهين ڳالهه جي تصديق ڪريٿي ته "اسان کي ديوبند ۾ استاد چوندا هوا ته اسانجا استاد عادلپور مان پڙهي آيا هئا ۽ والد صاحب هي به ٻڌايو ته اورنگ زيب عالمگير جي مرتب ڪرايل زبردست مذهبي ڪتاب فتاوي عالمگيري تي جن علماء مهر تصديقات جون ثبت ڪيون آهن تن مان هڪ عالم عادلپور جو به آهي. اها تصديق ته ان ڪتاب ڏسڻ سان ڪري سگهجي ٿي. تاهم اهترويقين سان چئي سگهجي ٿو ته هي شهر ڪنهن وقت ٿئي- جهڙي-ديوبند سهارنپور جو همپلهءِ ديني مرڪز هو.

انگريزن جي دؤر حڪومت کان ٿورو اڳ هت چانڊڙ قوم جا عالم ديني فرائض انجام ڏيندا هئا جن جي تقوي ۽ خودداري ضرب المثل هئي. جنهن ڀوٽين عالم جو اسالڪي پتو پوي ٿو اهو مولوي صوبدار خان ذات جو ڏاريجو هڪ وڏو زميندار هو ليڪن زميندارڊ ڏندڙي ڪي ترڪ ڪري اچي مدرسو ۽ مسجد وسائي هئائين. ان وقت به گهڻا طالب العلم هوندا هئا. نه فقط مرد بلڪ شادي شده عورتون به پڙهنديون هيون ليڪن اندازي مان معلوم ٿئي ٿو ته ان صاحب کي به مني صدي گذري چڪي هوندي. ان کان پوءِ مولوي نور محمد صاحب ملڪ (جنهن جو هن وقت فرزند مولوي عبدالعليم ۽ پاءِ حافظ محمد رمضان مسجد جي رولڙي باقي رکيون اچن ٿا) هتي درس تدريس جي ڪم ۾ مشغول رهيو هو. هن مولوي صاحب جي وقت ۾ طالبن جي ڪافي ڪثرت هوندي هئي. ايتري قدر جو چوگرد ٣-٤ ڪوهن تائين طالب ٽڪرا وٺي ايندا هئا. چوندا آهن ته هت جن به پڙهي ويا آهن. هڪ شاگرد کي مولوي صاحب ٽڪي جو تيل وٺي اچڻ لاءِ چيو ته اهو ٽيس تيل جو ڪٽي آيو جنهن تي مولوي صاحب ڪيس "جن" سمجهي ڪيي ڇڏيو. اڄ به اهي پراڻا حجرا ۽ قديمي مسجد ماضي جي علمي شوق جي شاهدي ڏيئي رهيا آهن. مولوي صاحب نور محمد جي وقت ۾ خلافت تحريڪ جي شروعات ٿائين مدرسو چڱو هليو مگر تحريڪ جي زور وٺڻ بعد مدرسو پوين پساهن ۾ پهچي ويو. آخر ١٩٢٠ع ۽ ١٩٣٠ع جي درميان انگريزن ملن لاءِ گرانٽي سسٽم جاري ڪيو جنهن جي رد ۾ هي مدرسو به اچي ويو. ان بعد عربي تعليم ڏانهن ڪي نام رهندا تي آئي. پوءِ به ڪجهه وقت فارسي جو شغل مولوي صاحب جي حياتي تائين رهندو آيو. مولوي صاحب فارسي ۾ ايڏو قابل هو جو فارسي جي مروج ڪتابن تي از حد عبور حاصل هوس. ڪنهن به بيت جو جيڪڏهن کو اڌ بيت يا منو ڪيلدو هو ته سڄو بيت يڪدم ٻڌائي ويندا هئا. ڪاش!

جتي هنج هئا اتي ڪانگن
ڪانگيرا ڪيا

انهن حجرن ۾ هن وقت حافظ محمد رمضان حفظ قرآن جا ڪجهه طالب اڳيان ڪيون مدرسي جي سابق رونق کي وري به ٽڪائيندو ٿو اچي. فجزاهم الله.

انهن جهونين روايتن ٿي در حقيقت عادلپورين کي ڀري ڀري مشهور ڪري ڇڏيو آهي.

پير مبارڪ شاه بغدادي جو روضو جو هن وقت عادلپور کان ڇهن فرلانگن تي اُتر اوير جي ڪنڌ تي آهي سو چون ٿا ته ڪنهن وقت شهر جي وچ ۾ هوندو هو. ڪي ائين به چون ٿا ته هي شهر راجا نند جي وقت جو ٻڌايل آهي مطلب ته هن جي قدامت ۾ ڪو به شڪ نه آهي.

هن وقت اٽڪل ٻوٽا به هزار عادلپوري هن شهر ۾ وڃڙي زندگي گذاري رهيا آهن. اوائل ۾ هتي ليت ايندي هئي جنهن جا نشان اڄ به جامع مسجد جي اولهه کان ڏسي سگهجن ٿا. اهو هنڌ پيڙين جو تڙ هوندو هو ليڪن هن وقت واهن جو پاڻي عادلپورين جي زمينن کي دل کولي سيراب ڪري رهيو آهي. زمينون پليون، پاڻي جام ڪڙمي محنتي ۽ سڀئي حالتون سازگار آهن. اهو ئي سبب آهي جو هتان جون زمينون ڪم از ڪم اسري پنجين تو ڪين جريب ضرور لهنديون آهن. مرچن، بصرن ۽ ٻي ڪچي وکري مان هتي جا ماڻهو هزار ڏيڍ هزار روپيه خوشي سان في جريب مان حاصل ڪري رهيا آهن. اهوئي سبب آهي جو وليج ورڪر هتي جي هارين جي شاگردي تسليم ڪرڻ کان عار نه ڪندا

(ڏسو صفحو ١٥٤)

قوم ۽ ان جي زبان

(از:- علي نواز جتوئي ريڊر سنڌ يونيورسٽي)

قوم، انسانن جي انهيءَ گروهه يا جماعت کي سڏبو آهي جا ڪنهن بنياد تي قيام ڪري يا قائم رهي ۽ اهو بنياد "زبان" آهي. زبان کانسواءِ ڪابه قوم رهي نٿي سگهي. جيڪڏهن ڪنهن گروهه جو بنياد رشتيداري آهي ته اهو خاندان سڏبو، جيڪڏهن ذات آهي ته قبيلو سڏبو، جيڪڏهن ملڪ آهي ته وطني سڏبو، جيڪڏهن دين آهي ته امت سڏبو. فرض ڪريو ته ڪنهن ماڻهوءَ جو نالو داؤد آهي، هن جي زبان ڪردي آهي، وطن عراق آهي ۽ مذهب مسيحي آهي ته هو ڪرد قوم مان سڏبو. جنهن قوم جي زبان ختم ٿي وڃي ٿي تنهن جو امتيازي نالو خود بخود ختم ٿي وڃي ٿو؛ جيڪڏهن جرمني بولي دنيا مان ختم ٿي وڃي ته جرمن قوم جو نالو خود بخود مٽجي ويندو. ان ڪري ضروري آهي ته قوم پنهنجي زبان کي برقرار رکي؛ نہ صرف ايترو مگر ان کي ترقي ڏياريندي رهي. اهوئي سبب آهي جو هر سڌريل قوم ڪوشش ڪندي آهي ته سندس زبان کي ڏاريا نہ سگهن. علم زبان جي ماهرن جو چوڻ آهي ته جنهن زبان جي ڳالهائيندڙن ۽ سمجهندڙن جو تعداد روز بروز وڌندو رهي ٿو سا ڪڏهن بہ مري نٿي سگهي بلڪ ترقي يافتہ شمار ڪئي ويندي، پر جي اهو گهٽبو ويو ته قوي گمان آهي ته اها جلد مري ويندي.

قوم هر زبان فردن مان ٺهي ٿي ۽ هر فرد جي زبان ترجمان آهي سندس دل جي. هو اهوئي بولي ٿو جيڪي سندس دل ۾ هوندو آهي. دل سڌريل آهي ته سندس زبان بہ سڌريل رهندي؛ جيڪڏهن سندس دل غير مهذب آهي ته سندن بولي بہ جٽڪي رهندي. زنده دل نہ صرف ڳالهائي ٿي بلڪ بولي کي زندگي بخشي ٿي؛ اهوئي سبب آهي جو نبي، ولي، شاعر، مفڪر ۽ عالم پنهنجي زبان کي ابدي بنائين ٿا. دنيا مان جيڪي بوليون مري ويون آهن تن جو وڏو ڪارڻ اهو هو جو ان جي ڳالهائيندڙن ۾ زنده دل انسانن ۽ مفڪرن جو پيدا ٿيڻ بند ٿي ويو. هاڻي سوال هيءُ اٿي ٿو ته زنده دل انسان پيدا ڪيئن ٿا ٿين؟

تهذيبن ۽ تمدنن جي تاريخ جي مطالع ڪندي معلوم ٿو ٿئي ته انسانن جي مختلف گروهن ۽ جماعتن ۾ ڪي اهڙا انسان بہ پيدا ٿيا آهن جي چمڪندي ئي چار هٿا ۽ ٻيا انهن جي ٻويان لڳي چار ٿيا. سڀ نبيءَ، ڪي وليءَ ٿي ويا ڪين. پر انهن قسمن گهڻو گهڻو نہ آهن ۽ باقي ٻين اعليٰ انسان انهن جي پيروي ڪرڻ ۽ انهن جي تعليم تي عمل ڪرڻ سان ئي درجي بدرجي ڪمال حاصل ڪيو. تنهن ڪري جنهن قوم ۾ چمڪندي چار نٿا پيدا ٿين ته ڪو ڏکر ڪونهي. اهو تہ قادر مطلق جو ڪم آهي. باقي قوم جو اهو ڪم آهي تہ پنهنجي بزرگن جي ميراث کي هٿان نہ ڇڏي. اهو سندن سرمايو آهي. ليڪن هيءَ ڳالهہ ياد رکي گهرجي تہ صرف سرمايي تي راضي رهي صبر ڪري ويهڻ دانشمندي نہ آهي. جنهن سرمايي مان ڪم نہ ورتبو سو بہ گهڻو وقت رهي نہ سگهندو ۽ ٻالڪ مٽائيندو. سرمايي کي سيڙائي ان مان نفعو ڪمائڻ نهايت ضروري آهي.

علم ادب، تعليم ۽ اعليٰ افڪار ڪنهن خاص قوم جو ورثو نہ آهن. البت انهن جو پيريون وارث اها قوم آهي جنهن ۾ اهي ظاهر ٿين ٿا ۽ پوءِ ٻيون اهي قومون ٿين ٿيون جي ان مان فائدو وٺن ٿيون. تنهن ڪري ضروري آهي تہ نہ صرف پنهنجي علمي سرمايي کي قائم ڪري ان مان ڪم وٺجي بلڪ ٻين علمي سرماين مان فائدو وٺي پنهنجي موروثي موڙي کي وڌائيندو رهجي.

عربن ۾ جڏهن خاتم النبيين (صلي الله عليہ و سلم) جن ظاهر ٿيا تڏهن خدائي تعليم سان ڪين اولهہ مان ڪيڏي روشنيءَ ۾ آندو؛ جن نہ صرف سندن تعليم تي عمل ڪيو بلڪ ان تعليم سببان هندوستان، ايران ۽ يونان وغيره ملڪن جي علمي سرمايي کي اولداهين جي قوم ٿورن ڪيڏي ٻاهر آندو؛ جو ڪسٽ ۽ [illegible]

از :- بردو سنڌي

منهنجا وطن، وسين پيو

اي سنڌ! اي سماجها، منهنجا وطن، وسين پيو،
تو ۾ سدا بهارون، سڪڙا هجن، وسين پيو؛
آهين ايام ڪان تون، دنيا ۾ ديس قائم،
جيسين جهان آهي رهندا هي دنگ دائم،
"مهراڻ" جهڙا تو ۾، واهڙ وهن، وسين پيو؛

تنهنجي عروج جو آ، سارو جهان شاهد،
تنهنجي اڱڻ تي آهي هر هڪ نشان شاهد،
تو وٽ سلام خاطر تارا اچن، وسين پيو؛

ارضي جهان ۾ آهين بيشڪ مثال جنت
تنهنجي تڏي اچڻ جي، حورن کي آهہ حسرت،
فردوس برزمين آ، تنهنجو وطن، وسين پيو؛

تنهنجي فضا معطر دنيا کي ٿي بنائي،
ڪڪ، ٻن هتي وفا جا، مرڪي پيو گيت ڳائي،
آ پر بهار تنهنجو، هر دم چمن وسين پيو؛

ٽڙ ٻن هتي ٿا تارا، "مهر" ۾ روز مرڪي،
پهڻ سان پرگسائن، سورج ۽ چنڊ پڙرڪي؛
شبنم سان منهن ڪي ڌوئي، گل ٿا ٽڙن، وسين پيو؛

تون آن، "سچل" "ڀٽائي" "سامي" جو ديس پيارو،
سڪ سولهن جو، تون ساگر تنهنجو نہ ڪو ڪنارو
موجن مان تنهنجي منهنجا، موتي ملن، وسين پيو؛

مونکي تو پنهنجي هٿ سان جام وفا پياريو،
امرت جي اوٽ سان تو، منهنجو آ موت ماريو،
تنهنجا ٿا سي ٿورا، مون ڪان لهن، وسين پيو؛

منهنجي وطن جي سرتي، تارن جو تاج پايون
بردا اچو سپيئي وحدت جا گيت ڳايون،
نئين نئين امنگ جانت جهنڊا جهلن، وسين پيو؛

دنيا ۾ شاديءَ جا رواج ۽ رسمون

(از:- سکيو خان چنو، اسسٽنٽ ماستر، ٽريننگ اسڪول - سکرنڊ)

دنيا جي مختلف ملڪن ۾ شاديءَ جا رسم رواج جدا جدا آهن. ڪن ملڪن ۾ اهڙا رواج آهن جو پڙهڻ خواهه ٻڌڻ سان حيرت وٺيو وڃي. ٿيو گني علائقي ۾ پيءَ ٻٽ جو رشتو هڪ ٻئي سان نهراءَ جي رسي ٿيندو آهي. ڪو ماڻهو ڪنهن ٻار کي پنهنجي گود جو ٻٽ ڪري ته اهو هن جو ٻٽ ٿي سگهي ٿو ۽ پنهنجي اصلي ٻٽ کي پنهنجو ٻٽ ـــ چوي ته اهو ان جو ٻٽ ٿي نه ٿو سگهي. اهو هنکي اختيار آهي. اهڙيءَ طرح شادي خواهه زالــن جي گهٽ وڌ هجڻ جا به مختلف رواج آهن. ڪيترين قومن هڪ زال جي فائدي ۾ آهن ٻر ڪي ماڻهو هڪ کان وڌيڪ زالون به ٻر ڳڻڻ ٿا. جيئن مسلمان چار زالون هڪ وقت رکي سگهن ٿا. ٻر تعجب انهن قبيلن تي آهي، جن وٽ هڪ عورت جا گهڻا مڙس هجن.

فقط هڪ زال ٻر ڳڻڻ جو رواج مهذب خواهه غير مهذب ٻنهي قومن ۾ آهي. ڪانگو جا جهنگلي ۽ ايشيا جي ڪن ڀاڱن جا مــاڻهو، انڊمان ۽ فلپائين جي رهڻ وارا ۽ سوماٽرا ۽ ملايا جون قومون اهي سڀ هڪ زال تي اڪتفا ٿا ڪن. آسٽريليا جي غير مهذب قومن ۾ به هڪ زال جو رواج آهي مگر ڪي وسعت مند پوڙها پنهنجي ٻي شادي به ڪن ٿا جيئن اهازال پيريءَ ۾ سندس خدمت چاڪري ڪري.

هڪ کان وڌيڪ زالن ٻر ڻجن جو رواج خاله بدوش ڏنارن ۽

عادلپور

(آندل صفحي ۱۵۲ تان)

هئا. جهڙيون هتي زمينون پليون آهن تهڙا انهن جا مالڪ محنتي آهن قدرت کين کير ۾ کنڊ عطا ڪئي آهي. سڀ تعلقي بلڪ سڄي روهڙي ڊويزن ۾ هتي هر قسم جي جنس نسلي جهڙي ملي سگهندي اگرچ بها ٻين جي مقابلي ۾ چوٽ هوندي ليڪن چيز دلچاء جهڙي ملندي. رات ڏينهن هر هڪ عادلپوري پنهنجي محنت ۽ خاڪ شوري ۾ مشغول نظر ايندو. ڪو به کين بيڪار نه سڏيندو. والدو ويهڻ عيب ڄاڻندا آهن. ڪن جي محنت مان ته اهو اندازو ٿيندو آهي ته انهن جي دل چوندي آهي ته جيڪر ڏينهن ۲۰ ڪلاڪ ۽ رات ۴ ڪلاڪ هجي. اهڙي محنت کي ڏسي چوڻو پوندو آهي ته يا خدا! تنهنجي قدرت ۽ حڪمت تان قربان وڃجي جو تو رات ۽ ڏينهن کي پنهنجي اندازي تي رکي انسان جي حريص طبع کي اعتدال تي آڻڻ جو سامان موجود ڪيو ورنه ويچارو آدم پڇڙ و ور جي ڏک ۾ هجي الائي ڪهڙي ڪفر ذلت ۾ ڪري ها.

هن شهر جي رهاڪن جي رهڻي ڪهڻي مان اڄ به اڳوڻي سادگي جا آثار نمايان نظر اچن ٿا. سادو کائين سادو هنڍائين. نند تو ٻي سان [illegible] ٻي ڪين. [illegible] سان گهڻو گهانو نــ ورڪي تمام چڙا. فطرتي قانون سان هلڻ جا ڪوڏيا: ڪم خوردن ڪم خفتن ڪم گفتن جي عادت ته خدا تعاليٰ کين انعام ڪري ڏني آهي. هزار رکندڙ هوندا ته به پيٽ ساڳي ڪائڻ عيب نه ڄاڻندا ٻر هروڀرو پنهنجي پيٽ کي گوڏا ڏيڻ خدا جي نعمتن کان پنهنجي پيٽ ۽ پنهنجن ٻچن کي سڪائڻ بـ کين وڻندو اٿن. ڳالهائڻ جا سادا الائي ڳالهائڻ مان ڄاڻن ئي ڪين. البت لــئين هوش چالاڪ نظر ايندي ۽ اهي ذومعنيٰ لفظ ٻيا استعمال ڪندا مگر سا به موزون جو ڪنهن جي دل کي رنج نه ڪندي. ڪن جي پوزيشن مان ائين معلوم ٿيندو ته هي ڪي غريب آهن مگر ڪجهه نه ڪجهه سرمايو ضرور رکندڙ هوندا. شهر ۾ مکيه ذاتيون ڪلوڙ، ماڇي، ملڪ، مهاڻا اٽڙ ۽ ڏريجا آهن. ٻرائي نام حجم، ڪاسائي ۽ سومرا به آهن. هت هندن جو چڱو انداز رهي ٿو جن جو واپار تي قبضو آهي. ٿورا ڪي ڪرمت مان به ڄاڻن. ڏاريجا اڪثر زميندار آهن باقي ٻيا مڇي ماني لائق آهن البت هن وقت کي ڪلوڙ قوم جا فرد چڱيون زمينون ڪري ويا آهن. ڪلوڙ قوم پنهنجي محنت ۾ ضرب المثل آهي. ساڳئي وقت صلح پسند به آهن باقي ملڪن جي قوم ٿوري آهي ليڪن جرئت ۽ غيرت ۾ سندن نظير ڪونهي.

شهر جــا اڪثر باشنــدا ڪامياب تسليم شده ڪڙمي آهن ليڪن هيڪڙ ٻيڪڙ درزي، دڪاندار، حڪيم، ڪاسبي ۽ ملا وغيره به آهن. ملن جو هڪ ٻاڙو آهي جو انهيءَ نالي سان ورهين کان وٺي مشهور آهي. شهر جي اڪثر آدمين جي مراد تي انهن جي گذران جو مسئلو حل ٿيندو اچي ٿو. اهي پشت به پشت ان ڌنڌي کي سنڀاليندا اچن ٿا. انهن مان هر هڪ جون حدون مقرر ٿيل هيون مگر هاڻي يونين ڪائونسل انهن کان کي اختياريون کسي ورتيون آهن تاهم سنــدن آمدني تي ڪو خاص اثر نه پوندو. اگرچ نوان نسل تعليم ۾ ڪافي حصو وٺي رهيا آهن تڏهن به اڻ پڙهيلن جو انداز ڪافي آهي. اميد تـــ موجوده انگريزي اسڪول، پرائمري اسڪول ۽ حفظ القرآن جو مدرسو ۽ ڇوڪرين جو مدرسو تعليم جي اوڻاين کي دور ڪرڻ ۾ مدد ڪندا.

محنتي ماڻهوائين ئي بهادر ڄاڻنا هوندا آهن مگر عادلپوري انهيءَ وصف سان گڏ موجوده راندين جا بـ شوقين آهن. باقاعدي مختلف ٽيمن ۾ شريڪ ٿي ڪاميابي حاصل ڪندا آهن. هن ڳوٺ کي هر هڪ طرف راندين جا ميدان آهن جتي شام جو ماڻيطا عادلپوري مختلف مشغولين ۾ ٻاڻ ولدرائيندي نظر ايندا آهن. ڪاش رفاهي ڪمن ۾ پشسو ڪيڏي نتا ڄاڻن ورنه اهڙا ميدان مٽي ۽ دز کان پاڪ هجن يا ڪي خوشنما بهارڪ هجن ته اجا به ترقي ڪري سگهن مگر ٻين جي تقليد ضرور هڪ ڏينهن انهيءَ ڪم ۾ به اڳرائي ڪرڻ لاءِ آماده ڪندن.

محنتي ماڻهو ڪـــي چانهه برابر فائدو ڪندي آهي ليڪن اڄ کان ۵-۶ سال اڳ عادلپوري اها ٽڪاوت لسي جي جهاري سان گهٽائيندا هئا مگر اڄ ڏڌ جي جاءِ چانهه اچي ورتي آهي جنهن ڪري ۳-۴ چانهه جا دڪان چڱي آمدني سان هلي رهيا آهن.

ڪڏهن ته هي شهر علم ادب جو مرڪز هو مگر اڄ ان طرف ايترو توجه ڪونه آهي تاهم ايترو يقين آهي ته هن شهر جي زمين ادب جي تخليق کان خالي ڪانه آهي. فقط ان زمين کي آبياري جي ضرورت آهي. هن شهر ۾ ڪجهه شاعر ۽ ادب نواز آهن ليڪن ٻين مشغولين جي بيمار سبب هيڏانهن توجه گهٽ ٿا ڏين. ويتر هتي ڪا لائبرري به ڪانهي. مطلب ته عادلپوري اڪثر خوبين جا مالڪ آهن ۽ ڪي منجهن خاميون بـ آهن جنهن ڪري ڪن ترقي جي شعبن ۾ پوئتي آهن تاهم انهن جي انداز رفتار ٻڌائــي ٿي ته زماني جــي دوش بدوش هلي هڪ ڏينهن ٻاڻ کي هر فن ۾ يڪتا ثابت ڪندا.

ڌارين ۾ گهڻو هوندو آهي ڇو ته ڌنار پنهنجي مال جي نگهداري ڪرڻ ۾ مشغول هوندو يا ڪڙمي پنهنجي ٻنيءَ جي ڪم ۾ رڌل هوندو ۽ عورتون وري گهرجو ڪم ڪار ڪنديون ۽ مردن کي سندن ڪم ڪار ۾ مدد ڪنديون. پوءِ جيتريون بيش عورتون مرد کي زياده هونديون تيئن ڪم ڪار ۾ وڌيڪ سهولت ٿيندي.

نائيجريا ۾ ايبو نالي هڪ قبيلو آهي، انهن وٽ مڙس کي فقط هڪ زال جو هجڻ خراب سمجهيو ويندو آهي خود زال به ان ڳالهه کي پنهنجي توهين سمجهندي آهي. ان جي عزت ۽ وقار ان ڳالهه ۾ آهي ته انکي هڪ يا ان کان وڌيڪ ڀاڄون هجن ۽ مرد وري اها ڪوشش ڪندا آهن ته زالن جي تعداد ۾ واڌارو هجي. انهن قبيلن جي مالي حالت جو اندازو انهن جي زالن جي گهڻائيءَ مان ملندو آهي. اتي پهرينءَ زال کي ٻين زالن کان وڌيڪ حق حاصل آهي. سوسائٽيءَ ۾ انکي ٻين زالن کان وڌيڪ عزت ملي ٿي ۽ گهر جي معاملي ۾ به ان جي ئي فيصلي کي وزن ملندو آهي. جيڪڏهن مڙس کي ڪو اعزاز ملندو آهي ته مڙس سان گڏ ٻاهر پهرين زال نڪرندي آهي. ٻي شادي ڪرڻ وقت به مڙس پهرينءَ زال کان صلاح مصلحت وٺندو آهي.

يوگنڊا ۾ لانگو قبيلي جا ماڻهو جي زراعت جو ڌنڌو ڪندا آهن. انهن وٽ به گهڻين زالن پرڻجڻ جو رواج آهي، ان جو اهو سبب آهي جو اتي عورتون مردن کان گهڻيون آهن. ايبو قبيلي وارا وري هن ڳالهه جا پابند آهن ته هڪ ٻار جڏهن ٽن ورهين جو ٿئي تنهن کان پوءِ ٻيو ٻار پيدا ٿئي تنهن ڪري انهيءَ حالت ۾ ٻي شادي ڪرڻي پوندي آهي. اسلامي ملڪ ۾ به هڪ کان وڌيڪ شاديون ڪرڻ جو رواج آهي مگر ڏسڻ ۾ ايندو ته جنهن مڙس جي گهر ۾ هڪ کان وڌيڪ زالون آهن اهو گهر جهنم بڻيل هوندو آهي آرام ۽ سڪون جو ته اتي نالو به ڪونه هوندو آهي.

اسلام ۾ چئن زالن تائين پرڻجڻ جي اجازت ڏني آهي ۽ اها آزادي سڀني اسلامي ملڪن ۾ آهي مگر گهڻا ماڻهو مالي مجبوريءَ سبب هڪ زال تي اڪتفا ڪندا آهن. عرب جا بدوي ان اختيار کي پوريءَ طرح استعمال ڪندا آهن. روس ۽ سائبيريا جي ميدانن ۾ رهڻ وارا ماڻهو ڪرغز ۽ ييا قبيلا به هڪ کان وڌيڪ زالون پرڻبا آهن. ترڪيءَ ۾ آڳاٽي زماني ۾ هڪ کان وڌيڪ زالن پرڻجڻ جو رواج هو مگر اڄ ڪلهه ملڪي حالت جي مدنظر اها رسم بند ڪئي ويئي آهي. مصر ۾ پڙهيل ماڻهو هڪ کان وڌيڪ زالون پرڻجڻ کان احتراز ٿا ڪن مگر زميندار ۽ وڏي ملڪيت وارا ماڻهو هڪ کان وڌيڪ زالون پرڻجن ٿا. ايران ۾ به مالدار ماڻهو گهڻيون شاديون ڪن ٿا مگر غريب غربا هڪ زال کان وڌيڪ نٿا پرڻجن. چين ۾ مرد کي صرف هڪ عورت سان شادي ڪرڻ جي اجازت آهي. اتي اڳي مرد ٻه ٽي پاڻهيون به رکي سگهيو ٿي مگر ۱۹۳۱ع ۾ پاڻهين جو رواج قانونا بند ڪيو ويو آهي.

دنيا جي ڪن ٿورن ڀاڱن ۾ هڪ عجيب غريب رواج اڃا به چالو آهي- اهو آهي چند شوهري يعني هڪ زال کي ٻه ٽي مڙس. ان لاءِ هيءَ دليل ڏنو ٿو وڃي ته اتي ماڻهن کي اها طاقت نه آهي جو هر هڪ جدا جدا زال پرڻجي ۽ انجو خرچ پڪو برداشت ڪري، تنهن ڪري مالي مشڪلات سبب ٻه ٽي مرد گڏجي هڪ عورت سان شادي ٿا ڪن. ڪن جاين تي وري عورتن جي قلت آهي اتي به اهو رواج چالو آهي.

ائين ڪرڻ سان مردن ۾ ڪا به رقابت ڪانه ٿيندي آهي. ٿبيٽ ۾ چند شوهريءَ جو رواج تمام آڳاٽو آهي. ٿبيٽ ۽ هندستان جي وچ واري ڀاڱي ۾ هڪ عورت سان ٻه ٽي ڀائر شادي ڪري سگهن ٿا ۽ اهو لاڳاپو ڪن قانونن ماتحت هوندو آهي. وڏي ڀاءُ کي وڌيڪ اختيار هوندو آهي. ان جي غير حاضريءَ ۾ ان کان ننڍي ڀاءُ کي اهو اختيار هوندو آهي. هندستان ۾ نيلگري ٽڪرين ۾ رهندڙ ٽوڊا نالي ڌنارن ۾ به اهو رواج آهي. اتي شاديءَ وقت ڇوڪريءَ کي سمجهايو ويندو آهي ته تون سڀني ڀائرن سان پرڻيل آهين. شاديءَ کان پوءِ جيڪڏهن انهن ڀائرن کي ڪو ٻيو ڀاءُ ڄمي پوي ته اهو به ان عورت جو مڙس سمجهيو ويندو آهي. انهن ڀائرن ۾ ڪو اتفاق جهيڙو ٿيندو آهي. جيڪڏهن ڪنهن عورت جا مڙس پاڻ ۾ ڀائر نه هجن ۽ جدا جدا ڳوٺن ۾ رهندڙ هجن ته پوءِ عورت کي تڪليف ٿيندي آهي. اها عورت واري واري سان جدا جدا مڙسن وٽ رهندي آهي ۽ هر هڪ مڙس وٽ هڪ مهيني کان وڌيڪ نه رهندي آهي.

انهن شادين ۾ مزيدار ڳالهه هيءَ آهي ته جيڪو ٻار پيدا ٿئي اهو ڪهڙي مڙس جو سمجهيو وڃي. ان لاءِ ان عورت جا سمورا مڙس گڏجي پاڻ ۾ فيصلو ڪندا آهن ته ان ٻار جو ڪير پيءُ سڏائي. اهو فيصلو جڏهن ٻار کي پيٽ ۾ ست مهينا ٿيندا آهن تڏهن ڪيو ويندو آهي ۽ هڪ رسم مطابق سڄي قبيلي کي سڏيو ويندو آهي. هڪ ڏينهن شام جو اهو مرد ۽ عورت جهنگ ۾ ويندا آهن ۽ اتي ڪنهن وڻ هيٺ ڏيئو ٻاريندا آهن. پوءِ ٻئي زال مڙس جهنگ مان هڪ ڪاٺي هٿ ڪري ان مان ننڍڙو تير ڪمان ٺاهيندا آهن. ڳوٺ مان انهن جا رشتيدار به ان وڻ وٽ اچي هنن ٻنهي جي چوڌاري گڏ ٿيندا آهن. مرد انهن جي روبرو اهو تير ڪمان پنهنجي زال کي ڏيندو آهي ۽ اهوان ٻار جي پيءُ هجڻ جو نشان آهي. جڏهن ڏيو وسامي ويندو آهي تڏهن سمورا ڳوٺ ڏانهن موٽي ويندا آهن پر زال ۽ مڙس اتيئي رهندا آهن ۽ ان وڻ هيٺان رات جي ماني کائيندا آهن. ڪجهه وقت کان پوءِ انهن جا رشتيدار ڳوٺ مان ماني کائي جهنگ ۾ ان وڻ وٽ موٽي ايندا آهن ۽ سڄي رات اتي رهندا آهن. ٻئي ڏينهن صبوح جو سڀئي ان زال ۽ مڙس سميت ڳوٺ ڏانهن موٽندا آهن ۽ اتي مهمانن جي شاندار دعوت ڪئي ويندي آهي. ان قبيلي ۾ ان رسم کان سواءِ ٻار جي پيدائش منحوس سمجهي ويندي آهي.

اسڪيمو قبيلي جي مهمان نوازي ايتري حد تائين وڌيل هوندي آهي جو پنهنجي دوستن خواه مهمانن کي پنهنجون زالون پيش ڪندا آهن. اها ڳالهه هنن وٽ عيب نه آهي. اتر اوڀر سائبيريا ۾ چڪ چائي هڪ قبيلو آهي جنهن ۾ زالن جي مٽاسٽا جو رواج آهي. ٻه يا ٽي ڄڻا پاڻ ۾ مٽاسٽا ڪن. اها ته رواجي ڳالهه آهي پر ڪڏهن ڪڏهن ته ڏهه ٻارهن گڏجي زالن جي مٽ سٽ ڪندا آهن. آسٽريليا جي قديم رهاڪن ۾ وري اهو رواج آهي جو شادي شده ماڻهن کي ٻين جي زالن سان تعلق رکڻ جي به اجازت آهي ۽ اها ڳالهه سڀ ڪنهن جي مرضيءَ تي ڇڏيل آهي. اهو تعلق ظاهر ظهور ڪيو ويندو آهي. ان ڳالهه کي هو برو ڪونه سمجهندا آهن پر جيڪڏهن ڪو لڪ چوريءَ اهڙو ڪم ڪندو آهي ته انکي نهايت بي رحميءَ سان ماريو ويندو آهي.

دنيا ۾ شادي ڪرڻ جا طريقا به مختلف آهن. آسٽريليا جي غير مهذب ماڻهن ۾ زال جي

انتخاب ۾ عشق ۽ محبت جي اجازت نہ آهي گهوٽ ڪنوار اڃا ننڍا هوندا آهن تہ انهن جو مڱڻو ڪيو ويندو آهي. ڇوڪر خواه ڇوڪريءَ کي پنهنجي مڱڻي جو اختيار نہ هوندو آهي. مڱڻي کان پوءِ ڪجھ سال گذرڻ بعد انهن جي شادي ڪئي ويندي آهي. پوءِ پلئي تہ بيماري يا ڪنهن ٻئي حادثي سبب انهن جو حسن هليو نہ وڃي. دنيا جي ڪن علائقن ۾ زال جي قيمت ادا ڪرڻي پوندي آهي. اوڀر آفريڪا ۾ زال جي قيمت جانورن، شراب يا ٻين شين ذريعي ڏيندا آهن. لانگوس قبيلي وارا بہ ڪنوار جي قيمت جانورن جي صورت ۾ ڏيندا آهن. اهي جانور گهوٽ جو پيءُ ۽ ان جا دوست ڪنوار جي ماءُ جي گهر ڪاهي ويندا آهن ۽ اتي رسم پوري ٿيڻ کان اهي ماڻهو ڪنوار جي ماءُ سان گڏ شراب پيئندا آهن. ان کان پوءِ گهوٽ پنهنجي دوستن سان گڏ جي رات جي وقت ڪنوار جي گهر ايندو آهي ۽ پنهنجي ڪنوار کي زوريءَ کڻي پنهنجي گهر ويندو آهي. ڪنوار پاڻ کي آزاد ڪرائڻ لاءِ پوري قوت سان پنهنجي مڙس جو مقابلو ڪندي آهي جنهن ۾ مڙس جي ڪافي توهين ڪندي آهي. اهو سڀ ڪجهه قومي روايات مطابق ڪيو ويندو آهي.

ٽانگانيڪا ۾ زال جي قيمت ادا ڪرڻ جو وري ٻيو نمونو آهي. جڏهن ڪو ڇوڪر ڪنهن ڇوڪريءَ سان شادي ڪرڻ جو خيال ڪندو آهي تہ پوءِ هو پنهنجي ڪنهن دوست هٿان هڪ ٻيلچو ڇوڪريءَ جي ماءُ ڏي موڪليندو آهي. ان ٻيلچي جي هٿئي وٽ هڪ قيمتي موتين جو هار ٻڌل هوندو آهي. جيڪڏهن ڇوڪري راضي هوندي آهي تہ اهو هار پنهنجي ڳچيءَ ۾ پائيندي آهي ۽ ٻيلچو پنهنجي پيءُ کي ڏيندي آهي. ان کان پوءِ ڇوڪرو پنهنجي ساهرن جي گهر وٽ جهوپڙي ٺاهي ان ۾ رهي پنهنجي سهري جي خدمت ڪندو آهي. جيڪڏهن پاڻ ۾ نهي نہ سگهيا تہ شادي رد ٿي ويندي آهي پر جي نهي ويا تہ گهوٽ پنهنجي ساهرن جي خدمت ۾ ٻيو ٻيلچو پيش ڪندو آهي تہ شاديءَ جي پڪ ٿيندي آهي ۽ ان کان پوءِ بہ گهوٽ پنهنجي سهري جي خدمت ۾ لڳو رهندو آهي. ڪجهہ وقت گذرڻ بعد ٽيون ٻيلچو پيش ڪندو تہ پوءِ هن کي اجازت ملندي آهي تہ پنهنجي زال وٺي وڃي جتي وڻيس اتي رهي. انهن ٽن ٻيلچن کان سواءِ شادي مڪمل ٿي نہ سگهندي آهي.

*

قوم ۽ ان جي زبان

(آڳئين صفحي ۱۵۳ تان)

انهن جي ذريعي عربي علم ادب ۾ ڪافي اضافو آندو ۽ ٻين قومن جا استاد ٿيا. سندن زبان ايتري تہ ترقي ڪئي جو انگلينڊ جي فيلسوف **راجر بيڪن** عيسوي تيرهين صديءَ ۾ آڪسفورڊ ۽ ڪيمبرج يونيورسٽين جي استادن کي ٻڌايو تہ جيڪڏهن عربي نہ سکندؤ تہ ڇٽ رهندؤ. اهو انهيءَ ڪري هيو جو ان وقت بهترين علمي سرمايو عربي زبان ۾ هو.

علم ۽ هنر پرائڻ جو پهريون اصول **تقليد** آهي. ٻار تقليد ڪري پنهنجي والدين ۽ ماحول جي زبان سکي ٿو. نئون سيکڙات درزي پنهنجي استاد درزيءَ جي هنر کي ڏسي ان جي نقل ڪري ٿو ۽ هو بهو اهڙين سبي ٿو جيئن سندس استاد سبي ٿو. ائين هو مقلد بڻجي پنهنجو هنر پرائي ٿو جيستائين ڪ ان تي کيس ملڪو يا دسترس حاصل ٿئي. ان کانپوءِ ئي هو پنهنجي فن ۽ هنر ۾ نوان نمونا ۽ طريقا پيدا ڪري ٿو ۽ ان ۾ پنهنجو اضافو آڻي ٿو. انهيءَ کي **تخليق** چئبو آهي. اها تخليق قومي سرمايي جي فخر جو باعث بڻبي آهي ۽ ان کي روز بروز وڌائيندي رهندي آهي.

اڄڪلهہ جيڪي بہ ترقي يافتہ ٻوليون آهن جن ۾ يورپي ٻوليون ممتاز آهن، تن جي اسرڻ جو پهريون دور اهو هو جنهن ۾ ڌاري زبان ۾ تعليم پرائڻ بدران پنهنجي مادري زبان ۾ پڙهڻ پڙهائڻ جو ڪم شروع ڪيو ويو ۽ مختلف علمن جا ڪتاب ٻين ٻولين مان ترجمو ڪري پنهنجي زبان کي مالامال بڻايو ويو. جڏهن انهن ڪتابن کي قوم جي دماغن هضم ڪيو تڏهن پنهنجا ڪتاب لکڻ شروع ڪيائون. نتيجو اهو نڪتو جو ٻيون قومون بہ سندن ڪتاب پڙهڻ لڳيون. انگريز مدبرن ۽ مفڪرن جا ڪتاب، فرينچ جرمن ۽ ٻيا عالم پڙهڻ لڳا. عزمن صرف هيءُ هو تہ پنهنجي ٻوليءَ ۽ علمي سرمايي کي سدا شاهوڪار بڻائجي. ائين ڪرڻ احساس ڪمتري جي نشاني نہ آهي. احساس ڪمتري جي نشاني هن ڳالھہ ۾ آهي تہ قوم پنهنجي تخليق جو شاهڪار پيش ڪري نہ سگهي ۽ ٻئي جي ڪانو جيان مور جا کنڀ پنهنجي ڪنهن ۾ وجهي فخر سان ٽلي اظهار ڪري تہ هي منهنجا کنڀ آهن.

ڇوٽيءَ جي نفسياتي عالمن جو چوڻ آهي تہ ڪا بہ ٻولي تيستائين ترقي ڪري نہ سگهندي جيستائين اها تعليم جو ذريعو نہ آهي. ان ڪري لازم آهي تہ قوم تيستائين چپ ڪري نہ ويهي جيستائين پنهنجي مادري زبان کي تعليم جو ذريعو نہ بڻائي يا نہ بڻارائي.

ان لاءِ کيس قانون جي اندر رهي اهڙا اعليٰ دليل پيش ڪري ۽ معقول حجتون پيش ڪري جو مخالف ڌر لاءِ شڪست جو سبب بڻجن ۽ مطالبي کي مڃڻ لاءِ مجبور ٿين.

ان لاءِ ٻيو طريقو هي بہ آهي تہ پنهنجي ملڪ اندر صرف پنهنجي مادري زبان ۾ گفتگو جاري رکجي ۽ جيڪي ماڻهو اسانجي ملڪ اندر رهن ٿا يعني وطن ڪري ويٺا آهن ۽ اسانجي زبان سکڻ لاءِ تيار نہ آهن تن سان سواءِ پنهنجي زبان جي ٻي ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ ڳالھ ٻولھ نہ ڪجي تانہ مجبور ٿي اسانجي زبان سکن جيئن بنگالي ڀائرن ڪيو آهي.

ان جو اهو مطلب نہ آهي تہ ٻين ٻولين سان دشمني رکجي ۽ انهن کي نہ سکجي. **يونيسڪو** (Unesco) جي عالمن ۽ مدبرن جو هن ڳالھ تي اتفاق آهي تہ هر ٻار ڪم از ڪم ۱۵ يا ۱۶ ورهن تائين پنهنجي مادري زبان ۾ تعليم پرائي ۽ مهذب قوم جي ٻار سڏجڻ لاءِ ڪم از ڪم ٽي ٻوليون ضرور سکي جن مان هڪ مادري زبان، ٻي بين العلائقائي زبان ۽ ٽين بين الاقوامي زبان هئڻ گهرجي. مگر اهو لازمي آهي تہ مادري زبان ۾ مختلف علمن تي ڪتاب تيار ٿيندا رهن ۽ انهن جي پڙهڻ جو چاھ ٻارڻ ۾ پيدا ڪجي. جنهن ٻار ۾ پڙهڻ جو چاھ پيدا ٿيو تنهن ۾ جڻ ڪتابن پڙهڻ جي بک پيدا ٿي ۽ اهو علم ۾ ترقي ڪندو رهندو.

وطن جي واکاڻ

(از:- حافظ محمد احسن چنا - دادو)

١- سدا منهنجي من ۾ محبت وطن جي -
اٿم عشق اندر ۾ الفت وطن جي
دماغ و دل و جان ۾ عزت وطن جي -
زياده ٿي دنيا ۾ عظمت وطن جي
وطن جون وڻن جهوپڙين جي ڪکايون
نه مٽ تن سان ماڙيون، مزيدار جايون

٢- وطن جي مٽي مشڪ پاليان ۽ عنبر -
وطن جو ڪتو، سلڪ، ريشم کان بهتر
وطن جا جي پٿر سي پانيان جواهر -
نه بيو ملڪ پايان وطن جي برابر
وطن منهنجو گويا ڪ گلزار آهي
خدا جنهن ۾ خلقيو نه ڪو خار آهي

٣- وطن جو وڏو مان ۽ شان آهي -
وطن جو وساري سو نادان آهي
وطن جي محبت پي ايمان آهي -
اهو دين مذهب جو فرمان آهي
اسان تي ٿي لازم وطن جي محبت
وطن جي ئي هر چيز سان گهرجي الفت

٤- وطن پنهنجي جو آب ٿيو آب حيوان-
وطن جو بيابان ٿيو باغ و بستان
وطن جي خزان ناهي ڪر مند نيسان -
وطن جي ته واريءَ تان موتي به قربان
ليون، ٻهڻ، لاڻا، ڪنڊ ڄار بهتر
نديون ۽ نيون ۽ جبل بحر ٿر بر

٥- وطن جي خزان ۾ به مون لئي بهاري -
وطن جي ٿي روشن هجي رات ڪاري
وطن جي ٿي موليکي وڻي واه واري -
وطن جي مفرح هوا، آب جاري
وطن ۽ وطن وارا موليکي وڻن ٿا
وطن جا جبل بر ۽ ٿر خوش لڳن ٿا

٦- وطن جي زمين رشڪ خلد برين آهه -
وطن جو نظارو نهايت حسين آهه
وطن جي ٿي نعمت هوا، آب و طين آهه -
۽ واري جو هر داڻو در ثمين آهه
مٽي ملڪ جا ماڻهو مٺڙا ۽ سادا
محبت جا ڪوڏيا سچا ۽ سباجها

٧- وطن جي ٿي مشهور مهمان نوازي -
سلوڪ ۽ محبت، مروت، نيازي
ڪشاده دلي ۾ گهڻو امتيازي -
سهڻن خوبين ۾ سدا سرفرازي
ڪمي ناهي ڪنهن چيز جي ڪا وطن ۾
شگفته سدائين هجي غنچه چمن ۾

٨- ڳٽن سان پريل پڌ ڳنوارن جون ڳانهيون
سچائي جون سهڻيون سچارن جون ڳالهيون
نه وسرن مٺيون ملڪ وارن جون ڳالهيون-
پياريون لڳن ٿيون پيارن جون ڳالهيون
محبت جا مرڪ جن جي من ۾ رهن ٿا
وطن پنهنجي تان جان قربان ڪن ٿا

٩- وطن جي محبت اسان تي ٿي لازم -
ڪيون ان جي خدمت ۽ ڪوتايون خادم
مهاجر ۽ انصار، هندو ۽ مسلم -
رکون سڀ وطن سان سدا قرب قائم
وطن کي سنواريون وطن کي سڌاريون
وطن ۾ ڏسون هر هميشه بهاريون

١٠- وطن تان ڪجي جان، زر، مال صدقي-
وطن تان ڪجي عز و اقبال صدقي
وطن تان ٿي محمود (١) گوپال (٢) صدقي
وطن تان ڪڄن، شير، شهپال صدقي
وطن پنهنجو هيءُ باب اسلام آهي
ٿيو نام جنهنجو دلارام آهي

١١- وطن جي محبت جي هيءَ ٿي علامت-
رکون هڪ ٻئي سان محبت صداقت
رکون ڪانه دل ۾ پيائي ۽ ڪلفت-
ڪيون هڪ ٻئي تان فدا جان و دولت
وطن جي محبت سچي ٿي اهائي
جو پنهنجي وطن لئي ٿيون سڀ فدائي

١٢- وطن جي ڪيان ڪيتري مدح خواني-
قلم کي نه طاقت، نه طاقت زباني
نه منهنجي وطن جو بيو ملڪ ثاني -
وطن جي مٿان مان ڪيان جان فشاني
وطن جي ترقي جا ڪوشان ٿجون
محب الوطن خوب انسان ٿجون

١٣- هيءُ احسن وطن شال آباد هوندو -
۽ هر هڪ وطن واسي دلشاد هوندو
غمن ۽ ڏکن کان به آزاد هوندو -
سدا نظم هر ڪنهن کي هيءُ ياد هوندو
هيءُ باغ وطن شال شاداب هوندو
ميسر هتي هر ڪو اسباب هوندو

(١) محمود- مسلمان (٢) گوپال- هندو

ڀلاڙي ـ ساهتيءَ جو تاريخي شهر

(از:- قريشي حامد علي "خانائي")

موجوده دور ۾ مهراڻ، سنڌ جي نوابشاه ضلعي جي گهڻي ڀاڱي کي آباد ڪري ٿو. زمين گهڻي ڀاڱي سنئين سڌي آهي ۽ آبهوا به صحت بخش آهي. اتر وارو پرڳڻو "ساهتي پرڳڻي" جي نالي سان سڏبو آهي. ساهتي جي تاريخ به قديم آهي جنهن مان ساک ٿي ملي ته هيءُ علائقو قديم زماني کان وٺي تهذيب و تمدن جو مرڪز هو. ساهتي پرڳڻي تي انهيءَ نالي پوڻ متعلق جناب سيد مدد علي شاه پنهنجي مضمون "هالاڻي" ۾ هڪ عجيب ڏند ڪٿا بيان ڪئي آهي (۱). ڏند ڪٿا کي ڪابه تاريخي حيثيت ڪانهي، پر تاريخ معصومي ۽ تحفته الڪرام جي مطالع مان اها خبر پوي ٿي ته قديم زماني ۾ "ڏيرو" جنهن کي موجوده وقت ۾ دربيلو ڪوٺيو وڃي ٿو، ان وقت هڪ شهر جو نالو هو ۽ دربيلو هڪ پرڳڻو هو. سلطان آرام شاه جي زماني ۾ سنڌ س بادشاهيءَ جا چار صوبا هوا جن مان ملتان، اچ ۽ سنڌ تي "ناصرالدين قباچه" جو فرمان جاري هو. سنڌ جا ست راڻا ملتان جا ڏن ڀرو هوا. انهن ستن راڻن مان "سهتو" "پونٽر" راڻو ڏيري يعني دربيلي جي علائقي تي حڪومت ڪندو هو. (۲)

سنڌ جي هن ڀاڱي ۾ اڄ ڏينهن تائين سهتا قوم گهڻي تعداد ۾ آباد آهي. سهتن جي راڄ ۽ اثرڪري تعلقي ڪنڊيارو ۽ نوشهري کي "ساهتي پرڳڻو" ڪري چوندا آهن.

ڀلاڙي جو شهر، جو تعلقي ڪنڊياري ۾ آهي، سو ساهتي جي قديم شهرن مان هڪ آهي ليڪن ان جو احوال ڪنهن به مؤرخ پوريءَ طرح سان نه ڏنو آهي. سنڌ جو مشهور تذڪره نويس مير علي شير "قانع" ٺٽوي هن شهر متعلق تحفته الڪرام ۾ لکي ٿو ته (۳) "ڀلاڙي، هالاڻي جي ڀرسان هڪ ڳوٺ آهي. پير ولي هڪ درويش انهيءَ سرزمين ۾ آرامي آهي. ديـن جا بزرگ ۽ يقين جا صاحب سندس معتقد آهن. ميان عبدالله آگري قوم جو هڪ ڪامل بزرگ اتي جو رهاڪو آهي، هن وقت جيترو پڌ جي ٿو." مير صاحب ايترو لکي ان تي ئي اڪتفا ڪئي آهي. مير علي شير قانع جنهن پير ولي جو ذڪر ڪيو آهي، ان جي مزار وغيره جو اڄ ڪوبه پتو ڪونه ٿو پوي. ساڳيءَ طرح ميان عبدالله آگري جو اصل نالو چون ٿا ته محمد دائود هو (۴)، جنهن جي مسجد هالاڻي ۾ موجود آهي ۽ مخدوم محمد دائود جي مسجد ڪري سڏي ويندي آهي.

تحفته الڪرام کان پوءِ هڪ ٻئي مصنف جي تصنيف مان البته ٿورو ذڪر هن شهر متعلق تفصيل سان ملي ٿو (۵) تنهن هوندي به هن شهر جو وڏيڪ احوال اڃا تائين نامعلوم آهي. اسان تائين جيڪي تاريخي روايتون وڏڙن کان سيني به سيني دستياب ٿيون آهن، تن مان ايترو معلوم ٿئي ٿو ته هيءُ شهر هالاڻي سان گڏ وگڏ آباد ٿيو.

ڀلاڙي خواه هالاڻيءَ جي نالن پوڻ متعلق به اختلاف آهي. سيد مدد علي شاه صاحب لکياري پنهنجي مضمون "هالاڻي" ۾ لکيو آهي ته "مهراڻ ڀرسان وهندڙ هو، مهراڻ جي ڪناري تي هئڻ سبب ٻئي ڳوٺ درياهي پتڻ هوا. ٻه مهاڻيون پينر هالاڻي ۽ ڀلاڙي نالي هيون، جن جي نالن پٺيان انهن ٻنهي شهرن تي اهي نالا پئجي ويا." (٦)

جناب قاضي عبدالخالق مرحوم سجاده نشين ممڻ شريف جن لکن ٿا ته "ڀوڻ ۽ هالاڻ ٻه سهتا قوم جا پائر هوا. چڱا اثر رسوخ وارا زميندار هوا. هالاڻ، هالاڻي نالي ڳوٺ ٻڌو ۽ ڀلاڻ، ڀلاڙي جي نالي ڳوٺ آباد ڪيو. پوءِ وقت گذرندي سندن نالن ۾ ڦيرو ايندو ويو ۽ موجوده نالن سان ٻئي ڳوٺ سڏجڻ ۾ آيا." (۷)

مٿين ٻنهي حقيقتن کي سامهون رکندي اسين صرف هن نتيجي تي پهچون ٿا ته هي شهر ميربحر قوم نه، بلڪ سهتا قوم آباد ڪيا. اڄ ڏينهن تائين سهتا قوم اتي گهڻي تعداد ۾ آباد آهي. چون ٿا ته ميربحر قوم ڪيترو گهڻو پوءِ اچي آباد ٿي.

سنه ۹۹۱هه کان اڳ ۾ هيءُ شهر آباد هو. دريائي سنڌ سندس ڀرسان وهندڙ هو. شهر جي اتر طرف هڪ ڍنڍ آهي، جنهن مان تقسيم هند کان اڳ بهه، پٻڻ ۽ مڇي جام ملندي هئي. ڍنڍ ۽ واريا سي زمين هئڻ مان اسانکي مٿين حقيقت جي پوري ثابتي ملي ٿي ته اهو ئي درياءَ ڪوٺڙي ڪبير، هالاڻي، ڀلاڙي، گهير گجو ۽ پائي خان جي پنڊ کان ٿيندو شهداد پور مان سهڻي ۽ ميهر جي قبرن جو وچ ڏيندو، ٺٽي ۾ مهراڻ جي نالي سان سڏبو هو. پوءِ درياءَ پنهنجو رخ ڪيئن بدلايو، اهو اڄ تائين معلوم ٿي نه سگهيو آهي. چون ٿا ته ڪلهوڙن جي ابتدائي دور ۾ به درياءَ وهندڙ هو.

هن شهر ڪلهوڙن جي دور ۾ نمايان ترقي ڪئي، پر جلد ئي سنڌ جي حڪومت ۾ ڦيرو آيو. ڪلهوڙن حاڪمن جي ايذائڪي روش ۽ خانه جنگي سبب ميرن ۽ ڪلهوڙن جي وچ ۾ هالاڻي جي ميدان تي جنگ لڳي. هن فيصله ڪن لڙائيءَ کان پوءِ (سنه ۱۷۸۳ع)

---

(۱) نئين زندگي رسالو ماه فبروري سنه ۱۹۵۷ع ص ۱٦ (۲) تحفته الڪرام ص ۸۱ (سنڌي ادبي بورڊ) (۳) تحفته الڪرام ص ۳۴٦ (سنڌي ادبي بورڊ) (۴) آگر قوم اصل آگري جي رهاڪو هئي ان ڪري آگرا سڏجڻ ۾ آئي. آگرن جو ڳوٺ خالواهڻ ڪان محبت ديرو جتوئي ويندڙ رستي تي آهي (۵) "تذڪره خاندان قريشان" جي نالي هڪ پارسيءَ ۾ قلمي نسخو هن بنده راقم الحروف کي ڪجهه سال اڳ پنهنجي هڪ عزيز کان مطالع ڪرڻ لاءِ مليو هو. ان ڪتاب جا پهريان ورق ڦاٽل هئڻ سبب اصل مصنف جي ڪابه خبر نه پئي. باقي اصل تان نقل ڪندڙ قاضي ميان نور الله بن حبيب الله ڀلاڙي وارو آهي. مون ان ڪتاب جو ڪافي حصو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو هو. ليڪن بدقسمتيءَ سان منهنجو هڪ دوست، جو هن وقت منهن ئي مٽي ويو آهي، پڙهڻ لاءِ ڪٺي ويو، جنهن جو اڄ تائين پتو ندارد. انارو حڪيم محمد يعقوب قريشي وٽان معلوم ٿيو آهي ته اصل ڪتاب جو نسخو قاضي ميان محمد ڏنل خانائي وٽ هو. (٦) رسالو نئين زندگي، ص ۱۷- ماه فبروري سنه ۱۹۵۷ع (۷) مرحوم قاضي ميان عبدالخالق جي موڪليل دستخط چوڙي.

۾ ڇڏهن مير صاحب مسند نشين ٿيا، تڏهن هيءُ شهر وڏيءَ ترقيءَ ڪرڻ کان رُڪجي ويو. ڪلهوڙن ۽ ميرن جي دؤر حڪومت ۾ جهڙو عروج هو. شهر جي سياه و سفيد جا مالڪ سهتا هوا. پر پوءِ انگريزن جي حڪومت ۾ زور گهٽبو ويو. زمينداري زور بہ ويو گهٽ ٿيندو ۽ سندن اجاين ڪمن سبب سندن زمينون قرض ۾ هندوقوم جي حوالي ٿينديون ربون جنهن ۾ هاڻي ۾ شهر جا نالي ماتر زميندار وڃي رهيا.

جڏهن تہ هن شهر ۾ وڏا وڏا عالم ۽ فاضل رهندا هوا. ان ڪري ضرور ڪي درس گاهون بہ هونديون، جن جو اڄ ڪوبہ پتو پوريءَ طرح سان ڪونہ ٿو پوي. صرف هڪ درس گاه جو پتو معلوم ٿي سگهيو آهي، جنهن جو مدرس ۽ مهتمم قاضي ميان عزيزالله بن حبيب الله هو. هو عربي ۽ فارسي ۾ چڱي دسترس رکندڙ هو ۽ درس پڻ انهن ئي علمن ۾ ڏيندو هو. سندس مدرسو ٻهلاڻي جي پراڻي وچين مسجد قاضين واريءَ ۾ هوندو هو، جنهن ۾ پري پري جا طالب اچي علم جي تحصيل ڪندا هوا. قاضي صاحب صوم صلوات جو پابند ۽ پنهنجي وڏڙن جي سلسلي کي زور وٺائيندڙ هو.

ٻهلاڻي ۾ قاضي صاحبن جو پاڙو اڄ تائين عزت ۽ احترام سان ڏٺو ويندو آهي. هي اصل ۾ عرب جا قريش هوا. سندن سلسله نسب حضرت خالد بن وليد رضہ سان وڃي ملي ٿو: سندن جدامجد قاضي محمد درويش هو، جنهن جو نالو نقشبندي طريقي جي سلسلي ۾ پڻ درج آهي. قاضي موصوف محمد بن قاسم غازي اعظم سان گڏ سنڌ ۾ آيو. سندس سلسله نسب "تذڪره خاندان قريشي" "[illegible] خاندان" (۱) ۾ هن طرح سان ڏنل آهي: محمد درويش بن پنهون بن شاهن بن نوح بن يوسف بن عبدالستار بن شبر بن عمر بن علي بن اهود بن زبير بن متو شيخ بن حندره بن خلف بن مهاجر بن خالد بن وليد بن مغيره بن عتبہ بن عبدالمناف (۲) سندس متعلق تذڪره خاندان قريش وارو صاحب لکي ٿو: "درويش از مکہ شريف با محمد بن قاسم کہ بر سهسي رائي ملکن ارور لمهمي با مر خليفہ عبدالملک برکافران براستيفائہ مسماة مد يہ عرف ماچهاني کہ بسرش هند و مذ کور کشتہ بود هند ورا بقتل رسانيد." قاضي صاحب قاضي القضات جي عهدي تي فائز هو. ان سبب ڪري ئي سندس اولاد قاضي سڏيا ويندا آهن. هن بزرگ جي مزار ڪوٽڙي ڪبير جي سوالک مقام ۾ واقع آهي. تربت تي ڪتبہ وغيره لڳل نہ آهي. سندس مٿان سندس خاندان وارن سائبان ٺهرائڻ جو خيال ڪئي ڪيو آهي ليڪن پاڻ هميشہ ان متعلق منع فرمائي اٿن. هن خاندان مان ڪيترائي عالم، فاضل ۽ ولي الله ٿي گذريا آهن جن جو احوال مٿئين ذڪر ڪيل ڪتاب "تذڪره خاندان قريش" ۾ موجود آهي. هن ئي خاندان جو هڪ بزرگ قاضي ميان حبيب الله لعل خان مٽڙائي، ٻهلاڻي جي هڪ ڪامل ولي قاضي مير محمد جي دخترسان عقد ڪيو.

قاضي ميان مير محمد پنهنجي دؤر جو هڪ باڪمال بزرگ ۽ ولي الله ٿي گذريو آهي. قاضي صاحب کي نياڻي کان سواءِ ڪوبہ نرينو اولاد ڪونہ هو. قاضي مير محمد جي فوت ٿيڻ کان پوءِ قاضي موصوف پنهنجو اصل وطن ڇڏي اچي هن شهر ۾ سڪونت اختيار ڪئي.

قاضي ميان حبيب الله صاحب نهايت ئي زاهد، عابد ۽ خداترس انسان هو. هي بزرگ ميرن جي دؤر ۾ ٿي گذريو آهي. روزانو رات جو پنج هزار صلوات رسول اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن تي پڙهندڙ هو. سندس مزار پير قيصر لڳ آهي، جنهن کي قاضين جو مقام ڪري چوندا آهن. قاضي صاحب جا فرزند نالي عزيزالله، فيض محمد، نورالله ۽ ميرمحمد ٿي گذريا آهن جن مان قاضي عزيزالله جو احوال مٿي اچي چڪو آهي.

قاضي ميان فيض محمد:- هي صاحب قاضي ميان حبيب الله جو ٻيو نمبر فرزند هو. سنڌي، اردو ۽ فارسي ٻوليون چڱي طرح ڄاڻندڙ هو. تعليم پنهنجي وڏي ڀاءُ ميان عزيزالله وٽان حاصل ڪيائين. پنهنجي دؤر جو هڪ لاثاني حڪيم ٿي گذريو آهي. سندس ڪيترائي نسخا ڪيترن ئي خاص مرضن لاءِ تيربهدف هوا. قاضي موصوف نهايت ئي عابد، زاهد ۽ پرهيزگار شخص هو. وقت جي وڏن ماڻهن سان سندس چڱي ڏيٺ ويٺ هئي. پاڻ ڪيترو ئي اولاد ڇڏيائين ليڪن افسوس جو انهن مان ڪوبہ زنده نہ رهيو.

قاضي ميان نورالله:- قاضي ميان نور الله قاضي صاحب جو ٽيون نمبر فرزند هو. سنڌي، فارسي ۽ عربي جو چڱو ڄاڻو هو. سٺو حڪيم ۽ عوام جي مفت خدمت ڪندڙ هو. نقشبندي طريقو رکندو هو. متعدد تصنيفن جو صاحب هو، ليڪن زماني جي گردش سبب سندس انهن شهپارن جو اڄ ڪوبہ پتو ڪونہ ٿو پوي. تذڪره خاندان قريش جو نقل ڪندڙ بہ قاضي صاحب هو. سندس علمي ادبي خزانو سندس پوين وٽ آهي.

قاضي ميان مير محمد جو ڪوبہ مفصل احوال ميسر ٿي نہ سگهيو آهي. پاڻ ڪوبہ نرينو اولاد ڪونہ ڇڏيائين.

ٻهلاڻي جي ڏکڻ ۾ رؤپل رستي لڳ قديم قبرستان آهي جنهن ۾ ڪيترائي دين جا بزرگ عالم، فاضل، شاعر، اديب مدفون آهن. زماني گذرندي سارو مقام تباه و تاراج ٿي ويو آهي. ڪيترا مقبرا ڊهي ويا آهن، ڪيترين مزارون منهدم ٿي ويون آهن، ڪيترين ئي خانقاهون ۽ جايون ڊهي مٽيءَ جا ڍير ٿي زماني جي ناالتفاتيءَ ۽ خاموشيءَ سان ماتم ڪري رهيون آهن. اسان کي سواءِ ڪن چند بزرگن جي ٻين جو احوال ملي نہ سگهيو آهي تہ آيا اهي بزرگ ڪير هوا ۽ سندن ڪارناما ڪهڙا هئا؟ جن جو احوال حاصل ٿي سگهيو آهي انهن جو احوال پيش ڪجي ٿو.

پير ابراهيم:- هيءُ ميان محمد درس جو فرزند آهي. سندس مٿان هڪ عاليشان قبو ٺهيل آهي جو مير محراب خان ٺهرايو هو. هي بزرگ پنهنجي دؤر جو وڏو ڪامل درويش ولي الله ٿي گذريو آهي. سندس ڪيترين ئي ڪرامتون حياتي خواه ممتاتيءَ ۾ پڌريون آهن. هي درويش اصل ڪيرڙه قوم مان هو.

ميان محمد درس:- هن بزرگ جو قبو سندس فرزند ميان محمد ابراهيم جي قبي جي پنيان آهي. قبو نهايت ئي خستہ حال ۾ آهي. قبي اندر اينترو تہ جلال آهي جو ڪوبہ ماڻهو اندر نہ ويندو آهي. پاڻ پنهنجي دؤر جو ڪامل ولي ۽ حال ۽ قال جو صاحب ٿي گذريو آهي.

پير فتح الدين قريشي:- پير ابراهيم ۽ ميان محمد درس جو مرشد ٿي. سندس آبائي وطن ملتان شريف هو. هر سال پنهنجي مريدن ۾ ايندو هو. وفات پڻ هتي مسافريءَ ۾ ڪيائين جنهن ڪري ڪيس هتي ٻهلاڻيءَ جي مقام ۾ دفنايو ويو. سندس مٿان قبو وغيره ٺهيل نہ آهي صرف ڪچين سرن جي ديوار ڏنل آهي. پاڻ شيخ بهاءُالدين ذڪريا ملتانيءَ جي اولاد مان آهي. ساڳي خاندان جي هئي

(ڏسو صفحو ۱۶۰)

(۱) ابن همام، [illegible]شجره جو مصنف ۽ تصحيح ڪندڙ فضل بن محمد قائماڻي معجت دپرو جتوئي (ڏسو وڌيڪ تفصيل لاءِ سهرت

(۲) شجره خاندان قريش، قلمي نسخہ صفحہ اول- دوم.

از:- شهباز علي يونسائي

روهڙي ڊويزن جا قديم آثار

تاريخي انقلابن ۽ جاگرافيءَ جي ڦيرين گهيرين سبب ڪڏهن وسندا واهڻ ويران ٿيو وڃن ته ڪڏهن ويرانا آباد. آسمان جي چڪيءَ، هنهنجي ڦيريءَ ۾ ڪيترن ئي کي اٽو بنائي ڇڏيو ۽ وقت جي واءَ وري ڪين اٿئي ايترو اڏايو جو سندن وجود به مشڪل سان ملي سگهي ٿو. هن سر زمين تي ڪير آيو ۽ ڪيڏانهن ويو، تنهن جا رڳو اڻ ڳڻيا نشان اسان کي ڦٽل دڙن ۽ پڙن جي روشنيءَ ۾ نظر اچن ٿا، ورنه اڄ وجود ۽ عدم جي فيصلي جي طاقت نه اسان کي آهي ۽ نه ٻين کي رهندي.

اڙڙو، ماٿيلو، ڊب ڏيتري ۽ وڃڙ وٽ جا ڦٽل شهر هنهنجي سيني ۾ ڪهڙا راز سانڍيو خاموش نگاهون ڪٽي اسان ڏانهن پيا نهارين تن جي خبر صرف انهن کي هوندي، جي سندن سيني کي چيرڻ جي ڪوشش ڪندا. اسان وٽ ته محض پڌل ڳالهين جي زنجير آهي، جنهن جون ڪڙيون ڪڏهن ته انساني جي گمان سان ٺتي ٿيون ۽ ڪڏهن حقيقت جي يقين سان وڌيڪ مضبوط ٿي وڃن ٿيون. مان هتي فقط هنهنجي ڪيل تحقيق ۽ ڪن ٻين مصنفن جا حوالا

ڏيئي، ناظرين ڪرام جي آڏو انهن آثارن بابت ٿوري جهڙي واقفيت پيش ڪندس.

اروڙ: سڀيئي تاريخون انهيءَ ڳالهه تي اتفاق ظاهر ڪن ٿيون ته راءِ سهاسي ٻئي جي وقت ۾ جڏهن ڏڪار پيو، تڏهن غريب عوام ڍل نه ڏيئي سگهيو ۽ راءِ سهاسي ساڻن رعايت ڪري، ڍل جي عوض اروڙ ۽ ٻين هنجن قلعن ۾ مٽي وجهڻ لاءِ چيو. هيءَ ڳالهه ڏيکاري ٿي ته اروڙ جي قلعي کي پندرهن سؤ سال اڳ مٽي وجهي مٽي ڪيو ويو. انهيءَ صورت ۾ ائين چئبو ته ان وقت اهو قلعو ايترو جهونو هو جو سندس ترواري مٽي ڪان ٻاهرين مٽي ڪافي مٿي اچي چڪي هئي. مٽيءَ جي ته جو مٿي اچڻ ڪافي سؤ سالن بعد ٿئي ٿو. انهيءَ ڪري چئي سگهبو ته اروڙ گهٽ ۾ گهٽ اڍائي هزار سال اڳ جو جهونو آهي.

اروڙ بابت هڪ مغالطو:

ابن حوقل، اروڙ واري قلعي کي عربي خط ۾ "الرور" ڪري لکيو آهي. آئينهءِ قديم سنڌ جو مصنف لکي ٿو ته "الرور" لفظ جو جيڪڏهن فقط "ل" جو اکر ساڪن ڪجي ٿو ته پوءِ اهو نالو "اروڙ" ٿئي ٿو، مگر جيڪڏهن انجا "الف" ۽ "لام" وارا ٻئي اکر ساڪن ڪجن ٿا ته پوءِ اهو نالو "رور" ڪري پڙهجي ٿو. مگر هن وقت جي ڪن صاحبن، ابن حوقل جي لکيل نالي "الرور" کي "الور" ڪري سمجهيو آهي ۽ ان کي تمام گهڻي شهرت ڏني آهي، جنهنڪري ڪتابي دنيا ۾ هي اروڙ وارو قلعو قديم سنڌ جو پايه تخت، "الور ڪوٽ" مشهور ڪرايل آهي. چچنامي جي تاريخ ۽ جاگرافي

ته هن قلعي کي الور جي نالي سان ٺتي سڏي، پر اروڙئي پڌائي ٿي ۽ پڌائي ٿي ته هن قلعي کي محمد بن قاسم سواءِ لڙائي جي فتح ڪيو آهي ۽ قلعي جو حاڪم خود بخود اچي پيش پيو هو.

وري اڳتي هلي لکي ٿو ته: اروڙ جو دڙو هن وقت اپرندي ناري جي ڪپ تي روهڙي شهر کان ستن ميلن جي مفاصلي تي ڏسجي ٿو، جتي اروڙ نالي سان ڳوٺ آهي. دڙي ۾ هڪ قلعو ۽ ڪن قديم عمارتن جا نشان ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته اتي هڪ ننڍي مقدار جو قلعو هو، جو اڄ تائين اروڙ جو قلعو سڏجي ٿو. قديم وقت ۾ اپرندي ناري کي هاڪڙا درياءَ جي نالي سان سڏيو ويو ٿي، جنهن ڪري هي هاڪڙا درياءَ جي ڪپ وارو قلعو هو. هاڪڙا، واهند، دالن ۽ ڪول نالي وارين شاخن جي وچ ۾ جيڪو پيٽ پيدا ٿيل هو، تنهن پيٽ جو حاڪم اروڙ واري قلعي ۾ رهندو هو.

آئينهءِ قديم سنڌ جيمصنف جو خيال شايد ابن حوقل جي هاڪڙي درياءَ واري نقشي ڏي آندو آهي (هي نقشو مسٽر ايليٽ کي اٿوڌ جي نواب واري ڪتب خاني مان مليو هو، جنهن کي ريوٽي صاحب هنهنجي ڪتاب "دي مهراڻ آف سنڌ" ۾ داخل ڪيو آهي.)

هو وڌيڪ لکي ٿو ته ڪن تاريخ ۽ جاگرافي نويسن جي خيالات ۾ وڏو انقلاب اچي ويو آهي، جي هن راءِ جا آهن ته ابن حوقل جي ڏيکاريل درياءَ واري نقشي ۾ جنهن جاءِ تي "الرور" جو شهر ڏيکاريو ويو آهي، سو موجوده نقشي موجب "ارور" واري ڪنڌر

جي جاءِ آهي. انهيءَ ارور کي ابن حوقل "الرور" جي نالي سان لکيو آهي جو "الرور" جو نالو "الور" جي نالي سان مشابهت رکي ٿو. انهيءَ ڪري چچ نامي ۾ آيل راءِ گهراڻي واريءَ سنڌ جو پايه تخت الور وارو شهر موجوده ارور وارو ڪنڊر آهي، جو اڳ الور سڏبو هو ۽ هاڻي منجهي ارور سڏجي ٿو. آئينهءِ قديم سنڌ جي مصنف هنهنجي دليل جي صداقت خاطر هڪ ٻه خيالي نقشا به پيش ڪيا آهن، جن ۾ چتور جي اوير ۾ الور کي ڏيکاريو ويو آهي.

چچنامي ۾ ائين ڪٿي به ڪونه لکيل آهي ته محمد بن قاسم ٻه درياءَ پار ڪيا هئا ۽ انهن مان ڪهڙين درياءَ تي ڪي هن ٻيڙين جي پل پڌائي هئي. خبر ناهي ته آئينهءِ قديم سنڌ جي مصنف اهڙي ڳالهه چچنامي جي ڪهڙي صفحي تان پڙهي آهي، جنهن موجب محمد بن قاسم هاڪڙا درياءَ تي ٻيڙين جي پل پڌائي هجي. هو هنهنجي خيال موجب لکي ٿو ته هاڪڙا، واهندا، دالن ۽ ڪول نالي وارين شاخن جي وچ ۾ جيڪو پيٽ پيدا ٿيل هو، تنهن جو حاڪم اروڙ واري قلعي ۾ رهندو هو ۽ انهي خيالي ايراضي ۾ موجوده روهڙي ڊويزن، رياست خيرپور، رياست جيسلمير جو ڪجهه حصو، حيدر آباد ۽ ٿرپارڪر ضلع جا ڪي ڀاڱا اچي وڃن ٿا. ايڏي وڏي ايراضيءَ جو حاڪم جيڪڏهن موجوده اروڙ واري قلعي ۾ رهي ٿي سگهيو ته پوءِ ان لاءِ ائين چوڻ ته هڪ ننڍڙي مقدار جو قلعو هو— يا ان قلعي جي رهندڙ لاءِ ائين خيال ڪرڻ تي پوري سنڌ تي حڪمراني هلائڻ جي لائق نه هوندو.

ڀهلا ٽي

(آندل صفحي ۱۵۹ تان)

شاخ سنڌ ۾ بکيرنو ۾ پهچ آهي. سندن اولاد جو پويون بزرگ ميان قائم الدين قلندر قريشي باڪمال بزرگ ۽ ولي الله ٿي گذريو آهي، جنهن جو احوال مير "قانع" ٺٽوي تحفته الڪرام ۾ پهچ ڪيو آهي. (ص-۴۰۲) هن ئي خاندان مان محمد اشرف شاعر ٿي گذريو آهي جنهن جي مدح رسول الله جي شان ۾ چيل آهي.

هيءَ ڳالهه بالڪل وسارڻ کپي ته اڳوڻي زماني ۾ راجائن وٽ مقرر لشڪر ڪين هوندو هو، پر ضرورت وقت جاگيردار ۽ نواب مهيا ڪري ڏيندا هئا. ان کان سواءِ ڏاهر، جوڻن مقامن تي رهندو هو تنهن جو خاص محافظ لشڪر به ته ٽن هنڌن تي تقسيم ٿيل هوندو.

باقي هاڪڙي لاءِ تاريخ طاهريءَ ڏيکاريو آهي ته الور پنجاب واري درياءَ جي ايرندي طرف هو، جنهن مان ثبوت ملي ٿو ته الور جو شهر موجوده الور وارو شهر هو، جو سنڌ جو پايہ تخت هو. چچنامي ۾ ڏيکاريل آهي ته مهراڻ درياءَ جي پٺي پاسي الور ۽ چتور هو يعني واهند درياءَ جي ايرندي پاسي الور ۽ چتور وارن ملڪن جي سرحد هئي (صفحه ۲۳۰ آئينہ قديم سنڌ)

وڄڙوٽ:

موجوده سنڌ جي حدن اندر موئن جو دڙو (مهن جو دڙو) ۽ ونجروٽ يا وجنات جو کنڊر ۽ پنجاب ۾ هڙاپا ۽ ٻيا کنڊر بني اسرائيل جو هن ملڪ ۾ اچڻ ۽ انهن جي حڪومت ڪرڻ جو ثبوت ڏين ٿا. ممڪن آهي ته اهڙا ٻيا کنڊر به هجن جن جو هن وقت وجود نٿو ملي. (آئينہ قديم سنڌ. صفحه ۱۵۹)

خير مان هرو ڀرو آئينہ قديم سنڌ جي مصنف سان متفق راءِ نه آهيان، تڏهن به ايترو ته ضرور آهي ته وڄڙوٽ کي تاريخي حيثيت ضرور حاصل آهي.

هينري ڪزنس پنهنجي رپورٽ ۾ لکي ٿو ته: آرڪيالاجيڪل کاتي وارن کي جنهن وقت هن سپيتا جو پتو پيو، تنهن وقت سڄي سنڌ ۾ وڙول وڌائون. سگهوئي معلوم ٿين ته مهن جي دڙي کان سواءِ سنڌ ۾ ٻيا به ڪيترا هنڌ آهن، جتي اها ساڳي سپيتا هئي. مثلا لنگر لئي کان ڇهه ڪوهه ٻري

ڳوٺ ڳجي طرف، ترڙي ۾ ڪوٽڙي ضلعي ۾، باڊه طرف موهن جي دڙي ۾، لاڙڪاڻي شهر جي نزديڪ جهوڪڙ جي دڙي ۾، ۽ روهڙي جي ٻريان ريتي اسٽيشن کان اڍائي ڪوهه ٻري ونجهوٽ جي شهر ۾، سنه ۹٦۲ع ۾ هڪ خوفناڪ زلزلو ٿيو هو، جنهن ۾ سکر ۽ بکر وارا ٽڪر به ٽڪر ٽڪر ٿي ويا هئا. ان وقت الور وٽان درياءَ رخ ڦيريو ته پاڻيءَ جي تڪليف ٿيڻ سبب ماڻهو لڏي روهڙي ويا. ونجهوٽ به درياءَ جي رخ ڦيرائڻ سبب ڦٽي ويو نه ته اهو به هڪ عاليشان شهر هو. (قديم سنڌ صفحه ۷۱).

ٻ ٻ ڏيٺري:

هڪ سچ به پاڇا جي مثال وانگر ٻ ٻ ڏيٺري، جيڪا هن وقت واريءَ جي هڪ ڍير جي حالت ۾ ٽپي صوبي لنڊ تعلقي ميرپور ماٿيلي ۾ هن دنيا جي ڦيرين گهيرين کي سوچي ۽ واچي رهي آهي، تنهن بابت ۾ سردار خدابخش خان پتافي کان معلوم ٿيو ته سندن والد بزرگوار ٻڌائيند و هو ته: اتي ڪنهن زماني ۾ جڏهن ڳڙهيلو درياءَ وهندو هو، تڏهن راهو شهر اوڄ تي هوندو هو، جيسلمير ۽ ماٿيلي، تعلقي گهوٽڪي جي وچ ۾ واپاري شهر واپار جو مرڪز هو. ماٿيلي کان ويندڙ قافلن ۽ جيسلمير کان ايندڙ قافلن جو مرڪز هو ۽ انهيءَ بندر تان ڪشمير تائين ٻيڙين رستي هلندڙ واپار هو. انهيءَ دڙي کان ميل کن اتر اوڀر طرف گهمور جوئي جي ڳوٺ وٽ تازو سال ۱۹۵٦ع ۾ کوهه کٽيندي ٻيڙيءَ جي سڪان جو حصو لڌو ويو، جنهن مان معلوم ٿو ٿئي ته واقعي اتان درياءَ وهندڙ هو. ٻيڙيءَ جو سڪان اهين ڏيکاري ٿو ته اهو شهر واقعي واپار جو مرڪز هو. انهيءَ زماني ۾ ان شهر جو نالو ڇا هو، تنهن بابت ڪجهه به معلوم ڪونه ٿو ٿئي. جڏهن

مومل کي سڪا سبب تلخ سبق حاصل ٿيو ۽ ڪيس پنهنجي وطن کي الوداع چوڻو پيو تڏهن ٻهريائين سندس جهوڪ انهيءَ شهر کي سينگاريو. سندس زماني جا آثار هن وقت به موجود آهن.

هڪ ننڍي کوهي جنهن جو قطر ساڍا ٽي فوٽ آهي انهيءَ جون سرون عجيب نموني ڪاريگر ٺاهيون آهن جي شايدان زماني ۾ مروج هيون جو هڪ سر ٽي فوٽ ڊگهي ڇهه انچ ويڪري ۽ ڇهه انچ عمق سان قوس نموني آهي. هر هڪ وار ۾ اڍائي سرون اچن ٿيون. هن وقت اها کوهي لٽجي چڪي آهي. انهيءَ کوهيءَ جي اتر اولهه طرف پڻ اڍائي سؤن فوٽن تي وري هڪ وڏو کوهه هو، جيڪو مومل جي نالي سان سڏبو هو. اهو به هن وقت واريءَ جي گود ۾ مدفون آهي. هن شهر تي ٻ ٻ ڏيٺري جي نالي پوڻ جو سبب هي معلوم ٿو ٿئي ته جنهن زماني ۾ اتان ڳڙهيلو وهندو هو ۽ هي هڪ مرڪزي بندر هو، ته انهيءَ هنڌ هڪ نيڪ شريف عورت جيڪا ڏاس جي مهاڻي هئي، سار هندي هئي، جنهن جو نالو مائي ڏيٺي هو. مائي صاحبہ سڪا جي صاحب هئي ۽ شاهوڪار هئي؛ سندس واپار جيسلمير سان خشڪيءَ رستي ۽ ڪشمير سان درياءَ رستي هلندڙ هو تنهنڪري سندس ئي نالي سان انهيءَ واپار جي مرڪزي شهر کي منسوب ڪيو ويو. وڌيڪ هي به معلوم ٿيو آهي ته انهي مائي صاحبہ جا عزيز ڪشمير طرف رهندا هئا.

سال ۱۹۳۱ع ۾ پرائمري اسڪول گلو پتافي (تعلقي ميرپور ماٿيلي) جو هيڊ ماستر مسٽر راڄومل، شاگردن سميت انهيءَ دڙي تي ڪوجها لاءِ ويو. جتان ٺامي ڀا سڪا به لڌائين ۽ هڪ لڏيڙو دڙو لڌائين، جنهن کي کوٽڻ سان ڪين عجيب نموني جون گوتم ٻڌ جي زماني جون سرون هٿ آيون. اهي سرون ڪچيون هيون جيڪي بيضوي شڪل جون هيون ۽ هر هڪ سر جي هڪ پاسي اڌ انچ کن اندر ٺپو لڳل هو جنهن تي ميناڻ جي عڪاسي گوتم ٻڌ جي مندرن وانگر هئي ۽ انهيءَ جي هيٺان ڪجهه لکيل به هو. اهو سرن جو ڍڳ ۱۵ فوٽ هم چورس ۾ هو. بي انداز سرون پيل هيون. شاگردن وڌيڪ کوٽائي ڪئي ته انهن سرن جي هيٺان آسماني رنگ جي مٽي لڪتي جيڪا استادن ۽ شاگردن ''رڪ'' يا ''کيري'' معلوم ڪئي. انهيءَ کيريءَ يا رڪ مان پڻ ٽي انساني هڏا لڌا ويا، جيڪي انساني ڪرنگهي ۽ کوپري جا معلوم پئي ٿيا. اتي سرزمين تي ڪين هڪ ڏنار گڏيو جنهن کين ٻڌايو ته ٻه ٽي سال ٿيندا جو مان هڪ اهڙو ڍيرڏ ٺو هو جنهن ۾ اهڙا شفاف سنهان پٿر پيل هئا جنهن ۾ انسان پنهنجي تصوير ڏسي سگهي ٿو. شاگردن انهيءَ ريپدار سان گڏ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي ته اهو ڍير هٿ ڪريون، مگر واريءَ جي تبديلي ڪري هٿ ڪونه اچي سگهيو. لڌل سامان ڪٺي اسڪول جو ميوزم بنايو ويو، مگر پوءِ اسڪول جو هڪ انسپيڪٽر صاحب کڻائي ويو.

از:- رائيچند - هريجن، ڇيلهار

ڏٿ ۽ ڏوٿي

ٿر ۾ شهر ۽ وڏا ڳوٺ ٿورا آهن، جتي جا ماڻهو پنهنجي وارا آهن، پر تمام گهڻو عوام ڀهراڙين ۾ رهي ٿو، جتي پاڳيا آهن، پر آڱرين تي ڳڻڻ جيترا- باقي سڀيئي غريب مارو لوڪ آهن - جي پاڳيا آهن ته انهن جو به گذر غريبن جهڙو. ٿر جي آبادي ٽڪي برسات تي، سا به ڪڏهين پوي ته ڪڏهين ڪونه پوي. آبادي فقط ٻاجهري ٿئي. شاهوڪار ماڻهو ڪڻڪ، چانور به کائين. ڀهراڙين ۾ اهي اَن عام ڪونه آهن. فقط ڪي پاڳيا شهرن مان يا سنڌ مان چانور ۽ ڪڻڪ آڻي رکندا آهن، جيئن ڪنهن وڏي ڏينهن يا مزمان آئي ڪم اچي؛ باقي جو گذر ٻاجهري تي. جيڪڏهين ڪنهن سال مينهن گهٽ پيو يا اصل نه پيو ته غريب عوام تڪليف ۾ اچيو وڃي. هونءَ به هر ٽئين يا چوٿين سال ڏڪار لڳو پيو آهي. ماڻهو به ان ڪي منهن ڏين، انهنڪري ڪيترا ويچارا ڏٿ تي گذران ڪندا آهن، جو ڪافي اُپيل ڏيندو آهي. ڪيترا غريب ته ڏينهن جا ڏينهن ڏٿ تي گذارو ڪندا آهن. چوندا آهن ته ڏٿ آهي ”اڌ هي جو اُمهير.“ جنهنڪري اَن جو اوجو اچيو وڃي. ٿوري اَن سان ڏٿ ملائي وقت ڪائيندا آهن اهڙي طرح سال پورو ٿيو وڃي.

وسڪاري جو از خود ڪي اهڙا جهنگلي گاه اپرندا آهن، جن جو ٻج ڪيري اُهو ڪتب آڻبو آهي جنهن کي جهنگلي اَن يعني ”ڏٿ“ چئبو آهي. سال جي جدا جدا مندن ۾ جدا جدا قسمن جا جهنگلي ميوا ۽ ٻاڄيون ٿينديون آهن، جي به ڏٿ ڪري ليکبيون آهن. ڏٿ تي گذران ڪندڙن کي ”ڏوٿي“ چئبو آهي. ڏٿ، جهنگ جي قدرتي پيدائش آهي، جنهن تي پائي پئسو خرچ ڪونهي!، مگر هٿ ڪرڻ لاءِ سخت محنت ڪرڻي پوندي آهي. وسڪاري جو هيٺيون ڏٿ ٿيندو آهي:-

پرٽ:-

هي هڪ قسم جو بلڪل ڪمائتو گاه آهي جو برسات پوڻ سان از خود اُپري ايندو آهي. ڍورن ۾ جتي زمين سخت هوندي آهي اتي البت گهٽ، باقي ڊاٻن ۽ ڪنبري زمين ۾ جام ٿيندو آهي ۽ بلڪل گهاٽو اپرندو آهي. پري کان چڻ ڪڻڪ جو فصل پيو ڏسجي. قد ۾ ڏيڍ فوٽ کن ٿيندو آهي. مٿان ٽي چار انچ کن سنگ ڪيندو آهي جنهن ۾ سنها ڪڻا ٿيندا آهن. جهنگ ۾ وڃبو ته پرٽ ڪپڙن کي چنبڙي پوندا آهن. پچڻ بعد ٽري مرد ۽ خاص ڪري زالون ڪارا ڪٽي، هڪ هٿ ۾ ڪارو جهلي ٻئي هٿ ۾ ٻير يا موراڙي جي ٽاري (جنهن کي ”جانڪري“چون) سان پرٽ روڙي، ڪارو پري هڪ هنڌ ڪنو ڪندا آهن. گهڻو گڏ ڪري، سڪائي، ڏکن سان ڪٽي وائوري اَن صفا ڪندا. هن جو داڻو پوري رنگ جو، ڳيدار ۽ سٺو ٿيندو آهي. سندس اٽو ڳوهڻ ۾ ايوڳو، جنهن ڪري ماني چوري ٿئي. رنگ جي پوري، پر کائڻ ۾ تمام لذيذ ٿيندي آهي. ٻاجهري جي اٽي سان گڏي به ماني پچائبي آهي. شهرن ۾ شاهوڪار هندو زالون ڏڻن تي ايڪاڻا (ورت) رکنديون آهن جي پرٽ جي ماني ۽ کوڙ سان ورت ڇوڙينديون آهن. اهي غريب زالن کان پئسن تي يا ڏيئي بلڪ ٻيڻو اَن چانور يا ڪڻڪ يا ٻاجهري ڏيئي پرٽ وٺنديون آهن.

پرٽ کي ٻيهي اٽو گيهه ۾ پچي اکري ۾ وجهي ان ۾ ڏونگهين جا ٽڪر ۽ ڳڙ يا کنڊ ملائي سنهو ڪٽي گيهه وجهي لڏون ٺاهبا آهن، جنهن کي ”کوڙ“ چئبو آهي. اها کائڻ ۾ لذيذ ٿيندي آهي.

پرٽ پچڻ بعد از خود ڇڻي زمين تي ڪڻا ڪڻا ٿيو پکڙيو وڃي. جهنگ مان ڪتان به لنگهبو يا ڪتي به وهبو ته ڪپڙن ۾ ضرور چنبڙي پوندو آهي. هن ۾ سنها ڪڻا ٿيندا آهن، جن کي ”سريون“ چئبو آهي. بدن ۾ اهي ڪڻا چڀي ويندا آهن جن کي آڱوٺي ۽ ڏسٽي آڱر جي ننهي، ننهن کي ملائي چڪي ڪيبا آهن يا هڪ لوهي اوزار سان ڪڍبا آهن، جنهن کي ”سريا ڪيڏو“ يا ”چيپو“ چوندا آهن. اهي لوهار ٺاهيندا آهن. عام طرح ٽڪي آني وڪڻدا آهن. ٿر جي سڀڪنهن هاري ۽ مالدار ماڻهو وٽ ”سريا ڪيڏو“ ضرور هوندو آهي، جو گهڻو ڪري ٽڪي جي پلاند ۾ ٻڌي ڇڏيندا آهن.

”ميها، چيڙ، ٿڪيون، جت
ٿين سڀيئي ٿوڪ“

ميها:-

هي پنيس ۾ پوکبا آهن ۽ جهنگ ۾ به اُپرندا آهن. هڪڙا ننڍا ڪارسري رنگ جا، ٻيا وڏا ۽ پوري رنگ جا ٿيندا آهن. ڪچن ميهن جي ڀاڄي لذيذ ٿيندي آهي. ٿري ماڻهو ميهن جا ڳتڙا ڪري سڪائي رکندا آهن جي سياري اونهاري ڀاڄي لاءِ ڪم اچن. ميهن جون ڪڙيون (ٻج) ڪيري، ڏوئي، سڪائي، ڪٽي، ٻاجهري جي اٽي سان ملائي ماني پچائي ڪائيندا آهن.

چيڙ:-

هي پنين ۾ توڙي جهنگ ۾ از خود اپرندا آهن. ڏياري بعد جام مٺا ٿي پوندا آهن. ”ڏياري جو ڏيو ڏٺو، ننڍيو وڏو چيڙ مٺو“. ڀاڄي لاءِ ڪم اچن. پر اڌ ڪري سڪائي رکن جي سياري، اونهاري ڀاڄي لاءِ ڪم اچن. چيڙن جي مٿين کل ڇلي، پر ۾ لوڻ، مرچ، ٿوم، جيرو ۽ لسي لب وجهي چٽڻي کبي آهي. ٿورو گيهه وجهبو ته وڌيڪ لذيذ ٿيندي آهي. ڇليل چيڙ ڏاڳي ۾ مالها وانگر پوئي چانوءَ ۾ سڪائي رکبا آهن جي سياري اونهاري چٽڻي لاءِ ڪم اچن. چيڙ اُبا چيري به اڌ ڪري سنهو لوڻ پر ڪائي سڪائي رکبا آهن، جن کي ”ڪچريون“ چئبو آهي. اهي گيهه ۾ تري چانورن سان کائبيون آهن. ڪچريُن جون ڳوڻيون ڀرجي ٻاهر وڪري لاءِ وينديون آهن.

ڪنڀيون:-

برسات پوڻ بعد ٽئين چوٿين ڏينهن ڪنڀيون از خود اپريو پون. برسات بعد جي گرمي ٿي ته جام نڪرنديون. اپرڻ بعد ٻن ٽن ڏينهن تائين ۽ پچڻ بعد ٻارنهن ڪلاڪن تائين ڀاڄي جي ڪم اينديون آهن، پوءِ ڪاريون ٿي وينديون آهن. انهن جي ڀاڄي ڏاڍي لذيذ ٿيندي آهي. ٻيا ڪنيا ٿيندا آهن جن جي ڀاڄي کبي آهي. پچڻ بعد انهن ۾ ناسي رنگ جو اٽو ٿيندو آهي. ٿري ماڻهو اهو اٽو ڪنو ڪري رکندا آهن. ماڻهو يا وهٽ جو هڏو ڀڄي پوي يا ڏڪ لڳي ته اهو اٽو مکڻ ۾ ملائي ڪارائبو ته فائدو ٿي پوندو آهي.

”ٿا جا ٿر ۾ جهل، پون ٻاهر وٽ ۾“

پپون:-

برسات پوڻ بعد هفته کن ۾ جام ٿين، اهي مرڻن، موراڙين، ڦوڳن، جهنگلي ٻيرين ۽ ڪنڊين ۾ ٿين، اهي سائي رنگ جي ڦرين وانگر ٿينديون آهن. رواجي طرح فوٽ کن مگر ڪنڊين ۾ ڏيڍ ۾ فوٽ به ٿين. پچڻ بعد چوٽي تي گل ڪين، جن ۾ ٻج ٿيندو آهي. سياري اونهاري سڪيو وڃن جن کي "سيٽ" چون. برسات پوڻ بعد اهي سيٽ ساوا ٿيو پون. ٿر جو ننڍو وڏو شوق سان کائيندو آهي. صبح جو پارهين ٻجي تائين ڪٺيون هونديون آهن جنهن ڪري ڪي ماڻهو سنهو ڪٽيل لوڻ لائي کائيندا آهن. ڀاڄي لذيذ ٿيندي آهي. مريڙي يا ڪنيين جي ڀاڄي ۾ توريون پپون وجهيون ته ڀاڄي وڌيڪ لذيذ ٿيندي يعني اهي ڏاڙهون ۽ انب چور جو ڪم ڏينديون آهن. ٿري ٻار جهٽ ۾ جهنگل ڪان جهولا ڀري ايندا آهن. وسڪاري جو ٿر ۾ بلائون ٿينديون آهن تنهن ڪري پين چونديل لاءِ انهن جو خيال ڪرڻو پوندو آهي، ڇو ته اڪثر وڻن ۽ مرڻن ۾ بلائون هونديون آهن تنهن ڪري مرڻن ۽ ٻين وڻن کي چڱي طرح جاچي يا ڪاٺي سان لُڏائي پوءِ پپون چونڊيون آهن.

مريڙو:-

هن جا ٻن گلاب جي گل جهڙا ٻنا ڏندن جي ٿيندا آهن. قد ۾ فوٽ کن ٿيندو آهي. ڏانڊي اچي ۽ ٻاڙ ٻاڙهي رنگ جي ٿيندي آهي. ڪچي مريڙي جي ڀاڄي ونڊڙ ٿيندي آهي، هن کي سڪائي رکبو آهي جو پوءِ ڀاڄي جي ڪم ايندو آهي.

"وليون وڻ ٿلاريا، للرنگيولس"

للر:-

هن جا ٻن مريڙي کان وڏا ۽ ويڪرا ٿيندا آهن. قد ۾ فوٽ کن ٿيندا آهن. ڏانڊي ۽ گل ٻاڙ ڪا ٿيندا آهن. ڀاڄي لاءِ ڪم ايندي آهي. برسات پوڻ بعد جنتي ڪٺي، ازخود اپري

هوندو آهي.

ڳرو:-

هي ٻوٽو فوٽ ڏيڍ کن ڊگهو ۽ مٿان ڦڙيل هوندو آهي. هن ۾ پنج ڦاڪون ٿينديون آهن. ڀاڄي جي ڪم اچي. غريب ماڻهو هاٺي ۾ اوٻاري، نپوڙي، لوڻ مرچ وجهي ڏوڪاري کائيندا آهن. پچڻ بعد ڦريون ٿين، جن ۾ ڪاري رنگ جا داڻا ٿيندا آهن.

مون ڏاڏا ٿي ڏيهه، ڦرهه ۽ لاٽي

مرٽ:-

هن کي ڦرهه به چون. هي قيمتي گاهه آهي. هن جا ٿب ٿب ٿيندا آهن جي سياري اونهاري سڪا پيا هوندا آهن. برسات پوڻ سان ساوا ٿيو پون ۽ وچ مان پيا گوليچ نڪرندا جي گهاٽا ٿيلين وانگر وڌندا ويندا. هي چار فوٽ کن ڊگهو ٿيندو آهي. ڌرن ۾ ڪونه اپري، باقي پٽن ۽ دڙن تي جام ٿيندو آهي. هر هڪ ٿيلي جي چوٽي ۾ سنگهه نڪرندو آهي. چوڙي ڦڪري پيهندو آهي. هن ۾ ڪنڊا ڪونه ٿين تنهن ڪري ڙالون هٿن سان هن جا سنگ روڙي ڪارا پري گڏ ڪري سڪائي ڪٽي، وائوري، ان ڪيڏينديون آهن. هن جو داڻو ڪجهه ڪارسر ۽ ٿيندو آهي تنهن ڪري سندس ماني ڪاري رنگ جي ٿيندي آهي. هي ان پرت کان گهٽ آهي تنهن ڪري پٽي ان سان ملائي، گڏي کائبو آهي.

لاٽي:-

سخت زمين ۾ مني لاٽي اپرندي آهي. هن کي "ماما موري" چوندا آهن. ٻار ڪچي لاٽي ٻٽي خوشي سان کائيندا آهن. چاڪاڻ جو ڪائڻ ۾ ٻهري ٿيندي آهي. هن جي ڀاڄي لذيذ چهراڻ واري ٿيندي آهي.

گولون، گولاڙن تان، چو ٻند پديس چڙهيو

گول:-

گسولاڙو ول جو قسم

آهي جا برسات پوڻ وقت جهنگ ۾ وڻن جي پرسان ازخود اپريو پوي ۽ وڌي وڻ پريو چڙهي. هن جي ميوي کي گول چئبو آهي جا هيئنان ٻهندي آهي. پهريائين سائي ۽ پچڻ بعد ٻاڙهي ٿيندي آهي. خاص ڪري ٻار خوشي سان کائيندا آهن.

عمر انهي ڏيهه جا ڪونڊير قوت ڪريندي

ڪونڊير:-

هي ڀتائي وانگر زمين اندر ٿيندو آهي. مٿان ول ٿيندي اٿس جنهن جي ڏانڊي ۾ چار جهڙا ٻن ٿيندا آهن ۽ جنهن جي اوت تي زمين مان ڪوئي ڪيو آهي. هي مرڻن، ڪنڊين، موراڙين يا ٻين وڻن ۾ اپرندو آهي ۽ ول وڻ تي چڙهندي ويندي آهي. هن جي مٿان نرم پوري رنگ جي کل ٿيندي آهي ۽ اندر اڇي رنگ جو ڳپ ٿيندو آهي. ٿورو ڪچڙي تي گهبو ته کل لهي ويندي ۽ ڳپ ظاهر ٿي پوندو. ٿري ماڻهو، خاص ڪري ٻار خوشي سان کائيندا آهن. هن جي ڀاڄي ڪونه ڪبي آهي.

ڦڙسبر:-

هي ڪونڊير وانگر زمين اندر ٿيندو آهي. مرڻن ۽ جارين ۾ اپرندو آهي. هن جا ٻن ڪونڊير کان وڏا ويڪرا ۽ ڳپ دار ٿيندا آهن. ماڻهو ڪچا کائيندا آهن. ڀاڄي ڪونه ڪبي آهي.

سوئيو:-

هي ٻه سائيٺي قسم جو آهي. هن جا ٻن سنها ۽ لوڪدار ٿيندا آهن. هي به مرڻن ۽ ڪنڊين ۾ ٿيندو آهي ۽ ڪچو کائبو آهي.

اٽيو وجهن اهرين، سندا ٿو هن ٽس

ٿوهر:-

هن جي ول وسڪاري جو ازخود جهنگ ۾ اپرندي آهي. هي اڪثر سڻيهين ۽ نرم زمين ۾ گهڻي ٿيندي آهي. سندس ٻن هدوانڻي جي ول جهڙا ۽ ڪجهه

نديا ٿيندا آهن. چوڏاري پکڙجي ويندي آهي. ٿوهر پهريائين سائيري رنگ جا چٽڪمرا ٿيندا آهن پوءِ پچڻ بعد رنگ پيلو ٿيندو ويندو اٿن. هن جو ذائقو ڪارو ۽ ڪڙين جو دلپسند ڪاڙ و آهي جنهن ڪري ڪير گهٽو ۽ ذائيندي يون آهن. هي ڪيترين ئي دوائن ۾ ڪم اچي. ڪن ڪشتن مارڻ لاءِ سنڌ جا حڪيم ڪڏهن ڪڏهن ٿرمان گهڻي انداز مان گهرائيندا آهن. هن جو جلاب عمدو آهي.

پڪل ٿوهه گڏ ڪري، ڪپي به اڌ ڪري، واري ۾ ڪڏ ڪوٽي پوري ڇڏبا آهن ڪجهه وقت بعد کل ڳري ويندي آهي ۽ اندريون ٻاٽي واري ڇهي ويندي آهي باقي ٻج پهندا آهن جي ڪيدي صفا ڪري ڪنهن ٺڪر جي ٿانءَ ۾ لوڻ گڏيل پاڻي ۾ پسائي ڇڏبا آهن. ٻن ٽن ڏينهن بعد اهو پاڻي ڪيدي وري پيو وجهبو آهي، اهڙي طرح ڇهه ست دفعا ڪبو آهي ته ٻج مٺا ٿي پوندا پوءِ سڪائي جڏهن ڇهي اٽو ڪري اٽواڻ ٻاجهري جي اٽي سان ملائي ماني پچائي کائيندا آهن.

ڪڇهه مانڊاڻو مڪڻي، ڏولين ٻاسي ڏت پنو هارڪي سڪڙين، وڃي ڪريان وٽ

ڪهه:-

هي گاهه جو قسم فوٽ کن ڊگهو ٿيندو آهي جو وهٽ خوشي سان کائيندا آهن.

مانڊاڻو:-

هي گاهه ڊيگهه ۾ ست اٺ انچ کن ٿيندو آهي. چوٽي وٽ ٽي چار يا پنج ڦاڪون ٿينديون اٿس جنهن ڪري کيس "جهمرڻو" به چئبو آهي. هن ۾ اڇي رنگ جو سنهڙو ان ٿيندو آهي جو ماڻهو ٻاجهري سان ملائي پيهي ماني پچائي کائيندا آهن.

مڪڻي:-

هي گاهه به مانڊاڻي

وانگر ۽ ڏيگهه ۾ الٻت وڌيڪ
چوٽي وٽ ڇهن ڦاڪن سان
ٿيندو آهي. هن جو ان
گاڙهسرو ڪاري رنگ جو
ٿيندو آهي. هن جي اَنيءَ ۾
چمڙهه ٿيندو آهي ۽ سواد ۾
ڪي قدر چانورن جهڙو ۽
طاقت وارو آهي.

هن منڊ مارو سعرا،
ڪاڻ ۾ خوشحال
سائون، سيارچ، مڪٽي،
جيڏيون اٽين جال

سائون:-

هي گاهه جو قسم سخت زمين تي ڏيگهه ۾ ٽي فوٽ ڪن ٿيندو آهي. سندس ٻن سنها ٿيندا آهن. سنگ اڪل اڌ فوٽ ڪن ٿيندو آهي جنهن ۾ اهڙي داڻي جيڏو ان ٻاهران پورو اندران اڇو ٿيندو آهي. ٿري ماڻهو هن جي ماني ۽ پت رڌي کائيندا آهن. هندو ماڻهو خاص ڪري وڏن ڏينهن تي سائون هٿ ڪري چاهه سان کائيندا آهن.

سيارچ:-

هي وسڪاري جو ٻوٽو تي اپرندو آهي. منجهس گاڙها گل ٿيندا آهن. ڪچي جي ٻاجي ڪبي آهي ۽ پڇڙ بعد هن جي ٻج ڪي ٻيهي ٻاجهري جي اَنءِ سان ملائي ماني پچائبي آهي.

منجهان لنب لطيف چئي،
چانور ڪيو چاڙ هيمن.

لنب:-

هي گاهه متي نهور زمين ۽ خاص ڪري سنون ٻوٽن تي جام ٿيندو آهي. ڏيگهه ۾ فوٽ ڪن مس ٿيندو آهي. سندس ٻن سنها ۽ چوٽي وٽ تڪا ٿيندا آهن. هن جي ڪاٺ ڪري مال ۾ ڪير جام ۽ گهاٽو ٿيندو آهي جنهنڪري مکڻ جهو لهندو آهي. انهيءَ ڪري چون "لنب مکڻ چنب". هن جي ٻاڙ ٿوري زمين اندر ٽئي ٽي. سڪڻ بعد پيلو تي مرڻ و آهي؟ ۾ ڪي ڪان سڄ جي روشنائي ۾ پيو چلڪندو آهي. هن ۾ سنهڙو ان ٿيندو آهي جو مارڻ ماڻهو ڪم آڻيندا آهن.

ڪانو بنا ڪاڇن، ميهن وسندا
موت تون.

وسڪاري جو هڪ ننڍو ٻوٽو ٿيندو آهي جنهن جا ٻن ٻيرجي ٻن جهڙا ٿيندا آهن. هن جي ڦل کي "ڪانو لٻا" چئبو آهي. پچڻ بعد ڦڪا پيلي رنگ جا ٿيندا آهن. ڪاڻ ۾ ڪتمڙا، جنهن ڪري ٻار خوشي سان کائيندا آهن.

ٻرو:-

هي گاهه جو قسم چار فوٽ ڪن ڏگهو ٿرم وار ياسي ٻن جي لاهه واري زمين تي ٿيندو آهي. چوٽيءَ تي سندس سنگ ڦڙا ڪون ڦاڪون ٿينديون آهن جي ٽڙي پيهنديون آهن، جن ۾ داڻا ٿيندا آهن. ٻن ٻاجهري جهڙا ۽ سنها. سندس وچ ۾ ڊانڊي گاڙهيري رنگ جي ٿيندي آهي. سندس داڻا جوئر جي داڻي جيڏا ڇڙا گاڙهيري رنگ جا ٿيندا آهن. هن جي ماني گاڙهسن چانورن جي ماني جهڙي ٿيندي آهي.

ڪرنگهه:-

هي گاهه چار فوٽ ڪن ڏگهو متي واري زمين ۾ ٿيندو آهي. سندس سنگ ڪڻڪ جي سنگ سان مشابهت رکندا آهن جنهن ۾ تڪا سوئا سوئا ٿيندا آهن. اندر ٻج سنهو ٿيندو آهي. سندس ٻن سنها ٿيندا آهن. داڻو پيلو، ننڍو ۽ سخت ٿيندو آهي. هن کي ٻاڻي ۾ پسائي، اکري ۾ چڙهي "وسنان" ڪبو آهي ته ڏايو لذيذ ٿيندو. ٻي ان سان ملائي کائبو آهي.

گانگا:-

هن کي ٿر ۾ گانگهيٽا چوندا آهن. هي ٻوٽو ڇهه ست فوٽ ڏگهو خاص ڪري ٻٽن ۽ ان جي لاهين تي ٿيندو آهي. هن جي ڪاٺي سخت ٿيندي آهي. سندس ٻن ٻير جهڙا ۽ ڪجهه ننڍيرا ٿيندا آهن. وسڪاري جو ڪلي ٻيهندو آهي. ٻهريائين اچا گل ڪيندو آهي جنهن ۾ گانگا ٿيندا آهن. ڪچا هوندا آهن ته سائين ساوا ۽ پچڻ بعد پيلا گاڙهيرا ٿيندا آهن. ٿري ٻار ڪچا ۽ ڪا خوشي سان کائيندا آهن. ڏنار ۽ ڌنوار مال چاريندي جهنگ مان گانگا چونڊي شام جو موٽڻ مهل ٻارن لاءِ ڪٽي ايندا آهن.

ڪريون:-

وسڪاري جو ٻنين ۾ چانهه جام ٿيندا آهن. پچڻ بعد گڏ ڪري، ڇيهي، انهن جو ٻاٽي جدا ٿانءَ ۾ گڏ ڪندا آهن ۽ ڪريون (ٻج) جدا واري تي گڏ ڪبا آهن. چانهن جو ٻاٽي ڪپڙي سان ڇاڻي، صاف ڪري متي جي ڪني يا ديگڙي ۾ وجهي چلهه تي چاڙهي ڪاڙهيندا ويندا تانجو گهاٽو تي ٿيندو جنهن کي "چانهن جو گڙ" چئبو آهي.

ڪرين جو ٻاٽي واري ڇهي ويندي آهي. ٻوءِ اهي سڪائي ڇڏجن. جڏهين سڪي رهن تڏهين اکري ۾ وجهي هلڪن ڏڪن سان چڙهي صاف رکي ڇڏجي. ضرورت وقت اکري ۾ وجهي سنهيون ڪٽي چاڻيون ته اندريون گهپ (اٽو) جدا ٿيندو ۽ متين سخت کل جا ذرڙا چاڻي ۾ رهجي ويندا جي جدا گڏ ڪجن. انهن کي "کڏا" چئبو آهي. اهي کڏا اٽي سان ملائي ماني پچائبي آهي جا ذائقي واري ٿيندي آهي ۽ اٽو چانورن يا ٻاجهري جي پٽ ۾ وجهبو آهي ته کيرٽي تي ٿيندي آهي. ڪي وري اٽو سنهي ڪپڙي ۾ وجهي ٻاڻي ۾ پسائي نپوڙي ڪير وارو ٻاڻي پٽ ۾ وجهندا آهن ۽ ڦوڳ ماني ۾ وجهندا آهن.

متيون ڏٺ سڀ وسڪاري جو ٿيندو آهي جو گڏ ڪري رکبو آهي ۽ سڄو سال ڪم آڻبو آهي. سياري اونهاري ۾ ڏٺ ٿيندو آهي. سياري جي شروعات ۾ ٻير، ۽ ٻهاڙي جي ٻهار ۾ ڦوگهيسي ۽ اونهاري جو سگر ۽ ٻيرون ٿيندا آهن.

ٻير:-

جهنگ ۾ ٻيريون عام آهن. هي سنئين ۽ ڏاڍ بري زمين ۾ جام ٿينديون آهن. سياري جي شروعات ۾ انهن ۾ ٻير جام ٿيندا آهن جي لنيا ۾ ڪائڻ ۾ لذيذ ٿيندا آهن. انهن سان جهنگ ٻرپايا هوندا آهن. سڪو چونڊي آڻيندو آهي. ڳوٺ جا ٻار ۽ زالون ٽولا ٽولا ٿي جهنگ ڏي ويندا آهن. ٻاڻ سان مضبوط لٺ ڪٽيندا آهن جنهن سان ٻڪل ٻيرڙين کي ڏڪ هڻي ٻير ڇاڻي، ٻوءِ ٻٽ تان چونڊي وٺندا آهن يا هيٺان ڪپڙو وڇائي ٻير کي لنين سان ڪٽي يا ٽڙ کي ڏونڌاڙي ٻير ڇاڻيبا آهن ته ڪپڙو ٻرجي ٻوندو آهي جنهن مان ڪچرو ڪيڍي ٻڪل ٻير جدا ڪري آڻيندا آهن. اهي شهرن ۾ ٽن ڇهن آني سير جي حساب سان وڪامندا آهن. هي نه رڳو غريبن جو گذر آهي ٻر ڪمائي جو وسيلو به آهي.

ٻلاءِ نه ٻاڙين، عمر آراڙين
سين.

آراڙي:-

ٿر ۾ ڦوڳ هڪڙو ٻوٽو ٿيندو آهي. جڏهين وا هوندا ورندا آهن تڏهين ٿلاربو آهي ۽ ٻور جهليندو آهي، جنهنڪي آراڙي ٻر ٿري ماڻهو ڦوگهيسي چوندا آهن جا ذائقي ۾ ڪتي ٿيندي آهي جنهنڪري ٻاجهين ۾ وجهبي آهي ته انب چور ۽ گدامڙي جو ڪم ڏيندي. صرف ڦوگهيسي جي ٻاجي به ڪبي آهي. ڪچي ٻٽي ٻار کائيندا آهن. هن کي سڪائي، هٿ سان مهٽي، پسائي اٽي ۾ وجهي ماني پچائبي آهي، جا ڪتمڙي ٿيندي آهي. پچڻ بعد ڦندي تڪا وار لڪري ٻرش وانگر تي هوندا آهن جن کي "ڪتا" چئبو آهي، جا ماڻهو نه کائيندا آهن ٻر مال جام کائيندو آهي.

ٻسي کائي ٻيٽ ڀر ڏونئرا
ڏن آءُ ڏيندي.

ٻسي:-

ڪرڙ جو وڻ واهوندن ورڻ تي ٿلاربو آهي. ٻهريان ٻولگر ٻ ٻور ٿيندو آهي ان مان ٿئي گاڙها گل ٿيندا آهن جنهنکي

(ڏسو صفحو ۱۶۵)

سنڌ ۾ جنديءَ جو هنر

(از:- پروفيسر محبوب علي چنا، سيوستاني)

وڏڙن ويچارن سچ فرمايو آهي ته "هنر واري جو هنر، بي‌هنر جي جند". هنر بادشاهه آهي. جتي هنر وارو ويندو اتي بک نه مرندو. تجربي ۽ مشاهدي مان معلوم ٿيو آهي ته مشترڪ پاس ٿيل ڪيترا ليڪگر بي روزگاريءَ جي موذي مرض ۾ مبتلا ٿيو وينا آهن مگر جيڪڏهن هنر جو ذرڙو ڪنهن جي پيٽ ۾ هوندو ته ان کي بي روزگاريءَ واري محڪمي جو دروازو ڏسڻو نه پوندو. ڪيترا هنريل ڏٺا ويا آهن ته گدلن ليڙن ۾ لڪل ڪنڊڙي وينو وينا هوندا مگر مٽي مان يا ڪاغذ مان ڪکڙ، مور ۽ اهڙا رانديڪا ڪڍيو تاهين جو ڏندين آڱريون اچيو وڃن. اهي ڪاريگر ويچارا پسبا سادا

ڏٿ ۽ ڏوٿي

(اڳيل صفحي ۱۶۴ تان)

پسي چٽبو آهي. هن جي ٻاڙ ۾ منو جزو ٿيندو آهي تنهن ڪري ماڻهو، خاص ڪري ٻار اها ٻنڻي چوسيندا آهن. پسي ٻنڻي ٺهڪندڙ پاڻي ۾ وجهي منجهس ٻر ندڙ اماڙي گهمائي لاهي هيٺ رکجي ستن اٺن ڪلاڪن بعد نپوڙي ٻاهر ڪيجي ته ڪاراڻ نڪري ويندي پوءِ صاف پاڻي سان ڌوئي ڀاڄي تيار ڪجي يا ان ۾ مرچ مصالح وجهي کائجي.

ڏونرا:-

اهڻ گلن ۾ سائي رنگ جا ڏونرا ٿيندا آهن. ٿري ماڻهو اهي چونڊي ڪارا پري ايندا آهن. جيڪي ماڻهو ساڻ چونڊي نه سگهندا آهن سي خريد ڪندا آهن. چئن پنجن آنن سير وڪامندا آهن. هي غريبن لاءِ روزگار جو وسيلو آهي. ڏونرا ٽن قسمن جا تيار ڪندا آهن.

۱- ڀاڄي

ڏونرا اوٻاري، رات جو رکي ڇڏجن صبح جو صفا پاڻي سان ڌوئي داغ ڏيئي ڀاڄي تيار ڪبي آهي.

۲- لوڻيا

ڏونرا پاڻي ۾ پسائي رکجن ستن ڏينهن بعد اهو پاڻي ڪيري لوڻ سنهو ڪري ان ۾ پرڪي ڪاني گهمائي رکي ڇڏجن. ستن ڏينهن بعد ٻاهر ڪيري ڪتولي تي ڪپڙو وڇائي ان تي رکجن ته واڪا ٿين ۽ پوءِ ٿانءَ ۾ وجهي رکي ڇڏجن. ڳاڙها کائڻ وقت ڏاٺا، جيرو، مرچ سنهيءَ ڪتمل بر ڪائي گيهه ۾ تري کائجن.

۳- تيليا

ڏونرن کي مٽين وانگر منا ڪري واڪا ٿيڻ بعد ڪڙو جاليي جو تيل ملائي، گڏي ڳاڙها مرچ، جيرو، ڏاٺا، آهر ڪيتل وجهي رکي ڇڏجن جي ماني ۽ چانورن سان کائبا آهن. هن کي ڏونرن جو "آتاڻو" يا "سانداڻو" چئبو آهي.

وليون وڻ ڦلاريا، ڪرڙ ٻڪا ڪي ڪي.

ڏونرا پڄڻ بعد ڳاڙها ٿي پوندا آهن جن کي "ٻڪا" چئبو آهي. اهي رڌبا ڪونه آهن ۽ چونڊي کائي ڇڏبا آهن. اهي کائڻ ۾ منا ٿيندا آهن.

سگر ڪين سرتيون سيڻن،
جيڻن سيڪي.

اونهاري جو ڪنڊن ۾ ٻور لڳندو آهي جنهنکي "مهر" چئبو آهي. انهن ۾ سنهن تاندورن وانگر سنگريون ٿينديون آهن. ڪچيون سنگريون ماڻهو ٻڌي، ڀاڄي رڌي کائيندا آهن جا مزيدار ٿيندي آهي. ڪي وري پاڻي ۾ اوٻاري سڪائي رکي ڇڏيندا آهن جي پوءِ ڪنهن به وقت ڀاڄي جي ڪم اينديون آهن. ڪجهه ٿلهيون ٿينديون ته ماڻهو لاهي، پريون ٻڌي ۽ انن تي ٻورا پري ايندا آهن. سنگرين جون ڦاڪون ڪري پڇ ڪيري ماڻهو کائيندا آهن ۽ مال کي ڏيندا آهن. خاص ڪري شام جو سهڪو جت پنهنجي اٺ کي سنگريون ڏيندو آهي. پوءِ بعد ڳاڙهيون ٿي پونديون آهن جن کي "ڪوڪا" چئبو آهي. اهي کائڻ ۾ منا ۽ لذيذ ٿيندا آهن. ٻار خوشي سان کائيندا آهن. ڪوڪا گڏ ڪري رکبا آهن جي ڪيترا ڏينهن کائڻ جي ڪم ايندا آهن. ڪوڪا ڪٽي انسان ملائي پيهي ماني پچائبي آهي.

ڪيترا ماڻهو روز جهنگ مان سگر لاهي اچي وڪڻندا آهن جي ٻن اڍائي روپين بعضي وڏيڪ مڻ جي حساب سان وڪامندا آهن. ڪيترن غريبن جو گذر ٿيندو آهي.

اهي ڪنڊا جهنگ ۾ ۽ ٻنين ۾ ٿيندا آهن. جهنگلي ڪنڊن تان ڪو به لاهي سگهي ٿو مگر ٻنهي ۾ جي ڪنڊا هوندا ته انهن جي سنڀال مالڪ ڪندا آهن ۽ پاڻ ڪم آڻيندا آهن. هر وقت نظر ڪندا آهن جيئن ٻيو ڪو لاهي نه وڃي.

تن ساڻوڻ سنڌ مران ڏنگا
جني ڏار
پڪي ساڻ پتار- ٻاهر ٻيرون
چونڊيان

جهنگ ۾ جاريون جام ٿينديون آهن. اونهاري جو انهن ۾ ٻور لڳندو آهي جن ۾ پوءِ ساواڪڙ ٿيندا آهن. آهستي آهستي پچڻ لڳندا آهن. اڌپڪا ٿيندا ته انهن کي "ماڇڪ" چوندا آهن ۽ قسم سچاڻي نه سگهبو آهي. پچڻ بعد ان کي پيرون چوندا آهن ۽ جدا جدا قسم سچاڻي سگهبا آهن.

ڪي رنگ جا اڇا، موتين جهڙا، کائڻ ۾ منا جن کي "اڇڙا" چون. ڪي پيلي رنگ جا ٿيندا آهن جن کي "سنڌڪما" چون. ڪي ڳاڙهي رنگ جا جن کي "راتڪيا" چون. ڪي ڀورڙهي ڳاڙهي رنگ جا ڪاراڻ تي مائل تن کي "واڏڙيا" چون. پچڻ بعد ٽورو هٿ سان زور ڏبو ته ڇڻي پوندا پر ڪن ڪن جارين جي پيرن کي ڇڻڻ لاءِ وڏيڪ زور ڏيڻو پوندو آهي تن کي "پاڻڙ" چئبو آهي.

مرد ۽ زالون گڏ جي ٽولا ٺاهي جهنگ ۾ پيرون چونڊڻ ويندا آهن. هڪ هٿ اوتارو ڪري پوءِ چوڌاري ٻڪر جي پوندا. جاريون ننڍيون هونديون ته هيٺان ۽ پاسن کان ٻيهي وڏيون هونديون ته مٿي چڙهي پيرون چونڊي، لوٽي جا ڀڻي هٿ ۾ هوندي يا ڇيلهه سان ٻڌل هوندي تنهن ۾ وجهندا ويندا. ٽڪا چونڊيندڙ ٻنهي هٿن سان چونڊيندا آهن. پر جڻ بعد اوتاري تي اچي اها لوٽي ڪاري ياڏلي ۾ لاهي وري وڃي چونڊيندا اهڙي طرح سڄو ڏينهن چونڊي شام جو موٽي ايندا. پاڻ کائين، مٽن عزيزن، ٻارن دوستن کي ڏين ۽ پڇٽ سڪائي رکي ڇڏين جنهنکي "ڪوڪڙ" چئبو آهي جا پوءِ پيا کائيندا آهن. ڪوڪڙ خاص ٻارن کي وڻندي آهي.

ڪيترا ماڻهو ڪپڙن هيٺان ڪپڙي جون جهوليون جهلي، ڌونڌاڙي، گهڻي انداز ۾ گڏ ڪري سڪائي رکندا آهن جا مال لاءِ سٺو چارو آهي ۽ وڪڻندا آهن. "پيرون" ۽ "ڪوڪڙ"، ٻن ٽن آني سير جي حساب سان وڪڻي گذر ڪندا آهن.

Scanned with CamScanner

سودا ۾ چا هنن جي ڪاريگري ڏسجي، چا هنن جي ٿهيل ڪرتين جي ڪار ڏسجي، چا انهن جا چٽ ۽ رتيل رنگ ڏسجن جا انهن جون دلربا ڊزائينون پسجن- جڳ تہ ڊرائنگ جا سڀ امتحان پاس ڪري آيا آهن. نيم خوانده جيڪي پاڻ کي ”ذوق جماليات“ (Aesthetic Sense) جا صاحب سمجهن ٿا، انهن سڀاجهڙن جي هنر جي سٽا ۽ پيهڪ جو نروار نمونو پسي حيرت جي وادي ۾ پيا هلن.

اهڙن هنرن جو زور علم و ادب، تهذيب و تمدن سان گڏو گڏ سنڌ سونهاريءَ ۾ بہ آل ۽ جال هو. هتي جو هنر بي مثال آهي. پلا ٻڌايو تہ ڪشمور ۽ هالا جي جنڊيءَ جو جڙيل ڪم دنيا جي ڪهڙي ڪنهن ڪري ۾ حاصل ٿي سگهندو؟ نصرپور ۽ سيوهڻ جو دلگداز ڪاشيءَ جو ڪم ڪٿي لهندو؟ ٺٽي جون ڳم گذار لونگيون ڪير ٺاهي تہ ڏيکاري؟ نصرپور جا ڪيس ڪٿي پراپت ٿيندا؟ پيو تہ ڇڏيو رڳو متياري ۽ سيڪات جي اجرڪن کي ونو جي اسان جي ديس واسين لاءِ ڪشمير جي شالن کان وڌيڪ شانائتا آهن. رنگ اٿن ۾- هڪ ڳاڙهو پيو نيلو پيرو. بہ جڳ تہ پارهن پيا لڳن. واه ڙي ڪاريگر تنهنجي ڪاريگري! ڪيئن نہ انهن جو ميل جول ڪيو اٿئي. اها بہ ٻڌي اجرڪ دنيا جي هنرن جي عجائبات مان جيڪر ليکجڻ ۾ اچي.

اهي هنر پاڪستان کان اڳ ٿي وڃي ترين ۾ پيا آهن. هالن جي هڪ وگها مل مولکي ١٩٤٨-٤٩ع جي سمي ۾ چيو تہ ”سائيس سچو ڏينهن ڳهو وهايون ٿا. مرون تہ هڪ پاسي مرون. هاڻي تہ پنهي پاسي ٿا مرون. هڪ طرف گراهڪي گهٽ پئي طرف واپاري ٿا ٺرين. لاڪ ۾ لاڪ ليپ ۽ ڀهڻ جو ڪاٺ جيهن مان جنڊي جون وٽون ٿا جوڙيون اهو بہ هاڻي هوا ٿي رهيو آهي. وجون سو وجون ڪيڏانهن؟“

اهو حال هاڻي سڀني جهونن هنرن جي ڪاريگرن سان آهي. هاڻي سوال آهي تہ گراهڪي چو گهٽ ٿي آهي ۽ انهن ڪاريگرن جي همت افزائي چو نہ ٿي ٿئي؟ هن جو جواب شاه ڀٽائي جي هيٺين بيت ۾ ڏئي سگهجي ٿو تہ:-

قدر وارا ڪم ٿيا، ڪتا خريدار،
پاڻيٺ جي پرڪٽا، وياسي وڻجهار،
عنيڪ پائي اکين، لهن سپڪنهن سار،
صرافن ڏار، ماڻڪ ملاحظو ٿئي.

جنڊيءَ جو ڪم يا اهڙا پيا نيڪن تار هنر هنن شهرن ۾ هئا جتي هنن هنرن جا قدردان هئا. سڄي سنڌ ڏار ڏار پرڳڻن ۾ ورهايل هوندي هئي. اهي پرڳڻا وري ڏار ڏار محلن ۾ تقسيم ٿيل هئا. ٺٽو ۽ نصرپور بہ انهن پرڳڻن مان هئا. انهن پرڳڻن جي ڀڙن تي ارغونن، ترخانن، مغلن، ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جون حويليون، درٻارون ۽ اوطاقون هيون. نہ رڳو حاڪمن جي حويلين ۾ اهي رنگ هئا. ۾ سعدن عزيزن خواهہ درٻارين وٽ بہ انهن رنگن جا ڪئين رنگ هوا. انهن شوقينن اوپڙ ۽ پائڻ جا گهڻي ئي ذوق ورتا. انهن جي گراهڪيءَ ۽ نوازش جي نظر تي اهي هنر ٿي هليا ۽ ڪاريگر ٿي پليا. ”جهڙو راجا اهڙي پرجا“ جي چوڻي مطابق جيڪو حاڪمن ٿي ورتايو سو رعيت بہ ٿي استعمال ڪيو. ٺو ۽ مون بہ ٺورو گهڻو شادي ۽ مراديءَ ٿي ٿي هلايو. تان جو عام وهنوار ٿي ويو. هاڻي تہ مير مري ويا، ٽالپر ٽلي ويا، ارغون ۽ ترخان تختي تان راڄ ٿي ويا. ۾ هنرن جو اڃا رواج آهي ۽ پيو اندو مندو هلي.

اسان پنهنجن گهرن ۾ ولايتي اڪر ٺوپر شيمي ۽ ۽ چيني ءَ جا رکون ٿا ۾ ڪاشيءَ جي ٿي ٺين ڏ ڪڻ ڪان عار، ساٺو سامان خواه فرنيچر ڦرو ۾ ڊرالسي فيشن جو هوندو ۽ پنهنجي گلڪاري ۽ رنگ بہ رنگي جنڊيءَ جي سامان رکڻ کان راڳو. پيو ماحول بہ ڦري ويو آهي. ان ۾ اسان جو بہ ايترو ڏوه ڪونهي. اڳي گهرجون هڪڙيون هيون ۽ هاڻي پيون ٿي پيون آهن. اڳي ٺڪا هئي ٻجلي ۽ ٺڪو ٻجليءَ جا پڪا. جنڊي جي لعل هندوري جو لعل ۽ پيار واري پينگهي جو ڦل هو ۾ هاڻي جڏهن ٻجليءَ جو پکو آيو تہ هالن جي هندوري جو لوڏو ويچارو پيو لڳي. جيڪڏهن موجوده مهانگائي جي وقت جنڊيءَ وارن جو وڏو ٿيڙ هندوررو نہ هليو ٺهاڪي پين نميڏين شين تي گهڙو گذارو ڪري سگهندا. شڪر آهي سائين جو وري بہ سنڌ جي هنرن جي نادر نمونن ولايت جي هر ڪنهن ملڪ کي واسي ڇڏيو آهي ۽ بين الاقوامي نمائشن ذريعي هي هنر نروار ٿي دنيا جي سامهون اچن ٿا. منهنجي تازي دنيا ۽ آمريڪا جي دوري وقت مونکي معلوم ٿيو تہ استنبول، دمشق، نيويارڪ ۽ شڪاگو جي بين الاقوامي نمائشن ۾ سنڌ جي جنڊي، پرت، ڪاشي ۽ مٽيءَ جا هنر دنياجي ماڻهن جون اکيون خيره ڪري ٿا ونهن ۽ هنن جو ڏاڍيو داڻ وٺ قدر آهي. جيڪڏهن اهڙي طرح سنڌ جي صنعتن جي همت افزائي ڪئي وئي تہ انهن جهونن مگر مرده هنرن ۾ وري جان پيدا ٿيندي ۽ زندہ ۽ مهذب هنرن جي قطار ۾ شمار ٿيندا. انهن هنرن ۾ هنتي پوڙهي جو مکيه ڪارڻ هي بہ آهي تہ ڪاريگر پنهنجن دقيانوسي نمونن کي ڪولہ ٿا ڇڏين. جيڪڏهن ڪاٻہ موجوده ڊزائن استعمال ڪن تہ جنڊي جي هنر جو ڏاڍو ناما چار ٿي وڃي. حيدرآباد جي استاد بيڪري وارن جنڊيءَ جي هنر جون نيون ڊزائينون ارزار ۾ آنديون آهن. انهن صاحبن اهي ڊزائينون ڪوچن، ڪٽن، ميزن، ٽپاين ۽ هند رون جي صورت ۾ پيش ڪيون آهن جي واقعي هن هنرجي مستقبل جي واڌاري جون آئيندار آهن.

هاڻي اچو تہ جنڊي جي ڪم بابت ڪجهہ ۾ جهون.

”جنڊيءَ“ جو اکر ”جنڊ“ مان نڪتو آهي. جيئن جنڊ گول ڦرندو آهي تيئن اهو ڪم بہ گول جي دائري ۾ محدود هوندو آهي. لڪڙي بہ گول بنائي پوءِ استعمال ڪندا آهن. جنڊي جو هر ڪو سامان گولائي تي هوندو آهي. سنوت واري ڪاٺ تي جنڊي چڙهي نہ ٿي سگهي. اهوئي سبب آهي جو جديد فرنيچر وارن شوقينن وٽ هن ڪم کي معياري منزلت حاصل ٿيل نہ آهي.

جهنڊي جو ڪم سنڌ جي دل ”هالا“ کان سواءِ سنڌ جي اترئين چيڙي، جيڪب آباد ضلع جي هڪ دور افتاده شهر ”ڪشمور“ ۾ بہ ٿيندو هو. لاڙي جوانن يا ساهڻي جي سچڻن کي هن سري جي سونهن ۽ ري هنر جي خبر شايد هوندي ۾ دور بين اکين وارا ڪشمور جي ڪم کي هالا جي ڪم تي ترجيح ڏين ٿا. چو تہ ١- ڪشمور جي ڪم ۾ جهلڪ بہ گهڻي آهي ۽ پائيداري بہ جهجهي. ٢- هالا ۾ هن ڪم لاءِ ٻهڻ جو ڪاٺ استعمال ٿيندو آهي ۽ ڪشمور ۾ ٽالي. ٻهڻ جو ڪاٺ ٽالي جي ڪاٺ جي مقابلي ۾ وڌيڪ نرم آهي ان ڪري هالا جي جنڊيءَ جو سامان ڪشمور جي مقابلي ۾ ٽاڪنئون ۽ گهٽ جهالو آهي.

هالا جي ڪاريگرن کي ”وگهامل“ سڏجي ٿو. اهي وگهامل هالا جي هڪ پسگردائي واري ڳوٺ ڪاٺوٽ ۾ ۽ ٻراڻي هالا جي اتر ۾ ساڪن هئا. فروخت جي مارڪيٽ هئڻ ڪري هالا جو شهر مشهور آهي ۾ ڪم ”ڪاٺوٽ“ ۾ ٿيندو هو. ڪاٺوٽ هالا نون کان ٽي- چار ميل ڪن ۾ ري آهي ۽ هالا ٻراڻي کان ٻن ٽن

سڏن جي فاصلي تي ڏکڻ طرف واقع آهي. وڳهامل ڪاريگرن جو ڳوٺ هالا پراڻي جي اتر ۾ هو جو ٽي - چار سال ٿيا ته دريا شاهه جي نذر ٿي ويو. انهن ويچارن ڪاريگرن جو مقام به ٻي مقام تي ويو. بس بقول مرحوم سانگي: "درياهه جا آهن آر، ڪڏهن ڪٿ ڪڏهن ڪٿ".

وڳهامل ڪاريگرن ۾ ٻه ذاتيون آهن - هڪڙا ڏڏي پروچ آهن ۽ ٻيا سماٽ. ڪشمور وارا سرڪي جا سڀڻ سڀ سماٽ آهن. اڳي انهن کي "ٻڪڻ" ڪري سڏبو هو پر انهن مان ڪي چند پڙهيل پاڻ کي "سومرا" سڏائين ٿا ۽ باقي هالا جا ڏڏي پروچ آهن. هالا جا ڪي ميمڻ به هاڻي هي ڪم ڪن ٿا.

اڳي هالا وارن ڪاريگرن کي ٻهڻ جي ڪاٺ جي حصول جي ڪابه رڪاوٽ نه هئي پر هاڻي مصيبت پيدا ٿي پئي اٿن. هر سال چوڏاري ٻوڏ ۽ مال متاع، ڳوٺ، مقام ۽ نشان سڀ دريا شاهه ٻوڙي ڇڏيا سو "ٻهڻ" ڪٿي ٿو بچائين - سارو ٻيلو ڳچ ڏينهن لاءِ زيرآب ٿي ويندو آهي. انهن کي ٻڌل ڪاٺ ته ڪو نه ٿو ڪپي. ڪپين سڪو ڪاٺ جو ڪم ڪان ٻوءِ وري نه ٻوي يا داغ نه لڳيس. جنهڙي جو ڪم آهي لاڪ تنهن ڪري ويچارن ڪاريگرن کي حد کان زياده دور الڏيهي ڪرڻي ٿي پئي. ٻيا هلن- مال نه چڙهي چوٽ تي پهتو آهي. اڇو ته جنهڙي جي ڪم جي اوزارن کان ڪجهه واقف ٿيون- ٻوءِ ايندا سين ڪم جي طور طريقي تي - اوزار هي آهن:-

١- سرئن - ان کي اڏي به چئبو آهي. تقريبا ٻه فوٽ ڊگهي، منو انچ ٿلهي، هم چورس لوهه جي سيخ آهي.

٢- رنبو.

٣- پنهون - ڪاٺي جلهيا

٤- ٻوراڻي - ڪاٺيءَ کي وڍڻ ۽ اندران ٻوري ڪرڻ لاءِ.

٥- رڇي - هي به ڪاٺيءَ کي وڍڻ ۽ اندران ٻوري ڪرڻ لاءِ.

٦- چٽ ڪيڻ جي رڇي- ٽي چار انچ ڊگهي آهي.

٧- آڪلا.

ڪاٺ جا اوزار هي آهن:-

١- لڪڙ يا ڪمان ٢- ڏرو.

چڱو هاڻي اچون ٿا جنهڙي جي طور طريقي تي. ڪاٺ جا ٽڪر جي اس ۾ پيا آهن سي پنهون سان چلي، گهڙي گول ڪري، دوڪان جي ڪلي تي چاڙهبا ٻوءِ هڪ هٿ ۾ جهلبو رنبو ۽ ٻئي سان گهمائبي لڪڙ- ڪاٺي پيئي ڦرندي، رنبو ڏيس اڳيان، پور پيو پٽ تي ڪرندو ۽ ڪاٺي ويندي گول ٿيندي- ٻوءِ جيڪا به شيءِ ٺاهڻي هجي اها ٺاهجي. ان بعد جيڪي هن تي رنگا رنگي رنگ يا چٽيل چٽ چاڙهجن ٿا تن جو طريقو هنطرح آهي:- پهريائين پهريائين پيلي رنگ جو استر ڏبو - اها ٿي زمين. اها هن حالت ۾ تمام گرڪي ٿي لڳي - ٻوءِ ڪهڙيءَ جي ڪاٺيءَ سان زور ڏيس ته رنگ ويهي ويندو يعني شروع ۾ ڪٿ چبو ۽ ڪٿ گهاٽو ٿي ڏئو پر هاڻي يڪسان آهي. ان بعد پتل جي وٽيءَ ۾ اگڙي پچائي مٿان پلستر ٿو گهمائجيس ته زمين کي اوچ وٺيو وڃي ۽ چندرما وانگر ٿي چمڪي. باقي رهيا چٽ گل سو ترڇيءَ سان ويهي ڪو ٺبا آهن. واقعي حڪمت ڪوٺڻ ۾ ڪپي. هڪ نقش رڇيءَ سان ڪيڍي، ڪاٺي ڪلي تي چاڙهبي. ٻوءِ جيڪو رنگ پرٽو هوندو سو ڏبو. ڪهڙيءَ جي ٻنگي سان ڏبي پربو ۽ ڪڏن ۾ وهاربو. ٻنگي سان رنگ جو ليپو ڏيئي، وري رلبي سان سيهالي ڪرڻبو، ٻوءِ ڪڏن ۾ رنگ ويلو سو ويلو باقي پيو چٽي همٿ ٻولدو. وري ڪاٺي ڪلي تان لاهي، رڇي سان پيو ڪو نقش ڪوٺبو ۽ ساڳي ريت پربو ۽ وهاربو. الهيءَ ريت هرهڪ رنگ ۽ نقش لاءِ واري تي ڪاٺي چاڙهبي لاهبي. جڏهن زمين تي سڀ نقش نڪري ويندا ۽ رنگ پرجي ويندا تڏهن تيل جي اگڙي پسائي پالش ڪبي. هيٺان ڪوئلن جو تڏو ٿڌو لڳو پيو هوندو آهي. تؤ ايندو ته رنگ چڱو هوندو ۽ جهلڪو به ڪيلندو. چٽن جي خالي هنڌن تي داڻ داڻ جو پلسترسنو ڏيندا آهن هنکي "جوهر" سڏبو آهي. هي لاک جو روغن آهي. هتي هي ذڪر ڪرڻ غير محل نه ٿيندو ته جنهڙي جي هنر جو دارومدار لاک تي آهي. لاک اها وٿ آهي جا اسان جي روزمره جي استعمال ۾ ايندي آهي. سيلن، مهرن ۽ اهڙيءَ قسم جي ڪمن ۾ قدري هن پيداوار جو وڏو هٿ آهي. جنهڙيءَ جي ڪم جي ته جند جان آهي. اها آملهه شيءِ ڪنڙ، هوسڙي ۽ ميرن جي ڪانب جي پيلن، تعلقي حيدرآباد ۾ دستياب ٿيندڙ هئي ۽ هاڻي ڪم ياب آهي. ان حالت ۾ ويچارن جنهڙيءَ وارن لاءِ هيڪاري مصيبت. پر هاڻي پاڪستان سرڪار پهلي ڪانئم وارن کي هن املهه شيءِ جي گهٽي انداز ۾ مهيا ڪرڻ لاءِ هدايات ڪيون آهن. ڪانئم وارن سرڪار جي حڪم پٽاندڙ اهڙا اقدام ڪڻڻ لاءِ رٿائون رٿيون آهن جن جي ماتحت "لاک" گهڻي انداز ۾ پيدا ٿيڻ جو امڪان آهي. ڏاڍي تعاليٰ ڪري ته سرڪار جون اهي ڪارآمد رٿائون شال بارور ٿين. ولايتي نمائشن ۾ پاڪستان ۾ يا سنڌ جي سهڻن وٿ جي دلبريا ۽ دلڪشا فرنيچر ڏسو ٿا سي سڀ لاک جي سوز و ساز ۽ گداز بعد اهي ارزش ٻوءِ ونن ٿا. ڏار ڏار ملڪ جي ماڻهن لاءِ فرنيچر جا ڪروڙ ڏار ڏار ٿين ٿا. هڪڙن وٽ هندورا، ڪٽن جا پاوا، گلدستا، مڪبا، دٻلا، گنج ۽ اڳٺ وجهڻيون مقبول ته ٻين تجديد پسند نوجوانن وٽ وري آئينن جا فريم، ميز ٽيءَ جا ڪوپا، پيڙين جا آسٽر، سگريٽن جا دٻا، ڪوچ، ميزون، ڪرسيون، آرام ڪرسيون ۽ ٽپايون مرغوب. مطلب ته هن هنر جي هاڪ جي ٺاڪ هنديس ماڳين لڳي پئي آهي. تازو نئين صنعتن جي ڊائريڪٽر جنرل ميجر شاهد حميد هالا ۾ اعلان ڪيو ته "پرڏيهي ملڪن ۾ هتي جي ديسي تيار ٿيل شين جي تمام گهڻي گهرج آهي. پاڪستان انهن شين کي برآمد ڪري چڱو پيسو ڪمائي سگهي ٿو. زر مبادلہ ٻه وڏي ڳالهه آهي پر پنهنجي ديس جي هنرن کي همٿائڻ ان کان زياده آهي. تازو آمريڪا جو دورو ڪندي مون ڏٺو ته اتي جي هر هڪ رياست پنهنجي ديسي هنرن جي نمائش پنهنجي گاديءَ جي هنڌ واري شهر جي ميوزيم ۾ نمايان طور ڪري رهي آهي. اهڙو نمونو اسان جو به هجي ته ٻوءِ مستقبل قريب ۾ اهڙن هنرن جي ترقي جي توقع آهي ۽ غريب و سرپل اپوجهه هنر وارن جي ٻه جوڳي همت افزائي ٿيندي. ڪريون اميد ته ديسي اصلي هنر وارن جون شال دعائون جلد مقبول ٿين.

اشتراڪي ادب ۽ اخلاق

(از:- سيد محمد صالح، هيڊ ماستر، پرائمري اسڪول- سعيد آباد نيو)

روس جي جديد نسل جي ماڻهن اتي جي جهوني ادبي ذخيره کي بيڪار تصور ڪيو آهي ۽ اهڙن اديبن کي جن پراڻو روسي ادب سمو هيو ۽ سهيڙيو هو پنهنجي تنقيدن جو نشانو بڻايو آهي. اهوئي سبب آهي جو جهونن اديبن مثلاً مسڪوف، ٽالسٽائي، ڪورنيگو ۽ چيخوف جي ادبي شهرت هن وقت اشتراڪي دنيا ۾ بلڪل ختم ٿي چڪي آهي. ايتري قدر جو ٽالسٽائي جهڙي نامور مصنف کي، جو دنيا جو تسليم شده مصنف آهي، روس جو سابق صدر لينن تخيلي ۽ رجعت پسند چوي ٿو. اهو ڇو؟ اهو هن ڪري جو ٽالسٽائيءَ جي ادب مان دين ۽ مذهب جو تصور ملي ٿو. ازان سواءِ هو پنهنجي حياتيءَ ۾ انساني اخلاق جي تبليغ ڪندو رهيو. انهن جهونن اديبن مان وري، ميڪسم گورڪيءَ جو نالو اچا به زنده آهي اهو هن ڪري جو هو لينن خواه استالن کان هميشه ڊڄندو هو. هڪ دفعي لينن گورڪيءَ کي سندس سياسي غلطين کان، جي مذهب پرست ماڻهن سان تعلق رکڻ بنسبت هيون، تنبيهه ڪئي. ان جي جواب ۾ ميڪسم گورڪي شڪست خورده ۽ نماڻي حالت ۾ جواب ڏنو ته "مان محسوس ڪريان ٿو ته مارڪسي علم جو ايڏو ڄاڻو نه آهيان. ازان سواءِ آرٽسٽ غير ذمه دار ۽ لاابالي ٿيندا آهن."

ويهين صديءَ ۾ جڏهن گورڪي نئون انقلابي ٿيو هو، ان وقت هنڪي ماڻهوءَ جي حيثيت سان هڪ دنيا ۾ ۽ اديب جي حيثيت سان ٻيءَ دنيا ۾ رهڻو پيو ۽ انهي جي وجهه ايڏو خال هو جو گورڪي انکي ميٽائي نه سگهيو. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو گورڪي نه هن دنيا جو رهيو ۽ نه هن دنيا جو. انقلاب کانپوءِ هو هميشه ڊڄندو رهيو ته متان اهڙن لکڻ جو قلم ۽ تلوار جي وچ ۾ جنگ نه لڳي هوي ۽ سياست ۽ ادب جي وچ ۾ اختلاف نه ٿي پوي. تنهن ڪري روس جي هن عظيم الشان مصنف پنهنجي فن جي شوخي انقلاب کان اڳ گم ڪري ڇڏي.

ان وقت ڪنهن دوست لينن کي صلاح ڏني ته "هڪ لٽرري اداره نڪسن ڊپارٽمينٽ جي نالي سان کولي، گورڪيءَ جي حوالي ڪيو وڃي." مگر لينن گورڪيءَ جو مطالع ڪيو هو ۽ سمجهيو هئائين ته گورڪي ڪيتري پاڻيءَ ۾ آهي، تنهن ڪري لينن ان مشوره کي نهايت چالاڪيءَ سان رد ڪيو ۽ چيائين ته "مان گورڪيءَ جهڙي شخصيت کي جو لازم جي گهنگهر ۾ ڦاسائي عالمگير ادب تي ظلم ڪرڻ نٿو گهران".

هاڻي سوال ٿو اٿي ته جڏهن اهڙو اديب جنهن جي شخصيت بالشويڪ انقلاب کان بي تعلق هئي، انکي بالشويڪن پنهن هم عصر مصنفن کان وڌيڪ شهرت ڇو ڏني؟ ۽ اشتراڪي ادبي آسمان تي هن کي ڇو چمڪايو ويو جو ٽالسٽائي، چيخوف ۽ پشڪن جهڙا اديب ان جي اڳيان عاجز ٿي ويا. ان جو صرف اهو سبب آهي جو ميڪسم گورڪيءَ ئي پنهنجي هم عصرن مان اشتراڪيت جي غير اخلاقي ۽ الحادي نظريه کي قبول ڪيو هو. هن انهن ڳالهين کي ايتري قدر قبول ڪيو هو جو، جڏهن ۱۹۰۵ع ۾ امريڪا جي سير تي ويو، تڏهن اتي جي هر هنڌ سندس شاندار استقبال ڪيو ويو، پر پوءِ جڏهن ماڻهن کي اها ڳالهه معلوم ٿي ته گورڪيءَ سان جيڪا عورت گڏ آهي، اها سندس حقيقي زال نه آهي پر سندس دوست آهي، تڏهن ماڻهو هن کان گهڻو متنفر ٿيا. گورڪيءَ کي اها قدامت پسندي ايڏي ناگوار لڳي جو امريڪاوارن خلاف هڪ خطرناڪ ڪتاب لکيائين.

گورڪيءَ جي مشهور تصنيف ۾ ٻه مشهور ناول "پاڻپڻ" ۽ "ڌارين ۾" جي انقلاب کان اڳ جا لکيل آهن. انهن ۾ غربت ۽ افلاس جو چٽيءَ طرح بيان ڏنل آهي. چلڪاش، منهنجو هم سفر ۽ مالرا هن جي ابتدائي افسانن جا مجموعا آهن. انهن افسانن ۾ افلاس ۽ مسڪينيءَ جي دک درد کي اهڙيءَ طرح پيش ڪيو اٿس جو ماحول تي هڪ اخلاقي ۽ معاشرتي قيد طاري ٿي وڃي ٿو. فلسفه مذهب ۽ انسانيت کان دل ڪڍي ٿي وڃي ٿي ۽ حياتيءَ کان پري ڀڄڻ لاءِ دل گهري ٿي مگر ٻاهر نڪرڻ جو رستو نه ٿو ملي. گورڪي پاڻ به ان کن مان ٻاهر نڪرڻ لاءِ رستو ڳوليندو نظر ٿو اچي. حقيقت هيءَ آهي ته ان پنهنجي مخصوص موضوع کي ڇڏي جو ڪجهه لکيو آهي، اتي هن جا قدم ڏکڻ لڳا آهن. انقلاب جي موضوع تي هن جو ناول "ماءُ" ان ڳالهه جو چٽو دليل آهي. هي ناول بيانيه انداز ۾ لکيل آهي ان ۾ عوام جو مذهبي اعتقاد ۽ ڪليساوارن جو خاڪو پيش ڪيو اٿس. اگرچ هن ۾ انقلابي رجحانات ظاهر ٿين ٿا مگر نتيجي جي اعتبار کان بلڪل ناڪام ويو آهي.

جڏهن روس ۾ عملي انقلاب برپا ٿيو ته مصنف جا خيالي پلاءُ ظاهر ٿي پيا. "منهن جي تعليم جون ڄايون" ۽ "منهنجو روزنامچو" انقلاب کان پوءِ جا تصنيف ڪيل اٿس. انهن ۾ جتي ڪٿي اخلاق، مذهب ۽ شادي وغيره تي مذاق ڪيل آهي ۽ ڪٿي ته وري دهريت جي عملي تبليغ پڻ ڪيل آهي. گورڪي چوي ٿو ته "اسانکي دهريت تي اعتقاد رکڻ گهرجي جو ترڏنگيءَ ۾ صرف پنهنجي ذات تي ڀروسو رکڻ گهرجي ۽ ٻئي ڪنهن به شيءِ جو خوف ڪرڻ نه گهرجي".

ٽالسٽائي ۽ ان جي وقت جي ٻين اديبن جو قصور هيءُ هو جو هو ذهني آوارگيءَ ۾ مبتلا نه ٿيا هئا جنهن ۾ گورڪي ۽ ان جهڙا ٻيا اديب ٿيا هئا. ان ڏوهه جي پاداش ۾ انهن سڀني اديبن کي ادبي دائره مان خارج ڪيو ويو ۽ قديم ادب جي جاءِ جنهن جديد ادب ورتي اهو ئي لينن ۽ استالن جو آواز هو.

انقلاب کان پوءِ ٻين ڳالهين سان گڏ ڪتابن خواه پريس تي به حڪومت جو قبضو ٿي ويو ته ڪا به جابر حڪومت ادب ۽ لٽريچر کي عوام جي مرضيءَ مطابق نه ٿي ڇڏي سگهي. خاص ڪري ان حالت ۾ جڏهن عوام تي هڪ اڻ ڏٺل ۽ اڻ پڙتل نظام زوريءَ مڙهيو وڃي. لينن لکي ٿو ته "ادب کي لازمي طرح پارٽيءَ جي اثر هيٺ هجڻ گهرجي. غير جماعتي مصنفن کي ختم ڪيو، دنيا جي فوق الانسان ادبي شخصيتن جا نالا متايو، لٽريچر کي مجبورا اسان جي منظم، تجويز ڪيل ۽ متحد سوشل ڊيموڪريٽ پارٽيءَ جو لازمي حصو بڻجڻو پوندو. لٽريچر کي مڪمل ۽ غير مشروط طور اسان جي سوشل ڊيموڪريٽ پارٽيءَ جي جدوجهد جي سڀني جزن سان لازمي ڳانڍاپو اختيار ڪرڻو پوندو ۽ سڀني اخبارن کي لازمي طور پارٽيءَ جي جدا جدا تنظيمن جو سرڪاري

ترجمان بنجڻو هوندو. اشاعتي ادارن، ڪتب خانن، لٽبريرين خواه ڪتابي صنعت کي پوري طرح پارٽيءَ جي تحويل ۾ اچڻو هوندو."

انقلاب ڪانپوءِ ان نادري حڪم تي يڪدم عمل ٿيو ۽ اقتدار جي پهرين ئي ڏينهن روس سرڪار سڀني پريسن، اخبارن، رسالن، اشاعت گهرن ۽ ڪتب خانن کي پنهنجي قبضي ۾ ورتو. هڪ ادبي ڪنٽرول قائم ڪيو ويو، جنهن جي سختي ٿوري وقت اندر سڄي ملڪ ۾ مشهور ٿي ويئي ۽ سڄي ملڪ ۾ "ريپ ڊڪٽيٽرشپ" جي نالي سان مشهور ٿي ويو. مورس هنڊس لکي ٿو ته "جيڪڏهن اهو محڪمو پنهنجي دائره عمل کي هارين ۽ مزدورن مان نون لکندڙن تائين محدود رکي ها ته ملڪ جي شايان شان خدمت ڪري سگهي ها، مگر ان پنهنجي عمل جو دائرو حد کان وسيع ڪري ڇڏيو ۽ سڄي ملڪ جي ادب ۽ لٽريچر کي پنهنجي هٿ ۾ ڪري ان کي مقرر ڪيل سياسي قالب ۾ وجهڻ لاءِ مجبور ڪيو - تنهن ڪري تصوير، ادب، ڊرامه ۽ موسيقي سڀ ان خاص سياسي مقصد لاءِ استعمال ٿيڻ تي مجبور ٿي ويا".

۱۹۳۲ع ۾ ان ادبي آمريت کي ملڪ تي تسلط ڄمائي سورهن سال گذري ويا، ان عرصي اندر ان جي سختيءَ روسي ادب ۽ آرٽ جي روح ڪلهڻ ۾ پوري ڪاميابي حاصل ڪئي ۽ ان جي مرضيءَ موجب اهڙو ادب وجود ۾ آيو جنهن ۾ اخلاق جي بوءِ به ڪانه هئي ۽ اهو قديم ادبي روايت جي بلڪل ابتڙ هو. مذهب خلاف ريپ ڊڪٽيٽر شپ جنهن زور سان مخالف پروپئگنڊا ڪئي، ان جو اندازو هن مثال مان ملي ٿو ته ماسڪو ۾ گورڪيءَ جو هڪ ڊرامو فلمايو ويو،

جڏهن اهو پردي تي آيو تڏهن ان جي هڪ منظر ۾ انقلاب کان اڳ جو هڪ شهري ڏيکاريو ويو جو سڪرات جي حالت ۾ هو ۽ ان جي خواهش مطابق ان جي مٿان هڪ پادري آيو، ان کي ڏسندي سئنيما ۾ ويٺل سڀ ماڻهو ان پادريءَ تي کلڻ لڳا ۽ چئوطرف ان تي ٺٺوليون ٿيڻ لڳيون. ان آمرانه حڪمت عمليءَ سبب نه رڳو مذهب کي نقصان پهتو بلڪ روسي ادب جو ارتقاءُ به روڪجي ويو. بهترين ليکڪن پنهنجو لکڻ ڇڏي ڏنو. ٽالسٽائي جهڙي اديب افسانه نگاري ڇڏي تاريخ نگاري شروع ڪري ڏني. بيبل جهڙو افسانه نگار بلڪل ماٺ ٿي ويو. سيفولينه هڪ بهترين ناول نگار هو تنهن جديد طرز تي لکڻ جي سڌ ڪئي مگر ناڪامياب ويو. اهڙيءَ طرح پلينڪ ۽ ليونوف ۽ ٻيا اديب به خاموش ٿي ويا.

ميڪسم گورڪيءَ کان پوءِ ريپ ڊڪٽيٽر شپ جيڪي نوان مصنف ميدان ۾ ظاهر ڪيا، اهي اخلاقي بي‌راهه روي جي لحاظ کان گورڪيءَ کان به وڪ اڳتي هئا. انهن جي ادب ۾ رڳو آزاد اخلاق ۽ آزاد محبت جو اصول هو. هڪ اشتراڪي ناول نويس پنهنجي ناول ۾ لکي ٿو ته:- "شراب خوري ۽ زنا ڪاري قابل نفرت نه آهن. گناهه ڪجهه نه آهي. محبت ڪرڻ، پيئڻ ۽ عورتن جو تعاقب ڪرڻ مردانگي آهي. جاشيءَ فطري جذبو هجي اها گناهه ڪيئن ٿي سگهي ٿي".

اشتراڪي ادب جو روسي وچ ايشيا جي مسلم حڪومتن تي به اثر پيو. ۱۹۲۴ع ۾ وچ ايشيا جا مسلمان مجاهد اشتراڪيت جي سرخ يلغار کان شڪست کائي منتشر ٿي ويا. اهي ملڪ جيتري قدر تنظيمي لحاظ کان پوئتي پيل هئا

اوتري قدر علم کان به ڪورا هئا. اسلام انهن وٽ ڪنهن زماني ۾ ضرور پهتو هو مگر گهڻي وقت گذرڻ سبب قريبا ختم ٿي چڪو هو. انهن ملڪن جي علمي زبان فارسي هئي. اشتراڪي اقتدار پنهنجي اقتدار خاطر مناسب سمجهيو ته هر قوم خواهه هر قبيلو پنهنجي مادري زبان پڙهي ۽ لکي، تنهن ڪري جن ٻولين کي پنهنجو علم ادب ڪونه هو انهن جي ابجد تيار ڪري انهن لاءِ روسي زبان جي اشتراڪي مصنفن جي ڪتابن جو ترجمو ڪري اها ڪوٽ پوري ڪئي ويئي. ائين الحادي ادب پوري طرح تسلط ڄمائي ويو.

صدرالدين آئيني بخارا جو هڪ اشتراڪي مسلمان شاعر ۱۹۲۰ع کان اڳ خداتعاليٰ کي مخاطب ٿي لکي ٿو ته:- "اي خدا تعاليٰ تون زندگي جي شاهه رڳ آهين. تون سڀني طاقت وارن کان قوي آهين ۽ سڀني ظالمن تي غالب آهين. اي جهان جا خدا اسانکي هن مصيبت جي قيد مان ڇوٽڪارو ڏيار وغيره". پر انقلاب کان ٻن سالن بعد صدرالدين آئيني به بدلجي ويو. لکي ٿو ته:- "هن انقلاب ۾ الله يا جهان جي خدا جو ڪو به هٿ ڪونه هو، جو ڪجهه ٿيو اهو الله ۽ ان جي نبين جي برڪت سان نه ٿيو بلڪ هي سڀ ڪجهه تاجڪستان جي بالشويڪ غازين جي هٿان ٿيو".

اشتراڪي اقتدار جي مسلط ٿيڻ کان پوءِ به گهڻن ماڻهن جي دل ۾ اسلام، قرآن ۽ پيغمبر جي محبت هئي مگر بالشويڪن جي الحادي ادبي تحريڪ جا خدا، رسول، قرآن ۽ حديث جي خلاف غلط پروپئگنڊا سان پريل هئي تنهن پنهنجو اثر ڏيکاريو. اهي بخارا ۽ سمرقند جا مسلمان، جن جون حياتيون خدا جي حمد ۽ ثنا ۾ گذريون، اهي

جبل جون چوٽيون جتي قرآن شريف جي تلاوت ڪئي ويندي هئي ۽ اهي سينا جي احاديث نبويءَ سان پريل هوندا هئا، اهو بخارا جتي امام بخاريءَ جهڙي عالم جي ولادت ٿي هئي، اتي خدا ۽ رسول جي بجاءِ اڄ لينن ۽ اسٽالن جي تعريف ٿئي ٿي. انهن مسلم آبادين ۾ جتي گهٽيءَ گهٽيءَ مان بانگن جو آواز ايندو هو، هاڻي اتي خدا ۽ مذهب جي کليءَ طرح مخالفت ڪئي ٿي وڃي ۽ چيو ٿو وڃي ته "اسان برقعي ۽ پردي جي خلاف لڙهنداسون ۽ جنگ ڪنداسون. هاڻي اتي اميرن ۽ ملن لاءِ ڪا به جڳهه ڪانه آهي. اسان کي خدا جي ڪا به ضرورت نه آهي. هاڻي اسانکي خواه ٻي ساري دنيا کي خدا جي خادمن جي ڪا به ضرورت نه آهي".

هن انقلاب جي پس پرده اهي معاشي اسباب ۽ گهرجون به آهن، جي بالشويڪن ملڪ ۾ پيدا ڪيون. سڀ کان اهم هيءَ آهي جو جيڪو به اناج مسلم ملڪن ڏانهن وڃي ٿو اهو روسي حڪومت وٽان وڃي ٿو. روسي حڪومت هر شهري خواهه واهڻائيءَ کي پنهنجي قبضي ۾ رکيو آهي. اها ڪنهن هن ظلمي نظام بنسبت شڪايت ڪئي نه آهي ته سندس روزيءَ جو دروازو بند ٿيو نه آهي. تنهن ڪري ويچارن مسلمانن لاءِ هي به رستا ڪليل هئا يا ته هو روسي حڪومت جي نمڪ خواريءَ جو حق ادا ڪن يا پنهنجي وطن مان نڪري وڃن. گهڻن ته ترڪ وطن ڪيو باقي اتي اشتراڪي ديوتائن جي بندگيءَ تي راضي رهيا. اهڙيءَ طرح معاش سان گڏ ادب خواه شعر جو به ساهه ڪيو حشر ٿيو. جيڪڏهن ڪنهن اديب جو اشتراڪي حڪومت سان

(ڏسو صفحو ۱۷۰)

از:- مولانا الهورايو بروهي

يهودي رياست ڪيئن قائم ٿي؟

يهودي رياست قائم ٿيڻ بعد مسلمانن جي دلين، دماغ ۽ جذبات ۾ هڪ عظيم هيجان ۽ خوفناڪ انتشار پيدا ٿي چڪو آهي. مسلمانن جي هڪ عظيم اڪثريت يهودي اسٽيٽ جي انهي قيام ۽ ڏينهون ڏينهن وڌندڙ مضبوطيءَ کي پنهنجي مسلمه عقيدن جي خلاف ناقابل انڪار چئلينج سمجهي رهي آهي.

عيسائي ۽ اشتراڪي مشنريون اڄ ڪلهه يهودي اسٽيٽ جي وجود جو حوالو ڏيئي مسلمانن کي قرآن ۽ حديث کان بيگانه ۽ بي دين بنائڻ ۾ مصروف آهن.

اڄ کان ڪي مهينا ڪن اڳ روزاني اخبار ”مهراڻ“ جي دفتر ۾ بدين جي هڪ نوجوان طالب علم مسٽر بلال، جو غالبا ايم - اي جو شاگرد آهي، راقم الحروف کي چوڻ لڳو ته اڄ ڪلهه اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ گمراه فرقا پوري شد و مد سان اسان کي يقين ڏيارڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن ته ”اوهان جي قرآن ۽ حديث جي اها دعويٰ ته يهودين کي ڪابه رياست دنيا جي ڪنهن به خطي ۾ ڪڏهن نه ملندي، انهي دعويٰ جو عبرتناڪ انجام اڄ ”يهودي اسٽيٽ“ جي صورت ۾ روز روشن وانگر عيان ۽ نمايان آهي.“

اسانجو نوجوان طبقو جنهن جي ديني بصيرت ۽ اسلامي معلومات اڳيئي نالي ماتر آهي سو اهي اعتراض پڙهي اسلام، دين، ايمان، قرآن ۽ حديث کان پاسيرو ۽ بيزار ٿي رهيو آهي. اها ساڳي شڪايت تقريبا مهنو ڪن پوءِ سنڌ جي مشهور تعليمي شخصيت جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ به ڪئي. انهي درميان مسٽر بلال خان به متعدد دفعا مختلف موقعن، مجلسن ۽ ملاقاتين ۾ ملڪ جي انهي همه گير ذهني انتشار جو ذڪر ڇيڙي مٿئين مسئلي جي نزاڪت ڏانهن توجه ڏياريندو رهيو. مگر آءٌ پنهنجي مختلف مصروفيتن جي بناء تي مسٽر بلال خان سان پختو عهد و ميثاق جي باوجود نڀائيندو رهيس. مون انهي سلسلي ۾ مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي ۽ مولانا عبدالحق ربانيءَ کي به اپيل ڪئي، ان سان گڏ پاڪستان جي نامور عالم ۽ مفتي مولانا محمد شفيع صاحب ديوبنديءَ کي، سندس فرزند ارجمند مولانا محمد رفيع جي وساطت سان گذارش ڪيم ته اوهان مسلمانن جي هن ذهني خلجان جو ڪو علاج پنهنجي نامور ديني رسالي ”فروغ اسلام“ يا ڪنهن ٻي مذهبي رسالي ۾ پيش ڪريو. انهن و ٽان جواب آيو ته سر دست شديد مصروفيتون آهن ڪنهن وقت انهي مسئلي تي سير حاصل بحث ڪري انهي اعتراض رفع ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي.

اڄ اوچتو سکر مان هڪڙي دوست جو خط مليو جنهن ۾ به انهي ساڳي بيماريءَ جو ذڪر هو. وري شام جو سر راه محترم علي نواز وفائي سان ملاقات ٿي. انهيءَ به ان مسئلي جو ذڪر ڇيڙيو. ڪراچي جهڙي مصروف ترين شهر ۾ هڪڙو مصروف ترين مدرس ايڏو وقت آڻي ڪٿان؟ جو اهڙن اهم ۽ نازڪ مسئلن تي ڪا مدلل گفتگو ڪري سگهي. بهر حال مون اهو پختو ارادو ڪيو ته انهي مسئلي بابت خاموش رهڻ مناسب نه آهي ۽ آءٌ ڇهن ڏينهن کان سانده ڪراچيءَ جي مشهور لئبرري ”مجلس علمي“ ۾ شام جو ساڍي ڇهين بجي کان سانجهي نماز جي بانگ تائين مختلف ڪتابن جي ورق گردانيءَ بعد زير نظر مضمون مڪمل ڪري سگهيو آهيان ۽ اڄ کي پنهنجي بساط آهر انهي مسئلي جي مذهبي، علمي ۽ تاريخي پهلوءَ تي ڪجهه عرض ڪري رهيو آهيان. اميد آهي ته اسان جي جديد تهذيب جي دلداده ۽ يورپ جي لٽريچر کان متاثر گروه جي تسلي ۽ تشفيءَ جو منجهس ڇڱيرو سامان هوندو.

واقعي دنيا جي تختي تي ”يهودي اسٽيٽ جو قائم ٿيڻ هڪ نهايت ئي تلخ حقيقت آهي جا روئي زمين جي حساس ۽ غير تمند مسلمانن جي دل ۽ دماغ ۾ ڪنڊي وانگر پيئي کٽڪي ۽ هڪ اهڙي ڏتڙيل نافرمان ۽ گستاخ قوم، جنهن جي تلوار خدا جي پاڪ ۽ برگزيده پيغمبرن جي مقدس خون سان رڱيل آهي، جنهن کي مسلسل بدمعاشين، لڳو لڳ گستاخين ۽ بي انتها بي شرمين ڪري انجيل ۽ زبور ۾ ڦٽڪار ڪئي ويئي ۽ دنيا جي آخري آسماني ۽ الهامي ڪتاب قرآن پاڪ ان کي هڪ مستقل مصيبت ۽ ”شجره ملعونه“ قرار ڏيئي ڇڏيو اهڙي ذليل قوم جي حڪومت جو قيام اهو به ”خير الامم“ جي مقابلي ۾ واقعي اهو هن صديءَ جو هڪ دردناڪ ۽ دلگداز واقعو آهي. اچو ته اڄ جذبات کان ڪجهه پرڀرو ٿي حقيقت جي دنيا ۾ هن هاڃيڪار حادثي جا اسباب ڳوليون.

حضور جن عليه الصلوات و السلام جي هڪ حديث آهي ته (۱) ”منهنجي امت سان اهو سڀ ڪجهه ٿيندو جيڪو يهودين سان وهيو واپريو، ڇوته

اشتراڪي ادب ۽ اخلاق

(آنندل صفحي ۱۶۹ تان)

اختلاف ٿي پوي ٿو ته الڪي اشاعت خواه پريس جي سهورين سهولتن کان محروم رکيو ٿو وڃي، ان جو ڪوبه نظم خواهه مضمون ملڪ جي ڪنهن به اخبار يا رسالي ۾ شايع ٿي نه سگهندو ۽ نه ڪٿي ڪو پنهنجو نظم خواهه مضمون پڙهي سگهندو. ٻئي طرف اشتراڪي اديب لاءِ اشاعت خواه پريس جون سهوريون سهولتون مهيا ڪيون وڃن ٿيون - انهن جي روزگار جو نهايت معقول انتظام ڪيو وڃي ٿو- انهن کي وظيفا ملن ٿا ۽ حڪومت انهن جي هر طرح مدد ڪري ٿي. انهن حالتن جو قدرتي نتيجو اهو ٿيو جو ادب عوام جي هٿن مان نڪري حڪومت جي مدعا مطابق ٿي پيو ۽ غير اشتراڪي ادب نابود ۽ ختم ٿي ويو.

حقيقت هيءَ آهي ته بالشويڪ اقتدار سڀني اسلامي روايات خواه نشانات کي پنهنجي طاقت جي زور سان ختم ڪري ڇڏيو. اڄ جيڪڏهن نظر ٿي کڄي ته ڏسجي ٿو ته اتي جيڪي به مسلمان آهن، انهن جي اسلامي معاشرت، معيشت ۽ تهذيب خواه ادب سان ڪنهن به قسم جو رابطو يا واسطو نظر نٿو اچي.

منهنجي امت قدم قدم تي يهودين جي روش اختيار ڪندي، (٢) حق چوڻ ۽ برائين کان روڪڻ جو جذبو جڏهن نه رهندو، ان وقت اهي ڳالهيون اوهان ۾ پيدا ٿينديون جيڪي يهودين ۾ پيدا ٿي چڪيون آهن"

هاڻي اوهان اڄ ڪلهه اسان مسلمانن جي مجموعي اخلاق، ڪردار ۽ لڇڻ تي نظر ڪري ڏسو ته اسان جا اعمال، اسان جا اطوار، اسان جا افعال، اسان جو اٿڻ وهڻ، هلڻ چلڻ، کائڻ پيئڻ، ڳالهائڻ ٻولهائڻ مطلب ته قرآن ڪريم يهودين جي جيڪا تاريخي زندگي بيان ڪئي آهي اها هوبهو اسان اختيار ڪئي آهي. ڪوڙ، ڪپت، چوري، خونريزي، دغا، فريب، وعده خلافي ۽ خيانت غداري ۽ بي وفائي، ظلم ۽ زيادتي، فسق ۽ فجور، بي ديني ۽ بي حيائي جي اهڙي ئي اوڙاهه ۾ پيا آهيون، جنهن ۾ يهودي چوٽيءَ کان وٺي پيرن تائين غرق هئا. البت هڪڙو گناهه اهڙو به آهي جنهنڪان يهودين گهڻي ڀاڳي جند ڇڏائي ورتي پر اسان مسلمان ان کي اوڏا ٿي ٻيڻاسين. اوڏا ڇا اسان ان کي پنهنجي گهر ۾ سانڍي ڇڏيو.

يهودين دين ڇڏي ڏنو، دنيا نه ڇڏيائون؛ جيتوڻيڪ دنيا ۽ دنيا وارن کين گهڻوئي لوڏيو، ڦٽ بال وانگر کين ٿڏيو، ساڻن هر طرح جون عقوبتون ڪيائون مگر هي طرح جون جنيون ڦٽيون سهي به دنيا کان ڌار نه ٿيا ۽ هوڏي مسلمانن جي شومئي قسمت، جو انهن وٽ نه دين مقدس رهيو ۽ نه دنيا رهي. هاڻي ٻڌايو ته پلڙو ڪنهنجو ڳرو رهندو، انهن جو جن وٽ دين آهي نه دنيا يا انهن جو جن وٽ دين ته نه آهي پر دنيا بدرجه اتم موجود آهي.

هاڻي غور ڪرڻ گهرجي ته انبيا جي سر زمين جي فرمانروائي ۽ حڪومت مسلمانن کي ڇو عطا ڪئي ويئي. جڏهن ارض مقدس تي رومن ايمپائر جو جهنڊو شان و شوڪت سان ڦڙڪي رهيو هو، قرآن مجيد اعلان ڪري ڇڏيو ته "اسان زبور ۾ نصيحت کان پوءِ لکي ڇڏيو هو ته "ارض مقدس" جا وارث منهنجا صالح ٻانها هوندا (يعني صالحيت ۽ صلاحيت رکندڙ) يقينا انهي اڳڪٿيءَ ۾ عبادت ڪندڙن جي لاءِ هڪڙو پيغام آهي" (سوره انبيا آيت ١٥) انهي پيشنگوئي مطابق اها زمين سنه ٦٣٧ع ۾ مسلمانن کي عطا ڪئي ويئي جنهن تي ١٢٨٠ ورهيه حڪومت ڪندا رهيا. اهي صالح هئا تنهنڪري قرآن جي فيصلي موجب "ارض مقدس" سندن هئي. جڏهن انهن صالحيت ۽ صلاحيت جا لڇڻ ڇڏي ڏنا تڏهن سزا طور قدرت اسلامي دنيا تي يهودين ۽ عيسائين کي سندن عملن جي شامت بڻائي مٿن مسلط ڪري ڇڏيو. هتي هي سوال ضرور پيدا ٿيندو ته اسان ۾ اهي صفتون ۽ خصلتون نه سهي، يهودين ۽ نصارن ۾ اهي گڻ ڪٿان آيا ۽ اهي ڪٿان جا صالح هئا؟ ان جو جواب هي آهي ته انهن ۾ جيڪڏهن صالحيت نه آهي ته نامرادن ۾ صلاحيت ضرور آهي. آخر صالح جي لفظ ۾ ته صالحيت ۽ صلاحيت ٻئي موجود آهن ۽ اسان اهي ٻئي جوهر وڃايا. انهن وٽ هڪڙو جوهر ته آهي. انهي صورت ۾ قدرت جي "بقائي اصلح" جي اصول موجب هو اسان تي غالب ڇو نه هجن...... تسخير ڪائنات جي تعليم اسان کي هئي، خذو حذر ڪم جو حڪم به اسان کي ئي هو ته هر اهو سامان جيڪو اوهان جي بچاءَ سان تعلق رکي اختيار ڪريو. "بنيان مرصوص" بڻجڻ جي تلقين به اسان کي هئي پر اسان سرخروئي ۽ ڪاميابيءَ جا اهي احوال اهڙي طرح لتاڙي وڃائي ڇڏيا جو:

ويئي حڪومت عز و عظمت
شان پي ويندو رهيو
ويو هليو سڀ ڪجهه مگر
هڪ داستان رهجي ويو.

يهودين ۽ عيسائين انهن اصولن تي پنهنجي زندگيءَ جو بنياد رکيو، انهن پاڻ ۾ بي پناهه تنظيم پيدا ڪئي، انهن ۾ قربانيءَ ايثار جو جذبو پيدا ٿيو ۽ بي پاسي علم و حڪمت- سائنس ۽ ريسرچ جي بدولت وٽن سامان جنگ جي فراواني هي سڀ صلاحيتون آهن، جنهنڪري اسان ڪانئن هيسيا پيا آهيون. آخر ڇڙو تسبيح جا داڻا تري نات تري جو ڪم ته نه ڏيندا. رڳو "اسلام" جو نالو ته هر قسم جي اقتدار جو ضامن ٿي نه ٿو سگهي، جيستائين اسان "خذوا حذركم" کان غافل آهيون تيستائين اسان ۾ صلاحيت ڪيئن پيدا ٿيندي؟

اڄ اسان مسلمانن جي حالت سرور عالم عليه الصلوات والسلام جي انهي پيشنگوئي مطابق ٿي چڪي آهي، جنهن ۾ پاڻ فرمايو هوائون ته:

"ڪو وقت اهڙو به ايندو جو سموريون قومون اوهان جي برخلاف هڪ ٻئي کي سڏينديون، جيئن کائڻ وارا هڪ ٻئي کي ڪاڌي ڏانهن سڏيندا آهن. ڪنهن عرض ڪيو ته ڇا قومون انهي ڏينهن اسان کي کائڻ لاءِ انهيڪري ڊوڙنديون جو اسان ٿورا هونداسين. فرمايائون ته نه - تعداد ۾ اوهين گهڻا هوندا مگر انهن ڪکن ۽ پنن جيان هوندؤ جنکي سيلاب لوڙهيندو رهندو آهي. خدا تعالىٰ انهيءَ ڏينهن اوهان جي دشمن جي دلين مان اوهان جو رعب ڪيڍي ڇڏيندو. اوهان جي دلين ۾ دنيا جي محبت ۽ موت جو ڊپ هوندو (مشڪوات ڪتاب الرقاق باب تغير الناس).

مسلمان جيڪڏهن اڄ به انهن ٻن بيمارين مان جند ڇڏائي، پاڻ ۾ صلاحيت ۽ صالحيت جا جوهر پيدا ڪري ته فلسطين ڪهڙي شيءِ آهي ساري دنيا تي سندس حشمت ۽ هيبت جو سڪو ڄمي وڃي.

فضائے بدر پيدا کر فرشتے
تيري نصرت کو
اتر سکتے هين گردون سے
قطار اندر قطار اب بهي

خالق ڪائنات جو هي وعده ته:-

"انتم الاعلون ان ڪنتم مومنين" هرگز باطل ۽ بي معنيٰ ٿي نه ٿو سگهي.

اها ڳالهه بلڪل غلط آهي. اسلام ۽ قرآن ڪڏهن به اهڙي دعوىٰ نه ڪئي آهي ته "يهودين کي ڪٿي به عارضي طرح ڪا حڪومت حاصل ٿيڻي نه آهي" البت قرآن مجيد جن جاين تي اهو اعلان ڪيو آهي ته يهودي ذلت ۽ نامراديءَ جو ٽوڪرو کڻيندا رهندا، انهن جاين تي هڪڙي استثنا به موجود آهي. شاندار ماضي جي دعويدار مسلمانن انهي استثنا تي شايد گهٽ غور ڪيو آهي. جيڪڏهن ڪجهه گهري نظر کان ڪم وٺن ها ته اهو سوال کين ايترو منجهائي ۽ پريشان ئي نه ڪري ها، جو هو خدا ۽ سچي رسول کي به (نعوذ بالله) شڪ ۽ شبهه جي نظر سان ڏسڻ شروع ڪن ها.

خدا وند عالم پنهنجي پاڪ ڪلام ۾ يهودين جي قسمت جو فيصلو هنن لفظن ۾ ڪري ڇڏيو. "انهن مٿان جتي به هجن ذلت ۽ مسڪنت مسلط ڪئي ويئي آهي هان جيڪڏهن حبل الله کي مضبوط جهلين (يعني اسلام جي پناهه ۾ اچي وڃن يا حبل الناس اختيار ڪن يعني ٻين قومن جي پناهه هيٺ اقتدار حاصل ڪن) ته ٻي ڳالهه آهي (نيٺ) اهي خدا جو غضب کڻي موٽندا ڇو ته انهن تي مسڪيني ۽ محتاجي لازمي ڪئي ويئي آهي." (آل عمران آيت ١١١)

تنهنجي پالڻهار خبر ڏني ڇڏي آهي ته انهن تي قيامت تائين اهڙن ماڻهن کي مسلط ڪندو رهندو جيڪي کين ذلت آميز سزا ڏيندا رهندا (اعراف آيت ۱۶۷)

مٿين ٻنهي آيتن مان هيٺيان نتيجا نڪرن ٿا:-

(۱) يهودين تي ذلت ۽ مسڪنت مسلط ڪئي ويئي، قيامت تائين مٿن اهڙا ماڻهو ڇڙلدا رهندا جيڪي ذلت آميز عذاب ڏيندا رهندا .

(۲) يهودي قرار ۽ اقتدار رڳو انهي صورت ۾ حاصل ڪري سگهن ٿا جو اسلام قبول ڪن يا اسلامي حڪومت جي سايه هيٺ اچي رهن .

(۳) يا وري هي صورت آهي جو دنيا جون قومون گڏجي پنهنجي طاقت ۽ تصرف علي الارض جي آڌار تي کين اقتدار ۾ آڻين .

(۴) اهو اقتدار به عارضي هوندو ۽ آخرڪار ذلت ۽ نامرادي جي مار مٿن پوندي ۽ ڪا نه ڪا دهشتناڪ قوم کين بنهه بري طرح ذليل ۽ رسوا ڪندي رهندي .

انهن نتيجن تي غور ڪري ڏسو ته هر زماني ۾ يهودين کي تباه ۽ برباد ڪرڻ لاءِ ڪو نه ڪو جابر حڪمران پيدا ٿيندو رهيو. انهي سلسلي جي آخري ڪڙي هٽلر هو، جنهن پوري بي باڪي بي نيازي ۽ بي پرواهيءَ سان لک يهودي کهائي سندن چربيل لاشن تي شادمانا ملهائيندو رهيو ۽ اڄ يهودي هٽلر جي بدران ايڪمن کي عدالت جي ڪٽهڙي ۾ بيهاري ڪائنس پڇي رهيا آهن، ته اسان کي ڪيئن ماڪوڙن وانگر مارڻ مان اوهان جي مراد ڪهڙي هئي ۽ لطف هي جو ايڏي وڏي فعل جي ارتڪاب جي الزام جي باوجود ايڪمن بي نيازيءَ جي شان سان يهودي عدالت جو هي ڊرامو ڏسي رهيو آهي ۽ ان سلسلي ۾ ان جي پيشمانيءَ تي شرم ۽ ندامت جا سر به نظر نه ٿا اچن .

هٽلر جيڪي پختا ارادا ۽ حوصلا کڻي اٿيو هو ۽ ساري دنيا فتح ڪرڻ جا جيڪي خيال سيني ۾ سانديو آيو، تنهن مطابق جيڪڏهن ڪاتب تقدير سندس همنوائي ڪري ها ته ساري دنيا جي يهودين جو جيڪو عبرتناڪ حشر ڪري ها ۽ ان کان دنيا پوري طرح واقف ٿي وڃي ها .

باقي ته هي هڪ کليل حقيقت آهي ته يهودي جڏهن اسلامي اسٽيٽ هيٺ هئا، تڏهن کين هر طرح جو آرام حاصل هو. پندرهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ڌاري ذليل ۽ لوڏيل يهودين کي، دولت عثمانيه پناه ڏني، خود حضور سرور عالم صلي الله وسلم ۽ يهودين جي وچ ۾ جيڪو معاهدو ٿيو انهي ۾ به هي الفاظ آهن ته:-

” يهودين کي ڪنهن به قسم جي تڪليف نه ڏني ويندي ۽ نه ڪنهن دشمن کي سندن بر خلاف مدد ڏني ويندي، پوءِ جن يهودين اسلام آندو اهي پڻ مسلمان سان گڏجي دنيا تي حڪومت ڪندا رهيا . الهي تاريخي حقيقت جي لاءِ ڏسو ڊاڪٽر اقبال خواه هڪڙي ترڪي مصنف جي نالي جنهن ۾ ڄاڻايو اٿس ته ” ڪشميري ۽ افغان قوم جو وڏو حصو اسرائيلي نسل مان آهي (ماهنامه ”توحيد“ فيبروري ۱۹۵۱ع صفحو ۱۵ .)

قرآن شريف جي اها پيشگوئي ته يهودي حبل الله کي مظبوط جهلي يا اسلامي حڪومت جي پناه هيٺ اچي قرار ۽ اقتدار حاصل ڪري سگهن ٿا صاف پوري ٿي - ٻي صورت جيڪا (حبل الناس) سان تعلق رکي ٿي سا موجوده زماني ۾ پوري ٿي جڏهن روس، آمريڪا ۽ برطانيه گڏجي هڪ گهري سازش ماتحت انهن نا مرادن کي گهلي فلسطين ۾ آندو ۽ پوءِ انهن طاغوتي طاقتن ۽ قومن گڏجي کين هڪڙي اسٽيٽ جو خود مختيار ۽ مالڪ بڻائي ڇڏيو، الهي هوندي به واقعات ۽ حقائق اهو ٻڌائي رهيا آهن ته فلسطين جي انهي حصي ۾ يهود نا مسعود حڪومت نه ڪري رهيا آهن بلڪ:-

ڪوئي معشوق هي اس
پرده زنگاري مين

اهو زنگاري پردو سر ڪائي ڏسندا ته اوهان کي صاف صاف اسرائيل جي لباس ۾ امريڪي روسي ۽ انگريز ڏسڻ ايندا.

رسول الله صلي الله عليه وسلم جن سچ فرمايو آهي ته جڏهن دجال نڪرندو تڏهن ساڻس يهودين جو وڏو لشڪر هوندو.“

اڄ اسان ڏسون پيا ته يهودي رڳو پنهنجي طاقت جي آسري تي نه بلڪ انهن دجالي قومن جي آڌار تي بر سر اقتدار آندا ويا، مگر قرآن ڪريم جي پيشگوئي مطابق اهو اقتدار دائمي ٿي نه ٿو سگهي. يهودين کي تباه ڪرڻ لاءِ ڪا نه ڪا طاقت ضرور ڪڙي ٿيندي. ممڪن آهي ته اهو عذاب مسلمانن جي ذريعي مقدر هجي جو ته مسلمانن جون اهو ڪيون مصيبتون حقيقت ۾ هڪ وڏو آپريشن آهي، جنهن جو مقصد هي آهي ته مسلمانن جي نسن ۾ صالح خون جوش ڪري کين نئين زندگي ڏيڻي سا ڪي اسٽيٽ جو مالڪ بنائي جنهن جي تخت حڪومت تي تيرهن سو ورهيه جلوه افروز رهيا .

بهرحال اوهان ” اسرائيل “ جي سموري تاريخي زندگي آڏو رکي انهي تاريخ جا ٻيا اٿلائيندا رهندا ته اوهان کي انهن جي زندگيءَ جا دردناڪ مگر عبرت انگيز پهلو سمجهه ۾ اچي ويندا- ڪيترا دفعا بيت المقدس کي ساڙي ڀسم ڪيو ويو، ڪيئي دفعا ” يروشلم خاڪ ۽ خاڪستر جو ڍير بڻجي ويو ۽ پيون ڪيترين مختلف مصيبتون ” خرمن يهود “ تي ٻجلي بڻجي ڪڙڪيون ۽ ان بعد کين ڪٿي به قرار ۽ آرام نصيب نه ٿيو . هو دربدر خاڪ بسر دردر جا ڌڪا کاڻا ۽ ٺوڪرون کائيندا رهيا، جن کي في الحال اخبار جي محدود صفحن تي بيان ڪري نه ٿو سگهجي .

مٿين حقيقتن مان ايترو آسانيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو ته ” ارض فلسطين “ ۾ يهود جو آباد ٿيڻ ” امر مقدر “ هو ۽ هي به مقدر آهي ته مسلمانن جي صالح بڻجڻ بعد کين واپس ڏياري ويندي، باقي اهو مسلمانن جي وس آهي ته انهي عرصي کي مختصر ڪن يا اجا وڌائين پر اٽل حقيقت هيءَ آهي ته:-

دائم ايڪسان نه ماند حال
دوران عمر مختصر

البت تاريخ جي هيءَ ستم ظريفي ڇٽي جو جنهن قوم ڪسريٰ جا ڪنگرا ڪيرائي، قيصر جي ماڙين ۾ زلزلو ۽ ترٿلو وجهي ڇڏيو. ان قوم جا فرزند واقعات ۽ حوادث کان هيسجي مايوسي ۽ نا اميديءَ جا شڪار ٿي رهيا آهن .

جن جي حشمت کي ڏسي
خود شينهن ڇرڪي ٿي ويا،
تن جا ٻوڙيان ٿا ڏچن گر به گريزان
کي ڏسي

از:- يار محمد ٽانوري

وساريان نہ وسرن

الا، الا! ڪهڙا نہ وڻندڙ ڏينهڙا ۽ سهائيندڙ راتيون هيون، جن ڏينهن سنڌ جا سپوت اهل وطن ڪي تباهي جي اوڙاهہ مان ڪڍڻ لاءِ ۽ انسان بڻائڻ لاءِ آمهون سامهون ويهي سوچيندا هئا ۽ قلمي جهاد ڪندا هئا ۽ راتين جو اهل راءِ اصحاب قوم مسلم جي مرده جسم ۾ جان وجهڻ لاءِ نسخا تيار ڪندا هئا ۽ اهو سڀ ڪم پرامن ماحول ۽ خوشگوار فضا ۾ سرانجام ٿيندو هو.

سنڌ جا مسلمان تعليم کان ڪورا، مالي اعتبار کان مفلس، قرض ۾ مبتلا، مرض ۾ گهيريل، مصيبتن ۾ ماريل ۽ ٻين جي رحم و ڪرم تي هئا. مان ٻي مهاڀاري لڙائي کان بعد واري لاڳيتي دور جو ذڪر ڪري رهيو آهيان جڏهن هڪ طرف کي انگريزن جا نمڪخوار، حق نمڪ ادا ڪرڻ لاءِ سنڌي مسلمانن جي اسلامي روح کي فنا ڪرڻ لاءِ سازشون ڪري رهيا هئا ۽ ٻي طرف شڌين جو زور هو، ٽئين طرف عيسائي مشنريون بہ پنهنجا ڪرتب ڏيکاري رهيون هيون. سادا سودا ۽ صاف دل سنڌي مسلمان، ڏسڻ وائسڻ، لٽي ڪپڙي ناهوڪن ماڻهن جي چرب زباني ۽ شيرين ڪلامي تي موهت ٿي دين و ايمان جو سودو سستو ڪندا ٿي رهيا. مگر هن چرخ نيلي فام هيٺ ڪي خدا جا نيڪ ٻندا بہ هئا، جن جي قوت ايماني ۽ اسلامي غيرت اهو گوارا نہ ڪيو تہ اسان جا سنڌي پائر تاريخ ۾ غدار ۽ بزدل، لالچي ۽ موقعي پرست سڏيا وڃن- تن معاشرتي ميدان ۾ قدم رکيا ۽ پنهنجي اکوجهہ پائرن کي راه مستقيم ڏيکارڻ جو عزم ڪري اٿيا ۽ اٿيا تہ اهڙي شان سان اٿيا جو ڏسندڙ انگشت بدندان رهجي ويا ۽ هنن جا زرين ڪارناما تاريخ جو نہ مٽجندڙ ورق بڻجي ويا ۽ سنڌ کان ٻاهر بہ هنن سنڌي سپوتن جو نالو وڏي عزت ۽ احترام سان ورتو ويندو هو.

هيءُ اهو زمانو هو جڏهين آءٌ سنڌي ورنيڪيولر فائنل امتحان شڪارپور سينٽر مان سال ١٩٢٣ع ۾ امتياز سان پاس ڪري پنهنجي ڳوٺ ميان صاحب ۾ پنهنجي والد سان ڪاشتڪاري جي ڪم ۾ حصو وٺي رهيو هوس. مزي جي ڳالهہ اها آهي تہ گورنمنٽ پرائمري اسڪول ميان صاحب مان اڪيلو ئي مان امتحان ڏيڻ ويس چو تہ قطع تعلقات هلچل سبب ٥، ٦ ۽ ٧ درجي جا ٻيا سڀ شاگرد اسڪول ڇڏي ويا ۽ ڳوٺ جي هندن ۽ مسلمانن طرفان ناهيل شيوا منڊلي جي زير سايہ هلندڙ پرائيويٽ اسڪول ۾ وڃي داخل ٿيا، جنهن اسڪول جو هيڊ ماسٽر منهن جو پڦات وڏيرو ميان ڪريم بخش ٽانوري هو جنهن خلافت تحريڪ ۽ قطع تعلقات هلچل ۾ دل ڪولي حصو ورتو هو. ڳوٺ جي شيوا منڊلي بہ هن جي ئي ڪوشش سان برپا ٿي هئي جنهن جي زير سايہ لئبرري، فري ريڊنگ روم، سنڌي ۽ انگريزي اسڪول هلندڙ هئا. ان اسڪول جا شاگرد انجنير، وڪيل، ڊاڪٽر ۽ صحافي بنيا. ان اسڪول مان مون سان گڏ سڀ سارا نو ڄڻا فائنل امتحان ۾ ويٺا. شيوا منڊلي جي لئبرري ۾ اخبار الوحيد روزانو ايندڙ هئي جا مان بہ مطالع ڪندو هوس. ڪڏهين ان ۾ پيو پڙهان تہ (مرحوم و مغفور) مولانا دين محمد وفائي سنجوڳي شيخن ۾ اسلام جي تبليغ ڪري رهيو آهي ۽ سنجوڳي شيخ پڪا ۽ موحد مسلمان بڻيا ٿا رهن ۽ ڪين لالچون آڇي عيسائي ۽ هندو بڻائڻ وارا مبلغ پيچ پائي پڇي ويا. اهي خبرون پڙهي دل ۾ پيو چوان تہ مار! هي مولانا وفائي ضرور اسم اعظم ڄاڻندو هوندو نہ تہ ٻيا ڪئي شيخن ۾ تبليغ ڪندي ڪيئن ڪامياب ٿيو. وري جو ننڍي هوندي وڏڙين کان ڪهاڻيون ٻڌي اسم اعظم جي طاقت کان واقف ٿيا هئاسين تہ يڪدم خيال آيو تہ ڇو نہ وڃي هن صاحب (وفائي) کان اسم اعظم سکان، جنهن جهت نوڪري ملي وڃي ۽ کيتي جي ڪم کان ڇٽي پوان.

وري ڪنهن ڏينهن (مرحوم قبلہ) حڪيم فتح محمد صغير سيوستاني لاءِ پڙهيم تہ ڳوٺ سن ۾ پير سيد غلام مرتضيٰ شاه جي دعوت تي ويا آهن ۽ اتي هڪ ڪانفرنس جي (خلافت ڪانفرنس) جي صدارت ڪئي اٿن. اڃا وفائي جي اسم اعظم جو لهو نہ لٿو هو تہ مٿان هي نئون گل ٽڙيو. خلافت ڪانفرنس پير سيد غلام مرتضيٰ شاه - حڪيم فتح محمد صغير سيوستاني - نالا ورد زبان ٿيڻ لڳا. ڪيڏانهن ڪراچي ڪيڏانهن ميان جو ڳوٺ. مان فائنل امتحان تي سوشڪارپور ويو هوس نہ تہ ڳوٺ کان ٻاهر قدم ئي نہ رکيو هوم. دماغ چڪر ۾ هو تہ ڪيئن ڪراچي پهچندس جو مولانا وفائي کان اسم اعظم سکندس، پير غلام مرتضيٰ شاه کان تعويذ وٺندس تہ نوڪري جلد ملي. پر هيءُ حڪيم فتح محمد جو ڪانفرنس جو صدر ٿيو ٿئي ۽ الوحيد ۾ سنڌس نالو وڏن اکرن ۾ ٿو شايع ٿئي، ضرور ڪا هستي آهي. ان کان ڇا وٺبو. بابو مرحوم ڪهتا ماريندو هو، اسان ڇيڙا ميڙي ميڙي ۽ ڏنڊو ڪولڊو هلائي هلائي ٿڪي پوندا هئاسون، سو سوچيم تہ هن کان بہ ڪجهہ نسخا سکندس ۽ اهي وري بابي کي ٻڌائيندس تہ تو ٽڪا حڪمت جا بہ سکي.

اڃا اهي خيالي پلاءُ پئي پچايم تہ هڪ ڏينهن اخبار ۾ (الحاج) شيخ عبدالمجيد سنڌي لاءِ پڙهيو وري پيو پڙهان تہ عتبار ئي نہ اچي. ٽڪڙ و ٽڪڙ و محترم بزرگ ميان جان محمد صاحب وٽ ويس تہ سائين هيءُ سچ آهي تہ شيخ عبدالمجيد انگريزن کي ملڪ مان تڙي ڪڍڻ لاءِ اعلان ڪيو آهي ۽ مسلمانن کي سجاڳ ٿيڻ جي تلقين ڪئي اٿن. چيائين هائو بابا! اهي شمع حريت جا پروانا اٿئي. ائين چئي ميان تہ حويلي ۾ هليو ويو. مان سڌو (مرحوم) مولانا محسن شاه صاحب وٽ حاضر ٿيس جو هند سنڌ ۾ ناميارو عالم هو ۽ هندستان جا بلند پايہ علماءَ بہ سنڌس تعظيم ڪندا هئا. مرحوم سان بابي سائين جو ڳنڍو رستو هو. مان ۽ منهنجو وڏو ڀاءُ مسٽر محمد پريل ٽانوري وڪيل وٽس قرآن شريف پڙهيا هواسين. منهنجي مٿئين استفاده تي هن بزرگ مون کي شيخ صاحب جي مشن متعلق سمجهاڻي ڏني. پڇيومانس تہ هيءُ بہ سنجوڳي شيخ بڻي عاقل يا شهداد ڪوٽ جو آهي ڇا؟ جو مولانا وفائي جي تبليغ ڪري راه راست تي آيو آهي. مرحوم مولوي صاحب منهنجي ان سوال تي ڏاڍو مرڪيو ۽

هڪ مولانا اميد علي صاحب جو وٽس مهمان هو ان کي سڏي منهن جو تعارف ڪرائيندي منهنجي الهڙ سوال کان ڪيس واقف ڪيائين جنهن بہ حظ حاصل ڪيو. مان متحير هوس تہ هي ٻئي بزرگ عالم ڇوتا مرڪن، ڇا مان ڪا اهڙي کل جهڙي ڳالهہ ڪئي آهي؟ آخر پاڻ ٻڌايائون تہ نہ بابا! شيخ عبدالمجيد شهر ننگر ٺٽي جي هڪ دولتمند هندو ليلارام جو پٽ آهي ۽ سنڌي، انگريزي مان چڱي طرح واقف آهي. علم حاصل ڪرڻ ۽ اسلام جي مطالع بعد هن اسلام کي سچو ۽ خدائي مذهب ڄاتي، هندو مذهب ڇڏي مسلمان ٿيو آهي. جيڪو هندو مسلمان ٿئي، انکي شيخ سڏيو ٿو وڃي. اڙي وٽ سائين!! هي ڇا، اسلام لاءِ هن مائٽ ڇڏيا، گهر ڇڏيو، شهر ڇڏيو، ڌن دولت ڇڏيو. سائين مولوي صاحب هيءُ تہ پڪ بهشت ۾ ويندو.

قصو ڪوتاهہ الوحيد اخبار منهنجي ننڊ حرام ۽ آرام ڦٽائي ڇڏيو. فخر قوم عبدالله هارون جا قصا، مولانا محمد صادق صاحب کڏه وارن جون سرگرميون ۽ پيا تاريخي مقالہ. وري مولوي وفائي جي توحيد جا مضامين، حڪيم صغير سيوستاني جا اسلامي ڪتاب. هاڻي پاڻي سر کان چڙهي ويو. خيال ڪيم تہ هاڻي ٻچي کان چوري ڀاڄ و ڻي، بابي کان لڪي ڪراچي پهچي وڃي انهن ڀلارن جو ديدار ڪريان. ڌيءَ تہ ڪونہ آهيان جو بابي جو ڪنڌ هيٺ ٿيندو. پٽ آهيان. الٽو بابو پوءِ مونکي آفرين ڏيندو. ان لاءِ حڪيم صاحب جا نسخا بہ تہ آڻيا ۽ انهن مان ڪنهن نہ ڪنهن کي دعوت ڪري گهوٽ وٺي ايندس ۽ ڪمن ڪڪڙ جو ٻوڙ ۽ اٽرانسا کارائيندس ۽ راس جو وري بسريون (ڳڙهاڻيون)، جيئن ڳنڍ لسہ لڳن. ٻئي ڏينهن وري سينگاري مڇي جو ٻوڙ ۽ الڪ جوئر جي مزيدار ماني وغيره. اهي سڀ گڏ نہ آيا تہ پرواه نہ آهي. هڪ هڪ ڪري ڪين گهوٽ وٺي ايندس ۽ پوءِ بابو ضرور خوش ٿيندو ۽ اسانجي اوطاق تي ڪوڙ ماڻهو انهن جون ڳالهيون ٻڌڻ ايندا. ميان جان محمد بہ ايندو ۽ سائين محسن شاه بہ ايندو. بابي کي چوندس تہ حضرت مولانا عبدالغفور صاحب همايوني کي بہ دعوت ان موقعي تي ضرور ڏئي. دعوت کان پوءِ ڪين ڍڳا گاڏي ۾ چاڙهي مان پاڻ اسٽيشن تي ڇڏي ايندس. الغرض تہ اهي خيالي پلاءُ پچائيندو رهيس. ڏينهن، هفتا، مهنا ۽ سال گذري ويا. الوحيد اخبار روز نئون مصالح اسانجي ننڍڙي دماغ لاءِ کڻي تي آئي. آخر ١٩٢٥ع ڌاري هند اسيمبلي جي اليڪشن تي فخر قوم عبدالله هارون لاءِ الوحيد اخبار ۾ مٿي ڄاڻايل بزرگن جون اپيلون هيون. پولنگ واري ڏينهن مان بہ شڪار پور هوس. اتي مولانا عبدالڪريم چشتي سان ملاقات ٿي. مان جناب مولوي محمد محسن شاه جي نمائندگي ڪري رهيو هوس. ازانسواءِ جناب حڪيم صاحب ۽ مولانا وفائي صاحب جا خط بہ هئا تہ مان پولنگ تي وڃان. مون کان اهو مٿي لکڻ وسري ويو آهي تہ مان ٢-٣ سالن کان انهن بزرگن سان خط و ڪتابت جو شرف حاصل ڪري چڪو هوس. اگرچ منهنجي دل جي مدعا يعني اسم اعظم ۽ حڪمت جا نسخا سکڻ لاءِ نہ لکيو هوم ڇو تہ مرحوم ٻچي چيو هو تہ جڏهين تون هنن جي خدمت ڪندين تہ هو توکي پاڻهي سيکاريندا ۽ جي اڳواٽ لکندين تہ هو سمجهندا تہ لالچي آهي. خير.

مون کي چڱي طرح ياد آهي تہ اليڪشن واري رات جو حڪيم فضل الله صاحب شڪار پوري ڪنهن ڳالهہ تان رسي ويو. پوءِ مولانا چشتي، نواب خالق داد خان، مان ۽ ٻہ ٻيا دوست حڪيم فضل الله جي مطب تي وياسون. موصوف مڃيئي نہ. مان ننڍو نوجوان، سو جوش جهلي نہ سگهيس. چيو مانس تہ سائين عجب آهي تہ ووٽ تہ عبدالله هارون کي ڏيڻ لاءِ ايندا باقي ڪم ڪار ۽ ورڪ ۾ مدد نہ ٿا ڪريو. مان اول تہ سائين محسن شاه وٽ ڳالهہ ڪندس تہ ڏوهہ توهانجو آهي ۽ پوءِ مان حڪيم صاحب ۽ وفائي صاحب کي بہ لکندس تہ توهان بيواجبي ٿا ڪريو. مون کي ياد آهي تہ ستر روپيا، جي خرچ لاءِ هن وٽ هئا ۽ موٽائي ڏيئي ويو هو، سي هن ورتا ۽ ڪم ڪرڻ لاءِ وعدو ڪيائين. ان بعد نواب خالقداد خان سندس ۽ مولانا چشتي جا پاڪر ٻارايا. اتي ڪنهن چيو تہ اليڪشن ۾ فتح آهي، جو سوڻ سنو ٿيو آهي. مون چيو تہ ماٺ ڪر، حڪيم فتح محمد صاحب کي خبر هوندي تہ فتوي ڏيئي ليڪالي ڏيندءِ. انجي ڪتابن ۾ پڙهيو نہ اٿئي تہ اهڙا سوڻ نہ وٺجن، شريعت ۾ جائز نہ آهن.

اليڪشن کان ٽورن ڏينهن بعد مان ڪراچي روانو ٿيس. والد مرحوم خوشي سان موڪل ڏني هئي.

ڪراچي سڌو حڪيم صاحب جي دواخانہ ڪچهري روڊ تي آيس تہ ڇا ڏسان تہ هڪ کدڙ پوش، سادو سودو، نوراني چهري سان باوقار شخص ويٺو آهي. پيءُ جيان پيار ڪيائين الوحيد پريس جو ڏس پڇيو مانس تہ چيائين وڃ ۾ گهڻو وقت نہ ترسج. انهن جي ڪم ۾ رنڊڪ هوندي. وفائي صاحب وٽ جاءِ تي يا پريس ۾ شام جو ٥ بجي وڃ.

پريس ۾ جو وڃان تہ حضرت وفائي صاحب مع لکڻ جي ويٺو آهي، سلپ تي سلپ لکندو دري مان اڇلائيندو پيو وڃي. اينتري ۾ هڪ شخص سنهڙو- پتلو، لڪڙي هٿ ۾ ڊگهو ڪوٽ پهريل اچي ويٺو. مان وفائي صاحب کان پڇيان تہ شيخ عبدالمجيد صاحب ڪير آهي. اهو ڪٿي ملندو، مڃاڻ تہ اها نو وارد هستي سنڌ ۾ هئي. ملاقات ٿي. انهن سڀ بزرگ ڏٺم.

قبلہ حڪيم صاحب جي مدد سان ضلع ڪراچي جي پانگريہ اسڪول ۾ ماستريءَ جي جاءِ ملي. هڪ ڏينهن حڪيم صاحب مون کي موڪل وٺرائي پاڻ سان گڏ سن وٺي هليو جو اتي پير سيد غلام مرتضي شاه جي جد بزرگ، سائين امير حيدر شاه جو ميلو هو. ڏاڍي خوشي ٿي جو تعويذ وٺڻ جو جنهن شخص کان ٥ ورهيہ اڳ ارادو ڪيو هوم اهو اکين سان ڏسندس ۽ سندس هٿ چمندس ۽ پيرن پوندس وغيره مگر سن اچڻ تہ ميلو تہ ڪجهہ بہ نہ هو. ماڻهو فقط زيارت ڪرڻ ۽ پٽ کائڻ ۾ مشغول هئا. مکيہ نظارو هو تبليغي ڪانفرنس، جنهن جي صدارت جناب سائين پير شاه صاحب (الحاج سيد حسن بخش شاه جو والد بزرگوار)، شيخ عبدالمجيد صاحب ۽ حڪيم فتح محمد سيوهاڻي صاحب واري واري تي ڪري رهيا هئا. سيد ميران محمدشاه- حاتم علوي ۽ پيا رهنما بہ آيل هئا جن تقريرون ڪيون- مون کي ياد آهي تہ صبح جو حاتم علوي ۽ سيد ميران محمد شاه درياءَ جو ڪپ ڏيئي گهمڻ لاءِ نڪتا. مون کي بہ ساڻ وٺي هليا. رستي ۾ سندن گفتگو جو موضوع اها تبليغي ڪانفرنس هئي جا سنڌ جي سرزمين ۾ نئون سلو هو. نئون پروگرام هو ۽ معاشري ۾ انقلاب هو. غير اسلامي حرڪتن جي بيخ ڪني ڪرڻ لاءِ زبردست قدم هو. مسلمانن ۾ تعليم ۽ واپار جي شوق پيدا ڪرڻ ۽ اهو شوق پايہ تڪميل تي پهچائڻ لاءِ مصمم عزم هو. انهن رهنمائن چيو تہ جي سهڻ

(ڏسو صفحو ١٧٥)

از:- "سوز" سومرو ٺارو شاهه

بنگو فقير گوپانگ

سنڌ سونهاري کي ساهتي (نوشهره، مورو ۽ ڪنڊيارو تعلقن) جي مردم خيز سرزمين تي هميشه ناز رهندو، جنهن ڪيترن ئي بزرگ ۽ برگزيده هستيون پيدا ڪيون آهن. اهڙن ادب اجاريندڙ ۽ ادب نواز شخصيتن مان بنگو فقير گوپانگ پڻ هڪ ٿي گذريو آهي. ساهتيءَ جو هيءُ شهمور، ادب جي لڙهي جو بي بها موتي ڳوٺ **وايون** لڳ درٻيلو تعلقو ڪنڊيارو ضلع نوابشاهه ۾ ڄائو نپنو. سندس گهر گهاٽ به اتي ئي هو. سندس ولادت ۽ وفات متعلق پورو پتو پئجي نٿو سگهي. مقامي روايتن مان معلوم ٿئي ٿو ته کين وفات ڪئي اٽڪل پوڻا ٻه سو سال گذري چڪا آهن. سندس تربت به سندس اباڻي ڳوٺ وايون ۾ ئي آهي. سندس خاندان متعلق معلوم ٿيو آهي ته فقير صاحب جن پاڻ ۾ ٽي ڀائر هئا- بنگو، بخشو ۽ پاڳو جن جو اولاد سندن نالن پٺيان بنگاڻي، بخشاڻي ۽ پاڳاڻي سڏبو آهي.

چون ٿا ته فقير صاحب پاڻ درگاه لواري شريف جو پانديڙو هو جنهن کيس امانت ملي. هو روحانيت جي منزل ڪي پهتل هو. سندس لاءِ هي مشهور آهي ته هر روز سانجهيءَ جو کير جي دکي کڻي لواري پهچي ويندو هو. هڪ دفعي سانجهيءَ جو بائڙ پوڙ برسات پيئي. فقير صاحب جي کير پهچائڻ جو وقت ٿي ويو. برسات جي ڪابه پرواهه نه ڪري، دکي مٿي تي رکي راهي ٿيو. هتي لواري ۾ درگاه تي فقيرن ماني آندي. چون ٿا ته سلطان الاوليا خواجه محمد زمان رح فقيرن کي چيو ته "ترسو بنگو فقير کير کنيو پيو اچي. پلي اچي ته گڏ جي ٿا کائون."

اينتري ۾ بنگو فقير به وڃي پهتو. خواجه صاحب رح جن فرمايو: "بنگا فقير اڳتي اهڙي تڪليف نه ڪجو، اسان کير پاڻيهي گهرائي وٺنداسون." پوءِ خبر نه آهي ته کير درگاه تي الائي ڪيئن غيبي طرح پهچندو هو.

انهيءَ واقعي کانپوءِ بنگو فقير صرف ٻارهين ٻارهين مهيني درگاه شريف تي ويندو هو.

فقير صاحب جو نظارو غلام محمد گوپانگ تي هوندو هو. سندس چوڻ هو ته: "غلام محمد منهنجو آخري دم به تنهنجي جوت تي نيندو." چون ٿا ته جڏهن اهو وقت آيو ته غلام محمد به اچي پهتو. فقير صاحب خوش ٿيو ۽ چيائينس: "وبهه ته آءٌ پنهنجو قول پورو ڪريان، جو منهنجو آخري وقت اچي ويو آهي."

غلام محمد ويٺو ۽ فقير صاحب سندس جوت تي ڪنڌ رکيو ۽ سندس دم پرواز ٿي ويو. وفات کان ٿورو اڳ چيائين:

"غلام محمد منهنجو وس ڪونهي. آءٌ ڇا ڪريان. اهو

وساريان نه وسرن

(آندل صفحي ١٧٤ تان)

غلام مرتضيٰ شاه (هاڻي جي- ايم- سيد) ان ۾ ڪامياب ٿيو ته سنڌ جي مسلمانن جو مستقبل درخشان آهي.

مونکي ياد آهي ته سائين پير شاه صاحب جي صدارت واري وقت انهي صدارتي تقرير سندس طرفان حڪيم صاحب پڙهي هئي ۽ ان بعد پنهنجي تقرير ۾ چيائين ته اهو غلط آهي ته مسلمان واپار نه ڪري سگهندا، مثال طور ڪانفرنس جي صدر سائين پير شاه جو مثال ڏنائون جنهن جي ان وقت به ڪراچي ۾ تجارتي ڪوٺي هئي ۽ نوابشاه ضلع ۾ وڏي زميداري پڻ. موصوف لاءِ چيو پئي ويو ته سندس پائي پائي جو حساب ٺيڪ آهي- پاين جون ڳوٺيون، پيسن جون ڳوٺيون، ٽڪن جون ڳوٺيون، آنن، پيالين، پاڻيلين، آڌين ۽ روپين جون ڳوٺيون پريل هونديون هيس- ان تبليغي ڪانفرنس ۾ سنڌ جي مسلمانن جي مالي ۽ تعليمي حالت سڌارڻ لاءِ هڪ پروگرام به منظور ٿيو هو جو پوءِ ڇپايو ويو ۽ اخبارن ۾ به شايع ٿيو.

ان ساڳي ڪانفرنس کان ٿورن مهنن بعد منهنجي بدلي اسڪول سن ۾ نائب ماستري تي ٿي- جتي اکين سان اچي تبليغي ڪانفرنس جو عمل ڏٺم- نائيٽ اسڪول بالغن لاءِ هلي رهيو هو. اسان سنڌي اسڪول جا چار ماستر رات جو به ڪلاڪ ڊيوٽي ڏيندا هئاسون ۽ اسان کي لوڪلبورڊ کان ماهوار الائونس ملندو هو- مسلمان واپار کي لڳي ويا هوا- نائيٽ اسڪول ۾ شاهه صاحب پاڻ اچي وهندو هو ۽ حاضري ڏسندو هو. غير حاضر بالغن کي پروقت پنهنجو ماڻهو موڪلي گهرائي هدايت ۽ تنبيهه ڪندو هو. مولوي ميان محمد صالح صاحب سيال پيش امام، قرآن شريف ۽ اسلامي تعليم لاءِ مقرر هو. نماز لاءِ به ماڻهن جي حاضري پوندي هئي. غيرحاضر ماڻهن کان پڇي تسلا ڪئي ويندي هئي ته انهن پٺي هنڌ نماز پڙهي يا نه؟. سن ڳوٺ ۾ رهندڙ ڏاڏار راڇن ۽ پسگردائي واري قومن ۾ گشت ڪري شادي ۽ غمين وغيره جا خرچ گهٽايا ويا- هيڏانهن اهو عمل ٿي رهيو هو، هوڏانهن الوحيد اخبار باه پاري ڇڏي ته مسلمانن کي معاشرتي نظام ۾ آدم شماري مطابق حق ڏنا وڃن. ان سلسلي ۾ حڪيم فتح محمد سيوهاڻي جي قلم نثر خواه نظم ۾ جيڪا گوهر افشاني ڪئي سا هڪ لافاني يادگار آهي. مرحوم عبدالله هارون طرفان وقت بوقت ننڍا ننڍا پمفليٽ ڇپائي سنڌ ۾ ورهايا ٿي ويا- رسالا الجامع جو حڪيم صاحب جي ادارت ۽ مولانا محمد صادق جي سرپرستي هيٺ نڪرندو هو، ان ۾ اسلامي تعليم، دنيوي تعليم، خرچ گهٽائڻ، قرض لاهڻ، قرض کان بچڻ لاءِ طريقا ۽ پيا اهڙا مضامين شايع ٿيا جن مشعل راه جو ڪم ڏنو. اهي مضامين اڄ به ساڳي عظمت ۽ حيثيت رکن ٿا. نتيجي طور سنڌ جو مسلمان بيدار ٿيو ۽ اهڙي بي جگري ۽ جوانمردي سان حوادث زمانه جو مقابلو ڪيو جو مخالف سڀ طاقتون سرنگون ٿي ويئون. هن چوڻ ۾ ڪوبه مبالغو نه آهي ته قيام پاڪستان ۽ قيام پاڪستان بعد نئين ملڪ جي تعمير ۾ سنڌ جي مسلمانن جو نمبر سرفهرست آهي. مان حڪيم صاحب جا اسلامي ڪتاب پڙهيا هئا. پير سيد غلام مرتضيٰ شاه جو تعويذ هڪ اجتماعي تعويذ نظر آيو ۽ ڪيئون ته ايا تائين ضروري ٿو سمجهان. اهڙي طرح اسم اعظم ۽ حڪمت جي نسخن جو عمل به ڏٺم ۽ پنهنجي علم سارو سکيس. رهيو بهشت جو حقدار، اهو فيصلو پڙهندڙ ئي ڪن ته مولانا محمد صادق مرحوم ضرور شيخ صاحب لاءِ اڳ وڃي اتي به ڪو حجرو راز ڪيو هوندو.

وانءِ ڪونه ٿو ڏسان جنهن ۾
ماهي سگهي، جنهن ڪري ڀاڻ
ڪنيو ٿو وڃان." انڪري فقير
صاحب پنهنجي امانت پاڻ ساڻ
کنيو هليو ويو.

چون ٿا ته خيرپور جي والي
مير علي مراد خان جو فقير
صاحب ۾ عقيدو ٿي ويو. هن
هڪ تيز رفتار ۽ ڪم گهوڙي،
جنهن تي هڪ دفعي سواري
ڪندي مير جي گهوڙيسوار
پنهنجون اکيون وڇايون هيون،
نذراني طور فقير صاحب کي
ڏني. فقير صاحب انڪار ڪيو
پرگهڻي اصرار تي قبول ڪيائين.
فقير صاحب جڏهن مٿس چڙهيو
ته گهوڙي ڪان سڀ پنڌ ڇڏائي
ويو ۽ وڪون پرڻ لڳي ۽ آئنده
ڪوبہ ڏاريو چڙهندو هوس تڏهن
به وک اهائي هلندي هئي.

عشق محمد:

هڪ دفعي جو ذڪر آهي
ته واليءِ رياست خيرپور مير علي
مراد وٽ ڪچهري ۾ گلن جي
باري ۾ بحث هلي رهيو هو.
مير صاحب خود شاعر هو، پنگي
فقير کي چيائين ته گلن جي
باري ۾ پنهنجي پسند ٻڌائي.
فقير صاحب تهه ٻهه چيو:-

"محمد گل مٺاڻ،
پيو عالم باغ ٻنگو چوي"

ڪلام:

سنڌس ڪلام هوندش ته
ساري ساهتي ۾ ٽڙيل پکڙيل
آهي پر جو ڪجهه هٿ اچي
سگهيو آهي ان مان چونڊ
ڪري "مشتي نمو نه از خروار"
هتي پيش ڪجي ٿو:

هنر "سنڌس شاعري جو شاهڪار"

(١) جيڪا اوبي آن،
تنهنکي قدر ناهي ڪپاه جو
(٢) اُن سهنجي آهي اُن ڪي،
جو ڪتي ڪپاه اُن
(٣) نڪي سائر(١) سهر(٢) پڌي،
نڪي ڍنڍين ڪڙ ڪن ڪن
(٤) نڪي سخي سخاوت ڪون رهي،
تو ٽلي ڌرتي ڏئي ڏاءِ اُن
(٥) سورهه سوڀ ڪون نه مڙي،
توڙي آلٽي آنگا سا اُن
(٦) تيتر رٿي ڪين ڪي،
جيتر ڪري گهاءَ اُن
(٧) چڙهي تنهن تخت تي،
قاضي ڪري قضا اُن
(٨) پلنگ پلونگي نه ٿهي،
سيڇاڻون ماءَ اُن
(٩) آگ نه آيو لوه جنهن،
تپي ڪيو تاءَ اُن
(١٠) پسو سرتيون سارنگ جو،
جنهن ڪيو تلهر تي تاءَ اُن
(١١) گنگا ڏي گوساپي هليا،
پليا پيءَ مان اُن
(١٢) چتيون ڪٽي چگير هليا،
ڪراچي جي ڪن ڏانهن اُن
(١٣) انهن وه وٽيون پريون،
ڪلالن ڪاءَ اُن
(١٤) سبڪ (٣) تي پار ڪيا،
چوڙيلين چاءَ اُن
(١٥) تند چوريندي منگتا تو،
رڇهايو راءَ اُن
(١٦) جنهن ڏلو سرنانءِ الله جي،
جنهن کي ڪپيندي آيو
ڪهڪاءَ اُن
(١٧) جاتوجام تماچي ڪين ڪي،
جنهن ڪيو پريندي سمن
سان ساءَ اُن
(١٨) مومل مهمانن کي تون،
گهر وڃي گهاءَ اُن
(١٩) مهر چيو سهڻي کي،
ته تي عشق آ اُن
(٢٠) ڏسي چٽ چري تي،
پوءِ گهڙي جهليس گهاءَ اُن
(٢١) مجنو چيو ليليٰ کي،
ته ڳنهه (٤) ندي جو نانءِ اُن
(٢٢) هيرءِ رانجهي جي ڪچي،
ڪندو الله اُن
(٢٣) اها ٻاري ٻنگو چوي،
ڪٽي ويئي ڪان اُن (ڪائش)
(٢٤) پوءِ جيڪا اوبي اُن،
تنهنکي قدر ڪهڙو ڪپاه جو

گلن جي نزاڪت، لطافت
۽ خوشبوءِ ڪان متاثر ٿي
رسول الله جي شان ۾ بيت
چيو اٿس:

آئي رت بسنت جي،
مدد مٺايو ساءَ
پارا پاند پڙو ٿيا،
ڪيو سيءَ سٺاءَ
ٻاري هن ٻناءَ جي،
سڀ ڪنهن موڙ مداءَ
محمد گل مٺاءَ،
پيو عالم باغ ٻنگو چوي

سسئي جي داستان مان بيت:

(١) اديون ڙي اٿوال،
منهنجا ڪاهيون ڪالهه هلياويا
ثم لايموت و ما فيها ولا يحيٰ،
هيٺا ٿيا ثم حال
موت مري هيءَ منڌ ٿي،
ڪا ساجن لهه سنڀال
جر و هائي جال،
ٿي پيلي پر ٻنگو چوي.
(٢) پنهل ويو ڙي جيڏيون،
ويو ڙال ڇڏي زر ۾
اٿن رات رڙيون ڪيون،
پيچ پئي پر ۾
پنهون ڏٺائين نه سيج تي،
تڏ گهورون ڏئي گهر ۾
هٿ هٿ ڪيون هنبلا ڪري،
ٿي دست هٽي در ۾
بيبي خان بلوچ لئه،
ٽڪي نا ٿر ۾
اورڻ پيس ته عجيب لئه،
وڃي ڏورڻ ڏونگر ۾
ڪانڌ مليس ڪر ۾،
تيس ٻاري بخت ٻنگو چوي.
(٣) ڪر ڪنيو تي ڪر ڪٽي،
ڪاڻ ڪوهيارل ڪر
پره جا ته ٻنگو چوي،
اچي هوت پڌايس هر
اوڙون الاهر،
پٺي ڏئي لماڻي نينهن جون.
(٤) لايون پره بلوچ سان،
تون نيڻين لنب وڇاءِ
ڪه ڪامڻ سر ڪاف جي،
تون وک وحدت جي پاءِ
قالو انا قد جا الله تون،
ارني رب سڻاءِ
متان منڌ مالدي ٿئين
ٻ ڇين ڏو نگر ڏاءِ
ڪيچي قرب ڪنداءِ،
تيندءِ ٻاري بخت ٻنگو چوي.

متفرقه:

ڪتو ڪو نايوم،
ڪارڻ ڪاڻ ڪتن جي
ڪر ڪنيون ڪرناءِ ڏي،
ايو او نايوم
پوءِ ٻنگو نام ٻ هيوم،
جو ڪتو آهيان ڪهه ڪانڌ جو.

حليم ڪوٺائي

پياري سنڌڙي!

سنڌ وارن جي مٺي مادر مو چاري سنڌڙي!
ساه ۽ سر ڪان به تون آهين پياري، سنڌڙي!
گود تنهنجي تي پڇن جي لءِ ڪشادي ڪيتري
تو ۾ سڀ ڪي تي عطا آهي بهاري، سنڌڙي!
قرب ۽ انعام تنهنجا ٿيا اسانتي لک هزار
هڪ به تورو ڪين لاهيون عمر ساري، سنڌڙي!
موج سان تو ۾ سدائين ٿي وهي سنڌو ندي
خاڪ تنهنجي سونهن ۽ سرهاڻ واري، سنڌڙي!
تنهنجي سهڻيءَ سرزمين تي ٿيون پڇن پوڪون عجيب
ڪڻڪ، جوئر، ٻاجهري، چانيو ۽ ساري، سنڌڙي!
خوب ڪئي بيدل ۽ بيڪس، شاه، ساميءَ ۽ سچل
تنهنجي خدمت ۽ غمن ۾ غمگساري، سنڌڙي!
تنهنجو نالو آه مٿڙو مان ۽ عزت پريو
ساري دنيا ۾ نمايان ۽ نياري، سنڌڙي!
سنڌ وارن کي بلاشڪ آه تو تي فخر و ناز
سرس سادي ۽ سباجهي، سولهن واري، سنڌڙي!
ڳوٺڙا تنهنجا وسن ۽ شهر سڀ تنهنجا وسن
باغڙا تنهنجا پسن هردم بهاري، سنڌڙي!
ڪيترا ڳائي سگهي احسان تنهنجا هي **حليم**
قرب ٿيا تنهنجا گهڻا اوقرب واري، سنڌڙي!

(١) شاعر (٢) شعر پڙهڻ = شعر چوڻ (٣) سبڪ = سورت (٤) ندي = ول.

Scanned with CamScanner

از:- ”نثار“ بزمي، مرزاپور

اسانجا سدا زنده سخنور

(نوٽ :- اسانجي اڳوڻن شاعرن جو قربائتو ڪلام ۽ سندن حالات زندگي بار بار ڇپجي چڪا آهن مگر سڀني کي يڪجا ڪرڻ لاءِ هيءَ پهرين ڪوشش آهي. مونکي وڏو افسوس آهي جو ڪي شاعر منهنجي هن مضمون ۾ داخل ٿي ڪو نه سگهيا آهن. دم سلامت آهي ته هن سلسلي کي انشاءالله ڪتابي صورت ۾ پيش ڪيو ويندو. شاعر جي مختلف حالات زندگيءَ سان گڏو گڏ سندس هڪ چونڊ ڪلام به ڏنو ويو آهي. مونکي يقين آهي ته منهنجو هيءُ ناچيز مضمون اسانجي راڳيندڙ طبقي جي وڏي رهنمائي ڪندو. ”نثار“ بزمي)

”ڀٽائي گهوٽ“

اسانجي سونهاري سنڌ جي شاعرن جو سرتاج ڀٽائي گهوٽ ڪنهن تعارف جو محتاج نه آهي. شاه صاحب نه رڳو شاعر هو بلڪ سنڌ جي روحاني رهبرن مان هڪ عظيم المرتبت شخصيت پڻ هو. ڪافيون، بيت ۽ دوها ڪيترن ئي سنڌي شاعرن لکيا مگر شاه جي ڪلام ۾ تغزل ۽ ترنم جي جيڪا هم آهنگي نظر اچيٿي تنهنجو مثال مشڪل آهي. شاه صاحب جو ڪلام نه رڳو ڪلام آهي پر اول کان آخر تائين معرفت الاهيءَ جو هڪ پيغام آهي.

ڪڇ، قلات، ڪوهستان، ريگستان، ٿر ۽ بر ۾ شان صاحب جي شاعريءَ جو درياءُ موجزن رهي ٿو. هڪ طرف پياسي پياس اُجهائڻ خاطر الهيءَ درياءَ مان پيو ٻڪ ڀري اندر کي اجارين ٿا ته ٻئي طرف سيلاني فقير ساز جي سر سان ڏايڍي ڪوڏ ۽ قرب مان آواز آلاپين ٿا. ڀٽائي گهوٽ جو اسلوب بيان سسئي، مارئي، مومل نوري ۽ ليلا جي هجر سوز آهن تائين ئي محدود نه آهي، بلڪ معرفت ۽ تصوف جي عميق ۽ دقيق موضوعات کي منظوم ڪرڻ وقت به ان جو اسلوب سخن تغزل کان الڳ نه ٿيو آهي.

جدت ۽ بلندخيالي، نزاڪت ۽ باريڪي، سوز ۽ تڙپ شعر ۾ جوش ۽ ولولو پيدا ڪنٿا. الهيءَ نقطه نظر سان جيڪڏهن شاه جو ڪلام ڏسبو ته ان ۾ اهي سڀ خوبيون نظر اينديون.

نمونه ڪلام

ڏاگهن ڏيرن ساڻ
ڪرهن ڪيچين ساڻ
متان ڪا ٻي لنولائي
آءٌ ستي هو هليا
ويڙا ڪر هل ڪاهي
متان ڪا.........
آسڻ اڳيان انجي
پر پر ڪيو پاڏائي
متان ڪا.........
چتر ڏيئي چت کي
ويڙا هوت ڇپائي
متان ڪا.........
جيڪا هين من ۾
ويڙا پنهنجي ٻچائي
متان ڪا.........
اديون”عبداللطيف چوي
ايندم واڳ ورائي
متان ڪا.........

”سچل سر مست“

سچل سائينءَ جو اصل نالو ”عبدالوهاب“ هو. ڪيس سچيڏنو ۽ سچو به سڏيو ويندو هو. سچل ٻاڏ شاه حضرت عمر فاروق جي اولاد مان هو. فاروقين جو وڏو شيخ شهاب الدين فاتح - سنڌ محمد بن قاسم سان سنڌ ۾ آيو. ڪلهوڙن جي صاحبيءَ ۾ فاروقين جي وڏي عزت ٿي ۽ ڪيس گنبت ۽ راڻيپور جي وچ ۾ وڏيون جاگيرون مليون جي هنن پنهنجي لائق پالهن ”دراز“ ۽ ”ڪاجن“ کي آباد ڪرڻ لاءِ ڏنيون. جنهن ڪري ٻه ڳوٺ دراز ۽ ڪاجن ڳوٺ آباد ٿيا. ڪاجن ڳوٺ جلدئي ڦٽي ويو مگر دراز ”راز جو در“ بنجي رهجي ويو. دراز ڳوٺ جي مشهوري ميان صاحبڏني کان ٿي جنهن کي ٻه فرزند هئا. هڪ جو نالو ميان صلاح الدين ۽ ٻئي جو نالو ميان عبدالحق هو. سچل ميان صلاح الدين جو فرزند هو. سچل جڏهن ننڍو هو تڏهن شاه عبداللطيف ڀٽائي قسمت سانگي اچي درازن ۾ نڪتو ۽ ميان صاحب ڏني جو مهمان ٿيو. ان وقت سچل جي صورت ڏي ڏسي فرمايو هئائون ته ”جيڪا ڪني اسان چاڙهي آهي تنهنجو ڍڪڻ هي نينگر لاهيندو“ سچ پچ ته ٿيو به ائين.

سچل پنهنجي وقت جو وڏو شاعر ٿي گذريو آهي. هن کي فارسي، سنڌي، اردو ۽ سرائڪي زبان تي عبور ڪامل حاصل هو. سندس شعر جو وڏو حصو تصوف جي باريڪ نڪتن سان ڀريل آهي. سچل هڪ عالم با عمل ۽ حافظ قرآن هو. (٩٠) ورهين جي ڄمار ۾ رحلت فرمائي حقيقي حاڪم سان وڃي هٿيڪو ٿيو.

نمونه ڪلام

عاشق ڏسڻ آيو
محبوب گل سناسي
عبرت عجب عجائب
اسرار رنگ عباسي
رهي جي اک ڀيني
ڪائي مثال چيني
توڙي رنگون رنگيني
چينيءَ جي مت نڪاسي
گل آب جاءِ جاتي
محبوب راز تاتي
عاشق ڏسڻ ڪئون
ڪاتي رهندو پتنگ پياسي
صورت ۾ جاءِ دم جي
دم ريءَ نه صورت ڪم جي
دم ۾ جا لذت غم جي
وه واه ڳالهه خاصي
ابليس جي وڏائي
هر سانس تي سوائي
جيوڻ ته دم پلائي
نه ته تخت نحس ناسي
ثابت ”سچل“ ساري
يارن جي ياد ياري
وحدت جنين وساري
تن تن مٿي اٿاسي

”سلطان باهو“

حضرت سلطان باهو پنجاب جي ”اعواڻ“ قبيلي مان ضلع جهنگ سيال جي شورڪوٽ شهر ۾ ١٠٣٩ هه ۾ تولد ٿيو ۽ ١١٠٢ هه ۾ فوت ٿي ويو. سلطان باهو فارسيءَ ۽ پنجابي زبان جو وڏو شاعر ۽ مادرزاد ولي الله هو. ننڍپڻ کان ئي سندس طبيعت پاڄهاري ۽ فقيراڻي هئي. (٣٠) ورهين جي عمر ۾ گهر ڇڏي دهليءَ هليو ويو ۽ وڃي سيد عبدالقادر جيلانيءَ جي پوٽي سيد عبدالرحمان جي دست مبارڪ تي بيعت ڪيائين. حضرت محسن شاه گيلاني (گهوٽڪي وارو) سندس خاص خليفو هو. جنهن ڪري حضرت باهوءَ جا پنجابي بيت سنڌ جي گهر گهر ۾ مشهور ٿيا. سچل سرمست ۽ حضرت باهوءَ جي شاعري

ٻاڻ ۾ گهڻي ٻاڱي مـلي جلي ٿي.

حضرت باهوءَ حـق جي طالبن لاءِ تصوف جي سلسلي ۾ فارسي ٻوليءَ ۾ ڪل (١٤٠) ڪتاب لکيا آهن.

سلطان باهوءَ جا ڏوهيڙا جيتوڻيڪ خاص جهنگ سيال جي پنجابي زبان ۾ آهن پر تڏهن به مٿن ملتاني زبان جو ڪافي اثر آهي.

درگـاه مخدوم ٻـور (نـورديڪ مهيسر اسٽيشن) درگاه محسن شاه (گهوٽڪي) ۽ درگـاهه مير عبد الـقادر (بيگما جي اسٽيشن) درگاه ميان جو ڳوٺ ضلع سکر سندس روحاني فيض جا خاص مرڪز آهـن.

نمونه ڪلام

(١) الف احمد جڏان ڏتي ڏکالي
از خود هويا فاني
قرب وصال مقام نه منزل
نا اٿ جسم نه جاني
نه اٿان عشق محبت ڪائي
نا اٿان ڪون مڪاني
عينون عين ٿيو سے "باهو"
سر وحدت سبحاني

(٢) نامين جوشي نامين جوڳي
نامين چله ڪمايا
نامين پيچ ميتي وڙيا
ناتسيا ڪڙ ڪايا
"جودم غافل سو دم ڪافر"
سائون مرشد ايوين فرمايا
مرشد سهڻے سهڻي ڪيتي "باهو"
هڪ پل وچ چا بخشايا

"قادر بخش بيدل"

فقير قادر بخش "بيدل" اعليٰ درجي جو عالم، فاضل ۽ شاعر هو. ظاهري علم ۾ به باڪمال هو ۽ باطني طرح به مرد - خدا هو. فقير محمد حسن ڪـي ڪو اولاد ڪونه هـو جنهنڪري انهيءَ ڳالهـي ۾ ٻيو ڳرندو هو. هڪ ڏينهن ڪنهن سيد سڳـوري کي عرض ڪيائيـن ته "قبلا! دعا ڪريو ته پٽ ڄمي" شاه صاحب چيس ته "ابا! انشاءالله تو کي اهڙو فرزند ڄمنـدو جيڪو شريعت، طريقت، حقيقـت ۽ معرفت جو صاحب ٿيندو." هڪ ڏينهن فقير محمد حسن پنهنجي مرشد مير جان الله شاه جي حضور ۾ وينو هو ته پالهيءَ اچي کيس مبارڪ ڏنـي ۽ چيو ته تو کي پٽ ڄائو آهي پر هڪ پير کان منـبو آهي. مير جان الله شاه فقير کي چيو ته اهو منـبو نه آهـي پر روهـڙيءَ جـو جهنبو آهي.

مجازي عشق ۾ اڙجي شاعر ٿيو. فارسي ۽ سنڌي ۾ "بيدل" تخلص ڪم آڻيـنـدو هو ۽ اردوءَ ۾ "طالب". فقير صاحب پنهنجي صوفيانه راز ۾ ظاهـر ڪيو آهي ته خدا هر هڪ چيز ۾ موجود آهي. سندس خيال آهي ته عشق اهو بي حجـاب هستي. آهي جو انکي دنيا جي ڪابه طاقت منزل مقصود تان هٽائي نٿي سگهي. بيدل پاڻ کي صوفـي لا مذهب ثابت ڪري ٿو ۽ خود خدائـي نور انسان ۾ سمايل ڏسي پنهنجو روح ريجهائي ٿو. هن ڪيترا ديوان فارسيءَ ۽ سنـڌيءَ ۾ لکيا ۽ هڪ اردو ديوان ترتيب ڏنو. کيس علم جو گهڻو شوق هوندو هو خصوصا فلسفـي ڪتابـن ڏي هنجو رجحـان گهڻو هو.

فقير صاحب ١٦- ذي القعد ١٢٨٩هه ۾ وفات ڪري هزارين اکيون آليون ڇڏي ويو.

نمونه ڪلام

پاڻ تو پيدا ڪيو ڪي نه
مان ڇيئي انسان ڪر
گهرج هئي توکي گهڻـي
ڪي نه مان ڇيئي احسان ڪر
شڪم - مادر ۾ رهيس تي
ڏه مهينا قيد ۾
تو اتي پاليو مونکي ڪي نه
مان ڇيئي مهمان ڪر
خوش خوراڪون ڏئي مونکي
جلدي اچي تو جوان ڪيو
موجـود مو جان تو ڏنيـون
ڪي نه مان ڇيئي گهمسان ڪر
جان ۽ جامو ڏئـي موجود
مو جان تو ڪيون
رالدرس ۾ تو ڇڏي ڪي نه
مان ڇيئي نقصان ڪر

"بيدل" بره بي الـت آ
عام تا ائين چون
هرجا رمز تنهنجي آهي ڪي نه
مان ڇيئي اعلان ڪر.

"مصري شاه"

"نصرپور" جو شهر عالمن ۽ اوليائن جو گهر آهي. سيد مصري شاه رضوي به نصرپور ۾ ڄائو. سندس ننڍپڻ جي گهڻي خبر ڪانه ٿـي پوي پر جيتري قدر معلوم ٿي سگهيو آهي تنهن مان ظاهـر آهي ته پاڻ خليفي گل جي مڪتب ۾ ظاهري علم حاصل ڪيو هئائين. مصري شاه عربي ۽ فارسـيءَ کان پوريءَ طرح واقـف هو. ايتري قـدر جو "قاموس" (عربي لفظـن جو مشهـور ڪتاب) کيس برزبان ياد هو. ننڍپڻ ۾ اڏو ۽ اڙٻنگ هو. سندس وڏو ڀاءُ فتح محمد شاه مٿس وڏي چوڪسي ۽ نظـر رکندو هو. (٢٠-٢٥) ورهيه گهر کي ترڪ ڪـري گرنار ۽ ابو جبل جي غارن ۾ فقيرن سان صحبتون ڪري لاڪيڻو لعـل بنجي واپس وريو هو.

شاه صاحب جو ڪـلام بيتن، دوهن ۽ ڪافيـن جي شڪل ۾ موجود آهي جنهن مان الاهي الفت جون چڻگاريون اڏامنديون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. وچولي قد ۽ پريل بـدن وارو هوندو هو. سدائين سائي ويس ۾ فڪر جي ڦرهي پڙهنـدي نظر ايندو هو. سندس ڪلام ۾ ميناج، سلاست ۽ روحانيـت سمايل آهي. مهراڻ جي ماڙيءَ جو هيءُ املهه ماڻڪ ١٣٢٥هه ۾ رحلت ڪري دارالبقا ڏي راهي ٿيو.

نمونه ڪلام

شيشي کي ڪول ساقي
شاهان شباب: ڪر
سيراب ساڻ ساغر
عالم حباب ڪر
گذريو ڪي گذري ويندو
نت نت نه ناز رهندو
سڪ ڪانه ساه سهندو
پاسي حجاب ڪر
ڏي جام کي ڪر جلوو
هرگز هتان نه هلبو
ڏک سک نه سور سلبو
آتش کي آب ڪر
مئي جام مغفرت سان
امداد عاقبت سان
رهزن رقيب رت سان
خنجر خضاب ڪر
پنندڙ کي مئي پياري
مئي دل مٺا جياري
"مصريءَ" کي منهن ڏيکاري
سهڻا ثواب ڪر

"بلها شاه"

حضرت بلها شاه پنائـي گهـوٽ جـي ولادت ڪـان (٩) ورهيه اڳـ ١٦٨٠ع ۾ پنجاب جي ڳوٺ پنڊوڪ تعلقه قصور ضلع لاهور ۾ پيدا ٿيو. سندس والد صاحب جو نالو سيد محمد درويش هو. ننڍپڻ ۾ غلام مرتضيٰ صاحب ۽ مولانا غلام محي الدين قصوري وٽان تعليـم حاصـل ڪيائين. جـوان ٿيـندي ئي مرشد جي ڳولا ۾ گهر ڇڏيائين ۽ لاهور ۾ اچي حضرت شاه عنايت قادريءَ جو مريد ٿيو. جيئن ته بلها شاه پاڻ سيد هو ۽ سندس مرشد "آرائين" هو، انهـيءَ ڪري پنهنجي ڪلام ۾ اهڙا اشارا ڪري ٿو ته "ذات تي ذات نه آهي جو وهي سولهي" ۽ چوندو هو ته منهنجي مرشد جـي ذات مون کان اتـم ۽ اعليٰ آهي.

بلها شاه جيئن پاڻ الاهي عشق ۾ رنگيل هو تيئن سندس ڪـلام به معـرفت جـو سر چشمو آهي.

حضرت بلهـا شاه جون ڪافيون سنڌ جي ڳليءَ ڳليءَ ۾ مقبول ۽ مشهور آهن. پنجاب جي صوفي شاعرن مان جيتري مقبوليت هن بزرگ جي ڪلام کي سنڌ ۾ ٿي آهي اوتـري ٻئي ڪنهنکي به نه ٿي آهي. بلها شاه سلطان باهوءَ جي ڪلام کان متاثر ٿي وحدت جي واڪار تي زور ڏنو. شاعـريءَ جي آسمـان جو هي چمڪنـدڙ ستارو پنائي صاحب جي وفات کان (٣٧) ورهيه پوءِ سنه ١٧٥٠ع ۾ غروب ٿي ويو. سندس مزار مبارڪ "قصور" ۾ آهي.

نمونہ ڪلام

تسين هر رنگ دے وچ
وسدے هو
ڪسن سون لامڪان
ڏسدے هو.

(۱)

ڪٿ روءِي هو ڪٿ زنگي هو
ڪٿ ٽوپي پوش فرنگي هو
سر چيرا تے گل الگي هو
ڪٿ مهر ڪرم تون هسدے هو.

(۲)

ڪٿ ملا هو ڪٿ قاضي هو
ڪٿ منبر تے آوازي هو
ڪٿ شير بهادر غازي هو
ڪٿ نال خنجر دے ڪسدے هو.

(۳)

ڳيا سڪندر طرف نوشابان
ٻنڪے رسول لے آيا ڪتابان
يوسف بن ڪر آيا خيابان
دل زليخان دي ڪسدے هو.

(۴)

بلها "شاه عنايت" عارف
تسين هو ميڏے سر دا وارث
مٽن لوها تسين پارس پارس
ڪڏان ڪڏان وت گسدے هو.

"خير محمد صوفي"

فقير خير محمد جي والد جو نالو ميان غلام حيدر هو ۽ ذات جو بلوچ (هيسباڻي) هو. فقير صاحب ڳوٺ پؤڙن جي ڳوٺ تعلقي ڪنڊيارو ۾ سنه ۱۲۲۴هه ڌاري تولد ٿيو. ابتدائي تعليم ڳوٺ ۾ حاصل ڪيائين. ان ڪان پوءِ جڏهن سندس والد لڏي ٽکڙن جي ڳوٺ ۾ وڃي ويٺو تہ اتي بہ تعليم حاصل ڪندو رهيو ۽ پنهنجي قابل استاد وٽ علوم جي تحصيل ڪري فارغ ٿيو. ڪجهہ عرصو سرڪاري ملازمت ۾ بہ رهيو. مير رستم خان جو انوقت خيرپور رياست جو والي هو، سندس حسن انتظام کان خوش ٿي کيس ترقي ڏيئي ڪاردار جي درجي تي آندو.

فقير صاحب جي زندگيءَ جو پهريون حصو عبادت الاهيءَ ۾ گذريو. فقير صاحب پنهنجي تاريخ جو بهترين ڪافي گو شاعر آهي. سندس ڪلام سنڌي ۽ سرائڪي زبان ۾ بلند پايہ جو سمجهيو وڃي ٿو. خير محمد فقير نقشبندي طريقي جو قائل ۽ پيرو هو مگر سندس ڪلام مان صاف صاف وحدت الوجوديءَ جو آواز ٿو اچي. پنهنجي شعر ۾ تصوف جي اهم نڪتي کي نهايت سادگيءَ ۽ صفائيءَ سان پيش ٿو ڪري.

صوفين جي تسبيح جو هي قيمتي ڪٺو (۷۰) ورهين جي ڄمار ۾ سنه ۱۲۹۴هه ۾ پنهنجي ڳوٺ ٽکڙن ۾ وفات ڪري ويو. سنه ۱۹۰۵ع ڌاري ٽکڙن کي درياءَ پائڻ لڳو تنهنڪري سندس لاش کي صندوق ۾ سوگهو ڪري تعلقي فيض گنج جي "ڪرونڊي" نالي ڳوٺ ۾ دفن ڪيو ويو.

نمونہ ڪلام

رند روز شب آهن سدا
وحدت جي واديءَ ۾ غرق
ڪوڙيون ڪتابن جون پڙهئين
تہ بہ آه هن هن جو فرق.

(۱)

هڪ جي ڄاڻن نيڪي بدي
تنکي نصيحت ڇا ڪندي
هيءَ ڪا رسم آهي رندي
اصلئون ملامت جن مرڪ.

(۲)

ڪرين محتسب تون ڪيترو
عاشق کي واعظ ايترو
ناهين ڪو تر جيترو
زحمت ۽ رحمت ۾ فرق.

(۳)

گمراه ڄاڻن غير آه
"صوفيءَ" جو سڀ ۾ سير آه
آهي قسم پيو ڪير آه
سوليءَ چڙهي پڙهجي سبق.

(۴)

عشق ڇا ڄاڻي ايمان مان
تو ڙي نفعي نقصان مان
ڇا مسجد ۽ بتخان مان
ٿيو درس خاصي ۾ درڪ.

(۵)

خوش "خير محمد" ڄاڻ تون
پنهنجو نہ آڻيج پاڻ تون
صورت صفائي سڃاڻ تون
هر - معان هادي ۽ حق.

حمل فقير

سرائڪي زبان جو بينظير شاعر "حمل" ڳوٺ ميرمحمد لغاريءَ (ضلع خيرپور) ۾ سنه ۱۲۲۵هه ڌاري ڄائو. حمل هڪ ذهين، سنجيده ۽ صلح پسند انسان هو. ڪچهريءَ جو ڪوڏيو ۽ رلڻو ملڻو بہ هڪ ئي هو. ننڍ پڻ کان ئي سليم الطبع هو. سندس والد رحيم خان هڪ نڪتہ سنج ۽ خوش طبع شخص هو. گويا شاعريءَ جي ڏات حمل کي گهر ۾ موجود هئي. حمل جي شعر جي هٿ آيل ذخيري مان اڌکل اڌ ڪلام سنڌي ۽ اڌ سرائڪي زبان ۾ چيل آهي. سندس شعر ۾ مداحون، معجزا، مناقب، مثنوي، سي حرفيون، غزل، بيت، ڪافيون، هر ۽ ڏهساما. اهي مڙيئي جنسون موجود آهن. موضوع جي لحاظ کان حمل جي شاعري علمي توڙي عوامي عنوانن تي مشتمل آهي ۽ جهوني توڙي جديد رنگ ۾ رنگيل آهي.

حمل پنهنجي خوش طبعي، علمي لياقت ۽ شاعريءَ جي ڏات سبب هر هنڌ مقبول ۽ مشهور هو انهيءَ ڪري سندس واقفيت جو دائرو بہ وسيع هو. سنڌ جي گهڻن خاندانن وٽ هنجي اچ وڃ هئي. مير علي مراد خان ٽالپر وٽ سندس وڏو قدر ٿيندو هو ۽ سرڪاري خزاني مان حمل کي "ڇهہ ماهي" ملندي هئي. حمل جا وڏا اصل ديري غازي خان جا رهاڪو هئا ۽ پوءِ ٽالپرن جي اوائلي حڪومت ۾ لڏي اچي رياست خيرپور ۾ پنهنجو ڳوٺ ٻڌي ويٺا.

حمل فقير سائي رنگ جي پوشاڪ ۽ ڳهي چهنبياري ٽوپي پائيندو هو. گفتگو جو شيرين ۽ فصيح هو. ڇنڇر رات تاريخ ۲- صفر ۱۲۹۶هه ۾ فوت ٿيو. کيس ڳوٺ محمود خان لغاريءَ لڳ ابراهيم شاه واري مشهور قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو. جتي سندس قبر تاريخ وفات جي ڪتبہ سميت موجود آهي.

نمونہ ڪلام

ڪنديس آءٌ ڪچاڙو
پينر هن پيهور کي
سرتيون سهنديس ڪينڪي
سائين جو هي ساڙو
وندر واٽون وڙيان
هو تن ليءِ سڀ هاڙو
روئي ڪنديس رت سان
ڪارو ڏونگر ڳاڙهو
ڪيڏو ڪيچين هي ڪيو
ڏوپڻ سان هيءَ ڌاڙو
لنبر نياڳي نوم جو
پينر مون ڏهيو پاڙو
"حمل" هو تن سان هجي
پورهيت جو شل پاڙو

رڪيل شاه

سائين رڪيل شاه ولد نورمحمد شاه فتح پور (لڳ گنداوا) ۾ ۱۲۶۲هه ڌاري تولد ٿيو. سندس وڏا اصل شيراز (ايران) جا وينل هئا ۽ تقريبا ٻارهين صدي هجريءَ جي شروعات ۾ هجرت ڪري سنڌ ۾ آيا ۽ ان ٽولن ۾ ورهائجي هڪڙا ڏتي طرف ويا ۽ ٻيا "گنداوا" (بلوچستان) جي ويجهو اچي سڪونت پذير ٿيا. گنداوا ۾ سيدن جي انهيءَ خاندان کي قلات جي خان کان جاگيرون مليون. اعليٰ صفتن ڪري سيدن نالو گهڻو مشهور ٿي ويو. سيدن خاندان مان ميان عبدالنبي شاه هڪ اهل الله ۽ وڏو بزرگ ٿي گذريو آهي جنهن جو روضو بہ فتح پور ۾ آهي. رڪيل شاه عبدالنبي شاه جو ننڍو ڀاءُ هو. پاڻ ۾ سڀ پنج ڀائر هئا. رڪيل شاه عهد شباب ۾ هڪ سرڪش ۽ هٺيلو انسان هو. هڪ ڏينهن جهنگ ۾ بگهڙ ماري اچي اها خبر خوشيءَ مان عبدالنبي شاه کي ٻڌايائين. شاه صاحب چيس تہ ادا! جهنگ جي بگهڙن مارڻ مان ڇا حاصل. "پنهنجي بگهڙ (نفس) کي مار." اهو ٻڌي رڪيل شاه زمالي جون لطافتون ۽ لذتون ڇڏي حقيقي مالڪ جي سڪ

۾ سرشار ٿي ويو. انهيءَ وقت سندس عمر چاليهارو سال هئي. ويتر جو جهوڪ شريف جي بزرگن کان کيس فيض مليو ته رچي ريتو ٿي پيو. رات جو اڪثر ڪري ٻرن، مقامن ۽ ويران جڳهن ۾ گذاريندو هو. (۹۷) ورهين جي عمر ۾ رحلت فرمائي ويو. هنيان چار فرزند ڇڏي ويو. جن مان ٻه صاحب زمينداريءَ جي ڪمن ڪارين ۾ مصروف آهن ۽ چوٿون "چيزل شاه" والد صاحب جي نقش قدم تي قائم آهي. شاه صاحب جو شعر سوادي ۽ سلوڻو آهي.

نمونه ڪلام (سرائڪي)

وس نهين چلدا
حجت نهين هلدي
رت رووان هٿ ٻيوان
جند پيئي جلدي
(۱) ٿوڪ ٻالڻ تي اتالڻ
اڄ نهين ڪلهه دا
ڪران زاري سؤ واري
عشق نهين ٽل دا
ڪران ڪيوين وڃان ڪيڏي
پند ڀاري ٿل دا
مٺن عذابي ڀيرين ڀياري
اکيان رو رو ملدي
(۲) ليهن لاوڻ ڀيچ ڀاوڻ
دل ڏاڍي ڏردي
رات ساري هي اندازي مٺن
ڏٺي ڏردي
هي وڇوڙا پند ڏوڙا ساعت
نهين سردي
هڪ واري دلداري سهڻا
ڏيوين ولدي
(۳) ڪران دانهان تي الازان
ڏک نهين ٽندا
نه ڪو دارون تسان ڀارون
قت نهين ڇندا
نه ڪوئي جاڻان تي سڃاڻان
ٻرين تيڏ ے مندا
تون جي آوين ليڻا ڀاوين
مٺن رلي پئي رلدي
(۴) تون جي ٻالين چا سنڀالين
خوش ڪران خبران
نت شادي هے آبادي سک
اهو سنڀران

سچ جاڻان تي سڃاڻان درد
واليان قبران
"رکيل" جائي آشنائي اڄ
نهين ڪلهه دي

"خواجه غلام فريد"

خواجه صاحب سنه ۱۲۱۱ هه ۾ شهر "چاچڙان" ضلع رحيم يار خان ۾ پيدا ٿيو. خواجه صاحب جو والد صاحب خواجه محمد بخش پنهنجي ڀاءُ فخرالدين سميت چشتي سلسلي جو هڪ اهم رڪن هو. خواجه غلام فريد عهد-شباب ۾ هڪ ميراڻ ڇوڪري "هوتان" جي زلف گره گير ۾ اسير ٿي شاعر ٿيو، جا پوءِ سندس گهر واري ٿي. سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام سندس زندگيءَ ۾ ئي سنڌ توڙي پنجاب جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙجي چڪو هو تنهنڪري هن چوڻ ۾ ڪو مبالغو نه آهي ته خواجه صاحب جي ڪلام تي سچل جي ڪلام جو وڏو اثر پيو. "ديوان فريد" جي ورق گردانيءَ مان معلوم ٿئي ٿو ته خواجه صاحب سنڌي زبان به چڱيءَ طرح سمجهي ۽ ڳالهائي سگهندو هو. خواجه صاحب هڪ وڏو جيد عالم، فاضل، عابد، زاهد ۽ صاحب ڪشف وڪرامات هو. سندس سلسله نسب حضرت عمر فاروق رضه تائين پهچي ٿو. سنڌ ۾ سندن هڪ ڏاڏي جو نالو "شيخ ڪور" هو جنهن سان منسوب ٿي "ڪوريجا" مشهور ٿيا. شاعر جي لاءِ مناظر – فطرت جو مطالع عين ضروري آهي. خواجه موصوف به فطرت جو شيدائي هو ۽ مناظر قدرت منجهان "روهي" (بهاولپور جو هڪ ڀاڱو روه معنيٰ ٻر) جا مناظر ۽ موسوم ساونڻ جون جهلڪون پسند ڪندو هو پورا (۱۸) سال "روهيءَ" ۾ رهيو هو. خواجه صاحب جون سنڌي ۽ سرائڪي ۾ ڀاڄهاريون ۽ روح پرور ڪافيون ۽ بيت سنڌ ۽ پنجاب ۾ پکڙيل آهن.

نمونه ڪلام (سنڌي)

هر دل جو دلدار يار منهنجو
سهڻن جو سردار يار منهنجو
پاڻ لڪائي راز حقيقي
پاڻ ڪري اظهار يار منهنجو
ڪٿ بلبل ڪٿ گل
جي صورت
برگ ڪٿي ڪٿ خار
يار منهنجو
ڪٿ سرخي ڪٿ ناز
نزاڪت
ڪٿ سرمو، ڪجل ڪٿ
دار يار منهنجو
ڪٿ ٻولڪ ڪٿ تان ترانو
ڪٿ صوفي ڪٿ سرشار
يار منهنجو
ڪٿ عابد ۽ ڪٿ نفل دوگانه
ڪٿ ڪيفي ميخوار
يار منهنجو
ڪٿ عاشق ڪٿ دردڪمالا
ڪٿ دلبر غمخوار يار منهنجو
يار "فريد" نه پردي اندر
خود پردو خوديار يار منهنجو.

"صادق فقير"

فقير محمد صديق "صادق" سومرو سنڌ جي مشهور حاڪم گهراڻي دودي ۽ چنيسر سومري جي نسل مان آهي. سومر ڏينهن شام جو ۱۱۷۰ هه ڌاري ڳوٺ صوفي تعلقه عمرڪوٽ ۾ تولد ٿيو ۽ (۹۵) ورهين جي عمر ۾ راه رباني وٺي ويو. فقير صاحب جي مجموعه ڪلام کي "شاه صادق جو رسالو" چوندا آهن. سڄو رسالو رموز و اسرار معرفت و حقيقت ۽ تصوف جي باريڪ نقطن سان ڀريل آهي. فقير صاحب پنهنجي وقت ۾ درگاه جهوڪ شريف جو وڏو خليفو سڏبو هو ۽ درگاه سان کيس والهانه محبت هئي. سال بسال حضرت شاه شهيد صوفي عنايت الله شاه جي عرس شريف تي محفل سماع ۾ صادق فقير جو ڪلام اڪثر ڪري ڳايو ۽ پڙهيو ويندو آهي. فقير صاحب پنهنجي مرشد جي محبت ۽ واکاڻ ۾ تمام گهڻا بيت ۽ ڪلام چيا آهن.

صادق فقير سچائيءَ ۽ صداقت جو گويا پتلو هو. لهنو ۽ نهايت نماڻو هو. پاڻ کي ميرانپور (جهوڪ) جو منگڻو سڏائي خوش ٿيندو هو ۽ چوندو هو.

هل ميران پور منگڻا
جت ڏاتر ڏي ٿو ڏات
ڪانه پڇي ٿو ذات
جيڪي آئيا سي اگهيا

نمونه ڪلام

هوتن هلندي جي ڪيون
مونکي مارن اهيئي ڳالهڙيون
آن وت هيڙيون مانسان
نه ڪيڙيون
سي هٺي ويا پري ٻالڙيون
ڪيف ڪڪوريون قرب
جي قابو
سي رات رتيون رنگ لالڙيون
ڪڏهن اسانجي اڱڻ تون
ايندين
آءٌ ويٺي پايان تو لئي فالڙيون
اسان ۽ تنهنجي وچ ۾ آهن
اڪڙيون عشق دلالڙيون
"صادق" سورن گهايس
گهورن
آهن عشق جون اهڙيون
چالڙيون

، سنواري،
ي هن واڙ کي

از:- محمد اسماعيل عرساڻي

سما قوم تاريخ جي روشني ۾

سومرن کان پوءِ سنڌ تي سما قوم جي حاڪمن قبضو ڪيو جن کي جام جي لقب سان سڏيو ويندو هو. هنن جا ناناڻا هندي ۽ عربي گڏ اڙيل هئا. جيئن ته هي زبردست طاقت وارا هئا تنهنڪري هنن جو وقتي وقتي دهلي جي تاجدارن سان ٽڪر ٿيندو هو. سنه ٧٥٢هه کان سنه ٩٢٧هه تائين ١٧٥ سال سنڌ تي حڪومت ڪيائون.

سمن جي اصليت تي مؤرخن اختلاف ڪيو آهي. سنڌ جا ڪي مؤرخ هنن کي عربي نسل مان ابوجهل جي اولاد مان سڏين ٿا ۽ فارسي مؤرخ جهڙوڪ فرشته ۽ ابوالفضل هنن کي ايراني بادشاه جمشيد جي اولاد مان ٿا چون. جمشيد لفظ جو ٻهريون آواز جم آهي، تنهن ڪري چون ٿا ته انهيءَ جم آواز ڪري سمن کي جام ڪوٺيو ٿو وڃي. يورپي مؤرخ وري سمن کي نو مسلم راجپوت چون ٿا ۽ وڏيڪ انهن جو چوڻ آهي ته جام ڪڇ ۽ نوانگر جي راجائن جو لقب هو. تاريخ معصومي مان پتو پوي ٿو ته سما ڪڇ مان آيل هئا. چچ نامي جي بيان مان ظاهر آهي ته سما سنڌ ۾ محمد بن قاسم جي اچڻ کان اڳ آباد هئا. جڏهن محمد بن قاسم سنڌ ۾ پهتو ته سمن راڳ ۽ سازن سان سندس استقبال ڪيو. محمد بن قاسم هڪ عرب حزيم بن عمر کي انهن جو سردار مقرر ڪيو. تاريخ طاهريءَ جو مصنف لکي ٿو ته سمنڊ جي ڪناري وارو ملڪ سما قوم جي ماتحت هو، جني انهن جو اولاد اڄ به موجود آهي. تاريخ بلاذري هن طرح رقمطراز آهي ته سما دراصل صمة جو اولاد آهن جنهن جو پيءُ ابوالصمت المغلب اليوم، سنڌ جي حاڪم دائود بن يزيد بن حاتم سان گڏ سنڌ ۾ آيو هو. پوءِ شايد اهي سما ڪڇ ڏانهن لڏي ويا هجن ۽ سنه ٧٥٢هه ۾ سنڌ ۾ اچي سومرن کان سنڌ هٿ ڪئي هجين.

فرشته تاريخ نويس لکي ٿو ته شاه محمد تغلق جي زماني ۾ مسلمانن جي ڪوشش سان سنڌ جي حڪومت سومرن جي هٿن مان نڪري سمن جي قبضي ۾ آئي. سمن جا اڪثر سردار مسلمان هئا ۽ گهڻوڪري دهليءَ جي بادشاهن جا ٻيل پريندڙ هئا. ڪڏهن ڪڏهن بغاوت به ڪندا هئا. سمن جي پهرئين حاڪم جو نالو جام اُنڙ هو، جنهن نهايت دانائي سان ساڍا ٽي سال حڪومت هلائي. انجي وفات کان پوءِ سندس پاءُ جام جوڻو سنڌ جو حاڪم ٿيو جو نهايت انصاف پسند هو. ان کان پوءِ ان جو پٽ جام ماني عرف جام خيرالدين تخت تي ويٺو، جنهن دهليءَ جي بادشاه سان بغاوت ڪئي جنهن ڪري سنه ٧٦٢هه ۾ سلطان فيروز شاه سنڌ تي ڪاهي آيو. پهرئين ڀيري ناڪام ٿيو ۽ پوءِ گجرات کان واپس اچي وري مقابلو ڪيائين. آخر جام بادشاه سان صلح ڪيو. سمن جي طاقت جو اندازو هن ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته فيروز شاه جي مقابلي ۾ جام چاليهه هزار پيادا ۽ ويهه هزار فوج ڪٺي ڪئي هئي. جام ۽ دهليءَ جي بادشاه جو صلح سيد جلال الدين حسين بخاريءَ ڪرايو جو اُن وقت جو هڪ باخدا بزرگ هو ۽ اُچ ۾ رهندو هو. هيءُ بزرگ سما قوم جو مرشد هو. جام پنهنجي مرشد جي خدمت ۾ قاصد موڪليو ته اوهان تشريف فرمائي، سلطان کان منهنجو قصور معاف ڪرايو. سيد جلال الدين حسين بخاري آيو ۽ جام کي وٺي وڃي بادشاه سان مليو. فيروز شاه سيد بخاريءَ جو شايان شان استقبال ڪيو ۽ ساڻس نهايت خلوص دلي ۽ عقيدت سان مليو. آخر ٻنهي ڌرين جو صلح ٿيو.

سمن جا هيٺيان حاڪم ٿي گذريا آهن، جن مان ڪن جدا جدا حڪومت ڪئي آهي ۽ ڪن گڏجي حڪومت ڪئي آهي. انهن جا نالا سندن عهد حڪومت سميت هيٺ لکجن ٿا.

١- جام اُنڙ ساڍا ٽي سال
٢- جام جوڻو چوڏهن سال
٣- جام ماني عرف جام خيرالدين سورهن سال ٤- جام ٻانڀڻو
٥- جام تماچي پندرهن سال
٦- جام صلاح الدين يارهن سال
٧- جام نظام الدين سوا ٻه سال
٨- جام علي شير سوا ڇهه سال
٩- جام ڪرن ڏيڍ ڏينهن.

جام اُنڙ جي خاندان جي حڪومت ختم ٿيڻ کان پوءِ سمن جو ٻيو خاندان تخت تي ويٺو. انهن جو پهريون حاڪم فتح خان هو. ان خاندان جا هيٺيان حاڪم ٿي گذريا آهن:

١- فتح خان بن سڪندر پندرهن سال ٢- جام تغلق بن سڪندر اٺاويهه سال ٣- جام مبارڪ ٽي ڏينهن ٤- جام سڪندر بن جام فتح خان بن جام سڪندر ڏيڍ سال ٥- جام راءِ ورن ٦- جام سنجر سوا اٺ سال ٧- جام نندو عرف جام نظام الدين پاهٺ سال ٨- جام فيروز.

جام نندي جي زماني ۾ سنه ٨٩٠هه ۾ شاه بيگ ارغون قندار کان سنڌ تي ڪاهي آيو مگر شڪست کاڌائين. جام نندي جي مرڻ کان پوءِ جام فيروز تخت تي ويٺو. جام فيروز ۽ جام صلاح الدين جي وچ ۾ تخت تان تڪرار ٿي پيو. جام صلاح الدين گجرات جي بادشاه مظفر جي راڻيءَ جو سوٽ هو تنهنڪري جام صلاح الدين گجرات جي بادشاه جي مدد ڏني. اهو حال ڏسي جام فيروز وري قندار جي حاڪم شاهه بيگ ارغون وٽ مدد لاءِ ويو. جنهن موقعي جو فائدو وٺي، سنه ٩٢٧هه ۾ سنڌ تي قبضو ڪيو. اهڙيءَ طرح سمن جي حڪومت جو خاتمو ٿيو.

سما ڪڏهن مسلمان ٿيا ۽ انهن جو تعلق مسلمانن جي ڪهڙي فرقي مان هو ان جو تاريخن مان ڪو به پتو ڪو نه ٿو پوي. مؤرخن انهن جي هندي ۽ عربي نالن ڪري انهن جي مذهبي انقلاب جو اندازو لڳايو آهي. فرشته تاريخ نويس جام اُنڙ، جام جوڻي، جام ماني ۽ جام تماچيءَ کي هندو لکي ٿو. جام صلاح الدين ۽ ان کان پوءِ جي حاڪمن کي مسلمان ٿو چوي. پر حقيقت ائين نه آهي. ابن بطوطه جي بيان مان معلوم ٿئي ٿو ته جام اُنڙ هندو نه هو بلڪ مسلمان هو. هو هندن جي زير دستيءَ کان بيزار هو. اهوئي سبب هو جو دهليءَ جي سلطان خلاف بغاوت ڪيائين ۽ پنهنجو بادشاهي لقب ملڪ فيروز رکيائين. سما شروع ۾ پنهنجو قومي نالو رکندا هئا مگر پوءِ دهليءَ جي بادشاهن جي پيروي ڪري عربي لقب اختيار ڪرڻ لڳا. جنهن جام جو لقب خيرالدين هو، اهو پنهنجي پيءُ سان گڏ ڪيترو

(ڏسو صفحو ١٨٣)

۾ سرشار ٿي ويو. انھ
سندس عمر چال
ويتر جو جهه
بزرگن ک
ر

ڏک سکن جي سونهن

(از:- منگهارام "اوجها" ننگر پارکر)

اچـو سورن واريـون - کريـون سـورن پچار
کني ٿـورا کني گهٽا - جي ڪانهي سـورن ڏار
ڏنـا جـي ڏاتـار - سي جهولي پائي مون جهليا

ڏک سکن جي سونهن گهو ر يا سک ڏکن ري "هي بيت پلاري پٽ ڏٺي جو آهي جنهن سر شتي ۾ رهندڙ ناطق انسانن کي واضح ڪري ٻڌايو آهي ته هن سنسار ۾ ڏک ئي ڏک آهن. ڪو به ڪم هن دنيا ۾ ڏکن کان سواءِ ٿيڻ جهڙو آهيئي ڪونه. بزرگ ۽ فقيرن، "سنتن ۽ مهاتمائن، ڏکن کي وڏي عزت ڏني آهي. انهن اهي ڏک ڪوڏ منجهان گهري ورتا آهن. سچل فقير چوي ٿو ته "ڏي ڏکاندا ڏاج، مينون ڏي ڏکاندا ڏاج". سچل ڏکن کي ڏاج ڪري ليکي ٿو. حضرت آدم اولين ڏک ڏٺو، بعد ۾ نبين، پيغمبرن، اوتارن سور سٺا. سور ۽ سختيون نصيب وارن کي پنهنجن خاص کي، پنهنجن پيارن کي سچو سائين موڪليندو آهي. اهي سندن مهمانيون آهن، آزمائشون آهن ۽ دعوتون آهن.

سو ر سختيون سالڪن ڏي
محب مهمانيون مڪيون

د نيا ۾ ڪو به اهڙو فرد يا هستي نه آهي جو ڏک ڏسڻ کان سواءِ اوج تي رسيو هجي. دنيا جا بهادر، فيلسوف، داناءَ، عاشق ۽ صادق، جن جو نالو اڄ دنيا ۾ زنده آهي، انهن به تڪليفون ڏٺيون. جيو جو جنم ئي سورن پنيان ٿو ٿئي. اها ڪهڙي ماتا آهي جنهن سور نه ڪاڍا: سو رن پنيان ته لعل جمن ٿا. جيڪڏهن اسان ڀين شين ڏانهن خيال ٿا ڪريون ته اسان کي مڃڻ لاءِ ضرور سر جهڪائڻو پوندو ته جن ڏک ڏٺا تن وڏو درجو حاصل ڪيو. موتي جڏهن ڏک ڏٺا، پنهنجي پياري ماتا جي گود مان هميشه لاءِ جدا ٿيو، تڏهن سوداگرن وٽان ٿي صرافن وٽ اچي شرف حاصل ڪيو. موتي ماڻيٺي ساگر ۾ سينو سهائي وينو هجي ها ۽ سر تي سو رن جا انبار نه سهي ها ته، نه وري هو بادشاهن جي تاج جو سينگار بڻجي ها ۽ نه وري شوخ نازنين جي ڳلن جو رس چوسي ها.

صبر ۾ سهي ڪري، هٿي
منجهه پاتال
ڪڇيم ڪنهن سان ڪينڪي
سالن سندا سال
تڏهن پلي ڪيا پال، جو
لڏان لعل لبن تي

گلاب جو گل ڏ سو هيٺان ڪمدا اٿس. سورن جي سيجا تي پيو آهي ته ڏسو ڏاتار ان جو ڪيڏو مان ۽ شان ڪيو آهي. سندس هار ٺاهي ماڻهو ڳچيءَ ۾ وجهن ٿا. اهو تڏهن جڏهن هن سور ڪي ساٿي ڪيو. گل جڏهن پنهنجي جڳهه ڇڏي سئي وٽان پاڻ کي سوراخ ڪرائي ٿو تڏهن خوش اندام حسين ڪيس ڳلي ۾ وجهن ٿا. جيستائين ڦٽي ڇير جو ڏک سهي، سوٽار جي ڪرائي جو ٻک نٿي ٿـئي تيستائين اها ڪنهن مرگهه نين جي ڪارن وارن جي وچ ۾ سينڌ ڪڍڻ کـان محروم آهي. هڪ دفعه اڪبر بادشاهه گنگ شاعر کـان پڇيو ته، اي گنگ منڪي يا دلي اهڙو ڪهڙو دان پنج ڪيو آهي جو هميشه ڪنهن محبوب جي مٿي تي رهي ٿو. شاعر جواب ڏنو ته اي بادشاهن جا بادشاهه:

"ڪتنا جگ جل ڌيان ڪريو
پو ساگر پار گئونان پنڪي
ڪسي ڪام ڪلال سان
ڪانٽ، جا اگني ۾ ائين
ڀنڪي
جهٽ چاڪ ڏمال قراءِ لپٽو
اُت اڳوڻ ۾ ائين چنڪي
گنگ ڪهي سڻ شاه اڪبر
اِس ڏک ڏني مرگها نيڻ
کي سر چڙهي منڪي"

ڪيترا روز ساگر ۾ پاڻي پئي عبادت ڪئي. اهو جڏهن

سما قوم تاريخ جي روشنيءَ ۾

(آنديل صفحي ١٨١ تان)

وقت دهلي دربار ۾ رهيو هو. سمن جي آخري حاڪم جام نندي جا ٻه نالا هئا هڪ جام نندو ۽ ٻيو نظام الدين. جام نندو سندس قومي نالو هو ۽ نظام الدين سندس لقب هو.

سما در اصل حڪومت ملڻ کان اڳ مسلمان ٿيا هئا. سندن تعلق اهل سنت فرقي سان هو. هنن ۾ اسلام عرب تاجرن وسيلي نه، پر شيخ بهاءالدين زڪريا ملتانيءَ جي بدولت پکڙيو. شيخ بهاءالدين زڪريا ملتاني سنه ٥٧٨هه کان سنه ٦٦٦ هه تائين اسلامي ملڪن جو سفر ڪيو ۽ ان جي برڪت سان ملتان علم ۽ تصوف جو مرڪز بڻجي ويو. سيد جلال بخاريءَ بخارا مان اچي ملتان ۾ شيخ بهاءالدين زڪريا جي هٿ تي بيعت ڪئي. شيخ الاسلام زڪريا ملتانيءَ سيد جلال بخاريءَ کي اُچ جي ماڻهن جي هدايت لاءِ موڪليو جنهن جي فيض و برڪت سان ڪيترا قبيلا مسلمان ٿيا. سيد جلال بخاريءَ جي وفات کان پوءِ ان جو پوٽو سيد جلال الدين حسين بخاري پنهنجي ڏاڏي جي مسند تي ويٺو. هن بزرگ جي هٿ تي سما قوم مسلمان ٿي هئي، اهو ئي سبب هو جو سما قوم جي پيري مريديءَ جو تعلق شيخ بهاءالدين زڪريا ملتانيءَ سان رهيو.

سمن حاڪمن جي گاديءَ جو هنڌ ٺٽو هو جنهن تي سنه ٧٥٢ هه ۾ محمد شاهه تغلق حملو ڪيو ۽ هو اوچتو اتي مري ويو وري ٧٦٢ هه ۾ فيروز شاهه ٻه ڀيرو ن دفعه حملو ڪيو مگر ناڪامياب ٿيو ۽ گجرات هليو ويو. انهن واقعن کي اتي جا ماڻهو پنهنجي مرشد سيد بخاريءَ ۽ شيخ الاسلام زڪريا ملتانيءَ جي ڪرامت سمجهڻ لڳا. ٻئي سال جڏهن فيروز شاهه گجرات مان واپس اچي ٺٽي تي ٻيو دفعو حملو ڪيو تڏهن جام ۽ فيروز شاهه جي وچ ۾ صلح به سيد جلال الدين حسين بخاريءَ ڪرايو. انهن واقعن مان پتو پوي ٿو ته سمن حاڪمن جي شيخ بهاءالدين زڪريا ملتانيءَ ۽ سيد جلال الدين حسيني بخاريءَ سان ڪيتري قدر عقيدت هئي. انهن حالتن پٽاندر سما نه صرف مسلمان هئا پر اهل سنت فرقي جا به هئا. ازانسوءِ سمن کي حڪومت وٺي ڏيڻ ۾ مسلمانن جو گهڻو هٿ هو. ان مان به ظاهر آهي ته سما جيڪڏهن مسلمان نه هجن ها ته مسلمانن کي انهن سان همدردي ڪيئن ٿئي ها. (ماخوذ)

سگهي لوڙ ني ويو تڏهن اُن جي ڪوڏرن سان ٻيٺ چيري اُن مان مٽي ڪڍي ڪمهار گهر کڻي آيو ۽ وري ان کي ٻيرن سان لتاڙي چڱي طرح مهٽي سهٽي چڪر تي چاڙهي ان کي ساهه ۾ وجهي ساڙي دلو تيار ڪيو. اي شهنشاهه! ان ايتريون تڪليفون ڏنيون. ان ڪري اڄ ٻرگهه ٽين جي سر تي سوار آهي. ڪوبه ٻج جڏهن مٽي سان ملي ٿو تڏهن ان منجهان گل گلزاريون ٿين ٿيون. سورن کان سواءِ ڪجهه حاصل ٿيڻو نه آهي. پريتم جو پاسوئي سورن جو آهي. جنهن سورن جون سرڪيون ڀيٽيون سچي سائين قبول ڪيو. سک ۽ سچ ۽ سور ٽيئي اکر هيڪڙي. سور جو سواد چکي سک مان سچ گهوليو ته محبت اوس ملي. هوندو تنهنڪري سکن جو ٺهيو ڏکن مان هوي ٿو. جهڙي طرح ٻاڻي جو قدر اُڃ سان ۽ محبت جو قدر وڇوڙي سان هوندو آهي تيئن سکن جو قدر ڏکن سان ٿيندو آهي. ڏک هڪ قسم جو پرک آهي جو خاص آزمائش لاءِ ايندو آهي. الهن ڏکين ٻيرن مان پاس ٿيڻ تي ئي سچي خوشي حاصل ٿئي ٿي. سسئي پنهنجي پنهون خاطر اهڙا ڏک ۽ اوڪا لڪ لنگهي تڏهن چوي ٿي ته.

”ڏکن پنيان سک،
مولتان لڌا جيڏيون
ڏوريندي تان ڏک،
سولهان ٿيڙا سڄڻين“

اُن وقت سسئي سر تي سور نه سهي ها ۽ سکن کي پنهنجي گود ۾ جاءِ ڏيئي ها ته نه وري پنهون کي ڀيٽي ها ۽ نه وري سندس ايترو نالو ڳائجي ها. اُن لاءِ چيو آهي ته:

”سارو لوڪ سکن،
پوءِ رهايو پرين ڪون
ڏسو واهه ڏکن،
هوت رهاريو هنج ۾“

مطلب ته جيستائين هن دنيا ۾ ڪوبه انسان ڏکن لاءِ تيار نه ٿيندو تيستائين هو ڪڏهن به ترقي ڪري نه سگهندو. سور سرير کي ٿاهي، ٽپي، ڀڃي ۽ پائدار بڻائين ٿا. سور ٻقادار آهن.

تن سورن کي شاباس،
سو سو بار سکن کان.

سک روڳ دک دارون. هن دنيا ۾ اڪثري ڏٺو ويو آهي ته ملڪ مالڪ جي ياد به ڏکن ۾ ايندي آهي. تنهن هوندي به انسان هن ڏکئي سنسار ۾ سک جي سيجا لاءِ آتو آهي. اندر بي آرام ۽ من مونجهو رهي ٿو. من جي مانڊائي چوطرف چڙهي اچي ٿي. هر سچو سک ڪنهن به نصيب نٿو ٿئي. هن عارضي آنند لاءِ ڪيتري نه آنند مالڪ انس. ڪيترن غريبن جو گلو گهٽي گهايل ڪري رهيو آهي ڪيترو نه ٻيو واجهائي پلي ۽ پتڪي. ڪري ۽ ڪوئي جي خبر ڪانه آهي. هن رمز جو راز سمجهي نه سگهيو آهي. هنن ورن وڪڙن جو ڀيچ ڪو به پروڙي نٿو سگهي. تڏهن به سنسار جي گهرائي ۾ اونهو گهڙندو ٿيو وڃي. ڪن کي مايا سان موهه ته ڪن کي سندر تي جي سک. مطلب ته وک وک تي سک جا ساٿي ٿيو نهاري. هرڻ وانگر هيڏانهن هوڏانهن ٻاهرين ڪستوري تي خوش ٿي اٿاهه رڻ جو رائو ۽ جهنگ جهاڳيندو ٿيو وڃي. هرڻ کي اهو هوش نه آهي ته ڪستوري جي خوشبوءِ ڪيس پنهنجي دن ۾ ئي آهي. تيئن ويچاري انسان جو به ساڳيو حال آهي. جي سرمايه دار موٽرن ۽ ماڙين جو مالڪ آهي ته ڪيس سک جو سپنو ڪڏهن به نصيب نٿو ٿئي. هڪ درويش ڪنهن باغ ۾ ويو. باغائي کان پڇڻ جا لالا ڇپيائين. باغائي هڪ ٻوٽي جو نالو ٻڌايو ته هي سکمرد آهي. درويش گنڀير ٿي جواب ڏنو ته: هنڪي ٻاڙن کان ئي ٻني ڇڏ. سک ۽ مرد ٻاڻهيون ٿا سولهن. الهي ڪري ڏک انسان جا همڪاري دوست آهن. ڏک ئي سک ڏانهن ليندڙ آهن.

جيڪڏهن انسان سچ پچ سکن جو خواهان آهي ته سک جي تلاش ۾ جيڪي سور آڏا اچن تنکي منو ڪري پوڳي ۽ ڏکن مان سکن جو سواد حاصل ڪري.

تنهنڪري اسانکي شاهه صاحب جو مقولو ڏک سکن جي سولهن دل تي رکي هر وقت ڏکن سهڻ لاءِ تيار رهڻ گهرجي. اسان جڏهن مٿين مقولي تي عمل ڪري ڪنهن به ڪم ۾ سورن کان نه ڊڄنداسون ته ڏک خود سولهان ٿي اسانکي سکن ۾ پهچائڻ لاءِ پنهنجي گردن جهڪائيندا. ڀڳت بابا رام ڏکن جي اچڻ واڪاڻ ٿو ڪري.

ڏک پلين تو آئين،
توکي ور ور آدر هوءِ
راهه چڱي رهبر بڻين،
سنئين پسائي توءِ
آندءِ اُلفت اور تي،
ٻيل گهڻو ٻند پوءِ
غفلت مان رام چوي،
تو جانب جاڳايوءِ
تورو درس سندوءِ،
من مان مور نه مٽجي

سک ممڙي سنسار جا،
مر تو مٽي گهوريان
ڏم تون منهنجو سپرين،
مولکي وٺي آئين اوريان
ٻر ڪاٽڻون آئين قرب مان،
تون هادي ٿي هوريان
رام چوي هن راز جي،
آهه چپ نه سهڻ چوريان
تو مٺ ڪيڻن توريان،
سيلهه ٿيا سک سامهڻو

ور ور ڏک وارو ڪري،
آئين وک واري
نيڙي لاڪون ساهه ۾،
تو ساڻ ڏٺو گهاري
تيلا هون لاشڪ اچين،
جڻ ٻرڻ پنهنجو ٻاڙي
هر ولي هر ماڳ ۾،
لنت لٺون رو ب ڌاري
عجب اثر هن ڳالهه جو،
تون وڃين نه وساري
شل صاحب سواري،
رام چوي هن راز کي

ماڻهو ڳائن سک کي،
مونکي تنهنجي تات
سک نه سڏيان سپرين،
رهبر تون دن رات
ٻر گڏ چائين يا ٻوءِ آئين،
سا رام نه رهي گهات
من ۾ پلائي بات،
سهڻ تنهنجي سمجهه جي

ڏک مان ڪنهنکان پڇان،
تو پريت جا لاءِ ٻاتي
پورب جنم ۾ گڏ هئين،
يا هاڻ ٿئين ساٿي
ٻئر جنم هلندين هڪيو،
يار ڳڻي هي حياتي
حيراني هردي اندر،
رام دن راتي
ور ور تو لائي،
ڪاهه قلب تي قرب سان

ڏک نه واريان ڏيل مان،
تنهنجو ڳڻ ڳورو
توکي ساراهيان سدا،
ساڃهن سمورو
سانڍي رکندس ساهه ۾،
هي تورونا تورو
رام چوي هن راز جو،
کو پاءِ نه لکي پورو
تورن تي تورو،
ڳجهه هن ڳالهه جو

محبت جي ميدان ۾،
درد ٿئين اڳوان
گس ڏائين گيان جو،
من جو مارين مان
هر هر سهاري سور کي،
هريهر نه هاري ٻاڻ
ڏکن ري سک ساڻ،
رام نه جس جهان ۾.

از:- لطف الله بدوي، شڪارپور

خانبهادر الله بخش شهيد

گذريل جولاءِ جي شروع ۾ جڏهن سنڌو نديءَ جو پاڻي، بيگاري بند سان ٽڪرجي رهيو هو، شڪارپور جي رهندڙن تي بدحواسي ڇانئجي وئي هئي. مستانيءَ درياهه جي شورش ڪان، هر فرد پنهنجي مستقبل ڪان پريشان ٿي ڏٺو. شهر خالي ٿيندي ٿي ويو ۽ معلوم ائين پئي ٿيو ته شڪارپور هڪ اجڙي ديار بڻجي ويندو. هن نفسا نفسي جي زماني ۾ شهر جي سنسان گهٽين ڪان گذرندو ٿي ويس. هڪ هنڌ چئن ماڻهن جو ميڙ ڏٺم، جنهن جي چهرن مان بي افسردگي ۽ انتظار ٿي نظر آيو. مان وٽائن گذرڻ وارو هوس ته انهن مان هڪ جي زبان مان هڪ سادي جملي مون کي روڪي ورتو- ويهي پيس. اُن جملي اڄ ڪان ويهه ورهيه اڳ جي ياد منهنجي دل ۾ تازي ڪري ڇڏي. هيءُ هڪ مختصر جملو هو:

"اڄ خانبهادر الله بخش
جيئرو هجي ها ته اسان
مٿي هيئان وهائڻو
ڏيئي بند ٻڌون ڪريون
ها."

سامعين مان ڪيس ڪنهن جواب ڏنو يا نه ڏنو، مان الله بخش جي نالي ٻڌڻ سان، تصور جي دنيا ۾ لڪري پيس. اندر ۾ عجيب ڪشمڪش پيدا ٿي وئي. سوچيم ته انسان فاني هوندي به پنهنجي ڪارنامن سان ڪيڏو نه پائندو ته آهي. وقت کي پنهنجي نگاهن ۾ پوئتي موٽندي ڏٺم. سنه ١٩٤٠ع ۾ به درياهه کي جوش آيو هو. ماڻهن ۾ لڏپلاڻ شروع ٿيڻ واري هئي، مگر الله بخش سنڌو نديءَ جي پاڻي ۽ شڪارپور جي وچ ۾ هڪ پهاڙ وانگر ٿي بيٺو. دنيا ڏٺو ته شڪارپور مان نه هڪ فرد بي گهر ٿيو ۽ نه پاڻي جو هڪ قطرو شهر ۾ آيو. مگر اڄ هن افراتفريءَ ۾ عوام کي ڪو به تسلي ڏيڻ وارو چهرو نظر نٿي آيو. سنڌ بس وطن وري الله بخش جي ضرورت محسوس ڪري رهيو هو، مگر:

هزارون سال نرگس اپني
بي نوري پہ روتي هے
بڑي مشکل سے هوتا هے
چمن ميں ديده ور پيدا.

انهيءَ ۾ ڪو شڪ نه آهي ته شهيد الله بخش جي حياتي جو وڏو حصو، سياست جي ڪشمڪش ۽ پيچيدگين جي اصلاح ۾ گذريو. اُن دؤر جي تاريخ تي نظر ڪرڻ سان خبر پوي ٿي ته هو سنڌ جي سياست جي آسمان تي آفتاب ٿي اڀريو. سندس شخصيت سنڌ جي حدن کي ٽوڙي سابق هندستان جي ڪنڊ ڪڙڇ تي ڇانئجي وئي هئي. منجهس خداداد صلاحيت هئي. سندس خلوص ۽ حڪمت عمليءَ جي سامهون، سياست جي شطرنج تي کيڏڻ وارن شاطرن جا مهرا هڪ هڪ تي مات ٿيندا ٿي رهيا.

اپريل سنه ١٩٣٧ع ۾ سنڌ، بمبئي کان جدا ٿي هڪ آزاد صوبي جي حيثيت ورتي. سنڌ جو گورنر سر لئنسيلاٽ گرهام مقرر ٿي آيو. هن ابتدائي نظام کي جاري رکڻ لاءِ، ٽي صلاحڪار، ديوان بهادر هيرانند، سر شاهنواز ڀٽو ۽ سر غلام حسين مقرر ڪيا، جن مان سر غلام حسين کي چيئرمين مقرر ڪيو ويو هو. سر غلام حسين بمبئي گورنمينٽ جي اُنهن معزز اراڪين مان هو، جن تي انگريز حاڪمن کي پورو پورو اعتبار حاصل هو. اُن وقت جي گورنر لارڊ لائيڊ جي مزاج ۾ ڪيس وڏو دخل حاصل هو. سر لئنسيلاٽ به سر غلام حسين کي ئي پنهنجي صلاحڪارن جي مجلس جو چيئرمن موزون سمجهيو. تنهن آئين موجب سنڌ ۾ به چونڊون شروع ٿي ويون. سر سيٺ عبدالله هارون جي ڪوشش سان "اتحاد پارٽي" جو بنياد رکيو ويو، جنهن جو ليڊر سر شاهنواز خان ڀٽو هو ۽ ڊپٽي ليڊر سر عبدالله هارون هو. سر غلام حسين نه فقط هن پارٽيءَ کان جدا رهيو، پر اُن سان اختلاف به ڏيکاريائين. هي عجيب اتفاق هو، جو اتحاد پارٽيءَ جا ٻئي ليڊر سر شاهنواز خان ڀٽو ۽ سر سيٺ حاجي عبدالله هارون، انتخاب ۾ ڪامياب ٿي نه سگهيا، مگر هيءَ حقيقت آهي ته سندن پارٽي جو وڏو تعداد انتخاب ۾ ڪامياب ٿي آيو. اميد اها ڪئي ٿي وئي ته وزارت جو ڪاروبار، اتحاد پارٽي سنڀاليندي، مگر هن پيري به سنڌ جي گورنر سر لئنسيلاٽ گرهام، سر غلام حسين کي وزارت ٺاهڻ لاءِ مدعو ڪيو، جنهن کي ميمبرن جي ڪثرت جي ڪا به پٺڀرائي ڪا نه هئي. خانبهادر الله بخش اتحاد پارٽي سان تعلق ٿي رکيو. گورنر جي هن بيجا قدم تي هن سخت نڪته چيني ڪئي. جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو، اسيمبليءَ جي اڪثر ميمبرن ۾، گورنر ۽ وزير اعظم جي لاءِ بددلي پيدا ٿي وئي، جنهن اڳتي هلي سر غلام حسين جي وزارت جو خاتمو آندو. ٢٣ مارچ سنه ١٩٣٨ع تي خانبهادر الله بخش پنهنجي پهرين وزارت جو سنگ بنياد رکيو. هو پنهنجي مخالفن تي ايڏو ته ڇانئجي ويو هو، جو سر غلام حسين کي به پيو چارو نه رهيو هو ته هو سندس سايه ۾ ئي پناهه کي ڳولهي. مسلم ليگ جهڙي نظام کان هو باغي ٿي، الله بخش جي وزارت ۾ ته شامل ٿي ويو، مگر سنه ١٩٤٠ع ۾ جڏهن دهليءَ ۾ آزاد مسلم ڪانفرنس جو اجلاس زير صدارت خانبهادر الله بخش جي منعقد ٿيو، تڏهن سر غلام حسين، اُن ڪانفرنس جي اهتمام ۾ سندس پاڻهين ٻيلي ٿي بيٺو ۽ اُن ڪانفرنس ۾ هن جو ڪجهه مسلم ليگ جي پروگرام لاءِ اختلاف ڏيکاريو، اُن کي طلوع اسلام رسالي جي جون سنه ١٩٤٠ع جي اشاعت ۾، تفصيل سان لکيو ويو آهي. مٿيئن مختصر حقيقت مان، آسانيءَ سان معلوم ٿي سگهندو ته اُن وقت خانبهادر الله بخش، سياست جي ڪيڏي نه اعليٰ رتبي تي پهچي چڪو هو. مون کي سندس سياسي حياتيءَ کي هتي تفصيل سان بيان ڪرڻو نه آهي، اُن لاءِ هڪ جدا مضمون جي ضرورت پوندي مگر هتي فقط هيءُ ڏيکارڻو آهي ته سندس ڪردار ڪيترو ۽ ڪيڏو نه بلند هو.

سنه ١٩٢٨ع ۾، شڪارپور ۾ وبا جي منحوس بيماري اچي منهن ڪيو. نيڪ بخت ۾ حيدرآباد جي هڪ قومي ڪارڪن ساڌو هيرانند جي لاءِ پڙهيو هوم ته سنه ١٨٩٦ع ۾ جڏهن حيدرآباد ۾ مهامري پئي هئي، تڏهن ساڌو هيرانند، پنهنجي صحت جي مستقبل کان بي پرواهه ٿي، حيدرآباد جي رهندڙن جي مذهب ۽ قوم جي امتياز کي پري رکي خدمت ڪئي. ساڌو هيرانند پنهنجي نيڪي جو هيءُ نقش ايڏو ته پائدار ڇڏي ويو

آهي، جو زماني جو اُلٽ ڦير، اُنهي ياد کي مٽائي نه سگهيو آهي.

شڪارپور ۾ اُن وقت اهڙي مهاماري کان گذري رهي هئي. موت جي شهر جي هر گهٽي ۽ ڪوچي ۾ گرم بازاري لڳي وئي. اُن وقت جي مرد خدا، پنهنجي آرام ۽ پيشبندي کان بي نياز ٿي، خدا جي خلق جي خدمت ڪرڻ لاءِ ميدان ۾ نڪري پيو. صبح کان شام تائين، شام کان صبح تائين، هڪ در کان ٻي در ڀٽڪندو رهيو. ڪڏهن اُن پير سن ماڻهوءَ جي گوڙهن ڇنڊڻ ۾ مشغول ٿي رهيو، جنهن جو جوان پٽ ڪائنس موڪلائي ويو هو، جو سندس پيري جو آخري آسرو هو ته ڪڏهن، اُن بيمار پوڙهي جي بستري جي مٿان ٿي ٻيٺو، جنهن جي خدمت ۽ چاڪري لاءِ ڪو به موجود نه هو. الله بخش جي هن خدمت ۾ نه مذهب ۽ قوم جو ڪو به امتياز موجود نه هو. سال ١٩٣٨ع ۾، وزارت عظميٰ تي فائز ٿيڻ کان پوءِ جڏهن پهريون دفعو شڪارپور ۾ آيو، تڏهن شهر وارن جي طرفان جاڪيس ايڊريس پيش ڪئي وئي هئي، اُن ۾ اُن پر آشوب ايام جي خدمتن جو خصوصيت سان اعتراف هو. هيءُ اهو خادم هو، جو مخدوم ته بڻجي چڪو هو، مگر ملڪ ۽ قوم جي خدمت کان پوءِ به قاصر رهي نه سگهيو هو. الهيءَ زماني جو هڪ واقعو آهي ته، هڪ پيڻ جنهن کي هڪ الڏ و پاڻ هو، وبا جي بيماري جو شڪار ٿي هئي. پوءِ انڌي پاڻ جي اڪيلي ڪفيل هئي. بيماري هڪ طرف، غربت ۽ مسڪيني ٻي طرف. بيماري اهڙي هئي، جو ڪو به پاڙيسري سندس قريب نه آيو. يقين هو ته مريضه ٻچي نه سگهندي، پوءِ اُن نابينا جو ڇا ٿيندو، اهو خدا ئي بهتر ٿي ڄاتو. خانبهادر جي ڄاڻ کان هيءُ مريضه به پري نه هئي. صبح جو سوير هو سندس دروازي تي پهچي ويو. مريضه جي بستري کي مٿاهو ويو. سندس علاج لاءِ ڪوشش ٿي. ٻي ڏينهن صبح ۽ شام، خانبهادر، سندس دروازي تي ايندو رهيو. مسلسل علاج سان مريضه اُن منحوس بيماريءَ مان ڇٽي پئي. خانبهادر جي مسرت جي انتها نه هئي. گهر وري آباد ٿي ويو. انڌي جو خوشي پريو آواز دستور موجب وري بلند ٿيو:-

اغثني يا سيدا، رس يا نبي خيرالبشر

غور ڪن غمگين جو اي نور نافع نامور.

معلوم ائين ٿيندو هو ته هن اغثني ۾، ڪو مخفي اشارو هوندو هو، جو وچي خانبهادر جي لاءِ دعا ٿي پورو ٿيندو هو. اهو نابينا ٿورو وقت ٿيو آهي ته فوت ٿي ويو آهي. مون ڏٺو ته جڏهن به سندس سامهون خانبهادر جو نالو ايندو هو ته سندس ٻي نور اکيون آسمان ڏي اُٿي وينديون هيون. خانبهادر جي اها زندگي هئي، جنهن جو نظير اڄ ڪٿي به نظر نٿو اچي.

هن حق کي سڃاتو هو، اُن ۾ ڇو گمان هئڻ گهرجي. رومي جي نظر ۾ جيڪڏهن، طريقت خدا جي خلق جي خدمت آهي ته خانبهادر يقينا طريقت جي راه جو راهرو هو. اهوئي عمل آهي، جو هڪ انسان کي غير فاني بڻائيندو آهي. هو صالحين جي صحبت جو عادي هو، جنهن صحبت کيس ادب ۽ اخلاق سان آشنا ڪري ڇڏيو هو. جرئت ۽ استقلال جو سبق لنديئي صاحبدل بزرگن کان سکيو هو. بزرگ امروٽي جي مجاهدانه تحريڪن کي هن پري کان نه ڏٺو هو پر قريب رهي، اُنهن ۾ عملي حصو به ورتو هو. اهوئي سبب هو، جو صداقت جو علمبردار ۽ راست گوئي جو پشت پناهه هو. هو سچ جي حقيقت کي بيباڪي سان چوڻ وارو هو. اهڙا واقعا سندس حياتي سان ڪيترائي تعلق رکن ٿا.

سنه ١٩٣٠ع ۾ جڏهن هو پهريون دفعو بمبئي جي ليجسليٽو ڪائونسل ۾ ڪامياب ٿيو، تڏهن اُن جي پهرئين اجلاس ۾ جا هن تقرير ڪئي، سا سندس حق گوئي جو هڪ وڏو ثبوت آهي. هيءَ نشست مارچ سنه ١٩٣١ع تي ٿي هئي. سورت ميونسپالٽي جي معطلي تي بحث ٿي رهيو هو، جو هيءُ نوجوان ميمبر رڪ جي خلاف ڳالهائڻ لاءِ اُٿي بيٺو. سرڪاري بينچن تي ويٺل ميمبرن کيس عجب مان ڏٺو. سندس تقرير نهايت دلچسپ ۽ سنڌ جي انتظام تي وڏي طنز هئي. هن چوڻ شروع ڪيو ته:-

"مان سنڌ مان اچي رهيو آهيان. شڪارپور ميونسپالٽي منهنجو وطن آهي. هوءَ پنهنجي بد انتظامي کان گهڻو مشهور آهي. اسان ڪيترائي ڀيرا، ڪليڪٽر ۽ ڪمشنر کي مليا آهيون ۽ کين عرض ڪيو آهي ته اهڙي بدنام ميونسپالٽي کي ڇو نه ٿو معطل ڪيو وڃي؟ اُنجو جواب هيءُ ملندو رهيو آهي ته اسان اُن کي معطل ڪرڻ نه ٿا چاهيون، ڇو ته ليجسليٽو ڪائونسل ۾ جي اُن بابت سوال جواب ٿيندا، اُنهن کي برداشت ڪرڻ لاءِ تيار نه آهيون. هيءَ آهي سنڌ جو جمهوري نظام، جو خدا جي خلق کي گمراهه ڪندو ٿو رهي".

الله بخش جي هنن لفظن تي، اسيمبليءَ ۾ سڪوت ڇانئجي ويو. اُن زماني ۾ حڪومت جي انتظام تي نڪته چيني ڪرڻ ڪا آسان ڳالهه نه هئي، مگر راست گو الله بخش حق چوڻ کان باز نه آيو. هن راستگوئي سان گڏ هو بيحد نهٺو ۽ حليم مزاج وارو هو. سندس تحمل ۽ بردباري ڪڏهن ڪڏهن ته ڪمزوري جي حد تي وڃي پهچندي هئي. وزير اعليٰ جي حيثيت هوندي به ڪڏهن به هن هي محسوس ٿيڻ نه ڏنو ته هو ڪو اُن عظيم عهدي جو حامل آهي. سنڌو رسالي جي جون سنه ١٩٤٣ع جي اشاعت ۾ هن جي اياري نياز جو هڪ مثال ڏنو ويو آهي:-

" شڪارپور ۾ هڪ پيري ميٽنگ سڏايل هئي. سوين ماڻهو گلمن تي ويٺل هئا. سنڌ جو وڏو وزير اچڻ وارو هو. سينگاريل ڪرسي ۽ ميز هن جي لاءِ خاص جاءِ تي رکيل هئي. سڀني جو اکيون مهمان جي آمد لاءِ منتظر هيون. ماڻهو آفيسري تجمل، شان ۽ شوڪت تي هريل هئا، تن جي حيرت جي حد نه رهي، جڏهن ڏٺائون ته سنڌ جو اعليٰ شخص، معمولي ماڻهن وانگر ڪاڌي جي سادي لباس ۾ آيو نه ساڻس ڪو پٽيوالن جو هجوم هو نه محافظ دستو. اچڻ سان، عوام سان گڏ پٽ تي ويهجي ويو. سينگاريل ڪرسي ۽ ميز خالي ئي رهجي ويون.

ٻي پيري جو ذڪر آهي ته هو پنهنجي دوستن سان ملڻ لاءِ وڃي رهيو هو جنن ئي هڪ گهٽيءَ مان گذري رهيو هو، گندي پاڻي جي نالي کي صاف ڪندڙ ڀنگي، جنن گند کي اڇلايو، اهو وڃي سندس ڪپڙن تي پيو. ڀنگي جي ايذي بي پرواهي تي، وزيراعليٰ جي چهري ۾ ڪا به تبديلي نه آئي. هو موٽي پيو ۽ ٻيا ڪپڙا بدلائي گهر کان نڪتو. ڀنگي پنهنجي غلطي کي محسوس ڪري، خوف کان لرزي رهيو هو. هو سندس پيرن تي ڪري پيو. مگر خانبهادر کي خبر هئي ته تواضع اُنهن کي نهندو آهي، جي گردن فراز ٿين ٿا. هن ڀنگي کي هٿ کان وٺي اُٿاريو ۽ کيس کجهه مٽ ۾ ڏئي، ٻاهر مرڪندو هليو ويو. حڪومت ۽ طاقت جي هوندي به ڪڏهن هو تحمل ۽ بردباري جي حدن کان ٻاهر نه نڪتو. سندس سياسي رقيبن کي اڄ به سندس تحمل ۽ عفو جو اعتراف آهي.

پنهنجي حڪومت جي ايام ۾ هن ائين ڪڏهن به محسوس ڪرڻ نه ڏنو هو ته هو ڪو جنرل آهي، پر هو هميشه ليفٽيننٽ اچا به سپاهي ٿي رهيو. هن کي

حيثيت ڪيس پنهنجن ۽ پراين وٽ محبوب بڻائي ڇڏيو هو.

انهيءَ ۾ ڪو شڪ نه آهي ته هو ابتدا ۾، برٽش شهنشاهيت جي وفادارن ۾ شامل هو. خان صاحب مان خانبهادر بڻيو. او-بي-اي جو خطاب به حاصل ڪيائين. ٿي سگهيو ٿي ته هو به ”نائيٽ“ بڻجي وڃي، پر جئن جئن وقت گذرندو ويو، سندس دل ۾ غلامي جي لاءِ نفرت پيدا ٿي وئي هئي. هن غلامي کي بدترين شيءِ ٿي سمجهيو. غلامي جي خلاف جهاد ۾، هن جنهن جماعت کي به وڌندو ڏٺو، اُنجي دلجوئي ڪئي. مولانا عبيدالله سنڌي کي سنڌ ۾ وري داخل ٿيڻ لاءِ اجازت ڏني. استعمار پسند فرقي لاءِ هيءَ ڪاري ضرب هئي. مولانا سنڌي جڏهن ڪراچي بندر تي قدم رکيو، خانبهادر سندس پيشوائيءَ لاءِ پاڻ وڃي بندر تي حاضر ٿيو. هندستان جي ڪنڊ ڪڙڇ مان هن قدم تي ڪيس تحسين ۽ آفرين ملي. مولانا ۽ الله بخش جي اُن موقعي تي ورتل تصوير اڄ به اسان کي ٻڌائي ٿي ته الله بخش هڪ حريت پسند انسان هو. مولانا کي به الله بخش سان عشق هو. انگريزي حڪومت جي نمائندن، الله بخش جي هن قدم کي ڪا چڱي ڳالهه نه ٿي سمجهي؛ مگر هو خوش هو ته اُن وقت جي هندستان جي وڏي مفڪر ۽ جدوجهد جي صاحب کي، وري پنهنجي وطن ۾ ساهه کڻڻ جو موقعو ڏنو آهي- جيڪڏهن الله بخش ۾ استقلال ۽ خودداريت جو عنصر موجود نه هجي ها ته مولانا کي سنڌ ۾ اچڻ جو موقعو ئي حاصل ٿي نه سگهي ها. مولانا دين محمد وفائي، خانبهادر جي هن قدم کي سلف صالحين جي ڪارنامن مان هڪ ٿي سمجهيو. جئن مٿي ڏيکاريو اٿم، انگريزي حڪومت، جنهن عبيدالله کي ڦاسي تي ڏسڻ ٿي گهريو، سنڌ ۾ ڪيس آزاد ڏسي، الله بخش جي طرف کان بدظن ٿي وئي. الله بخش به هن بي رخي کي هٿي ٿي سمجهيو. اوچتو هندستان ۾ انگريزي پاليسي سان، آزادي جي ڪوڏين جو تصادم ٿي پيو. جنهن کان الله بخش به متاثر ٿي پيو.

١١ سيپٽمبر سنه ١٩٤٢ع تي، لنڊن جي پارليمينٽ ۾ سرونسٽن چرچل، هڪ اهڙي قسم جي تقرير ڪئي، جنهن هندستانين جي دل کي ڏکويو. ٻي عظيم جنگ زورن تي هئي. جاپاني فوج آهستہ آهستہ هندستان جي طرف وڌي رهي هئي. چرچل جپان جي حملن کان ايڏو ته پريشان ٿي ويو، جو وطن پرستن تي، جاپانين جي همدردي جو الزام رکيو ويو. خصوصيت سان هيءَ ڪانگريس تي وڏي چوٽ هئي. خانبهادر الله بخش چرچل جي بهتان تراشي تي، حيران رهجي ويو. هو محب وطن هو. هن ڪڏهن به نه ٿي چاهيو ته سموري طاقت سندس وطن تي قابض ٿيڻ لاءِ ڪاهي اچي. مسلم ليگ جي رهنمائن به انگريز وزير جي تقرير تي پريشاني ڏيکاري. خود انگريز دوست هندستانين به هن ناروا گفتگو تي جواب در جواب لکيا. سول اينڊ ملٽري گزيٽ ۽ ٽائيمس آف انڊيا، دبي زبان سان غلط راهروي جو اقرار ڪيو. الله بخش هن حقيقت تي غور ڪندو رهيو. هن برٽش پاليسي کي اصل رنگ ۾ ڏٺو ۽ انگريزي سياست کي خنجر بران وانگر پنهنجي سرتي چمڪندو ڏٺو. علامہ اقبال جو آواز سندس ڪن ۾ گويا هيئن چوندو ويو:-

خنک مردان که سحر او شکستند
به پيمان فرنگي دل نه بستند
مشو نوميد و با خود آشنا باش
که مردان پيش زين بودند و هستند

(مرحبا جي لائق آهن، اُهي جن اُنجي جادو کي ٽوڙيو ۽ فرنگي جي وعدن تي دل نه رکي. تون نا اميد نه ٿي ۽ پاڻ کي سڃاڻ، اهڙا مرد اڳ به هئا ۽ هاڻي به آهن.)

الله بخش گهڻي غور ۽ فڪر کان پوءِ، هن نتيجي تي پهتو ته اُهو خنجر جو اوچتو سندس وطن جي سيني ۾ لڳي، اُن کي چيري وجهي، اُنجي لاءِ اڳ ۾ ئي مدافعت ضروري آهي. سندس سامهون صوبجاتي نظام ۽ وزير اعليٰ جو عهدو بي وقت چيز بڻجي پيو. الله بخش جي هيءَ پنهنجي وطن لاءِ وڏي قرباني هئي جنهن کي آئنده نسل هميشه ياد رکندو. ٢٦ سيپٽمبر ١٩٤٢ع تي خانبهادر آزادي جو هڪ غير فاني سنگ ميل ڇڏيو. هن هندستان جي وائسراءِ کي لکي موڪليو ته:

”مان اوهان کي عرض ڪريان ٿو ته حڪومت جي طرفان جي مونکي اعزاز حاصل آهن، اُهي هنن حالتن ۾ مان پاڻ سان گڏ رکي نه سگهندس. هندستان ڪيتري وقت کان وٺي، پنهنجي آزادي جي لاءِ ڪوشش ڪندو رهي ٿو. موجوده جنگ کان، اميد رکي ٿي وئي ته هندستان کي آزاد ڪيو ويندو، جڏهن هو، هن جنگ ۾ جا دنيا جي آزادي لاءِ وڙهي وڃي ٿي، اُن ۾ هڪ آزاد ملڪ جي حيثيت سان شرڪت ڪري.“

”مونکي هن چوڻ لاءِ حجت آهي، ته هندستان کي آزادي جو پورو حق حاصل آهي. هندستان جي رهندڙن لاءِ هي شرط آهي ته هو صلح ۽ آرام سان گذاري سگهن. پنهنجي پڌرائي ۽ عمل کان برٽش گورنمينٽ هي ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته هندستان جي جدا جدا جماعتن سان، سهڪار ڪرڻ ۽ انهن جي اختلافن کي مٽائڻ ۽ ڪين آزادي سان مقصد حاصل ڪرڻ جي بجاءِ، گورنمينٽ پنهنجي شهنشاهيت جي چنبي کي مضبوط ڪرڻ ٿي گهري، جنهن لاءِ هو سياسي ۽ قومي تفاوت پيدا ڪرڻ ٿي گهري. اها پروپئگنڊا فقط انهيءَ لاءِ آهي ته قومي جذبي کي فنا ڪري شهنشاهيت جي مقصدن ۽ ارادن کي پورو ڪيو وڃي.

مسٽر ونسٽن چرچل جي پوئين تقرير، جا هن هائوس آف ڪامنس ۾ ڪئي آهي، اُن هندستان جي ماڻهن جي دلين ۾ نا اميدي پيدا ڪئي آهي، جن کي اميد هئي ته هندستان سان پورو پورو انصاف ڪيو ويندو جو اُن جو حق آهي.

هن نا اميدي جهڙي اعلان ۾ هندستان کي انصاف ملڻ کان بي بهره بڻايو ويو آهي. ڏسڻ ۾ ائين اچي ٿو ته برٽش پنهنجي شهنشاهيت کي قائم رکڻ گهري ٿو. اهڙي حالت ۾ اهي عزتون، جي برٽش گورنمينٽ کان مليون اٿم، پاڻ سان گڏ رهڻ مناسب نه ٿو سمجهان. اهي فقط برٽش شهنشاهيت جون خالي نشانيون آهن.“

هن خط جي شايع ٿيڻ کان پوءِ، الله بخش نه خانبهادر رهيو نه آرڊر آف برٽش ايمپائر جو حامل! هي ظاهري جاه و جلال جنهن کي بي معنيٰ چئجي، ڪانئس علحده ٿي ويو ۽ مرد مومن جي پوري تصوير بڻجي دنيا جي سامهون آيو. ڪانئس اڳ ڪن معزز هندستانين، جدا جدا موقعن تي سرڪاري خطابن کي پاڻ کان دور ڪري ڇڏيو هو، جن ۾ بنگال جو شاعر رابندرا ناٿ ٽئگور به هڪ هو. الله بخش ثابت ڪري ڏيکاريو ته هو قوميت جي تعمير ۾ ڪنهن ٻي هندستان جي وطن پرست کان گهٽ نه هو، پوءِ اهو ڇو نه رابندرا ناٿ ٽئگور هجي. سندس هن قرباني تي سنڌ اوچي ڳاٽ ٿي، پنهنجي عظمت تي فخر جو اظهار ڪيو.

هندستان جي هر ڪنڊ ۽ ڪڙڇ ۾ هن قرباني کي ساراهيو ويو. انگريز حاڪمن کي الله بخش جي هي وطن پرستي جو جذبو پسند نه آيو ۽ الله بخش به اهو ئي ڪيو هو، جو گلئڊسٽون ۽ ڊزرائلي ڪري ها. سندس طاقتور شهنشاهيت سان تصادم هو، انڪري انهو نتيجو ڪو چڱو نڪرڻ وارو نه هو. طوفان اچڻ وارو هو، جنهن جو کيس انتظار هو. اخباري نمائندن، جڏهن ڪانئس سندس مستقبل جو پڇيو تڏهن چيائين ته:-

”مان ٻن شين کي سامهون رکيو آهي، هڪ انگريز شهنشاهيت پيو محوري طاقتن يعني نازين ۽ فسطزم جي تباهي. هي منهنجو پيدائشي حق آهي، ته مان هنن ٻنهي جي مخالفت ڪريان. مان پنهنجي مستقبل کان واقف آهيان، ترسو ۽ ڏسو.“

١٠ آڪٽوبر سنه ١٩٤٢ع تي گورنمينٽ هائوس ڪراچي مان هينيون اعلان اخبارن کي شايع ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو:-

”هز ايڪسيلنسي سنڌ جي گورنر، مسٽر الله بخش سان، سندس وزارت قدم تي بحث ڪيو آهي. انهي روشني ۾، مسٽر الله بخش کي آگاهه ڪيو ويو ٿو ته هاڻي گورنر جو منجهس ڪو به اعتماد نه رهيو آهي. انڪري گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ سنه ١٩٣٥ع جي فقري ٥١ موجب کيس وزارت عظميٰ کان موقوف ڪيو وڃي ٿو.“

جنهن طوفان جي اميد ڪئي ٿي وئي، سو اچي پهتو. هندستان جي هر هڪ اخبار جي پهرئين صفحي تي وڏن اکرن ۾ هن خبر کي شايع ڪيو ويو. انگريز مداري، باوجود سنڌ جي ليجسليچر ۽ ان شخص کي، جنهن کي وڏي اڪثريت حاصل هئي، بي اعتماد ٺهرايو. ظاهر ۾ هيءَ الله بخش جي شڪست هئي، مگر دنيا جاتو ٿي ته حقيقي فتح ڪنهن جي هئي. گورنر جي هن قدم تي، ”فري پريس جرنل“ هڪ طويل ايڊيٽوريل لکيو، جنهن جا آخري جملا هئا:-

”گورنمينٽ انڊيا ائڪٽ سنه ١٩٣٥ع موجب وزير پنهنجي عهدي تي، گورنر جي خوشنودي سان ئي رهي سگهن ٿا. هي ڪڏهن به ٿي نه ٿي سگهيو ته انگريز گورنر، الله بخش جي آزادي جي جذبي کان خوشنود ٿي سگهي. اهو ئي سبب هو، جو سنڌ ۾ جمهوريت الوداع ڪيو ۽ اٿيئي سندس مدفن بڻيو ۽ ۽ سندس مدفن به نهايت خوشنما بڻيو.“

الله بخش انگريز گورنر جي فيصلي کان مطمئن هيو يا غير مطمئن، مگر هو يڪايڪ سياست کان ڪناره ڪش ٿي پنهنجي وطن شڪارپور ۾ اچي مقيم ٿيو. اها شڪارپور، جا سندس نالي کي اڄ به سيني سان لڳايو ٿي رهي. منڙو گهر ۽ بي لوث محبت! مگر هن گهر ۾ به کيس گلن جي سيج نصيب ٿي نه سگهي. هتي به ايترو ئي مشغول رهيو، جيترو وزارت عظميٰ جي زماني ۾. انسانن جو همدرد، هاڻي به وٽس پنهنجي فرضن سان موجود ٿي رهيو. صلوات ۽ صوم جو ننڍپڻ کان پابند هو. هاڻي ان طرف وڌيڪ توجهه ڏيڻ لڳو. شب خيزي کان سندس اکين تي هڪ قسم جو ڪيف طاري ٿي رهيو. صبح سان، قاري کان قرآن شريف ٻڌڻ کان پوءِ، وڃي گوشه نشين ٿيندو هو، مگر طريقت جي ان شاهراه تي اڳتي هلڻ کان، کيس ملاقاتين جي اچ وڃ مخل ٿيندي ٿي رهي. ڇهن مهينن جو مختصر عرصو، اک ڇنڀ ۾ گذري ويو. ٿوري عرصي کان سنڌ واهه جي پرسان هڪ بدعتي درويش اچي مقيم ٿيو هو. سندس بدعتن جون خبرون الله بخش کي پهچنديون ٿي رهيون. هو صالح مسلمان هو ۽ بيدڪ الخير جو قائل هو. سندس ارادو هو ته اُن درويش جي اصلاح ڪئي وڃي، جنهن جي اصلاح سان ڪيترن مسلمانن جي اصلاح خودبخود ٿي ويندي. ١٤ مئي سنه ١٩٤٣ع جي منحوس صبح تي، خانبهادر پنهنجي ارادي کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ گهر کان ٻاهر نڪتو. الله بخش جي هؤن ته سڄي حياتي ايثار ۽ قرباني هئي. سندس حياتي کي ڪيئي ڀيرا وڃڻ جي ڪوشش به ڪئي وئي هئي. دوست کيس هميشه محتاط رهڻ لاءِ چوندا هئا. سندس زباني روايت آهي ته هڪ ڀيري جڏهن بمبئي کان ڪراچي کان واپس اچي رهيو هو ته مٿس ريل گاڏي ۾ بندوقون هلايون ويون هيون. کيس خبر هئي ته حملو آور ڪير آهي؟ مگر هن آخري گهڙي تائين اُن راز کي ظاهر نه ڪيو هو. هو قرآن جي معنيٰ ۽ مطالب جو عارف هو. هن خدا جي صداقت ۾ ٻڌل ڪلام کي جاتو ٿي ته ”موت ضرور ايندو، اُن کان فرار ڪنهن به صورت ۾ ٿي نه ٿو سگهي.“ هو اڄ مقتل ڏي وڃي رهيو هو. لطيف سچ فرمايو آهي:-

”گهوڙن ۽ گهوٽن، جيئڻ
ٿورا ڏينهڙا،
ڪڏهن منجهه ڪوٽن،
ڪڏهن واهي رڻ جا.“

سانس سندس ٻه دوست، غلام رسول جهلڻ ۽ نبي بخش قلپوٽو هئا. معمولي ٽانگي جي سواري هئي. منزل مقصود تي پهچڻ کان پوءِ جڏهن واپس موٽي رهيو هو، تڏهن پوليس اسٽيشن جي سامهون، پراڻي جيل جي شڪسته ديوارن جي اوٽ مان، ٻه ماڻهو ريوالورن سان ٻاهر نڪري آيا. ماڻهن جي آيو هو. هڪ پنهنجي پستول جو نشانو لڳايو. هوءَ موت جي ضرب هئي، رت جو فوارو ڇٽي پيو. الله بخش جي زبان مان فقط الله اڪبر جو آواز نڪتو ۽ هو پنهنجي نشست کان ڪري پيو. هي سڀ اک ڇنڀ ۾ ٿي گذري ويو. روح مليڪ مقتدر وٽ وڃي آرامي ٿيو. الله اڪبر جي آواز سندس منهن تي مشڪ آڻي وڌي، جنهن لاءِ علامه اقبال فرمايو آهي:-

نشان مرگ مومن باتو گويم،
چو مرگ آيد تبسم برلب اوست.

(اڄ ته مان توکي مومن جي موت جو نشان ٻڌايان، موت جي وقت، سندس چپن تي مشڪ هوندي.)

الله بخش جي هيءَ شهادت، ڪو معمولي واقعو نه هو. سندس وطن سوگوار بڻيو. اُن ۾ ڪو شڪ نه هو. هو شڪارپور جي هر فرد جي دل تي ڇانيل هو. سندس لاش کي جڏهن آندو ٿي ويو، تڏهن ڪهڙي اک هئي جا اشڪبار نه هئي. هندستان ۾ هر هنڌ هن خبر کي افسوس ۽ انتظار سان ٻڌو ويو. ڊاڪٽر سيف الدين ڪچلو سچ چيو هو:-

”هن پرآشوب دور ۾ جڏهن آزادي جي تحريڪ، هندستانين کي موت ۽ حياتي جي وچ ۾ آڻي بيهاريو آهي، الله بخش جو موت، قوميت جي طاقت جو موت آهي. هو وڏو قوم پرست هو، سندس بيوقت موت، کيس اسان کان جدا ڪري ڇڏيو، مگر سندس عمل جي راهه باقي آهي.“

انهي ۾ ڪو شڪ نه آهي ته الله بخش اڄ اسان ۾ موجود نه آهي. پر سندس عملي حياتي جو ذڪر زنده جاويد آهي. هو خدا جي وحدانيت کي اجاگر ڪندي راهه ۾ شهيد ٿيو. هو غير فاني آهي. جنهن قرآن حڪيم فرمائي ٿو:-

(ڏسو صفحو ١٨٨)

از:- امير بخش سمو

ٿر جي ماڻهن جي ٻولي ۽ پوشاڪ

حيدرآباد ڊويزن جي ٿرپارڪر ضلع جا ٻه طبعي ڀاڱا آهن: ڪڙو ۽ ٿڙ يعني واريا سو پٽن وارو ڀاڱو ۽ ٻيو سخت زمين وارو ڀاڱو جنهن ۾ نارو ۽ ميرپور خاص وارا ڀاڱا اچي وڃن ٿا- ٿر واري حصي ۾ ٻه ٻه زمين جا حصا آهن هڪ ٿر ۽ ٻيو پارڪر. انهي سبب ڪري ٿرپارڪر ضلع کي اهو نالو مليو اٿس.

ٿر سنسڪرت لفظ ستل مان نڪتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي خشڪ- ۽ ٿر کي ريگستان به چون ۽ پٽ کي ٿر جا ماڻهو چون "ٿري". انهي ڪري ئي هن ملڪ کي ٿرين جو ملڪ چئبو آهي. ٿر جي ٻولي کي "ڍاٽڪي ٻولي" چئبو آهي جا سنڌي، گجراتي، مارواڙي ۽ ڪڇي ٻولين جو ميلاپ آهي. ان ٻولي ۾ ڪيترائي لهجا سنسڪرت جا لفظ آهن. ٿر جا سڀ باشندا هندو خواه مسلمان اها ٻولي ڳالهائيندا آهن.

البت هندو لهاڻا ۽ ڪيترائي مسلمان سنڌي ٻولي به ڳالهائيندا آهن مگر اها اصل يا لهج سنڌي نه آهي ۽ منجهس ڪيترائي ٿري لفظ گاڏڙ آهن ۽ ان کي جي "ڍاٽڪي سنڌي" چئجي ته به ٺهي. اهو ئي سبب آهي جو ٿر جي اسڪولن جا شاگرد به سنڌي ۾ گهٽ آهن ڇو ته استاد به شاگردن کي ڍاٽڪي سنڌي ۾ يا ڍاٽڪي ۾ مقصد ۽ ڏکين لفظن جي معنيٰ وغيره سمجهائيندا آهن.

ٿر ۾ چوڻي آهي ته "ٻارهين ڪوهين ٻولي ڦري" سچي ٿر ۾ به ساڳئي قسم جي ٻولي نه ٿي ڳالهائي وڃي- پارڪر جي ٻولي جو لاڙو گجراتي سان گهڻو آهي- اهڙي طرح ٿر جي ٻين حصن ڇاڇرو ڪوٽ، ونگي، ڪانٽر، ڪنڀي، سامروٽي ۽ ڍاٽ جي ٻولي علحدي علحدي آهي. مهراڻي جي ٻولي ته اهڙي آهي جو هڪ ڀاڱي جا لفظ ٻئي ڀاڱي جي ماڻهن کي سمجهه ۾ مشڪل اچن جيتو ٽيڪ مهراڻي جي ٻولي جو لاڙو سنڌي ٻولي سان ذرا سرس آهي. ٿري ٻولي سنڌي ماڻهن کي به سمجهه ۾ ذرا تڪليف سان ايندي آهي.

سامروٽي طرف "ه" جو اچارڻ اٽلڪو ڪن، ڪراڙ يا مهيشوري "ر ۽ ڙ جا غلط اچار ڪن، هڪڙو ٻدران چون هڪرو- ڇو ڪرو ٻدران چون ڇوڪڙو- هائو کي چون "هوئي" "منهن جو تنهن جو" ٻدران چون "مهجو تهجو يا تو هجو." ٿر ملڪ ڪڇ ۽ مارواڙ دنگئي آهن ۽ هتان جا هندو اصل کان اتان کان آيل آهن ۽ اڄ تائين سڱا بندي ۽ مٽيون مائٽيون اوڏانهن اٿن جنهن ڪري ان ملڪ سان لهه وچڙ ۾ آهن ۽ ان سبب ٻولي تي اثر آهي.

ٿر جا ماڻهو بيحد سادا آهن. غريب شاهوڪار جو پوشاڪ مان فرق معلوم نه ٿيندو- خاص طرح زالن جي پوشاڪ اهڙي آهي جو هندو مسلمان يا ٻين ذاتين جو فرق گهٽ محسوس ڪري سگهبو.

اڳي ٻرهمڻ ۽ ڪراڙن ڪانسواءِ ٻين ذاتين وارا هندو ڇاڇرو ڪ ڀيل، ڪولهي، مينگهواڙ ۽ ٺڪر توڙي مسلمان ڏاڙهي ۽ وار نه ونڍائيندا هئا مگر هاڻي سڀ ذات وارا خوب صفائي ڪن ٿا تنهن هوندي به مسلمان ڀيل، ڪولي ۽ مينگهواڙ ڏاڙهي رکائين ٿا، مسلمان ان کي ميندي لڳائين يا ڪيس ڪن، ڪراڙ ۽ برهمڻ مٿي ۽ ڏاڙهي جا وار ونائين ۽ صرف چوٽي رکين جنهن کي ڌرمي نشاني سمجهين ٿا.

سڀني قومن جون زالون وار وڏا رکين ۽ هر هڪ قوم پنهنجي نموني مٿو وڃڙهي ياوار سنواري. مسلمان زالون ٻه چوٽيون ڪن ته هندو عورتون هڪ چوٽي ڪن. وارن وڌائڻ لاءِ ديسي ڏس ڪن مگر انهن تي گهڻو خرچ ڪونه ڪن! ملڪ جي حالتن ۽ غربت ڪري ڪپڙا سادا مگر ٿلها پائين، سياري ۽ اونهاري جي پوشاڪ ۾ خاص فرق نه ڪن. سرند مسلمان مرد، سلوار قميص ۽ پٽڪو ڪن ۽ غريب گوڏ ۽ قميص يا صدري پائين. ڪراڙ ۽ برهمڻ ڌوتي انگرکو ۽ پٽڪو پائين ۽ هاڻي انگرکي جي بجاءِ قميص پائيندا آهن. ٻيون هندو قومون چادر يا ڪٿو انگ سان ٻڌين (گوڏ ڪن) قميص، انگرکو يا صدري، مٿي تي پٽڪو پائين. ٺڪر سوٽي ڪپڙي جو ٽرينٽو ڪن. مسلمان خاڪي ۽ ڪارو ڪپڙو زياده پسند ڪن ۽ ستڻ، پٽڪن ۽ گوڏن کي ڏين. پروچ وري نيرو ڪپڙو پسند ڪن. ڪراڙ ۽ برهمڻ ڳاڙهو پٽڪو، ٺڪر ۽ مينگهواڙ ۽ ٻيا اڇو پٽڪو ٻڌين.

مسلمان زالون سنڌي جتي پائين. مينگهواڙ ۽ ٻيا اڇوت انهن جي نقش قدم تي هلن يا پيرين اگهاڙيون گهمن مگر اونهاري ۾ نه ڪراڙ، برهمڻ ۽ ڪي ٺڪر ٻئي نموني جي وريل نوڪ سان جتي پائين، جنهن کي "موجو" چون. پڙهيل طبقو بوٽ چمپل ۽ سليپر پائين.

مسلمان زالون گهاگهرو، ڪنجري ۽ چني ڪن. پر وچن جون عورتون سٿڻ، چني ۽ گهگهو ڍڪين. هندو زالون گهاگهرو، ڪنجري ۽ چني ڪن. برهمڻ راجپوت ۽ ڪراڙ زالون جهبا پائين. ٻيون هندو ۽ اڇوت زالون ڪنجريون پائين. ڪراڙ ۽ برهمڻ ڀاڻ سادا ڪپڙا ڪن، پر زال کي قيمتي ريشمي ڪپڙا ڍڪائين. وچولي ۽ غريب طبقي ماڻهو ڀاڻ سان چادر رکن جنهن کان گهڻا ئي ڪم وٺن، سياري ۾ اوڍين، ڪچهري ۾ هيٺان رکي ويهن يا ڪالب يا ڦانگ ڪين. وسڪاري ۾ لاباري وقت سنگ وجهي ۽ گاه ٻڌڻ جي ڪم آڻين. صفائي سٿرائي جو خيال گهٽ آهي ڇو ته ڀاڻي ڪارو ۽ ڏکيو ملي ٿو.

زالون منهن اگهاڙي ڪونه هلن اگرچ پردي جو رواج نه آهي ته به ڌارين اڳيان گهونگهٽ ڪانسواءِ ڪين هلن. ڪن ڪن مسلمانن ڇاڇرو ڪ سمن، لوهڙين ۽ سيدن ۽ ٺڪرن ۾ پردي جو رواج ڪي

(ڏسو صفحو ١٨٩)

خانبهادر الله بخش شهيد

(آندل صفحي ١٨٧ تان)

"ائين نه چئو ته جي
خدا جي راه ۾ شهيد
ٿيا، سي مري چڪا.
هو جيئرا آهن،
جنهن کي اوهان نه ٿا
ڄاڻو.

الله بخش هن آزمايش ۽ ابتلا کان، پنهنجي راسخ عزم ۽ يقين سان گذري چڪو. اهوئي سندس شهادت جو مقصد هو ۽ اهائي منزل هئي. مظهر جانجانان سچ فرمايو آهي:-

"بنا کردند خوش رسمے
بخاک و خون غلطيدن
خدا رحمت کند اين عاشقان-
پاک طينت را."

شڪارپور وارن جي طرف کان هي ۽ هڪ ياد آهي ۽ بس!

از:- محمد بخش انصاري

”مسڪين“ رحه جي فارسي شاعري

پير سائين حزب الله شاه پير ڳوٺ جي راشدي خاندان جو چشم و چراغ، علم ۽ ادب جو آفتاب، عارف ۽ اولياء الله متخلص به ”مسڪين“ ڪنهن به تعارف جو محتاج ڪونه آهي. پاڻ سنڌ جي فارسي شاعري جي آخرين شمع هيا جنهن جي مولوي بهاؤالدين ”بهائي“، مولوي محمد عاقل عاقلي ۽ حافظ عبدالله جهڙا پروانا هميشه هن شمع جي چوڌاري طواف ڪندا هيا. ديوان مسڪين سندن فارسي شاعري جو يادگار آهي.

منهنجي هن مضمون جو موضوع پير صاحب جي فارسي شاعري آهي. تنهن ڪري قارئين ڪرام سندن علمي ۽ ادبي ڪچهرين جي جهلڪ، عالمن ۽ شاعرن جي قدر داني جو ذڪر محترم لطف الله بدوي جي ڪتاب تذڪره لطيفي مان ڏسي سگهن ٿا.

سندن ڪلام معرفت جو خزانو، ۽ الاهي عشق جو سمنڊ آهي جنهن مان هر ڪو طالب، حڪمت ۽ معرفت جا موتي حاصل ڪري سگهي ٿو. سندن شاعري ۾ خلوص، سوز ۽ گداز، سادگي، رواني ۽ روحانيت حد درجي جي آهي جو ٻئ هندڙ ڪي ايراني شاعري جو دوکو پيو محسوس ٿيندو. سندن شاعري تي گهڻو اثر حافظ شيرازي جو نظر اچي ٿو. جيئن هيٺين مثالن مان ظاهر آهي.

دل من در هوائي روئي فرخ
بود آشفته همچون موئي فرخ
(حافظ)

شبي ديدم چه خوش مهروئي فرخ
نوشته حلقه چون ابروئي فرخ
(مسڪين)

ديدم بخواب خوش ڪه بدستم پياله بود
تدبير مابدست شراب دوساله بود (حافظ)

ديدم گلرخي ڪه بدستش پياله بود
نوشيده بود آنڪه شراب دوساله بود (مسڪين)

تاز ميخانه و مي نام و نشان خواهد بود
سر ما خاڪ ره پير مغان خواهد بود (حافظ)

تاز ساقي و مي ناب نشان خواهد بود
مجلس آرائي - رندان جهان خواهد بود (مسڪين)

حافظ شيرازي کانسواءِ حضرت پير سائين جن جي شعر تي مرزا محمد حسن قتيل جي شاعري جو به اثر آهي.

محمد حسن قتيل جي هڪ غزل جو مطلع آهي ته:-

مارا بغمزه ڪشت و قضارا بهانه ساخت
خود سوئي ما نديد حيارا بهانه ساخت

انهيءَ ساڳي زمين ۾ مسڪين جي غزل جا ڪجهه شعر آهن:-

آهو خرام يار من از خوئي شوخ و شنگ
رم خورده دور رفت حيارا بهانه ساخت
بند قبا ڪشاد دلم چاڪ چاڪ ڪرد
از دست خود دريد قضارا بهانه ساخت

سندن ديوان هيٺئين غزل سان شروع ٿئي ٿو. غزل نه آهي پر علم ۽ ادب جو هڪڙو شهپارو آهي. جنهن ۾ سوز ۽ درد، الاهي عشق ۽ معرفت جو سمنڊ پيو موجون ماري:

ندانم از ڪجا آيد همين غارتگري دلها
بيڪ غمزه ستان سازد هزاران جهان بسملها
نمي دانم بيستر غفلت افتاده بر خيز
ڪه منزل ڪاروان دور است و بر بنديد محملها
اگر ساقي نمي باقي اشارت ميڪند مارا
بروئي عاشق مسڪين نمايد حل مشڪلها

مٿيون غزل حافظ شيرازي جي هيٺئين غزل جي تطبع تي تهيل آهي جنهنجو مطلع آهي.

الا يا ايها الساقي ادر ڪاسا وناولها
ڪه عشق آسان نمود اول ولي افتاد مشڪلها

ننڍي بحر ۽ وزن ۾ وڏو خيال ادا ڪرڻ بہ مسڪين جي طبع رواني ۽ قادر الڪلامي جو دليل آهي.

رخت را مطلع خورشيد گفتند
قدت را نسبت شمشاد دارند
زمام محفل ليلي گرفتند
بيابان را بمجنون ياد دارند
بمسڪين دولت حل المعاني
ز فيض خدمت استاد دارند

سندس ديوان ۾ هيٺيان شعر ساقي نامي ۾ شمار ڪري سگهجن ٿا.

بيا ساقيا ده بمن جام را
بياور مئي لعل گلفام را
مغني بزن بربط چنگ و عود
ببر از دلم فڪر ايام را
... ...
ساقي از صهبائي پرڪن جام را
ترڪ خواهم ڪرد ننگ و نام را
ساقيا مي ده ڪه عمرم نو ڪند
ليڪ سازد عمر بد ايام را
ساقيا مي ده ڪه ميباشد لطيف
بر ڪشد اين درد غم ايام را
ساقيا مي ده ڪه اندر مستي اش
باز بينم شوخ گل اندام را
شام هجران گر بر آمد غم مخور
صبح ميبا شد ز پس هر شام را
در مه اردي بهشت اي دوستان
حيف باشد ترڪ گفتن جام را
از بتان مهروونا مسڪين مخواه
از دل آزاران مجو آرام را
... ...

ماڻهو جنهن جي دل حرص ۽ هوا سان پريل آهي سي ڪيئن محبوب جو مشاهدو ماڻي سگهندا؟ مولانا رومي جي چوڻ موجب محبوب جي منهن ڏسڻ لاءِ چشم بينا جي ضرورت آهي.

چشم گر بينا ست هر شي
ديدني ست

ٿرجي ماڻهن جي ٻولي ۽ پوشاڪ

(آندل صفحي ١٨٨ تان)

قدر نظر اچي ٿو.

هونئن ته زالون ۽ مرس سادي پوشاڪ پهرين مگر شادي وهانو ۾ ۽ وڏن ڏينهن تي هوند سارو هوڪو ڏين، سهاڳڻ هندو زال وينديو ۽ مسلمان زال نٿ پائي. هندو زالون ٻانهن ۾ ڪڙيون، پازيب، سانٽا، چيرو، لنگر پائين ۽ مسلمان عورتون ڪڙيون چورس ۽ چيڙي منهن سان پازيب ۽ نوڙ پائين. شاهوڪار هندو ۽ مسلمان عورتون ڳچيءَ ۾ ڌهري ۽ هار پائين ته غريب وري هس ۽ ڪڙولا پائين. ڪن ۾ مسلمان زالون ڪڙڪون، جهومر يا ايرنگ والا وغيره سون يا چاندي جا پائين ته هندو عورتون وري جهوليو يا ڏرگهلا پائين. عاج يا ڪاٺوري رنگ جا چوڙا سڀئي سهاڳڻيون پائين ۽ هٿن ٻانهن ۾ منڊيون پائين چاندي جون ٻانهن ۾ سوليون هٿن ۾. ڪنواريون ڇوڪريون چولا پهرين ۽ چوڙا فقط ڪلائين ۾ پائين. رنڊ زالون چوڙا ڪونه پائين، لسيون ڪنجريون ۽ سادا اوڍڻ ڪن. زيور پائڻ عيب سمجهن. ٿر جا ماڻهو پوشاڪ مان مسلمان، برهمڻ، ڪراڙ، ٺڪر، ميگهواڙ، ڀيل، ڪولهي وغيره ڪي سڃاڻي سگهندا آهن.

درترا زوئي نگه سنهيدني است

اهو ساڳيو خيال مسڪين هيئين طرح ٿو ادا ڪري.

صاحب نظر بود کو دارد
دو ديده بروي
کي چشم کور بيند آئينه
صفا را

پنهنجي سوز ۽ درد جدائي ۽ وڇوڙي جو ذڪر ڪهڙي نه دل ڏاريندڙ نموني سان ڪري ٿو:

درميان مصحف رويت زدم
صد فالها
آيت لطف زرويت جستم
ام صد سالها
سالها از جوش آتش بسان
ناله خو يعنتن
ريختم از چشم خوني اشک
همچو ن ژالها

محبوب جو منهن چنڊ ۽ سج کي شرمسار ڪري ٿو ڇڏي. مسڪين اهو خيال ڪهڙي نه وڻندڙ نموني سان پيش ٿو ڪري.

برقع ڪشاده از رخ اندر
چمن خرام
شرمنده سازچشم مه و آفتاب را

مسڪين کي پنهنجي پير مغان ۾ ايترو ته يقين آهي جو انجي دروازي کان ڪڏهن به خالي وڃڻ پسند نٿو ڪري.

مسڪين نوشته اند بزر
بر در مغان
نوميد کس نميرود از آستان ما

پنهنجي محبوب کي وصل لاءِ درخواست ڪهڙي نه وڻندڙ نموني سان ٿو پيش ڪري.

ميکشان را بمي حوالت ده
تشنگان را بجرعه درياب
اي مغني بيا که وقت
خوش است
تار طنبور را بزن مضراب
شب وصل است و دوستان
جمع اند
ساقيا! ديرچيست جلد شتاب

نه فقط محبوب جو جلوو هر شيءِ ۾ نظر ٿو اچي- پر هر شيءِ جي سونهن ۽ سوڀيا، رنگيني ۽ رعنائي معشوق جي حسن کان ورتل آهي- سج جي روشني محبوب جي منهن کان مستعار ٿيل آهي. گل جي بوءِ جا ماخذ دلبر جا عنبرين زلف آهن. هر مکڙي محبوب جي منهن ڏسڻ لاءِ ٽڙي ٿي. هر گل دلبر جي ديدار لاءِ ٽڙي ٿو پيهي. ڪهڙو نه پاڪيزه خيال آهي! ڪيڏي نه بلند پرواز آهي!!

بر آسمان هلال ز ابروي
يار ماست
روشن چو آفتاب و مه
روئي يار ماست
از نطق اوست بلبل با ناله هزار
آشفته جعد سنبل از موئي
يار ماست
از رنگ اوست بلبل با ناله هزار
اندر گلاب احمر خوشبوئي
يار ماست
قمري بگفت هو هو مدح
صنوبرم
سرو بحيرت از قد دلجوئي
يار ماست

مسڪين پين شاعرن وانگر ڪو انگريزي شراب جو شوقين نه آهي- پر پاڻ وحدت جي مئي جو پياسي ۽ معرفت جي مئي جو خواهان آهي- جيئن ته پاڻ چوي ٿو ته:-

مئي را که جلوه ايست ز
انوار ايزديست
مئي آنچه راز فاش کند سر
سر مديست

دلبر جي ناز ۽ ادا سڄي جهان کي گهائي وڌو آهي- انهي خيال کي مسڪين ڪهڙي نه دلچسپ پيرائي ۾ اظهار ڪيو آهي.

ديده ام در دست ساقي
ساغر سرشار مست
گشته از لعل شرابش خانه
خمار مست
دوش ميديدم بکوئي ساقي
گلفام من
از قد دلجوئي اوهر کافر
و زنار مست
از نسيم عطر بويش راحت
افزائي جهان
درميان گلشن شده هر غنچه
و هر خار مست
دوش ديدم از شراب لعل
او بسيار کس
در حريم حضرتش فرزانه
و هشيار مست

مرغ دل جڏهن خال (تر) جو داڻو چڳڻ اچي ٿو تڏهن زلفن جي جار ۾ گرفتار ٿي پوي ٿو. تنهن خيال کي محمود غزنوي هيئين طرح سان بيان ڪيو آهي:-

خال- تو دانه دانه زلف- چو
رام رام
مرغ- چو دانه ديد گرفتار-
دام شد

مسڪين وري ساڳيو خيال هيئين لفظن ۾ ادا ڪيو آهي:-

تا ديد خم زلف ترا در
هوس- خال
مرغ- دل- من گشت گرفتار
بدامت

زلفن جو منهن جي مٿان پوڻ ڪري سڄي دنيا جي خلق جو ائين سمجهڻ ته سج گرهڻ جو اثر ٿيو آهي ڪهڙي نه عديم المثال تشبيهه آهي. مسڪين ايڏو وڏو خيال ڪيترن نه ٿورن پر مؤثر لفظن ۾ بيان ڪيو آهي.

تا برخ زلف عنبرين افگند
عالمي گفت آفتاب گرفت

مسڪين جي هيئين شعرن ۾ سلاست ۽ رواني جو اندازو لڳائڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. شعر نه آهي پر سمنڊ موجون ماري رهيو آهي. وري سادگي ۽ شيريني، لفظن جو انتخاب ساخت ۽ سٽا به قابل تعريف آهن.

گل ز روئي تو چيدنم هوس
است
زلف سنبل کشيدنم هوس
است
همچو بلبل پريدنم هوس
است
چمن- حسن ديدنم هوس
است

هيئيون غزل تجنيس "سوال و جواب" ۾ آهي.

گفتا ببين جمالم گفتم زهي
کمالت
گفتا چه جوئي از من گفتم
دم- وصالت
گفتا چرا نداري گفتم که از
خيالت
گفتا که بيقراري گفتم که
بي جمالت
گفتا فدا چه داري گفتم که
دين و دانش
گفتم که ريزمت خون گفتم
بود حلالت
گفتا کجا است فرهاد گفتم
بلعل شيرين
گفتا کجا است مجنون گفتم
که با غزالت
گفتا چه گفت نتوان، گفتم که
شرح هجران
گفتا رسد بپايان، گفتم که
با طوالت

سندس هيئيون غزل به سلاست ۽ رواني ۽ سادگي جو شهپارو آهي. دلبر جي عالمگير حسن جو نقشو دلپذير نموني سان چٽيل آهي. سج ۽ چنڊ دلبر جي ديد اڳيان شرمسار آهن. سرو جو وڻ محبوب جي قد کان حيران آهي.

چرخ سر گشته تمنايت
سرو شرمنده پيش بالايت
لاله و گل فتاده در قدمت
عندليب و هزار شيدايت
نکشد قد صنوبر و شمشاد
پيش سرو بلند بالايت
مه و خورشيد انجم و افلاک
همه سر گشته تماشايت
در دو عالم بس است
مسڪين را
جلوه حسن روئي زيبايت

زيب النساء جو مشهور شعر جنهن جو مطلب آهي ته، منهنجي ڏسڻ کان پوءِ برهمڻ بت جي پوڄا ڪيئن ڪندو؟

بت پرستي کي کند گر
برهمن بيند مرا

پر مسڪين ان کان به قدم اڳتي ويو آهي.

برهمڻ جڏهن منهنجو دلبر ڏسندو ته پوءِ نه فقط بت پرستي ڦٽي ڪندو پر بت به ڀڃي ڇڏيندو.

برهمن بيند اگر يارم خرام
اندر چمن
بت پرستي وا گذارد هر بت
از گل بشکند

مسڪين جو سڄو شعر الاهي عشق جي رنگ ۾ رڱيل آهي. سندس هيئيون شعر ملاحظه ڪريو. مولانا رومي هر نقص، هر خامي ۽ هر مرض جو علاج عشق ٿو سمجهي.

(ڏسو صفحو ١٩١)

Scanned with CamScanner

تواريخ جا پـــــــــر سچا واقعا

(از:- نور محمد جتوئي، ميرپور خاص)

(۱) اڄ کان تقريباً ڏيڍ سؤ سال اڳ جي ڳالهه آهي، ته هڪ ڏينهن شاه اسماعيل شهيد رحمته الله عليه حضرت شاه عبدالعزيز (رح جي مدرسي جي دروازي تي ويٺا هئا. پاڻ ڏٺائون ته ڪجهه عورتون هار سينگار ڪري پردي کانسواءِ ٽانگي ۾ سوار ٿي ڪنهن طرف وڃي رهيون. شاه صاحب جن هيءَ ڏسي ڪين ڏاڍو اچرج ٿين. پاڻ پڇائيون ته هي ڪهڙيون عورتون آهن. ڪنهن مريدن مان جواب ڏنو ته هي سڀ ڪاسبياڻيون (رنڊيون) آهن. شاه صاحب وري پڇيو ته هي سڀ ڪيڏانهن ٿيون وڃن. جواب ۾ عرض ڪيو ويو ته هت دهلي ۾ هڪ رنڊي رهندي آهي جيڪا سڀني جي سردار آهي هاڻ انهيءَ وٽ هڪ محفل آهي تنهن ۾ هيءَ سڀ وڃن ٿيون. انهيءَ تي شاه صاحب جن دريافت ڪيو ته هي ڪهڙي مذهب سان تعلق رکنديون آهن. جواب ڏنو ويو ته هي سڀ مسلمان آهن. اهو ٻڌي شاه صاحب جن تي ڪافي اثر ٿيو. چوڻ لڳا ته گويا هي سڀ اسانجون ديني ڀينرون آهن. جيا الله جل شانه اسان کان ڪو نه پڇندو ته هيءَ مسلمان عورتون بدڪاري ۾ مبتلا هيون ۽ اوهين ڏسندا به هئؤ مگر اوهان انهن کي نصيحت ڪون ڪئي- آءٌ اڄ ضرور انهن جي جڳهه تي ويندس ۽ انهن کي نصيحت ڪندس". هيءَ ٻڌي ماڻهن شاه صاحب کي چيو ته شاه صاحب هيءَ اوهان لاءِ سٺو نه آهي- انهيءَ کان اڳ ۾ اوهان جي مخالفت گهڻي آهي. ويتر جو ماڻهن کي اهو معلوم ٿيندو ته اوهانجو گذر هن بازار ۾ ٿيو آهي ته پاڻ وڏيڪ طرحين طرحين ڳالهيون ٺاهيندا. شاه صاحب جن جواب ۾ فرمايو ته مون کي انهيءَ ڳالهه جي بلڪل پرواه نه آهي. آءٌ ته الله ۽ ان جي رسول جي ڳالهه هڪ تائين پهچائڻ گهران ٿو. مون تي سڀني ڪلمي چوندڙن ايمان وارن جو حق آهي ته آءٌ انهن کي سٺي ڳالهه ٻڌايان. ڏينهن جو ڪنهن وقت ٿي هيءَ واقعو پيش آيو هو ۽ رات جو هيءَ مجاهد، مومن جنهن ماڻهن جون برايون دور ڪرڻ جو پاڻ تي ذمو کنيو هو سو آئيو. پنهنجو معمولي لباس لاهي، فقيراڻو ويس ڍڪي سڌو انهيءَ بازار ۾ پهتو جتي اها وڏي بدڪار عورت رهندي هئي. انهيءَ وقت اتي محفل گرم هئي، خوب مزي سان ڳائڻ وڄائڻ هلي رهيو هو. پاڻ دروازي تي آواز ڏنائون ۽ فرمايائون ته اي الله وارؤ! اي الله وارؤ! انهيءَ آواز تي ڪجهه جوان ڇوڪريون دروازي تي آيون ۽ پڇا ڪيائون ته اي فقير ڇا کپي؟ فرمايائون ته وڃي اندر چؤ ته هڪ فقير آيو آهي جيڪو ڪجهه سدا هڻندو ۽ پوءِ تماشو به ڏيکاريندو. انهيءَ تي ڇوڪرين کي مزو اچي ويو ۽ سو چيائون ته هڪ بابا فقير جو تماشو هن رنگارنگي محفل کي پاڻ وڌيڪ رونق وارو ڪندو. سو فقير کي اندر سڏيائون- پاڻ اُتي تشريف فرما ٿيا جتي گهر جي مالڪياڻي وڏي بدڪار عورت پنهنجي مهمانن سان ڳائڻ وڄائڻ ۾ مشغول هئي. هيءَ هڪ وڏي عمر جي عورت هئي ۽ شهر جي وڏن مشهور ماڻهن کي سڃاڻندي هئي. باوجود فقيراڻي لباس جي هن شاه صاحب کي سڃاڻي ورتو. هيءَ شاه صاحب کي ڏسي ۽ فقير گهر ۾ ڏسي گهبرائجي ويئي ۽ بي اختيار ٿي پڇائين ته حضور جن ڪئين تڪليف فرمائي اٿن. شاه صاحب جن فرمايو ته گهبرايو نه آءٌ ڪجهه سدا ٻڌائڻ آيو آهيان، اوهين سڀ خاموش ٿي ويهو ۽ ڪجهه دير منهن جي ڳالهه ٻڌو سڀ ويهي ويون. حضرت جن حمائل شريف کولي، نهايت قرآت ۽ تجويد سان قرآن پاڪ جون ڪجهه آيتون تلاوت فرمايون. سبحان الله! ڪهڙو ماحول ۽ ڪهڙي جڳهه. مگر خدا جو شان ته ڏسو، هو ڏانهن زبان سان تلاوت ٿي رهي هئي ۽ هيڏانهن دلين جي دنيا بدلبي ٿي ويئي. تلاوت کان پوءِ انهن آيتن کي سامهون رکي، انهن جي تشريح ڪجهه اهڙيءَ طرز سان بيان فرمايائون جو پهريائين دنيا جي گهٽتائي، زندگي جي بي بقاءِ جواني ۽ خوبصورتي جو ختم ٿي وڃڻ جو منظر هڪ اهڙي انداز ۾ پيش ڪيائون جو ٻڌندڙن جون دليون پرجي آيون. اکين کان آب جاري ٿي ويو. ان کانپوءِ حضرت جن جي زندگيءَ جي آخري منزل، قبر جي اڪيلائي آخرت جو حساب ڪتاب ۽ دوزخ جو نقشو اهڙيءَ طرح چٽيو جو ٻڌندڙن جون اوچنگارون شروع ٿي ويون جو انهيءَ ساڳئي محفل ۾ هن کان اڳ ۾ عيش و عشرت شروع هئي مگر هينئر آهه وزاري جو آواز اچي رهيو هو. انهيءَ موقعي جو فائدو وٺندي شاه صاحب جن انهن شين کي ڪجهه تفصيل سان بيان ڪيو ته ڪوبه پاڻ کانسواءِ ٻين کي برن اعمالن ۾ مبتلا ڪرڻ جو ذريعو بڻجي ٿو يا ڪنهن بري ڪم کي شروع ڪري لڏي انهيءَ کان پوءِ پيا ماڻهو ان جي ايجاد ڪيل غلط رستي تي هلي زندگي گذارين ٿا ته اهڙو شخص برائي جي رستي تي هلندڙن جي اڳ ۾ هوندو ۽ ان اڪيلي شخص کي اهڙي ته سخت سزا ملندي جيڪا ان جي بنيان هلندڙ ماڻهن جي سزا جي برابر هوندي. هي مضمون ڪجهه اهڙي پيرائي ۾ بيان ڪيائون جو ٻڌندڙ اهو محسوس ڪرڻ لڳا ته جيئن هو سون هزارن بدڪارن جي اڳيان هلندڙ آهن ۽ انهن جي خلاف هي ڏوهه ثابت ٿي چڪو آهي. انهن هزارن ڏوهارين ۽

"مسڪين" رح

(آندل صفحي ١٩٠ تان)

مثنوي شريف جو بيت آهي:-

شاد باش اي عشق خوش سودائي ما
وي طبيب جمله علتهائي ما

وري مسڪين جو شعر آهي ته:-

شاهبازي عشق را ها گير زنجيري نه شد
طائري قدسي است با تدوير نخچيري نه شد
حضرت عشق است از وي هيچ ڪس آسوده نيست
ملڪ دل جز عشق از ڪس زير تسخيري نه شد

صوفي هر شيءِ ۾ ذات پاڪ جو جلوو پسندا آهن. صوفين جي خيال موجب طالب ۽ مطلوب، عاشق ۽ معشوق، عڪس ۽ معڪوس هڪڙي شيءِ آهن. جيڪي جدا جدا ويس ۾ ظاهر ٿين ٿا. سڀني شين جو ماخذ هڪڙو آهي. رڳو سندن مظهر جدا جدا آهي. مسڪين "وحدت الوجود" ۽ "همه او ست" جي فلسفه جو قائل نظر ٿو اچي.

مسڪين اهو خيال ڪهڙي نه دلچسپ پيرائي ۾ بيان ڪيو آهي:-

در آئينه چون صورت خود ڪرد تماشا
خود محو شد و طالب ديدار بر آمد.

ھو ڙهن کي گناهه ۾ مبتلا ڪيو ۽ دولت جي خاطر هزارن مردن کي بد چلن ۽ آواره ڪري ڇڏيو اٿن. حضرت شاه صاحب هن حصي کي ڪجهه واضح طرح بيان ڪيو جو ٻڌندڙ زارو زار روئڻ لڳا. الله جي انهن گمراه ٻانهين کي سڌي رستي تي ڏسڻ واري جي دل ۾ درد هو. ان جو سينو همدرديءَ سان ڀريل هو ۽ ان ڪالسواءِ هن کي ڪابه لالچ ڪانه هئي. نه ناليءَ جي ناموسيءَ جي خواهش هئي ۽ نه دولت جي. خواهش هئي ته الله جي خوشنوديءَ حاصل ڪرڻ جي خواهش هئي. جيڪي ڪجهه زبان تي هو سو ئي دل ۾ هو. انهيءَ خلوص سان جيڪو به ڪم ڪيو وڃي ٿو ته الله تعاليٰ جي مدد شامل رهندي آهي. انهيءَ موقعي تي به دلين جي ڦيرڻ واري خدا جي قدرت جو ظهور ٿيو. دلين جي دنيا بدلجڻ لڳي. حضرت شاه صاحب جڏهين الله تعاليٰ جي ڪريمي جو رخ ڏٺو ته فورا تقرير جو رخ توبهه جي طرف ڦيريائون ۽ نهايت پيار ڀريل نموني ۾ فرمايائون ته بندي جي طرفان گناهن جو احساس ۽ پنهنجن غلطين تي شرمسار ٿيڻ الله تعاليٰ کي نهايت ئي پسند آهي. هيءَ حالت پيدا ٿي وڃي ته گناهه هڪ اک ڇنڀ ۾ معاف ٿي وڃن ٿا. الله تعاليٰ جي رحمت وشفقت ان جي ڪاوڙ ۽ عذاب کان نهايت ئي وسيع آهي. سچي توبهه ڪرڻ کان پوءِ بندو اهڙي طرح پاڪ ۽ صاف ٿي وڃي ٿو جيئن هن اهو گناهه ڪيو ئي ڪونهي. حضرت شاه صاحب رح جي تقرير جو هيءَ رخ ٽٽل دلين کي ڳنڍڻ جو ڪم ڪيو ۽ جڏهين حضرت شاه صاحب جن پنهنجو واعظ ختم ڪيو ته مجمعي تي عجيب ڪيفيت طاري هئي. قرآن جنهن جو هيءَ معجزو جيڪو دلين جي رڳن لاءِ شفا آهي ۽ مايوسين لاءِ رحمت آهي رزي اکين جي اڳيان آهي. تواريخ شاهد آهي ته انهيءَ مجمع ۾ جيڪي به عورتون شريڪ هيون، تن سڀني پنهنجن گناهن کان توبهه تائب ٿي نيڪ عورتن جهڙي زندگي گذارڻ جو پڪو وعدو ڪيو. جيڪي انهن ۾ جوان هيون تن نڪاح ڪري شريفاڻي زندگي بسر ڪئي ۽ جيڪي جهونيون عورتون هيون تن محنت مزوري ڪري پنهن جي گذاري جو انتظام ڪيو ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو دهلي جي لکن مسلمانن ۽ غير مسلمانن ڏٺو ته بدڪاري جو اڏو بعد تي چڪو آهي ۽ جتي گناه ئي گناه جي فضا هئي اتي هاڻ الله تعاليٰ جي اڳيان عاجزي ٿي رهي آهي ۽ خطائن جي معافي لاءِ لڙڪ وهايا پيا وڃن.

(٣) جعفر بن سليمان چون ٿا ته آءٌ حضرت مالڪ بن دينار سان گڏ بصري ۾ وڃي رهيو هوس. اسان پنهي جو گذر هڪ عاليشان محلات جي ڀرسان ٿيو جنهن جي تعمير جو ڪم شروع هو ۽ هڪ نوجوان ويٺو هو جيڪو ڪاريگرن کي هدايتون ڏئي رهيو. مالڪ بن دينار ان نوجوان کي ڏسي چوڻ لڳو ته هي نوجوان ڪهڙو نه حسين آهي ۽ ڪهڙي شيءِ ۾ ڦاسي رهيو آهي. هن کي هن جڳهه جي تعمير ڪرائڻ جو ڪيترو نه شوق آهي جو آخرت جي جڳهه به وسري ويٺي اٿس. مان چاهيان ٿو ته هن جي لاءِ الله تعاليٰ کان دعا گهران ته هن کي انهيءَ جهڳڙي کان آزاد ڪري ۽ صرف پنهنجو مخلص بندو بنائيس. جعفر. هل ته انهيءَ نوجوان وٽ هلون. جعفر چوي ٿو ته اسان ٻئي وٽ وياسين. انهيءَ کي سلام ڪرڻ بعد هن چيو ته ڪيئن تشريف فرما ٿيا آهيو؟ مالڪ رضه بن دينار فرمايو ته هن جڳهه تي ڪيتري رقم خرچ ڪرڻ جو ايراد و ڪيو اٿو. هن جڳهه جي مالڪ جواب ڏنو ته هڪ لک درهم. مالڪ رضه بن دينار فرمايو ته تون اها رقم مون کي ڏي! ته جنت ۾ هڪ جڳهه جو ذمو تو منهنجي لاءِ آءٌ تو کڻان- جيڪا هن کان ڪئين درجا سٺي هوندي ۽ ان ۾ نوڪر چاڪر به هوندا. ان ۾ ياقوت ۽ هيرا جواهر هوندا جيڪي ديوارن ۾ لڳل هوندا. انهيءَ جي مٽي زعفران جي هوندي - ان جو گارو مشڪ ۽ عنبر کان ٺهيل هوندي جنهن جي خوشبوءِ ٻهڪندي هوندي. اها نه ڪڏهين پراڻي ٿيندي ۽ نه ڪڏهين ڀڃندي. ان کي رازا ڪونه ٺاهيندا آهن مگر الله تعاليٰ جي حڪم ”ڪن“ سان ٺهندو. ان نوجوان جواب ڏنو ته مونکي سوچڻ لاءِ اڄوڪي رات جي مهلت ڏيو. صبح جو اوهان تشريف فرمائجو پوءِ جواب ڏيندس. حضرت مالڪ رضه واپس وريا هليا ۽ سڄي رات انهيءَ نوجوان لاءِ دعا ڪيائون. جڏهين صبح ٿي ته جعفر بن سليمان چون ٿا ته اسان ٻئي هن جي گهر وياسين. اهو نوجوان دروازي تي ٻاهر اسان جي انتظار ۾ ويٺو هو ۽ جڏهين حضرت مالڪ کي ڏٺائين ته ڏاڍو خوش ٿيو.

حضرت مالڪ رضه کيس ڏسي فرمايو ته ڪلهه واري ڳالهه ۾ تنهنجو ڪهڙو خيال آهي. ان نوجوان چيو ته توهين ان ڳالهه کي پورو ڪندؤ جيڪا ڪالهه ڪئي اٿو. حضرت مالڪ رضه فرمايو ته ضرور- تنهن تي انهيءَ شخص هڪ لک درهم آڻي حضرت جي سامهون رکيا ۽ ان سان گڏ مس قلم به آڻي سامهون رکيائين. حضرت مالڪ رضه هڪ خط لکيو جنهن ۾ بسم الله کانپوءِ لکيائون ته هي اقرار نامو آهي. مالڪ بن دينار اِهو ذمو کنيو آهي ته فلاڻي شخص کي سندس هن محل جي بدلي ۾ الله تعاليٰ وٽ متئين صفتن جهڙو محلات ملندو ۽ مگر انهيءَ کان به وڌيڪ عمدو ۽ بهتر هوندو. ڪاغذ لکي انهيءَ ماڻهو جي حوالي ڪيائين ۽ هڪ لک درهم کڻي هليا آيا. جعفر بن سليمان چون ٿا ته شام تائين حضرت مالڪ رضه وٽ ايتري رقم به نه بچي جو هڪ وقت جي ڪاڌي جي پورت هجي. انهيءَ واقعي جي پورن چاليهن بعد هڪ ڏينهن حضرت مالڪ رضه بن دينار جڏهين صبح جو نماز کان فارغ ٿيا ته مسجد جي محراب ۾ هڪ ڪاغذ پيل ڏٺائون. هي اهو ئي ڪاغذ هو جيڪو مالڪ رضه انهيءَ نوجوان کي لکي ڏنو هو ۽ ان جي پٺيان لکيل هو ته الله جل شانه جي طرفان مالڪ بن دينار طرف- جنهن مڪان جو تو ذمو کنيو هو اهو اسان پورو پورو ڏنو آهي ۽ ان کان ستر دفعا ٻيڻ زياده ڏنو آهي. جعفر بن سليمان چوي ٿو ته انهيءَ خط ڏسڻ شرط اسان انهيءَ نوجوان جي گهر وياسين، اتي سندس گهر تي ڪارو نشان هو (جو غميءَ جو نشان آهي) اسان پڇيو ته معلوم ته انهيءَ نوجوان جو ڪلهه موت جو واقع ٿيو آهي. اسان انهيءَ جي ميت کي غسل ڏيڻ واري کي گهرايوسون جنهن چيو ته انهيءَ نوجوان مرڻ کان اڳ مون کي هڪ ڪاغذ ڏنو هو ته جڏهين غسل ڏيئي ڪفن ڏيو ته پوءِ اِهو ڪفن جي اندر لکي ڇڏجان ته اهو پرچو مون ڪفن جي اندر رکي ڇڏيو.

حضرت مالڪ بن دينار اهو پرچو ڪڍي ڏيکاريو جيڪو حضرت جن کي مسجد جي محراب کان مليو هو. اهو چوڻ لڳو ته خدا جو قسم هي اهو ئي ڪاغذ آهي جيڪو مون هن جي ڪفن ۾ رکيو هو- هيءَ منظر ڏسي هڪ نوجوان اٿيو ۽ چوڻ لڳو ته اي مالڪ رضه بن دينار اوهين مونکان به لک درهم وٺو ۽ مون کي به اهڙي چٺي لکي ڏيو. حضرت مالڪ جواب ڏنو ته اها ڳالهه پري هلي ويئي هاڻ نه ٿي سگهندي. الله جل شانه جيڪو چاهي ٿو سو ڪري ٿو. ان کان پوءِ جڏهين به مالڪ رضه بن دينار هن نوجوان جو ذڪر ڪندا هئا ته روئندا هئا ۽ ان لاءِ د

(ڏسو صفحو ١٩٣)

از:- عبدالسلام گهوٽڪي

عورت ۽ ان جا فرائض

"عورت" هڪ عربي لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي "ستر" پردو يا "ڍڪ." هن کي "ضاعفان" به چئبو آهي جنهن جي معنيٰ آهي ضعيف يا ڪمزور. انگريزي ۾ کيس (Woe man) "وومن" چيو ويندو آهي جنهن جي معنيٰ آهي "مڙس لاءِ مصيبت." ارباب فڪر لاءِ هيءَ معنيٰ اهميت رکي ٿي.

زال ذات جو مطالعو ڪرڻ مشڪري نه آهي. سندس ڪمزوري اهڙي نه آهي جا سندس شان جي گهٽتائي جو باعث ٿئي ليڪن گل جيئن نازڪ آهي، فطرت جي قانون مطابق نازڪ چيز ڪمزور هوندي آهي ۽ انهي زياده سنڀال ڪرڻي پوندي آهي. دل نازڪ آهي سيني جي تاڪيءَ جو ڍڪ اٿس دماغ نازڪ آهي کوپري ۾ بند آهي - گل نازڪ آهي ٻنيءَ ۽ مکڙي ۾ محفوظ آهي. ائين برابر آهي ته جسماني ۽ دماغي لحاظ کان مرد کان گهٽ آهي جيئن پروفيسر ووفاريني لکي ٿو ته:

"جهڙيطرح مرد ۽ عورت جي جسماني، دماغي طاقت جو اختلاف مصر جي متمدن باشندن ۾ نظر ايندو اهڙو آمريڪا جي وحشي اقوام ۾ به ملندو"

اهو طاقت ۽ دماغ جو فرق فطرت جي تقاضا موجب آهي باقي انهيءَ ۾ ڪو شڪ نه آهي ته عورت وفاشعار دل رکي ٿي. قرآن مجيد هن کي مرد جو لباس ۽ مرد کي هن جو لباس سڏيو آهي. شرم حيا جي پتلي آهي، محنت مشقت جي خوگر آهي، صبر ۽ برداشت جي تصوير آهي. عورت ئي آهي جنهن کي انسانيت جي درس جو "استاد" سڏيو وڃي ٿو. هن کي هندو "ڌرتي ماتا" سان تشبيهه ڏيندا آهن. پڻ ڪنهن کي ڪنهن جي ڪيفيت جو ڇا پتو "جيڪي ڇٽين سي ئي نپائين." هڪ عورت جو قول آهي ته: "عورت مرد لاءِ هر نقطه نگاهه کان ڪيميا کان گهٽ نه آهي، عصمت جي نقطه نظر کان هڪ بي بها گوهر آهي. ان بي بها لعل بدخشان جي قيمت لفظن ۽ انگن ۾ ادا ٿي ڪين سگهندي."

عورت قدرت جي لطيف صفت جو بي مثال مظاهرو آهي. حسن ۽ دلنوازيءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي "احسن تقويم" جي زنده تصوير آهي. حميده و صفتن سان آراسته پيراسته آهي. سندس بطن مان بي انداز پاڪ شخصيتن جنم ورتو آهي. سڪندر ۽ دارا جهڙا جابر شهنشاهه نوشيروان جهڙا عادل حاڪم، حاتم جهڙا سخي انسان هن جي گود جا هيرا آهن. خالد، طارق، ابو عبيده جهڙا بهادر هن جي هنج مان نڪتا آهن.

اها عورت جا اولاد جي محبت ۾ بي مثال گهرو ڪم ڪار هلائڻ ۽ مشقت سهڻ ۾ بي نظير آهي تنهن کان ڪنهن ائين نه پڇيو آهي ته تنهنجي هيءَ قسم پرسي جي حالت ڇو ٿي آهي. مهڻن ميارن سان منهن ڏئين ٿي - مڙس جي زندگي جي ساٿڻ، پاڻ جي همدرد، ڀيڻ جي خدمتگذار، پٽ تان قربان گهور پر افسوس جوان هوندي به جڏهن جاڳين ٿي ته "لنائين لپٽي" تو تي نالا رکيا وڃن ٿا. ڄائڻ سان پنهنجن کان بيزار ۽ وڏي ٿيڻ کانپوءِ ماءُ پيءُ کان ڌار. شاهه صاحب ڪهڙو نه سهڻو چيو آهي:

سر جي تان سور،
ساماڻي تان سک ويا
اهي پڻ پور نماڻي نصيب
ٿيا. (شاه)

اها عورت جا پنهنجي مرد جي محڪوم آهي، جا پنهنجي منصبي فرضن کان بي خبر آهي، تنهن کي ڇا ايترو ٻڌائڻ حق نه آهي ته تنهنجا فرائض ڪهڙا آهن. هن هيٺ عورت جا فرائض پيش ڪجن ٿا. الله تعاليٰ پنهنجي پاڪ ڪلام ۾ فرمائي ٿو "ان کل شي خلقناه بقدر" "يعني اسان هر چيز هڪ خاص اندازي تي پيدا ڪئي آهي" نيچرل فلاسفي جو پڻ قول آهي ته: "طبعيت پنهنجي حد کان ڪڏهن نٿي وڌي."

انهيءَ مان مقصد اهو آهي ته عورت کي جيڪي قدرتي فرائض سونپيا ويا آهن سي طبعي لحاظ سان حد اندر آهن. قدرت دنيا جي ڪمن کي ٻن حصن ۾ تقسيم ڪيو آهي ۱- انساني نسل جو انتظام ۲- ضروريات زندگي جو انتظام. پهريون انتظام عورت جي حوالي آهي- ائين برابر آهي ته هڪ هٿ سان تاڙي نٿي وڄي مرد به پاڻي پائيوار آهي ليڪن اولاد کي ڄڻڻ ۽ پرورش جو ڪم عورت جي ذمي آهي تنهن ڪري انجي ذمي تصور ڪجي ٿو.

عورت جو پهريون فرض اولاد جي "پرورش ڪرڻ" آهي جنهن لاءِ چار دور سندس سامهون اچن ٿا. ۱- حمل ۲- ويم ۳- کير پيارڻ ۴- تربيت. هر دور ۾ مشقت کي منهن ڏئي ٿي. جديد ۽ قديم حڪيمن جو قول آهي ته:- "حمل جي وقت عورت کي پنهنجن خيالن افعالن جي سختي سان سنڀال ڪرڻ گهرجي ورنه انهن خيالن ۽ افعالن موجب ئي ٻار جي جسماني ۽ دماغي حالت بڻبي."

فرانس ۾ هڪ حسين عورت کي حبشي ٻار ڄائو ڊاڪٽرن کي حيرت ٿي. تحقيق سان معلوم ڪيائون ته حمل جي وقت ماءُ جي سامهون ميز تي حبشي جو فوٽو هوندو هو. ٻيو دور ويم جو آهي جو عورت کي ڪمزور ڪري ڇڏي ٿو. حڪمت جي اصولن کان ناواقفيت سبب هر سال هزارين جانيون تباهه ٿين ٿيون. ان وقت به عورت کي هر قسم جي خبرداري ڪرڻ گهرجي. تجربه ڪار حڪيمن جي مشوري سان تڪليف جو سدباب ڪرڻ گهرجي.

ٽيون دور آهي کير پيارڻ جو. بظاهر گهٽ تڪليف ٿئي ٿي ليڪن خاص توجه جو محتاج آهي. غفلت سان خراب نتيجا نڪرن ٿا تنهن ڪري ان وقت ۾ ٻار جي کير پيارڻ جا وقت مقرر ڪري ڇڏجن، صحت ۽ صفائيءَ جو خاص خيال رکجي. بيماريءَ جا ٿورا امڪان نظر اچن ته يڪدم قابل حڪيم جو علاج ڪرائجي. عورت اها خوراڪ نه کائي جا ٻار جي

تواريخ جا ٻه سچا واقعا

(آندل صفحي ۱۹۲ تان)

ڪندا هئا.

بزرگن ۽ الله لوڪن کي اهڙا واقعا ڪئين پيش اچن ٿا. وقت ۽ محو جي حالت ۾ زبان کان ڪا ڳالهه نڪري وئي، الله تعاليٰ انهيءَ کي پورو ڪري ڏيکاري ٿو. الله تعاليٰ اسان سڀني کي الهن ئي نيڪ بندن جي پيروي ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. (آمين)

صحت تي اثر وجهي- مطلب ته نازڪ گلن ڪان به وڌيڪ انهن جي سنڀال ڪجي.

ڇوٽون دور آهي تربيت جو. اهو بلڪل نازڪ ۽ اهم آهي. اڻ گهڙئي ڪاٺ ڪي انسان بڻائڻو آهي. هن دور جي نزاڪت ڀين ڪان سرس آهي ٻار شفاف شي مثال آهي جنهن تي جهڙا به چٽ چٽبا ظاهر ٿي پوندا. مهج جي وار وانگر جيڏانهن ورائبس ته بنا دير ورڻ پوندو. والده کي موقعو آهي ته اهڙي وقت ۾ ٻچي کي صحيح تربيت ڏيئي ظاهر باطن سينگاري ڪامل انسان بڻائي. ڪاش موجوده مائرن جون حالتون ڏسي تربيت متعلق ڇوٽو ٿيو هوي ٿو ته:

اين خيال است و محال
است و جنون.

عورت جو فرض آهي ته جهڙي تڪليف وٺي جڻي ٿي ته اهڙي تڪليف وٺي ان جي تربيت به سهڻي ڪري. ائين نه ته ڇڏيندي وڃي ڍينگرن تي سٽيندي وڃي ۽ اهي ٻار اهڙا ٿين جو منجهن ماڻهن جي بوءِ به نه هجي. اهڙي اولاد جي حق ۾ شيخ سعدي فرمائي ٿو ته:-

زنان بار دار اي مرد هوشيار
اگر وقت ولادت مار زايند
ازان بهتر بنزديڪ خرد مند
ڪه فرزندان ناهموار زايند.

يعني بدعاٽ ٻار جي عوض اگر عورتون نانگ ڄڻن ته اهو بهتر آهي ڇو ته نانگ جي ڏنگ سان ماڻهو ختم ٿي ويندو ۽ روز جي سورن ڪان ڇٽي پوندو. ٻار کي نوڪرائڻين جي حوالي ڪري ٻاڻ ڪلبن تي وڃڻ ٺيڪ نه آهي. ٻار قوم جي قيمتي امانت آهي، انهي نازڪ گلن وانگر پرداخت ڪري ماحول جي مخالف ۽ سرد جهوٽن ڪان محفوظ رکي سياڻي جو "ٻيءُ" بنائڻو آهي. اهو ڪم "اڪ جي ماڪي لاهڻي نه آهي" ٻرڪ جا ڇٽا ڇٽڻا آهن. " اخلاقن تي خاص خيال ڏجي. نرمي ۽ سختي ٻنهي جي وقتائتي ۽ اندازي سان استعمال ڪجي ۽ ٻار کي [illegible] گهرجي ته

MR. AIJAZ HUSSAIN
House No: 165/66 NEW PIND
MAHAR STREET SUKKUR PAK.

ٻار والدين جي اخلاقن جو نقال آهي انڪري ماءُ جا اخلاق به پسنديده هئڻ گهرجن. گفتن و ڪردن فرق دارد- جي مصداق جيڪا عورت " پاڻ نه پلي ڏوجهان مٿان ڏيوي- انجي نصيحت هدايت تنبيهه مٿي به اثر ڪونه ڪندي.

اوخويشتن گم است ڪرا
رهبري ڪند.

ٻار رالد جو ڏاڍو شوقين هوندو آهي. گرمي سردي جي پرواه نه ڪندو آهي جنهن ڪري جي احتياط ڪري بعض ٻار کي ٿڌو ڇڙي ويندي آهي يا ڪو ٻيو عارضو ٿي پوندو آهي ان حالت ۾ تاخير هرگز نه ڪجي متان سستي سبب ٻار جي صحت وڌيڪ بگڙي وڃي.

چوندا آهن ته " سلو اهو جو انگورين پلو" ڇو ته ڪي گهڙي ڪن ڪين لڳندا آهن تنهنڪري معصوميت واري عمر ۾ جيڪڏهن ٻار ۾ سهڻا اخلاقي ۽ مذهبي خيال وڌا ويندا ته وڏي هوندي انهن خيالن تي هو قائم رهندو. حديث شريف ۾ اچي ٿو ته ٻار جڏهن ڳالهائڻ سکي ته پهريائين انکي ڪلمو شريف سيکارجي. نالو به سٺو رکجي، جهڙوڪ عبدالله، عبدالرحمان، محمد، احمد، حامد وغيره.

اولاد جي باري ۾ جيڪي مٿي ڳالهيون ذڪر ٿيون سي عورت تڏهن سرانجام ڏيندي جڏهن علم جي زيور سان آراسته هوندي. بنا علم جي ٻار جي پرورش ۽ تربيت جي ڪيس کهڙي خبر هوندي.

علم بنا عورت بلڪل بيڪار اگهڙين جي گڏي مثل آهي ٻر جي ڪجھ اڳتي وڌي اهين چئجي ته جاهل عورت قوم ۽ ملڪ جي تباهي جو ڪارڻ آهي ته بجاءِ آهي. درحقيقت عورت کي مرد ڪان به وڌيڪ علم جي ضرورت آهي ڇو ته انساني مشنري جا نازڪ پرزا انجي سنڀال ۾ آهن. مرد علم سان ممتاز ۽ عورت جهل ۾ پرپور- آخر انهي کهڙو قصور ڪيو آهي. " علم مردن کي ملي زالن ڪيو کهڙو گناهه ".

قدرت به امتياز نٿي ڪري. انبيائن جي تعليم به عورتن کي پوئتي نٿي ڇڏي، مفڪر ۽ مدبر به انهيءَ ڳالهه جا خواهان آهن ته عورت علم جي زيور سان آراسته هجي. پوءِ هي کهڙو قهر ٿا ڪريون جو انهن کي علم کان دور رکي پنهنجي پير تي ڪهاڙو ٿا هڻون. سچي نبي آخر زمان جو فرمان آهي ته "طلب العلم فريضة علي ڪل مسلم و مسلمة- يعني هرهڪ مسلمان مرد ۽ عورت تي علم جي طلب فرض آهي. باقي ايترو ضرور چئبو ته عورتن کي اها فطرتي تعليم ڏيڻ گهر جي جا سندن مناسب حال هجي. پوءِ اها تعليم ڪٿان به ملي. حضور سائين فرمايو آهي: " حڪمت مومن جي گم ڪيل شيءِ آهي جتان به انکي ملندي ته وٺندو." انهيءَ ڪري جيڪڏهن اسان کي پنهنجو گم شده يوسف ڪنهن ٻئي هنڌان ملندو ته ان کي اکين تي رکنداسون ۽ جي ڳولا بعد به نه ملندو ته خداداد ذهن ۽ لياقت سان سوچي اهڙيون تجويزون مرتب ڪنداسون جنهن ۾ هدايت و عنايت خداوندي شامل هوندي. جيئن ارشاد باري تعالي آهي ته: "جيڪي اسانجي ڳولا ۾ ڪوشان ٿيا بيشڪ انهن کي پنهنجا رستا ڏيکاريندا سون".

فريد وجدي آفندي "المراة المسلمه" نالي ڪتاب ۾ لکي ٿو ته:-

ٻين قومن جي "تعليم نسوان" جي طريقي تي نڪته چيني ڪري، پرڪي استعمال ۾ آڻڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي ڇو ته انهن قومن جا عقلمند اعلان ڪري رهيا آهن ته انهن جي عورتن لاءِ تعليم لاءِ گهڙيل طريقا سخت خراب ۽ باعث مصيبت ثابت ٿيا آهن. "

مشهور فرانسيسي فيلسوف ريويو آف ريويو جلد ۱۸ ۾ لکي ٿو ته " ۱۸۴۸ ۾ ماڻهن جي هيءَ شڪايت هئي ته عورتن جي تهذيب ۽ تربيت تي ڪجھ به توجه نٿو ڏنو وڃي".

مگر ڏنو وڃي ٿو ته اڄ انهي ابتڙ هي شڪايت ڪري رهيو آهي ته:

عورتن جي تهذيب
اعتدال حد ڪان ٽپي
افراط جي مرتبي تائين
پهچي چڪي آهي."

تنهنڪري اهڙي تعليم به نه هجي جو هنجن جي ٻولي سکڻ جي عشق ۾ ڪانگن جي لات به وسري وڃي. ان حالتن پرائي پلاءَ ڪان پنهنجي بچي چڪي آهي. ساڳيو فيلسوف اڳتي هلي لکي ٿو:-

" هي واجب آهي ته عورت عورت ئي رهي " ۽ چوي ٿو ته:- رومالي عورتن جي

"وڏي تعريف هي هئي
جو اهي منزلي
(گهرجي) دائري ۾ اهي
سٽ ڪتڻ جو ڪم
ڪنديون هيون"

مگر هن وقت لاءِ چوي ٿو.

" عورت کي علم ڪيميا
جو فقط ايترو حصو
سکڻ گهرجي جنهن
جي ذريعي ديگڙي اهرڻ
جي صورت ۾ انهي
حفاظت ڪري سگهي

۽ جاگرافي جي فن مان انکي طرفن، دريـن روشندانن جي فائدي جو امتيار حاصل ٿـي سگهي ."

لارڊ بائرن جو عورتن تي زياده فريفتگي ۾ بد نام آهي سو لکي ٿو :

"عورت جي کتب خانه ۾ تورات ۽ طباخي جي ڪتابن کانسواء ٻيو ڪو به ڪتاب نه هئڻ گهرجي ."

انهن حقيقتن مـان معلوم ٿيو ته عورت کي حد اعتدال اندر واسطو رکندڙ ضروري تعليم ڏيڻي آهي . زياده تر هن کي قومي تعمير ڪرڻي آهـي . جنهن لاء اخلاقـي ۽ مذهـبي تعليم ضروري آهي تنهنڪري عورت تي اهو فرض آهـي ته انهيءَ قسم جـي تعليم حاصل ڪري اعلـيٰ اخلاقـن جـي دلدادي هجي ۽ مذهبي واقفيت سان شوق هجيس . صـوم صلوات جي پابند هجي . حضور سائين فرمايو آهي تـه عورت کي گهرجي ڪنڊ ۾ نماز پڙهڻ جو ايتـرو ثواب آهـي جيترو جنگ ۾ لڙڻ جو مجاهد کي آهي .

ان کانسواء اولاد جي پروش تربيت ۽ جي طريقن کان به واقف هجـي . گهرو ڌنڌن کان به واقف هجي جهڙوڪ ٿوهـو نگو ڏيڻ، پرت پرڻ، مشين وهائڻ چرخـو ڪتڻ وغيره .

باقي ان کان مٿـي تعليم ڏيڻ في نفسه ڏوه نه آهي . ليڪن ايترو آهي جو اها تعليم عورت کي پنهنجـي اصل مقام کان هٽائي ڇڏي ٿـي . جنهن لاء خـود يورپ جا محقق بـه نالان آهـن .

خانه داري جو ڍنگ ۽ گهر هلائڻ جـو سليقو بـه عـورت جي فرائض ۾ شامل آهي . اعتدال اندر ڪفـايت قناعت سان گهرجي آمد خرچ جو خيال رکي، سوڙ آهر پير ڊگها ڪرڻ سگهڙ

زال جـو فرض آهـي . اهڙي عورت جي سڄي گهر تي نظر هوندي . گهر جا سڀ ٿانءَ ٿپا وسلاوانا پنهنجي جاء تي رکيل هونـدا . والـدو وقت الـت ڪتڻ، ٿوپي لڳي ۾ گذاريندي.

سندس گهر بهشت جو نمونو نظر ايندو . آئـي ڪي جي ٺوئي کي آدر ڏيـندي، مڙس جـي خدمتگـذار ۽ اولاد تـي ساهه ڏيندڙ هوندي ته اهڙي عورت جو ملهه بيمڪ سون کان سرس ۽ هيرن کان مٿي آهي .

چوٿون فرض آهـي ته :-

عورت پنهنجي پاڪدامني، عزت ۽ عصمت جي حفاظت ڪري . هن باري ۾ مـردن تـي خاص جوابداري آهي ته هو پنهنجي عورتن جي حياءَ ۽ پاڪ دامني تي وار ڪرڻ نه ڏين . هي ٿوهه نه آهي جو پوٽن ۽ پٽن تي پيو هجي . هي زنگي گل نه آهـي جو بنا بوء هجي . عورت اهڙو گل نه آهي جو هن کي سڀڪو سنگهندو وتي . هي ڪامـل حڪيم لطيف ڪاريگري جو اهو نازڪ گل آهي جنهن کي گلاب ۽ رابيل وانگر ٻاغن ۾ ٻکڙين ۾ محفوظ رهڻو آهي . انهيءَ ڪري مـذهب اسلام عورت لاء پردي جـو حڪم صادر فرمايو آهي .

(١) سـورت احـزاب ۾ فرمائي ٿو ته :-

"اي نبي! پنهنجين ٻـيـن ، ڌيـئـرن ۽ مـومنياڻين کي چؤ ته ٻاهر نڪرڻ وقت منهن تي چادر وجهن . اهو بهتر آهي انهيءَ کان جـو ماڻهو انهن کي سڃاڻن ۽ انهن کـي ايذاء ڏين ."

فطرتي طرح عورت ۾ ايڏي ڪشش رکيل آهي جو نه فقط انهو ڏسڻ انسان لاء مرغوب آهي بلڪ بعض سندس گهڻ جي ڇڻ ڇڻ جو آواز بـه ماڻهو کي متوجه ڪندو آهي تنهن

ڪري ٻي جاء تي فرمان ايزدي اچي ٿو :-

"فلا يضربن با رجهلن مافيهن مـن زينتهـن - يعني (عورتون) پنهنجا پير اهڙي طرح زمين تي نه مارن جو انهـن جي زينت ظاهر ٿئي"

ٽين جاء تي فرمان خداوندي آهي ته :-

"تـوهان پنهنجن گهرن ۾ عزت سان رهو ۽ جاهليت جي پراڻي زماني وانگر سينگار جي نمائش نه ڪريو"

چوٿين جاء تي سورت نور ۾ الله تعاليٰ غير محرمن ڏانهن نظر نه ڪرڻ باست فرمائيٿو :-

"اي نبي ڪريم! مومنياڻين کي چؤ ته پنهنجون نظرون هيٺ ڪن ۽ پنهنجي ستر جي حفاظت ڪن ۽ پنهنجو سينگار ظاهر نه ڪن."

حديث شريف ۾ اچيٿو ته جڏهن عورت ٻاهر نڪرندي آهي تڏهن شيطان ماڻهن کي ڏسيندو آهي- يعني انهن ڏانهن نظر ڪرڻ جو شوق ڏياريندو آهي ۽ پوءِ ماڻهو ڏسندا آهن.

ٻي حديث ۾ پاڻ سڳورن فرمايو آهـي نظر (بدنـظر) شيطان جي تيرن مان هڪ تير آهي . حضرت علي کي فرمايائون اي علي! پهرين نظر تو لاء آهي (يعني معاف) ٻي نظر ڪندين ته گناهه ٿيندو ء - پاڻ ڪريمن ائين پڻ فرمايو آهي ته "بدنظر ڪندڙ کي روز قيامت ۾ شيهو اکين ۾ پگهاري وڌو ويندو ."

هي انهيءَ پاڪ شريعت جا حڪيمانه احڪام آهن جنهن جو جيڪڏهن انصاف جي اک سان مطالعـو ڪبو تـه ان ۾ تر برابر به نقص نظر نه ايندو . ان هوندي به ڪي حضرات پردي تي اعتراض ڪندا آهـن تنهن ڪري پهرياڻين انهن اعتراضن جا جواب ڏجن ٿا بعد ۾ يورپ

جي محققن جـي به ڪو هالڪي ملاقات ڪرائي ويندي .

پهريون اعتراض آهـي ته پردو عورت جي صحت کي خراب ڪريٿو ڇو ته عـورت چو ديواري ۾ بند رهي ٿي . انجو جواب، اهو آهي ته :-

مشاهدي ۽ تجربـي سان ثابت ٿيو آهي ته پردو عـورت جي صحت کي خراب نٿو ڪري. پرده دار عورتون بـي نقاب عورتن کان زياده تندرست طاقتور ۽ زيبور رهـن ٿيون . تيرهن سؤور هين کان مسلم عورتون پردو ڪنديون اچن ٿيون جـي پردو مضر هجي ها ته ضرور ڪي مرض انهن کي وڪوڙين ها ۽ اهي بيماريون پوين ۾ به رهنديون اچن ها . پرده دار خاندانن بابت ڪڏهن به اهي انـگ اکر پيش ٿي نه سگهيا آهـن ته پردي ڪري زياده موت ٿين ٿا . اها سڀني کي خبر آهي ته يورپ کان ايشيا ۾ پردو زيـاده آهـي ليڪن ايشيائي عورتـن جـي صحت يورپي ليڊين کـان زياده بهتر آهي "المرات المسلم" جـو مصنف لکي ٿو ته صحت جـي خرابي جـو سـبب رنج الـم، تنگدستي، عشق ۽ محبت آهي جو اڪثر بي پرده عورتن کـي نصيب ٿئي ٿو . اهڙيون عورتـون صحيح سمجهه کـان محروم ٿي خود ڪشي ۽ ٻين حادثن جـو شڪار ٿين ٿيون . "ريويو آف ريويوز جلد ١١" ۾ اٽلي جي سرڪاري رپورٽن مان ظاهر ڪيو ويو آهي ته ٥ سالن ۾ ٥٦٩ زالن خود ڪشي ڪئي . ساڳئي عرصي ۾ فرانس ۾ ٥٨٦٩ عورتن خود ڪشي ڪئي .

ٻيو اعتراض اهـو ڪيو وڃي ٿو ته پردو مرد کي عورت ڏسڻ جو موقعو نٿو ڏئي جنهن ڪري اڻبڻـت ، نا چاڪي، بي اتفاقي حتيٰ ڪه طلاق تائين حالتون پهچن ٿيون مگـر اهو اعتراض بـه غلط آهـي ڇو ته

مغرب جي بي نقاب متمدن ملڪن ۾ به اهو شور آهي. مشرقي ملڪن کان آتي زياده طلاق جو زور آهي جنهن جي ثابتي لاءِ المرات المسلم جو مصنف لکي ٿو ته:

"ڪيليفورنيا (آمريڪا) ۾ ١٨٩٧ع ۾ ٢ هزار شاديون ٿيون انهن مان ٦٤١ کي طلاق ڏني ويئي. ٽن مان هڪ جو انجام طلاق ٿيو. اڳتي هلي لوسن جي حوالي سان لکي ٿو ته ڪوليڪورٽ ۾ ١٠ شادين مان هڪ کي طلاق، اوسوان ۾ ١٣ شادين مان هڪ کي طلاق ۽ شڪاگو ۾ ٨ مان هڪ کي طلاق ڏني وڃي ٿي. اخير ۾ لکي ٿو ته هاڻي طلاق جو رواج وڌي ويو آهي".

ٽيون اعتراض آهي ته پردو عورت کي تهذيب ۽ تعليم حاصل ڪرڻ ۾ مانع آهي. اهو خيال به باطل آهي ڇو ته ٧ سالن کان ١٢ سالن تائين عورت مدرسي ۾ رهي پنهنجي تعليم تهذيب کي چڱي طرح وڌائي سگهي ٿي. ازانسواءِ حڪومت يا ريفارمرن لاءِ اها ڪا وڏي ڳالهه نه آهي جو هو زنانا ڪاليج ۽ اسڪول کولي سگهن جن ۾ معلميائيون به عورتون هجن. اهڙن ادارن ۾ عورتون فقط اچڻ وڃڻ وقت برقعو ڍڪي تعليم جا اعليٰ کان اعليٰ منصب حاصل ڪري سگهن ٿيون. نادره بانو بيگم لقماني نالي هڪ عورت لکي ٿي ته:-

"گل بدن بيگم زيب النسا ۽ ڊاڪٽر خديجه فيروز الدين پردي دار عورتون آهن، جن يونيورسٽين جي اعليٰ تعليم حاصل ڪئي آهي. (روزنامه جنگ ١١- نومبر ٥٩ع)"

مٿين حقيقتن مان معلوم ٿيو ته پردو نه مضر صحت آهي، نه طلاق ۽ نا اتفاقي جو باعث ۽ نه اخلاقي تعليمي رڪاوٽ جو سبب آهي. هن هيٺ پردي متعلق غير اقوام جا اقوال درج ڪري مقالي کي ختم ٿو ڪريان.

علامه آگسٽ ڪونٽ "النظام سياسي" ۾ لکي ٿو ته:-

"مرد يا قريبي رشتيدار جي عدم موجودگي ۾ سوسائٽي جو فرض آهي ته عورت جي ضروريات جو پنهنجي دولت مان انتظام ڪري ته جيئن گذران جي ضرورت لاءِ مجبور ٿي عورت کي گهر کان ٻاهرين زندگي ۾ مبتلا نه ٿيڻو پوي".

اسلام ۾ اهائي تعليم ڏني ٿو ته بي وارث ۽ يتيمن جي پرداخت بيت المال مان ڪئي وڃي.

هڪ انگريز عورت جي جواب ۾ سوشلسٽ فلاسفر پرودون لکي ٿو ته:- "منهنجي خيال ۾ عورتون آزادي لاءِ ڪوشش ڪري رهيون آهن. هي هڪ خاص ديوانگي آهي".

ساڳيو محقق ٻي جاءِ تي لکي ٿو ته:-

"مدني مشاغل ۾ ان جي شرڪت منصبي فرض ۾ رڪاوٽ آهي ڇو ته عورت جي دماغي جسماني طاقت اهڙي قابل نه آهي".

ان ڳالهه جي وضاحت ۽ تائيد ۾ علامه جيوم فريرو ١٨٩٥ع جي "ريويو آف ريويوز" ۾ لکي ٿو ته:-

"يورپ ۾ گهڻيون اهڙيون عورتون آهن جي هر طرح مردن جهڙا ڪم ڪري شادي ۽ جنسي جهڳڙن کي ڇڏي ويٺيون آهن. انهن کي مرد ۽ عورت کانسواءِ ٽين جنس چوڻ گهرجي".

ڙول سيمان پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو ته:-

"عورت پنهنجي گهر کان ٻاهر دنيا جي مشاغل ۾ شريڪ ٿيندي آهي. ان ۾ شڪ نه آهي ته اها عالم بسيط جو فرض انجام ڏيندي آهي ليڪن افسوس جو عورت نه رهندي آهي".

الغرض فريد وجدي آفندي پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو ته:-

"يورپ جا محقق، فلاسفر ۽ علماءِ رڙيون ڪري رهيا آهن ته عورتن جي آزادي ۽ بي پردگي معاشي - معاشرتي زندگي ۽ قومي تعمير کي ڀاري نقصان رسايو آهي".

انهيءَ ڪري اسان کي گهرجي ته عورت جي فرائض کي حد اعتدال اندر رکي ۽ مذهبي قوانين جو احترام ڪري انهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪريون. ترقي جو انڪار نه آهي ليڪن ترقي اها هجي جنهن مان لعل به لڀي پريت به رهجي اچي. اها مغرب جي آزادي جنهن تي اتي جا فلاسفر ۽ مدبر پاڻ ۾ ئي متفق نٿا ٿين هڪڙا الڪي ترقي تصور ڪن ٿا ۽ [illegible] بربادي، سا اسان لاءِ ڪي[illegible] ٿيندي.

از:- حاجي رحيم بخش "قمر"

سگهوري سنڌ

ٿريا گلزار خوشبودار ٿي ٽهڪار تو ۾ سنڌ
وسي ٿي چوطرف رحمت ڪري للڪار تو ۾ سنڌ

١- سگهوري سنڌ آ توکي دعا نت شاه صاحب جي
ٿيا مسرور مرد و زن پيدا ۽ ٻار تو ۾ سنڌ

٢- جوئر، ٽر، ڪڻڪ ۽ چانورن، مٽر، مگ، سارئون، ٻاجهر
وڏي پٽ ووڙ ۽ توريا ٿين ٿا تار تو ۾ سنڌ

٣- اسان ڏو ٿين جي ڪارڻ ڏٺ پلائن کان به بهتر آ
پڪا ٻيرون للر لوڙڪ ٿئي چوڌار تو ۾ سنڌ

٤- گهڻائي قسم پاڇين جا پصر پيمڊيون ڪدو واڱڻ
سٺا پالڪ ونگا موريون مريڙ و گوار تو ۾ سنڌ

٥- پٽن پوشاڪ سائي ڪئي، ٿيا خوش مال مارن جا
مکڻ ڏڌ کير کائي خوش ٿيا پڪرار تو ۾ سنڌ

٦- گهڙا سر تي کڻي نڪرن، نماڻيون نينگريون ٽڙ ڏي
سهلين ساڻ سنهري ڏس ڪري سينگار تو ۾ سنڌ

٧- پٽن کي شاه پڙسايو، قلندر لعل سيوهڻ کي
"پٽائي گهوٽ" جي، "شهباز" جي دربار تو ۾ سنڌ

٨- مياڻ مخدوم هاشم ۽ گروڙهي ۽ زمان، سرور
هزارين اولياءَ عالم ٿيا اظهار تو ۾ سنڌ

٩- دلين ۾ تازگي پيدا ٿئي ٿي روز شب وه وا
"سچل" ۽ "شاه" "سامي" جا پڙهي اشعار تو ۾ سنڌ

١٠- مرڻ تائين اما جيجل نه توکي مان وساريندس
پليس مان گود پنهنجي ۾ ٿيس هوشيار تو ۾ سنڌ

١١- لڏي جي لوڪ مان لاکو روان ٿئي دار عقبيٰ ڏي
"قمر" پنهنجا ڇڏي ويندو مگر اشعار تو ۾ سنڌ